

Gul Hayat Institute

مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ۳۴] [نمبر ۱ ۽ ۲

جنوري — جون

۱۹۸۵ع

تحريڪ آزادي نمبر

•

نگران

علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

•

ايڊيٽر

نفيس احمد شيخ

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو/حيدرآباد

مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ

اسٽيشن روڊ، جامشورو سنڌ

سرورق: سنڌ اسيمبلي بلڊنگ، ڪراچي. ٽرئنسپرنسي: حسن بوزائي، دان، ڪراچي.

بڪ ٽائيٽل: دستخط شيخ عبدالمجيد سنڌي. بشڪريه: سنڌالاجي، جامشورو.

ڪراچيءَ ۾ "مهراڻ" ملڻ جو هنڌ:

مڪتبهءِ اسحاقيم

جهونا مارڪيٽ، ڪراچي.

خريداريءَ لاءِ

مئنيجر

سنڌي ادبي بورڊ جو هوڪ اسٽال

اسٽيشن روڊ، جامشورو

(جي-پي-او باڪس نمبر ۱۲، حيدرآباد سنڌ)

فون نمبر: 71176

سالياڻو چندو: ۷۵-۰۰ روپيا هيءُ خاص پرچو: ۴۰-۰۰ روپيا

Printed & Published by Mr. Ghulam Rabbani A. Agro
at Sindhi Adabi Board's Printing Press, Tilak Incline, Hyderabad Sind.

Gul Hayat Institute

هيءَ پرچو

تحريڪ آزاديءَ جي ممتاز تذڪره نگار

سنڌ جي سپوت

عالمي شهرت يافته شاعر، عالم ۽ دانشور

سائين جي. الانا

جي ذالي منسوب ڪجي ٿو،

جنهن جون قيام پاڪستان جي جدوجهد ۾ مخلصاڻ

خدمتون سدائين ياد رهنديون.

Gul Hayat Institute

بسم الله الرحمٰن الرحيم

گذارش

(ايڊيٽوريل)

تحريڪ آزادي نمبر

مهراڻ جو هيءُ پرچو "تحريڪ آزادي نمبر" جي نالي سان، هڪ خاص پرچي جي صورت ۾، مهربان پڙهندڙن آڏو پيش ڪجي ٿو. هن پرچي جي اشاعت جو مقصد اهو آهي ته آزاديءَ جي تحريڪ جي حوالي سان، پاڪستان جي قيام جي جدوجهد ۾ "سنڌ" جيڪو تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي، اُن جي مختلف گوشن کي اُجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي، جيئن آئيندہ جي محققن لاءِ ان قسم جي مواد جي فراهميءَ ۾ آساني پيدا ٿئي ۽ سا ڳئي وقت اهل وطن اڳيان سنڌ جي سونهري خدمتن جي تفصيلي چاڻ ميسر ٿئي.

پاڪستان جي قيام جي جدوجهد ۾ سنڌ جيڪو بنيادي، اهم ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي، اُن جي اهميت ۽ افاديت کان انڪار ڪري نه سگهبو. هن پرچي ۾ آيل مواد مان اها گهالهه چٽي طرح روشن ٿئي ٿي ته وطن عزيز پاڪستان جي اصلي خالق "سنڌ" ئي آهي، چو ته برصغير ۾، سڀ کان اول، ۱۹۳۸ع واري سنڌ صوبائي مسلم ليگ ڪانفرنس ڪراچيءَ جي پليٽ فارم تان ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ۽ آزاد مسلم رياست جي قيام لاءِ هڪ تاريخي ٺهراءُ پاس ڪيو ويو، جيڪو سنڌ جي هڪ سپوت شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جو تيار ڪيل ۽ پيش ڪيل هو. ان ٺهراءُ وسيلي، پاڪستان جي عمارت جو بنياد ي پٿر رکيو ويو. ان طرح، سا ڳي ئي ڪانفرنس ۾، سنڌ جي هڪ ٻي عظيم المرتبت شخصيت، سر حاجي عبدالله هارون پنهنجي خطبہ استقباليہ ۾، برصغير جي ورهاڱي لاءِ واضح پروگرام پيش ڪيو. اڳتي هلي، اها "سنڌ" ئي هئي، جنهن جي صوبائي اسيمبلي ۱۹۴۳ع ۾، برصغير جي سڀني اسيمبلين کان اڳ، پاڪستان جي قيام لاءِ باقاعدہ ٺهراءُ پاس ڪيو، جنهن جو پيش ڪندڙ هو جناب جي- ايم- سيد.

خود پاڪستان بنجڻ کان پوءِ سنڌ، نئين مملڪت کي دارالحڪومت لاءِ پنهنجو شهر ڪراچي پيش ڪري، لکين نووارد مسلمانن کي جيءُ جايون ڏئي، معياري انصار هُجڻ جو ثبوت ڏنو.

Gul Rawat Institute

مٿيان چند نقطا فقط نموني طور هن مختصر ابتدائيہ ۾ بيان ڪيا ويا آهن، ورنہ ۱۹۳۸ع کان ٻہ گهڻو گهڻو اڳ، سنڌ، مختلف سياسي تحريڪن ۾ پنهنجي مخلصانہ خدمتن وسيلي، قيام پاڪستان لاءِ، مرحليوار ميدان هموار ڪندي پئي رهي، جن مان "سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي" هڪ مرڪزي ۽ بنيادي نقطي جي حيثيت رکي ٿي. اڄ سمورا سياسي مبصر متفق آهن تہ بمبئيءَ کان علحدگيءَ جي وسيلي ئي، آزاد مسلم رياست جي قيام لاءِ ميدان تيار ٿيو، ۽ ان تحريڪ کي تڪميل تي پهچائيندڙ هئي سنڌ!

هاڻي بنهہ ويجهڙائيءَ جي ڪجهہ سالن دوران، سنڌ جي آن تاريخي ڪردار کي ميڙ ۽ ان جي اهميت جي اقرار ڪرڻ جا ڪجهہ آثار پيدا ٿيا آهن، ورنہ پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ لاڳيتو هڪ وڏي عرصي تائين، قومي سطح تي، سنڌ جي انهن خدمتن کي ڄاڻي ٻُجهي نظرانداز ڪيو ويو ۽ دانستہ طور تي، مسلسل اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي ويئي تہ مسلم مفادن جي تحفظ ۽ نگراني ۽ پاڪستان جي قيام جي سلسلي ۾ قربانيون ڏيندڙ اهي ڪارڪن، سياسي رهنما ۽ دردمند دل رکندڙ مسلم رهنما ۽ رهبر، سڀ جا سڀ، ڪن ٻين صوبن ۽ علائقن سان تعلق رکندڙ هئا ــ ۽ سنڌ تہ رڳو ۽ ڪرين جو صحرائي علائقو پئي رهي آهي، جيت انسانن جي آڇڻ جو تہ تصور بہ نٿي پئي ٿي سگهيو. ٻين سڀني حقيقتن ۽ خدمتن کي ريٽڻ سان گڏ، اها روايت بہ عزت ماب تصور نہ ڪئي وئي، جنهن موجب بابائے قوم قائد اعظم محمد علي جناح جي جاءِ ولادت "جهرڪ" سان مشهور هئي. لهٰذا، ڪاري د ر جي وزيرمينشن کي پوڄي پالش ڪري، قائد جي "شانائتي جاءِ ولادت" طور پيش ڪيو ويو.

سنڌ بابت مجموعي آن ڈڪوئيندڙ روش ۾، هاڻي ڪجهہ ڪجهہ تبديليءَ جا آثار پيدا ٿي رهيا آهن. هاڻي قومي پريس ۾، ڪڏهن ڪڏهن اهڙا مضمون ۽ فيچر بہ نظر اچڻ لڳا آهن، جن ۾ سنڌ جي مشاهيرن، تاريخ ساز هستين، مقتدر شخصيتن ۽ مخلص سياسي ۽ سماجي ڪارڪنن جي قومي ۽ وطني خدمتن جو تذڪرو ڪيو ٿو وڃي، ورنہ ان کان اڳ سنڌ جي "زرخيز قومي خدمتن" کي ريٽي، ان کي "سياسي ويرانو" ڪري پيش ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ وسان ڪونہ ٿي گهڻايو ويو!

اسان ڪڏهن بہ اها دعويٰ نٿا ڪري سگهون تہ ڪو مهراڻ جي هن شماري ۾ آيل مواد سان، سنڌ جي انهن سمورين خدمتن کي، سڀني پهلوئن کان آڃاگر ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهيا آهيون، جن وسيلي برصغير جي مسلمانن کي پاڪستان جي نالي ۾ هڪ آزاد مسلم رياست فراهم ٿي سگهي. اسان کي پنهنجي تشنگيءَ جو پورو احساس آهي، جنهن جا ڪجهہ سبب بہ آهن. هونءَ بہ چند سَوَ صفحن جي هڪ شماري وسيلي سڀني موضوعن سان تفصيلي انصاف ٿيڻ مشڪل بہ آهي. اهڙن ڪمن لاءِ تہ ڪنهن مڪمل پراجيڪٽ جي ضرورت آهي ۽ ڪيترن ئي

جلدن تي مشتمل اشاعتي سيريز وسيلي ئي جامع احاطو ٿي سگهي ٿو. ان هوندي به، اسان پنهنجي هن پرخلوص پيشڪش وسيلي، تحريڪ آزاديءَ جي ڪن خاص موضوعن ۽ مشاهيرن کي سميٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جن وسيلي تحريڪ آزادي ۽ قيام پاڪستان جي جدوجهد جا ڪي خدوخال نمايان نظر اچن ٿا. جيئن عرض ڪيو ائين، ته ان تشنگيءَ جا ڪي سبب به آهن، ته آن ڏس ۾ ان نقطي کي بيان ڪرڻ ناموزون نه رهندو، ته ڪجهه رٽيل موضوعن تي اسان جي ڪن مانوارن لکندڙن وٽان، باوجود وعدن ۽ لاڳيتي ڪوشش جي، اسان کي مواد دستياب ٿي ڪونه سگهيو. اها شڪايت ڪانه آهي، حڪايت ضرور آهي، جنهن کي ظاهر ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، چو ته اگر سندن علمي تعاون حاصل رهي ها، ته رٽابندي جا چند ٻيا خال خوش اسلوبيءَ سان پُر ٿي سگهن ها ۽ سڄي سلسلي جي هڪ تاريخ مرتب ٿي سگهي ها. بهرحال، ٿوري وقت ۾، جيڪو ڪجهه به پنهنجن مهربان محققن جي تعاون سان اسان کي حاصل ٿي سگهيو آهي، اهو ان توقع سان هيٺ شايع ڪجي ٿو، ته انشاءالله، آئنده ڪنهن دردمند کي حوصلو عطا ٿي سگهندو، جيئن هن موضوع تي ڪا جامع تصنيف تيار ٿي قارئين آڏو اچي سگهندي ۽ اها سنڌ جي هڪ وڏي خدمت هوندي.

هن موقعي تي اسان پاڪستان جي هڪ نامور علمي اداري قائداعظم اڪيڈميءَ جي ذڪر ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهون، جنهن وٽان اسان کي گهربل مواد ۽ پر پور علمي سهڪار، آخر تائين ميسر ٿي نه سگهيو، حالانڪ بظاهر ڪافي گرمجوشي ڏيکاري ويئي هئي.

اسان، هن موقعي تي، جڏهن ويجهڙائيءَ جي ڪجهه سالن کان، قومي سطح تي، وقتاً فوقتاً، سنڌ جي شاندار سياسي ۽ ثقافتي، تهذيبي ۽ صحافتي، علمي ۽ ادبي خدمتن جي تسليميءَ جا پڙاڏا، ڪجهه چٻا ۽ ڪجهه اڻ چٻا، ٻڌڻ ۾ ايندا رهن ٿا، تڏهن اربابِ اختيار کان مطالبو ٿا ڪريون ته، قيام پاڪستان جي جدوجهد ۾ سنڌ جي ورتل تاريخي حصي کي "عملي اقرار" ڏيڻ لاءِ هيٺينءَ ريت، ابتدا طور، ڪجهه برجستا اپاءَ به ورتا وڃن، چو ته "محبت"، ٽلهي مڃتا سان نه، پر "عمل" سان ئي، وڌندي آهي.

(۱) سنڌ جي صف اول جي عظيم المرتبت قومي هستين مثلا رئيس غلام محمد خان پرگڙي، سر سلطان محمد شاهه آغا خان سوم، پير غلام مجدد سرهندي، حسن علي افندي، سر حاجي عبدالله هارون، پير صبغت الله شاهه شهيد پير پاڳاري، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولانا عبيدالله سنڌي، شهيد الله بخش سومري، سر غلام حسين هدايت الله سر شاهنواز ٻٽي، خانبهادر محمد ايوب کهڙي، وغيره، جي ورسين جي موقعن تي ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان خاص دستاويزي پروگرام نشر ڪيا وڃن، چوته متين عظيم

مسلم رهنمائن جا سونهري ڪارنامه انهن بزرگن جي مخلصانه خدمتن ڪان ڪنهن پر گهٽ ڪونهن، جن جي باري ۾ قومي نشرياتي ادارا اڪثر پروگرام پيش ڪندا رهندا آهن.

(۲) متين تاريخ ساز شخصيتن بابت اخبارن جا خاص ايڊيشن شايع ڪرڻ لاءِ قومي پريس کي پابند بنايو وڃي.

(۳) ملڪ جي سمورن وڏن شهرن جي نمايان رستن ۽ چونڪن تي انهن هستين جا مبارڪ ٽالا رکيا وڃن.

(۴) ملڪ جي ڪنڊ ڪڙ ۾ قهليل پاڪستان نيشنل سينٽرن کي پابند بنايو وڃي ته سنڌ جي متين عظيم هستين جي ياد ۾ خاص تقريبون منعقد ڪن، خاص پروگرام، مذاڪرا ۽ جلسا ڪيا وڃن ۽ ان طرح انهن سينٽرن کي وڌيڪ فعال بنايو وڃي.

(۵) نصابي ڪتابن ۾، انهن هستين جي ڪارنامن کي بيان ڪيو وڃي، جيئن ملڪ جو نئون نسل انهن جي خدمتن ڪان واقف ٿي سندن نقش قدم تي هلڻ لاءِ رهنمائي حاصل ڪري.

(۶) اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾، انهن هستين جي ورسين ملهائڻ لاءِ خاص آڌاءُ ورتا وڃن، سندن ياد ۾ مذاڪرا منعقد ڪيا وڃن ۽ انهن روشن نالن تي شاگردن کي انعام ڏنا وڃن. ان ڏس ۾ سنڌ جي چند ٻين مقتدر شخصيتن، مثلاً شمس العلماء ڈاڪٽر داؤد پوٽو، مرزا قليچ بيگ، علامه آءِ- آءِ- قاضي، ڈاڪٽر گربخشاڻي، پير حسام الدين راشديءَ کي پڻ شامل ڪرڻ گهرجي.

(۷) تحريڪ آزاديءَ جي ٻن ممتاز زنده رهنمائن ـــ جناب جي- ايم- سيد ۽ محترم پير علي محمد راشدي ـــ جي ذاتي ڪتبخانن ۾ موجود، تحريڪ بابت قيمتي مواد هٿ ڪري، شايان شان طريقي سان محفوظ ڪيو وڃي، جيئن مستقبل جي مورخن لاءِ ڪم اچي سگهي. ساڳيءَ طرح انهن هستين ڪان جامع انٽرويو ڪيا وڃن، جيئن تحريڪ بابت سندن معلومات محفوظ ٿي سگهي.

(۸) پاڪستان ٽيليويزن جي پروگرام "چهري" ۾ سنڌ جي شخصيتن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. سنڌ ۾ هن وقت ڪيئي ممتاز شخصيتون موجود آهن، جن جي سياسي ۽ قومي، علمي ۽ ادبي، ديني ۽ تحقيقي، ثقافتي ۽ تهذيبي خدمتن تي وطن عزيز کي بجا طور تي ناز آهي. ضرورت آهي ته اهڙن هستين جا انٽرويو پيش ڪيا وڃن.

(۹) سنڌ ۾ تحريڪ آزادي ۽ قيام پاڪستان جي جدوجهد جي حوالي سان، ڪن تاريخي هنڌن کي "قومي اهميت وارا ماڳ" قرار ڏئي، انهن جي تقدس کي قائم ڪيو وڃي، مثلاً سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۽ سکر ۾ مسجد منزل گاهه.

سنڌ مدرسي کي ته پنهنجي اهميت ڪان علاوه باباي قوم قائداعظم رحه جي ابتدائي درسگاهه هجڻ جو شرف حاصل آهي، پر ان جي افاديت کي ڪڏهن به محسوس نه ڪيو ويو آهي. ضرورت آهي ته ان عظيم درسگاهه کي "قومي ورثي" جي حيثيت ۾، شايان شان طريقي سان سنياليو وڃي ۽ آن جي حفاظت ڪئي وڃي.

سکر ۾ مسجد منزل گاهه آهي تہ تاريخي ماڳ آهي، جنهن جي سوال تي برصغير جي ورهاڱي جو ابتدائي تصور اُپريو ۽ اُن جي نتيجي ۾ پاڪستان جو قيام عمل ۾ آيو. مسجد منزل گاهه جي موجوده حالت ۽ حشر ڏسي، صاحبِ احساس جو ڪنڌ شرم کان جهڪيو وڃي، چو تہ چوڌاري گند ڪچري جا ڍير لڳا پيا آهن. ۱۹۸۳ع ۾ محترم پير علي محمد راشدي، اهو ماڳ "پَسن" کان پوءِ جنگ اخبار ۾ پنهنجي ڪالم ۾ اُن جو روح فرسا 'اڪين ڏٺو احوال" ڏنو هو. اهو احوال هٿ ڪري، پڙهي، پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ جي ڪوشش ڪجي.

● اسان جي تقاضا آهي تہ مٿين تجويزن تي عمل ڪرڻ لاءِ ڪي اپاءِ ورتا وڃن ۽ ان طرح سان ٿي سنڌ جي تاريخي خدمتن جي عملي مڃتا ٿي سگهندي ۽ اهي اپاءِ ٿي حقيقي معنيٰ ۾ وطن عزيز پاڪستان ۾ قومي يڪجهتي ۽ يگانگت، پائيچاري ۽ محبت کي مستحڪم بنائي سگهندا.

محڪمہ آثار قديمہ ۽ سنڌ

مهراڻ جي رني ڪوٽ نمبر (۱۹۸۴/۳ع) جي ايڊيٽوريل ۾، اسان رني ڪوٽ جي حوالي سان، سنڌ جي قديم آثارن بابت محڪمہ آثار قديمہ جي بي توجهيءَ جو هڪ تفصيلي تذڪرو شايع ڪيو هو، تہ ڪيئن نہ سنڌ جا عظيم تهذيبي ۽ ثقافتي ماڳ، محڪمي طرفان مناسب تحفظ ۽ نگهداشت نہ هڻڻ ڪري، برباد ٿي رهيا آهن. ان ڏس ۾، اسان کي اهو ٻڌائيندي خوشي ٿي محسوس ٿئي تہ سنڌ جي سڄاڻ علمي ۽ ثقافتي حلقن ان گفتگو کي حقيقتن تي ٻڌل قرار ڏيئي، ان جي پذيرائي ڪئي آهي تہ سنڌ جي قديم آثارن کي بچائڻ لاءِ محڪمي کي پنهنجا فرائض ادا ڪرڻ ڪپن.

ٻئي طرف، محڪمہ آثار قديمہ پاڪستان، ان ايڊيٽوريل جو رسمي نوٽيس وٺي، دفتري خانہ پُري ڪئي آهي. محڪمي جي ڪراچي آفيس مان، ايڊيٽر مهراڻ ڈانهن ۵- فيبروري ۱۹۸۵ع واري خط وسيلي اها ڄاڻ ڏني ويئي هئي تہ ان ايڊيٽوريل ۾ بيان ڪيل نقطن بابت چڪاس ورتي پئي وڃي، جن کان آگاهہ ڪيو ويندو. محڪمي طرفان بعد ۾، اسان کي ڪنهن بہ آگاهيءَ جو انتظام نہ ڪيو ويو آهي (۽ نہ وري ڪا اميد ٿي رکي سگهجي ٿي).

مذڪور ايڊيٽوريل ۾ اسان، سانگهڙ ضلعي ۾ واقع ڈيپر-گهانگهري جي ماڳ جي تباهيءَ جو هن طرح ذڪر ڪيو هو:

"...پاڪستان جي محڪمہ آثار قديمہ جي سنڌ جي عظمت جي اهڃاڻن کان بي ڌياني فقط هڪ 'رني ڪوٽ' تائين محدود ڪانهي، پر سنڌ جي سمورن ثقافتي ماڳن سان سندن اها روش، بدقسمتيءَ سان شروع کان ٿي جاري ۽ ساري آهي! ٻين آڪاڻن متعدد مثالن کي ڇڏي ڪري، فقط هڪڙي ڈيپر

گهانگهري جي ماڳ جي مسمار ٿيڻ جي دلخراش خبرن کي ئي وٺجي، جيڪي ويجهڙائيءَ ۾ لاڳيتو اخبارن ۾ اينديون رهيون آهن. سانگهڙ هسٽاريڪل ائنڊ ڪلچرل سوسائٽيءَ جي عهديدارن ۽ سمورن علمي حلقن جي مسلسل پڪارن تي سنڌي پريس ادارتي نوٽ به لکيا ته ان جي تاريخي کنڊرن کي بچايو وڃي، جن کي ڊاهي، زرعي آباديءَ لائق زمين بنايو پيو وڃي، پر اڃا تائين ڪوبه عملي قدم کڄي نه سگهيو آهي، نتيجي ۾ ان ماڳ جو باقي حصو پڻ زرعي آباديءَ ۾ تبديل ٿي ويندو..."

اسان جي مٿئين بيان جي تصديق، تازو هڪ سرڪاري اشاعت مان پڻ ٿئي ٿي. حڪومت سنڌ طرفان سانگهڙ ضلعي جي انتظاميه، ضلعي بابت هڪ سپليمينٽ شايع ڪئي آهي. هلال پاڪستان، ڪراچي، مورخه ١٢- مئي ١٩٨٥ع ۾ شايع ٿيل ان سپليمينٽ جو متن اسان جي آڏو آهي، جنهن ۾ ڏيپر-- گهانگهري جي عنوان سان آيل احوال ۾، متعلقه ٽڪرو هت نقل ڪجي ٿو:

"... ڪيترن ئي سالن کان ٻڌ اسٽوپا جي آسپاس زمين الاٽ ڪئي پئي وڃي. ڪيتري ئي ايراضي ٽريڪٽرن ۽ بلڊوزرن سان هموار ڪري، آباديءَ لائق بنائي وئي آهي. دڙن کي هموار ڪري، وڻ پوکيا ويا آهن. مختلف ادارن ۽ ماڻهن، اختياريءَ وارن ۽ حڪومت جو ڌيان ان ڳالهه ڏانهن ڇڪايو ۽ اپيلون ڪيون، پر ڪوبه کڙ تيل ڪونه نڪتو ۽ اهو تاريخي هنڌ ختم ٿي رهيو آهي..."

مٿيون موضوع، هاڻي ڪنهن به طويل تبصري يا تشريح جو محتاج نه رهيو آهي، جو سنڌ سرڪار طرفان شايع ڪرايل سپليمينٽ ۾ به، اسان جي اداريه جي پوري پوري توثيق ۽ تصديق ٿئي ٿي.

ٻئي طرف، محڪمهء آثار قديمه پاڪستان جي افسوسناڪ غفلت جي پيش نظر، اسان حڪومت پاڪستان کان مطالبو ٿا ڪريون ته محڪمي کي هاڻي، بنا دير جي، مرڪزي تحويل مان ڪڍي، صوبائي سنڌ سرڪار جي حوالي ڪيو وڃي، ڇو ته سنڌ سرڪار وٽ، سنڌ جي ثقافتي ماڳن جا محافظ ۽ تهذيبي ورثي جا نگران موجود آهن، جي پنهنجي قديم آثارن جي احسن طريقي سان نگهداشت ڪرڻ جي اهليت رکن ٿا.

اسان هن موقعي تي واضح الفاظ ۾ مرڪزي سرڪار جي وزارت ثقافت و سياحت کي ٻڌائڻ ٿا گهرون ته سندن آرڪيالاجي ڊپارٽمينٽ، سنڌ جي قديم آثارن جي حفاظت جي ڏس ۾ سراسر ناڪام رهيو آهي، جو مهراڻ جي مذڪوره اداريه کان سواءِ وقتاً فوقتاً سنڌي پريس ۾ سنڌ جي علمي حلقن طرفان جيڪي شڪايتون شايع ٿينديون ٿيون رهن، تن جو خاتمو ٿي نه سگهيو آهي. اسان ذاتي طرح، ان موضوع جي پٺڀرائيءَ ۾ اهو نقطو به بيان ڪري سگهون ٿا ته جنهن محڪمي پنهنجي طرفان لکت

جي باوجود تفصيلي وراثي ڏيڻ ۾ ڪاميابي حاصل نه ڪئي آهي، ان کي پنهنجي اصل فرائض جي ادائگيءَ ۾ کوڙي سرجوشي ٿي سگهي ٿي؟

وڏي وَٽ هڪ پاروچا پنيور ۾!

سنڌي ادب ۽ ثقافت سان محبت رکندڙن، تازو ٽن برڪ عالمن ۽ ادبن جي وفات جون خبرون ڏک سان ٻڌيون آهن. محترم هادي بخش لاڙڪ ۽ جناب جي- الانا جي ڏکوئيندڙ رحلت کان پوءِ، تازو مير محمد بخش خان تالپر صاحب گذر ڪري ويو. انا لله و انا اليه راجعون.

● مشهور ادیب محترم هادي بخش لاڙڪ، ۱۰- فيبروري ۱۹۸۵ع تي خيرپور ۾ وفات ڪئي. مرحوم سنڌي ادب جي مخلص خدمتگذارن مان هو. سنڌي ادبي سنگت جي بنيادي ميمبرن ۾ سندس شمار هو ۽ ڪيترائي معياري مضمون لکيا اٿس. ڪجهه عرصو هفتيوار "پڑاڏو" جو ايڊيٽر به رهيو. حضرت سچل سرمست جي ڪلام ۽ پيغام کي عام ڪرڻ وارين ڪوششن ۾ مرحوم هادي بخش لاڙڪ هميشه اڳرو رهيو. هر سال، ميلي جي موقعي تي، درازا جي ادبي ڪانفرنس، مرحوم جي مخلصانه علمي ۽ ادبي ڪاوشن سان سجايل رهندي هئي. سچل ميموريل اڪيڈميءَ جي بانين مان هو ۽ سچو عرصو، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ٻين ساٿين سان، ساڳي سرجوشيءَ سان ٻانهن ٻيلي رهيو. سچل اڪيڈميءَ جي قيام ۽ ۸۲ ۽ ۱۹۸۳ع وارن يادگار "سچل ٿنڪنل سيمينارن" جي ڪامياب اهتمام ۾ مرحوم لاڙڪ جي خلوص ۽ جانفشانيءَ کي وڏو عمل دخل رهيو. سنڌي ادبي سنگت سان سندس پرت جو پيچ پختو پيل هو ۽ آخر دم تائين جديد سنڌي ادب سان نباهيندو رهيو.

علمي ۽ ادبي خدمتن سان گڏ مرحوم لاڙڪ خيرپور جي سماجي ۽ تعليمي خدمتن ۾ پڻ پيش پيش رهيو. هن، شهر جي ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن کي سرگرم ڪيو. هو هڪ ناليرو وڪيل هو ۽ ستن سالن کان لا ڪاليج جو پرنسپال هو. مرحوم، پاڻ جي معياري تعليم لاءِ نووا پرائمري اسڪول قائم ڪيو. مرحوم سياست ۾ پڻ ڀرپور ورتو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر رهيو. ان طرح ناز هاءِ اسڪول اولڊ بوائز ويلفيئر ائسوسيشن جو بنياد به مرحوم لاڙڪ رکيو. وفات وقت مرحوم جي عمر ۷۵ سال هئي. ذاتي طرح ملنسار، ٻاجهارو، هردلعزيز ۽ مرنجان مرنج انسان هو.

● سنڌ ۽ پاڪستان جي بين‌الاقوامي شهرت يافته شاعر، دانشور ۽ عالم، جناب جي. الانا ۸- مارچ ۱۹۸۵ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي. الانا صاحب جي گوناگون سياسي ۽ علمي، ادبي ۽ ملڪي خدمتن جو احاطو ڪنهن جامع ڪتاب وسيلي ئي ڪري سگهجي ٿو. مرحوم متعدد ڪتابن جو مصنف هو ۽ قيام پاڪستان جي جدوجهد ۾ مخلصانه حصو ورتو هئائين. هن پرچي جي آخر ۾، الانا صاحب بابت هڪ مضمون ڏنو ويو آهي، جنهن مان سندس سوانح ۽ خدمتن جي هڪ جهلڪ

نظر اچي ٿي. ٻئي طرف، سندس وٽندڙ ياد ۾، تحريڪ آزاديءَ جي برڪ تذڪره نگار هجڻ جي حوالي سان، مهراڻ جو هيءُ پرچو سندس مبارڪ نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي.

● سنڌ جي مشهور علمي شخصيت الحاج ميرمحمد بخش خان ٽالپر ۳۰-مئي ۱۹۸۵ع تي، ميرپورخاص ۾ وفات ڪئي. رحلت وقت سندس عمر ۶۱ سال هئي.

ميرصاحب مرحوم کي سنڌ جي تاريخ سان بيحد دلچسپي هوندي هئي ۽ آن ڈس ۾ ڪافي ڪم ڪيو اٿس. متعدد علمي مقالن سان گڏ، هڪ ضخيم ڪتاب "تاريخ اميران ميرپورخاص" لکيائين، جيڪو شايع ٿيل آهي. سندس ذاتي ڪتبخاني جو شمار ضلعي ٽرپارڪر ۾ ممتاز حيثيت رکي ٿو، جنهن ۾ ڏهن هزارن کان مٿي چونڊ ڪتاب آهن. سندس ثقافتي خدمتن ۾ "مارئيءَ جو ميلو" مشهور آهي، جو سنڌ جي عظمت جي اهڃاڻ مارئيءَ جي ماڳ 'پالوا' تي، ۱۹۶۷ع ۾، شايان شان انداز سان منعقد ڪرايائين.

ميرمحمد بخش خان ٽالپر، پنهنجي سياسي خدمتن وسيلي سنڌ ۾ چاٽل سڃاتل شخصيت جو مالڪ هو. سڄي عمر، پوئتي پيل علائقي 'ٿر' جي مسڪين ماروئڙن لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو ۽ اسيمبليءَ جي ايوانن ۾ ٿر جي مسلسل خدمت ڪندي، گهٽي کان گهٽا سوال پڇي 'ڪينگ جو ڪنگسجن' (سوالن جو بادشاهه) جي لقب سان مشهور ٿيو. ون يونٽ کان اڳ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر هو ۽ بعد ۾ سابق اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ناميارو ميمبر رهيو. ان طرح ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ ٽرپارڪر جي صدارت کان علاوه ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٽرپارڪر جي وائيس چيئرمنيءَ واري زماني ۾ ضلعي جي خوب خدمت ڪيائين. پاڻ ميرپورخاص جي مشهور ٽالپر خاندان مان، واليءَ ميرپور، شير سنڌ، ميرشيرمحمد خان ماٽڪاڻي جو پڑپوٽو هو. راست گو، بي باڪ، حق پرست ۽ وڏي جرأت جو صاحب هو. خاندداني وضعداري، ملنساري، خوش خلقي ۽ پراڻا تعلقات نباهڻ سندس خاصو رهيو.

اسان جي دعا آهي ته محترم هادي بخش لاڙڪ، جناب جي. الانا ۽ الحاج ميرمحمد بخش خان ٽالپر کي رب ڪريم مغفرت سان نوازي ۽ سندن پوين کي صبر جميل جي توفيق عطا فرمائي. ادارهٔ مهراڻ، سندن پسماندگان سان دلي همدرديءَ جو اظهار ڪري ٿو.

"مهراڻ" جي قيمت/خاص رعايت

هن شماري جي قومي افاديت جي پيش نظر فيصلو ڪيو ويو آهي ته سنڌ جي تعليمي ادارن جي استادن کي، هن پرچي جي خريداريءَ تي مناسب رعايت ڏجي. لهذا، ڪنهن به يونيورسٽي، ڪاليج، اسڪول، مدرسي، فني اداري، مسجد اسڪول،

وغيره ۾ پڙهائيندڙ عملي ڪي، هي پرچو، اسان ٽيٽيهه سيڪڙو ڪميشن تي ڏينداسين. خريداريءَ جي ان سلسلي ۾ مئنيجر بوڪ اسٽال، سنڌي ادبي بورڊ، اسٽيشن روڊ، جامشوري سان رابطو پيدا ڪجي.

"مهراڻ" ـــ ساڳي موج

هن شماري سان، مهراڻ جي خاص نمبرن جو سلسلو پڄاڻيءَ تي پهتو. اسان گذريل شمارن جي ادارين ۾ عرض ڪري چڪا آهيون ته خاص نمبرن جي اشاعت سبب جديد سنڌي تخليقي ادب جي اشاعت ۾ تعطل پيدا ٿيو آهي. اسان کي ان ڳالهه جو پورو پورو احساس پئي رهيو ته ان سلسلي کي جلد کان جلد دوباره قائم ڪري سگهون. مهراڻ جا ايندڙ شمارا دستوري پرچا هوندا، جن ۾ هميشه وانگر ادب جا سڀئي شعبا پيش ڪيا ويندا. شعر و شاعري ۽ ڪهاڻين جي حصن کي اڃا به وڌيڪ جاندار بنائي پيش ڪرڻ لاءِ خاص اپاءَ ورتا ويا آهن. الحمدلله، سنڌ جي سمورن لکندڙن جو مٺو علمي ساٿ مهراڻ کي هميشه ميسر رهيو آهي ۽ هاڻي به اديب ۽ شاعر، مهراڻ سان پاڻ ملهائي رهيا آهن. مهراڻ جي ساڳي موج مڃائڻ لاءِ اسان هڪ وار وري به لکندڙن کي استدعا ٿا ڪريون ته پنهنجا نوان پيارا شعر ۽ دلپذير ڪهاڻيون جلد کان جلد مهراڻ کي موڪلي ڏين، جيئن مهراڻ کي همعصر جديد تخليقي ادب جو جامع دستاويز بنائي پيش ڪرڻ ۾ اسان کي آساني ٿئي. اسان پنهنجن ڪرمفرما لکندڙن ۽ سڄاڻ قارئين جا شڪرگذار آهيون، جن نه صرف ۸۴ع دوران جديد سنڌي ادب جي اشاعتي تعطل کي خنده پيشانيءَ سان برداشت ڪيو، پر ان سان گڏ مختلف موضوعن تي نڪتل لاڪيتن خاص نمبرن ـــ فهرست نمبر، سنڌي ادب سيمينار نمبر، رني ڪوٽ نمبر ۽ مقالا نمبر ـ کي وڏي قدر جي نظر سان ڏٺو ۽ اسان جي حوصلهافزائي ڪئي. اميد آهي ته تحريڪ آزادي نمبر (هين پرچي) کي پڻ، ان جي اشاعت جي بنيادي مقصد کي آڏو رکي، پسند ڪيو ويندو.

ڪيترن ئي مهربان لکندڙن ۽ قارئين، مهراڻ ۾ تصويرن جي اشاعت جي تقاضا پئي ڪئي آهي ۽ خاص ڪري رني ڪوٽ نمبر ۾ تصويرن جي عدم موجودگيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. اسان کي سندن ان تقاضا سان بنيادي طور ڪو اختلاف ڪونه آهي، بيشڪ تصويرن سان پرچي جي سونهن سوڀيا ۾ اضافو اچي ٿو، پر آرٽ ڪاغذ جي مهانگ ۽ فوٽن جي ڇپائيءَ تي ايندڙ خرچن کي پڻ اسان انتظامي طور نظرانداز نه ڪري سگهياسين. بهرحال، اسان جي ڪوشش رهندي ته مهراڻ ۾ مناسب نموني تصويرون شايع ڪندا رهون.

ـ نفيس احمد شيخ


قرآن کریم جون مقدس آیتون ۽ نبي کریم جون حدیثون
توهان جي دیني معلومات ۾ اضافي ۽ تبليغ لاءَ شايع ڪيون وڃن
ٿيون. انهن جو احترام توهان جو فرض آهي. ان ڪري جن
صفحن تي اهي آيتون هجن، تن کي صحيح اسلامي طهارتي
مطابق بيحرمتي کان محفوظ رکيو وڃي.

Gul Hayat Institute

فهرست

● قائداعظم محمد علي جناح (مقالہ خصوصي) — ـ جي. الانا — ۱

● سنڌ اسيمبليءَ ۾ "پاڪستان ٺهرائڻ" جي منظوري — ـ مراد علي مرزا — ۱۷

حصو پهريون

۰۱ پير صاحب پاڳاري حزب الله شاهه صاحب جو انگريزن خلاف — ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — ۲۹

۰۲ ترڪيءَ جي سلطان ڏانهن خط "سنڌ سيا" ـــ سنڌ جي پهرين سياسي تنظيم — ـ غلام محمد لاڪو — ۳۴

۰۳ تحريڪ ريشمي رومال ۽ سنڌ — ـ ڊاڪٽر ابوسلمان شاهجهانپوري (مترجم: مراد علي مرزا) — ۵۱

۰۴ سنڌ ۾ يوم خلافت (۱۷- آڪٽوبر ۱۹۱۹ع) — ـ زاهده ميمڻ (مترجم: مراد علي مرزا) — ۷۹

۰۵ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي — ـ فليمين ميٽيڪ (مترجم: مراد علي مرزا) — ۸۶

۰۶ ۾ تاريخي تقريرون — ـ ڊاڪٽر ڊ. محمد پٺاڻ — ۱۱۲

۰۷ سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس ـــ ۱۹۳۸ع — ـ ڪريم بخش خالد — ۱۳۴

۰۸ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو — ـ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي — ۱۴۹

۰۹ قيام پاڪستان (ڪجهه يادگيريون) — ـ حڪيم محمد احسن — ۱۸۷

۰۱۰ تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جو حصو — ـ ڊاڪٽر مظهرالدين سومرو — ۱۸۳

۰۱۱ تحريڪ آزاديءَ جي ترجمان روزنامه الوحيد جي ڪهاڻي — ـ خان محمد پنهور — ۱۹۳

Gul Hayat Institute

۱۲. تحريڪ پاڪستان ۽ سنڌ جي پاڳي پائيواري — احمد خان آصف مصراٽي ۲۰۳

۱۳. تحريڪ پاڪستان ۽ موري شهر جو حصو — ڊاڪٽر محمد لائق زرداري ۲۱۰

۱۴. لاڙڪاڻي ۽ خلافت تحريڪ — غلام مصطفيٰ مشتاق ۲۲۰

حصو ٻيو

۱. پير پاڳارو
سيد صبغت الله شاهه ثاني رح — ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۲۲۷

۲. رئيس غلام محمد پرگڙي — ڊاڪٽر حميده کهڙو
(مترجم: مراد علي مرزا) ۲۴۳

۳. سر سلطان محمد شاهه
آغا خان سوم — ڊاڪٽر غلام علي الانا ۲۵۰

۴. رئيس المهاجرين — زاهده ميمڻ
جان محمد جوڻيجو (مترجم: مراد علي مرزا) ۲۵۷

۵. مولانا عبيدالله سنڌي — جي. الانا ۲۷۰

۶. شيخ عبدالمجيد سنڌي — پير علي محمد راشدي ۲۸۰

۷. علامه رشد الله شاهه راشدي — ڊاڪٽر مدد علي قادري ۲۹۱

۸. شمس الدين بلبل — پروفيسر محمد اسحاق ابڙو ۳۰۵

۹. سر حاجي عبدالله هارون — جي. ايم. سيد ۳۱۳

۱۰. بيگم نصرت حاجي عبدالله هارون — ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ ۳۳۱

۱۱. سر غلام حسين هدايت الله — جي. ايم. سيد ۳۴۹

۱۲. ليڈي هدايت الله — خانم دائود پوٽو ۳۵۷

۱۳. محمد ايوب کهڙو — انيس انصاري ۳۶۱

۱۴. سر شاهنواز ڀٽو — جي. ايم. سيد ۳۶۹

۱۵. عبدالستار پيرزادو — جي. ايم. سيد ۳۷۴

۱۶. قاضي فضل الله — جي. ايم. سيد ۳۸۰

۱۷. پير علي محمد راشدي — جي. ايم. سيد ۳۸۴

۱۸. مولانا دين محمد وفائي — ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي ۳۹۶

● سڃڻن جا سنيها
(مهراڻ متعلق تاثرات) ۴۰۴

Gul Hayat Institute

قائد اعظم محمد علي جناح

از: جي. الانا

انگريز، جيڪي برصغير ۾ واپارين جي صورت ۾ آيا هئا، جن دوستانا ۽ مفيد معاهدن جي استدعا ڪندي، رعايتون حاصل ڪيون ۽ نتيجي ۾ انهن هندوستان ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي، جيڪا شهنشاهي تخت ۾ هڪ چمڪندڙ موتي مثل هئي. پر ۱۸۵۷ع ۾ هڪ نئين باهم پڙڪي، موثر انقلابي شعلو پڙڪيو، جيڪو حقيقت ۾ اسان جي ڏاري حڪومت کان آزادي واري جدوجهد جو نمايان باب آهي. باغين جي غصي واري باهم هندستان جي ٻين ڪيترن ئي حصن ۾ به پکڙجي ويئي. گوندل نالي هڪ شاهوڪار رياست، جا ڪاٺياواڙ ۾ واقع آهي، اتي ٺاڪر صاحب جي حڪمراني ۾، هندوستان جي ٻين حصن ۾ سجاگي ۽ سياسي وڪوڙ هوندي به آمن ۽ آشتي جو دور هو. گوندل، رياست جي گاديءَ وارو هنڌ، وڏي ۾ وڏو شهر هو. پر ان جي گهٽي آدمشماري ڪوٽن ۾ رهندڙ هئي. پانيلي به انهن مان هڪ ڪوٽ هو، جنهن جي آدمشماري هندستان جي پهرين بغاوت وقت هڪ هزار کان به گهٽ هئي. هن خاموش نندڙي ڪوٽ ۾، ان وقت هڪ پوڙهو محنتي انسان پونجا پائي نالي رهندو هو، جيڪو اسماعيلي خوجو هو. هتي سندس وڏا روزمرهم جو ڪم ڪار ڪندي، فوت ٿي چڪا هئا. پانيلي جي ماڻهن جو خاص ڏنڏو پوڪي راهي هو. پونجا پائي انهن مان هڪ اهڙو شخص هو، جنهن کي ڪجهه آڏاڻا هئا، جن تي هو تمام گهٽو وقت، ٽڪجي پوڻ تائين ڪم ڪندو هو. هن محنت ۽ مشقت کيس پنهنجي اولاد سان خوشحال ۽ سکي زندگي گذارڻ جي قابل بنايو.

پونجا پائي کي ٽي پٽ، والجي پائي، نٿو پائي، جناح پائي ۽ هڪ ڌيءَ ماڻ پائي نالي هئي. جناح پائي، جيڪو نندي ۾ نندو هو، سو اندازاً ۱۸۵۰ع ڌاري پيدا ٿيو هو، جيڪو پنهنجن ۾ پائرن کان وڌيڪ چست ۽ چالاڪ هو. سندس جوان ۽ آرزومند ذهن ۾ پانيلي هڪ نندي جڳهه محسوس ٿي، جتي سندس سامهون هڪ ئي اميد هئي، جيڪا اها هئي، ته هو پنهنجي پيءُ جي آڏاڻن جو پنهنجن ۾ پائرن وانگر وارث هو، ۽ جتي ٿوري فائدي لاءِ سڄي زندگي گذارڻي ٿي پئي. هن يڪدم محسوس ڪيو ته اها زندگي گذارڻ جي قابل نه آهي. گوندل جي پرونق شهر سندس ذهن ۾ ڪجهه حاصل ڪرڻ جي خواهش پيدا ڪئي ۽ هو چپ چاپ پانيلي ڇڏي رياست جي گادي

واري هنڌ گونڊل ۾ اچي رهيو. اتي اهو ڏندو وڏو به هو، ته تيز به. جناح پائي جي هوشياري مفيد راهون کولهڻ ۾ کا ديير کانه ڪئي. سستو خريد ڪري ۽ نفعي سان وڪڻي، هن جلد ئي ڪافي پئسو ميڙيو. سندس عموماً خالي رهندڙ ٻڌون پرجڻ شروع ٿيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ ڪافي دولت گڏ ڪري ورتائين، جيئن هو فخر سان واپس گهر وڃي پنهنجي پيءَ کي ٻڌائي، ته هو واپار ۾ چگيءَ طرح ڪامياب ويو آهي. پٽ جي ڪاميابي تجارت کان فخري طور پيءُ خوش ٿيو. وڏي شهر ۾ وڏي منافعي جي اميد رکي سندس والدين سندس خوش آئيندہ مستقبل لاءِ مطمئن ته هئا، پر کين اها اُڻ تڻ هئي ته آخر گونڊل شهر کان پري هو، جتي سندن نوجوان پٽ اڪيلو رهيو ٿي. سندس پيءُ ماءُ اهو فيصلو ڪيو ته پانيلي چڏڻ کان اڳ جناح پائي جي شادي ڪرائي وڃي. سوزون رشتي جي تلاش ۾ هو ڏرافا نالي هڪ ڪوٽ وڃي نڪتا، جيڪو پانيلي کان اٽڪل ڏهن ميلن جي مفاصلي تي هو، جتي اسماعيلي خوجہ جي معزز خاندان جي نينگري مٿي پائي نالي رهندي هئي. "چوڪريءَ جي مائٽن سان ملاقات ڪئي وئي، جن سندن پٽ لاءِ پنهنجي نياڻيءَ جو رشتو قبول ڪيو ۽ ۱۸۷۴ع ڏاري جناح پائي جي مٿي پائي سان شادي ٿي (۱)".

پنهنجي ڪنوار سان گڏ جناح پائي گونڊل آيو ۽ پنهنجي ڏندي ۾ مشغول ٿي ويو، جنهن ۾ هو پنهنجي اميدن کان به وڌيڪ ڪامياب ويو ۽ هڪ وقت اهڙو به آيو جڏهن کيس پنهنجين اميدن، ارادن ۽ اعليٰ خيالن جي پيٽ ۾ گونڊل نندو نظر آيو. هن ڪراچيءَ بابت ٻڌو هو، ته اهو ٿون ۽ شاهوڪار شهر آهي ۽ بمبئي پٽ، جيڪو واپار ۽ ڪارخانن جي خيال سان آسمان جي بلندين کي پهچي چڪو هو. ڪجهہ دير لاءِ هو سوچ ۾ پئجي ويو ته کيس ڪراچيءَ وڃڻ کپي يا بمبئي، تان جو ۱۸۷۵ع ۾ گونڊل کي خيرباد چئي، ڪراچيءَ اچي مستقل طور رهڻ جو ارادو ڪيائين. ڪراچي، جنهن جي ان وقت آدمشماري پندرهن هزار هئي، پر اتي وڏي ڪاروبار جون روشن اميدون هيون. ڪراچي ان زماني ۾ مکيہ طور ڪڏي تي مشتمل هئي، جيڪو مچيءَ جي گودامن تائين محدود هو. ڪارو در، جتي گٽيل مٿيءَ جا گهر هئا، پر اتي وڏن تجارتي مرڪزن جا دفتر ۽ ڪجهہ گهر به هئا. مٿو در، جتي گوڏي جيڏي ڪڏ ڪوٽ سان مٿو پاڻي ملي سگهندو هو ۽ صدر، جتي انگريز فوج جي چانوڻي هئي، ۽ ان جي آسپاس بازارون ۽ دڪان هئا. جناح پائي کارا در ۾ نيو نهام روڊ جي هڪ بلڊنگ مان ٽن ڪمرن وارو هڪ گهر مسواڙ تي ورتو ۽ پنهنجي رهائش جي ويجهو پنهنجي آفيس به کوليائين. جناح پائي ۽ مٿي پائي جنهن بلڊنگ ۾ رهندا هئا، سا پٿر، چوني ۽ گچ جي ٺهيل هئي. هنن جيڪو گهر خريد ڪيو هو، سو پهرين ماڙ تي هو.

---

(۱) الانا: "قائداعظم جناح" ص ۳

جناح پائي پنهنجو ڪاروبار رواجي نموني شروع ڪيو، پر ٿوري ئي وقت ۾ هو آسودو ٿي ويو ۽ سندس نالو ڪراچيءَ جي وڏن واپارين ۾ شمار ٿيڻ لڳو. سندس ڪاروبار نہ صرف اندرون ملڪ ۾ وڏي پئماني تي ڦهليو، پر اهو سمنڊ پار پڻ پکڙجي ويو. ہن اسم، جن سان سندس ڪاروباري تعلق هو، سي هٺا لاڪ ۽ ڪونر، جن جو ڪاروبار هو ڪراچيءَ جي هڪ انگريزي فرم ذريعي ڪندو هو. گرهام جهازران ۽ واپاري ڪمپنيءَ جو مئنيجر فريڊرڪ لي ڪرافٽ جناح پائي جو دوست ٿي ويو، جنهن سان هو انگريزيءَ ۾ ڳالهائي سگهيو ٿي. انهن ڏينهن ۾ ڪو ان قسم جو هندستاني واپاري ورلي ملندو هو، جو انگريزي سٿي نموني ۾ ڳالهائي سگهي.

مٿي پائي هينئر پار جي ماڻ هئي ۽ سندس پهريون پار هڪ پٽ ٿيو، جيڪو ڪارا در جي هڪ دائي ۲۵- ڊسمبر ۱۸۷۶ع تي آچر ڏينهن هن دنيا ۾ آندو. اهو پار ڪمزور، تمام ننڍو، وڏن هٿن وارو ۽ وڏي متي وارو هو. پار جي مائٽن کي ڊاڪٽر بار بار يقين ڏهاني ڪرائيندو رهيو تہ پار جي صحت صحيح آهي ۽ ڪين ڪنهن ہ قسم جي ڳٽتي ڪرڻ نہ گهرجي. هنن پار جو نالو محمد علي رکيو. هي سڀني ۾ وڏيڪ دادلو پار هو، توڙي جو ڪين کي چار ڏيئرون ۽ ٽي پٽ پيا ہ هٺا. رحمت، مريم، شيرين، فاطمہ، محمد علي، احمد علي ۽ بنده علي. جڏهن محمد علي اڃا ڇهن مهينن جو هو تہ مٿي پائي جي اها دلي خواهش هوندي هئي تہ پنهنجو پهريون پار عقيقي لاءِ حسن پير جي درگاهہ تي وئي وڃي، جيڪا پانيلي ويجهو گنوڌ ۾ هئي، ۽ هن ان معاملي ۾ پنهنجي مڙس کي راضي ڪري ورتو، تہ هو ساڻس گڏ ڪراچي کان گنوڌ هلندو جتي کي قدر ٻيڙيون ۽ ڊگي گاڏيون هوندیون هيون. حسن پير هڪ اسماعيلي مبلغ هو، جيڪو ايران کان خشڪي ذريعي هندستان ايندي سنڌ ۽ ملتان ۾ ترسيو هو، جتي هن گهڻن هندن کي مسلمان بنايو ۽ ڪچ جو رڻ پار ڪندي، مستقل طور پانيلي ۾ سڪونت اختيار ڪئي هئائين، جيئن پنهنجي تبليغ جو سلسلو جاري رکي سگهي. هڪ رات جيئن هو پاڏر نديءَ جي ڪناري مراقبي ۾ مشغول هو تہ هڪ وڏي ويڙ ڪناري جي حدن کان اڳتي وڌي ويئي ۽ ان حسن پير کي ڏکي وچ نديءَ ۾ آندو ۽ اهڙيءَ ريت هڪ مسلمان صوفيءَ جو هن دنيا مان لاڏاڻو ٿيو. سندس لاش هيٺ اڇهندو رهيو ۽ ٻي صبح جو گنوڌ ويجهو نديءَ جي ڪناري رابريز ڪناري لڌو، جتي سندس درگاهہ تعمير ڪئي وئي. عقيقي جي رسم کان پوءِ پيءُ-ماڻ پنهنجي پٽ محمد علي کي پانيلي ۾ پنهنجي ابائي گهر گهمائڻ وٺي ويا ۽ پوءِ ويرا وال کان ڪراچي واري رستي واپس آيا. سندس ماڻ کي يقين هو تہ هو پنهنجي وقت ۾ هڪ وڏو ماڻهو ثابت ٿيندو.

محمد علي کي پهريائين قابل استادن ذريعي سندس گهر ۾ گجراتي پڙهائي ويئي ۽ ۴ جولاءِ ۱۸۸۷ع ۾ هن سنڌ مدرسة الاسلام ۾ داخلا ورتي. جڏهن هو ۱۱ سالن

جو هو، تڏهن پهرين درجي ۾ داخل ٿيو. هن ٣٠ جنوري ١٨٩٢ع ۾ سنڌ مدرسو ڇڏيو، جڏهن هو پنجين درجي جو شاگرد هو. اسڪول رجسٽر ۾ سندس اسڪول ڇڏڻ جو سبب هن ريت لکيل آهي: ”شاديءَ لاءِ ڪڇ ويو“. جناح ڀائي جي ڪاروبار کيس شاهوڪار بنايو ۽ هو اڪثر نوجوان محمد علي جي مستقبل بابت فريڊرڪ لي ڪرافٽ سان صلاح مشورو ڪندو هو. جڏهن محمد علي ١٦ سالن جو هو، تڏهن هن کيس صلاح ڏني ته هو پنهنجي پٽ کي لنڊن موڪلي، جتي هو گرهامس شپنگ ڪمپني اينڊ ٽريڊنگ ڪمپنيءَ جي مرڪزي دفتر ۾ ڪاروبار متعلق سکيا حاصل ڪري. سندس والد کي اهو مشورو وڻيو، پر سندس ماءُ ان ڳالهه تي راضي نه هئي ته سندس پٽ شاديءَ کان اڳ ٻن سالن لاءِ يورپ هليو وڃي. محمد علي پنهنجي ماءُ جي خواهش کي قبول ڪيو، جنهن هن لاءِ پانيلي جي اسماعيلي خوجن جي هڪ نينگري ايمي ٻائي پسند ڪئي، جا هن محمد علي لاءِ مناسب زال سمجهي. هي انهن ٿورن اهم فيصلن مان هڪ هو، جو محمدعلي پنهنجي زندگيءَ ۾ ٻين جي صلاح تي هليو هو. جناح ڀائي، مٺي ٻائي ۽ محمد علي پانيلي روانا ٿيا، جتي محمد علي جي ايمي ٻائي، جيڪا ١٣ سالن جي هئي، سان شاندار نموني وڏي ڌوم ڌام سان شادي ڪرائي وئي. ڄاڃي ڪراچي واپس آيا ۽ نوجوان محمد علي پنهنجي ڪنوار ايمي ٻائي سان پنهنجن مائٽن جي گهر ۾ ترسيو. هو انگلنڊ جي ڊگهي سفر جي تيارين ۾ مشغول ٿي ويو.

جڏهن هو انگلنڊ پهتو ته سردي زورن تي هئي ۽ هو اهڙي موسم جو هيراڪ نه هو. ”مون هڪ ڌاريو ماحول ڏٺو. مان ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪونه سڃاڻندو هوس. ٿڌ، ڪوهيڙي ۽ سياري مون کي لنڊن ۾ تمام گهڻو پريشان ڪيو. پر پوءِ جلد ئي مان انهن حالتن جو هيراڪ ٿي ويس ۽ بلڪل خوش گذارڻ لڳس.“(١) هڪ اخبار جي اشتهار ذريعي گهر ۾ هي مهذب ۽ هوشيار نوجوان خرچ ڏيندڙ مهمان جي حيثيت ۾ انهن سان ٣٥- رسل روڊ، ڪينسنگٽن ۾ رهڻ لڳو، جتي هاڻي ڪورٽ ڪائونسل هڪ تختي هڻي ڇڏي آهي، جنهن تي لکيل آهي ”قائد اعظم محمد علي جناح ١٩٤٨-١٨٧٦ع پاڪستان جو باني، ١٨٩٥ع ۾ هتي رهيو“. قائد اعظم محمد علي جناح هڪ ننڍي ڇوڪر جي حيثيت ۾ جڏهن خاص ڪپڙن ۾ هڪ بئريسٽر کي ڏٺو، تڏهن دل ۾ چيائين ته ”آءٌ خود بئريسٽر ٿيڻ چاهيان ٿو“. سندس اها تمنا نيٺ پوري ٿي. هن واپاري ٿيڻ جا سڀ خيال ترڪ ڪري ڇڏيا ۽ ”لٽل گو“ ۾ پڙهڻ جو فيصلو ڪيائين، جتي لنڊن ۾ بئريسٽريءَ جي امتحان جي داخلا واسطي پهريون امتحان ڏيڻو پوندو هو. هن سخت محنت کان پوءِ ”لٽل گو“

---

(١) رينچ، سر ايولن: ”دي امارٽل ايئرز“ هچنسن، لنڊن، ١٩٤٥ع، ص ١٣٢

امتحان پاس ڪيو ۽ ۱۸۹۳ع ۾ لنڪلنس اِن ۾ داخلا ورتي. "مون لنڪنس اِن ۾ ان ڪري داخلا ورتي، جو ان جي وڏي دروازي تي قانون ڏاهيندڙن جي فهرست ۾ حضور اڪرم صلي‌الله عليه و سلم جن جو نالو مبارڪ به هو" (۱). هن لنڪنس ان ۾ پنهنجي نالي ۾ تبديلي آڻي "ايم. اي. جناح" ڪري ڇڏيو.

هن ۱۸۹۵ع ۾ ٻن سالن اندر بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيو ۽ هي هندستان جي بئريسٽرن ۾ عمر جي لحاظ کان ننڍي ۾ ننڍو هو. ان دوران ڪيس صدمو رسيو. ڪراچي ڇڏڻ کان ٿورا هفتا پوءِ سندس نوجوان زال ايمي بائي فوت ٿي وئي، ۽ ۱۸۹۰ع ۾ سندس والده محترمه پڻ وفات ڪري ويئي، جنهن کي هو تمام گهڻو پيار ڪندو هو. لنڊن ۾ شاگردي‌ءَ واري زماني ۾ شاگردن جي گروهه ۾ سندس وڏي دلچسپي هوندي هئي ۽ هو عموماً ديوان عام ۾ وڃي ان دور جي وڏن وڏن اگواٽن جون تقريرون ٻڌندو هو. تنهن کان پوءِ دادا پائي نوروزجي، جيڪو هندستان جو چوٽيءَ جو جهونو سياستدان هو، جو انگريزي پارليامينٽ جي جڳهه لاءِ سينٽرل فنس بري جي حد مان چونڊ لڙي رهيو هو، محمد علي جناح ان جي چوند واري ڪم ۾ پنهنجو پاڻ کي ننهن چوٽيءَ تائين وقف ڪري ڇڏيو ۽ دادا پائي نوروزجي ان چونڊ ۾ وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿيو. پارليامينٽ جي ڪم ۾ هندوستان جي مفاد خاطر ڪم ڪندڙ دادا پائي نوروزجي جي مداح قائد اعظم محمد علي جناح چيو "مان لنڊن ۾ هجڻ ۽ پارليامينٽ ۾ گهڙڻ چاهيان ٿو. مون کي اميد آهي ته اتي اثر پيدا ڪندس ۽ اتي آءٌ برطانيه جي مدبرن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهندس" (۲).

چار سال باهر رهڻ کان پوءِ محمد علي جناح ۱۸۹۶ع ۾ واپس ڪراچيءَ موٽي آيو، انهيءَ لاءِ ته جيئن هو پنهنجي پيءُ کان ڏنڈي بابت معلوم ڪري، جيڪو بيهي ويو هو، ۽ ڏنڈي ۾ لڳايل موڙي ۽ قرض جي ادائيگي لاءِ ڪورٽن ۾ ڪيس هلي رهيا هئا. جيٽوٽيڪ ڪيس وڪيلن جي ٻن وڏين ڪمپنين هرچندراءِ وشنداس اينڊ ڪمپني، ۽ لعل چند اينڊ ڪمپني ڪيس سڀيون آڻون ڪيون، پر هو پنهنجي بيهي ويل ڏنڈي ۽ مرحوم ساڻ جون يادگيريون ڪٽي، مستقبل ڏاهڻ لاءِ بمبئي روانو ٿيو. "سڪندري بخت وارو غربت جي وڻ ويڑهيءَ ۾ وکوڙجي چڪو هو. دنيا جي فتح ڪرڻ لاءِ به تيار هو، پر وٽس ڪي ڪين هو. وٽس فقط پرپور جواني، همت، مردانگي ۽ آسون اميدون هيون". (۳)

هن بمبئي جي هڪ هوٽل ۾ ڏکهي عرصي لاءِ هڪ ڪمرو پاڙي تي ورتو، ۽ بمبئي جي هاءِ ڪورٽ ۾ پنهنجو نالو رجسٽر ڪرايو. شروع جا چند ورهيه هن

---

(۱) قائد اعظم، ائڊريس ٽو دي ڪراچي بار ائسوسيئيشن، ۱۹۴۷ع
(۲) الوا، جوچر: "ليڊرس آف الڊيا" ٽيگر اينڊ ڪمپني، بمبئي، ۱۹۴۳ع، ص ۶۵
(۳) لنڊو، سروجني: "ائن ايمبسيڈر آف يونٽي" گڻيش اينڈ ڪمپني، مدراس.

مايوس ڪن گذاريا چاڪاڻ تہ وٽس ڪوبہ ڪيس ڪونہ آيو، پر هن پنهنجي هلت چلت مان محسوس ٿيڻ نہ ڏنو تہ هي نوجوان بئريسٽر ڪهڙين مشڪلن ۾ آهي. "هو چپ چاپ گذارينڊو هو ۽ اڪيلائي ۾ سخت غمزده ۽ پريشان رهندو هو، پر اهو ڪنهن کي نہ ٻڌائيندو هو تہ هو ڪو پريشان آهي(۱)". هي هڪ سڏو شهسوار هو، هميشہ پين کان مٿيرو، شڪل صورت جو سهڻو، ان دور ۾ سدائين سڌا ۽ سهڻا ڪپڙا پهريندڙ: گهٽن وائسرائن سندس متعلق چيو تہ "هن جهڙو سڏو لباس پهريندڙ، اسان هندستان ۾ ڪونہ ڏٺو." سندس هڪ دوست، هن جو بمبئي هاءِ ڪورٽ جي قائم مقام ائڊووڪيٽ جنرل ميڪ فرسن سان تعارف ڪرايو، جنهن ڪيس تمام گهڻو پسند ڪيو ۽ ڪيس پاڻ وٽ ڪرڻ جي آڇ ڪئي. اهڙو مثال هندستان جي ڪنهن بئريسٽر لاءِ ورلي ٿيو هوندو. ٿوري عرصي کان پوءِ ميڪ فرسن مسٽر محمد علي جناح جي سر چارلس اوليونٽ انصاف ڪاتي جي نگران وٽ سفارش ڪئي، جنهن ڪيس عارضي طور پريزيڊنٽ مئجسٽريٽ مقرر ڪيو. جڏهن عارضي مقرريءَ جو مدو پورو ٿيو، تڏهن ڪيس سر اوليونٽ پندره سؤ روپيا جي پگهار سان ترقي ڏيڻ جي آڇ ڪئي. محمد علي جناح سر اوليونٽ جا ٿورا مڃيندي ان آڇ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين تہ "سائين، اوهان جي مهرباني، آءٌ ٿورن ڏينهن ۾ ايترا ڪمائڻ جي لائق ٿي ويندس." ۽ اهي ڏينهن واقعي پري ڪونہ هٿا. محمد علي جناح جي بار ۾ ايتري شهرت ۽ ترقي هڪ فطري ڳالهہ هئي. ٿورن سالن بعد جڏهن محمد علي جناح سر اوليونٽ سان مليو تہ هو قائد اعظم محمد علي جناح جي ايڏي ڪاميابيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيو. "هن سندس ڪوشش ۽ اٽل ارادن جي همت افزائي ڪئي ۽ وڌيڪ چيو تہ "تو منهنجي آڇ نہ قبولي تمام سڏو ڪيو(۲)". طبيعت جي پختگي ۽ بي ڊپائي سبب سندس بي انتها عزت ڪئي ويندي هئي. "محمد علي جناح وڪالت جي شروعات واري دؤر ڪان وٺي سدائين وڏي همت ۽ طبيعت جي آزادگيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي، هو ڪڏهن بہ ڪنهن جج يا وڪيل ڪان بيزار نہ ٿيو(۳)". مخالف وڪيل يا ججن جي وچ ۾ عاقلانا مقابلن جا ڪيترائي واقعا مشهور آهن. "وڪيل جي حالت ۾ هن هميشہ پنهنجو ڳاٽ اوچو رکيو، توڙي جو ڪيڏا خراب حالات چونہ آيا هجن. هي اسان جو هڪ جرئتمند وڪيل رهيو آهي، ڪوبہ جج ڪيس ڏسڻي نہ سگهيو ۽ ڪڏهن بہ پنهنجي توهين برداشت ڪري نہ سگهيو(۴)". هينئر سندس وڪالت نانءَ جڙهي چڪي هئي ۽ هن پنهنجي پوڙهي پيءَ کي بمبئي اچڻ لاءِ چيو. جناح پائي

---

(۱) الواڻ: متذڪرهٔ صدر، ص ۶۴

(۲) سيد ايم- ايچ: "محمد علي جناح"، ص ۱۰-۱۱

(۳) سيتلواد، سر چمن لال: "ريڪليڪشنس اينڈ رفليڪشنس" ص ۶۶

(۴) الواڻ: متذڪرهٔ صدر، ص ۷۹

پنهنجي ڪٽنب سميت اچي بمبئي نڪتو ۽ خدڪ پرسان خوجه محلي ۾ هڪ فليٽ مسواڙ تي وٺي رهڻ لڳو، جتي نوجوان محمد علي جناح هر آچر تي ساٿن وڃي ملاقات ڪندو هو. ڪين پٽسو ڏوکڙ جام ڏيندو رهندو هو ته جيئن هو عزت واري زندگي گذاري سگهن. ڪيس سياست سان دلچسپي هئي. ساٿس ملڻ وارا اهو محسوس ڪندا هٿا ته هي هڪ ڏينهن مستقبل جو وڏو اڳواڻ ٿيندو. "شايد اهو ڪنهن مستقبل جي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته هي... قومي جدوجهد آزادي جي ڪنهن خطرناڪ يا شاندار موڙ تي هندستان جي آزادي جو "ماڏني" جيئن امر بنجي ويندو...(۱).

سندس سياسي زندگيءَ جي شروعاتي دؤر ۾ان معلوم ٿي سگهيو ٿي ته، "هو تشدد ۽ دستور خلاف ڪارگذارين ذريعي پنهنجو سياسي مقصد حاصل ڪرڻ جو حامي نه هو"(۲). سندس سياسي نظريا دادا پاٽي نوروزجي، گوکل ۽ مسٽر سريندرناٿ بئنرجي وانگر پنهنجي جاءِ تي مضبوط هئا. "هن جا سياسي نظريا داداپائي نوروزجي، گوکل، سريندرناٿ بئنرجي ۽ سي. آر. داس تشڪيل ڪيا هٿا، جن کي هن پنهنجو سياسي مرشد ڪري ورتو هو، ۽ جن لاءِ ڪيس بي انتها عزت هئي"(۳).
۱۹۰۶ع ۾ ڪانگريس جو ڪلڪتي ۾ اجلاس ٿيو، جنهن جو داداپائي کي صدر ڪيو ويو. قائداعظم محمد علي جناح ان سان پرنسپل سيڪريٽري جي حيثيت ۾ گڏ هو. سيئي چٽا دار پانگا جي مهاراجا جي چورنگي واري جاءِ ۾ رهيا. ان وقت محمد علي جناح ڪانگريس جو ميمبر هو. سندس وشواس هو ته قومي آزادي، مسلم هندو اتحاد ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿي. مهاتما گانڌي ۱۹۱۴ع ۾ ڏکڻ آفريڪا کان موٽي آيو. هن سان محمد علي جناح جي ملاقات هڪ باغ جي دعوت ۾ ٿي. اها دعوت سر جهانگير بي. پيٽٽ، مهاتما گانڌيءَ جي اعزاز ۾ ڏني هئي. مسلم ليگ جو بنياد ۱۹۰۶ع ۾ ٿيو، پر محمد علي جناح ان کان پاسيرو رهندو آيو. آغاخان جي زير قيادت مسلمانن لاءِ غير مخلوط چونڊ جي مقصد لاءِ شملا وفد، مورلي منٽو سڌارن جي موجب ڪامياب موٽيو. ۱۹۱۰ع ۾ ڪانگريس جي الهآباد واري گڏجاڻي ۾ جناح جداگانه نمائندگيءَ واري اصول جي خلاف هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو، توڙي جو ٺهراءُ مسلمانن لاءِ مناسب نمائندگيءَ جي گهر ڪئي.

جيتوڻيڪ هي مسلم ليگ جو روايتي ميمبر ڪونه هو، پر مسلم ليگ هميشه ڪانئس صلاح مشورا ۽ هدايتون حاصل ڪندي رهندي هئي. ۱۹۱۰ع ۽ ۱۹۱۱ع ۾ ڪيس مسلم ليگ جي گڏجاڻي کي خطاب ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي ويئي هئي.

---

(۱) نائڊو، سروجني: متذڪرهٔ صدر، ص ۲
(۲) جي. الالا: متذڪرهٔ صدر، ص ۶۱.
(۳) رئوف، اي. اي: "ميٽ مسٽر جناح" ص ۳۵.

هن مسلم ليگ جي تصور ۽ تخيل ۾ لڇڪ ۽ اڳتي وڌڻ جو نئون روح ڦوڪيو. ۱۹۱۲ع ۾ آغاخان جي صدارت ۾ مسلم ليگ جي گڏجاڻي ۾ به هن شرڪت ڪئي ۽ ان وقت پارٽي دستور کي وسيع بنيادن تي نئين شڪل ڏني ويئي. هن گڏجاڻي ۾ هيءَ رٽ بحال ڪئي ويئي ته مسلم ليگ هندو مسلم ايڪتا ۾ ويساهه رکي ٿي. محمدعلي جناح کي تمام گهڻي خوشي ٿي ته هو هندن ۽ مسلمانن کي پاڻ ۾ ويجهو آڻڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

جڏهن آغاخان ۱۹۱۲ع ۾ مسلم ليگ جي صدارت تان ڇهن سالن گذرڻ بعد استعفا ڏني، تہ سندس جاءِ تي محمودآباد جو راجا محمدعلي محمدخان مسلم ليگ جو صدر ۽ سيد وزيرحسن سيڪريٽري جنرل چونڊجي آيا ۽ مسلم ليگ جي مرڪزي آفيس کي عليگڙهه مان لکنو آندو ويو. سيپٽمبر ۱۹۱۳ع ۾ مسلم ليگ مولانا محمدعلي ۽ سيد وزيرحسن کي هن مقصد سان برطانيہ موڪليو ته هو حڪومت برطانيہ کي آگاهه ڪن تہ حڪومت هند هڪ ظالمانہ حڪم سان ڪانپور جي هڪ پراڻي مسجد کي شهيد ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري هندستان جا مسلمان مظاهرن ڪرڻ لاءِ گهٽين ۾ نڪري آيا. انگلينڊ ۾ مولانا محمدعلي ۽ سيد وزيرحسن قائداعظم محمدعلي جناح سان ملاقات ڪئي، جيڪو ان وقت موڪلن تي هو. هنن قائداعظم کي مسلم ليگ ۾ اچڻ جي گذارش ڪئي. محمدعلي جناح هن شرط سان مسلم ليگ ۾ اچڻ جي هامي واري تہ: "سندس هيءَ قدم وسيع ترقي جي مفاد سان بيوفائي جو پاڇولو ٻہ نہ سمجهيو وڃي، جنهن لاءِ هن پنهنجي سڄي زندگي وقف ڪري ڇڏي." (۱) محمدعلي جناح جي مسلم ليگ ۽ ڪانگريس لاءِ اتصال واري حيثيت هئي. ڊسمبر ۱۹۱۳ع ۾ ڪراچي ۾ ڪوئايل ڪانگريس جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيو ۽ اجلاس کي خطاب ڪندي هن چيو تہ: "مون کي هن پليٽ فارم تان هن شهر ڪراچي ۾ خطاب ڪندي ڪيڏي نہ خوشي ٿي جو آءٌ هن ۾ ڄائو آهيان ۽ منهنجي پر ۾ منهنجا اهي دوست ٻہ آهن، جن سان مان ٻاروتڻ ۾ کيڏيو آهيان."

۱۹۱۴ع ۾ جنگ عظيم شروع ٿي چڪي هئي، انڪري مسلم ليگ ان سال پنهنجو ساليانو اجلاس سڏائي ڪونہ سگهي. ۱۹۱۵ع ۾ ڪانگريس بمبئي شهر ۾ ساليانو اجلاس ڪوٽايو. محمدعلي جناح ٻہ اهو فيصلو ڪيو تہ مسلم ليگ ٻہ بمبئي ۾ پنهنجو ساليانو اجلاس ساڳئي وقت تي ڪوٽائي. بمبئي جي گورنر مسٽر ولنگٽن انتظاميہ کي هٿي ڏني ڇڏي تہ مسلم ليگ جي راهہ ۾ رنڊڪون وجهن، جيئن جلسو ٿي نہ سگهي، مگر محمدعلي جناح ان للڪار کي قبول ڪيو. بمبئي جي آفيسر شاهي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي ڪامياب گڏيل اجلاس کان پريشان ٿي وئي. محمدعلي جناح ان مسلم ليگ اجلاس ۾ اها رٽ پيش ڪئي تہ هڪ ڪميٽي

---

(۱) نيدو، مروجي، متذڪرهٔ صدر.

ويهاري وڃي، جيڪا هندستان ۾ سياسي سڌارن لاءِ تجويزون ڪوليو. مولانا ابوالڪلام آزاد، جيڪو ان وقت مسلم ليگ ۾ هو، تنهن مسلم ليگ جي اڳواڻ محمدعلي جناح جي ان رٽ جي زبردست تائيد ڪئي ۽ ڪانگريس ۽ اهڙي مقصد سان هڪ ڪميٽي تشڪيل ڪئي. ٻئي ڪميٽيون ۱۹۱۶ع ۾ ڪلڪتي ۾ ملیون. سياسي سڌارن تي متفق ٿيا ۽ هڪ دستاويز تيار ڪيو ويو، جنهن کي "لکنو ناهم" سڏيو وڃي ٿو. قائداعظم محمد علي جناح لکنو ناهم جي پٽيرائي لاءِ هڪ ياداشت ناسو تيار ڪيو، جنهن تي امپريل ڪائونسل جي قانون ساز اداري جي ۱۹ ميمبرن-صحيحون ڪيون، جنهن کي ۱۹ جو ياداشت نامو ڪوئيو وڃي ٿو. ان ٺهراءِ ۾ مسلم ليگ اسيمبلي ۽ خود مڪاني چونڊن لاءِ غيرمخلوط چونڊ جو اصول قبول ڪيو ويو هو. ۱۹۱۶ع ۾ بمبئي جي صوبائي سياسي اجلاس کي احمد آباد ۾ خطاب ڪندي محمدعلي جناح چيو تم: "اقتدار اعلیٰ جو آفيسر شاهي کان عوام ڏانهن انتقال هندستان جي مسئلن جو اصلي روح آهي". ڪانگريس مسلم ليگ وارو لکنو ناهم، مانٽيگو چيلمسفورڊ جي ۱۹۱۹ع وارن سڌارن لاءِ جڙ هڪ رهنمائي اصول جو درجو رکي ٿو.

پهرين سيپٽمبر ۱۹۱۶ع تي ڊاڪٽر مسز اينيي بيسنٽ هوم رول ليگ شروع ڪئي. محمد علي جناح ۱۹۱۷ع ۾ ان جو ميمبر ۽ بمبئي برانچ جو صدر ٿيو. هن چيو تم، "هوم رول ليگ جي صدر جي حيثيت سان اهو ڏهرايان ٿو... جيڪي رٽون ۽ تجويزون اسان لکنو ٺهراءِ ۾ ڏنيون آهن، تن تي باضابطي عمل ڪيو وڃي". محمد علي جناح پهريون ۱۹۰۹ع ۾ امپريل قانون ساز جو ميمبر چونڊيو ويو هو، ۽ دوباره بمبئي مان به رفيع‌الدين احمد کي وڏيءَ گهٽائي سان شڪست ڏئي ڪامياب ٿيو. ساڳئي سال ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي گڏيل وفد جو ليڊر بنايو ويو تم جيئن انگلينڊ وڃي اتان جي عوام کي واقف ڪري تہ هندستان ۾ سڌارا لکنو ناهم ۾ ۱۹ جي ياداشت نامي جي روشني ۾ ڪيا وڃن. تيج بهادر ساپرو، سري نواسا شاستري ۽ سيد وزير حسن وفد جا ميمبر هئا. جنگ جي وڏي وڃ ڪري هندستان جي ڏاڙئي حڪمران جا حواس انتشار جو شڪار هئا. عين وقت تي مهاتما گانڌي هڪ سهڻي بت وانگر هند جي سياسي پردي تي اڀري رهيو هو. ان وقت فقط مهاتما گانڌي ۽ قائداعظم محمد علي جناح ۾ ماڻهو هئا، جن جو هندستان جي سياست تي قبضو هو. "مهاتما گانڌي هڪ تصوراتي ماڻهو هو، ڪيس ڏيکاءَ جي عادت هئي ۽ ڪجهار تن ۾ ڳالهائيندو هو... محمدعلي جناح ۾ اهي ڳالهيون ڪونہ هيون". (۱) ۳۰ اپريل ۱۹۱۸ع ۾ دهلي ۾ جنگ ڪانفرنس ٿي. ان وقت قائداعظم محمد علي جناح رٽ پيش ڪئي تہ هندستان ۾ آئيني سڌارا آڻڻا وڃن ۽ غير نمايان طور هندستانين جو جنگ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ذڪر ڪيو ۽ چيو تم،

---

(۱) مهتر، ايم. اي: "وي آف دي گريٽ الدين ڪانفلڪٽ" ص ۱۳.

"جيڪڏهن برطانيه جي مرضي آهي ته هندستان جنگ ۾ شريڪ ٿيندو، ته هندستان ۾ آئيني سڌارا ضرور آندا وڃن. مهاتما گانڌيءَ غير مشروط طور هندستاني ماڻهن جي فوج ۾ پرتي ۽ امداد جو يقين ڏياريو. ۸ جولاءِ ۱۹۱۸ع تي حڪومت مانٽيگو چلمسفورڊ سڌارا اخبارن ۾ ڏنا، جن جي گڏيل طريقي سان آڏرياڻ ڪيو ويو. مگر قائداعظم محمدعلي جناح چيو ته، هو هنن سڌارن کي هڪدم نامنظور نه ڪندو "پر ٿوري بحث مباحثي کان پوءِ انهن ۾ ردوبدل ڪندو". ۱۱ نومبر ۱۹۱۸ع تي صلح نامو عمل ۾ آيو. جنگ ختم ٿي ۽ ڊسمبر ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس دهلي ۾ گڏجاڻي ڪئي. مسلم ليگ جي صدارت مولوي فضل‌الحق ۽ ڪانگريس جي پنڊت مدن موهن مالويه ڪئي. مسلم ليگ سڌارن جي رٽ کي جزوي طور بحال ڪيو، پر ڪانگريس کلي طور انهن کي رد ڪري ڇڏيو. ڪانگريس جي اشارن تي هندستان جي وڏن وڏن شهرن ۾ مظاهرا ٿيا. پوءِ هڪدم حڪومت رولٽ ايڪٽ پاس ڪيو. رولٽ ايڪٽ واري بل تي ڪالهائيندي قائداعظم محمدعلي جناح چيو ته، "سنهنجو پهريون اعتراض اهو آهي ته هي ايڪٽ قانون ۽ انصاف جي مڪمل اصولن جي بلڪل خلاف آهي. مثال طور جيئن شاهدي ۽ طور طريقي جي مڪمل اصولن مطابق ته ڪنهن به ماڻهوءَ کان آزادي نه کسي ويندي، انصاف واري ڪاتي جي جاچ پڙتال کان سواءِ ڪنهن کي به آزاديءَ کان محروم نه ڪيو ويندو". مهاتما گانڌي ستياگره جي اپيل ڪئي. محمدعلي جناح جيئن ته آئيني ذهن رکندڙ هو تنهن وائسراءِ ڏانهن هڪ ڪليل خط لکيو، جنهن ۾ هن وائسراءِ کان ڪاري قانون کي واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو هو. هن لکيو هوس، "امن جي وقت اهڙو ڪارو قانون پاس ڪرڻ کان پوءِ حڪومت کي مهذب حڪومت سڏائڻ جو ڪو به حق ڪونهي". محمدعلي جناح قانون ساز اداري جي ميمبريءَ تان احتجاج طور استعيفا ڏئي ڇڏي.

مهاتما گانڌي ۶- اپريل ۱۹۱۹ع تي مڪمل هڙتال ڪرائي. هندستان جي ڪيترن شهرن ۾ فساد ٿيا. ۱۱- اپريل ۱۹۱۹ع امرتسر ٽاڻي تي سياسي اڳواڻن کي چڏائڻ لاءِ ماڻهن جو وڏو ميڙ ڪٺو ٿيو. پئي ڏينهن تي امرتسر جي شهرين جليان والا باغ ۾ احتجاجي جلسو ڪوٺايو. امرتسر شهر جنرل ڊائر جي وقتي سنڀال ۾ ڏنو ويو، جيئن هو نظم وضبط ڪري سگهي. سندس جنگي سپاهين، مشين گنن، رائفلن ۽ سنگينن سان جليان والا باغ ڏانهن پيش قدمي شروع ڪئي. اٽڪل ويهه هزار ماڻهو باغ ۾ موجود هئا. اتي پهچڻ سان جنرل ڊائر فوج کي پرامن ۽ بي‌هٿيار ماڻهن جي ميڙ ڏي تي، چتاءِ بنا، فائر ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته، "جيئن (سندس خيال موجب) بدد ماغ هندستاني کي سبق سکن." پنجاب مٿان هڪدم مارشل لا هنيو ويو. هن مارشل لا ۾ گهٽو مسلمانن جو نقصان ٿيو. ۱۹۲۰ع ۾ برطانيه جي

پارليامينٽ ڏانهن هڪ ڪچو چٺو موڪليو ويو، جنهن مارشل لا جي سختيءَ جي منظوري ڏني. ڪموڪي، مريدڪي ۽ نروار ڳوٺن تي باقاعده بم اڇلايا ويا هئا. ڳوٺن جي چگن‌مڙسن کي ڪلهي عام ڦڪن جي سزا ڏني وئي ته هو جيئن "پاڻ بہ چپ رهن ۽ ڳوٺاڻن کي بہ چپ رهڻ جي تلقين ڪن". (۱) پنجاب جي مسلمانن جي هن الميہ تي قائداعظم کي تمام وڏو دلي صدمو رسيو. "مسلمانن کي سڀ کان وڌيڪ نقصان رسيو". (۲) هتي هندستان ۾ وڏي قضيہ جي ڪري ماڻهو متل هو ۽ جنرل ڊاير مٿان ڦٽڪار وسندي رهي، هوڏانهن انگلينڊ ۾ جنرل ڊاير جا مداح انعام لاءِ چندو ڪٺو ڪرڻ ۾ رڌل هئا. سر والنٽائين کيرول لکيو ته، "پنجاب حڪومت اڃا رنن زالن ۽ يتيمن جي ڏڪا جو زالو نہ ڪري سگهي آهي ته اسان جو انگريزي عوام پنهنجو پنڻون کولي جنرل ڊاير جا کيسا پوري رهيو آهي." (۳) جليان والا باغ ۾ ۲۰۰۰ ماڻهو شهيد ٿيا. "پر اوچتوئي اوچتو انقلاب جو اڳواڻ مهاتما گانڌي پيلو نظر اچڻ لڳو. هن کي وڏو صدمو رسيو. هن پنهنجي غلطي محسوس ڪئي ۽ قبول ڪيو ته اها غلطي هماليہ جيتري وڏي هئي". (۴) هن وقت مهاتما گانڌي ڪانگريس ۾ هوم رول ليگ جو عظيم ليڈر هو ۽ محمدعلي جناح هڪ عام ميمبر. گانڌيءَ جي غلط فيصلن سبب محمدعلي جناح احتجاج طور ۳- آڪٽوبر ۱۹۲۰ع ۾ هوم رول ليگ تان استعيفا ڏني. ناگپور جي اجلاس ۾ مهاتما گانڌي عدم تعاون جي تحريڪ جي رٽ پيش ڪئي، جنهن کي گهٽو ڪري سيني اڳواڻن جي حمايت حاصل هئي. محمدعلي اعتراض ڪرڻ لاءِ اٿي بيٺو. "مان هن رٽ جي مخالفت ڪريان ٿو"... جا الفاظ چيائين ته جلسي وارن مٿس چٽرون ۽ نعرا هڻي شور ڪيو. شور ۾ هل ۾ محمدعلي جناح جو آواز دٻجي ويو. پر پوءِ هو پنجاهہ هزار جي وڏي ميڙ کي خطاب ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن عوام کي متاثر ته ڪيو پر انهن کان ووٽ وٺي نہ سگهيو. ناگپور جي عوامي گڏجاڻيءَ کان پوءِ بمبئيءَ ۾ عوامي اجلاس ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ هن چيو ته، "مون کي يقين آهي ته هي (مهاتما) ملڪ کي تمام غلط رستي ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي". ناگپور واري اجلاس کان پوءِ محمدعلي جناح ڪانگريس تان استعيفا ڏئي ڇڏي. محمدعلي جناح اهنسا ۽ عدم تعاون واريں تحريڪن بابت سچ کي ثابت ڪري رهيو هو. هن چيو ته "اسان انساني فطرت کي شايد وساري ڇڏيو آهي". ملڪ اندر سارڏاڙ، لٽن ڦرن ۽ باهين ڏيڻ جا کيترا واقعا ٿي گذريا آهن. ۱۹۲۲ع ۾

---

(۱) هارليمن، بي. جي: "امرتسر اينڊ آور ڊيوٽي ٽو انڊيا" ص ۱۳۳.
(۲) ايضاً، ص ۳۲.
(۳) ڪيرول، سروالنٽائين: "انڊيا اولڊ اينڊ نيو" ص ۱۸۴-۱۸۵.
(۴) منشي، ڪي. ايم: "آئي فالو دي مهاتما" ص ۶-۷.

بمبئي ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ ٽن سيڪريٽرين مان هيڪ به هو. هن اجلاس ۾ تعزيراتي فارمولي کي واپس وٺڻ، شيڊيشر ميٽنگ جي قانون ۾ ترميم ڪرڻ ۽ ڪانگريس، ليگ ۽ حڪومت جي وچ ۾ گول ميز ڪانفرنس جي انعقاد لاءِ مطالبا ڪيا ويا هئا.

محمدعلي جناح ۱۶ ورهين جي ڇمار ۾ ۱۸۹۲ع ۾ ايمي بائي سان شادي ڪئي هئي، جيڪا شاديءَ کان ست ٻوءِ وفات ڪري وئي. ۱۹۱۷ع ۾ هن جي عمر ۴۱ سال ٿي چڪي هئي ۽ پهرين زال جي وفات کان ٻوءِ هو واندو ويٺو هو، پر ۱۹۱۷ع ۾ هن کي سوڊنش ۽ ليڊي پيٽٽ جي نهايت خوبصورت ڌي، نوخيز پارسي رتنا بائي سان محبت ٿي ويئي. هنن ڪلڪتي ۾ ۱۸- اپريل ۱۹۱۸ع تي شادي ڪئي. "مس رتنا بائي مسٽر ڊنشا- پيٽٽ جي اڪيلي ڌيءَ، ڪلهه مسلمان ٿي ۽ اڄ عزت‌مآب ايم- اي- جناح سان شادي ڪرڻ واري آهي". (۱) هوءَ سونهن، سوڀيا ۽ عقل ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. "اڄ دنيا ۾ ڪابه عورت ڪانهي، جيڪا سندس سونهن سوڀيا ۾ مقابلو ڪري سگهي". (۲) رتنا بائي سان محمدعلي جناح کي فقط هڪ چوڪري ڏينا ۱۵- آگسٽ ۱۹۱۹ع تي ڄائي. رتنا بائي ۱۹۲۸ع ۾ وفات ڪئي. "رتنا محمدعلي جناح سان سياسي ڪمن ڪارين ۾ پاڻ ۾ دلچسپي وٺندي هئي ۽ بحث مباحثن ۾ حصو وٺندي هئي. هن کي اميد هئي ته ملڪ کي هڪ ڏينهن آزادي ملندي". (۳)

۱۹۲۳ع ۾ اپريل ڪائونسل جي بمبئي مان چونڊ لڑڻ واسطي ووٽرن کي هڪ اپيل ۾ لکيو ته: "منهنجي چونڊ لڑڻ جو فقط اهوئي مقصد آهي ته مون کان جيترو ٿي سگهي، اوهان جي مفادن جو وڌ ۾ وڌ تحفظ ڪريان". هو بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنو ويو. ۱۹۲۴ع ۾ لاهور ۾ مسلم ليگ جو ڪليو اجلاس ٿيو هو، جنهن جي صدارت قائداعظم ڪئي. پنهنجي صدارتي تقرير ۾ هن چيو ته: "آزادي هندو-مسلم اتحاد سان ڈي وٺ جوگي آهي". گانڌي پنهنجي هڪ جدا بيان ۾ چيو ته: "مان جناح سان متفق آهيان ته هندو-مسلم اتحاد جو مطلب آزادي آهي". جولاءِ ۱۹۲۵ع ۾ دهلي، الہ آباد ۽ ڪلڪتي ۾ هندو-مسلم خوني فساد ٿيا. اهي گهٽي وقت تائين سياسي زندگي لاءِ سوڏي مرض بنيا رهيا. مئي ۱۹۲۷ع ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا اعلان ڪيو ته سائمن ڪميشن مقرر ڪئي وئي آهي، جيڪا هندستان جي حالتن جو جائزو وٺي رپورٽ ڏيندي. قائداعظم وڏي غصي سان اعتراض ڪيو ته هڪ به هندستاني کونہ آهي. سندس چوڻ تي هڪ احتجاجي گڏجاڻي ڪوٺائي

---

(۱) "دي اسٽيٽس من" ڪلڪتو، ۱۹-۴-۱۹۱۸ع.

(۲) هولٽو، هيڪٽر: "جناح" ص ۱۹۲ (هيڪٽر هولٽو کي ديوان چمن لال ٻڌايو).

(۳) دوارڪاداس، ڪانجي: "رتي جناح" بمبئي، ص ۱۶.

وئي، جيڪا بمبئي ۾ ۱۹ نومبر ۱۹۲۷ع ۾ گڏ ٿي. جنهن ۾ قائداعظم رڻ ڏني ته: "جنهن بي جان بٽ وانگر ڪميشن بنائي هندستان موڪلي پئي وڃي، سا هندستان لاءِ قابل قبول نه آهي". ۳ فيبروري ۱۹۲۸ع تي سائمن ڪميشن بمبئي ۾ ٿي. ان جو ڪارن جهنڊن سان استقبال ڪيو ويو. هر شهر ۾ "سائمن موٽي وڃ" جا ڪميشن نعرا پڏا. پوءِ اها ڪنهن ٻئي شهر ۾ نه وئي. ۳۱ مارچ تي سائمن ڪميشن سخت ناڪاميءَ جو منهن ڏسي واپس موٽي وئي.

۲۰- مارچ ۱۹۲۷ع تي محمد علي جناح جي چوٽ تي مسلم ليگ جي اڳواڻن جي اها گڏجاڻي دهليءَ ۾ ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ يڪراءِ سان رڻ پاس ڪئي وئي، جنهن ۾ اهو چاڻايو ويو ته سڏارن ۾ مسلم مطالبن ڪي به نظر ۾ رکيو وڃي. قائد اعظم جي تعريف ڪندي، ايم. سي. چاڪلا چيو ته "اهو محمد علي جناح جي جادوءَ جي ڏنڊيءَ جو ڪرشمو آهي ته جيڪو ڪم ناممڪن هو، سو ممڪن پيو نظر اچي". دهليءَ رڻ کي بعد ۾ جناح جي اڳواڻيءَ هيٺ "مسلمانن جا مطالبا" جي نالي سان ڪوٺيو ويو، جنهن کي ٽورو وقت پوءِ هندن جي طرفان ڪنهن نه ڪنهن طور پسند ڪيو ويو. آخر مدراس جي ڪانگريس اجلاس ۾ نهرو (موتي لال) ڪميٽي ٺاهي وئي. قائد اعظم محمد علي جناح مارچ ۱۹۲۹ع ۾ مسلم ليگ جي دهلي اجلاس ۾ چوڏهن نڪتن واري رڻ پيش ڪئي، جنهن ۾ مسلم ليگ نهرو رپورٽ جي مخالفت ڪئي. ساڳئي سال جي مئي واري مهيني ۾ انگلينڊ جي ليبر پارٽي اقتدار ۾ آئي، جنهن جو وزير اعظم مسٽر رامسي ميڪڊونالڊ ٻڌيو. آڪٽوبر ۾ لارڊ ارون هندستان جي وائسراءِ هڪ بيان جاري ڪيو، جنهن ۾ هن چاڻايو ته برطانيه جي حڪومت هندوستان جي اڳواڻن جا سياسي خيال معلوم ڪرڻ چاهي ٿي ته جيئن ايندڙ سڏارا انهن جي روشنيءَ ۾ ڪيا وڃن. قائد اعظم هڪ عوامي پڏرائيءَ ۾ چيو ته "اسان کي پورو پورو يروسو آهي ته هندوستان جا نمائندا جيڪي عاليجاه جي حڪومت سان مقابلا ڪندا، سي اهڙا ٿي هوندا، جيڪي هندوستاني عوام جي وڏي اعتماد سان سندن وري نمائندگي ڪندا". هندوستان جي وائسراءِ جي بيان جي نتيجي ۾ گول ميز ڪانفرنس لنڊن ۾ سڏائي وئي ۽ سڀ کان پهرين محمد علي جناح کي هندوستان جي مسلمانن جي نمائندگي واسطي دعوت ڏني وئي. ۲۰- نومبر ۱۹۳۰ع تي افتتاحي تقرير ۾ هن چيو ته "مون کي خوشي آهي، جو اسان هندوستان جي ٽئين ملڪ جو جنم ڏسي رهيا آهيون... اتي هندوستان ۾ ڪنهن به فرقي جو ڪو اهڙو ماڻهو ڪونهي، جنهن وڏي جذبي سان ان خيال جو اظهار نه ڪيو هجي ته هندوستان کي پنهنجي مڪاني حڪومت نه هجي... مسلمان پنهنجي برادريءَ جي بچاءَ جي گهر کن ٿا". قائداعظم محمد علي جناح پهرين گول ميز ڪانفرنس ۾ هندوستان لاءِ عام طور ۽ مسلمانن لاءِ خاص طور هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو. سروجني نئڊو، محمد علي جناح جي گول ميز

ڪانفرنس ۾ سنڌ سڪردار متعلق لکيو آهي تہ "جناح جڏهن ڪميٽيءَ کي پنهنجي حاضريءَ جو شرف بخشيو، تڏهن سنڌ موثر قوت ۽ بهترين اظهار خيال ۽ بي مثال دلائل ۽ صحيح اندازو ان ڪانفرنس ۾ ظاهر ٿيو ۽ مسلمان صحيح طريقي ۽ پوري نموني سان سنڌ پٽيءَ لڳا" (۱).

پهرين گول ميز ڪانفرنس کان پوءِ هن انگلينڊ ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو ۽ پروي ڪائونسل ۾ وڪالت شروع ڪيائين ۽ وقتي طور هندوستان جي سياسي ڪارگذارين کي ڇڏي ڏنائين.

اپريل ۱۹۳۴ع ۾ هُو واپس هندوستان موٽي آيو ۽ سياست ۾ پرپور حصو وٺڻ لڳو. ساڳئي مهيني مسلم ليگ ڪائونسل جي صدارت ڪندي، هن تقرير ۾ چيو تہ "مسلمان پنهنجي قومي مڪاني حڪومت جي مطالبي ۾ باخبر آهن". آڪٽوبر ۱۹۳۴ع ۾ مرڪزي اسيمبليءَ ۾ بنامقابلي جي چونڊيو ويو ۽ مرڪزي اسيمبليءَ ۾ آزاد پارٽيءَ جو اڳواڻ ٿيو. ان پارٽيءَ جا ميمبر گهڻو ڪري مسلمان هئا. فيبروري ۱۹۳۵ع ۾ هن اسيمبليءَ کي خطاب ڪندي چيو تہ "ان گول ميز ڪانفرنس جي آخري نشست ۾ مدعو ڪونہ هيس، چو تہ وفاقي رٽ جو آءٌ هڪ قوي ۽ وڏو مخالف هوس. عاليجاه جي حڪومت ۲- جولاءِ تي ۱۹۳۵ع واري انڊيا ائڪٽ جي منظوري ڏني. قائد اعظم آڪٽوبر ۱۹۳۵ع تي تبصرو ڪندي چيو تہ "هيءَ دستور اسان جي مٿان مڙهيو ويو آهي". جڏهن گورنمينٽ آف انڊيا ۱۹۳۵ع ايڪٽ تحت فيبروري ۱۹۳۷ع ۾ چونڊون شروع ٿيون تہ مسلم ليگ قائد اعظم جي اڳواڻيءَ ۾ چونڊ لڙڻ واسطي پهريون پيرو پارليامينٽري بورڊ بنايو. ڪانگريس يارهن صوبن مان پنجن صوبن ۾ وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ مسلم ليگ کي خاص ڪاميابي حاصل ڪونہ ٿي. اهي ۴۸۴ مسلمان ميمبرن مان فقط ۱۰۸ نشستون حاصل ڪري سگهيا. ڪانگريس اڪثريت وارن صوبن ۾ پنهنجا اختيار سنڀاليا ۽ اقتدار جي شراب جي نشي ۾ مدهوش ٿي وئي. جواهرلال نهرو ان جي صدر جي حيثيت ۾ غير ذمہ دارانہ بيان ڏنا، جڪ هندوستان ۾ ڪانگريس ٽي سيڪ ڪجهہ هئي. قائد اعظم حاضر جوابيءَ ۾ بيان ڏنو ۽ چيو تہ "هو سڄي دنيا جو يار پنهنجي ڪلهي تي سمجهي ٿو. پنهنجي ڪم ۾ خيال ڪرڻ بجاءِ پرائي ڪم ۾ هروپرو ٿہ پنهنجي ٽنگ اڙائي ٿو". مسلم ليگ جي مرڪزي آفيس ۾ مسلمانن جون شڪايتون پهچڻ لڳيون تہ هندو وزيرن پنهنجن صوبن ۾ مسلمانن کي ايذاءَ ۽ عدم مساوات جو شڪار بنايو آهي. ۲۰- مارچ ۱۹۳۸ع تي مسلم ليگ هڪ ڪاميٽي ٺاهي، جيئن مسلمانن جي تڪليفن جي سببن جي چنڊ چاڻ ڪري ۽ مرڪزي رپورٽ پيش ڪري. ان ڪاميٽيءَ جو

---

(۱) آغاخان: متذڪرهٔ صدر، ص ۲۹۵.

روح روان پيرپور جو راجا هو. سندس رپورٽ کي پيرپور جي رپورٽ جي تالي سڏيو ويو ٿو. ان رپورٽ ۾ ڪانگريس حڪومتن جي سندس ظلمن جي ڪري خوب مذمت ڪئي وئي هئي. ڪانگريس جو صدر سپاش چندرا بوس هو. هن ۽ قائد اعظم جي وچ ۾ ڏگهيون ڏگهيون لکپڑهون هلنديون هيون ته ڪانگريس ۽ مسلم ليگ، جن ڏار ڏار هندن ۽ مسلمانن جي مفاد جو تحفظ ٿي ڪيو، سي ڪنهن جاءَ تي ملن ۽ جيڪي تڪرار ۽ ڏڦيڙ ۽ جيڪي هڪ ٻئي لاءِ شڪايتون آهن، تن کي دور ڪن. سپاش چندرا بوس قائد اعظم ڏانهن لکيو ته "ورڪنگ ڪميٽيءَ کي ايڏو اختيار نه آهي ته اها پنهنجي ڏرين جي وچ ۾ تڪرار نبيري سگهي". هندو مسلم مسئلي نبيرڻ لاءِ آخري موقعو به هليو ويو. "ڪانگريس جيڪڏهن مسلم ليگ سان سڌو برتاءَ ڪري ها ته پاڪستان وجود ۾ نه اچي سگهي ها"(۱). جواهرلال نهرو ڪانگريس پارٽيءَ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو هو، جنهن چيو ته "هندوستان ۾ فقط ٻه پارٽيون آهن، هڪ آهي انگريز ۽ ٻي آهي ڪانگريس". قائد اعظم گجگوڙ ڪندي جواب ڏنو هو ته "نه، ٽين پارٽي به آهي، جا آهي مسلمان."

مسلم ليگ تنظيم ۽ تشهير جي لحاظ کان ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي چڪي هئي. آڪٽوبر ۱۹۳۷ع ۾ لکنو اجلاس ۾ مسلم ليگ پنهنجي صدر قائد اعظم کي اهو اختيار ڏنو ته "هو مرڪزي قانون ساز اداري ۾ مسلم ليگ پارٽي بنائي". اهڙي نموني صوبن ۾ به مسلم ليگ پارٽيون بنايون وڃن. مسلم ليگ اڪثي وڏي رهي هئي. اها هاڻي پاڻ کي اقليت نه سمجهي رهي هئي ته جيئن ڪنهن کي ايلاز منڊون ڪري پنهنجي مفادن جو تحفظ ڪري سگهي ۽ رعايتون وٺي. ۱۹۳۵ع واري ايڪٽ کي صوبائي گورنرن پنهنجي طريقي سان سمجهڻ سبب، صوبائي گورنرن ۽ ڪانگريس پارٽي ۾ تفريق پئجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ ۲۲- آڪٽوبر ۱۹۳۹ع ۾ ڪانگريسي وزيرن استعفائون ڏنيون ۽ قائد اعظم مسلمانن کي گذارش ڪئي ته هو ۲۲ ڊسمبر ۱۹۳۹ع تي "يوم نجات" ملهائين. ۲۲ مارچ ۱۹۴۰ع تي هڪ تاريخي مسلم ليگ اجلاس لاهور ۾ ڪڏيو، جنهن جي صدارت قائد اعظم ڪئي ۽ پاڪستان ٺهراءَ پيش ڪيو، جو بحال ڪيو ويو، جنهن ۾ چيو ويو ته "اتر اولهه ۽ اوپر هندستان وارن پاڻ کي ڪڏائي جدا رياستون بنايون وڃن، جنهن ۾ شامل ٿيندڙ علائقا هڪ مڪمل آزاد رياست جي روپ ۾ هوندا." اجلاس کان پوءِ قائد اعظم سيڪريٽري کي چيو ته "اقبال اڄ اسان ۾ ڪونهي، پر اڄ اسان ڪيس زندهه ڪيو آهي. هو ضرور ڏسي ڏاڍو خوش ٿئي ها ته اسان اهو ڪجهه ڪيو آهي، جيڪو هن چاهيو ٿي".

---

(۱) برائيٽ، ايس. جڪٽ، "سپاش بوس اينڊ هز آئيڊيالز" لاهور، انڊين پرنٽنگ ورڪس، ۱۹۴۶ع

ٻي جنگ عظيم ۱۹۳۷ع ۾ ٿي ۽ ۱۹۴۰ع ۾ جنگ جا اڳرا نتيجا اتحادين جي نقصان ۾ وڃي رهيا هئا، جن جو هندستان جي مستقبل تي اثر پئجي رهيو هو. ۸ آگسٽ ۱۹۴۰ع تي وائسراءِ هند کي آڇون ڪيون، جن کي "آگسٽ جون آڇون" چيو وڃي ٿو. ۳۱ آگسٽ کان ۲ سيپٽمبر تائين بمبئي مسلم ليگ ورڪنگ ڪميٽيءَ جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ "ان شهنشاهه برطانيه جي حڪومت جو شڪريو ٻڌايو، جنهن مسلم ليگ جي مطالبن کي پورو ڪيو... مسلم ليگ اهو وري به ثابت ڪيو ته مسلمان هندستان جي هڪ الڳ قوم آهن"، پر ساڳئي سال جي سيپٽمبر ۾ مسلم ليگ "آگسٽ آڇن" جي مذمت ڪئي. ان وقت جاپان اتحادين خلاف جنگ ۾ ٽپي پيو هو ۽ اهو هندستان لاءِ هڪ وڏو خطرو هو. برطانيه جي حڪومت هن تاڙ ويٺي هئي ته جنگ وقت هن کي سياسي پارٽين جي امداد جي ضرورت آهي. مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽي ڊسمبر ۱۹۴۱ع ۾ ملي، جنهن ملڪي بچاءَ جو بار هن شرط سان خوشيءَ سان کڻڻ قبول ڪيو ته "مسلمانن کي مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن ۾ مناسب حصو ملندو." ۲۲ مارچ، سر اسٽفورڊ ڪرپس سياسي مشن وٺي هندستان آيو. ڪرپس جي اعلان "مسلمانن جي ڪجهه مسئلن کي حل ڪيو، پر گهڻو نه، ڪانگريس لاءِ ان گهڻو ڪجهه ڪيو(۱)". اپريل ۱۹۴۲ع ۾ مسلم ليگ الهه آباد ۾ گڏجاڻي ڪئي، "جتي هنن اهو ظاهر ڪيو ته اڄ سڈيءَ طرح پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جا امڪان ظاهر ٿي چڪا آهن... پر ان تي افسوس ڪيو ته ردوبدل لاءِ رٽون ڇڻيون نه آهن. وڌيڪ چيو ته... ڪاميٽي وٽ موجوده رٽن کي ٽڏي ڇڏڻ کان سواءِ ڪو ٻيو رستو ڪونهي. ۲۴ ڊسمبر ۱۹۴۳ع ۾ ڪراچي ۾ مسلم ليگ جي اجلاس کي خطاب ڪندي قائداعظم چيو ته "اسان جي پٽيان لڪين ماٺهو آهن، پنهنجو جهنڊو آهي. پنهنجو پليٽ فارم آهي ۽ هاڻي اسان کي پاڪستان جو پورو يقين ٿي چڪو آهي... تون اسان کي تباهه نه ڪري سگهندين... برطانيه کي هندستان ڇڏڻو پوندو... ۽ ورهاڱو ڪرڻو پوندو".

قائداعظم جي جواني نه رهي هئي، صحت به خراب رهندي هيس، مگر ان هوندي به هندستان ۾ طوفان وانگر ڦهلجي چڪو هو. هن مسلم ليگ جي تنظيم بابت هدايتون ٿي ڏنيون، لاحئه عمل ٿي سوچيو، ڪين محسوس ٿي ڪرايو ته پاڪستان سندن مقدر آهي. ۱۱- مارچ ۱۹۴۴ع ۾ عليگڙهه جي شاگردن کي خطاب ڪندي فرمايو ته "اسان پنهنجي منزل کي ويجهي ڪان ويجها ٿيندا پيا وڃون." مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي ويچ ۽ وٽين کي ختم ڪرڻ واسطي قائداعظم محمد علي جناح ۽ مهاتما گانڌي جي وچ ۾ ۹- سيپٽمبر کان ۲۷- سيپٽمبر تائين بمبئي ۾ مسلسل گڏجاڻيون ٿيندیون

---

(۱) ڪوپلينڊ، آر: "دي ڪرپس مشن" ص ۳۶.

رهيون، مگر ڳالهيون ناڪاميابَ ٿيون ۽ قائداعظم هڪ بيان جاري ڪيو، جنهن ۾ هن چيو تہ، "لاهور قرارداد موجب هندستان جي ورهاڱي ۾ نہ فقط مسلمانن پر پين جو به پلو آهي". گانڌي لکيو تہ، "هندستان جو ورهاڱو پن پاڻرن جو ورهاڱو آهي". معلوم ٿئي ٿو تہ، ڪانگريس پاڪستان جي يقين منطق کي قبول ڪرڻ لاءِ پاسو بدلايو هو. مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي وچ ۾ ڳالهين جي ناڪامي جو سبب سمجهائيندي لوئس فچر لکيو آهي تہ، "گانڌي ۽ جناح جي وچ ۾ ۽ قومي نظريو هڪ ديوار بنيل هو" (۱).

ٻي عظيم جنگ اتحادين جي فائدي ۾ وڃي رهي هئي ۽ هندستان جي وائسراءِ لارڊ ويول شهنشاهہ برطانيہ جي حڪومت ڏانهن هڪ ياداشتنامو موڪليو، جيڪو حڪومت جي خيال ۾ هڪ انقلابي نظريو هو. ان وقت ڪانگريس پولاپائي ڊيسائي جي اڳواڻي ۾ مرڪزي قانون ساز اداري ۾ پنهنجي حيثيت کي وڌيڪ مستحڪم ڪري ورتو هو. ان زماني ۾ لارڊ ويول انگلنڊ ويو، موٽي اچڻ تي هڪ بيان رستي اعلان ڪيو تہ مسلمانن ۽ هندن جي انتظامي ڪائونسل ڪوئائي ويندي، جنهن جا سيمبر "هڪجيترا هوندا". اجلاس ۲۵- جون ۱۹۴۴ع تي شملا ۾ ڪٺو ٿيو، جنهن کي "شملا اجلاس" ڪوئيو وڃي ٿو. "شملا ڪانفرنس" ملڪ کي متحد رکڻ لاءِ هڪ آخري محاذ هو ۽ جڏهن جنگ ختم ٿي تہ اشتراڪي قوت جي لهر ان کي وکوڙي ويئي، فقط هابسن جي ورهاڱي واري پسند وڃي رهي" (۲).

شملا ڪانفرنس هلي رهي هئي تہ انگلينڊ ۾ سياسي صورتحال بدلجڻ شروع ڪيو. چرچل جي جنگي وزارت کي پنهنجا ٽپڙ ويڙهٽا پيا. ليبر پارٽيءَ جي اڳواڻ ڪليمنٽ ايٽلي وزيراعظم ۽ لارڊ پٿڪ لارينس سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا ٿيو.

ڊسمبر ۱۹۴۵ع ۾ مرڪزي چونڊون ٿيون، جنهن ۾ مسلم ليگ پاڪستان جي بنياد تي چونڊ لڑي ۽ مسلمان نشستن مان ستاسي سيڪڙو حاصل ڪيو. قائداعظم اعلان ڪيو تہ ۱۱- جنوري ۱۹۴۶ع تي سڄي هندستان ۾ مسلمان "يوم فتح" ملهائين. ۱۹۴۶ع جي شروعات ۾ قائداعظم ستن چٽن جي هڪ ڪميٽي ٺاهي، جنهن جو سيڪريٽري مون کي بنايو ويو. منهنجو ڪم اهو هو تہ آڳ سنڌ قانون ساز اداري جي پنجٽيهہ نشستن لاءِ چونڊ واسطي باقاعدي بندوبست رکان. مسلمانن جي اڪيلي زناني سيٽ تي جينوپائي بيگم جي. الانا بنان مقابلي ڪامياب ٿي آڏي ۽ ٿيهن پين نشستن ڪٽڻ بابت اسان کي يقين هو. اسان کي دادو ضلعي جي نشست واسطي يقين ڪونہ هو، چو تہ اتي، حيدرآباد جي ليگي اميدوار قاضي محمد اڪبر جي مقابلي ۾

---

(۱) فچر، لوئس: "دي لائيف آف مهاتما گانڌي" پارٽ ٿو، ص ۱۹۵.

(۲) مڻن، وي. پي: "دي ٽرانسفر آف پاور ان انڊيا".

دادو ضلعي جي طاقتور قوت، جي. ايم. سيد، ضلعي جي مضبوط سيد ۽ پير جي روپ ۾ موجود هئي. قائداعظم سون کي هن اليڪشن واسطي ضرورت کان وڌيڪ پئسا ڏنا ۽ چوندڙ کان ٻه هفتا اڳ جڏهن ٻيهر ڪراچي آيو تہ وري ٻہ هن سون کي پئسا ڏنا. قائداعظم چيو تہ جي. ايم. سيد واري نشست ڪٿ اسان لاءِ وڏي اهميت جي حامل آهي، سڄي هندستان جون نظرون ان چوندڙ ۾ ڪتل آهن. هن سون کي الوداعي نصيحت ۾ چيو تہ، "جيتوڻيڪ چوندڙ وارو مرحلو هينئر نازڪ موڙ ۾ داخل ٿي چڪو آهي، پر اهو خيال ضرور رکيو وڃي تہ چوندڙ ۾ بي ايماني وارا اپاءَ اختيار نہ ڪيا وڃن... ماڻ اهو نڪو چاهيان تہ تون ووٽرن کي رشوت ڏئين... اهو ڏوهہ آهي، آءٌ دوکي ۽ بي ايماني کان وڌيڪ شڪست کي پسند ڪريان ٿو". سون قائد جي نصيحت تي اکر بہ اکر عمل ڪيو ۽ اسان سنڌ ۾ سڀ مسلم نشستون کٽي ورتيون.

۲۴- مارچ ۱۹۴۶ع تي ڪئبينيٽ مشن هندستان آئي ۽ ۴- اپريل تي دهليءَ ۾ قائداعظم مشن جي ميمبرن سان ملاقات ڪئي. مشن کي اهو ڊيڪارڊ واسطي تہ هندستان جا مسلمان پاڪستان جي نظريہ جي پٽيرائي ڪري رهيا آهن، قائداعظم صوبائي ۽ مرڪزي قانون ساز ادارن جي مسلم ليگي ڪامياب ميمبرن جي گڏجاڻي ڪوٺائي. گڏجاڻي پنهنجي ڪارروائي ۹- اپريل ۱۹۴۶ع تي شروع ڪئي. مرحوم حسين شهيد سهروردي رٽ پيش ڪئي تہ هندستان جي مسلمانن جو بچاءَ فقط پاڪستان بنجڻ ۾ آهي، جيڪا متفق طور بحال ڪئي وئي. گڏجاڻي جي آخر ۾ قائداعظم چيو تہ: "سياسي اقتدار کان سواءِ اوهان پنهنجي ايمان ۽ معاشي معاملات جو تحفظ ڪيئن ڪري سگهندؤ؟"

ڪئبينيٽ مشن ۵- مئي تي شملا ۾ اجلاس ڪوٺايو، جنهن ۾ چئن نامور مسلم ليگي اڳواڻن قائد جي سربراهي ۾ حصو ورتو ۽ ڪانگريس مان ٻہ چار ميمبر هئا. ۱۵- تي ڪئبينيٽ مشن پنهنجي ناڪاميءَ جي اعتراف ۾ هڪ بيان ڏيو.

۶- جون ۱۹۴۶ع تي قائد اعظم مسلم ليگ ڪائونسل جي دهلي ۾ گڏجاڻي ڪوٺائي، جنهن ۾ ترت قدم لاءِ فيصلا ڪيا ويا. "اهو طئي ڪيو ويو تہ ڪئبينيٽ مشن اڄ سڏي طرح پاڪستان جي رٽ کي قبول ڪري چڪي آهي ۽ مسلم ليگ ڪائونسل کي هڪ دستور ساز مجلس بنائڻ گهرجي. جيڪڏهن منفي حالات سنهن ۾ اچن تہ پوءِ ٽوري ڏئي ڇڏجي. مجلس عمل اهو بہ فيصلو ڪيو تہ ۱۶ آگسٽ ۱۹۴۶ع تي "سڌي قدم" جو ڏينهن ملهايو وڃي. فرقيوارانہ فسادن، حالتن کي دگرگون ڪري ڇڏيو. قتل ۽ غارتگري روزمره جو ڏنڊو ٿي ويو. بهار جي مسلمانن تي ظلم ۽ تشدد ڏسندي خود مهاتما گانڌي اهو قبول ڪيو تہ: "جيڪي سون ان ڏينهن صبح جو ڏٺو، تنهن ماڻ سون کي ڏاڍو صدمو رسيو ۽ منهنجو يقين بهاري

هندوءَ جي وعدي مان نڪري چڪو آهي".(۱) ۲۵- آڪٽوبر ۱۹۴۶ع تي مسلم ليگ مرڪزي وزارت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ فيصلو ڪيو. هندستان جي عبوري حڪومت ۾ مسلم ليگ جي شرڪت هندستان ۾ پاڪستان جي وجود جو نشان رهي هئي. "جيڪو ڪجهه ڊڪيل ڇپيل هو، سو ظاهر ٿي چڪو هو. جيڪو گمنام هو، تنهن کي نالو ڏنو ويو."(۲) ۲- ڊسمبر ۱۹۴۶ع تي دعوت ملڻ تي قائداعظم، لياقت عليخان جواهرلال نهرو ۽ بلديوسنگهه هندستان جي سياسي حالتن تي سوچ خاطر سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا سان ملڻ لاءِ لنڊن روانا ٿيا. گالهيون ناڪام ٿيون. ۲۰ فيبروري ۱۹۴۷ع تي وزيراعظم ايٽلي هڪ بيان جاري ڪيو ته: "اهو اسان جو پڪو ارادو آهي ته اسان هندستان ۾ اقتدار منتقل ڪريون. اقتدار جون واڳون ذميدار هندستانين کي ڏيون ۽ اهو عملي ڪم جون ۱۹۴۸ع کان اڳ ٿيڻ گهرجي".

۲۴- مارچ ۱۹۴۷ع تي لارڊ مائونٽ بيٽن، لارڊ ويول کان وائسراءِ جي چارج ورتي. هو جون ۱۹۴۸ع کان اڳ هندستان ۾ اقتدار منتقل ڪرڻ جي ارادي سان پهتو هو. نئين وائسراءِ محمدعلي جناح ۽ مهاتما گانڌي کي گالهين لاءِ مدعو ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ اڳواڻن ۾ فرقن کي جهگڙي فساد بند ڪرڻ لاءِ اپيلون ڪيون. قائداعظم سندس ڀيڻ مس فاطمه جناح جي مان ۾ ڏنل هڪ خانگي دعوت ۾ چيو ته، "مون کي پاڪستان کان محروم ڪرڻ لاءِ ڪانگريس ورثي طور هرشيءَ تي قبضو ڪرڻ چاهي ٿي، پوءِ سندس ڪچيءَ جا ڪٽ چونڊ هجن"(۳). هندستان جو وائسراءِ شخصي طور گالهائڻ ۽ برطانيه حڪومت جا خيال معلوم ڪرڻ لاءِ انگلنڊ ويو ۽ ۳۱- مئي ۱۹۴۶ع تي دهلي واپس وريو. وائسراءِ ۾ ڏرين جي رضامندي حاصل ڪئي، جنهن کي ۳ جون واري رٽ چيو وڃي ٿو ۽ قائداعظم آل انڊيا ريڊيو دهلي تان پاڪستان مسلم ليگ پاران رٽ متعلق پنهنجا خيال ظاهر ڪيا، ۽ آخر ۾ "پاڪستان زنده باد" جو اڪر اچاريو. جون جي ۹ تاريخ تي مسلم ليگ ڪائونسل جي ڪڍ جاڙي ٿي، جنهن ۾ مشن پلان متعلق اظهار قبوليت ڪيو ويو ۽ ليگ جي پاران قائد کي وڏيڪ گالهين لاءِ اختيار ڏنو ويو.

ان ئي وقت اهو فيصلو ڪيو ويو ته هندستان ۾ اقتدار منتقل ڪرڻ ۱۰- آگسٽ ۱۹۴۷ع تي عمل ۾ اچي. برطانيه جي حڪومت کاغذن جي تيارين ۾ لڳي وئي، جيئن هندستان جي آزاديءَ جو بل پارليامينٽ کي منظور ڪرڻ لاءِ پيش ڪري سگهجي. ڪانگريس اهو فيصلو ڪيو ته هندستان جو پهريون گورنر جنرل

---

(۱) پياري لال: "مهاتما گانڌي ـــ دي لاسٽ فيز" ص ۶۷۲.
(۲) امبيدڪر، بي. آر: "پاڪستان آر پارٽيشن آف انڊيا" ص ۳۳۴.
(۳) ڪيمپبيل-جانسن، ايان: "مشن وٽ مائونٽ بيٽن" ص ۵۶.

لارڊ مائونٽ بيٽن ٿئي ۽ مسلم ليگ متفق طور منظور ڪيو تہ قائداعظم محمدعلي جناح پاڪستان جو پهريون گورنر جنرل ٿئي. هندستان جي آزاديءَ جو بل پارليامينٽ ۾ ۴- جولاءِ ۱۹۴۷ع تي پهتو. ۱۵- جولاءِ تي منظور ڪيو ويو ۽ ۱۸- جولاءِ تي شهنشاهہ منظوريءَ جي مهر هنئين. اقتدار جي منتقلي ۱۵- آگسٽ ۱۹۴۷ع تي طي ٿي.

پنجاب ۽ بنگال جي سرحدي سوال کي نبيرڻ لاءِ سرحد ڪميشن بنائي وئي، جنهن جو صدر سر ريڊ ڪلف بنيو. ڪميشن جا مسلمان ۽ هندو ميمبر سرحد جي ڳالهين ۾ ڪنهن بہ آخري فيصلي تي نہ آيا، جنهن ڪري سر ريڊ ڪلف پنهنجو غلط ۽ جانبدارانہ فيصلو ڪيو، جنهن موجب جيڪي پنجاب ۽ بنگال جا حصا پاڪستان ۾ اچڻا هئا، سي هندستان کي مليا. اتر اولهہ سرحدي صوبي ۽ آسام جي ضلع سلهٽ ۾ آزاد راءِ شماري ڪرائي وئي، جن وڏي اڪثريت سان پاڪستان سان الحاق جي فائدي ۾ ووٽ ڪيا.

قائداعظم جي زندگي جي آخري ڏينهن ۾ هڪ ٻئي کان وڌيڪ اهم واقعن جي ڪري سندس شخصيت تاريخ جي صفحن ۾ هڪ سونهري باب جو اضافو آهي. "قائداعظم جي رشٽن ۽ تاريخ ساز هستي انتهائي ڪمال کي پهچي ۽ ۴۶-۱۹۴۷ع جي اهم سال تي ختم ٿي. هن وقت هو تاريخ آهي ۽ سندس ياد اٽمٽ آهي— ڪليمنسيو لائيڊ جارج، چرچل، ڪرزن، مسوليني ۽ مهاتما گانڌي— انهن سڀن کي مون پنهنجي زندگيءَ ۾ ڏٺو آهي، پر محمدعلي جناح سڀني کان نمايان آهي. ماٺهن مان کوڙ اخلاقي جرئت، تدبر ۽ فهم فراست ۾ محمدعلي جناح کان وڌيڪ نہ هو"(۱).

۵ آگسٽ تي لارڊ مائونٽ بيٽن قائد سان هڪ خانگي ملاقات ڪئي. ۾ ڏينهن کان پوءِ هُو دهلي مان گورنر جون وڏيون ذميداريون سنڀالڻ لاءِ ڪراچي پهتو، جتي هو ۷ سال اڳ جائو هو. ۱۱ آگسٽ ۱۹۴۷ع تي پهرين دستور ساز مجلس کوڻائي وئي ۽ اسان سڀ گيلري ۾ سڀ کان پهريان لفظ نئين ملڪ پاڪستان جي نئين تاريخ ۾ پهرئين صفحي تي لکندڙ رهيا هئاسون. اجلاس متفق طور قائداعظم کي دستور ساز مجلس جو صدر چونڊيو ۽ ان تي اجلاس ۾ وڏي جوش و خروش سان ايم. اي. جناح کي "قائداعظم" جو لقب ڏنو ويو. ۱۳ آگسٽ تي لارڊ مائونٽ بيٽن هوائي جهاز رستي ڪراچي پهتو. ۱۴ آگسٽ تي قائداعظم مس فاطمہ جناح سان گڏ اسيمبلي بلڊنگ ۾ آيو، جتي لارڊ مائونٽ بيٽن شهنشاه برطانيہ پاران هڪ شاندار تقريب ۾ پاڪستان جو اقتدار قائد جي حوالي ڪيو. اسان جي لاءِ اهو ڏينهن آزاديءَ جو ڏينهن هو ۽ قائداعظم جي لاءِ وعدي وفائي جو ڏينهن هو. ڪيس پٽو پيو تہ منزل تي پهچي چڪا آهيون، پر اڃا جدوجهد باقي آهي.

---

(۱) آغا خان: متذڪرہ صدر، ص ۲۹۲

ورهاڳي کان ٽورو پوءِ هندستان ۽ پاڪستان ۾ فرقيوارانہ فسادن جو هڪ سلسلو شروع ٿيو، جنهن ۾ ڪافي مالي ۽ جاني نقصان ٿيو. پوءِ ۾ اها فضا فساد آلود هئي. مسلمانن جي مشڪلاتن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ دهلي جي مسلمانن بابت آزاد لکي ٿو تہ "مسلمانن کي ايتريون تڪليفون ڏنيون ويون آهن، جو هو پنهنجو حوصلو وڃائي چڪا آهن... منجهائن بيوسيءَ جو احساس نمايان آهي. سندن حياتي ۽ مال خطري ۾ آهن...". (۱) "گانڌي گاديءَ جي هنڌ رت جون نديون ڏسي دهشت زده ٿي ويو". (۲) هندوستان ڪشمير جي وادي جي مسلمانن جي مستقبل جي سوال تي غير شريفانہ ڪردار ادا ڪيو. هن بدقسمت وادي جي عوام ڏوگرن ۽ هندستاني سپاهين جي بوٽن هيٺان رڙيون ڪيون. حيدرآباد دکن جي مسلمانن متعلق، هندوستان جي مسلم دشمن رويي، پاڪستان جي جذبات کي مجروح ڪيو آهي. فوجي ڪارروائين جي مدد سان هندستان منگرول، مناودار ۽ جهونا گڙهہ هڙپ ڪري ويو. پاڪستان نئين سري سان هر شي بنائي رهيو هو ۽ هندستان تاڙ ۾ هو تہ جيئن پاڪستان جي لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪري ۽ ان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏي. پاڪستان هڪ ڏينهن پاڻ پيرو ٿيڻو هو. اهي اهڙيون مشڪلاتون، جن قائداعظم جي دل تي گهرو اثر ڇڏيو، جنهن زندگي جو وڏو حصو جدوجهد ۾ گذاريو هو تہ سندس تندرستي هن وقت روشن ڏئي ۽ تيل جا آخري ڦڙا هئي.

جون ۱۹۴۸ع ۾ گهٽي ڪم سبب قائد تمام ڪمزور ٿي چڪو هو. ڊاڪٽرن جي مشوري تي هو آرام واسطي ڪوئيٽا ويو. پهرين جولاءِ ۱۹۴۸ع تي هن بئنڪ دولت پاڪستان جو افتتاح ڪيو. اسان مان جنهن ۾ سندس تقرير ٻڌي، تنهن کي صدمو رسيو تہ سندس صحت انتها درجہ خراب هئي. ڪراچي ۾ رهڻ ڪان چوٽين ڏينهن ڪيس وري ڪوئيٽا نيو ويو ۽ بعد ۾ زيارت. جولاءِ جي آخر ۾ سندس حالت سخت خراب ٿي. لاهور جي مشهور ڊاڪٽر ڪرنل الاهي بخش کي گهرايو ويو. ڊاڪٽرن جاچ مان اهو معلوم ڪيو تہ قائد کي ڦڦڙن جي تڪليف هئي. هنن چيو تہ هي بيماري ڪم از ڪم ۾ سال پراڻي آهي. جيئن تہ قائد کي فراغت گهٽ ملي، چوتہ هُو هميشه هندستان جي مسلمانن جي مفاد ۾ رات ڏينهن ڪم ڪندو رهيو، ڪيس ايترو وقت ڪونہ مليو جو ڪنهن ڊاڪٽر سان مشورو ڪري سگهي. ۱۳ آگسٽ تي سندس بدن ۽ پيرن تي سوج پيدا ٿي پئي ۽ رت جو دٻاءُ ۾ گهٽو گهٽجي چڪو هو. ڊاڪٽرن ڪيس موڪلائي ڪوئيٽا آندو. سيپٽمبر جي پهرين ڏينهن ڊاڪٽرن کي معلوم ٿيو تہ هن جي بچڻ جا امڪان تمام گهٽ آهن. ۱۱ سيپٽمبر تي ڪيس وائڪنگ جهاز

---

(۱) آزاد، مولانا: "الڊيا ونس فريڊم" ص ۲۰۹-۲۱۶.

(۲) مورائيس، فرينڪ: "جواهر لال نهرو" ص ۳۵۱.

۾ ڪوئيٽا کان ڪراچي آندو ويو. ساڳيءَ رات ١٠ بجي پنهنجي بستري ۾ آرام سان سمهيو پيو هو، جو سندس ساهه جو پکيئڙو بدن جي پڃري مان پرواز ڪري ويو!

مان اتي پهريون پهتس. جڏهن مون قائداعظم جي مٿان سفيد چادر ڏٺي ته مون کي محسوس ٿيو ته ان ڏينهن قوم هڪ سال جي ننڍي عمر ۾ يتيم ٿي وئي، ۽ هن ننڍي کنڊ جو عظيم مسلمان اڳواڻ پنهنجو ساهه قوم مٿان قربان ڪري موڪلائي ويو. اسان کي هو ان وقت ڇڏي ويو، جڏهن ان جي اسان کي تمام سخت ضرورت هئي.

("اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ" مطبوعه قائداعظم اڪيڊمي، ڪراچيءَ ٻتان، شڪريه سان کنيل.)



Gul Hayat Institute

سنڌ اسيمبليءَ ۾ "پاڪستان ٺهراءُ" جي منظوري

(قيام پاڪستان ۾ سنڌ جو بنيادي ۽ اهم حصو)

مراد علي مرزا

۳- مارچ ۱۹۴۳ع تي سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ "پاڪستان ٺهراءُ" منظور ڪيو، جيڪو اسيمبليءَ ۾ جناب جي- ايم- سيد پيش ڪيو هو. اسيمبليءَ جي ميمبرن جي وچ ۾ ان ٺهراءَ تي جيڪا گفتگو ٿي هئي ۽ موافق ۽ مخالف ميمبرن ان جي حق ۾ ۽ ان جي خلاف جيڪي دليل ڏنا هئا، ان سڄي ڪارروائيءَ بابت سرڪاري رپورٽ "سنڌ قانون ساز اسيمبليءَ جي ڪارروائي" جي عنوان سان جلد ۱۷، نمبر ۶ ۾ گورنمينٽ پريس ڪراچيءَ مان شايع ٿي هئي. رپورٽ ۾ ڇاڙيل تفصيل مطابق اسيمبليءَ جي گڏجاڻي ۳- مارچ ۱۹۴۳ع تي اربع ڏينهن اسيمبلي هال ڪراچيءَ ۾ ۳ بجي ساڻواري صدر مسٽر جي. فريزر جي اڳواڻيءَ هيٺ ٿي. ان گڏجاڻيءَ ۾ اسيمبليءَ جا جيڪي ميمبر حاضر هئا، انهن جا نالا الف- بي وار هيٺ ڏجن ٿا:

عبدالمجيد شيخ، آڪجي رتنسنگ سوڍو، علي گوهر خان مهر، الله بخش خداداد خان گبول، الله داد خان امام بخش خان ٽالپور، امير علي ٺارو خان لاهوري، ارباب توڪاچي مير محمد، بنده علي خان مير، ڏيئل مل دولترام، غلام علي بنده علي خان ٽالپور، غلام الله خان مير، غلام حسين هدايت الله، غلام محمد اسراڻ، غلام مرتضيٰ شاهه، غلام نبي شاهه، گوبندرام پريتم داس، گوڪلداس ميولداس، هيمنداس روپچند واڌواڻي، هوسيڪ ليفٽيننٽ ڪرنل ڊبليو بي، هوتچند هيرانند، الاهي بخش پير، جان محمد جوٽيجو، جينو ڀائي غلام علي الانا، قيصر خان، غلام محمد خان، لولو مل ريواچند، ماهن ڪرنل ايڇ جي، محمد علي شاهه سيد، محمد ايوب کهڙو، محمد هاشم گذدر، محمد خان نواب غيبي خان چانڊيو، محمد عثمان سومرو، محمد يوسف خان چانڊيو، نهچلداس چتومل وزيراڻي، نور محمد شاهه سيد، پرتاب راءِ خير سکداس، رسول بخش خان انڙ، شمس الدين خان بارکزئي ۽ سهراب خان سرڪي.

ڪارروائيءَ جي شروع ۾ اسيمبليءَ جي ميمبرن واسطيدار وزيرن کان صوبائي مسئلن بابت سوال پڇيا، جن جا هنن جواب ڏنا. ان کان پوءِ غير سرڪاري ڪم

شروع ٿيو، جنهن ۾ پهرين جناب جي. ايم. سيد، اسپيڪر جي اجازت سان 'پاڪستان ٺهراءُ' پيش ڪندي چيو ته:

"هيءَ ايوان سرڪار کي سفارش ڪري ٿو ته هزايڪسيلنسي وائسراءِ جي معرفت هزمئجسٽي جي سرڪار تائين هن صوبي جي مسلمانن جون خواهشون ۽ جذبا پهچايا وڃن، ته جيئن ته هندستان جا مسلمان هڪ جدا قوم آهن، جن جو پنهنجو مذهب، فلسفو، سماجي رسمون، ادب، روايتون، سياسي ۽ اقتصادي نظريا آهن، ۽ جيڪي هندن کان بلڪل علحده آهن، تنهنڪري کين حق پهچي ٿو ته هڪ قوم ٿي رهن، جن جون پنهنجيون آزاد قومي رياستون هجن، جيڪي هندستان جي نئين ڪنڊ جي انهن علائقن ۾ ٺاهيون وڃن، جتي اهي (مسلمان) اڪثريت ۾ آهن. تنهنڪري، اهي پرزور اعلان ٿا ڪن ته کين اهڙو ڪوبه آئين قبول نه هوندو، جيڪو مسلمانن کي هڪ اهڙي مرڪزي حڪومت هيٺ رکي، جنهن ۾ هي قابض هجي ۽ جيئن ته ايندڙ وقت ۾ کين پنهنجي اصولن مطابق آزاديءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو، تنهنڪري هنن لاءِ ضروري آهي ته سندن پنهنجون آزاد قومي رياستون هجن ۽ اهڙيءَ ريت جيڪڏهن هندستان جي مسلمانن کي هڪ مرڪزي حڪومت جي رعيت ڪري رکيو ويو ته ان جي ڪري خوفناڪ ۽ ڏکائتن نتيجن واري گهرو جنگ يقيني آهي."

جناب جي. ايم. سيد جي انهيءَ ٺهراءَ کي اسيمبليءَ جي اسپيڪر ورجايو، جنهن تي نهچلداس وزيراڻيءَ رول ۹۱ جي پٺرا الف ۽ ڏهيٺ اعتراض اڻاري چيو ته ان ٺهراءَ کي پيش ڪرڻ جي اجازت نه ڏجي. ان لاءِ هن اهو دليل ڏنو ته هڪ ته ايوان جا سڀ هندو ارڪان ايوان ۾ موجود ڪونهن ۽ ٻيو ته ان ٺهراءَ جو تعلق صوبائي حڪومت سان ڪونهي، ڇاڪاڻ ته ٺهراءُ مطابق، هندستان جي مسلمانن کي مرڪزي حڪومت هيٺ رهڻ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي، جو هنن جو مذهب، روايتون وغيره جدا آهن. هن اهو به اعتراض ڪيو ته اهو ٺهراءُ ۵- تاريخ (مارچ) تي پيش ڪيو وڃڻو هو.

مسٽر نهچلداس وزيراڻيءَ جي اعتراض تي سر غلام حسين هدايت الله (جيڪو ان وقت سنڌ جو وڏو وزير هو)، اسپيڪر کي مخاطب ٿي چيو ته ٿي ڏينهن اڳ مون معزز ايوان کي آگاهه ڪيو هو ته اهو ٺهراءُ ۳ تاريخ تي پيش ڪيو ويندو ۽ نه ۵ تاريخ تي، ڇاڪاڻ ته معزز ميمبر موڪلن ۾ وڃي گهريو ٿي. هن ٺهراءَ تي پنهنجي راءِ ڏيندي چيو ته ان ۾ هڪڙوئي مسئلو ڪنيل آهي ته مسلمان هڪڙي مرڪزي حڪومت جي هيٺ رهڻ نٿا گهرن، پر آزاد علائقن جي صورت ۾ رهڻ گهرن ٿا.

جي. ايم. سيد صاحب، وڏي وزير جي راءِ جي پڻرائي ڪندي چيو تہ سنڌ صوبي جا مسلمان صوبائي حڪومت جو هڪ حصو آهن. حڪومت اسان (مسلمانن) جي آهي. اسان کي پنهنجن احساسن جو ضرور اظهار ڪرڻ گهرجي. ڇا صوبائي حڪومت جو ان سان واسطو ڪونهي؟ پيو تہ ٺهراءُ ۾ اهو بہ چيل آهي تہ سنڌ صوبي جي مسلمانن جي خواهشن ۽ تمنائن کي هزئجسٽيءَ جي سرڪار تائين پهچايو وڃي، تنهنڪري هندو ميمبرن جو ان سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. جي. ايم. سيد صاحب اسپيڪر کي استدعا ڪئي تہ اهو اعتراض رد ڪيو وڃي.

راءِ صاحب گوڪل داس ميولداس (ان وقت جي صوبائي وزير) وڏي وزير جي راءِ تي اعتراض ڪندي چيو تہ ٺهراءُ جي آخر ۾ اهو پڻ چيو ويو آهي تہ ان جي ڪري خوفناڪ ۽ ڏڪائتن نتيجن واري گهرو جنگ يقيني آهي. هيءَ مسلم ليگ جي حڪومت آهي، جنهن ۾ هندو بہ شامل آهن. جيڪڏهن اهڙيون ڏمڪيون ڏنيون ويون تہ مانواري وڏي وزير کي ان تي کو اعتراض ڪرڻ کپندو هو. انهيءَ کان سواءِ ان ٺهراءُ ۾ چار مسئلا آئاريل آهن. بهرحال، انهيءَ تي اوهان کي پنهنجو حڪم ڏيڻ گهرجي.

جناب شيخ عبدالمجيد سنڌي، اسپيڪر کي گذارش ڪئي تہ ٺهراءُ ۾ فقط هڪ اهو مسئلو آئاريل آهي تہ ملڪ جي ايندڙ آئين ۾ هندستاني مسلمانن جي حيثيت ڪهڙي هوندي. مرڪزي توڙي صوبائي حڪومت جو ان سان واسطو آهي ۽ مانواري ميمبر مسٽر وزيراڻي جو اعتراض وزنائتو ڪونهي. مانواري راءِ صاحب گوڪلداس جي اعتراض جي سلسلي ۾ هن چيو تہ ان ٺهراءُ ۾ ڪي درستيون، جهڙوڪ اقليتن جي حفاظت ۽ اهڙن لفظن جي تبديلي جيئن گهرو لڙائي وغيره، ڪرڻيون هيون، جنهن لاءِ مون اوهان سان ذاتي طور ملڻ گهريو ٿي، پر بدقسمتيءَ سان اوهان تمام دير سان پهتا جنهنڪري مون اهي درستيون اوهان جي سيڪريٽريءَ کي ڏنيون ۽ ٺهراءُ پيش ڪندڙ مانوارو ميمبر جڏهن ان موضوع تي ڳالهائي بس ڪندو، تڏهن آءٌ پنهنجيون درستيون اوهان آڏو پيش ڪندس، تنهنڪري منهنجن مانوارن دوستن کي، جيڪي ان ٺهراءُ جي مخالفت ڪن ٿا، هندستان جي ڪنهن بہ حصي ۾، يا هتي ڊڄڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي.

مسٽر نهچلداس وزيراڻي، جناب شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي جواب ڏيڻ لاءِ مانواري اسپيڪر کان اجازت گهري، پر هن نہ ڏني ۽ هو ويهي رهيو. مانواري اسپيڪر ايوان کي مخاطب ٿي چيو تہ اسان کي ايوان جي قيمتي وقت کي ڏيان ۾ رکڻ گهرجي. مانواري اسپيڪر ٺهراءُ تي پنهنجا ويچار تفصيل سان ظاهر ڪندي راءِ ڏني تہ ان ٺهراءُ جي پڻيان بنيادي مسئلو اهو آهي تہ هندستان جا مسلمان ڪنهن هڪ مرڪزي

حڪومت جي اثر هيٺ رهڻ نٿا گهرن. هن وڌيڪ واضح ڪيو تہ صوبائي حڪومت واقعي مرڪزي حڪومت جو حصو آهي، پر صوبائي حڪومت جا ارڪان، عوام جا چونڊيل آهن، تنهنڪري اهو چوڻ تہ اهو مسئلو صوبائي ڪونهي، مناسب ناهي. فرض ڪريو تہ سياڻي ڪو اهڙو آئين اسان سان لاڳو ڪيو وڃي ٿو، جنهن مطابق اسان جا ڪي اختيار ڦري مرڪزي حڪومت ڪي ڏنا وڃن تہ ڇا سنڌ جي عوام جا چونڊيل عيوضي ان کي قبول ڪندا؟ يقيناً نہ. اسين تہ مورڳو اهو پيا چئون تہ مرڪزي حڪومت وٽ ٿورا اختيار هجڻ گهرجن. ملڪ جي آئين مطابق مرڪزي حڪومت ۽ صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ ڪن اختيارن کي فيصل ڪرڻ ۾ هڪ صوبائي حڪومت کي راءِ ڏيڻ جو حق حاصل هوندو آهي. جيتريقدر آئين ٺاهڻ جو تعلق آهي تہ ان سان صوبائي حڪومت جو بنيادي واسطو ٿئي ٿو. تنهنڪري آءٌ سمجهان ٿو تہ مانواري ميمبر جا دليل ايترا وزنائتا ڪونہ هئا جو آءٌ ان ٺهراءَ کي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏيان. مون کي چيو ويو آهي تہ آءٌ سنڌ جي مسلمانن جي خواهش کي ان ٺهراءَ جي صورت ۾ مرڪزي حڪومت تائين پهچايان. جيڪڏهن سنڌ جا مسلمان ان جي حق ۾ آهن تہ پوءِ هن کي اعتراض ڪرڻ نہ گهرجي. پر جيڪڏهن ٺهراءَ ان طرح ناهيو وڃي ها تہ سنڌ ۾ رهندڙ سڀني ماڻهن جي خواهش کي مرڪزي سرڪار تائين پهچائڻو آهي تہ پوءِ ان اعتراض ۾ کي وزن هجي ها. ان ڪري قانوني خواهہ اخلاقي نقطہ نظر کان ان اعتراض کي غيرضروري سمجهان ٿو.

انهيءَ تي نهچلداس وزيراڻي، ڊيئل مل دولتراڻي، گهنومل تاراچند، پرتابراءِ خيرسکداس، آڪجي رتن سنگهہ سويڙو، مکي گوبندرام ۽ راءِ بهادر هوتچند هيرانند احتجاج خاطر اسيمبلي هال کان ٻاهر نڪري ويا.

جناب جي. ايم. سيد، مانواري اسپيڪر جي اجازت سان، ڪن نڪتن جي وڌيڪ وضاحت ڪندي پنهنجيءَ تقرير ۾ چيو تہ:

"اهو ٺهراءَ هن صوبي جي مسلمانن جي عيوضيءَ جي حيثيت ۾ پيش ڪريان ٿو، جيڪي هندوستان جي ڏهہ ڪروڙ مسلمانن جو هڪ حصو آهن، جن جو مشهور مطالبو آهي "پاڪستان". پاڪستان جي مطالبي جو بنياد ان نظريي تي آهي تہ مسلمان، هندن کان علحدہ هڪ قوم آهي ۽ جنهن کي هندستان سڏيو وڃي ٿو اهو هڪ جاگرافيائي ايڪائي نہ آهي ۽ نہ ڪڏهن هو.

ان ڪان پوءِ سيد صاحب جاگرافيائي نقطي تي تفصيل سان ڳالهائيندي واضح ڪيو تہ هندستان حقيقت ۾ هڪ ملڪ ڪونهي، بلڪ يورپ، آفريقا يا اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا وانگر هڪ ڪنڊ آهي. آمريڪا آساني سان دليل ڏئي سگهي ٿو تہ

فطري طرح ميڪسيڪو ۽ ڪئناڊا ان ۾ شامل ٿيڻ گهرجن. برازيل، پيرو ۽ چلي ڪي علحده علحده رهڻ لاءِ ڪوبه سبب ڪونهي. ڪئناڊا جا رهاڪو ۽ گڏيل رياستن (آمريڪا) جا ماڻهو نه رڳو ساڳيا ماڻهو آهن، پر ساڳي بولي ڳالهائين ٿا، سندن ساڳيو مذهب آهي، اهي هڪ جهڙو لباس پهرين ٿا، سندن ريتون رسمون ساڳيون آهن، ادب ساڳيو اٿن ۽ پاڻ ۾ شاديون ڪن ٿا. مطلب ته منجهن هڪ جهڙائي آهي ۽ اهي جاگرافيائي طرح هڪ ئي ايڪائي آهن. انهيءَ هوندي به ڪئناڊا کي پنهنجي مڪمل قومي حيثيت آهي وغيره. ساڳيو حال ڏکڻ آمريڪي رياستن جو آهي. ڏهراڻ جي حمايت ۾ وڏيڪ دليل ڏيندي جناب جي. ايم. سيد لفظ "قوم" جي پڻ تفصيلي وضاحت ڪئي ۽ ان سلسلي ۾ "جرمانڪ ۽ ڪيلٽڪ" قومن جا مثال ڏئي ٻڌايو ته فرانس ۽ جرمنيءَ کي هڪ ئي ملڪ ٿيڻ کپندو هو، پر اهي جدا جدا ملڪ آهن. فرانس جي ادب جو جرمن ادب تي گهرو اثر هو ته وري جرمن فلسفو هڪ صديءَ کان مٿي فرانس جي تعليمي ادارن ۾ پڙهايو ويندو هو. سيد صاحب ان باري ۾ هالينڊ ۽ بيلجيم يا سئيڊن ۽ ناروي جا به حوالا ڏنا. هندستان جو ذڪر ڪندي هن گجرات ۽ سنڌ جي صوبن جو مثال ڏنو ۽ چيو ته انهن صوبن جي جاگرافيائي ايڪائي ناممڪن آهي، چاڪاڻ ته هوليءَ، مذهب، ريتن رسمن ۽ عادتن جي لحاظ سان پنهي ۾ تفاوت آهي ۽ ٿوري بيپرواهيءَ جي ڪري سموري ملڪ ۾ فرقيوارانه فساد ٿي پوندا آهن. هن پڇيو ته انهيءَ بنيادي تفاوت جو آخر سبب ڪهڙو آهي؟ هن ان جو سبب اهو ٻڌايو ته نندي کنڊ جو سڄو سماج مذهبي نظريي تي ٺهيل آهي، جتي ٻيا وڏيون قومون هندو ۽ مسلمان رهن ٿا. اهي ٻئي قومون زندگيءَ جي هر شعبي ۾ هڪٻئي کان علحده ۽ جدا آهن، سندن ريتون رسمون جدا آهن ۽ سندن ادب ۽ اقتصادي نظريا پڻ هڪٻئي جو ضد آهن. مسلمانن جو انساني پائڻپي ۽ مساوات ۾ ايمان آهي ته هندن وٽ وري ذات پات ۽ نيات جي اهميت آهي. اهي ٻئي قومون ايتريقدر ته هڪٻئي کان جدا آهن جو جيڪڏهن ڪنهن برهمڻ جي اڳيان رستي هلندي ڪنهن مسلمان جو پاڇو اچي وڃي يا ان جي ڪاڌي تي پوي ته برهمڻ جو پوتر جسم ۽ ڪاڌو ناپاڪ ٿي ويندا، تنهنڪري هندو جيستائين هندو آهي، تيستائين هندو فلسفي مطابق هڪ قوم ٿيڻ لاءِ ڪوبه امڪان موجود ڪونهي. هن ان سلسلي ۾ مشهور مفڪر رينان جو حوالو ڏنو، جنهن چيو هو ته "قوميت هڪ داخلي نفسياتي احساس آهي"، ۽ اهو احساس پنهي قومن وٽ جدا جدا ۽ علحدو آهي.

انهيءَ موقعي تي مانوارو ڊاڪٽر هيمنداس آر. واڊواڻي اٿيو ۽ اعتراض ڪرڻ لڳو ته مانوارو غلام مرتضيٰ شاهه هندو مذهب جون خرابيون ٻڌائي هندو مذهب

تي حملا پيو ڪري. مانواري اسپيڪر راءِ ڏيندي چيو تہ، هن ڪي ان کان گريز ڪرڻ گهرجي. پر سيد صاحب وراڻيو تہ آءٌ مذهب تي حملو ڪونہ ڪريان ٿو، مون وٽ پين مذهبن لاءِ وڏي عزت آهي. آءٌ پڌائڻ گهران ٿو تہ اهي ٻئي نظريا جدا جدا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ جمهوريت جي معنيٰ آهي عوام جو راج، جنهن لاءِ ماڻهن جو هر خيال هجڻ لازمي آهي. جيڪڏهن ڪنهن حڪومت جي اڳيان هڪجهڙا مقصد ڪونهن، جيڪي ملڪ جي سڀني ماڻهن لاءِ قابل قبول هجن، تہ ان جو رهڻ ممڪن نہ ٿيندو. گڏيل هندستان ۾ اها صورتحال ڪانهي، ڇاڪاڻ تہ هندو ۽ مسلمان ڪڏهن بہ هڪ ئي منزل جا پانڌيئڙا ٿي نہ هلندا. نتيجو اهو نڪرندو جو اتي جمهوريت جي بدران گهٽائيءَ وارن جو ظالماڻو راج هوندو. جيڪڏهن ٿي سؤ ملين ماڻهو سؤ ملين ماڻهن کي پنهنجو زيردست رهڻ لاءِ مجبور ڪن ۽ مٿن پنهنجا نظريا مڙهين، جيڪي اقليت جي خواهشن ۽ احساسن جي بلڪل خلاف هجن تہ اهڙيءَ حڪومت جو کهڙو حشر ٿيندو؟ ٻئي وڏيون قومون سياسي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ حريف آهن ۽ اها صورتحال ان وقت تائين قائم رهندي، جيستائين ڪا هڪ قوم ٻيءَ قوم ۾ پوريءَ ريت ضم نہ ٿي آهي يا وري ڪين جدا جدا قومي رياستون نہ ملیون آهن.

سيد صاحب پنهنجي بيان ۾ اهو بہ ذڪر ڪيو تہ، چيو وڃي ٿو تہ مسلمان اقتصادي ۽ مالي لحاظ سان پاڻ پرا رهي نہ سگهندا. هن چيو تہ ڏٺو وڃي تہ دنيا جي ڪابہ رياست پاڻ پري ڪانهي ۽ ڪوبہ ملڪ ايترو امير ڪونهي جو پنهنجيون سڀئي ضرورتون پوريون ڪري سگهي. ڪنهن بہ ملڪ جي اقتصادي حالت ڪٽي کهڙي بہ هجي، اهو دولت ۽ زندگيءَ جي لڏتن خاطر پنهنجي آزاديءَ کي هرگز قربان ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. ڇا هندستان ۾ زندگيءَ جون جيڪي سهولتون ۽ آسائشون ۽ اناج جا ذخيرا آهن، انهن جي خاطر افغانستان پنهنجي آزاديءَ جو سؤدو ڪندو؟ تنهنڪري پاڪستاني رياستن جي سلسلي ۾ اقتصادي آڌهوند جو پوت آٿارڻ احمقائي ڳالهہ آهي. پنهنجيءَ تقرير جي آخر ۾ سيد صاحب مانواري اسپيڪر کي مخاطب ٿيندي چيو تہ اڄ جڏهن آءٌ هن معزز ايوان ۾ "پاڪستان جو ٺهراءُ" پيش ڪريان ٿو، تڏهن برڪ هندو اڳواڻ مسٽر گانڌي، جنهن ماضيءَ ۾ هندو مسلم اتحاد لاءِ ڪوشش ڪئي هئي، پنهنجو "ورت" ٽوڙ يندو. اسين اميد ٿا ڪريون تہ مسٽر گانڌي کي هاڻي اڳ ڪان وڌيڪ يقين ايندو تہ هندستان جي آزادي، ڏارين جي حڪومت کان نجات، سامراجيت کان چوٽڪارو فقط تڏهن حاصل ٿي سگهندو، جڏهن هندو مسلم سوال باعزت طريقي تي حل ڪيو ويندو ۽ عظيم مسلم قوم جي "پاڪستان" لاءِ گهر ڪي قبول ڪيو ويندو.

ان کان پوءِ جناب شيخ عبدالمجيد سنڌي، مانواري اسپيڪر کي ٺهراءَ ۾ ٻن ترميمن کڻڻ جي درخواست ڪئي، جيڪا منظور ڪئي ويئي ۽ جنهن سان جناب جي. ايم. سيد پڻ اتفاق ڪيو. جناب شيخ عبدالمجيد سنڌي، ان ٺهراءَ تي راءِ ڏيندي سنڌيءَ ۾ تقرير ڪئي ۽ ٺهراءَ جي پٺڀرائي ڪندي ايوان جي هندو ميمبرن جي روش تي افسوس ظاهر ڪيو ۽ چيو ته ان ٺهراءَ جو خاص مقصد اهو هو ته هندستان جا مسلمان اڪثريت صوبن جي گهر ڪن ٿا، جتي مسلمانن جي گهٽائي آهي. اهو هڪ آئيني معاملو آهي، جنهن جو هميشه لاءِ فيصلو ڪيو پيو وڃي. ٺهراءَ جو مقصد جنگ نه پر جنگ کي روڪڻ جو طريقو آهي. هندستان جو جيڪو مسئلو آهي، ان کي حل ڪرڻ ڪانگريس جي وس ۾ ڪونهي. هندستان جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ کشادي ذهن ۽ آزاد خياليءَ جي ضرورت آهي، تنهنڪري ضروري آهي ته اسين هڪ ٻئي جي نقطئه نظر کي سمجهي کو صحيح فيصلو ڪريون. منهنجي مانواري دوست لاهور ٺهراءَ جو حوالو ڏنو آهي، جيڪو آل انڊيا مسلم ليگ منظور ڪيو هو. انهيءَ ٺهراءَ ۾ ڊيڪاريو ويو هو ته اقليتن کي حفاظت جي ضمانت ڏني وڃي. انهن حفاظتن جو تعلق ثقافت، مذهب، ريتن رسمن ۽ پوليءَ سان هو. انهيءَ ۾ کوبہ شڪ ڪونهي ته منهنجي معزز دوست جناب جي. ايم. سيد اهو ٺهراءَ پيش ڪري سڄي هندستان جي خدمت ڪئي آهي. سنڌ اسيمبليءَ سان پهريون پيرو صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جي مسلمانن جي راءِ کي اڳتي پهچايو پيو وڃي. جيڪڏهن هن ٺهراءَ جي اصول کي قبول ڪيو ويو ته ان جي ڪري مسلم ليگ ۽ ڪانگريس ۾ ٽاهم ٽي ويندو. سر اسٽرافورڊ ڪرپس جون تجويزون، جن کي ڪانگريس قبول نه ڪيو هو، پڻ ان اصول مطابق هيون. انهن تجويزن جا چار حصا هئا، جن مان هڪ حصو هيءَ هو ته جنگ ڪان پوءِ ملڪ ۾ آزاد وحدتون هونديون. انهن وحدتن جي پنهنجي حاڪميت هوندي يا وري اهي آل انڊيا يونين ۾ شامل ٿيندیون. ڪانگريس ورڪنگ ڪميٽيءَ پڻ هڪ ٺهراءَ منظور ڪيو هو ته جيڪڏهن ڪا وحدت جدا رهڻ گهرندي ته ان کي يونين ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مجبور نه ڪيو ويندو. مانواري جي. ايم. سيد جو ٺهراءَ ۾ سر اسٽرافورڊ ڪرپس جي تجويزن جهڙوئي آهي. ملڪ ۾ آزاد رياستون ضرور ٽاهڻ گهرجن، جتي مسلمان گهٽائيءَ ۾ رهن ٿا. آل انڊيا مسلم ليگ جي ٺهراءَ جي ڪري ڪيترائي نوان امڪان پيدا ٿيا آهن. انهيءَ ۾ واقعي کوبہ شڪ ڪونهي ته اسين ڪنهن به مرڪزي حڪومت هيٺ رهڻ نه ٿا گهرون. مرڪزي حڪومت ۾ هڪ ٻي قوم جي مستقل اڪثريت هوندي. ان کان پوءِ سنڌ جي مالي ۽ اقتصادي صورتحال تي پنهنجا دليل ڏيندي شيخ عبدالمجيد سنڌي صاحب چيو ته هر صوبي وٽ پنهنجا قدرتي وسيلا ٿيڻ ٿا ۽ سنڌ ۾ اهڙو قدرتي وسيلو ڪراچي آهي.

رکو ان شهر جي ڪسٽم مان اٺ يا نوَ ڪروڙ روپيا روينيو حاصل ٿئي ٿو. انهيءَ کان سواءِ انڪم ٽئڪس، ريلوي ۽ ٽپال کاي سان جيڪي آمدنيون ٿين ٿيون، اهي مرڪزي سرڪار جي حوالي ٿيو وڃن ۽ اسان کي انهن مان ڪوبہ حصو نہ ٿو ملي. هن وقت ڏنو وڃي تہ اسان جي حڪومت اسان جن ڀارن لاءِ لازمي تعليمي سرشتو قائم ڪري نہ ٿي سگهي ۽ اسان وٽ ايترا فنڈ ڪونهن، جو طبي ضرورتن جي سلسلي ۾ گهربل انتظام ڪري سگهون. ان جو سبب اسان جي سقيم مالي حالت آهي، جالاءِ جو اسان جي آمدنيءَ جو وڏو حصو مرڪزي سرڪار کنيو وڃي. اسان جي ٻڌسن تي مرڪزي سرڪار جي انهيءَ اڇي هاٿيءَ کي پالڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي.

ان کان پوءِ ماڻواري ڊاڪٽر هيمنداس آر. واڊواڻي وري بہ ٺهراءُ جي مخالفت ڪندي جناب شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي مبارڪون ڏنيون جو هن ٺهراءُ تي مذهبي خيال کان گهالهائڻ جي بدران سياسي خيال کان بيان ڏنو. هن جي. ايم. سيد صاحب جي بيان کي نديو، جو ان ۾ هندو مذهب جي خلاف گهالهايو ويو هو. هن وڌيڪ چيو تہ جيئن تہ اهي مسلم ليگ جا ميمبر آهن، تنهنڪري کين مسلم ليگ جي فيصلي جي حمايت ڪرڻ جو هڪڙو حق حاصل آهي. ساڳيءَ طرح هن کي بہ هندو مهاسڀا جي ميمبر هجڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي پاليسي ۽ پروگرام مطابق قدم کڻڻ جو حق حاصل آهي. تنهنڪري مذهب تي سندن تنقيد ڪرڻ تي کيس سخت اعتراض آهي. هن وڌيڪ چيو تہ کيس نہ رکو مسلمانن جي مذهب لاءِ پر سڄي دنيا جي سڀني مذهبن لاءِ عزت آهي. اهڙيءَ ريت هن آخر ۾ چيو تہ آءٌ انهيءَ ٺهراءُ جي مخالفت ڪريان ٿو.

جناب جي. ايم. سيد مخالف ميمبر جي ان اعتراض جي جواب ۾ چيو تہ مون کي هندو مذهب لاءِ گهڻو احترام آهي، ڇو جو منهنجو مذهب دنيا جي سڀني مذهبن لاءِ رواداري سيکاري ٿو. اهو اسان جي پيغمبر صلعم جو حڪم آهي. مون تہ رکو پنهي نظرين جي تفاوت جي وضاحت ڪئي آهي.

مسٽر محمد عثمان سومري پنهنجي تقرير سنڌيءَ ۾ ڪندي چيو تہ معزز ميمبر جناب جي. ايم. سيد جي پيش ڪيل ٺهراءُ منهنجي ذهن ۾ غلط فهمي پيدا ڪئي، جيڪا معزز شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي تقرير ختم ڪري چڏي. اسان سر اسٽرا فورڊ ڪرپس جون تجويزون پڙهيون آهن، جيڪي چگيون آهن. انهن مطابق هر صوبو يونين ۾ شامل رهي يا ان کان ٻاهر رهي آزادي ماڻي سگهي ها. پر بدقسمتيءَ سان اهي تجويزون مسلمانن، هندن ۽ ڪانگريس قبول نہ ڪيون. هندو يا مسلمانن جو سوال ڪونهي، سڄي سنڌ کي آزاد ڏسڻ گهرن ٿا. انهيءَ آزاديءَ جو مطلب اهو ڪونهي

تہ اسان جو سنڌ صوبو بلوچستان، پنجاب يا پاڪستان يا بين صوبن سان شامل هجڻ گهرجي. انين ڪرڻ سان سنڌ کي نقصان ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ اڪثريت هنن جي هوندي. سنڌ صوبي کي پنهنجي چڱي خاصي آمدني آهي، تنهنڪري ان جو علحده رهڻ وڌيڪ فائديمند ٿيندو. انهن ڳالهين کي ذهن ۾ رکندي چئي سگهجي ٿو تہ سر اسٽرا فورڊ ڪرپس جون تجويزون مناسب آهن ۽ چڱو ٿئي ها تہ انهن کي قبول ڪيو وڃي ها. هاڻي سوال اٿي ٿو تہ صوبن کي پاڻ ۾ گڏجڻ گهرجي؟ اهو ان وقت فيصلو ٿيڻ گهرجي جڏهن سڀني صوبن جي باري ۾ اهڙو سوال اٿي، مثال طور سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ جو جهڙو. اهڙن معاملن ۽ رڳڙن جي طئي ڪرڻ لاءِ هڪ ٽربيونل مقرر ڪئي ويندي. اهڙي قسم جي آزاديءَ مان مسلمانن توڙي هندن کي فائدو ملندو. اڪثريتي قوم جو اهو فرض آهي تہ اقليت جي حقن جي حفاظت ڪري، جيڪڏهن هر صوبو علحده رکيو ويندو تہ اهو پنهنجي آمدنيءَ مطابق خرچ ڪرڻ لاءِ ذميداري محسوس ڪندو. اهي لفظ چئي هن ٺهراءُ جي پٺڀرائي ڪئي.

راءِ صاحب گوڪلداس ميولداس ان موقعي تي مانواري اسپيڪر کي خطاب ڪندي چيو تہ مون کي اهو ٻڌي اطمينان ٿيو آهي تہ مانواري ميمبر جناب جي. ايم. سيد جو هندو مذهب کي نندڻ جو ڪوبہ ارادو ڪونہ هو هن پاڪستان سرشتي تي ڳالهائيندي چيو تہ مانواري ميمبر مسٽر جي. ايم. سيد پاڻ چيو آهي تہ اڪثريتي قوم جي ڪري ظلم ۽ ڏاڍ جي حڪومت قائم ٿيندي. جيتريقدر آءٌ سمجهان ٿو تہ اهو هندو قوم ڏانهن اشارو آهي. سنڌ ۾ صورتحال اها آهي جو اتي هندو قوم اڪثريت ۾ ڪونهي، پر اڪثريت مسلمانن جي آهي. ساڳيءَ ريت ڪن ٻين صوبن ۾ پڻ مسلمانن جي اڪثريت آهي ۽ هنن کي هڪ جدا صوبو گهرجي، جتي هو حڪومت ڪن. هن اسيمبليءَ ۾ اهو ٺهراءُ انهيءَ خيال کان پيش ڪيو پيو وڃي، ڇالاءِ تہ هن ايوان ۾ اڪثريت مسلمانن جي آهي ۽ کين يقين آهي تہ اهو ٺهراءُ منظور ٿيندو. جيڪڏهن اڪثريت ان ٺهراءُ جي حق ۾ آهي تہ اسان کي ڪوبہ اعتراض ڪونهي. پر آءٌ پنهنجي مانواري دوست کي ضرور ياد ڏياريندس تہ هو هندن تي الزام مڙهي ٿو تہ اهي هندستان ۾ انهن صوبن تي حڪومت ڪندا، ڇاڪاڻ تہ اتي سندن اڪثريت آهي. هو گهري ٿو تہ اها ساڳي ڳالهہ اسان جي صوبي ۾ بہ ورجائي وڃي. ٻيو نقطو اهو آهي تہ جنگ هندستان جي در تائين اچي پهتي آهي، تنهنڪري سوال اٿي ٿو تہ ان صورت ۾ هندستان کي رياستن ۾ ورهائڻ مصلحت جوڳو آهي يا نہ؟ جيڪڏهن ائين ڪيو ويو تہ اهي دشمن جي حملي کان پاڻ بچائي نہ سگهنديون. هن وقت هندستان جو مطالبو سوراج يا هندستان جي

آزادي آهي. آزاديءَ جو اهو مطالبو ڪنهن هڪ صوبي، ڪنهن هڪ ضلعي، ڪنهن هڪ تعلقي جي لاءِ ڪونهي. مانواري ميمبر مسٽر جي. ايم. سيد جي بيان ماں معلوم ٿئي تو تہ جيڪڏهن مسلم ليگ ان اصول کي منظور ڪيو، چالاءِ تہ اهي پاڻ لي هندستان ۾ اقليت ڪري سمجهن ٿا، تہ پوءِ ڪين اهو بہ سمجهڻ گهرجي تہ اهي سنڌ ۾ هڪ اڪثريتي قوم آهن. منهنجي خيال ۾ ان اصول تي صوبي کي ضلعن ۾، ۽ ضلعن کي تعلقن ۾ ورهائڻ لاءِ گهر ڪرڻ مناسب ناهي. هندستان کي متحد رهڻ گهرجي ۽ صوبا ان ۾ شامل هجڻ گهرجن.

راءِ صاحب گوکلداس ميولداس پنهنجيءَ تقرير ۾ هندو-مسلم اتحاد تي راءِ ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن هندستان جي آزاديءَ جي مسئلي تي کي اختلاف آهن تہ اهي پاڻ ۾ ويهي گالهين ڪرڻ سان دور ٿي سگهن ٿا، پر اهو سوچڻ بلڪل ناممڪن آهي تہ جيڪڏهن اسان جو صوبو علحده ٿئي ٿو، تہ هو گهرندا تہ اهو پنجاب سان ملايو وڃي ۽ پنجاب کي وري سرحد سان گڏيو وڃي ۽ سرحد کي وري ترڪيءَ سان شامل ڪيو وڃي، وغيره. خبر نٿي پوي تہ ان جو ڪهڙو نتيجو نڪرندو. جيڪڏهن اسان جن مسلم ليگ پائرن جو اهو خيال آهي تہ ڪين جدا راج گهرجي، حڪومت ڪرڻ لاءِ جدا ملڪ گهرجي تہ ان جي اهميت سمجهہ ۾ اچي ٿي. انهيءَ کان سواءِ آءٌ پنهنجي مانواري دوست مسٽر جي. ايم. سيد کي پڌائڻ گهران ٿو تہ آمريڪا ۾ چا صورتحال آهي. اتي ڪارا ماڻهو رهن ٿا، انهن کي بہ پين جهڙا حق حاصل آهن. چا ان ڪري اهي بہ علحده ٿيڻ گهرندا؟ ساڳيءَ ريت آئرلينڊ جو معاملو آهي، جرمني ۽ آسٽريا جو مسئلو آهي. جيڪڏهن اسان جو ملڪ بہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو تہ ڪوبہ ٽڪرو پنهنجي حفاظت ڪري نہ سگهندو. جيتريقدر هندن جو تعلق آهي تہ هندستان ۾ هرهنڌ سنڌن پوتر آستان آهن. ساڳيءَ طرح هندستان ۾ هرهنڌ مسلمانن جون درگاهون آهن. جيڪڏهن هندستان حصن ۾ ورهايو وڃي ٿو تہ پوءِ اهو ايڪو ڪيئن قائم رهي سگهندو؟ انهن لفظن سان آءٌ ڏهراڳ جي مخالفت ڪريان ٿو.

انهيءَ موقعي تي بيگم جهي. جيي. الانا، سنڌ جي مسلمان عورتن جي طرفان راءِ ڏيندي ڏهراڳ جي حمايت ڪئي ۽ سنڌيءَ ۾ چيو تہ، آءٌ معزز ايوان کي خاطري ڏيان ٿي تہ اسان جو مسلم ليگ ۾ اعتماد آهي ۽ آءٌ گهران ٿي تہ جيترو بہ جلد ٿي سگهي، هندستان جي مسلمانن کي "پاڪستان" ملڻ گهرجي.

مانواري خانبهادر ايم. اي. کهڙي، مانواري ميمبر شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي بيان ٿي پنهنجي راءِ ڏيندي چيو تہ ان جي ڪري سر ڪرپس جي تجويزن بابت هڪ نئين ڏي

غلط فهمي پيدا ٿي آهي. انهن تجويزن ۽ مسلم ليگ جي نظريي جي وچ ۾ جيڪو تفاوت هو اهو هيءُ هو، جيئن گذريل سال لاهور سيشن ۾ مسٽر جناح پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو هو تہ، مسلم ليگ هندستان جي مسلمان قوم جي لاءِ حق خود اختياريءَ جو مطالبو ڪيو هو. جيتوڻيڪ چئي سگهجي ٿو تہ سر اسٽرافورڊ ڪرپس جي تجويزن ۾ مسلم ليگ جي خواهش جي تڪميل ٿئي ٿي، پر پوريءَ طرح نہ. اسان جي گهٽ اها آهي تہ انگريز سرڪار مسلمانن جي مڪمل خود اختياريءَ جي حق کي قبول ڪري، ان باري ۾ ٺهراءُ پيش ڪندڙ مانواري ميمبر ڪافي دليل ڏنا آهن.

ڪهڙي صاحب پنهنجيءَ تقرير ۾ وڌيڪ چيو تہ مسلم ليگ جو مطالبو آزادي آهي. مسلم ليگ جو چوڻ آهي تہ هندن کي پنهنجن علاقن ۾ آزادي ملڻ گهرجي ۽ مسلمانن کي انهن حصن ۾ آزادي ملڻ گهرجي، جتي سندن اڪثريت رهي ٿي. سنڌ ۽ ٻيا صوبا صوبائي خودمختياريءَ جي اصول هيٺ اڳ ئي آزاد آهن، رهيو ڪن معاملن ۾ اهي مرڪزي حڪومت جا محتاج آهن. پر اسين مرڪزي حڪومت کان مڪمل آزادي گهرون ٿا. اها ڳالهہ اجائي آهي تہ چاڪاڻ تہ سنڌ هڪ جدا آزاد صوبو ٿيندو، تنهنڪري هر ضلعو، هر تعلقو ۽ هر ڳوٺ آزاد ٿيڻ جي دعويٰ ڪندو. پنجاب هڪ جدا صوبو آهي ۽ ان طرح سرحد ۾ هڪ جدا صوبو آهي وغيره. تنهنڪري آزاديءَ جو اهو اصول قبول ڪيو ويو آهي تہ اهي جدا وحدتون آهن ۽ اهي صوبا پاڻ سنڀالي سگهن ٿا. رهيو زميني فوج، هوائي فوج ۽ ساموندي فوج جو سوال رهي ٿو، اهي مرڪز جا اختيار آهن. اهي ڳالهيون گول ميز ڪانفرنس ۾ ويچار هيٺ آڻي سگهجن ٿيون، جتي ڪانگريس، مهاسبا ۽ ٻين اهم جماعتن جا عيوضي موجود هوندا، جيڪي ڪو قابل قبول فيصلو ڪري سگهندا. هن ٺهراءُ تي ڪوبہ اهڙو ڪٽنيءَ جو اعتراض نہ ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اميد ڪجي ٿي تہ ايوان ان کي يڪراءِ يا اڪثريت سان قبول ڪندو.

مانواري سر غلام حسين هدايت الله راءِ ڏني تہ ان سموري ڪارروائيءَ جو هڪ نقل با اختيار ماڻهن ڏانهن آماڻيو وڃي. هن چيو تہ ان کان وڌيڪ مون کي ڪجهہ ٻہ چوڻو ڪونهي.

ان مرحلي تي جناب جي. ايم. سيد، مانواري راءِ صاحب گوڪلداس ميولداس جي اعتراضن جا جواب ڏيندي چيو تہ سنڌ ترڪي يا ٻين ملڪن سان الحاق ۾ شامل

نہ ٿيندو. ان سلسلي ۾ هن ترڪي ۽ افغانستان جا مثال ڏنا، جيڪي جدا جدا ملڪ آهن. دفاع جي نقطي تي ڪالهائيندي هن چيو تہ افغانستان، ايران ۽ عراق ۾ ڪنهنجو دفاع ڪن ٿا. اسان جو صوبو تہ افغانستان ڪان ۾ وڌيڪ آسودو آهي ۽ ان جي آبادي دنيا جي ڪيترن ئي ننڍن ملڪن ڪان وڌيڪ آهي. جيڪڏهن ٻيا ننڍا ملڪ پنهنجو دفاع ڪري سگهن ٿا تہ اسين پنهنجو دفاع چونہ ڪري سگهنداسين. جاگرافيائي وحدتن تي پنهنجي راءِ ڏيندي هن ڪئناڈا، آمريڪا ۽ ميڪسيڪو جا مثال ڏنا ۽ چيو تہ اهي آزاد ملڪ آهن ۽ هڪٻئي سان الحاق ۾ ڪونہ آهن. هرهڪ قوم آزاد رهڻ گهري ٿي ۽ ڪابہ قوم ڪنهن ٻيءَ قوم جي محتاج ٿيڻ نہ ٿي قبولي. تنهنڪري اهو دليل بي بنياد آهي. اهي لفظ چئي هن پنهنجي جاءِ ورتي.

ان مرحلي تي مانواري اسپيڪر ٺهراءَ ڪي قبول ڪرڻ جي سلسلي ۾ ايوان جي راءِ ورتي، جنهن مطابق "پاڪستان ٺهراءَ" جي جن ميمبرن حمايت ڪئي، اهي هٿ: شيخ عبدالمجيد سنڌي، خانبهادر الله بخش ڪي. ڪبول، خانبهادر حاجي اميرعلي لاهوري، ارباب توڪاچي، ميير بنده علي خان ٽالپور، ميير غلام علي خان ٽالپور، سر غلام حسين هدايت‌الله، خانبهادر غلام محمد اسراڻ، سيد غلام مرتضيٰ شاهہ، خانبهادر سيد غلام‌نبي شاهہ، پير الاهي بخش نوازعلي، نواب حاجي جام جان‌محمد، بيگم جينو پائي جي. الانا، سردار بهادر سردار قيصر خان، سيد محمد علي شاهہ، خانبهادر محمدايوب کهڙو، حاجي محمد هاشم گزدر، محمد عثمان سومرو، محمد يوسف چانڊيو، سيد نور محمد شاهہ، رئيس رسول بخش خان انڙ، جناب علي گوهر خان مهر، جناب شمس الدين خان بارکزئي ۽ خانصاحب سهراب خان سرڪي.

جن ميمبرن ٺهراءَ جي مخالفت ڪئي، اهي هٿ: راءِ صاحب گوڪلداس ميولداس، ڊاڪٽر هيمنداس آر. واڌواڻي ۽ مسٽر لولومل آر. مونواڻي.

اڪثريت ريت ٺهراءَ جي حمايت ۾ ووٽ ڏيڻ ميمبر هٿ ۽ مخالفت ۾ ٽي ميمبر. اڪثريت سنڌ صوبائي اسيمبليءَ ۾ مارچ ۱۹۴۳ع تي "پاڪستان ٺهراءَ" منظور ڪيو.

حصو پهريون

Gul Hayat Institute

پير صاحب پاڳاري حزب‌الله شاهه صاحب جو انگريزن خلاف ترڪي جي سلطان ڏانهن خط

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌ ۾ انگريزن جي حڪومت خلاف پير صاحب پاڳارن جي جدوجهد قومي آزادي جي تاريخ جو هڪ اهم باب آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ۱۸۹۶ع واري 'پهرين حر تحريڪ' ۽ ۱۹۴۲ع واري 'ٻي حر تحريڪ'، انگريزن سان جنگ ۽ مقابلي جون به وڏيون شاندار ڪوششون هيون. 'پهرين حر تحريڪ' ڪان اڳ انگريزن خلاف جيڪو جذبو جاڳايو ويو يا جيڪي قدم کنيا ويا تن تي هن وقت تائين گهٽ روشني پيل آهي. پير صاحب صبغت الله شاهه اول، سکن خلاف سيد احمد بريلوي جي پوري مدد ڪئي ته جيئن سرحد وارن علائقن جي مسلمانن کي سکن جي غلامي کان آزاد ڪجي پر اها ڪوشش سنڌ تي انگريزن جي غاصبانه قبضي ڪان اڳ واري دور ۾ ٿي. موجوده ڄاڻ موجب، پير صاحب حزب‌الله شاهه (وفات ۱۳۰۸هه ۱۸۹۰ع) پهريون پير پاڳارو هو، جنهن جي سجاده نشيني واري دور ۾ سنڌ انگريزن جي ڏاري حڪومت خلاف جذبو جاڳيو. پير صاحب نه فقط آئينده جي جدوجهد لاءِ (جيڪا پوءِ سندن فرزند پير صاحب علي گوهر شاهه ثاني جي دور ۾ 'پهرين حُر تحريڪ' جي صورت ۾ شروع ٿي) جماعت کي منظم ڪيو، پر انگريزن جي ڪن قدمن خلاف آواز اٺاريو. انهيءَ ڪان وڌيڪ پير صاحب جن سياسي نوع جو هڪ قدم کنيو، ۽ انگريزن جي جابرانه حڪومت خلاف ترڪي جي سلطان سان تعلق قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ انهيءَ سلسلي ۾ سلطان عبدالحميد خان ڏانهن خط لکيائين.

پير صاحب حزب الله شاهه چنڇر ڏينهن تاريخ ۱۸ شوال سنه ۱۲۵۸ هه (۱۸۴۲ع) ۾ ڄائو. اڍائي مهينن جو ڇاول هو جو انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. ساڍن ڇهن سالن ڪن جي عمر ۾ جڏهن سندن والد (پير صاحب علي گوهر شاهه اصغر) جي وفات تي هو سجاده نشين ٿيو تڏهن سڄي سنڌ تي انگريزن جو غلبو ۽ قبضو ٿي چڪو هو: يعني ته سنڌ تي انگريزن جي زوري قبضي سبب سنڌ جي هڪ

آزاد مسلمان رياست جو خاتمو ٿي ويو هو، ۽ فقط مير علي مراد کي، ئي انگريزن پنهنجي دوست جي حيثيت ۾ نئين خيرپور رياست جو والي بنائي تخت تي وهاريو هو.

آزادي لاءِ جدوجهد پير صاحب جن کي ورثي ۾ ملي هئي. هڪ طرف انگريزن جو سنڌ تي قبضو ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندو ٿي ويو تہ ٻئي طرف انگريزن جي طرفدار مير علي مراد خان جو پير صاحب سان نزاع شروع ٿيو. پير صاحب جن پنهنجي ننڍپڻ کان وٺي بلوغت ۽ جواني واري دور تائين انگريزن سنڌ ۾ جيڪي پئي ڪيو، تنهن کي غور سان پئي ڏٺو. انگريزن سنڌ جي آزاد حڪومت ختم ڪري سنڌ کي غلام بنايو هو، ملڪ تي ڌاريا قاعدا قانون مڙهيا هئا، ماڻهن جي مالي حالت زبون ٿي وئي هئي ۽ سندن خوشحالي ختم ٿي چڪي هئي، ۽ سنڌ جي اسلامي روايتن کي، جيڪي صدين کان وٺي رائج هيون مسخ ڪيو پئي ويو. انگريزن جي سرڪاري جلسن ۾ ڪليو ڪلايو شراب پئي هلايو ويو.

شراب خوري خلاف احتجاج

پير صاحب جن پهريان غيرتمند شخص هئا، جن جرأت سان شراب خوري واري انهيءَ حرڪت خلاف آواز اٺاريو. روهڙي-سکر وٽان درياءَ واري پل جي سلسلي ۾ بمبئي جو گورنر آيو ۽ وڏو سرڪاري جلسو ٿيو، جنهن ۾ پير صاحب جن ۽ ٻين مقامي معزز ماڻهن کي سڏيو ويو هو. اتي شراب جا گلاس سندن آڏو رکيا ويا. پير صاحب جن غيرت وچان اٿي بيٺا ۽ خاص طرح انگريز آفيسرن ڏي منهن ڪري پنهنجي پريل آواز سان احتجاج ڪيائون تہ جيڪڏهن شراب نہ هٽايو ويو تہ پاڻ جلسي کي چڏي هليا ويندا. تقرير ۾ انگريزن جي حڪومت طرفان ملڪي رسم جي خلاف سرڪاري جلسن ۾ شراب پيارڻ واري حرڪت تي سخت نڪته چيني ڪيائون. نتيجو اهو ٿيو جو بروقت شيشا ۽ گلاس هٽايا ويا ۽ شراب ڏيڻ بند ڪيو ويو. هن مشهور واقعي بابت ميان حسام الدين شاهہ هن طرح لکيو آهي تہ:

"خودداري جي اها حالت هئي جو لينسڊائون پل جي افتتاح وقت جيڪا گورنر پارٽي ڪئي هئي، ان ۾ جنهن وقت شراب جو دور هليو، ان وقت پير صاحب جن پنهنجو پيمانو هٿ ۾ جهلي مخالفانہ انداز ۾ نهايت ڪڙڪيدار تقرير ڪئي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو شراب جا شيشا پيمانن سميت مجلس مان ٻاهر ڪڍائي چڏيائون. (۱)

---

(۱) "گالهيون گوٺ وٽن جون"، تصنيف پير حسام الدين راشدي

انگريزن خلاف ترڪي جي سلطان ڏي خط

پير صاحب جن وڏا محب وطن ۽ ان سان گڏ اعليٰ سياسي تدبر ۽ سياسي بصيرت جا مالڪ هئا(۱). سنڌ جي پنهنجي آزاد اسلامي حڪومت جي خاتمي بعد انگريزن جي غاصبانه قبضي کي ڏينهون ڏينهن مضبوط ٿيندو ڏسي دوراندیشي سان سوچيائين ته انهيءَ غلامي کان ڪيئن نجات حاصل ڪجي. پهريائين سندن توجهه انهيءَ طرف ٿيو ته اندروني طور ملڪ ۾ ماڻهن جي اجتماعي طاقت کي وڌائجي. خود پاڻ پنهنجي جماعت کي نه فقط وڏايائون ۽ منظم ڪيائون، پر جماعت ۾ همت ۽ مردانگي، مقابلي ۽ جهاد جو روح ڦوڪيائون. انگريزن طرفان جو ڪوڙي ڪيس ۾ ڪين نظربند ڪيو ويو، ان خود بخود سندن جماعت ۾ انگريزن خلاف نفرت جو جذبو پيدا ڪيو. پير صاحب جن کي انگريزن جي قبضي بعد عام ماڻهن جي افلاس ۽ مايوسي جو احساس ٿيو ۽ پاڻ پنهنجي حد تائين غريبن جي دلجوئي ۽ سائلن جي مدد لاءِ سخا جا دروازا کولي ڇڏيائون.

ٻئي طرف پنهنجي سياسي بصيرت سان محسوس ڪيائون ته انگريزن جي ايڏي وڏي طاقت کي، ڪنهن ٻي ٻاهرين وڏي طاقت جي مدد ۽ معاونت کان سواءِ ملڪ مان هٽائڻ مشڪل ٿيندو. انهيءَ سلسلي ۾ ان وقت جي اسلامي دنيا جي خليفي ۽ ترڪي جي سلطان عبدالحميد سان ناتو قائم ڪرڻ ۽ خليفي کي انگريزن جي حڪومت جي ڪرتوتن ۽ ڪارنامن کان آگاهه ڪرڻ ضروري سمجهيائون. انهيءَ مقصد لاءِ سلطان عبدالحميد ڏانهن پاڻ فارسي ۾ خط جو مسودو تيار ڪيائون، جنهن جي وڌيڪ عبارتآرائي ۽ خوش نويسي پنهنجي فرزند ميان علي اصغر شاه کي سونپيائون. ميان علي اصغر شاهه اهو مسودو عبارتآرائي سان نهايت سهڻو ڪري لکيو، ايتري قدر جو ڪيس دستور موجب والد صاحب کان خلعت حاصل ڪرڻ جي تمنا ٿي ۽ انهيءَ تمنا کي ٻڌ عبارتآرائي سان نقاشي واري حاشيه سان سينگاري خط جي مسودي جي پويان ساڳئي سهڻي صورتخطي ۾ لکي پيش ڪيائين.

خط جو اهو پهريون مسودو، جيڪو ميان علي اصغر شاهه لکي پيش ڪيو، تنهن جو عڪس ٿي اسان تائين پهتو آهي. جناب پير صاحب جن طرفان آخري طور اهو خط ڪهڙي صورت ۾، ۽ ڪهڙي طريقي سان سلطان تائين پهچايو ويو، سو

---

(۱) تاريخ ۲۳- آگسٽ ۱۹۸۳ع تي ڪراچي ۾ پير علي محمد شاهه صاحب راشدي سان هن موضوع تي گفتگو ٿي. راشدي صاحب تصديق ڪئي ته پير صاحب حزب الله شاهه سياسي بصيرت رکندڙ هو. پير سائين جن جو نالي پير شاهه چولدو هو ته: جناب حزب الله شاهه نه صرف بين الاقوامي حالات ۽ واقعات کان باخبر هو، پر معاصرالا واقعات تي راءِ رکندڙ هو. جنگيون ٿيون ته نقشا ڪهي سمجهائيندو هو ته هيئن ٿئي يا هيئن ٿئي.

سراسر راز هو ۽ اڄ تائين راز ئي رهيو آهي. هن مسودي جو مطالعو ڪندي هيٺين نتيجن تي پهچجي ٿو: (۱) هن مسودي ۾ وچان وچان ٿورا گهڻا خال ڇڏيل آهن، جيڪي ڪن خاص لفظن ۽ فقرن سان غالباً يوءِ پير صاحب جن خود پاڻ ئي ڀريا. (۲) خط جي خاص معنيٰ ۽ مقصد کي شروع کان آخر تائين عبارت‌آرائي ۾ ڍڪيو ويو آهي ته آساني سان اهو معلوم نه ٿي سگهي ته اهو ڪو سياسي نوعيت جو خط آهي. (۳) پير صاحب جن هي خط سلطان عبدالحميد ثاني (۱۲۹۳-۱۲۲۷هه/۱۸۷۶-۱۹۰۹ع) ڏي لکيو ۽ جيئن ته پاڻ محرم ۱۳۰۸هه ۾ وفات ڪيائون، انهيءَ ڪري اهو خط ۱۲۹۳-۱۳۰۸هه واري عرصي ۾ لکيو ويو هوندو. (۴) هن خط اندر وچ ۾ سنڌ تي انگريزن جي ڪيل قبضي ۾ ڪرتوتن ۽ ملڪ جي ماڻهن جي تباهي جو خاص ذڪر آهي. لکيائون ته:

”هن وقت جڏهن هندوستان چؤڌاري بي دين نصارن جي قبضي ۾ اچي ويو آهي، تڏهن دين ۽ ايمان مٽجي غلط سلط ٿي چڪا آهن، بگهڙ ڌڻ جا رکوال آهن، شريف ۽ رذيل ٻنهي کي هڪجهڙو سمجهيو وڃي ٿو، هندو زوران زور ته مسلمان ڪمزور آهن. مفلسي گهڻي ۽ بيحد ته سرڪاري مطالبا وڌان وڌ... اهي صليب جي نشان کي ايمان جي تعويذ کان وڌيڪ اثرائتو سمجهن ٿا، ۽ ناقوس جي آواز کي اذان ڪري ڀائين ٿا..... نه حڪمرانن کي رعيت جي تباهي تي غور ته نه وري رعيت جي هٿ ڪرائي ۾ زور. هڪ طرف زراعت بي برڪت ته ٻئي طرف ڍل وصول ڪندڙن جي ڪثرت. باوجود انهيءَ جي، قلم ۽ زبانون، انگريزن ۽ سندن طرفدار تابعن ۽ نوابن جا ٻول ٻولي ۽ ڳڻ ڳائي رهيا آهن.“

خط ۾ مٿئين مقصد واري بيان ۽ ان بعد سلطان عبدالحميد جي نالي واري آخري حصي جي اصل فارسي عبارت هيٺينءَ طور آهي:

”السلاطين ظل الله تعالیٰ

تسبيحِ مسبّحان خاکي و تمديحِ حامدانِ افلاکي سبّوحِ اقدس ربّ الارواح و النفوس را... اکنون که چهار دانگ هندستان تحت اقتدار نصرانيان... آمده اديانها برغلط شده و ايمانها مختلط گشته، گرگ بره را پاسبان است شريف با رذيل بآبروي يکسان، هندوان چيره دست و مسلمان خيره و پست، افلاس طاريست بيحد و مطالبات سرکاري بلا عدد... نقش صليب را مؤثّر تر از حرز يماني خوانند وصداي ناقوس آواز اذاني دانند - جز سبهره مسجد را اعتکاف نشين نيست سواي گربه قبر موش راتوليت گزين - هر مبتدع پير فياض حقيقت است و هرنا متشرع حياض طريقت فجّار بمراتبِ ارجمند فائز و ابرار محروم از صلاة و جوائز - ارضيات رقومِ رهن را نا مکتفي

مسکونات سود را غیرموفی ـ نه حکام را بر تباهیء رعایا غور و نه رعایا را در پنجهٔ بازو زور ـ زراعت هاي بي برکت کشش محصلان را کثرت ـ مگر بلبل قلم را در ثناء گلهاي حدیقه سروريء ناظمان اورنگ و گلبان نو بهار سخا پروريء نوابان تابع فرنگ، صفیر بر صفیر است و نغمه دلپذیر که نه زبان را در مدایح اعمال شان مجال زدن حرفي و نه روان را در قبایح افعال ایشان خیال گرفتن طرفي...

بر افلاطون کتاب حکمت بیناي که برضمیر سجنجل(۱) تصویر صاحبان عقول اولي خبرت دانندهگان طرز سؤال سائل و بر خیال قمر مثال دانایان ذوي الفطره فهمندهگان مقال قائل که مظهر خباياي(۲) رموز سرمدي اند و مصدر خفایاي(۳) امور ایزدي [ظاهر و روشن است](۴) که این تمهید تهید ستگاني رابسطي جز سؤال نیست و این جمله تشییدِ سبّاني را سطحي سموای بسطِ اذیال.....

پس بهتر که جهت دوام بقاي عمر و اقبال و ارتقاي عز و اجلال خسرو همایون دریا نوال قلزم قدم قدر مجال المنعوت بصفات الجمال [والجلال] ضیاءالملک والملة والدین امیرالامة والمومنین ظل رب‌العالمین امام رعیه المسلمین جناب سلطان عبدالحمید اورنگ آراي ممالک محروسه کل ملک ترکستان و عربستان صانه الله عن الفتن والحدثان(۴) دستي در درگاه احدیت و بازوي مسئلتي در بارگاه صمدیت دراز نماي..... بر تخت کامراني بمرادات جاوداني الي یوم القیام بحرمت انبیاء عظام و خلفاء کرام و اولیاء ذوي الاحترام سلامت داراد و نقطهٔ مرکز حکومتش روز بروز وسیع و کشاده کناد بالنون والصاد."

---

(۱) سجنجل = آئینه

(۲) جمع خبیئه، بمعني تخمهاي که در انبار باشد اینجا مراد اسرار است

(۳) جمع خفیئه، بمعني اسرار و پنهاني ها

Gul Hayat Institute

"سنڌ سپا" ــ سنڌ جي پهرين سياسي تنظيم

[سنڌي هندو ۽ مسلمانن جي علحدگيءَ جي ابتدا]

غلام محمد لاکو

ننڍي کنڈ ۾ سنڌ جي تهذيب، تمدن، اتهاس ۽ ادب کي آدجگاد کان تمام مٿانهين حيثيت پئي حاصل رهي آهي. اسلام هن خطي ۾، سن ۷۱۲ع ڌاري پهتو. بعد ۾ يارهن صديون لاڳيتو، هتي مسلمانن راج ڪيو ۽ حڪم هلايو. سال ۱۸۴۳ع ۾ هي خطو ٻي، باقي هندستان وانگر، انگريزي راج جو حصو ٿي ويو. ان سان گڏ هتي اسلامي راج جو خاتمو ٿيو ۽ سنڌ پنهنجي سياسي خودمختياري توڙي انفرادي ۽ جداگانه حيثيت به گم ڪري ويٺي!

هند-پاڪ ننڍي کنڈ ۾ سال ۱۹۴۷ع ۾ جيڪو ڪجهه ٿي گذريو، سو ڪو اتفاقي حادثو نه هو. دراصل پاڪستان ٺاهڻ کان ڪري، پين انيڪ تحريڪن ۾ سنڌي مسلمانن جيڪو پرپور ۽ مثالي ڪردار ادا ڪيو ۽ سنڌي هندن ۽ مسلمانن ۾ جيڪا مستقل علحدگي پيدا ٿي، ۽ پوءِ آخرڪار هندن کي هي ملڪ ٻه ڀاڱا ٿيو. ان لاءِ خام مال حقيقت ۾ ٽالپورن جي دور کان تيار ٿيڻ شروع ٿيو هو. جنهن به مؤرخ هندو-مسلم علحدگيءَ تي ڪم ڪيو، افسوس آهي ته انهن مان ڪنهن به سنڌ جي سيني ۾ گهري جهاتي پائي هي ڏسڻ جي ڪوشش نه ڪئي ته آخر سنڌي هندن ۽ مسلمانن ۾ ڪيئن وڇوٽي پيدا ٿي؟

ٽالپورن هالاڻيءَ جي ميدان تي، پنهنجن حاڪمن ۽ مرشدن کي شڪست ڏيئي سنڌ تي قبضو ڪيو. نون حاڪمن اٽندي ئي کي اهڙا فيصلا ڪيا، جنهن سبب سنڌن خلاف بدمزگي جو بنياد پڄي ويو. ان سان گڏ ٽالپورن جي ڪجهه فيصلن ۽ عملن سبب، سنڌ جي هندن کي به سخت مايوسي ٿي. مثال طور ميرغلام علي جي اشاري تي، ڀيڙي ۽ معمر سفارتڪار ديوان گدومل کي، ڪن ماڻهن سندس گهر ۾ گهڙي لڌين سان ڌاهي ڇڏيو. ان بعد نائون مل ۽ سندس خاندان ۽ حڪمرانن ۾ جيڪا اڌ صدي لاڳيتو چپقلش رهي، اها ته عالم آشڪار آهي. ان جو ذڪر خود نائون مل ۽ پين همعصر تذڪره نگارن وڏي واک ڪيو آهي. آخرڪار نائون مل، انگريزن سان ملي، سنڌ کي غصب ڪرايو. ان ريت، سنڌي هندن ۽ مسلمانن ۾ علحدگي اڃا به

وڏي وئي. جيئن ئي ميرن جو زوال ٿيو، تيئن نيپئر سنڌ جي جديد انتظامي جوڙجڪ ۽ سڌاري توڙي ترقيءَ متعلق کي اهم فيصلا کيا. هن سڄي عمل ۾، نائونمل انگريزن سان شريڪ رهيو. کيس ڊپٽي کليڪٽر بنايو ويو ۽ سندس چوٽ تي، سنڌ ۾ کيئي هندو کاردار مقرر ٿيا، جنهن جو ذکر خود سيٺ صاحب پنهنجي "يادگيرين" ۾ کيو آهي.

سال ۱۸۴۷ع ۾ نيپئر جي وڃڻ تي، سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪري، ان کي بمبئي پرڳڻي جي ماتحت کيو ويو. بمبئيءَ جي گورنر جي سرپرستيءَ ۾، هت هاڻي ڪمشنر ڪم ڪرڻ لڳو. پرنگل کان پوءِ هن خطي لاءِ فريئر صاحب ڪمشنر مقرر ٿي آيو، جيڪو سال ۱۸۵۹ع تائين رهيو. حقيقت ۾ جديد سنڌ جو باني فريئر صاحب ئي آهي. هن سنڌ جي پلي ۽ ترقيءَ لاءِ کيئي فيصلا کيا، جيڪي تاريخ جي صفحن ۾ محفوظ آهن. هن صاحب سنڌي الف بي تيار ڪرڻ لاءِ هڪ کميٽي ٺاهي، جنهن ۾ هندو توڙي مسلمان عالم شريڪ هئا. جيئن تہ سنڌ جي سياسي، ملکي ۽ قومي فضا اڄ ڪئي زهريلي هئي، ان ڪري ان جو هن خالص علمي ڪم تي بہ کافي اثر پيو. پيرو مل لکي ٿو-

"آئين هن علمي ڪم کي گويا فرقيوار رنگ اچي ويو، ۽ هي هڪ هندو مسلم سوال ٿي پيو". (سنڌي بولي جي تاريخ، ص ۲۶۰).

ان ريت جيڪا گالهہ سنڌ ۾ حل ٿيڻ کپندي هئي، سا وڃي بمبئيءَ ۾ حل ٿي. هندو-مسلم چڪتاڻ سبب، هي پهريون پيرو هو جو آسان جو هڪ مسئلو سنڌ کان ٻاهر نبيريو ويو. ان ريت نفاق ۾ اڃا بہ اضافو ٿي ويو. بهرحال، فيصلو مسلمانن جي حق ۾ ٿيو، جنهن کي هندن بادل ناخواستہ قبول کيو. (تعجب آهي تہ هڪ صدي کان پوءِ، ڪٿر هندن دهلي ۽ بمبئيءَ ۾ ويهي هن مسئلي کي کنيو، جنهن جو تفصيلي ذکر همعصر اديب موهن کلپنا پنهنجي آتم ڪتا "بُڪ، عشق ۽ ادب"، ۱۹۸۵ع، سنڌ ۾ چپيل، ۾ کيو آهي). هن فيصلي بعد سنڌ ۾ سرڪاري سرپرستيءَ ۾، تصنيف ۽ تاليف شروع ٿي. هند سرڪار وري شاهہ جي رسالي لاءِ رقم منظور ڪئي. فريئر صاحب سنڌ جو ڪمشنر هو تہ، هندستان ۾ هڪ بلوو ٿي پيو. هي واقعو سال ۱۸۵۷ع ۾ ٿي گذريو. پوري نئڊي کنڊ وانگر سنڌ ۾ بہ ان کي انگريزن پوريءَ قوت سان چيپاڻي چڏيو. اهڙي مشڪل وقت ۾ اهو سيٺ نائونمل ئي هو، جنهن سنڌ جي ڪمشنر صاحب ۽ سندس انتظاميہ جي پرپور مدد ڪئي هئي.

(۲)

بغاوت هند جا کي اهم نتيجا نڪتا. ڪمپني سرڪار ختم ٿي ۽ سمورو هندستان، تاج برطانيہ جي سڌي حڪم تحت آيو. هندن جو انتظاميہ ۾ عمل دخل وڌي ويو، ۽ پوري نئڊي کنڊ جو مسلمان ويچارو ۽ مفلوج ٿي ويو. سال ۱۸۶۱ع

۾ انڊين ڪونسلس ايڪٽ لاڳو ٿيو، جنهن بعد هتي آئيني حڪمرانيءَ جو بنياد پيو. ان تحت سرڪار ۾ عوامي نمائندگيءَ جو عمل شروع ٿي ويو. هاڻي هندستان ۾ سياسي جماعتن ۽ تنظيمن جو بنياد پيو. ان وقت هي سلسلو اڃا ابتدائي مرحلن ۾ هو. سال ۱۸۸۶ع ۾ سرسيد جي ڪوششن سان 'برٽش انڊين ائسوسيئيشن' ٺهي، ۽ پوءِ ڪي ٻيون تنظيمون به ظهور ۾ آيون. سال ۱۸۶۷ع ۾ هندستان ۾، اردو-هندي چڪتاڻ کاڦي تبديلي آندي. هن جهگڙي ڪري هندستان ليول تي، هندن ۽ مسلمانن ۾ مستقل وڇوٽي پيدا ٿي. ان بعد سرسيد جو سڃو ڌيان، مسلم تعليم ڏي ويو ۽ هو ۱۸۷۵ع ۾ عليگڙهه ۾ ڪاليج ۽ مدرسو ٺاهڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان دور ۾ هندستان ۾ ايندڙ وائسراءِ، گهٽو ڪري غيرهمدرد ۽ فرعوني طبيعتن جا مالڪ هئا. البت جڏهن لارڊ رپن (۸۰-۱۸۸۴ع) هندستان جو وائسراءِ مقرر ٿي آيو، تڏهن صورتحال ۾ کاڦي سڌارو آيو. هن صاحب پنهنجي دور ۾، هندستانين کي ڪي حق ۽ رعايتون ڏنيون. سندس دور ۾، عام ماڻهوءَ تان ٽيڪسن جو کاڦي بوجھ گهٽايو ويو، البته ڪيس زميني سڌارن آڻڻ ۾ ناڪامي ٿي. صوبن ۽ مرڪز جي حقن جو نئين سر جائزو ورتو ويو. وڌيڪ هي ته لارڊ رپن لوڪلبورڊ ۽ ميونسپل جي فرضن ۽ حقن کي به نئين سر متعين ڪيو. اتي نامزدگي بجاءِ، چونڊ جو سڌو طريقو لاڳو ڪيو ويو. تعليم تي توجھ ڏنو ويو. سندس دور ۾ انگريزي ۽ مقامي زبانن جي حقن کي برابر تسليم ڪيو ويو. جڏهن لارڊ رپن سال ۱۸۸۴ع ۾ هندستان کان واپس ٿيو، تڏهن هن ڌيان پنهنجا هزارين مداح ڇڏيا. بعد ۾ لارڊ ڊفرن (۸۴-۱۸۸۸ع) هندستان جو وائسراءِ ٿيو. هن صاحب به تاريخ ۾ ڇگو نالو ڇڏيو آهي. سندس دور ۾ هندستان جي سياسي پارٽي 'انڊين نيشنل ڪانگريس' وجود ۾ آئي. اسين جنهن دور جو مطالعو ڪري رهيا آهيون، ان کي 'انڊين ڪونسلس ايڪٽ ۱۸۹۲ع' تائين ريڙهي سگهجي ٿو.

(۳)

جيئن ته قبضي سنڌ بعد هي ملڪ هندستان جو حصو رهيو، ان ڪري مناسب هو ته اول اسين اتي ٽيندڙ واقعن ۽ تبديلين کي ڏسي وڃون. فريئر، لارڊ ڪيننگ وانگر، سنڌ ۾ ڪمپني سرڪار جو آخري حاڪم ۽ تاج برطانيہ جو پهريون ڪمشنر هو. بعد ۾ مسٽر انويرارٽي ڪمشنر ٿي آيو ۽ هي سلسلو سال ۱۹۳۶ع تائين، يعني سنڌ جي الڳ صوبي ٿهڻ تائين جاري رهيو. 'انڊين ڪونسلس ايڪٽ ۱۸۶۱ع' سنڌ جي مسئلن ۾ کاڦي واڌارو ڪيو، ڇوته سنڌ جو ڪمشنر بمبئيءَ جي ماتحت هجڻ ڪري، ڪجھ ڪري سگهڻ جو اهل نه هو. آخرڪار سرڪار کي اسان جي حالت تي رحم آيو ۽ 'سنڌ ائڪٽ ۱۸۶۸ع' لاڳو ڪيو ويو. ان جو نتيجو وري هي نڪتو جو ڪمشنر صاحب جي اختيارن ۾ بي حساب واڌارو ٿيو، جنهن ڪري

هو هتي جي ماٿهن لاءِ مصيبت بنجي ايندا هئا. هاڻي هن سڄي پس منظر ۾، جديد سنڌ جي اڏاوت شروع ٿي. سال ۱۸۶۰ع ۾ تعليم ڪاتو ته برپا ٿيو، پر پيسي جي ڪميءَ سبب، ان ڏس ۾ ڪوبه خاطرخواه ڪم نه ٿيو. سال ۱۸۶۳ع تائين، مس مس وڃي هت هڪ هاءِ اسڪول (اين.جي.وي. هاءِ اسڪول) تعمير ٿيو. سنڌي شاگرد ميٽرڪ جي امتحان پاس ڪرڻ ۽ گريجوئيشن ڪرڻ لاءِ بمبئي ڏي ويندا هئا، چو ته ان جو سنڌ ۾ ڪوبه بندوبست نه هو. ڪراچيءَ کان بمبئي سمنڊ ذريعي وڃبو هو. هي سفر انتهائي تڪليف ده، طويل ۽ اڻانگو هو. ان هوندي به ڪجهه هندو شاگرد همٿ ڪري، اوڏي ويا ۽ سڪ-ستر وارن ڏهاڪن ۾ ڊگريون وٺي سنڌ واپس پهتا. آنجهاني پيرومل جو خيال آهي ته پهريون سنڌي، جنهن ميٽرڪ ۽ بي. اي. پاس ڪئي، اهو مسٽر چوهڙمل ڪندنمل هو. ڪن صاحبن جو وري هي خيال آهي ته مسٽر آلومل ٽيڪمداس (نائون مل جو پوٽو) پهريون سنڌي گريجوئيٽ ۽ سي. ايس. آءِ. هو. بهرحال، ان ۾ ڪوبه شڪ ڪونهي ته سنڌ جي هندن جديد تعليم حاصل ڪرڻ ۾ سڀ پيش رفت ڪئي ۽ بمبئي کان واپس ٿي هو صاحب، سنڌ جي تعليم، ثقافت، ادب ۽ سياست تي پوريءَ طرح ساڻ چانئجي ويا.

جيتري قدر سنڌي مسلمان جو سوال آهي ته اهو سياسي توڙي مذهبي خيال کان نفرت ڪري، جديد تعليم جي ويجهو نه آيو. انڪري اسان جي اڪثريت پسماندگي ۽ جهالت جو شڪار ٿي وئي. مسلمانن تعليم ڏي ڏڌهن توجه ڏنو، جڏهن هندو ان ڏس ۾ ڪافي اڳتي نڪري چڪا هئا. قبضي سنڌ کان ٽيهه سال پوءِ، مس مس پهريون سنڌي مسلمان، گريجوئيٽ ٿي سگهيو، هي هو مرحوم مرزا صادق علي بيگ، جنهن سن ۱۸۷۲ع ۾ ڊگري ورتي. سال ۱۸۸۶ع تائين، صرف چار سنڌي مسلمان گريجوئيٽ ٿيا ۽ هي اهو زمانو هو، جڏهن هتي جا هندو، سنڌ جي زندگيءَ جي مڙني شعبن تي چانئجي چڪا هئا. آنجهاني اجواڻي پنهنجي ادبي تاريخ (انگريزي) ۾ جيڪي سنڌي نثر جا چار پيل پاوا تجويز ڪيا آهن، انهن مان صرف هڪ مسلمان (مرزا قليچ بيگ) ڏسجي ٿو ۽ باقي ٽي هندو--ڏيارام گدومل، پرمانند ميوارام ۽ ڪوڙومل چندنمل ڏسجن ٿا. ان سان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته سنڌ جي مهذب دنيا تي، ڪير وڌيڪ چانيل هو ۽ ان جو سبب چا هو؟

Gul Hayat Institute

(۴)

انگريزي قبضي بعد، جيئن مون عرض ڪيو، انڊين ٿي سنڌ جو ملڪ تمام گهڻن لاهن چاڑهن مان گذريو. صوبائي حيثيت جو ختم ٿيڻ، هندو طبقي جو ملڪي معاملن تي چانئجي وڃڻ، حيدرآباد بجاءِ ڪراچيءَ جو تخت گاهه مقرر ٿيڻ، ٽئين الف-ب جو عمل ۾ اچڻ، سن ۱۸۶۱ع جو انڊين ڪونسلس ائڪٽ لاڳو ٿيڻ ۽

وري سنڌ انڪٽ ۱۸۶۸ع جو ظاهر ٿيڻ ـــ هي سڀ واقعا اسان جي جديد سياسي تاريخ جو صرف مهاڪ آهن. انگريزن پراڻي انتظاميه ختم ڪري، سنڌ جي بندوبست کي پنهنجي خيال کان ترتيب ڏيڻ شروع ڪيو. هڪ طرف اپر سنڌ لاءِ جان جيڪب کي ۽ ٽر ۽ پارڪر لاءِ الڳ سياسي ايجنٽ (ڪرنل ٽروٽ) جي مقرري ٿي ته ٻئي طرف رياست خيرپور کي چڏي، باقي ملڪ کي ٽن ضلعن ۾ تقسيم ڪري اتي ڪليڪٽر مقرر ڪيا ويا. سڀ واري ڏاهڪي تائين جلاوطن ميرصاحبان، يا نه رب ڏي راهي ٿي چڪا هئا، يا وري سنڌ واپس ٿي سرڪار کان جاگيرون وٺي خوش ٿي ويٺا هئا. هوڏي ميرشيرمحمد خان آف ميرپور پڻ سنڌ واپس ٿي چڪو هو. هن به آخرڪار سرڪار کان جاگير وٺي، سياست ۽ ملڪي معاملن کان ڪناره ڪشي اختيار ڪئي. پراڻي تعليمي نظام ۽ فڪر جي جاءِ تي، مغربي طرز جي تعليم رائج ٿي چڪي هئي. سنڌ اندر هڪ طرف پراڻن جاگيردارن سنڌ جو سودو قبول ڪري، انگريزن کان پنهنجيون جاگيرون بحال ڪرايون، ته ٻئي طرف پهريون پيرو هتي جاگيردارن جو ٻنهه نئون طبقو ۽ مڊل ڪلاس اپري رهيو هو. هي پويون طبقو ئي، پوءِ صحيح معنيٰ ۾، سنڌ جي سياست ۽ ملڪي ماحول تي چانٽجي ويو.

فتح سنڌ وقت (۱۸۴۳ع)، سنڌ جو هاڻوڪو تختگاهه 'ڪراچي' مختصر ڳوٺڙو هو، جيڪو هڪ ڪوٽ ۾ محدود هو. ان قلعي کي ٻه دروازا ـــ ميٺو در ۽ ڪارو در ـــ هوندا هئا. ذڪر هيٺ دور ۾ (۱۸۴۳-۱۸۹۲ع)، ڪراچي شهر هڪ خوبصورت ۽ جديد طرز جو اڊجنڊ شهر ڏسڻ ۾ ٿي آيو. ان جي آبادي وڌي مني لک تي وڃي پهتي. آن دور ۾ بندر روڊ جي ٻنهي پاسن کان ڪي ٿوريون عمارتون ٺهيون هيون. رام باغ وارو علائقو، مس هاٿي مهذب شهرين جو مرڪز بنجي رهيو هو. صدر، ڪينٽونمينٽ ۽ پراڻي شهر وارن علائقن ۾ ـــ گورنمينٽ هائوس، فريئر هال، سول اسپتال ۽ ميري ويدر ٽاور ـــ ڏسڻ جهڙيون عمارتون هيون. ان کان علاوه هتي سنگهو پير، ڪلفٽن، ڪياماڙي ۽ منهوڙي جو ٻيٽ، مستقل جاگرافيائي علامتون موجود هيون. هي شهر آهستي آهستي هڪ اهم واپاري مرڪز طور اسري رهيو هو، جتي سنڌ جي ٻين شهرن جي ٻيٽ ۾، وڏيڪ مال ۽ جهجهي دولت ڏسڻ ۾ آئي ٿي. هت دڪني، پارسي، گجراتي ۽ بوهره قومن واپار ڪرڻ شروع ڪيو. اهڙي شهر ۾ ٿي ادبي، ثقافتي ۽ سياسي اجتماع ٿي سگهيا ٿي، چوته اتي سڀ سهوليتون هيون، مرڪز هئا ۽ ماحول هو!

خاطري ته ڪانهي، البته گمان غالب آهي ته سنڌ سطح تي پهرين سياسي يا نيم سياسي يا وري ايجا به ته هڪ مذهبي-سياسي تنظيم قائم ڪرڻ جو خيال خانبهادر حسن علي آفنديءَ کي آيو. آفندي ۽ سندس ساٿين ويچار ڪري، ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي اندرين علائقن مان ڪجهه ماڻهو گڏ ڪري، هڪ ميڙ يا اجلاس ڪيو. خيال

هي هو تہ اسلامي ليول تي هڪ تنظيم 'انجمن اسلام' ٺاهجي. خانبهادر حسن علي آفندي، ذات جو ميمڻ هو ۽ ابتدا ۾ حيدرآباد جو رهاڪو هو. بدقسمتيءَ سان سنڌ جا مسلمان، هن اجلاس ۾ صدارت جي مسئلي تان وڙهي پيا ۽ انجمن ٺهي نہ سگهي. مرحوم الله بخش اپوجهي هن صورتحال جو نقشو هن ريت چٽيو آهي:

پيو هو اچي اختلاف صدارت
کي ميرن جي ڪن ۽ کي پيرن جي پارت
کي عظمت کي ڳولن، کي ڳولن امامت
ٺهي نا سگهي انجمن جي عمارت
انهي ڳالهه کي سال پنج چار گذريا
خيالات سڀ درس تدريس وسريا.

(مسدس اپوجهو، ص ۵۴)

هي واقعو سال ۱۸۸۰ع ۾ ٿي گذريو. ڊاڪٽر ممتاز بخاري صاحب پڻ هي سال تجويز ڪيو آهي (سنڌ مدرسته الاسلام، ص ۱۱۶). هي اختلاف مرحوم آفنديءَ کي صدر بنائڻ تي ٿيو هو.

هي اهو زمانو آهي، جڏهن لارڊ رپن هندستان جو وائسراءِ مقرر ٿي آيو هو. سندس دور ۾ اصلاحات جو سرسري ذڪر اڳ ۾ ٿي مٿي اچي چڪو آهي. رپن جي دور ۾ ماٺهن گهٽي وقت جي گهٽ ۾ ٻوست بعد پهريون پيرو آزاديءَ جو ساهه کنيو. اخبارن ۾ جوش پيدا ٿيو. تقرير ۽ تحرير تان بندش لٿي. غلام آقائن تي تنقيد ڪري سگهيا. ميونسپل ۽ لوکل باڊيز جهڙن ادارن ۾ نامزدگي بجاءِ سڌي الیکشن جو عمل شروع ٿيو. سڀ کان وڌيڪ تہ هاڻي نئين کنڊ ۾ سياسي تنظيمن ٺاهڻ جو ۽ دور شروع ٿي چڪو هو. هندستان جي هڪ صدي پراڻي جماعت 'انڊين نيشنل ڪانگريس' پڻ ان پس منظر ۾ ظاهر ٿي. هڪ طرف وائسراءِ هند، بهترين حڪمران، سڏو ڪارڪن ۽ لائق مدبر هو تہ ٻئي سنڌ تي به ان زماني ۾ مسٽر ارسڪن (۱۸۷۹-۱۸۸۷ع) جهڙو لائق ڪمشنر هو. هن صاحب به مسٽر رپن جي پاليسين کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ وسان کين گهٽايو.

هن دور ۾ اسرندڙ، جديد ۽ خوبصورت 'ڪراچي' شهر ۾ جڏهن سنڌي نوجوان 'بمبئي' ۾ جديد تعليم حاصل ڪري ۽ ڊگريون وٺي واپس پهتا، تڏهن انهن سنڌ جي تعمير ۽ اڏاوت توڙي عوامي پلي لاءِ ڪجهه نہ ڪرڻ جو سوچيو. بمبئيءَ ۾ رهندي، سنڌي نوجوان اتي جي هندن، پارسين، مرهٽن ۽ ٻين قومن جي تعليم يافته، مهذب، وطن دوست ۽ قوم پرست انسانن سان رلي ملي گهٽو ڪجهه پرائي آيا. بمبئي تہ ٺهيو، پر سنڌ جي جديد اڏاوت ۾ پلا ولسن ڪاليج ۽ ايلفنسٽن ڪاليج جو

کو گهٽ ڪردار آهي چا؟ اولاهين پريزيڊنسيءَ جي مسٽر پنڊارڪر يا مسٽر ملباري سنڌ جي نئين فڪر تي ۽ سوچ تي تمام گهڻو اثر پيدا ڪيو. سٽر واري ڏاهاڪي ۽ "پونا سروجينڪا سڀا" نوجوان سنڌين ڪي تمام گهڻو متاثر ڪيو. ان اثر هيٺ سنڌ جي هندن خاص طرح ڪراچيءَ ۽ ويهي جديد سنڌ جي تعمير ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو. سنڌ جا هندو، سڪ پنٿ جي اثر هيٺ، حقيقي طرح سان مذهبي طور تي پنجاب جي قريب هٿا ۽ مٽان وري هن خطي جو بمبئيءَ سان شامل ٿيڻ پڻ هنن کي بينهه پسند نه هو. اهوئي سبب آهي جو بيدار مغز هندن جي حالت وڃي هي ٿي:

"Spiritually they belonged to the Punjab, politically (officially) to Bombay, but by choice and Inclination to neither."

ڪٽر سڪ کين پنهنجي حلقي ۽ وٽن لاءِ تيار نه هٿا ۽ سنڌ جي جداگانه صوبائي حيثيت نه هجڻ ڪري، سنڌي ماڻهن کي مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ جو به ڪو موقعو حاصل نه هو. ان حالت ۽ پڙهيل طبقي، سنڌ جي جداگانه ثقافت ۽ سياسي حيثيت (صوبائي) جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي. هنن ڪوشش ڪئي ته اهڙي الڳ "سنڌ" جي تشڪيل ٿئي، جيڪا کين ڪل هند شعوري وهڪري سان گڏ وئي هلي. ان صورتحال ۽ سنڌ جي پهرين باقاعده سياسي تنظيم "سنڌ سڀا" جو ظهور ٿيو. هي سڀا، هندستان ۽ "ڪانگريس" جي ٿهڻ کان چند سال اڳ ٺاهي وئي. اندازو آهي ته "سنڌ سڀا"، انجمن اسلام جي نه ٿهڻ (۱۸۸۰ع) کان پوءِ، ان سال ئي يا ورندي سال (۱۸۸۱) ڏاري وجود ۽ آئي. هن سڀا جي ٿهڻ ۽ مسٽر ارسڪن ڪمشنر سنڌ جي فراخدليءَ کي پڻ وڏو دخل حاصل آهي. ساڏو هيرانند جي سوانح نگار جو ان متعلق چوڻ آهي ته:

"رٻن انتظاميه پڙهيلن جي جذبن جو گهڻو احترام ڪيو. خوشقسمتيءَ سان، ان زماني ۽ سنڌ جو ڪمشنر مسٽر ارسڪن هو، جيڪو وسيع ذهن وارو آفيسر هو. هن تنقيد جي آجيان ڪئي. هن تفرقي بجاءِ مختلف ذاتين ۽ فرقن جي اتحاد تي زور ڏنو. هن صاحب 'سنڌ سڀا' کي نافرمان سياسي انجمن بجاءِ سنجيده، لائق ۽ سمجهو ماڻهن جي سنگت سمجهي، گهڻو مان، مرتبو ۽ اهميت ڏني" (ص ۷-۱۸۶).

ڪتاب 'هيرانند-سنڌ جو روح' جي اضافي شرح نگار، هن ميڙ کي "مڪمل سياسي تنظيم" سڏيو آهي. سنڌ سڀا، سنڌين جي سلامتي ۽ مسئلن جي حل لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو. هن پنهنجي اخبارن ۽ سنڌ جي مسئلن تي ڏيان ڏنو، انهن جي نشاندهي ڪئي ۽ انهن تي پرپور بحث ڪيو. اها پنهنجي ميٽنگن ۽، هتان جي مشڪلاتن تي پيپر پيش ڪندي هئي ۽ انهن متعلق ٺهراءَ پاس ڪندي هئي. نون

آفيسرن کي آڇيان ڪرڻ ۽ بدلي ٽينڈر صاحبان لاءِ الوداعي گڏجاڻيون ڪرڻ ۽ اهڙين تقريبن جي ذريعي پنهنجو سياسي ۽ وطني ڪم ڪرڻ ۾ سندن پروگرامن ۾ شامل هو. شهر توڙي ڀڳاڙيءَ جي مسئلن کي "سنڌ سڀا" نه رڳو اهميت ڏني، پر انهن کي پروپيگنڊا ذريعي گهٽو ايڊريو ويو.

بدقسمتيءَ سان ڪجهه مصنفن هن سڀا جي پس منظر ۾، ڪجهه سرڪاري ڪارندن کي ڏسي، هي راءِ ڏني آهي ته هي انجمن مذهبي ۽ ادبي هئي. هي راءِ صحيح نه آهي. سنڌ سڀا پنهنجي دور جي مڪمل سياسي تنظيم آهي، جنهن ڏهاڪو ڪن سال، سنڌ جي ماڻهن جي خدمت ڪئي، ۽ هتي جي ماڻهن کي پهريائين سياسي شعور ان ذريعي ئي ڏنو ويو. هن جماعت ۾ سرڪاري ملازمن واري سوال تي، مصنفن هن ريت روشني وڌي آهي:

"هن انجمن جو روح روان ڏيارام جيٺمل هو، جنهن جهڙو انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ پيو ڪو نامياري قانوندان ڪونه هو. هن تنظيم جي پس منظر ۾ رڳو سرڪاري ڪاموراه نه هئا، پر ساڳئي وقت ان جي ڪارج ۾ وقت جا وڏا دماغ ۽ سڀا وڪيل پڻ هئا... سرڪار ان تي ناراض نه ٿيندي هئي ۽ نه وري آفيسرن کي ان ۾ حصو وٺڻ کان منع ڪندي هئي. اهڙي پاليسي ابتدائي ڏينهن ۾ ڪانگريس سان به لاڳو هئي" (ساڌو هيرانند، ص ۱۸۶، ۱۸۷، ۲۸۳ ۽ ۲۸۴). مٿيان اقتباس "سنڌ سڀا" جي سياسي انجمن يا تنظيم هجڻ واري مسئلي تي، پرپور شاهدي ڏين ٿا.

هونئن ته سنڌ جي هن پهرين سياسي جٿي بنديءَ ۾ مکيه ڪردار هندن ادا ڪيو، پر ان سان گڏ ان ۾ پيون جاتيون ـ مسلمان، پارسي توڙي عيسائي به وڏي تعداد ۾ شامل هئا. وقت گهٽو گذري چڪو آهي، انڪري خاطري سان نه ٿو چئي سگهجي ته ته سنڌ سڀا جا ميمبر ڪهڙا ڪهڙا يا ڪيترا هئا؟ انهن جو تعلق سنڌ جي ڪهڙن علائقن سان هو؟ يا وري ان جا عهديدار ڪير هئا؟ هي سڀ واقعا ۽ انسان ـ پوري هڪ صدي اڳ مصروف عمل هئا ۽ ڪنهن به محقق ان طرف، سنجيدو ٿي ڌيان نه ڏنو، انڪري شايد "سنڌ سڀا" متعلق سمورن مسئلن جو احاطو هن وقت ڪرڻ ناممڪن نه تڏهن به تڪليف ده ضرور آهي. بهرحال، جو ڪجهه مواد ملي ٿو، ان ذريعي خبر پوي ٿي ته، هن تنظيم ۾ بلاشڪ سڀني سنڌين پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. ڪجهه نالا هن ريت ملن ٿا:

اڏارام مولچند، جمشينجي نادر، فتح چند آتمارام، شريف صالح محمد، ايف ڪوڪ، ايڊنجي دنشا، ايم ـ ايم مورج پان، اين گپتا، ساهيجرام گنگا ڏر، دولترام جيٺمل.

هي نالا گورنر بمبئي لارڊ ري کي، ڪراچيءَ ۾ تاريخ ۲۱ جنوري ۱۸۸۷ع تي ڏنل هڪ آڇياڻي ذريعي ملن ٿا. ان کان علاوه ڏيارام گدو مل، حسن علي آفندي، ساڌو هيرانند، مسٽر فتح علي (هي مسٽر بدرالدين طيبجيءَ جو مائٽ هو،

جيڪو ڪراچيءَ جي هڪ فرم جو مئنيجر هو)، پائي هيرانند مسند شڪارپوري، ڏيارام جيٺمل، سرائي ٺارو خان لينڊ لارڊ لاڙڪاڻو (ع سندس وڏو پٽ، جيڪو رپن ڪي مانپٽر ڏيڻ واري سفارت ۾ شامل هو)- هي سڀ جا سڀ، سنڌ سڀا جا سرگرم رڪن هئا. جيتوڻيڪ پڪ نه آهي، پر گمان غالب آهي ته ڪوڙومل چندن مل، شوندداس چاندو مل ع ديوان نولراءِ شوقيرام پڻ سنڌ سڀا جا ميمبر هئا. قياس ڪري سگهجي ٿو ته، وقت بہ وقت، هي انسان ان تنظيم جا عهديدار رهيا-

- ڏيارام گدو مل- سرپرست، باني ع آفيس سنيالينڊر.
- حسن علي آفندي (آڪٽوبر ۱۸۸۴ع تائين)، سيٺ آتمارام پوچواڻي (وفات پهرين آگسٽ ۱۸۸۵ع تائين)، ع ڏيارام جيٺمل (وفات، ۲۱ آگسٽ ۱۸۸۷ع تائين)- هي بزرگ جدا جدا وقتن تي، سنڌ سڀا جا صدر يا مجلسن جا جز وقتي چيئرمن وغيره رهيا.
- دولترام جيٺمل- سيڪريٽري.
- ساڌو هيرانند- پريس ع اطلاعات وغيره.

غالباً دادا ڏيارام جيٺمل، سنڌ سڀا جي معرفت 'بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل' جو ميمبر پڻ چونڊيو هو. پاڻ هيءَ ڏيواري ۸ جولاءِ ۱۸۸۶ع جي سنيالياڻين، ع پنهنجي وفات (۲۱-۸-۱۹۳۷ع) تائين، سنڌ جي بمبئيءَ ۾ نمائندگي ڪندو رهيو.

(۵)

سنڌ سڀا جي پس منظر، ڪارندن توڙي اهلڪارن ڪي ڏسڻ بعد، مناسب آهي ته ان جي ڪارنامن ع حاصلاتن جو سرسري ذڪر ڪجي. جنهن دور ۾ هيءَ انجمن ٺهي، ان زماني ۾ نندي ڪنڊ ۾ سياسي چرپر ع عمل توڙي اوسر، اڃا ابتدائي مرحلن ۾ هئا. سنڌ سڀا، جيڪا ڪانگريس کان اڳ ٺهي هئي، ان بلاشبہ سنڌي عوام ڪي سياسي سوچ سمجهہ ڏيڻ، پنهنجي مسئلن ڪي سمجهڻ ع انهن جي حل ڪرائڻ لاءِ، هڪ پرپور ميدان موجود ڪري ڏنو. انجمن ڪڏهن نرم زبان ۾، ع ڪڏهن ته سخت لهجو اختيار ڪري، سرڪار جو ڌيان سنڌ جي مسئلن ڏانهن چڪايو. هن سياسي تنظيم جو عروج سال ۱۸۸۴ع ۾ ٿيو. هن سال جي ابتدا ۾ ئي سنڌ سرڪار پنهنجي اخبار 'سنڌ سڌار' سنڌ سڀا جي حوالي ڪئي. مڻ شرط هيءَ لاڳو ڪيو ويو ته، هن اخبار ۾ تعليم ڪاتي جي خبرن ڪي صحيح طريقي سان ڇاپيو ويندو. ڏيارام گدو مل جي صلاح سان، ماهوار ۱۷۵ روپين تي، ساڌو هيرانند هن اخبار جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. تمام جلد انگريزي اخبار 'سنڌ ٽائمس' (ابتدائي نالا- سنڌين، سنڌ نيوز ع بيڪن- Beacon)، بہ هن انجمن جي حوالي ٿي ع ان جا مالڪ مسٽر دورابجي ع مسٽر پوچاجي ان ڳالهہ تي بہ راضي ٿيا ته هو پنهي اخبارن جي مالي معاملن جا بہ ذميدار رهندا. سڀا جي اهلڪارن مڻ هي چڏيو ته

اخبارن جي مالي ذميدارين لاءِ هيءَ تنظيم جوابدار نہ رهندي ۽ ساڳئي وقت ادارتي پاليسين تي بہ سندن عمل دخل نہ رهندو. البتہ هيءَ وعدو ڪيو ويو تہ پنهي اخبارن جي خريدارن يا سرڪيوليشن وڌائڻ لاءِ سنڌ ۽ سموري هندستان ۾ هڪ پير هنيو ويندو. ان متعلق ڪين پوري پوري ڪاميابي ٿي. سنڌ سڌار ڪي سموري سنڌ ٽائين پهچايو ويو، ۽ سنڌ ٽائمس ڪي هندستان جي پرانهن علائقن ۾ بہ مشهوري حاصل ٿي. ساڌو هيرانند پنهي اخبارن جو ايڊيٽر رهيو، البت ڏيارام گدومل پس منظر ۾، سنڌ ٽائمس جو ڪم ڪار ڪندو هو. نومبر ۱۸۸۴ع ۾ ڪلڪتي جي مسٽر اين گپتا ڪي، سنڌ ٽائمس جو مدير مقرر ڪيو ويو. ڪيس هڪ سؤ رپيا پگهار، ساڌو هيرانند پنهنجي تنخواهہ مان ادا ڪرڻ جو ذمو ڪنيو هو.

ساڌو هيرانند اڃا نوجوان هو. ڪيس صحافتي ذميدارين ۽ ملڪي معاملن جي تمام گهٽ ڄاڻ هئي، پر پس منظر ۾ رهي ڏيارام گدومل، هن صاحب جي پرپور تربيت ۽ مدد ڪئي. ڪجهہ وقت بعد هيرانند، صحافت سان گڏ، ڪراچيءَ جي سماجي ڪمن ۾ بہ دلچسپي وٺڻ لڳو. هو سنڌ جي سياست ۽ اتهاس کي پڻ مطالعو ڪندو هو. هنن ڳالهين ڪري ڪيس ادبي ميدان تي، ڪجهہ نہ ڪرڻ جو بہ پورو پورو احساس هو. هن سيني مسئلن هوندي بہ، ساڌو هيرانند اخبارن جي ڪاميابيءَ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪيس سرڪاري اهلڪارن جا ڏڙڪا بہ جهلڻا پوندا هئا. هن ذاتي دلچسپي وٺي، سنڌ جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ اخبارن ۾ ليک وڌا ۽ مضمون چاپيا. هن ڏس ۾ ڏيارام گدومل، ڪوڙومل چندن مل ۽ سندس پاڻ موتي ڪلڪتي مان ڪيس مدد ڪندا هئا. سندس سعيي سان سڄي سنڌ ۾ 'سنڌ سڌار' جا نمائندا مقرر ٿيا. هو ڪين 'خاطو' سڏيندو هو. (ان جو مطلب تہ سنڌي صحافت ڪي لفظ 'خاطو' هيرانند مهيا ڪيو). هو نمائندن تي زور پريندو هو تہ، سنڌ جي شهرن ۽ پهراڙين ۾، ڪاموراشاهيءَ جي ظلمن جي پرپور نشاندهي ڪن ۽ راشي عملدارن کي بلا خوف ننگو ڪن. سنڌ ۾ ٽيندڙ ڏوهن سرڪاري اهلڪارن جي ڏاڍاين، رشوت جي راڳن ۽ تعليم جي ڪوٽ جهڙن مسئلن کي سنڌ سيا پنهي اخبارن ذريعي وڏي موثر انداز ۾ منظر تي آندو. آهستي آهستي سرڪاري ڪامورن بہ، هنن اخبارن کي وقعت ڏيڻ شروع ڪئي. سنڌ سيا ساڌو هيرانند جي ڪوشش کي تمام سٺن اڪرن سان ياد ڪيو. هنن اخبارن جا ليکڪ خود پنهنجي دور جا وڏا لکيا پڙهيا ۽ مهذب انسان هئا. اهي مشرقي تهذيب ۽ مغربي تمدن جو ميلاپ هئا. هڪ طرف هنن آخري مسلم سنڌ پنهنجين اکين سان ڏٺي تہ ٻئي طرف مغربي طرز تي سنڌ جي نئين اڏاوت سندن آڏو ٿي رهي هئي. هڪ طرف سندن آڏو ڪلاسيڪل سماجي قدر هئا، تہ ٻئي پاسي نون لاڙن ۽ رجحانن جنم ٻڌي ورتو. هو هندي، انگريزي، سنڌي، فارسي ۽ عربي جا عالم هئا

۽ انهن سان ڪجهہ ماڻهن ڪي تہ سنڌ جي جديد ادبي تاريخ ۾ تمام مٿانهون درجو مليل آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪين سنڌ سپا ڪي هڪ فعال تنظيم ٺاهڻ ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ٿي.

(٦)

جيئن مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ سنڌ جي هن پهرين باقاعده تنظيم ڪي سال ١٨٨٤ع ۾ پورو اوج ملي چڪو هو، ٽيڪ ان ريت هن سال ۾ ئي "سنڌ سپا" جو زوال ۾ شروع ٿي ويو. ان متعلق اسان ڪي هي واقعا، تاريخون ۽ سال ذهن ۾ رکڻ گهرجن. اسان ڪي هي تہ ياد آهي تہ هن تنظيم ۾ سنڌ جا سڀ طبقا يعني هندو، مسلمان، پارسي ۽ عيسائي شامل هئا. مسلمانن پاران خيال آهي تہ خانبهادر حسن علي آفندي، هن ميڙ ۾ شريڪ ٿيندو هو. غالباً آفندي صاحب، آڪٽوبر ١٨٨٤ع تائين ان جو صدر رهيو. (؟)

ڊاڪٽر ممتاز بخاري لکي ٿو تہ: آفندي مرحوم سال ١٨٨١ع ۾ ڪراچي ميونسپل تي نامزد ٿيو هو (ٽيسز، ص ١١٦). ان ڪان اڳ هن صاحب سال ١٨٨٠ع ۾ "انجمن اسلام" ٺاهڻ جي ناڪام ڪوشش پڻ ڪئي هئي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر بخاري يا ڪجهہ ٻين عالمن جو چوڻ آهي تہ سنڌ ۾ انجمن اسلام، مجمع محمدي يا سنڌ محمدن ايسوسئيشن جي تنظيم يا عمل، سر سيد جي حوالي سان شروع نہ ٿيو، تاهم منهنجو خيال آهي تہ هي معاملو اڃا ڪافي تحقيق طلب آهي. هڪ طرف آفندي صاحب ڪراچيءَ جو ڪونسلر هو، تہ ٻئي پاسي هو صاحب سنڌ سپا جو بہ مڪمہ اهلڪار هو. تڏهن بہ ڏسجي ٿو تہ ڪيس اطمينان حاصل نہ ٿيو. هن هڪ پيرو وري ١٦ مارچ ١٨٨٤ع تي، ڪراچيءَ ۾ مسلمانن جو ميڙ ڪوڙايو ۽ "مجمع محمدي" ٺاهي ورتائين. آفندي صاحب صدر، اڀوجهو مرحوم جنرل سيڪريٽري، فتح علي شيخ احمد نائب صدر ۽ فيض محمد فتح علي جائنٽ سيڪريٽري مقرر ٿيا. ان زماني ۾ سياسي اهلڪارن لاءِ ڪنهن بہ هڪ جماعت سان وابستگيءَ جو شرط لاڳو نہ هو. اهوئي سبب آهي جو آفندي "سنڌ سپا" ۽ "مجمع محمدي" ۾ هڪ ئي وقت ڪم ڪندو رهيو. خبر نہ آهي تہ ڪهڙي محاذ تان حسن علي آفندي هي تجويز ڏني تہ ڪراچي ۾ "مدرسو" قائم ڪجي؟ البتہ هن تجويز تي ڏاڍو گوڙ ٿيو. انگريز، پارسي ۽ مسلمان مدرسي جي حق ۾ هئا، تہ هندن جو خيال هي هو تہ جڏهن سنڌ ۾ سيڪنڈري تعليم جو ڪجهہ نہ ڪجهہ بندوبست آهي، تہ پوءِ بهتر ٿيندو جو اسين ڪراچيءَ ۾ ڪالیج ٺهرائڻ لاءِ ڪوششون ڪريون. خير ڏ ڪي ڏوڻي معاملي ڪي سلجهايو ويو ۽ ميونسپل نہ پنج هزار رپيا، مدرسي ٺهرائڻ لاءِ چندو ڏنو. (ص ٥٨، حاشيہ، مسدس اڀوجهو).

ڊاڪٽر بخاريءَ جي راءِ آهي تہ مجمع محمدي ذريعي مدرسة الاسلام ٺهيو، جتان پوءِ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن ٺهي، جنهن اڳتي هلي سنڌ ۾ مسلم ليگ کي منظم ڪري، پاڪستان ٺاهڻ ۾ سنڌ ۾ ياران اهم ڪردار ادا ڪيو. خود پاڪستان جو باني به هن مدرسي جو فارغ التحصيل آهي. جيتوڻيڪ هن واقعي بعد سنڌ جي مسلمانن ۽ هندن جون راهون الڳ الڳ ٿي چڪيون هيون، تاهم آفندي صاحب اڃا به سنڌ سپا ۾ رهندو آيو ۽ ان جو صدر پڻ.

سال ۱۸۸۴ع مهينو آڪٽوبر هند توڙي سنڌ جي سياست ۾ ڪيترن ئي خيالن کان انتهائي اهميت وارو آهي. رپن سرڪار جيڪا اڳ ۾ئي هندستان ۾ پاپولر هئي، ان جي مڃتا ۾ اڃا به وڌيڪ اضافو تڏهن آيو، جڏهن هن مهيني ۾ 'بمبئي ڊسٽرڪٽ ميونسپل ترميمي ائڪٽ ۱۸۸۴ع' ۽ 'بمبئي ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ائڪٽ' جاري ٿيا. هنن بلن ذريعي ڪراچيءَ ۾ به نامزد ماڻهن بجاءِ چونڊيل عيوضي ميونسپل جو ڪاروبار سنڀالڻ وارا هئا. دراصل هنن بلن جي جاري ٿيڻ ۽ ترميمن لاءِ، سنڌ جي دانشورن گهڻو تحرڪ ورتو هو. درخواستون، عريضيون ۽ پيا سڀ طريقا آزمايا ويا هئا. هنن بلن جي نفاذ لاءِ ۽ انهن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سنڌ سپا پنهنجي اخبارن سميت گهڻو جوش ۽ جذبو ڏيکاريو. هن انجمن لارڊ رپن جي 'لوڪل سيلف گورنمينٽ اسڪيم' تي عمل ڪرڻ لاءِ گهڻو پاڻ پتوڙيو. بلن ۾ اصلاح واسطي، سنڌ مان ليجسليٽو ڪونسل بمبئي لاءِ پڻ عيوضي موڪليا ويا. ميونسپل بل ضروري بحث مباحثي ۽ ترميمن بعد قانون ٿي ويو. ان بعد حسن علي، ڏيارام گدومل ۽ ٻين پبلڪ آڏو جلسا ڪري، ووٽرن کي پنهنجي حقن ۽ ذميدارين جو احساس ڏياريو تہ جيئن ميونسپل ۾ مهذب عيوضي چونڊجي اچن.

آڪٽوبر ۱۸۸۴ع ۾ ڪراچيءَ ۾ 'سنڌ سپا' جو هڪ ميڙ ٿيو. تجويز هيءَ آئي تہ لارڊ رپن کي سندس ڪاميابين تي مانپتر ڏنو وڃي. خانبهادر حسن علي آفندي زبردست اختلاف ڪري ائي ويو ۽ باقي ڪارڪنن ۽ عهديدارن تجويز پاس ڪئي ۽ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ مختلف رٿون سامهون آنديون ويون. آفندي صاحب جو هي اختلاف پوءِ سنڌ جي سياست ۾، تمام نتيجہ خيز ثابت ٿيو، جنهن جو تفصيل هيٺ اچي رهيو آهي. هن اجلاس ۾ ساڌو هيرانند هڪ زبردست تقرير ڪري، سنڌ جي خطابت جو پورو پورو زور ڏيکاريو. هي صاحب ذاتي طرح به لارڊ رپن جي شخصيت جو وڏو مداح هو. سنڌ سپا پنهنجي تجويز کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ سڄي سنڌ مان چندو ڪجي ۽ ماڻهن کي 'رپن' جي شخصيت سان روشناس ڪرائجي، ان دوري لاءِ سنڌ سپا ياران، ساڌو هيرانند کي مقرر ڪيو ويو. اهڙو اطلاع سندس هڪ خط مان هن ريت ملي ٿو:

"آءَ تمام جلد هڪ سياسي ڪر سان اندرون سنڌ وڃي رهيو آهيان. ڪاميابي ٿئي يا نه، پر مون لاءِ هي هڪ سٺو تجربو ثابت ٿيندو."

آخرڪار مانپتر [Address]، جون هزارين ڪاپيون ــ سنڌي ۽ انگريزي ۾ تيار ڪري سڄي سنڌ ۾ صحيحون وٺڻ لاءِ موڪليون ويون. هڪ سفارتي وفد تيار ڪيو ويو، ته جيئن سنڌ جو مانپتر، لارڊ رپن کي بمبئي ۾، سهڻي نموني سان پيش ڪيو وڃي. هن وفد ۾ ڈيارام گدومل، ساڈو هيرانند، مسٹر فتح علي (مسٹر بدرالدين طيبجيءَ جو مائٽ)، پائي هيرانند مسند شڪارپوري ۽ لاڙڪاڻي جي وڏي جاگيردار سرائي ڏاري خان جو پٽ شامل هئا. انهيءَ سفارت بمبئي سرڪار سان، مسٹر بدرالدين طيبجيءَ جي معرفت لکپڙهه ڪئي. هي تقريب "بمبئي ٽائون هال" ۾ ٿي گذري، جتي رپن صاحب کي سنڌ سميت، پنج صوبن پاران هزارن جي تعداد ۾ مانپتر ڏنا ويا. انگريزيءَ ۾ ائڈريس، ڪڇ جي ڏهيل تمام سهڻي ۽ چانديءَ جي پيٽڑيءَ ۾ پيش ڪئي وئي ۽ سنڌي مانپتر تمام خوبصورت، چمڪدوز ۽ زيڪ جي پوٽڑيءَ ۾ ڏنو ويو. ان زماني ۾ سنڌ ۾ ڪنڊيءَ جو ڪم تمام سٺو ٿيندو هو ۽ اها به هڪ قسم جي سوکڙي هئي. هن موقعي تي بمبئي ۾ سنڌي رهنمائن سنڌ جي مسئلن تي اختياريءَ وارن سان ڳالهه پولهه ڪئي. ان سان گڏ سنڌي سفارت، هندستان جي متعدد مفڪرن ۽ سياسي ڪارڪنن سان ملاقات ڪري، خيالن جي ڏي وٺ ۾ پئي ڪئي. اهڙي هڪ ملاقات ڈيارام گدومل ۽ بهرامجي ملباريءَ ۾ ٿي، جنهن سنڌي سفارتڪار تي گهٽو اثر ڇڏيو. ان بعد ڈيا رام رفاهي ڪمن ڏي متوجه ٿيو. سال ۱۸۸۸ع، ۾ ڈيارام انگريزي زبان ۾ مسٹر ملباريءَ جي سوانح پڻ شايع ڪئي هئي.

(۷)

سنڌ ۾ ۱- نومبر ۱۸۸۴ع تي بلدياتي اليڪشن ٿي گذري. سنڌ سڀا دلچسپي ورتي ته ڪراچي ميونسپل ۾ ڪي سڀا ماڻهو چونڊجي اچن. هن متعلق ڈيارام گدومل جو سوانح نگار لکي ٿو:

"سنڌ سڀا ڪوشش ورتي ته چگا ماڻهو چونڊجن، پر هاڻي ته چڪڻ وارن ۽ ويشائن کي به ووٽ جو حق ملیو هئو. ووٽن وٺڻ لاءِ مجلسون ۽ ناچ ڪرايا ويا، جي سڄي رات هلندا رهيا، ته جيئن ووٽرن کي صبح جو گاڏيءَ ۾ چاڑهي، سلامتيءَ سان ووٽ ڈياريو وڃي. قاعدن موجب ووٽن جي وکري تي ڪابه بندش نه هئي، انکري ڈاڍيون خرابيون نڪتيون، جي سنڌ سڀا وارن بنا ڊپ ڈاڻ جي اخبارن ذريعي ظاهر ڪيون. ۱۱- ڊسمبر ۱۸۸۴ع تي نتيجو ظاهر ٿيو. ماڻهو معتبر چونڊيا. ساڈو هيرانند ۽ ڈيارام گدومل جي ڪوشش ڪامياب وئي." (ص ۱۷ ۽ ۱۸).

نئين ميونسپل ڪارپوريشن پهرين جنوري ۱۸۸۵ع تي ذميداريون سنياليون. پهرين آگسٽ ۱۸۸۵ع تي، سيا جو صدر سيٺ آتما رام وفات ڪري ويو. بعد ۾ ڏيارام ڇيٽمل صاحب ان جو صدر ٿيو.

سنڌ سيا جي سرجوشي ۽ پروگرامن ۾ ڪابه گهٽتائي نه ٿي. اڄ ڇڻو مواد، ان حقيقت جي علامت آهي ته هن سيا سنڌ جي ڪيئي مسئلن تي پنهنجي موقف جو اظهار ڪيو، احتجاج ڪيو ۽ انهن کي حل ڪرايو. هن انجمن سنڌ جي ناقص جاگيرداري سسٽم ۽ شڪارپور جي ڪجهه زميندارن سان روينيو ڏاڍاين تي آواز اٺاريو. هنن مسئلن تي، پوءِ مسٽر ارسڪن جوگو ڏيان ڏنو. ان کان علاوه سنڌ جي هن پهرين سياسي تنظيم ڪراچيءَ جي مقامي وقت جي بحالي، ڪراچي سٽي پرسان برانچ پوسٽ آفيس ۽ ٽيليگراف آفيس ڪولائڻ، ڪراچي پورٽ ٽرسٽ بل پاس ڪرائڻ (جيڪو پوءِ ۱۸۸۶ع ۾ ايڪٽ بنيو)، لينڊ روينيو ڪوڊ جي زرعي سڌارن سميت ترميم واري تحريڪ، ۽ حيدرآباد شهر ۾ ڪن قبيلن جي لاقانونيت جي خاتمي، جهڙن مسئلن تي تمام گهڻو جوش ڏيکاريو ۽ ڪم ڪيو. سنڌ سيا جو جيڪو هڪ وڏو ڪارنامو آهي، ان کي سنڌ جي تعليمي تاريخ ۾ مٿانهين حيثيت ملڻ گهرجي. دراصل ڊي-جي- سنڌ ڪالج هن تنظيم جي پليٽ فارم تان ٿهيو ۽ وجود ۾ آيو. افسوس جو هي حقيقت اڄ سوڌو عام جي نظرن ۾ اچي نه سگهي آهي. سنڌ ۾ ڪالج جي قيام لاءِ، هڪ وفد تعليمي ڪميشن سان ملاقات ڪئي، ۽ مسٽر هنٽر جڏهن خنگي دوري تي ڪراچي پهتو، تڏهن به ڪيس ان مسئلي کان آگاهه ڪيو ويو. هن ڪم جي پورائي لاءِ، اصل ڪم ڏيارام گدومل ڪيو، جنهن ذاتي دلچسپي وٺي، هزارين رپين جو چندو ڪيو. ان کان علاوه مسٽر گيتا، ساڌو هيرانند ۽ ڏيارام ڇيٽمل به وڏي سرجوشي ڏيکاري. آخرڪار سنڌ سيا کي، ڪالج ٺاهڻ ۾ به ڪاميابي حاصل ٿي. ساڌو هيرانند "انڊين نيشنل ڪانگريس" جي ٻئي سالانه اجلاس، منعقده ڪلڪتي ۾ (ڊسمبر ۱۸۸۶ع) شرڪت ڪان جيئن ئي سنڌ واپس پهتو، ته لارڊري گورنر بمبئي، ڪالج جي افتتاح لاءِ ڪراچي پهچي چڪو هو. افتتاح لارڊ ري، ۽ مسٽر شوندس چاندومل هٿان تاريخ سترهين جنوري ۱۸۸۷ع تي ٿي گذريو. ان وقت رڪارڊ تي ڪل اڻاويهه شاگرد هئا. هي ڪالج پوءِ مسٽر ڏيارام ڇيٽمل جي خدمتن جي ڪري، سندس نالي معنون ٿيو ۽ ڊي-جي- سنڌ ڪالج سڏيو ويو. هي سنڌ سيا جي آخرين وڏي ڪاميابي هئي.

(۸)

سنڌ سيا ۾ اختلاف پهريون پيرو، آڪٽوبر ۱۸۸۴ع ۾ هڪ ميڙ دوران ٿيو، جڏهن لارڊ رپن کي مانچسٽر ڊيڪ وارو فيصلو ٿيو. ان جو ذڪر اڳ ئي ٿي چڪو آهي.

هي اختلاف هن انجمن لاءِ تہ فيصلہ ڪن ٿيو، پر ساڳئي وقت سنڌ جي سياست ۾ پڻ ان ڪان پوءِ ڪافي تبديلي آئي. سنڌ جا مسلمان هڪ طرف ۽ هندو ٻئي طرف- هن واقعي بعد ٿيا. هن واقعي بابت ڊيارام گدومل جي سوانح نگار، هن ريت روشني وڌي آهي:

"آڪٽوبر ۱۸۸۴ع ۾ سنڌ سيا جو ڪراچيءَ ۾ ميڙ ٿيو. فيصلو ٿيو تہ لارڊ رپن کي مانپتر ڏجي ۽ سندس لاءِ سنڌ ۾ شناخت پيدا ڪجي. سندس آجيان لاءِ، سموري هندستان ۾، جدا جدا پاڳن مان هزار ڪن مانپتر تيار ٿيا هئا. سنڌ ۾ بہ هيءَ رٽ آئي تہ ڪيس سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ مانپتر ڏجي. خانبهادر حسن علي آفندي چيو تہ مانپتر بجاءِ فقط هڪ خط لکي موڪلجيس تہ بس آهي. ڊيارام گدومل، آفنديءَ جي مخالفت ڪئي ۽ چيو تہ جڏهن هندستان جو هر پاڳو مانپتر ڏئي ٿو تہ پوءِ سنڌ جي پوئتي پوندي تہ مٿس لعنت آهي. آفندي هن لفظ تي ناراض ٿي، لعنت لعنت چوندو سيا مان نڪري ويو ۽ مسلمانن جي وڃي جدا انجمن ٺاهيائين، جنهن جي تحريڪ سان مدرسو برپا ٿيو" (ص ۱۹).

دراصل آفندي صاحب 'مجمع محمدي' اڳ ۾ئي ٺاهي چڪو هو، جيئن اسان مٿي ٻڌايو آهي. البتہ هن معاملي، هميشہ لاءِ سنڌي هندن ۽ مسلمانن کي علحده ڪري ڇڏيو. ان بعد سنڌي مسلمانن عليگڙهہ ڏي نهاريو ۽ هندن وري ڪانگريس جو رخ رکيو. ان بعد هندستان جي هندن ۾ جيڪا سياسي طرح تبديلي آئي، ان متعلق هڪ سوانح نگار، اجهو هن ريت لکيو آهي:

"ڊيارام بہ نيٺ تہ عامل هندو هو، سو آخر تائين گانڌيءَ جي فڪر جي پوئلڳي ڪندو رهيو".

ساڳيءَ ريت، مسٽر هيرانند جو اضافي سوانح نگار لکي ٿو:

"هاڻي سنڌي مسلمانن ۽ هندن ۾ جيڪو ڳهڻو فرق پيو آهي (۱۹۳۲ع ۾)، سو ان وقت ابتدائي مرحلن ۾ هو. سنڌ سيا سنڌ جي سيني طبقن کي متحد ڪرڻ لاءِ آهي، سا ڳهڻو وقت پنهنجو ڪردار ادا نہ ڪري سگهي. هيءَ علحدگي لارڊ رپن ۽ دفرن جي زماني ۾ پيدا ٿي".

Gul Hayat Institute

وري سال يعني سال ۱۸۸۵ع ۾ 'آل انڊيا ڪانگريس' جو بنياد پيو، تہ سيا جي اهلڪارن جو سڄو ڏيان ان طرف ويو. ڪانگريس جي ٻئي سالياني اجلاس ۾، سنڌ سيا جيڪو وفد موڪليو، ان ۾ ساڌو هيرانند پڻ شامل هو. بعد ۾ سياسي پليٽ فارم تان، مسٽر هيوم جي تقرير کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌ ۾ پکيڙيو ويندو هو. ڊيارام ڇهئمل حي وفات (۲۱-۸-۱۸۸۷ع)-هن سياسي انجمن جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو، جيئن ليکڪ ٻڌائين ٿا:

"He was a tower of strength to the people, and the Sindh Sabha Practically died with his death" (Hiranand-P 270).

ساڌو هيرانند هن موت جو، پنهنجي پاڻ موتيءَ کي هن ريت اطلاع ڏنو-
"عزت‌مآب مسٽر ڊيارام جيٺمل کالهه گذاري ويو. کيس چاتيءَ جي بيماري هئي. سندس موت، سنڌ لاءِ وڏو هاڃو آهي". ٢٢ آگسٽ ١٨٨٧ع.

هاڻي هيرانند پڻ اخبارن ۾ رهڻ پسند نه ڪيو ۽ استعفا ڏئي، ٥- نومبر ١٨٨٧ع تي حيدرآباد روانو ٿيو. ان بعد پاڻ حيدرآباد ۾ پنگتي سڌاري جي ڪمن کي لڳي ويو ۽ پڻ عورتن لاءِ هڪ رسالو ڪڍيائين. هن صاحب 'سنڌ هندو سيا' ڏاهي، شايد 'سنڌ سيا' جي خاتمي جو اعلان ڪيو. هن انجمن جي خاتمي ۽ حسن علي صاحب پاران محمدن ايسوسيشن ڏاهن، جيڪا صورتحال پيدا ڪئي، ان تي مرحوم اپوجهي هن ريت روشني وڌي آهي:

جڏهن دين اسلام هت حڪمران هو
وڏو پاڻ هندو ۽ ننڍو مسلمان هو
وڏي جو ننڍو پاڻ وڏو قدردان هو
ننڍو پڻ وڏي تي سدا جان فشان هو
پهراڙيءَ ۾ آهي اڃا رسم جاري
هندو ۽ مسلمان آهن پتر پائي.

—

وٺي ها اهو ڏينهن ڏاڍا سڏارا
وڃن ها سيئي سنڌ جا سور سارا!

(٩)

جيئن مون متي لکيو آهي ته سنڌ جي هن پهرين سياسي تنظيم ۾، هندن ۽ مسلمانن ۾ جيڪو تفرقو پيو، ان اڳتي هلي، سنڌ جي هنن ٻن طبقن کي اڃا به علحده ۽ الڳ ٽلڳ ڪيو ۽ اڳتي هلي هڪ ڏر ڪانگريس ڏي رجوع ٿي ته ٻي ڏر مسلم ليگ کي پسند ڪري، اسلامي ملڪ پاڪستان ٺهرائڻ ۾ پرپور ڪردار ادا ڪيو. البته، هي ڪالهه سمجهه ۾ نه ٿي اچي ته آخر حسن علي آفندي رهن جي چو مخالفت ڪئي، ڊيارام گدومل جي هڪ لفظ کي بنياد بنائي علحدگي چو اختيار ڪئي ۽ ٻه سال پوءِ خود انگريزي حاڪمن هٿان "سنڌ مدرسة الاسلام" جو افتتاح ڪرائي ۽ خانبهادريءَ جو لقب وٺڻ چو پسند ڪيو؟

سنڌ سيا کي اڪثر سياسي تذڪره نگارن تمام گهٽو نظرانداز ڪيو آهي. مثال طور تازي دور ۾ جديد سياسي تاريخ جي حوالي سان منهنجي دوست ڊاڪٽر

محمد لائق زرداري جا ۾ ڪتاب منظر تي آيا آهن، پر انهن ۾ اڪر ۽ هن تنظيم جي حوالي متعلق نظر ڪونہ ٿو اچي. هي صورتحال گهڻو ڪري سنڌ جي سڀني اهل قلم حضرات سان لاڳو آهي. ڪن ليکڪن تہ مورڳو ان کي ادبي تنظيم سڏيو آهي، جيڪو پڻ بنهہ غلط آهي. مون "سنڌ سڀا" جو ذڪر، اول ۾ پنهنجي دوست جناب مدد علي سنڌي صاحب جي ڪچهرين ۾ ٻڌو. سندس خيال آهي تہ هي انجمن پوري ننڍي کنڊ جي پهرين سياسي پارٽي آهي، پر تاريخي مطالعو ۽ اپياس ان جي تصديق کان ناڪاري آهي. البتہ ان کي سنڌ جي پهرين سياسي تنظيم سڏي سگهجي ٿو. مدد علي صاحب جو چوڻ آهي تہ وٽس هن موضوع تي ڪافي مواد موجود آهي. جيڪڏهن اهو سچ آهي تہ پوءِ اهڙو مواد جلد منظر تي اچڻ گهرجي. اها سنڌ جي سياسي تاريخ جي وڏي خدمت ٿيندي. منهنجي ناقص ڄاڻ موجب هن موضوع تي مواد جي ڏاڍي کوٽ آهي، البتہ مون کي جيڪو ڪجهہ ملیو، ان کي مون پوري ذميداريءَ سان اهل علم ۽ اهل ذوق آڏو آندو آهي. ڪٿي ڪٿي قياس ۽ گمان کان پڻ ڪم ورتو آهي، چوتہ حوالن ۽ ڪتابن جي کوٽ ڪري، سنڌ سڀا متعلق هي سڄو خاڪو مون کي پنهنجي ليکي تيار ڪرڻو پيو آهي. مون هتي ڄاڻي واڻي سنڌ سڀا کي سياسي پارٽيءَ بجاءِ تنظيم يا انجمن سڏيو آهي. منهنجي خيال ۾ 'پارٽي' اکر وسيع ۽ همه گير مطلب لاءِ ڪم اچي ٿو، جڏهن تہ مختصر سياسي ميڙ کي 'انجمن' يا 'تنظيم' سڏڻ ئي بهتر ٿيندو.

مدد ڪتاب ۽ مواد

1. Qalich Beg Mirza: "A History of Sind", Sindh classics, 1982 A.D.

2. P. E. Roberts: "History of British India-under the company and the Crown", Oxford Press, 1952 A. D.

3. Dayaram Gidumal: "Hiranand-The Soul of Sindh", Revised and enlarged edition, 1932 A. D.

(۴) ڈاڪٽر ممتاز بخاري: "سنڌ مدرسة الاسلام" اڻ ڇپيل ٿيسز.

(۵) الهہ بخش اپوجهو: "سندس اپوجهو" ناشر سنڌ مسلم ادبي جماعت حيدرآباد.

(۶) خداداد خان: "لب تاريخ سنڌ" فارسي، ڈاڪٽر بلوچ وارو چاپو.

(۷) پروفيسر ڦيرواڻي: "راج رشي ديوان ڏيارام گدومل جو جيون چرتر" سال ۱۹۳۸ع.

(۸) پيرومل مهرچند: "سنڌي هوليءَ جي تاريخ" ادبي بورڊ وارو چاپو.

(۹) سيٽ نائون مل: "يادگيريون"، ترجمو محمد حنيف صديقي.

تحريڪ ريشمي رومال ۽ سنڌ

ڊاڪٽر ابو سلمان شاهجهان پوري

سنڌيڪار: ڊاڪٽر نواز علي شوق

ريشمي رومال واري تحريڪ ننڍي ڪنڊ پاڪ وهند جي آزاديءَ جي هڪ انقلابي تحريڪ هئي. جيڪڏهن ته ان جو تفصيل ريشمي ڪپڙي تي لکيو ويو هو، اهوئي سبب آهي جو ان کي ريشمي رومال واري تحريڪ سڏيو وڃي ٿو، جڏهن ته برٽش حڪومت ان کي ريشمي رومال سازش جو نالو ڏنو.

سي-آءِ-ڊي جي چوڻ موجب هي خط مولانا عبيدالله سنڌي لکيا هئا، تنهنڪري ڪيس ان سازش جو باني سڏيو ويو ۽ ٻين اڪابرن کي سندس سائي ۽ مددگار چيائون. پر حقيقت هيءَ آهي ته مولانا سنڌي ۱۹۱۵ع ۾ حضرت شيخ الهند مولانا محمود حسن ديوبندي جي حڪم سان هڪ تحريڪ ۽ منصوبي مطابق ڪابل جو سفر ڪيو هو ۽ تحريڪ جو سربراهه نه هو ئي هو، تنهنڪري حضرت شيخ الهند کي ئي تحريڪ جو باني سڏڻ گهرجي، پر ان ۾ ڪوشش ڪونهي ته ريشمي رومال ۾ جيڪي معلومات، هدايتون، صلاحون، مشورا ۽ "جنود ربانيه" (چونڪارو ڊيارينڊ خدائي فوج) ۽ ان وقت جي حڪومت جي باري ۾ جيڪو منصوبو لکيو ويو هو، سو مولانا سنڌي تيار ڪيو هو، تنهنڪري انگريزن طرفان مولانا سنڌي کي ان تحريڪ جو باني سڏڻ غلط معلوم نه ٿو ٿئي.

هي خط پيلي رنگ جي ريشمي ڪپڙي جي ٽن ٽڪرن تي لکيا ويا هئا. پهريون خط ۱۰ جولاءِ ۱۹۱۶ع تي شيخ عبدالرحيم سنڌي حيدرآبادي جي نالي پنج ڇهه انچ ڊيگهه ويڪر وارو آهي. ٻيو خط حضرت شيخ الهند جي نالي آهي، جو ۹ جولاءِ يعني ان کان هڪ ڏينهن اڳ جو لکيل آهي. ان جي ڊيگهه ويڪر اٺ ڏهه انچ هئي ۽ ٽين خط جي ڊيگهه ۽ ويڪر ڏهه پندرهن انچ هئي، اهو ٽيون خط به حضرت شيخ الهند جي نالي هو.

خط لکندڙ:

عام طور اهو سمجهيو وڃي ٿو ته ٽيئي خط مولانا عبيدالله سنڌي لکيا هئا. هيءَ غلط‌فهمي ريشمي خطوط سازش ڪيس جي بيانن ۾ پڻ موجود آهي. هيءَ

غلط فهمي انڪري ٿي، جو ٻئي خط تي ڪنهن جي صحيح ٽيل نه هئي ۽ پهرين ۽ ٽين خط تي مولانا عبيدالله سندي جي صحيح هٿ سبب ٻيو خط پڻ سندس سمجهيو ويو، توڙي جو ائين نه آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ ٻيو خط مولانا محمد ميان جو آهي. ان خط جي منڊ ڪان پڇاڙيءَ تائين هرهڪ جملي مان اها حقيقت ظاهر ٿئي ٿي. مولانا محمد ميان جڏهن حجاز مان غالب نامو ۽ ٻيون تجويزون ڪٽي هندستان اچي رهيو هو تہ حضرت شيخ الهند ڪين جده ۾ الوداع چئي هئي. اهو ئي سبب آهي جو خط لکندڙ جده ڇڏڻ ڪان پوءِ وارن واقعن سان خط جي شروعات ڪئي آهي.

پهريان ۾ جملا هن ريت آهن:

"جده ڪان پوءِ جا احوال هي آهن: ٻمبئي ٻنان خوف خطري آرام سان پهتاسون."

ان ڪان پوءِ خط لکندڙ راندير، پوپال، مولانا حسرت موهاني ۽ مولانا آزاد سان پنهنجي ملاقات ۽ ياغستان ۽ ڪابل جي سفر وغيره جو تذڪرو ڪيو آهي ۽ مولانا ناظم يعني مولانا عبيدالله سندي جو ذڪر صيغه واحد غائب ۾ ڪيو آهي. ان مان ڇڻيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿو تہ ان خط جو لکندڙ مولانا سندي نہ پر ڪو ٻيو آهي ۽ اها شخصيت مولانا محمد ميان عرف محمد منصور انصاري جي ٿي سگهي ٿي.

خطن جو مضمون:

پهرين خط ۾ شيخ عبدالرحيم کي هدايت ڪئي وئي هئي، تہ حضرت شيخ الهند جي نالي وارو خط ڪنهن پروسي جوگي حاجي سان، يا پاڻ، يا نہ تہ احمدالله پاٽيپٽ واري(۱) جي ذريعي واسطيدار شخص کي مديني شريف پهچايو وڃي. حضرت شيخ الهند کي زباني پڻ اهو پيغام موڪلڻ جي هدايت ڪئي ويئي هئي تہ هو واپس هندستان نہ وڃي. شيخ عبدالرحيم سندي لاءِ پڻ هدايت هئي تہ هو ڪابل اچن، چاڪاڻ تہ گهٽائي ضروري ڪم آهن.

حضرت شيخ الهند جي نالي خط ۾ سندن حجاز وڃڻ ۽ غالب نامي ۽ تقويٰ جهاد جا هندستان پهچڻ ڪان پوءِ جون حالتون لکيل آهن. ان ۾ ديوبند جي ڪن شخصن ۽ جماعت جي حالتن، چندو چير و گڏ ڪرڻ، حضرت شيخ الهند جي گهر ڀاتين جي خير خبر معلوم ڪرڻ، ياغستان ۽ ڪابل جون حالتون، ترڪي ۽ جرمني جي سفارتن جا حالات، ان وقت جي حڪومت ۽ چوڻڪارو ڏيار يندڙ فوج (خدائي فوج)

---

(۱) ريشمي خطوط سازش ڪيس ۾ لالو حمدالله آيو آهي، پر صحيح نالو احمدالله آهي.

جي رهڻ جي ڪيفيت خاص طور جنگ جي صورت ۾ افغانستان جي حالتن تي تبصرو آهي.

هن سلسلي جي ٽئين خط ۾ پهرين چونڪارو ڊيارينڊ (خدائي فوج) جي تشڪيل، انتظام ۽ عهديدارن جي هڪ وڏي فهرست آهي. اڻ ڪاڻ پوءِ ان وقت جي حڪومت جي باري ۾ ضروري معلومات ۽ قومي مفادات جي حفاظت جي پيش نظر ان ۾ شامل ٽيڻ جي فيصلي جو اطلاع روس، جرمني، چين ۽ جاپان وغيره ڪي وقت جي حڪومت طرفان موڪلڻ وارن سفارتن جا تذڪرا ۽ حڪومت ۾ عهدن جي ورهاست جو اطلاع آهي. هتي پهچي حضرت شيخ الهند جي نالي موڪليل ريشمي خط ختم ٿئي ٿو. عبيدالله لکي مولانا سنڌي ان ي پنهنجي صحيح ڪئي آهي.

لکڻ جو طريقو:

خطن جي لکت جي باري ۾ مولانا عبيدالله لغاري جو بيان آهي ته خط ڪڇهي نموني ريشمي رومالن تي لکيا ويا هئا. سندس بيان ۾ "ڪڇهي نموني" جي ڪا وضاحت ڪانه آهي. قاضي محمد اڪبر لکيو آهي ته "هي خط بصر جي پاڻيءَ سان لکيا ويا هئا." پر ريشمي خطوط سازش ڪيس جي اپياس مان پتو پوي ٿو ته لکت واسطي ان قسم جو ڪو ڪڇهو طريقو اختيار نه ڪيو ويو هو، پر اهي خوش خط اردو ۾ لکيا ويا هئا. هن ڪيس جي پهرين نوٽ ۾ سي. آءِ. ڊي طرفان هيءَ پڌرائي ملي ٿي:

"۱۴- آگسٽ ملتان جي خانبهادر رب نواز خان ملتان جي ڪمشنر کي پيلي ريشمي ڪپڙي جا ٽي ٽڪرا ڏيکاريا، جن تي خوش خط اردو لکيل هئي."

خط لکڻ جو مقصد هيءُ هو ته مولانا عبيدالله سنڌي ڪابل ۾ حالتن جو مطالعو ڪري ملڪ جي آزاديءَ جو منصوبو ٺاهيو آهي، جنهن کان شيخ الهند کي، جو ان وقت حجاز پهچي چڪو هو، واقف ڪيو وڃي ۽ اُن منصوبي مطابق تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ جو بندوبست ڪيو وڃي.

رپورٽ تيار ڪرڻ واري، چونڪارو ڊيارينڊ فوج (خدائي لشڪر) ۽ وقت جي حڪومت جي آنهن رٽن تي، جي مولانا سنڌي، تحريڪ آزادي جي آئيندي بابت بيان ڪيون هيون، هيٺين لفظن ۾ تبصرو ڪيو آهي:

"هينئر هو (مولانا عبيدالله سنڌي) جيڪي رٽون بيان ڪري ٿو، تن جي هڪ حصي تي عمل ڪري سگهجي ٿو، باقي حصو خيالي ۽ هوائي آهي. پر جتي جتي هن حقيقتن ۽ واقعن جو تذڪرو ڪيو ويو آهي، سون کي چوٽو پوي ٿو ته سندس بيان سورهن آنا سچو ۽ اڪر بم اڪر صحيح آهي."

چونڪارو ڊيارينڊز فوج (خدائي لشڪر):

هن خط سان گڏ مولانا سنڌي مرحوم "جنود ربانيه" (چونڪارو ڊيارينڊز خدائي فوج) جي عهديدارن جي جيڪا فهرست شامل ڪئي هئي، تنهن جي متعلق رپورٽ تيار ڪرڻ وارو لکي ٿو ته "چونڪارو ڊيارينڊز (خدائي فوج) جي عهديدارن جي جيڪا فهرست هن تيار ڪئي آهي، سا اسلامي دنيا جي وڏين شخصيتن تي مشتمل آهي، جن کي عالم اسلام جي پائيچاري واري هر وڏي اسڪيم ۾ شامل ڪرڻ لازمي آهي".

چونڪارو ڊيارينڊز خدائي فوج ۾ فيلڊ مارشل جي عهديدارن ۾ شريف مڪي کي پڻ شامل ڪيو ويو هو. ان وقت تائين ترڪي خلافت سان ان جي بغاوت جي خبر ڪابل ڪونه پهتي هئي. ظاهر آهي ته جيڪا تحريڪ ترڪي خلافت جي تعاون سان هلائي ٿي وئي، تنهن ۾ ترڪي جي باغي ۽ انگريزن جي مخالص ۽ پروسي واري شخص کي ايڏو وڏو عهدو نه ٿو ڏيئي سگهجي. جيئن ته هيءَ هڪ عجيب ڳالهه هئي، تنهن ڪري رپورٽ تيار ڪرڻ واري، انهن لفظن ۾ ان تي تبصرو ڪيو آهي ۽ ان تقرر جو جواز پڻ خود پيش ڪيو اٿس. لکي ٿو ته:

"هيءَ ڳالهه ڏاڍي دلچسپ آهي ته (مولانا سنڌي) شريف مڪي کي به فيلڊ مارشل جي حيثيت سان شامل ڪيو آهي. عبيدالله جي خط جي تاريخ ۸ رمضان، آڇر جو ڏينهن آهي، جيڪو ۹ جولاءِ جي مطابق آهي. شريف مڪي جي بغاوت جي خبر هندستان ۾ ۲۳ جون تي ڇپي هئي ۽ جيتري قدر مون کي معلوم ٿي سگهيو آهي ته ۹ جولاءِ تائين ڪابل ۾ ان بابت ڪنهن کي خبر ڪانه هئي".

پين عهديدارن بابت ساڳيو شخص لکي ٿو ته "ليفٽيننٽ جنرل ۽ ان کان گهٽ درجي جا عهدا گهڻ ئي شخصن کي ڏنا ويا آهن، جي تقريباً سموراً اسلامي ايڪي يا وهابي تحريڪ جي سلسلي ۾ اسان جي نوٽس ۾ اڳي چڪا آهن."

عهدا ۽ منصب:

ملڪ کي چونڪارو ڊيارينڊز فوج (خدائي فوج) کي انهن منصوبن يا عهدن هيٺ ٺاهيو ويو هو. سڀ کان اعليٰ منصب مربي (Patron) جو هو. ان منصب تي ترتيب وار ترڪي، ايران ۽ افغانستان جي بادشاهن کي مقرر ڪيو ويو هو. ان کان هيٺ مردان (فيلڊ مارشل) جو منصب هو، جو ترڪي ۽ افغانستان جي اڪابرن پڻ حيدرآباد ٻوپال، رام پور ۽ بهاول پور جي نوابن ۽ جهاد واري تحريڪ جي سرواڻ رئيس المجاهد کي ڏنو ويو هو. ان کان ٻوءِ جنرل يا سالار جو عهدو هو، جيڪو حضرت شيخ الهند کي سونهيو ويو هو. پر جيئن ته حضرت مولانا جن مرڪز ڪابل ۾ موجود هئا، تنهن ڪري مولانا عبيدالله سنڌي قائم مقام جنرل جي حيثيت سان

ڪم ڪري رهيو هو. انهن جي ماتحت ۲۹ نائب سالار يا ليفٽيننٽ جنرل هئا، جن ۾ ترڪيءَ جي مشهور اڳواڻ شيخ عبدالعزيز ڪان علاوه سڀ عهديدار ننڍي کنڈ پاڪ و هند سان تعلق رکندڙ هئا، جن ۾ مولانا حسين احمد مدني، ڊاڪٽر انصاري، سندس وڏو پٽ حڪيم عبدالرزاق، مولانا عبدالباري فرنگي محلي، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا محمد علي، شوڪت علي، مولانا ظفر علي خان، مولانا حسرت موهاني، مولانا عبدالقادر قصوري، سندس پٽ مولوي محي الدين قصوري، مولوي عبدالرحيم عظيم آبادي، مولوي عبدالله غازي پوري، مولانا برڪت الله پوپالي، مولانا تاج محمود امروٽي (ضلع سکر)، پير سيد امدادالله شاهه وغيره خاص طور قابل ذڪر آهن. انهن عهدن ڪان پوءِ ترتيب وار ميجر جنرل (معين سالار) ڪرنل (ضابط) ليفٽيننٽ ڪرنل (نائب ضابط)، ميجر، ڪپتان ۽ ليفٽيننٽ جا عهدا هئا.

مرڪز ۽ هيڊيان مرڪز:

خدائي فوج (چونڪارو ڊيارينڊڙ فوج) جو مرڪز مدينو شريف هو، ۽ هيڊيان مرڪز قسطنطنيه، تهران ۽ ڪابل هئا. ٽنهي مرڪزن جي اثر جا حلقا پڻ مقرر ڪيا ويا هئا. قسطنطنيه جو حلقو اثر يورپ ۽ آفريڪا جي ملڪن تائين پکڙيل هو. جڏهن ته تهران جو مرڪز وچ ايشيا جي ملڪن لاءِ ۽ ڪابل جي مرڪز جو حلقو هندستان تائين محدود هو.

خدائي فوج بابت برٽش گورنمينٽ جي رپورٽ جي هيءَ پڏرائي پڻ قابل توجه آهي. رپورٽ مرتب ڪرڻ وارو لکي ٿو ته:

عارضي حڪومت:

خدائي فوج جي اسڪيم هڪ ٻي جماعت سان ڳنڍيل هئي، جنهن کي ان وقت جي هند جي حڪومت چيو ويندو هو، جنهن جي ڪارڪنن لاءِ مسلمان هڻڻ لازمي نه هو. راجا مهندر پرتاب ان جو دائمي صدر هو. وزير اعظم مولوي برڪت الله ۽ وزير امور هند مولوي عبيدالله سنڌي هو.

ائين ٿو معلوم ٿئي ته ان جماعت (يعني عارضي حڪومت) جو مقصد هو هند ۽ افغانستان جي وچ ۾ جهڳڙو ۽ افغانستان ۾ جيڪي غير مطمئن هندستاني هئا، تن جي وفدن کي غير جانبدار يا دشمن ملڪن ۾ سوڪلي ڪا جوڙ توڙ ۽ سازباز ڪرڻ.

چونڪارو ڊيارينڊڙ (خدائي فوج) جي تشڪيل جي مقصد بابت لکي ٿو ته:

"عبيدالله جي هيءَ اسڪيم هئي، ته هندستان ۾ اسلامي لشڪر جي سڪل هڏن ۾، جن جي جسمن ۾ ٿورڙي زندگي باقي آهي، تنهن کي ڪم آندو وڃي. اهڙيءَ طرح هن پنهنجي سازش ۾ وهابي تحريڪ جي باعمل مشينري، مولوي طبقي جو اسلامي جوش جذبو ۽ اسلامي ايڪي جي حامين جي سياسي سگهه ۽ تلخي کي هڪ جاءِ

کري ڇڏيو هو. سنڌس وڌيڪ منصوبو هيءَ هو تہ هڪ ٻي سازشي جماعت (يعني ان وقت جي حڪومت هند) سان ڪُلهو ڪلهي ۾ ملائي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن هندن جا انقلاب پسند عناصر سنڌس طرف رهن.

پر هيءَ ڳالهہ خاص طور ڏيان ۾ رکڻ گهرجي تہ وقت جي حڪومت جي اسڪيم ۽ ان جي ٿاهڻ ۾ مولانا سنڌي جو تعلق نہ هو. هيءَ اسڪيم راجا مهندر پرتاب جي هئي ۽ مولانا سنڌي کي ان جي اهميت جي پيش نظر ان ۾ بعد ۾ شريڪ ڪيو ويو هو، ۽ راجا صاحب جي ڪابل وڃڻ کان پوءِ، مولانا سنڌي ان جي مرڪز ڪابل جو انچارج پڻ ٿي ويو. جڏهن تہ چوٽڪارو ڊيارينڊ فوج (خدائي فوج) جو مڪمل منصوبو ۽ سنڌس لاءِ عمل مولانا سنڌي جي سهڻي سوچ جو نتيجو هو. ان سان راجا مهندر پرتاب جو ڪو تعلق ڪونہ هو. چوٽڪارو ڊيارينڊ فوج ۾ مشن جي صرف هڪ رڪن مولانا برڪت الله پوپالي کي شامل ڪيو ويو هو. سنڌس عهدو ليفٽيننٽ جنرل جو هو، پر ڪيس وقت جي حڪومت جي وزيراعظم جي حيثيت سان نہ، بلڪ هڪ مسلمان جي حيثيت سان شامل ڪيو ويو هو، تنهنڪري ريشمي خطوط سازش ڪيس جي رپورٽ جي مرتب جو هيءَ خيال صحيح نہ آهي، تہ چوٽڪارو ڊيارينڊ فوج (خدائي فوج) جي هيءَ اسڪيم هڪ ٻي جماعت سان گڏيل هئي، جنهن کي هند جي ان وقت جي حڪومت چيو ويندو هو. شايد اهو شڪ ان ڪري پيدا ٿيو تہ عارضي حڪومت ۾ مولانا سنڌي شريڪ هو ۽ چوٽڪارو ڊيارينڊ فوج ۾ مولانا پوپالي شامل هو. ريشمي خط ۾ پڻ ٻنهي ادارن جو گڏ ذڪر ڪيو ويو آهي. پر انهيءَ خط ۾، ۽ ان ئي جاءَ تي مولانا سنڌي اها ڳالهہ واضح ڪئي آهي تہ عارضي حڪومت جي اسڪيم راجا مهندر پرتاب جي اسڪيم آهي، جنهن ۾ هو قومي مفادات جي حفاظت خاطر شريڪ ٿيو آهي.

حضرت شيخ الهند جي نالي مولانا سنڌي جي خط ۾ ان وقت جي حڪومت ۽ ان جي سفارتن بابت تفصيلات آهن. ان رپورٽ جو مرتب لکي ٿو تہ:

"عبيدالله پنهنجي خط جي آخر ۾ ان جو تفصيل ڏنو آهي، جنهن کي هن "هندستان جي وقتي حڪومت" سڏيو آهي. اهڙيءَ ريت هن (مولانا) ان سازش ۾ راجا مهندر پرتاب جي حصي کي متعين ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن بابت سنڌس بيان آهي تہ: سنڌس آرياڻي سماج سان خاص لاڳاپو آهي ۽ هندستاني راجائن سان سنڌس سڌيءَ طرح تعلق آهي."

هن جاءَ تي پڻ اسان کي ڪجهہ حقيقتون ۽ واقعا معلوم آهن، مثلاً روس کي ايلچي موڪليو ويو. ايلچي جي باري ۾ سنڌس بيان سورهن آنا صحيح آهي. مان سمجهان ٿو تہ مجموعي طرح اسان کي عبيدالله جي انهن خطن بابت هي سمجهہ گهرجي تہ هن واقعن ۽ منصوبن کي بيان ڪرڻ ۾ پوري ڪوشش ڪئي آهي تہ

جيئن خطن جا مالڪ ۽ وچ وارا آهي شخص، جيڪي هي خط پڙهن، سي سموريون ڳالهيون سمجهي سگهن.

ريشمي خطوط سازش بابت هڪ ٻي يادداشت ۾ چيو ويو آهي تہ "متفقہ راءِ آهي تہ هيءَ اسڪيم جوڪائتي ۽ نهايت ئي اهم آهي. هن سلسلي ۾ حڪومت کي هيءَ مشورو پڻ ڏنو ويو هو تہ عام صورتحال ۾ انڪشافات جي اها تقاضا آهي تہ حڪومت اهڙا قدم کڻي، جيئن افغانستان، عرب ۽ هندستان ۾ وڪوڙين ۽ سازشين جي وچ ۾ خط و ڪتابت، سازشن ۽ پئسي جي ڏي وٺ جو سلسلو بند ٿي وڃي. هن سلسلي ۾ سنڌ، پنجاب، سرحد، دهلي ۽ يوپي ۾ گرفتارين جو هڪ منصوبو پڻ تيار ڪيو ويو ۽ وڏي پيماني تي گرفتاريون عمل ۾ آنديون ويون.

راز ظاهر ٿيڻ:

هي خط مولانا عبيدالله سنڌي، عبدالحق نالي هڪ شخص جي هٿان موڪليا هٿا ۽ ڪيس هدايت ڪئي هٿائين تہ هو اهي خط حيدرآباد سنڌ ۾ شيخ عبدالرحيم جي حوالي ڪري. عبدالحق تحريڪ جو هڪ پروسي جوڪو شخص هو ۽ هو هن کان اڳ پڻ هڪ ڪم سانگي سنڌ اچي چڪو هو. ان کان پهرين هو خانبهادر رب نواز جي پٽن هرهڪ الله نواز، شاهنواز ۽ لاهور جي ٻن شاگردن جي وفد سان گڏ سن ۱۹۱۵ع جي شروعات ۾ هجرت ڪري ڪابل هليو ويو هو. جولاءِ ۱۹۱۶ع جي آخر ۾ عبدالحق هي خط ڪٽي آيو تہ پهريائين هو ملتان هليو ويو ۽ خانبهادر وٽ رهيو. خانبهادر اندازو لڳايو تہ هو ڪجهہ اهم معلومات ڪٽي حيدرآباد وڃي رهيو آهي ۽ ان کان پوءِ هن (خانبهادر) اهڙو چار وچايو، جو عبدالحق ان مان نڪري نہ سگهيو. نہ فقط راز ظاهر ڪري وڌائين، پر ۴ آگسٽ تي اهي خط سندس حوالي ڪري ڇڏيائين. ۱۴- آگسٽ تي خانبهادر رب نواز اهي خط ملتان جي ڪمشنر کي پهچايا ۽ هن وري اهي خط پنجاب جي ليفٽيننٽ گورنر کي موڪلي ڏنا. اهڙيءَ ريت اهي خط اصل مالڪ تائين پهچڻ بجاءِ دشمن جي قبضي ۾ اچي ويا.

ريشمي خطوط سازش ڪيس ۾ هيئيون نوٽ "هي خط اسان جي هٿ ڪيئن آيا" جي عنوان سان انهن جي هٿ اچڻ بابت لکيل آهي تہ: "۱۴ آگسٽ تي ملتان جي خانبهادر رب نواز ملتان ڊويزن جي ڪمشنر کي ريشمي ڪپڙي جا ٽي ٽڪر ڏيکاريا، جن تي سهڻي صورتخطيءَ ۾ اردو لکيل هئي ۽ چيو تہ "۱۴ آگسٽ کان هي وٽس هٿا، پر ڪمشنر جي غير موجودگيءَ سبب هو پيش نہ ڪري سگهيو."

خانبهادر ٻڌايو تہ "ڪيس اهي خط عبدالحق کان مليا آهن، جيڪو سندس پٽن جو استاد پڻ هو ۽ انهن سان گڏجي ۱۹۱۵ع ڌاري ڪابل ويو هو. عبدالحق، رب نواز کي آهي خط پيش ڪندي ٻڌايو تہ "ڪيس ڪابل مان انهن خطن پهچائڻ

لاءِ ئي موڪليو ويو آهي. هي خط ڪيس حيدرآباد سنڌ ۾ عبدالرحيم ڪي ڏيڻا هئا، تہ جيئن هُو آهي خط مدني شريف موڪلي. عبدالحق کي عبدالرحيم ڪان خطن جي رسيد پڻ ونڊي هئي ۽ ڪيس آها رسيد واپس ڪابل ڪٽي وڃڻي هئي."

هن راز جي ظاهر ٿيڻ شرط نندي کنڊ ۾ وڏي پئماني تي گرفتاريون عمل ۾ آيون. نہ فقط اهي جيڪي مذڪوره تحريڪ سان وابستہ هئا، پر هر آن شخص ڪي قيدي يا نظربند ڪيو ويو، جنهن جي باري ۾ ڪين شڪ هو تہ هن جو ان تحريڪ يا شيخ الهند يا مولانا سنڌيءَ سان ڪجهہ تعلق ۾ رهيو آهي. حضرت شيخ الهند ۽ سندن ساڻين جهڙوڪ مولانا حسين احمد مدني، مولانا عزيز گل، مولانا وحيد احمد ۽ حڪيم نصرت حسين کي مدينه منوره مان شريف حسين کي گرفتار ڪري، انگريزن جي حوالي ڪيو ۽ ڪين مالٹا جي ٻيٽ ۾ قيدي بنايو ويو. اهڙيءَ طرح هيءَ تحريڪ پاڻهِ تڪميل تي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي ختم ٿي ويئي.

مقصد ۽ طريقہ ڪار:

هن بحث جي سلسلي جو هڪ اهم مضمون هي رهجي ويو آهي تہ هن تحريڪ جو مقصد ۽ ڪم ڪرڻ جو طريقو ڪهڙو هو؟ ٿورن لفظن ۾ تہ هن تحريڪ جو مقصد هيءَ هو تہ پهرين جنگ عظيم ۾ انگريزن جي رُڌل هجڻ سبب هندستان ۾ فقط يارهن هزار فوج ۽ هڪ توپخانو وڃي بچيو هو. تحريڪ جي باني شيخ الهند جو خيال هو تہ هيءَ مناسب موقعو آهي تہ هندستان ۾ طاقت جي ذريعي انگريزن جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪجي. منصوبو ائين هو تہ ترڪيءَ جي سهڪار سان افغانستان جي ذريعي هندستان تي حملو ڪرايو وڃي. هن سلسلي ۾ مولانا عبيدالله سنڌي ڪي ڪابل موڪليو ويو تہ جيئن آتي پهچي هو حالتن جو جائزو وٺي ۽ تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڪا ترڪيب سوچي. ۽ حاجي ترنگ زئي ڪي نياپو موڪليو ويو تہ هو آزاد قبائلين کي انگريزن خلاف جنگ لاءِ پڙڪائي. تحريڪ جهاد جي مرڪز چمرقند اطلاع موڪليو تہ هو پنهنجي تحريڪ زور شور سان شروع ڪن ۽ پاڻ حجاز جي سفر لاءِ روانو ٿي ويو، تہ جيئن ترڪيءَ جي اڪابرن کي هندستان جي آزاديءَ لاءِ اخلاقي ۽ فوجي امداد ڏيڻ واسطي تيار ڪن. آهائي ڪالهہ ريشمي رومال سازش ڪيس سان ظاهر ٿئي ٿي. مولانا عبيدالله سنڌي ۽ تحريڪ جي ٻين سورمن جي خلاف جيڪو ڪيس تيار ڪيو ويو هو، تنهن ۾ "سازش جا مقصد" جي عنوان سان ڇپيءَ ريت لکيل آهي تہ: جو هزمئجسٽي جي فوجن خلاف جنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، جنگ لاءِ مدد ڪرڻ يا هزمئجسٽي کي هندستان جي اقتدار اعليٰ کان محروم ڪرڻ ۽ ان کان پوءِ جي طريقہ ڪار بابت لکيو آهي تہ "هندستاني مسلمانن ۾ قرآن (پاڪ) جي غلط تشريح (نعوذ بالله)

۽ بين طريقن ذريعي مذهبي تعصب پکيڙي، سرحدي قبائلين ۽ افغانستان ۽ برطانيہ جي خلاف نفرت پيدا ڪري، انهن ملڪن جي عوام کي برطانيہ جي خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ آماده ڪري، ترڪي حڪومت کان جنگي امداد وٺي ۽ ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ چندو گڏ ڪري. آخرڪار هيءَ ارادو ڪيو ويو تہ جيئن ٻاهرين ملڪن کان وڏي امداد ۽ حمايت جي پڪ ٿي وڃي، تہ هڪدم هندستان ۽ برطانوي حڪومت خلاف بغاوت ڪئي وڃي.

مرڪز:

هن تحريڪ جو پهريون مرڪز دارالعلوم ديوبند هو. ان جو سبب هيءَ آهي تہ حضرت شيخ الهند جي ذات بابرڪات ۽ عالي صفات سان ان جو تعلق هو. مگر مولانا سندي جو ڪابل ۾ حضرت شيخ الهند جي حجاز اسهڻ ڪري، ان جو اصلي مرڪز ڪابل ٿي ويو هو ۽ هندستان ۾ ڪيترين ئي جايون هن تحريڪ جي نئين مرڪزن جي حيثيت رکندڙ هيون. هندستان ۾ دهلي، ڪلڪتو ۽ ديوبند خاص مرڪز هئا. سنڌ ۾ پنجاب ۾ ڪراچي، حيدرآباد، پير جهنڊو، امروٽ، دينپور ۽ لاهور هن تحريڪ جا اهم مرڪز هئا.

سنڌ جو حصو:

هن تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو نهايت اهم ۽ ساراهہ جوڳو رهيو آهي. هن تحريڪ جي وڏي اڳواڻ کان وٺي نئين ڪارڪن تائين ۽ خدائي فوج (چونڪارو ڏيارينڊ فوج) ۾ قائم مقام کان وٺي ليفٽيننٽ جي عهدي تائين ۽ حڪومت وقت ۾ نهايت اهم عهدن تي سنڌي نظر ايندا هئا.

ريشمي رومال تحريڪ جي سڀ کان اهم شخصيت سنڌ جو مايہ ناز فرزند مولانا عبيدالله سندي هو ۽ هن تحريڪ جي اهم شخصيتن ۾ شيخ محمد ابراهيم، پير سيد اسد الله شاهہ، حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالرحيم، فتح محمد، مولوي محمد علي، محمد حسن، مولانا حافظ محمد صادق، مولانا رشد الله، حاجي ڊاڪٽر شاهہ بخش لاشاري، مولانا تاج محمود امروٽي، حڪيم قاضي عبدالقيوم عباسي حيدرآبادي ۽ مولانا لغاري تہ اهي شخصيتون آهن، جن جو ذڪر ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سي-آءِ-ڊي عبدالله رپورٽن ۾ موجود آهي. ان کان سواءِ اهڙا ڪيترائي شخص هوندا، جن کان سي-آءِ-ڊي وارا پيخبر رهيا، پر انهن جي سڃاڻپ ٿي چڪي آهي. 'عارضي حڪومت' ۾ سڀ کان اهم ۽ فعال شخصيت سنڌ جي عالم ۽ مفڪر مولانا عبيدالله جي هئي، جيڪي هندستان جي 'عارضي حڪومت' ۾ وزير داخلہ جي عهدي تي فائز هئا. چونڪارو ڏيارينڊ فوج "خدائي لشڪر" جي وڏي ۾ وڏي ۽ اهم عهدي جنرل جا

قائم مقام پڻ هئا. ان کان علاوه ليفٽيننٽ جي عهدي تي امروٽ (ضلع سکر) جو مقتدر عالم دين ۽ شيخ طريقت مولانا تاج محمود ۽ مولانا سنڌي جا شاگرد ۽ فخر سنڌ پير سيد اسد الله شاهه ٽکڙائي فائز هئا. ميجر جنرل جي حيثيت سان ان فهرست ۾ شيخ ابراهيم سنڌي جو نالو چمڪي رهيو آهي. اهڙيءَ طرح 'ڪرنل' جي عهدي تي پڻ سنڌ جي سرزمين جي ٻي مشهور ماڻهن جا نالا نظر ايندا. انهن مان هڪ مولانا عبدالله لغاري، جنهن کي مولانا سنڌي جي صحبت ۽ مدرسي دارالرشاد ۽ مولانا سنڌي جي نائبي ۽ افغانستان جي سفر ۾ رفاقت جو شرف حاصل ٿيو هو. ٻي هستي ڪراچي جي مشهور عالم دين ۽ سياسي اڳواڻ مولانا حافظ محمد صادق ڪڏه واري جي هئي. جڏهن ته ٽين شخصيت مشهور انقلابي شيخ عبدالرحيم حيدرآبادي جي هئي ۽ ريشمي خطن ۾ پهرين اهائي شخصيت هئي، جنهن ڏانهن خط لکيو ويو هو ۽ ليفٽيننٽ ڪرنل جي عهدن تي ڊاڪٽر شاهه بخش ۽ محمد علي سنڌي جا نالا قابل ذڪر آهن.

قاضي محمد اڪبر (مرحوم) پنهنجي هڪ مضمون ۾ مولانا سنڌي، حاجي شاهه بخش، شيخ عبدالرحيم، مولانا محمد صادق، مولانا تاج محمود، سيد اسد الله شاهه ۽ پنهنجي والد (قاضي) عبدالقيوم کان علاوه، جن جا نالا "تحريڪ ريشمي رومال" سازش جي سلسلي ۾ سي-آءِ-ڊي جي رپورٽن ۾ لکيل آهن، سي هي آهن: ڪريم بخش نظاماڻي، عقيل هالو، حاجي حيدر خان نظاماڻي هالائي، پير آغا حسن جان، آغا حسين جان سرهندي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (جيڪو قاضي محمداڪبر جو ونڊو چاچو ٿئي) غلام‌محمد پرڳڙي، پير سيد تراب علي شاهه راشدي، ۽ ڳوٺ پير جهنڊو جي سيد محب الله شاهه راشدي کي نه فقط ريشمي رومال تحريڪ ۾ رڳو ڪارڪن ٻاڪ سنڌ ۾ مذڪوره تحريڪ جو روح روان سڏيو ويو آهي.

"تحريڪ ريشمي رومال" جي سلسلي ۾ جن معتبر سرويچن جا نالا آيا آهن، انهن جو تحريڪ سان فقط رسمي تعلق نه هو. مولانا محمد ميان هن تحريڪ ۾ جتي ملڪي يا جڳ مشهور رهنمائن ۽ حضرت شيخ الهند جي صلاحڪارن ۽ مددگارن جو ذڪر ڪيو آهي، اتي ڊاڪٽر مختار احمد انصاري، مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا محمد علي، حڪيم اجمل خان ۽ نواب وقارالملڪ سان گڏ مولانا محمد صادق، شيخ عبدالرحيم ۽ مولانا تاج محمود امروٽي جو پڻ ذڪر ڪيو آهي.

حضرت شيخ الاسلام مولانا حسين احمد مدني پڻ انهن بزرگن جي حالات ۽ خدمتن جي ذڪر ڪرڻ کان علاوه حاجي شاهه بخش مرحوم جو ذڪر خير پڻ ڪيو آهي. آزاديءَ جي سنڌي سورمن جي ڪٽنب ۽ سندن اثر رسوخ جي باري ۾ وي-وي وپان ريشمي رومال تحريڪ تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته عبيدالله (سنڌي) جا

ڪٽر تعصب پرست دوست، پير ۽ مائٽ، جيڪي سنڌ ۾ رهندا هئا، تن جا لڳ لاڳاپا هندستان ۾ هر هنڌ موجود هئا.

تحريڪ جا سنڌي مجاهد:"

تحريڪ ريشمي رومال بابت سنڌ جي مجاهدن ۽ سرويچن جا مختصر حالات هيٺ ڏنا وڃن ٿا: تعارف ۽ تحريڪ ۾ هرهڪ جي اهميت ۽ سندن مان مرتبي جي لحاظ کي پاسيرو رکي، صرف الف-بي وار ترتيب سان سندن احوال پيش ڪيو وڃي ٿو:

اسدالله شاهه، سيد:

۱۵ شعبان سنه ۱۲۸۵هه ۾ ٽڪڙ (ضلع حيدرآباد) ۾ پيدا ٿيو.(۱) سندن والد بزرگوار جو نالو سيد الله بخش شاهه آهي. شروعاتي تعليم حيدرآباد (سنڌ) ۾ حاصل ڪيائين. مدرسه دارالرشاد ڪوٽ پير جهنڊو (تعلقو هالا)، دارالعلوم ديوبند، بعد ۾ مدرسه نظارة المعارف القرآنيه دهلي جو پڻ شاگرد ٿي رهيو آهي. پاڻ عالم، حڪيم، خطيب، مصنف ۽ شاعر هئا. "فدا" سندن تخلص هو. مولانا سنڌيءَ جا شاگرد، رفيق ۽ ريشمي رومال خطن واري سازش ڪيس جي داخلا موجب هڪ اهم شخصيت ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جا نهايت سرگرم ايجنٽ هئا.

چوٽڪارو ڏيارندڙ فوج (خدائي فوج) ۾ سندن عهدو ليفٽيننٽ جي برابر هو. ان کان علاوه تحريڪ خلافت ۾ پڻ سرگرميءَ سان حصو ورتائون. سندن ايثار ۽ قربانيءَ متعلق قاضي محمد اڪبر لکيو آهي ته: "قربانيون ڏيڻ ۽ تڪليفون سهڻ ۾ هن پنهنجو پورو پورو حق ادا ڪيو".

۱۴ ۽ ۲۱ سپٽمبر جي وچ واري هفتي دوران ڪيس گرفتار ڪيو ويو. "ريشمي رومال تحريڪ سازش" جي ڏوهين جي گهربل فهرست ۾ سندن مڪمل احوال هيٺين لفظن ۾ آيو آهي:

"غالباً امروٽ (ضلع سکر سنڌ) (۲) جو رهاڪو آهي. عبيدالله جو سائي، مدرسه ڪوٽ پير جهنڊي (تعلقه هالا) ۾ ان وقت تعليم حاصل ڪيائين، جڏهن عبيدالله سنڌي اتي هو. ڪجهه وقت مدرسه نظارة المعارف القرآنيه دهليءَ ۾ شاگرد ٿي رهيو. پڪو ئي پڪ هيءَ عبيدالله جو نهايت سرگرم ايجنٽ پڻ آهي. چوٽڪارو ڏيارندڙ خدائي فوج جي فهرست ۾ ليفٽيننٽ جنرل جي عهدي تي فائز هو. ۲۷ رجب ۱۳۴۴هه ۾ پنهنجي اباڻي شهر ٽڪڙ ۾ وفات ڪيائون.

(۱) سيد اسدالله شاهه ٽڪڙ ضلع حيدرآباد سنڌ جو رهاڪو هو.
(۲) امروٽ هينئر شڪارپور ضلع ۾ آهي.

تاج محمود امروٽي، مولانا: (۱)

امروٽ جي مشهور مذهبي شخصيت، "تحريڪ شيخ الهند" جا خاص رڪن ۽ حضرت جا صلاحڪار ۽ مددگار هئا. وڏي اثر رسوخ وارا ۽ طريقت جا صاحب هئا. مولانا عبيدالله جي ڪابل وڃڻ وارن انتظامن ۾ سندن خاص هٿ هو. سندن شمار سنڌ جي مدبر ۽ انقلابي رهنمائن ۾ ٿئي ٿو. خلافت، ترڪ موالات ۽ هجرت وارين تحريڪن ۾ سندن حصو نمايان آهي. ريشمي رومال سازش ڪيس جي سلسلي ۾ تڪليفن، آزمائش ۽ جيل وڃڻ جا دور ڪين ڏسڻا پيا. مولانا حسين احمد مدني لکيو آهي ته، "ڪين گرفتار ڪري، وري ٽورن ڏينهن ڪان پوءِ آزاد ڪيو ويو ۽ تحريڪ خلافت جي پوين ڏينهن ۾ وفات ڪيائون."

ريشمي رومال سازش ڪيس ۾ سندن ذڪر گهڻين جاين تي آيو آهي. سازش جي ڏوهارين ۾ سندن ذڪر هيٺين ريت ڪيو ويو آهي.

تاج محمود سنڌ جو رهاڪو شايد اهوئي مولوي تاج محمود امروٽي ضلع سکر (سنڌ) آهي، جنهن جو سنڌ ۾ ٻئي نمبر تي زبردست اثررسوخ آهي. فقط مولوي همايوني(۲) جو اثر ڪانئس وڌيڪ آهي. هو ڪڏي ڪراچي واري مولوي محمد صادق جو دوست آهي، جيڪو هينئر ڪارواڙ (مهاراشٽر) ۾ نظربند آهي. انومان آهي ته هن مولوي عبيدالله جي افغانستان ڏڃي وڃڻ ۾ مدد ڪئي هئي. سندن هزارين مريد، جن ۾ وڏا وڏا زميندار، وڪيل ۽ سرڪاري ڪامورا شامل آهن ۽ "چوٽڪارو ڏيارينڊ فوج (خدائي فوج) ۾ ليفٽيننٽ جنرل آهي.

رشد الله راشدي، سيد: (۳)

ڳوٺ پير جهنڊي (تعلقه هالا) جا مشهور عالم دين، شيخ طريقت، سياسي ۽ انقلابي اڳواڻ هئا. مدرسه دارالرشاد پير جهنڊي جا پاڻ باني هئا. حضرت شيخ الهند سان سندن خاص تعلق هو. "ريشمي خطن واري سازش" ڪيس ۾ ڪين تعصبي، انتهاپسند، ڪٽر وهابي، مولانا سنڌي جو خاص ساٿاري، تحريڪ جي هڙان وڙان مدد ڪرڻ وارو، انگريزن ڪان نفرت ۽ سندن خلاف نفرت پکيڙيندڙ، انگريزن جي خلاف پهرين جرمني ۽ پوءِ ترڪيءَ جي سوپ جو خواهشمند ۽ ديوبند سازشين سان ملهيل ڄاڻايو ويو آهي ۽ اهو پڻ لکيو ويو آهي ته هو پنهنجن مريدن ڪان انگريزن خلاف جهاد ڪرڻ لاءِ بيعت وٺندو هو. سندن دشمنن جي زباني، سندن متعلق

---

(۱) "سازش ڪيس" ۾ سندس نالو تاج محمد آيو آهي، پر سندن نالو تاج محمود آهي.
(۲) مشهور عالم دين ۽ شاعر مولانا عبدالغفور "مفتون" همايون ضلع شڪارپور جو ويڙهه هو.
(۳) سازش ڪيس ۾ سندن نالو رشيدالله لکيل آهي، مگر سندن صحيح نالو رشدالله آهي. هُو وڏو صاحبِ علم هو.

ايمان جي پختگي، ديني نفرت پکيڙيندڙ، اسلامي غيرت ڏيارينڊڙ، ايثار ۽ قرباني ۽ جو متوالو، جهڙا الفاظ ادا ٿين تہ هي سندس لاءِ کو معمولي خراج تحسين ناهي. تحريڪ ريشمي رومال سازش ڪيس ۾ سندن ذڪر هن ريت آيو آهي:

"رشد الله پير جهنڊي وارو مشهور سنڌي پير، پير جهنڊو، تعلقو هالا، ضلع حيدرآباد سنڌ جو رهاڪو، وڏو تعصبي ۽ مذهبي جنوني آهي. سندس سنڌ، ڪاٺياواڙ، بلوچستان، ۽ بهاول پور رياست ۾ ڇهہ لک ڪن مريد آهن. هو اڪثر پنهنجن مريدن وٽ ويندو رهندو آهي. پنهنجي ڳوٺ ۾ هڪ مدرسو دارالرشاد مذهبي تعليم ڏيڻ لاءِ قائم ڪيو اٿائين. مولوي عبيدالله ان مدرسي ۾ سنہ ۱۹۰۹ع تائين وڏي ۾ وڏو معلم ۽ مهتمم ٿي رهيو آهي. چيو وڃي ٿو تہ پير رشد الله هڪ ڪٽر وهابي آهي ۽ اهو ٿي چيو وڃي ٿو تہ هن هڪ موقعي تي آزاديءَ جي سورمن لاءِ پنهنجي عيوضيءَ جي هٿان مدد طور پئسا ٿي موڪليا هئا. انگلنڊ جو سير ٿي ڪيو اٿائين. عبيدالله جو خاص سائيواري تصور ڪيو وڃي ٿو، جنهن کي ڪابل موڪلڻ ۾ هن وڏي مدد ڪئي هئي. مولوي عبدالله (لغاري) سنڌي ۽ فتح محمد ڪابل کان جيڪي خط عبيدالله طرفان ڪٿي آندا هئا، تن مان هڪ خط پير جهنڊي جي نالي هو، جنهن ۾ پير صاحب کي گذارش ڪيل هئي تہ هو جهاد لاءِ مدد ڪري.

ريشمي خط آڻڻ واري شيخ عبدالحق هٿان عبيدالله جو هڪ ٻيو خط ٿي پير جهنڊي واري لاءِ موڪليو هو. ان خط ۾ ڄاڻايل هو تہ هُو (پير صاحب) هڪ هزار رپيا روڪ مولوي احمد علي هٿ موڪلي ڏئي، جيڪو حج تي وڃڻ وارو آهي. جنگ شروع ٿيڻ کان ڇهہ ست سال اڳ ۾ هو مذهبي انتهاپسنديءَ جو اظهار ڪندو رهندو هو، ۽ پنهنجي بيان مطابق انگريزي تهذيب ۽ عيسائي مذهب کي تمام سخت نموني نندندو رهندو هو. جنگ شروع ٿيڻ کان پوءِ، هن جرمنيءَ جي فتح ۽ جڏهن ترڪي به جنگ ۾ شامل ٿيو، تہ پوءِ ترڪيءَ جي ڪاميابيءَ جون ڳالهيون ڪليءَ طرح ڪرڻ لڳو. شايد عبيدالله جي خراب اثر ڪري هو پنهنجي تقريرن ۾ محتاط ٿي ويو هو. بعد جي ڪوجنا مان ظاهر ٿيو تہ پير رشد الله جو ڳانڍاپو ديوبندي سازشين سان ٿي هو. چيو وڃي ٿو تہ جهنڊي وارو پير پنهنجن مريدن کان جهاد جي بيعت وٺندو هو".

شاهہ بخش لاشاري

حضرت شيخ الهند جي نالي مولانا محمد ميان جي ريشمي خطن ۾ ۽ ريشمي رومال سازش ڪيس ۾ ٿي سندن نالو انڪل ڇهہ، پيرا ڏار ڏار جاين تي آيو آهي. پاڻ حيدرآباد سنڌ جا رهاڪو آهن. ڪجهہ زمين هين، گهڙين جي مرمت ۽ طبابت

Gul Hayat Institute

سندس ڏنڏو هو، تنهنڪري سازش ڪيس ۾ ڪيس ڊاڪٽر (طبيب) چيو ويو آهي. حڪيم (قاضي) عبدالعزيز ۽ شيخ عبدالرحيم جن جو وفادار ساٿي ۽ شيخ الهند جي تحريڪ جو رڪن ۽ سندن پروسي جوڳو ساٿي هو. مولانا حسين احمد مدني تہ ڪين حضرت شيخ الهند جي رفيقن ۾ شامل ڪندي لکي ٿو تہ: "هو حيدرآباد سنڌ جو رهاڪو ۽ آزاديءَ واري تحريڪ جو بنيادي ميمبر هو. سن ۱۹۱۵ع ۾ حضرت شيخ الهند کان پهريائين عربستان هليا ويا هئا. حضرت شيخ الهند ترڪيءَ جي مدبرن هرهڪ غالب پاشا ۽ جمال پاشا جون ڪي لکڻيون حاصل ڪري هندستان موڪليون هيون، جيڪي سيد هادي حسن ۽ شاهہ بخش لاشاري جي حفاظت ۾ هيون. سپٽمبر ۱۹۱۶ع ۾ هو سنڌ موڪي آيو ۽ جڏهن ريشمي رومال تحريڪ جو راز ظاهر ٿيو تہ سڀ کان پهريائين گرفتار ٿيڻ وارن ۾ هي شامل هو.

سازش ڪيس جي فرياد جي جملي نمبر ۴۵ مان پڻ هي معلوم ٿئي ٿو تہ سندس گرفتاري ۱۲- سپٽمبر ۱۹۱۶ع ڏاري ٿي. ريشمي رومال سازش ڪيس جي ڏوهارين جي صف ۾ سندس سڃاڻپ هيٺين ريت ڪرايل آهي:

"خدائي فوج (چوڪارو ڏيندڙ فوج) ۾ هي ليفٽيننٽ ڪرنل آهي. حضرت مولانا شيخ الهند جي نالي عبيدالله جي لکيل خطن ۾ پڻ هيءَ نالو ظاهر ٿئي ٿو تہ ڊاڪٽر حاجي شاهہ بخش ولد امام بخش لاشاري بلوچ حيدرآباد سنڌ جو ويڙهہ، گهڙي ساز ۽ تمام نندو زميندار آهي، جنهن جو يوناني طب سان پڻ تعلق آهي. هي ان حهاز ۾ عربستان ويو هو، جنهن جهاز ۾ مولانا خليل احمد سهارنپوري ۽ سندس پارٽيءَ سپٽمبر ۱۹۱۵ع ۾ سفر ڪيو هو، ۽ "ايس. ايس. اڪبر" نالي هڪ جهاز ۾ سپٽمبر ۱۹۱۶ع ۾ واپس هندستان آيو هو ۽ مولوي خليل احمد پڻ ساڳئي جهاز ۾ سوار هو. مولوي حبيب الله، حڪيم عبدالقيوم ۽ شيخ عبدالرحيم (جن جي نالي تشريحي ريشمي خط موڪليا هئا) حيدرآباد جو ويڙهہ ۽ وفادار ساٿي آهي. هو مولانا محمود حسن جي جهاد جي سازش جو رڪن هو، تنهن حجاز کان هندستان پهچڻ شرط يڪدم حڪيم عبدالقيوم ۽ شيخ عبدالرحيم کي تارون موڪليون تہ ساڻس حيدرآباد ۾ اچي ملن. ممڪن آهي تہ هو مولانا محمود حسن جا نياپا کڻي آيو هجي. (مولانا) محمود حسن، انورپاشا ۽ غالب پاشا کان عربستان ۾ جيڪي ڇهہ فرمان حاصل ڪيا هئا، سي حاجي شاهہ بخش ۽ سيد هادي بخش جي گڏيل حفاظت ۾ هندستان موڪليا هئا، تہ جيئن اهي سيد نورالحسن ويڙهہ رٽيڙي ضلع مظفرنگر (يو. پي.) کي ڏنا وڃن.

تحريڪ ريشمي رومال سان لاڳاپو، شيخ عبدالرحيم سان تعلقات ۽ گرفتاري جي باري ۾ ريشمي تحريڪ سازش جي سلسلي ۾ ۲۱ سپٽمبر ۱۹۱۶ع واري ياداشت مان پڻ خبر پوي ٿي ۽ ان ۾ لکيل آهي تہ، "مقامي انتظاميہ پنهنجي منهن،

ان کان سواءِ (۱) تن ٻين ماڻهن کي پڻ گرفتار ڪيو آهي، جن جو شيخ عبدالرحيم جي ٽولي سان گهرو تعلق هو، تن جا نالا هي آهن: مولانا تاج محمود امروٽي، پير اسد الله شاهه ۽ حاجي شاهه بخش. تن مان آخري ذڪر ڪيل (حاجي شاهه بخش) پڻ عربستان کان انهيءَ ساڳئي جهاز ۾ واپس پهتو هو، جنهن ۾ خليل احمد سهارنپوري واپس اچي رهيو هو. هندستان پهچڻ شرط هن شيخ عبدالرحيم کي تار ذريعي پنهنجي اچڻ جو اطلاع ڏنو ۽ بعد ۾ ساڻس ملڻ لاءِ حيدرآباد ويو. هو عبدالرحيم جو پراڻو سائياري آهي. شايد هو هن معاملي (سازش تحريڪ) ۾ گهڻي حد تائين ملوث آهي."

قاضي محمد اڪبر (مرحوم) سندس صورت ۽ سيرت جي باري ۾ دلچسپ ڳالهيون لکيون آهن. هن لکيو آهي ته "شيخ عبدالرحيم سنڌي ۽ حاجي شاهه بخش جو هڪ ڳالهه تي اڪثر بحث مباحثو ٿيندو رهندو هو. شيخ صاحب هن خيال جو هو ته جيترو ٿي سگهي گرفتاريءَ کان بچي ڪم جو پورائو ڪجي، توڙي جو ان لاءِ ويس چو نه بدلائڻو پوي. مگر حاجي صاحب پنهنجي هوڏ تي رهي پنهنجي رهڻي ڪهڻي ۽ پوشاڪ بدلائڻ جي سخت خلاف هو. اڪثر شيخ صاحب کين چوندو هو ته توهان جو وهنجڻ ۽ وضو ڪرڻ ئي اسان کي هڪ ڏينهن ڦاسائيندو. واقعي ٿيو به ائين، جو حاجي شاهه بخش لاشاري پنهنجي اصلوڪي ملاڪي رنگ ڍنگ ۾ رهڻ سبب حيدرآباد اسٽيشن تي پڪڙجي ٻيو ۽ شيخ عبدالرحيم، جيڪو ڏاڙهي ڪوڙائي سوٽ پائيندو هو، سو ماڻهن جي ميڙ ۾ اهڙو غائب ٿي ويو، جو پوليس ته ڇا پر سي. آءِ. ڊي وارا به کين ڪولي نه سگهيا."

ساڳئي مضمون ۾ قاضي صاحب موصوف اڳتي هلي لکي ٿو ته "جيتري قدر منهنجي يادگيريءَ جو تعلق آهي ته، حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي پڪڙجڻ واري حاجي شاه بخش لاشاري کي ٽي سال سخت پورهئي سان سزا ملي هئي." منهنجي خيال مطابق هن ڏس ۾ مولانا حسين احمد مدنيءَ جو هيءُ بيان (قاضي محمد اڪبر کان) وڌيڪ پروسي جوڳو آهي. (مدني) چوي ٿو ته هو جڏهن وطن پهتو، تڪين گرفتار ڪيو ويو ۽ ڪجهه ڏينهن نظربند رهڻ کان پوءِ کيس چڏيو ويو. اهو عرصو ٽن سالن کان گهٽ هو. شاه بخش لاشاري سن ۱۹۶۲ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ فوت ٿيو.

عبدالرحيم شيخ:

سنڌ جي مشهور عامل خاندان جو هڪ فرد حيدرآباد سنڌ جي گاڏي ڪاتي ۾ رهندو هو. سندس والد جو نالو پڳواندس هو. هندستان جو مشهور سياسي اڳواڻ

---

(۱) حڪيم عبدالقيوم، مولوي عبدالله لغاري، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جيڪي انهن ڏينهن ۾ گرفتار ٿيا هئا.

کي. بي. آچاريہ سندس نندو پاڻ هو. شيخ عبدالرحيم اسلام جي سچائيءَ کان متاثر ٿي مسلمان ٿيو هو. دين جي تبليغ ۽ اشاعت جو کيس ايترو ته جذبو هو، جو سندس کوششن سان گهڻن ئي بااثر هندن اسلام قبوليو هو. سندس ان گالهه جي اهميت جو ذکر سي. آءِ. ڊي (پوليٽيڪل) پنجاب جي سپرنٽينڈنٽ اي. ڊبليو ميرسير پڻ ڪيو آهي. هو لکي ٿو ته "عبدالرحيم باحيثيت هندن کي مسلمان ڪرڻ جي کوششن سبب گهڻو بدنام آهي."

قاضي محمد اڪبر (مرحوم) سندس کوششن سان مسلمان ٿيندڙ ڪن نامياربن هستين جا نالا ڳڻايا آهن: شيخ عبدالمجيد سندي، ڊاڪٽر شيخ نور محمد، جو ڪابل ۾ مولانا جو ساٿيار ۽ ماسکو واري سفر ۾ ساڻن گڏ هو، سنڌ جو مشهور صحافي شيخ عبدالله ايڊيٽر "نومسلم"، شيخ عبدالقدوس نوراني، ڊاڪٽر شيخ شمس‌الدين، شيخ عبدالعزيز، جيڪو قندهاري جي نسبت سان مشهور آهي ۽ شيخ غلام محمد انهيءَ دلير ۽ سرويچ هستيءَ جي تبليغي ڪوششن کان متاثر ٿي، مسلمان ٿيا هئا.

شيخ عبدالرحيم ملڪ جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ نهايت دليرانہ حصو ورتو. تحريڪ شيخ الهند جو سرگرم ۽ اهم رڪن هو. هندستان، عربستان ۽ ڪابل ۾ موجود وڪوڙين جي وچ ۾ ڳانڍاپي جو ڪم ڏيندڙ ليکجڻ ۾ اچي ٿو.

۲۱- سيپٽمبر ۱۹۱۶ع جي يادداشت ۾ سندس اهميت بابت وضاحت ملي ٿي: "حيدرآباد سنڌ جي شيخ عبدالرحيم بابت معلومات نہ ملي سگهي آهي. هن کيس ۾ سندن اهميت ڏينهون ڏينهن واضح ٿيندي وڃي ٿي."

چوٽڪارو ڏيارينڊ فوج ۾ ڪين ڪرنل جو عهدو حاصل هو. ريشمي خطوط ۾ پهريون خط سندس ئي نالي هو. تحريڪ جو راز ظاهر ٿيو، ته سڀ کان پهرين جن انقلابين جي گرفتاريءَ جو حڪم جاري ٿيو، تن ۾ پهريون نالو شيخ عبدالرحيم جو هو، پر جيئن شاه بخش لاشاريءَ جي تذڪري ۾ قاضي محمد اڪبر جي بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو آزاد رهي گهڻي کان گهڻو ڪم ڪرڻ جو قائل هو، تنهنڪري گرفتاريءَ کان بچڻ لاءِ روپوش ٿي ويو. سي. آءِ. ڊي کي سندس متعلق اها به خبر پڄي نہ سگهي، ته هو ملڪ ۾ ئي آهي يا ڪابل هليو ويو آهي.

ريشمي رومال سازش ڪيس جي ڏوهارين ۾ ان جو ذکر هيٺين لفظن ۾ آيو آهي: "شيخ عبدالرحيم وڻل حيدرآباد سنڌ، جنهن کي ريشمي خطن مان تشريحي خط موڪليو ويو هو، پڇواڻداس زميندار جو پٽ آهي. هندو مان مسلمان ٿيو هو. بين حيثيت وارن هندن کي مسلمان ڪرڻ جي ڪوشش جي سبب ڪافي بدنام آهي. درزڪو ڪم ڪندڙ، حيدرآباد ۾ حڪيم عبدالحڪيم جي گهر جي ويجهو گاڏي ڪاتي ۾ رهندو هو. شيخ ابراهيم سنڌي ايم. اي اڪسوٽو پروفيسر حبيبيہ ڪاليج (ڪابل)، عبدالمجيد ايڊيٽر "الحق" حيدرآباد ۽ مولوي عبيدالله جو ساڻي آهي.

عبيدالله جي کابل واري سفر جي بندوبست ڪرڻ ۾ سندس مدد ڪئي هئائين. سازش جو هڪ اهم رکن ۽ هڪ مشهور متعصب آهي، جو هندستان، حجاز ۽ کابل ۾ موجود سازشين جي وچ ۾ رابطي جو ڪم ڪري ٿو. چونڪارو ڊيارينڊ فوج جي فهرست ۾ ڪرنل آهي. سندس موجوده ائڊريس معلوم نه آهي. ٿي سگهي ٿو ته عبيدالله سان گڏ کابل ۾ هجي."

قاضي محمد اڪبر سندن حالات متعلق لکيو آهي ته "شيخ عبدالرحيم سنڌي روپ بدلائي تحريڪ آزادي ۾ ڪم ڪندو رهيو ۽ تبليغ جو فرض پڻ پورو ڪندو رهيو. اهڙيءَ ريت هُو سرهند شريف پهتو، جتي سندس پساهم پورا ٿيا. اتي ئي دفن ٿيل آهي. سندس قبر اڄ به اهل فڪر جي رت ۾ جوش پيدا ڪري ٿي، ڇوته هي خود تحريڪن جو مجموعو هو."

عبدالقيوم، حڪيم:

ريشمي خطوط سازش ڪيس ۾ حڪيم قاضي عبدالقيوم جو نالو چئن جڳهين تي آيو آهي. پهريون ڊفينس ايڪٽ جي رول نمبر ۷ ۽ ۱۲ الف هيٺ گرفتاريءَ جي حڪم جي سلسلي ۾ بمبئي حڪومت جي نالي ۱۴ سيپٽمبر ۱۹۱۶ع واري تار ۾ شيخ عبدالرحيم کان پوءِ ٻيو نالو حڪيم عبدالقيوم جو آهي. تار ۾ چاڻايل آهي ته:

"عبدالحق ٻڌايو آهي ته هيءَ اهم شخص آهي، ڇوته هو شيخ عبدالرحيم ۽ هيٺ چاڻايلن کي ويجهو ساٿي آهي. پڪ ٿي پئي عبدالقيوم کان قيمتي معلومات حاصل ٿي سگهي ٿي. شايد سنڌ پوليس کانئس واقف نه آهي".

"هيٺ چاڻايلن" جي سلسلي ۾ عبدالله حيدرآباد سنڌ وارو، فتح محمد حيدرآباد سنڌ وارو ۽ محمد ميان جا نالا آيا آهن.

ان کان پوءِ ڇيو ويو آهي ته "حڪيم عبدالقيوم جو نالو عبدالحق جي ڇپيل بيان ۾ شامل نه آهي. عبدالحق جي پئي بيان مطابق هو گهٽو ملوث نظر اچي ٿو، جنهن تي اسان جي شڪ ڪرڻ جو ڪو سبب نه آهي". اڳتي هلي ڇيو ويو آهي ته مقامي عملدار حڪيم عبدالقيوم کان چڱيءَ طرح واقف آهن.

هيءَ تار ۽ رپورٽون سي آر ڪيولينڊ جون ترتيب ڏنل آهن. پنهنجي رپورٽ ۾ هن چوٽين جڳهه تي لکيو آهي ته، "عبدالقيوم جي ائڊريس پوليس سولائيءَ سان هٿ ڪئي. هو حيدرآباد جو ميونسپل ڪمشنر ۽ شيخ عبدالرحيم جو ساٿي آهي. ڪيس گرفتار ڪري، ضمانت تي آزاد ڪيو ويو آهي." هن رپورٽ جي تاريخ ۲۱ سيپٽمبر ۱۹۱۶ع آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو ته ۱۴ کان ۲۱ سيپٽمبر جي وچ واري هفتي ۾ سندس گرفتاري ٿي ۽ ضمانت تي آزاد ڪيو ويو.

حڪيم عبدالقيوم سنڌ جي مشهور سماجي اڳواڻ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو نندو ياءُ ۽ قاضي محمد اڪبر جو والد هو. قاضي صاحب ريشمي رومال تحريڪ

سان سندس ويجهڙائيءَ وارو لاڳاپو ۽ سندس قربانين جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. لڪن ٿا ته، ”تحريڪ ريشمي رومال سان لاڳاپو رکندڙ مسلمان چپ چاپ ڳجهه ڳوهه ۾ هيءَ خطرناڪ مهم هلائي رهيا هئا. ١٩١٦ع جي هڪ صبح مون کي ان بابت ڄاڻ ان وقت ملي، جڏهن مسلح پوليس گاڏي کاتي حيدرآباد سنڌ ۾ اسان جي گهر جي چوڌاري ڦري وئي. دستور موجب اسڪول وڃڻ لاءِ آءٌ گهر مان نڪري رهيو هوس، در تي بيٺل هڪ سپاهي ٻڌايو ته ڪوبه شخص ٻاهر نه ٿو وڃي سگهي... ٿوري دير کان پوءِ هڪ انگريز، جو حيدرآباد ضلع جو ڪليڪٽر هو، سو اسان جي گهر جي تلاشي وٺڻ آيو... ان موقعي تي انگريز ڪليڪٽر روايتي شرافت جو مظاهرو ڪندي، عورتن جي تلاشي لاءِ انگريز عورتون گهرايون... اسان جي گهر جي چوڌاري پوليس ڏسي پاڙي وارا حيران ٿي ويا ۽ ڪيترائي هندو مسلمان گڏ ٿيڻ لڳا. ٻه ڪلاڪ کن گهر ۽ گهر وارن جي تلاشي وٺڻ کان پوءِ انگريز ڪليڪٽر منهنجي والد عبدالقيوم کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. پوءِ خبر پئي ته کين ڪراچيءَ ۾ ڪلفٽن جي ويجهو هڪ بنگلي ۾ نظربند ڪيو ويو آهي. ساڻن گڏ منهنجي وڏي چاچي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي کي ڪراچيءَ ۾ گرفتار ڪري، کيس اتي ئي نظربند ڪيو ويو. هي تلاشيون ۽ گرفتاريون هڪ ئي وقت گهڻين ئي جڳهين تي ٿي رهيون هيون. جيئن ته بعد ۾ معلوم ٿيو ته ان ئي ڏينهن حيدرآباد سنڌ ۾ رئيس غلام محمد ڀرڳڙي صاحب کي سندس ئي بنگلي ۾ نظربند ڪيو ويو.“ ان کان پوءِ قاضي محمد اڪبر لکي ٿو ته: ”اهي سڀ گرفتار هڪ سال کان پوءِ ان ڪري آزاد ڪيا ويا، جو سندن خلاف ڪو ثبوت ته پري رهيو، پر سندن باغيانه سرگرمين جو هڪ به شاهد نه ملي سگهيو.“

هن بيان جو پهريون جملو گهٽ ۾ گهٽ حڪيم عبدالقيوم ۽ سندن ڀاءُ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي حد تائين شڪ گاڏئون آهي. تنهن ڪري حڪيم فتح محمد جو ذڪر فتح محمد آف رڪ جي سلسلي ۾ هن طرح آيو آهي ته کين ان جي شڪ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو ۽ ٢١ سيپٽمبر کان اڳ ئي آزاد پڻ ڪيو ويو. مٿس شڪ ان ڪري هو ته هُو عبدالقيوم جو ڀاءُ آهي.

اهڙيءَ ريت ريشمي خطوط سازش واري رپورٽ مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته ٻئي ڀائر ١٤ ۽ ٢١ سيپٽمبر ١٩١٦ع جي وچ واري هفتي ۾ گرفتار ٿيا ۽ کين ضمانت تي آزادي ملي ويئي هئي. هن بيان جو ٻيو حصو پڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي.

بهر حال، هن ڳالهه ۾ ڪو شڪ شبهو ڪونهي ته تحريڪ ريشمي رومال جي شخصيتن شيخ عبدالرحيم ۽ حاجي شاهه بخش لاشاري سان ان جو تعلق هو. پوليس جا اطلاعات بلڪل صحيح هئا، پر عبدالقيوم مرحوم جي احتياط پوليس لاءِ سندس خلاف

کو ثبوت کونہ ڇڏيو، اهوئي سبب آهي، جو پوليس کيس آزاد ڪرڻ تي مجبور ٿي.

ريشمي رومال تحريڪ ڪان پوءِ خلافت، ترڪ موالات ۽ هجرت جي تحريڪن ۾ پڻ حڪيم قاضي عبدالقيوم حصو ورتو، پر مرحوم پنهنجي طبعي عمر کي پهچڻ کان اڳ ۱۹۳۱ع ۾ اٽڪل ۴۲ سالن جي عمر ۾ وڃي پنهنجي مالڪِ حقيقي سان مليو!

عبدالله لغاري:

سنڌ جو مشهور عالمِ دين هو. ۱۲۸۸ هـ ۾ ڳوٺ داد لغاري تعلقي ميرپور ماٿيلي ضلع سکر ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو نهال خان پٽ محمد خان، پٽ رستم خان، پٽ فتح محمد خان لغاري هو. ابتدائي تعليم پنهنجي هڪ عزيز مولوي محمد امين لغاري کان حاصل ڪيائين. پوءِ ڳوٺ پنهنواري ۾ ڪجهه ڪتاب پڙهيائين. ان کان پوءِ نوشهروفيروز، ڏارو شاهه ۽ ٻين مختلف هنڌن تي علمي آڇ اجهائڻ خاطر سفر ڪيائين. ۱۳۱۶ هـ ۾ امروٽ شريف ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان سندس ملاقات ٿي، جيڪا ملڪ جي انقلابي سياست ۾ سندس وابستگيءَ جو سبب بڻي. مولانا سنڌي پريس قائم ڪئي "۽ اخوان‌المسلمين" نالي هڪ رسالو جاري ڪيائين. اهڙيءَ ريت انقلابي خيالن جي اشاعت شروع ڪيائين، تہ ان وقت مولوي عبدالله سندس ساڇو هٿ ۽ پريس جو مئنيجر هو. ان کان پوءِ جڏهن پير جهنڊي ۾ دارالرشاد نالي مدرسو قائم ٿيو، تہ مولوي عبدالله فارسي جو مدرس مقرر ٿيو ۽ ان سان گڏوگڏ مدرسي جي نائب مهتمم جا فرائض پڻ سنڀاليا رهيا ۽ جڏهن شيخ الهند مولانا سنڌي کي ديوبند گهرايو ۽ اتي کين جمعيت‌الانصار قائم ڪرڻ ۽ سياسي ڪم ڪار ڪرڻ جي هدايت فرمايائون، تہ هن سفر ۾ مولانا سنڌي سان گڏ ڪراچي جو مولانا صادق ۽ مولوي عبدالله لغاري ساٿن گڏ هئا. هڪ طئي شده پروگرام مطابق مولوي عبدالله پير جهنڊي واپس اچي مدرسہ دارالرشاد ۾ درس و تدريس جو سلسلو جاري رکيو. پر سنہ ۱۹۱۵ع ۾ جڏهن مولانا سنڌي ڪابل جو سفر اختيار ڪيو، تڏهن مولوي عبدالله ساڻس گڏ هو. ريشمي رومال سازش ڪيس جي لکت موجب فيبروري ۱۹۱۶ع ۾ "ڪن خاص سازشين" جا خط ڪٿي هو هندستان آيو. دراصل هي خط مولانا عبيدالله سنڌي ۽ راجا مهندر پرتاب جا هئا. مولانا سنڌي جا خط مولانا محمد علي، ڊاڪٽر مختار احمد انصاري ۽ حڪيم محمد اجمل خان جي نالي ۽ راجا صاحب جا خط سندس ڪن عزيزن جي نالي هئا. هيءَ ذمہ داري هن تمام سهڻي نموني پوري ڪئي هئي، پر ريشمي خطوط سازش ڪيس مطابق هو اڃا ڪابل واپس نہ ويا هئا تہ سپٽمبر ۱۹۱۶ع ۾ ڪين گرفتار ڪيو ويو ۽ کين پنهنجي ڳوٺ ۾ نظربند ڪيو ويو.

ڈاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، مولوي عبدالله لغاريءَ تي سندس ڏي زندگيءَ ۾ هڪ نهايت ئي مفيد ۽ معلوماتي مضمون لکيو هو، جنهن ۾ مرحوم جي شخصيت، فڪر، سيرت ۽ خدمتن بابت تفصيل سان روشني وڌي ويئي آهي: ڈاڪٽر صاحب سندن متعلق هي سورهن آنا صحيح لکيو آهي ته، "هو بيشڪ مولانا سنڌي جو هڪ سچو عقيدتمند ۽ بيدار مغز مائي آهي."

چونڪارو ڈيارينڈ فوج (خدائي لشڪر) ۾ سندس عهدو ڪرنل وارو هو.

ڪجهه سالن کان پوءِ جڏهن مولانا سنڌي حجاز پهچي ويو ۽ مڪي شريف ۾ رهندو هو ته مولوي عبدالله لغاري حجاز شريف ويو ۽ ڪجهه عرصي تائين مولانا سنڌي مرحوم کان استفادو ڪيائين، ۽ جڏهن مولانا ۱۹۳۹ع ۾ پنهنجي وطن سنڌ واپس آيو ته مولوي عبدالله انهن ماڻهن سان هو، جنهن مولانا جي صحبت ۾ سڀ کان گهڻو وقت گذاريو. سندن هڪ شاندار خدمت هيءَ آهي ته هنن مولانا سنڌي جي سياسي ڊائري ۽ سندن افڪار و افادات تفسير ڪي سنڌي زبان ۾ مرتب ڪيو هو. پاره عم جو اردو ترجمو ڇپجي ويو آهي. آخر عمر ۾ ڪين سنڌيونيورسٽيءَ سان وابسته ڪيو ويو هو، ته جيئن هو پنهنجي افڪار ۽ مطالعي ذريعي شاگردن جي بهترين ذهني ۽ فڪري تربيت ڪري سگهي.

ريشمي خطوط سازش ڪيس ۾ گهٽن ئي هنڌن تي سندن ذڪر آيو آهي.

۱۴- سپٽمبر واري يادداشت ۾ گرفتاريءَ جي حڪم جي سلسلي ۾ شيخ عبدالرحيم ۽ حڪيم عبدالقيوم کان پوءِ ٽئين نمبر تي مولوي عبدالله جو نالو آهي. لکيو ويو آهي ته هي شخص عبدالله جو خادم آهي. ٻي مهينا گذريا ته هي شخص ڪابل مان اهم ڪاغذن سان شيخ عبدالرحيم ڏانهن موڪليو ويو هو. عبدالله حيدرآباد يا پنجاب ۾ هوندو، پر هو جتي به ملي ته ڪيس گرفتار ڪيو وڃي." ان کان پوءِ سي. آر. ڪيولیڊ جي ٻي يادداشت مورخ ۲۱- سپٽمبر ۱۹۱۳ع ۾ آيو آهي ته، "عبدالله جيڪو عبدالله جو ملازم آهي، پنجاب پوليس ڪيس بهاولپور رياست ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي." ان کان پوءِ ۲۸- سپٽمبر جي يادداشت ۾ سندن متعلق هيءَ وضاحت ملي ٿي ته عبدالله جنهن کي اڳين خط ۾ عبدالله جو ملازم ظاهر ڪيو ويو آهي، پڙهيل ڳڙهيل شخص نڪتو، جنهن کي عام طور مولوي عبدالله چيو ويندو آهي." ان کان پوءِ پنجاب سي. آءِ. ڈي. جي سندن بيان بابت هيءَ راءِ آهي ته: "عبدالله جو بيان اسان کي گهڻو اڳتي نڏو وڃي، پر ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته: سازش تمام ڪمزور ۽ معمولي آهي، ۽ منڊ ۾ ئي ان جو پتو پئجي ويو آهي. جيڪي خط هٿ ڪيا ويا آهن، انهن کان سواءِ پڻ کي خط هندستان ۾ شورش ڪرڻ وارن کي موڪليا ويا آهن، جن ۾ ڪين ڪابل وڃڻ لاءِ چيو ويو آهي،

سازش ايا هن حد تائين پهتي آهي." ان کان پوءِ فرياد ۽ قلم ۵۹ تي هنن لفظن ۽ ذکر آيو آهي:

"فيبروري ۱۹۱۶ع ۽ مولوي عبدالله ۽ فتح محمد سنڌي کي عبدالله ۽ مهندر پرتاب لاءِ پٺسا، خط ۽ نياپا سنيها ڏيئي، هندستان موڪليو، جيکي شيخ عبدالرحيم سنڌي ۽ احمدعلي دهلوي جي ذريعي پهچايا ويندا هئا."

هتي احمدعلي دهلوي سان مراد مولانا احمدعلي لاهوري آهي، جيکو انهن ڏينهن ۽ دهليءَ ۽ رهيس هو، ۽ مدرسه نظارة المعارف القرآنيه ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو قائم مقام هو.

عبدالله هارون حاجي

حاجي صاحب جن کنهن به تعارف جا محتاج نه آهن. تحريڪ ريشمي رومال سان سندس تعلق بابت ڪا ثابتي نٿي ملي، پر ڪابل واري سفر جي سلسلي ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جي مالي مدد ڪرڻ وارن ۽ سندن نالو مُهرَ ۽ نظر اچي ٿو. انهيءَ حيثيت ۽ بين قومي خصوصيتن سبب ريشمي خطوط سازش ڪيس ۽ سندن نالو آيو آهي. سندن متعلق جن سخت لفظن ۽ خيالن جو اظهار ڪيو ويو آهي، سو سندن قوم پرستي ۽ عظمت لاءِ ڪافي آهي، تنهنڪري هتي فقط ان بيان تي اڪتفا ڪئي وڃي ٿي. مذڪوره ڪيس ۽ سندن متعلق هيءَ نوٽ آهي:

"هيءَ ئي حاجي عبدالله هارون آهي. ڪڇي ميمڻ آهي. ڪنڊ جو خوش حال واپاري ۽ ڪراچي جو آنرري مئجسٽريٽ آهي. وڏو ڪٽر وهابي ۽ اسلامي ايڪي جو تمام خطرناڪ پڙهو ڏيندڙ آهي. طرابلس واري جنگ جي دوران سنه ۱۲-۱۹۱۱ع ۽ عبدالله هارون انجمن هلال احمر (سنڌ شاخ) جو سيڪريٽري ۽ خزانچي هو ۽ ترڪن لاءِ پٺسا گڏ ڪندو رهندو هو. آگسٽ ۱۹۱۳ع ۽ جڏهن ريلوي انجنيئر ريلوي پوليس لائنز ۽ غصب ٿيل زمين تي نماز لاءِ ٽهيل چبوترو هٽائڻ گهريو تہ انجمن ضياء الاسلام جي حيثيت سان هن پڻ اهڙوئي گوڙ گهمسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جهڙو ڪانپور ۽ مسجد جي سلسلي ۽ ٿي چڪو آهي. هن بلقان واري جنگ جي موقعي تي ترڪن جي مدد لاءِ چندو پڻ گڏ ڪيو. ڪراچيءَ ۽ جيکو سئنيما ايجيٽيشن ٿيو، خيال آهي تہ ان ۽ به هن شخص جو هٿ هو، جنهن سبب اترين هند ۽ سنه ۱۹۱۴ع ۽ ڪجهه بي چيني پکڙجي وئي هئي. هو مولوي محمد صادق ڪڏي واري، ابوالڪلام آزاد، ۽ اسلامي ايڪي جي بين انتها پسند ڪٽر حامين جو ساٿي آهي.

مولوي احمد علي (لاهوري) جي بيان مان ظاهر ٿئي ٿو تہ عبدالله هارون، ابوالڪلام آزاد جي برطانيا دشمن اسڪيمن ۾ مالي مدد ڪري رهيو آهي ۽ جهاد جي سرحد پار پروپيگنڊا ۾ سندس ويجهو سائي آهي.

عبيدالله سنڌي، مولانا:

مولانا سنڌي هن تحريڪ جو مُکُ هو. جيئن تہ هن تحريڪ جو منصوبو مولانا سنڌي تيار ڪيو هو، تنهنڪري سازش ڪيس ۾ ڪين هن تحريڪ جو پاڻو وجهندڙ سڏيندي مدعا عليه ڄاڻايو ويو آهي. جيئن تہ هيئين لڪت ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان سندن ذڪر ٿيندو رهيو آهي، تنهنڪري هتي صرف اهو نوٽ شامل ڪيو وڃي ٿو، جو سندن متعلق ڪيس ۾ ملوث شخصيتن جي سلسلي ۾ آيو آهي. نوٽ هن ريت آهي:

"هن ريشمي خطن تي صحيحون ڪيون آهن. پهرين سِکُ هو. سندس اصلي نالو ٻوٽا سنگهہ آهي. چيانوالي ضلع سيالڪوٽ جو رهاڪو آهي. اوائل عمر ۾ اسلام قبول ڪيو هئائين. شروعاتي تعليم سنڌ ۾ حاصل ڪيائين. پوءِ ديوبند واري مدرسي ۾ داخل ٿيو. تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ هارهن سال سنڌ ۾ رهيو. پير جهنڊي ۽ نواب شاهہ ۾ مدرسا قائم ڪيائين. ۱۹۱۲ع ۾ واپس ديوبند هليو ويو، جتي جمعيت الانصار جو بنياد وڌائين. بلقان واري جنگ جي موقعي تي حلال احمر فنڈ لاءِ تمام گهڻا پئسا گڏ ڪيائين ۽ غيرملڪي شين جي بائيڪاٽ جي تبليغ ڪري اهميت ۽ شهرت حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ هو دهلي ۾ رهڻ لڳو، جتي هن نظارة المعارف القرآنيہ جو پاڻو وڌو، جنهن جو هُو هينئر پڻ ناظم آهي. هو مولانا ابوالڪلام آزاد، قاضي ضياءالدين، مولوي احمد چڪوالي، حسرت موهاني، محمد علي آف ڪامريڈ، شوڪت علي، مولوي عبدالرحيم عرف مولوي بشير، مولوي غلام محمد، عبدالقادر ويئل دين پور (رياست بهاولپور)، شيخ عبدالرحيم حيدرآباد سنڌ ۽ گهٽائي ٻيا شريڪ هئا".

فبروري ۱۹۱۵ع ۾ جڏهن لاهور جا بهادر شاگرد پڄي وڃي هندستاني متعصبن وٽ پهتا، تہ ان وقت هو لاهور ۾ موجود هو. مولانا محمود حسن جو پڪو مريد آهي. هن حضرت مولانا تي پنهنجو اثر وڌو، ۽ آخرڪار ڪيس اسلامي ايڪي جو وڏو پرچارڪ بنايائين. هو ديوبند جي ڳجهن مشورن ۾ شريڪ ٿيندو هو. قصور جو مولوي محمد علي بي.اي ۽ مولوي ابراهيم سنڌي ايم.اي جو حبيبہ ڪاليج ڪابل ۾ عبيدالله جي سازش سان پروفيسر مقرر ڪيو ويو هو. حقيقت ۾ هو اتي انقلابي ڪمن ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو هو.

جولاءِ ۱۹۱۵ع ۾ ڪوئٽہ قندار جي رستي افغانستان لاءِ روانو ٿي ويو. مولوي عبدالله سنڌي، فتح محمد، محمد علي، احمد علي جي پاڻ کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. آڪٽوبر ۱۹۱۵ع ۾ ڪابل پهتو. پرنس عنايت‌الله خان، سردار نصرالله خان ۽ امير سان ملاقاتون ڪيائين. حاجي عبدالله سان ويجها ناتا جوڙيائين، جيڪو نائب سلطنت جو پيش ڪار هو. محمود طرزي، ايڊيٽر سراج الاخبار ۽ نادر خان، جيڪو امير جي فوجن جو ڪمانڊر انچيف هو، تنهن سان گانڍاپو پيدا ڪيائين. سول اسپتال ڪابل ۾ جرمن مشن جي ميمبرن سان گڏجهيون ملاقاتون ڪيائين. عبيدالله ۽ مولوي عبدالرحيم مشن جي جرمن ۽ آسٽرين ميمبرن کي آزاد علاقي جي ڪن حصن جو دورو ڪرايو. هن جهاد جو جهنڊو آپو ڪرڻ لاءِ سڄي افغانستان کي آپاري برطانيہ خلاف جنگ ڪرائڻ جي نيت سان هندستان مان ويو هو. فيبروري ۱۹۱۶ع ۾ هن عبدالله سنڌي ۽ فتح محمد کي ڪابل مان جهاد جون فتوائون ۽ خط ڏيئي پنهنجن خاص ساٿين ڏانهن هندستان موڪليو. جولاءِ ۱۹۱۶ع ۾ هن شيخ عبدالحق جي هٿ حيدرآباد جي شيخ عبدالرحيم کي ريشمي خط موڪليا. انهن خطن جي خبر پئجي وئي ۽ آهي حڪومت جي قبضي ۾ اچي ويا. چوٽڪارو ڏيار يندڙ فوج جي فهرست ۾ ڪابل ۾ قائم مقام سالار آهي."

فتح محمد سنڌي:

فتح محمد رڪ ضلعي لاڙڪاڻي جو رهاڪو، هڪ نومسلم نوجوان هو، جو مولانا غلام محمد دين پوري جي هٿ تي مسلمان ٿيو هو. ۱۹۱۵ع ۾ مولانا سنڌيءَ سان گڏ ڪابل ويو ۽ فيبروري ۱۹۱۶ع ۾ مولانا عبدالله لغاريءَ سان گڏ واپس آيو. پوليس ڪيس گرفتار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪيس گرفتار ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهي. ريشمي خطوط سازش ڪيس ۾ فتح محمد جو نالو پنجن هنڌن تي آيو آهي. پهريون پيرو گرفتاريءَ جي حڪم ۾ چوٿين نمبر تي آيل آهي ۽ آتي فقط ايترو لکيل آهي تہ "فتح محمد آف حيدرآباد: هيءُ شخص ڪابل مان عبدالله سان گڏ مذڪوره مقصد لاءِ آيو هو." ٻيو پيرو ۲۱- سيپٽمبر ۱۹۱۶ع جي ياد داشت ۾ هي آيو آهي تہ "فتح محمد جي خبر پئجي نہ سگهي. سندس ڳولا ڪئي پئي وڃي." ساڳئي نالي جو هڪ شخص شڪ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو، پر پوءِ ڪيس چڏيو ويو. ان تي انڪري شڪ هو، جو هو عبدالقيوم جو پاڻ آهي.

حڪيم عبدالقيوم جو پاڻ، جنهن کي فتح محمد سنڌي جي شڪ ۾ گرفتار ڪيو ويو هو، حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي نالي سان مشهور آهي. متين بيان مان ثابت ٿئي ٿو تہ ڪيس فتح محمد جي شڪ ۾ ۱۴- سيپٽمبر کان پوءِ گرفتار ڪيو ويو هو ۽ ۲۲- سيپٽمبر کان اڳ ڪيس آزاد ڪيو ويو.

ان کان پوءِ فرياد ۾ ڏوهين جي فهرست ۾ نمبر ۲۲ تي فتح محمد سنڌي آف ـ رک سنڌ (پڳل آهي) ۽ پيرا ۵۹ ۾ هنن لفظن ۾ ذڪر آيو آهي:" فيبروري ۱۹۱۴ع ۾ مولوي عبدالله ۽ فتح محمد سنڌي کي عبيدالله ۽ مهندر پرتاب پئسا، خط ۽ نياپا سنيها ڏيئي هندستان موڪليو، جي شيخ عبدالرحيم سنڌي ۽ احمد علي دهلوي جي ذريعي پهچايا ويندا هئا."

ريشمي خطوط سازش ڪيس جي آخر ۾ ڪيس ۾ مذڪوره شخصن جي جيڪا ڊائريڪٽري ڏني وئي آهي، تنهن ۾ فتح محمد بابت سمورا معلومات گڏ ڪيا ويا. اهو مڪمل نوٽ هن ريت آهي:

"فتح محمد سنڌي، اڳوڻو هندو، جنهن کي دين پور رياست بهاول پور جي مولوي غلام محمد ان وقت مسلمان ڪيو، جڏهن هو چوڪرو هو. مذهب بدلائڻ کان پوءِ هو امروٽ (۱) ضلع سکر هليو ويو. جتي ڇهه سال گذاريائين. شڪارپور ۽ سکر ۾ سندس بيکري جا دڪان آهن. ڪئون جي ڪلن جو پڻ واپار ڪري ٿو. جولاءِ ۱۹۱۵ع ۾ هو مولوي عبدالله سان گڏ ڪابل ويو ۽ مارچ ۱۹۱۶ع ۾ عبيدالله، برڪت الله وغيره جا ڪجها خط ملڪ جي ڪن سازشين جي نالي وٺي، هو واپس آيو. سيپٽمبر ۱۹۱۶ع ۾ سندس گرفتاريءَ جو وارنٽ جاري ڪيو ويو، پر هو روپوش ٿي ويو. هينئر سندس متعلق ڪا خبر نه آهي."

محمد ابراهيم سنڌي، شيخ:

ڪراچيءَ جي مشهور عالم دين مولانا محمد صادق ڪڏي واري جو پائيٽيو يا ڀاءُ هو. بمبئي يونيورسٽي مان اڪنامڪس ۾ ايم-اي ڪئي هئائين. مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ شيخ الهند جي صلاح سان ڪيبن ۾ مولوي محمد علي قصوري کي حبيبيه ڪاليج ڪابل ۾ استاد مقرر ڪرايو ويو هو، تہ جيئن هو هند پاڪستان ۾ انگريزن جي خلاف انقلاب برپا ڪرڻ ۽ جهاد لاءِ زمين هموار ڪري. هن ڳالهه جي تصديق ريشمي رومال سازش ڪيس جي رپورٽ مان پڻ ملي ٿي. ريشمي رومال سازش ڪيس ۾ گهٽن ئي هنڌن تي ضمني طور ۽ مستقل طور سندن ذڪر آيو آهي. پر ڪين مولانا محمد صادق ڪڏي واري جو پائيٽيو ۽ عبدالله جو پٽ بيان ڪيو ويو آهي. هن بيان جو هڪ حصو صحيح ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن هو مولانا محمد صادق جو پائٽيو آهي، تہ عبدالله جو پٽ ٿي نہ ٿو سگهي. ڇاڪاڻ تہ عبدالله مولانا محمد صادق جي والد جو نالو آهي ۽ جيڪڏهن عبدالله

---

(۱) امروٽ هينئر شڪارپور ضلعي ۾ آهي.

جو پٽ آهي ته مولانا موصوف جو پائٽيو نه پر پاڻ چئبو. حبيبيه ڪاليج ۾ پروفيسر هو. تحريڪ ريشمي رومال سان سندس ويجهو واسطو هو. هُو ڪابل ۾ مولانا سنڌي جو صلاحڪار هو. چوٽڪارو ڊيارينڊ فوج (خدائي فوج) ۾ ڪين ميجر جنرل جو عهدو حاصل هو. ريشمي روسال سازش ڪيس ۾ سندن سڃاڻ اهڙي نموني ڪرائي وئي هئي.

شيخ ابراهيم آف سنڌ:

محمد صادق جو پائٽيو آهي، جو ڪڏي (ڪراچي) جو مشهور متعصب مولوي (هينئر نظربند آهي) ۽ عبيدالله جو دوست آهي. شيخ محمد ابراهيم ايم. اي پوني ۾ تعليم حاصل ڪئي. فيبروري ۱۹۱۵ع ۾ ڪيس حبيبيه ڪاليج ڪابل ۾ پروفيسر جي جڳهه ملي وئي، جتي هو برطانيا جو ڪٽر مخالف بڻجي ويو. هو ڪابل جو هڪ انقلابي آهي. مولوي عبيدالله، محمد علي بي. اي قصوري، راجا مهندر پرتاب، برڪت الله (پوپالي) وغيره سان گڏ سازشون ڪرڻ ۽ منصوبا ٺاهڻ ۾ هن وڏو حصو ورتو آهي. چيو وڃي ٿو ته شيخ ابراهيم ۽ محمد علي قصوري ڪي مولوي عبيدالله خاص طور ڪابل موڪليو هو، ته جيئن هو اتي جهاد لاءِ زمين هموار ڪري سگهي.

جون ۱۹۱۶ع ۾ ڪيس محمد علي سان گڏ حبيبيه ڪاليج سان ڪيو ويو. ۱۰ جولاءِ ۱۹۱۶ع ۾ آزاد علائقي لاءِ روانو ٿي ويو، جتي هو شايد هن وقت پڻ سرحد پار جي ملن، قبائلين وغيره ڪي جهاد لاءِ اپارٽ ۾ مصروف آهي. چيو وڃي ٿو ته ۱۹۱۶ع ۾ هن قطنن ۽ بدخشان جي رستي روس وڃڻ جو فيصلو ڪيو هو. هڪ مهاجر فضل محمود ساٽن گڏ هو، تنهن جي چوڻ موجب ڪيس مدي جو بخار ٿيو ۽ ان بيماريءَ وڪهي فوت ٿيو. سندن وفات تي اهو شڪ پڻ ڪيو ويو آهي ته ڪين رستي ۾ انگريز جي ڪن ماڻهن ڪين ماري ڇڏيو.

محمد حسن:

حيدرآباد سنڌ جو هڪ درزي، جنهن جو نالو تحريڪ ريشمي رومال ۾ هڪ نندڙي تعلق سبب تاريخ ۾ زنده ٿي ويو. سندس تعلق فقط ايترو هو ته شيخ عبدالرحيم جو سيڪريٽري هو ۽ هن ڪيس دين پور موڪليو هو ته جيئن هو عبدالحق جي ذريعي مولانا سنڌيءَ جا ڪابل مان موڪليل خط ڪڍي اڻي. ريشمي رومال سازش ڪيس ۾ صرف هڪ هنڌ سندس نالو آيو آهي. سندس متعلق هيءَ نوٽ آهي.

"ريشمي خط موڪليا ويا هئا. صدر بازار جي ويجهو چوالاهود (حوض؟) اسٽريٽ ۾ رهي ٿو. شيخ عبدالرحيم ڪيس دين پور، رياست بهاولپور موڪليو هو ته جيئن هو ريشمي خط ڪڍي اڻي، جيڪي شيخ عبدالحق (جي ذريعي مولانا عبيدالله

سنڌي ڪابل مان موڪليا هئا. پر اهي ڪيس نہ ملي سگهيا، چوتہ اهي خط خانبهادر رب نواز خان جي حوالي ڪيا ويا هئا".

محمد صادق، مولانا:

سنڌ جا مشهور ديني ۽ سياسي اڳواڻ مولانا محمد صادق، مولانا عبدالله بن شيخ عبدالڪريم جا فرزند هئا. ۱۵ مارچ ۱۸۷۴ع ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيا. ابتدائي تعليم پنهنجي والد ڪان ۽ پنهنجي والد جي قائم ڪيل مدرسہ مظهر العلوم ڪڏو (ڪراچيءَ) جي بين استادن ڪان حاصل ڪيائين، وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ دارالعلوم ديوبند ويا. حضرت شيخ الهند مولانا محمد حسن ديوبندي جا شاگرد رشيد ۽ سندن تحريڪ جا سنڌ ۾ رڪن هئا. حضرت شيخ الهند جڏهن مولانا سنڌي ڪي ديوبند گهرائي جمعيت الانصار جي قيام ۽ اتي رهي سياسي ڪم ڪرڻ جو مشورو ڏنو هو، تہ ان ڏاڍي مولانا محمد صادق کي پڻ ياد فرمايو هئائون، تہ جيڪڏهن مشوري ڪان پوءِ مولانا سنڌي جو سنڌ ۾ رهڻ ضروري سمجهيو وڃي تہ مولانا محمد صادق کي ديوبند ۾ رهي ڪم ڪرڻ جو مشورو ڏنو وڃي. پر مولانا سنڌي جي ديوبند ۾ رهڻ واري فيصلي ڪان پوءِ، مولانا محمد صادق کي ڪراچي ۾ رهي سنڌ ۾ تحريڪ جي ڪم ڪرڻ جو مشورو ڏنو ويو. سندن مدرسہ مظهرالعلوم حضرت شيخ الهند جي سياسي، ديني ۽ اصلاحي تحريڪ جو خاص مرڪز هو. هو جمعيت علماءِ هند جي سنڌ واري شاخ جو صدر پڻ هو. ريشمي رومال، خلافت، ترڪ موالات، هجرت ۽ آزاديءَ جي تحريڪن کي سنڌ ۾ زور وڌائڻ ۾ سندن ۽ سندن دوستن مان حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا دين محمد وفائي ۽ پين جو خاص حصو آهي. هندستان پاڪستان جي سڀني اڪابرن، عالمن ۽ انقلابين سان سندن ويجها ناتا هئا.

مولانا حسين احمد مدني سندن متعلق لکيو آهي تہ "مولانا صاحب ڪڏي ڪراچي جو ويڙل آهي. درس جا مڪاهان ڪتاب خاص طور دوره حديث حضرت شيخ الهند وٽان پڙهيائون. هن ۽ مولانا عبيدالله صاحب جا هميشه گهرا تعلقات رهيا. آزادي واريءَ مشن ۾ هميشه سرگرميءَ سان گڏ رهيا. عمومي جنگ وارن ڏينهن ۾ جڏهن انگريزن عراق تي حملو ڪيو تہ هن ۽ سندن ساڻين لس بيلي جي بلوچستاني قبيلن کان بغاوت ڪرائي. اهوئي سبب آهي جو فوجي دستا ۽ هٿيار، جي ڪراچي کان هر هفتي پهچي رهيا هئا ۽ جنهن سبب عراق ۾ انگريزي فوجون اڳتي وڌي رهيون هيون، سي سڀ ڪم مائا ٿي ويا. هتي جيئن تہ لس بيلي واري بغاوت کي ختم ڪرڻ ۾ ڪيترائي هفتا لڳي ويا ۽ فوجي مدد جو سلسلو رڪجي ويو، تنهنڪري ڪوت العماره ۾ ٽاونشنگ جون گهيري ۾ آيل فوجون، مولانا مدني جي

بيان مطابق ٽيهه هزار تاريخ اسلام ۾ اقوام عالم جي پڏرائي مطابق ڏيڍ لک ڪن فوجي، هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿي ويا ۽ لس بيلي واري بغاوت ختم ڪرڻ کان پوءِ جڏهن عراق ۾ فوجي مدد پهچي تہ ان وقت جنگ جو فيصلو انگريزن جي خلاف ٿي چڪو هو. مولانا مدني جي چوٽ موجب صرف نوي هزار فوج باقي وڃي بچي هئي. ٽاونشنڊ جيئن تہ ۲۹- اپريل ۱۹۱۶ع تي هٿيار ڦٽا ڪيا هئا، تنهنڪري ٿي سگهي ٿو تہ ان کان پوءِ ئي مولانا محمد صادق جي گرفتاريءَ وارو واقعو پيش آيو هجي. مولانا مدني رح جي بيان مطابق ڪارواڙ (مهاراشٽر) ۾ کين نظربند ڪيو ويو هو ۽ عمومي جنگ جي پڄاڻيءَ تائين نظربند رهيا. مولانا مدني صاحب لکن ٿا تہ "مولانا محمد صادق نهايت جوشيلو، رازدار ۽ مستقل مزاج شخص هو. هندستان جي ورهاڱي تائين دارالعلوم ديوبند جي مجلس شوريٰ ۽ جمعيت‌العلماءِ هند جي ورڪنگ ڪميٽي جا ميمبر رهيا. خلافت ڪميٽي سنڌ ۽ جمعيت‌العلماءِ سنڌ ۾ سدائين سياٽڪ، ڪوشش ۽ حوصلي سان ڪم ڪندا رهيا." ۱۸- جون ۱۹۵۳ع تي ڪراچي ۾ وفات ڪري ويا.

ريشمي رومال سازش ڪيس ۾ سنڌن ذڪر ڪيترن ئي هنڌن تي آيو آهي ۽ آخر ۾ ڪيس ۾ ملوث شخصيتن جي سلسلي ۾ سنڌن متعلق هيٺيون جامع نوٽ ملي ٿو:

"مولوي محمد صادق آف سنڌ، چوٽڪارو ڊيارينڊ فوج (خدائي فوج) ۾ ڪرنل آهي. سنڌ جي انتهائي ڪٽر وهابين ۾ شامل آهي. شيخ ابراهيم ايم. اي اڳوڻو پروفيسر حبيبيه ڪاليج ڪابل سنڌن پائٽيو آهي. جنگ چڙڻ کان پوءِ هيءَ شخص روپوش رهي جهاد لاءِ پرچار ڪندو رهيو ٿي. عبيدالله، پير جهنڊي وارو ۽ ٻين ڦريل سرهندي سنڌي پيرن سان سنڌس تعلق آهي. ۱۹۱۵ع ۽ ۱۹۱۶ع جي شروع ۾ قلات (بلوچستان) جي شورشن ۾ هن جو هٿ آهي. هينئر هو ڪارواڙ (مهاراشٽر) ۾ نظربند آهي."

محمد علي آف سنڌ:

حضرت شيخ الهند جي نامياري شاگرد، مشهور ديني عالم ۽ مفسر قرآن مولانا احمد علي لاهوري جو نندو پاڻ هو. گوجران والا بايوچڪ سنڌس آبائي ڳوٺ هو. اڃا ننڍڙو ئي هو تہ سنڌس پيءَ لاڏاڻو ڪري ويو. والد جي وفات کان پوءِ سنڌس والده مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان شادي ڪئي هئي. جيئن تہ سنڌس تعليم ۽ تربيت مولانا سنڌي جي نگرانيءَ ۾ سنڌ ۾ ٿي هئي ۽ هتان ئي هو مولانا سنڌيءَ سان گڏ ڪابل ويو هو، تنهنڪري ريشمي رومال سازش ڪيس ۾ ڪين "سنڌي" سڏيو ويو آهي. ريشمي رومال تحريڪ سان سنڌس تعلق واضح آهي ۽ ان تعلق سبب

مذکوره کیس جي شخصيتن ۾ سندن متعلق هڪ جامع نوٽ موجود آهي. هڏو چونڪارو ڏيار يندڙ فوج جي فهرست ۾ ليفٽيننٽ ڪرنل جي عهدي تي فائز نظر آچي ٿو ۽ هڪ ٻي فهرست ۾ ڪين ميجر چاڻايو ويو آهي. مذکوره نوٽ هي آهي:

"هيءَ شخص محمد علي، پٽ شيخ حبيب‌الله ويڙل بابوچڪ ضلع گوجران‌والا جو مولوي احمد علي، نائب ناظم نظارة المعارف القرانيه دهلي جو ڀاءُ آهي. جولاءِ ۱۹۱۵ع ۾ عبيدالله سان ڪابل هليو ويو هو ۽ شيخ عبدالحق، جنهن وٽ ريشمي خط هڻڻ سان گڏ ڪنهن ڪجهي مشن تي واپس آيو هو. هن مولوي محمد علي کي ضروري خبرون پڻ پهچايون هيون. مولوي ابو احمد سان صوفي مسجد (ڪشميري بازار لاهور) ۾ ملاقات ڪئي هڻائين ۽ ڪين مولوي عبدالرحيم (۱) جو هڪ زباني پيغام پهچايو هڻائين ته چندو نٿو ملي سگهي.

مولوي احمد علي سان پڻ مليو هو ۽ پوءِ ساڻس گڏ دهلي آيو هو ۽ پوءِ وري اتان بندرابَن ويو هو، تہ جيئن راجا مهندر پرتاب جو هڪ خط سندن قائم ڪيل اسڪول پريم مها ودياليه جي هڪ هندو استاد کي ڏئي سگهي. هيءَ خط راجا مهندر پرتاب جي ڀاءُ کي ڏيکاري، ڪانئس پئسا ونڊا هڻا. راجا مهندر پرتاب ڪافي پئسا گهريا هڻا، پر محمد علي کي فقط هڪ هزار رپيا ڏنا ويا ۽ پهه سؤ رپيا ڪيس خرچ پکي لاءِ ڏنا ويا. هو آهي ڏوکڙ ڪٽي دهلي موڪلي آيو. ٻئي ڏينهن پاڻي پٽ هليو ويو، تہ جيئن احمدالله سان محمد ميان جي گهر ياتين بابت معلومات حاصل ڪري. ان کان پوءِ هڏو ڪابل هليو ويو.

---

(۱) منهنجي خيال ۾ هي مولوي عبدالرحيم عرف محمد بشير جن آهن، جن جي انتظار سان لاهوري شاگردن ۱۹۱۵ع ۾ هجرت ڪئي هئي. ڪابل ۾ باغستان ۾ ايندا ويندا رهندا هئا ۽ رئيس المجاهدين مولوي عبدالکريم جي غير موجودگيءَ ۾ سندن قائم مقام ۽ چمرقند ۾ مجاهدن جي نئين آبادي ۾ سندن گورنر جي حيثيت سان فرض ادا ڪندا رهندا هئا. ريشمي رومال سازش ڪيس ۾ پڻ گهربل هئا.

سنڌ ۾ "يوم خلافت"--(۱۷- آڪٽوبر ۱۹۱۹ع)

زاهده ميمڻ

ترجمو: مراد علي مرزا

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ مسلمان ملڪن خاص ڪري ترڪي سان انگريزن جي جيڪا نيتي هئي، اُن جي ڪري ننڍي کنڊ جي مسلمانن ۾ بيچيني وڌندي ويئي. سال ۱۹۰۷ع ۾ انگريزن روس سان هڪ صلحنامي تي صحيح ڪئي، جنهن کي اينگلو- رشين انٽگريمينٽ سڏيو وڃي ٿو. سال ۱۹۱۱ع ۾ اٽليءَ ٽريپولي تي حملو ڪيو، جنهن سبب اٽلي ۽ ٽريپولي جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي ويئي(۱). آڪٽوبر ۱۹۱۲ع ۾ بلقان ۾ ترڪيءَ سان جنگ ڪرڻ جو اعلان ڪيو. انهن واقعن هندستاني مسلمانن جو ڏيان پاڻ ڏانهن ڇڪيو، جيڪي سخت فڪرمند هئا. هنن ترڪيءَ ڏانهن هڪ طبي وفد اماڻيو ۽ چندي جي هڪ وڏي رقم ڪٺي ڪري اها پڻ موڪلي. ظفرعلي خان ترڪيءَ وڃي اها رقم هٿوهٿ پهچائي. سال ۱۹۱۳ع ۾ هندستاني مسلمانن لکنئو ۾ هڪ جماعت ٺاهي، جنهن کي "خدام الڪعبہ" سڏيو ويو(۲).

سال ۱۹۱۴ع ۾ پهرين عالمي جنگ لڳي ۽ جنهن ۾ ترڪي انگريزن جي خلاف اتحاد ۾ شامل هو. انگريزن ترڪيءَ سان وڙهڻ جي لاءِ هندستاني فوج کي اماڻيو. جيئن تہ انهيءَ فوج ۾ اڪثريت مسلمان سپاهين جي هئي، تنهنڪري صورتحال تمام نازڪ ٿي پئي، پر وفاداريءَ جي پراڻين عادتن جي سرسي ٿي. مسلمانن جي شڪن ۽ انديشن تي انگريزن جي ايمانداريءَ جو احساس غالب ٿيو، جنهنڪري ننڍي کنڊ جي مسلمانن جنگي ڪوششن ۾ پرپور حصو ورتو. ترڪيءَ پهرين عالمي جنگ ۾ هارايو ۽ هاڻي اتحادي طاقتون ڪليو ڪلايو عثمانيہ سلطنت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ لڳيون. مسلمانن ۾ انهيءَ خيال کان ڏاڍي بيچيني پيدا ٿي تہ سندن پاڪ شهرن ۾ عيسائي اثر زور وٺي ويندا، تنهنڪري ترڪيءَ جي مدد ڪرڻ جي لاءِ خلافت جي مذهبي حيثيت مان تائيد حاصل ڪئي ويئي. ترڪيءَ جي مستقبل جي باري ۾ مسلمانن جا اندیشا وڌڻ لڳا. انهيءَ جي نتيجي ۾ هنن ۱۷- آڪٽوبر ۱۹۱۹ع تي سڄي هندستان ۾ 'خلافت ڈينهن' ملهائڻ جو فيصلو ڪيو(۳).

سنڌ ۾ خلافت ڊينهن موقعي مطابق شانائتي نموني سان ملهايو ويو، سواءِ ڪنهن مت پيد جي مسلمانن ۾ هندن سڀني گڏجي ان ۾ حصو ورتو. سڄي صوبي ۾ عثماني خلافت المسلمين جي بقا ۽ سلامتيءَ جي لاءِ دعائون گهريون ويون. بنهه نندن ڪوئن به ان ۾ خاصو حصو ورتو. سڀني وڏن ۽ اهم هندن تي عام جلسا ڪيا ويا. ڪراچي، حيدرآباد، ميرپور خاص، پراڻا هالا، سکر، لاڙڪاڻو، اسروٽ، شڪارپور، ڳڙهي ياسين ۽ بين هندن تي خلافت ڊينهن ملهايو ويو. حيدرآباد ۽ سکر ۾ عورتن جا جلسا ٿيا-(۴).

انهن سڀني هندن جيڪي خبرون پهتيون، تن مان پتو پوي ٿو تہ مردن توڙي عورتن روزا رکيا هئا. هندن پڻ اُپواس (روزو) رکيو هو. ڪن هندن تي، جتي جلسا ٿيا هئا، انهن هندن تي ڪاڏي وغيره جو بندوبست ڪيل هو، جن اُپواس رکيو هو. مختلف هندن تي جدا جدا ماڻهن جي صدارت ۾ جلسن جي ڪارروائين ۽ اتي منظور ڪيل تجويزن جو هڪ مختصر بيان هيٺ ڏجي ٿو:

۱۷- آڪٽوبر ۱۹۱۹ع تي جمعي جي ڏينهن ڪراچي ۾ خلافت ڊينهن مانائتي نموني سان ملهايو ويو. هندن ۽ مسلمانن سڄو ڏينهن روزو رکيو هو. جمعي نماز کان پوءِ هر هڪ مسجد ۾ خلافت جي دنياوي استحڪام ۽ بقا جي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون هيون. خالقدٿ هال ۾ شام جو ساڍي ستين بجي سنڌ صوبائي خلافت ڪاميٽي جي صدر سيٺ حاجي عبدالله هارون جلسي جي صدارت ڪئي. اتي هزارن جي تعداد ۾ هندو مسلمان موجود هئا ۽ هال ۾ تر جيتري بہ خالي جاءِ نہ هئي. جلسي جي ڪارروائي قرآن شريف جي تلاوت سان شروع ٿي، جيڪا حافظ خان محمد ڪئي. انهيءَ کان پوءِ سيٺ حاجي عبدالله هارون پنهنجي پرمغز صدارتي تقرير پڙهي جنهن ۾ خلافت ۽ خليفي جي مسئلن تي روشني وڌي ويئي هئي. فاضل صدر خيال ظاهر ڪيو تہ انهن جي خاطر خواه حل تي آئيندي جي امن ۽ دنيا جي ترقيءَ جو دارومدار آهي. انهيءَ کان سواءِ هن کان اڳ جن ذميدار انگريز وزيرن جيڪي وعدا ڪيا هئا، مسلمانن جي گهڙ مطابق اهي هنن کي پاڙن گهرجن. پوءِ منشي عبدالغني ڏاڍي مڙي سُر ۾ هڪ نظم گايو، جنهن ۾ مسلمانن کي دلنشين انداز ۾ ٻڌايو ويو هو تہ خليفي جي فرمانروائيءَ کي هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي هيٺ ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي نتيجي ۾ اسلام جو زوال ٿيندو. انهيءَ جلسي ۾ هيٺيون تجويزون منظور ڪيون ويون هيون.

"تہ سنڌ صوبائي خلافت ڪاميٽيءَ جي طرفان ڪراچي جي مسلمانن جو اهو عام جلسو خلافت المسلمين جي دنياوي استحڪام ۽ قيام جي لاءِ دعائن ڪرڻ ڪانپوءِ ۲ سيپٽمبر ۱۹۱۹ع تي لکنؤ ۾ ٿيل ڪل هند مسلم ڪانفرنس جي ڪارروائين کي منظور ڪري ٿو ۽ ترڪيءَ جي ورهاست جي ڏمڪيءَ ۽

اسلام جي پاڪ جاين کي خليفي جي اثر ۽ اختيار مان ڪڍڻ جي عمل تي گهري تشويش جو اظهار ڪري ٿو، ۽ پروسو رکي ٿو ته انگريز وزير عزت مآب لائڊ جارج کان اهو وعدو پورو ڪرائيندا، جيڪو انگريز سلطنت جي طرفان هن ترڪيءَ جي سلسلي ڪيو هو، چاڪاڻ ته ٻيءَ صورت ۾ مسلمانن ۾ وڏي بيچيني پکڙبي، جنهن ڪري نه رڳو سڄي دنيا جي امن ۽ ترقيءَ کي خطرو ٿي پوندو، پر خاص ڪري انگريز سلطنت ۾ سخت ۽ شديد نفرت ۽ بيچيني ايري ايندي." (۵)

انهيءَ تجويز جي تائيد جناب عبدالرحمان بئريسٽر، مولوي محمد صديق ۽ جناب علي محمد ڪئي هئي.

پي تجويز هيٺئين ريت هئي:

"ترڪي سلطنت جي استحڪام جي حفاظت ڪرڻ ۽ اسلام جي پاڪ جاين تي عثمانيہ خلافت جي اقتدار کي برقرار رکڻ جي خيال کان ۽ انگلستان ۽ پين هنڌن تي، خاص ڪري لنڊن ۾ مسلمان راءِ عامہ جي تجويز کيل اداري ۾، اثرائتي پرچار ڪرڻ خاطر، مسلمانن جو هيءَ عام جلسو تجويز منظور ڪري ٿو ته ان مقصد جي لاءِ هڪ فنڊ شروع ڪيو وڃي ۽ سيني ديني پائرن ۽ سندن همدردن کي گذارش ڪئي وڃي ته اهي ان ۾ ڪليءَ دل سان حصو وٺن."

ٽئين ۽ آخري تجويز ۾ صدر کي اختيار ڏنو ويو ته هو پهرين تجويز جا نقل تار ذريعي وزير اعظم، هندوستان جي سيڪريٽري فار اسٽيٽ، هز ايڪسيلنسي وائسراءِ، هز هائينس آغا خان ۽ عزت ماب جناب غلام محمد پرڳڙي ڏانهن اماڻي. (۶)

جلسي جي صدر جي شڪرگذاري محمد خان ۽ سيٺ طيب علي علي پائي * ڪئي (۷) ۽ اهڙيءَ ريت اها شاندار گڏجاڻي پوري ٿي، جيڪا نه رڳو ان وقت ماڻهن کي ياد رهي، بلڪ ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ ياد رکي ويندي.

حيدرآباد ۾ خلافت ڏينهن وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو هو. مولانا عبدالباري جي رڳو اعلان ڪرڻ تي، مسلمانن پنهنجي سر ڪرت ڪاروبار ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو. مولانا تاج محمود جلسي جي صدارت ڪرڻ لاءِ حيدرآباد آيو، جتي مسلمانن ۽ هندن سندس آجيان ڪئي. مسجدن ۾ جمع نماز ۾ خلافت، ترڪي ۽ جزيرة العرب جي سلامتيءَ جي لاءِ خاص دعائون گهريون ويون. صدر جي

---

* طيب علي علي پائي واهاري هو. هو ڪراچي ۾ سال ۱۸۷۵ع ۾ ڄائو ۽ ۹۰ ورهين جي ڄمار ۾ ۱۳ مارچ ۱۹۶۴ع تي گذاري ويو. هن خلافت تحريڪ ۾ حصو ورتو هو ۽ ان جي ڪيترن ئي جلسن ۾ شريڪ ٿيو.

مسجد ۾ تر ڇڻڻ جيتري به جاءِ نه هئي. ٻنپهرن جو شاهي بازار مان ڪيترن هزارن مسلمانن جو هڪ ڊگهو جلوس پيدل لنگهيو. حيدرآباد جي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن به ايڏو ڊگهو جلوس نه نڪتو هو. (٨) جلسي جي گڏجاڻي هومسٽيڊ هال ۾ ٿي. جلسي جي ڪارروائي کان اڳ مولانا حافظ اسدالله قرآن شريف جي تلاوت ڪئي. (٩)*

ان کان پوءِ ميان محمد هاشم (مخلص)، ايڊيٽر "ڪچڪول" انهيءَ موقعي لاءِ لکيل پنهنجو هڪ نظم پڙهيو. پوءِ جلسو ڪندڙن طرفان نور محمد شيخ † تقرير ڪئي (١٠) ۽ گڏجاڻيءَ جي مقصد تي روشني وڌي. جلسي جي صدر مولانا تاج محمود امروٽي پنهنجيءَ صدارتي تقرير ۾ خلافت جي اهميت ۽ ترڪيءَ جي استحڪام ۽ آزاديءَ جي ضرورت تي زور ڏنو. (١١)

انهيءَ کان پوءِ عبدالجبار وڪيل پنهنجي تقرير پڙهي ۽ هيٺيون تجويزون پيش ڪيون:

"ته روحاني برتري ۽ خلافت المسلمين جي منصب کي ان جي مڪمل سياسي آزاديءَ کان جدا ڪري ئي نه ٿو سگهجي، ۽ تنهنڪري هر ان رٿ کي جنهن جو مقصد هن کي خلافت تان هٽائڻ يا هن جي سياسي آزادي ڦُرڻ هوندو، ان کي سموري اسلامي دنيا پنهنجي عقيدي ۾ سنئين سڌي دخل اندازي ۽ انهن وعدن جي خلاف ورزي ڪري سمجهندي، جيڪي انگريزي سلطنت جي اهم عيوضين، مسلمانن سان ڪيا هئا".

ساڳئي وقت سرڪار کي هيٺين لفظن ۾ گذارش ڪئي ويئي هئي ته جزيرة العرب جي نظريي کي نظرانداز نه ڪيو وڃي.

"ته وقت اچي ويو آهي، جڏهن مسلمان ادب سان گهر ڪن ٿا ته انگريز سرڪار پنهنجا اهي وعدا پورا ڪري، جيڪي ان ترڪي ۽ پاڪ جاين جي باري ۾ مسلمان دنيا سان ڪيا هئا ۽ انهن اصولن کي برقرار رکي جن خاطر اتحادين جنگ ڪئي هئي، ڇاڪاڻ ته اهي، انجام ۽ اصول ئي هئا، جن جي ڪري مسلمانن انگريزن جي سندن ضرورت جي وقت وڏي جوش ۽ جذبي سان ماڻهن ۽ پئسن جي ذريعي امداد ڪئي هئي." (١٢)

---

* مولانا اسدالله ٣٠ نومبر ١٨٦٥ع تي ڳوٺ مٽاري ۾ پيدا ٿيو. ديوبند ۾ پڙهندي هن عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪئي. جڏهن سنڌ ۾ خلافت تحريڪ شروع ٿي ته ان ۾ هن بهرو ورتو ۽ ان جي ڪيترن ئي جلسن ۾ شريڪ ٿيو.

† شيخ نور محمد ڊاڪٽر هو. هو حيدرآباد ۾ پيدا ٿيو، جتي مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري بمبئيءَ مان ڊاڪٽريءَ جي سند ورتائين. خلافت تحريڪ جي زماني ۾ هن ان ۾ بهرو ورتو ۽ پڻ سنڌ کان هجرت ڪري افغانستان هليو ويو.

شيخ عبدالمجيد سندي اهڙي تہ اثرائتي انداز ۾ تقرير ڪئي جو مسلمانن ۾ هندن روئي ڏنو. هن ايشيائي ڪوچڪ ۾ يوناني ظلم ۽ ڏاڍ جي باري ۾ هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو. ٻيو ٺهراءُ سنڌ ۾ خلافت تحريڪ جي خلاف ٽيندڙ پرچار بابت منظور ڪيو ويو، جنهن ۾ گورنر کي گذارش ڪيل هئي تہ ان باري ۾ اخبارن ۾ جيڪي عجب جهڙيون خبرون ڇپيون هيون، انهن جي جانچ ڪرائڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي وڃي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌ جي مسلمانن ۾ حڪومت جي ارادن متعلق جيڪو خوف پکڙيل هو، اهو دور ڪيو وڃي. (۱۳)

انهيءَ ڪان پوءِ شيخ نور محمد تحريڪ جي تاريخ بيان ڪئي ۽ ٻڌايو تہ اها ڪيئن شروع ٿي هئي ۽ ان ۾ سنڌ جي عالمن متفقہ طور تي سلطان کي جائز خليفو ڄاڻايو هو. هن سنڌ جي مولوين جي بيان ڏانهن ڏيان ڇڪايو ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ مولوي فيض الڪريم جيڪو ڪتابڙو لکيو هو ان لاءِ مولوين جون صحيحون ڪيئن ورتيون ويون هيون. هن "الحق" ۽ "سنڌ مسلم" جي مضمونن ڏانهن ڏيان ڇڪايو ۽ ٻڌايو تہ انهيءَ تحريڪ ۾ سياسي پرچار جون سموريون خوبيون هيون. پير جهنڊو جي ميان محمد اسماعيل صاحبزادي، بمبئيءَ جي گورنر کي اپيل ڪئي تہ ان معاملي ۾ جانچ ڪرائي وڃي. خلافت ڪاميٽي ڏاهڻ جي لاءِ پڻ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي، جنهن ڪان پوءِ جلسو پورو ٿيو. (۱۴)

اهو جلسو ڏاڍو ڪامياب ٿيو هو ۽ ان ۾ شروع ڪان آخر تائين ماٺهو ڏاڍي سليقي سان ويٺا هئا. خلافت ڏينهن جي سڀ ڪان اهم خصوصيت مسلمان عورتن جي گڏجاڻي هئي. سنڌ ۾ اڳ ڪڏهن بہ عورتن جو جلسو نہ ٿيو هو.

۱۷- آڪٽوبر ۱۹۱۹ع تي ٽي لاڙڪاڻي جي عيدگاهہ ۾ غلام علي جي صدارت ۾ جلسو ٿيو هو، جنهن ۾ جان محمد جوٽيجي، پير تراب علي شاهہ، پيرزادو عبدالغفار بئرسٽر ۽ پين ڪيترن ٽي شرڪت ڪئي. انهيءَ جلسي ۾ مولوي محمد عاقل خطبو پڙهيو هو ۽ پوءِ هيٺيون ٺهراءُ يڪراءِ منظور ڪيو هو:

"عيدگاهہ جي عام جلسي ۾ شريڪ ٽيندڙ لاڙڪاڻي شهر ۽ ضلعي جا مسلمان ڪل هند مسلم ڪانفرنس جي تائيد ڪن ٿا، جيڪا ۲۰ سيپٽمبر ۱۹۱۹ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿي هئي ۽ سرڪار کي گذارش ڪن ٿا تہ دنيا جي مسلمانن خاطر عثمانيہ خلافت جي استحڪام، نيڪ نامي ۽ تعظيم کي برقرار رکيو وڃي ۽ پاڪ جاين جي حفاظت ڪئي وڃي."

جمع جي ڏينهن وائسراءِ کي تار موڪلي انهيءَ ٺهراءُ کي قبول ڪرڻ ۽ مٿي آماڻ جي سفارش ڪئي ويئي هئي. (۱۵)

راڌڻ جي مسلمانن جو هڪ عام جلسو سيد حافظ مصري شاهہ جي صدارت هيٺ ٿيو هو، جنهن ۾ ترڪي سلطنت جي استحڪام ۽ ترڪيءَ جي سلطان جي

خلافت جي بقا واسطي هڪ ٺهراءُ منظور ڪيو ويو. انهيءَ ٺهراءَ جا نقل حڪومت ڏانهن موڪلڻ جي لاءِ سنڌ صوبائي خلافت ڪاميٽيءَ ڪراچيءَ ڏانهن آماڻيا ويا هئا.

ٻيو عام جلسو محمد هاشم بلوچ زميندار جي صدارت هيٺ جمڙائو واهه جي ويجهو تعلقي ميرپور خاص ۾ ٿيو هو. (۱۶)

سکر ۾ معصوم شاهه جي منواري جي ويجهو ساڪي ڏينهن ئي هڪ عام جلسو مولوي عبدالخالق مورائي جي صدارت هيٺ ٿيو هو. ان جلسي ۾ مسلمانن ۽ هندن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي هئي. جلسي ٽيڻ ڪان اڳ اتي هڪ بنگلي ۾ ماڻهن جي لاءِ چانهه پاڻيءَ جو انتظام ڪيل هو. انهيءَ جلسي ۾ تاج محمود ترڪي ۽ خلافت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي خلاف هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو، جنهن جي تائيد مولوي دين محمد وفائي ۽ حمايت "سنڌي" جي ايڊيٽر ويرومل ۽ مولچند پيسومل ڪئي ۽ غلط فهميءَ کان بچڻ خاطر هنن سڀني پنهنجيون لکيل تقريرون پڙهيون. جلسي جي ڪارروائي هلندي هڪ ڪراڙي عورت پنڊال ۾ نياپو ڪئي آئي ته شهر جي پرده نشين عورتن جي پڻ گڏجاڻي ٿي آهي، جنهن ۾ ترڪيءَ ۽ خلافت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي خلاف هڪ رٽ منظور ڪئي ويئي آهي. انهيءَ مائيءَ جي چوڻ مطابق گڏجاڻيءَ جي عورتن جي خواهش هئي ته سندن منظور ڪيل رٽ انهيءَ جلسي جا منتظمين پنهنجي طرفان وزير اعظم ۽ وائسراءِ ڏانهن موڪلي ڏين. (۱۷)

ترڪيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي خلاف احتجاج ڪرڻ لاءِ روهڙيءَ ۾ خلافت ڏينهن هڪ جلسو ڪري ملهايو ويو. ان جلسي جي صدارت غلام نبي قاضي ڪئي ۽ قاضي عبدالرزاق ترڪيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ خلاف هڪ رٽ پيش ڪئي جنهن جي تائيد علي بخش ڪئي ۽ حمايت هيراسنگهه ڪئي. خاص دعائن گهرڻ کان پوءِ اها رٽ منظور ڪئي ويئي هئي.

سنڌ ۾ ٻين هنڌن تي به خلافت ڏينهن ملهايو ويو، جتي مختلف ماڻهن جي صدارت هيٺ جلسا ڪيا ويا، مثال طور ڪوٽ راضي محمد عارف، پير جهنڊو، باقراڻي روڊ (ضلعو لاڙڪاڻو) ڪوٽ شاهه قلي پور (تعلقو ڪڙهي ياسين)، ڪوٽ ٽاڻي (تعلقو ڪڙهي ياسين) ڪوٽ رکي ڪوٽ ڪڙهي ٻيل (تعلقو شڪارپور ۽ تعلقو ڪڙهي ياسين).

مٿي ڄاڻايل انهن سڀني جلسن جي احوال ۽ ٺهرائن مان خبر پوي ٿي ته خلافت ڏينهن تي ڪابه هڙتال نه ٿي هئي ۽ مسلمانن ۽ هندن سڀني گڏجي روزا رکيا هئا ۽ دين ڏرم جي مٽ ٻيد کي هڪ طرف رکي پاڻ ۾ يڪمشت ٿي ويا هئا. اهو پڻ پتو پوي ٿو ته خلافت کي ختم ڪرڻ ۽ ترڪي کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازش تي سنڌ جا ماڻهو ڪيترو نه فڪرمند هئا.

حوالا

1. T. W. Arnold: The Caliphate, PP. 191–196.
2. History of the freedom Movement, Karachi, 1962, Vol III, Part I, Chapter V.
3. Rahim, M. A., Chughtai, Zaman, W .Hamid, A., A Short History of Pakistan. Edited by I.H. Qureshi, Karachi, 1967, P 181.
4. Contemporary Pamphlet, approx. dated, 17th oct 1919, p 39.
5. -Do- pp 13–24.
6. Daily Gazette, 18th october, 1919.

۷۔ جی۔ ایم۔ سید، جنب گذار یم جن سین، ۱۹۶۷ع، ص ۲۱۶-۲۱۹۔

8. Contemporary pamphlet, approx. dated, 17th oct 1919, pp 25-26.

۹۔ جي۔ ايم۔ سيد، جنب گذاريم جن سين، ۱۹۶۷ع، ص ۱۷۴-۱۷۵۔

۱۰۔ -- ايضاً -- ص ۱۵۸۔

11. Contemporary Pamphlet, approx. dated 17th oct 1919, pp 25-28.
12. Ibid.
13. Ibid. pp 23-32.
14. Ibid.
15. Daily Gazette, 31th oct 1919.
16. Contemporary Pamphlet.
17. Daily Gazette, 21st oct 1919.
18. Daily Gazette, 27th oct 1919.

(پاڪستان اسٽڊيز سينٽر، سنڌ يونيورسٽيءَ جي مخزن
"گراس روٽس" جلد ۲، نمبر ۱، سال ۱۹۷۸ع تان کنيل)۔



Gul Hayat Institute

سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي

فليمن مينڊيڪ

مترجم: مراد علي مرزا

[نوٽ: سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسي کان جدائي تاريخي عمل جو هڪ اهڙو اهم واقعو هو، جنهن جي ڪري اڄڪلهه پاڪستان وجود ۾ آيو. جيڪڏهن ۷۵ في سيڪڙو مسلمان آبادي وارو سنڌ علائقو نه هجي ها، تہ ورهاڱي جو مطالبو گهڻي قدر ڪمزور پئجي وڃي ها. پنجاب ۽ بنگال ۾ مسلمانن جي ايتري اڪثريت نہ هئي، بلوچستان خودمختار نہ هو، ۽ سرحد صوبي جي سياست واضح نہ هئي. سال ۱۹۳۸ع کان ۱۸۴۶ع تائين خودمختار سنڌ، پاڪستان جي مطالبي لاءِ هڪ اهم ٽيڪ هئي.

خود سنڌ ۾ خودمختاريءَ جي گهرَ گهڻي عرصي کان پئي ٿي. ويهين صديءَ جي شروعاتي سالن ۾ مسلمانن ۽ هندن جي عيوضين غلام محمد پرڪڙي ۽ هرچنداراءِ وشنداس علحدگيءَ جي گهر ڪئي هئي. مشهور انگريز مدبر ۽ هندستان جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ سر ايڊون مانٽيگو جي سنڌن دليلن جو گهڻو اثر ٿيو هو ۽ مالياتي جي تڪراري سوال بابت هن جي راءِ هئي تہ ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ هو تہ، "سنڌ کي بمبئيءَ کان جيڪي ملي ٿو، انهيءَ کان گهڻو سنڌ بمبئيءَ کي ڏئي ٿي."

ويهين صديءَ جي پئي سڄي ڏهاڪي ۾ علحدگيءَ جو سوال اندريئي اندر پڪي رهيو هو، پر ۱۹۲۸ع کان وٺي سنڌ جي مسلمانن پاڻ ان سوال کي وڏي جوش ۽ جذبي سان کنيو ۽ اهو پهرين سائمن ڪميشن اڳيان پيش ڪيو ۽ پوءِ گول ميز ڪانفرنس ۾ کڻي ويا. سال ۱۹۳۵ع جي سڌارن ۾ جيڪا خودمختاري حاصل ٿي هئي، اها سنڌ جي مسلمانن جي ڪوششن جو نتيجو هئي، جيڪي سنڌ جي هندن جي پيٺ ۾ گهڻو گهٽ تعليم يافته ۽ سياسي طور تي گهٽ منظم هئا. هنن انهن سخت‌گير انگريز ڪامورن جي اطمينان لاءِ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ سنڌ هڪ خودمختار صوبي جي حيثيت ۾ قائم رهي ۽ ترقي ڪري سگهي ٿي.

علحدگيءَ جي جدوجهد جا به رُخ هئا، هڪ پاسي موافقت ۽ مخالفت ۾ ڪامورا شاهيءَ جا دليل جيڪي ۱۹ صديءَ کان ڏنا پئي ويا (درحقيقت سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر ۱۸۴۹-۱۸۵۶ع کان وٺي ۱۹۳۰ع جي ڏهي تائين) ۽ پئي طرف انتها پسند هندو مخالفت ۽ ڪامورا شاهي مخالفت جي خلاف جدوجهد جيڪا سنڌين ڪئي. ڊاڪٽر مينڊيڪ جي هن مضمون ۾ علحدگيءَ جي سوال تي ڪل هند سرڪاري ۽ سياسي سوچ جو اپياس ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر حميده کهڙو]

تعارف

سال ۱۸۴۳ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ ٽورن سالن کان پوءِ ان کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ملائي ڇڏيو. هندستان جي انگريز ڪامورن وقت بوقت اهي تحويزون پئي ڏنيون تہ سياسي ۽ فوجي سببن جي ڪري سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪري پنجاب سان ملايو وڃي. سال ۱۹۰۳ع ۾ ڪرزن هندستان جي وائسراءِ جي حيثيت ۾ سنڌ کي پنجاب سان شامل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. ۱۹۲۰ع ۽ ۱۹۳۰ع جي ڏهن ۾ هندستاني مسلمانن گهرَ ڪئي تہ سنڌ جو جدا صوبو ٿاهيو وڃي. مسلمانن جي جذبات کي ٽارڻ لاءِ انڊين نيشنل ڪانگريس سنڌ جي علحدگيءَ جو اصول قبول ڪيو. انڊين نيشنل ڪانگريس سمجهيو هو تہ مسلمانن جي انهيءَ مطالبي کي قبول ڪرڻ سان هندو-مسلمان ايڪو وڌندو ۽ اهڙيءَ ريت اهو آئيني حل هٿ ڪجي، جيڪو بنهي قومن کي قبول هجي. سنڌ جي علحدگيءَ جي گهرَ جي شدت کي محسوس ڪندي انگريز سرڪار وٽ سواءِ ان جي ٻي ڪابہ راهہ نہ هئي تہ ان کي منظور ڪري.

هن وقت تائين ان موضوع جو ڪوبہ تفصيلي اڀياس نہ ڪيو ويو آهي، ڇالاءِ تہ بنيادي ماخذ ٽڙيل پکڙيل آهن: کي ماخذ انڊيا آفيس لائبريري ۾ آهن تہ ٻيا وري ڪراچي صوبائي آرڪائيوز ۽ ۽ باقي دهليءَ جي قومي آرڪائيوز ۾ ٻيا آهن. هن مضمون جو بنياد انهيءَ مواد تي آهي، جيڪو سرڪار پاران ڇپيل ڪتابن ۽ انڊيا آفيس رڪارڊ تان گڏ ڪيو ويو آهي. اهم بحث انهن دليلن جي باري ۾ آهي جيڪي سنڌ جي علحدگيءَ جي باري ۾ ان تجويز جي حامين حمايت ۾ ۽ مخالفن مخالفت ۾ ڏنا هئا. اهو بحث ۱۹۲۸ کان ۱۹۳۳ع تائين واري عرصي بابت آهي، جاڪاڻ تہ انهيءَ دور جا ئي بنيادي ماخذ ملي سگهيا آهن.

سنڌ جي علحدگيءَ جو خيال پهرين ۱۸۵۰ع جي ڏهي ۾ سرحدي انتظام ۽ صوبي جي حدن کي ٻيهر مقرر ڪرڻ جي مسئلن جي نتيجي ۾ بحث هيٺ آيو هو. اڻويهين صديءَ جي ٻئي آڌَ ۾ ۽ ويهين صديءَ جي شروعاتي سالن ۾ اهو وري وري سرڪاري بحث مباحثي هيٺ آيو، پر هين مسئلن وانگر انهيءَ تجويز کي ٻہ ملتوي ڪيو ويو هو. نيٺ ۱۹۲۰ع جي ڏهي ۽ ۱۹۳۰ع جي شروعاتي سالن ۾ سنڌ جي علحدگيءَ جو مسئلو حڪومت تہ ڪنيو، پر اهو سنڌ ۽ ان صوبي کان ٻاهر سياسي سمجهہ رکندڙ اهم ماڻهن جي بحث مباحثي جو موضوع ٿي ٻيو هو. ظاهر آهي تہ اهو هڪ فرقيوارانہ معاملو هو، پر ان کي انتظامي ۽ خاص ڪري آئيني بحث کان جدا ڪري نٿو سگهجي، جيڪو ان زماني ۾ ٿي رهيو هو.

سنڌ جي سن ۱۸۴۳ع ۾ فتح ٿي هئي ۽ ان کي بمبئي سان شامل ڪيو ويو هو. ممڪن آهي تہ جيئن سال ۱۸۵۲ع ۾ لارڊ ڊلهوزي چيو هو تہ جيڪڏهن

پنجاب اڳواڻ فتح ٿي وڃي ها تہ سنڌ کي پنجاب سان شامل ڪيو وڃي ها ۽ نہ بمبئيءَ سان. ان کان اڳ پنجاهہ سال پوءِ سال ۱۹۰۲ع ۾ لارڊ ڪرزن ۽ سندس عملدارن برار جي مستقبل جي سلسلي ۾ صوبائي حد بندين جو نئين سر مسئلو اڀاريو. صوبن جي ورهاست جي رٽ لاءِ ڪيترين ئي تجويزون هيون، مثال طور صوبن جي پکيڙ، انتظامي هڪجهڙائي، جاگرافيائي، نسلي ۽ لساني لاڳاپو، مالي وسيلا، مادي ترقيءَ جا آسرا، سامونڊي بندر جي ويجهڙائي، انتظامي بار جي گهٽائيءَ کان نجات(۱).

۱۸۵۰ع جي ڏهاڪي کان سنڌ کي پنجاب سان ملائڻ جي لاءِ ان جي آئيندي تي سوچ ويچار ٿيندو پئي رهيو هو تہ جيئن سرحدي انتظام ۾ سڌارو آندو وڃي. پنجاب ۽ سنڌ کي ملائڻ جي خواهش انگريز ۾ ڪئي پئي ويئي چاڪاڻ تہ ٻنهي ايراضين ۾ ساڳيو نهري سرشتو هو ۽ ٻنهي کي ريلوائيءَ جي ذريعي گڏيو وڃي. انهن ٻنهي ايراضين جي گڏجڻ جي ڪري پنجاب کي سمنڊ تائين پهچڻ جو سڌو رستو ملي ويندو ۽ ڪراچي هڪ وڏي صوبي جو سامونڊي بندر ٿي ويندو(۲).

سال ۱۸۸۳ع ۾ جڏهن هيوٺ هندستاني حڪومت جي گهرو ڪاتي جو انڊر سيڪريٽري هو، تڏهن هن سنڌ کي پنجاب ۾ شامل ڪرڻ جي سفارش ڪئي هئي تہ جيئن سرحدي سرشتو برجستو ٿئي، پر پوءِ هن اهو فيصلو انگريز واپس ورتو، چاڪاڻ تہ اتر-اولهہ صوبي جي ٺهڻ ڪري سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ غير ضروري ٿي پيو هو. هن اهو پڻ دليل ڏنو هو تہ سنڌ جي جدا ٿيڻ تي بمبئي اعتراض ڪندو، چالاڪ تہ ان جي عملداري نڌي ٿي ويندي. اهو پڻ چوڻ غيرمناسب نہ ٿيندو تہ سنڌ علائقي جي جدا ٿي وڃڻ سبب بمبئي سرڪار جي ملازمن جي فائدن ۾ گهٽتائي اچي وڃي ها.

جن عملدارن ان مسئلي تي غور ويچار ڪيو هو، اهي صوبائي تعصبن ۽ ٻنهنجي بهتر مستقبل جي اميدن کان آجا ڪونہ هئا. سال ۱۹۰۳ع ڏاري ايبٽسن، جنهن کي پنجاب جي ليفٽيننٽ گورنر ٿيڻ جي اميد هئي، تنهن ان خيال جي زبردست حمايت ڪئي هئي تہ سنڌ کي پنجاب سان ملايو وڃي ۽ تجويز ڏني هئي تہ ان جي عيوض بمبئيءَ کي برار ڏنو ويندو. انهيءَ هوندي ۾ ڪرزن ان تجويز کي قبول نہ ڪيو. هن جو چوڻ هو تہ صوبائي حدن جي وَڌَڪَ ڪرڻ جي باري ۾ ڪنهن ۾ فيصلي ڪرڻ کان اڳ ۾ اهم ڳالهہ اها هئي تہ ڪهڙي صوبي ۾ ويندڙ ماڻهن جي پلائيءَ جو ۽ انهن ايراضين جو جائزو ورتو وڃي، جتي انهن کي شامل ٿيڻو هو، تنهنڪري هن واضح ڪيو تہ "انهن سرحدن ۽ علائقن جي حد بندي جي ڪم ۾ هٽ وجهڻ کان اڳ پراڻن لاڳاپن سان جيتري بہ گهٽ چرپر ڪبي، اوتري بهتر ۽ عيوضي جي خوفناڪ حجت کان جيترو بہ پاسو ڪبو، اوترو جلدي پنهنجيءَ منزل تي پهچنداسون. جيڪو ماڻهو ڪنهن لڪل خواهش هيٺ اڇڪ صوبي جو نقصان ڪري ٻئي صوبي

کي ڪجهه ڏيڻ گهري ٿو، اهو لاشعوري طرح ان ٻئي صوبي کي ڪجهه وڌيڪ ڏئي، ان جي ڇڻ حمايت ڪري ٿو." (۳)

ان تجويز جو فائيل پئي آيو ويو ۽ ايٽسن پنهنجي پهرين سفارش کي وري ان بنياد تي زور وٺايو ته اهڙيءَ طرح ڪراچي ۽ پنجاب جي وچ ۾ ريلوي جي ڪري ڳانڍاپو ٿيندو ۽ هڪ وڏي صوبي ٿيڻ جي ڪري ڪراچي ترقي ڪندو. هن اهو به لکيو ته سنڌ تي خاص ڏيان ڏنو ويندو ۽ ان جي خاص ضرورتن تي همدرديءَ سان غور ڪيو ويندو. پر انهن سفارشن جي بٻيان سندس خود مطلبي جا ڪارڻ هٿ جيئن هو پاڻ چوي ٿو..."پنجاب جي ليفٽيننٽ گورنر جو عهدو هندستان جي پريمئر ليفٽيننٽ گورنر جي عهدي کان گهٽايو ويو آهي، جيڪا هڪ هندستاني شهريءَ جي لاءِ بيحد اهم ۽ دلچسپ تبديلي آهي. پر پنجاب جي ليفٽيننٽ گورنر جو عهدو سيني ليفٽيننٽ گورنرن جي عهدن ۾ گهٽ دلچسپ ۽ گهٽ اهم آهي." (۴)

ايٽسن جي خواهشن ڪرزن کي ڪاوڙائي ڇڏيو ۽ هن لکيو..."دنيا ۾ اڪثر ڪري جذبي جي ئي حڪمراني هلي ٿي، پر بمبئيءَ کان سنڌ کي جدا ڪرڻ جي ڪا اميد نظر نٿي اچي." (۵) ڪرزن سنڌ ۽ پنجاب جي طبعي ويجهڑائپ جي بدران بمبئي ۽ سنڌ جي تاريخي لاڳاپن تي وڌيڪ ڏيان ڏنو. هن جو چوڻ هو ته انهن علائقن جي وچ ۾ جيڪي رشتا ناتا آهن، تن کي پائمال ڪرڻ کان سواءِ انهن جي رفاقت جي تاريخي تسلسل کي ٽوڙي نٿو سگهجي. (۶) ڪرزن چيو ته سنڌ جي ترقياتي مسئلن ۾ بمبئي دلچسپي ورتي آهي ۽ ان کي پريزيڊنسيءَ جو اهڙو حصو ڪري نه ليکيو آهي، جنهن جو کو قدر ئي نه هجي. انهيءَ هوندي به هن دليل ڏنو ته پنجاب، جنهن کي پنهنجي ترقيءَ جي لاءِ پئسن جي گهرج هئي، اهو سنڌ جي مالي مدد لاءِ رقم نه ڏئي سگهندو. پنجاب جي طرفان انهيءَ مالي امداد جي ڪوٽ ڪراچي جي ترقيءَ ۾ رخنو پيدا ڪندي. ڪراچي هڪ تمام اهم بندر آهي ۽ اهو بلڪل مناسب نه ٿيندو ته اهڙو بندر هڪ اهڙي صوبي جي حوالي ڪجي جنهن کي ساموندي تجارت جو کوبه تجربو کونهي. انهيءَ هوندي به ڪرزن وڌيڪ دليل ڏنو، ته پنجاب انتظامي ضرورتن جي لحاظ کان هڪ تمام وڏو صوبو هو، چاکاڻ ته ان جي پکيڙ ۽ آدمشماري ڇڳي خاصي هئي. هڪ تمام وڏي صوبي کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ ممکن نه ٿيندو ۽ هڪ ليفٽيننٽ گورنر جي لاءِ اهڙو صوبو تمام وڏو ٿي پوندو. (۷) ڊاڪٽر ايس. زيڊ. ايچ. زيدي چوي ٿو ته، "هو ته ڪرزن پڻ جنهن ايٽسن کي سندس معاوضي جي حجت اڻاڻ تي سرڪاري طرح تنبيهه ڪئي هئي ۽ پنهنجن عملدارن کي ان کيس جي خوبين مطابق دليل پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو، بمبئي جي اها ساک نظرانداز ڪري نٿي سگهيو، جيڪا سنڌ جي جدا ٿيڻ کري ختم ٿيٽي هئي ۽ نه وري انهن ڏکيل ملازمتن کي وساري

ٽي سگهيو، جن سان واسطو رکندڙ ملازم بمبئي ڪميشن جا ميمبر هوندي ٻه سنڌ ۽ پنهنجي ڪميشن وڃائي ويهندا، چالاڪ ته وائسراءِ جي ڪائونسل جي ميمبرن ۽ مان مرتبي جي لحاظ سان سنڌ ٻئي درجي جو هو.(٨) انهيءَ هوندي ٻه سنڌ جي سوال تي سيڪريٽري آف اسٽيٽس هٿملٽن جو ڪرزن سان اتفاق نه هو. هن جي راءِ هئي ته سنڌ ۽ بمبئيءَ جي وچ ۾ ڪي گهٽا لاڳاپا ڪونهن. تنهنڪري هن سنڌ ڪي پنجاب ۽ شامل ڪرڻ جي سفارش ڪئي. هن تجويز ڏني ته مرڪزي صوبن جا اتر وارا ضلعا بمبئي ۽ شامل ڪري بمبئيءَ کي معاوضو ڏئي سگهجي ٿو ۽ مرڪزي صوبن کي ان جي عيوض برار ۽ بنگال جو علائقو چوٽا ناگپور ڏنو وڃي."(٩) انهيءَ سفارش جي هوندي ٻه ڪرزن اها تجويز نامنظور ڪئي. سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ ۽ هن کي ڪوبه قبول ڪرڻ جوڪو سبب ڏسڻ ۽ نه آيو.

ائين ٿو معلوم ٿئي ته ان وقت ان تجويز تي عام ماڻهن ۽ کو اختلاف پيدا ڪونه ٿيو هو. انهيءَ هوندي ٻه سال ١٩١٣ع ۽ هڪ هندو ڪانگريسي اڳواڻ هرچندراءِ وشنداس ڪراچيءَ ۽ ڪانگريس جي مرحبائي ڪاميٽيءَ جي چيئرمن جي حيثيت ۽ پنهنجيءَ تقرير ۽ سنڌ جي جدا ٿيڻ جي سوال جو حوالو ڏنو هو. هن سنڌ جي علحدگيءَ جي هر تجويز جي مخالفت ڪئي ۽ شايد اها انهن طاقتن لاءِ ان وقت هڪ تنبيهه هئي، جڏهن خاص ڪري صوبائي خودمختاريءَ جي اختلاف تي هندستاني اڳواڻن جو، ۽ پڻ لارڊ هارڊنج جي سربراهيءَ هيٺ هندستاني حڪومت جو ڏيان هو. هرچندراءِ وشنداس چيو ته سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ جو اڃا وقت ڪونه آيو آهي: "تنهن هوندي ٻه صوبي ۽ ڪيترين جاگرافيائي ۽ نسلي خوبيون آهن، جن جي ڪري ان جي پاڻ-پري علائقائي وحدت ظاهر ٿئي ٿي. پنجاب هڪ وڏي عرصي کان هن صوبي کي لالچي نظرن سان پئي ڏٺو آهي ۽ جڏهن گذريل دهلي دربار ۽ هزمئجسٽي شهنشاهه علاقائي تبديلين جو اعلان ڪيو هو ته ان کان پوءِ پنجاب سنڌ کي پاڻ ۽ شامل ڪرڻ جي دعويٰ تي زور ڏيندو اچي. پر سنڌ انهن سيني خوشامدن کي همت ۽ ثابت قدميءَ سان منهن ڏيندي پئي اچي ۽ ان وقت تائين بمبئي پريزيڊنسيءَ جو حصو ٿي رهڻ گهرندي، جيستائين تقدير ان کي سندس ئي فائدي خاطر صوبائي خودمختاري حاصل ڪرڻ جي اجازت نٿي ڏئي."(١٠)

جڏهن سال ١٩١٧ع ۽ هندستان جو سيڪريٽري آف اسٽيٽس ايڊون مانٽيگو ڪراچي آيو هو، تڏهن سينٽرل محمڊن ايسوسيئيشن جي سنڌ شاخ سنڌ کي جدا ڪرڻ جو سوال اٿاريو هو. سال ١٩١٨ع ۽ پنجين سنڌ صوبائي ڪانفرنس سنڌ جي علحدگيءَ جي سوال تي غور ڪرڻ جي لاءِ هڪ ذيلي ڪاميٽي مقرر ڪئي، جنهن ۽ پنج هندو هئا ۽ هڪ پارسي هو. انهيءَ ڪاميٽيءَ هن ريت رپورٽ ڪئي: "سنڌ جي خودمختاريءَ جي خلاف جيڪي به اعتراض اٿاريا وڃن ٿا، اهي ذيلي ڪاميٽيءَ

جي راءِ ۾ اٽپورا آهن، ۽ اعتبار جوگا ڪونهن. ڪاميٽيءَ کي ان سفارش ڪرڻ ۾ ڪابه هڪ محسوس نقطي ٿئي ته سنڌ کي هڪ خودمختار صوبو ٿاهڻ گهرجي، جنهن جي پنهنجي انتظاميه ۽ پنهنجي قانون ساز اسيمبلي هجي". (۱۱) انهيءَ عرضي ۾ مسلمانن ۽ هندن جي تعليم يافته طبقي سنڌ جي علحدگيءَ جي گهڙ ممڪن آهي ته ان اميد تي ڪئي هجي چالاڪ ته جيڪڏهن سنڌ کي گورنر جي صوبي جي حيثيت ڏني ويندي ته ڪين ڪيترائي فائدا ٿيندا، جهڙوڪ سنڌ ليجسليٽو ڪائونسل تائين رسائي ۽ اثر رسوخ. ان ۾ کوبه وڌاءَ ڪونهي ته سنڌ کي پنجاب سان ملائڻ جي رٽ جي سنڌين جيڪا مخالفت ڪئي هئي، ان جو هڪ بنيادي سبب هيءُ هو ته انهيءَ رٽ جي ڪري تعليم يافته سنڌي سياسي فائدن کان محروم رهجي وڃن ها.

سال ۱۹۲۴ع کان وٺي سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان علحدگي هڪ اهم سوال ٿي ايريو ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي بنيادي مطالبن مان هڪ هو. آل انڊيا مسلم ليگ جي ستين اجلاس ۾، جيڪو ڊسمبر ۱۹۲۵ع ۾ عليگڙهه ۾ ٿيو هو، ليگ هڪ ٺهراءَ جي منظوري ڏني، جنهن ۾ گهڙ ڪئي ويئي هئي ته سنڌ کي هڪدم بمبئيءَ کان جدا ڪيو وڃي.

"جيئن ته سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ شامل رهڻ جو کوبه نسلي، جاگرافيائي يا ڪو ٻيو سبب ڪونهي ۽ جيئن ته گذريل تجربو ٻڌائي ٿو ته اها صوتحال سنڌ جي ماڻهن جي بهترين مفادن ۽ هندستان جي هن حصي جي ترقيءَ جي لاءِ زبردست هاڃيڪار آهي، تنهن ڪري آل انڊيا مسلم ليگ جي راءِ ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي هڪ علحده صوبي جي حيثيت ڏني وڃي". (۱۲) ان کان اڳ اهو مسئلو جيڪو مڪاني هو ۽ ايترو اهم نه هو، اهو هاڻي قومي هڪ وڏو اختلافي مسئلو ٿي ٻيو هو، جنهن ۾ نه رڳو سنڌي اڳواڻ شريڪ هئا، پر صوبي کان ٻاهر جا اڳواڻ به شامل هئا.

آل انڊيا مسلم ليگ جي سنڌ جي علحدگيءَ جي مطالبي پٺيان جيڪي مقصد هئا، تن کي سمجهڻ جي لاءِ ان وقت مسلمانن جي ٻين مطالبن جو مختصر بيان ڪرڻ ضروري آهي. ۲۰ مارچ ۱۹۲۷ع تي مسلم ڪانفرنس دهلي مسلم تجويزون پيش ڪيون هيون. ڪانفرنس جي صدر جناح، جيڪو ان وقت هندوستان جو هڪ تمام نامياريو سياستدان هو، تنهن مسلمانن تي زور ڏنو هو ته چونڊن جي علحده طريقي تان دستبردار ٿين ته جيئن هندوستان جي آئيني مستقبل جي تجويز جي سوال تي هندن سان ٽاهه ٿي سگهي. آخر گهٽي بحث مباحثي کان پوءِ مسلم ڪانفرنس گڏيل چونڊن جي تجويز کي ڪن شرطن تي قبول ڪيو. اتفاق راءِ سان اهو فيصلو ڪيو ويو ته جيتريقدر مستقبل جي ڪنهن به آئيني تجويز هيٺ مختلف قانون ساز اسيمبلين ۾ نمائندگيءَ جو تعلق هو ته مسلمان اهو ٽاهه هيٺين تجويزن مطابق قبول ڪن:

(۱) سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان علحده ڪري هڪ جدا صوبي جي حيثيت ڏيڻ گهرجي. (۲) اتر-اولهه سرحد صوبي ۽ بلوچستان ۾ بہ اهڙائي سڌارا ڪرڻ گهرجن، جهڙا هندوستان جي ٻين صوبن ۾ ڪيا ويا آهن." جيڪڏهن اهي تجويزون قبول ڪيون وڃن تہ مسلمان اهڙن سڀني صوبن ۾ گڏيل چونڊن جي طريقي کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهن، ۽ سنڌ، بلوچستان ۽ اتر-اولهه سرحد صوبن ۾ هندو اقليت کي اهي ساڳيون سهوليتون ڏيڻ لاءِ تيار آهن، جهڙيون هندو اڪثريت ٻين صوبن ۾ مسلمان اقليت کي ڏيڻ لاءِ آماده آهي. پنجاب ۽ بنگال ۾ نمائندگيءَ جي نسبت اتي جي آبادييءَ مطابق هجڻ گهرجن". (۱۳) ان سان معلوم ٿيندو تہ مسلمانن جي تجويزن جو وڏو مقصد اهو هو تہ ان وقت جي صوبن مان گهٽي ۾ گهٽا اهڙا صوبا ٺاهيا وڃن، جن ۾ مسلمانن جي اڪثريت هجي. مئي ۱۹۲۷ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي بمبئيءَ ۾ مسلمانن جي انهن سڀني تجويزن کي قبول ڪندي، اصل تجويزن ۾ رڦو هيءَ تبديلي ڪئي تہ، "سنڌ آبادييءَ جي بنيادن تي نہ پر سڀني صوبن جي عام بنيادن تي جدا ڪرڻ گهرجي". (۱۴)

ڊسمبر ۱۹۲۷ع ۾ مدراس ۾ ڪانگريس جو سالياڻو جلسو ٿيو، جنهن ۾ سوراج آئين تيار ڪرڻ جي ڏس ۾ ٻين جماعتن جي حمايت حاصل ڪرڻ لاءِ پختو فيصلو ڪيو ويو. آل انڊيا مسلم ليگ ان فيصلي جي پرپور پڻپرائي ڪئي. ان جي نتيجي ۾ هڪ ڪل جماعتي ڪانفرنس ٿي، جنهن جي پهرين گڏجاڻي ۱۲ فيبروري ۱۹۲۸ع تي دهليءَ ۾ ٿي ۽ وچ مارچ تائين ٽوري ٽوري وقت ڪان پوءِ اهي گڏجاڻيون ٿيندي رهيون. ڪانفرنس چونڊن جي گڏيل يا جدا طريقي، اتر-اولهه سرحد صوبي ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جي سوالن تي گهڻو غور ويچار ڪيو. ڪل جماعتي ڪانفرنس فرقيواريت جي سموري مسئلي ۽ آئين سان ان جي لاڳاپي تي غور ويچار ڪرڻ لاءِ هڪ ذيلي ڪاميٽي مقرر ڪئي. (۱۵)

اُن ڪاميٽيءَ ۾ هيٺيان ميمبر هئا:

(۱) پنڊت موتي لعل نهرو ..... چيئرمن.
(۲) سر علي امام ..... مسلمان.
(۳) جناب شعيب قريشي ..... مسلمان.
(۴) مسٽر ايم. ايس. اينيي ..... هندو مهاسبا.
(۵) مسٽر ايم. آر. جئڪار ..... هندو مهاسبا.
(۶) مسٽر جي. آر. پراڊن ..... غير-برهمڻ.
(۷) سردار منگل سنگهه ..... سک ليگ.
(۸) سر تيج بهادر ساپرو ..... آزاد.
(۸) مسٽر اين. ايم. جوشي ..... مزور.

Gul Hayat Institute

اُميد ڪئي پئي ويئي ته اها ڪاميٽي جولاءِ ١٩٢٨ع جي آخر تائين پنهنجي رپورٽ ڪل جماعتي ڪانفرنس کي پيش ڪندي؛ ان ۾ سنڌ جي علحدگيءَ جي سوال تي تفصيل سان غور ڪيو ويو هو. ڪاميٽيءَ جي راءِ مطابق، ”ڪي اهڙا عجيب واقعا ٿيا، جو سنڌ اسان جي سياست جو هڪ اهم مسئلو ٿي پيو.“ (١٦) سال ١٩٢٤ع کان اڳ هندو ۽ مسلمان ٻئي سنڌ جي علحدگيءَ جا خواهشمند هئا، پر سال ١٩٢٨ع جي وچ ڌاري ڪي هندو انهيءَ تجويز جي سختيءَ سان مخالفت ڪرڻ لڳا. انهيءَ تي ڪاميٽي راءِ ڏني، ”حيرت آهي ته اُهي جيڪي انهيءَ تجويز جا مخالف هئا ۽ اهي جيڪي اُن وقت علحدگيءَ جي خلاف هئا، هاڻي ان جي زورشور سان حمايت ڪن ٿا.“ (١٧) گمان ظاهر ڪيو ويو ته فرقيواريت جي ڪري اها مخالفت ڪئي ويئي هئي. چيو ويو ته، ”راءِ جو اهو اوچتو ۽ قدري بيان ڪرڻ کان مٿي ڦيرو ظاهر ڪري ٿو ته ڪيئن نه فرقي واري سوچ بهتر فيصلي تي اثرانداز ٿئي... ٿي اسين سمجهون ٿا ته فرقي واري بهتانن ۽ الزامن جي ڏي وٺ ۾ سلامتي واري راهه اِها آهي ته انهن کي نظرانداز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ جيتريقدر ٿي سگهي ان مسئلي تي غير جذباتي انداز ۾ سوچيو وڃي. پر افسوس آهي ته اهو هاڻي ماڻهن جي جذبات جو هڪ حصو ٿي پيو آهي ۽ جذبن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي.“ (١٨)

انهيءَ ڪاميٽيءَ محسوس ڪيو ته سنڌ جي علحدگيءَ جو مطالبو اصل ۾ فرقيوارانه هو، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ڪل آباديءَ جو ٧٤ في سيڪڙو حصو مسلمان هو. عملي سياست جي هڪ معاملي هجڻ سبب ان ڪاميٽيءَ اهو مطالبو منظور ڪيو. ڪاميٽيءَ راءِ ڏني ته، ”اهو معاملو جنهن طريقي سان اڳتي وڌايو ويو، ان جي ڪري ضروري ڪونهي ته ان تجويز جون خوبيون گهٽجي وڃن... اسان کي حقيقتن کي جيئن اُهي آهن، قبول ڪرڻ گهرجي... سنڌ ۾ مسلمانن جي وڏي اڪثريت آهي. کڻي هڪ نئون صوبو ٺاهجي يا نه سنڌ مسلمانن جي گهڻائيءَ واري ايراضي ٿي رهندو ۽ جيڪڏهن ان وڏي اڪثريت جي خواهشن کي قبول نه ڪيو ويندو ته ان ڪري نه رڳو خودمختياريءَ جي اصول جي انحرافي ٿيندي، پر نتيجو اهو ٿيندو جو ايڏي اڪثريت واري آبادي دشمن ٿي پوندي. (١٩) حقيقت ۾ اهو فرقيواري مطالبو خوداختياريءَ جي مطالبي وانگر ئي هو ۽ مسلمانن کي سندن ثقافتي خودمختياريءَ مان لطف ماڻڻ جي لاءِ اجازت ڏيڻي هئي ته جيئن هندستان امن ۽ خوش اسلوبيءَ سان ترقي ڪري سگهي ها، تنهنڪري ڪاميٽيءَ مسلمانن جي مطالبي جي پٺڀرائي ڪندي، راءِ ڏني ته، ”قوميت جي وسيع نڪته نظرکان ائين چوڻ ته ڪو فرقيواري صوبو ٺاهڻ نه گهرجي، هڪ صورت ۾ وڌيڪ بين الاقوامي نڪتئه نظر کان ائين چوڻ جي برابر آهي ته علحده قومون هجڻ ئي نه گهرجن. انهن ٻنهي بيانن ۾

سچائي آهي. پر بين الاقواميت جو زبردست حامي به قبول ڪندو ته مڪمل قومي خودمختياريءَ کان سواءِ اهو بلڪل ناممڪن آهي ته ڪا بين الاقوامي رياست ٺاهي سگهجي. تنهنڪري پڻ مڪمل ثقافتي خودمختياريءَ کان سواءِ ۽ فرقيواريت پنهنجي بهتر روپ ۾ ثقافت ئي آهي، هڪ متفق قوم ٺاهڻ ڏاڍو مشڪل آهي." (٢٠) ڪاميٽيءَ گمان ڏيکاريو ته هندن طرفان مخالفت ڪرڻ جو بنيادي سبب اقتصادي معاملو هو، ڇا لاءِ ته جيڪڏهن سنڌ جدا ٿي ۽ انهيءَ صوبي جو انتظام مسلمانن جي هٿ وس ٿيو ته هندن جي اقتصادي حيثيت تي اثر پوندو. ان ڊپ کي بي بنياد چئي رد ڪيو ويو ۽ ٻڌايو ويو ته جدا سنڌ صوبي ۾ هندو اڳي وانگر آسودا هوندا ۽، "صوبائي حڪومت جا اختيار محدود هوندا آهن ۽ مرڪزي ئي حڪومت آهي، جنهن کي سڀني اهم کاتن ۾ اختيار مليل آهن." (٢٢) اها اُميد ظاهر ڪئي ويئي ته سنڌ ۾ ٻئي قومون فرقيواري اختلاف کان سواءِ اتفاق سان رهنديون.

صوبن جي ٻيهر مجموعي ورڇ تي ويچار ڪندي نهرو ڪاميٽيءَ چيو ته جيڪو صوبو علحدگيءَ جي گهر ڪري ٿو، ان لاءِ جاگرافيائي ۽ لساني ايڪائي لازمي آهي. ٻيو خيال اهو هو ته اهڙي صوبي جي معيشت مضبوط هجڻ گهرجي ۽ ٻيو ته واسطيدار ماڻهن جي مرضي به ايتري ئي اهميت واري آهي. (٢٣)

نهرو ڪاميٽيءَ جون جيڪي ضرورتون هيون، انهن مان حقيقت ۾ سنڌ گهڻيون پوريون ٿي ڪيون، تنهنڪري ان ڪاميٽيءَ جي راءِ هئي ته جيئن ته سنڌ ۾ ٧٤ في سيڪڙو مسلمان هئا، "ان ڪري اسين خاطريءَ سان چئي سگهون ٿا ته ماڻهن جي هڪ وڏي اڪثريت علحدگي گهري ٿي." (٢٤)

مالي لحاظ کان سنڌ هڪ پٺتي پيل علائقو هو. ان خيال کان سنڌ پنهنجي پيرن تي بيهڻ لائق نه ٿيندي. ان هوندي به نهرو ڪاميٽيءَ چيو ته عملي ۾ ڇانٽي ڪرڻ سان سنڌ جا ماڻهو پنهنجن وسيلن اندر گذر ڪري سگهندا ۽ اُميد ڏيکاري ته، "نئين پوک ۽ ٻيا اهڙا اُپت جا واڌو ذريعا ان جي آمدني خاصي وڌائيندا." (٢٥) حقيقت اها هئي ته اقتصادي طور تي سنڌ ڪا ايتري پٺتي پيل نه هئي. نهرو ڪاميٽيءَ سنڌ جي انهن مالي امڪانن بابت چيو ته، "ظاهري طرح ڏسجي ٿو ته سنڌ وڏين ترقياتي رٿن جي لائق آهي. لڳي ٿو ته ڪراچي هڪ تمام وڏو بندرگاهه ٿيندو ۽ اتي زمين جا تمام وڏا ٽڪرا آهن، جيڪي يا ته غيرآباد آهن يا وري پوري ريت سڌريل ڪونهن. تنهنڪري ائين چوڻ درست آهي ته وقت گذرڻ سان سنڌ هڪ پاڻ ڀرو ۽ خوشحال صوبو ٿيندو." (٢٦) اها به تجويز ڏني ويئي ته مالي تجويزون ٻين اهم تجويزن تي اثرانداز نه ٿينديون. خود اختياريءَ جو حق سنڌ کي ڏيڻو هو ته جيئن انهيءَ صوبي جي ترقيءَ لاءِ موقعن مان فائدو وٺجي. خالص مالي

بنيادن تي خود اختياريءَ جي حق ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ جي سبب وڏي بي اطمينانيءَ ٿيندي ۽ نتيجي ۾ سنڌ جي ترقي رڪجي ويندي. صوبي جي ۽ ان جي ماڻهن جي پلائيءَ جي سلسلي ۾ جيڪا به ڪوشش ڪبي اها هڪ بيسود هل هوندي ۽ ضايع ٿي ويندي، تنهنڪري جيڪڏهن اهو حق منظور ڪيو وڃي ٿو، شرط ان سان ته سنڌ جا رهاڪو مالي بار کي پاڻ منهن ڏيندا، ته هڪ نئين صوبي کي پين وڌيڪ ترقي يافته صوبن سان اڳتي وڌڻ جي سلسلي ۾ محنت ڪرڻ لاءِ جڙ ته طاقت ملي ويندي". (۲۷) نهرو رپورٽ ۾ سنڌ جي علحدگيءَ جي دليلن سان همدردي ڪندي آخر ۾ چيو ويو ته، "تنهنڪري جيستائين ڪا اهڙي ناقابل حل تڪليف پيدا نه ٿي آهي، ۽ اسان کي في الحال ته ڪابه اهڙي ناقابل تڪليف ڏسڻ ۾ نه ٿي اچي، اسين چئون ٿا ته سنڌ کي علحده ڪرڻ گهرجي". (۲۸)

تنهنڪري، ان کان پوءِ آگسٽ ۱۹۲۶ع ۾ جڏهن ڪل جماعتي ڪانفرنس لکنؤ ۾ ٿي، تڏهن سنڌ جي باري ۾ اصلي سفارشن ۾ شايد ان ڪري تبديلي ڪئي ويئي، جاڪاڻ ته هندن ان جي مخالفت ڪئي هئي. ڪل جماعتي ڪانفرنس هڪ مالي ڪاميٽي مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪئي ته جيئن خبر پوي ته علحده سنڌ پنهنجي پيرن تي بيهي به سگهندي يا نه. ان ڪانفرنس تجويز ڏني ته جيڪڏهن سنڌ مالي لحاظ کان پاڻ پوري ثابت نه ٿي ته اتي جي رهاڪن جي اڪثريت کي ڏيکارڻو پوندو ته اهي صوبي جي مالي ذميدارين جو بار کڻڻ لاءِ تيار هوندا. پيو شرط اهو هو ته سنڌ جي غيرمسلم اقليت سان صوبائي ۽ مرڪزي قانون ساز ادارن ۾ به اهو ساڳيو ورتاءُ ڪيو وڃي ۽ اهي ساڳيا حق ڏنا وڃن، جهڙا مسلم اقليتن کي نهرو ڪاميٽيءَ جي رپورٽ هيٺ انهن علاقن ۾ ملیل هئا، جتي سندن ٽورائي هئي. (۲۹)

سنڌ جي علحدگيءَ جو سوال رکو نهرو ڪميٽيءَ ۾ بحث هيٺ ڪونہ آيل هو. انگريز سرڪار سال ۱۹۲۷ع ۾ هڪ اسٽيچوٽري ڪميشن، جيڪا عام طرح سائمن ڪميشن جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي، مقرر ڪئي هئي ته جيئن اها هندوستان جي آئيني سڌارن جو جائزو وٺي. ان ڪميشن سال ۱۹۲۹ع ۾ سنڌ جي سوال تي بحث ڪيو هو ۽ نه و رپورٽ وانگر راءِ ڏني هئي ته جاگرافيائي ۽ فرقيواري بناوت جي خيال کان سنڌ خاص بمبئي پريزيڊنسيءَ کان مختلف هئي. ان ۾ چيو ويو هو ته ان ملڪ جو بنهه مختلف سيٽ ۽ ماڻهو بمبئيءَ کان بنهه علحده آهن. سنڌ جي حوالي سان ڪميشن جو چوڻ هو ته، "سنڌ پنهنجي زندگي ۽ تهذيب ۾ هندوستان جي بيٽ ۾ عراق يا عرب جي وڌيڪ ويجهو آهي". (۳۰)

سنڌ ۽ بمبئيءَ ۾ جيڪا اختلاف هئا، اهي سنڌ جي انتظامي بندوبست سان وڌيڪ ظاهر ٿيا. سنڌ جي ڪمشنر جو عهدو ۽ اختيار بمبئي پريزيڊنسيءَ جي انهن ٽن ڊويزن جي ڪمشنرن کان وڌيڪ هئا، جاڪاڻ ته روينيو ڪاتي سان گڏ پيا ڪاتا

جھڙوڪ پوليس ۽ ايڪسائيز ۽ هن جي نظرداريءَ هيٺ هئا. پر پين صوبن ۾ انهن کاتن جا جدا جدا عملدار هئا. قانوني انتظام ۾ پڻ سنڌ بمبئي هاءِ ڪورٽ جي اختيار کان آزاد هئي". سنڌ جي جڊيشنل ڪمشنر جي عدالت سنڌ صوبي ۾ هڪ تمام وڏي عدالت آهي، جتان سڌيءَ طرح پروي ڪائونسل ۾ اپيل ٿئي ٿي، تنهنڪري تجويز ڏجي ٿي ته جيئن مالي حالتون اجازت ڏين، تہ جڊيشنل ڪمشنر جي عدالت کي "چيف ڪورٽ" جو درجو ڏنو وڃي". (۲۱) اهڙيءَ طرح انتظامي ضرورتن جي خيال کان ۽ ڪميشن سنڌ جي علحدگيءَ جي ٻڌائي ڪئي.

نهرو رپورٽ وانگر سائمن ڪميشن خيال ڏيکاريو تہ سنڌ جي علحدگيءَ جو مطالبو فرقيواري نوعيت جو هو. چيو ويو تہ "... ان مطالبي ماٺهن جي گهرن يا سنڌ جي مسلمان ڪڙمين ۾ ايترو گهڻو زور ڪونہ ورتو هو جيترو پوري هندوستان جي مسلمان اڳواڻن ۾ هو، جن لاءِ هڪ نئين مسلم صوبي جي خيال ۾ ڏاڍي ڪشش هئي، جيڪو مسلم اڪثريت وارن علائقن بلوچستان، اتر-اولهہ سرحد ۽ پنجاب صوبي جي الڳ هوندو ۽ هندن جي برتريءَ جي خوف کان بچڻ لاءِ هڪ مضبوط قلعو ثابت ٿيندو". (۳۲)

سال ۱۹۲۹ع ۾ بمبئي سرڪار جيڪو آئيني ڪميشن کي خط لکيو هو، ان ۾ سنڌ جي علحدگيءَ تي اعتراض ڪيو ويو هو. ان ۾ حجت ڪئي ويئي هئي تہ سنڌ گورنر جي صوبي ٿيڻ لاءِ هڪ تمام ننڍو صوبو آهي (ايراضي ۴۷۰۰۰ چوڙس ميل) ۽ پيو تہ سنڌ جا ۱۰۰۰۰ چوڙس ميل علائقو ريگستان آهي. بمبئي سرڪار دعويٰ ڪئي تہ علحده سنڌ ۾ هڪ گورنر ۽ ٽن وزيرن جي لاءِ ڪو خاص ڪم نہ هوندو ۽ پيو تہ اها (سنڌ) پوليس جي انسپيڪٽر جنرل، چيف انجنيئر ۽ انسپيڪٽر جنرل آف رجسٽريشن جي ماهرانہ هدايتن کان محروم هوندي. بمبئي سرڪار وڌيڪ حجت اٽاري تہ سنڌ هڪ ڪوٽ وارو علائقو آهي ۽ جيڪڏهن علحده ڪيو ويو تہ هڪ وڏي عرصي تائين ڪوٽ ۾ رهندو". هڪ علحده سنڌ ڪوٽ سبب هاڃيڪار نقصان ۾ ويندي، جيڪو ۱۹۲۱ع کان ۱۹۲۵ع تائين وارن سالن جي بنياد تي ۵۰ لک رپين کان گهٽ نہ ٿي سگهندو ۽ تازن انگن مطابق اهو نقصان وڌي وڃي ۸۰ کان ۹۰ لکن تي پهچندو ... سنڌ اندر ايندڙ سالن ۾ واڌو ويل جي ڪابہ وڌي اميد ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي ..." (۳۳) بمبئيءَ مان سنڌ جي جدا ٿيڻ جو مطلب اهو ٿيندو تہ ان (بمبئي) جي ساک ۽ حد هلي ويندي ۽ بمبئي سرڪار طرفان ان رٽ جي مخالفت جو وڏو سبب ۽ اهوئي معلوم ٿئي ٿو.

اڇوتن جي اڳواڻ بي. آر. امبيدڪر آئيني ڪميشن کي سال ۱۹۲۹ع ۾ جيڪا رپورٽ ڏني هئي، ان ۾ هن سنڌ کي جدا ڪرڻ لاءِ مسلمانن جي گهڙ کي رد ڪري ڇڏيو هو. هن دعويٰ ڪئي تہ سنڌ جي بمبئيءَ ۾ هجڻ سبب خود سنڌ کي

فائدو هو ۽ اتي جي خاص انتظامي بندوبست ۾ هڪ بااختيار ڪميشنر جي ڪري سنڌ جي آزادي ۽ عزت محفوظ هئي(۳۴). اهو به دليل ڏنو ويو هو ته ڪوبه نئون قانون، جيڪو خاص پريزيڊنسيءَ جي لاءِ منظور ٿيندو هو، ان کي ايستائين سنڌ ۾ لاڳو نه ڪيو ويندو هو، جيستائين خاطري ٿيندي هئي ته ان جي ڪري سنڌ کي فائدو ٿيندو. ان جون عدالتون پريزيڊنسيءَ جي عدالتن کان مڪمل آزاد آهن(۳۵). امبيڊڪر جيڪو پنهنجي دليلبازيءَ ۾ هڪ غير مذهبي ٽي ڏئو، تنهن سنڌ جي مطالبي کي رد ڪري ڇڏيو، جيڪو هن جي دعويٰ مطابق فرقيواريت جي اثر هيٺ ڪيو ويو هو.

سنڌ جي علحدگيءَ جي سوال تي آل انڊيا مسلم ليگ هٿيار ڦٽا ڪرڻ لاءِ تيار نه هئي. جيئن ته اها گهڙَ مسلمانن جي مطالبن مان هڪ اهم گهڙَ هئي ۽ هڪ وڏي رٽ جو ضروري حصو هئي، تنهنڪري مسلم ليگ زور رکيو ته سواءِ ڪنهن شرط جي سنڌ کي علحده ڪرڻو پوندو. ۲۹ ۽ ۳۰ ڊسمبر ۱۹۳۰ع تي الله آباد ۾ ليگ جي جلسي ۾ ڊاڪٽر محمد اقبال پنهنجي صدارتي خطبي ۾ ائين به چيو ته: ”مڪمل ثقافتي خود مختياريءَ کان سواءِ، ۽ فرقيواريت پنهنجي بهتر روپ ۾ ثقافت ٿي آهي، هڪ هم آهنگ قوم پيدا ڪرڻ بلڪل ناممڪن آهي(۳۶). هن اها به دعويٰ ڪئي ته، ”هندستان جا مسلمان ڪنهن به ان تبديليءَ سان اتفاق نه ڪندا، جنهن جي ڪري گهٽ ۾ گهٽ سنڌ کي هڪ جدا صوبي ڏاهڻ ۽ اتر-اولهه سرحد صوبي کي سياسي حيثيت وارو صوبو سمجهڻ ۾ ناڪامي ٿئي. مون کي ان ۾ ڪابه دانائي نه ٿي ڏسجي ته سنڌ، بلوچستان سان ملائي هڪ جدا صوبو چونه ڏاهجي. ان ۾ ۽ بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ ڪابه هڪجهڙائي ڪانهي. رائل ڪميشن جي راءِ ۾ ته اها (سنڌ) ميسوپوٽيميا ۽ عرب جي وڏيڪ ويجهو آهي... ان جي پٺ هندستان ڏانهن آهي ۽ منهن وچ ايشيا ڏانهن اٿس. پيو ته انهن ڳالهين کي به ڌيان ۾ رکجي ته ان جا ڪيترائي زرعي مسئلا اهڙا آهن، جن سان بمبئي سرڪار جي ڪابه همدردي ڪانهي ۽ ان جا بي پناهه تجارتي امڪان آهن، جن جي ڪري ڪراچي تڪڙي اوسر ڪري هندستان ۾ هڪ ٻيو گاديءَ جو هنڌ ٿي پوندو. اهڙيءَ صورت ۾ اها عقلمندي نه ٿيندي جو ان کي هڪ اهڙي پريزيڊنسيءَ سان ٻڌي رکجي، جيڪا جيتوڻيڪ اڄ ان جي همدرد آهي، پر وقت پري ڪونهي، جو ان جي دشمن ٿي پوندي.“ (۳۷) انهيءَ بيان مان يقين ڪرڻو پوي ٿو ته اقبال جي ذهن ۾ هڪ وڏي رٽ اها هئي ته هندستان جي اتر-اولهه ۾ مسلمانن جي هڪ رياست قائم ڪئي وڃي جيتوڻيڪ هندستان جي تاريخ جي ان خاص وقت تي مسلمانن ۽ هندن جي ذهن ۾ هندستان جي ورهاست جو خيال به نه آيو هو.

مسلمانن هڪ وفاقي آئين گهريو ٿي تہ جيئن صوبن کي ايترا اختيار ڏئي سگهجن جو اهي صوبائي اختيارن ۽ مرڪزي حڪومت جي دخل اندازي کي روڪي سگهن. اقبال جو خيال هو تہ علحده سنڌ ان وڏي مسلم رياست جو سبب ٿيندي، جنهن جو تصور سندس ذهن ۾ هو. هن سال ۱۹۲۸ع ۾ ان تي تفصيل سان سوچ ويچار ڪيو هو، جڏهن هن چيو: تنهنڪري مسلمانن جو اهو مطالبو تہ هندستان ۾ مسلم هندستان ٽيٽ گهرجي بلڪل جائز آهي... آءٌ ڏسڻ گهران ٿو تہ پنجاب، اتر-اولهہ سرحد صوبو، سنڌ ۽ بلوچستان کي ملائي هڪ رياست ڏاهڻ گهرجي. انگريز سلطنت ۾ يا انگريز سلطنت کان ٻاهر اها پنهنجي حڪومت جيڪا اتر-اولهہ هندستاني مسلمانن جي مضبوط رياست هوندي، مون کي مسلمانن جي يا گهٽ ۾ گهٽ اتر-اولهہ هندستان جي آخري منزل نظر اچي ٿي." (۳۸) ان مان معلوم ٿيندو تہ سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جو خيال هڪ وڏي رٿا جو هڪ ننڍڙو حصو هو، جيڪا آخرڪار پاڪستان جي شڪل ۾ ظاهر ٿي. سنڌ جي مسلمانن توڙي هندستان جي مسلمانن هر حالت ۾ سنڌ کي هڪ خودمختيار مسلم صوبو ڏسڻ گهريو ٿي.

سنڌ جي علحدگيءَ جو مسئلو ايترو گنڀير ٿي پيو هو جو انگريز سرڪار ان کي نظرانداز ڪري نہ ٿي سگهي. جنوري ۱۹۳۱ع ۾ انگريز سرڪار 'دي انڊين رائونڈ ٽيبل ڪانفرنس، سنڌ سب ڪاميٽي' مقرر ڪئي. (۳۹) ان ڪاميٽي ٻيهر خاطريءَ سان چيو تہ: "سنڌ ۽ خاص ريزيڊنسي جي رهاڪن جي وچ ۾ جيڪي نسلي ۽ ٻوليءَ جا اختلاف آهن، بمبئي کان سنڌ جي علحدگي، انهي علائقن ۾ رابطي جون تڪليفون ۽ جنهن زور شور سان علحدگيءَ جي پڻيرائي ڪئي ويئي آهي، اهي سڀئي گالهيون بمبئي پريزيڊنسي مان هڪ حصي کي جدا ڪري اتي هڪ علحده صوبائي حڪومت ڏاهڻ واري معاملي کي اثرائتو ڪن ٿيون (۴۰).

ان وقت بمبئي قانون ساز اسيمبلي جي هڪ رکن ۽ هڪ سنڌي مسلمان سر غلام حسين هدايت‌الله ٻڌايو تہ سنڌ جي هڪ ڪمشنر جي اها راءِ مشهور آهي تہ "هاڻي سمورو ڪاروبار گهٽو ڪري ان حڪومت جي ذريعي ٿي رهيو آهي، جيڪا همدرد هوندي به ڪيترائي سؤ ميل پري ويٺي آهي، ۽ تعليم، انجنيري ۽ ٻين معاملن تي لکپڙهہ جي نيڪال ۾ تمام گهٽو وقت لڳيو وڃي." (۴۱)

مسٽر غلام‌حسين هدايت الله تجويز ڏني تہ بمبئي هڪ ڪوٺ وارو صوبو آهي، تنهنڪري جيڪڏهن سنڌ جي 'حاڪميت' تان هٽ ڪٽي تہ ان ۾ سنڌس ٿي فائدو ٿيندو. "هن سال جي بجيٽ ۾ ڏيڍ ڪروڙ جي ڪوٺ ڊيڪاريل آهي. اسان چاهي لاءِ هڪ ٻئي ڪنڊ صوبي کي بمبئيءَ سان ملائي رکيو آهي؟ جيڪڏهن سنڌ هڪ ڪنڊ صوبو آهي ۽ بمبئي لاءِ فائديمند ڪونهي، تہ پوءِ بمبئي ان کي پاڻ سان گڏ

چو ٿو رکي؟... اهو جيترو جلد ان مان چونڪارو حاصل ڪندو، اوترو ان لاءِ فائد يمند ٿيندو. علحدگيءَ جي مخالفت ڪرڻ جي بدران انهن کي ان جي آڇيان ڪرڻ گهرجي." (۴۲)

سنڌ کاميٽي ۾ مخالف راءِ ڏيندڙن (ڊاڪٽر مونڇي ۽ راجا نريندرانات) سميت علحدگيءَ جي انهن دليلن کان آخر متاثر ٿي ۽ اها ان نتيجي تي پهتي ته علحدگيءَ جي اصول کي قبول ڪرڻ گهرجي. (۴۳)

ان موقعي تي مناسب ٿيندو ته انهن اهم معاملن جي چڪاس ڪرڻ کان اڳ، جن انگريز سرڪار جي رهنمائي ڪئي ته ڊسمبر ۱۹۳۲ع جي آخر ۾ سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪجي، سنڌ جي مسلمانن ۽ هندن جي دعوائن ۽ دليلن تي بحث ڪيو وڃي. سال ۱۹۳۲ع کان وٺي سنڌي مسلمانن سنڌ جي علحدگيءَ جي مسئلي ۾ ڏاڍي سنجيدگي ۽ سرگرمي ڏيکاري. هنن تي شايد دهليءَ جي مسلمانن جي انهن تجويزن جو اثر هو، جيڪي هنن سال ۱۹۲۷ع ۾ ڏنيون ويون هيون. ان کان سواءِ مٿن ان حقيقت جو به اثر هئو ته سنڌ جي علحدگي جنهن کي هندستاني سياست ۾ وڏي اهميت ڏني پئي ويئي، هن جي لاءِ فائديمند ثابت ٿيندي. هنن کي اميد هئي ته جيڪڏهن سنڌ جدا ٿي ته پنهنجي صوبي جي سياسي معاملن ۾ سندن راءِ کي وڏي اهميت ڏني ويندي ۽ هر حالت ۾ سنڌ جي قانوني ۽ انتظامي اسيمبلين ۾ تعليم يافته سنڌي مسلمانن کي گهٽي ۾ گهٽيون نشستون ملنديون. سنڌ جي لاءِ جن اهم سنڌي مسلمانن آواز اٺاريو، تن ۾ مسٽر غلام حسين هدايت الله، سر شاهه نواز ڀٽو ۽ محمد ايوب کهڙو جهڙا تعليم يافته مسلمان هئا.

سنڌي مسلمانن محسوس ڪيو ته سنڌ جو بمبئي سان الحاق غير فطري هو ۽ سنڌ جي ترقيءَ جو مخالف هو. هنن جو دليل هو ته جيڪڏهن سنڌ جدا ٿي ته پوءِ اهي (سنڌي مسلمان) بمبئيءَ جي دخل اندازيءَ کان سواءِ پنهنجي صوبي کي ترقي وٺائي سگهندا. هنن بمبئي سرڪار تي الزام رکيو ته اها سنڌ سان مائٽي جي ماءُ جهڙو ورتاءُ ڪري ٿي. جولائي ۱۹۳۳ع ۾ انڊين ڪانسٽيٽيوشنل رفارمز جي گڏيل ڪاميٽي ڏانهن موڪليل پنهنجيءَ هڪ ياداشت ۾ ايم. اي. کهڙي دعويٰ ڪئي ته، "سنڌ کي بمبئيءَ سان گڏ رهندي نوي ورهيه ٿي ويا آهن ۽ ايترن ورهين جو تجربو بڌائي ٿو ته بمبئيءَ اسان جي اقتصادي ۽ سماجي سڌارن ڏانهن ڏيان ئي ڪونه ڏنو آهي ۽ ڪراچي بندر جي اوسر کي روڪيو آهي، جنهن ۾ اولهه جي ملڪن جو ويجهو هجڻ ڪري ترقيءَ لاءِ ڪيترين ئي خوبيون آهن. اسان جي رستن جي حالت بدتر آهي ۽ مواصلاتي سرشتو درهم برهم. اسان جا قومي خدمتن وارا ڪاتا بڪ پيا مرن. تعليم جو معيار ڪري ڀيو آهي." (۴۴)

کهڙي بمبئي حڪومت جي وزيرن تي تهمت رکي ته هنن سنڌ جي ترقياتي ڪمن کي ان ڪري نظرانداز ڪيو آهي جو يا ته کين سنڌ جي مسئلن جي ڪا ڄاڻ ڪانهي يا وري اهو سندن لاپرواهيءَ ڪري ٿئي ٿو. ”اسان جا وزير اهي آهن، جن ٽن سالن کان وزارت ۾ هوندي هڪ ڀيرو به سنڌ نه ڏٺي آهي“...(۴۵) بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جا ميمبر سنڌ جي ترقيءَ ۾ ڪابه دلچسپي نه ٿا وٺن، ڇاڪاڻ ته ”هنن کي مسئلن جي ڪا سڌ ئي ڪانهي، کين زمينن جي ڄاڻ ڪانهي ۽ کين ٻين انتظامي معاملن جو ته علم ئي ڪونهي.“(۴۶)

سياسي طور باشعور سنڌي مسلمانن کي يقين هو ته هڪ ڀيرو سنڌ کي علحده صوبو ٺاهيو ويو ته پوءِ ان کي ڪوبه اقتصادي نقصان نه ٿيندو. هنن جون خاص ڪري سکر براج اسڪيم ۾ وڏيون اميدون هيون، جنهن جي ڪري سندن خيال هو ته ”آباديءَ لائق زمين وڌي ويندي.“(۴۷) ۽ ان جي شروع ٿيڻ کان پوءِ ڏهن ورهين ۾، براج هيٺ جيڪا ڪل ايراضي ۶،۵۲۹،۷۰۳ ايڪڙ اچڻي هئي، ان جو پنجاهه سيڪڙو ايراضيءَ تي پوک هوندي، ويهن ورهين کان پوءِ ۶۵ سيڪڙو تي ۽ ٽيهن ورهين کان پوءِ ۱۸ سيڪڙو تي هوندي. اميد ڪئي پئي ويئي ته سکر براج اسڪيم جي ڪري ڪپهه جي وڏي پيماني تي پوک ٿيندي.(۴۸) آبپاشيءَ جي ڪري زرعي پيداوار وڌڻ سبب سنڌ جي آمدني تمام گهڻي وڌي ويندي.

سنڌ جي علحدگيءَ جي حامي سنڌي مسلمانن جون ڪراچي بندر جي اقتصادي ترقيءَ ۾ وڏيون اميدون هيون. ڪراچيءَ جي ترقيءَ سبب سنڌ جي اقتصادي حفاظت ڪيترن ئي طريقن سان ٿيندي، مثال طور زيارت ڪندڙ مسلمانن وٽان ملندڙ محصول جو پنجون يا ڇهون حصو، انگريزي ٽپال جي سڌو پهچڻ جو بندوبست، يو پي ۽ سي پي سميت سموري وچ هندستان سان واپار کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ تيز رفتار ريل گاڏيءَ لاءِ رستو کلڻ.(۴۹)

سال ۱۹۲۸ع ۾ ڪل جماعتي ڪانفرنس تجويز ڏني هئي ته جيڪڏهن سنڌ جا ماڻهو هڪ علحده صوبي جون مالي ذميداريون کڻڻ جي لاءِ تيار آهن ته پوءِ سنڌ کي هڪ جدا صوبو ٺاهڻ گهرجي. ۱۹۳۰ع واري ڏهي جي شروعات ۾ سنڌ جي مسلمانن واضح ڪري ڇڏيو هو ته اهي اهڙيءَ هر صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هئا ته جيئن سنڌ هڪ کٽل صوبو ثابت نه ٿئي. هنن تجويز ڏني هئي ته اهي خرچ ٿورو گهٽائيندا ۽ نوان ٽيڪس هڻندا ته جيئن صوبائي آمدنيءَ ۾ واڌ اچي. هنن تماڪ ۽ ڪپهه تي ٽيڪس وٺڻ ۽ ڊاڪٽرن، جانورن جي سرجنن، وياج خورن، گهرو نوڪر رکندڙن، وڪيلن، سمنڊ ۾ مڇي ماريندڙن، پستولن ۽ تلوارن تي لائسنن جاري ڪرڻ جي تجويز ڏني. هنن اميد ڏيکاري ته اهڙيءَ ريت اٽڪل ويهه لک روپين

جي آمدني ٽيندي. اها پڻ رٽ ڏني ويئي هئي ته سرڪاري ملازمن جا پگهار گهٽايا ويندا ۽ پيو ته هندستان جي حڪومت پڻ سنڌ کي امداد ڏيندي.

هيڏانهن سنڌ جا مسلمان سنڌ جي علحدگيءَ جي لاءِ هلچل هلائي رهيا هئا. هوڏانهن سنڌ جي هندن ان رٽ جي سخت مخالفت پئي ڪئي. سموري بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ هندن جي اڪثريت هئي، پر سنڌ ۾ اهي اقليت ۾ هئا. سنڌ ۾ هندو انڪل ۲۴ سيڪڙو هئا. بمبئيءَ جو حصو هجڻ ڪري سنڌي هندو، مسلمان اڪثريت جي خوف کان آجا هئا. جڏهن سنڌ جي علحدگيءَ جي گهُرَ ڪئي ويئي، تڏهن هندن کي خيال آيو ته سنڌ ۾ مسلمانن جي حڪومت هيٺ سندن سلامتي مشڪوڪ ٿي ويندي، تنهنڪري کيترائي اعتراض اٽاريا ويا هئا، جن جو مقصد اهوئي هو ته سنڌ کي هڪ جدا صوبو نه ٿاهيو وڃي.

سنڌ جي هندن جو اعتراض هو ته سنڌ جي علحدگيءَ جي ڪري سنڌ جي اقتصادي اوسر تي خراب اثر پوندو. ائين به چيو ويو هو ته اها گهُر اهڙي وقت ڪئي ٿي ويئي، جڏهن بمبئي جي حڪومت سنڌ ۾ اقتصادي ترقيءَ جا ڪم ڪري رهي هئي: "... ۽ بلڪل ان وقت جڏهن سکر براج، رستن، ريلوائين، ڪوٽڙيءَ وٽ هڪ نئين براج، جنهن لاءِ بمبئي سرڪار منظوري ڏني هئي، تنهنڪري سنڌ جي ماڻهن کي اميد هئي ته وڌيڪ اقتصادي ترقي ٽيندي. پر سنڌ کان ٻاهر جي سياستدانن سنڌ جي ماڻهن کي لالچائي سنڌ کي شطرنج جي مهري وانگر ڪل هند فرقيواري سياست جي بساط تي گهلي آندو ۽ هندستان جي مسلمانن ۽ هندن جي وچ ۾ 'طاقت جي توازن' قائم رکڻ، سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان علحدگيءَ ۽ هڪ علحده صوبي ٿاهڻ جي گهُر ڪئي. (۵۰)

ساڳيءَ ريت سال ۱۹۳۳ع ۾ سنڌ هندو مهاسڀا دعويٰ ڪئي ته مسلمان علحدگي پسندن کي ثقافتي بنيادن تي صوبي ٿاهڻ جي ڪا گنجائش ئي نه هئي، چاڪاڻ ته سنڌ اڳ ۾ ئي هڪ ثقافتي ايڪائي هئي ۽ بمبئي حڪومت ان حقيقت کي تسليم ڪيو هو. سنڌي، پرائمري ۽ سيڪنڈري اسڪولن ۾ تعليم جو ذريعو ۽ سرڪاري ۽ عدالتي زبان هئي. اهڙيءَ ريت سنڌ جي ماڻهن جي ثقافت ۾ بمبئي سرڪار جي ڪابه دخل اندازي نه هئي. (۵۱) ان هوندي به اهو چئي پئي سگهيو ويو ته ثقافتي خود اختياري سنڌي مسلمانن جي وڌيڪ سياسي اثر کان سواءِ، سياست جي خال کان، بي معنيٰ هئي.

سنڌي هندن ۾ اهو خوف تمام گهڻو وڌيل هو ته سنڌ جي علحدگيءَ جي نتيجي ۾ ٽئڪسن جو بار وڌي ويندو. سندن چوڻ هو ته "... اهي ڪائي پگا ٽئڪس هڪ اهڙي صوبي ۾ مقرر ڪيا ويندا، جنهن جي ٽئڪسن مان ڪل آمت، ڏل ۽ پائيءَ جي محصول سميت سال ۲۹-۱۹۳۰ع ۾ فقط ۱۵۸ لک ۽ سال ۳۱-۱۹۳۲ع

۾ ۱۴۵ لک هئي، جڏهن ته واپار جي وڏي موڙي هئي ۽ زرعي پيداوار جون قيمتون بنهه ڪري پيون هيون. انهيءَ کان سواءِ ان وقت سکر براج جي هيٺ ايندڙ زمينن جي ڏَل جي اڳهه ۾، جيڪي سنڌ جي ڪل ايراضيءَ جو ۳/۴ حصو هيون، اوچتي واڌ جي ڪري ماٺهو اڳ ۾ ئي سخت دانهون ڪري رهيا هئا." (۵۲)

هڪ علحدي ايڪائيءَ جي صورت ۾ سنڌ جي مالي حيثيت بابت، انهيءَ رٽ جي مخالفن جيڪي اعتراض ڪيا هئا، اهي ڪي ايترو وزندار نه هئا. صوبن جي ٻيهر حد بنديءَ لاءِ جڏهن به ڪا اهڙي تجويز ڏني ويندي هئي ته کاموارا شاهي پنهنجو اهو روايتي اعتراض ڪندي هئي. سال ۱۹۰۳-۱۹۰۵ع ۾ به بنگال جي ورهاست ۽ آسام کي چيف ڪمشنر جو صوبو ٺاهڻ جي سلسلي ۾ ڪن سرڪاري عملدارن ۽ ٻين معتضرين اهو ساڳيو دليل ڏنو هو. پر اوپر بنگال جي ضلعن جي پٽ ۾ سنڌ جهڙي صوبي جي سقيم حالت، فنڊن جي ڪمي سبب نه هئي، بلڪ انڪري هئي چاڪاڻ ته انهن مان ڪن ايراضين کي هندستان جي صنعتي لحاظ کان ترقي يافته علاقن جون سامونڊي ڪناري جي ويجهو زرعي ايراضيون ڪري ليکيو ويندو هو. تنهنڪري ڇڻي سگهجي ٿو ته سنڌ ڪوٺ وارو صوبو انڪري هو، چاڪاڻ ته بمبئي حڪومت جيڪا ان کان پري هئي، اها ان جي مفادن ڏانهن ڏيان ئي نه ڏيندي هئي، تنهنڪري علحدگي ضروري نه هئي ۽ انهن ئي سببن ڪري معتضرين چيو ته اها ممڪن ڪانهي.

انهيءَ هوندي به سنڌي هندن کي خاطري هئي ته سکر براج جي ڪري هڪ علحده سنڌ کي مالي سلامتي حاصل نه ٿيندي. سنڌ کي هڪ علحده صوبو ٺاهڻ کان اڳ ڪن اڻ ڏٺل حالتن جو به جائزو وٺڻو هو. ان ڳالهه تي خاص زور ڏنو پئي ويو ته، "خاص ڪري اناج اپائيندڙ ايراضين ۾ جيڪا موڙي ٿي هئي، ان اهم حقيقت کي نظرانداز ڪرڻ ۽ سنڌ جي ماٺهن جي پلائيءَ کي ان جوا جي خطري ۾ وجهڻ ته ايندڙ وقت ۾ زمين جي قيمت وڌي ويندي ۽ سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ زرعي شين جون قيمتون چوٽ چڙهي ويندیون، حد درجي جي بيوقوفي ۽ اوندهه ۾ هٿوراڙيون ڏيڻ آهي. ۽ وري به، ڇڪجي ٿو ته انهيءَ اوڙاهه ۾ ڪرڻ جي ذميداري انگريز سرڪار تي ۽ فقط انگريز سرڪار تي اچي ٿي، چاڪاڻ ته اهي ئي سنڌ جي علحدگيءَ کي عمل ۾ پيا آڻين ۽ اهو سيڪجهه بمبئي سرڪار جي سوچيل فيصلي ۽ بمبئي ليجسليٽو ڪاميٽي جي خلاف ۽ لڪن وفادار هندن جي سخت مخالفت جي هوندي ٿئي پيو، جن جي هڪ وڏي ٻڌيل ڪيل اڪثريت سنڌ ۾ آهي. اهو عمل موجوده گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ ۽ گول ميز ڪانفرنس جي سنڌ سب ڪاميٽي جي مقرر ڪيل شرطن جي سراسر خلاف ورزي آهي." (۵۳)

جون ۱۹۳۲ع جي وچ ڌاري سنڌ جي علحدگيءَ جي مخالفت ڪرڻ لاءِ سنڌي هندن هڪ ڳڏجاڻي ڪئي. اها ڳڏجاڻي حيدرآباد ۾ ٿي هئي. ان ڳڏجاڻيءَ ۾ شريڪ ٿيندڙ جھڙوڪ مکي گوبند رام پريتم داس ۽ فلپ. جي. ريان مسلمانن تي الزام هنيو تہ اهي ان مسئلي کي ۽ خاص ڪري ان جي مالي نتيجن کي سمجھڻ ۾ ناڪام ٿيا آهن. هنن چيو تہ "... سياستدان سمجھن ٿا تہ مالڪيات رکو ڪتابي جمع خرچ جي ڳالھ آهي، جيڪا هڪ طرف صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ ۽ ٻئي پاسي مرڪزي حڪومت سان ٿيندي آهي. هندستان جون اقتصادي تڪليفون نين ڊيوالو نڪتل صوبائي حڪومتن جي ڏاھڻ سان نہ، پر موجوده حڪومتن جي اقتصادي استحڪام جي ڪري لھنديون." (۵۴) اھڙيءَ ريت سنڌ جي هندن ننڊن ۽ اڻ سڌريل صوبن جي گھٽائيءَ جي ان ڪري مخالفت ڪئي، ڇاڪاڻ تہ اھڙن صوبن جي آمدني ايتري نہ ٿئي ها جو حڪومت جو ڪاروبار هلي سگھي ها.

علحده سنڌ جي ڪمزور اقتصادي حالتن جي پيش نظر هندن محسوس ڪيو تہ جيئن تہ اهي سنڌ جي شاهوڪار قوم مان هئا، تنهنڪري کين ڪاٿي پڳا ٽڪس ڏيڻا پوندا. اهي وڏا آسودا ۽ سڪر واپاري هئا، ان ڪري سندن مخالفت جو بنيادي سبب اهو خيال هو تہ هڪ پيرو سنڌ علحده ٿي تہ پوءِ هندو واپارين کي ڳرا ٽڪس ڏيڻا پوندا. سندن راءِ هئي تہ "سنڌ مسلم ڪانفرنس جي مسلمان ميمبرن ٽڪسن جون جيڪي تجويزون ڏنيون آهن، تن مان سندن گمراهہ ذهنيت صاف ظاهر ٿئي ٿي. جن نون ٽڪسن جون تجويزون ڏنيون ويون آهن، تن ۾ فقط هڪ ٽڪس، جنهن جو بار سنڌي مسلمانن جي ڪلهن تي ٻ پوندو، اهو آهي تہ ٻراج واري زمين جي لاءِ حڪومت جيڪي ڏل جا اڳهہ مقرر ڪري، انهن کان سواءِ انهن ۽ ٻين زمينن جي ڏل ۾ هڪ رپئي تي هڪ هڪ آني جي واڌ ٿيڻ گھرجي". (۵۶) هندن، جنهن بنياد تي مخالفت ڪئي هئي، اهو سندن ان خط مان پڌرو هو، جيڪو هنن سال ۱۹۳۲ع ۾ هندوستان جي وائسراءِ کي لکيو هو. هنن پنهنجي نقطئہ نظر جي وضاحت هن ريت ڪئي تہ، "ان حقيقت تي زور ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي تہ سنڌ جا هندو سنڌ جي اقتصادي، سياسي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ ڪھڙي حيثيت رکن ٿا .... نسلن کان اسان انتظامي ۽ ڪاروباري عملي لاءِ ماٹھو ڏيندا رهيا آهيون، تعليم، سماجي سڌارن ۽ مڪاني حڪومت جي ميدان ۾ اڳواڻ رهيا آهيون، اسان ئي سنڌ ۾ عوامي زندگيءَ جي شروعات ڪئي، اسان نہ رڳو سنڌ اندر واپار کي همٿايو، پر ٻاهرين ملڪن ۽ وڃي ٻڌڪنگ جو ديسي سرشتو هتي قائم ڪيوسون ۽ سنڌ کي هندوستان ۽ ٻاهرين دنيا جي واپاري مرڪزن سان ڳنڍيوسون". (۵۷) اھڙيءَ ريت سنڌي هندن چئيءَ طرح پڌرو ڪيو تہ اهي سنڌ ۽ پنهنجي اقتصادي، سماجي ۽ سياسي برتريءَ کي قائم رکڻ گھرن ٿا. ۽ ٿورو

خوف سان اهو به محسوس ڪيو ويو هو ته هندن جي برتري ۽ مسلمانن جي سياسي ۽ اقتصادي پستيءَ جو توازن سنڌ جي علحدگيءَ جي ڪري ٽٽي پوندو. سنڌي هندو قانون سازيءَ جي لاءِ ووٽ ڏيندڙن ۾ واڌ ٿيڻ جا ته تمام سخت مخالف هئا. چاڪاڻ ته سياسي نقطئه نظر کان اهو سندن "پوتر" سانڌاڻي کي ڇهڻ برابر ٿئي ها. هنن اهو هيڻن ڇئي ورجايو ته "جديد تهذيب جي ان اهم بنياد تي جيڪا به شيءَ اثر انداز ٿيندي، اها ڇڻ اسان لاءِ زندگي ۽ موت جو سوال هوندي". (۵۸)

سال ۱۹۳۳ع کان پهرين انگريز سرڪار اڪ ۾ئي فيصلو ڪري چڪي هئي ته سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪبو، ان ڪري سنڌي هندن حفاظت ۽ قانوني تحفظ جي گهر ڪئي. هنن جو چوڻ هو ته سندن ملڪيت جي حقن جي پوريءَ ريت حفاظت ڪئي وجي، چاڪاڻ ته اها سندن گذاري جو بنيادي ذريعو هئي. ان سلسلي ۾ هنن چيو ته "حقيقت ۾ ۲۷ سيڪڙو زمين اسان جي آهي، ۽ اهو انگ اسان جي آبادي جي انگ جيترو آهي، پر اسان وٽ ٽيڪي تي ۽ گروي رکيل زمين اٽڪل ۱۳ سيڪڙو وڌيڪ آهي، تنهنڪري سمورو انڪم ٽئڪس اسين ڏيون ٿا، ايڪسائيز ڊيوٽيءَ جو تمام وڏو حصو پڻ اسين ادا ڪريون ٿا، چالاڻ ته اها ڊيوٽي شهرن مان ٽي آڪاڙي وجي ٿي، جتي اسين اڪثريت ۾ رهون ٿا. سنڌ جي سيني شهري علائقن ۾ اسان جي گهٽائي آهي. مسلمان قوم ۾ جيترا ماڻهو پڙهيل لکيل آهن، انهن کان ٽيٽا ماڻهو اسان جا پڙهيل لکيل آهن ۽ مسلمانن جي پيٽ ۾ اسان وٽ اڌوڻا انگريزي تعليم يافته ماڻهو آهن. جيتريقدر دولت جو تعلق آهي ته اها اسان وٽ ايتري ٿي آهي جيتري اڪثريتي قوم وٽ آهي". (۵۹) هنن کي خوف هو ته فرقيواري فساد ۽ جهيڙا سندن گذران جي اهم ذريعي ۾ رندڪ وجهندا. هنن پنهنجن خوفن کي هيڻن ڇئي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته، "گذريل ڏهن ورهين ۾ سنڌ جي ڦوٽاڻين ايراضين ۾ ڪڏهن ڪڏهن جيڪي فرقيواري دنگا ۽ فساد ٿيا آهن ۽ قرون ۽ ڏاڙا لڳا آهن ۽ اقليتي قوم جي عورتن ۽ ٻارن کي ڪٽي وڍ جا جيڪي اڪثر واقعا ٿيا آهن، تن جي ڪري قدرتي طرح وڏو هراس پکڙيل آهي". (۶۰)

ٻيو ته سنڌي هندن کي ڊپ هو ته سنڌ جا مسلمان زميندار سنڌ ڪائونسل جي ڪيترين ٿي نشستن تي قبضو ڪري ويندا. جيئن ته ڦوٽاڻي ايراضيءَ ۾ زمين طاقت جو مرڪز هوندي آهي، تنهنڪري ان خوف جو به اندیشو ظاهر ڪيو ويو هو ته زميندار پنهنجن هارين جي ووٽن تي سنڌ جي سياست تي اثرانداز ٿيندا. تنهنڪري هندن گهر ڪئي ته اقليت جي حقن جي چگيءَ طرح حفاظت ڪئي وجي... "اسين رڳو اهو گهرون ٿا ته اسان جي قوم کنهن به فرد سان ان بنياد تي کنهن به قسم جو امتياز نه ٿئي ته هو جائي جم کان هندو آهي. ڪٽي زمين جي وڪري يا خريداريءَ جو سوال هجي، يا نوڪرين جو معاملو هجي يا تعليمي ادارن ۾ داخلا

جو سوال، اسان جي لاءِ راهہ کليل هجي... وڏي ڳالهہ تہ اسان جي لاءِ اهي طريقا موجود هجن تہ جيڪڏهن ڪا حڪومت اسان سان سٹو ورتاءُ نہ ڪري تہ اهڙيءَ حڪومت جو خاتمو آڻيون". (٦١)

هندستان ۾ انگريز سرڪار جي لاءِ سنڌ جي علحدگيءَ جو معاملو تمام اهم مسئلو هو. آل انڊيا مسلم ليگ انهيءَ مسئلي تي ڪنهن به ٽاهہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿي نظر آئي. مسلمانن جي امنگن ۽ احساسن کي ٽارڻ جي لاءِ نهرو رپورٽ، جيئن اڳ ٻڌائي آيا آهيون، سال ١٩٢٨ع ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس ڪي سفارش ڪئي هئي تہ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ گهرجي. سال ١٩٣٢ع ۽ ١٩٣٣ع جي وچ ۾ انگريز سرڪار پڻ سياسي خيال کان مناسب سمجهيو تہ سنڌ جي علحدگيءَ کي قبول ڪيو وڃي. انگريز سرڪار شايد محسوس ڪيو تہ مسلمانن جي ڪن مطالبن مڃڻ جي ڪري، گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ ١٩٣٥ع جي آئيني سڌارن جي سلسلي ۾ مسلمان ساٿين سهڪار ڪندا. ١٤ ڊسمبر ١٩٣٢ع تي، جڏهن هندستاني سياست ۾ سنڌ جي علحدگي هڪ اهم مسئلو ٿي چڪو هو، تڏهن هندستان جي سيڪريٽري آف اسٽيٽ پهريون پيرو ظاهر ڪيو هو تہ حڪومت جي مرضي آهي تہ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان جدا ڪيو وڃي. هن چيو تہ "گذريل پن ورهين کان ڪن نون صوبن جي سوال تي غور ويچار ڪيو آهي. هي سال اڳ انهيءَ بحث مباحثي شروع ٿيندي ٿي اسان سنڌ جي سوال تي غور ڪيو. گذريل سال اسان پهريون پيرو اڙيسہ جي سوال تي تفصيل سان بحث ڪيو. انهن بحثن کان پوءِ هنهي مسئلن تي ماهرن جيڪا جاچ ڪئي اها پڻ اسان جي اڳيان آهي. انهن دريافتن جي رپورٽن جي آڌار تي ۽ برطانيہ ۽ هندستان هنهي جي عام اتفاق کي اڳيان رکندي، اسين يقيناً ان نتيجي تي پهتا آهيون، تہ سنڌ ۽ اڙيسہ جدا صوبا ٿيڻ گهرجن". (٦٢) هن ان نيتيءَ جي وڌيڪ تصديق ڪندي چيو تہ "... حڪومت جي پختي خواهش آهي تہ آل انڊيا فيڊريشن ۾ اهي ٻئي وڏيون عملداريون ٻن نمايان صوبن جي حيثيت ۾ ٿيڻ گهرجن." (٦٣)

انڊين ڪانسٽي ٽيوشنل رفارمز (هندستاني آئيني سڌارن) لاءِ جيڪا گڏيل ڪاميٽي (٣٣-١٩٣٤ع) مقرر ٿي هئي، ان هندستان جي خوف کي بي بنياد ۽ غير اثرائتو چئي نظر انداز ڪري ڇڏيو. هنن جو چوڻ هو تہ هندن جي دٻ ۽ مخالفت ۾ ايتري جان نہ هئي جو سنڌ کي هڪ جدا صوبي ٿاهڻ جي لاڳيتي ۽ جائز گهر ڪي رد ڪجي. هنن راءِ ڏني هئي تہ هندن جي مخالفت خاص ڪري پنهنجي پيدا ڪيل آهي. جيئن متي چڪاسي آيا آهيون، هندن گهريو پئي تہ صورتحال ساڳي هجي تہ جيئن اهي سنڌ جي اقتصادي ۽ سياسي زندگيءَ تي حاوي رهي سگهن. ڪاميٽيءَ راءِ ڏني تہ، "جيتوڻيڪ اهي (هندو) ڪل ابادي جو فقط ٢٧ سيڪڙو

آهن پر اقتصادي خيال کان طاقتور آهن." (٦٤) ڪاميٽي ان حقيقت تي زور ڏنو ته، سنڌ تي بمبئيءَ جي لاڳيتي حڪمرانيءَ جي ڪري فرقيواري اختلاف گهٽ نه ٿيندا. تنهنڪري سنڌ جي سوال کي حل ڪرڻ ۾ ڪاميٽيءَ جو مقصد اهو هو ته نه رڳو سنڌ ۾ پر سڄي هندستان جي مسلمانن ۽ هندن جي وچ ۾ لاڳاپن کي سڌاريو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪاميٽيءَ جو خيال هو ته... "ٻين ڳالهين کان سواءِ اهي فرقيواري تڪليفون، جيڪي بمبئيءَ مان سنڌ تي حڪومت ڪرڻ جي ڪوشش سبب پيدا ٿينديون، اهي انهن تڪليفن کان ايتريون گهٽ وڏيون نه هونديون، جيڪي هڪ جدا سنڌ جي انتظاميه کي درپيش ايندیون." (٦٥)

ٻيو ته اهو به دليل ڏنو ويو هو ته علحده سنڌ ۾ هندن کي اتي جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ گهڻيون نشستون ڏنيون وينديون ۽ اتي سندن بلڪل اهڙيءَ ريت حفاظت ٿيندي جيئن ٻين هندستاني صوبن ۾ مسلمانن جي حفاظت ٿيندي، جتي هندن جي آبادي مسلمانن کان وڌيڪ آهي. حقيقت ۾ اها وري راءِ ڏني ويئي ته، "ان مسئلي جي هر طرفي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان پوءِ اسين ان نتيجي تي پهتا آهيون ته سنڌ کي هڪ جدا گورنر جو صوبو ٺاهڻ، موجوده صورتحال ۾ هڪ بهترين ۽ مڪمل حل آهي." (٦٦)

سيڪريٽري آف اسٽيٽ ۽ هندستاني سرڪار جي وچ ۾ جيڪا دليلبازي ٿي هئي، ان جي ڳوڙهي چڪاس مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌ جي علحدگيءَ جا جيڪي ماڻهو مخالف هئا تن جا اعتراض ايترا وزندار نه هئا. هندستان جي حڪومت جو خيال هو ته ان بنياد تي مخالفت ڪرڻ ته سنڌ هڪ کٽل صوبو هو، البت وڌاءُ هئي. حقيقت ۾ علحده سنڌ به مالي لحاظ کان اوتري ئي کٽل يا آسودي رهندي، جيترا هندستان جا ٻيا گورنري صوبا هئا. ٻيو ته هندستان جي سرڪار جي راءِ هئي ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجي پختي خواهش ۽ لياقت مطابق اقتصادي سڌارن ۽ ڇانٽين جي ذريعي سنڌ جي کوٽ پوري ڪندا. اميد ظاهر ڪئي ويئي هئي ته نون ٽئڪسن، زمين جي ڍل ۽ تماڪ جي لائسنن مان ١٢ لک روپين جي آمدني ٿيندي ۽ انهيءَ مان علحده سنڌ تي ٿيندڙ خرچ جو پورائو ٿيندو. (٦٧) سنڌ جي علحدگيءَ جا مالي معاملا ان واڌو خرچ سان وڌيڪ نسبت ۾ هئا، جيڪو سنڌ جي ڪل هلندڙ کوٽ کان وڌيڪ علحدگيءَ تي ٿيڻو هو. سنڌ علحده ٿئي يا نه، پر صوبي جي مالي ڪمزوريءَ جي ڪري ڪو به فرق نه ٿيندو". کڻي سنڌ بمبئي پريزيڊنسيءَ جو هڪ حصو رهي يا کڻي ان کي هڪ جدا صوبو ڪيو وڃي، پر ان جي انتظاميه ۾ مالي کوٽ رهندي، ڇاڪاڻ جو خود بمبئي (سنڌ سميت) کوٽ ۾ آهي، تنهنڪري مالي لحاظ کان اها ڳالهه ايتري اهميت واري ڪانهي، پوءِ کڻي مرڪزي حڪومت سنڌ جي امداد ڪرڻ خاطر ٽئڪس جي مرڪزي وسيلن مان مڪاني حڪومت کي

کجھ رقم ڏئي بمبئيءَ جي کوٽ جو پورائو ڪري يا وري اها پاڻ سنئون سڌو ان جي مدد ڪري ۽ بمبئيءَ کي گھٽ پئسا ڏئي.

هندوستان جي حڪومت پھريون پيرو اها ڳالھ ظاھر ڪئي تہ بمبئي سرڪار، جنھن خاص ڪري مالي حالتن جي ڪري سنڌ جي علحدگيءَ جي زوردار مخالفت ڪئي ھئي، اها پاڻ پنھنجي بجيٽ کي متوازن رکڻ ۾ ناڪام ويئي. "اھو درست آھي تہ ھين صوبن جي ڀيٽ ۾ بمبئي کي في ماڻھو خرچ لاءِ ھڪ غيرمعمولي وڏو معيار رکڻو پوي ٿو، پر اتي جي سرڪار تازو خاص ڪوششون ڪيون آھن تہ ان خرچ کي ٿورو گھٽائجي ۽ ممڪن آھي تہ جيڪڏھن سنڌ جي علحدگيءَ جي ذريعي بمبئيءَ تان اھو بار لاٿو ويو تہ پوءِ ڪنھن ٻيءَ طرح ان جي امداد ڪرڻي پوندي. بنگال وانگر بمبئيءَ ۾ ميسٽن سيٽلمينٽ (Meston Settlement) جي اثر ھيٺ تڪليف ڏئي آھي، جيڪا صنعتي صوبن کان وڌيڪ زراعتي صوبن لاءِ ڪارائتي ھئي. نئين آئين مطابق صوبن کي انڪم ٽئڪس جو جيڪو حصو ملڻو آھي، ان لاءِ بنگال جيان بمبئيءَ کي بہ ھڪ اٽڪل انتظار ڪرڻو پوندو". (٦٩)

هندوستاني حڪومت سنڌ جي باري ۾ پنھنجي نيتيءَ کي مالي بنيادن تي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي... "سنڌ جي علحدگيءَ تي واڌو خرچ نسبتاً گھٽ ايندو، ۽ جيئن تہ اھڙي واڌو خرچ جي رقم لاءِ نون ٽئڪسن ھڻڻ جون تجويزون آھن، تنھنڪري علحدگيءَ سبب خوفناڪ مالي تڪليفن جي وڏڻ جو امڪان گھٽ آھي، خاص ڪري ان صوبي ۾، جتي ڪوٽ ھڪ عام مسئلو ٿي پئي آھي. سنڌ ۾ ان عام مسئلي جو ھڪ حصو آھي...."(٧٠)

مارچ ١٩٣٣ع ۾ هندوستان جو سيڪريٽري آف اسٽيٽ ان راءِ جو ھو تہ مستقبل ۾ فرقيواري فسادن کي گھٽائڻ جي پيش نظر مختلف طرفن کان سخت مخالفت جي ھوندي بہ سنڌ کي جدا ڪرڻو پوندو. جيئن مٿي چنڊ چاڻ ڪري آيا آھيون تہ مالي دليل حڪومت جي نيتيءَ تي اثرانداز نہ ٿي سگھيا ھئا. البت ھين معاملن کي وڏي اھميت ڏيڻي ھئي. انھيءَ مالي مخالفت جي باري ۾ سيڪريٽري آف اسٽيٽ چيو تہ "انھيءَ ۾ ڪوبہ شڪ ڪونھي تہ بمبئيءَ کي نقصان پھچائڻ سان جدائي جي مسئلي کي منسوخ ڪري يا ملتوي ڪري مالي لحاظ سان مرڪز کي آرام ملي ويندو، پر اھو معاملو ايترو اھم ڪونھي جو ھين دليلن کان وڌيڪ اثرائتو ھجي".(٧١)

ائين ٿو معلوم ٿئي ته اصل معاملو اها فرقيواريت هئي، جنهن آن وقت هندوستاني سياست ۾ هڪ اهم رول پئي ادا ڪيو. سيڪريٽري آف اسٽيٽ وڌيڪ دليل ڏيندي چيو ته، "جيڪڏهن پڇيو وڃي ته علحدگيءَ جي قطعي خواهش کي منظور ڪجي ٿو، ته اها عقلمندي نه ٿيندي ته ان کي ڪن سالن لاءِ ان وقت تائين ملتوي ڪيو وڃي، جيستائين مالي حالتون سڌرن، ته ان جو جواب اهو آهي ته خالص مالي بنيادن تي اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو. جيتوڻيڪ... بمبئيءَ جي ڪنهن ٻيءَ صورت ۾ هڪ طرفي مالي امداد ڪرڻي پوندي. پر ان معاملي ۾ واضح دير جي ڪري فرقيوارانه تڪليفون تمام گهٽيون وڌي ويندیون". (۲۷) جيستائين سنڌ جو اهو مسئلو حل نه ٿيندو، تيستائين اهو فرقيوارانه فساد جو باعث ٿيندو رهندو. فرقيوارانه لاڳاپن جي انهيءَ ممڪن ڏکائتي صورتحال کان بچڻ لاءِ سنڌ کي بمبئيءَ کان علحدو ڪرڻو هو.

نيٽ انگريز سرڪار فيصلو ڪيو، جيئن پروفيسر پرسيول اسپيئر بيان ڪيو آهي، 'ته هندوستان ۾ انگريزن جي آخري وڏي تعميري ڪارنامي' - گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ ۱۹۳۵ع جي منظوريءَ کان پوءِ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان علحده ڪرڻ گهرجي. پهرين اپريل ۱۹۳۶ع تي سنڌ هڪ گورنري صوبو ٿيو.

پڇاڙي:

آل انڊيا مسلم ليگ سنڌ کي هڪ علحده صوبو ٺاهڻ لاءِ هڪ زوردار گهر ان لاءِ ڪئي هئي ته جيئن هندوستان ۾ مسلم صوبن جو واڌارو ٿئي. اهو مسئلو سنڌي مسلمانن اڳتي وڌايو، جن کي اميد هئي ته هڪ جدا صوبي مان کين وڏا سياسي ۽ اقتصادي فائدا حاصل ٿيندا. جيتوڻيڪ انهيءَ رٽ جي گهڙو ڪري سنڌي هندن سخت مخالفت ڪئي هئي، پر انگريز سرڪار عملي سياست ان ۾ ڏٺي ته سنڌ کي بمبئيءَ کان خصوصاً ان ڪري جدا ڪجي، چاڪاڻ ته هندوستان جي لاءِ هڪ سؤراج آئين ٺاهڻ لاءِ مسلمانن جو سهڪار ضروري هو، ۽ خاص ڪري اهو به سوچيو ويو هو ته سنڌ جي علحدگيءَ جي ڪري فرقيوارانه فساد ۾ گهٽتائي اچي ويندي. سنڌ جي علحدگيءَ جي سبب سنڌي هندن ۾ سخت ناراضپو پيدا ٿيو، چاڪاڻ ته هنن سمجهيو هو ته هڪ اهڙيءَ حڪومت ۾ جيڪا مسلمانن جي هٿن ۾ هوندي، سندن اقتصادي ۽ سياسي مفاد خطري ۾ پئجي ويندا.

حوالا

1. Zaidi, S.Z.H., "The Partition of Bengal and its Annulment-a Survey of the Schemes of Territorial Redistribution of Bengal 1902-1911" Ph. D Thesis, University of London, 1964, P. 52.
2 Ibid., p. 53.
3. Ibid., p. 55.
4. Ibid., p. 60.
5. Ibid , p. 60.
6. Ibid., p. 60.
7. Ibid., p. 61.
8 Ibid., p. 61.
9. Ibid,, p. 62.
10. "Report of the Proceedings of the Twenty-Eighth Indian National Congress held at Karachi" on the 26th-December, 1913, p. 22.
11. "Quoted in Indian Constitutional Reform." Vol. IIc, (Session 1932-33), London, 1934, p. 2137.
12. Pirzada, S.S., Foundations of Pakistan, Vol. II, 1924-1947, Karachi, 1970, p. 73.
13. Pirzada, op. cit., pp. 118-119.
14. "All Parties Conference, Report of the Committee appointed by the Conference to determine the Principles of the Constitution for India", Allahabad, 1928, p. 19, hereafter referred to as Nehru Report.
15 Ibid., p. 23.
16. Ibid., p. 31.
17. Ibid.
18. Ibid.
19. Ibid , p. 32.
20. Ibid., p. 32.
21. Ibid., p. 32.
22. Ibid., p. 32.
23. Ibid , p. 63.
24. Ibid., p. 63.
25. Ibid., p. 67.
26. Ibid., p. 67.
27. Ibid., p. 67.
28. Ibid., p. 68.
29. Ibid., p. 162.
30. "Report of the Indian Statutory Commission", Vol 1-2, cmd. 3569 (1930), p. 58.
31. Ibid., p. 59.
32. Ibid., p. 59:
33. "A note on the financiala spects of the proposed Separation of Sind" by Mr. G.W. Wiles, Secretary to the Government of Bombay. 15th October, 1928, Public and Judicial Department (c) File 522.

Gul Hayat Institute

34. cmd. 3572, 1930. "Indian Statutory Commission", Vol. III, p. 89.
35. Ibid, p. 89.
36. Pirzada, op, cit., p. 158.
37. Ibid., p. 167.
38. Shamloo (Compiler), "Speeches and Statements of Iqbal", 1945, p. 12.
39. The Committee consisted of the following:– Earl Russell (Chairman), Marquess of Zetland, Marquess of Reading, H.H. the Aga Khan, M.A. Jinnah, Sir Shah Nawaz Bhutto, Sir Ghulam Hussain Hidayatullah, Sir Abdul Qaiyum, Sir Muhammad Shafi. Dr. Shafaat Ahmad Khan, Sardar Sampuran Singh, Dr, B.S. Moonji, M.R, Jayakar, Raja Narendra Nath, C. Y. Chintamani, B. V. Jadhav, Sir Phiroze Settna, H. P. Mody and Sir Hubert Carr.
40. cmd. 3778, 1931. "Indian Round Table Conference, First session, November 12. 1930–January 1931, Proceedings of subcommittees, London 1931, p. 464.
41. Ibd., p. 429
42 Ibid., p. 434.
43 Ibid., p 464.
44. Indian Constitutional Reform, op. cit,, p. 2136.
45. Ibid., p. 2136.
46. Ibid., p. 2163.
47. Ibid., p. 2142.
48. Ibid, pp. 2143–4.
49 Ibid., pp. 2142–3.
50. A letter to the Viceroy and Governor-General of India by representatives of Minorities in Sind against separation of Sind. N.D., Public and Judicial Department (c) File 523.
51. Indian Constitutional Reform, op. cit.,"p. 2083.
52 Ibid., p. 2086.
53. Ibid., pp. 2088–2089.
54. "Indian Empire Review", Calcutta, Jan. 1934, vol. 3. No. 1, p. 27.
55. Ibid., p. 27.
56. "Anti--Sind Separation Conference", 18th and 19th June 1932. Public and Judicial Department (c) File 2057.
57- A letter to the Viceroy and Governor--General of India by representatives of Minorities in Sind, op. cit.
58. Ibid.
59 Indian Constitutional Reform, op. cit., p. 2101.
60. Ibid., 2101.
61. Ibid., 2101.
62, Extract from Secretary of State's closing speech at the Round Table Conference, 14th Dec. 1932, Public and Judicial Department (c) File 522.
63. Ibid.
64. "Joint Committee on Indian Constitutional Report Session" 1933--34, Vol. I, Part I, London 1934.

Gul Hayat Institute

65. Ibid., p. 34.
66. Ibid., p. 34.
67. Deputy Secretary to the Government of India to Secretary of State, 5th Oct, 1932, Public and Judicial Dept. (c) File 2288.
68. Ibid.
69. Note of Points for the Secretary of State, 13th March 1933, Templewood Collections. MSS. Eur. E 240, vol. 64.
70. Deputy Secretary to the Government of India to Secretary of State for India. op. cit.
71. Templewood Collections, op. cit.
72. Ibid.

ماخذات

A. British Government Documents:

1. cmd. 3568, 1930. "Report of the Indian Statutory Commission", Vol. I.
2. cmd. 3569. 1930. "Report of the Indian Statutory Commission", Vol. II.
3. cmd. 3572, 1930. "Indian Statutory Commission", Vol. III.
4. cmd. 3778, 1931. "Indian Round Table Cenference, First Session, November 12, 1930--January 19, 1931", Proceedings of Subcommittees.
5. Indian Constitutional Reform, Vol. IIc, London 1934.
6. India Office Records: Public and Judicial Department, 1930--1940, P. and J. 9.

B. Indian National Congress Documents:

1. All Parties Conference 1928, Congress Documents Allahabad, 1928.
2. Report of Proceedings of the Twenty--Eighth Indian National Congress held at Karachi, 26th--28 1913.

C. Published Books:

1. Coatman, J., "India in 1928--29", Calcutta, 1930.
2. Gopal, R., "Indian Muslims, A Political History 1858--1957", London, 1959.
3. Gopal, S., "The Viceroyalty of Lord Irwin 1928--31", Oxford, 1957.
4. Ikram, S.M., "Modern Muslim India and the Birth of Pakistan", London, 1970.
5. Shamloo (Compiler), Speeches and Statements of Iqbal", Lahore, 1945.
6. Spear, P., "India, A Modern History, Michigan, 1961.
7. Indian Constitutional Reform, Volume IIc, London 1934.

D. Private Papers:

In India Office Library.

1. Curzon Collections: MSS. EUR. F III, 247A.
2. Templewood Collections: MSS. EUR. E. 240.

(پاکستان اسٹڈیز سینٹر، سندھ یونیورسٹی جي مخزن
"گراس روٹس"، جلد ۲، نمبر ۲، ۱۹۷۸ء تان ترجمو ڪرايل.)

ٻہ تاريخي تقريرون

ڈاڪٽر در محمد پٹاڻ

سنڌ ۾ جديد سياست جو آغاز انگريزن جي دؤر کان ٿيو. منهنجي ڳاڻاٽي موجب هن دؤر ۾ سنڌ اندر پنجيتاليهه پوليٽيڪل پارٽيون ۽ پريشر گروپ قائم ٿيا (۱)، جن مان "آل انڊيا مسلم ليگ" ٻہ هڪ هئي. سنڌ ۽ "آل انڊيا مسلم ليگ" جي ناتي رشتي جي تاريخ وري ڪيترن دورن ۾ ورهايل آهي. ۱۹۰۶ع ۾ جڏهن هن جماعت جو بنياد رکيو ويو تہ ان جو پهريون صدر هزهائينيس آغا خان کي مقرر کيو ويو، جيڪو جنم پوميءَ جي لحاظ کان سنڌي هو. هن جماعت جو پهريون (۱۹۰۷ع) ۽ آخري (۱۹۴۳ع) سالياڻو ميڙ ٻہ سنڌ ۾ ٿيو. (۲)

سنڌ ۾ هتان جي مسلمانن ۱۹۱۶ع ۾ "سنڌ مسلم ليگ" قائم ڪئي ۽ ڪوشش ڪيائون تہ ان جو "آل انڊيا مسلم ليگ" سان الحاق ڪرايو وڃي، مگر ڪين خاطرخواه موٽ نہ ملي، تان جو "سنڌ مسلم ليگ" پنهنجي انهيءَ روپ ۽ رنگ ۾ مسلمانن جي سياسي خدمت ڪندي رهي. ان کان پوءِ ٻہ هن جماعت کي هڪ کان وڌيڪ دفعا منظم ڪيو ويو.

سنڌ بمبئيءَ کان الڳ ٿي تہ هتان جي سياست ۾ وڏو ڦيرو آيو. هتان جي مسلمان سياستدانن رواداريءَ جو ثبوت ڏيندي ڪوشش ڪئي تہ غيرفرقيوارانہ بنيادن تي ڪا جماعت ٺاهي وڃي. ليڪن بدقسمتيءَ سان نہ رڳو غير مسلم طبقي طرفان ڪين جوڳي موٽ نہ ملي، پر هو پاڻ ۾ ايڪي ۽ اتحاد کي قائم ڪري نہ سگهيا. پهريون "سنڌ اتحاد پارٽي" ٺهي ۽ پوءِ سر غلام حسين هدايت‌الله پنهنجي ساٿين سان گڏجي "سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي" قائم ڪئي.

جڏهن وري پهريون صوبائي چونڊون ٿيون تہ سنڌ جي سياست ايڏا ٻہ وڌيڪ رنگ بدلايا. هڪ طرف "سنڌ اتحاد پارٽي" جي ليڈر ۽ ڊپٽي ليڈر کي چونڊن ۾ شڪست آئي ۽ ٻئي طرف سندن جماعت، جنهن باقي ٻين سياسي پارٽين کان وڌيڪ سيٽون کنيون هيون، تنهن کي نظرانداز ڪري "مسلم پوليٽيڪل پارٽي" کي اقتدار جي ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو.

Gul Hayat Institute

هڪ اڌ سال دوران سنڌ اسيمبليءَ جي ايوان ۾ وزارت جي "اقتدار- گهر" ۾ جيڪو وهيو واپريو، ۽ جو رول وري انهيءَ سلسلي ۾ ڪانگريس پارٽي ادا ڪيو، تن ڪالهين سنڌي مسلمان سياستدانن جي هڪ طبقي ۾ "آل انڊيا مسلم ليگ" جي ويجهو وڃڻ لاءِ چاهه پيدا ڪيو، تان جو ۱۹۳۸ع ۾ سنڌ ۾ وڏي پيماني تي "سنڌ صوبائي مسلم ليگ ڪانفرنس" سڏرائي وئي. اها ڪانفرنس نه رڳو سنڌ جي مستقبل ليکن ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي مقدر بدلائڻ جو بنياد ثابت ٿي. هن ڪانفرنس ۾ جيڪي "خواهشون" ظاهر ڪيون ويون، انهن کي ٻه سال پوءِ ۱۹۴۰ع ۾ لاهور واري ميڙ ۾ "ضرورتون" بڻائي پيش ڪيو ويو. هن ڪانفرنس ۾ پڙهيل حاجي سر عبدالله هارون جو خطبه استقباليه سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ وڏي اهميت رکي ٿو، ڇو ته انهيءَ خطبي مان سنڌي مسلمانن جي هڪ بااثر طبقي جي سياسي سوچ جي تبديليءَ جا اهڃاڻ ملن ٿا. ساڳي ئي قسم جو آواز وري اسان کي پنجن سالن کان پوءِ يعني ۱۹۴۳ع ۾ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو، جڏهن "آل انڊيا مسلم ليگ" جي ايڪٽيهين ميڙ جي موقعي تي محترم سائين سيد غلام مرتضيٰ شاهه ساڳئي حيثيت سان اهو ٻيو خطبو پڙهيو.

سنڌ ۾ مسلم ليگ کي مانوس ۽ ڪامياب ڪرائڻ ۾ جيترو هٿ سر حاجي عبدالله هارون جو، اوترو وري ان کان پوءِ محترم سيد غلام مرتضيٰ شاهه جو هو. انهن ٻنهي نامياڻن سياستدانن جي تاريخي تقريرن جو متن هيٺ ڏجي ٿو:

— ۱ —

سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس — ۱۹۳۸ع

(حاجي عبدالله هارون جو خطبه استقباليه)

"منهنجي لاءِ هيءَ موقعو باعث عزت افزائي آهي، جو آءٌ سنڌ جي مسلم قوم ياران اوهان صاحبن جهڙن بزرگن جي آڏيان ڪري رهيو آهيان. مون کي احساس آهي ته مون ۾ منهنجن رفيقن، جن تي اوهان جي استقبال جي ذميداري عائد ٿيل هئي، ايترو ڪجهه نه ڪيو آهي، جيڪو اسان کي ڪرڻ ڪپندو هو، تنهنڪري آءٌ پنهنجين گهٽين ڪوتاهين لاءِ اوهان کان معافي گهران ٿو. آءٌ اوهان کي يقين ڏياريان ٿو ته اسان سنڌ وارا محسوس ڪريون ٿا ۽ ان ڳالهه جو قدر ڪريون ٿا ته اوهان جهڙا بزرگ مختلف هنڌن تان هلي، ڪيڏا نه ڏکيا سفر ڪري هت پهتا آهيو، محض ان مقصد لاءِ ته اسان جي هن ڏکئي ۾ تڪليف واري وقت ۾ رهنمائي فرمايو.

"اڄ اسان هڪ اهڙي صوبي جي دارالحڪومت ۾ گڏ ٿي رهيا آهيون، جيڪو رقبي جي لحاظ سان ته انگلنڊ (ويلس جي علائقي ڪاڻي) جيترو آهي، پر تاريخي ۽ جغرافيائي لحاظ سان هندستان جي اهم ترين حصن مان هڪ آهي. جغرافيائي طرح

ڪراچي يورپ ڪي ويجهي ۽ ويجهو بندر آهي، بري، بحري ۽ هوائي سفر جي نقطه نگاهه کان. تاريخي طرح تازين کوجنائن ذريعي اهڙا خزانا هٿ لڳا آهن، جن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ماضيءَ ۾ سنڌ تعجب انگيز پيماني تي هڪ شاندار ۽ عظيم تمدن جي حامل هئي. نه وري هندستان جو ڪو مسلمان هيءَ حقيقت ئي نظرانداز ڪري سگهي ٿو ته اسلام جو قافلو پهريان پهريان سنڌ مان گذري پوءِ ٻين پاسن ڏانهن وڌيو هو. صرف ان نسبت سان ئي اسان سنڌي مسلمان هن ڳالهه جا مستحق آهيون ته جنهن تڪليف ۾ اسان اڄ ڪلهه مبتلا آهيون، تنهن کان نجات ڏيارڻ لاءِ اوهان اسان جي مدد ڪريو. سون کي قوي اميد آهي ته اوهان جي هت گڏ ٿيڻ ڪري نه فقط اسانجين مقامي تڪليفن ۾ تخفيف ٿيندي، پر هتان هڪ نئون قافلو مسلمانن جي اتحاد، پڌيءَ ۽ قوت جو وکر کڻي اڳتي هندستان ڏانهن روانو ٿيندو. اميد اها اٿم ته نوڙي جو هينئر منهنجي پنهنجيءَ عمر جي شام آهي، پر آءٌ اهو ڏينهن، جيڪو پري نه آهي، ڏسندس، جڏهن اهو قافلو روانو ٿيندو ۽ منزل مقصود تي پهچندو.

"هندستان جي مسلمانن جي مسئلن جي فهرست ايتريقدر طويل آهي، جو آها ساري هن داستان ۾ سمائجي نه سگهندي، تنهنڪري آءٌ اختصار کان ڪم وٺندي، محض انهن چند اهم مسئلن ڏانهن اوهان جو توجه چڪايان ٿو، جن مسئلن کي اوهان سلجهائي سگهو ٿا.

اقليتن جو مسئلو:

"هن پهرين بنيادي حقيقت کان کوبه انڪار ڪري ڪونه سگهندو ته هندستان هڪ اهڙو ملڪ آهي، جيڪو قسما قسم قومن ۽ فرقن جو وطن آهي. انهن قومن ۽ فرقن جا پنهنجا پنهنجا مذهب ۽ پنهنجون پنهنجون ثقافتون ۽ روايتون آهن، مگر اهي مختلف ۽ متضاد عناصر ڪهڙيءَ طرح هڪ آئيني نظام هيٺ رهن (جنهن کي منجهائڻ هرهڪ قبول ڪري) تنهن مسئلي جو حل اڄا تائين کو ڪيڙي ڪونه سگهيو آهي. منهنجي پنهنجي راءِ اها آهي ته ان ڏس ۾ ناڪاميءَ جو مکيه ڪارڻ اهو آهي جو هندستان جي اڪثريت واري قوم (هندو) انهن مختلف اقليتن جي وجود ۽ شخصيت تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ چڙو ملڪ جي جغرافيائي خصوصيت تي پئي زور ڏئي ۽ ان مان ناجائز فائدي وٺڻ جي پئي ڪوشش ڪري.

"في الحقيقت جغرافيائي يا تاريخي لحاظ سان هندستان ڪڏهن به هڪ مرڪز هيٺ نه رهيو آهي ۽ جيڪڏهن انگريزن پنهنجي دور حڪومت ۾ هندستان جي جدا جدا حصن (Units) جي شخصيت کي اپرڻ ۽ اسرڻ جي موقعن کان محروم ڪري ڇڏيو ته ان جي اها معنيٰ نه ٿيڻ گهرجي ته هندستان ۾ رهندڙ مختلف قومن جي وجود ۽ هستيءَ کان ئي انڪار ڪري ڇڏي. ظاهر آهي ته اڪثريت واري

قوم اهو انداز فكر هن لاءِ اختيار ڪري رهي آهي ته هندستان اندر رهندڙ ساري انسان ذات مٿان هوءَ پنهنجو تسلط قائم ڪري وٺي. مگر اقليتون انهيءَ انداز فكر کي هرگز قبول ڪونہ ڪنديون ۽ اهوئي فكري تصادم ڪارڻ آهي هن ڳالهہ جو ته هندستان جو مسئلو جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ پيچيدو ٿيندو وڃي.

"مناسب ته ائين هو ته اقليتن جي وجود کي هڪدم تسليم ڪري انهن کي پنهنجي وجود کي سلامت رکڻ لاءِ ضروري تحفظات مهيا ڪري ڏنا وڃن. اهوئي هڪ رستو هو جنهن سان هندستان جو مسئلو سُلجهي سگهيو ٿي. جنهن وقت مسلمانن اهڙن تحفظات لاءِ گهر ڪئي، ان وقت انهن جي پيش نظر چڙو پنهنجو فائدو ڪونہ هو، پر انهن سمورين نندين نندين اقليتن (جيڪي تعداد جي لحاظ سان ڪيتريقدر بہ ڪمزور هيون) جي حقن جي حفاظت بہ مدنظر هئي.

اوهان کي معلوم آهي ته گذريل پندرهن سورهن سالن اندر گهٽ ۾ گهٽ پنجويهہ دفعا ان مسئلي کي حل ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ٿي چڪيون آهن. پهرين ڪوشش ۱۹۲۳ع ۾ ٿي، جڏهن انهن ڳالهين لاءِ دهليءَ ۾ ڪانگريس جو خاص اجلاس سڏايو ويو. آخري پيرو اهڙي ڪوشش تازو ٿي گذري، جنهن جي دوران ۾ خود هن ڪانفرنس جي صدر صاحب (مسٽر جناح رحہ) پاڻ مسلمانن جي وڏي قابليت سان نمائندگي فرمائي.

"ان سلسلي ۾ جيڪي بہ بحث مباحثا اڄ تائين ٿيندا رهيا آهن، انهن جي هڪ خصوصيت اها پئي رهي آهي ته اڪثريت هميشہ اقليتن جي شخصيت تسليم ڪرڻ کان نابڙي پئي واري آهي. اڪثريت جو مقصد اهو هو ته ملڪ جون اقليتون ملڪ جي حڪمرانيءَ ۾ حصو نہ گهڙي سگهن. ان مقصد جي نشاندهي ميثاق لکنو جي موقعي تي ٿي، جڏهن اڪثريت واريءَ قوم بنگال ۽ پنجاب (جن ۾ مسلمانن جي گهٽائي هئي) ۾ مسلمانن جي اڪثريت کي ٽوڙي انهن کي اقليت بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. ان کان پوءِ هوءَ (يعني هندو اڪثريت)، ساڳي ئي نيت سان، بلوچستان ۽ سنڌ کي جدا انتظامي حلقن بنائڻ واري مطالبي جي مخالفت ڪندي رهي. هندن جي اهڙي تنگ دليءَ جي مقابلي ۾ مسلمانن هميشه فراخدلي پئي ڏيکاري آهي ۽ هر فرقي ۽ هر اقليت کي سندس حقن ڏيارڻ واري اصول جي پٺڀرائي ڪئي آهي. مثلاً مسلمانن اوڙيسہ صوبي جي بنجڻ جي مخالفت ڪانہ ڪئي، نندين نندين اقليتن کي حق ملن، تنهن مطالبي جي بہ مزاحمت ڪانہ ڪئي. برعڪس ان جي، هندن جدا چوندن جي اصول جي مخالفت پئي ڪئي آهي، جيئن اقليتون پنهنجا حق حاصل ڪري نہ سگهن. تعجب جي ڳالهہ ته اها آهي ته هندو پنهنجي ان منفي ۽ خودغرضانہ روش کي "نيشلزم" لاءِ پنهنجي خواهش ۽ پيار سان پيا تعبير ڪن! آسان جڏهن بہ اڪثريت کي استدعا ڪريون ٿا ته هوءَ اسان سان گڏجي ويهي مسئلن جو تصفيو

ڪري ته جواب اهو پئي ڏئي ته ”اڃا تائين مليو ڇا آهي، جنهن جي ويهي ونڊورهاست ڪريون؟“ پاڻ سندس طرفان اهو مشورو پيو ڏنو وڃي ته اقليتون ان وقت تائين ترسي ويهن، جيستائين هندستان کي سوراج مليو آهي. مگر سندن سوراج جي معنيٰ ڇا آهي؟ معنيٰ اها آهي جنهن جو اظهار اڳ ۾ ئي انهن ستن صوبن ۾ ٿي رهيو آهي، جن ۾ (نون سڌارن هيٺ) ڪانگريس کي (صوبائي وزارتن وسيلي) راڄ ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. ڪهڙي قسم جا مسلمان، مسلمانن جي نمائندگيءَ لاءِ، يو-پي-بمبئي، بهار ۽ مدراس جي وزارتن ۾ کنيا اٿن؟ اهي، جن ۾ نه مسلمانن جو ڀروسو آهي ۽ نه انهن کي صوبي جي مسلمانن جي پٺڀرائي حاصل آهي! مسٽر شريف کي ڪڍي ڇڏڻ کان پوءِ سي-پيءَ ۾ ڪنهن به مسلمان کي وزارت ۾ کڄڻ جي لائق ڪونه سمجهيو اٿائون! ڪجهه وقت تائين اهو پئي چيو ويو ته جنهن صورت ۾ مسلمان ميمبرن جي اڪثريت ڪانگريس جي پاليسي قبول نٿي ڪري، تنهن صورت ۾ ڪانگريس به ساڻن تعاون ڪونه ٿي ڪري سگهي. پر صوبي سرحد ۾ ڪانگريس جو اهو اصول ڪيڏانهن ويو، جت هُن هزارا جي غير ڪانگريسي جمهوري پارٽي جي شرڪت سان پنهنجي وزارت ٺاهي آهي؟ آسام ۾ ته پاڻ وڌيڪ کُليءَ طرح سان پنهنجي ان ”اصول“ جي مٽي خراب ڪئي اٿائين. اوڙيسه ۾ جڏهن مسلمانن وزارت ۾ نمائندگيءَ لاءِ گهر ڪئي، ته کين جواب ڏنو ويو ته جيڪو مسلمان ڪابينه ۾ کڄي سگهڻ جهڙو هو، تنهن چونڊن ۾ هڪ ڪانگريسي اميدوار کي شڪست ڏئي پاڻ کي چونڊايو آهي، تنهنڪري ان کي وزارت ۾ کڻڻ جو ڪو سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي. پر صوبه سرحد ۾ ڪانگريس هڪ اهڙي پارٽيءَ جو تعاون قبول ڪيو آهي، جنهن چونڊن ۾ سندس مخالفت ڪئي هئي. نه فقط ايترو، پر خود اسيمبليءَ جو ڊپٽي اسپيڪر هڪ اهڙي مسلمان ميمبر کي بڻايو اٿائين، جيڪو چونڊن ۾ ڪانگريسي اميدوار کي شڪست ڏئي چڪو هو. پوءِ ڪيڏانهن ويو اِت ڪانگريس جو اصول؟

”وزارتن ٺاهڻ کان پوءِ ڪانگريس مسلمانن سان ڪهڙا ويل وهايا آهن، تن جو تفصيل ڏيڻ غيرضروري آهي، ڇوته اوهان هرهڪ کي اڳ ۾ ئي معلوم آهي ته اَت ڇا وهي واپري رهيو آهي. آءٌ فقط ايتروئي عرض ڪري سگهان ٿو ته انهن صوبن ۾ مسلمانن جو مذهب، سندن ثقافت ۽ خود وجود سخت خطري ۾ پئجي چڪا آهن. جيڪڏهن اهوئي نمونو آهي مسلمانن سان ڪانگريس جي سلوڪ جو، ته پوءِ ارمان ۽ نااميديءَ جوئي اظهار ڪري سگهجي ٿو.

”اسان کي وري وري چيو پيو وڃي ته هندستانين کي هيءَ ڏسڻ گهرجي ته يورپ ۾ ڪهڙيءَ طرح اتاهون جي اقليتن جو مسئلو حل ڪيو ويو آهي ۽ ان سلسلي ۾ جمعيت اقوام (League of Nations) جي اصولن جو پڻ حوالو ڏنو پيو

وڃي. ان وعظ جو مطلب هيءَ نڪري ٿو ته اسان مسلمان پنهنجي مذهب، ثقافت ۽ روايتن جي بقا ۽ سلامتي جو ڪو خيال نه ڪري هندو اڪثريت ۾ مدغم ٿي وڃون. پر هيءَ حقيقت وساري پئي وڃي ته خود يورپ اڄ ڪالهه انهن اصولن تان هٽندي پئي وڃي. مثال لاءِ چيڪو سلاواڪيه (١) ڏانهن ڏسو، جت ممڻ متو پيو آهي.

”حقيقت ۾ هندستان جي آزاديءَ جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهي آهن، جيڪي اقليتن کي سندن صحيح مقام ڏيڻ کان انڪاري آهن. هندستان (آزاديءَ لاءِ) اوستائين متحد محاذ هرگز ٺاهي ڪونه سگهندو، جيستائين اڪثريت واري قوم جو اهو عزم آهي ته اقليتن جي هستيءَ کي نابود ڪري ڇڏي. آءٌ اڪثريت کي تنبيه ڪريان ٿو ته هوءَ اسان مسلمانن جا مطالبا قبول ڪري، نه ته هت به چيڪوسلاواڪيه جهڙو حال ٿيندو. جيڪڏهن چيڪوسلاواڪيه جا ٣٥ لک جرمن ايترو ڪري سگهن ٿا ته هندستان جا ٩ ڪروڙ مسلمان (۽ ٻيون اقليتون) ڇا نه ڪري گذرندا، اڪثريت واريءَ قوم جي بدنيتين کان پاڻ کي بچائڻ لاءِ؟

”آءٌ هن موقعي جو فائدو وٺندي، وري به هڪ ڀيرو اڪثريت واري قوم کي اپيل ڪريان ٿو ته هوءَ اسان جي صبر جو وڌيڪ امتحان نه وٺي. اسان اڳ ۾ ئي ان منزل تي پهچي چڪا آهيون، جتان اسان جا رستا جدا ٿي وڃن ٿا ۽ جيڪڏهن اسان جو (حقن ۽ مطالبن جو) مسئلو حل نٿو ڪيو وڃي ته دنيا جي ڪابه طاقت هندستان کي ”هندو هندوستان“ ۽ ”مسلم هندستان“ ۾ ڪٽجي وراهجي وڃڻ ۽ ٻن جدا جدا فيڊريشنن هيٺ رهڻ کان روڪي ڪانه سگهندي. اڄ ڪالهه مسلمان سجاڳ ٿي چڪا آهن ۽ انهن کي دٻائڻ يا گمراه ڪرڻ جي ڪابه ڪوشش ڪامياب ڪانه ٿيڻي آهي. جيڪي ڌريون ”نيشنلزم“ (قوميت) جو ٻهروپ ڪيون ويٺيون آهن، تن کي ياد رکڻ گهرجي ته اقليتن کي سندن حقن کان محروم ڪرڻ ملڪ جي آزاديءَ کي قريب آڻي ڪونه سگهندو. مسلمان سياسي مسئلن ۾ نه خود غرض آهن نه تنگ دل. هندستان جي آزاديءَ جا هو تهدل سان خواهان آهن ۽ ان ڏس ۾ پنهنجين ڪوششن ۾ ڪڏهن به گهٽتائي ڪانه ڪئي اٿئون. پر ساڳئي وقت هو اهڙي به ڪا ڳالهه قبول ڪانه ڪندا، جنهن جي معنيٰ هيءَ نڪرندي هجي ته صرف سندن حاڪمن ۾ تبديلي ٿئي، يعني انگريزن جي جاءِ تي هندو مٿن راڄ ڪن.

”هندستان جي مجموعي سياسي مسئلي جي باري ۾ مٿين حقيقتن عرض ڪرڻ بعد مان پنهنجن مسلمان ڀائرن جي خدمت ۾ به ڪجهه ڳالهيون پيش ڪرڻ گهران ٿو. انهن ڳالهين جو ساڻن ڳوڙهو تعلق آهي ۽ سندن حق ۾ وڏي اهميت رکن ٿيون.

(١) چيڪوسلاواڪيه ۾ جرمن نسل (Sudetan) جي اقليت تي اهو گوڙ متل هو- ان اقليت کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هٽلر چيڪوسلاواڪيه تي حملو ڪيو ۽ چيڪوسلاواڪيه وڏي پيڙا ۾ پئجي وئي.

"ڪين پنهنجو ذهن صاف رکڻ گهرجي، ۽ هيءَ حقيقت پروڙڻ گهرجي، تہ جيستائين هو پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان تعلق پيدا نہ ڪندا، تيستائين موجوده حالتن ۾ سندن زنده رهڻ دشوار ٿي پوندو. جن صوبن ۾ مسلمان اڪثريت ۾ آهن، اتاهون ڪين پنهنجا نمائندا (وفدن جي صورت ۾) اقليت وارن صوبن ڏانهن موڪلڻ گهرجن، جيڪي آت وڃي ساڻن تبادلہ خيالات ڪن ۽ جن حالتن ۾ هو ڪانگريس حڪومتن هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن، تن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪن. ساڳيءَ طرح اقليت وارن صوبن مان به مسلمانن جا وفد(۱) اڪثريت وارن صوبن ۾ اچڻ گهرجن، جيڪي هت اچي اتاهون جو حال احوال پنهنجن پاڙن کي ٻڌائين. اسان مسلمان ڏاڍي ڏکئي وقت مان گذري رهيا آهيون، تنهنڪري اسان کي صاف ۽ مضبوط ۽ متحد طريقہ ڪار اختيار ڪرڻ گهرجي.

"آڳ هن حد تائين به وڃڻ لاءِ تيار آهيان تہ آڳ ڪين (مسلمانن کي) اهو مشورو به ڏيان تہ هو پنهنجا وفد پنهنجي ملڪ کان ٻاهر مسلمان ملڪن ڏانهن موڪلين. ان مقصد سان تہ انهن سان سڌو سياسي ۽ ثقافتي تعلق پيدا ٿئي ۽ ڪين هتان جي روئداد کان به واقف ڪيو وڃي. ڪانگريس وقتاً فوقتاً اهڙا وفد مسلمان ملڪن ڏانهن موڪليندي رهي ٿي، جيڪي آت پهچي غلط ڳالهيون ٻڌائين ٿا ۽ اسان هندستان جي مسلمانن کي هندستان جي آزادي ۽ وطن جا دشمن ڪري ڏيکارين ٿا، تنهنڪري اسان کي به پنهنجا وفد(۲) موڪلي اهڙيءَ پروپيگنڈا جو هينئر مقابلو ڪرڻ گهرجي. هونءَ به دنيا جون حالتون ڦري رهيون آهن ۽ اسان کي عالمي مسلمان برادريءَ جي ويجهو اچڻ گهرجي، جنهن جهڙي وسيع برادري ٻيءَ ڪنهن به قوم کي ميسر ڪانہ آهي.

سنڌ جي سياست:

"ان ڪان پوءِ آڳ اوهان کي پنهنجي گهر يعني سنڌ جو حال ٻڌائيندس. اسان هت تمام ڏکين حالتن جي ڪنڌ ۾ قاسي پيون بعد پنهنجا هيٺا هٽ پير پيا هٽون. هتان جا مسلمان تمام پسمانده حالت ۾ آهن. سندن گذارو زراعت پيشي تي آهي، پر هو سخت مقروض آهن ۽ سندن قرض جو تخمينو ويهن ڪروڙن رپين کان مٿي جو آهي. جنهن وقت انگريزن هيٺ ملڪ هٽ ڪيو، ان وقت تائين غير زراعت پيشہ ماڻهن (يعني هندن) وٽ هڪ ايڪڙ زرعي زمين جو به ڪونہ هو. پر سال ۱۹۳۵ع

(۱) ورندو ٽن چئن مهينن اندر حاجي عبدالله هارون پنهنجي خرچ تي اهڙا وفد تيار ڪرائي روانا ڪيا. اهڙن وفدن کي ٻاهر ۽ موڪلڻ جو انتظام منهنجي حوالي ڪيائين. (علي محمد راشدي)

(۲) ان مقصد لاءِ حاجي صاحب پاڻ پنهنجي خرچ تي مولانا حسرت موهاني رح ۽ مولانا آزاد سبحاني رح کي ٻاهرين ملڪن جي دوري تي روانو ڪيو.

تائين چاليهه سيڪڙو زمينون مسلمانن وٽان نڪري هندن جي هٿن ۾ پهچي چڪيون هيون. گذريل ٽن سالن ۾ وڏيڪ چاليهه سيڪڙو زمين وياج خورن جي قبضي ۾ اچي ويل چئي وڃي ٿي. تعليم مسلمانن ۾ تقريباً ڪانهه آهي. انهيءَ اندوهناڪ حالت کي سنڌ جون صوبائي جمهوري وزارتون به درست ڪري ڪونه سگهيون آهن. سنڌ اندر پوليس تي ته سالانه ۳۵ لک روپيا خرچ پيا ٿين، پر سنڌ جي صحت تي فقط هڪ لک اسي هزار روپيا! سنڌ جي سرڪاري انتظام تي بمبئيءَ ڪان سواءِ هندستان جي ٻين سمورن صوبن جي مقابلي ۾ وڏيڪ خرچ ڪيو ٻيو وڃي. ڊپڙ دونس ۽ وٽ پڪڙ جا پراڻا قاعدا هن صوبي ۾ اڃا پيا هلن، حالانڪ سيني ڏرين پاران اهو مطالبو ٿيندو رهيو آهي ته اهي قاعدا منسوخ ڪيا وڃن. زمينن تي ڏلن جا نرخ تمام وڏا آهن ۽ بيانصافيءَ جي بنياد تي رکيل آهن. سرڪاري خرچ کي گهٽائڻ بدران، جيئن پوءِ ٽيئن وڌايو ٻيو وڃي. فيالحقيقت اسان وٽ آمدنيءَ ڪان خرچ وڌيڪ لڳو ٻيو آهي ۽ ڪوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ آبادگارن تي نوان نوان محصول وڌا پيا وڃن. جن ماڻهن کي سنڌ جي حالتن جي پوري ڄاڻ ڪونه آهي، تن کي خيال هوندو ته سڪر براج چالو ٿيڻ بعد سنڌ جا بيابان، باغ بوستان بڻجي ويا هوندا، پر آءٌ انهن کي ٻڌائڻ گهران ٿو ته حقيقت ائين نه آهي. اِن براج کري پاڻ نوان مسئلا پيدا ٿي پيا آهن. پهريان ته براج بلي ورتل قرض جي لاهڻ جو مسئلو آهي. اِهو قرض اُن وقت ڪنهيل هو، جڏهن سنڌ بمبئيءَ جي صوبي جو هڪ حصو هئي. سنڌ جي جدا ٿيڻ ڪان پوءِ پنهين جي وچ ۾ انصاف سان حساب ڪتاب جي صفائي ڪانه ٿي، پاڻ ان قرض جو سارو بار لاهي سنڌ جي آبادگارن تي وڌو ويو ۽ ڪو ويچار ڪونه ڪيو ويو ته براج بعد مرڪزي سرڪار جي پنهنجيءَ (سنڌ ماڻ) آمدنيءَ ۾ ڪيترو واڌارو ٿيو آهي (اُنهن محڪمن جي ذريعي جن جي آمدني سڌيءَ طرح مرڪزي سرڪار پئي ڪٽي). ان ڪان سواءِ براج اسڪيم ۾ ڪيترين فني گهٽتايون پڻ رهجي ويل هيون، جن کي هاڻي (وڏي خرچ سان) پورو ڪرڻو پيو پوي. انهن گهٽتاين جي اڃا چڪاس به پوريءَ طرح ڪانه ٿي آهي، جنهن ماڻ پتو پڄجي سگهي ته انهن کي رفع ڪرڻ تي سنڌ کي ڪيترو خرچ ڪرڻو پوندو ۽ ڪهڙيون ڦير ڦاريون ڪرائٽيون پونديون. اِن اپرانڊ في ايڪڙ ڪيترو پاڻي ڪپندو، تنهن جي باري ۾ به براج ڌاهيندڙن انجنيئرن جي اڳڪٿين ۾ گهٽيون غلطيون نڪتيون آهن، جنهنڪري پاڻيءَ جي گهٽتائيءَ جي شڪايت عام ٿيندي پئي وڃي.

"هاڻي اوهان جو ڌيان آءٌ هڪ اهڙي خاص مسئلي ڏانهن چڪايان ٿو، جنهن جي پيدا ٿيڻ ڪري سنڌ جي آبادگارن ۾ اڇلهه گهٽي بيآرامي پيدا ٿي آهي. اهو مسئلو (سنڌ جي الله بخش وزارت طرفان) ڏلن ۾ تازو ڪيل واڌاري جو آهي (يعني تازو ڏلن وڌائڻ جو منصوبو بڻايو ويو آهي). نئين منصوبي جا ٽي حصا آهن:

(۱) سلائڈنگ اسکيل (Sliding Scale) جو طريقو اختيار ڪيو پيئو وڃي، جنهن هيٺ قيمتين پيدا ڪندڙ ايراضيءَ جي ڏل ۾ (قيمتين جي وقتي اڳهه پٺاندڙ) گهٽائڻ ۽ وڌائڻ جو دستور رائج ڪيو ويندو.

(۲) گهٽ پيداوار ڪندڙ ايراضيءَ جي ڏل ۾ به اضافو ڪيو ويندو.

(۳) هرقسم جي پوک تي ڏل وڌائي ويندي.

"اهو منصوبو ڪيترن سببن ڪري، سنڌ جي ماڻهن کي نامنظور آهي. سلائڈنگ اسکيل جو طريقو سنڌ ۾ اڳ ڪڏهن به رائج ڪونه رهيو آهي. ان کان سواءِ سلائڈنگ اسکيل جي اصطلاح ۾ غلط آهي، جو ته ان هيٺ ڏلون وقت بوقت (قيمتين جي اڳهن چڙهڻ ڪري) وڌائي ته سگهبيون پر (اڳهن جي ڪيڻ واريءَ صورت ۾) گهٽائي نه سگهبيون! جن زمينن سان اهو طريقو لاڳو ڪيو ويندو، ايا تائين انهن جا ڪلاس به متعين ڪونه ڪرڻ ۾ آيا آهن ۽ نه وري انهن مان ٽيندڙ پيداوار جو ڪو صحيح تخمينو لڳايو ويو آهي.

"منصوبي سان تعلق رکندڙ باقي ٻه ڳالهيون سنڌ جي اسيمبليءَ آگسٽ ۱۹۳۷ع ۾ اڳ ۾ئي رد ڪري ڇڏيون هيون ۽ انهن کي رد ڪرڻ ۾ سنڌ جو موجوده وزير اعليٰ (خانبهادر الهه بخش) پاڻ به شريڪ هو.

"ڏلن واري ان منصوبي جي سامهون اچڻ بعد (جنهن تي عوام جي شديد مخالفت جي باوجود هينئر عمل ٿيڻو آهي) سنڌ ۾ ٽيندڙ واقعات تمام افسوسناڪ آهن. هتان جي ڪانگريس جي روش مان ائين پيو معلوم ٿئي ٿ هوءَ ڪانگريس نه پر مهاسبا آهي. ساڳيءَ طرح موجوده سنڌ وزارت جي هلت به حد درجي قابل نفرت آهي. اها وزارت قائم هن طرح ٿي هئي، ته به مسلمان وزير(۱) "يونائٽيڊ پارٽي" جا هئا، جيڪي پنهنجي ان پارٽيءَ ڏانهن جوابده هئا، پر جيڪو سلوڪ انهن وزيرن پنهنجي پارٽيءَ سان ڪيو آهي، تنهن جو مثال جمهوريت جي تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. پهريان ته هنن پارٽي سان صلاح ڪرڻ کان سواءِ ڏلن وڌائڻ جو منصوبو ٺاهيو. ان کان پوءِ جڏهن پارٽيءَ ڪائنس گهر ڪئي ته ان منصوبي کي پارهن مهينن لاءِ ملتوي ڪيو وڃي ته اها ڳالهه به ڪانه سڃيائون، حالانڪ التوا واري ان مطالبي ٿيڻ وقت وزير پاڻ به ان ميٽنگ ۾ موجود هئا ۽ ان مطالبي جي فائدي ۾ نظر ٿي آيا. انهن وزيرن آخر ۾، ڏاڍائي ڪري ۽ پنهنجي ضمير جي آواز کي ٽڪرائي ڏلن وڌائڻ

---

(۱) اهي به مسلمان وزير هئا: خانبهادر الهه بخش مرحوم ۽ پير الاهي بخش مرحوم، سائين ٽيون هندو وزير ديوان نهچلداس هو. وزارت ۾ ڪل اهي ٽي وزير هئا. اها وزارت، جيڪا صوبي جي جدائيءَ کان پوءِ سنڌ جي پهرين وزارت هئي، مارچ ۱۹۳۸ع ۾ سر غلام حسين جي وزارت کي ڪيرائي قائم ڪئي ويئي هئي. ان وزارت ٺاهڻ ۾ مسلمان جي يونائيٽيڊ پارٽي ۽ ڪانگريس پارٽي شريڪ هيون. ـ راشدي

جي منصوبي کي عمل ۾ آڻي چڏيو. پارٽيءَ، سندن ان باغيانہ قدم جي پيش نظر، کانئن استعفا جي گهر ڪئي، پر هنن وزارت مان استعفا ڏيڻ بدران پاڻ پارٽي کان استعفا ڏئي چڏي. نتيجو اهو نڪتو جو سنڌ جي هڪ ڪُنڊ ڪان ٻيءَ ڪنڊ تائين شديد ناراضگي پيدا ٿي وئي، پر وزيرن ان جو ڪوبہ اثر قبول ڪونہ ڪيو.

"انهن ڪارگذارين ۾ ڪانگريس پارٽيءَ ڪهڙو ٻهرو ورتو، ان جي باري ۾ ٻه ڪجهہ احوال ٻڌو. مثلاً سنڌ اندر ڪانگريس پارٽيءَ پاڻ کي آگهاڙو ڪري چڏيو آهي ۽ هيءَ ثابت ڪيو اٿائين تہ ڪيس نہ پنهنجن اصولن جي پرواهہ آهي، نہ پنهنجن آڳ جي ڪيل اعلانن جي، ۽ نہ ئي پنهنجي روش ۾ ربط پيدا ڪرڻ جي.

"جنهن وقت ڏلن جي سوال تي بحث هلي رهيو هو، ان وقت ڪانگريس پاڻ ڏلن وڌائڻ جي مخالفت پئي ڪئي. ان مخالفت ۾ مسٽر جيرامداس دولترام، جيڪو سنڌ طرفان مرڪزي ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ جو ميمبر آهي، پڻ شريڪ هو. ڪانگريس ان مضمون جا ٺهراءَ پاس ڪيا ۽ وزيرن ڏانهن تارون موڪليون ۽ ان تجويز تي ملامت جو اظهار ڪندي ان کي واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو. سنڌ جي موجوده وزارت کي ڌاهڻ جي معاملي ۾ ڪانگريس کي وڏي قوت حاصل هئي. ها وزارت ٺهي ٿي هئي ڪانگريس پارٽيءَ جي پٺپرائيءَ جي آڌار تي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪانگريس پارٽي پنهنجن اصولن ۽ اعلانن تي ثابت قدم رهي ها تہ وزارت کي ڪا مجال ئي ڪانہ هئي تہ هوءَ عوام جي راءِ کي ريٽي ڏلون وڌائي ها.

"ذرا تاريخن تي غور ڪريو (۽ ڪانگريس جي ڪيرين گهيرين ۽ ڦڙتين کي ڏسو):

— وزارت ڏلن وڌائڻ جو حڪم ۱۵ جولاءِ تي جاري ڪيو.

— پئي ڏينهن ڪانگريس، بطور اعتراض وزارت جي پٺپرائي (Support) ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو.

— ۲۱ تاريخ جولاءِ جو وزارت ڪانگريس پارٽيءَ سان ڳالهيون شروع ڪيون. ڪانگريس پارٽيءَ وزيرن کي چيو تہ ۲۳ جولاءِ ڪان اڳ وزارت ڏلن وڌائڻ واري فيصلي کي روڪڻ جو اعلان ڪري، ورنہ ڪانگريس عدم اعتماد واري ٺهراءَ (جيڪو اسيمبليءَ اڳيان پيش ٿي چڪو هو) تي وزارت جي خلاف صحيحون ڏيندي.

— وزارت ڪانگريس جي چوڻ موجب اعلان ڪونہ ڪيو، تنهنڪري ۲۵ جولاءِ جو ڪانگريس ميٽنگ ڪري وزارت کي، سندس غير آئيني ۽ خراب هلت ڪري، سخت نندیو ۽ سندس خلاف ملامت جي ووٽ تي صحيح ڪرڻ جو ارادو ڏيکاريو، ان شرط سان تہ جيڪا نئين وزارت ٺهندي، سا ڏلن واريءَ رٽ کي سال لاءِ واپس وٺڻ جو عهد نامو ڪندي.

"ظاهري طور، ڪانگريس پارٽي جي ان آخري ۽ حتمي فيصلي بعد ڪنهن لاءِ ۾ وهم ۽ گمان جي گنجائش ڪانه رهي هئي ته هوءَ محض فرقه پرستيءَ جي خيال سان، ايترو جلد پنهنجي اهڙي فيصلي تان ڦري ويندي. مگر ٿيو ڇا؟ پهريان ڪانگريس اسيمبليءَ ۾ مخالف پارٽيءَ سان عهدنامو ڪيو ته موجوده وزارت جي ڏهن واريءَ صورت ۾ هوءَ ڪابه وزارت ڪانه ٺاهيندي، بشرطيڪ ڏلن وڏائڻ وارو فيصلو اڳواٽ واپس ورتل نه هوندو. پر پوءِ اسان جي تعجب جي ڪا حد ڪانه رهي، جڏهن معلوم ٿيو ته ڪانگريس وارا ان کان پوءِ به الهه بخش وزارت سان مخفي طرح ڳالهيون پيا هلائن ۽ آخر هن ڳالهه تي پاڻ ۾ ٺاهه ڪري چڏيو اٽائون ته وزارت فقط سلائڊنگ اسڪيل واري حصي کي پارهن مهينا ملتوي ڪندي، مگر منصوبي جي باقي ٻن حصن تي ڪيل فيصلي موجب عمل قائم رهندو.

"ڪانگريس جي ان ٻه چاپڙائيءَ ۽ منافقيءَ سبب سڄي سنڌ مان ڪانگريس تي لعنت ملامت وسڻ لڳي ۽ سنڌ منجهه سندن پارٽيءَ جا پير اکڙي ويا. ان نئين صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ جي ڪانگريس وارن، سردار ولپ پائي پٽيل ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد کي سنڌ ۾ گهرايو. جناب پٽيل ڪراچيءَ ۾ پهچندي ئي ٻئي ڏينهن تي، بنا ٻئي طرف کي ٻڌي، ۽ بنا ڪنهن سبب جي، سنڌ جي مسلمانن خلاف ڳالهائڻ شروع ڪيو. جلد ابوالڪلام آزاد به هت پهتو ۽ ان کان پوءِ سنڌ جي ٻنهين ڌرين سان سندن ڳالهيون هليون. آخر فيصلو اهو ٿيو ته جيڪڏهن سنڌ جي وزارت ڏلن وارو منصوبو واپس نه ٿي وڃي ۽ سندس خلاف عدم اعتماد جي رٽ اسيمبليءَ ۾ پيش ٿئي ٿي ته ڪانگريس پارٽي نيوٽرل رهندي. ڪانگريس جو اهو فيصلو به هڪ لحاظ کان اڻ وٽندڙ هو. ڪانگريس کي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڏهه سيٽون هيون ۽ سندس نيوٽرل رهڻ جي اِها معنيٰ ٿي ٿيي ته ڏلن جهڙي نازڪ سوال تي به سنڌ جا اِهي ڏهه تڪ ڪابه راءِ ڏئي نه سگهندا. ان کان سواءِ سنڌ جي جنهن وزارت اهڙيون غير آئيني حرڪتون ڪيون هيون، ان کي جوڪي سزا ڏيڻ واري پهلوءَ کي به نظرانداز ڪيو ويو هو، حالانڪ ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ جي پنهنجي راءِ به اِها هئي ته وزارت جي هلت قابل اعتراض رهي هئي.

"اصل ۾ سچي ۽ بنيادي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪانگريس انهن ورن وڪڙن کائڻ سان، اڻ سڌيءَ طرح، موجوده غلط ڪار وزارت کي قائم رکڻ گهري ٿي. ڪانگريس جي 'فرض فراموشي' ظاهر ٿي چڪي آهي. موجوده وزارت جڏهن کان قائم ٿي آهي، اسيمبليءَ جو اجلاس ڪونه سڏايو اٽائين (سواءِ پندرهن ڏينهن جي، جڏهن مئي مهيني ۾ هڪ تڪڙو اجلاس سڏايو هئائين). اسيمبليءَ جي ايجنڊا تي ۱۰۸ بل، سوين ٺهرائن جا نوٽس ۽ هزارين سوال چڙهي چڪا آهن. مخالف ڌر جي اڳواڻ، وزارت خلاف عدم اعتماد جي ٺهراءُ جو نوٽيس پڻ موڪلي چڏيو آهي، جنهن ۾

چاڻايو اڻائين تہ ڪانگريس جي نيوٽرل هجڻ واري اعلان ڪان پوءِ وزارت ڪي اسيمبلي اندر اڪثريت جي حمايت حاصل ڪائم رهي آهي ۽ جنهن صورت ۾ باقي ميمبرن جي اڪثريت مخالف ڏر جي حامي ٻڌجي چڪي آهي، تنهن صورت ۾ اسيمبليءَ جو اجلاس هڪدم سڏائي هڪ نہ هڪ فيصلو وٺڻ گهرجي. انهن حالتن هيٺ هاڻي وزارت جو گهر حمايتن ڪان خالي ٿي چڪو آهي. ڪنهن به پارٽيءَ جي سپورٽ کيس حاصل ڪائم رهي آهي. وزارت فقط اڪلن تي پنهنجو گذارو ڪري. ان قسم جي وزارت کي وڌيڪ وقت چالو رکڻ آئيني ۽ جمهوري اصولن سان هاڃي ڪرڻي آهي.

"آءٌ ڪانگريس کان پڇڻ گهران ٿو تہ هوءَ ان باري ۾ هينئر چا ڪرڻ گهري ٿي؟ موجوده وزارت کان اڳ واري دؤر ۾ ڪانگريس کي هر وقت انتظار لڳل رهندو هو تہ اسيمبليءَ جا اجلاس تڪڙا تڪڙا سڏايا وڃن. چا هوءَ هينئر سنڌ جي گورنر تي زور آڻڻ لاءِ تيار آهي تہ اسيمبليءَ جو اجلاس هڪدم ڪوٺايو وڃي ۽ سنڌ جي صوبي کي هاڻوڪيءَ وزارت جي تباهڪارين کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي؟

"ڪانگريس لاءِ رستو ڪيتري قدر به صاف ۽ سڌو ڇونہ هجي، پر هوءَ ان تي بنهہ ڪائم هلندي. ڪانگريس ڪليو ڪلايو هندن جي جماعت آهي، هوءَ هر حال ۾ هاڻوڪيءَ وزارت کي قائم رکڻ گهري ٿي، ڇوتہ هندو مهاسڀا وارا وزارت جي پٺيرائي ڪري رهيا آهن. مهاسڀا وارن جي مراد اها آهي تہ هو ان وزارت ذريعي سنڌ جي مسلمانن کي تباهہ ۽ برباد ڪرائي ڇڏين. ان سازش ۾ ڪانگريس به ساڻن شامل آهي ۽ اهوئي ڪارڻ آهي جو هوءَ پنهنجن مڙني نام نهاد اصولن ۽ اعلانن تان قرندي رهي آهي.

"پر، هڪ ڳالهہ چڱي ٿي آهي، يعني سنڌ ۾ هينئر ڪانگريس اگهاڙي ٿي پئي آهي ۽ پنهنجي تابوت ۾ آخري ڪلي ٺوڪي چڪي آهي.

عام هندن کي تسلي:

"هن خطبي کي ختم ڪرڻ کان پهريان آءٌ سنڌ جي هموطن هندن کي مشوري طور هيءَ چوڻ گهران ٿو تہ هن صوبي جي ترقي ٽيڻ اوستائين مشڪل رهندي، جيستائين سندن اها ڪوشش هوندي تہ هو مسلمانن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، هڪ اهڙيءَ وزارت جي ذريعي پنهنجو راج قائم ڪن، جيڪا وزارت پنهنجي ولر ڪان وڃڻي خود پنهنجي مسلمان قوم ۾ نفرت ۽ ملامت جو نشانو ٻڌجي چڪي آهي. فرقہ پرستيءَ مان، آخرڪار، ڪنهن به قوم يا فرقي کي فائدو ڪونہ پهچڻو آهي. انساني حياتيءَ جي وڏن مسئلن کي ڏاڙيلن وارن طريقن سان حل ڪري ڪونہ ٿو سگهجي. ملڪ جي سياسي زندگيءَ کي صاف ۽ آئيني اقدارن کي هر حال ۾ ملحوظ ڪرڻ جڳهائي. انهن اصولن تي جيڪو فرقو عمل نہ ڪندو، سو گويا ساري ملڪ سان دشمني ڪندو.

"پنهنجي پاران آءٌ سنڌ جي هندن کي تسلي ڏيئ گهران ٿو ته جيڪڏهن مسلم ليگ پاور ۾ آئي ته هوءَ هندن ۽ ٻين اقليتن جي حقن جي اهڙي ئي تندهي ۽ ايمانداريءَ سان حفاظت ڪندي، جهڙي مسلمانن جي حقن جي. ان باري ۾ کين ڪا تشويش نه هجئ گهرجي، حتاڪ ان صورت ۾ به جيڪڏهن هو موجوده وزارت، جنهن جا مسلمان مخالف آهن، جي اڳيا به پٽيرائي ڪندا رهندا. انتقام ۽ بدلو وٺڻ مسلم ليگ جي اصولن جي خلاف آهي. ان يقين ڏيارڻ کان پوءِ آءٌ البته کين هيءَ به چوندس ته هو موجوده وزارت جي باري ۾ پنهنجي روش تي نظرثاني ڪن. آخر ڪيستائين هاڻوڪيون شڪي حالتون ۽ بي‌اعتباري ۽ ڪشمڪش جي ڪيفيت جاري رهندي؟ ڇا هو سمجهن ٿا ته انهن طريقن اختيار ڪرڻ سان هو صوبي جي ماڻهن سان پلائي ڪري رهيا آهن؟

"خطبي جي پڇاڙيءَ ۾ آءٌ اوهان صاحبن جي رهنمائي حاصل ڪرڻ جي غرض سان ڪجهه نڪتا پيش ڪريان ٿو:

(۱) سنڌ جا مسلمان پسمانده آهن ۽ سندن اها پسماندگي ايستائين ڪائم ويندي، جيستائين هاڻوڪي وزارت برسر اقتدار رهندي، جنهن جي ۳۵ مان ۲۶ مسلمان ميمبر مخالفت ڪري رهيا آهن.

(۲) هندن پاڻ ۾ ٻڌي ڪري هيءَ پاليسي اختيار ڏني آهي ته موجوده اڻ وٽنڊڻ وزارت کي هو هر حال ۾ قائم رکيون ايندا.

(۳) ڪانگريس پاڻ کي وزارت جي معاملي ۾ نيوٽرل ظاهر ڪري صوبي کي نقصان پهچائي رهي آهي.

(۴) سنڌ جو گورنر اسيمبليءَ جو اجلاس سڏائي فيصلي ڪرائڻ لاءِ تيار نه آهي، باوجود هنن ڪالهين جي ته:

(الف) موجوده وزارت کي يونائيٽڊ پارٽي، جنهن سان هن جي وابستگي هئي، رد ڪري چڪي آهي. ڪانگريس پارٽي به ووٽ جي باري ۾ نيوٽرل رهڻ جو فيصلو ڪيو ٿو ڏسجي.

(ب) گورنر جي اها روش ۽ موجوده وزارت جو اڳيا به قائم رهڻ ۱۹۳۵ع واري آئين جي خلاف آهي ۽ پڻ انهن هدايتن جي، جيڪي بادشاهه وٽان Instrument of Instructions جي ذريعي گورنر کي ڏنل آهن.

(ج) اپوزيشن جي ليڈر وزارت جي خلاف عدم اعتماد جي ٺهراءُ جو نوٽيس گورنر ڏانهن موڪلي ڏنو آهي (پر گورنر پنهنجن خطن ۾ ان اطلاع جو ڪو حوالو به ڪونه ٿو ڏئي.)

(د) اسيمبليءَ جو ڪيترو پيو ڪم به اجلاس نه سڏجڻ ڪري رڪيو پيو آهي.

(هم) موجوده وزارت جي اڃا به قائم رهڻ ڪري سنڌ جي انتظام جي حالت ابتر ٿي رهي آهي.

"اهو آهي اختصار انهن مسئلن جو، جيڪي هن ڪانفرنس جي اڳيان ٿهرائن جي صورت ۾ پيش ٿيندا ۽ اوهان کي انهن جي باري ۾ اسان جي رهنمائي ڪرڻي پوندي.

"خطبہ استقباليہ کي ختم ڪرڻ کان اڳ آءٌ انهن سائين جو شڪريو ادا ڪرڻ گهران ٿو، جن هن ڪانفرنس کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو آهي. مثلاً شيخ عبدالمجيد سنڌي، سر غلام حسين هدايت الله، مسٽر گزدر، مسٽر جي. ايم. سيد، سيد، ملڪ عبدالعزيز، خانبهادر کهڙو، مسٽر ايم. اي. خالق، مسٽر غلام علي خان، مولانا ثناءالله، مولوي حقاني، سيد ايم. اسلم، مسٽر آغا، حاجي عبدالعزيز، مسٽر يوسف هارون ۽ سيد علي محمد راشدي، (ڪانفرنس جو جنرل سيڪريٽري) ۽ ٻيا اهي حضرات، جن هن باري ۾ وڏي محنت ڪئي آهي ۽ وڏي تڪليف برداشت ڪئي آهي."

— ۲ —

آل انڊيا مسلم ليگ جو ۳۱ـ اجلاس

جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه (ايم. ايل. اي.)

استقباليہ ڪاميٽيءَ جي چيئرمن جي تقرير

جناب قائداعظم، محترم خواتين ۽ معزز حضرات!

آل انڊيا مسلم ليگ جي استقباليہ ڪاميٽيءَ طرفان آءٌ اوهان سڀني حضرات جو هن "سرزمين سنڌو" ۾ خيرمقدم ڪريان ٿو.

"سنڌو" مان منهنجو مطلب ايشيا کنڈ جو اهو پاڳو آهي، جو درياهہ سنڌ ۽ ان سان ملحقہ ندين جي ڪنارن سان لاڳو ملڪ آهي. قديم زماني ۾ سنڌ ۽ هند جدا ملڪ سڏبا هئا ۽ سنڌ ۾ ڪشمير، صوبہ سرحد، پنجاب، بلوچستان ۽ موجوده صوبہ سنڌ شمار ڪيا ويندا هئا، ليڪن جيئن زمانو گذرندو ويو، تيئن انهيءَ نالي وارو ملڪ اراضيءَ ۾ گهٽبو ويو، تان جو هينئر درياهہ سنڌ جي فقط آخري حصي واري اراضيءَ سان وڃي منسوب ٿيو آهي. اڄ انهيءَ حقيقت کان بخوبي واقف رهي، اسان انهيءَ منزل ڏانهن دوباره وڪ وڌائي رهيا آهيون، جنهن ۾ اهي سنڌ جا مختلف حصا وري ملي، هڪ ٿي ويندا، جنهن جو راز "پاڪستان" جي پياري نالي ۾ مضمر آهي.

حضرات! سنڌ جي ماضي کي قدرت شاندار بنايو هو ۽ اسان کي اميد آهي تہ سنڌ جو مستقبل بہ اهڙوئي شاندار ٿيندو. ڪيترين ڳالهين ۾ هن سرزمين جي تاريخ يگاني ۽ يڪتا آهي. هيءَ ملڪ قديم تهذيب جو گهوارو ٿي رهيو آهي، جنهن جي تصديق موهن جي دڙي ۽ ٽئڪسيلا جون کوجنائون ڪري رهيون آهن. هن سرزمين

۽ کيترائي نسل رلي ملي هڪ ٿي ويا آهن. هتي دراويدي، ساماٽيٽ، آريه، منگول ۽ حبشي نسلن جا نشان اڃا تائين نمودار آهن. هتي ڪيئي قومون آيون ۽ هن سرزمين نہ فقط نسلن ۽ قومن کي ڳڏي هڪ ڪري ڏيکاريو آهي، بلڪ جنهن پيماني تي متضاد فلسفات ۽ مختلف مذهبن جو اختلاف ڪري ڏيکاريو آهي، ان جو مثال دنيا جي ڪنهن ٻئي حصي ۽ مشڪل نظر ايندو. ٻڌ ڌرم جيتوڻيڪ سرزمين هند ۽ ظهور ورتو، تڏهن به ان جا عقيدا جيتري قدر اڃا تائين سرزمين سنڌ ۽ اثرائتا نظر اچن ٿا، اوترا سندس ظهور واري زمين تي اڄ پيدا نہ آهن ۽ مهاتما ٻڌ جو "نفي" (نروان) وارو پڙهايل سبق هن ملڪ جي ماڻهن اڃا نہ وساريو آهي. جڏهن اسلام هن سرزمين تي پير پاتو، تڏهن ٻڌ جي "نفيءَ" واريءَ تعليم ۽ "اثبات" جو اضافو ٿيو. ويدانت ۽ وحدانيت جي فلسفن جو به هڪ ٻئي تي جيترو اثر هن ملڪ اندر پيدا ٿيو، اوترو ٻئي ڪنهن هنڌ ڪونہ ٿيو. هڪ طرف هندو جوڪين تي وحدانيت اثر وڌو ۽ بت پرستي گهٽجڻ لڳي تہ ٻئي طرف مسلم درويش سنياس ۽ راڳ مان مستفيد ٿيا ۽ اهڙيءَ طرح هندو ۽ مسلم عقائد هڪ ٻئي کي وڌيڪ ويجها آيا. گرو نانڪ صاحب جي سکيا انهيءَ حقيقت جو هڪ خاص مثال آهي. مذهبي اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ شاهہ ڀٽائي جهڙن صوفي شاعرن جي نيڪ ڪوشش هميشه هلندي رهي آهي. هن سرزمين جي باشندن خيالي اتحاد جي قيام جو جيڪو عملي ثبوت پيش ڪيو آهي، سو ناقابل ترديد حقيقت آهي ۽ انهيءَ ڪري چوت چات جا فرق ڦير هن سرزمين ۽ ايتري قدر نظر نٿا اچن، جيتري قدر ٻين هنڌن تي اهي نمايان ڏسجن ٿا. واپار ۽ تجارت جي ذريعي مشرق ۽ مغرب جي مختلف تهذيبن کي ملائي هڪ ڪرڻ لاءِ قدرت طرفان جيڪا ڪوشش هن سرزمين تي ٿي آهي، اهڙي ٻئي هنڌ ڪٿي بہ ڪانہ ٿي آهي. هڪ طرف ديبل جو بندر بحري تجارت جو مرڪز هو تہ ٻئي طرف سنڌ جا قافلا بين‌الاقوامي تجارت جو سلسلو بخارا ۽ سمرقند تائين جاري رکندا رهيا. درياءَ سنڌ جي زرخيز زمين ڪيترين ٿي قومن کي ڪشش ڪري هن سرزمين تي آندو، جن مان گهڻيون هت پنهنجو وطن ڪري ويهي رهيون، جنهن جو ثبوت هڪ طرف آثار قديم ۽ ٻئي طرف تاريخي ڪتاب پيش ڪري رهيا آهن.

سياسي نقطہ نگاہ کان هتي ملڪ گهڻن ئي قومن ۽ نسلن جو آماجگاہ ٿي رهيو آهي. هن ملڪ جي زرخيزيءَ تازہ طبع جنگي نسلن کي ٻاهندي طرف کان هت اچڻ لاءِ گهٽو ڪري ٻئي حرصايو آهي ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪي قليل ڦرلٽ جي مال تي راضي ٿي هتان موٽي هليا ويا تہ گهٽا هت اچڻ بعد وري موٽي وڃڻ تي مائل نہ ٿيا، جنهنڪري هن ملڪ جي ماڻهن جي رڳن ۽ هميشه تازہ خون موجزن رهندو آيو آهي. انهيءَ ڪري ٿي بابل، مصر، ايران، يونان، عربستان ۽ افغانستان جا آثار اڄ بہ آساني‌ءَ سان هت نظر اچي سگهن ٿا، جن جي اثر جي مقابلي ۽ جنوبي

هندستان جو جيڪڏهن ڪو اثر هن سرزمين تي آهي تہ اهو ڪوبہ وزن ڪونہ ٿو رکي. مٿيون مختصر احوال هن ملڪ جي شاندار ماضيءَ بابت محض هن مراد سان عرض رکيو اٿم تہ جيڪي ماڻهو هينئر "هندي" تسلط هيٺ فريفتہ ٿي سندن جي شان ۽ عروج کي وساري ويٺا آهن يا وساري چڏڻ لاءِ تيار آهن، تن جي ستل غيرت کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ هي حقيقتون تازيانہ جو ڪم ڏئي سگهن.

گاهي گاهي باز خوان اين دفتر پارينہ را

جنهن صورت ۾ اوهان کي هن ملڪ جي شاندار ماضيءَ مان ڪي ٽڪرا ياد آوري لاءِ پيش ڪيا اٿم، تنهن صورت ۾ اهو بہ ضروري آهي تہ هن ملڪ جي مستقبل بابت ڪي پنهنجا رايا توهان اڳيان پنهنجي خيال موجب ظاهر ڪريان. انسان ابتداءِ آفرينش کان وٺي ارتقائي مرحلا طئي ڪندو پنهنجي اصلي مقصد يعني انسان ذات جي وحدت افڪار و ڪردار ڏي وڌي رهيو آهي. ان جون مذهبي خواه سياسي، نسلي خواه اقتصادي هنگامہ آرايون ۽ تمنائون صرف ان مقصد عام کي پهچڻ لاءِ جدا جدا ڪوششون آهن، تواريخ جي هرهڪ صفحي مان توهان کي هن ارتقائي امر جو سلسلو صاف ڏسڻ ۾ ايندو. اوائل ۾ انسان ذات نندڻ ننڍن ڪٽنبن ۾ ورهايل هئي ۽ پوءِ ڪٽنبن مان ڳڙجي قبيلا قائم ٿيا، جن وري پوءِ قومن جي صورت اختيار ڪئي. انهيءَ اتحاد جا بنياد بہ مختلف هئا، جن مان ڪي هي هئا، ملڪ، زبان، طريقہ زندگي ۽ خيالات. ڪجهہ وقت کان پوءِ مادہ پرستي تي اتحاد جو بنياد آهستي آهستي ڪمزور ثابت ٿيڻ لڳو ۽ ان جي عيوض تخيل وڌيڪ مقبوليت حاصل ڪرڻ لڳو. نيٺ عربستان جي ريگستان مان هڪ نئون آواز اٿيو، جنهن قبيلن ۽ قومن کي اهڙي نئين طريقي سان ملائي متحد ڪري چڏيو، جنهن جهڙي ڪاميابي دنيا جي تواريخ مان اڳي ڪنهن بہ طريقي حاصل نہ ڪئي هئي. اِهو طريقو آهو هو، جنهن نسل، رنگ، طريقہ زندگي، ملڪ ۽ زبان وغيره جا امتياز، جن تي اتحاد جو بنياد اڳي رکيو ويندو هو، سي خارج ڪري ڪڍي چڏيا. جيتوڻيڪ شروع ۾ انهيءَ آواز جو اثر قديم دنيا جي وڏي حصي کي ويڙهي ويو، تڏهن بہ دنيا وري پراڻن خيالات ۽ خرافات ۾ غلطان ٿيڻ لڳي، جنهن جو نتيجو هيءَ نڪتو جو ملت جو شيرازو منتشر ٿيڻ لڳو ۽ جيڪي انهيءَ نئين طريقي جا امانتدار هئا، سي هڪ ٻئي کان ڇڄي تفرقي جي قيد ۾ اڃي تنزل طرف هلڻ لڳا. ان خاميءَ کي سندوءَ جي سرزمين جي ڪن دانا ۽ دور نظر هستين محسوس ڪري ورتو، جن مان شاهہ ولي اللهؒ، سيد احمد ۽ سيد جمال الدين افغاني قابل ذڪر آهن.) جن ملت اسلام جي اصلي تعليم تازه ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. الحمدلله جو موجوده دؤر اهو آواز نئين سر اٿاريو، جنهن جي اثر جي برڪت سان اڄ توهان پنهنجي ملت جي تازه دمي ڏسي رهيا آهيو.

ٻي طرف مغرب ۾ گهٽي خونريزي بعد محسوس ڪرڻ لڳو آهي ته جيستائين انساني اتحاد جو بنياد بلڪل بدلايو نه ويندو، تيستائين دنيا جو ڪو ڪلياڻ ڪونه ٿي سگهندو. اڄ ۾ خيالن جي يڪاني جي دعويٰ عام شيوو ٿي رهي آهي، مگر اهي خيالات وري وري پيا آزمائجن، جي ناقص آهن ۽ اڳئي آزمائي ڏٺا ويا آهن ته برابر ناقص ۽ بي سود آهن، جنهن ڪري وري ۾ ناڪامياب ثابت ٿين ٿا ۽ هڪ جنگ مٽان وري ٻي جنگ پيدا ڪن ٿا. دنيا جي مشڪلات جا بي اثر حل جدا جدا نالن هيٺ سرسري غور ڪرڻ سان وري وري پيش ڪيا وڃن ٿا، جن ڪي ڪوبه جڳهه حاصل نٿو ٿئي ۽ ٿورن سالن اندر جي انسان جي تواريخ ۾ ڪن گهڙين برابر آهن، پاڻيءَ جي چٽ وانگر چٽ ٿيو وڃن! جيتوڻيڪ عالمگير اخوت ۽ انساني اتحاد جي جستجو اڄ شروع ٿي چڪي آهي، تڏهن ب. حقيقي همنوائي ۽ ابدي اصلاح تيستائين قائم نه ٿي سگهندا، جيستائين ڪ دنيا جي موجوده سياسي، اقتصادي ۽ مذهبي نظريات جو ڪو خاطرخواه حل هٿ نه ڪيو ويو آهي. انهيءَ قسم جي حل هٿ ڪرڻ ۽ ان ڪي عملي صورت اختيار ڪرائڻ لاءِ تواريخي روايات جي بنياد تي ڪنهن خاص ملڪي ماحول ۽ دماغي تربيت جي ضرورت آهي. انهيءَ عالي مقصد جي سرانجاميءَ لاءِ سنڌوءَ جي سرزمين جا باشندا دنيا جي ٻين پاڳن جي رهاڪن کان قدرت زياده قابل بنايا آهن. قديم زماني جي تواريخ شاهد آهي ته هن سرزمين ۾ مختلف نسل، تهذيبون، مذهبي فلسفا ۽ سياسي طريقا ڪيئن گڏجي هڪ ٿيا آهن. دنيا جي نئين نظام قائم ڪرڻ ۾ مشرق ۽ مغرب ڪي پاڻ ۾ ملائڻ لاءِ "سرزمين سنڌو" خاص پيغام ڏيندي، جنهن جا آثار آڳ اڳئي ڏسي رهيو آهيان. ان پيغام جي ابتدا هن سرزمين تان ٿيندي. جيتوڻيڪ روس ۽ آمريڪا جا اقتصادي ۽ سياسي عقيدا هڪ ٻئي جي مخالف آهن، تڏهن ب جيڪڏهن دنيا جي نئين نظام ڪي نزديڪ تر آڻڻ لاءِ هو پاڻ ۾ گڏجي ڪوشش وٺي سگهن ٿا ته ملڪ خضر حيات خان ۽ سرچوٽو رام چونه گڏجي مٽيون پيغام پهچائڻ لاءِ همنوا ٿي مثال پيش ڪري سگهن ٿا؟ ليڪن ارمان آهي ته عارضي ۽ بي بقا ڪانڊيايي آڻڻ لاءِ هند جا ڪي باشندا هن سرزمين جي ماٿهن ڪي پنهلائي ۽ پڙڪائي رهيا آهن ۽ اسان جي هن سرزمين جا ڪي مسلم خواه غيرمسلم دوست انهن جي گمراه ڪندڙ پروپيگنڊا جي اثر هيٺ اچي ويا آهن ۽ هنن تواريخ خواه حقيقت ڪي نظرانداز ڪري چڏيو آهي ۽ "متحده قوميت" ۽ "متحده هندستان" جا آواز اڀاري رهيا آهن. مگر سرزمين سنڌوءَ جا باشندا نه فقط هندستان مگر ساري روءِ زمين ڪي متحد ڪرڻ گهرن ٿا! الله تعالىٰ شال اسان جي دوستن ڪي راهه هدايت نصيب ڪندو. مگر جيڪڏهن هو غير جي جادو بياني ۾ جي چارڪان پاڻ ڪي آجو نه ڪندا ته ان مان اجايو فتنو ۽ فتور پيدا ٿيندو!

سرزمين سنڌوءَ جا باشندا هاڻ سڃاڻ ٿي چڪا آهن ۽ دنيا جي نئين نظام جي تنظيم ۾ بهرو وٺڻ لاءِ هنن ڪي غير جي اثر کان ضرور آزاد ڪرائڻ گهرجي!

آءُ وري بہ پنهنجي ملڪ جي غيرمسلمن کي اپيل ٿو ڪريان تہ اسان سان هٿ هڻ ۽ ڏيئي پنهنجي وطن کي آزاد ۽ خودمختيار بنائڻ ۾ مدد ڪريو. "مسلمانن کان خريد ڪريو" جي تحريڪ جڏهن اسان شروع ڪئي تہ هنن هاءِ گهوڑا مچائي ڏني، جنهن مان هنن ظاهر ثبوت ڏنو تہ اسان جي انهن دوستن ۾ قوميت جو احساس بلڪل ڪونہ آهي. اسان جا مسلمان هنر خواهہ دولت ۾ پٺتي پيل آهن، تنهنڪري اسان جي غيرمسلم هموطن دوستن کي جيڪڏهن قوميت جو صحيح جذبو هجي ها تہ جيڪر اسان جي انهيءَ تحريڪ جي تائيد ڪري مسلمانن کي همٿائي ملڪ ۾ جمهوري حڪومت جو بنياد ۽ ان جي باشندن جي اقتصادي بهتريءَ جو باعث بنجي پون ها. مگر جڏهن بہ ڪي مسلمان پنهنجي مسلم پاڙن جي حالت سڌارڻ جي ڪوشش ڪن ٿا تہ ڪين همٿائڻ جي عيوض اسان جا غيرمسلم دوست پاڻ مسلمانن جي مخالفت ۽ ان تي اعتراض ڪن ٿا، مگر هو نٿا ڏسن تہ سندن اها روش سندن قومي احساس جي قلت ۽ سندن تنگدستي جو مظاهرو ڪري ٿي، جنهن مان قومي اتحاد جي اميد بلڪل نابود ٿي وڃي ٿي. ان هوندي بہ جيڪڏهن هو انهيءَ روش تان نہ هٽندا تہ پوءِ اسان مسلمانن لاءِ فقط هي رستو رهندو جو اسان اللہ تعالىٰ تي توڪل ڪري پنهنجي نجات ۽ فلاح جي رستي تي وڪ اڇٽي وڌايون.

هن موقعي تي آءُ هند جي مسلمانن کي اپيل ٿو ڪريان تہ جيتوڻيڪ اسان جي هن سرزمين جي غيرمسلم باشندن جو مفاد مسلم مفاد سان ناموافق بہ نہ آهي، تڏهن بہ هو هند جي غيرمسلمانن سان ملي اسان کي هند جو غلام بنائڻ ۾ هنن جي حمايت ڪري رهيا آهن، فقط انهيءَ سبب ڪري جو اسان مسلمان آهيون. ان صورت ۾ هند جي هرهڪ مسلمان جو فرض آهي تہ اسان جي هن سرزمين کي آزاد ۽ خودمختيار ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪري. پاڪستان جي تحريڪ ۽ هند جي مسلمانن جيڪي نيڪ ڪوششون ڪيون آهن، تن جو مون کي پورو پورو اعتراف آهي، مگر آءُ سمجهان ٿو تہ اهي ايڏا ڪافي نہ آهن. قوم جي خودمختياري ۽ آزادي فقط ٺهراءَ پاس ڪرڻ ۽ اخباري پروپئگنڈا ڪرڻ سان حاصل ڪانہ ٿيندي. انهيءَ مقصد لاءِ وڏي جدوجهد ۽ گهڻي قرباني جي ضرورت آهي. هن سرزمين جا باشندا قرباني ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ حالتون بہ سازگار آهن، مگر اسان کي ضرورت مخلص ڪارڪنن ۽ سرمايي جي آهي.

مخلص ڪارڪنن مان منهنجو مراد اهي مرد ۽ عورتون آهن، جي ملت ۽ مذهب خاطر هن ملڪ ۾ اڇن ملت جي سياسي ۽ معاشرتي ترقي لاءِ خدمت ڪن ۽ اسان جي ماڻهن کي منظم ڪري آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪن.

سرمايي مان منهنجو مطلب آهي تہ هند جا مسلم سرمائيدار آئينده پنهنجي تجارتي ۽ هنري سرگرمين کي هن سرزمين ڏانهن منتقل ڪن، جيئن آئينده هي ملڪ

اقتصادي طرح پاڻ تي مدار رکندڙ ۽ پنهنجي ضرورت جي پوري ڪرڻ جو پاڻ ڪفيل ٿي سگهي.

اهي ٻيا خاميون دور ڪرڻ ۾ اوهان هند جا مسلمان، اسان جي گهڻي مدد ڪري سگهو ٿا. تاريخ شاهد آهي ته مٿي ذڪر ڪيل مقصد لاءِ هن ڪان اڳي ٻه ٽوهان سيد احمد بريلوي ۽ اسماعيل شهيد جهڙا مجاهد بزرگ اسان لاءِ موڪليا آهن. ڇا اڄ اوهان وٽ انهن جهڙا ماڻهو موجود نه آهن؟ مون کي يقين آهي ته اڄ به اهڙا احمد ۽ اسماعيل توهان وٽ موجود آهن، مگر شايد هند جي سرزمين اندر سندن سرگرميون کين اجازت نٿيون ڏين جو ٻئي ياسي متوجهه ٿي سگهن. جيڪڏهن گجرات ۾ بمبئيءَ جون عورتون هندو تسلط قائم ڪرڻ خاطر صوبه سرحد تائين وڃي سگهيون آهن ته ڇا اسان توهان ٻارن ۾ اميد رکي نٿا سگهون؟ اسان جي مستقبل سان توهان جو مستقبل وابسته آهي. هند ۾ اوهان پلي کڻي اوج تي به هجو، تڏهن به مون کي يقين آهي ته اسان جي وطن جي مضبوطيءَ کان سواءِ توهان جو اهو اوج پائدار کين ٿي سگهندو. هند ۾ توهان جو وجود اسان جي سرزمين جي اقتدار ۽ استقامت تي ئي مدار رکندو. ملت کي منزل مقصود تائين پهچائڻ لاءِ هيٺين ٽن ڳالهين جي درڪار آهي:

(۱) ملت جي منتشر شيرازي کي منظم ڪري وحدت ڪردار پيدا ڪرڻ.

(۲) ملڪ جي اقتصادي حالت درست ڪري ان کي پنهنجي پاڻ تي مدار رکندڙ ۽ پنهنجو پاڻ ڪفيل بنائڻ.

(۳) آئينده جي سياست ملي جو پروگرام اسلامي مساوات ۽ اخوت تي تعمير ڪرڻ.

پهرين ضرورت تڏهن پوري ٿيندي، جڏهن ساري ملت ۾ مجاهدانه روح قوڪي ملت جي هرهڪ بالغ فرد کي "نيشنل گارڊ" ۾ داخل ڪيو ويندو.

ٻيءَ صورت جي پوري ڪرڻ ۾ توهان هند جا مسلمان اسان جي گهڻي مدد ڪري سگهو ٿا. هن ملڪ جا باشندا گهڻو ڪري زراعت پيشه آهن، تجارت ۽ صنعت ڪان بي بهره آهن. اوهان جو پيسو ۽ تجربو اسان جي اها خامي دور ڪري سگهن ٿا. اسان توهان کي سڀ قسم جون سهوليتون ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. توهان جي انهيءَ کم کي توهان لاءِ آسان ڪري ڏيڻ لاءِ "مسلمانن کان خريد ڪريو" جي تحريڪ اسان اڳئي شروع ڪري ڏني آهي ۽ خداتعاليٰ جي فضل سان انهيءَ تحريڪ چگو اثر پيدا ڪيو آهي. انهيءَ تحريڪ جي اثر کي پايه تڪميل تائين پهچائڻ ۾ دير فقط تجربي ۽ سرمايي جي آهي. جنهنڪري اسان کي اميد آهي ته هن باري ۾ توهان اسان جي دستگيري ڪندا.

اسان جي مخالفن هينئر اسان جي ملت کي هڪ مرڪز تي گڏ ٿيندو ڏسي اسان جي ملت جي شيرازيءَ کي منتشر ڪرڻ لاءِ سرمائيداري ۽ غيرسرمائيداري جو

حربہ (هٿيار) کتب آڻڻ شروع ڪيو آهي ۽ غريب طبقي کي پنيلائي شاهوڪار طبقي خلاف پڙڪائڻ لڳا آهن. بدقسمتيءَ سان ڪيترا سادا ماڻهو انهيءَ هٿيار جا شڪار ٿيا آهن ۽ ملت جي مخالفن جا ايجنٽ ٿي ڪم ڪري رهيا آهن ۽ قوم جي مسڪنت جي مڪر سان ملت ۾ خانہ جنگي ۽ تباهي پيدا ڪري رهيا آهن. امڪان آهي تہ ڪي بڪايل ۽ بي‌علم ماڻهو صياد جي دام تزوير ۾ گرفتار ٿي وڃن. تنهنڪري اهو نهايت ضروري آهي تہ هن مسئلي کي خاطرخواهہ نموني ۾ حل ڪرڻ لاءِ ترت تدارڪ ڪيو وڃي، جنهن لاءِ اسان مان مخلص ڪارڪنن، مسڪين هارين ۽ غريب مزدورن کي مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ منظم ڪري انهن جي اقتصادي ۽ سياسي بهتريءَ واسطي سڀ ممڪن ڪوشش ڪن، جيئن مخالفن جي فتني ۽ شرارت کي هميشہ لاءِ روڪي رد ڪري ڇڏجي.

دوستو! تواريخي نقطئہ نگاهہ کان هيءَ ڪانفرنس وڏي اهميت رکي ٿي. هن وقت تائين مسلم ليگ ملت کي آزاد ۽ خودمختار قومي حڪومت جي بنياد تي متحد ڪرڻ لاءِ پئي ڪوشش ڪئي آهي. خدا جي فضل سان هينئر مسلمان انهيءَ اصول تي متحد ۽ متفق ٿي چڪا آهن ۽ هينئر انهيءَ منزل تي پهتا آهن جڏهن عملي قدمن کڻڻ جي ضرورت پيدا ٿي آهي. ملت جي سياسي تواريخ ۾ هيءَ هڪ نئين دور جي شروعات آهي.

آخر ۾ آءٌ وري بہ توهان جو شڪريو ادا ڪريان ٿو جو هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هن سياري جي موسم ۾ دور دراز ملڪن مان ڪهي هت ڪراچيءَ تائين آيا آهيو. پنهنجي مهمانن جي آسائش جي انتظام ڪرڻ لاءِ اسان پنهنجي ناقص حال سارو وس مان ڪين گهٽايو آهي. ممڪن آهي تہ ڪيترين اوڻائين رهجي ويون هجن، مگر اميد آهي تہ توهان اسان جون خاميون خيال ۾ نہ آڻيندا.

ضميمو نمبر ۱

انگريزي راج دوران سنڌ ۾ سياسي پارٽيون ۽ پريشر گروپ

۱. آل انڊيا مسلم ليگ
۲. آل انڊيا نيشنل ڪانگريس
۳. آل انڊيا خلافت ڪاميٽي
۴. انڊين نيشنل ليگ
۵. برٽش امپائر ليگ
۶. خاڪسار تحريڪ
۷. مسلم نيشنلسٽ پارٽي
۸. هوم رول ليگ
۹. جمعيت العلماء هند
۱۰. امن سڀا
۱۱. سنڌ زميندار ائسوسيئيشن
۱۲. ائنٽي سيپريشن ڪاميٽي
۱۳. ائنٽي نان ڪوآپريشن سوسائٽي
۱۴. دي نيشنل ليگ سروس

Gul Hayat Institute

۱۵. ستیاگره سپا
۱۶. سنڌ آزاد پارٽي
۱۷. سنڌ محمدن ائسوسئيشن
۱۸. سنڌ پروگريسو پارٽي
۱۹. سنڌ اسيمبلي ڪوئيلشن پارٽي
۲۰. سنڌ پوليٽيڪل ڪلب
۲۱. سنڌ پيپاز پارٽي
۲۲. سنڌ ساگر پارٽي
۲۳. سنڌ سپا
۲۴. سنڌ بلوچستان ڪميونسٽ پارٽي
۲۵. سنڌ سوراج پارٽي
۲۶. سنڌ سوشلسٽ پارٽي
۲۷. سنڌ پيپلز ڪانگريس پارٽي
۲۸. سنڌ ليگ آف پروگريس
۲۹. سنڌ ليبر پارٽي
۳۰. سنڌ مسلم پوليٽيڪل پارٽي
۳۱. سنڌ نيشنل پارٽي
۳۲. سنڌ هندو زميندار سپا
۳۳. سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي
۳۴. سوراج پارٽي
۳۵. سول ليبر ٽيز يونين
۳۶. سوراج سپا
۳۷. فرينڊس آف يونين
۳۸. لوئر سنڌ جاگيردارس ائسوسئيشن
۳۹. اپر سنڌ جاگيردارس ائسوسئيشن
۴۰. انجمن حمايت الاسلام
۴۱. سنڌ هندو سپا
۴۲. آل انڊيا مهاسپا
۴۳. نيشنل ڪنويشن ڪلب
۴۴. هاري پارٽي
۴۵. سنڌ مسلم ليگ

نوٽ: هنن سموريين پارٽين ۽ پريشر گروپن جو مختصر تعارف منهنجي ڪتاب ”انگريزي دور ۽ سياسي چرپر“ ۾ ڏنو ويو آهي.

ضميمو نمبر ۲

آل انڊيا مسلم ليگ جي سالياني ميڙن جو وچور

اجلاس نمبر	ڪٿي ٿيو	صدر جو نالو	تاريخون
۰۱	ڪراچي	سر آدم جي	۲۹ ۽ ۳۰ ڊسمبر ۱۹۰۷ع
۰۲	امرتسر	سيد علي امام	۳۰ ۽ ۳۱ ڊسمبر ۱۹۰۸ع
۰۳	دهلي	پرنس آف ارڪوٽ	۲۹ ۽ ۳۰ ڊسمبر ۱۹۰۹ع
۰۴	ناگپور	سيد نبي الله	۲۸ کان ۳۰ ڊسمبر ۱۹۱۰ع
۰۵	ڪلڪتو	نواب سليم الله	۳ ۽ ۴ مارچ ۱۹۱۲ع
۰۶	لکنؤ	ميان محمد شفيع	۲۲ ۽ ۲۳ مارچ ۱۹۱۳ع
۰۷	آگرو	سر ابراهيم رحمت الله	۳۰ ۽ ۳۱ ڊسمبر ۱۹۱۳ع
۰۸	بمبئي	مظهر الحق	۳۰ ڊسمبر ۱۹۱۰ع کان ۱ جنوري ۱۹۱۶ع

۰۹	لکنؤ	ایم۔ ای۔ جناح	۳۰ ؍ ۳۱ دسمبر ۱۹۱۶ع
۰۱۰	کلکتو	عبداللطیف احمد	۳۰ دسمبر ۱۹۱۷ع کان
			۱ جنوري ۱۹۱۸ع
۰۱۱	دهلي	ای۔ کي۔ فضل الحق	۳۰ دسمبر ۱۹۱۸ع
۰۱۲	امرتسر	حکیم اجمل خان	۲۹ کان ۳۱ دسمبر ۱۹۱۹ع
۰۱۳	ناگپور	ڈاکٹر انصاري	۳۰ کان ۳۱ دسمبر ۱۹۲۰ع
۰۱۴	احمد آباد	مولانا حسرت موهاني	۳۰ دسمبر ۱۹۲۱ع
۰۱۵	لکنؤ	رئیس غلام محمد پرگڑي	۱ اپریل ۱۹۲۳ع
۰۱۶	بمبئي	سید رضاعلي	۳۰ ؍ ۳۱ دسمبر ۱۹۲۴ع
۰۱۷	علي گڑھ	سر عبدالرحیم	۳۰ ؍ ۳۱ دسمبر ۱۹۲۵ع
۰۱۸	دهلي	شیخ عبدالقادر	۲۹ کان ۳۱ دسمبر ۱۹۲۶ع
۰۱۹	کلکتو	مولوي محمد یعقوب (جناح گروپ)	۳۰ دسمبر ۱۹۲۷ع
	لاهور	سر محمد شفیع (شفیع گروپ)	۳۱ دسمبر ۱۹۲۷ع
۰۲۰	کلکتو	مهاراجا آف محمود آباد	۲۶ کان ۳۰ دسمبر ۱۹۲۸ع
۰۲۱	الله آباد	سر محمد اقبال	۲۹ کان ۳۰ دسمبر ۱۹۳۰ع
۰۲۲	دهلي	چوڈري ظفرالله خان	۲۶ کان ۲۷ دسمبر ۱۹۳۱ع
۰۲۳	هاوراهم	میان عبدالعزیز (عزیز گروپ)	۲۱ آکٹوبر ۱۹۳۳ع
	دهلي	حافظ هدایت حسین (هدایت گروپ)	۲۵ ؍ ۲۶ نومبر ۱۹۳۳ع
۰۲۴	بمبئي	سید وزیر حسن	۱۱ ؍ ۱۲ اپریل ۱۹۳۶ع
۰۲۵	لکنؤ	ایم۔ ای۔ جناح	۱۵ کان ۱۸ آکٹوبر ۱۹۳۷ع
۰۲۶	پٹنا	ایم۔ ای۔ جناح	۲۶ کان ۲۹ دسمبر ۱۹۳۸ع
۰۲۷	لاهور	ایم۔ ای۔ جناح	۲۲ کان ۲۴ مارچ ۱۹۴۰ع
۰۲۸	مدراس	ایم۔ ای۔ جناح	۱۲ کان ۱۵ اپریل ۱۹۴۱ع
۰۲۹	الله آباد	ایم۔ ای۔ جناح	۳ کان ۶ اپریل ۱۹۴۲ع
۰۳۰	دهلي	ایم۔ ای۔ جناح	۲۴ کان ۲۶ اپریل ۱۹۴۳ع
۰۳۱	کراچي	ایم۔ ای۔ جناح	۲۴ کان ۲۶ دسمبر ۱۹۴۳ع

Gul Hayat Institute

سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس ــ ۱۹۳۸ع

ڪريم بخش خالد

چوڏهين صدي هجري جي اهم واقعن ۾ پاڪستان جي ٻڌڻ ڪي تاريخي اهميت حاصل آهي. عالمي تاريخ جي اڀياس سان معلوم ٿو ٿئي تہ دنيا جي نقشي تي پاڪستان ئي هڪ اهڙو ملڪ آهي، جيڪو نظرياتي بنيادن تي، انهن ماڻهن جي جدوجهد سبب قائم ٿيو، جيڪي هڪ خاص نظريي تي پختو يقين رکن ٿا، ۽ ان جي حفاظت لاءِ جان ۽ مال جي قرباني ڏيڻ خاطر هر وقت تيار رهن ٿا.

قديم آثارن جي ڪوجنا ڪندي، اها حقيقت ثابت ٿي چڪي آهي تہ هيءَ ملڪ جاگرافيائي لحاظ کان هميشه هڪ ملڪ ۽ گڏيل علائقو رهيو آهي، ۽ هتان جي ماڻهن جون مذهبي ۽ تمدني روايتون گهڻو ڪري هڪجهڙيون ٻڌي رهيون آهن. مقامي خصوصيتن ۽ هڪٻئي سان لاڳاپن جي فروغ ۾ محدود وسيلن سبب، انهن ۾ ڪي قدر فرق ڏسڻ ۾ ايندو، پر اهو تفاوت سندن تاريخي لاڳاپن ۾ ڪنهن رخني جو سبب ٻڌجي نہ سگهيو، ۽ هو تاريخ کان اڳ واري دور کان وٺي اڄ تائين مختلف طريقن سان، تسبيح جي داڻن وانگر پاڻ ۾ ملڻ رهندا ٻڌي آيا آهن، ۽ اهي لڳ لاڳاپا اڻهيءَ وقت لازوال بنيادن تي قائم ٿيا ۽ مضبوط ٻڌيا، جڏهن ۹۳ هجري (۷۱۲ع) ۾، مهراڻ جي وادي اسلام جي خورشيد تابان جي روشن ڪرڻن سان منور ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ آتر-اولهہ هندستان جو وسيع علائقو توحيد جي نعمت سان سرفراز ٿيو.

سنڌ ــ باب الاسلام

آزاديءَ جي جدوجهد جي مختلف مرحلن ۾، بغاوت، عدم تعاون، ترڪ موالات، سماجي سڌارا، جديد تعليم جو فروغ ۽ انگريز سان سندس ئي داؤ پيچ ذريعي مقابلو ڪرڻ شامل هئا. انهن سڀني تحريڪن ۾، هندستان جي مسلمانن نہ فقط پرپور حصو ورتو، پر اها حقيقت آهي تہ هنن نمايان ڪارناما سرانجام ڏنا. هن قومي جدوجهد جو آخري مرحلو پاڪستان جي تحريڪ هئي، جنهن ۾ مسلمانن گڏجي، والهانہ طور تي، نهايت جوش ۽ جذبي سان پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. مختلف سوچ ويچار ۽ علائقن سان لاڳاپو رکندڙ ماڻهن، فڪري ۽ عملي وحدت جو مظاهرو ڪيو ۽ قائداعظم

جي بي لوٿ ۽ عهد آفرين قيادت، ڪين آزادي ۽ ڌار وطن جي خداداد نعمتن سان نوازيو. ان سان اسان کي هيءَ سبق پڻ ملیو ته هڏي ۽ فڪري ايڪوئي ڪاميابيءَ ۽ سرفرازيءَ جي ڪنجي آهي. قائداعظم جو هيءَ قول مشهور آهي ته براعظم هند ۾، پاڪستان جي تصور جو بنياد انهيءَ وقت پيو هو، جڏهن هتي پهريون غير مسلم، توحيد جو ڪلمو پڙهي، اسلام جي حلقي ۾ شامل ٿيو هو، ۽ اسان کي معلوم آهي ته اهو تاريخ ساز واقعو سنڌ جي سرزمين تي ٿيو هو، انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو ته سنڌ فقط "باب الاسلام" ئي نه، پر پاڪستان جو پڻ دروازو آهي. تنهنڪري آزاديءَ جي هلچل ۽ پاڪستان قائم ٿيڻ جي ڏس ۾، سنڌ جي اهميت جي اندازي لڳائڻ لاءِ، قائداعظم جو اهو قول، ثبوت طور پيش ڪري سگهجي ٿو.

سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسي کان جدائي

۱۸۴۷ع تائين چارلس نيپئر، سنڌ جو گورنر رهيو، پر سندس وڃڻ کان پوءِ، سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ شامل ڪيو ويو. اهو قدم سراسر انتظامي ڏاڍ ۽ سياسي سازش هو. انهيءَ جوڙجڪ سبب ظلم ۽ ڏاڍ جو اڻ ڪٽندڙ سلسلو شروع ٿي ويو، جنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ سنڌ جي باشندن جدوجهد شروع ڪئي. سنڌ ۾ مسلمان گهٽائيءَ ۾ هئا. بمبئيءَ سان ملائڻ جي ڪري، سنڌ جي ماڻهن لاءِ نه فقط انتظامي دشواريون ۽ تڪليفون پيدا ٿيون، پر نوڪرشاهيءَ رشوت، رسائي ۽ لابي جي ڏم لڳائي ڏني. هڪ طرف بمبئيءَ جي ماروارڙي واڻين ۽ حڪومت برطانيه جي سٺاءَ، سنڌ جي مسلمانن لاءِ، جن ۾ آهي مسلمان به شامل هئا جيڪي پيڙهين کان مختلف علائقن مان هجرت ڪري سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا ۽ مقامي ماڻهن جي معاشرتي ۽ تمدني زندگيءَ جو اڻ ٽٽ حصو بڻجي چڪا هئا، تن جي لاءِ ڏکيون حالتون پيدا ڪري وڌيون ته پئي طرف مسلم اڪثريت کي بي اثر اقليت ۾ تبديل ڪري، هندو غلبي کي هٿي ڏني. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ شبهو ناهي ته هيءُ قدم به انهيءَ مسلم دشمني وارن اپائن مان هڪ هو، جيڪي برطانوي حڪومت، پنهنجي سامراجي عهد جي شروعاتي ڏينهن کان وٺي پاڪستان قائم ٿيڻ تائين، مسلمانن جي ڀيهر اوسر جي خلاف عمل ۾ آڻيندي رهي.

بمبئيءَ کان سنڌ جي آزادي، دورس سياسي اهميت واري هئي، تنهنڪري انهيءَ تحريڪ ۾ برطانوي هندستان جي ٻين علائقن جا مسلمان رهنما، سنڌ جي اڳواڻن سان ڳانهن ويلي ٿيا، مثال طور: حاجي سر عبدالله هارون، رئيس غلام محمد ڀرگڙي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سر غلام حسين هدايت الله، سر شاهنواز ڀٽو، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، سيد ميران محمد شاهه، پير علي محمد شاهه راشدي، جناب جمشيد نسروانجي ميهتا، سيد غلام مرتضيٰ شاهه سان گڏ وگڏ قائد اعظم محمد علي جناح، سر سلطان محمد شاهه آغا خان،

ميان سر محمد شفيع، جناب شفاعت احمد خان، صاحبزاده سر عبدالقيوم وغيره پڻ انهيءَ تحريڪ ۾ سرگرم عمل رهيا. پر قائد اعظم جي سياسي بصيرت، حب الوطني جي مستقبل سان سندس والهاڻ دلچسپي، هن معاملي ۾ سنڌ جي مسلمانن جي ڪاميابيءَ جو ڪارڻ بڻي. چنانچہ جيئن هيءَ هلچل منظم نموني ۾ اڳتي وڌي تہ قائد اعظم نهايت جرئت سان انهيءَ مطالبي جي پٺڀرائي ۽ توثيق ڪندو رهيو، جڏهن تہ سنڌ جي هندو مفاد پرستن ۽ بمبئيءَ جي ماروارڙي شاهوڪارن ان جي ڪلم ڪلا مخالفت ڪئي. تقريري ۽ تحريري معرڪا ٿيا. اخبارن ۾ بيان بازيءَ سان گڏوگڏ موافقت ۽ مخالفت ۾ ڪتابچا ڇاپيا ويا. هندن وٽ ان آئيني تجويز جي خلاف ڪو تہ ڪو قانوني ۽ تاريخي دليل ڪونہ هو، انهيءَ ڪري هنن هروپرو انتظامي مونجهارن ۽ مالي ڪوٽ جي بنياد تي، انهيءَ جائز گهر جي مخالفت ڪئي، ۽ بمبئيءَ جي وڏن آفيسرن جي ذريعي، جيڪي سنڌ کي شڪار، تفريح ۽ ناجائز ڪمائيءَ جو علائقو سمجهي ويٺا هئا، گڏيل مفاد خاطر غلط رپورٽون تيار ڪرائي، سنڌ جي جدائيءَ واري مسئلي کي سبوتاز ڪندا رهيا. پر قائد اعظم جي تقريرن، بيانن ۽ مسلم ليگ جي ٺهرائن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪل هند سطح تي قائد اعظم ۽ مسلم ليگ هميشہ هن مطالبي جي پرپور پٺڀرائي ڪئي.

بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ڪنڊيل هئڻ ڪري سنڌ جا باشندا ۱۸۴۷ع کان ۱۹۰۸ع تائين انگريزن ۽ هندو اڪثريت جي ٻڌي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهيا. جڏهن ۱۹۰۹ع ۾ منٽو-مارلي سڌارن کان پوءِ، سنڌ علائقي جي چئن نمائندن کي بمبئي ڪائونسل ۾ چونڊجڻ جو حق مليو، تہ خوشقسمتيءَ سان رئيس غلام محمد ڀرڳڙي به چونڊجي ويو، جيڪو برجستو قومي ڪارڪن ۽ خوددار وطن دوست هو. انهيءَ ڪري بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌ جي مسئلن تي بحث مباحثي جا امڪان پيدا ٿي ٻيا. انهيءَ کان علاوه، سنڌ ۾ صوبائي ڪانفرنسن ڪوٺائڻ سبان عوام ۾ سياسي سجاڳي پيدا ٿي. اهي ڪانفرنسون سڪر (۱۹۰۸ع)، حيدرآباد (۱۹۰۹ع)، لاڙڪاڻي (۱۹۱۶ع)، شڪارپور (۱۹۱۷ع)، ڪراچي (۱۹۱۸ع)، جيڪب آباد (۱۹۱۹ع) ۽ سڪر (۱۹۲۰ع) ۾ ٿيون ۽ سنڌ جي پين مسئلن سان گڏ، بمبئيءَ کان جدائيءَ جي سوال بابت پڻ ماٺهن ۾ جاڳرتا پيدا ٿي.

۳۱ ڊسمبر ۱۹۲۵ع تي عليگڙهہ ۾ سر عبدالرحيم جي صدارت ۾، ڪل هند مسلم ليگ جي اجلاس ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ جو ٺهراءُ پڪراءِ منظور ٿيو. قائد اعظم، سر علي امام، سر محمد شفيع، مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي، سيٺ يعقوب حسن، ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو، مولانا حسرت موهاني، جناب آصف علي، جناب آل نبي، جناب تصدق احمد خان شيرواني ۽ صاحبزاده آفتاب احمد خان بحث ۾ حصو ورتو. ٺهراءُ شيخ عبدالمجيد سنڌي پيش ڪيو هو.

ان کان پوءِ ۱۹۲۷ع ۾ قائد اعظم جي تحريڪ تي دهليءَ ۾ مسلمان اڳواڻن جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ مسلمانن لاءِ هڪ آئيني فارمولا تيار ڪيو ويو، جيڪو پوءِ "دهلي مسلم تجويزون" جي نالي سان مشهور ٿيو. انهن تجويزن ۾ سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جو مطالبو به شامل ڪيو ويو هو. انهيءَ کان علاوه، قائد اعظم جي مشهور "چوڏهن نڪتن" (مارچ ۱۹۲۹ع) ۾ به اهڙي تجويز شامل هئي.

۱۹۲۸ع ۾ راجا صاحب محمود آباد جي صدارت هيٺ ڪل هند مسلم ليگ جي اجلاس، ۽ ۱۹۲۹ع ۾ دهليءَ ۾ سر آغا خان جي صدارت ۾ ڪوئايل ڪل هند مسلم ڪانفرنس به سنڌ جي جدائيءَ جي ٺهرائن جي پٽيرائي ڪئي.

نومبر ۱۹۲۸ع ۾ سائمن ڪميشن جي اڳيان، ڪراچيءَ ۾ خانبهادر محمد ايوب کهڙي جي سرپرستيءَ هيٺ هڪ وفد (خانبهادر ولي محمد حسن علي، مير ايوب خان ۽ جناب عبدالرحمان بئرسٽر، ان جا ميمبر هئا)، سنڌ جي جدائيءَ لاءِ زوردار نموني ۾ ڪيس پيش ڪيو. ۷ مئي ۱۹۲۹ع تي بمبئيءَ ڪميٽيءَ جي ميمبرن سائمن ڪميشن کي رپورٽ پيش ڪئي، جنهن ۾ سنڌ جي جدائيءَ جي مخالفت ڪئي ويئي هئي، پر سنڌ مان نامزد ڪيل هڪ ميمبر سيد ميران محمد شاهه اختلافي نوٽ لکيو، جنهن بابت هن چاڻايو آهي ته اهو قائد اعظم جي صلاح سان لکيو هئائين.

اهڙين غير يقيني حالتن ۾، ۲۶ مئي ۱۹۳۰ع تي جناب محمد ايوب کهڙي، پير علي محمد شاهه راشدي جي مدد سان، هڪ ڪتاب "سنڌ جون مصيبتون" (Sufferings of Sind) ڇپائي پڌرو ڪيو، جنهن ۾ سنڌ جي جدائيءَ جو مسئلو، تاريخي پس منظر ۾ مضبوط دليلن سان پيش ڪيو ويو هو. عمر جي آخري دور ۾، قائد اعظم بابت پنهنجي ياداشتن کي قلمبند ڪندي کهڙي صاحب ڪراچيءَ جي روزنامه "ڊان" (انگريزي) ۾ لکيو هو ته اهو ڪتاب قائد اعظم جي چوڻ تي تيار ڪيو ويو هو.

سکر بيراج جي تعمير

سنڌ جي جدائيءَ ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جي سلسلي ۾ سکر بيراج جي تعمير جو ذڪر ضروري آهي، ڇوته سکر بيراج پاڪستان تحريڪ جي استحڪام جو هڪ اهم ستون ثابت ٿيو. قائد اعظم ان جي اهميت کان پوريءَ طرح آگاهه هو. ۴ فيبروري ۱۹۲۴ع تي، امپيريل ليجسليٽو اسيمبليءَ ۾ قائد اعظم سکر بيراج لاءِ سامان جي خريداري بابت حڪومت هند کان سوال پڇيا هئا. بيراج جي اڏاوت جو ڪم ۱۹۲۳ع ۾ شروع ٿي چڪو هو، پر اصل رٿا ۾ اهڙي ڦيرڦار ڪئي ويئي هئي، جيڪا سنڌ جي عيوضين کي پسند نه هئي. قائد اعظم جي سوالن مان ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌ سان سندس دلچسپي فقط ان جي سياسي معاملن تائين محدود نه هئي، پر هو ان جي معاشي مضبوطي ۽ اقتصادي خوشحاليءَ لاءِ به ايترو ئي فڪرمند هو.

گول ميز ڪانفرنس

برطانيہ سرڪار هندستان ڪي وڌيڪ آئيني سڌارا ڏيڻ جي سلسلي ۾ ۱۹۳۰ع ۽ ۱۹۳۳ع جي وچ واري عرصي ۾ گول ميز ڪانفرنسون لنڊن ۾ ڪوٽايون. ۱۲ نومبر ۱۹۳۰ع ڪان ۱۹ جنوري ۱۹۳۱ع تائين، پهرين گول ميز ڪانفرنس منعقد ٿي. برطانوي هندستان مان جن مسلمان عيوضين شرڪت ڪئي، تن ۾ قائد اعظم به شامل هو. ۲۰ سيپٽمبر ۱۹۳۰ع تي، ڪراچي ۾ جناب جي-ايم سيد پنهنجي بنگلي تي، قائداعظم جي اعزاز ۾ عصرانہ (شام جي چانهہ) جو انتظام ڪيو، جنهن ۾ علامہ آءِ-آءِ- قاضي، جناب حاتم علي علوي، جناب محمد ايوب کهڙو ۽ سيد ميران محمد شاهہ به شريڪ ٿيا. ان موقعي تي قائداعظم کي سنڌ جي جدائيءَ واسطي ڪوشش ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح ۱ آڪٽوبر ۱۹۳۰ع تي، حاجي سر عبدالله هارون، جناب محمد ايوب کهڙي ۽ جناب جي-ايم سيد طرفان، قائداعظم ۽ سر شاهنواز ڀٽي جي مان ۾، ڪارلٽن هوٽل (ڪراچي) ۾ رات جي مانيءَ (ڊنر) جو بندوبست ڪيو، جتي ڪاڏي ڪان پوءِ تقرير ڪندي کهڙي صاحب گول ميز ڪانفرنس جي موقعي تي، جنهن لاءِ ڀٽي ڏينهن هو انگلنڊ روانا ٿي رهيا هئا، سنڌ جي جدائيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ واسطي ڪين عرض ڪيو. گول ميز ڪانفرنس جي دوران، برطانوي هندستان جي فرقيوارانہ مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ آئيني سڌارن جي مسودي لاءِ تجويزون مرتب ڪرڻ خاطر، گهٽيئي سب ڪميٽيون ٺاهيون ويون هيون، جن مان هڪ سب ڪميٽيءَ (نمبر ۹) ارل رسيل جي سربراهيءَ ۾ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ جي سوال جو جائزو ورتو. ان ڪميٽيءَ جي اڀياس مان ظاهر ٿو ٿئي تہ سنڌ جي مسئلي جي حل ۾ فقط هڪ ئي رڪاوٽ هئي ۽ آها هيءَ هئي تہ بمبئي سرڪار ۽ هندو نمائندا انهيءَ ڳالهہ تي ڪنڊ ڏيئي ويٺا تہ مالي لحاظ کان سنڌ جو جدا صوبو ٿيڻ جي پيرن تي بيهي نہ سگهندو، انتظامي خرچن جو بار کڻي نہ سگهندو ۽ هميشہ ڪوٽ رهندو. هن سلسلي ۾ بمبئي سرڪار جي وفد جي اڳواڻ سر شاهنواز ڀٽي، جيڪو ڪائونسل جو مسلم ميمبر ۽ محمدن ايسوسيئشن جو صدر به هو، ۽ بمبئي سرڪار جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جي ميمبر سر غلام حسين هدايت الله شيخ، پنهي الڳ الڳ، انگن اکرن ۾ انتظامي نوعيت وارن دليلن ۽ انهيءَ وقت جي بين صوبن جا مثال ڏيندي، ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سکر بيراج ٺهڻ کان پوءِ ٿورن سالن ۾ نہ فقط مرڪزي قرض ادا ڪيا ويندا، پر سنڌ مالي لحاظ کان پاڻ پيرو صوبو بڻجي پوندو.

"رسيل ڪميٽي" جي رپورٽ مان هي پڻ ظاهر ٿئي ٿو تہ قائداعظم پنهنجي آئيني، منطقي ۽ غيرجانبدار دليلن جي ذريعي ڪميٽيءَ جي فيصلي کي سنڌ جي حق ۾ بدلائي ڇڏيو. قائداعظم چيو تہ "جيڪڏهن سنڌ ڪوٽ وارو علاقو آهي تہ پوءِ

بمبئي سرڪار هروپرو ڇو ان کي پاڻ سان شامل رکڻ تي ضد ڪري ٿي؟ مان سنڌ کي جدا صوبائي حيثيت ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان، پر جيئن تہ منهنجو تعلق بمبئي سان آهي، انهيءَ ڪري مان بمبئيءَ جي مفاد جي پڻ خلاف ناهيان". هن تجويز پيش ڪئي تہ هڪ مالي ڪميٽي ٺاهي وڃي، جيڪا صحيح نموني ۾ جاچ پڙتال ڪري ۽ مالي معاملن جو جائزو وٺي رپورٽ پيش ڪري. هندن انهيءَ تجويز جي مخالفت ڪئي، پر مالي ڪميٽي مقرر ڪئي ويئي ۽ ان جي رپورٽ موجب بمبئي سرڪار ۽ هندو نمائندن طرفان پيش ڪيل انگ اکر غلط ثابت ٿيا ۽ ڪميٽيءَ سنڌ کي بمبئيءَ جي ڏڳهي غلاميءَ مان آزاد ڪرڻ جي سفارش ڪئي، جيڪا برطانيہ سرڪار طرفان پڌري ڪيل "فرقيوارانہ فيصلي" ۾ شامل ڪئي ويئي ۽ قانون حڪومت هند، مجريہ ۱۹۳۵ع هيٺ سنڌ کي جدا صوبو بنايو ويو.

قومي جدوجهد جو آخري مرحلو

گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت کان پوءِ قائداعظم لنڊن ۾ ئي ترسي پيو، پر پوءِ مسلمانن جي لڳاتار عرضداشتن سبب واپس آيو. ۱۹۳۴ع جو واقعو آهي ۽ ساڳئي سال جي آخر ۾ مرڪزي اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو. قانون حڪومت هند مجريہ ۱۹۳۵ع جي لاڳو ٿيڻ سبب، هندستان جي سياسي حالتن ۾ ڦيرو اچڻ اڻ ٽر هو، انهيءَ ڪري قائداعظم ان قانون جي ڪن ڪلمن (سيڪشنس) سان سخت اختلاف هوندي بہ هندستان جي مسلمانن جي سياسي رهنمائي ۽ نين حالتن جي مقابلي ڪرڻ جي ذميواري قبول ڪئي. ۱۹۳۶ع ۾ مسلم ليگ جي نئين سر جوڙجڪ جي سلسلي ۾، ملڪ جي ڪيترن ئي هندن جو دورو ڪيو ۽ عام چونڊن لاءِ منشور اهڙيءَ طرح ٻڌايو، جيئن چونڊن کان پوءِ صوبائي اسيمبلين ۾ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ گڏيل وزارتون ٺاهي سگهن. انهيءَ جو آئيني بندوبست، فرقيوارانہ فيصلي (ڪميونل ايوارڊ) ۾ موجود هو. جيئن تہ مسلم اڪثريتي صوبن جي اسيمبلين ۾ مسلمانن کي سندن آبادي‌ءَ جي تناسب کان گهٽ سيٽون ڏنيون ويون هيون (جهڙوڪ بنگال، پنجاب ۽ سنڌ) جڏهن تہ مسلم ٿورائي‌ءَ وارن صوبن جي اسيمبلين ۾ وري ڪين نسبتاً وڌيڪ نشستون ملیل هيون. بهرحال، گڏيل وزارتون ٺهي نہ سگهيون، جنهن جو هڪ سبب تہ هيءَ هو جو مسلم ليگ چونڊن ۾ ڪا نمايان ڪاميابي حاصل ڪري نہ سگهي، جڏهن تہ چهن صوبن ۾ ڪانگريس قطعي اڪثريت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي. انهيءَ ڪاميابيءَ جي بنياد تي، انهن صوبن ۾ ڪانگريس جماعتي وزارتون ٻڌايون. باقي صوبن ۾ مسلم جماعتن کي، غيرمسلم ميمبرن جي سهڪار سان ئي وزارتون بنائڻيون پيون، جيڪي ڪي قدر ڪمزور ۽ بي‌اثر ثابت ٿيون.

قانون حڪومت هند مجريہ ۱۹۳۵ع هيٺ، سنڌ صوبي قائم ڪرڻ لاءِ "آرڊر-اِن-ڪائونسل" جو مسودو ۲۳- جنوري ۱۹۳۶ع تي پڌرو ٿيو، جنهن موجب

ڇهرين اپريل ۱۹۳۶ع کان سنڌ کي جدا صوبو تسليم ڪيو ويو، ۽ جيستائين نئين چونڊن کان پوءِ سنڌ جي آئيني حڪومت وجود ۾ اچي، تيستائين سنڌ لاءِ گورنر مقرر ڪري، سموريون اختياريون ڪيس سونپيون ويون. ڪيس ۾ صلاحڪار (سر شاهنواز ڀٽو ۽ سر غلام حسين) ۽ ۲۵ ڇڻن جي صلاحڪار ڪائونسل ڏني ويئي. پهريون گورنر سر لانسليٽ گرهام مقرر ٿيو، جيڪو پهرين اپريل ۱۹۳۶ع تي بمبئي کان ڪراچي پهتو.

سنڌ ۾ فيبروري ۱۹۳۷ع ۾ عام چونڊون ٿيون ۽ اسيمبليءَ جو پهريون اجلاس اپريل ۱۹۳۷ع ۾ ٿيو. سر غلام حسين هدايت الله پهريون وڏو وزير ٿيو، پر هڪ سال ۾ ئي سندس وزارت ڪري پيئي ۽ خانبهادر الله بخش سومري، هندو ميمبرن جي سهڪار سان نئين وزارت بنائي.

ائين ته سنڌ ۾، رئيس غلام محمد پرڳڙي جي ڪوشش سان ۱۹۱۸ع ۾ مسلم ليگ قائم ٿي چڪي هئي، پر صحيح نموني ۾ هڪ منظم، فعال ۽ متحرڪ جماعت وانگر ۱۹۳۸ع ۾ ئي منظر عام تي نمودار ٿي. انهيءَ ڪري ۱۹۳۷ع جي چونڊن کان پوءِ، اسان ڏسون ٿا ته اسيمبلي ۾ مسلم ليگ پارٽي جو ڪو وجود ڪونه هو. جنهن جوش، جذبي ۽ ولولي ۽ اُمنگ ۽ آرزو سان صوبائي خودمختياري حاصل ڪئي ويئي هئي، سو جذبو ڇٽڪ ختم ٿي چڪو هو ۽ اُن جي اُبتڙ خود غرضي، سياسي سوديبازي ۽ غير يقيني حالتون پهرين وزارت جي زوال جو سبب بنيون.

بمبئيءَ کان الڳ ٿيڻ کان پوءِ، پاڪستان قائم ٿيڻ تائين ڏهن سالن جي صوبائي خود اختياري واري دور ۾، سنڌ کي جا حاصل ٿيو ۽ ان ڇا وڃايو، اهو هڪ ڏکوئو دڪدائڪ ۽ عبرتناڪ داستان آهي. ٿوري ۾ ائين چئي سگهجي ٿو ته قومي زندگيءَ جي هرهڪ شعبي ۾ هندو غلبو برقرار رهيو ۽ مسلمانن جي پٺتي پيل حالت ۾ ڪا نمايان ڪمي ڪانه ٿي، البته ڪي اهڙا واقعا ضرور ٿيا، جن سببان پاڪستان جي تحريڪ کي هٿي ملي ۽ منزل مراد حاصل ڪرڻ جا امڪان روشن ٿيا. اهڙن واقعن ۾ سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو آڪٽوبر ۱۹۳۸ع وارو اجلاس وڏي اهميت رکي ٿو.

ڪراچي ڪانفرنس

سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو هيءَ اجلاس قائداعظم جي صدارت ۾ ۸-۹ ۽ ۱۰ آڪٽوبر ۱۹۳۸ع تي، ڪراچي عيدگاهه ميدان (بندر روڊ) ۾ ٿيو. قائداعظم ريل گاڏيءَ جي ذريعي بمبئيءَ کان ڪراچي پهتو. ٽرپارڪر ضلعي ۾ ۽ پوءِ حيدرآباد کان ڪراچي سٽي اسٽيشن تائين، هرهڪ اسٽيشن تي سندس والهانه استقبال ڪيو ويو. ڊرگ روڊ کان پوءِ سندس گاڏي تي هوائي جهاز جي ذريعي گلن جي ورکا ڪئي ويئي ۽ سٽي اسٽيشن کان، اجلاس جي پنڊال تائين، شاهي جلوس ڪڍيو ويو، جيڪو

ڪراچي جي تاريخ ۾ پنهنجو مثال نٽو رکي. انهيءَ اجلاس ۾ هندستان جي گهڻو ڪري سڀني مکيه مسلم ليگي رهنمائن شرڪت ڪئي، جهڙوڪ سر سڪندر حيات (پنجاب)، مولوي ابوالقاسم فضل‌الحق (بنگال)، سردار اورنگزيب (سرحد)، سر سعدالله خان (آسام)، نواب اسماعيل خان (بهار)، چوڌري خليق‌الزمان، مولانا جمال ميان فرنگي محلي، مولانا شوڪت علي، بيگم مولانا محمد علي، راجا صاحب محمود آباد، سيد سجاد يلدرم (يوپي)، سيد غلام بيڪ نيرنگ (انبالہ)، جناب عاشق علي، وڪيل، (گيا، بهار)، جناب عبدالرؤف شاهه (ناگپور)، خانبهادر پير مريد حسين، سجاده نشين، درگاهه غوث بهاؤالحق زڪريا ملتاني، نواب احمد يار خان دولتانه، ملڪ برڪت علي (پنجاب)، نوابزاده لياقت علي خان وغيره. ان ڪري هيءَ ڪانفرنس ڇڪ ڪل هند سطح جي اجتماع جو ڏيڪ ڏيئي رهي هئي.

صوبائي مسلم ليگ جي صدر، حاجي سر عبدالله هارون پنهنجي مرحباتي تقرير ۾، هندو اڪثريتي صوبن ۾ ڪانگريسي وزارتن جي مسلم دشمن سرگرمين ۽ پريشان ڪندڙ واقعن جو ذڪر ڪيو.

انهيءَ ڪان پوءِ هن چيو ته "مسلم قوم جي ثقافت، ان جو مذهب ۽ خود ان جو وجود خطري ۾ آهي ۽ هو اڪثريتي فرقي (هندو) مان ڪنهن عدل انصاف جي اميد نٿا رکن. اسان هينئر بلڪل اهڙي هنڌ پهچي چڪا آهيون، جتان اسان کي جدا جدا راهون اختيار ڪرڻيون آهن، ۽ جيسين اهو مسئلو اهڙيءَ طرح حل ٿي نه ٿي وڃي جو سڀئي ڌريون مطمئن ٿي سگهن، تيسين هيءَ ڪالهه ڪنهن جي لاءِ به ممڪن ناهي جو هو هندستان کي "هندو هندستان" ۽ "مسلم هندستان" ۾ الڳ الڳ وفاقي يونٽن طور ورهاڳي ٿيڻ کان محفوظ رکي."

قائداعظم پنهنجي صدارتي تقرير ۾ اعلان ڪيو ته "مان برطانوي سياستدانن ۽ مدبرن ۽ انهن سان گڏ ڪانگريس جي اعلىٰ ڪمان (هاءِ ڪمانڊ) جي ميمبرن جو ڏيان ڇڪائيندي، کين عرض ڪندس ته هو تازي معاشرتي انقلاب، ڦيرگهير ۽ انهن جي نتيجن ۽ انجام کي، جيڪي مهاپاري جنگ جي اندیشي پيدا ڪرڻ جو باعث بنيا آهن، غور سان ڏسن، انهن کي سمجهن ۽ نهايت خاموشيءَ سان دل‌ئي دل ۾ انهن جو تاثر مرتب ڪن. انهيءَ صورتحال جو هڪڙوئي سبب محض سوڊيٽن (Sudetan) جرمن هئا، جن کي چيڪوسلواڪيه جي اڪثريت جي پاري بار هيٺان ڏاڍ‌مڙسي ڪري ڏپايو ويو هو ۽ کين زور زبردستيءَ سان محڪوم ۽ مضمحل بڻايو ويو، انهن سان برو سلوڪ ڪيو ويو، مٿن ظلم ۽ تشدد ڪيو ويو ۽ ويهن سالن تائين سندن حق پائمال ڪيا ويا ۽ مفاد جو ڪوبه خيال نه ڪيو ويو. تنهنڪري ان جو جيڪو لازمي نتيجو نڪرڻو هو، سوئي ٿيو. يعني جمهوريه چيڪوسلواڪيه ختم ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي هڪ نئون نقشو ترتيب ڏنو ويندو. جهڙيءَ طرح سوڊيٽن جرمن

بي يارو مددگار ۽ بناڪنهن دفاعي قوت جي نه هئي ۽ ويهن سالن تائين ظلم ۽ تشدد ڏاڍ ۽ تعدي سهندي به زنده ۽ باقي رهيا، بلڪل اهڙي طرح مسلمان به نه ته بي يارو مددگار آهن ۽ نه وري پنهنجو بچاءُ ڪرڻ جي قوت کان خالي آهن، ۽ براعظم ۾ پنهنجي قومي وجود ۽ پنهنجي قومي امنگن ۽ تمنائن کان دستبردار ٿي نٿا سگهن."

ڪانفرنس "بندي ماترم" جي تشهير، هندي کي قومي زبان بنائڻ ۽ "وديا مندر" اسڪيم رائج ڪرڻ سبب، ڪانگريس کي نندیو، ۽ قانون حڪومت هند مجريه ۱۹۳۵ع ۾ ڪل هند وفاق جي جيڪا اسڪيم شامل ڪئي ويئي هئي، ان جي خلاف نهايت شدت سان ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ۽ ان کي مڃڻ کان بنهه نابري واري.

ڪراچي ٺهراءُ جي عبارت

۱۰- آڪٽوبر ۱۹۳۸ع تي، قائداعظم جي صدارت ۾، شيخ عبدالمجيد سنڌي جو پيش ڪيل ٺهراءُ، الله اڪبر جي فلڪ شگاف نعرن جي گونج ۾ منظور ڪيو ويو. انهيءَ تاريخي ٺهراءَ جو متن هن ريت آهي:

"جيئن ته انڊين نيشنل ڪانگريس جي ڪاروباري ڪميٽيءَ جو هندو-مسلم مسئلي بابت آل انڊيا مسلم ليگ سان ڪاڻهه پوڻهه ڪرڻ کان انڪار (انهيءَ بهاني سان ته مسلم ليگ هندستان جي مسلمانن جي نمائنده ناهي)، ڪانگريس جي انهيءَ عزم کي ظاهر ڪري ٿو ته مسلمان قوم ۾ نفاق پيدا ڪري، انهن تي هميشه لاءِ پنهنجو غلبو برقرار رکي، انهيءَ سان گڏوگڏ هندستان جي اقليتن واري مسئلي جي باهمي رضامندي ۽ پرامن ماحول ۾ حل ڪرڻ جي امڪانن کي هڪ دفعو وري برباد ڪري، جيتوڻيڪ مسلم ليگ گذريل پندرهن سالن کان انهيءَ ڏس ۾ بي نتيجي ڪوششون ڪندي رهي آهي.

"جيئن ته ڪانگريس پنهنجي دولت ۽ اخبارن جي ذريعي مسلمان عوام سان سڌي لاڳاپي قائم ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي آهي ته جيئن هڪ طرف مسلمانن جو پاڻ ۾ اتحاد ٽٽي پوي ۽ ٻئي طرف دنيا کي اهو گمراهه ڪندڙ تاثر ڏنو وڃي ته ڪانگريس ئي، هندستان جي سڀني قومن جي اڪيلي عيوضي جماعت آهي.

جيئن ته ڪانگريس هندو راج قائم ڪرڻ جي نيت سان ڪن صوبن ۾ اهڙيون وزارتون ٻڌايون آهن، جن ۾ ڪنهن به مسلمان کي شامل ڪونه ڪيو ويو آهي، يا وري جيڪڏهن (نالي ماتر) ڪو مسلمان وزير ڪنيو آهي ته اهڙو، جنهن جي پنهنجي مسلم قوم ۾ ڪا حيثيت ڪانهي، جيتوڻيڪ وزارتن بنائڻ جو اهو طريقو حڪومت هند جي قانون مجريه ۱۹۳۵ع ۽ برطانيه سرڪار طرفان جاري ڪيل هدايتنامي جي روح ۽ لفظن جي ابتڙ آهي.

"جيئن تہ انهيءَ (غلط) طريقي سان قائم ڪيل صوبائي وزارتن اهڙي طرح سان حڪومت هلائڻ جي شروعات ڪئي آهي تہ جيئن مسلمانن ۾ خوف ۽ هراس پيدا ڪري، سندن حوصلہ پست ڪن، مسلم ڪلچر جي صحتمند ۽ تعميري اثر کي (هندستان مان) ختم ڪن، مسلمانن جي مذهبي رسم و رواج ۽ سندن ديني ذميوارين ۾ رخنو وجهن، ۽ هڪ جدا قوم جي حيثيت سان سندن سياسي حقن کي پائمال ڪن.

"جيئن تہ جمهوريت جي مڃيل اصول جي آبتڙ، ڪانگريس جي هيءَ ڪوشش آهي تہ جن صوبن ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي، انهن ۾ بہ مسلمانن جي سياسي قوت کي اپرڻ نہ ڏنو وڃي ۽ انهيءَ مقصد خاطر ڪانگريس انهن صوبن (جهڙوڪ: بنگال، سرحد، پنجاب ۽ سنڌ) ۾ بہ اهڙن گروهن کي برسراقتدار آڻي رهي آهي، يا انهن سان گڏجي گڏيل وزارتون بڻائي رهي آهي، يا مخلوط وزارتن جي پٺيراڻي ڪري رهي آهي، جن گروهن کي مسلمان ميمبرن جي اڪثريت ۽ مسلمان عوام جو اعتماد حاصل ناهي.

"جيئن تہ ڪانگريس پنهنجي مرڪزي هاءِ ڪمان جي اڌارٽي (اختيار) کي صوبائي وزارتن جي ڪمن تي اهڙيءَ طرح مڙهي رهيو آهي، جيڪو طريقو فقط فاشي آمريتن ۾ رواج ۾ هوندو آهي، ۽ ان طريقي ڪار جو هاڻي اهو نتيجو نڪري رهيو آهي جو پارلياماني رسم رواج ۽ آئيني روايتن کي اپرڻ جو موقعو نہ ٿو ملي، مسلمانن جي حق تلفي ٿي رهي آهي ۽ کين پنهنجي جائز حصي حاصل ڪرڻ کان بہ محروم رهڻو پوي ٿو ۽ صوبائي وزارتن کي آئين موجب مسلمانن جي حقن ۽ مفادن جي مدنظر، نئين سر بنائڻ کان بہ صاف انڪار ڪيو ويو آهي.

"جيئن تہ ڪانگريس فيصلو ڪري چڪي آهي تہ:

(الف) مسلمانن جي سخت مخالفت جي باوجود "وديا مندر اسڪيم" (هندي ۾ تعليم جو پراڻو هندو طريقو، جنهن ۾ هندو مذهب جو پهلو غالب رهندو آهي) جاري ڪئي وڃي.

(ب) "بندي ماترم" جي نغمي کي قومي تراني جي حيثيت سان مسلمانن ۽ ٻين اقليتن تي بہ مڙهيو وڃي، جيتوڻيڪ ان نغمي سبب مسلمانن جا جذبا ۽ احساس ڏکوئجن ٿا، ان ۾ بت پرستي جا عنصر موجود آهن ۽ ان جي بنيادي نظريي موجب، هيءَ نغمو مسلمانن جي خلاف ڏکار جو اهڃاڻ آهي.

(ج) هندي‌ءَ کي ديوناگري صورتخطي ۾ هندستان جي قومي زبان بڻايو وڃي، جيتوڻيڪ اقليتن ان تجويز جي سخت مخالفت ڪئي آهي، چوتہ ان جي ذريعي هندو مذهبي خيال ۽ هندو فلسفو ۽ ثقافت جو ڇج،

انساني دماغن ۾ وڏو وڃي ٿو ۽ هندستان تي برهمڻ ڪلچر جي غلبي جو امڪان روشن ٿئي ٿو.

(د) هندو، اڪثريت جي زور تي مڪاني ادارن ۾ مخلوط (ڳڏيل) چونڊون ڪرايون وڃن ته جيئن مسلمانن کي صحيح نمائندگي حاصل ڪرڻ جو موقعو نه ملي.

(ه) جتي به ٻي سگهي ته اردو اسڪول بند ڪيا وڃن ۽ اردو تعليم جي حوصلي افزائي نه ڪئي وڃي ته جيئن هندستان مان اردو جو نالو نشان مٽجي وڃي.

(و) تقرير ۽ تحرير ۽ جائز سياسي سرگرمين کي انهيءَ بهاني ختم ڪيو وڃي ته قانون ۽ امان امان (لا ۽ آرڊر) لاءِ خطرو پيدا ٿي رهيو آهي.

(ز) مسلمانن جي مذهبي آزادي ۽ رسم و رواج ۾ زور، زبردستي ۽ آتشي هٿيارن جي مدد سان رڪاوٽ وڌي وڃي.

"جيئن ته هندستان جي هندو اڪثريت هزارن سالن کان ذات پات ۽ ڇوت ڇات جي دقيانوسي رسم تي ڪاربند رهي آهي، ۽ اها رسم قوم پرستي، انساني مساوات، جمهوريت ۽ انهن سڀني مهذب عمراني اصولن جي خلاف آهي، جن کي رواج ۾ آڻڻ جي جدوجهد ڪئي پيئي وڃي، ۽ ڇوت ڇات جي رسم سبب اڄ هندستان جا ڪروڙين انسان اقتصادي ۽ سماجي طور ان برابري (نند وڏائي) جو شڪار ٿي چڪا آهن ۽ دائمي غلاميءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن،

"جيئن ته هڪجهڙين اميدن ۽ نظرين جي بنيادن تي، هڪ ڳڏيل هندستان ۽ متحد قوميت جي اوسر ۽ پکڙجڻ ناممڪن ٿي چڪو آهي، جنهن جا سبب هي آهن جو هندو اڪثريت جي پراڻي (مذهبي) ڇوت ڇات واري ذهنيت اڃا قائم آهي ۽ هندو اڪثريت مسلمان قوم جي بدخواه ثابت ٿي چڪي آهي، ان کان سواءِ انهن (هندو ۽ مسلمانن) ۾ مذهب، زبان، رسم الخط، ثقافت، سماجي ۽ تمدني روايتن، نظرياتي لاڙن ۽ زندگي جي مقصدن ۾ بنيادي فرق آهي، ۽ ڪن علائقن ۾ ته نسلي فرق به آهي،

"انهيءَ ڪري هيءَ ڪانفرنس نهايت ضروري سمجهي ٿي ته براعظم (هندستان) ۾ دائمي امن، ۽ هندن ۽ مسلمانن ۾ آزادي سان ثقافتي ترقي، اقتصادي ۽ سماجي سڌاري ۽ سياسي خودارادي جي حق حاصل ڪرڻ خاطر، آل انڊيا مسلم ليگ کي سفارش ڪئي وڃي ته انهيءَ ڪالهه تي نئين سر غور ڪري ته، هندستان لاءِ ڪهڙو آئين مناسب هوندو، جنهن جي ذريعي هنن ٻنهي قومن کي پنهنجو پنهنجو صحيح مقام حاصل ٿي سگهي ۽ پنهنجي لاءِ اهڙي آئيني رٿا تيار ڪري، جنهن موجب مسلمان قوم مڪمل طور تي آزادي حاصل ڪري سگهي.

"انهيءَ سان گڏوگڏ، هيءَ ڪانفرنس ڪل هند گڏيل وفاق (فيڊريشن) ڪي، جنهن جي لاءِ گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ ۱۹۳۵ع ۾ بندوبست ڪيو ويو آهي، سختيءَ سان نامنظور ڪري ٿي، ۽ برطانيہ سرڪار کان مطالبو ڪري ٿي تہ انهيءَ قانون کي عمل ۾ آڻڻ کان پاسو ڪري، چوتہ هن ايڪٽ ۾ پيش ڪيل رٽ هندستان جي عوام ۽ خاص ڪري مسلمانن لاءِ نقصانڪار آهي.

"آخر ۾ هيءَ ڪانفرنس اعلان ڪري ٿي تہ هندستان جا مسلمان اهڙو ڪوبہ آئين قبول نہ ڪندا، بشرطيڪ انهيءَ جو بنياد، هن ٺهراءَ ۾ بيان ڪيل اصولن تي ٻڌل هجي، ۽ مسلم ليگ جي صلاح مشوري ۽ ان جي منظوريءَ سان تيار ڪيو ويو هجي".

هيءَ ٺهراءَ شيخ عبدالمجيد سنڌي، ايم-ايل-اي (سنڌ) پيش ڪيو ۽ ان جي تائيد خانبهادر مشتاق احمد گورماني، ايم-ايل-اي (پنجاب) ڪئي. ان جي وڌيڪ تائيد حاجي سر عبدالله هارون، ايم-ايل-اي (مرڪز)، سيد عبدالرؤف شاهہ، وڪيل، ايم-ايل-اي (سي-پي) ۽ مولانا عبدالحامد بدايوني (يو-پي) ڪئي.

حالات حاضره بابت شايع ٿيندڙ هڪ رسالي "دي انڊين اينيوئل رجسٽر" (The Indian Annual Register) انهيءَ ٺهراءَ ڪي نهايت اهم سمجهي، ان تي ٽيڪا ٽپڻي ڪئي. "ہم وفاق ــ مسلم ۽ غيرمسلم" جي عنوان سان تبصري ۾ لکيو ويو تہ ثقافت جي نالي ۾ نئين مسلم قيادت کنهن بہ شيءِ جي لحاظ ڪرڻ کان سواءِ ملڪ کي هندو ۽ مسلم يونٽن ۾ ورهائيندي. اسان يورپ ۾ رونما ٿيندڙ هڪ اهڙي واقعي جي باري ۾ ڳالهائيندا رهندا آهيون، جيڪو انهن (مسلم قيادت) کي سوچڻ تي اياري ٿو، بلڪ سندن همتافزائي ڪري ٿو تہ جيئن سوڊيٽن جرمن چيڪوسلواڪيہ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهن، اهڙيءَ طرح هندستان جا مسلمان بہ هندستان ۾ انهن علائقن کي حاصل ڪرڻ ۾ حق بجانب ٿيندا، جتي مسلمان گهٽائيءَ ۾ آباد آهن. قومن جي حق خودارادي جي نالي ۾ سوڊيٽن علائقو چيڪوسلواڪيہ کان ڪٽجي، الڳ ٿي ويو، تنهنڪري انهيءَ اصول جي نالي ۾ مسلمان، هندستان جي قلب ۾ مسلم رياستن قائم ڪرڻ جو مطالبو ڪري سگهن ٿا، پوءِ ڪٽي هندستان جي هڪ نئين نقشي تي، انهيءَ اسڪيم کي جاءِ ڏيڻ لاءِ ماٺهن جي لڏپلاڻ ۽ لامحدود تبادلي جي ضرورت ئي چونہ پوي. اهڙي قسم جي خواهش ۽ آرزوءَ جوئي نتيجو آهي ۽ اهوئي سمورو جذبو آهي، جو سنڌ صوبائي مسلم ليگ ڪانفرنس جي آخري اجلاس ۾ ۱۰ آڪٽوبر ۱۹۳۸ع تي جناب محمد علي جناح جي صدارت ۾، مٿي چاڙايل مقصدن تي ٻڌل هڪ ٺهراءَ پاس ڪيو ويو.

حاجي سر عبدالله هارون ۽ سندس ساٿي (جن جا نالا پنهنجي مرحبائي تقرير ۾ چاڙايا اٿس) شيخ عبدالمجيد سنڌي، سر غلام حسين هدايت الله، جناب محمد هاشم گزدر،

جناب جي. ايم. سيد، ملک عبدالعزيز، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، جناب ايم. اي خالق، مير غلام علي ٽالپر، مولوي عبدالحي حقاني، سيد محمد اسلم، جناب آغا حاجي عبدالعزيز، جناب يوسف هارون ۽ پير علي محمد راشدي، (جيڪو آن کانفرنس جو جنرل سيڪريٽري هو) خاموش ٿي ڪونہ ويٺا.

کانفرنس ختم ٿيڻ کان پوءِ، ۷- نومبر ۱۹۳۸ع تي حاجي سر عبدالله هارون، قائداعظم جي تقرير ۽ کانفرنس ۾ ڪراءِ پاس ٿيل ٺهراءِ جا نقل، هزهائينس سر سلطان محمد شاه آغا خان ڏانهن آڻيا ۽ خط ۾ آنهيءَ کي چيو تہ "مسلم ليگي حلقا گهٽي سنجيدگيءَ سان مسلم رياستن ۽ صوبن جي هڪ الڳ وفاق (فيڈريشن) حاصل ڪرڻ جي امڪانن تي سوچ ويچار ڪري رهيا آهن تہ جيئن هميشه هميشه لاءِ، اسان هندن جي ظلم، غلبي ۽ استحصال کان چوٽڪارو حاصل ڪري سگهون."

آغا خان ڪيس نهايت مدبرانہ جواب ڏنو. پنهنجي خط مورخہ ۲۰ ڊسمبر ۱۹۳۸ع ۾ هزهائينس لکيو تہ "هندو-مسلم لاڳاپن جي باري ۾ اسان سڀ هڪ امڪاني حل جي مرحبا ڪنداسين. ڇا اوهان جي ليگ، مسلمانن جي قطعي ۽ آخري پاليسي جي حيثيت ۾ "پاڪستان" جي مقدمي جي پيروي ڪرڻ تي آماده آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ پوءِ عام راءِ کي آهستي آهستي جيتري قدر جلد هموار ڪيو وڃي، اوترو بهتر آهي."

لاهور جو ٺهراءُ

سر آغا خان جي صلاح تي يوريءَ طرح عمل ڪيو ويو. حاجي سر عبدالله هارون هن ڈس ۾ تحرير ۽ تقرير جي ذريعي عام راءِ کي هموار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. خود قائداعظم سنڌ جي اهم شهرن (سکر، لاڙڪاڻي، جيڪب آباد، نوابشاه ۽ ميرپورخاص) جو دورو ڪيو ۽ هندستان جي مختلف علائقن ۾ بہ، سنڌ صوبي وانگر، عوامي رابطي جي مهم شروع ڪئي ويئي، جنهن جي نتيجي ۾ مسلم ليگ جي مقبوليت ۽ قوت ۾ نمايان واڌارو ٿيو. هڪ صوبي (سنڌ) جي عوام، انهيءَ نظريي (الڳ وطن) جي تائيد ۾ ٺهراءُ بہ پاس ڪيو ۽ ڪل هند مسلم ليگ جي ڪاروباري ڪميٽي (ورڪنگ ڪميٽي) ۽ ڪائونسل ۲۷ آگسٽ، ۱۷ سيپٽمبر ۽ ۲۲ آڪٽوبر ۱۹۳۹ع تي ۽ ۱۹ فيبروري ۱۹۴۰ع تي انهيءَ ٺهراءَ جي اغراض و مقاصد تي وڌيڪ سوچ ويچار ڪيو. انهيءَ پس منظر ۾ ۲۲-۲۳ ۽ ۲۴ مارچ ۱۹۴۰ع تي لاهور ۾ ڪل هند مسلم ليگ جي ستاويهين اجلاس ۾ اهو تاريخي ٺهراءُ ڪراءِ منظور ڪيو ويو، جنهن کي اڇلهه "پاڪستان جو ٺهراءُ" چيو وڃي ٿو ۽ جنهن ڏکڻ ايشيا جي مسلمانن کي پنهنجي آزاديءَ جو چٽو ۽ پڌرو تصور ڏنو ۽ سياسي منزل جو صحيح رخ ڏيکاريو تہ جيئن آزاديءَ جي تحريڪ کي انهيءَ هڪ ئي نصب العين حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ تيز ڪيو وڃي.

هيءَ اجلاس ڏاڍو مهلائتو ٿيو. برطانيہ سرڪار اعلان ڪيو هو تہ قانون حڪومت هند مجريہ ۱۹۳۵ع ۾ جنهن پاليسيءَ جو ذڪر ڪيو ويو هو، ان ۾ ترميم ضروري ٿي پيئي آهي. انهيءَ قانون ۾ "وفاق هند" واري تجويز کي اڪيئي ملتوي ڪيو ويو هو، ۽ هرهڪ نئين تجويز ۾ مسلمانن جي نقطهٔ نظر تي غور ڪرڻ ضروري سمجهيو پئي ويو. انهيءَ ڪري موقع محل جي مناسبت سان، اهو ضروري ٿي پيو هو تہ جنهن قسم جو آئين مسلمانن چاهيو ٿي، ان جي وضاحت ڪئي وڃي. لاهور جي ٺهراءَ جو اهوئي مقصد هو. ان مان صاف پڌرو ٿو ٿئي تہ هن براعظم (هندستان) جي اتر الهندي ۽ اوپرندي حصن ڪي، جتي مسلمانن جي اڪثريت هئي، اهڙيءَ طرح پاڻ ۾ ملايو وڃي تہ جيئن اهي آزاد رياستن جا آئيني يونٽ (وحدتون) بڻجي پون، جيڪي پنهنجي سر خودڪار ۽ خودمختيار هجن.

ان ٺهراءَ جي عبارت هن طرح آهي:

"جيئن تہ ڪل هند مسلم ليگ جي هن اجلاس جو هيءَ سوچيل سمجهيل فيصلو آهي تہ هن ملڪ ۾ هر آئيني تجويز انهيءَ وقت تائين ناقابل عمل ۽ مسلمانن کي منظور نہ هوندي، جيسين اڪ جي جوڙجڪ هنن بنيادي اصولن تي مبني نہ هوندي يعني سيني جغرافيائي طور ڪنديل وحدتن (يونٽن) جيي، علائقن واڱر حد بندي ڪئي وڃي ۽ مناسب نموني ۾ ڦيرگهير ڪري، انهن کي اهڙيءَ طرح جوڙيو وڃي جو جن ايراضين ۾ مسلمان تعداد جي لحاظ کان گهٽائيءَ ۾ آهن، جيئن هندستان جي اتر الهندي ۽ اوپرندي علائقن ۾، اهڙين ايراضين کي ملائي، آزاد آئيني رياستون بڻايون وڃن، جيڪي خودمختيار هجن، جن ۾ شامل وحدتون (يونٽ) خودمختيار ۽ مطلق حاڪم هجن".

"انهن وحدتن ۽ علائقن جي آئين ۾ اقليتن جي لاءِ، انهن جي صلاح مشوري سان، سندن مذهبي، تمدني، اقتصادي، انتظامي، سياسي ۽ ٻين حقن ۽ مفاد جي معقول، اثرائتي ۽ قانوني بچاءَ جو خصوصي انتظام ڪيو وڃي، ۽ هندستان جي ٻين حصن ۾، جتي جتي مسلمان ٿورائيءَ ۾ آهن، انهن ۽ ٻين اقليتن جي لاءِ، انهن جي صلاح مشوري سان، سندن مذهبي، تمدني، اقتصادي، سياسي، انتظامي ۽ ٻين حقن ۽ مفاد جي معقول، اثرائتي ۽ قانوني بچاءَ جو خاص انتظام ڪيو وڃي.

"هيءَ اجلاس مجلس عامله (ورڪنگ ڪميٽي) کي اختيار ڏئي ٿو تہ مٿي چاڙيل بنيادي اصولن مطابق هڪ اهڙو آئيني طريقہ ڪار تجويز ڪري، جنهن موجب پنهي حلقن کي ڪلي اختيارات مثال طور دفاع، پرڏيهي معاملا، مواصلات، محصول ۽ پيا اهڙا اختيار حاصل ٿين".

هيءَ تاريخي ٺهراءَ ۲۳ مارچ ۱۹۴۰ع تي، بنگال جي وڏي وزير مولوي ابوالقاسم فضل الحق پيش ڪيو ۽ ان جي تائيد گهڻ ٿي رهنمائن ڪئي، جن جو

تعلق مختلف علائقن سان هو. سنڌ مان خانبهادر محمد ايوب کهڙو، جناب عبدالمجيد شيخ ۽ جناب جي-ايم سيد انهن مقتدر ۽ معزز ماڻهن ۾ شامل هئا، جيڪي شه نشين (ڊائس) تي ويٺل هئا. سر عبدالله هارون پنهنجي تقرير ۾ چيو ته اها حقيقت آهي، ۽ سڀ ان کان واقف آهن ته مسلمان سنڌ جي رستي کان هندستان ۾ آيا. سڀ کان اول سنڌ جي مسلمانن اڳيان اهو مسئلو آيو، جيڪو هينئر مسلم ليگ جي سامهون آهي. ۱۹۳۸ع ۾ سنڌ صوبائي مسلم ليگ اتر اوپر وارين مسلم گهٽائيءَ وارين ايراضين ۾ آزاد رياست قائم ڪرڻ لاءِ هڪ ٺهراءُ پاس ڪيو هو، انهيءَ کان پوءِ اڄ تائين جدا جدا دستوري اسڪيمون ۽ تجويزون ٻڌايون ويون، جن تي سوچ ويچار ٿيندو رهيو، ۽ آخر ۾ اڄ هيءُ ٺهراءُ پيش ٿيو آهي. مسلمانن جو فرض آهي ته ان کي بنا ڪنهن هيڪ جي منظور ڪن.

قرارداد لاهور کان قيام پاڪستان تائين

انهيءَ ٺهراءُ کي ۲۴ مارچ ۱۹۴۰ع تي يڪراءِ منظور ڪيو ويو، جنهن جي نتيجي ۾ بي پناهه جوش ۽ جذبو پيدا ٿيو. پنهنجي قومي حيثيت کي آڏرندي ۽ قومي وقار ۾ واڌاري جي امڪانن کي روشن ٿيندو ڏسندي، هو عزم ۽ استقامت، جرئت ۽ استقلال جا پيڪر بڻجي پيا. بن صدين جي ٻڌي غلاميءَ مٿن مايوسي، نااميدي ۽ بيوسيءَ جي جيڪا ڪيفيت مڙهي چڏي هئي، سا هڪدم ئي ست سان ختم ٿي ويئي. ۱۹۴۰ع کان ۱۹۴۷ع تائين، انگريزن پنهنجي اقتدار کي مضبوط ڪرڻ لاءِ گهٽيئي رخ بدليا، پر خوشامد، نرمي، لالچ، وحشت ۽ بربريت جو ڪوبه رنگ ۽ روپ سودمند ثابت نه ٿيو. "ڪرپس تجويزون"، "هندستان چڏي وڃو" هلچل، "ويول منصوبو"، "شملا ڪانفرنس" ۽ "وزارتي مشن" کان پوءِ، پاڪستان جي تحريڪ وڌيڪ اثراڻتي نموني ۾ آڻي، ۽ قائداعظم جي مدبرانه قيادت ۽ رهنمائيءَ ۾، مسلمان اهڙيءَ طرح متحد ۽ منظم ٿي اڳتي وڌيا، جو سندن جمال ۽ جلال جو تاب ڪوبه سهي نه سگهيو ۽ هنن ستن سالن، چئن مهينن ۽ ڏاويهن ڏينهن جي مختصر ۽ بي مثل جدوجهد کان پوءِ آزادي حاصل ڪئي. پاڪستان بڻيو ۽ دنيا جي نقشي تي هڪ وڌيڪ مسلم ملڪ جو اضافو ٿيو. هيءُ نئون ملڪ ضرور هو، پر هتي جي ماڻهن جي تاريخ تمام آڳاٽي ۽ سندن روايتون تمام جرڪندڙ ۽ قابل رشڪ آهن.

(بشڪريه: قائداعظم اڪيڈمي، ڪراچي.)

Gul Hayat Institute

آزادي جي تحريڪ ۾ سنڌ جو حصو

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

ٽالپرن جي حڪومت ختم ٿيڻ بعد پهريون پيرو، سنڌ تي انگريزن جي غير مسلم حڪومت قائم ٿي. سنڌ جي مسلمانن ذهني طور ان کي قبول نه ڪيو ۽ مختلف نمونن سان انگريزن سان برسر پيڪار رهيا. ۱۸۵۷ع ۾ جڏهن برصغير جي هندن-مسلمانن گڏجي آزاديءَ جي تحريڪ هلائي، تہ سنڌ جي مسلمانن بہ ان ۾ پرپور حصو ورتو، ۽ شڪارپور، حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ انگريز فوج جي خلاف بغاوتون ٿيون.

۱۸۵۷ع جي آزاديءَ جي تحريڪ کان پوءِ آزاديءَ جو جذبو ختم نہ ٿيو، پر ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ قائم رهيو ۽ تحريڪ مختلف صورتن ۾ هلندي رهي. ۱۸۸۵ع ۾ ڪانگريس قائم ٿي، ۽ ۱۹۰۶ع ۾ مسلم ليگ وجود ۾ آئي. سنڌ جا رهاڪو انهن ٻنهي جماعتن ۾ حصو وٺندا رهيا. ٻنهي جماعتن جا جلسا وقت بوقت ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ ٿيندا رهيا. ٻنهي جماعتن جون شاخون سنڌ ۾ قائم ٿيون ۽ ٻنهي جماعتن جي مکيہ ليڈرن سنڌ جا دورا ڪيا.

ريشمي رومال تحريڪ:

حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن ديوبندي، ملڪ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ خفيہ تنظيم جو بنياد وڌو. ان سلسلي ۾ سن ۱۹۰۹ع ۾ جمعيت الانصار قائم ڪئي ويئي. ۱۹۱۱ع ۾ طرابلس جي جنگ لڳي، جيڪا ۱۹۱۲ع ۾ ختم ٿي.

۱۹۱۲ع ۾ يونانين جي مشهور فتنہ انگيز وزيراعظم "موسيووينيي زيليوس" جي ڪوشش ۽ حرفت سان ترڪن جي خلاف يونان، بلغاريہ ۽ سرويہ جو اتحاد قائم ٿيو ۽ پوءِ ان اتحاد ۾ "مونتي نيگرو" بہ شامل ٿي ويو. هنن گڏجي بلقان تي حملو ڪيو. هن جنگ ۾ ترڪن جو تمام گهڻو نقصان ٿيو. آخر فتح ڪيل علائقن جي ورهاست تي ترڪي جي دشمنن ۾ جهيڙو ٿي پيو. ان جو فائدو وٺي ترڪن ٻيهر ايڊريانوپل، ويموتيڪا ۽ قرقہ ڪليسا فتح ڪيا.

فرانس جيتوڻيڪ ترڪيءَ سان جنگ نہ ڪئي، پر اتليءَ جي تائيد ۽ همت افزائي ڪئي. برطانيہ ترڪيءَ جي فوجن کي مصر مان لنگهڻ نہ ڏنو، طرابلس تي اتليءَ جي حملي جو خاموشيءَ سان خيرمقدم ڪيو ۽ اتليءَ جا اهي بہ ڪروزو ضبط ڪيا،

جيڪي هن انگلنڊ کان خريد ڪيا هئا ۽ ان جي قيمت ادا ڪري چڪو هو. روس صدين کان ترڪيءَ جو دشمن رهيو هو. هن پاڻ کي بازنطيني سلطنت جو وارث ٿي سمجهيو ۽ قسطنطنيه تي قبضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. اهڙين حالتن ۾ ۱۹۱۴ع ۾ هي مهاڀاري لڙائي لڳي، جنهن ۾ ترڪي، روس، برطانيه ۽ فرانس جو طرفدار ٿي نڪتي سگهيو.

بلقان واري جنگ ۾ ترڪي جي فوج ڪمزور ٿي ويئي هئي، جنهن جي نئين سر تنظيم جي ضرورت هئي، ان ۾ جرمنيءَ ترڪي سان تعاون ڪيو ۽ ترڪي فوج جي تنظيم ۽ تربيت لاءِ جنرل "خان درغولتن" کي ترڪيءَ موڪليو. ان کان سواءِ اڳ ۾ به جرمنيءَ ترڪيءَ سان آڇائي نه هئي، انهيءَ ڪري ترڪي، هي مهاڀاري لڙائي ۾ جرمن جي طرفدار ٿي ويئي. عيسائي حڪمرانن جي سازش سبب ۱۹۱۴ع تائين ترڪيءَ جا هيٺان علائقا ترڪيءَ کان ڇڏائجي وڃا هئا. مقدونيه، ايپي لاس، البانيه، ٽرسين جو وڏو حصو، ڪريٽ، قبرص ۽ ٻيا ڪيترائي ٻيٽ، طرابلس، بلغاريه، بوسينه، هرزيگوينه ۽ مصر.

ترڪيءَ سان جيڪو هيڏو سارو هاڃو ٿيو، ان سڌ ۽ هند جي مسلمانن کي بيقرار ڪري ڇڏيو، ڇاڪاڻ ته ان وقت ترڪي دنيا ۾ مسلمانن جي واحد آزاد ۽ خودمختيار سلطنت هئي ۽ خلافت جي ڪري ان سان اميد قائم هئي، ته ڪنهن وقت دنيا جي مسلمانن لاءِ مرڪزيت جي ڪا صورت پيدا ٿي ويندي. مسلمانن چاهيو ٿي ته عراق، عرب، شام، فلسطين ۽ مقامات مقدسه خليفة المسلمين جي قبضي ۽ قيادت ۾ رهن.

سڌ ۽ هند جي مسلمانن کي انگريزن کان نفرت هئي، ويتر ترڪيءَ جو اهو حال ڏسي انگريزن کان وڌيڪ متنفر ٿيا. ۱۹۱۴ع ۾ حضرت شيخ الهند مولانا محمودالحسن ديوبندي ۽ سندس شاگردن ترڪيءَ جي فائدي ۾ عملي قدم کڻڻ شروع ڪيو ۽ جمعيت الانصار ڪوشش وڻ شروع ڪئي. مولانا محمد صادق ڪڏي وارو حضرت شيخ الهند جو شاگرد هو، ۽ ان جماعت جو رڪن هو. مهاڀاري لڙائي دوران انگريزن، هندستاني لشڪر سان عراق تي حملو ڪيو، جيڪو ان وقت ترڪن جي هٿ هيٺ هو. مولانا محمد صادق ڪڏي واري فتويٰ ڏني ته انگريزن جي لشڪر ۾ شامل ٿي ترڪن سان وڙهڻ ڪفر آهي. جيئن ته بلوچستان ۾ مولانا صاحب جو وڏو اثر هو، انهيءَ ڪري ان فتويٰ جي ڪري بلوچستان ۾ وڏو سمٿ متو. سردار نورالدين مينگل جي اڳواڻيءَ ۾ انگريزن جي خلاف بغاوت ٿي، انهيءَ ڪري هڪ طرف انگريزن جي بلوچستان ۾ ڀرتي رڪجي ويئي، ٻئي طرف انگريزن بغاوت کي روڪڻ لاءِ بلوچستان ۾ لشڪر موڪليو. نتيجو اهو نڪتو، جو ترڪن جي گهيري هيٺ آيل جنرل ٽائون شيڊ کي وقت سر هتان جي مدد

پهچي نه سگهي، ۽ هو مجبور ٿي ترڪن اڳيان پيش ٿيو. انگريزن کي مولانا صاحب تي شڪ لڳي، ۽ کيس چار سال "ڪارواڙ" جيل ۾ رکيائون.

حضرت شيخ الهند، پنهنجي خفيه تحريڪ جي سلسلي ۾ حضرت مولانا عبيدالله سنڌي کي سال ۱۹۱۵ع ۾ انگريزن جي خلاف محاذ قائم ڪرڻ لاءِ ڪابل روانو ڪيو. هو ۱۵- آگسٽ تي افغانستان جي علائقي "سوريايڪ" ۾ داخل ٿيو. سندس انقلابي ساٿي، مجاهد مرد شيخ عبدالرحيم سنڌي، بلوچستان جي آخري حد تائين ساٿس گڏ رهيو. مولانا سنڌي ۱۹۱۵ع کان ۱۹۲۳ع تائين افغانستان ۾ رهيو، ۽ پنهنجي تحريڪ جي سلسلي ۾ ڪم ڪندو رهيو. هن آتي سردار نصرالله خان، امير حبيب الله خان ۽ ان جي فرزند عنايت الله خان سان ملاقاتون ڪيون.

حضرت مولانا سنڌي پنهنجي تحريڪ جي پروگرام جي سلسلي ۾ ريشمي رومالن تي ٿي خاص خط لکي شيخ عبدالحق جي هٿان شيخ عبدالرحيم سنڌي(۱) ڏانهن حيدرآباد موڪليو، ته جيئن هو خط پاڻ يا پنهنجي خاص ماڻهوءَ جي ذريعي حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن کي حجاز ۾ پهچائي. شيخ عبدالحق شاگردن سان گڏ ساڳي تحريڪ جي سلسلي ۾ هجرت ڪري ڪابل ويو هو. هو ملتان جي الله نواز خان جو ملازم رهيو هو. نه معلوم ڪهڙن سببن جي ڪري هن اهو خط شيخ عبدالرحيم جي حوالي ڪرڻ جي بدران الله نواز خان جي والد ملتان جي خانبهادر رب نواز خان کي ڏنو. ان جي ذريعي پنجاب جي گورنر مائيڪل اوڊوائر کي وڃي مليو. انهيءَ وقت حڪومت شيخ عبدالرحيم جي ڳولها ۾ لڳي ويئي. شيخ عبدالرحيم کي ٻه ڪڙڪ پئجي ويئي، ۽ هو هڪدم روپوش ٿي ويو، ته ملتان سندس پڪڙجڻ جي ڪري، سندس استاد حضرت شيخ الهند کي تڪليف نه پهچي. چيو وڃي ٿو، ته روپوشيءَ جي حالت ۾ ٻئي نالي سان سرهند ۾ رهيو، ۽ اتي ٿي وفات ڪيائين.

ريشمي رومال وارو خط حضرت مولانا عبيدالله سنڌي ۹-۱۰ جولاءِ ۱۹۱۶ع تي لکيو، ۽ ۱۵- آگسٽ ۱۹۱۶ع تي شيخ عبدالحق ريشمي رومال سوڌو ملتان ۾ گرفتار ٿيو. اهڙيءَ طرح هيءَ تحريڪ ناڪام ٿي، ۽ "ريشمي رومال تحريڪ" جي نالي سان مشهور ٿي.

انهيءَ تحريڪ جي منصوبي موجب ملڪ اندر بغاوت جا مرڪز به قائم ڪيا ويا هئا، انهن مان هڪ سنڌ ۾ به هئا: هڪ امروٽ (ضلع شڪارپور) ۾ هو، جنهن جو

---

(۱) شيخ عبدالرحيم حيدرآباد جو نومسلم هو. سندس والد جو نالو پڳوانداس هو، جيڪو زميندار هو. شيخ عبدالرحيم مسلمان ٿيڻ کان پوءِ تعليم ورتائي، ۽ هن تحريڪ جو سڄو ۽ سرگرم رڪن ٿي رهيو. سندس ڪوشش سان ڪيترائي هندو نوجوان مسلمان ٿيا. هو درزڪو ڪم ڪندو هو، ۽ گاڏي ڪاتي حيدرآباد ۾ رهندو هو.

امير حضرت مولانا تاج محمود امروٽي هو، جيڪو سنڌ ۽ بلوچستان لاءِ هو، پيو لس ٻيلي ۾ ڪراچي لاءِ ڪراچي هو، جنهن جو امير حضرت مولانا محمد صادق ڪڏي وارو هو.

هن تحريڪ ۾ ذڪر ڪيل شخصيتن کان سواءِ، سنڌ جي ٻين ماڻهن جا نالا ۽ ملن ٿا، جن هن تحريڪ ۾ سرگرم حصو ورتو:

١- سيٺ حاجي عبدالله هارون: هن صاحب مولانا عبيدالله سنڌي کي ڪابل جي سفر خرچ لاءِ پنج هزار رپيا ڏنا.

٢- مولوي عبدالله پٽ نهال خان لغاري، ويٽل ڳوٺ ملان بخش لغاري، تعلقو ميرپور ماٽيلو ضلعو سکر. دين پور جي پير غلام محمد جو شاگرد هو.

٣- قاضي عبدالقيوم: هيءَ حيدرآباد جو ميونسپل ڪمشنر هو، ۽ شيخ عبدالرحيم سنڌيءَ جو ساٿي هو.

٤- فتح محمد سنڌي: ڳوٺ "ر" ضلعي شڪارپور جو رهاڪو هو. خط پڪڙجڻ کان پوءِ روپوش ٿي ويو.

٥- ابراهيم سنڌي: ڪراچيءَ جو رهاڪو هو، ۽ عبدالله جو پٽ هو. خط پڪڙجڻ کان پوءِ روپوش ٿي ويو.

٦- محمد علي سنڌي: گوجرانوالا جي حبيب الله جو پٽ هو، پر سنڌ ۾ رهڻ جي ڪري سنڌي مشهور هو. مولانا عبيدالله سان گڏ جي ڪابل ويو هو، ۽ خفيه مشن جي سلسلي ۾ شيخ عبدالله سان گڏ موٽي آيو هو. خط پڪڙجڻ کان پوءِ روپوش ٿي ويو، يا موٽي ڪابل ويو.

٧- شاهه بخش ولد امام بخش انصاري: حيدرآباد جو رهاڪو هو. خط پڪڙجڻ کان پوءِ نظربند رهيو.

٨- پير اسدالله شاهه سنڌي: امروٽ ضلعي شڪارپور جو رهاڪو هو. مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو شاگرد هو، ۽ مدرسه ڳوٺ پير جهنڊو ۾ وڻائس تعليم حاصل ڪئي هئائين. ان کان پوءِ انقلابي تحريڪ ۾ حضرت مولانا جو رفيق رهيو.

٩- فتح محمد سنڌي: اصل ۾ هندو هو. ڪيس دين پور جي بزرگ مولانا غلام محمد مسلمان ڪيو. اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ امروٽ ۾ اچي رهيو، جتي هو ٦ سال رهيو. ان کان پوءِ سکر ۽ شڪارپور ۾ ڪاروبار شروع ڪيائين. ڪيس سکر ۽ شڪارپور ۾ بيڪريءَ جا دڪان هئا. ڳٽن جي ڪلن جو واپار به ڪندو هو. ١٩١٥ع ۾ مولانا عبيدالله سان گڏجي ڪابل ويو. ١٩١٦ع ۾ هتي جي انقلابين لاءِ مولانا عبيدالله، برڪت الله وغيره جا خفيه خط کڻي آيو. سيپٽمبر ١٩١٦ع ۾ سندس گرفتاريءَ جو وارنٽ جاري ٿيو، پر هو روپوش ٿي ويو، ۽ حڪومت کي سندس کوڙ پتو پڄي نه سگهيو.

کابل ۾ حضرت مولانا سنڌي جي کوشش سان "جنود ربانيه" يعني نجات ڏيارينڊڙ لشکر تيار کيو ويو هو، ان جا سرپرست هئا: خليفتہ المسلمين، سلطان احمد شاهه قاچار (ايران) ۽ امير حبيب الله خان (کابل). ان جو جنرل يا سالار حضرت شيخ الهند مولانا محمود الحسن هو، ۽ قائم مقام سالار حضرت مولانا عبيدالله سنڌي هو. ان جا ۲۹ نائب سالار (ليفٽيننٽ جنرل) هئا. انهن مان ۾ سنڌي هئا: مولانا تاج محمود امروٽي ۽ پير اسد الله شاهه سنڌي.

معين سالار (ميجر جنرل) ۾ بين سان گڏ شيخ ابراهيم سنڌي جو نالو ملي ٿو. ضابطه (کرنل) جي فهرست ۾ مولوي عبدالله سنڌي، شيخ عبدالرحيم سنڌي، مولوي محمد صادق سنڌي (کڈي وارو)، حاجي شاهه بخش سنڌي، ۽ محمد علي سنڌي جا نالا ملن ٿا. ليفٽيننٽ جي فهرست ۾ محمد علي سنڌي جو نالو ملي ٿو.

هجرت تحريک

انهيءَ دوران برصغير ۾ هجرت تحريک شروع ٿي. هن تحريک جي اهميت ۽ ضرورت کي سمجهڻ لاءِ ان وقت جي سياسي حالتن ۽ مسلمانن جي جذبن ۽ احساسن کي سامهون رکڻ لازمي آهي. انهيءَ کري مختصر طور اهي ڳالهيون بيان کجن ٿيون.

انهيءَ زماني ۾ ترکيءَ جو سلطان مسلمانن جو خليفو سڏيو ويندو هو، انهيءَ کري سنڌ جي مسلمانن کي ترکيءَ سان بيحد محبت هئي. هوڏانهن وڏي عرصي کان ترکيءَ خلاف عيسائي حکومتن جو سازشون هليون ٿي آيون.

طرابلس ترکيءَ جو علائقو هو. اني جا رهاکو مسلمان هئا ۽ نسلي لحاظ کان عرب بربر ۽ ترک هئا ۽ کجهه اطالوي ۾ رهندا هئا. پر انهن کي ترکي حکومت کان کاٻه شکايت کانه هئي، هروپرو بنا کنهن سبب جي ۱۹۱۱ع ۾ طرابلس تي اٽلي حملو کيو. فرانس، اٽليءَ جي مدد کئي. اٽلي طرابلس تي قبضو کرڻ کان پوءِ مسلمانن تي بي انتها ظلم کيا. سنڌ جي مسلمانن جڏهن اهي خبرون ٻڌيون، تڏهن هو اٽليءَ کان نفرت کرڻ لڳا. اٽليءَ جون ٽوپيون ساڙيون ويون ۽ ترکي ٽوپي پائڻ جو رواج عام ٿيو.

پهرين مهاياري لڑائيءَ ۾ جرمني ۽ ان جي طرفدارن کي شکست ملي ۽ هنگامي صلح جي معاهدي تي صحيحون ٿيون. ان ۾ ترکيءَ لاءِ هي شرط رکيا ويا: پنهنجي سموري فوج برخواست کندو، ان جا جنگي جهاز فاتح ضبط کندا، ملک جي ريلن جي نگراني ۽ کنٽرول جو حق اتحاديـن کي هوندو، "ايشيائي کوچک" ۽ عربستان ۾ سرحدن جي تعمير کان سواءِ اندروني ملک جو انتظام ترکيءَ جي ڪٽي اختيار ۾ هوندو.

انگريزن قسطنطنيه ۾ اهو ظالمانه قبضو کيو، جنهن کي Captuation سڏيو ويندو آهي، جنهن موجب فاتح کي ذاتي رهائشي جاين ۽ گهرن تي ۽ قبضي جو

حق حاصل هوندو آهي. انهن ڳالهين جي ڪري سنڌ ۾ هند جا مسلمان بيقرار ٿي ويا. نتيجي ۾ برصغير جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ احتجاجي جلسا ٿيا، جن ۾ انگريزن سان نفرت جو اظهار ڪيو ويو ۽ ترڪيءَ سان دلي همدردي ڏيکاري ويئي. محمد علي ۽ شوڪت علي انهن ڏينهن ۾ آپريا ۽ پنهنجي اخبار ۾ ترڪيءَ جي فائدي ۾ دل کولي لکيائون ۽ ڳالهايائون. انهيءَ ڪري کين جيل پوگهٽو پيو. هو اڃا جيل ۾ ئي هئا تہ اتحادين ۽ جرمني-ترڪيءَ وچ ۾ هنگامي صلح جو اعلان ٿيو.

هنگامي صلح کان پوءِ برصغير پاڪ و هند ۾ مسلمانن جا جذبا پڙڪي آٿيا. مدراس ۾ سيٺ يعقوب حسن جي صدارت ۾ ۱۷ جنوري ۱۹۱۹ع تي مسلمانن جو اجتماعي اجلاس ٿيو. ان کان پوءِ ۲۶ جنوري ۱۹۱۹ع تي آل انڊيا مسلم ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن جي صدارت مولانا قيام‌الدين عبدالباري فرنگي محلي ڪئي. ۲۲-سيپٽمبر ۱۹۱۹ع تي لکنو ۾ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن ۾ "خلافت ڪاميٽي" جو بنياد رکيو ويو. ان کان پوءِ خلافت ڪاميٽيءَ جو اجلاس ۲۳ نومبر ۱۹۱۹ع تي دهليءَ ۾ منعقد ٿيو، جنهن جي صدارت فضل‌الحق ڪئي.

سنڌ ۾ به خلافت تحريڪ شروع ٿي ۽ ان کي رئيس غلام محمد پرگڙي وڏي تقويت پهچائي. سندس جاري ڪيل اخبار "الامين" ان سلسلي ۾ وڏو ڪم ڪيو. شيخ عبدالمجيد سنڌي به هن اداري سان وابسته هو. خلافت ڪاميٽي ناره جو مهتمم حاجي احمد علي المجاهد هو، هُن به پاڻ پتوڙيو. تحريڪ کي روڪڻ لاءِ حڪومت "امن سڀا" قائم ڪري، تحريڪ خلافت توڙي قومي رجحانن خلاف ڪن زميندارن، پيرن ۽ جاگيردارن جي ذريعي محاذ آرائي شروع ڪئي، پر عوام تي ان جو ڪوبہ اثر نہ پيو. نتيجو اهو نڪتو جو عوام نہ فقط انگريزن خلاف نفرت ڪندو رهيو، پر انهن پيرن ۽ زميندارن کي بہ حقارت جي نظر سان ڏسڻ لڳو، جيڪي امن سڀائي ٿي، انگريزن جي طرفداري ڪري رهيا هئا. انگريزن جي اشاري تي اهي امن سڀائون هر تعلقي ۾ قائم ڪيون ويون هيون ۽ "سچائي" ڏني اخبار به ڪڍي ويئي هئي، پر آهي ڪوششون بي‌فائدي ثابت ٿيون. ان کان سواءِ سنڌ جي ڪمشنر پنهنجي اسسٽنٽ ڪمشنر خانبهادر نبي بخش محمد حسين جي مدد سان هڪ نام نهاد مولوي فيض‌الڪريم جي مدد سان هڪ فتويٰ لکرائي، جنهن ۾ ترڪيءَ جي خلافت کي ناجائز ثابت ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي ويئي، ان کان پوءِ حڪم ٿيو تہ ان تي سڀ عالم ۽ پير صحيحون ڪن. سنڌ جي ۱۶ عالمن ۽ پيرن مجبور ٿي، ان تي صحيحون ڪيون.

اهو ڏسي حق پرست ميدان تي نڪري آيا ۽ خلافت جي فائدي ۾ فتوائون ۽ رسالا لکيائون. اهڙو هڪ رسالو منهنجي سامهون آهي، جيڪو مولانا معين‌الدين صديقي سيوستانيءَ جو لکيل آهي. هي رسالو ڊيمي سائيز جي ۴۵ صفحن تي مشتمل

آهي ۽ ١٣٣٧هه (١٩١٩ع) ۾ حاجي احمد علي خلافت ڪاميٽي ناره طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. مولانا صاحب قرآن مجيد، حديث شريف ۽ فقه جي ڪتابن جي روشنيءَ ۾ نهايت واضح دليلن سان خلافت جي اهميت، افاديت ۽ ضرورت کي واضح ڪيو آهي ۽ ترڪي خلافت کي بلڪل جائز سڏيو آهي. ان وقت سنڌ جي مسلمانن جي دلين ۾ پنهنجي مسلمان ڀائرن لاءِ جيڪو درد هو، اهو سندس هيٺين جملن مان بلڪل واضح آهي:

"هندستان جا مسلمان، جي دولت برطانيه جا رعيت آهن، سي به نيٺ مسلمان ته آهن ....." (ص ١١).

خلافت جي تعريف ۽ ضرورت جي شروعات هن جملي سان ڪري ٿو:

"دنيا ۾ جيئن ٻيون مختلف قومون آهن، تيئن مسلمان به هڪڙي خاص قوم آهي، جا سڀني قومن کان ممتاز ۽ علحده آهي" (ص ٣).

هن مان معلوم ٿيندو ته مسلمانن جي الڳ ۽ جداگانه قوميت جو تصور سنڌ جي مسلمانن ۽ عالمن ۾ قديم زماني کان موجود هو، نه فقط ايترو، پر هو مسلمان قوم جي فوقيت جا به قائل هئا. ان کان سواءِ هڪ ٻئي عالم مولانا حافظ محمد ابراهيم ڳڙهي ياسينوي به فيض الڪريم جي خلاف ڪفر جي فتويٰ ڏني.

ڊسمبر ١٩١٩ع ۾ امرتسر ۾ خلافت ڪانفرنس منعقد ٿي. ساڳي ئي شهر ۽ ساڳي ئي مهيني ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا اجلاس به ٿيا. محمد علي، شوڪت علي "بيتول" جيل مان نڪري، سڌو اچي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا. ڪانفرنس ۾ ٺهراءُ پاس ٿيو، ته ١٥- جنوري ١٩٢٠ع تائين خلافت جي مسئلي ۽ عربستان بابت مسلمانن جا مطالبا پيش ڪرڻ لاءِ هڪ وفد تيار ڪري انگلنڊ موڪليو وڃي، جنهن جي صدارت مولانا محمد عليءَ جي سپرد ڪئي ويئي. ان کان سواءِ خلافت فنڊ قائم ڪيو وڃي، جنهن لاءِ ڏهه لک رپيا گڏ ڪيا وڃن. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ به خلافت تحريڪ جي پٺڀرائي ڪئي.

انگلنڊ وفد موڪلڻ کان اڳ خلافت جي سلسلي ۾ هڪ وفد ١٩- جنوري ١٩٢٠ع تي هندستان جي وائسراءِ سان مليو، پر وائسراءِ مايوس ڪندڙ جواب ڏنو. انهيءَ ڪري انگلنڊ وفد موڪلڻ لاءِ فيبروري ١٩٢٠ع ۾ خلافت ڪانفرنس جو ٽيون اجلاس بمبئيءَ ۾ منعقد ٿيو. هن اجلاس ۾ انگلنڊ موڪلڻ واري وفد تي اعتماد جو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو.

٢- مارچ ١٩٢٠ع تي هي وفد وزير هند مسٽر فشر سان مليو. ان کان پوءِ وفد مسٽر لائڊ جارج سان مليو ۽ مولانا محمد علي وڏي قابليت ۽ بي باڪيءَ سان هندستان جي مسلمانن جا مطالبا پيش ڪيا. پر برطانيه جي وزير اعظم مسلمانن جا مطالبا منظور ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. انهيءَ ڪري برصغير پاڪ و هند جا

Gul Hayat Institute

مسلمان ڏاڍا مايوس ٿيا. پنهنجي جذبات جي اظهار طور ۱۹- مارچ ۱۹۲۰ع تي، "يوم غم" ملهايو ويو.

۱۲- جون ۱۹۲۰ع تي مرڪزي خلافت ڪاميٽيءَ جي طرفان هندستان جي وائسراءِ لارڊ چيمسفورڊ کي مسلمانن جي رهنمائن درخواست ڪئي، ته ترڪيءَ کي صلح لاءِ جيڪي شرط ڏنا ويا آهن، اهي ڏاڍا سخت آهن، انهن تي نظرثاني ڪئي وڃي. ان سان گڏ اهو به لکيو ويو ته پهرين آگسٽ ۱۹۲۰ع تائين جيڪڏهن هيءَ درخواست قبول نه ڪئي ويئي، ته حڪومت سان عدم تعاون ڪيو ويندو. ان درخواست تي برصغير پاڪ و هند جي سرڪرده رهنمائن سان گڏ سنڌ جي هيٺين رهنمائن صحيحون ڪيون:

(۱) سيٺ حاجي عبدالله هارون، (۲) مولانا تاج محمود امروٽي، (۳) ميان امين الدين منشي، (۴) شيخ عبدالمجيد سنڌي، (۵) سيد اسدالله شاهه ٽکرائي، (۶) مولوي محمد صادق ڪڏي واري، (۷) جان محمد خان جوٽيجو، (۸) پير رشدالله جهنڊي واري، (۹) محمد هاشم مخلص، (۱۰) مولوي عبدالحي مورائي.

۱۵- آگسٽ ۱۹۲۰ع تي ترڪيءَ کان زوري عهدنامي تي صحيح ورتي ويئي، جيڪا "عهدنامي سيوري" جي نالي سان مشهور ٿيو. ان ۾ اهڙا اڳرا شرط هئا، جو مسلمانن جي دلين ۾ انگريزن جي خلاف باهه ٻرڪي اٿي. اهو ڏسي هندستان جي وائسراءِ مسلمانن جون دليون ٺاري لاءِ هڪ پيغام شايع ڪيو، جنهن رهندو مسلمانن جي زخمن تي لوڻ ٻرڪڻ جو ڪم ڏنو. سنڌ ۾ به ان جو وڏو اثر ٿيو. انهيءَ ئي سال حيدرآباد ۾ خلافت ڪانفرنس جو جلسو ٿيو، جنهن جي صدارت مولانا عبدالڪريم درس ڪئي. ان ۾ لاڙڪاڻي جي رئيس جان محمد خان جوٽيجي انگريزن جي ظلمن بابت هڪ ولولہ انگيز تقرير ڪئي. ان کان پوءِ رئيس جان محمد خان جوٽيجي جي ڪوشش سان ۶-۷-۸ جون تي هي خلافت ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن جي صدارت پير صاحب جهنڊي واري ڪئي. ان جي استقباليہ ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري رئيس جان محمد خان جوٽيجو هو. ان ۾ مولانا محمد علي، شوڪت علي، مولانا عبدالباري لکنوي، مولانا عبدالجبار لکنوي، ابوالڪلام آزاد، رئيس غلام محمد خان ٻرڙي، حاجي عبدالله هارون، مولانا تاج محمود امروٽي، مهاتما گانڌي، ڊاڪٽر ڪچلو وغيره شرڪت ڪئي. ڪانفرنس جي آخري ڏينهن تي ٺهراءَ پاس ڪيو ويو، ته سنڌ جو هڪ وفد بمبئيءَ وڃي، سنڌ ۾ ڪامورن جي ٽيل ظلمن بابت گورنر جو ڌيان ڇڪائي، ڇاڪاڻ ته سنڌ بمبئيءَ سان ڪنڊيل هئي ۽ گورنر بمبئيءَ ۾ رهندو هو. ان فيصلي مطابق هڪ وفد بمبئيءَ ويو، جنهن ۾ پير صاحب جهنڊي واري، مولانا دين محمد وفائي ۽ پيا ڪيترائي عالم هئا. ان سفارت جو لسان الوفد رئيس جان محمد جوٽيجو هو. بمبئيءَ ۾ ۲۶ ڏينهن رهڻ کان پوءِ به گورنر کين ملاقات جو موقعو نه ڏنو.

البت سندن وڃڻ مان هڪ ٻيو فائدو ٿيو، جو ڪين آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو، جيڪو رئيس غلام محمد پرگڙي جي صدارت ۾ ۲۸ مئي تي بمبئيءَ ۾ منعقد ٿيو. ان اجلاس ۾ ٺهراءُ پاس ٿيو، ته مسلمانن جي مقصدن جي تڪميل جو واحد ذريعو "عدم تعاون" آهي. ان کان پوءِ ۱- آگسٽ ۱۹۲۰ع تي خلافت ڪاميٽي سڄي ملڪ ۾ عام هڙتال ڪرائي.

هجرت تحريڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ حاجي سر عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي جي ڪوشش سان روزانه "الوحيد" ڪراچي مان جاري ٿي، جنهن کي خلافت تحريڪ جو ترجمان بنايو ويو.

ترڪ موالات جي سلسلي ۾ هندستان جي عالمن جيڪا فتويٰ جاري ڪئي، ان تي سنڌ جي ٻه ڪيترن عالمن صحيحون ڪيون، جهڙوڪ مولانا محمد ابراهيم ڪڙهي ياسينوي، مولانا محمد سليمان، مولانا عبدالله جان سرهندي وغيره. ۶ سيپٽمبر ۱۹۲۰ع تي ڪلڪتي ۾ جمعيت علماءَ هند جو غيرمعمولي اجلاس منعقد ٿيو، جنهن ۾ هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان عالم شريڪ ٿيا، ان ۾ ٺهراءَ منظور ڪيو ويو ته "جيئن ته ترڪيءَ سان صلح وقت يورپ صريحاً ناانصافي ڪئي آهي، برطانيه پنهنجي وعدن جي خلاف ورزي ڪئي آهي، خليفة المسلمين جي مذهبي طاقت کي ڪچلي، اسلام دشمنيءَ جو ثبوت ڏنو آهي، انهيءَ ڪري مسلمان تي بحيثيت مسلمان جي لازم ٿئي ٿو ته اسلام جي دشمنن سان ترڪ موالات ڪري." انهيءَ ٺهراءَ تي جن سنڌي عالمن صحيحون ڪيون، انهن جا نالا هي آهن: مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا عبدالخالق مورائي، مُلا شاهم، مولانا شمس الدين. ان کان پوءِ سنڌ جي مسلمانن انگريزن کان مليل خطاب واپس ڪيا. سنڌ جي اهڙين ۳۳ مشهور شخصيتن جا نالا ملن ٿا، جهڙوڪ: سيد حاجي محمد شاهم مٺياري، رئيس جان محمد جوٽيجو، شاهم علي جان، امين الدين، پير آغا غلام مجدد، سيد محمد نعيم شاهم، سيد علي اصغر ٽڪڙ، جلال شاهم ٽڪڙ، سردار محمد حيات لاڙڪاڻو، محمد وارث پاٽ، آخوند نور محمد مٺياري وارو وغيره.

سنڌ ۾ هجرت تحريڪ

سنڌ جا مسلمان مذهب جي معاملي ۾ ڏاڍا غيرتمند رهيا آهن. وزيراعظم جي مايوس ڪندڙ جواب کان پوءِ جڏهن سڄي برصغير پاڪ و هند ۾ ۱۹ مارچ ۱۹۲۰ع تي "يوم غم" ملهايو ويو، تڏهن سنڌ جا مسلمان انگريزن کان ايتري قدر ته متنفر ٿي ويا، جو هنن ٻيو ڪو چارو نه ڏسي، سنڌ مان هجرت ڪرڻ جي سٽ سڏي. ۱۰ اپريل ۱۹۲۰ع ۾، سيوهڻ ۾ خلافت ڪاميٽيءَ جو جلسو منعقد ٿيو، جنهن جي صدارت مولانا عبدالڪريم درس ڪئي. ان ۾ رئيس جان محمد خان جوٽيجي ۽ ٻين زوردار تقريرون ڪيون. ٺهراءَ پاس ٿيو، ته هن ملڪ مان هجرت ڪئي وڃي ۽ مسلمانن جي ملڪ افغانستان ۾ وڃي رهجي. ان کان پوءِ جيڪب آباد ۾ خلافت

ڪاميٽيءَ جو جلسو ٿيو، جنهن ۾ هجرت واري ٺهراءَ عملي صورت اختيار ڪئي. هن جلسي جي صدارت مولانا تاج محمود امروٽي ڪئي. ڪانفرنس ۾ رئيس جان محمد خان جوشيلي تقرير ڪندي، قطع تعلقات جو سوال اٿاريو. تقرير ۾ اعلان ڪيائين تہ "مان سرداري جي پيو نمبر ڪرسي، ميونسپل ڪميٽي، لوڪلبورڊ جي ميمبري، بئريسٽريءَ جي ڊگري، سڀ ترڪ ڪريان ٿو ۽ ڊل ڊيڻ کان ب انڪار ڪريان ٿو." سندس تقرير جي نتيجي ۾ "ترڪ موالات" جو جوش ايتري قدر ڦهاڀي ويو، جو ڪيترن ماڻهن قطع تعلقات جا اعلان ڪيا.

انهيءَ کان پوءِ هجرت جي تياريءَ لاءِ باقاعدي "هجرت ڪاميٽي" ٺاهي ويئي، جنهن جو صدر پير تراب علي شاهه ۽ سيڪريٽري رئيس جان محمد خان جوٽيجو چونڊيا ويا. عزيز الله عرف ملا گامون(۱) ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي مسلمانن کي انگريزن جي خلاف بغاوت لاءِ پڙڪايو، ۽ هجرت لاءِ همت ٻڌائي. ڪيترن ئي ماڻهن ڪابل ڏانهن هجرت ڪرڻ لاءِ دفتر ۾ نالا داخل ڪرايا. لاڙڪائي ۾ رئيس جان محمد خان جوٽيجي جي بنگلي کي هجرت ڪاميٽيءَ جو دفتر بنايو ويو. خلافت تحريڪ ۽ هجرت تحريڪ ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي پير علي انور شاهه راشدي (۲) ۽ مولوي علي محمد منگي(۳) ب سرتوڙ ڪوشش ورتي.

---

(۱) هن جو اصل نالو عزيزالله هو، پر پنهنجي انفرادي حيثيت ۽ سچ چوڻ جي ڪري ڪيس عام طرح "ملان گامون" سڏيو ويندو هو. هو ذات جو ٻڪيو هو، ۽ ڳوٺ آباد تعلقي وارهه جو ويڙل هو. چون ٿا تہ هن پنهنجي زلدگيءَ ۾ ڪڏهن ب ڪوڙ ڪونہ ڳالهايو. هي ڪنهن کي ب سچ چوڻ کان نہ گسندو هو. هو پورهيو ڪري پيٽ لوت ڪيلدو هو، ۽ ڪنهن جي ب اڳيان هٿ نہ ٽنگيندو هو. انگريزن جو سخت دشمن هو، ۽ انقلابي ذهن رکندو هو. سندس ابتدائي تعليم وارهه جي مولوي گل محمد وٽ ٿي، ۽ سندس انگريز دشمن ۽ انقلابي طبيعت سبب مولوي گل محمد کهاوڙ انگريزي حڪومت جي پٺو ڪان ڪيس پاڻ وٽ رهائڻ پسند نہ ڪيو. الهيءَ ڪري سندس تعليم مڪمل ٿي نہ سگهي. هن خلافت تحريڪ ۽ هجرت ۾ وڌو ڪم ڪيو. آخر هجرت واري قافلي ۾ ڪڏجي وڃي افغانستان پهتو. اتي امير امان الله خان ۽ مولانا عبيدالله سنڌي سان سندس ملاقات ٿي. الهن ٿي سندس طبيعت جو ايترو اثر ٿيو، جو ڪيس هڪ هزار مهاجرن جي ٽولي جو اڳواڻ مقرر ڪيو ويو. مهاجرن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ سڄو سال سخت محنت ڪيائين. الهيءَ ڪري سخت بيمار ٿي پيو، ۽ آخر آٿي ٿي وفات ڪيائين. امير امان الله جي حڪم موجب ڪيس ڪابل جي شهيدن جي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

(۲) پير صاحب لاڙڪائي لڪ ڳوٺ، پير ڳوٺ جو ويڙل هو. ڪجهہ سال اڳ وفات ڪيائين.

(۳) مولوي علي محمد منگي، قنبر جو رهاڪو هو. ۱۹۷۷ع ۾ ۱۲۰ ورهين جي عمر ۾ وفات ڪيائين. وڏو مخلص ۽ حق گو انسان هو. خلافت تحريڪ ۽ آزاديءَ جي تحريڪ ۾ سرجوشي سان حصو ورتائين. انهيءَ ڪري ڪيترين ئي سختيون سهائين ۽ جيل پوگهيائين. خلافت تحريڪ ۾ ڪم ڪيائين، ۽ جمعيت علماءِ هند سان وابسته رهي، وطن جي آزاديءَ لاءِ پاڻ ٻوڙيائين. مولانا شوڪت علي ۽ ٻيا وڏا ليڊر ڪيس عزت ۽ قدر جي نگاهہ سان ڏسندا هئا.

ان کان پوءِ ۲۲ مئي تي حيدرآباد ۾ جلسو ٿيو، جنهن جي صدارت پير تراب علي شاهه راشدي ڪئي. ان ۾ رئيس جان محمد خان جوٽيجي جي صحيح سان بمبئيءَ جي گورنر جي پوليٽيڪل سيڪريٽري ڏانهن تار ڪئي ويئي. ان کان پوءِ حڪومت سندس ٻنين جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو، پر رئيس مرحوم سڀڪجهه برداشت ڪري، هجرت جي تياريءَ ۾ لڳو رهيو. سڄي هندستان ۾ هي هڪڙو سنڌي مجاهد هو، جنهن هجرت تحريڪ هلائي ۽ ان کي عملي صورت ڏني. سنڌ سندس ديني غيرت، همت ۽ جرئت تي جيترو به ناز ڪري اوترو ٿورو آهي. ان کان پوءِ رئيس مرحوم حيدرآباد ۾ خلافت ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، جيڪا جون ۾ منعقد ٿي، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. ان کان پوءِ هو وفد وٺي بمبئي ويو، جتي گورنر کيس ملڻ جو موقعو به نه ڏنو. ان موقعي تي هن بمبئيءَ جي آل انڊيا خلافت ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، ان جو ذڪر اڳ ۾ آيو آهي.

انهن سمورين حالتن سنڌ جي مسلمانن کي هجرت لاءِ مجبور ڪيو، آخر جولاءِ ۱۹۲۰ع ۾ لاڙڪاڻي شهر مان اسپيشل ٽرين پاڙي ڪري رئيس جان محمد خان جوٽيجو سائين ستن سون مهاجرن جو ساٿ ساڻ ڪري افغانستان روانو ٿيو. هجرت جو احوال اخبار "لاڙڪاڻه گزيٽ" جي ايڊيٽر ٺهارام پنهنجي اخبار جي ۱۷ جولائي ۱۹۲۰ع واري پرچي ۾ هن طرح لکيو:

"۹- جولاءِ ۱۹۲۰ع تي مسلمان پنهنجي دين جي اصولن جي پيروي ڪرڻ ڪري هجرت ڪري ويا. سڀني جي دل تي زخم ڪري ويا. ان ڏينهن هر ڪنهن مسلمان جو چهرو چمڪندڙ هو. لاڙڪاڻي شهر جا دڪان بند هئا، ليڪن هر ڪنهن هندوءَ جو چهرو جدائي جي ڪري ڪومايل هو ۽ ماڻهن جا هشام لاڙڪاڻي اچي ويا. تنهن ڏينهن هجرت ڪندڙ ۶۰ ۷ ڇٽا هئا. مسلمان پائرن جون دليون خلافت ۽ ترڪيءَ جي مسئلي جي ڪري وڏي ماتم ۾ آهن، جتان ڪٽان هجرت ڪرڻ جا آواز ٻڌڻ ۾ اچن ٿا..."

هڪ هندوءَ جي قلم مان نڪتل هي احوال سنڌ جي مسلمانن جي ديني غيرت، پنهنجي مسلمان پائرن لاءِ دلي همدرديءَ ۽ اسلام لاءِ سر ساهه قربان ڪرڻ جي جذبي جي بخوبي عڪاسي ڪري ٿو. هڪ هجرت ڪندڙ شاعر "عبد" پنهنجي جذبات جو اظهار هن طرح ڪيو آهي:

اسان کي عزيزو، ٿي چڪي قسمت خدا حافظ
وڃون ٿا طرف ڪابل، ڪري هجرت خدا حافظ
بحڪم هادي ٽياسين مهاجرين في سبيل‌الله
خادم آهيون سڀني، دين جي خدمت خدا حافظ

مهاجرن کي لاڙڪاڻي کان روهڙي اسٽيشن تائين سيني اسٽيشنن تي هزارن ماڻهن الوداع ڪئي. سنڌ کان ٻاهر پنجاب ۽ صوبه سرحد جي اسٽيشنن تي به مهاجرن جي ڪيترن ماڻهن مرحبا ڪئي. هڪ مهاجر الهڏني پٽ نبي بخش پشاور پهچڻ کان پوءِ پنهنجي عزيزن کي خط لکيو:

"صبح جو ستين بجي سوار ٿي، ساڍي ۱۱ بجه سومر ڏينهن پشاور ۾ آياسون. اڪ ڪن ماڻهو اسٽيشن تي پهتل هئا..... هاڻي جمع ڏينهن روانا ٿي ڪابل ڏانهن ويناسون. دعا ڪريو ته خدا صاحب اسلام کي فتح ڏي..."

هن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته اسلام جي سربلنديءَ ۽ مسلمانن جي فتح ۽ نصرت جي جذبي وڃان سنڌ جي مسلمانن هجرت ڪئي.

هي قافلو ۱۹ جولاءِ ۱۹۲۰ع تي جلال آباد پهتو. افغان سرڪار پهريائين کين سهوليتون ڏنيون، پر پوءِ توجهه هٽائي چڏيائون. انهيءَ ڪري بي بندوبستي ٿي پيئي. مهاجرن جي بندوبست لاءِ رئيس المهاجرين رئيس جان محمد خان جوڻيجي هڪ وفد ساڻ ڪري مولانا محمدعلي جوهر جي ملاقات لاءِ روانو ٿيو. مولانا مرحوم انهن ڏينهن ۾ ڪاليج جي شاگردن ۾ ترڪ موالات جي تبليغ ڪري رهيو هو، ته رئيس صاحب به ساڻس وڃي مليو. ان کان پوءِ ٻنهي گڏجي هندستان جي گهڻن ئي شهرن جو گشت ڪيو.

نومبر جي پوين تاريخن ۾ رئيس مرحوم الله آباد واري ڪانگريس اجلاس ۾ شرڪت ڪري لاڙڪاڻي آيو. هتي ڪيس سنڌ جي جڊيشل ڪمشنر جو نوٽيس پهتو، جنهن ۾ ڪيس چيو ويو هو ته ڪراچي اچي، جيڪب آباد وارين تقريرن جي بابت جواب ڏئي. رئيس مرحوم وڃڻ جي بجاءِ ڪيس جواب لکي موڪليو ته "جيئن ته مان افغانستان جي رعيت آهيان ۽ انجمن مهاجرين هند جي طرفان موڪليل آهيان، تنهنڪري جيڪڏهن انهن جو حڪم ايندو ته ايندس، نه ته نه." لاڙڪاڻي مان ٻمبئي ويو، جتي ڪيس ٻمبئيءَ خلافت ڪاميٽي طرفان پنجاهه لک رپيا امداد ڏني ويئي، جيڪا هن هڪدم ڪابل روانو ڪئي. آخر ڪار ڪابل روانو ٿيو، پر سرحد تي ڪيس روڪيو ويو. پشاور ۾ فارسي ۾ تقرير ڪيائين، جنهن ۾ انگريزن تي خوب چوهه چڏيائين ۽ پاڻ کي افغان رعيت ظاهر ڪيائين. پشاور مان به ڪيس نڪري وڃڻ جو حڪم مليو، جنهنڪري لاهور آيو. اتان لکنو آيو ۽ ائودڌ خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿي فارسيءَ ۾ تقرير ڪيائين.

ان کان پوءِ اجمير جي خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ رئيس مرحوم مولانا محمدعلي جوهر سان گڏجي اجمير آيو، اتي ڪيس بخار ٿي پيو ۽ جلسي ۾ اڃي نه سگهيو. البت پنهنجي فارسيءَ ۾ لکيل تقرير جلسي ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليائين. سندس بخار وڌي وڃي خوفناڪ بيماريءَ جي صورت اختيار ڪئي. آخر ۲۷ رجب ۱۳۳۹هـ برابر

۱۶ اپريل ۱۹۲۱ع تي مسافر ۽ مهاجر جي حالت ۾ اجمير شريف ۾ شهادت جو جام نوش فرمائي، حيات جاوداني حاصل كيائين. كيس حضرت خواجہ غريب نواز معين الدين چشتي اجميري جي درگاهہ ۾ مدفون كيو ويو.

"إنا لله و إنا اليه راجعون"

سندس وفات بعد كابل ۾ مهاجرن جو كو اوهي واهي نہ رهيو. آخر افغان حكومت جي بي حسي ۽ بي توجهيءَ سبب قُرجي لُڏجي، تكليفون سهي واپس موٽي آيا. جيتوڻيك ظاهري طرح هي تحريك ناكام ٿي ويئي، پر هن تحريك اهڙا اڻ مٽ نشان چڏيا، جو اڳتي هلي آزاديءَ جي راهہ هموار ٿي ويئي.

هجرت تحريك كان پوءِ بہ خلافت تحريك سنڌ ۾ جاري رهي، ۽ سنڌ جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ خلافت كاميٽيءَ جا جلسا ٿيندا رهيا. ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، تہ ۱۹۲۴ع تائين صرف ضلعي سكر (جنهن ۾ موجوده شكارپور ضلعو بہ اچي ٿي ويو.) ۾ هيٺين ريت خلافت كاميٽيءَ جا جلسا منعقد ٿيا:

(۱) ۶-۸ جولاءِ ۱۹۲۲ع تي مسٽر محمد مارمرڊيوك پكتال جي صدارت ۾ سكر ۾ صوبہ سنڌ خلافت كانفرنس جو ستون اجلاس ٿيو. ان كانفرنس ۾ بي امان صاحبہ ۽ بيگم محمد علي بہ شريك ٿيون.

(۲) ڳوٺ چك، ضلعو سكر (موجوده ضلعو شكارپور) ۾ ۲۹- سيپٽمبر ۱۹۲۲ع تي.

(۳) ڳوٺ پنو عاقل، ضلعو سكر ۾ ۶- نومبر ۱۹۲۲ع تي.

(۴) ڳڙهي ياسين ۾ ۵- جنوري ۱۹۲۳ع تي.

(۵) گهوٽكي ۾ ۲۹- جنوري ۱۹۲۳ع تي.

(۶) ڊكڻ ۾ ۲۳- فيبروري ۱۹۲۳ع تي.

(۷) ڊكڻ ۾ پير پيرو ۲۷- آكٽوبر ۱۹۲۳ع تي.

(۸) ڳوٺ سوئي، تعلقو اڀاوڙو ۾ ۳۰- نومبر ۱۹۲۳ع تي.

(۹) ضلع خلافت كانفرنس سكر جو اٺون اجلاس سكر ۾ ۲- مارچ ۱۹۲۴ع تي، مولانا شوكت علي جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو. ان موقعي تي ضلع خلافت كاميٽي جي سيكريٽري عبدالستار آدم(۱) ضلعي خلافت كاميٽي جي كارگذارين جي تفصيلي رپورٽ پيش كئي. ان ۾ چاٽائي ٿو:

---

(۱) عبدالستار آدم خلافت جو جوشيلو كاركن هو. هو كچي ميمڻ هو. سندس والد روزگار سانگي كچ مان لڏي اچي سكر ۾ متوطن ٿيو هو. هن پنهنجو كاروبار چڏي، وڏي جوش ۽ جذبي سان خلافت تحريك ۾ كم كيو، ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي ماڻهن ۾ جوش جاڳائين. مسلمانن جي پلائي ۽ اهتري لاءِ ۽ سر ٽوڙ كوشش ورتائين. ۵- مارچ ۱۹۳۱ع تي وفات كيائين ۽ شيخ شينهن جي قبرستان ۾ مدفون ٿيو.

"هجرت جي معاملي، جنهن گورنمينٽ کي هڪدم پريشان ڪري ڇڏيو، پنهنجي ڪاميابيءَ جا سهرا سڄي هندستان ۾ انهيءَ بزرگ مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي سر تي سونهن ٿا. رئيس المهاجرين نواب مرحوم جان محمد خان جوٽيجو، جو سنڌ مان پهرين مهاجرن جي ٽرين وٽي ويو، تنهن کي انهيءَ ڪم تي آماده ڪرڻ ۾ هن بزرگ جو تصرف هو."

خلافت تحريڪ، پنهنجي ملڪ جي پلائي ۽ بهتريءَ لاءِ به گهٽو ڪجهه ڪيو. ان جو اندازو ضلع خلافت ڪاميٽي سکر جي ان رپورٽ مان لڳائي سگهجي ٿو، جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي چڪو آهي. ان ۾ چاٽايل آهي:

"مولوي محمد هاشم صاحب، ناظم جمعيت العلماءَ ضلعو سکر، چڪ ڪانفرنس کان پوءِ پنهنجي مدرسي ۾ عيش آرام کي ڇڏي خلافت جي ڪم کي لڳي پيو، ۽ خلافت جو وفد وٽي ساري ضلعي جو دورو ڪيائين. پنهنجي تڪليف جو ذرو به خيال نه ڪيائين، جيستائينڪ هو بيمار ٿي پيو. سڄي ضلعي کي انهيءَ بزرگ بيدار ڪيو، ۽ عالمن کي حجرن مان ڪڍي، خلافت جي خدمت لاءِ ميدان ۾ آندو. بيماري جي ٿي حالت ۾ ڪيس ۱۰۸ قلم جو سمن ملیو. بيماريءَ جي چڙ سان ۱۲ مهينا جيل هليو ويو، جو اڃا جيل ۾ آهي". (ص ٦).

"بلبلانِ خلافت: هيءَ چار چوڪرا مولوي محمد هاشم سان گڏ اسلامي خدمت جي ميدان ۾ نڪتا آهن، ۽ قومي غزل چوندا آهن. مولوي صاحب جيل ۾ ويو تہ به سندن عزيزن جي دل کي لوڏو ڪونہ آيو، ۽ هنن به ايتري همت ڏيکاري جو هڪ دفعي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ، ٻئي دفعي اڀاوڙي جي مئجسٽريٽ سندن غزلن جي بندش لاءِ اشتهار ڪيا، تہ به هنن کا پرواهہ نہ ڪئي. اڄي رڳو غزل چوندا هئا، هاڻي تقريرون به ڪندا آهن. مولوي صاحب کان پوءِ سندن تعليم لاءِ هڪ اتاليق سفر ۽ حضر ۾ هميشہ گڏ رهندو آهي". (٦ ۽ ٧).

"مدارس: مدرسة الاسلام چڪ ۾ مدرسہ مجيديہ ڪڙهي ياسين، هي ٻئي مدرسا خلافت جي امداد لاءِ کوليا ويا آهن. مدرسة الاسلام اسحاق ديرو به هن وقت خلافت جي امداد سان هلي رهيو آهي. مدرسہ محموديہ شڪارپور کي وقت بوقت خلافت کان امداد ملندي رهندي آهي، انهن کان سواءِ ٻيا ڪيترا ضلعي اندر مدرسا آهن، جي خلافت کان امداد نہ ٿا وٺن، مگر خلافت جي نصاب موجب تعليم ڏيئي رهيا آهن". (ص ٧)

"ميونسپل: مارچ ۱۹۲۲ع ۾ جيڪا ميونسپل جي چونڊ ٿي، ان ۾ ۳ اميدوار خلافت جي طرفان نامزد ڪيا ويا، جي ٽئي ڪامياب ٿيا". (ص ٧).

"اسيرانِ فرنگ: هن ضلعي مان پهريون مجاهد، جنهن اسلام خاطر مصيبتن سهڻ کي نعمت ڪري سمجهيو، سو مولوي عبدالڪريم چشتي صاحب آهي. هيءَ

بزرگ ٽي دفعا جيل ڪاٽڻ بعد وري بہ سربڪف ميدان عمل ۾ موجود آهي. سندس مجاهدانہ تعليم جو اهو اثر آهي، جو ان جو خليفو ميان امان الله صاحب قريشي ۽ ميان غلام حيدر صاحب (عليگ) بہ ٻارهن ٻارهن مهينا جيل ۾ رهي آيا. مولوي تاج محمد صاحب (عليگ) بہ ٻارنهن مهينا جيل ۾ گذاريا. اهي چارئي بزرگ ضلعي کان ٻاهر تقريرون ڪرڻ ڪري گرفتار ٿيا". (ص ٧ ۽ ٨).

"والنٽيئر: ضلعي اندر ١٢٥ والنٽيئر، جي دفتر ۾ داخل آهن، سي هر وقت خلافت ڪاميٽيءَ جي اشاري تي اسلام تي سر ڏيڻ لاءِ بہ تيار آهن. افسوس جو انهن مان بہ جان نثار حاجي پير بخش ۽ ميان علي بخش تازو فوت ٿي ويا آهن؛ جي بيماريءَ ۾ بہ خدمت خلافت لاءِ ماڻهن کي تاڪيد ڪندا رهيا. پڇاڙيءَ ۾ حاضر مجلس وارن کي پاڻ تي گواهہ ڪيائون، تہ اسان ايمان جي سلامتيءَ سان هن دنيا مان لڏيون ٿا ۽ ڪلمو شريف پڙهيائون. پوءِ نعرهء تڪبير پڙهي پياري جان خدا کي سپاريائون". (ص ٨).

خلافت تحريڪ جي ڪارپردازن، ماڻهن ۾ جيڪو جوش، جذبو ۽ ولولو پيدا ڪيو، ان جو اندازو رپورٽ جي هن بيان مان لڳائي سگهجي ٿو:

"ڪانفرنس جي اشتهار نڪرڻ کان پوءِ اسان جا مبلغ ۽ والنٽيئر ڳوٺ ڳوٺ ۾ پکڙجي ويندا آهن، ۽ موقعي تي سارو ضلعو هزارن جي تعداد ۾ اچي گڏ ٿيندو آهي؛ ۽ اهو خلق جو انبوهہ مخالفن کي حواس باختہ ڪري ڇڏيندو آهي. جيئن چوٿين اجلاس ۾ ڊڪٽن جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڏهہ هزار ماڻهو ڪٺا ٿي ويا، جنهن ساري ضلعي جي مخالف زميندارن جو ساهہ سڪائي ڇڏيو". (ص ٩).

سيد مير عبدالباقي جي قبرستان واري مسجد لاءِ ورتل ڪوشش جو ذڪر ڪندي رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي:

"سکر ۾ سيد مير عبدالباقي پوراني جي قديم قبرستان ۾ سرڪار فاريسٽ آفيس لاءِ بنگلا ٿي ٺهرايا، جنهن ۾ هڪ ويران مسجد بہ اچي ٿي ويئي. ڪم شروع ٿي ويو. ديوارين جا بنياد کوٽيندي ڪيترا لاشا بہ نڪتا. خلافت ڪاميٽيءَ کي اها رپورٽ پهتي، جنهن هڪدم اشتهار ڪڍي قبرستان ۾ ميٽنگ ڪوٺائي؛ گورنر ۽ مڪاني آفيسرن کي تار جي رستي اطلاع ڪيا... وري دوباره اچي مسجد ۾ ميٽنگ ڪري ٺهراءُ پاس ڪيو ويو تہ قبرستان ۽ مسجد جي جاعزت ازروئي شريعت جي ٿي سگهي ٿي، تنهن ۾ ذرو بہ فرق پوڻ نہ گهرجي، ٻي حالت ۾ اسان سول نافرماني ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. خلافت جي انهيءَ آواز تي يڪدم ١٢٥ والنٽيئر ستيا گرهہ لاءِ تيار ٿي ويا ۽ سرڪار مقام ڇڏي ڏنو". (ص ١).

(افسوس، جو پاڪستان ٿيڻ سان مسلمانن انهيءَ قبرستان تي جايون ٺهرايون آهن، ۽ قبرستان جا نشان ئي مٽائي ڇڏيا آهن. هينئر اها مسجد نهايت زبون حالت ۾ موجود آهي.)

ضلعي سکر جي خلافت ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري عبدالستار آدم سکر ميونسپالٽي جو ميمبر بہ ٿي رهيو. سندس ڪوشش سان سکر ميونسپالٽي ٺهراءِ پاس ڪيو، تہ ٽائون هال جو نالو "محمد علي جوهر ٽائون هال" رکيو وڃي.

سنڌ جي مختلف خلافت ڪاميٽين وڏي ڪوشش ونڊي انگورا فنڈ لاءِ ڪافي رقم گڏ ڪئي. ترڪن ۽ عربن لاءِ سنڌ جي مسلمانن جون همدرديون پوءِ قائم رهيون. اتحاد بين جڏهن فلسطين ۾ يهودين کي زمين ڏني، ۽ هنن آٽان فلسطيني عربن کي لڏائڻ شروع ڪيو، تڏهن هندستاني مسلمانن جون همدرديون حاصل ڪرڻ لاءِ سال ۱۹۳۳ع ۾ مفتي اعظم فلسطين امين الحسيني ڪراچي ۾ آيو. مولانا محمد صادق ڪڏي واري سندس آدرياءَ ڪيو، ۽ ڪيس همدردي جو يقين ڏياريو.

هندو - مسلمان چڪتاڻ

خلافت تحريڪ جي زور گهٽجڻ وقت هندو پنهنجي اصلي روپ ۾ ظاهر ٿيڻ لڳا. هو مسلمانن لاءِ گهات گهڙڻ لڳا ۽ مسلمانن کي نقصان پهچائڻ لاءِ حيلا هلائڻ لڳا. انهيءَ مقصد لاءِ هنن "شدي" ۽ "سنگهٺن" تحريڪون شروع ڪيون. سنڌ جي هندن بہ انهن تحريڪن ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. انهيءَ ڪري هندو-مسلمان چڪتاڻ پيدا ٿي پيئي. سڀ کان پهريائين سال ۱۹۲۲ع ۾ ملتان ۾ محرم جي موقعي تي فساد ٿيو. ان کان پوءِ مختلف هنڌن تي فساد ٿيا. اهي ڳالهيون سنڌ جي مسلمانن جي قوت برداشت کان ٻاهر هيون، انهيءَ ڪري سنڌ جي مسلمانن جي دلين ۾ هندن جي خلاف نفرت جي باهم پڙڪي اٿي. اسلام ۽ مسلمانن جي مذهبي رهنمائن جي خلاف دل آزار ليٽرچر ڪتاب لکڻ شروع ڪيا. اهڙا ڪتاب سنڌ ۾ سنڌي زبان ۾ شايع ٿيڻ شروع ٿيا. نتيجو اهو نڪتو جو جهڙيءَ طرح لاهور ۾ علم‌الدين، راجپال آچاريه کي قتل ڪيو، اهڙيءَ طرح ڪراچيءَ ۾ غازي عبدالقيوم هاءِ ڪورٽ ۾ ججن جي سامهون نٿو رام آريه کي چرو هنيو، چاڪاڻ جو ان مسلمانن خلاف دل آزار ليٽرچر ڪتاب شايع ڪيو هو.

ان زماني ۾ "الوحيد" مسلمانن جي حق ۾ زور شور سان لکيو، ان کان سواءِ مخلص مرحوم بہ هندن جي حرڪتن تي دل کولي لکيو. پئي وڏي صحافي نور محمد نظاماڻي بہ آريا سماجي اخبارن خلاف جهاد ڪندي، قلم کان تلوار جو ڪم ورتو. نظاماڻيءَ مرحوم کي بہ مخلص مرحوم وانگر نظم خواه نثر تي هڪجهڙي قدرت حاصل هئي. مختلف وقتن تي "نور اسلام"، "مرغ فلڪ" ۽ "طيراً ابابيل" نالي هفتيوار اخبارون ڪڍيون. ان دور جي هندو اخبارن "هندو"، "سنسار سماچار"، "هندو گزيٽ"، "سنڌي" ۽ "پارت" وغيره مسلمانن جي خلاف خوب لکيو.

سنڌ کي جدا صوبو بنائڻ جي تحريڪ

ان زماني ۾ سنڌ جدا صوبو نه هو. انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ کان ٿوروئي پوءِ سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪري، سنڌ کي بمبئي علاقي سان ملائي ڇڏيو هو. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي مسلمانن ۱۹۰۸ع کان جدا صوبي بنائڻ جي ڪوشش شروع ڪئي هئي. شروع ۾ هندن به مسلمانن جو ساٿ ڏنو، پر پوءِ هندن مخالفت ڪئي، چاڪاڻ ته کين اهو اڀي ساڻ ٿيو ته اقتدار مسلمانن جي هٿ ۾ اچي ويندو. ان جي باوجود سنڌ جا مسلمان سنڌ جي علحدگيءَ لاءِ ڪوششون ڪندا رهيا. سنڌ جي مسلمانن جسي انهن تحريڪن پاڪستان جي تحريڪ لاءِ راهه هموار ڪئي.

مارچ ۱۹۲۸ع ۾ پهرين آل پارٽيز ڪانفرنس دهليءَ ۾ منعقد ٿي. ان ۾ هندن، مسلمانن ۽ پين هندستان جي قومن جي انجمن جي نمائندن شرڪت ڪئي. پن مهينن ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس جا ۲۵ اجلاس ٿيا، پر ڪجهه به طئي نه ٿيو. آخر دهليءَ جو ملتوي ٿيل اجلاس بمبئيءَ ۾ ۱۹ مئي تي منعقد ٿيو. ان ۾ هڪ ڪاميٽي بنائي ويئي، ته اها هندستان جو دستور مرتب ڪري ۽ اهو دستور آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ پيش ڪيو وڃي. ڪاميٽيءَ جو صدر پنڊت موتي لال نهرو مقرر ڪيو ويو.

نهرو ڪميٽيءَ رپورٽ مرتب ڪئي، جيڪا فتني فساد جي جڙ ثابت ٿي، ان ۾ ڪامل آزاديءَ جي بدران "ڊومينين اسٽيٽس" جو خاڪو پيش ڪيو ويو. مسلمانن جا سمورا مطالبا رد ڪيا ويا، صوبن کان هرقسم جا اختيار کسي مرڪز کي ڏنا ويا، صوبه سرحد ۽ بلوچستان کي پين صوبن جهڙو حق ڏيڻ گوارا نه هو ۽ سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ صوبي بنائڻ جي سخت مخالفت ڪئي ويئي. مسلمانن ان جي مخالفت ڪئي.

انهن ڏينهن ۾ مسٽر جناح مسلم ليگ جو صدر هو ۽ انگلنڊ ويل هو. هن انگلنڊ کان موٽي اچي مسلم ليگ جي ڪائونسل جو اجلاس طلب ڪيو. مسلم ليگ "نهرو رپورٽ" ۾ ترميم لاءِ تجويزون ڏنيون، جيڪي ڪانگريس قبول نه ڪيون، انڪري هندن ۽ مسلمانن ۾ ويڇا اڃا به وڌيا.

نتيجي ۾ آل انڊيا مسلم ڪانفرنس وجود ۾ آئي، ته جيئن جنوبي ايشيا جي مسلمانن جي مفاد جو تحفظ ڪري سگهجي. هن تنظيم جو هڪ مقصد اهو به هو ته مسلمانن جي جماعتن جو اتحاد قائم ڪجي. مرڪزي ۽ صوبائي اسيمبلين جا مسلمان ميمبر ڪانفرنس ۾ شامل ڪيا ويا. ان سان گڏ هيٺين جماعتن جا ۲۰-۲۰ ميمبر به ڪنيا ويا:

۱- مرڪزي خلافت ڪاميٽي ۲- جمعيت‌العلماء هند ۳- مسلم ليگ (لاهور).

انهن کان سواءِ پيون مڪيم مسلمان شخصيتون به شامل ڪيون ويون. ڪانفرنس جو صدر هزهائينس سر آغا خان کي چونڊيو ويو ۽ ورڪنگ ڪاميٽي تي سنڌ

مان سيٺ عبدالله هارون کي ڪنيو ويو. ڪانفرنس جو پهريون اجلاس ۳۱- ڊسمبر ۱۹۲۸ع ۽ ۱- جنوري ۱۹۲۹ع تي دهليءَ ۾ منعقد ٿيو. پهرين ڪانفرنس ۾ سنڌ جا هيٺيان سياسي رهنما شريڪ ٿيا:

سيٺ حاجي عبدالله هارون، عبدالحميد خان (سکر)، نواب خالقداد خان، عاليجاه مکي حسين مکي الله راکي.

مرڪزي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ سنڌ جا جيڪي مسلمان ميمبر هئا، انهن مان هي صاحب شريڪ ٿيا: ميار نور محمد خان (جيڪب‌آباد)، ايم. آءِ. ڪهڙو ۽ آنربل علي بخش محمد حسين.

ڪانفرنس ۾ مسلمانن جي پلائي ۽ بهتريءَ لاءِ ڪيترائي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا. ان کان پوءِ سال-سال ڪانفرنس جا مختلف اجلاس مختلف شهرن ۾ ٿيندا رهيا.

مئي ۱۹۲۹ع ۾ برطانوي پارليامينٽ جي ميمبرن جي اليڪشن ٿي، جنهن ۾ ڪنزرويٽو پارٽيءَ کي شڪست آئي ۽ ليبر پارٽيءَ ڪاميابي حاصل ڪئي. ليبر پارٽيءَ ڪانگريس جي طرفداري ڪئي هئي، انهيءَ ڪري مسلمانن کي حڪومت ۾ ڪوبه اعتماد نه رهيو.

۲۹- جون تي مسٽر جناح وزير اعظم ميڪڊونالڊ کي خط لکيو، جنهن ۾ هن "سائمن ڪميشن" کي نديندي اها ڳالهه کولي لکي ته هندستان جي مسلمانن کي برطانيه جي قول ۾ اعتماد نه رهيو آهي.

آخرڪار سائمن ڪميشن جون سفارشون مئي ۱۹۳۰ع ۾ شايع ٿيون. ان ۾ ۱۱- سيپٽمبر ۱۹۳۰ع تي لنڊن جي گول ميز ڪانفرنس ۾ نمائندن جي حيثيت ۾ شريڪ ٿيندڙن جا نالا ظاهر ڪيا ويا. ان ۾ مولانا محمد علي جوهر، قائداعظم محمد علي جناح، سنڌ مان سر شاهنواز پٽي ۽ ٻين هندن ۽ مسلمانن جي نمائندن کي مدعو ڪيو ويو. گول ميز ڪانفرنس جو باضابطه اجلاس ۱۷- نومبر ۱۹۳۰ع کان شروع ٿيو. ان ۾ مولانا محمد علي جوهر اهڙي زوردار تقرير ڪئي، جو اها تقرير اڄ به دنيا جي شاهڪار تقريرن ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي. اسان جي سنڌ جي نمائندي سر شاهنواز پٽي به زبردست تقرير ڪئي، جنهن ۾ هن سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جي گهر ڪئي. هن پنهنجو موقف نهايت زوردار نموني سان پيش ڪيو ۽ سنڌ جي تاريخي، جاگرافيائي ۽ اقتصادي حالتن تي بحث ڪري ثابت ڪيو ته سنڌ هر لحاظ کان الڳ صوبي ٿيڻ جو حق رکي ٿي. قائداعظم محمدعلي جناح پنهنجي تقرير ۾ ٻين ڳالهين سان گڏ سنڌ جي علحدگيءَ جو سوال به آٿاريو ۽ سر شاهنواز خان پٽي جي گهر جي تائيد ڪئي.

سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائگيءَ واري مسئلي کي برصغير پاڪ و هند جي مسلمانن جي نظر ۾ وڏي اهميت هئي. اهوئي سبب هو، جو جڏهن آل انڊيا مسلم ڪانفرنس جو اجلاس ۵- اپريل ۱۹۳۱ع تي دهليءَ ۾ منعقد ٿيو، ته هڪ ٺهراءَ هي به پاس

کيو ويو تہ "اسان گول ميز ڪانفرنس جي انهيءَ فيصلي جي پٽپرائي ڪريون ٿا، تہ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪري الڳ صوبو بنايو وڃي."

وري هي گول ميز ڪانفرنس سيپٽمبر ۱۹۳۱ع ۾ شروع ٿي. هن ۾ بہ قائداعظم محمدعلي جناح شرڪت ڪئي. ۱۶- اپريل ۱۹۳۲ع تي وزيراعظم برطانيہ "ڪميونل ايوارڊ" جو اعلان ڪيو، جيڪو فقط صوبائي حد تائين محدود هو. مسلمانن لاءِ جدا چونڊ جو حق قائم رهيو.

لارڊ ولنگڊن جنهن زماني ۾ بمبئيءَ جو گورنر هو، انهن ڏينهن ۾ قائداعظم محمدعلي جناح سان سندس جهڳڙو ٿيو هو، جنهن ۾ ڪيس شڪست آئي هئي. هينئر هو هندستان جو وائسراءِ ٿي آيو. قائداعظم محمدعلي جناح ڏاڍو غيرتمند ماڻهو هو. هي گول ميز ڪانفرنس ڪان پوءِ هو هندستان موٽي نہ آيو، پر انگلنڈ ۾ ئي رهي پيو ۽ اتي وڪالت ڪرڻ لڳو.

هيڏانهن هندستان ۾ ڪوبہ دانائ، دلير ۽ سياسي حڪمت عمليءَ وارو ليڈر ڪونہ رهيو، انهيءَ ڪري نندي کنڊ پاڪ-هند جي مسلمانن جناح صاحب جي غير حاضريءَ کي سختيءَ سان محسوس ڪيو. سال ۱۹۳۳ع جي آخر ۾ مسلمانن جي سرڪرده رهنمائن جي هڪ ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو، تہ مسلم ليگ کي مسلمانن جي سياسي مستقبل لاءِ نئين طرح جياريو وڃي ۽ جناح صاحب کي اُن جي صدارت سونپي وڃي.

قائداعظم محمدعلي جناح جيتوڻيڪ لنڊن ۾ رهيو، تڏهن بہ هو هندستان ۽ مسلمانن جي معاملن کي وساري نہ سگهيو. ۱۹۳۴ع ۽ ۱۹۳۵ع جي درميان هن ڪيترا ڀيرا هندوستان جو سفر ڪيو. بمبئيءَ جي مسلمانن سندس پرپٽ ڪيس آزاد اميدوار جي حيثيت سان مرڪزي اسيمبليءَ ۾ پنهنجو نمائندو چونڊيو. هو ۱۹۳۵ع ۾ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ آيو ۽ وري سوٽي ويو. آڪٽوبر تائين انگلنڈ ۾ ئي رهيو. انهيءَ دوران انگلنڈ جي بادشاهہ "گورنمينٽ آف انڊيا ائڪٽ ۱۹۳۵ع" لاءِ منظوري ڏني.

آل انڊيا مسلم ڪانفرنس جو آخري اجلاس ۱۹۳۵ع ۾ ٿيو، جنهن جو صدر سيٺ حاجي عبدالله هارون هو. هن صاحب ۲- جولاءِ ۱۹۳۵ع تي برٽش پارليامينٽ جي ڪن ميمبرن کي تار ڪئي، تہ گورنمينٽ آف انڊيا بل ۱۹۳۵ع جي ڪلاز ۲۹۹ ۾ ترميم ڪئي وڃي، ۽ جدا انتخاب جو طريقو مقرر ڪيو وڃي، چاڪاڻ جو مسلمانن جو اهوئي مطالبو آهي.

۱۹۳۵ع ۾ قائداعظم هندستان موٽي آيو، ۽ ڪيس مسلم ليگ جو صدر بنايو ويو. اپريل ۱۹۳۶ع ۾ مسلم ليگ جو سالياڻو اجلاس بمبئيءَ ۾ ٿيو. ان ۾ گورنمينٽ آف

انڊيا ائڪٽ ١٩٣٥ع تي غور ڪرڻ کان پوءِ فيصلو ڪيو ويو، ته ان ۾ جيتوڻيڪ اعتراض جوڳيون ڳالهيون آهن، تڏهن به حالتن جي تقاضا اها آهي، ته ان مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ان کان سواءِ اهو به فيصلو ڪيو ويو، ته مسلم ليگ مرڪزي پارليامينٽري بورڊ قائم ڪيو وڃي، جنهن جي اهتمام سان اليڪشن لڙي وڃي، جيڪا ١٩٣٥ع واري ائڪٽ جي ماتحت ٿيڻ واري آهي. ان جو صدر قائداعظم محمدعلي جناح کي بنايو وڃي.

ان کان اڳ ۾ مسلم ليگ عملي ۽ عوامي جماعت نه هئي، هينئ قائداعظم ان کي عوامي ۽ فعال جماعت بنائڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون شروع ڪيون. ان سلسلي ۾ هن سڄي ملڪ ۾ دورا ڪيا، هو سنڌ ۾ ٻه-ٽي ڀيرا آيو ۽ هرهنڌ سنڌ جي ماڻهن سندس دل کولي آڌرڀاءُ ڪيو.

انهيءَ ئي سال يعني سال ١٩٣٦ع ۾ سنڌ بمبئيءَ کان آزاد ٿي، جدا صوبو بنيو. سال جي آخر ۾ اليڪشن جون سرگرميون تيز ٿي ويون. هي اهو وقت هو، جو اڃا تائين مسلم ليگ سنڌ ۾ زور نه ورتو هو.

سنڌ ۾ سياسي ڇڪتاڻ

انهيءَ سال جي آخر ۾ اليڪشن جون سرگرميون شروع ٿي ويون. اليڪشن لاءِ ٽي پارٽيون ٺهيون: سر شاهنواز ڀٽي "سنڌ يونائٽيڊ پارٽي"، سر غلام حسين "مسلم پوليٽيڪل پارٽي" ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي "سنڌ آزاد پارٽي" بنائي. ٧ فيبروري ١٩٣٧ع تي اليڪشن ٿي، جنهن ۾ يونائٽيڊ پارٽي ٽيويهه، پوليٽيڪل پارٽي پنج ۽ آزاد پارٽي ٽي جايون حاصل ڪيون. يونائٽيڊ پارٽيءَ جو ليڊر سر شاهنواز ڀٽو ۽ هڪ ڊپٽي ليڊر سر عبدالله هارون ڪامياب ٿي نه سگهيا. ان پارٽيءَ جو ٻيو ڊپٽي ليڊر خانبهادر الله بخش سومرو ڪامياب ٿيو. جمهوري اصولن موجب سنڌ جي گورنر کي خانبهادر الله بخش سومري کي وزارت ٺاهڻ لاءِ چوڻ گهربو هو، پر گورنر جمهوري اصولن جي خلاف ورزي ڪندي سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ لاءِ چيو. گورنر جي انهيءَ قدم سنڌ ۾ سياسي اختلافن جو بنياد وڌو.

الله بخش سومرو هڪ وڏو ذهين ۽ هوشيار سياستدان هو. سندس عوام پسند ۽ حق پسند سياسي حڪمت عملي سبب آخر مارچ ١٩٣٨ع ۾ سر غلام حسين جي وزارت ختم ٿي ۽ ٧ مارچ ١٩٣٨ع تي الله بخش سومرو وڏو وزير ٿيو. انهيءَ سال ڪشمور تڪ ۾ هڪ زميندار زين العابدين خان سندراڻيءَ جي وفات ڪري، اسيمبليءَ جي هڪ جاءِ خالي ٿي، انهيءَ ضمني چونڊ ۾ الله بخش سومري جي ڪوشش سان هڪ جاگيردار کي شڪست ملي ۽ هاري تحريڪ سان وابسته محمدامين خان کوسو ڪامياب ٿيو.

سنڌ جي هندن اڳوڻي سمجهيو ٿي تہ سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿيندي، تہ سنڌ جي حڪومت جي واڳ سنڌ جي مسلمانن جي هٿ ۾ ايندي، ڇاڪاڻ جو مسلمان اڪثريت ۾ آهن، انهيءَ ڪري ئي هنن سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جي زوردار مخالفت ڪئي هئي. سندن سازشن ۽ مخالفتن جي باوجود جڏهن سنڌ بمبئيءَ کان جدا ٿي، تڏهن هنن سازشن ۽ حرڪتن جو وڌيڪ جار وڇائڻ شروع ڪيو. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي صوبائي خودمختياريءَ جي سائڻ ڏهن سالن جي تاريخ باريڪبينيءَ سان نظر مان ڪيو ويندي، تہ معلوم ٿيندو تہ هندن مسلمانن جي تعمير ۽ ترقيءَ جي سرشتي ۾ قدم قدم تي رڪاوٽون ڪڙيون ڪيون. مسلمانن جي مفاد جي حفاظت ۽ ترقيءَ جي سلسلي ۾ اسيمبليءَ ۾ جيڪي بہ بل پيش ٿيندا رهيا، انهن کي سازشن ۽ غلط ترميمن ذريعي بي اثر بنائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. انهيءَ سلسلي ۾ هن ڪن ضمير فروش سرمايدارن مسلمانن کي خريد ڪري، پنهنجي سازشن کي ڪامياب بنائڻ جي ڪوشش ڪئي، انهن جي سازشن ۽ حرڪتن جو نتيجو "۲۱ شرطن" ۾ ڏسي سگهجي ٿو، جيڪو ان دور جو انسانيت سوز ۽ شرمناڪ دستاويز آهي ۽ هندو سياستدانن جي مسلم دشمنيءَ جو ڇڙو ثبوت آهي.

سنڌ ۾ مسلم ليگ جي نئين سر تنظيم :

هندن جون حرڪتون ڏسي، سنڌ جي مسلمانن محسوس ڪيو تہ هندو سندن ڪڏهن بہ خيرخواهہ ٿي نہ سگهندا، انهيءَ ڪري مسلمانن جي هڪ مضبوط جماعت ۽ قيادت جي سخت ضرورت محسوس ڪئي ويئي. انهيءَ نقطئہ نگاهہ کان هنن پنهنجي پلائي ۽ بهتري مسلم ليگ سان وابستہ سمجهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي مسلمانن ليڊرن جي ڪوشش سان اپريل يا مئي ۱۹۳۸ع ۾ سنڌ جي صوبائي مسلم ليگ، جو قيام عمل ۾ آيو. هن شاخ جو صدر ۽ محرڪ محترم شيخ عبدالمجيد سنڌي هو، جيڪو بمبئيءَ وڃي، قائد اعظم سان ملي، اجازت وٺي آيو هو. شاخ قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مسلم ليگ جا جلسا ٿيڻ لڳا. ۱۰، ۱۱ ۽ ۱۲ آڪٽوبر ۱۹۳۸ع تي سنڌ مسلم ليگ ڪارن ڪراچيءَ ۾ هڪ وڏي ڪانفرنس سڏائي ويئي، جنهن جي صدارت قائد اعظم مرحوم ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ گڏيل هندستان جي سمورن مسلم ليڊرن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس کي پوءِ "ڪراچي ڪانفرنس" سڏيو ويو. هن ڪانفرنس جي موقعي تي ڪراچي ۾ قائد اعظم جو عظيم الشان جلوس ڪڍيو ويو. ڪانفرنس ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ هڪ ٺهراءُ پيش ڪيو، جنهن ۾ واضح طور مطالبو ڪيو ويو تہ جن صوبن ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي، اتي مسلمانن جي حڪومت بنائي وڃي، تہ جيئن ٻئي قومون جدا جدا آزاد حڪومتون قائم ڪري سگهن. ان ٺهراءَ جو پس منظر بيان ڪندي پير علي محمد راشدي لکيو آهي:

"مون حاجي صاحب (عبدالله هارون) کان پڇيو تہ ان مسئلي (مسلمانن جي حقن) جو مستقل حل اوهان جي نظر ۾ کهڙو آهي؟ فرمايائين، تہ حل ٻيو کهڙو آهي؟ سواءِ ان جي تہ هندستان کي ورهائي، ان جا ٻہ حصا ڪجن، ۽ اهي علائقا جن ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي، مسلمانن جي حوالي ڪيا وڃن".

انهن ئي جذبن ۽ ارادن ماتحت ڪراچي ڪانفرنس جي مهتمم سيٺ حاجي عبدالله هارون مرحوم ڪراچي ڪانفرنس جي اجلاس ۾ خطبہ استقباليہ ۾ چيو:

"اسان اڳ ۾ ئي آن منزل تي پهچي چڪا آهيون، جتان اسان جا رستا جدا جدا ٿي وڃن ٿا، ۽ جيڪڏهن اسان جو (حق ۽ مطالبن جو) مسئلو حل نٿو ڪيو وڃي تہ دنيا جي ڪابہ طاقت هندستان کي "هندو هندستان" ۽ "مسلم هندستان" ۾ ڪنجي ورهائجي وڃڻ کان جدا جدا فيڈريشنن هيٺ رهڻ کان روڪي ڪانہ سگهندي".

ان ڪانفرنس ۾ قائداعظم مرحوم تقرير ۾ چيو:

"مون کي يقين آهي تہ سنڌ جو صوبو هندستان جي مسلمانن لاءِ هڪ نمونو ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ هتي جي مسلمانن وڏي بيداري جو ثبوت ڏنو آهي. سنڌ کي جدا صوبي بنائڻ لاءِ مسلم ليگ جيڪي ڪوششون ورتيون، انهن کان اوهان باخبر آهيو. جيڪڏهن اوهان پنهنجا اختيارات استعمال ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃو، تہ اوهان جي صوبي جي مسلم ليگ کي حڪومت جي واڳ سنڀالڻ کان ڪابہ طاقت روڪي نٿي سگهي. ۱۹۲۵ع جي ائڪٽ ۾ ڪيترين ئي گهاليون اعتراض جوڳيون آهن، ان هوندي بہ سنڌ جي ماڻهن لاءِ خاص طرح سان مسلمانن جي اقتصادي، اخلاقي، تعليمي ۽ سياسي سجاڳيءَ جي لحاظ کان ان سان فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ ان کي استعمال ڪرڻ ضروري آهي".

هي ڪانفرنس تمام ڪاسياب وئي ۽ هن ئي ڪانفرنس ۾ هندستان جي ورهاڱي جو سنگ بنياد رکيو ويو. ان کان پوءِ پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ فضا تيار ٿيڻ لڳي ۽ جدوجهد شروع ٿي ويئي. هن ڪانفرنس ۾ قائداعظم پنهنجي تقرير ۾ سنڌ جي مسلمانن کي جيڪي هدايتون ڏنيون، انهن تي هنن عمل ڪيو ۽ سنڌ ۾ مسلم ليگ کي زور وڌائي، نہ فقط سنڌ ۾ مسلم ليگ جي حڪومت قائم ڪئي ويئي، بلڪ پوري برصغير ۾ سڀ کان پهرين سنڌ صوبائي اسيمبليءَ، پاڪستان جو ٺهراءُ ٻہ پاس ڪري ڏيکاريو، جيڪو جناب جي. ايم. سيد پيش ڪيو. ۽ وڏي جدوجهد ۽ جاکوڙ سان منظور ڪرايو.

انهيءَ سلسلي ۾ سڀ کان پهريائين ۲۷ نومبر ۱۹۳۸ع تي سنڌ مسلم ليگ جي عهديدارن جو باقاعده انتخاب ٿيو ۽ سر حاجي عبدالله هارون پريزيڈنٽ ٿيو. ان

کان پوءِ سنڌ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا اختلاف وڌندا رهيا. هندن جي تعصب جي نتيجي ۾ هندو-مسلم فساد ٿيڻ لڳا. ۱۹۳۹ع ۾ سپ ڪان وڏو واقعو ٿيو، جيڪو سکر جي مسجد منزل گاهه جي سلسلي ۾ هو. مسجد منزل گاهه جي آزاديءَ جو معاملو سنڌ جي مسلمانن ۽ حڪومت جي وچ ۾ هو، پر هندن خواه مخواه تنگ اڙائي، مسجد منزل گاهه کي هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. نتيجي ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ سان رنگجي ويئي.

مسجد منزل گاهه کي حاصل ڪرڻ لاءِ مسلمانن سول نافرماني شروع ڪئي. هزارن جي تعداد ۾ مسلمان سنڌ جي ڪنڊڪڙ ڪان سکر پهتا ۽ مسجد منزل گاهه تي زوري قبضو ڪيائون. حڪومت انهن کي زبردستي ڪٽي شهر کان باهر ڪيترائي ميل پري ڇڏو ڪرڻ شروع ڪيو، پر مسلمان ايترا تہ پهچي رهيا هٿا جو حڪومت جي ڪابہ تدبير هلي نہ سگهي. لٺبازي ٿي ۽ ڪوڙها آڻيندڙ گٽس ڪم آندي ويئي، جنهنڪري ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا. تحريڪ جي ليڊرن ۽ هزارن مسلمانن کي جيل موڪليو ويو، پر ايترا ماڻهو تہ جيل ۾ وڃڻ لاءِ تيار هٿا، جو جيل ۾ پورا پڻجي نہ سگهيا. آخر جيل جا دروازا کولي ڇڏيائون، پر مسلمانن جيل مان پڇڻ جي نہ ڪئي. آخرڪار مسجد منزل گاهه مسلمانن کي ملي ويئي، پر انهيءَ وچ ۾ الله بخش وزارت مستعفي ٿي چڪي هئي. مسجد منزل گاهه تحريڪ ۾ سنڌ جي مسلمانن جي مرڪزي ليڊرن کان سواءِ سکر مسلم ليگ جي مک سربراه نعمت‌الله قريشي مرحوم ۽ شڪارپور جي مک مسلم ليگي ڪارڪن واجد علي شيخ مرحوم وڏي جوش، جذبي، جرئت ۽ همت سان ڪم ڪيو.

حر تحريڪ

آزاديءَ جي تحريڪ جي سلسلي ۾ حر تحريڪ جي جدوجهد کي وساريڻ تاريخ سان وڏي بي‌انصافي ٿيندي. انگريز فيل مست جي مقابلي ۾ سنڌ جي مجاهدن حرن جي انقلابي تحريڪ جو آغاز ۱۹۲۹ع ۾ ٿيو، جنهن جي اڳواڻي حرن جو روحاني رهنما ۽ مرد مجاهد پير صاحب پاڳارو حضرت صبغت‌الله شاهه ڪري رهيو هو.

تحريڪ جو عروج ۱۹۴۱ع کان ۱۹۴۷ع تائين رهيو. سنڌ جي هنن ٽورڙن مجاهدن مسلح جدوجهد جي ذريعي انگريزن جي هيڏي وڏي طاقت کي جيڪي ٽوٽا ڇپايا، اهي دنيا جي تاريخ ۾ اهم مقام والارين ٿا. هن هلچل هيڏي ساري منظم حڪومت کي ايڏو تہ پريشان ڪيو، جو انگريز حڪمرانن جون وايون بتال ڪري ڇڏيون. حرن جي هلچل جي زور ۽ اثر جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو، جو ۱۹۴۲ع کان ۱۹۴۳ع تائين مسلسل ارڙهن مهينا حر ايراضين سان "مارشل لا" لاڳو رهيو.

تاريخ جي ورق گرداني مان معلوم ٿيندو، تہ هندستان جي تاريخ ۾ ايتري وڏي عرصي لاءِ ڪڏهن بہ مارشل لا لاڳو نہ رهيو.

حر تحريڪ کي چيٿاڙڻ ۽ چيڀاٽڻ لاءِ انگريزن جيڪي ڪيس ڪلور ڪيا، انهن جو دنيا جي تاريخ ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. هزارين جانيون قربان ٿيون، سوين ڳوٺ ساڙيا ويا، ڪروڙن جون ملڪيتون تباهہ ڪيون ويون ۽ ضبط ڪيون ويون. ڦاسي گهاٽن کي ناڪافي سمجهي، مجاهدن کي مائرن ۽ زالن جي روبرو قطارن ۾ بيهاري گوليءَ جو نشانو بنايو ويو. نوجوانن سان گڏ عورتن ۽ ٻارن ۽ پوڙهن کي بہ قيد ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح سنڌ جي جوانن، سنڌ کي رت سان ريج ڏنو، جنهن مان اڳتي هلي آزاديءَ انگور ڪڍيا ۽ مسلمانن جي جدا مملڪت جو قيام عمل ۾ آيو.

پاڪستان جي قيام جو ٺهراءُ

۱۹۴۰ع ۾ مسلم ليگ جي لاهور واري اجلاس ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ٿيو. ان کان اڳ ۾ ان ٺهراءُ جي سلسلي ۾ حاجي عبدالله هارون مرحوم وڏي ڪوشش ورتي. هن ۲- فيبروري ۱۹۴۰ع تي مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ کي خط لکيو، جنهن ۾ صاف ڄاڻايائين تہ کليءَ طرح هندستان جي ورهاڱي لاءِ ۽ پاڪستان لاءِ مطالبو ڪيو وڃي. انهيءَ خط جي بنياد تي لاهور واري اجلاس ۾ پيش ڪرڻ لاءِ مشهور "قرارداد پاڪستان" جو مسودو تيار ٿيو، جيڪو ۲۳- مارچ ۱۹۴۰ع تي لاهور واري اجلاس ۾ پاس ٿيو، ان کان پوءِ پاڪستان جي حصول لاءِ باقاعدي تحريڪ شروع ٿي. حاجي عبدالله هارون مرحوم جي خط جو نقل هيٺ ڏجي ٿو:

دفتر فارين ڪاميٽي آل انڊيا مسلم ليگ نئين دهلي

۲-فيبروري ۱۹۴۰ع

از طرف: سر حاجي عبدالله هارون، ايم-ايل-اي

چيئرمين فارين ۽ انلئنڊ ڊيپوٽيشن سب ڪميٽي

آل انڊيا مسلم ليگ، نئين دهلي

ڏانهن: آنريري سيڪريٽري، آل انڊيا مسلم ليگ دهلي.

صاحب من،

آئون اوهان جي اڳيان اهو ٺهراءُ پيش ڪريان ٿو، جيڪو فارين ڪميٽيءَ ۽ هندستان جي آئين متعلق مختلف تجويزون تيار ڪندڙ صاحبن جي گڏيل اجلاس ۾ پاس ڪيو ويو آهي. اوهان مهرباني ڪري اهو ٺهراءُ پريزيڊنٽ آل انڊيا مسلم ليگ جي اڳيان رکندا.

Gul Hayat Institute

"پھرين فيبروري ۱۹۴۰ع جو فارين ڪاميٽي ۾ انهن جي صاحبن، جن هندستان جي آئين متعلق متبادل تجويزون مسلم ليگ ڏانهن موڪليون آهن، تن جو گڏيل اجلاس سر حاجي عبد الله هارون جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو. اڄ تائين آيل سموريون تجويزون، موجوده ملڪي ۽ بين الاقوامي واقعن، ملڪ جي اندر جلد جلد بدلجندڙ حالتن حڪومت جي نمائندن، ڪانگريس ۽ ٻين جماعتن جي ليڈرن جي متضاد بيانن جي روشنيءَ ۾ غور هيٺ آيون.

هن اجلاس جي راءِ آهي ته وقت اچي ويو آهي، جڏهن مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ کان استدعا ڪئي وڃي ته هوءَ صاف، سڌي ۽ ڪليل زبان ۾ هندستان جي مسلمانن جي مستقبل جي باري ۾ پنهنجو عقيدو دنيا اڳيان پيش ڪري ڇڏي ۽ ساڳئي وقت مسلمان قوم کي به تيار ڪري، ته هوءَ هيٺين بنيادي حقن جي حصول لاءِ اڳي ڪڙي ٿئي:

(الف) هندستان جا نو ڪروڙ مسلمان هڪ جدا قوم آهن ۽ خودارادیت جي انهن حقن حاصل ڪرڻ جا مستحق آهن، جيڪي حق ساڳين حالتن هيٺ ٻين قومن کي ڏيڻ قبول ڪيا ويا آهن.

(ب) هندستان جا مسلمان ڪنهن به حالت ۾ اها ڳالهه قبول ڪونه ڪندا ته ڪين ڪن غير متعلقه خيالن يا فائدن وڻڻ خاطر يا سياسي مصلحتن سبان انايت جي حيثيت قبول ڪرڻ تي مجبور ڪيو وڃي.

(ج) مسلمانن کي حق ارادیت صحيح ۽ اثرائتي انداز ۾ ماڻڻ جو موقعو ميسر ٿئي، تنهن لاءِ هو پنهنجو جدا ملڪ ۽ آزاد رياست بنائيندا.

(د) جيڪي مسلمان اهڙي ملڪ جي حد کان ٻاهر رهجي ويندا، تن کي به ان مسلماني ملڪ جو شهري سمجهيو ويندو ۽ سندن حقن ۽ مراعات کي محفوظ ڪرڻ لاءِ پوريءَ طرح سان آپاڻ ورتا ويندا.

(ه) مسلمان قوم هر ان آئيني اسڪيم جي زوردار مخالف ڪندي، جيڪا مڪي ذڪر ڪيل اصولن جي ابتڙ هوندي."

آئون اوهان کي وڌيڪ هيءَ ٻڌائڻ گهران ٿو ته هڪ سب ڪاميٽي ٺاهي ويئي آهي، جيڪا اڄ کان ويهه روزانو اجلاس ڪري، انهن مطالبن جي جواز ۾ مواد فراهم ڪندي، ان ڪاميٽيءَ جو هيڊ ڪوارٽر ٽئين دهليءَ ۾ هوندو.

اوهان جو نيازڪيش
عبدالله هارون
چيئرمن فارين سب ڪميٽي

(اهي ڏينهن اهي شينهن، جلد ٻيو، صفحي ۳۱۰ کان ۳۱۰ ج تائين)

ان ٹهراءَ کان پوءِ نهايت زور شور سان پاڪستان جي حصول لاءِ تحريڪ هلندي رهي. سنڌ جي رهاڪن به ان جوش ۽ جذبي سان حصو ورتو. سڄي هندستان جي سياسي صورتحال اڳ پهريون پيرو سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ ۾ ۱۹۴۳ع ۾ پاڪستان جي قائم ڪرڻ جو ٹهراءَ پاس ڪيو. هي ٹهراءَ محترم جي.ايم سيد پيش ڪيو هو، پئي ڪنهن به صوبي جي اسيمبليءَ اهڙو ٹهراءَ نه اڳ پاس ڪيو هو ۽ نه پوءِ ئي ڪا اسيمبلي پاس ڪري سگهي. نه فقط ايترو پر پاڪستان قائم ٿيڻ کان اڳ سنڌ ۾ مسلم ليگ جي حڪومت پنجن سالن کان هلندي ٿي آئي. ان مان سنڌ جي مسلمانن جي مسلم ليگ سان وابستگي ۽ مسلمانن جي الڳ وطن جي قيام لاءِ ورتل ڪوششن جو اندازو لڳائي سگهي ٿو.

۱۹۴۶ع جي آخر ۾ ملڪ ۾ صوبائي اسيمبلين جي چونڊن جو پروگرام تيار ٿيو. مسلم ليگ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ قائد اعظم ملڪ جو دورو ڪيو. ان سلسلي ۾ هو سنڌ ۾ به آيو. ۲۸-آگسٽ تي ڪراچيءَ ۾ اخبارن کي بيان ڏيندي چيائين تہ:

"مان هر مسلمان جو، جيڪو مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو آهي، خيرمقدم ڪريان ٿو. ان کي اپيل ڪريان ٿو تہ هو هن نازڪ وقت ۾ اسان جو ساٿ ڏئي. مسلم ليگ جي سياسي ۾ نہ، ڪنهن سان بغض آهي ۽ نہ ساڙ آهي ۽ نہ ڪاوڙ ئي آهي. آئينہ چونڊن ۾ اسان جا مطالبا آهن: پاڪستان ۽ مسلم ليگ جي نمائندگيءَ جو ثبوت."

سنڌ جي مسلمانن اها گالهہ به ثابت ڪري ڏيکاري.

۹- ڊسمبر ۱۹۴۶ع تي ملڪ ۾ صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ڪرايون ويون، ان لاءِ تہ جيئن معلوم ڪيو وڃي، تہ مسلم ليگ هندستان جي مسلمانن جي واحد جماعت آهي يا ڪانگريس جو به مسلمانن ۾ اثر آهي. انهن چونڊن ۾ مسلم ليگ کي ڪامياب حاصل ٿي، پر وڏي ڪاميابي ان کي سنڌ ۾ ٿي حاصل ٿي. سنڌ ۾ مسلم ليگ ۹۹ سيڪڙو جايون حاصل ڪيون، مسلم ليگ فقط هڪ جاءِ ٹل ضلعي جيڪب آباد واري هارائي، پر اهو به آزاد ميمبر هو، جيڪو اليڪشن کٽڻ کان پوءِ مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويو. اهڙيءَ طرح سنڌ جي مسلمانن پاڪستان جي قائم ڪرڻ ۽ قائداعظم جي ساٿ ڏيڻ ۾ جيڪو ڪردار ادا ڪيو، اهو آزاديءَ جي تاريخ ۾ سونهري اکرن ۾ لکڻ لائق آهي. قيام پاڪستان کان پوءِ سنڌ جي مسلمانن پنهنجو مرڪزي ۽ مکيہ شهر "ڪراچي" پاڪستان جي حڪومت جي حوالي ڪري، پاڪستان جي قيام کان پوءِ ان جي استحڪام لاءِ تمام وڏي قرباني ڏني.

ماخذات

(۱) حالات قائداعظم محمدعلي جناح، خالداختر افغاني، علميه بوڪ ڊپو بمبئي، ۱۹۴۷ع (اردو).

(۲) پاڪستان ناگزيز تها، سيد حسن رياض، ڪراچي يونيورسٽي، ۱۹۶۷ع (اردو).

(۳) ياد جانان، مولانا دين محمد وفائي مرحوم، ۱۹۲۰ع (سنڌي).

(۴) ڪلام شيرل، شير محمد "شيرل" چنو (سنڌي).

(۵) تذڪره شعراء سکر، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميه ڪاليج سکر، ۱۹۶۵ع (سنڌي).

(۶) مهراڻ جي مجلس، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، سنڌي ادبي سوسائٽي، اسلاميه ڪاليج سکر، ۱۹۶۷ع (سنڌي).

(۷) مولانا معين الدين صديقي سيوهاڻي، "الخلافه"، حيدرآباد، ۱۹۱۹ع (سنڌي).

(۸) عبدالستار آدم، سيڪريٽري ضلع خلافت ڪميٽي سکر جي رپورٽ، سکر، ۱۹۲۴ع (سنڌي).

(۹) روزنامه "الوحيد" جو سنڌ آزاد نمبر، ۱۹۳۶ع.

(۱۰) روزنامه "الوحيد" جا مختلف پرچا.

(۱۱) ماهنامه "توحيد" (ايڊيٽر: مولانا دين محمد وفائي) جا مختلف پرچا.

(۱۲) سماهي "مهراڻ" (سوانح نمبر) مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ.

(۱۳) سماهي "الوحيد" (سوانح نمبر) مرتب: مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي.

(۱۴) سماهي ۽ ماهنامه "الوحيد" جا مختلف پرچا.

(۱۵) سماهي "مهراڻ" (قائداعظم نمبر) ۱۹۷۶ع (ايڊيٽر: مولانا غلام محمد گرامي).

(۱۶) ڊاڪٽر سيد محمود شاهه "مولانا تاج محمود امروٽيءَ جون علمي خدمتون"، پي. ايچ. ڊي. جو مقالو (اڻڇپيل).

(۱۷) تحريڪ شيخ الهند، مرتب: مولانا سيد محمد ميان، مڪتبه محموديه لاهور، ۱۹۷۸ع (اردو).

(۱۸) پير علي محمد راشدي، اهي ڏينهن اهي شينهن، (جلد ٻيو)، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۰ع.

(19) History of the freedom movement, Karachi, 1957–63 Vols 8.

(20) Muslim League: yesterday and today, Lahore 1948, Rajput, A. B.

(21) Speeches by Quaid-e-Azam Muhammad Ali Jinnah, Governor General of Pakistan, Karachi.

Gul Hayat Institute

(22) The transfer of Power in India: Memon, V.P. Culcutta 1957.

(23) Pakistan movements- historic documents, compiled and edited by G. Allana, Karachi, Second edition 1968.

(24) Foundation of Pakistan: All India Muslim League Documents 1906-47, Syed Sharifuddin Pirzada, National Publishing House, Vol I & II.

(25) The All India Muslim conference, 1928-1935. K.K. Aziz, National Publishing House Ltd, Karachi, 1972.

(26) India Divided: Dr: Rajandra Parsad, Book Traders, Lahore, 1978.

Gul Hayat Institute

قيام پاڪستان

(ڪجھ، يادگيريون)

حڪيم محمد احسن
(سابق سفير پاڪستان)

اِها ته هڪ تاريخي حقيقت آهي ته ۱۹۴۰ع ۾ لاهور جي شهر ۾ پاڪستان ريزوليوشن پاس ٿيو. انهيءَ ٺهراءَ ذريعي مسلمانان برصغير اِهو مطالبو پيش ڪيو هو ته کين حق خود ارادي استعمال ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي، جاڪاڻ ته ڏهه ڪروڙ مسلمان، جي برصغير ۾ رهن ٿا، آهي هڪ اقليت ڪونهن، بلڪ هڪ جدا قوم آهن. اِن ڪري اِن قوم کي برصغير ۾ هڪ جدا وطن ملڻ گهرجي، جنهن ۾ رهي هو پنهنجو تاريخي تشخص قائم رکي سگهن ۽ اسلام جي تعليمات مطابق پنهنجي زندگي گهاري سگهن. ۱۹۴۶ع ۾ سموري برصغير ۾ انهيءَ مطالبي جي سوال تي عام چونڊون ٿيون هيون، جن ۾ مسلمانن وڏي اڪثريت سان اِهو فيصلو ڪيو ته هو پاڪستان جي مطالبي جي پُٺ پرائي ڪن ٿا.

۱۹۴۰ع کان ۱۹۴۷ع تائين صرف ۷ سالن جي قليل عرصي ۾ اسلاميانِ برصغير قائداعظم محمد علي جناح رحم جي بي مثال اڳواڻي هيٺ پنهنجي متحده جدوجهد ۽ تحريڪ جاري رکي، ۽ نيٺ پنهنجو قافلو منزلِ مقصود تي وڃي پهچايو. دنيا جي قومن ۾ اهڙو ٻيو مثال ڏسڻ ۾ کين ايندو ته هڪ قوم، جا خالي هٿين هجي، رڳو الله سائين تي توڪل ڪري آٿي ۽ پنهنجي اتفاق ۽ اتحاد سان پنهنجي قائد جي اڳواڻي هيٺ قربانيون ڏيئي آزاديءَ جي نعمت سان نوازجي وڃي. اِها ڳالهه به وساريڻ جوڳي ڪينهي ته مقابلي ۾ وڏيون طاقتون، جي پوريءَ طرح منظم ۽ طاقتور هيون، انهن جي طرفان ويهن ڪُنهن جو زور لاتو ويو ته مسلمان برصغير ۾ پنهنجو ڌار وطن قائم نه ڪري سگهن. جيئن ته سڀني کي معلوم آهي، آهي ۾ طاقتون هيون: هڪ انگريزي حڪومت، جنهن جي حيثيت پيرامائونٽ پاور جي هئي ۽ بي انڊين نيشنل ڪانگريس هئي، جنهن جي دعويٰ هئي ته برصغير ۾ رهندڙ سڀني قومن جي نمائنده جماعت آهي. ظاهر آهي ته انهن ٻن وڏين طاقتن جي مخالفت هوندي به، مسلمانان برصغير پنهنجو مطالبو مڃائي وڃن، هڪ معجزي کان گهٽ ڪينهي. ساڳئي وقت اِهو هن ڳالهه جو به ثبوت آهي ته قائداعظم هڪ عظيم رهنما ۽ بي مثال اڳواڻ هو، جنهن پنهنجي سياسي فراست ۽ تدبر ۽ بصيرت سان مسلمانن جي لاءِ هڪ علحده وطن قائم ڪيو.

مون کي ياد آهي ته ٣- جون ١٩٤٧ع تي نيٺ قيام پاڪستان جو اعلان ڪيو ويو. اِهو اعلان برطانوي حڪومت جي طرفان ڪيو ويو، جنهن جو نمائندو ۽ عيوضي لارڊ مائونٽ بيٽن هو، جنهن کي تازو تازو هندوستان جو وائسراءِ مقرر ڪيو ويو هو. اِن اعلان مطابق اها پڌرائي ڪئي ويئي ته ١٤- آگسٽ ١٩٤٧ع تي پاڪستان قائم ڪيو ويندو ۽ هڪ علحده، ڌار ۽ خود مختار رياست وجود ۾ ايندي. ان کان اڳ جيڪي جيڪي قانوني ۽ آئيني مرحلا طئي ڪيا ويا، انهن جو تفصيلي بيان ڪرڻ هتي مناسب نه ٿيندو، جو پڙهندڙن کي انهن جي ڀليءَ ڀت ڄاڻ ۽ پروڙ آهي. البت جيڪا ڳالهه آءٌ واضح ڪرڻ گهران ٿو، اها اِها آهي ته حڪومت برطانيه طرفان ١٤- آگسٽ جي تاريخ مقرر ڪرڻ نيڪ نيتي تي مبني نه هو. ظاهر آهي ته ٣- جون ۽ ١٤- آگسٽ درميان ايترو عرصو نه هو، جو درحقيقت هڪ نئين مملڪت قائم ڪرڻ لاءِ ضروري هوندي آهي. اِن هوندي به قائد اعظم انهيءَ کي هڪ چئلينج سمجهي قبول ڪيو ۽ تاريخ شاهد آهي ته انهيءَ ٿوري ۽ قليل عرصي ۾ رات ڏينهن محنت ۽ ڪوشش ڪري سڀ انتظام ۽ بندوبست مڪمل ڪيا ويا ۽ نتيجو اهو ٿيو ته ١٤- آگسٽ تي مملڪت خداداد پاڪستان جو قيام عمل ۾ اچي ويو. سڀ کان پهرين ته قائد اعظم فيصلو ڪيو ته پاڪستان جي گاديءَ جو هنڌ ۽ دار الخلافه ڪراچيءَ جو شهر ٿيندو. آءٌ ان وقت ڪراچيءَ جو چونڊيل ميئر هئس. اُن زماني ۾ سموري برصغير ۾ رڳو چئن شهرن ۾ ميئر هوندا هئا، يعني ڪراچي، بمبئي، مدراس ۽ ڪلڪتو. لاهور جو شهر گهڻو پوءِ شامل ڪيو ويو. پاڪستان قائم ٿيڻ کان ٿورو اڳ اسان ڪراچيءَ ۾ هڪ بين الاقوامي ميئرس ڪانفرنس منعقد ڪئي هئي، جنهن ۾ برصغير هندو پاڪستان مان سمورا ميئر ۽ ڊپٽي ميئر شامل ٿيا هئا، جن ۾ لاهور جو ميئر ميان اميرالدين به موجود هو. ازانسواءِ سيلون (سري لنڪا) مان اُتي جي دار الخلافه ڪولمبو جو ميئر مسٽر آر- ايف- ايس- ڊي ميل ۽ ڊپٽي ميئر مسٽر عبدالغني به شريڪ ٿيا ۽ ڪينڊيءَ جي شهر جو ميئر ۽ ڊپٽي ميئر پڻ حاضر هئا. برما مان رنگون جو ميئر ۽ ڊپٽي ميئر شامل ٿيا. اهڙيءَ طرح ٻين شهرن مان به نمائندا شريڪ ٿيا. آءٌ اِن ڪانفرنس ۾ استقباليه ڪميٽيءَ جو چئرمن هئس ۽ پنهنجي تقرير ۾ مون انهن عظيم ۽ تاريخي تبديلين ڏانهن اشارو ڪيو، جي اُن وقت برصغير ۽ آسپاس جي ملڪن ۾ رونما ٿي رهيون هيون. مون ڪانفرنس ۾ آيل سڀني نمائندن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته ٻئي دفعي جڏهين اسين ايندڙ ڪانفرنس ۾ ملنداسين ته انشاءالله آزاد ملڪن جي نمائندن جي حيثيت سان ملنداسين. نه رڳو اِن تي گرم جوشيءَ سان تاڙيون وڳيون، خدا ڪيو ته منهنجي اها دعا قبول پئي ۽ جلد ئي اسين آزاديءَ جي نعمت سان نوازياسين.

ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي حڪومت ۽ مملڪت جو قيام جلد عمل ۾ اچڻ وارو هو ۽ وقت گهڻو ڪونه هو ۽ ان ڪري قائد اعظم مرحوم، سردار عبدالرب نشتر کي

مقرر ڪيو تاتہ انهن انتظامات جي نگراني ڪري، جي قيام مملڪت جي سلسلي ۾ ڪراچي ۾ ڪيا پئي ويا. انهيءَ سلسلي ۾ سردار صاحب صلاح مشورن لاءِ وقتاً فوقتاً دهليءَ مان ڪراچي تشريف فرما ٿيندو هو. مرحوم نشتر صاحب ان وقت دهليءَ ۾ انٽيرم گورنمينٽ ۾ وزير مواصلات هو. مون کي به انهن صلاح مشورن ۾ شامل ٿيڻ جو موقعو ملندو هو، چاڪاڻ تہ ڪراچيءَ کي پاڪستان جو دارالخلافہ مقرر ڪيو ويو هو ۽ شهر جي ميئر جي شموليت انهن مشورن ۾ ضروري سمجهي ويئي. درحقيقت نشتر صاحب مرحوم سان منهنجي نيازمندي جي ابتدا اتان ٿي جا وقت گذرڻ سان هڪ قلبي ۽ روحاني تعلق ۾ تبديل ٿي ويئي. نشتر صاحب جهڙا مخلص رهنما ۽ قوم ۽ ملڪ جا سچا خادم قسمت سان ئي پيدا ٿيندا آهن. هڪ ڏڻ ۽ لڳن هئي، جنهن سان مرحوم رات ڏينهن ڪم ڪندو هو. پاڪستان جا ابتدائي ڏينهن هئا، پاڻ ڪراچيءَ ۾ سول لائين ۾ مقيم هو. هڪ هندو پروفيسر، جو منهنجو به واقف هو، سندس فرزند کي ٽيوشن ڏيندو هو. ان پروفيسر صاحب هڪ ڏينهن مون کي چيو تہ خوش قسمت آهن پاڪستان جا ماڻهو، جو نشتر صاحب جهڙا مخلص اڳوان کين مليا آهن. پوءِ ٻڌايائين تہ مون سندس فرزند کي پڙهايو پئي تہ اوچتو نشتر صاحب اچي ويو ۽ پٽ کان پڇيائين تہ تنهنجي ويڪيشن بابت ڪالج ۾ ڇا فيصلو ٿيو. نينگر ٻڌايو تہ سيڀاڻي کان ويڪيشن شروع آهي ۽ آءٌ به اوهان سان گڏ پشاور موڪل تي هلندس. نشتر صاحب مرحوم يڪدم انڪار ڪيو، چيائين تہ آءٌ تہ سرڪاري ڪم تي سرڪاري هوائي جهاز ۾ سيڀاڻي پشاور وڃي رهيو آهيان. آءٌ توکي پاڻ سان ڪونہ وٺي وڃي سگهندس. تون ٻين شاگردن سان ريلوي ڪنسيشن ٽڪيٽ وٺي پشاور پهچ ۽ ويڪيشن گذاري واپس ڪراچي اچ. چوڪر گهٽوئي چيو تہ هوائي جهاز تہ خالي ويندو آءٌ هليو هلان، پر نشتر صاحب مرحوم بلڪل انڪار ڪيو. مون هڪ ڏينهن نشتر صاحب کان ان بابت پڇيو تہ پاڻ فرمايائين تہ اها گالهہ سچي آهي. پيا به ڪيترائي واقعا پنهنجي سياسي زماني جا بيان ڪيا هئائين، جن بابت آءٌ ڪڏهن مناسب موقعي تي لکندس.

ڪراچيءَ ۾ پاڪستان جي حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ جيڪي انتظامات نشتر صاحب جي نگراني ۾ ڪيا ويا، انهن ۾ سرفهرست اهو مسئلو هو تہ حڪومت پاڪستان جي سيڪريٽريٽ ڪٿي قائم ڪجي. قائداعظم جو حڪم هو تہ سڀ انتظامات اهڙا ڪيا وڃن، جي هڪ آزاد ۽ خودمختار حڪومت جي شايان شان هجن. چنانچہ گهڻي غور و خوض بعد اهو فيصلو ٿيو تہ ڪراچيءَ ۾ سنڊ سيڪريٽريٽ واري عمارت خالي ڪرائي ان ۾ پاڪستان سيڪريٽريٽ قائم ڪئي وڃي. ان بعد اهو مسئلو درپيش آيو تہ سنڊ سيڪريٽريٽ لاءِ ڪا مناسب جاءِ ڳولي وڃي، چنانچہ

مون تجويز پيش ڪئي تہ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي عمارت اسين ڊيرڪ جي لاءِ تيار آهيون ۽ آن ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ منتقل ڪئي وڃي. سرغلام حسين هدايت الله، جو آن وقت وزير اعليٰ هو، اتي موجود هو. ٻئي ڏينهن ڪراچي ڪارپوريشن جي عمارت جي مياپ تور ڪئي ويئي ۽ انهيءَ نتيجي تي پهتاسين تہ اها جاءِ سنڌ سيڪريٽريٽ لاءِ ناڪافي ٿيندي. آن بعد جيئن تہ پڙهندڙن کي معلوم آهي تہ سنڌ سيڪريٽريٽ کي نيپئر بيرڪس ۾ منتقل ڪيو ويو. حڪومت پاڪستان جي عملي لاءِ رهائشي انتظامن جو بہ وڏو مسئلو هو. جيئن مون مٿي عرض ڪيو آهي تہ وقت تمام ٿورو هو، انهيءَ ٿوري وقت ۾ ئي سڀ بندوبست مڪمل ڪرڻا هئا. مون کي ياد آهي تہ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن طرفان رات جو گيس جا ليمپ ٻاري جاين جوڙائڻ جو ڪم ڪيو ويو. ساڳيءَ طرح لارينس روڊ ڪوارٽرس، ڪليٽن ڪوارٽرس ۽ ٻيا ڪوارٽر تعمير ڪرايا ويا. بهرحال نتيجو اهو ٿيو جو وقت تي سڀ انتظامات مڪمل ٿي ويا.

تاريخ شاهد آهي تہ برصغير ۾ آزاديءَ جي لاءِ جيڪي بہ تحريڪون هليون آهن، سنڌ وارن انهيءَ ۾ پليءَ پت حصو ورتو آهي. حقيقت ۾ سنڌ وارا وطن جي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ هر اول دستي جي حيثيت ۾ شامل رهيا آهن. خلافت تحريڪ هجي يا ريشمي رومال جا واقعات يا ڪا بہ تحريڪ آزادي، سنڌ وارن جو اهو تاريخي شيوو رهيو آهي تہ "دامي درمي قدمي سخني" مطلب تہ هرطرح انهيءَ ۾ حصو ورتو اٿن. هجرت جي تحريڪ ۾ بہ سموري برصغير مان سڀني کان وڌيڪ سنڌ وارن ئي حصو ورتو ۽ پڇاڙيءَ ۾ سڀني کان وڌيڪ کين ئي نقصان پهتو. انهيءَ مان صاف ظاهر آهي تہ اهلِ سنڌ فطري طور تي شمع آزاديءَ جا پروانا آهن ۽ انهيءَ ڏس ۾ بيش از بيش قربانيون پيش ڪيون اٿن. خود قيام پاڪستان وقت انصار جي حيثيت ۾ جيڪي شاندار مثال پاڻ پيش ڪيائون، انهن جو مٽ ملڻ بہ مشڪل ٿيندو. ڪليءَ دل سان، ڪليل ٻانهن سان، پنهنجي مهاجر پائرن جي آجيان ڪيائون ۽ انهن جي آبادڪاريءَ جي مسئلي ۾ سڀ کان وڌيڪ خدمتون پيش ڪيائون. نہ رڳو ايترو بلڪ پڙهندڙن کي ياد هوندو تہ سڀ کان پهرين برصغير ۾ سنڌ اسيمبلي ئي هئي، جنهن سرڪاري طرح ٺهراءُ پاس ڪيو تہ پاڪستان جو قيام عمل ۾ آندو وڃي. اهو ٺهراءُ محترم جي.ايم. سيد ئي پيش ڪيو هو ۽ پاڻ انهيءَ تجويز جي تحريڪ ڪرڻ وقت هڪ نهايت فصيح، بليغ ۽ مدلل تقرير ڪئي هئائين، جا مون بہ ٻڌي هئي.

ڪراچي جيتوڻيڪ هڪ خوبصورت، صاف ۽ ستڙو شهر هو ۽ سموري برصغير ۾ سنڌس صفائي ۽ سڻائي جي هاڪ هئي، ان هوندي بہ منجهس اڻ ڪٽ رهاڪن

لاءِ نہ ئي سهولتون موجود هيون ۽ نہ وسائل. اهو چوڻ غلط آهي تہ اُن زماني ۾ ڪراچيءَ جي آبادي ٣ لک هئي ۽ بس. منهنجي اندازي مطابق اُن وقت ڪراچيءَ جي آدمسماري پنجن ۽ ڇهن لکن جي وچ ۾ هئي. قيام پاڪستان کان يڪدم پوءِ جڏهن آباديءَ ۾ اوچتو بيحد اضافو ٿيو تہ بنيادي ميونسپل سروسز ۽ خدمتون شهرواسين کي پهچائڻ هڪ مشڪل مسئلو ٿي پيو. مثال طور شهر کي پاڻيءَ پهچائڻ جو نظام پهرين ئي ايترو تہ اڻ پورو هو، جو اسين ٣ يا ٤ لک شهرواسين کي مشڪل سان پاڻي پهچائي سگهندا هئاسين. اوچتو جو آبادي وڃي تقريباً هڪ ملين ماڻهن تائين پهتي تہ شهر ۾ نہ رڳو پاڻيءَ جي سخت قلت ٿي، بلڪ صفائي ۽ سٿرائي جو معيار بہ ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ ڪري پيو. ساڳيءَ طرح رهائشي جاين جو مسئلو بہ ڏاڍو سنگين ٿي پيو. خانبهادر محمد ايوب کهڙو اُن وقت سنڌ جو وڏو وزير هو. اسان جي هڪ سرڪاري ڪميٽي هوندي هئي، جنهن جو نالو "گريٽر ڪراچي پلئننگ ڪميٽي" هو. ان جون جلد جلد ميٽنگون سڏايون ويون ۽ شهر جي پسگردائي ۾ رهائشي سهولتون وڌائڻ ۽ رهائشي جايون جوڙائڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو. انهيءَ ڪميٽيءَ جو چيئرمن کهڙو صاحب مرحوم پاڻ هو. مون تجويز پيش ڪئي هئي تہ ڪراچيءَ جي آبادي جنهن بي حساب نموني وڌي رهي آهي، اُن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ضرورت آهي. مهاجر ڀائرن جا ريلن پويان ريلا پاڪستان پهچي رهيا هئا، ڇاڪاڻ تہ هندستان ۾ سندن جان ۽ مال جي ڪابہ حفاظت ڪانہ هئي، بلڪ اهو چوڻ درست ٿيندو تہ کين هڪ منظم نموني ۾ پاڪستان پئي ڌڪيو ويو تا تہ پاڪستان تي مهاجرن جي آبادڪاريءَ جو ايڏو تہ بار ۽ بوجهہ پوي جو پاڪستان جي اقتصادي ۽ معاشي حالت ابتر ٿي وڃي. منهنجي تجويز هئي تہ مهاجرن جي آبادڪاري هڪ منظم ۽ سائنٽيفڪ نموني ڪئي وڃي ۽ جيترا انسان ڪراچيءَ ۾ سمائجي سگهن، انهن کي پنهنجي ڌنڌي مطابق ڪراچيءَ ۾ آباد ڪيو وڃي. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ بہ ايترا مهاجر موڪليا وڃن، جي اُتي ماپي سگهن ۽ جن لاءِ اُتي گنجائش هجي ۽ باقي ايندڙن کي ٻين پرڳڻن ۾ مقامي سهولتون ميسر ڪري آباد ڪيو وڃي. بدقسمتيءَ سان حالتون اهڙيون ٿي پيون، جو ان وڏي منصوبي تي عمل ڪرڻ جي مهلت ئي ڪانہ ملي ۽ جنهن کي جتي جاءِ ملي، اُهو تڙتڪڙ ۾ اُتي وڃي آباد ٿيو. اهو هڪ وڏو مسئلو هو، جنهن جي حل ڪرڻ لاءِ بہ هڪ وڏي منصوبہ بندي ۽ بالغ نظريءَ جي ضرورت هئي. افسوس اهو آهي تہ جيئن اسان جا ٻيا ڪم بہ بنا ڪنهن مناسب سوچ ويچار جي ۽ بنا ڪنهن سائنٽيفڪ منصوبہ بنديءَ جي ٿيندا آهن، اهڙيءَ طرح هڪ وڏو انساني مسئلو بہ غلط منصوبہ بنديءَ جو شڪار ٿي ويو. نتيجو اهو ٿيو جو اڄ جيڪي بہ اقتصادي ۽ معاشي مسائل ملڪ ۾ رونما ٿيا آهن، اُهي اُنهن ئي غفلتن جي باعث آهن. گذشتہ

جنگ عظيم کان پوءِ جرمني ۽ جپان ۾ انساني آباديءَ ۾ هڏي وڏي اٿل پٿل ٿي، پر جڏهن انسانن کي آباد ڪيو ويو ته اهڙيءَ طرح ته رٿابندي ڪئي ويئي جو اهي ملڪ جلدئي وري ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهتا ۽ اهي هڪ عظيم اقتصادي طاقت جي صورت ۾ موجود آهن.

هن وقت به ان امر جي بيحد ضرورت آهي ته شهر جي آباديءَ کي بي تحاشا وڌڻ نه ڏنو وڃي ۽ خاص طرح ٻهراڙيءَ وارن علاقن جي ترقيءَ تي خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي تا ته شهري علاقن ۽ ٻهراڙيءَ وارن علاقن جي درميان جيڪو ويڇو آهي اهو ختم ٿئي. جڏهن ٻهراڙيءَ ۾ ترقياتي پروگرامن تي عمل ڪيو ويندو ۽ معاشي ترقيءَ جا موقعا پيدا ڪيا ويندا ته اتي جي آبادي شهرن جو رخ ڪين ڪندي. اهو ڪم به هڪ خاص رٿابندي سان ڪرڻو پوندو. ياد رکڻ گهرجي ته پاڪستان جي آبادي جو وڏو حصو ٻهراڙيءَ وارن علاقن ۾ ئي رهي ٿو، پر بدقسمتيءَ سان انهن کي اتي بنيادي انساني ضرورتون به ميسر ڪينهن.

قائداعظم رح جي ذهن ۾ پاڪستان جو جيڪو نقشو هو، ان مطابق سندس اها خواهش هئي ته ملڪ ۾ اهڙو معاشرو قائم ڪجي، جنهن ۾ هرهڪ لاءِ عدل ۽ انصاف هجي، مختلف گروهن ۾ ويڇا ۽ اختلاف نه هجن؛ حتيٰ ڪ مختلف مذهبن جي پوئلڳن کي پنهنجي پنهنجي مذهب جي پيرويءَ جو پورو اختيار هجي، پر ملڪي ۽ شهري هجڻ جي حيثيت ۾ سڀني کي هڪجهڙا حقوق حاصل هجن. پاڻ ١١- آگسٽ تي جيڪا ابتدائي تقرير ڪانسٽيٽيوٽ اسيمبليءَ اڳيان ڪئي هئائين، اها پاڪستان جي آئين ۽ آئيني فريم ورڪ جي خشت اولين هئي. مون کي انهيءَ تقرير ٻڌڻ جو موقعو مليو هو. اڄ اسان کي ڏسڻ گهرجي ته اسين انهن اصولن تي ڪاربند ٿيا آهيون يا انهن کان پري ٿي ويا آهيون. ظاهر آهي ته افراط ۽ تفريط جو طريقو غلط آهي. اعتدال ۾ جيڪا شيءِ هوندي، اهوئي صحيح رستو آهي. انڪري اسان کي ٿڌي دل سان غور ڪرڻ گهرجي ۽ پاڪستان کي انهيءَ خطوط تي ترقي ڏيڻ گهرجي، جن خطوط ۽ جنهن نقشي جي قائداعظم نشاندهي ڪئي هئي، تا ته سڀني کي عدل ۽ انصاف ميسر ٿي سگهي ۽ ڪنهن جو به حق مارجي نه وڃي.

Gul Hayat Institute

تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جو حصو

(تاريخي پس منظر)

ڈاڪٽر مظهرالدين سومرو

برصغير هند و پاڪ جي تاريخ جو جڏهن باريڪ بينيءَ سان ويهي مطالعو ڪجي ٿو، ته خاص طرح سان ويهين صديءَ جي قومي تحريڪن واري دؤر جي تجزيي سان اسان کي بخوبي اهو معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جو خطو هر قومي تحريڪ جو مرڪز ۽ بنيادي جزو پئي رهيو آهي. هر انهيءَ تحريڪ، جنهن هن ننڍي ڪنڊ ۾ جنم ورتو، اها تحريڪ تيستائين ڪاميابيءَ کي نه پهتي، جيستائين سنڌ ان ۾ پرپور حصو نه ورتو. ويهين صدي عيسويءَ جو دؤر اهو آهي، جنهن ۾ قومن جي آزاديءَ واري تحريڪ سڄيءَ دنيا ۾ ڦهلجي ۽ ٻکڙجي ويئي، ۽ متحده هندستان ۾ ان جي لپيٽ کان محفوظ رهي نه سگهيو.

آزاديءَ جي هلچل ۾ سنڌ جي سر زمين عملي طرح سان پرپور ۽ نمايان حصو خلافت تحريڪ جي آغاز کان ورتو. انگريز سامراج پنهنجي مڪاريءَ ۽ فريبيءَ سان ۱۸۴۳ع ۾ جڏهن سنڌ کي مقامي تالپر حاڪمن کان فتح ڪيو، تڏهن کان وٺي سنڌ جي ماڻهن ۾ انهيءَ نئين حڪمران جي خلاف نفرت پيدا ٿي. مولانا عبدالڪريم مٺياروي پهريون سنڌي عالم هو، جنهن هن غلام ملڪ ۾ رهڻ جي بجاءِ وڃي حجاز مقدس ۾ سڪونت اختيار ڪئي. اهڙيءَ طرح سان اها آزاديءَ جي ديپ باهم، آهستي آهستي ٿي خلافت تحريڪ واري زماني ۾ پڙڪو ڪائي اٿي. خلافت تحريڪ کان اڳ ۾ سنڌ جي ماڻهن پنهنجي آزادي ۽ خود مختياريءَ کي وري حاصل ڪرڻ لاءِ انگريز سامراج خلاف جدوجهد ڪئي. فرنگي حاڪمن پنهنجن چالبازين سان سنڌ کي غير فطري طرح بمبئيءَ سان ملايو هو. سندن اهو عمل سنڌ جي تهذيب، تمدن ۽ ماحول جي بلڪل خلاف هو. سن ۱۸۸۰ع ۾ ڪراچيءَ ۾ "انجمن اسلام" جي ناليواري سان هڪ جماعت وجود ۾ آئي(۱)، جنهن جا بانيڪار خانبهادر حسن علي آفندي، ميرزا علي محمد ۽ مولانا الهه بخش "ابوجهو" هٿا(۲). انهيءَ انجمن جي سهاري هيٺ سنڌ ۾ سياسي جاڳرتا جو آغاز ٿيو، جنهن اڳتي هلي سن ۱۸۸۴ع ۾ پنهنجو عملي روپ اختيار ڪيو(۳). عوام ۾ ذهني ۽ سياسي بيداري آڻڻ لاءِ مولوي الهه بخش

"ابو جهي" جي اٽڪ کوششن سان تاريخ ۱۷ جمادي‌الاول ۱۳۰۱هـ مطابق ۱۶ مارچ ۱۸۸۴ع تي "مجمع محمدي" نالي هڪ جماعت جو قيام عمل ۾ آيو، جنهن کي "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" سڏيو وڃي ٿو. انهيءَ جماعت جو صدر سنڌ جو هڏ ڏوکي رهنما خانبهادر حسن علي افندي، نائب صدر خانبهادر نجم‌الدين ۽ سيڪريٽري مولانا الهه بخش "ابوجهو" ٿيا(۴). انهيءَ انجمن سنڌ جي مسلمانن ۾ ڪافي سڃاڻپ آندي ۽ جيڪو سياسي شعور انهيءَ جماعت ڏنو، تنهن جا اڳتي هلي ڏاڍا سودمند نتيجا برآمد ٿيا.

مٿين سياسي سڃاڻپ جو اهو نتيجو نڪتو جو سنڌ ۾ بمبئيءَ کان جدائيءَ واري تحريڪ جنم ورتو ۽ دراصل اها ئي سياسي جدوجهد هئي، جنهن هن برصغير جي مسلمانن کي پنهنجي هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ حاصل ڪرڻ جي لاءِ آماده ڪيو. سن ۱۹۲۷ع ۾ انگلنڊ جي پارليامينٽ "سائمن ڪميشن" مقرر ڪئي(۵). اها ڪميشن جڏهن سن ۱۹۲۹ع ۾ متحده هندستان ۾ آئي، تڏهن "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" انهيءَ ڪميشن جي اڳيان سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جو مطالبو دليلن سان پيش ڪيو ته سنڌ جو بمبئيءَ سان الحاق غيرفطري آهي. هندستان جي "انڊين نيشنل ڪانگريس" به ان جي پرپور حمايت ڪئي(۶)، پر ڪميشن ان مطالبي کي ٺڪرائيندي مخالفت ۾ فيصلو ڏنو(۷). ان کان پوءِ به سنڌ جي ماڻهن آزادي ماڻڻ خاطر همٿ نه هاري ۽ انهيءَ ڏس ۾ گول ميز ڪانفرنس ٿي، پي گول ميز ڪانفرنس ۱۹۳۱ع ۾ ٿي، جنهن جو آخر نتيجو اهو نڪتو جو سن ۱۹۳۵ع ۾ انگريز سرڪار انڊيا ايڪٽ پاس ڪيو، جنهن موجب سنڌ ۽ هندستان جي ٻين صوبن جون به جدا صوبائي حيثيتون قائم ٿيون.

انهن مڙني حالتن جو سنڌ جي عوام، خاص ڪري عالمن، اديبن، شاعرن ۽ سياسي سمجهه رکندڙن تي ڪافي اثر پيو. هن نئين کنڊ جي آزاديءَ جي راهه ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو نالو سرِ فهرست آهي. "ريشمي رومال واري تحريڪ" ۾ مولانا صاحب سان سنڌ مان مولانا عبدالله لغاري، مولانا تاج محمود امروٽيءَ ۽ ٻين پرپور ساٿ ڏنو(۸)، پر افسوس جو انگريز سامراج جي چالاڪين ۽ مڪارين سان انهيءَ تحريڪ کي ڏڪ لڳو. اهڙيءَ طرح جڏهن "ريشمي رومال واري تحريڪ" جي آخري محرڪ سنڌ جي نومسلم شيخ عبدالرحيم حيدرآبادي‌ءَ کي گرفتار ڪيو ويو، ۽ منصوبي جي راز کلڻ سبب هيءَ تحريڪ خودبخود ختم ٿي ويئي(۹).

جيئن اسين مٿي ۾ لکي آيا آهيون ته خلافت تحريڪ جي زماني ۾ انگريزن جي خلاف جيڪا آزاديءَ جي باهه پڙڪي اٿي، تنهن جو وڏو سبب سنڌ جي عوام خاص طرح سان مسلمان طبقي جو مذهبي جوش ۽ جذبو هو. پهرين جنگ عظيم ۾ ترڪن کي پنهنجي سلطنت جي ڪيترن ئي علائقي تان دستبردار ٿيڻو پيو، ۽ انهيءَ

شڪست سنڌ ۾ هند جي مسلمانن کي مايوس ڪري وڌو. ان زماني ۾ ترڪيءَ جو خليفو مسلمانن لاءِ آخري سهارو ۽ اسلامي خلافت جو سرواڻ هو. انگريزن ترڪي سلطنت جي باري ۾ جيڪو هن نئين ڪنڊ جي مسلمانن سان وعدو ڪيو هو، تنهن کان هو ڦري ويا ۽ ذلت آميز شرط ترڪيءَ تي مڙهيا ويا. انهن ڳالهين هتان جي مسلمانن کي جوش ۾ آندو ۽ ان سان گڏ "رولٽ ايڪٽ" ۽ جليانوالا باغ جي خوني حادثي پڻ برصغير جي مسلمانن کي انگريزن جي خلاف اشتعال ڏياريو(۱۰)، ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ سيپٽمبر ۱۹۱۹ع ۾ "خلافت تحريڪ" جو بنياد وڌو ويو(۱۱). ان کان پوءِ سموريءَ سنڌ ۾ خلافت جي فائدي ۾ جلسا جلوس ٿيا، جن ۾ انگريز سامراج جي مذمت ڪئي وئي ۽ ان بعد نومبر ۱۹۱۹ع ۾ دهليءَ ۾ خلافت ڪاميٽيءَ جو قيام عمل ۾ آيو(۱۲). خلافت تحريڪ ۾ سنڌ جي عوام، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ ٻين سياسي شعور رکندڙ ماڻهن اخلاقي، جاني ۽ مالي حصو ورتو. متحده هندستان جي هندن ۾ خلافت تحريڪ جي پٽيرائي ڪئي ۽ ائين ڪٽي چڪجي تہ اها تحريڪ هندو-مسلم اتحاد جو هڪ انمول مثال هئي. خلافت تحريڪ کي فبروري ۱۹۲۲ع ۾ اوچتوئي اوچتو مهاتما گانڌيءَ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو(۱۳). سن ۱۹۲۴ع ۾ مصطفيٰ ڪمال اتاترڪ ترڪيءَ جي قسمت جو مالڪ بڻيو ۽ هن خليفي عبدالحميد کي جلاوطن ڪري خلافت جو هميشه لاءِ خاتمو آڻي ڇڏيو(۱۴). انگريزن خلافت تحريڪ کي ڪمزور بنائڻ خاطر پنهنجي سياسي چالبازيءَ سان "امن سڀا" نالي هڪ جماعت تيار ڪرائي. انگريزن انهيءَ ڪم جي پورائي لاءِ برصغير ۾ ٻن ماڻهن جو انتخاب ڪيو. هڪ مولانا عبدالحق حقاني هندستان ۾، ۽ سنڌ مان وري مولوي فيض الڪريم ولد موسيٰ اعواڻ ساندن واري لڳ ٽاروشاهم کي تيار ڪيو. مولوي فيض الڪريم انگريزن جي فائدي ۾ "تحقيق الخلافت" نالي هڪ ننڍو رسالو جاري ڪيو، جنهن تي سنڌ جي امن سڀائي عالمن، سجاده نشينن، مشائخن ۽ سرندي‌ءَ وارن ماڻهن کان انگريز سرڪار جي اشاري تي صحيحون ورتيون ويون. انهيءَ ڪم ۾ مولوي فيض الڪريم سان محمد عبدالغني ۽ مولوي عبدالعزيز پڻ ساٿ ڏنو. ان رسالي جي رد ۾ خلافت تحريڪ جي هڪ سرگرم رڪن مولانا دين محمد وفائيءَ "اظهارالڪرامت" نالي هڪ فتويٰ جو رسالو جاري ڪيو، جنهن تي سنڌ جي ڪيترن عالمن صحيحون ڪيون. پر جيئن تہ اسان متي لکي آيا آهيون تہ ترڪيءَ ۾ خود خلافت ختم ٿي چڪي هئي، ان ڪري هن ملڪ ۾ بہ خلافت تحريڪ جو خاتمو اڄي ويو(۱۵).

نومبر ۱۹۱۹ع ۾ دهليءَ ۾ سڏايل خلافت ڪانفرنس جي موقعي تي هندستان جي ڪن عالمن اهو خيال ظاهر ڪيو، تہ هن سڄي ننڍي ڪنڊ جي عالمن جي هڪ جماعت وجود ۾ آڻجي، جيڪا مسلمانن ۾ اسلامي سياست جو صحيح نموني ۾ روح

ڦوڪي. مولانا محمد عبدالباريءَ جي صدارت هيٺ انهيءَ جماعت جي ٺاهڻ لاءِ پهرين گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ سنڌ مان مولانا اسداللهه حيدرآبادي، مولانا تاج محمود امروٽي، پير محمد امام صاحب، مولانا عبداللهه ۽ مولانا محمد صادق ڪڏي واري شرڪت ڪئي(١٦). انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ اهو فيصلو ڪيو ويو ته هن جماعت جو نالو "جمعيت العلماء هند" رکڻ گهرجي ۽ ان کي يڪراءِ بحال ڪيو ويو. مولانا محمد ڪفايت الله کي هن جماعت جو عارضي صدر مقرر ڪيو ويو(١٧). اهڙيءَ طرح سان سنڌ جي عالمن پهريون پيرو هڪ پرپور عالمن جي سياسي جماعت ۾ حصو ورتو، جنهن ۾ مولانا تاج محمود امروٽي ۽ مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ذڪر لائق آهن(١٨). هن جماعت جون سنڌ اندر ڪيترين ئي شاخون قائم ٿيون، جن جي ذريعي سنڌ جي ماڻهن ۾ آزاديءَ جو روح ڦوڪيو ويو، ۽ خاص طرح سان سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ واري تحريڪ ۾ ته جمعيت العلماء سنڌ واري شاخ ڏاڍو نمايان ڪردار ادا ڪيو(١٩). دراصل سنڌ جي علحدگيءَ واري تحريڪ سنڌ جي عوام جي ڪا اصل منزل نه هئي، پر ايترو ضرور ٿيو جو سنڌ جي ماڻهن ۾ آزاديءَ جو شعور پيدا ٿيو. اهڙيءَ طرح "قطع تعلقات هلچل"، "عدم تعاون تحريڪ"، "آزاديءَ جي هلچل"، ۽ ٻيون وقت بوقت جيڪي ٻيا قومي تحريڪون هليون، تن ۾ "جمعيت العلماء سنڌ" وارن نهايت فعال ڪردار ادا ڪيو.

سنڌ اندر جڏهن بمبئيءَ کان جدائيءَ واري تحريڪ هلي رهي هئي، تڏهن انهيءَ دوران "خاڪسار تحريڪ" سن ١٩٣١ع ۾ قائم ٿي(٢٠). هن تحريڪ کي سنڌ جي عوام ۾ مانوس ڪرائڻ لاءِ نصيرمحمد نظاماڻيءَ حصو ورتو ۽ هن حيدرآباد کي "خاڪسار تحريڪ" جو مرڪز بڻايو. خاڪسار تحريڪ جي متحد هندستان جو مرڪزي دفتر اچره لاهور ۾ هو ۽ علامه عنايت الله مشرقي ان جو باني هو(٢١). خاڪسار تحريڪ کي سنڌ اندر ايتري ڪاميابي حاصل ٿي نه سگهي، جيتري ٽيڻ ڪپندي هئي. هن تحريڪ جون بعض ڪي ڳالهيون متضاد هيون، جيڪي سنڌي سماج ۽ معاشري جي خلاف هيون، ڇو ته اسان جي سنڌ جو امن پسند معاشرو هن تحريڪ جي جنگجو ۽ جذباتي نظام جي خلاف هو، تاهم هيءَ تحريڪ ان وقت ٽائين سنڌ ۾ مقبول رهي، جيستائين ان جو نظريو اصلاحي ۽ ديني هو(٢٢).

انگريزن سنڌ اندر سنڌ جي معاشي حالتن کي بهتر بنائڻ لاءِ سکر بئراج واري منصوبي کي مڪمل ڪيو، ۽ سنڌ جون زمينون پنهنجي مفادن خاطر زميندارن ۽ ڪاتيدارن کي ڏيڻ شروع ڪيون. سنڌ جا هاري اهڙي عمل ڪان ڏاڍو متاثر ٿيا، ۽ انهن محسوس ڪيو ته پنهنجي مفادن جي بچاءَ خاطر ڪا تنظيم ٺاهجي. ان سلسلي ۾ سن ١٩٣٠ع ۾ سيرپورخاص ۾ جمشيد مهتا جي صدارت هيٺ "سنڌ هاري ڪاميٽيءَ" جو قيام عمل ۾ آيو(٢٣). ڪاميٽيءَ جو هڪ صدر پرنسيپال گوڪلي کي

چونڊيو ويو(۲۴). هن پارٽيءَ کي سموريءَ سنڌ ۾ مقبوليت حاصل ٿي، ۽ سنڌ جي اڪثر سياستدانن ان ۾ پرپور حصو ورتو(۲۵).

سنڌ هاري ڪميٽيءَ سنڌ اندر نمايان ڪم ڪيو، پر پوءِ سنڌ جي نين سياسي حالتن جو شڪار ٿي ڪمزور بنجي ويئي، پر ان هوندي به هن پارٽيءَ هارين جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکي.

سنہ ۱۹۳۵ع ۾ "سنڌ آزاد پارٽي" قائم ڪئي ويئي، ۽ ان جو وقتي صدر شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي مقرر ڪيو ويو(۲۶). شيخ عبدالمجيد سنڌ اندر ڪافي شاخون قائم ڪرائي، هن پارٽيءَ کي تمام گهڻو مقبول بنايو. سنڌ آزاد پارٽيءَ اڳيان واضح مقصد هي هئا ته: هندستان لاءِ مڪمل جوابدار حڪومت قائم هجي، پرڳڻن لاءِ جوابدار حڪومت هٿ گهرجي، جدا جدا فرقن ۽ سياسي پارٽين جي وچ ۾ اتحاد قائم هجي، ۽ مسلم قوم جي مذهبي، اخلاقي، تعليمي، معاشرتي ۽ مالي اصلاح لاءِ عام سڌارا ڪيا وڃن(۲۷).

مولانا عبيدالله سنڌيءَ هن نڊي ڪنڊ ۾ انگريز سامراج جي خلاف عوام ۾ اهڙو جوش ۽ جذبو پيدا ڪيو، جنهن وقت جي سرڪار کي ڏڪائي ڇڏيو. مولانا صاحب پنهنجي جدوجهد ان دؤر ۾ شروع ڪئي، جڏهن اڄا هندو مسلم اختلافن جو پوت عوام جي ذهنن تي چانيل نه هو. "آل انڊيا نيشنل ڪانگريس" ۽ "آل انڊيا مسلم ليگ" اڃا واضح طور تي آزادي حاصل ڪرڻ جي حڪمت عملي نه ٺاهي هئي. مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي خيالن ۽ افڪارن کان مرعوب ٿي انگريزن ڪيس جلاوطن ڪيو. سندس ۲۷ سالن جي جلاوطنيءَ واري دؤر ۾ هن برصغير ۾ ڪيترين ئي سياسي تبديليون اچي چڪيون هيون، ۽ سمورو نڊو ڪنڊ سياسي طور تي "آل انڊيا نيشنل ڪانگريس" ۽ "آل انڊيا مسلم ليگ" جي هٿ حلقن ۾ ورهائجي چڪو هو. خلافت تحريڪ جي خاتمي کان پوءِ هندو مسلم اتحاد ختم ٿي چڪو هو. انهن حالتن پٽاندڑ مولانا عبيدالله سنڌيءَ اهو محسوس ڪيو ته هاڻي آزاديءَ وارو مسئلو نه رهيو آهي، پر سڀ کان وڌيڪ گنڀير مسئلو مذهب ۽ ثقافت جو آهي، جيڪو عوام جي اتحاد جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. پاڻ جڏهن واپس وطن وريو، تڏهن هن انهن مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ "جمنا، نربدا، سنڌ ساگر پارٽيءَ" جي ٺاهڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. ان لاءِ سندس اهو خيال هو ته انهيءَ رستي هندو مسلم چڪتاڻ واري مسئلي کي حل ڪري سگهبو(۲۸).

"جمنا، نربدا، سنڌ ساگر پارٽيءَ" جو بنياد ۱۰- سيپٽمبر ۱۹۳۹ع تي رکيو ويو(۲۹). هن پارٽيءَ جي نظرياتي ۽ بنيادي اصولن کي جڏهن غور سان پڙهجي ٿو، ته اهو

معلوم ٿو ٿئي تہ مولانا عبيدالله سنڌي پهريون ماڻهو هو، جنهن هندستان جو ورهاڱو لساني بنيادن تي ڪرڻ ٿي گهريو(۳۰).

اسان مٿي جيڪي بيان ڪيو آهي، تنهن سان اهو ظاهر ٿو ٿئي، تہ هن برصغير ۾ ڌارين جي غلاميءَ کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هتان جي عوام پنهنجي سياسي جدوجهد درجي بدرجي پئي ڪئي آهي. اصل ۾ ننڍي کنڊ جي آزاديءَ واري جدوجهد جو پهريون مرحلو ۱۸۵۷ع جي جنگ آزادي هئي، جنهن ۾ آزادي حاصل ڪرڻ جي راهه ۾ هندن ۽ مسلمانن پنهنجون قيمتي جانيون قربان ڪيون. ان جدوجهد جو اهو نتيجو نڪتو، جو انگريزن جي راج نيتي پاليسيءَ ۾ تبديلي آئي، ۽ هنن "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جي پاليسيءَ تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو(۳۱).

انهيءَ کان پوءِ انگريزن جي اشاري تي مسٽر هيوم هڪ سول رٽائر آفيسر سن ۱۸۸۵ع ۾ "انڊين نيشنل ڪانگريس" جو بنياد وڌو. "انڊين نيشنل ڪانگريس" جي قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌ انهيءَ جماعت ۾ باقاعدگيءَ سان حصو ورتو. سن ۱۹۱۳ع ۾ ڪراچيءَ ۾ آل انڊيا ڪانگريس جو سالياڻو اجلاس ٿيو، ۽ اها پارٽي سنڌ ۾ اڳتي هلي ۱۹۱۷ع ۾ سنڌ جي واحد، منظم ۽ ترجمان جماعت بڻجي پيئي. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي خاتمي کان پوءِ هندستان ۾ ڏڪار جهڙيون حالتون پيدا ٿيون، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو چؤطرف فساد ۽ لاقانونيت ڦهلجي ويئي. ان کان پوءِ حڪومت مجبور ٿي سن ۱۹۱۹ع ۾ "رولٽ ايڪٽ" پاس ڪيو(۳۲). هن ايڪٽ موجب ملڪ جي انتظاميه کي وڏا اختيار ڏنا ويا، ۽ پريس ۽ سياسي قيدين تي سختي ڪئي ويئي(۳۳). انهن حالتن کان متاثر ٿي مهاتما گانڌي ملڪي سياست ۾ حصو وٺڻ لاءِ عملي طرح ٽپي پيو، ۽ "رولٽ ايڪٽ" خلاف امرتسر جي جليانوالا باغ ۾ هڪ وڏو جلسو منعقد ٿيو. جنرل ڊائر بي هٿيار ۽ بي گناهه ماڻهن تي گوليون هلايون، جنهن ۾ ٽي سؤ ماڻهو موت جو شڪار ٿيا، ۽ ٻارهن سؤ ماڻهو شديد زخمي ٿيا. ڪانگريس جي ڪيترن اڳواڻن کي گرفتار ڪيو ويو(۳۴). انهيءَ خوني واقعي برصغير جي ماڻهن جي دلين ۾ وقت جي حڪومت خلاف نفرت پيدا ڪئي. سنڌ ۾ انهيءَ خوني واقعي تي شديد ردعمل جو اظهار ڪيو. انگريزن ننڍي کنڊ جي سياستدانن کي پنجاب جي سرحدن اندر پير پائڻ تي بندش وجهي ڇڏي، ۽ ڪيترن سياسي اڳواڻن کي قاسي يا ڪاري پاڻيءَ جون سزائون ۽ ڏينهن ويون. سن ۱۹۳۵ع جي انڊيا ايڪٽ جي تحت سڌارن موجب سنڌ کي صوبائي حق مليا، ۽ ۱۹۳۶ع ۾ چونڊون ڪرايون ويون، جنهن ۾ ڪانگريس کي ڪافي ڪاميابي حاصل ٿي، پر سنڌ ۽ آسام ۾ گڏيل وزارتون قائم ٿيون(۳۵).

سنڌي عوام، سنڌ اندر "سنڌ سڀا" ۽ سمجھ محمديءَ جي ذريعي سياسي طرح سان بيدار ٿي چڪو هو، ۽ ان بعد ۱۸۸۵ع ۾ "آل انڊيا نيشنل ڪانگريس" جي ٺهڻ

کان پوءِ تہ هن ملڪ جي سياست ۾ اهم حصو ادا ڪيو. ڪانگريس هن نئين کنڊ جي عوام ۾ سياسي بيداريءَ کان سواءِ اهو به ثابت ڪري ڏيکاريو تہ اها جماعت انگريز سرڪار جي اشاري سان قائم ٿي آهي، جيڪا کنهن حد تائين غير مسلم عوام جي سرپرستي ڪري رهي هئي. سر سيد احمد خان مسلمانن کي ڪانگريس ۾ شامل نہ ٿيڻ جي تحريڪ هلائي(۳۶). ان کان سواءِ ٻيا به ڪي اهڙا واقعا رونما ٿيا، جن هن نئين کنڊ جي مسلمانن کي مجبور ڪيو تہ هو پنهنجي لاءِ هڪ الڳ جماعت ٺاهين (۳۷). سر آغا خان ۽ نواب محسن‌الملڪ هن تحريڪ جا اڳواڻ هئا. انهيءَ سلسلي ۾ سن ۱۹۰۶ع ۾ نواب سليم‌الله خان ڍاڪا ۾ مسلمان اڳواڻن جي هڪ گڏجاڻي سڏائي، جنهن ۾ "آل انڊيا مسلم ليگ" جو قيام عمل ۾ آيو(۳۸).

انهيءَ ساڳئي سلسلي ۾ سن ۱۹۱۷ع ۾ سنڌ اندر رئيس غلام محمد خان پرڳڙيءَ جي سايي ۽ ڪوشش سان "سنڌ مسلم ليگ" قائم ٿي. "سنڌ محمدن ايسوسيئيشن" کان پوءِ اها ئي سنڌ جي مسلمانن جي پهرين جماعت هئي، جنهن اعتدال پسند مسلمانن کي کنهن عرضي تائين هڪ پليٽ فارم تي قائم رکيو. هن سنڌ مسلم ليگ جو آل انڊيا مسلم ليگ سان کوبہ واسطو نہ هو، ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ آزاد جماعت هئي(۳۹). سن ۱۹۳۴ع ڌاري "سنڌ مسلم ليگ" پنهنجي الڳ ۽ آزاد حيثيت ختم ڪري "آل انڊيا مسلم ليگ" ۾ ضم ٿي(۴۰). سن ۱۹۱۶ع جي ميثاق لکنوءَ واري واقعي کان پوءِ اهو ٿي محسوس ڪيو ويو تہ هندو ۽ مسلمان آزاديءَ خاطر اتحاد ۽ اتفاق جو ثبوت ڏيندا، پر ٻئي ڏريون مذهبي بنيادن تي ورهائجي ويون. انهيءَ چڪتاڻ پنهي ڏرين کي هڪ ٻئي کان پري رکيو. سائمن ڪميشن جي بائيڪاٽ کان پوءِ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس پنهي الڳ راهون اختيار ڪيون. نهرو رپورٽ جي شايع ٿيڻ کان پوءِ مسلم ليگ پنهنجا چوڏهن نڪتا پيش ڪيا. نهرو رپورٽ جي رد عمل ۾ مسلمانن اهو محسوس ڪيو تہ کين آزاد ۽ هڪ الڳ سياسي مرڪز تي گڏ ٿيڻ گهرجي. سن ۱۹۳۰ع ۾ الهہ‌آباد ۾ ڊاڪٽر محمد اقبال "آل انڊيا مسلم‌ليگ" جي سڏايل سالياني ميڙ ۾ مسلمانن کي هڪ مرڪز تي گڏ ٿيڻ جو مشورو ڏنو. سن ۱۹۳۵ع ۾ انڊيا ائڪٽ جي پاس ٿيڻ جي نتيجي ۾ عام چونڊون ٿيون، جنهن ۾ ڪانگريس وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪئي، ۽ انهن ڪانگريس وزارتن وارن صوبن ۾ مسلمانن سان وڏيون زياديون ڪيون ويون، جنهن ڪري محمد علي جناح نئين کنڊ جي مسلمانن کي نئين سر منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.

انهيءَ نئينءَ قيادت هيٺ مسلم ليگ ۾ سنڌ جي سياسي اڳواڻن حصي وٺڻ لاءِ پرپور آمادگيءَ جو اظهار ڪيو. حاجي عبدالله هارون، مسٽر محمد هاشم گذدر، مير بنده علي خان ٽالپر، جي. ايم. سيد، سر غلام حسين هدايت‌الله، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ پير الاهي بخش جهڙن سياسي اڳواڻن سنڌ ۾ "آل انڊيا مسلم ليگ" کي

مضبوط ۽ مستحڪم بنائڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪئي. سن ۱۹۳۸ع ۾ پهرين سنڌ پراونشل مسلم ليگ ڪانفرنس سڏائي ويئي، جيڪا بعد ۾ آل انڊيا مسلم ليگ کي منظم ۽ مضبوط ڪرڻ جو وڏو ڪارڻ بڻي، ۽ ان کان پوءِ سنڌ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي صوبائي شاخ کولي ويئي (۴۱).

سنڌ مسلم ليگ تعليم، ترقيات، زراعت، صحت عامه ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين کي عملي جامي پهرائڻ جا منصوبا سٽيا. ان کان سواءِ نظرياتي پرچار، فلسطين جو مسئلو، ڪانگريس جي مخالفت، مسجد منزل گاهه وارو مسئلو، بقاءَ واري جنگ ۽ ٻيا ڪيترا اهڙا مسئلا هئا، جن ۾ سنڌ مسلم ليگ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاري. سنڌ ئي هن برصغير ۾ پهريون صوبو هئي، جنهن اڪثريت راءِ سان سنڌ پراونشل اسيمبليءَ ۾ پاڪستان حاصل ڪرڻ جو قرارداد بحال ڪيو ۽ نتيجي ۾ اڳتي هلي ۱۴- آگسٽ ۱۹۴۷ع تي دنيا جي نقشي تي هڪ آزاد ۽ خودمختيار پاڪستان مملڪت رونما ٿي. اهڙيءَ طرح سان هن آزاديءَ جي تحريڪ واري قافلي ۾ سنڌ ۽ هتان جي عوام جو سياسي، فڪري، مذهبي ۽ عملي طرح وڏو حصو رهيو آهي.

حوالا

(۱) مولوي الهه بخش 'اٻوجهو': "مسدس اٻوجهو"، حيدرآباد، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، ۱۹۴۹ع، ص ۵۴.

(۲) ميرزا قليچ بيگ: "خانبهادر حسن علي آفنديءَ جي سوانح عمري"، حيدرآباد، اسٽنڊرڊ پرنٽنگ ورڪس، ۱۹۲۵ع، ص، ۴۰.

(۳) مولوي الهه بخش 'اٻوجهو': "مسدس اٻوجهو"، حيدرآباد، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، ۱۹۴۹ع، ص ۵۵.

(4) See, The "Platinum Jubilee Book" Sind Madressah-tul-Islam, 1960, P. 54 (Under heading: History of Sind Madressah-tul-Islam, An Article written by Khawaja Ali Mohammad).

(۵) صلاح الدين ناسک: "تحريک آزادي"، لاهور، عزيز پبلشرز، ۱۹۷۵ع ص ۲۷۰.

(6) See, The "Memorendum presented to Simon Commission" by Sind Mohammadan Association.

(۷) مولائي شيدائي: "سنڌ جي جدائيءَ واري تحريڪ" (مقالو)، روزانه "مهراڻ سالگره نمبر"، حيدرآباد، مؤرخه ۱۵ جنوري ۱۹۶۱ع، ص ۲۲.

(۸) مولانا غلام مصطفيٰ صاحب: "امام انقلاب حضرت مولانا سنڌي" (مقالو)، ماهوار "توحيد"، ڪراچي، آڪٽوبر ۱۹۴۴ع، ص ۱۵.

(۹) محمد يعقوب: "تحريڪ ريشمي رومال ۾ سنڌ جو حصو" (مقالو)، روزانه "مهراڻ، سالگره نمبر"، حيدرآباد، مؤرخه ۵ جنوري ۱۹۶۲ع، ص ۱۳۶.

(۱۰) صلاح الدين ناسک: "تحريک آزادي"، لاهور، عزيز پبلشرز، ۱۹۷۵ع، ص ۲۳۶.

(۱۱) ڈسو، جمعيت خلافت اسلاميه صوبه سنڌ، خلافت ۽ سمرنا فند جي آمدنيءَ جو تفصيل ۽ خرچ جو نقشو، ڪراچي، د بدبه حيدري پريس، ۱۹۲۲ع، ص ۳.

(12) Smith Vincent. A:, "The Oxford History of India", Oxford, Claredon Press, 1961, P. 784,

(۱۳) صاحبزاده عبدالرسول: "تاريخ پاک و هند"، لاهور، ايم. آر. برادرز، ۱۹۷۰ع، ص ۴۴۸.

(14) L. F. Rush Brook William:, "The State of Pakistan", London, Faber and Faber, 1962, P. 20.

(۱۵) راقم جو مقالو: "تحريک آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، (قلمي، سنڌي) پي-ايڇ-ڊي لاءِ پيش ڪيل، ۱۹۸۴ع، ص ۱۹۳ کان ص ۱۹۸.

(۱۶) ڈسو، "مختصر حالات انعقاد جمعيت علماءِ هند"، دهلي، محبوب المطابع، سال؟ ص ۵.

(۱۷) ڈسو، راقم الحروف جو مقالو: "تحريک آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، ص ۲۰۷.

(۱۸) ڈسو، روزانه "الوحيد"، ڪراچي، مؤرخه ۴ جولاءِ ۱۹۲۰ع، ص ۳.

(۱۹) ڈسو، روزانه "الوحيد"، ڪراچي، مؤرخه ۱- آڪٽوبر ۱۹۳۱ع، ص ۶.

(۲۰) محمد عظمت الله بهٹي: "الْمَشْرِقي"، گجرات (پاڪستان)، پنجاب اليڪٽرڪ پريس ۱۹۶۳ع، ص ۵۷.

(۲۱) راقم جو مقالو: "تحريک آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، (قلمي، سنڌي) پي-ايڇ-ڊي لاءِ پيش ڪيل مقالو، سال ۱۹۸۴ع، ص ۲۲۱.

(۲۲) حوالو: ايضاً، ص ۲۲۵.

(۲۳) محمد عثمان ڈيپلائي: "جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه (جي. ايم. سيد)"، (مقالو)، "مهراڻ، سوانح نمبر"، ڪراچي-حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۵۷ع، ص ۶۸۱.

(24) See, "The Daily Gazette", Karachi, Dated 16.11.1936, P. 4.

(۲۵) ڈسو، راقم الحروف جو مقالو: "تحريک آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، ص ۲۲۶.

(۲۶) هيءَ معلومات محترم شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کان ۲۶- ڊسمبر ۱۹۷۶ع تي انٽرويو ذريعي ورتي ويئي.

(۲۷) ڈسو، "سنڌ آزاد پارٽيءَ جو جوڙجڪ"، (دستور العمل)، ڪراچي، الوحيد پرنٽنگ پريس، ۱۹۳۵ع.

(۲۸) ڈسو، ماهوار "توحيد"، ڪراچي، ماه سيپٽمبر ۱۹۴۶ع، ص ۲۵.

(۲۹) پروفيسر محمد سرور: "خطبات مولانا عبيدالله سندهي"، لاهور، سندهم ساگر اڪادمي، ص ۳۳۳.

(30) G. Allana:, "Our Freedom Fighters", Karachi, Paradise Subscription Agency, 1969, P. 181.

(31) Rajput. A. B.:, "Muslim League Yesterday & today", Lahore, Mohd Ashraf, 1948, P. 12.

(32) Smith. Vincent. A:, "The Oxford History of India", Oxford, Claredon Press, 1961, P. 785.

(33) Kanshik P. D:, "The Congress Ideology and Programme", Bombay, Allied Publishers Ltd, 1964, P. 22 .

(34) Weekes. R. V:, "Pakistan Birth and Growth of a Muslim Nation", London, D. van Nastrand Company, 1964, P. 77.

(35) Kanshik P. L:, "The Congress Ideology and Programme", Bombay, Allied Publishers Ltd, 1964, P. 272.

(۳۶) فائق ڪامران: "تحريڪ پاڪستان"، لاهور، فيروز سنز لميٽيڊ، ۱۹۷۶ع، ص ۴۶.

(۳۷) راقم جو مقالو: "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو"، (قلمي، سنڌي) پي-ايڇ-ڊي لاءِ پيش ڪيل مقالو، سال ۱۹۸۴ع، ص ۲۷۶.

(38) Rajput. A. B:, "Muslim League yesterday & Today", Lahore, Mohd. Ashraf, 1948, P. 19.

(۳۹) ڈسو، ماهوار: "پيغام"، ڪراچي، شعبه مطبوعات اطلاعات ڪاتو، سيپٽمبر-آڪٽوبر ۱۹۸۲ع، ص ۱۴.

(۴۰) ڈسو، راقم الحروف جو مقالو: "تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو". ص ۲۷۹.

(۴۱) ڈسو، صوبه سنڌ مسلم ليگ جا ان جي شاخن جا اغراض و مقاصد، ص ۱.

Gul Hayat Institute

تحريڪ آزاديءَ جي ترجمان روزنامہ "الوحيد" جي کھاڙي

خان محمد پنهور

روزنامہ الوحيد ۱۵- مارچ ۱۹۲۰ع ۾ جاري ٿي. هي اخبار ڪيئن جاري ٿي، چو جاري ٿي ۽ سندس قائم ۽ جاري ڪرڻ جا مقصد ڪهڙا هئا، انهن سيني معاملن تي غور ڪيو ويو آهي. سڀ کان پهريائين اخبار جي اجراء تي ڪجهہ بحث ڪجي ٿو، تہ جيئن الوحيد جي کھاڙي کي منڊ کان آخر تائين پهچائي سگهجي.

پهرين خلافت ڪانفرنس سنڌ ۾ ۱۹۱۹ع ۾ حيدرآباد ۾ مفتي مخدوم غلام محمد ملکاڻيءَ جي زير صدارت منعقد ٿي، جنهن ۾ سنڌ جا هزارين ماڻهو ۽ هندستان جا ليڈر ب شريڪ ٿيا ۽ سنڌ جا علماءِ ڪرام ب اڪثريت ۾ آيل هئا. انهن ليڈرن ۾ مولانا سيد تاج محمود امروٽي، مولانا غلام عمر سوني جتوئي وارو، مولانا حامد الله لاڙائي، مولانا دين محمد وفائي، مولانا فتح محمد سيوهاڻي، مولانا محمد صادق، مولانا محمد صديق مورائي، پير غلام مجدد سرهندي (مٺياري)، مولانا عبدالرحيم مگسي، راشدي پاڙ: علي محمد راشدي ۽ پير حسام الدين راشدي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، عبدالجبار وڪيل، ڊاڪٽر نور محمد شيخ، نورمحمد وڪيل ۽ ٻيا ڪيترا ليڈر اچي شريڪ ٿيا. غلام محمد پرڳڙي انگريزن جي جيل مان آزاد ٿي انهيءَ ڏينهن اچي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو هو.

مولانا ملکاڻي صاحب جو صدارتي خطبو ڪتابي صورت ۾ ڇپيل، مولوي محمد صديق مورائي پڙهيو. ان ڪانفرنس ۾ خلافت بابت ۽ ترڪي حڪومت جي حق ۾ ٺهراءَ پاس ڪيا ويا. ترڪيءَ جي سلطان ڪي برصغير جا مسلمان پنهنجو خليفو تسليم ڪندا هئا، چو تہ مڪي شريف، مدينہ منوره ۽ عربستان ۾ حڪومت ترڪي جي ڪنهي ۽ خادم ڪعبہ ترڪي جو سلطان هو. مگر انگريزن سنڌ جي هڪ مولويءَ کان فتويٰ لکرائي ترڪيءَ جي خلاف مڪي جي گورنر شريف (جيڪو ترڪي حڪومت طرفان هو) کي برغلائي انگريز حڪومت کان خليفو بنايو ويو. ان ڪري برصغير جي مسلمانن خلافت تحريڪ شروع ڪئي تہ مسلمانن جو خليفو ترڪي جو سلطان آهي ۽ شريف غدار آهي، خليفو نہ آهي. خلافت تحريڪ ۾ هندو ب شريڪ ٿيا، جو هندستان جي آزاديءَ لاءِ تحريڪ جو دؤر هو ۽ هندوستان کي انگريزن جي قبضي مان آزاد ڪرڻ جي تحريڪ زوردار نموني شروع ٿي چڪي هئي.

هن ئي ڪانفرنس ۾ تجويز پيش ٿي ته سنڌي مسلمانن جون ٻ هفتيوار اخبارون، هڪ "الامين" جيڪا شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ادارت ۾ شايع ٿي ٿي ۽ ٻي "الحق" شيخ عبدالعزيز جي ادارت ۾ سکر مان نڪرندي هئي، مگر روزانه سنڌي اخبار مسلمانن طرفان جاري ڪجي ۽ ان جو نالو تجويز ڪجي. هڪ صاحب چيو ته "ڪلمه الحق" نالو رکجي، پر تائيد ڪانه ٿي. ٻئي صاحب چيو ته "السلطان" نالو رکجي، جو اسان جي خليفي، ترڪي حڪومت جي بادشاهه کي سلطان ڪوئيو وڃي ٿو. مگر ان جي به اڪثريت تائيد ڪانه ڪئي. ان تي مولوي محمد صديق مورائيءَ چيو ته هن وقت ترڪي حڪومت جي گاديءَ تي وحيدالدين حاڪم آهي، تنهن ڪري اخبار جو نالو "الوحيد" رکيو وڃي. سڀني حاضرين ان نالي جي تائيد ڪئي ۽ "الوحيد" اخبار ڪراچيءَ مان جاري ٿي، جنهن جو پهريون ايڊيٽر قاضي عبدالرحمان، پبلشر سر عبدالله هارون ۽ پرنٽر شيخ عبدالعزيز ٿيو(۱).

الوحيد جي جاري ڪرڻ جا مقصد

سنڌ جي هيءَ تاريخي اخبار جن مقصدن تحت جاري ڪئي وئي هئي، سي هن ريت هئا:

۱. عام مسلمانن ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ، ۲. مقدس مقامن ۽ هندوستان جي آزاديءَ لاءِ مسلمانن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ، ۳. مسلمانن ۾ خاص طور سنڌ جي ماڻهن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪرڻ، ۴. مسلمانن جي مرڪز "خلافت" جي قائم ۽ دائم رکڻ واسطي جدوجهد ڪرڻ.

الوحيد جي تاريخ شاهد آهي ته هن انهن مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي آهي. ان ڏس ۾ "الوحيد" جي ايڊيٽرن، مالڪن ۽ ڪارڪنن کي جيلن جون سزائون، ڏنڊ ۽ ٻيا ڏکيا ڏينهن ۽ تڪليفون ڪاٽيون پيون، پر هنن پنهنجي مقصدن جي حصول لاءِ جدوجهد جاري رکي. حق ۽ سچ جي آواز جو ساٿ ڏنائون ۽ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ پرپور ڪردار ادا ڪيائون.

الوحيد جي شروعات

هن اخبار جي جاري ٿيڻ جي ساڍن ٽن مهينن بعد قاضي عبدالرحمان، حاجي عبدالله هارون جي مدد سان شيخ عبدالعزيز ڪان الوحيد پريس جا جملي حقوق خريد ڪري ورتا. اهو ذڪر قاضي عبدالرحمان "الوحيد" جي ۴- جولاءِ ۱۹۲۰ع واري پرچي ۾ به ڪيو آهي. مولانا دين محمد وفائي اخبار جو پهريون اسسٽنٽ ايڊيٽر مقرر ٿيو، جيڪو بعد ۾ ڪافي عرصو اخبار جو ايڊيٽر به رهيو.

اخبار جي شروعات ڪرڻ لاءِ مرحوم شيخ عبدالعزيز، مرحوم شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ مرحوم سر عبدالله هارون جون گڏيل ڪوششون هيون.

شروع ۾ اخبار جي مالڪي جا حق حاجي عبدالله هارون وٽ هئا، پر پوءِ اخبار سنڌ جي خلافت ڪاميٽيءَ جي حوالي ڪئي وئي. ۱۹۲۰ع قاري سر عبدالله هارون الوحيد اخبار کي صوبي سنڌ خلافت ڪاميٽي کي وقف ڪري ڏني ۽ اهڙيءَ طرح الوحيد جي خسارن کان پاڻ کي آجو ڪيو. (۲)

الوحيد نڪرڻ شرط اخبار شيخ عبدالعزيز (فرزند شيخ سليمان الحق وارو) جي نظرداريءَ ۾ ڏني وئي، ليڪن ٻن مهينن جي قليل عرصي کان پوءِ قاضي عبدالرحمان (جو بي- اي- پاس ڪري آيو هو) جي حوالي ڪئي وئي. شروع وارن ڏينهن ۾ الوحيد جي تحريري مددگارن ۾ مرحوم مولوي حڪيم شمس‌الدين بي شامل هو، جيڪو انهن ڏينهن ۾ مجلس خلافت جو جنرل سيڪريٽري هو ۽ ڪراچيءَ ۾ اسپتال هلائيندو هو. انهيءَ کان سواءِ ادارتي عملي ۾ مولانا دين محمد وفائي، گهر جا سڀ سانگا لاهي، ان مقصد لاءِ ڪراچيءَ ۾ اچي رهيو هو. حافظ خير محمد اوحدي لکي ٿو ٿم:

"الوحيد" سنڌ جي سياسي ۽ صحافتي آفق تي ڪي اهڙا اڻ مٽجندڙ نشان ڇڏي ويئي، جن کي اسين وسارڻ چاهيون ٿم به آساني‌ءَ سان نٿا وساري سگهون ۽ جيستائين "الوحيد" ناليي جو تعلق آهي، اهو سندس ظاهري اهڃاڻ جي مٽجي وڃڻ جي باوجود سنڌ جي آسمان صحافت تي هميشه چمڪندو رهندو." (۳)

الغرض "الوحيد" ستت ئي ايڏي مقبول ٿي ويئي، جو سنڌ اندر قومي سڃاڻپ جي زبردست لهر اٿاري ڇڏيائين. سڄي ڇيڙي نبيري سنڌ حصي ۾ اچي ويئي. الوحيد جو لکيو سنڌ جي مسلمانن لاءِ ڇڻ حرفِ آخر ٿي پيو. ڪنهن کي چوڻ جي مجال نه هئي. هر ڪو پيو ان جي لکڻيءَ ڏانهن تڪيندو هو. الوحيد قطعي مجمول ۽ صفا معقول، انگريز ششدر ٿي ويا ۽ سنڌ ۾ انگريز پرستن جون ٽالهيون آٻيون ٿي ويون. ديڪڙا اونڌا ٿي ويا ۽ ڏويون ٽنگجي ويون." (۴)

الوحيد جا ايڊيٽر

۳۷ ورهين جي طويل عرصي ۾ الوحيد اخبار جا ڪيترائي ايڊيٽر مقرر ٿيا، جن ۾ مکيه هئا: قاضي عبدالرحمان، شيخ عبدالمجيد سنڌي، مولانا دين محمد وفائي، شيخ عبدالسلام، ميران الهه بخش ٽالپر، قاضي خدا بخش، رئيس علي محمد مري بلوچ، دين محمد عليگ، مولانا عبدالڪريم چشتي، نبي بخش سرڪي، حڪيم شمس‌الدين، علاؤالدين سمون، مولوي عبدالغفور سيتائي، مشتاق ابڙو، پير شاهنواز، دين محمد مستري چٽن وارو ۽ شيخ عبدالرحيم شامل آهن. الوحيد جو پهريون ايڊيٽر قاضي عبدالرحمان ۽ آخري ايڊيٽر شيخ عبدالرحيم هو. انهيءَ سلسلي ۾ جناب خيرمحمد اوحدي جو خيال به هنڌائڻ جهڙو آهي، جيڪو هن الوحيد ۽ ان جي ايڊيٽرن جي باري ۾ ظاهر ڪيو آهي.

"الوحيد" سنڌ جي سنڌس ابتدائي دؤر ۾ ٿي تحريڪ خلافت جي حمايت ۽ سنڌ جي مسلمانن جي جذباتي وابستگي ۾ شيخ عبدالمجيد، قاضي عبدالرحمان ۽ مولوي دين محمد وفائي جي قلم ايڏي بلند ترين درجي تي پهچائي چڏيو هو جو ان، ڪاپوءِ اچڻ واري دؤر ۾ هو پنهنجي شهريت ۽ مقبوليت کي قائم رکڻ لاءِ ڪنهن به ايڊيٽر جي قلم جي مرهون منت نه رهي هئي. ان جي برعڪس الوحيد جا ايڊيٽر مشهوري ۽ هر دلعزيزڻ حاصل ڪرڻ لاءِ هميشه الوحيد جا محتاج ٿي رهيا، الوحيد پارس هئي، جنهن جو هٿ هن سان لڳي ويو اهو سون بنجي ويو(٥)".

۱۹۲۰ع ۾ الوحيد جو خلافت تحريڪ جي پليٽ فارم تان اجراء ٿيو. خلافت تحريڪ، هجرت تحريڪ، سنڌ ۽ برصغير جي مسلمانن جي مفادن لاءِ اخبار پرپور جدوجهد ڪرڻ لڳي. سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائي واري تحريڪ ۾ به هن پرپور ساٿ ڏنو. سنڌس اداراتي عملي ۽ سرپرستن تحريڪ ۾ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. هنن تحريڪن لاءِ هلايل هلچل ۽ سرگرمين جون خبرون، مطالبا، تحريڪ جي لاءِ حمايت ۾ مضمون، اداريا ۽ خاص نوٽ وغيره لاءِ الوحيد پنهنجا صفحا مخصوص ڪري چڏيا هئا ۽ ان تحريڪ لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار هئي.

الوحيد تي ٿيل سرڪاري سختيون ۽ ڏڪيا ڏينهن

"الوحيد" سنڌ جي صحافت جو هڪ اڻ وسرندڙ ۽ لافاني تاريخ جو سونهري باب آهي، جنهن کي کڏهن به نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. هن اخبار خلافت تحريڪ، هجرت تحريڪ، سنڌ کي بمبئي کان آزاد ڪرائڻ واري تحريڪ ۽ آزادي جي تحريڪ کي گهر گهر پهچائڻ ۾ مقبول بنائڻ ۾ اهم پارٽ ادا ڪيو. هن اخبار جو مواد هڪ طرف تي سنڌ جي سياسي ادب ۽ ٻئي طرف ديني، سماجي ۽ علمي ادب جي تاريخ آهي.

جيئن ته الوحيد خلافت تحريڪ جي پيداوار هئي، ان ڪري، هن جي اجراء سان گڏ منجهس اهڙو ته انگريز دشمني تي مبني مواد شايع ٿيڻ لڳو جو فرنگي سرڪار جون وايون بتال ٿي ويون. ستت ئي ايڊيٽرن کي پينل ڪوڊ جي سيڪشن ۱۲۶ ۽ سيڪشن ۱۵۳ هيٺ گرفتار ڪيو ويو، انهيءَ گرفتاري جو ڪارڻ هي مواد هو.

نمبر	عنوان	شايع ٿيڻ جي تاريخ
۱-	اخبار ديلي گزيٽ ۽ اسان	۵-۸-۱۹۲۰ع
۲-	بغداد؟	۱۹-۸-۱۹۲۰ع
۳-	ڪوآپريٽو سوسائٽيون ۽ وياج	۲۲-۸-۱۹۲۰ع
۴-	"هندستان جو مستقبل"	۲۸-۸-۱۹۲۰ع
۵-	"تعليم جو سوال"	۲۱-۸-۱۹۲۰ع

Gul Hayat Institute

٦-	"مسلمانن جي حالت ۽ قسمت"	١٤-٩-١٩٢٠ع
٧-	"خلافت جو بچاءَ"	١٨-٩-١٩٢٠ع
٨-	"انور پاشا جو خط"	٢١-٩-١٩٢٠ع
٩-	"مسلمان کونسلون ۽ القاب"	٦-١٠-١٩٢٠ع
١٠-	"هندو مسلمان پائي پائي"	١٤-١٠-١٩٢٠ع
١١-	"سرڪاري اسڪولن جو بائيڪاٽ چو ڪجي"	١٦-١٠-١٩٢٠ع
١٢-	"لارڊ ميئر آمريڪا ۾"	٢٩-١٠-١٩٢٠ع
١٣-	"پرشيا ۽ لارڊ ڪرزن"	٨-١١-١٩٢٠ع
١٤-	"ديوالي نم ملهايو"	١٠-١١-١٩٢٠ع
١٥-	"ڪائونسلن جو بائيڪاٽ"	١٠-١١-١٩٢٠ع

جيئن مون عرض ڪيو تہ "الوحيد" خلافت تحريڪ جي پيداوار هئي، ان ڪري ائين چئي سگهجي ٿو تہ تحريڪ هن اخبار کي جنم ڏنو ۽ هن اخبار وري تحريڪ ۾ جان پيدا ڪئي. خلافت جي تحريڪ هجي يا هجرت تحريڪ، سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي واري تحريڪ هجي يا انگريزن کان آزادي جي تحريڪ، مڙني تحريڪن جو بنياد انگريز دشمني ۽ استحصال شڪني تي ٻڌل هو. انهيءَ ڪري وقت بوقت اخبار جي ايڊيٽرن ۽ مئنيجرن کي سرڪاري سختيون ڏسڻيون پونديون هيون. ابتدائي دور ۾ هن اخبار تي جيڪي ڪيس هلايا ويا، تن مان ڪن جو مختصر وچور هيٺ ڏجي ٿو.

حاضر ٿيڻ جي تاريخ	ڪنهن وٽ حاضر ٿيڻو پيو	الزام
٢٧-١٠-١٩٢٠ع	سٽي مئجسٽريٽ ڪراچي	انڊين پينل ڪوڊ جو سيڪشن "٥"
٤-١-١٩٢١ع	ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ڪراچي	انڊين پينل ڪوڊ جا سيڪشن ١٥٣ ۽ اي ١٢٤
٢٢-٢-١٩٢١ع	سٽي مئجسٽريٽ ڪراچي	انڊين پريس ايڪٽ آف ١٩١٠ع
٢٩-١٢-١٩٢٢ع	سٽي مئجسٽريٽ ڪراچي	ڪرمنل پروسيجر ڪوڊ ١٠٨
٢٩-٣-١٩٢٣ع	سٽي مئجسٽريٽ ڪراچي	انڊين پينل ڪوڊ جا سيڪشن اي- ١٠٣ ۽ ١٢٤
٦-٦-١٩٢٣ع	فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ حيدرآباد	انڊين پينل ڪوڊ جو سيڪشن ٥٠٠
٢٩-١١-١٩٢٥ع	سٽي مئجسٽريٽ حيدرآباد	ايضاً
٢٤-٧-١٩٢٦ع	مختيارڪار ميهڙ	ايضاً

Gul Hayat Institute

سرڪار يا سڌو سنئون پاڻ "الوحيد" جي انتظاميہ کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪيس ۾ انڪائيندي هئي، يا وري پنهنجي چاڑتن معرفت اخبار تي بدناموسي جا ڪيس ڪرائيندي هئي، ليڪن "الوحيد" جي انتظاميہ ڪڏهن به پاڻ کي نہ جهڪايو.(٦)

شروعات ۾ قاضي عبدالرحمان کي انگريزن خلاف بغاوت ڪرائڻ لاءِ مضمون لکڻ جي ڏوهہ ۾ جيل موڪليو ويو. ان بعد شيخ عبدالمجيد سنڌي پاران ادارت جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو، ليڪن سرڪار ڪيس به ڪونہ سڏيو.

تنهن کان پوءِ "الوحيد" جا جيڪي ايڊيٽر انگريزن خلاف آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سنڌ جي ماڻهن جي حقن جي حفاظت خاطر سرڪاري مهمان خاني ڏانهن موڪليا ويا، تن ۾ جيڪب آباد جي نبي بخش، قاضي خدا بخش، دين محمد عليگ ۽ عبدالغفور سيتائي جا نالا قابل ذڪر آهن. شيخ عبدالمجيد سنڌي "الوحيد" جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ به پيرا جيل ويو.(٧)

حريف اخبارون

"الوحيد" کي ابتدا کان وٺي پنهنجي همعصر حريف اخبارن جو به مقابلو ڪرڻو پوندو هو. الوحيد سنڌ ۽ ڪراچي ۾ ان وقت مسلمانن جي واحد ترجمان اخبار هئي. جڏهن پاڪستان جي حصول جي منزل ويجهي پوندي وئي، تيئن تيئن، هندن جون اخبارون الوحيد لاءِ ۽ الوحيد هندن جي اخبارن لاءِ مسئلو بنجي وئي. الوحيد کي مطالعي هيٺ آيل دؤر جي آخر ۾ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ هندن جي ٽن سنڌي اخبارن هندستان، سنسار سماچار ۽ هندو سنسار ۽ ٽن انگريزي اخبارن "سنڌ آبزرور"، "ديلي گزيٽ" ۽ "ڪراچي ديلي" جو پرپور مقابلو ڪرڻو پيو. انهن مان ديلي گزيٽ تہ الوحيد جي اجراء کان وٺي سندس مخالفت ڪندي رهي. جيئن تہ هن اخبار تي فرنگي سامراج جو اثر هو، ان ڪري هن ڪوشش ڪري نوڙيءَ مان نانگ پئي ٻڌايو. الوحيد سان دشمني پاڙيندڙ هئي. هن اخبار ۾ الوحيد جي صحيح ۽ سچين رپورٽن کي اهڙي نموني سان ٽوڙي مروڙي پيش ڪيو ويندو هو، جنهن سان نہ صرف الوحيد جي ساک کي، پر هندو مسلم لاڳاپن کي به خطرو پيدا ٿيڻ جو انديشو هوندو هو.

الوحيد جو ڏکوئيندڙ خاتمو

اها انهيءَ وقت جي ڳالهہ آهي، جڏهن خلافت جي مسئلي ننڍي کنڊ ۾ روڄ راڙو مچائي ڇڏيو هو. ڏاڙئي تسلط جا مخالف ۽ محب وطن سنڌي اڳواڻ انهيءَ مسئلي ۽ موقعي کي غنيمت ڄاڻي سنڌواسين کي قربانين ڏيڻ ۽ غلاميءَ جا زنجير ٽوڙڻ لاءِ ذهني طور تي تيار ڪري رهيا هئا. فرنگي سرڪار "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو"

جي حڪمت عمليءَ جي نتيجي ۾ ماڻهن کي رنگ، نسل، دين ڌرم ۽ ذات پات جي خانن ۾ ورهائڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪي هئي. "عوام ويڙهايو ۽ حڪومت ڪيو" واري پاليسيءَ جو نشانو بڻجي چڪا هئا، پر اڄ ڪٿين اختلافن هوندي به سڀئي هڪ ڳالهه ۾ متفق هئا ته ڪيئن به ڪري سفيد وحشين مان جند ڇڏائي وڃي. ان ڪري هرهڪ پنهنجي پنهنجي دڳ تي هلي، اها منزل ماڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

سنڌي مسلمان به ساڳي تند تنواري رهيا هئا. ليڪن انهيءَ وقت ڪابه روزانه اخبار نه هئي جا سندن جذبن ۽ امنگن جي ترجماني ڪري. ان زماني ۾ فقط سکر مان هڪ اخبار "الحق" شايع ٿيندي هئي، مگر هفتيوار هجڻ ڪري وقت جي هنگامي دور ۾ هن جي آواز جي ڪا شنوائي ڪانه ڪئي. ان کان سواءِ "الحق" هڪ خاص پاليسيءَ تي زندگيءَ جون منزلون طي ڪري چڪي هئي. وڌيڪ هلڻ لاءِ هن ۾ هڪ وک کڻڻ جي به طاقت نه رهي هئي. (۸)

"الوحيد" انهيءَ وقت سنڌي عوام جو آواز ٿي آيري. "خلافت تحريڪ" کان وٺي سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ تائين، "سنڌ آزاد پارٽي" کان وٺي ويندي مسلم ليگ تائين، هن اخبار هر دور ۾ سنڌ جي عوام جو ساٿ ڏنو ۽ ان جي موثر ترجمان ٿي رهي. ليڪن اهائي اخبار انهن هٿن سان بند ٿي، جن کين مضبوط ڪيو هو. اها اخبار جا فرنگي راج جو مقابلو ڪندي رهي، سا پنهنجن جي اڳيان بي‌وس ۽ مجبور ٿي پئي. جڏهن عوام غلاميءَ جا زنجير ٽوڙڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو هو ته هن آزاديءَ جي شمع بڻجي ڪم ڪيو، جڏهن عوام اڃا آزاديءَ جو لاپ به نه پاتو ته هن اخبار کي غلام بڻايو ويو.

سر عبدالله هارون جي ذاتي ملڪيت کان وٺي ويندي "صوبائي خلافت ڪاميٽي" جي سپرد ٿيڻ تائين "الوحيد" عوام جو ساٿ ڏنو ۽ عوام الوحيد جو ساٿ ڏنو. ڏکئي وقت الوحيد عوام جي سار لڏي ۽ اوکي ويل عوام بکون ڪاٽي به چندا ڀري هن اخبار کي جاري رکيو. هيءَ اخبار غريب عوام ته هلائي سگهيو، پر جڏهن اميرن جي هٿ ۾ آئي ته نه هلي سگهي. جڏهن الوحيد لميٽيڊ ڪمپني ٿي ته "الوحيد" جي عوام سان ڪمپني ته نه رهي، ليڪن اها لميٽيڊ ضرور ٿي وئي تان جو سيپٽمبر ۱۹۵۶ع ۾ انهيءَ اخبار جي آفيس، ان جي مشين ۽ هرڪنهن شيءِ کي نيلام ڪيو ويو، جنهن ڪڏهن به قوم جي عزت نيلام ٿيڻ نه ڏني هئي!

الوحيد کي محفوظ ڪرڻ جو مسئلو

روزانه الوحيد ڪراچي ۱۵- مارچ ۱۹۲۰ع ۾ خلافت تحريڪ جي اڳواڻن جي سرپرستيءَ ۾ شايع ٿي ۽ ۱۹۵۶ع ۾ بند ٿي. ان وچ ۾ اخبار مختصر مدتن ۾ پڻ بند ٿي. ڇٽيهن سالن جي هن طويل عرصي دوران الوحيد سنڌ جي ڪيترن ئي سياسي، مذهبي ۽

سماجي تحريڪن ۾ پرپور ڪردار ادا ڪيو. انهيءَ کان علاوه سنڌ جي خاص طور ۽ برصغير جي مسلمانن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي. انهيءَ وڏيڪ عرصي دوران الوحيد ۾ سنڌ جي هڪ وڏي تاريخ سمايل آهي.

افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته هن وقت سنڌ ۾ صرف ميرپور بٺورو ضلع ٺٽو ۾ محترم غلام محمد جوهر وٽ الوحيد جا مڪمل پرچا موجود آهن ۽ پئي نمبر تي ڪجهه پرچا سنڌالاجي ۾ آهن. غور طلب مسئلو هي آهي ته الوحيد، جنهن کي اسان سنڌ جي تاريخ ساز اخبار چئون ٿا، سا اسان جي ايندڙ نسل لاءِ شايد موجود نه هجي، چاڪاڻ ته ميرپور بٺورو ۾ اها اخبار بنان جلد بندي‌ءَ جي غيرمحفوظ طريقي سان آهي ۽ ڊپ آهي ته ايندڙ چند سالن دوران اخبار مڪمل طور اڏوهي يا پٽي جي سڙي وڃڻ ڪري ختم ٿي ويندي. ان ڪري ضروري آهي ته ان مسئلي تي غور ڪيو وڃي ۽ هڪدم هن سنڌ جي تاريخ ساز اخبار کي محفوظ ڪيو وڃي. محفوظ ڪرڻ لاءِ ٻه ٽي طريقا ٿي سگهن ٿا.

۱. سنڌالاجي يا ڪو ٻيو سنڌ جو قومي ادارو ان کي خريد ڪري پاڻ وٽ جلد بندي ڪرائي محفوظ ڪري.

۲. محترم غلام محمد جوهر کي ايترو فنڊ ڏنو وڃي، جو هو پاڻ وٽ ان کي جلد بند ڪرائي، ڪٻٽ خريد ڪري، پوءِ ان ۾ محفوظ رکي.

هن وقت جيتوڻيڪ محترم غلام محمد صاحب ريسرچ ڪرڻ وارن سان مڪمل تعاون ڪري ٿو، پر جلد بندي‌ءَ ۾ مڪمل ترتيب نه هڻڻ ڪري ريسرچ ڪرڻ واري کي نهايت تڪليف ٿئي ٿي، ۽ ڏينهون ڏينهن اخبار جا پنا وڃن ٽٽا سڙندا.

تنهنڪري منهنجي سنڌ جي گهٽگهرن کي اپيل آهي ته هو الوحيد کي محفوظ ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻن ۽ سنڌ جي هن وڏي تاريخ کي محفوظ ڪن.

الوحيد جو سنڌ آزاد نمبر

"الوحيد" سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ واري تحريڪ ۾ پرپور ڪردار ادا ڪيو. ان وقت ۾ الوحيد سنڌ هئي ۽ سنڌ الوحيد هئي. سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ واري تحريڪ کي هٿي ڏيڻ لاءِ نه رڳو هن اخبار ۾ ايڊيٽوريل ۽ مضمون شايع ٿيندا هئا، بلڪ سياسي ليڈرن جا بيان ۽ الوحيد جا هدايتي اشتهار به شايع ٿيندا هئا. تنهن دور ۾ جڏهن "سنڌ آزاد ڪانفرنس" جون گڏجاڻيون سڏايون ويون ته هن اخبار ان کي پرپور نموني سان مشتهر ڪيو. سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ڪارڪردگي ۽ شاخن جو تفصيلي احوال به شايع ٿيندو هو.

جڏهن ماڻهن جي محنت ۽ جاکوڙ هٿي وڃي هنڌ ڪيو، ۽ سنڌ بمبئيءَ کان آزاد ٿي ويئي ته هن اخبار جون ۱۹۳۶ع ۾ "سنڌ آزاد نمبر" ڪڍيو، جو ڪالهه جيان اڄ ۽

اڄ جيان سڀاڻي سنڌي ٻولي، علم، ادب ۽ صحافت جي تاريخ جي هڪ غيرفاني دستاويز جي حيثيت سان قبول ڪيو ويندو. هي نمبر انگريزي ۽ سنڌيءَ ۾ گڏ ڪيو ويو هو.

سنڌ بمبئيءَ کان علحده ٿي، جدا صوبي جي صورت ۾ نوي سالن جي ماتحتي کان پوءِ پهرين اپريل ١٩٣٦ع تي ننڍي کنڊ جي نقشي تي وري نروار ٿي. الوحيد جو سنڌ آزاد نمبر ان کان اڍائي مهينا پوءِ ١٥- جون ١٩٣٦ع تي شايع ٿيو.

الوحيد جو هي نمبر تاريخي معلومات ۽ عظيم صحافت جو هڪ لافاني يادگار آهي، جيڪو هر دور ۾ نئين نسل کي سنڌ بابت معلومات فراهم ڪندو رهندو.

ميران محمد شاهه مرحوم سنڌ جي علحدگيءَ جي تاريخ جي عنوان سان خود هن نمبر جي صفحي ١١٥ تي پنهنجي مضمون جي هيٺين لفظن سان شروعات ڪئي آهي.

”حب وطن يا سليس سنڌيءَ ۾ ساڻيهه جي سڪ انسان جي خزاني احساس جو هڪ بيش بها دريڪتا آهي. سنڌ جي مختصر تاريخ ڏيڻ، انهيءَ وقت جو ان کي بمبئي جي زندان مان رهائي ڏني وڃي ٿي، آئون لازمي ٿو سمجهان، جا نه فقط برادران وطن کي پنهنجو انان ملت جي ضمانت کان واقف ڪندي، پر تاريخ سنڌ ۾ هڪ ورق زرين ٿي رهندي ۽ آئينده نسل لاءِ همت ۽ ڪوشش جو مثال پيش ڪندي.“

انهيءَ اهميت واري نمبر جو ٻيو ڇاپو، جو واقعي معلومات ۽ صحافت جو هڪ يادگار آهي ۽ جنهن کي سچ پچ ته سنڌ جي تاريخ ۾ زرين باب جي حيثيت حاصل آهي، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت پاران سيپٽمبر ١٩٧٩ع ۾ ڇاپيو ويو.

”الوحيد جو سنڌ آزاد نمبر“ اصل ۾ صفحي جي ٨/٣٦/٢٣ سائيز ۾ شايع ٿيو هو. نئين ڇاپي لاءِ فوٽو آفسيٽ ڇاپي جي سهولت مان فائدو وٺندي صفحا ٨/٣٠/٢٠ ننڍي سائيز جا ته ٿيا آهن، پر ان سان انهن جي پڙهجي سگهڻ جي صورت تي ڪو خاص اثر ڪونه پيو آهي. نئين ڇاپي ۾ اصل نمبر جا اٺ صفحا، جو جن تي رڳو تجارتي اشتهار هئا، شامل نه ڪيا ويا آهن. نئين ڇاپي جي ٻاهرين ڪَور تي سنڌ جو چئن رنگن جو نقشو ڏنو ويو آهي، جو پراڻي ڇاپي ۾ فقط خطي صورت ۾ ڏنل هو. پراڻي ڇاپي جو ڪَور سادو هو ۽ ان تي لفظ ”الوحيد“ انهيءَ ئي سهڻي خطي صورت ۾ ڇپيل هو، جنهن صورت ۾ هن نئين ڇاپي جي ڪَور تي ڏنل آهي.

سنڌ آزاد نمبر جو پهريون ڇاپو ڏهه هزار ڪاپين جي ايڊيشن ۾ ڇپيو هو، ان جو ٻيو ڇاپو تقريبن چاليهه سالن پوءِ ٻن هزار ڪاپين جي ايڊيشن ۾ شايع ڪيو ويو. اميد اها آهي ته اسان جا پڙهيل، سمجهدار محب وطن نوجوان ۽ بزرگ، شاگرد ۽ سياسي ڪارڪن، سياست ۽ تاريخ جا محقق ۽ عالم هن مان جوڳو فائدو وٺندا.

”الوحيد جي سنڌآزاد نمبر“ ۾ جيڪو مواد ڏنو ويو آهي، ان جي فهرست مان اوهان پاڻ اندازو لڳائي سگهو ٿا ته ان ۾ ڪيترو مواد آهي، ڪيڏي تاريخ سمايل آهي، ڪيڏي نه صحافتي خدمت اخبار سرانجام ڏني آهي.

مضمونن ۾ سنڌ جي تاريخ جي موضوع تي لکيل ناياب مضمون، شعر، مختلف تاريخي دورن جو احوال، سنڌ جي علحدگيءَ جي تاريخ جو بيان، سنڌ جي سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي شخصيتن جو احوال، مذهب، سياست، تاريخ، جاگرافي، علم ۽ ادب تي لکيل مواد شامل آهي.

حوالا

(۱) شيخ عبدالعزيز ان وقت سکر ۾ان "الحق" رسالو ڪڍندو هو. ونس پنهنجي پريس هئي، جيڪا هو "الوحيد" لاءِ ڪراچي کڻائي آيو.

(۲) الوحيد پريس ۽ اخبار جي مستقبل، بقا ۽ بهتري جو مسئلو، شيخ عبدالمجيد سنڌي، الوحيد ۱۵- فيبروري ۱۹۳۵ع.

(۳) سنڌي، صحافت جي مختصر تاريخ، حافظ خيرمحمد اوحدي، مهراڻ جي مجلس، ص ۴۱۰.

(۴) پير حسام‌الدين راشدي، "هو ڏوٿي هو ڏينهن".

(۵) سنڌي صحافت جي مختصر تاريخ، اوحدي، مهراڻ جي مجلس ص ۱۱.

(۶) ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ: ڪراچي ضلع جو سنڌي بولي ۽ علم ادب جي ترقيءَ ۾ حصو، پي. ايچ. ڊي. لاءِ مقالو.

(۷) شيخ عبدالرحيم، روزانه "الوحيد"، مقالو، نئين زندگي، آگسٽ ۱۹۶۷ع ص ۶۲.

(۸) شيخ عبدالرحيم، روزانه "الوحيد" مقالو نئين زندگي، آگسٽ ۱۹۶۷ع.



Gul Hayat Institute

تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جي ياڳي يائيواري

احمد خان آصف مصراڻي

سنڌ، سنڌي، سورهيه ۽ سچار - چار ئي لفظ ساڳئي حرف (س) سان شروع ٿين ٿا. سچي ۽ صحيح ڳالهه به ائين آهي ته سنڌ صدين کان وٺي سهسين اهڙا سورهيه ۽ سچار، سرويچ ۽ سگهارا، بانڪا ۽ بهادر، جوڌا ۽ جوان، سڄاڻ ۽ سياڻا سياستدان پيدا ڪيا آهن، جن وطن ۽ قوم جي سلامتي ۽ حفاظت، غيرت ۽ حميت، حريت ۽ آزاديءَ کي دائم قائم ڪرڻ لاءِ سر سهايا، ڪشالا ڪاٽيا، قربانيون ڏنيون ۽ ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون حاصل ڪيون.

تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ وارن نه رڳو حصو ورتو، مگر هنن ۾ صوبن جي پڻ اڳواڻي ڪئي. پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جي ولادت سنڌ ۾ ٿي. پاڪستان جون واڳون ڪيس سنڌ (ڪراچي) ۾ مليون. سندس آخرين آرامگاهه به سر زمين سنڌ ۾ آهي. پاڪستان جي حاصل ڪرڻ ۾ آغاخان سيد سلطان محمد شاهه جو به وڏو هٿ هو. سر آغاخان جي جنم ڀومي به سنڌ (جهرڪ، ضلعو ٺٽو) ٻڌائي وڃي ٿي. ڪن ماڻهن جو خيال آهي ته قائد اعظم جي ولادت به جهرڪ ۾ ٿي هئي(۱).

پنهنجي هڪ تقرير ۾ اسان جي وڏي اڳواڻ فرمايو هو ته "پاڪستان تڏهن وجود ۾ آيو، جڏهن برصغير هند (گڏيل هندو پاڪ) ۾ پهرئين مسلمان قدم رکيو." فخر جي ڳالهه آهي ته غازي محمد بن قاسم رح جڏهن سنڌ ۾ قدم رکيو ته پهريان سنڌي مسلمان "چنا" ٿياء جنن اڳتي هلي وڏو اثر رسوخ پيدا ڪيو، عربن کين جاگيرون ڏنيون ۽ پنجاب تائين سندن هاڪ ڏاڪ ٿي ويئي. پنجاب جو وڏو واهر "چناب" هن قوم جي نالي سان مشهور ٿيو (چنا = قوم + آب = پاڻي)، جنن کي پاڻي پهچائيندڙ نهر(۲).

پاڪستان اسان کي ڪيئن مليو؟ آن لاءِ اسان کي ماضيءَ جي حالتن ۽ حقيقتن ڏانهن موٽڻو پوندو. اچو ته انهيءَ پس منظر کي جاچيون:

غازي محمد بن قاسم جي فتح ۱۰- رمضان المبارڪ ۹۳ھ = ۱۶- جون ۷۱۱ع (۳) کان وٺي آخرين مغل بادشاهه بهادر شاهه ظفر جي شڪست ۱۸۵۷ع تائين ساري هندستان تي اڪثر حڪمراني مسلمان حڪمرانن جي هئي. راجائن ۽ مهاراجائن جي رياستن هوندي به مرڪزي حيثيت ڪنهن نه ڪنهن مسلمان بادشاهه کي حاصل هئي.

هندستان جي تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ غزنوي گهراڻي ۹۷۶ع کان ۱۸۵۷ع بهادر شاهہ ظفر تائين قريباً ۹۰۰ سال هندستان جا حاڪم مسلمان ٿي رهيا آهن (۴).

انگريز اسان جي ڏيهہ ۾ واپاري بنجي آيا، ايسٽ انڊيا ڪمپني قائم ڪيائون. شهنشاهہ جهانگير جي ڏينهن ۾ سر ٽامس رو سفير ٿي ۱۶۱۵ع کان ۱۶۱۸ع تائين رهيو، ۽ انگريزن کي واپار جون وڏيون سهوليتون مليون. شاهہ جهان بادشاهہ جي هڪ نياڻي باهہ ۾ سڙي پيئي هئي، جنهن جو علاج ڊاڪٽر بوٽن ڪيو ۽ مزيد واپاري سهوليتون انگريزن کي ۱۸۳۸ع ۾ حاصل ٿيون. اسان جي سنڌ ۾ ميان غلام شاهہ ڪلهوڑي، شاهہ بندر ۽ ٺٽي ۾ ۱۷۶۰ع ڌاري انگريزن کي واپاري ڪوٺين جي اجازت ڏني (۵).

ميرن جي ڏينهن ۾ ڊاڪٽر جيمس برنس جي ڪوشش سان نائٽ ڪرو ايجنٽ ٿي ۱۷۹۹ع ۾ واپاري جهاز ذريعي ڪراچي ۽ آندو (۶)، هڪ طرف انگريز واپار ڪندا رهيا، ٻئي طرف پنهنجا جاسوس سوڪلي سڄي هندستان جي ملڪي حالتن کان واقف ٿيندا رهيا، ۽ غدار ۽ وطن ۽ قوم دشمن ماڻهو ب هٿ ڪندا رهيا. بنگال طرف کين جعفر هٿ لڳو، ڏکڻ هندستان ۾ صادق پورنيا ملي وين، سنڌ ۾ نائونمل واڻيو هٿ لڳن. پوءِ تہ پنهنجي چالاڪ، مڪار، دغاباز ۽ فريبي آفيسرن جهڙوڪ ڪلائيو، وارن هيسٽنگس، ايلنبرو، ڊلهائوسي ۽ نيپئر پارن هٿان بنگال کان وٺي جو شروع ٿيا، ڏکڻ هندستان ۾ ٽيپو سلطان جو خاتمو آڻي ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ سڳوري تي اچي ڪڙڪيا. سنڌ جي سورهين ميارڻي ۾ ڏهي ۾ پهلواني جا آهي جوهر ڏيکاريا جو نيپئر پنهنجا وار پٽڻ ۽ منهن متو ڪٽڻ لڳو هو. هوشو همراهہ جو هي نعرو "مرويسون، سنڌ نہ ڏيسون" اڄ ب ڏهاڙي جي پرسان ناريجن جي ڳوٺ لڳ فضا ۾ گونجي رهيو آهي. سڄي ڳالهہ هيءَ آهي تہ جيڪڏهن ميرن صوبدار بغاوت نہ ڪري ها، ميرعلي مراد عداوت نہ ڪري، سردار امام بخش جتوئي ۽ سردار ولي محمد چانڊيو (غيبي ديرو) شقاوت نہ ڪن ها تہ سنڌ انگريزن جي هٿ نہ اچي ها. سنڌ ۱۸۴۳ع کان ۱۹۴۷ع تائين نيپئر جي گورنريءَ هيٺ رهي، ۱۹۴۷ع ۾ ڪيس بمبئي ڪاتي سان منسلڪ ڪيو ويو، جتي ۱۹۳۶ع تائين بمبئيءَ جي گهاڻي ۾ پيڙهي رهي. انهيءَ وچ ۾ سنڌ وارا خاموش نہ ٽي ويٺا، سنڌ جي "جُدا ٿيڻ جي تحريڪ" (۱۹۱۹ع) ۾ اهڙي تہ جوش، جذبي ۽ سرجوشيءَ سان هلايائون، جنهن جو پڙاڏو لنڊن جي آفيسن تائين وڄي پهتو. سر شاهنواز پٽڻي، سر غلام حسين هدايت الله، مرحوم محمد ايوب کهڙي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي. ايم. سيد ۽ پين انيڪ سنڌي ليڊرن، عالمن، پيرن ۽ شاگردن جي همت ۽ جرئت، محنت ۽ مشقت نيٺ رنگ لاتو ۽ سنڌ کي بمبئيءَ کان ۱۹۳۶ع ۾ الڳ ڪري جدا صوبو قرار ڏنو ويو. ۱۹۴۲ع واري حُرن جي تحريڪ، جا سورهين

بادشاهه، پاڳاري پير سائين سيد صبغت الله شاهه رح جي سرڪردگيءَ ۾ تحرڪ ۾ آئي هئي، اها به انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ جي هڪ قسم جي جنگ هئي. انهيءَ تحريڪ ۾ سورهيه بادشاهه پير پاڳاري کي جون ١٩٤٣ع ۾ "دار" جي وسيلي شهيد ٿيڻو پيو. مگر سندن پيشنگوئي "اسان نه هونداسين، مگر اسان مان ڪي ضرور، انگريزن کان سنڌ کي آزاد ڏسندا"، بلڪل پوري ٿي ۽ ١٩٤٧ع ۾ سنڌ آزاد ٿي پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو اوليت وارو شرف حاصل ڪيو.

مڪار انگريز "ٻين کي ويڙهايو، حڪومت هلايو" جي پاليسي تي ڪاربند ٿي، هند جي جدا جدا نوابن، اميرن، راجائن ۽ مهاراجائن کي پاڻ ۾ ويڙهائي هندستان تي رفتي رفتي قابض ٿيندا ويا، پر هن ملڪ جي غيور مسلمانن ڪڏهن به سندن غلامي قبول ڪرڻ لاءِ پاڻ کي تيار نه رکيو. سدائين انگريزن تي حملا ڪندا رهيا، جن مان ڪن کي ڀنڊاري ٿي سڏيو ويو ته ڪن کي چور، ڦورو، ڪن کي لٽيرا ٿي ڪوٺيو ويو ته ڪن کي باغي وغيره. آخر آزاديءَ جي باهه ڀڙڪو کائي ڀڙ، ڄڀيون ۽ ڄيرا ٿي مئي ١٨٥٧ع ۾ پوري هندستان ۾ پکڙجي ويئي. اها خبر جڏهن اتر سنڌ ۾ پهتي تڏهن آتان جا ڊومڪي، جکراڻي، کوسا ۽ ٻيا قبيلا الله توهار ڪري دريا خان جکراڻي، سردار دلمراد خان کوسي جي اڳواڻيءَ ۾ بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري اٿيا. خانڳڙهه (جيڪب آباد) ۾ جنرل جيڪب ۽ انگريزي ڇانوڻيءَ تي قبضو ڪري وٺن ها، مگر ڪن غدارن اڳ ۾ ئي انگريز لشڪر کي سجاڳ ڪري ڇڏيو، تنهنڪري دلمراد خان ۽ ڪي ٻيا جوڌا پڪڙجي پيا. مير دلمراد خان کي جنم ٽيپ ڏيئي ڪاري پاڻيءَ موڪليو ويو، جتي هن سورهيه سردار غريب الوطني جي حالت ۾ جان، جانِ آفرين جي حوالي ڪئي. خدا شال اهڙي مرد مجاهد جي مرقد تي رحمت جا ڪڪر وسائي. جنگ آزاديءَ ۾ هڪ طرف بهادر شاهه ظفر جي علم هيٺ مولانا احمد شاهه، نانا صاحب، جهانسي جي راڻي، جنرل تانتيا ٽوپي، جنرل بخت خان، شهزادو جوان بخت، راڻي زينت محل، مير دلمراد خان، مير دريا خان ۽ ٻيا پهلوان سرسهائي آزاديءَ جو جهنڊو جهولائي رهيا هئا ته ٻئي طرف غدار سکن ۽ راجائن، جن ۾ ڪپور ٿلا، پٽيالا، ڪولمپور، جيپور رياستن جا والي هئا، غداريءَ جو پورو پارٽ ادا ڪري انگريزن جي مدد ڪري رهيا هئا. انگريز سوڀارا ٿيا، دهليءَ جي شهنشاهه ظفر کي قيد ڪيائون، ڪيترن شهزادن کي قتل ڪيو ويو، ٻن شهزادن جا سر ڪپي، ٿالهه ۾ رکي، گدري طور، بهادر شاهه وٽ پيش ڪيائون. شهزادين ۽ بيگمات سان وڏا ويل وهايا ويا. هزارها بي گناهه ماڻهن کي ڦاسيون ڏنيون ويون. گولين سان اڏايو ويو، تخت گاهه دهلي کي ڊاهي ڊوهي کنڊرن جي صورت بڻايو ويو(٦-٧).

جيئن تہ انگريزن ملڪ مسلمانن کان قريو هو، تنهنکري هندن تي هٿ رکي پوري مسلم قوم کي نپوڙيو ۽ نهوڙيو ويو. مسلمانن جو کوبہ پرسان حال کونہ هو، وري بہ الله رحمت ڪري سرسيد احمد خان تي، جنهن اسبابِ بغاوت هند جهڙا ڪتاب لکي هڪ طرف انگريزن کي ٺڏو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ٻئي طرف مسلمانن ۾ علم حاصل ڪري، وڃايل عزت ۽ ناموس هٿ ڪرڻ جي تبليغ ڪئي. جنهن چگو اثر پيدا ڪيو.

انگريزن مسلمانن جي لاڪ لاهڻ کان پوءِ هندن جي حقن تي بہ ڪي قدر ڏاڙا هڻڻ شروع ڪيا، تنهنکري لارڊ ڊفرن (۱۸۸۴-۸۸) جي ڏينهن ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو بنياد رکيائون، جنهن جو آخرين اڳواڻ مهاتما گانڌي ٿيو. ڪانگريس ۾ هندو خواه مسلمان وڏا وڏا ليڈر شامل هئا. خود قائداعظم محمدعلي جناح بہ اڀرندي ڪانگريس ۾ شموليت ڪئي هئي ۽ ايتري تہ خدمت ڪئي هئائين جو ان صلي ۾ بمبئي ۾ ۱۹۱۸ع ۾ هڪ هال تي "جناح هال" نالو رکيائون. ٻئي طرف مسلمانن ۱۹۰۶ع ۾ مسلم ليگ جو بنياد وڌا ۾ رکيو ۽ پوري هندستان جي مسلمانن جي حقن جي حفاظت ۾ پاڻ پتوڙڻ لڳي. سنڌ اندر مسلم ليگ جون آفيسون هرضلع ۽ ملڪ هر تعلقي ۾ ڪُلي ويون هيون.

مسلم ليگ جي آخرين اڳواڻي قائداعظم محمدعلي جناح ڪئي. مٿي چاڻايو ويو آهي، تہ غيّور مسلمانن غير جي غلامي ۾ رهڻ کڏهن بہ قبول نہ ڪيو آهي. ۱۹۱۷ع ۾ هن خيري پائرن (ڊاڪٽر عبدالستار خيري ۽ ڊاڪٽر عبدالجبار خيري)، ڊنمارڪ (يورپ) جي گادي کوپن هيگن ۾ منعقده اقليتي ڪانفرنس ۾ هندستاني مسلمانن جي نمائندگي ڪندي، هندستان ۾ مسلمانن لاءِ جداگانہ آزاد رياست جي گهر ڪئي. سندن مطالبي تي برطانوي شهنشاهيت جي نمائنده اخبار لنڊن ٽائمز بہ خوب ٽيڪا ٽپڻي ڪئي هئي.

ٻيو ڪم، جيڪو خيري پائرن ڪيو، سو هي هئو تہ هنن هندستان ۾ انگريزي هفتيوار اخبار "اسپرٽ آف اسلام" ڪڍي، جنهن ۾ مسلمانانِ هند لاءِ جداگانہ رياست بابت دليلن سان ليڪ هوندا هئا. اها اخبار هرهفتي هڪ خاص ماٿهوءَ هٿان محمدعلي جناح کي بمبئي موڪلي، پڙهائي ويندي هئي. جناح صاحب ان اخبار ۽ هندن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي هندن جي ارادي کان (تہ هو انگريزن کي ڪڍي هندو راميراج قائم ڪرڻ چاهين ٿا) واقف ٿي پاڪستان جو همنوا ٿيو(۸).

سنڌ ۾ مرحوم شمس الدين 'بلبل'، جو هڪ وڏو عالم، اديب، شاعر ۽ صحافي هو، اُن بہ مسلمانن لاءِ جداگانہ رياست جو آواز پنهنجي ڪتاب جامِ جم جي ذريعي آڌاريو هو(۹).

بهرحال، هندستان جا هندو خواه مسلمان ڏاري حڪومت مان بيزار ٿي چڪا هئا. تنهنڪري وقتاً فوقتاً تحريڪون هلائي ڏاري حڪومت سان ڏڪار جو اظهار ڪندا رهيا. اهڙين تحريڪن مان ستياگره، ترڪ موالات، تحريڪ خلافت، تحريڪ هجرت (جا جان محمد جوٽيجي هلائي هئي)، تحريڪ خاڪسار آهي تحريڪون آهن، جن ۾ سنڌ وارن پرپور عملي طور حصو ورتو. جيلن ۾ پيا، ٿيون سٽائون، ڪشالا ڪاٽيائون ۽ جاني ۽ مالي قربانيون ڏنائون. حقيقتاً اهي تحريڪون هڪ طرف هندستانين ۾ سياسي شعور پيدا ڪري چڪيون هيون تہ ٻئي طرف گويا پاڪستان ٺهڻ لاءِ راهہ هموار ڪري رهيون هيون. انگريز بهادر بہ چگي پر پروڙي ويا هئا تہ آخر هندستان مان بسترا گول ڪرڻا پوندا، پر ۱۹۳۵ع کان ٽورن گهٽن سڏارن ڪرڻ ۽ دلاسن ڏيڻ ڏيڻ سان ٽال ٽمول ڪندا رهيا. هوڏانهن هندو وري پنهنجي گهٽائيءَ جي گهمنڊ تي "مسلمان" کي اقليت جو درجو ڏيندا رهيا. ڪيترا ڪٽر هندو ليڊر مسلمانن کي مليچ سڏيندا هئا. سنڌ ۾ تہ هي حال هو، جو ڪيترا هندو مسلمانن کي ٻڪَ تي پاڻي پيارينداهئا. اسڪولن ۽ اسٽيشنن تي هندو پاڻي ۽ مسلمان پاڻي جدا جدا هوندو هو. مسلمان ڪيترو بہ پڙهيل هوندو، مگر واٽيا پنهنجي اصطلاح ۾ ان کي "ڇٽ" ڪري ڪوٺيندا هئا. راجائن جي رياستن ۾ تہ مسلمانن کي مذهبي ۽ سماجي آزادي بہ ڪانہ هوندي هئي. تنهن ڪان سواءِ هندن، شدي ۽ سنگهٽن جهڙيون تحريڪون شروع ڪيون. انهن سڀني ڳالهين مسلمانانِ هند کي مجبور ڪيو تہ هو الڳ رياست بنائي آزادي سان زندگي بسر ڪن.

مٿي خيري پائرن ۽ مرحوم شمس‌الدين بلبل جي مطالبن جو ذڪر اچي ويو آهي.* سال ۱۹۳۰ع ۾ الهہ آباد ۾ مسلم ليگ جو هڪ شاندار اجلاس ٿيو، جنهن ۾ سنڌ خواه ٻين صوبن جا مسلمان وڏي جوش ۽ جذبي سان شريڪ ٿيا. جلسي جي صدارت علامہ اقبال رح ڪرڻ فرمائي. هن صاحب پنهنجي خطبي ۾ سنڌ جي بمبئيءَ کان ڌار ٿيڻ ۽ ٻين ڳالهين ڪرڻ سان گڏ زوردار لفظن ۾ فرمايو تہ: "...آءٌ ڏسڻ چاهيان ٿو تہ پنجاب، صوبي سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان کي مسلمانن لاءِ مجموعي رياست بنائڻ گهرجي (۱۰)." علامہ جي انهن لفظن ۾ "پاڪستان" جو تصور سمايل هو. علامہ رح ڪشمير جو نالو ڪونہ ڪنيو هو، مگر چوڌري رحمت علي ڪشمير کي بہ شامل ڪندي، پنجاب مان "پ"، اتر سرحد مان "الف"، ڪشمير مان "ڪ"، سنڌ مان "س" ۽ بلوچستان مان "تان" حروف اخذ ڪري، اهڙي مملڪت جو نالو "پاڪستان" رکيو. چوڌري رحمت علي صاحب ٻين صوبن ۽، ٽورڙائيءَ ۾ رهندڙ مسلمانن کي يڪمشت ٿي پنهنجا جدا جدا خيطا قائم ڪرڻ ۽ انهن جا نالا بانگستان،

---

* خيري برادران ۽ مرحوم شمس‌الدين بلبل گويا قصو پاڪستان جي ٻيڙهہ رکندڙ هئا.

موپلستان ۽ عثمانستان وغيره ۾ تجويز ڪيا هئا (۱۱). ۱۹۳۰ع کان وٺي ۱۹۴۰ع تائين مسلم ليگ ڪي هڪ منظم جماعت بنايو ويو، جا برصغير پاڪ و هند جي مسلمانن لاءِ واحد نمائنده جماعت هئي. اڪثر هندو ليڈر مسلمانن کي اقليت قرار ڏيندي ڪليو ڪلايو چوندا هئا ته "هندوستان ۾ فقط ۾ طاقتون آهن، هڪ انگريز ۽ ٻيا هندو". اڪثر مسلمان به پاڻ کي اقليت تصور ڪندا هئا، مگر خيري برادران، شمس‌الدين بلبل، علامه اقبال رح ۽ حضرت قائد اعظم جي ولولي انگيز قيادت مسلمانن ۾ اهو روح ڦوڪيو، جو هو سر ڏڙ جي بازي لڳائي "پاڪستان يا موت"، "ٻڪرے رهيگا هندستان، ليکے رهينگے پاڪستان" جا نعرا هڻي، انهن کي عملي جامو پهرائڻ لڳا. ۲۳- مارچ ۱۹۴۰ع لاهور جي منٽو پارڪ ۾ (جتي هاڻي مينار پاڪستان ٺاهيو ويو آهي) مسلم‌ليگ جو هڪ عظيم‌الشان جلسو، قائد اعظم جي زير صدارت ٿيو. پوري هندوستان جا ودّا ودّا ليڈر هن جلسي ۾ جلوه افروز نظر آيا. شير بنگال مولوي مولوي فضل‌الحق، ٺهراءُ پيش ڪيو، جنهن کي "پاڪستان جو ٺهراءُ" چيو وڃي ٿو، پڪراءِ بحال ٿيو. بس، انهيءَ ٺهراءَ پاس ٿيڻ بعد مسلمانن ۾ نئين سر جوش ۽ جذبو جاڳيو. هر هنڌ جلسا جلوس ٿيڻ لڳا، نديي وڏي جي وات ۾ پاڪستان جو نالو هوندو هو.

پاڪستان جي ٺهراءَ پاس ٿيڻ کان پوءِ ۲۴، ۲۵ ۽ ۲۶ ڊسمبر ۱۹۴۳ع تي آل انڊيا مسلم ليگ جو سالانه اجلاس ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿيو. استقباليه ڪاميٽيءَ جو چيئرمن جناب جي- ايم- سيد صاحب هو. هن صاحب جيڪو صدارتي خطبو پيش ڪيو هو، (سنڌي خواهه اردو ۾)، سو منهنجي پيش نظر آهي. سرورق تي گڏيل هندوستان جي خاڪي ۾ پاڪستان جون حدون سنڌ کان ڪشمير تائين ۽ اوپر ۾ بنگال ۽ آسام تائين ڏيکاريل آهن. جهنڊي ۾ چنڊ تارو ڏيکاريو ويو آهي ۽ انگريزيءَ ۾ "PAKISTAN" لکيو ويو آهي. انهيءَ اجلاس ۾ حضرت قائد اعظم به شرڪت فرمائي هئي.

مسلمانن جي جدوجهد کي ڏسي ڪانگريس ۽ ٻين هندو ليڈرن اکنڊ پارت جي پروپيگنڈا زورشور سان هلائي. مهاتما گانڌي خواه نهرو جهڙا مدبر به پاڪستان کي خواب ۽ خام خيال تصور ڪندا هئا. مهاتما گانڌي ورهاڱي کي گئوماتا جا ٽڪرا سان تشبيه ڏني هئي.

انگريزن به جڏهن ڏٺو ته مسلمان پاڪستان وٺڻ کان سواءِ نه رهندا ته پنهنجو پلو به انهيءَ ۾ سمجهيائون. ڪانگريس سان ڳٺ جوڙ ڪيائون. عارضي حڪومتون ٺاهيائون، ٻيا حربا هلايائون. آخر مجبور ٿي لارڊ ويول کي موڪليائون ته هو وڃي ڪو مناسب حل ڳولي. مگر جڏهن لارڊ ويول جي دال نه گهري سگهي، تڏهن ان کي گهرائي، شاهي گهراڻي جي هڪ فرد لارڊ مائونٽن بيٽن کي موڪليو ويو، جو نهرو صاحب جو دوست هو. سندس بيگم به نهرو صاحب کي گهٽو پائيندي هئي.

مائونٽن بيٺن جون همدرديون هندن سان هيون، مگر حالات جو اندازو لڳائي مجبور ٿي، ۱۴- آگسٽ ۱۹۴۷ع تي ڪراچيءَ ۾ پاڪستان جون وا ڪون حضرت قائداعظم ڪي ڏنائين. سنڌ حڪومت پنهنجون آفيسون ۽ بنگلا پاڪستان سرڪار جي حوالي ڪيا ۽ پاڪستان جي پهرين گادي ۾ سنڌ ۾ ٿي. سنڌ اسيمبلي بلڊنگ ڪي اهو شرف حاصل آهي جو سنڌ اسيمبلي وارن پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ جو ٺهراءُ ۾ اتي پاس ڪيو هو ته قائداعظم محمدعلي جناح ڪي پاڪستان ۾ انهيءَ جڳهه ۾ ملیو ۽ پاڪستان جو جهنڊو ۾ پهريائين اتي جهولايو ويو.

پاڪستان زنده باد

حوالا

۱- رسالو مهراڻ قائداعظم نمبر جولاءِ-سيپٽمبر نمبر ۱۹۷۶ع، صفحو ۷.
۲- الوحيد جو سنڌ آزاد نمبر، چاپو ٻيو ۱۹۷۹ع، صفحو ۱۴۶-۱۴۷.
۳- محسن سنڌ، خليق موراڻي، چاپو ٻيو ۱۹۷۵ع صفحو ۵۸.
۴- خلاصءِ تاريخ هند اردو، ذاڪر حسين جعفري رمزي، صفحي ۱۸ ڪان ۴۶ تائين.
۵- جنت السنڌ، مرحوم رحيمداد مولائي، چاپو اول ۱۹۵۸ع صفحو ۵۳۸.
۶- جنت السنڌ، مرحوم رحيمداد مولائي، چاپو اول ۱۹۵۸ع صفحو ۶۱۳.
۷- جنگ آزادي ۾ انگريزن جيڪي بادشاهه گهرائي، خواص و عوام تي ويل وهايا اهي "وداع ظفر" مصنف راشدالخيري، شڪسته حال شهزادين، احمدخان آصف ۽ ڊيپلائي صاحب جي ڪن ناولن ۾ ڏسي ۽ پڙهي سگهجن ٿا.
۸- رسالو "العلم" جنوري تا مارچ ۱۹۸۴ع، سيد الطاف علي بريلوي صفحو ۵۰-۵۱.
۹- ڪتاب "جامِ جم"، مرحوم شمس الدين بلبل، چاپو اول صفحو ۵۶.
۱۰- علامه اقبال ڪا خطبهءِ صدارت حڪومت مغربي پاڪستان، صفحو ۱۴.
۱۱- قوم ۽ قوميت، احمدخان لانگاهه، صفحو ۴۹۱.

Gul Hayat Institute

تحريڪ پاڪستان ۾ موري شهر جو حصو

ڊاڪٽر محمد لائق زرداري

سنڌ عهد قديم کان وڻي پنهنجي سڃاڻپ سنڌ، مهراڻ، انڊ ۽ السنڌ جي نالن سان مشهور ڏيندي آهي. دنيا جي اٽڪل ۱۸۰ ملڪن مان سنڌ نوي ملڪن کان وڏي آهي، ۽ دنيا جي ڇهين ترقي يافته ملڪ انگلينڊ کان پڻ وڏي آهي.

سنڌ پاڪستان جو اهم ۽ بنيادي صوبو آهي، جنهن پاڪستان جي بناوت ۾ مُک ڪردار ادا ڪيو. حقيقت ۾ پاڪستان جي خالق سنڌ آهي، جنهن قائداعظم کي جنم ڏنو، جتي پاڪستان جو پهريون تصور ۽ خاڪو بنايو ويو، جتي سنڌ صوبي جي اسيمبلي پاڪستان جي حق ۾ قرارداد پاس ڪئي، جتي مسلم ليگ جي پهرين وزارت قائم ٿي. سنڌ جي نقش قدم تي هلندي، بين صوبن جي اسيمبلين سنڌ جو مثال ڏيئي مسلم ليگ جي تنظيم لاءِ ڪم ڪيو.

سنڌ جي طبعي بناوت ۽ جاگرافيائي ڏانچي ۾ مورو سنڌ جي دل آهي. سنڌ جو سينو نوابشاهه ضلعو آهي. اهڙيءَ طرح مورو نه صرف سنڌ جي شاهه رگ جو مرڪز آهي، مگر نوابشاهه ضلعي جو پڻ چمڪندڙ ستارو آهي. موري جي سڃاڻپ گڇيري سان ٿيندي هئي، چاڪاڻ ته روڊ ۽ ريلوي نظام کان اڳ درياءِ مواصلاتي نظام هو ۽ گڇيرو درياءِ پٽ هو، جتي جو واپار خراسان، ايران ۽ افغانستان سان ٿيندو هو. گڇيرو هڪ مرڪزي شهر هو ته مورو هڪ نندڙو ڳوٺ، واهڻ مثل هو.

مورو، جنهن کي تاريخدانن منڪن مورو سڏيو آهي. موري ۽ نوشهرو فيروز کي ڪلهوڙا دور ۾ وجود ۾ آندو ويو. ميان يارمحمد ڪلهوڙي جي دور ۾ سندس خاص ماڻهو فريد پڳٽ هي شهر آباد ڪيو. ڪن جو چوڻ آهي ته هت ميان مُوري جو مڪان هو، جيڪو بدلجي مورو ٿي ويو.

انگريزن جي دور حڪومت ۾ نومبر ۱، ۱۹۱۲ع ۾ جڏهن نوابشاهه کي ضلعو بنايو ويو ته مورو، تعلقي نوابشاهه سان شامل ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح سنڌ جي سرسبز ضلعي نوابشاهه جي سرسبز موري تعلقي ۾ اهڙا گوهر، عالم ۽ اديب پيدا ٿيا، جن تي نوابشاهه ضلعي سان گڏ، سنڌ کي پڻ فخر آهي. سنڌ جي شاندار گلدستي ۾ موري جو گل پڻ شامل رهيو، جنهن جي واس ۽ خوشبوءِ نه صرف سنڌ ۾ محدود رهي، بلڪ پوري هندستان ۾ پهتي.

سنڌ جي سماجي دؤر کي ٽن دؤرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ميرن جي خاتمي کان پوءِ انگريزي دؤر کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. پهريون دؤر، جنهن ۾ صرف مذهبي تحريڪون هليون؛ ٻيو دؤر، جنهن ۾ ادبي تحريڪن جنم ورتو؛ ويهين صديءَ جي اوائلي دؤر ۾ انگريزن جي آخري دؤر ۾ سياسي تحريڪون شروع ٿيون، جنهن کي ٽيون دؤر چئي سگهجي ٿو. موري جو ڪردار انهن ٽنهي سماجي دؤرن ۾ برابر نمايان رهيو آهي. اچو ته انهن ٽن دؤرن جي تحريڪن تي نظر وجهون.

(۱) ديني تحريڪ:

هن تحريڪ ۾ مذهب جي پرچار ۽ ان جي بچاءَ ۽ بقا لاءِ قلم کان ڪم ورتو ويو. وقت جي هر دؤر ۾ نظرياتي تبديلين، سياسي ۽ ادبي فڪر، ارتقائي مرحلن ۽ منزلن مان گذرندا آيا آهن. انهن مذهبي تحريڪن ۾ سنڌ جي ٻين علائقن سان گڏ مورو برابر پاڻهن ۾ ٻيلي رهيو آهي. ديني خدمت ڏيندڙ کي آخوند، مخدوم، پير ۽ قاضي جا لقب ڏنا ويندا هئا. قضا جي ڪم ڪندڙ، عدالت ۾ انصاف ڏيندڙ ۽ فيصلو ڪندڙ کي قاضي سڏيو ويندو هو. موري ۾ ديني تعليم جو سهرو سومرا ذات جي قاضي خاندان تي هو. موري جي انهيءَ قاضي خاندان جو شجرو دودي سومري سان ملي ٿو ــ سندن ابن ڏاڏن جو ماڳ لاڙ هو، جاڪاڻ ته سومرن جي حڪومت ۾ لاڙ واري حصي تي هئي. انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ موري جي قاضي خاندان جي فرد قاضي شاهم محمد ٽئين جو ڏيڏو پاڻ ۱۸۵۶ع ۾ حيدرآباد جو قاضي هو.

ميرن جي حڪومت ۾ قاضي خاندان جو وڏو ميان محمد بودو، قاضيءَ جي حيثيت سان ملتان ويو، جتي هڪ سٺو ورهين تائين هيءَ خاندان آتي ٿي رهيو ۽ "ملتاني" لقب اختيار ڪيو(۱). جنهن سر زمين جو هن پاڻي پيتو ۽ ان ڪاڏو، هو ان جا نمڪ حلال ٿي، آتي جا ٿي ٿي ويا. موري جي سومرن مان اهڙا بزرگ ۽ عالم پيدا ٿيا، جن جي شهرت پوريءَ سنڌ ۾ آشڪار هئي. هن خاندان جي مخدوم محمد طاهر ڪان وٺي مخدوم ميان عبدالرؤف تائين ديني مدرسي کي قائم رکيو. انهن قاضي بزرگن جون تحريرون، تقريرون، ۽ فتوائون، پڪيون ۽ پختيون هيون، جن ۾ ڪابه وضاحت ۽ تبديليءَ جي ضرورت نه پوندي هئي. اڄ جيڪا ڪجهه موري ۾ ديني علم جي روشني ٽظر اچي ٿي، ان ۾ بنيادي پگهر قاضي خاندان جي بزرگن ۽ عالمن جو هاريل آهي. سندن درس و تدريس ڏڙي واري مسجد ۾ ٿيندو هو. قاضي ميان دين محمد جو فرزند قاضي ميان محمد عثمان پڻ موري ۾ درس و تدريس جو ڪم ڪيو، ان بزرگ جا اڄ به سوين شاگرد موجود آهن. موري جي بزرگن وٽ پري پري کان ديني علم جا پياسي پنهنجي آڇ آڇهائڻ ايندا هئا.

رئيس غلام مصطفيٰ خان جتوئي جي ڏاڏي رئيس خانبهادر امام بخش خان جتوئي پڻ موري جي مدرسي مان عربي ۽ پارسي جي تعليم حاصل ڪئي. اهڙيءَ طرح موري جي هنن بزرگن ۽ عالمن ديني علم جي وڏي خدمت ڪئي.

(۴) ادبي دؤر

هن دؤر ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ واري ماحول ۾ سنڌ جي سماجي حالتن مطابق ادب جي وسيلي واڌارو ٿيو. سنڌي ادب جي وسيلي مذهب ۽ سياست جي پرچار شروع ٿي. سنڌ جي ادبي دنيا ۾ جڏهن "سندري" ناول ڇپجي ظاهر ٿيو تہ پوريءَ سنڌ ۾ هلچل مچي ويئي. هڪ هندو اديب طرفان اهڙي ڪتاب شايع ٿيو، جنهن ۾ مغل بادشاهن تي شرمناڪ حملا ڪيا ويا هئا. انهيءَ ڪتاب جي مقابلي ۾ 'سندري' ناول لکيو ويو، جنهن جو خالق، خليق 'مورائي' هو. ميان عبدالخالق خليق مورائي ۵- آگسٽ ۱۸۹۵ع ۾ پيدا ٿيو. هن صاحب ادبي ميدان ۾ ڪيئي معرڪا سر ڪيا. سندس قلم ۾ ايتري طاقت هوندي هئي جو سنڌ جو سڀ هندو اديب گڏجي به ان جو مقابلو نہ ڪري سگهندا هئا. خليق مورائي عربي ۽ فارسي جو عالم هو. هن ديني تعليم 'دارالعلوم عثمانيہ' جيمس آباد ضلعي ٽرپارڪر مان حاصل ڪئي. خليق مورائي ۱۹۰۹ع ۾ لکڻ شروع ڪيو. پاڻ هڪ ماهوار رسالو "ترقي" جاري ڪيو، جيڪو ۱۹۲۸ع تائين باقاعده ڇپجندو رهيو. هن رسالي، سنڌ ۾ بهترين ادب مهيا ڪيو. قاضي خليق مورائي ڪيئي ڪتاب ۽ ڪتابچا شايع ڪيا. انهن مان هيٺيان مشهور ۽ معروف ڪتاب آهن.

(۱) آخري رسول (آنحضرت صلعم بحيثيت انسان ڪامل).
(۲) آخري مذهب حصہ اول (اسلامي عقائد بمقابلہ ديگر مذهب).
(۳) آخري مذهب حصہ دوم (اسلامي عبادات بمقابلہ ديگر مذهب).
(۴) آخري مذهب حصہ سوم (اسلامي تعليم جو دنيا تي اثر).
(۵) خلافت عثمانيہ.
(۶) اسلام ۽ علم.
(۷) اسلام ۽ تصوف.
(۸) اسلام ۽ قرباني.
(۹) تاريخ تعمير ڪعبہ.
(۱۰) ويدن جي حقيقت.
(۱۱) شڏيءَ جا سانگ.
(۱۲) فاتح سنڌ (فتح سنڌ جو دلچسپ تاريخي ناول).
(۱۳) ستيءَ جي ستيا (فتح سومنات جو دلچسپ تاريخي ناول).

Gul Hayat Institute

(۱۴) چترپتي (اورنگزيب عالمگير ۽ اڈيپور جي راڻيءَ جي عشق ۽ محبت جو پر لطف عجيب و غريب داستان، ناول).
(۱۵) درس آموز، (معاشرتي ناول).
(۱۶) قرآن ۽ نئين روشني (مصر جي مشهور اسلامي فلاسافر علامہ طنطاوي جي ڪتاب "القران و العلوم المصريه" جو سنڌي ترجمو).
(۱۷) مسلمان ۽ سود.
(۱۸) سندري ناول، (ان کان علاوه ڪجهه ٻيا ڪتاب ۽ بي شمار مضمون)(۲).

(۳) سياسي دور:

هندستان ۾ جيڪي به سياسي تحريڪون شروع ٿيون، تن جو سڌو سنئون اثر سنڌ تي پيو. سنڌ ۾ هلايل هر سياسي جدوجهد ۾ موراڻي ضرور شامل ۾ رهيا. موري جو مان ۽ شان قاضي خاندان جي ڪري ئي ٿيو. هندستان ۾ هلايل هلچل ۾ هرهڪ جلسي ۾، ريل ۾، جيل ۾، موري جا مجاهد شامل رهيا. جن جيل جي ڪوٺڙي ۾ قيد ۽ بند جون صعوبتون برداشت ڪيون، تن ۾ قاضي عبدالخالق خليق موراڻي، مولوي محمد صادق موراڻي، قاضي محمد صديق موراڻي ۽ قاضي فيض محمد موراڻي شامل آهن. انهن سڀني کي سياسي هلچل دوران انگريز حڪومت جي طرفان سخت سزائون ۽ تڪليفون ڏنيون ويون.

انگريز حڪومت جي خلاف ۽ ترڪي حڪومت جي حمايت ۾ جڏهن خلافت تحريڪ جو آغاز ٿيو تہ ان تحريڪ ۾ سنڌ مان چند ليڈر جيڪي به شامل ٿيا، تن ۾ موري مان قاضي خدا بخش پڻ هو، جنهن علي برادران ۽ موهن لال گانڌيءَ سان گڏ تقريرون ڪيون.

حڪومت جي خلاف جڏهن جدوجهد هلائڻ جو منصوبو رٿيو ويو تہ ان ۾ اهو به طئي ٿيو تہ سنڌ ۾ مسلمانن کي سياسي طرح سجاڳ ڪرڻ لاءِ ڪا اخبار جاري ڪجي. سنڌ جي ليڈرن جي گڏجاڻي سر عبدالله هارون جي صدارت ۾ ڪراچي ۾ منعقد ٿي. مختلف تجويزون ڏنيون ويون، مگر موري جي سياسي شعور رکندڙ ذهن خليق موراڻي تجويز ڏني تہ خلافت تحريڪ جي حمايت لاءِ ترڪي جي خليفي سلطان وحيدالدين جي نالي پٽيان اخبار جو نالو "الوحيد" رکيو وڃي. اها تجويز قبول ڪئي ويئي. اخبار "الوحيد" جي نالي سان جاري ٿي. انهيءَ اخبار جي وسيلي سنڌ ۾ سياسي جدوجهد جو آغاز ٿيو. اخبار الوحيد سنڌ جي عوام جي ترجمان ٿي. هن اخبار خلافت تحريڪ، سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي ۽ پاڪستان جي جدوجهد ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو.

خلافت تحريڪ جو آغاز سنہ ۱۹۱۹ع ۾ ٿيو. هن تحريڪ جا مرڪزي اڳواڻ مولانا محمد علي جوهر، مولانا شوڪت علي ۽ گانڌي هئا.

قاضي خدا بخش مورائي هندستان جي مسلمان شاگردن ۾ موري مان هڪ سنڌي شاگرد هو، جيڪو عليگڙھ ڪالج يونين جو نائب صدر هو. جڏهن مولانا محمد علي جوهر ۽ مهاتما گانڌي عليگڙھ اچي تقريرون ڪيون تہ انهن تقرير ڪندڙن ۾ قاضي خدا بخش مورائي پڻ هو. قاضي صاحب جڏهن انگريزيءَ ۾ تقرير شروع ڪئي تہ عليگڙھ جي شاگردن جوش ۾ اچي يورپي لباس لاهي، ڦاڙي ۽ اتي تيلي ڏيئي ساڙي ڇڏيو. قاضي صاحب مولانا محمد علي جوهر سان گڏ پوري هندستان جو دورو ڪيو ۽ تقريرون ڪيون. انهن باغيانہ تقريرن جي ڪري بغاوت جي ڏوهہ ۾ جيل ۾ قيد ڪيو ويو" (۳).

سنڌ ۾ خلافت تحريڪ جي مکيہ اڳواڻن مان موري جا قاضي صاحبان پڻ انهن اڳواڻن جي صف اول ۾ شريڪ هئا.

قاضي ميان محمد صديق مورائي سنڌ جي برڪ ۽ ممتاز اڳواڻ ۾ شامل هو. سندس تحريرن ۽ تقريرن جي ڪري بغاوت جي الزام ۾ ڪيس قيد ڪيو ويو. سندس اسلامي جذبو ايڏو تہ هو جو تقريرن ۾ هڪ باغي اڳواڻ نظر ايندو هو. قاضي محمد صديق کي جڏهن نواب شاهہ مان گرفتار ڪيو ويو، تڏهن جيل مان عوام ڏانهن هن طرح پيغام هڪ شعر جي صورت ۾ موڪليائين.

رس اي نور نبي، آڻ عربي ــ پهچ پنهل پيارا
جايون پاڪ عربن جون، آت دشمن ڪن بي ادبي ــ آڻ عربي
هن مصيبت جي محمدا، تنهنجي در اچي دانهن ڏبي ــ آڻ عربي
ڀالهہ خلافت حق جي، ڪيئن ڇپن ۾ ڇڪبي ــ آڻ عربي
ساهہ، مسي، سر صدقو، ڪا گهٽ ڪانہ ڪبي ــ آڻ عربي
هي مصيبت اسلام تي، ساڻ مٽي ڪانہ سهبي ــ آڻ عربي
"صديق" کي سڪ سيدا! روح رڳن ۾ رهبي ــ آڻ عربي

۱۶- آڪٽوبر ۱۹۲۰ع ۾ مولوي قاضي محمد صديق کي هارهن مهينا سخت سزا ڏني ويئي. جڏهن ڪورٽ سزا جو اعلان ڪيو ۽ ڪيس اهو ٻہ چيو تہ جيڪڏهن هو ضامن ڏيئي تہ ڪيس آزاد ڪيو ويندو، مگر قاضي صاحب ضامن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ان ڏينهن نواب شاهہ ۾ هڪ وڏو جلوس نڪتو. نواب شاهہ جي تاريخ ۾ اهو پهريون سياسي جلوس هو.

ضلع نواب شاهہ ۾ خلافت تحريڪ جي اڳواڻي موري جي قاضي صاحبن ڪئي. خلافت ڪاميٽي ۾ جيڪي اڳواڻ هئا، تن ۾ سوامي گووندانند، قاضي خدا بخش، قاضي عبدالخالق خليق مورائي ۽ مولوي قاضي محمد صديق وغيره. قاضي نبي بخش، موري تعلقي خلافت ڪاميٽي جو اڳواڻ هو. هن صاحب الوحيد اخبار لاءِ چندا گڏ ڪيا ۽ عوام ۾ تحريڪ کي منظم ڪيو. موري جي جن عظيم اڳواڻن انگريز حڪومت

جي عتاب هيٺ اچي سزا کاڏي ۽ جيل جون صعوبتون ۽ تڪليفون برداشت ڪيون. تن ۾ مولوي محمد صادق، جيڪو جيل جون سخت سزائون برداشت نہ ڪري سگهيو ۽ جلدي آزاد ٿي آيو.

ٻيو قاضي عبدالخالق خليق موراڻي هو، جنهن کي هڪ سال سخت پورهئي سان سزا ملي.

ٽيون قاضي محمد صديق موراڻي هو، جنهن کي سخت پورهئي سان ڇهه مهينا جيل ڪاٽڻو پيو ۽ ۲۰۰ روپيا ڏنڊ ۾ ادا ڪيو.

چوٿون قاضي فيض محمد موراڻيءَ کي پڻ هڪ سال سخت پورهئي سان سزا ڏني ويئي. سياسي ميدان تي مورو جو ٻيو اڳواڻ قاضي خدا بخش هو، جنهن جو ٿورڙو ذڪر علي گڙهه ۾ شاگرد يونين جي نائب صدر هجڻ سان ٿي چڪو آهي. قاضي خدا بخش موراڻي سنہ ۱۸۹۵ع ۾ موري ۾ جنم ورتو. سندس والد قاضي نبي بخش موري جو عالم دين هو. قاضي خدا بخش ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسةالاسلام مان مئٽرڪ پاس ڪري سنہ ۱۹۱۹ع ۾ علي گڙهه ڪاليج مان بي- اي ڪئي ۽ ۱۹۲۶ع ۾ ميرٺ مان قانون جي ڊگري فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي. هن صاحب ۱۹۲۷ع ۾ ڪراچيءَ جي مشهور بئريسٽر مسٽر الفنسٽن سان گڏ وڪالت شروع ڪئي. سندس سياسي دؤر علي گڙهه ڪاليج يونين جي نائب صدر جي حيثيت سان شروع ٿيو. علي گڙهه ۾ هن صاحب ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ جو بنياد رکيو. هيءَ پاڻ ۾ بهترين مقرر هو ۽ ڪيس ڪيترائي ميڊل ملهيل هئا. هن مولانا محمد علي جوهر سان گڏ پوري هندستان جو گشت ڪري، تقريرون ڪيون. مهاتما گانڌي سندس ذهانت کان متاثر ٿي، ڪيس آل انڊيا ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر نامزد ڪيو. خلافت تحريڪ دوران سنڌ خلافت ڪاميٽي جو سيڪريٽري هو. الوحيد جي ايڊيٽر شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي جيل جي سزا ملي، تڏهن قاضي خدا بخش کي الوحيد اخبار جو ايڊيٽر بنايو ويو ۽ سگهو ئي ڪيس حڪومت جي خلاف باغيانہ سرگرمين جي تهمت هيٺ جيل موڪليو ويو. ان کان پوءِ اخبار "ايڊووڪيٽ" جو مدير ٿيو. سنہ ۱۹۳۲ع ۾ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو بنا مقابلي ميمبر چونڊجي ويو، پوءِ ڪيس ڊپٽي ميئر لاءِ منتخب ڪيو ويو. سنہ ۱۹۳۵ع ۾ قاضي صاحب حاتم علوي کي شڪست ڏيئي، ڪراچيءَ جو پهريون مسلمان ميئر چونڊيو ويو.

مسلمان ميئر جي حيثيت سان هن ڪراچيءَ ۾ وڏي خدمت ڪئي. ڪيترا شفاخانہ، اسڪول ۽ ڪرلس اسڪول قائم ڪيائين. پوڙ جي ستايلن ۽ ڪوئيٽا ۾ زلزلي جي متاثر ٽيل ماڻهن جي امداد ڪرڻ جي سلسلي ۾ حڪومت کيس "قيصر هند" جو خطاب عطا ڪيو(٥).

سنڌ کي بمبئيءَ کان ڌار ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن صوبائي خود مختياريءَ تحت نيون سياسي جماعتون ٺهيون، تڏهن ۱۵- اگسٽ ۱۹۳۶ع ۾ سنڌ مسلم جماعت جي سالياني گڏجاڻي جيڪا غلام حسين هدايت الله جي صدارت هيٺ منعقد ٿي، تن ۾ هيٺيان عهديدار چونڊيا ويا:

صدر: غلام حسين هدايت‌الله

نائب صدر: شيخ عبدالمجيد سنڌي

نائب صدر: خانصاحب نذر محمد خان

جنرل سيڪريٽري: قاضي خدا بخش مورائي

جوائنٽ سيڪريٽري: مسٽر يار محمد

خزانچي: دين محمد عليگ. (۶)

قاضي خدا بخش جي ڪوشش سان سنہ ۱۹۴۲ع ۾ سنڌ مسلم ڪاليج قائم ٿيو. سندس ذهانت جي ڪري، حڪومت سنڌ، سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ايڈووڪيٽ جنرل جا فرائض انجام ڏنائين. ۲۱- فيبروري ۱۹۴۴ع ۾ سندس وفات ٿي. سنڌ حڪومت جي طرفان ميوزم لئگ هڪ روڊ "قاضي خدا بخش روڊ" جي نالي سان منسوب ڪيو ويو.

موري سان لئگ گڇيري جو احوال به اچڻ ضروري آهي. گڇيري ۾ ميان تاج محمد ڀگهيو انگريزي تعليم يافته وڪالت پاس هو. هن صاحب وڪالت پاس ڪندي به وڪالت جي پيشي سان منسلڪ ڪونہ ٿيو، البته سياسي جدوجهد ۾ سندس ذڪر ضرور اچي ٿو. خلافت تحريڪ ۾ بغير ڪنهن عهدي جي ڪارڪن جي حيثيت سان ڪم ڪيائين ۽ پوءِ مسلم ليگ جو سرگرم ڪارڪن ٿي ڪم ڪيو. گڇيري ۾ مسلم‌ليگ جي برانچ هئي. انهيءَ برانچ جي پاس ڪيل ٺهرائن مان، هڪ حوالي طور پيش ڪجي ٿو:

۱۴- ڊسمبر ۱۹۴۱ع ۾ گڇيرو برانچ مسلم ليگ جي گڏجاڻي زير صدارت ميان تاج محمد ڀگهڙي جي منعقد ٿي. هيٺيان ٺهراءَ پاس ڪيا ويا:

ٺهراءَ ۾ چيو ويو: "هي گڏجاڻي، سنڌ پرڪٽي ۾ رشوت خوري، بدامني، سرڪاري اجاين خرچن ۽ پبلڪ کي ڏڪ ۾ پيڙڻ لاءِ وزارت جي پاليسي ۽ سائس ڪانگريس واري سان کي جوابدار ٺهرائي ٿي. تازين ۾ مقررين تي گورنر صاحب جي اختيارات هلائڻ ڪري، جيڪا مهملي جي رٽ اسيمبلي ۾ آندل آهي ۽ جيڪا سمجهاڻي وڏي وزير ڏني آهي، انهيءَ لاءِ هي گڏجاڻي گورنر کي حق ۽ انصاف تي سمجهي ٿي ۽ گورنر صاحب کي استدعا ڪري ٿي تہ آئيندہ ملڪ جي پلي لاءِ اهڙا اختيارات عمل ۾ آڻيندو رهي، نہ تہ وزارت ۽ ڪانگريس جي ڪري، انهن جي پاليسي جي ڪري ملڪ ۾ وڏي تباهي ايندي. هي گڏجاڻي استدعا ٿي ڪري تہ نيون چونڊون ڪرايون وڃن. هي گڏجاڻي الوحيد اخبار کي خراج تحسين پيش ڪري ٿي، جيڪا مسلم عوام جي صحيح ترجماني ڪري ٿي (۷)".

گڇيري مسلم ليگ برانچ جا هيٺيان عهديدار هئا:

صدر: محمد يوسف پگهيو
نائب صدر: غلام رسول پگهيو
جنرل سيڪريٽري: امان‌الله خان پگهيو
جوائنٽ سيڪريٽري: الهرڪيو سهتو
خزانچي: شير محمد پگهيو(۹).

مٿين عهديدارن مسلم ليگ جا ڪارڪن ٿي ورڪ ڪئي ۽ پاڪستان تحريڪ ۾ ڀرپور حصو ورتو.

اهڙي طرح پاڪستان تحريڪ ۾ مٿين ڪارڪنن سان گڏ قاضي فيض محمد نمايان آهي. هن صاحب جنون جي حد تائين پاڪستان بنائڻ لاءِ سر ٽوڙ ڪوشش ڪئي. هر گڏجاڻي، ڪچهري ۽ محفل ۾ صرف ۽ صرف پاڪستان جو نالو زبان تي رهندو هوس. عوام ڪيس چاچا پاڪستاني جي نالي سان سڏيندو هو. قائداعظم ۽ لياقت علي خان سدائين ڪيس "چاچا پاڪستاني" جي نالي سان احترام سان نالو وٺندا هئا.

موري جي اولهه پاسي ڳوٺ مَلڪ ۾ ڪيڙا خاندان مان رئيس افضل خان ڪيڙو تحريڪ پاڪستان جو سرگرم ڪارڪن هو، جنهن ۱۹۴۰ع جي مسلم ليگ جي لاهور واري اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. رئيس افضل خان ڪيڙو الوحيد اخبار جي مالي مددگارن مان پڻ هڪ هو. جڏهن به الوحيد کي مالي مشڪلات درپيش ايندي هئي تہ هن صاحب جي ڪشاده دل مالي امداد مهيا ٿيندي هئي. سندس ڪوشش سان ڳوٺ مَلڪ ۾ مسلم ليگ جي برانچ ڪم ڪندي هئي، جنهن جا عهديدار هيٺيان صاحب هئا.

صدر: محمد بخش ڪيڙو
نائب صدر: مولوي محمد ڪامل
سيڪريٽري: محمد يوسف مَلڪ
خزانچي: احمد خان راڄپر هو(۱۰).

هنن ڪارڪنن مسلم ليگ جي مدد ڪئي ۽ پاڪستان تحريڪ جا سرگرم ڪارڪن هئا.

موري لڳ ڳوٺ نيو جتوئي جي رهواسي رئيس امام بخش خان جتوئي، موري جي قاضي خاندان جي عالم قاضي ميان عبدالرؤف وٽان عربي ۽ فارسي جي تعليم حاصل ڪئي. هن صاحب شاعريءَ ۾ "صابر فقير" جي نالي سان تخلص ڪم آندو ۽ سياسي ميدان ۾ ضلعي نواب شاهه مان صف اول جو سياستدان هو. هي صاحب ۲۵- جولاءِ ۱۸۸۵ع ڳوٺ مَلڪ ۾ پيدا ٿيو. ۱۹۱۲ع ۾ انگريز سرڪار ڪيس خانصاحب جو لقب ڏنو ۽ ۱۹۳۶ع ۾ ڪيس خانبهادر جو لقب عطا ڪيو ويو.

۱۴- اپريل ۱۹۳۷ع ۾ نواب شاهه لوڪلبورڊ جو صدر چونڊيو ويو. سن ۱۹۱۴ع کان ۱۹۳۸ع تائين اسپيشل ماجسٽريٽ ٿي رهيو. سن ۱۹۲۱ع کان ۱۹۳۲ع تائين بمبئي اسيمبلي جو ميمبر رهيو ۽ ۱۹۳۳ع کان ۱۹۳۶ع تائين ضلعي نواب شاهه اسڪول بورڊ جو چيئرمن رهيو.

قائد اعظم سان سندس ذاتي تعلقات هئا. قائد اعظم جڏهن نواب شاهه جي دوري تي آيو تڏهن صاحب ضلعي نواب شاهه مسلم ليگ جي صدر جي حيثيت سان آڏرياڻ ڪيو. سنڌ مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي ضلعي نواب شاهه مان رئيس امام بخش خان جتوئي ۽ قاضي فيض محمد هئا. پنهي جو تعلق موري سان هو. هي هڪ بهادر شخص هو. سنڌ ۾ ضلعي نواب شاهه جو پهريون لوڪلبورڊ ادارو هو، جنهن ٺهراءُ بحال ڪري لوڪلبورڊ جي بلڊنگ مٿان مسلم ليگ جو جهنڊو بلند ڪيو. نواب شاهه لوڪلبورڊ جي پاس ڪيل ٺهراءُ کان متاثر ٿي سنڌ جي پين لوڪلبورڊن پڻي اهڙا ٺهراءَ پاس ڪيا.

پاڪستان تحريڪ ۾ پوري ضلعي نواب شاهه کي جتوئي خاندان مقبول بنايو، سندن ڪوشش سان ضلعي ۾ برانچون قائم ٿيون. موري ۾ مسلم ليگ برانچ جا هيٺيان عهديدار ۽ پاڪستان تحريڪ جا ڪارڪن هئا.

صدر: قاضي محمد يوسف

نائب صدر: عبدالله خان سومرو

جنرل سيڪريٽري: مولوي علي گوهر قريشي

خزانچي: حاجي محمد صالح ميمڻ (۱۲).

هي عالمگير جنگ جو زمانو هو. سرڪار، هندستان جي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ پارٽي کي چيو تہ جنگ جي زماني ۾ سرڪار جي مدد ڪريو ۽ پوءِ هندستان کي آزاد ڪيو ويندو. مگر ڪانگريس پنهنجي تحريڪ کي جاري رکيو. سن ۱۹۴۳ع ۾ مورو ۾ ٽوپڏاس مختيارڪار هو ۽ سندس آفيس ٻاهران هڪ مٽرڪ پاس عريضي نويس مسٽر آٽلداس ڪانگريسي ڪارڪن هو. هن صاحب جي شادي ڪئي هڪ هفتو مس گذريو تہ ڪانگريس جي هلچل ۾ ڪيس جيل آماٿيو ويو. سندس ڪنوار جنهن جي هٿن تي ميندي لڳل هئي، تنهن عورتن جي جلوس جي قيادت ڪري هي ترانو ڳايو تہ:

"هلو جوانو جيل ڏي، ڏوڪيو جوانو جيل ڏي."

موري ۾ هي پهريون عورتن سان شامل سياسي جلوس هو. انهيءَ دور ۾ مسلم ليگ پنهنجي هلچل کي ٽورو سست ڪيو ۽ مسلمان وار فنڊ، جنگي امداد لاءِ ورائٽي پروگرام بنايا. موري مان محمد هاشم ملنگ، جيڪو ان وقت شاگرد هو،

تنهن ڊرامن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيا. سن ۱۹۴۶ع ۾ نيون چونڊون شروع ٿيون. مسلم ليگ پارٽيءَ جا اميدوار سياسي ميدان تي نروار ٿيا. ضلع مسلم ليگ جي واڳ رئيس غلام رسول خان جتوئي جي هٿ ۾ هئي. انگريزي اسڪولن، ڪاليجن ۽ مدرسن جا شاگرد مسلم ليگ جي ورڪ ۾ ٻاهر نڪتا. سنڌ ۾ جتي ٻين شاگردن جتا ٺاهي مسلم ليگ جي ورڪ ڪئي، آتي موري مان جان محمد عطار ۽ محمد هاشم ملنگ به جتي جي اڳواڻي ڪئي. ۱۰-۱۵ شاگردن جا جتا ٺاهيا ويا، جيڪي قرآن شريف جون آيتون پڙهي، اسلام خاطر پاڪستان جي جدوجهد لاءِ تقريرون ڪيون. محمد هاشم ملنگ ترنم ۾ هر جلسي ۽ ورڪ دوران پاڪستان متعلق ٺاهيل شعر ڳائي ٻڌائي، حاضرين کي متاثر ڪندو هو.

مٽين ماڻهن بغير لوڀ ۽ لالچ، سياسي فائدا حاصل ڪرڻ بجاءِ خلوص دل سان من، تن، ڌن جون قربانيون ڪري پاڪستان حاصل ڪيو. موري جي عوام کي خاص طور ۽ سنڌ جي عوام کي عام طور سندن ڪردار تي بجا طور فخر آهي.

ماخذ

۱. روزانہ هلال پاڪستان ڪراچي، ۱- مئي ۱۹۸۴ع
۲. رپورٽ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد، ۳۱- ۱۹۳۲ع، ص ۷۷
۳. روزانہ جسارت ڪراچي (اردو)، ۶- اپريل ۱۹۸۴ع
۴. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، سنڌ جي سياسي جدوجهد، سنگم پبليڪيشن حيدرآباد، ۱۹۸۳ع، ص ۲۳۱
۵. روزانہ الوحيد ڪراچي، ۱۹- آگسٽ ۱۹۳۶ع
۶. روزانہ الوحيد ڪراچي، ۲۸- ڊسمبر ۱۹۴۱ع
۷. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو، قاضي محمد قاسم نئين سنڌي لئبريري مورو، ۱۹۸۴ع، ص ۴۰۱
۸. روزانہ الوحيد ڪراچي، ۶- جولاءِ ۱۹۴۱ع
۹. محمد حسن چنہ، خانبهادر امام بخش صابر جي شاعري، ايم. اي لاءِ مقالو، سنڌ يونيورسٽي، ۱۹۶۵ع، ص ۱۹
۱۰. ڊاڪٽر محمد لائق زرداري، تحريڪ پاڪستان ۾ سنڌ جو حصو، قاضي محمد قاسم نئين سنڌي لئبريري مورو، ۱۹۸۴ع، ص ۴۰۰.

Gul Hayat Institute

لاڙڪاڻي ۾ خلافت تحريڪ

غلام مصطفيٰ مشتاق

پس منظر :

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ترڪن، انگريزن خلاف ويڙهه ڪئي تہ مسلمانن کي هڪ نئين آزمائش سان منهن ڏيڻو پيو. ترڪيءَ جي سلطان کي عالم اسلام جي خليفي جي حيثيت سان حاصل هئي، ان ڪري جنگ ۾ ترڪيءَ جي مفاد سان گڏوگڏ خلافت جي سلامتيءَ جو سوال به هو. جنگ هلندي هندستان جي مسلمانن برطانوي حڪومت جو ساٿ ڏنو، پر انهن جي خواهش هئي تہ برطانوي حڪومت خليفيٰ جي منصب جو احترام ڪري، تنهنڪري برطانوي وزير اعظم لائيڊ جارج جنوري ۱۹۱۸ع ۾ واضح طور اعلان ڪيو تہ ترڪيءَ کي سندس گاديءَ واري هنڌ يا ترڪ اڪثريت وارن علائقن کان محروم نہ ڪيو ويندو، ان کان علاوه مسلمانن جي پاڪ جاين کي به نقصان نہ رسايو ويندو. پر پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ برطانوي حڪومت پنهنجن واعدن کان ڦري وئي ۽ ترڪيءَ جي خلافت سان نهايت مڪروهه سلوڪ ڪيو. ان ڪالهه تي هندستاني مسلمانن کي سخت رنج پهتو.

انهن حالتن ۾ هتان جي مسلمانن، مولانا محمد علي جوهر ۽ مولانا شوڪت علي جي اڳواڻيءَ ۾ سنہ ۱۹۱۹ع ۾ بمبئي ۾ ڪل هند خلافت ڪميٽي قائم ڪئي تہ جيئن خلافت جي بقا لاءِ جدوجهد ڪري سگهجي. ان ڪميٽيءَ جون شاخون پوري ملڪ وانگر سنڌ جي به شهر شهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ قائم ڪيون ويون ۽ برطانوي حڪومت خلاف هرجاءِ مظاهرا ڪيا ويا. سنہ ۱۹۲۰ع ۾ خلافت ڪميٽيءَ پاران هڪ وفد مولانا محمد علي جوهر جي اڳواڻيءَ ۾ لنڊن موڪليو ويو تہ جيئن برطانوي حڪومت کي مسلمانن جي جذبات کان آگاهه ڪري سگهجي، پر ان وفد کي پنهنجي مقصد ۾ ڪاميابي حاصل نہ ٿي، چاڪاڻ تہ برطانيہ ۾ ڪوبہ ماڻهو ترڪن جي حمايت ۾ هڪ به لفظ ٻڌڻ لاءِ تيار ڪونہ ٿيو. ان وچ ۾، جڏهن وفد اڃا يورپ ۾ ئي هو تہ "سورس واري صلحنامي" (Treaty of sevres) تحت اتحادي طاقت ترڪيءَ تي انتهائي غيرواجب شرط مڙهي ڇڏيا ۽ ترڪيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو.

اهڑي ظالمانہ سلوڪ خلاف هندستاني مسلمانن سخت احتجاج ڪيو ۽ خلافت جي مڪمل بحاليءَ لاءِ پوري ملڪ ۾ مهم شروع ٿي وئي. علي برادران جي پرجوش اڳواڻيءَ هيٺ طوفان کڙو ڪري ڇڏيو. برطانوي حڪومت خلاف قراردادون منظور ڪيون ويون. پنج سؤ عالمن هيٺ گڏيل فتويٰ ۾ هندستان کي دارالحرب قرار ڏنو ۽ انگريزي حڪومت جي نوڪريءَ کي ڪفر قرار ڏنو. ان تحريڪ ۾ مسلمان ۽ هندو رهنما انگريزن خلاف متحد ٿي ويا.

سنہ ۱۹۱۴ع ۾ برطانوي حڪومت انقلاب پسندن جي سرگرمين کي ڪچلڻ لاءِ رولٽ ايڪٽ منظور ڪيو. اهو هڪ ظالماڻو قانون هو، جنهن جي خلاف ملڪ ۾ زبردست احتجاج ٿيو. انهن حالتن ۾ گانڌيءَ پنهنجي عدم تعاون جي تحريڪ شروع ڪئي ۽ تحريڪ خلافت جي حمايت جو اعلان ڪيو. اهڙيءَ طرح سنہ ۱۹۲۱ع ۾ خلافت ۽ عدم تعاون يا ترڪ مولات جون تحريڪون گڏجي ڪم ڪرڻ لڳيون. سنڌ ۾ انهن تحريڪن جا روح روان رئيس غلام محمد پرڳڙي، مرحوم جان محمد جوڻيجو، پير تراب علي شاهہ راشدي، سيٺ حاجي عبدالله هارون، مولانا سيد تاج محمود امروٽي، مولانا عبدالڪريم درس، علامہ اسدالله ٽکڙائي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، شيخ عبدالرحيم، مولوي عبدالله لغاري، مولانا عبيدالله سنڌي، پير رشدالله شاهہ جهنڊي وارو ۽ جي-ايم سيد وغيره هئا.

هجرت تحريڪ ۽ سنڌ:

قطع تعلقات جي تحريڪ زور شور سان جاري هئي تہ سنہ ۱۹۲۰ع ۾ مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ ان جي اثر هيٺ ٻين مولوي صاحبان اها فتويٰ جاري ڪئي تہ هندستان دارالحرب آهي ۽ جيئن تہ مسلمان انگريزن سان جهاد ڪرڻ جي طاقت نہ ٿا رکن، ان ڪري کين هجرت ڪري دارالسلام يعني ويجهي پاڙيسري ملڪ افغانستان ۾ وڃي رهڻ گهرجي. مسلمانن کي اها ڳالهہ بہ ٻڌائي وئي تہ افغانستان جو بادشاهہ کين خوش آمديد چوڻ لاءِ تيار آهي ۽ کين اتي زرخيز زمينون ملنديون.

خلافت ڪاميٽيءَ جولاءِ ۱۹۲۱ع ۾ ناگپور ۾ ٽيل پنهنجي اجلاس ۾ هجرت تحريڪ جي پرزور حمايت ڪئي. ان فيصلي تي عمل ڪندي، مختلف صوبن ۽ خاص طور تي صوبي سنڌ ۽ صوبي سرحد جا هزارين مسلمان پنهنجون جائدادون، هندن کي نالي ماتر قيمت تي وڪڻي، پنهنجون نوڪريون ڇڏي ۽ پنهنجا ڏنڊا ڏاڙي ڦٽا ڪري، هجرت جي تياريءَ ۾ لڳي ويا.

سنڌ ۾ مرحوم جان محمد جوڻيجي، ان تحريڪ جي اڳواڻي ڪئي ۽ جولاءِ ۱۹۲۰ع ۾ پنهنجي خرچ تي هڪ ريل پاڙي ڪري، ساڍن ستن سون مسلمانن جو قافلو وڏي پشاور روانو ٿيو، جتان وري افغانستان ڏانهن هجرت ڪيائون. سڄي هندستان منجهان سنڌ ئي واحد صوبو هو، جتان پهريون قافلو هجرت ڪري افغانستان ويو ۽

خلافت جي حفاظت لاءِ اڳرائي ڪئي. ان سان گڏ هندستان جي باقي حصن مان به هزارين مسلمان پيدل يا سواريءَ تي خيبر لڪ لنگهي افغانستان پهچي ويا ته جيئن اتي هميشه لاءِ رهي پون. ان وقت افغانستان تمام غريب ملڪ هو، تنهنڪري افغان قوم ايترن مهاجرن جي رهائش وغيره جي خرچ جو ست نه ساري سگهي ٿ ڪين اهو به ڊپ هو ته متان انهن مهاجرن سان انگريز سرڪار پنهنجا جاسوس شامل ڪري ڇڏيا هجن، ان ڪري هنن انهن بنا سڏيل مهمانن کي پنهنجي حد ۾ داخل ٿيڻ ٿي اتي هميشه لاءِ رهڻ جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪيو. هاڻي ته اهي سمورا مهاجر نه هيڏانهن جا رهيا نه هوڏانهن جاءِ. ڪيترائي ٻار ۽ پوڙها بک ۽ سفر جي تڪليفن جي ڪري گذاري ويا. ڪجهه تڪليفون سهندا ٻين ملڪن ۾ وڃي پهتا، اهي به ان حالت ۾ جو ڪوڏي ڪوڏيءَ جا محتاج هئا. اهڙي طرح رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجو مرحوم به مختلف هنڌن تي پهچندو ۽ جلسا ڪندو رهيو. آخر اجمير ۾ بيماري وڌي وڃڻ سبب ١٦- اپريل ١٩٢١ع تي بي وطنيءَ جي حالت ۾ فوت ٿيو ۽ اتي ئي دفن ڪيو ويو(١). مسلمانن جي بدقسمتي اها هئي ته سن ١٩٢٤ع ۾ ترڪن پاڻ خلافت کي ختم ڪري ڇڏيو ۽ جمهوريت قائم ڪئي. اهڙي طرح هندوستاني مسلمانن جون ترڪ خلافت لاءِ ڏنل قربانيون ضايع ويون ۽ هيءَ تحريڪ ختم ٿي ويئي. ان تحريڪ سان اهو فائدو سو ضرور ٿيو ته هندستاني مسلمانن ۾ سياسي بيداري پيدا ٿي ۽ اڳتي هلي انهن پنهنجين قومي آزاديءَ جي تحريڪن ۾ وڌ ۾ وڌ حصو ورتو.

خلافت تحريڪ ۽ لاڙڪاڻو ضلعو

ملڪ جي سمورن صوبن وانگر سنڌ به هن تحريڪ ۾ پنهنجو ڪردار وڌ ۾ وڌ ادا ڪيو. سنڌ صوبي ۾ وري لاڙڪاڻي ضلعي به پنهنجو پاڻ ملهايو. لاڙڪاڻي جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ تحريڪ خلافت ڪاميٽيون قائم ڪيون ويون ۽ انهن جا باقاعدي اجلاس ٿيڻ لڳا. تاريخ ٦-٧ ۽ ٨ فيبروري سن ١٩٢٠ع تي خلافت ڪانفرنس وڏي پيماني تي ڪوٺائي وئي، جنهن جي صدارت پير رشدالله شاهه جهنڊي واري ڪئي. استقباليه ڪاميٽيءَ جي چيئرمن سيد تراب علي شاهه راشدي استقباليه تقرير ڪئي. پين اڳواڻن جي تقريرن کان پوءِ آخر ۾ صاحبِ صدر صدارتي خطبو ڏنو. هن ڪانفرنس ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان اڳواڻن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ سن کان محترم جي- ايم- سيد به شرڪت ڪئي ۽ ايترو ته متاثر ٿيو جو باوجود سخت مخالفتن ۽ انگريزي چاڙتن جي دٻاءَ جي، سن ۾ وڃي خلافت ڪاميٽي قائم ڪيائين ۽ اتي به وڏي پيماني تي ڪانفرنس ڪوٺايائين. لاڙڪاڻو ڪانفرنس متعلق هفتيوار "الحق" سکر پنهنجي ١٤- فيبروري ١٩٢٠ع واري شماري ۾ لکيو ته:

"لاڙڪاڻي واري خلافت ڪانفرنس سنڌ جي سڀني ڪانفرنسن کان وڏي ڪانفرنس ٿي گذري. ١٥ هزار ماڻهن جو ميڙ سنڌ جي ڪنهن به ڪانفرنس ۾ اڳ ڪونه

ٿيو هو. جيترا ماڻهو اندر هئا، اوترائي ٻاهر بيٺل هئا. لاڙڪاڻي ڪانفرنس جي منتظمين ماڻهن جي آرام لاءِ گهٽو ڪجهه ڪيو هو، مگر ماڻهن جي بيانداز هجوم سڄو انتظام درهم برهم ڪري ڇڏيو. ڪانفرنس ۾ علماءِ سڳورن جو تعداد به بي انداز هو. پير صاحبان ته خاص طور تي هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيل هئا. نه صرف چيئرمن هڪ پير هو بلڪ ڪانفرنس جو صدر به پير هو. زميندار طبقي جا به بي انداز افراد شريڪ ٿيا هئا. انگريزي دانن جو تعداد به ڇگو هو. مطلب ته لاڙڪاڻي واري ڪانفرنس سڀني ڪالهين ۾ سرس هئي. مولانا عبدالباري، مولانا شوڪت علي، ابوالڪلام آزاد ۽ غلام محمد پرڳڙي اسٽيج تي هئا. ڪانفرنس ۾ چندي جي اپيل به ڪئي ويئي. سڀڪر جي مسلمانن پاران تاج محمد سب ايڊيٽر "الحق" پنج سو روپين جي ڇوٽڪري پيش ڪئي. حيدرآباد وارن به هڪ هزار روپيا ڏيڻ جو اعلان ڪيو: هن ڪانفرنس ۾ مولانا تاج محمود امروٽيءَ به شرڪت ڪئي هئي"(۲).

لاڙڪاڻي جي هن ئي ڪانفرنس ۾ تحريڪ خلافت کي اڳتي هلائڻ لاءِ سنڌ خلافت ڪاميٽي ٺاهي ويئي، جنهن جو صدر سيٺ حاجي عبدالله هارون ۽ سيڪريٽري محمد خان سونڊا چونڊيا ويا. خلافت تحريڪ جي ڪاميابيءَ لاءِ سڄي سنڌ ۾ خلافت ڪاميٽيون قائم ڪيون ويون. مرڪزي، صوبائي ۽ ضلعي ڪاميٽين کان علاوه ننڍن ننڍن شهرن ۾ به ڪاميٽيون ٺاهيون ويون. لاڙڪاڻي ضلعي ڪاميٽيءَ جا ميمبر هن ريت چونڊيا ويا.

۱- پير تراب علي شاهه راشدي، ۲- پيرعلي انور شاهه راشدي، ۳- وڏيرو رضا محمد خان، ۴- مسٽر ريجهومل، ۵- ميان جيوڻ شاهه، ۶- مخدوم سراج الدين، ۷- حڪيم عبدالجليل، ۸- پير الاهي بخش، ۹- پير محمد منير شاهه، ۱۰- پير مٺل شاهه، ۱۱- ميان محمد صادق، ۱۲- علي احمد خان، ۱۳- حافظ عبيدالله.

لاڙڪاڻو:

صدر: پير علي انور شاهه راشدي، نائب صدر: سيٺ خداداد خان.
نائب صدر: سيٺ عبدالرزاق، سيڪريٽري: رحيم بخش، جوائنٽ سيڪريٽري: ٺهلرام،
خزانچي: سيٺ احمد دين.

شهداد ڪوٽ:

صدر: سرائي خدا بخش کهاوڙ، نائب صدر: حاجي غلام محمد خان ضياط،
سيڪريٽري: محمد عظيم خان کهاوڙ، خزانچي: شيخ خان محمد.

ڏوڪري:

صدر: حڪيم عبدالجليل، سيڪريٽري: مولوي محمد ادريس،
سيڪريٽري: غلام قادر (۳).

لاڑڪاڻي ضلعي ۾ نه صرف ڪاميٽيون ٺاهيون ويون يا جلسا جلوس ڪيا ويا پر خلافت تحريڪ لاءِ هتان جي ماڻهن انگريز حڪومت سان ٽڪر ۾ ڪاڏو ۽ ڪيترائي اڳواڻ ۽ عام ڪارڪن جيل ۾ ويا ۽ ڪافي سزائون ۽ ڪاڏاڻون. هتان جي جن ماڻهن جيل جون تڪليفون سٺيون، انهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي:

۱- محمد رمضان شيخ (۲ مهينا، پوڻا چار مهينا ۽ ۱۲ مهينا). ۲- پير مقبل شاهه ٽلاهه (۱- سال)، ۳- محمد رمضان درزي (۾ دفعا، هڪ هڪ سال)، ۴- فقير غلام نبي (هڪ سال)، ۵- مولوي مولاداد (هڪ سال)، ۶- محمد يعقوب (هڪ سال)، ۷- امل سنگهه رتوديرو (هڪ سال) ۸- محمد صادق ڏوڪري (هڪ سال)، ۹- مولوي غلام فريد (هڪ سال)، ۱۰- حڪيم شاهه گاجي کهاوڙ (هڪ سال)، ۱۱- محمد بچل جمالي (ڇهه مهينا)، ۱۲- مولوي عبدالڪريم (هڪ سال)، ۱۳- پڳوان داس (۲۱- ڏينهن ۽ پيو دفعو ٻارهن مهينا)، ۱۴- مهراج دوارڪا پرشاد (هڪ سال).

مٿين سزايافته ڪارڪنن مان هيٺين کي خلافت ڪاميٽيءَ طرفان مليل امداد جو ذڪر ڪجي ٿو:

۱- ميان محمد رمضان شيخ	سزا ۾ مهينا	۱۵ روپيا ماهوار
۲- ميان محمد رمضان شيخ	سزا پوڻا چار مهينا	۱۵ روپيا ماهوار
۳- ميان محمد رمضان شيخ	سزا ٻارهن مهينا	۱۵ روپيا ماهوار
۴- محمد صادق ڏوڪري	سزا ٻارهن مهينا	۳۰ روپيا ماهوار
۵- محمد رمضان درزي	سزا ٻارهن مهينا	۱۵ روپيا ماهوار
۶- محمد رمضان درزي	سزا ٻارهن مهينا	۱۵ روپيا ماهوار
۷- مولوي غلام فريد	سزا هڪ سال	۲۰ روپيا ماهوار
۸- حڪيم شاهه گاجي کهاوڙ	سزا هڪ سال	۵۰ روپيا ماهوار
۹- مولوي مولاداد	سزا هڪ سال	۱۵ روپيا ماهوار
۱۰- محمد يعقوب	سزا هڪ سال	۱۵ روپيا ماهوار(۴)

لاڑڪاڻي خلافت تحريڪ جون اهي سرگرميون جاري رهيون ۽ مختلف اڳواڻن ۽ ڪارڪنن هن ۾ حصو ورتو، جن جون ڪوششون وساري جوڳيون نه آهن، پر هرجهوري قافلي جا ڪجهه اڳواڻ ضرور هوندا آهن، جيڪي تاريخ ۾ پنهنجو اڻ مٽ نقش هميشه لاءِ ڇڏي ويندا آهن. لاڑڪاڻي ۾ خلافت تحريڪ جا روح- روان ۽ علمبردار رئيس المهاجرين رئيس جان محمد جوٽيجو ۽ پير سيد تراب علي شاهه راشدي نه صرف لاڑڪاڻي خلافت تحريڪ، پر حقيقت ۾ ڪل هند خلافت تحريڪ انهن ٻنهي مجاهدن جي ذڪر کان سواءِ ٻُڌي ۽ اڻپوري لڳندي، ان ڪري مختصر طور انهن ٻنهي بزرگن جو ذڪر ڪجي ٿو، جيڪو پڻ خلافت تحريڪ جي ذڪر جو حصو آهي.

● رئيس جان محمد جوڻيجو ۱۳۰۴ هجري مطابق ۱۸۸۶ع ۾ لاڙڪاڻي تعلقي جي هڪ ڳوٺ ڏامراها ۾ ڄائو. ننڍي هوندي کان ئي ذهين هو، جنهنڪري شروعاتي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سندس والد حاجي عبدالڪريم صاحب کيس پهريائين ڪراچيءَ جي سنڊ مدرسي ۾ داخل ڪرايو، جتان هن مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ ان کان پوءِ بئريسٽري جو امتحان پاس ڪرڻ لاءِ لنڊن موڪليائينس. ٻن سالن ۾ بئريسٽري پاس ڪرڻ کان پوءِ وڌيڪ پرٽيڪٽس لاءِ اتي ئي رهي پيو ۽ ۱۹۱۵ع ۾ واپس ملڪ موٽي آيو. پهريائين ڪراچيءَ ۾ پوءِ سڌو ئي لاڙڪاڻي ۾ وڪالت شروع ڪيائين.

خلافت تحريڪ ۾ هن نوجوان بئريسٽر جو اهم ڪردار رهيو آهي. هي نه صرف مختلف خلافت تحريڪن ۾ شامل رهيو، پر عملي ڪم به ڪيائين. نومبر ۱۹۱۹ع ۾ دهليءَ ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس ۾ مولانا تاج محمود امروٽيءَ، پير تراب علي شاهه، سيٺ عبدالله هارون ۽ شيخ عبدالعزيز سان گڏ شريڪ ٿيو. خلافت ڪانفرنس جي فيصلي مطابق ۱۷- آڪٽوبر ۱۹۱۹ع تي ترڪيءَ جي سلامتي ۽ حفاظت لاءِ دعائن جي سلسلي ۾ لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي بنگلي آڏو وڏو جلسو ڪوٺايائين، جنهن ۾ سنڊ ٽيل نوڪرشاهيءَ جي ظلمن تان پردو کنيائين. ۱۲ کان ۱۶ نومبر تي ٽيندڙ "جشن صلح" جي بائڪاٽ جي سلسلي ۾ پنهنجي ضلعي ۾ سائين تراب علي شاهه ۽ سيد انورعلي شاهه جي تعاون سان هڪ جلوس جو اهتمام ڪيائين. هزارين اشتهار ورهايا ويا، جنهن جي نتيجي ۾ سمورو ڪاروبار لڳاتار پنج ڏينهن بند رهيو. ۶- جنوري ۱۹۲۰ع تي حيدرآباد ۾ ٽيندڙ خلافت ڪانفرنس ۾ هڪ جذباتي تقرير ڪيائين، جنهن ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٽيندڙ نوڪرشاهيءَ جي ظلمن تان پردو کنيائين. ۶، ۷ ۽ ۸ فيبروري ۱۹۲۰ع تي ٽيل لاڙڪاڻي خلافت ڪانفرنس ۾ مرحوم جان محمد جو جيڪو ڪردار رهيو، اهو اظهرمن الشمس آهي. ان ڪانفرنس ماٺهن ۾ جوش ۽ جذبي جي هڪ نئين لهر پيدا ڪئي.

جيڪب آباد ۾ ۲ ۽ ۳ مئي ۱۹۲۰ع تي، مولانا تاج محمود امروٽيءَ جي صدارت ۾ ٽيندڙ صوبائي خلافت جي اهم ڪانفرنس ۾ جان محمد جوڻيجي صاحب قطع تعلقات ۽ هجرت جي اهميت تي زور ڏيندي اعلان ڪيو ته: "مان اڄ کان انگريزن سان پنهنجا هر قسم جا تعلقات ختم ٿو ڪريان. مان اڄ کان پنهنجي سرداري (واضح رهي ته جان محمد جوڻيجو هڪ سردار به هو)، پئي نمبر تي پنهنجي ڪرسيءَ جو اعزاز، پنهنجي ميونسپل ڪميشنري، لوڪلبورڊ جي ميمبري ۽ بئريسٽريءَ جي ڊگري انگريزن کي واپس ڏيان ٿو- نه رڳو اهو، پر اڄ کان مان پنهنجي زرعي زمين جي ڏل ۽ آبياني به انگريز سرڪار کي ڏيڻ کان نابري ٿو واريان". جان محمد جوڻيجي مرحوم جي انهيءَ پرجوش ۽ مجاهدانه تقرير جو ايڏو ته اثر ٿيو، جو جلسي ۾ هزارين ماٺهن

انگريز سان قطع تعلقات ڪرڻ ۽ هجرت لاءِ پنهنجا نالا لکرايا. نتيجي طور ڪانفرنس ۾ باقاعدي هجرت ڪاميٽي قائم ڪئي ويئي، جنهن جو صدر پير تراب علي شاهه راشدي ۽ جنرل سيڪريٽري جان محمد جوٽيجو ڪي مقرر ڪيو ويو(٥).

● خلافت تحريڪ جو پيو سرگرم ڪارڪن ۽ لاڙڪاڻي ۾ مرحوم جان محمد جوٽيجي جو مڪ ساڻي پير تراب علي شاهه ولد سيد عبدالله شاهه راشدي ٥- ذوالقعد ١٢٧٤هـ بمطابق ٢- نومبر ١٨٥٧ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي قنبر شهر جي ڳوٺ علي خان ۾ تولد ٿيو. پاڻ خلق جي خدمت ڪندڙ، دين اسلام جي سربلنديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ، اسلام جي اصولن جو پابند، انگريزن جو مخالف ۽ ماڻهن سان محبت ڪندڙ انسان هو. پاڻ اميرن کان وڌيڪ غريبن جي ويجهو رهندڙ هو. انگريز دشمنيءَ ڪري ڪيس حد کان وڌيڪ تڪليفون ڏنيون ويون، پر ڪڏهن به ڪنهن انگريز يا سندس چاڙتي جي درتي وڃڻ پسند نه ڪيائين. خلافت تحريڪ ۽ هجرت جي سلسلي ۾ سندس ڪيل ڪجهه ڪوششن جو ذڪر مرحوم جان محمد جوٽيجي جي احوال ۾ ڪيو ويو آهي. هجرت تحريڪ جي ناڪاميءَ ۽ انگريزن جي پٺو عالمن طرفان، خلافت تحريڪ جي مخالفت سبب پاڻ پڇاڙيءَ ۾ دل شڪستو ٿي پيو ۽ وري جو ١٩٢٤ع ۾ ترڪن پاڻ ئي خلافت کي ختم ڪري ڇڏيو، تنهن ڪيس سياسي هلچل کان بيزار ۽ ڪناره ڪش ڪري ڇڏيو. هن سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرائڻ ۾ به وڏي ڪوشش ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ ١٩٣٦ع ۾ سنڌ کي الڳ صوبي جو درجو ڏنو ويو. سندس ادبي خدمتن ۾ سندس ڪجهه مضامين ۽ "الراشد" رسالو ثبوت طور پيش ڪري سگهجن ٿا. خلافت تحريڪ جو هيءُ هيرو ١٧- مارچ ١٩٣٨ع تي اسان کان موڪلائي وڃي حقيقي رب سان مليو.

حوالا

١. "پرين جي پچار"- محمد موسيٰ پٽو- باب الاسلام پبليڪيشنز، حيدرآباد.
٢. "سنڌ جي سياسي جدوجهد"- ڊاڪٽر محمد لائق زرداري- سنگر پبليڪيشن، حيدرآباد.
٣. "سنڌ ۾ خلافت تحريڪ"- محمد موسيٰ پٽو- س. ماهي "سنڌ"- سنڌ اسٽڊي سينٽر، حيدرآباد.
٤. "پرين جي پچار" (مضمون)- محمد موسيٰ پٽو- باب الاسلام پبليڪيشنز، حيدرآباد.
٥. "مطالعه پاڪستان"- غلام مصطفيٰ مشتاق- مادرن بوڪ اسٽور، لاڙڪاڻو.

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

پير پاڳارو سيد صبغت‌الله شاهه ثاني رحه

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌ جي هن سورهيه سردار جي شخصيت ۽ بلند ڪردار تي انگريزي حڪومت جي هڪ-طرفي ۽ زوردار منظم پروپيگنڊا جيڪي پردا چاڙهيا، ان کي فقط وطن سان محبت رکندڙ نگاهون، چيري، حقيقت جو مشاهدو ڪري سگهن ٿيون. ان وقت انگريزي حڪومت جي اشاري تي هلندڙ ۽ سندن سرپرستيءَ ۾ سامي هيٺ نڪرندڙ اخبارن کي انگريز سرڪار جي هن مخالف مرد خلاف جيڪي ڪجهه لکڻو هو سو لکيائون، جيڪي ڪجهه چوڻو هو سو چئي ڏنو ڪيائون-ايتري قدر جو پوين لاءِ ان تي اضافي ڪرڻ جي گنجايش ئي نه ڇڏيائون. پئي طرف، سنڌ جي هن مٿير مرد جي سوانح بابت صحيح حالات ايترو روشن نه ٿيا آهن، جو سندس بلند ارادن، ڪوششن ۽ حڪمت عمليءَ جي پس منظر توڙي سندس همت، جرات ۽ مردانگيءَ جو ڪماحقه قدر ڪري سگهجي. البته خانداني پس منظر ۽ ماحول، ۽ بعد جي خارجي حالات جي مطالعي جي بناء تي، سندن شخصيت ۽ ڪردار توڙي رٿيل پروگرام جو قدري اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اول ته سيد صبغت‌الله شاهه جڏهن 'پير پاڳاري' جي حيثيت ۾ دستاربندي ڪئي، تڏهن شاهي تجمل ۽ طاقت، آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو جذبو، ۽ انگريزن خلاف نفرت ڪيس ورثي ۾ مليا. پير پاڳاري جي خاندان ۾ آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو بنياد حضرت صبغت‌الله شاهه اول (وفات ۱۲۴۶هه) وڌو، جڏهن سنڌ مان هو صاحب سيد احمد شهيد جو پاڻهن-ڀيلي ٿي پيو، ۽ ڪيس رسد جو سامان توڙي مجاهدن جا دستا مدد طور ڏنائين. انهن مجاهدن کي ئي پهريائين "حُر" يعني 'آزاد' سڏيو ويو. هن خاندان ۾ اهو آزاديءَ جو جذبو موروثي طور هلندو پئي آيو، ۽ صبغت‌الله شاهه اول جي اولاد مان سندس نالي پويان سڏيل سيد صبغت‌الله شاهه ثانيءَ ۾ انهيءَ جذبي جو هئڻ بلڪل ممڪن هو. سنڌ مان، پير پاڳاري جي خاندان طرفان، سيد احمد شهيد جي حمايت ۽ سنڌ مان حرن مجاهدن جي دستن جو جهاد لاءِ وڃڻ وارو واقعو (۲۹-۱۸۳۰ع)، ان وقت هندستان ۾ انگريزن جي آمرندڙ حڪومت کان ڳجهو ڪونه هو. انهيءَ ڪري، جڏهن تيرهن ورهيه ڪن پوءِ انگريزن سنڌ تي غاصبانه قبضو ڪيو، تڏهن پير پاڳاري جي خاندان کي خاص طور اڪ ۾ رکيائون. انهيءَ

ڪري ٿي پير پاڳاري جناب حزب‌الله شاهه صاحب (۱۸۴۷-۱۸۹۰ع) جي وفات ۾ حرن توڙي عام جماعت جو رخ ڦري انگريزن جي خلاف ٿيو، ۽ انگريزن خلاف اهو نفرت جو جذبو آخرڪار هڪ حر تحريڪ (۱۸۹۶ع) ۾ نمايان ٿيو. انهيءَ واقعي بعد، پير پاڳاري ۽ جماعت جي خلاف انگريزي حڪومت منظم طور تي ڪارروايون شروع ڪيون: جماعت مان هر سڳهي ۽ صحتي نوجوان کي لوڙهن اندر بند ڪيو ويو، ۽ هر چڙندڙ ۽ طاقتور فرد کي ويسارپور ضلعي احمد نگر ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو. اهو لوڙهن (Concentration Camps) جو سلسلو هلندو پئي آيو، تان جو شمس‌العلماء شاهه مردان (عرف ڪوٽ-ڏڻي) انگريزن کي مطمئن ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ۱۹۱۴ع واري لڙائيءَ ۾ حڪومت آزمائش طور ڪائنس ماٺهو گهريا. پير صاحب جن پنج سؤ ماٺهو ڏيٽا ڪيا ۽ هي مالي مدد ڪئي، تڏهن وڃي لوڙهن جو خاتمو ٿيو. انهيءَ هوندي به، انگريزن هن گاديءَ کي اڪ ۾ رکيو. پئي طرف، پير صاحب پاڳاري توڙي سندن جماعت به انگريزن جي غيرمسلم ۽ ڏاريءَ حڪومت، جنهن متعلق ايترين سختيون ڪيون هيون، تنهن کي نفرت جي نظر سان ڏٺو.

پيو ته سيد صبغت‌الله شاهه ٻارهن ورهين جي ننڍيءَ وهيءَ ۾ تخت ۽ طاقت جو صاحب ٿيو. سندن ولادت ۱۳ صفر سن ۱۳۲۷هه ۾ ٿي، ۽ پنهنجي والد شمس‌العلماء جناب شاهه مردان شاهه جي وفات (۷ ربيع‌الاول ۱۳۳۹هه) بعد "پير پاڳاري" جي حيثيت ۾ دستاربندي ڪيائون. سندن ننڍي عمر هٿ ڪري، هڪ طرف سندس ويجهن ۽ وڏن عزيزن کي اميد ٿي ته هيءَ ننڍڙو پير پاڳارو سندن صلاح سان آڻندو ويهندو، ۽ انهيءَ ڪري سندن ذاتي اثر رسوخ ۾ پڻ واڌارو ٿيندو. پئي طرف انگريزي حڪومت جي هوشيار ڪارپردازن سوچيو ته هن ننڍي پير تي اثر وجهي سندس نشوونما اهڙي نموني سان ڪجي، جئن هو خانداني روايات کان منهن موڙي انگريزن جو دوست ۽ وفادار ٿي رهي، ٽئين طرف دربار جي جهونن خدمتگارن ۽ جماعت جي ڪن وڏن خليفن کي آسرو ٿيو ته هو پير صاحب کي پنهنجي مرضيءَ موجب هلائيندا. مگر، ننڍي هوندي کان ئي سيد صبغت‌الله شاهه جي شخصيت ۾ خاص انفراديت هئي: هو هڪ آزاد طبع جو مالڪ هو، جنهن کي خارجي ضابطن خلاف نفرت هئي، هو پنهنجو پاڻ سوچيندڙ هو، انهيءَ ڪري مشورن کي محض مشورا ڪري ٿي ڇاتائين ۽ پين جي صلاحن کي جئن جو تئن مڃڻ لاءِ تيار نه هو. ذاتي طور هو هڪ جرئتمند، جفاڪش ۽ محڪم ارادي جو مالڪ هو ۽ سندس شخصيت ۾ ڪردار جو روح خود اعتمادي ۽ ارادي جي مضبوطيءَ ۾ سمايل هو.

پئي ڪنهن شخص جي حالت ۾ ننڍي وهيءَ ۾ انهن وصفن جو هجڻ باعث غنيمت بنجي ها، پر پير پاڳاري سيد صبغت‌الله شاهه لاءِ اهي خوبيون آزمائش جو سامان ڪٽي آيون. خدمتگار ۽ خليفا ڪٽي خاموش رهيا، پر ويجهن عزيزن توڙي

انگريزي حڪومت جي ڪارپردازن جون اميدون پوريون نه ٿيون. پير صاحب پنهنجن عزيزن توڙي انگريزي حڪومت جي آفيسرن جي اشارن موجب هلڻ کان صاف انڪار ڪيو ۽ انهيءَ ڪري اهي ٻئي طرف هن نديءَ پير پاڻاري جا مخالف ۽ هڪ ٻئي جا دوست بنجي ويا.

پير پاڳاري ٽيڻ بعد سيد صبغت الله شاهه هڪ پيري سندن چاچي مرحوم پير پاڳاري جناب علي گوهر شاهه ثاني جي نالي انگريزن طرفان مليل ڪو آفرين نامون فريم ۾ بنگلي جي پٽ تي ٽنگيل ڏٺو. چيائون ته "اسان جا وڏا ڪهڙا نه سادا هئا: خدا تعالىٰ سندن عزت ايترو بلند ڪئي، پر تنهن هوندي به هي رکي چڏيا اٽن!" ائين چئي، آهو آفرين نامو ۽ فريم لهرائي پڇائي چڏيائون. انگريزي حڪومت کي هن نديءَ پير پاڳاري جي لاغرض طبيعت خدشي ۾ وجهي چڏيو، ۽ هنن کيس نديءَ وهيءَ ۾ انگريزي حڪومت جي طاقت جو ڇڪو چکائي آڻ ميڙائڻ جا سامان پيدا ڪيا. خوش قسمتيءَ سان حڪومت کي پير صاحب جن جي پنهنجن عزيزن مان فرياد ۽ شاهد ملي ويا، ۽ نديءَ ڪالهين کي وڏو ڪري، تيليءَ مان ٽنب بنائي، پير صاحب جن تي سکر ۾ ڪيس هلايو ويو. پير صاحب جن جي طرفان "جناح" صاحب وڪالت ڪئي. چون ٿا ته جناح صاحب کي راز طور ٻڌايو ويو ته حڪومت هر حالت ۾ پير صاحب کي نه چڏيندي، انهيءَ ڪري هو سندس وڪالت نه ڪري، پر جناح صاحب نه مڙيو: ڪورٽ ۾ آيو، مگر جج طرفان ٽيندڙ زيادتين تي احتجاج ڪري هليو ويو، حڪومت پير صاحب کي ڏهن سالن جي سزا ڏيئي سنڌ کان ٻاهر آماڻيو.

وطن کان دور انهيءَ وڏي عرصي ۾، پير صاحب جن پنهنجن وڏن جي تعليمات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. رتناگري جيل ۾ سندن جد امجد عالي جناب محمد راشد روضي ڏٺي رحم جي ملفوظات جو خاص طرح گهرو مطالعو ڪيائون، ازان سواءِ ٻيا فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪتاب ڪافي پڙهيائون، ۽ انهن ڪتابن مان پنهنجا انتخابات تاليف ڪيائون (ڏسو ضميمو). جڏهن رتناگري جيل مان ڪين مدناپور مرڪزي جيل ڏانهن منتقل ڪيو ويو، تڏهن آتي پڻ پنهنجو مطالعو جاري رکيائون. انهيءَ عرصي ۾ هندوستان جي سياست کي پڻ پوريءَ طرح سمجهڻ جي ڪوشش ڪيائون، ۽ غالباً انگريزن کي ملڪ مان تڙي ڪيڻ واري حڪمت عمليءَ تي پڻ انهيءَ عرصي ۾ غور ڪيائون. اتي مختلف جماعتن جي سياسي ورڪرن سان پڻ سندن تبادلءِ خيالات ٿيندا رهيا.

پير صاحب جن جي آزاد ٽيڻ ۽ اڃا سال ڏيڍ کن هو ته پويان حڪومت طرفان جماعت جي خيالات ۽ رجحانات معلوم ڪرڻ جي مهم شروع ڪئي ويئي. هرهڪ ٽاڻي جي حد اندر رهندڙ مريدن کي گهرايو ويو، ۽ بالغن جوانن کان وٺي پيرمردن تائين سڀني جا نالا لکيا ويا. ان بعد، سڀني کي ضلعي جي ايس- پي ۽ ڪليڪٽر جي آڏو پيش ڪيو ويو. غالباً حڪومت طرفان اها هڪ قسم جي پيش قدمي هئي،

چاکاڻ تہ پير صاحب جن جي انقلابي رجحانات جو حڪومت کي پتو پئجي ويو هو، ۽ کين خدشو هو تہ پير صاحب جن واپس پهچي نہ معلوم ڪهڙو رويو اختيار ڪري: انهيءَ ڪري پير صاحب سان جماعت جي عقيدتمنديءَ کي پرکڻ ۽ پير صاحب جي طاقت کي ڪٽڻ لاءِ خاص اهي قدم کنيا ويا.

سنڌ ۾ واپس اچڻ بعد، پير صاحب پهريائين پهريائين پنهنجي مريدن جي اصلاح ۽ تربيت طرف توجهه ڪيو. پهريائين حڪم ڪيائون تہ "اسان جا مريد هر قسم جي نشي کان پرهيز ڪن". انهيءَ تي ٻڌين ۽ چلمن جي موالين تماڪ پيڻ ڇڏي ڏنو، ۽ پنجاهه سٽ ورهين جي ڪن موالين ڪونڊا پڇي ڇڏيا ۽ ڏنڊا ساڻي ڇڏيا. نفسياتي طور جماعت تي هن حڪم جو وڏو اثر ٿيو. ان بعد حڪم آيو تہ "عورتون عاج جا چوڑا نہ پائين" ـ جماعت جي سڀني عورتن چوڑا پڇي ڇڏيا. پير صاحبن جن صرف اهي حڪم ڪين ڏنا، پر پاڻ پنهنجي سر جانچ ڪيائون تہ ڪيتري قدر انهن جي پوڌواري ڪئي وڃي ٿي. سانگهڙ جي پرسان گڙنگ لڳ سندن واسطي جماعت هڪ بنگلو ٺهرايو هو، جتي پاڻ مريدن جون دعوتون وٺندا هئا. هن گڙنگ واري بنگلي کي پير صاحب جن پنهنجي نئينءَ تحريڪ کي عملي جامي پهرائڻ لاءِ ڇڻ مرڪز مقرر ڪيو. بنگلي جي چوڌاري مريدن جا ميڙا لڳا پيا هوندا هئا. رات جو پير صاحب جن پوشاڪ بدلائي، ڪٽا اوڍي، جماعت جي ويس ۾ فقير بنجي وڃي جماعت ۾ گهمندا هئا. جيڪي ماڻهو لڪچوريءَ ٻڙي پيا پيئندا هئا، انهن جون جايون ۽ پٽاريون جانچي صبح جو گهرائي، انهن کي پوري تنبيهه ڪندا هئا. انهيءَ پڪڙ پڇاڙ جو وڏو اثر ٿيو، ۽ سڄيءَ جماعت ۾ غائبانہ طور حڪم ڇڻ جو مادو پيدا ٿيو. ان بعد حڪم ڏنائون تہ "جماعت جو ڪوبہ ماڻهو ولائتي ڪپڙو نہ پائي ۽ پنهنجي ملڪ جو آڻيل ڪپڙو پائي"، ۽ ٻيو تہ "ڪوئن ۾ مسلمان توڙي هندو پاڻ ۾ متفق ٿي رهن ۽ ڪوبہ فساد ٿيڻ نہ ڏنو وڃي". انهن حڪمن مان ظاهر آهي تہ پير صاحب جن جي ذهن ۾ پبلڪ طرفان هن ڌاري حڪومت خلاف هڪ متحده محاذ قائم ڪرڻ جا خيال هئا.

انگريزن جي بيدار مغز حڪومت کي اڳ ئي اون هئي، مگر ولائتي ڪپڙي پائڻ خلاف نڪتل حڪمن بعد حڪومت جي سڃي مشنري تحريڪ ۾ اچي ويئي، ۽ پير صاحب جي جماعت تي چوڪسيءَ جا حڪم نڪري ويا. انهيءَ دور ۾ پير صاحب جن طرفان حڪم پهتو تہ "جماعت جا اهي ماڻهو، جي غازين جي صف ۾ شامل ٿيڻ چاهين، سي پنهنجا نالا لکائين." جماعت جي اڳواڻ فقيرن کي حڪم ملیو، جن پنهنجي حدن اندر ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي غازين جا نالا لکيا، ۽ اهڙيون لسٽون تيار ڪري پيش ڪيائون. پير صاحب جن کي فقط نالن جي ضرورت ڪانہ هئي، پر کين هر هڪ ماڻهوءَ کي نظر مان ڪيڏو هو تہ ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. گڙنگ واري بنگلي تي پير صاحب جن جدا جدا وقتن ۽ موقعن تي انهن غازين جو معائنو ڪيو: پاڻ ڪرسي

وڃي ويهندا هئا، پوءِ مختلف طرفن جا غازي، انڪل پندرهن ڪان وڌي ٽيهن تائين ٽولا ٽولا ڪري، اندر گهرائيندا هئا. حڪم هوندو هو ته اندر اچن ته قطار ڪري بيهن، پوءِ جڏهن قطار ڪري بيهندا هئا ته پير صاحب جن ڪائنس پڇندا هئا ته "اوهان سڀ غازي ٿيا آهيو؟" فقير چوندا هئا ته "هائو قبلا". جواب ۾ پاڻ چوندا هئا ته "فقيرؤ! اوهان کي مبارڪ هجي جو اوهان غازي ٿيا آهيو، اوهان تي صد رحمت هجي، انشاءالله پاڻ پار آهيون، اسان مان جيڪي هوندا سي رنگ ڏسندا!" البت جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ذرا سُست ۽ لڏيل ڏسندا هئا ته ان کي همتائيندا هئا. کي ٽولا اندر وڃڻ وقت ٿي نعرا هڻندا، جماعتي راڳ ڪندا ويندا هئا. انهن موقعن لاءِ جماعت طرفان هڪ ڪافي رائج ٿي ته:

"سورهيه سر جو سانگو لاهي،
آيا مرد ميدان تي ڪاهي؛
سير ڏنوسون مرشد کي،
پوءِ عيد اسان لءِ آهي".

اڪثر ٽولا اها ڪافي چوندا، پير صاحب جن جي آڏو وڃي بيهندا هئا. پير صاحب جن جي طرفان، ظاهري طرح "غازي" بنجڻ ۽ سير ڏيڻ جو مقصد بيان ٿيل ڪونه هو، پر "غازي" جي لقب خود بخود فقيرن ۾ اهو خيال پيدا ڪيو ته "غازي" بنجي سير قربان ڪرڻو آهي.

پير صاحب جن انگريزن جي تسلط ڪان پوريءَ طرح آگاهه هئا. پاڻ اندروني طور جماعت جي اصلاح ڪندا رهيا، ۽ کين قرباني ڏيڻ لاءِ تيار ڪندا رهيا. ان وقت مسجد منزل گاهه وارو معاملو شروع ٿي چڪو هو ۽ هندن ۽ مسلمانن جي چڪتاڻ وڌي وئي هئي. پير صاحب جن ان وقت غازين کي ڪوٽن ۽ شهرن ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنا، ۽ انهيءَ طرح حڪومت طرفان غازين جي ڀرتيءَ جي آڙ ۾ جيڪي الزام گهڙجي رهيا هئا، تن کي رد ڪيو ويو. انهيءَ عرصي ۾ خود پير صاحب جن جي ڪوٽ جي هندن تي حملي لاءِ تياريون ڪرايون وڃون. پس پرده مقصد اهو هو ته جيڪڏهين خود پير صاحب جن جي ڪوٽ جي هندن کي ماريو ويو، ته امن رکڻ خاطر غازين جي ڀرتيءَ وارو بهانو ٽٽي پوندو. جنهن رات اها سازش عمل ۾ اچڻي هئي، انهيءَ کان ڏينهن اڳ پير صاحب جن کي سانگهڙ ۾ بنگلي تي اطلاع پهتو ۽ اتان فوري حڪم نڪتا، جنهن تي پير صاحب جن جي ڪوٽ ۾ غازين پنهنجي طاقت جو اهڙو ته مظاهرو ڪيو، جو حملي آور حملي جي همت ئي نه ڪري سگهيا. پئي ڏينهن، شهر جا هندو وفد ڪري، سکر جي ڪليڪٽر وٽ پهتا ته پير صاحب جن جي غازين رات اسان جي جان بچائي آهي، اهڙيون تارون مٿي حڪومت کي به پهتيون. انهيءَ

کري "غازين" جي وجود کي حڪومت طرفان "خطرناڪ" ثابت ڪرڻ جي جيڪا اسڪيم هئي، سا في الحال ناڪامياب ٿي.

حڪومت طرفان هاڻي هڪ ٻي حڪمت عملي سوچي ويئي. هن واقعي کان ٻوروپوءِ، سکر جي ڪليڪٽر طرفان پير صاحب جن کي ملاقات لاءِ پيغام پهتو. پير صاحب جن خليفي احمد کي موڪليو ته وڃي ڪليڪٽر سان ملي. سکر جو ڪليڪٽر ڪوٺاوالا هو، جنهن سان خليفو احمد وڃي مليو ۽ گجراتيءَ ۽ ساٽس ڳالهايائين. ڪليڪٽر پارسي هو ۽ گجراتي سندس مادري زبان هئي. هو خليفي احمد سان نهايت سهڻو پيش آيو، ۽ ڪيس چيائين ته "پير صاحب جن کي هڪ خاص پيغام ڏيڻو آهي ته امن قائم ڪرڻ ۽ پاڻ جيڪو ڪم ڪيو اٿن، ان کان خوش ٿي سرڪار سندن لاءِ هڪ تلوار ۽ هڪ بندوق انعام طور مقرر ڪئي آهي، ۽ پڻ سندن واسطي خطاب جي سفارش منظور ڪئي آهي.' اميد ته پير صاحب جن هي انعام قبول ڪندا." خليفي احمد سڄو احوال اچي پيش ڪيو. پير صاحب جن چيو ته "ڪليڪٽر جو اسان جي طرفان شڪريو وڃي ادا ڪر ۽ ڪيس چؤ ته هٿيار اسان وٽ موجود آهن، ۽ 'پير پاڳاري' جو خاندااني خطاب ئي اسان لاءِ ڪافي آهي." خليفي احمد موٽي اچي ڪليڪٽر سان خبر ڪئي، جنهن تي ڪليڪٽر چيو ته "پير صاحب جن وڏي غلطي ٿا ڪن ـ گورنمينٽ سندن انڪار کي شڪ جي نگاهه سان ڏسندي!"

بس، گورنمينٽ طرفان پير صاحب جن جي خيالات ۽ رجحانات جي هيءَ آخري آزمائش هئي. هن بعد حڪومت کي يقين ٿيو ته پير صاحب تي گورنمينٽ سان وفادار ٿي رهڻ بابت کوبہ پروسو نٿو ڪري سگهجي. انهيءَ عرضي ۽ حڪومت طرفان، پوليس آفيسرن معرفت، پير صاحب جن جي مڙني برجستن مريدن خلاف ڪاغذي ڪارروايون مڪمل ٿي چڪيون هيون. پير صاحب جن هينئر سانگهڙ لڳ گڙنگ واري بنگلي کي اچي مرڪز بڻايو، ۽ سڄا ڇهه مهينا اتي رهڻ جو پروگرام رکيائون ـ انهيءَ لاءِ ته هن ڌاري حڪومت جي زبردستيءَ کي منهن ڏجي. پاڻ خاص برجستن ماڻهن کي سپاهيانہ زندگيءَ جي تربيت ڏنائون ۽ پوريءَ طرح آزمايائون. انگريزن خلاف سڄي جماعت ۽ عام طرح، ۽ غازين ۽ پين چوندڙ اکوائڻ ۽ خاص طرح، هڪ نئون جذبو پيدا ٿي چڪو هو. جئي نٿو سگهجي ته ان وقت پير صاحب جن جي طرفان انگريزن جي مخالفت جي سلسلي ۽ کڻڙي حڪمت عملي پيش نظر هئي. جيتوڻيڪ عام طرح اها ڳالهه مشهور ٿي چڪي آهي ته پير صاحب جن پنهنجي مريدن کي بندوقن ۽ رائفلن جي ٽريننگ ڏيئي انگريزن خلاف سنئين سڌي لڙائيءَ لاءِ تيار ٿي ڪيو، مگر انهيءَ قسم جي راءِ جي ڪابہ تصديق ٿي نٿي سگهي. انهيءَ ۽ کوبہ شڪ ڪونهي ته پير صاحب جن سڄيءَ جماعت توڙي غازين کي بيدار پئي ڪيو، ۽ ڪن خاص چوندڙ فقيرن کي سندن

حال آهر پوريءَ طرح ٽريننگ ڏيئي تيار ٿيئي ڪيو، مگر اهو چئي نٿو سگهجي تہ اها تياري ڪنهن فوري مقابلي لاءِ هئي. پير صاحب جن جي پيش نظر البتہ جماعت بنديءَ، اتحاد ۽ طاقت پيدا ڪرڻ جا فوري نظريا هئا- انهيءَ لاءِ تہ آيندي واري جدوجهد ۾ ڪاميابي حاصل ڪجي. ٻئي طرف، انگريز حڪومت پير صاحب جن کي ذهني طور پنهنجو باغي تسليم ڪري، ڪنهن بہ صورت ۾ فوري ٽڪر جي صورت پيدا ڪري، پير صاحب جن کي گرفت هيٺ آڻڻ ٿي چاهيو. انهيءَ اسڪيم کي ڪامياب بنائڻ لاءِ هيٺيان طريقا اختيار ڪيا ويا: (۱) هرقسم جي ڏوهہ کي بنا جانچ جونچ جي حُرن ڏانهن منسوب ڪري، خاص خاص برجستن ماٹهن جي گرفتاريءَ لاءِ رڪارڊ ٺاهيا ويا؛ (۲) ننڍن وڏن حرن لاءِ حد جي پوليس ٽاڻن تي هفتيوار حاضريون مقرر ڪيون ويون- ڪن تي هفتي جي بدران هر ٽئين روز، ٻئي روز، بلڪ روزانہ حاضريون مقرر ڪيون ويون؛ (۳) پير صاحب جن جي گرفتاري واري بنگلي تي چوڪسي لاءِ پوليس جو مختصر عملو مقرر ڪيو ويو، تہ من انهن تي حملو ٿئي تہ پير صاحب خلاف ڪارروائي ڪري سگهجي. پير صاحب جن انهن ٿنهي قدمن خلاف احتجاج ڪيو. خاص طرح، گورنمينٽ جو توجهہ روزانہ حاضرين ڏانهن ڇڪايو تہ جيئڪي ماٹهو روزانہ اٽڻ ڏهن ميلن جي مفاصلن تان پيدل هلي اچي ٽاڻن تي حاضريون ڏيندا، سي پنهنجن ڪارن ڪاجن لاءِ ڪهڙي وقت پورهيو ڪري سگهندا: فقط "حر" جي نالي کان متنفر ٿي، غريبن ۽ اشرافن کي هرقسم جي روزاني تڪليف ۾ مبتلا ڪرڻ انصاف ناهي!" باوجود هنن احتجاجن جي، حڪومت ويتر سختيءَ کان ڪم ورتو. انهيءَ تي پير صاحب جن حاضري ڏيندڙ ماٹهن مان ڏڻ ڪن برجستن ماٹهن کي گهرايو ۽ کين چيو تہ "فقيرو، هاڻي اڳتي لاءِ اوهين حاضري نہ ڏيو!"

ڪن جو چوڻ آهي تہ انهيءَ حڪم جو اهو مطلب هو تہ "اوهين حاضري ڏيڻ کان انڪار ڪريو ۽ پنهنجن ڳوٺن ۽ گهرن ۾ پنهنجو ڪم ڪار ويٺا ڪريو، پل حڪومت اوهان کي گرفتار ڪري. آخرڪار ڪيترن کي گرفتار ڪري پوري پوندي!" ٻين جو چوڻ آهي تہ پير صاحب جن حڪومت جي ضد ۽ ناانصافيءَ کان تنگ ٿي، انهن چوندڙ ماٹهن کي چيو تہ "اوهين روپوش ٿي وڃو، ۽ حاضريءَ لاءِ ٽاڻن تي هرگز حاضر نہ ٿيو، ڏسو تہ گورنمينٽ ڇا ٿي ڪري؟" بهرحال، پير صاحب جن کي يقيني طور هڪ قسم جي "سول نافرماني" مدنظر هئي. اهي چوندڙ فقير انهيءَ حڪم موجب حاضرين تي ڪوٺ ويا ۽ پنهنجي گروهہ جي مصلحت موجب روپوش ٿي ويا. جڏهن حڪومت طرفان پير صاحب تي زور ڀيو، تہ پير صاحب جن چيو تہ سرڪار انهن ماٹهن کي ڳولي هٽ ڪري، ٻئي طرف، چوندڙ سرڪاري ڪاموراهن سڄي معاملي سان وابستہ ڪيا ويا، جن انتظامي تدبر کان ڪم وٺڻ بدران، ملميل هدايتن موجب، ويتر هن باهم کي ٻڙڪايو ۽ پير صاحب ۽ فقيرن خلاف

هرقسم جون رپورٽون حڪومت کي موڪليندا رهيا. پير صاحب جن کي به انهن ڪامورن جي غيرمنصفانه بلڪ معاندانه روش بابت سڀڪجهه معلوم هو، انهيءَ ڪري جڏهن به اهي پاڻ يا سندن نائب پير صاحب جن کي ملڻ ٿي آيا ته پير صاحب جن به کين انهيءَ نقطه نگاهه کان ٿي ڏٺو. پير صاحب جن کي ڪن مريدن ۽ ٻين خيرخواهن طرفان مشورا ڏنا ويا ته انهن ڪامورن کي خوش ڪجي، مگر پاڻ چيائون ته رشوت اسان جي مذهب ۾ حرام آهي.

بهرحال، هيٺان موڪليل رپورٽن جي بناء تي، پير صاحب جن کي گڙنگ بنگلي تان نظربنديءَ جي حالت ۾ ڪراچيءَ وٺي ويا، جتي کين وڏي وزير چيو ته 'اوهان کي حفاظتي قانون موجب هتي رهڻو آهي ۽ ٻاهر نه وڃڻو آهي'. پير صاحب جن چيو ته 'جيڪڏهن اسان جو ڪو قصور هجي ته سرڪار اسان تي مقدمو هلائي، يا هت ڪراچيءَ ۾ رهڻ بابت تحريري حڪم ڏئي ته اسين انهيءَ پابنديءَ خلاف قدم کڻون'، مگر انهيءَ جو ڪو به جواب ڪونه مليو. انهيءَ تي پير صاحب جن آخري طور وڏي وزير (سرغلام حسين) کي چيو ته 'هيءَ بندش بيقاعدي آهي ۽ هت اسين وڌيڪ نه رهنداسون- اوهان کي جيڪي ڪرڻو هجي سو ڪندا'. ائين چئي پير صاحب جن راتو رات موٽر ذريعي ڪراچيءَ مان گڙنگ جي بنگلي تي پهتا. کين يقين ٿي ويو هو ته حڪومت بهرحال سندن ذات جي خلاف ڪارروائي ڪندي، انهيءَ ڪري فقيرن کي حڪم ڏيئي ڇڏيائون ته جي معاملو وڌي وڃي ته ڏنل هدايتن موجب پوري نظام هيٺ جدوجهد جاري رکن. اتان درگاهه شريف تي پهتا، ۽ جيڪي ڪي مختصر حڪم احڪام ڏيڻا هئا سي ڏنائون. ٻئي ڏينهن سندن نظربندي عمل ۾ آئي، ۽ کين ڪراچيءَ پهچايائون.

ان بعد، حڪومت طرفان پير صاحب جن جي خلاف بغاوت جي مقدمي لاءِ مواد گڏ ڪيو ويو. ٻئي طرف، سرويچ حُرن ڪارروايون شروع ڪيون. حڪومت طرفان حُرن جي همت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ، پير صاحب جن جي گڙنگ واري بنگلي کي گهيرو ڪرائي، سندن ڪٽنب کي نظربند ڪيو ويو ۽ ٻاهران سڀ لانڍيون ساڙايون ويون. ان بعد بنگلي تي بمباري ڪئي ويئي، ۽ درگاهه شريف تي پير صاحب جن جي حويلين ۽ ڪوٽ کي بارود ذريعي ڪيرايو ويو. پر، اهي ڪارروايون حرن جي همت کي پست نه ڪري سگهيون، ۽ هنن مردن "مارشل لا" کي مڙس ٿي منهن ڏنو. ان وقت سرزمين سنڌ جي هنن سورهين جيڪي پوليس ۽ ملٽريءَ سان مقابلا ڪيا، انهن ۾ سندن حڪمت عملي ۽ بهادريءَ تي هڪ جدا مضمون لکڻ جي ضرورت آهي. انهن مقابلن ۾ زالن به پنهنجن مردن جو ساٿ ڏنو، ۽ ڪن زالن جي همت ۽ بهادريءَ جا ڪارناما حيرت انگيز آهن: مطلب ته پير صاحب جن جي ڏنل تربيت انهيءَ حد تائين مؤثر ثابت ٿي، جو اڳواڻ

(پير صاحب) جي غيرحاضريءَ جي باوجود سپاهين (حُرن) پنهنجي نظام ۽ انتظام هيٺ جنگ جاري رکي. مقابلن ۾ وڏا مارجي ويا ته ننڍن سندن جايون ڀريون. انهيءَ دور ۾ ڪيترائي ملڪي ماڻهو، انگريزي حڪومت جي زور ۽ اثر هيٺ، جاسوس بنجي فقيرن جي پويان پيا. فقيرن جوابي حملا ڪري بدلو پئي ورتو. انهيءَ جنگ ۾ بيشڪ سُڪن گڏ ساوا به سڙي ويا. هڪ طرف ملڪ جا ڪي غريب ماڻهو بيگناهه مارجي ويا، ته ٻئي طرف "مارشل لا" جي آڙ ۾ ملٽريءَ وارن قهر ڪري ڇڏيا. نه فقط حُرن، پر پيرصاحب جي عام مريدن توڙي سندن تعلقدارن کي ٻارين ٻچين گرفتار ڪيو ويو ۽ کين نهايت بيدرديءَ سان جيلن ۽ ڪئمپن ۾ بند ڪيو ويو، جتي سوين ٻارڙا، زالون ۽ ٻڍڙا، بک ۽ بيماريءَ جي وگهي مري ويا! حيدرآباد جيل ۾ انگريزن پنهنجن جاسوسن کي برقعا پارائي 'حُرن جي سڃاڻپ' لاءِ ٿي موڪليو، ۽ انهن برقعي پوشن فقط پنهنجي آقائن اڳيان سرخرو ٿيڻ لاءِ نوجوانن تي هٿ ٿي رکيا، ۽ انهن نوجوانن کي محض انهيءَ 'سڃاڻپ' جي بنياد تي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ٿي ويو! چون ٿا ته هڪ دفعي، هڪ اهڙي برقعي واري، هڪ اهڙي ماڻهوءَ تي هٿ رکيو جو "مارشل لا" کان اڳ جو قيدي هو- تنهن جڏهن دانهون ڪيون، تڏهن وڃي 'برقعي پوشن' جي قلعي کُلي.

بهرحال، انهيءَ هيبتناڪ ماحول ۾، سنڌ جي ڪن وڏيرن ۽ زميندارن کان زبانيون ڏياري، پيرصاحب جن تي جان جي سزا مقرر ڪئي ويئي. چون ٿا ته پيرصاحب جن دستور موجب هميشه شب خيز هوندا هئا. هڪ انگريز آفيسر اچي ساڻن شطرنج راند ڪندو هو، ۽ پاڻ ان کان سڀ رانديون کٽندا هئا. حياتيءَ جي آخري رات به انهيءَ آفيسر پيرصاحب جن سان راند ڪئي، ته من پيرصاحب جن کي پنهنجي جان جو فڪر هجي ۽ انهيءَ ڪري کانئن راند کڻي سگهي. پيرصاحب جن کانئن دستور موجب وري به رانديون کٽيون، ۽ اها آخري رات پاڻ نهايت گهري ننڊ ڪيائون.

ان وقت سنڌ ۾ مارشل لا ۽ آفيسرن جي رعب تاب ذريعي اهڙو ته هيبتناڪ ماحول پيدا ڪيو ويو، جو پيرصاحب جن جي حمايت ۾ ڪن ٿورن کي حق جي ڪلمي چوڻ جي توفيق ٿي. ان وقت مسلم ليگ پوري طاقت ۾ هئي. جڏهن عليڳڙهه مسلم يونيورسٽيءَ مان ڪي شاگرد ان وقت وفد وٺي دهليءَ ۾ مرحوم لياقت علي خان کي وڃي مليا، تڏهن هن چيو: 'اسان کي پيرصاحب پاڳاري لاءِ پوري همدردي آهي، پر سنڌ جي مسلم ليگي ليڊرن ۾ جرات ڪانهي جو پيرصاحب جي حمايت ۾ ڪو هٿ ڊگهيرين، ۽ اسان کي مداخلت جو موقعو ڏين.' بهرحال، پيرصاحب جن ١٩٤٣ع ۾، اٺين بجي، ويهين مارچ تي، سر ڏيئي سرها ٿيا. چون ٿا ته مقدمي وقت حڪومت طرفان ڪن ماڻهن کي پيرصاحب جن ڏانهن موڪليو ويو ته جيڪڏهن پيرصاحب معافي وٺي ته حڪومت سندن 'معافيءَ' تي غور ڪندي.

پير صاحب جن چيو تہ 'معافي هڪ الله ۽ الله جي رسول کان وڌيڪ نصاري کان کهڙي معافي وڻي!' جڏهن شروع ۾ پير صاحب فقيرن کي تربيت ڏني، تڏهن کنهن هڪ فقير چيو تہ 'قبلا، انگريزن ڏي تڙي ڏيڻ ۾ ڪيئن ڪامياب ٿبو!' انهيءَ تي پير صاحب جن چيو تہ 'انشاءالله، اسان ۽ توهان مان جيڪي هوندا سي پاڻيهي رنگ ڏسندا!' بهرحال، پير صاحب جن ۱۹۴۳ع ۾ پنهنجي جان جي قرباني ڏني، ۽ ۱۹۴۷ع ۾ انگريزن ٽپڙ پڌاء.

پير صاحب جن جي ذاتي زندگيءَ بابت هيٺيون مختصر حقيقتون معلوم ٿي سگهيون آهن: (۱) بسا اوقات پنهنجي ماني پاڻ پچائيندا هئا، (۲) صبح جو وڏي اسر اڻي ورزش ڪندا هئا ۽ ان بعد نماز ادا ڪندا هئا، (۳) اڪثر موقعن تي پاڻ فقيرن سان گڏجي بيهي ڪم ڪندا هئا: هڪ دفعي ڪيڻيءَ ۾ لانڊين کي لوڙهو پٽي آيو تہ پاڻ به اچي پٽور ڪٽي لوڙهو ڏيڻ لڳا، هڪ دفعي فقيرن ڪٽڪ جون ڪوٽيون ڪٽي مٽي گدام تي ٽي رکيون تہ پاڻ به اچي ڪم ۾ شامل ٿيا، ۽ ڪوٽين کي ڪنڊن ۾ مضبوط هٿ وجهي يڪي اچل سان مٿي مٽيءَ تي پٽي چاڙهيائون، (۴) جيڪڏهن سندن ڪو فقير نقد آڻي نذر طور ڏيندو هو ۽ چوندو هو تہ 'قبلا، قبول پوي'، تہ پاڻ چوندا هئا 'قبول'، پر جيڪڏهن ڪو لک صلوات جو اڃي پيش ڪندو هو تہ چوندا هئا تہ 'قبول، آفرين هجيئي!' ائين چئي متن دعا گهرندا هئا، (۵) سندن دستور هو تہ پئسي جو نذرانو هٿ ۾ نہ وٺندا هئا، پر جيڪڏهن ڪو فقير ورهہ (ڪپڙ جون پاڙون) جا ڏنڊ آڻي نذراني طور پيش ڪندو هو تہ هٿ ڏگهيري کانئس وٺندا هئا، (۶) هڪ دفعي سيڪارجن کان اوپر ميرواهم تعلقي ۾ "تلي" جي دعوت تي هڪ مائي چٽن جي پلي چٻيءَ ۾ وجهي تحفي طور کڻي آئي - پير صاحب جن چيس تہ 'امان، اها سٽي ردي به تون سگهندينءَ جوئر جون مانيون ۽ اهو ساڳ ردي کڻي اچ، جماعت دعوتيءَ جي دعوت ڪائيندي، سان تنهنجي دعوت ڪائيندس'، (۶) سانگهڙ لڳ گڙنگ واري بنگلي تي هڪ ڊپٽي ڪليڪٽر کانئن پڇيو، 'پلا کهڙي سبب کان گورنمينٽ ۽ گورنمينٽ جي ڪامورن جي عزت نٿا ڪريو؟' پير صاحب جن جواب ڏنو تہ 'عام هلت چلت ۽ اطوار ڏسڻ بعد جڏهن اوهان جي عزت ڪرڻ جو رکو خيال اڃي ٿو، تہ مون کي پنهنجي نسل ۾ شڪ ٿو پوي تہ آڳ کو 'حسيني' آهيان!'

سندن علمي ۽ ذهني رجحانات تي هيٺ ڏنل ضميمي مان روشني پوي ٿي.

ضميمو

[نوٽ: رتناگري جيل ۾ پير صاحب هڪ بياض ۾ سلوڪ جي مختلف نڪتن کي منتخب ڪري قلمبند ڪيو. هن بياض جي ڇهرين صفحي تي انگريزيءَ ۾ هن طرح نوٽ آهي:

Gul Hayat Institute

Certified that this book contains 100 Pages
(?) Ellis
Superintendent R. Prison
16-4-31

ان بعد پير صاحب جن جي هٿ اکرين نوٽ: "هي ڪتاب اسان کي رتناگريءَ جي جيل ۾ ملیو- تاريخ ۱۲- ربيع‌الاول ۱۳۵۰هـ جي، مطابق ۲۸- جولاءِ ۱۹۳۱ع جي".

هن بياض مان انتخاب ڪيل مواد مان خود حضرت پير صاحب جن جي مطالعي، ذوق توڙي بلند اخلاق تي روشني پوي ٿي. سنڌي نثر ۾ پير صاحب جن جي عبارت به ڪن جاين تي نهايت مؤثر ۽ دلپذير آهي. هيٺ هن بياض مان، جو خود پير صاحب جن جي هٿ جو لکيل آهي، ڪي اقتباسات ڏنا وڃن ٿا.)

"بسم الله الرحمٰن الرحيم

"هن ڪتاب ۾ اسان نصيحت جهڙيون ڳالهيون لکنداسي، خاص خلق جي هدايت لاءِ ته. بچڻ ڪمن کان بيزار ٿين، خدا پاڪ کي ياد ڪن ۽ چيل نڪتا معرفت جا ڏنهن اسان جي ٻڌي ان تي عمل ڪن، ته پنهي جهانن جي تڪليف کان ڇٽن ۽ فيض باطني هٿ ڪن ۽ ڏنهن حڪم خداي پاڪ ۽ رسول جي منهن نه موڙن"- بيت فارسي:

"گردن از حڪم خدايت بر م تاب تا نماني روز محشر در عذاب"

[حڪايت پهرين]: "هر جيڪو مريد ساڻ سچي ايرادي جي مرشد ٿو وٺي ۽ امر مرشد پنهنجي جو بجا نٿو آڻي، اهو مريد ڏنهن فيض حقيقيءَ جي نااميد رهندو. مريد کي جڳائي ته ڪو نڪتو معرفت جو ڏنهن پير جي ٻڌي، ان کي منجهه ورقن دل جي لکي ۽ عمل ڪري، ته انشاءالله تعالي ڏنهن برڪت مرشد جي فيض وارو ٿيندو. اي يار منهنجا! هي جيڪي اسين چئون ٿا، اهو حق آهي ۽ اوهان حق ڇاڻو." بيت فارسي:

"هر نقطه از شگفته باغي، افروخته تر ز شب چراغي،
لفظش چو طراوت جواني، معنيٰ چو آب زندگاني."

[حڪايت پي]: "اسان هي ڪتاب نايات ان لاءِ لکيو آهي ته طالب خدا جا مطالع ڪن ۽ سير ڪن باغ حقيقت جي جو ۽ سنگهن گل معرفت جو، ڇاڪاڻ جو مغز ماڻهن جو ڏنهن زڪام پي ايرادي جي بيمار آهن، سو ڏنهن بوءِ گل معرفت جي مغز ۽ روح طالب جو سرهو ٿئي ۽ دل خوشحال ٿئي-جيئن جو فارسيءَ واري چيو آهي:

"چنين گفت مردِ سخندان بمن، که اي باغبانِ رياضِ سخن،
درين روضهٔ پاک مي نوشان، درختِ معاني بسه نوعِ نشان،
که هرکو خورد ميوهٔ زين درخت، نشانند را گويد اي نيک بخت."

"اي عزيز، علم جو آهي سو مثال درخت ميوه دار جي آهي، پوءِ هر جيڪو هو درخت پوکيندو، اهو عجيب حڪمت جا ميوا کائيندو. اسان اوهان مريدن لاءِ هي ڪتاب مثال درخت جي پوکيو آهي: اوهان اسان جي حڪم تي عمل ڪري، هن درخت جا ميوا کائو."

[حڪايت ٽي]: "هزار نکتهٔ باريک تر از موئي اينجا ست،
نه هر کس سر بتراشد قلندري داند.

"اي دوستو! هر نڪتو جو اسان چيو آهي، ان کي سچو ڄاڻو، ڇا لاءِ جو ڏنهن هر حرف جي سؤ معنائون غيبي آهن ۽ ڏنهن هڪ هڪ ڪلمي جي هزار هزار لطيفا لاريبي آهن: ڏنهن هر عبارت جي فيض عام ۽ ذوق تمام، ۽ ڏنهن هر معنيٰ جي مفهومات بلانهايات آهي، ۽ ڏنهن هر ادراڪ جي مقامات بسيار، ۽ ڏنهن هر حالت جي اهڙو ذوق، جو ان کي تارازي بيان جي نه توري- يعني ڪوبه ان جو بيان ڪري نه سگهي ــ هتي هي بيان ختم ٿيو."

[حڪايت چوٿين]: "هاڻي هتي اسان بيت فارسي شروع ٿا ڪريون. هي بيت گهڻن ڪتابن مؤن چونڊي اسان لکيا آهن، وڏيءَ تڪليف سان- خاص ڪري تڪليف واريءَ جاءِ ۾. ان لاءِ، هر پڙهندڙ تي واجب آهي تہ کي نہ کي بيت لکيل اسان جا ياد ڪري، ڇا لاءِ جو هرهڪ بيت عجيب معنيٰ، ساڻ سهڻي مطلب جي، رکندو آهي: ان لاءِ اوهان بيت ياد ڪريو. جنهن ماڻهوءَ کي هي بيت ياد هوندا، اهو ماڻهو هر هنڌ گفتگو ۾ اهي بيت ڪم آڻي سگهي ٿو ۽ ڪنهن به گالهه جي رد ۾ يا مثال لاءِ يا نصيحت لاءِ چئي سگهي ٿو. هي بيت هنن ٽالن وارن ڪتابن مؤن چونڊي ڪيا ويا آهن: هڪ انوار سهيلي، ٻيو حافظ ديوان، ٽيون بوستان، چوٿون گلستان. پهريؤن اسان انوار سهيلي جا بيت لکون ٿا:

"بسم الله الرحمٰن الرحيم

"بحڪمت حل هر مشڪل توان ڪرد، بحڪمت ڪام دل حاصل توان ڪرد"- الخ.

* * *

[صفحي ۳ تي سڄي پاسي نوٽ لکيل آهي تہ]. "هتان کان اڳتي ڪاٿهين به وٽ تي سائي مس سان لکيل هجي، ان کي اسان جو چوڻ سمجهندا. اسان چگا نڪتا ٿورن جملن ۾ هدايتن وانگر لکيا آهن، اوهان مريدن تي فرض آهي تہ حڪم تي عمل ڪرڻ".

[ان بعد حاشيہ تي مس سان هيٺيان نڪتا لکيل ملن ٿا].

(۱) "سچي تي ڪاوڙ ڪرڻ، اها خراب ڳالهه آهي. اي دوست، جي سچو آهين تہ سچي ڪي مان ڏي."

(۲) "جو شخص غيرحاضر آهي، ان جو حصو حاضر آهي."

(۳) "اي دوست، حرص نہ ڪيو، جو حرص قاتل آهي؛ حريص جو حرص نہ ڪر، جي مرد آهين."

(۴) "هزار عبادت هڪ گناهه جي مقابلي ۾ نيست آهي، يعني گهٽ آهي."

(۵) "اي دوست، جي تون پنهنجي نفس کي پهتين، تہ گويا ڪ خدا کي پهتين. اي يار! نفس کي شڪار ڪر، جو عجب شڪار آهي."

(۶) "ناجنس جي دوستيءَ کڻ موت کي پلو جاڻ ۽ ان جي دوستيءَ ۾ پلو نہ ڏسندين."

(۷) "علم ۽ حيا ۽ فياضي ۽ رحم ـــ اهي مثال مان جاڻ: انهن شين کي هٿ کڻ نہ ڇڏ."

(۸) "اي يار، پيٽ تنهنجو دشمن آهي: ان لاءِ روزا گهٽا رکي علاج، پيٽ جو ڪر، جو اهو ايذاءَ بهتر آهي."

(۹) "ڪوڙي جي حڪومت کن لمحن تائين هلي سگهندي، سچي جي حڪومت تاقيامت آباد هوندي. اي يار، ڪوڙ کان بچ جو ڪنڇي ايمان جي آهي ۽ ڪوڙي تي خدا جي لعنت آهي."

(۱۰) "اي دوست، حساب پنهنجو صاف رک، پوءِ چڪ نہ ڪر، اهو چيو ياد ڪر."

* * *

[اڳتي هڪ نوٽ]. "'حافظ ديوان' جون هن ڪتاب ۾ ڪل رباعيون اسان پاس ڪري (۶۸) اٺهٺ لکيون آهن. اهي سڀ رباعيون ۲۸ تاريخ آڇر جي ڏينهن لکي ختم ڪيونسي. رتناگيري جيل ۾، مهينو جمادي‌الاول ۱۳۵۰هـ مطابق ۱۱- آڪٽوبر ۱۹۳۱ع- صحي سيد پير محمد صبغت‌الله هاشمي جلالي، وقت نوَ سادا."

* * *

ـــ"هي سڀ بيت [فارسي] ملفوظات حضرت روضي ڏڻي واريءَ مڙن اسان چونڊي لکيا آهن. اوهان پڙهندڙن کي تاکيد ٿو ڪجي تہ هنن بيتن مڙن ٿورا گهٽا بيت ضرور ياد ڪن، جالاءِ جو عجب معنيٰ ۽ شوق ذوق رکندا آهن. لکي ختم ڪياسي تاريخ ۵ جمادي‌الاخر جي ۱۳۵۰هـ، مطابق ۱۷ آڪٽوبر ۱۹۳۱ع جي، رتناگيري جيل ۾. ـ صحي سيد پير محمد صبغت‌الله شاهه هاشمي جلالي راشدي حسيني شاهه مردان."

"هي 'بوستان' جا بيت تاريخ ۱۲- جمادي‌الاخر چنڇر جي ڏينهن ۱۳۵۰هـ جي رتناگيري جيل ۾ اسان لکي ختم ڪيا، مطابق ۲۴ آڪٽوبر ۱۹۳۱ع جي. ـ صحي سيد پير محمد صبغت‌الله شاهه هاشمي، جلالي، راشدي، شاهه مردان شاهه."

* * *

[صفحي ۲۷ تي]. "هتؤن کان اڳتي اسان کي ڳالهيون هدايتن جهڙيون ٿا لکون، جي ڳالهيون اوهان مريد منهنجا سچائيءَ سان پڙهندا ۽ چگيءَ صورت لکيلن حڪمن تي عمل ڪندا، ۽ مطالع ڪرڻ هن ڪتاب جو سير ڪرڻ باغ حقيقت ۽ سنگهڻ گل معرفت جي جو آهي هرڪنهن شائق طالب لاءِ، ڇالاءِ جو ڏنهن زڪام بي ارادي جي مغز عام خاص جو خالي آهي: جنهن کي جا مٿين بيماري نه هوندي، اهو ڏنهن هنن حڪمن جي ۽ ٻين حڪمن جي به غافل نه رهندو ۽ پنهنجيءَ قوت آهر کا کوتاهي نه ڪندو. اي دوستو، مون کي ڏنهن خزاني فراق جي انعام مليو آهي: ان انعام ۾ اوهان کي به حصيدار ڇاڻي سچن ۽ ايمان وارن لاءِ هي نڪتا گڏ ڪيا آهن، تہ من ڪنهن کي فيض رسي. اي مريد منهنجا، دل منهنجي منجهہ جنبي فراق جي آهي، مثل بلبل جي، ۽ هر وقت مٿي زبان جي هي بيت ورد ڪندڙ آهي:

"ڪجا شد سروِ من يا رب ڪ در بستان نمي بينم،
شدم مشتاق چون بلبل، گل و ريحان نمي بينم.

معنيٰ بيت جي: ڪاڏي ويو سرو منهنجو، اي الله پاڪ، جو منجهہ باغ جي نڪو ڏسان مون، مون ٽيس سڪايل بلبل جيئن گل ۽ پوءِ نڪو ڏسان مون.

"اي يارو، اڄ دل منهنجي نہ مٿي فرش جي آهي، بلڪ مٿي عرش جي آهي. ان ڳالهہ لاءِ آيت شاهد آهي: "قلوب المومنين حرم الله."

هتي هي بيان ختم ٿيو، اڳتي اسان هڪ ڪافي ٿا لکون، جا اسان جي ڏاهيل آهي.

"ٽل: مون کي هٽي ڪو جادو سهڻا يار دل لٽي وئين،
ڪري چشمن سندو ڪو چالو، سر ساهہ ٻئي سٽي وئين.

۱. ڪري پهريون مٽيون تو ڳالهيون، وڃائي يار دل کي دواليون،
هٽي نيٽن سنديون دونياليون، منهنجا دوست دل ڦٽي وئين.
۲. تنهنجو عشق آهي قهري، مثل، يرا! باز بحري،
وڃي بلبل جيئن ٽو سحري، تيئن جهٽ منجهہ دل جهٽي وئين.
۳. "صبغت الله" جي سڻ تون زاري، ڪر ڪا تون ستاري،
هيڪر ڏيئي ڏيکاري، تہان پوءِ منهن مٽي وئين."

[صفحي ۲۸ تي حڪايت ۱۳]: "اي مريدو! هن وقت جو ماٺهن منجهہ بيدينيءَ جي موج هلي رهي آهي، ان خراب حالت کي مدنظر رکي، اسان کي ڳالهيون، کي بيت، ڪن ڪتابن مان چونڊي، اوهان جي فائدي لاءِ لکيون آهن. هن وقت جو سن ۱۳۵۰هـ ۾ بجاءِ عدل جي ظلم، بجاءِ علم جي جهل ۽ بجاءِ ادب جي بي ادبي ۽ بجاءِ سچ جي ڪوڙ، ۽ بجاءِ رحم جي غضب باقي رهيو آهي، اڪثر هر اخلاق موچارا، ساڻ وصفن بچڙن جي مبدل ٿيا آهن ـ جيئن حافظ شيرازيءَ چيو آهي:

”اين چه شر ريست در دور عمر مي بينم
همه آفاق پر از فتنه و شر مي بينم.“

”اي دوستو! زمانو گهڻو خاصو آهي، پر ڪو خود پاڻ خاصو ٿئي؛ زماني کي خراب چوڻ، اها خود بيجائي آهي، زماني کي خراب چوندڙ خود پاڻ خراب آهي؛ زمانو خراب نه آهي، بلڪ ارڪان ماڻهن جا خراب آهن. ان لاءِ، اوهان سچن ايمان وارن مريدن کي جڳائي ته جو هر نڪتو ڏنهن زبان وحي ترجمان ڏنهن پير پنهنجي ٻڌي، ان کي منجهه ورقن دل جي، حڪم مرشد پنهنجي جا لکي ۽ عمل ڪري ته فيض وارو ٿئي ۽ منهنجي دل کي خوش ڪري، جو مان چڱيءَ نيت سان هي ڪتاب ۽ بيا ڪتاب اوهان جي فائدي لاءِ لکيا آهن. اي يارو! علم جو آهي سو مثل وحشي آهي، مون ان کي منجهه ورقن ڪتاب جي لکي قيد ڪيو آهي، جيئن جو هر لفظ مثل گلاب جي معطر منجهه شيشي ڪتاب جي گڏ ڪري، مٿي دڪان اشتهار جي رکيو، جو مغز هر خاص و عام جو ڏنهن زڪام بي ايراد تيءَ جي بيمار آهي. ان لاءِ، اوهان وٺو بهرو هن ڪتاب مؤن، جو ڏيکاري ٿو واٽ سچائيءَ جي. هي بيان هتي ختم ٿيو. ٻيو ته اسان هن ڪتاب ۾ بيت سنڌي، فارسي غزل، سنڌي فارسي ڪافيون سڀ لکيون آهن، ڇالاءِ جو فارسيءَ واري چيو آهي:

”سخنها ز بدمست و از خردمند،
نظم و نثر بايد داد پيوند.

”ٻيو ته اسان بيتن جون معنائون ڪونه لکيون آهن، ڇالاءِ جو سڀ ڳالهه جي مطلب تي ظاهر آهن ۽ معنيٰ به ظاهر پيئي نظر اچي، ۽ جي لکون ها اسان معنيٰ بيتن جي ته جيڪر ٿوري ڳالهه به وڏي ٿي پوي ها.

”جڳائي ڪرڻ يار ٿورو بيان،
ٿئي ٿو سمجهه منجهه سڀ کي عيان.“

* * *

[حڪايت ١٨]. ”اي مريد منهنجا، غنيمت ڄاڻو عمر پنهنجيءَ کي: ان وقت ٿوريءَ عمر جي ۾ ٻنهي جهانن جو ڪم راس ڪيو. همت پنهنجيءَ جا گهوڙا ڏنهن طرف باغيچي بهشت جي ڊڪايو، ۽ پنهنجي منزل ساڻ خير جي پڄايو.“

[صفحي ٣٢ تي ۽ ان کان اڳتي ”بيت سنڌي اسان جا ٺاهيل“ جي عنوان سان پنهنجا چند بيت قلمبند ڪيا اٿن - مثلاً:]

”جڳائي مدامي ذڪر سان زبان - نه ڪوڙي دنيا جو ڪجي ڪو بيان
سچائيءَ سندو يار کڻ تون قدم - چيو آ عجب دوست منهنجي قلم
پنڻ تي ڀريو آهي پيرن زور - پنڻ ڪم انهيءَ جو، جو گانڊو لغور
پنن پير ٿا پيا هميشه مُدام - وڃي ڪن ٿا ماڻهن جو گهر منجهه سلام

رکن پير ٿا دزد مثل گرگ جي - مريدن کي ڀائڻ مثل مُرغ جي
نہ پيرن ڪئي خلق جي رهبري - پڳ ۾ ٻڌن ٿا ڪوڙن جي ڀري
رکج يار تون پانهنجي صاف دل - ڪري خيال ڏس جو تون آهين امل
دل کي رکج تون هميشه صفا - ڪوڙي دنيا جا ڇڏي سڀ خفا
زبان دل جنهين جي ٿئي هڪ يار - تنهين تان سوين سر آهن نثار."

[صفحي ٧٧ تي حڪايت ٣٩٧ نقل ڪري، ان بعد لکن ٿا]: "مُنڊ کؤن وٺي هيستائين جو ڪجهہ لکيل آهي، سو اسان رتناگري جيل ۾ لکيو آهي. مدناپُر سينٽرل جيل بنگال ۾ ڪجهہ بہ نہ لکيو اٿسي، ۽ اسان جيل ۾ ڪتاب ٺاهڻ بند ڪيو آهي - اُن جا سبب هي آهن: هڪ تہ سرڪار اوهان کي اسان جا لکيل ڪتاب نٿي ڏئي، ٻيو تہ اسان کي بہ ٺاهڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي - اُن لاءِ اسان هتي ڪتاب لکڻ بند ڪيا آهن. جي حياتي آهي تہ ٻاهر اچي لکنداسي، هتي فقط ڪتاب پڙهندا وڃون ٿا، ۽ جيڪي ڳالهيون يا مثال لکڻا آهن، انهن تي نيشان ڏيندا ٿا وڃون. اُميد تہ يا اوهان يا اسان، اُهي سڀ ڳالهيون گڏ ڪندؤ - آمين!

صحي: سيد پير محمد صبغت‌الله شاهہ جلالي راشدي."

[وري ڪتاب جي آخري صفحن (١٢٢ کان کاٻي پاسي) تي "ديوان حافظ" مان اشعار ۽ چند اردو اشعار نقل ڪيا اٿن.]

["مهراڻ" - سوانح نمبر - ١٩٥٧ع، تان کنيل]

Gul Hayat Institute

رئيس غلام محمد پرڳڙي

ڊاڪٽر حميده کهڙو

مترجم: مراد علي مرزا

ويهين صديءَ جي شروعاتي دور ۾ هندستان جي سياسي آسمان جو روشن ترين تارو لاشڪ رئيس غلام محمد پرڳڙي ٿي هو. پنجيتاليهن ورهين جي ننڍيءَ ڄمار ۾ جڏهن هو پنهنجي اوج تي هو، تڏهن سال ۱۹۳۴ع ۾ سندس وفات جي ڪري سموري برصغير ۾ خاص ڪري سنڌ هڪ دانائ ۽ معتدل قوم پرست کان محروم ٿي ويو. ٻيءَ صورت ۾ هندستان جي سياست کهڙو رخ اختيار ڪري ها، اهو سياست جو هڪ ويچار جوگو نڪتو آهي. افسوس جي ڳالهه هيءَ آهي ته هن عظيم انسان جي زندگيءَ ۽ ڪارنامن تي ڪو ڪم ٿي کوٽ ٿيو آهي، هن لاءِ هڪ مخلص سوانح نويس جي ضرورت آهي ته جيئن قومي رهنمائن جي ست ۾ کيس حقيقي ۽ مانائتي جاءِ ملي سگهي. آءٌ هت سندس زندگيءَ جو هڪ مختصر خاڪو ڏيڻ گهران ٿي ۽ اميد اٿم ته اسان جا نوجوان محقق انهيءَ کي مڪمل ڪندا.

رئيس غلام محمد پرڳڙي هرلحاظ کان هندستاني قومي تحريڪ جو هڪ برڪ اڳواڻ هو، پر عام طرح ماڻهن کي هن جي باري ۾ تمام گهٽ معلومات آهي. هو هڪ نامياروڪيل ۽ لکپڙهه جو ماهر هو، پر سندس ڪابه تحرير سلامت نه رهي آهي. ڪتابن ۽ دستاويزن ۾ ڪٿي ڪٿي سندس حوالا اچن ٿا، پر سواءِ سن ۱۹۷۲ع ۾ ڪلڪتي مان ڇپايل (Dictionary of National Biography) (قومي سوانح جي لغت) جي، ڪٿي به سندس زندگيءَ جو احوال نه ٿو ملي، تنهنڪري اسان کي جناب جي-ايم-سيد جا ٿورا مڃڻ گهرجن، جنهن پنهنجي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" جي جلد اول (۱۹۶۷ع) ۾ وڏي تحقيق ڪري هڪ خاڪي جي صورت ۾ هن بابت خاصي تفصيل سان لکيو آهي. منهنجي هن مضمون جو مواد محترم جي-ايم-سيد جي تحقيق، ٻين ڪتابن ۽ ٽريول پکڙيل تحريرن ۽ منهنجي والد سميت انهن شخصن جي بيانن تان ورتل آهي، جيکي هن کي ٿورو گهڻو سڃاڻندا هئا.

رئيس جي-ايم- پرڳڙي سن ۱۸۷۸ع ۾ سنڌ جي تعلقي جيمس آباد جي ڳوٺ ڊينگاڻ ۾ پيدا ٿيو هو. سندن بزرگ ديري غازي خان مان گهٽا نسل اڳ لڏي

اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا هئا. غلام محمد ڀرڳڙي جو پيءُ ان وقت وفات ڪري ويو، جڏهن هن جي عمر اڃا ڏهه ورهيه هئي، تنهنڪري سندن ملڪيت جي نظرداري ڪورٽ آف وارڊس جي حوالي ٿي. ڳوٺ جي مدرسي ۾ شروعاتي تعليم وٺڻ کان پوءِ هو حيدرآباد جي مشن هاءِ اسڪول ۾ ۽ پوءِ حيدرآباد جي ئي نولراءِ هيرانند اڪيڊميءَ ۾ پڙهيو. ٿورو عرصو هن ڪراچيءَ جي سنڌ مدرسي ۾ پڻ تعليم حاصل ڪئي، جتان عليڳڙهه هليو ويو ۽ اتي مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. سنڌ ۾ واپس اچڻ کان پوءِ هڪ روشن خيال ۽ وچولي زميندار جي حيثيت ۾ حياتي گذارڻ لڳو ته هڪ اهم واقعي سندس زندگيءَ جو رخ ئي بدلائي ڇڏيو. هڪ ڀيري رات جو ٿرپارڪر ۾ شادي پلي اسٽيشن جي ويجهو هڪ ڊاڪ بنگلي ۾ رهيل هو ته، کيس اهو بنگلو هڪدم خالي ڪرڻ لاءِ چيو ويو، ڇو جو اتي هڪ انگريز عملدار کي اچي رهڻو هو. رئيس غلام محمد ڀرڳڙي بنگلي خالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو، جنهن تي اسسٽنٽ ڪليڪٽر ڪاوڙجي پيو ۽ هن قلم ۱۱۰ هيٺ کيس سبق سيکارڻ جو فيصلو ڪيو. ڀرڳڙيءَ جي دوستن کيس ملڪ ڇڏي وڃڻ جي صلاح ڏني، جنهن تي هو انگلستان هليو ويو، جتي ٽي سال رهي، بئريسٽري جو امتحان پاس ڪري، سال ۱۹۰۸ع ۾ وطن موٽي آيو.

واپس اچڻ کان هڪدم پوءِ جي-ايم- ڀرڳڙيءَ حيدرآباد ۾ وڪالت شروع ڪئي، جتي جلدئي سياسي سرگرمين ۾ وڌ ۾ وڌ حصو وٺڻ لڳو. انهيءَ زماني ۾ حيدرآباد، صوبي جي سياسي سرگرمين جو مرڪز هوندو هو. صوبي جي سياسي ۽ سماجي زندگيءَ جا برڪ اڳواڻ ان وقت حيدرآباد ۾ ئي رهندا هئا ۽ اتي ئي مصروف هوندا هئا. انهن مشهور شخصيتن مان هڪ مولانا عبيدالله سنڌي به هئا، جن حيدرآباد ويجهو پير جهنڊو ڳوٺ ۾ "دارالرشد" قائم ڪيو هو. نوجوان هندو ڪارڪن پيدا ڪرڻ لاءِ پنجاب جي گروڪل آشرم جي سنياسين "برهم آچاريه آشرم" قائم ڪيو هو. مشهور ڪانگريسي سياستدان آچاريه ڪرپالاڻي جي وڏي ڀاءُ اسلام جي تبليغ شروع ڪري ڏني هئي. انهيءَ کان سواءِ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ به ڪيترائي ماڻهو سرگرم عمل هئا. ڀرڳڙي جلدئي دوستن ۽ همخيال ڪارڪنن جي هڪ وڏي سَٿَ پيدا ڪئي، جن ۾ هندو به هئا ته مسلمان به، جهڙوڪ سنتداس منگهارام، ڄيٺمل پرسرام، جيرامداس دولترام، عبدالقادر حافظ، عبدالرحمان بئريسٽر، مسٽر عبدالجبار، شيخ عبدالمجيد سنڌي، (جنهن تازو اسلام قبول ڪيو هو). شيخ صاحب جناب ڀرڳڙي وٽ رهڻ لڳو ۽ سندس اخبار 'الامين' کي ايڊٽ ڪرڻ لڳو. غلام محمد ڀرڳڙيءَ جي سياسي دوستن ۾ سيٺ هرچندراءِ وشنداس، غلام علي چاڳلا، سيٺ يوسف علي علوي، غلام حسين قاسم، جعفر فدو ۽ ٻيا شامل هئا. انهن سياستدانن مان گهڻا ڪراچيءَ ۾ رهندا هئا. اتي سندن سرگرمين جو هڪ مرڪز

اسلام کلب هئي، جيکا 'گانڊي گارڊن' جي ويجهو هئي ۽ جتي معزز مهمان پڻ ايندا هٿا ۽ ترسندا هٿا.

سال ۱۹۰۹ع ڌاري پرڳڙي آل انڊيا نيشنل ڪانگريس جو رڪن ٿيو. هن کي ان چار رڪني وفد لاءِ پڻ چونڊيو ويو هو، جنهن کي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ سنڌ جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ آماڻيو ويو هو. جي. ايم. پرڳڙيءَ کي زميندارن ۽ جاگيردارن جو عيوضي چونڊيو ويو هو ۽ ساٿس سيٺ هرچنداڻي کي سنڌ جي ميونسپالٽين جي عيوضي طور موڪليو ويو. اهي ٻئي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۾ غير سرڪاري جماعت سان وڃي ڳڏيا، جنهن جو اڳواڻ سر فيروز شاهه مهتا هو.

بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل جي رڪن هجڻ واري عرصي ۾ پرڳڙي پنهنجي صوبي ۽ عام ماڻهن جي حالت سڌارڻ، هندستان جي مسلمانن جي حالتن کي بهتر ڪرڻ ۽ پڻ هندستاني قومي تحريڪ جي سياسي مسئلن کي حل ڪرڻ جي لاءِ ڪيترائي آپاڻ ورتا.

هن آڻي "مسلم ايجوڪيشن سيس بل" آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سرڪار جي مخالفت سبب اهو رد ٿي ويو. جي. ايم. پرڳڙي پنهنجي تڪ جي ماڻهن کي هر سرگرمي ۽ سياسي صورتحال کان واقف ڪندو رهيو. هن صوبي جي هر تعليم يافته ماڻهوءَ سان لکپڙهه ذريعي رابطو رکيو. اهڙيءَ طرح هن سنڌين جي سياسي تعليم تي خاص ڌيان ڏنو. سندس انهن ڪوششن جي ڪري ٿي "رسائي ڪميشن" جو قيام عمل ۾ آيو، جنهن جي ڏنل رپورٽ تي حڪومت ايترو تم پريشان ٿي جو، رسائيءَ جي لعنت کي ختم ڪرڻ لاءِ سخت آپاڻ ورتا ويا. جي. ايم. پرڳڙي ۽ سندس ساٿين، جن ۾ اهم هندو سياستدان به شامل هٿا، سنڌ جي علحدي حيثيت قائم ڪرڻ جي سلسلي ۾ انگريز سرڪار کي مچارائڻ لاءِ ۽ بمبئي سان شامل رهڻ ۽ جيئن ان وقت جي ڪن انگريز عملدارن جو خيال هو تم سنڌ کي پنجاب سان شامل ڪيو وڃي، سخت ڪوششون ڪيون.

جنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ جڏهن هندستان جو سيڪريٽري آف اسٽيٽ سر ايڊون مانٽيگو هندستان جي گشت تي آيو هو، تڏهن جي. ايم. پرڳڙي هڪ وفد ٺاهي هن سان ملاقات ڪئي هئي. انهيءَ وفد جي موقف مانٽيگو کي ڏاڍو متاثر ڪيو، پر بمبئي سرڪار جي زور سبب تم سنڌ بمبئيءَ سان ٿي شامل هجي، ساڳي صورتحال کي ٽوري عرصي جي لاءِ قائم رهڻ ڏنو ويو.

عام پلي جي قانون سازيءَ جي انهيءَ مصروف پروگرام کان سواءِ رئيس غلام محمد ڪل هند قومي سياست ۾ پڻ پرپور حصو وٺندو هو.

هن انڊين نيشنل ڪانگريس جي انهن سيني سالياني جلسن ۾ شرڪت ڪئي، جيڪي ان زماني ۾ ڊسمبر جي مهيني ۾ ٿيندا هٿا. سندس ۽ سندس ساٿين جي اڏر هيٺ هر سال سنڌ جي وفد جو تعداد وڌندو ويو. سال ۱۹۱۰ع واري جلسي ۾ سنڌ

جا ۵۸ عيوضي شريڪ ٿيا هئا ۽ ساڳيءَ ريت ان کان پوءِ جي سالن ۾ اهڙن عيوضين جو تعداد وڌندو ويو. سال ۱۹۱۱ع ۾ هن پنهنجن ڪن ساٿين سان گڏجي آل انڊيا مسلم ليگ جي سنڌ شاخ جو پايو وڌو. پرڳڙيءَ، وشنداس ۽ ٻين جي دعوت تي سال ۱۹۱۳ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جو ميڙ ڪراچيءَ ۾ ٿيو هو.

آل انڊيا ڪانگريس جو اڻاويهون ميڙ نواب محمد بهادر جي صدارت هيٺ ۲۶ کان ۲۸ ڊسمبر تائين ۱۹۱۳ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ٿيو، جنهن ۾ سر آغا خان، ايم. اي. جناح، لالا لجپت راءِ، ڊنشا واچا ۽ ٻين معزز ۽ معروف ماڻهن حصو ورتو. حڪومت جي ظاهري مخالفت ۽ پروپيگنڈا جي هوندي به، تہ جيئن سنڌ جي فرمانبردار مسلمانن ۾ ڪو ڏڪير نہ پوي، اهو ميڙ ڏاڍو ڪامياب ٿيو هو. ان کان پوءِ جلد ئي رئيس غلام محمد پرڳڙي پاڻ سان هڪ وڏو وفد ساڻ ڪري، آگري روانو ٿيو، جتي سر ابراهيم رحمت‌الله جي صدارت ۾ ۳۰- ڊسمبر تي مسلم ليگ جو سالياڻو ميڙ ٿيڻو هو. انهيءَ موقعي تي ترقي پسند قومي اڳواڻن جي هڪ وڏي حصي ۾ اهو احساس پيدا ٿيو تہ پنهن وڏين قومي جماعتن جهڙوڪ انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ کي هڪ ٻي هندوستان جي آئيني جدوجهد واري مقصد کي حاصل ڪرڻ گهرجي. سال ۱۹۱۴ع ۾ پهرين عالمي جنگ شروع ٿي ويئي هئي ۽ اتحادي طاقتون جنگ ۾ فتحيابي حاصل ڪرڻ لاءِ هندوستان جي سهڪار واسطي بيچين هيون ۽ اهڙيءَ ريت هر قسم جي وعدن ڪرڻ جي حالت ۾ هيون. برطانوي حڪومت کان هندوستان لاءِ "هوم رول" يا "ڊومينين اسٽيٽس" حاصل ڪرڻ جو اقرار وٺڻ خاطر محسوس ڪيو ويو تہ انگريز حڪومت کي وڏين جماعتن جي طرفان گڏيل رٽون تيار ڪري پيش ڪجن، تنهن ڪري پنهي جماعتن جي دور انديش اڳواڻن گڏجي ان مقصد جي لاءِ ڪم ڪيو، جن ۾ ايم. اي. جناح، سيد وزير حسن، رئيس غلام محمد پرڳڙي ۽ راجا صاحب محمودآباد اهم اڳواڻ هئا. ان جو نتيجو مشهور لکنؤ ڪانگريس ۾ نڪتو. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ پنهي پنهنجا سالياڻا اجلاس لکنؤ ۾ ڪيا، جتي جناح ۽ پرڳڙي ٻئي راجا محمودآباد جا مهمان هئا. اتي لکنؤ ڪانگريس ٿيو ۽ سرڪار جي اڳيان گڏيل تجويزون رکيون ويون. انهن تجويزن جو جيڪو نتيجو نڪتو، اهو تاريخ جو حصو آهي.

سال ۱۹۱۷ع ۾ ڪانگريس جو عام اجلاس ڪلڪتي ۾ ٿيو، جنهن جي صدارت اني بيسنٽ ڪئي. جيڪي جنرل سيڪريٽري چونڊيا ويا، انهن ۾ هڪڙو جنرل سيڪريٽري رئيس غلام محمد پرڳڙي به هو. هن کي آل انڊيا ڪانگريس جي ورڪنگ ڪميٽيءَ تي به ڪنيو ويو هو، جنهن جو هو اڪيلو سنڌي مسلمان رڪن هو. سال ۱۹۱۸ع ۾ جنگ ختم ٿيڻ تي هندستان جي سياسي صورتحال تبديل ٿيل هئي. انگريز حڪومت ان حالت ۾ نہ هئي جو هندستانين سان رعايت ڪري ها ۽ جبري

قانونن کي نافذ ڪري ها. هنن جيڪي آئيني اصلاحات ڪيا هئا، اهي هندستانين جي اميدن جي برخلاف هئا. عثمانيہ سلطنت جو جنگ ۾ جيڪو حشر ٿيو هو، ان جي ڪري هندستاني مسلمانن ۾ سخت ڪاوڙ ۽ ڪروڌ هو. ڪين شڪ هو تہ اتحادي طاقتن ترڪيءَ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۽ خلافت کي ختم ڪرڻ گهريو ٿي. انهيءَ احساس جي ڪري خلافت تحريڪ جي اوسر ٿي. اها هندستان ۾ هڪ عوامي سياسي تحريڪ هئي، جنهن هندستان جي ماڻهن ۾ سياسي سجاڳي آندي. جيئن ٿي خلافت وارا ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس انهيءَ ترڪ موالات تحريڪ ۾ متحد ٿيا، تہ ساري نندي کنڊ ۾ جوش جي لهر پکڙجي ويئي. خلافت تحريڪ ۾ خاص ڪري سنڌين پرپور حصو ورتو. سڄي صوبي ۾ نہ رڳو وچولي درجي جي سياستدانن ۾، پر هارين ٽوڙي شهري پورهيت ماڻهن ۾ پڻ بيچينيءَ جي لهر پکڙجي ويئي هئي. خلافت تحريڪ جو پرچار رضاڪار ڪارڪنن ۽ اخبارن جي ذريعي ڪيو ويو، جن ۾ رئيس غلام محمد جي اخبار "الامين" بہ شامل هئي. اخبار جي ايڊيٽر شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي اڳ ۾ ئي سال ۱۹۱۷ع ۾ گرفتار ڪري جيل آڻيو ويو هو. انهيءَ تحريڪ جي زور سبب سنڌ جي حڪومت سخت خوف خطرو محسوس ڪيو، جنهن سبب ماڻهن ۾ هراس پکيڙڻ خاطر ان سخت قدم کڻڻ جي ڪوشش ڪئي. جي. ايم. پرڳڙي خلافت تحريڪ جي هلچل جي اڳواڻن مان هڪ هو. ڪمشنر سر هينري لارنس جي زال ان سلسلي ۾ لکيو آهي تہ، "مسٽر بي هڪ مشهور معروف اڳواڻ آهي ۽ جڏهن اها خبر پوندي تہ اهڙي اثر وارو شخص ان تحريڪ سان آهي تہ حيرت ۽ اچرج جي انتها نہ رهندي. مسٽر بي چاڻ تہ گرفتار ٿيڻ وارو آهي. مسٽر بي انهيءَ شورش ۽ هلچل جو محرڪ رهيو آهي. هو ڪانگريس جو سيڪريٽري هو ۽ گانڌيءَ جي تمام ويجهو هو. هو هڪ محنتي ۽ ذهين ماڻهو، بيريسٽر ۽ زميندار آهي."(۱) انهيءَ کان پوءِ جلد ئي سال ۱۹۱۸ع ۾ هو انگلينڊ ڏانهن روانو ٿيو تہ جيئن انگريز سرڪار جي بالا حاڪمن سان لهہ وچڙ ۾ اچي سگهي. هن سر اي. مانٽيگو سان ملاقات ڪئي ۽ ۱۲- ڊسمبر ۱۹۲۰ع تي انگريز سرڪار جي مسلمان رعيت طرفان جيڪو وفد انگلينڊ ويو هو ۽ ان انگلينڊ جي وزير اعظم کي جيڪا ياد داشت ڏني هئي، اُن تي هڪ صحي هن جي بہ هئي. جنوري ۱۹۲۰ع ۾ رئيس غلام محمد خان پرڳڙي انگلينڈ مان موٽي آيو فيبروري ۱۹۲۰ع ۾ خلافت ڪانفرنس بمبئي ۾ ٿي، جتي رئيس غلام محمد پرڳڙيءَ جي ڪيل قومي خدمتن جي اعتراف ۾ ڪيس تحريڪ جو صدر چونڊيو ويو. صدارت لاءِ سندس نالو مولانا عبدالباري فرنگي محل تجويز ڪيو ۽ سر فضل پائي ڪريم پائي ان جي تائيد ڪئي. مولانا عبدالباري ۽ سر فضل پائي ڪريم پائي کان سواءِ اتي موجود ٻيا معروف اڳواڻ هئا: مولانا ابوالڪلام آزاد، مولوي ظفرعلي خان لاهوري،

(1) Lady Lawrence, Indian Embers, pp 391-394.

سيف‌الدين ڪچلو، مسٽر گورڌنداس، آزاد سبحاني، حسرت موهاني، پير رُشدالله شاهه، جهنڊي وارو، مولانا شاهه سلمان قلواري، مولوي ابوالقاسم فضل‌الحق، جهامنداس دوارڪاداس، مسٽر ايم. اي. جناح، مولانا داؤد غزنوي، سر عبدالله هارون ۽ ٻيا. خلافت تحريڪ بابت ٻين ٺهرائن سان گڏ ڪانفرنس هڪ ٺهراءَ اهو به پاس ڪيو، جنهن ۾ مسٽر غلام محمد پرڳڙيءَ جا ٿورا ڪيا ويا هٿا تہ هن لنڊن ۾ رهائش واري عرصي ۾ خلافت تحريڪ جي وڏي خدمت ڪئي هئي. سال ۱۹۱۹ع جي سڌارن هيٺ جيڪي چونڊون ٿيٽيون هيون، تن ۾ ڪانگريس جي ٺهراءَ مطابق مسٽر پرڳڙيءَ حصي وٺڻ کان انڪار ڪيو. انهيءَ هوندي به هن کي ڪائونسل آف اسٽيٽ ۾ نامزد ڪيو ويو، جيڪو عهدو هن دوستن جي اصرار تي قبول ڪيو، پر پوءِ حڪومت جي سخت پاليسيءَ تي احتجاج ڪندي، هن انهيءَ عهدي تان استعفيٰ ڏئي ڇڏي. نومبر ۱۹۲۳ع ۾ پرڳڙي مرڪزي قانون ساز اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ بيٺو ۽ ڪامياب ٿيو. مارچ ۱۹۲۳ع ۾ مسلم ليگ جو سالياتو جلسو لکنؤ ۾ ٿيو، جنهن ۾ غلام محمد پرڳڙيءَ کي صدر چونڊيو ويو. سندس صدارتي تقرير جامع ۽ وسيع هئي، جنهن ۾ هندوستان ۽ موجوده وقت جي ٽئين دنيا جي اندروني ۽ بيروني مسئلن تي تفصيل سان روشني وڌي ويئي هئي. هڪ دور انديش جي حيثيت ۾ هن جي بيان ۾ هڪ عجيب صداقت هئي:

"ڪي ماڻهو مشرقي قومن جي ليگ جي خيال کي هڪ خواب ڪري ٿا سمجهن، پر مون جڏهن ايشيا ۽ آفريقا تي يورپ جي ظلم ۽ ڏاڍ کي محسوس ڪيو، اڇي چمڙيءَ وارن جو ڪارن ماڻهن سان ورتاءُ ڏٺو ۽ ڪن مغربي ملڪن ۾ مون کي رنگ ۽ نسلي مت پيد جو تجربو ٿيو، تڏهن آءٌ چٽيءَ طرح ڏسان ٿو تہ اهو خواب جلد ئي حقيقت جو روپ وٺندو. هن ڪنڊ جي رهاڪن جي دل ۾ "ايشيا، ايشيائن جي لاءِ" جو خيال اڳ ۾ ئي پيدا ٿي چڪو آهي، ساڳيءَ ريت "آفريقا، آفريقين لاءِ" جو تصور آهي. اهو سڀڪجهہ رفتہ رفتہ ٿيندو، قومن جو ناهيندڙ ۽ ڌاهيندڙ پنهنجو ڪم ڪندو رهي ٿو. هندستان جي جاءِ لاشڪ انهيءَ برادريءَ ۾ آهي ۽ آءٌ محسوس ڪريان ٿو تہ پنهنجي پکيڙ، آبادي‌ءَ ۽ وسيلن جي ڪري هڪ ڏينهن ان کي ان ۾ عزت واري جاءِ ملندي."(۱)

مسلم ليگ جو پندرهون اجلاس اڌ ۾ ان وقت پورو ٿيو، جڏهن قائداعظم جي ان تجويز تي نااتفاقي ٿي تہ ڪائونسل ۾ داخلا جي اجازت ڏني وڃي. ۱- اپريل ۱۹۲۳ع تي اهو ميڙ ٿوري عرصي لاءِ ملتوي ٿي ويو ۽ مئي ۱۹۲۴ع ۾ ان جي جڏهن لاهور ۾ ٻيهر گڏ جاڻي ٿي، تڏهن رئيس غلام محمد ۴۵ ورهين جي جمار ۾ اڳ ۾ ئي ۹- مارچ ۱۹۲۴ع تي وفات ڪري ويو هو. سنڌ جي هندو توڙي مسلمانن جي لاءِ ۽ سموري هندستان جي مسلمانن لاءِ اهو هڪ اوچتو ۽ هاڃيڪار

(1) S.S. Pirzada, Foundation of Pakistan, Vol: I, p 570.

نقصان هو. سنڌ جي مسلمانن جي لاءِ تہ اهو هڪ اهڙو خال هو، جيڪو وري ڪڏهن به پورجي نہ سگهيو آهي. مسلم ليگ جو پندرهون اجلاس مسٽر ايم. اي. جناح جي صدارت هيٺ وري ڪٿو ٿيو، جنهن ۾ هن جي وفات تي هيٺيئن قرارداد منظور ڪئي ويئي:

"مانواري جناب غلام محمد پرڳڙيءَ جي افسوسناڪ ۽ بيوقتي وفات تي آل انڊيا مسلم ليگ پنهنجي گهري رنج ۽ غم جو اظهار ڪري ٿي ۽ محسوس ڪري ٿي تہ هندستان جا مسلمان پنهنجي هڪ عظيم محب وطن سياستدان ۽ قوم جي بيلوث خدمتگار کان محروم ٿي ويا. اسان جي خواهش آهي تہ قوم جي طرفان اهو ڏک جو اظهار سندس خاندان تائين پهچايو وڃي." (۱)

جيتري قدر رئيس پرڳڙيءَ جو تعلق آهي تہ ان قرارداد جي ڪنهن به هڪ لفظ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ هو.

(پاڪستان اسٽڊيز سينٽر، سنڌ يونيورسٽيءَ جي مخزن "گراس روٽس"، جلد ۲، نمبر ۲، ۱۹۷۸ع تان کنيل.)

Gul Hayat Institute

(1) S.S. Pirzada, Foundation of Pakistan, Vol I, pp 577-578.

سر سلطان محمد شاهہ آغا خان سوم

ڈاڪٽر غلام علي الانا

سرزمين سنڌ جا پاڻ چئجن يا ڪراچيءَ جي ان وقت جي سنسان، خاموش ۽ ويران وادي‌ءَ جا نصيب چئجن، جتي سنڌ جي ويجهو، محمد ٽڪريءَ تي، دنيا جي هن هڪ عظيم رهنما، عظيم شخصيت، اسماعيلي قوم جي بي تاج بادشاهہ، سرسلطان محمد شاهہ آغاخان ٽئين جي، نومبر مهيني ۽ ۱۸۷۷ع ۽ ولادت ٿي.

سنڌن ولادت سان برصغير ۽ عموماً ۽ دنيا ۽ خصوصاً تاريخ جو هڪ نئون ۽ اهم باب شروع ٿيو، جو ۱۱- جولاءِ ۱۹۵۷ع تي سنڌن جامي بدلائڻ سان گڏ پورو ٿيو. پاڻ پهرين برصغير جي تاريخ ۽، پوءِ بين الاقوامي تاريخ ۽ انسانن جي عام طرح ۽ مسلمانن جي خاص طرح قسمت بدلائيندڙ بزرگ جي حيثيت ۽ آسريا، آپريا، وڌيا ۽ ويجهيا. سنڌن وجود، لکين نہ بلڪ ڪروڙين انسانن جو آئيندو بدلائي ڇڏيو ۽ قسمت جي ڪايا پلٽي ڇڏي. پاڻ ننڍپڻ کان ئي مسلم دنيا جي عظيم خاندان، فاطمي خاندان جي هڪ چشم و چراغ هجڻ جي حيثيت ۽ برصغير ۽ توجهہ جا مرڪز رهيا. پاڻ نہ فقط بن ڪروڙ اسماعيلين جا روحاني رهبر، مذهبي پيشوا ۽ امام الزمان هئا، پر پاڻ اهو علي الاعلان فرمايو هئائون تہ "آءٌ شيعن جو امام آهيان ۽ سڄي دنيا جي مسلمانن جو خليفو آهيان."

دراصل اها هستي، جنهن مسلمانن ۽ فرقہ بنديءَ کي ڪڏهن ب پسند نہ ڪيو، اها هستي جنهن مسلمانن کي پستيءَ تان کڻي، سنڌن قديم ۽ روايتي عظمت، شان ۽ شوڪت واريءَ بلنديءَ تي پهچائڻ جي هميشه تمنا ۽ خواهش ڪئي، اها هستي جنهن جي دل ۽ مسلمانن لاءِ هميشه درد ۽ احساس هو، جنهن برصغير ۽ مسلمان ٻارن جي تعليم لاءِ گهر گهر ۽ گهٽي گهٽيءَ ۽ گهمي چندا گڏ ڪيا، جنهن اهو محسوس ڪيو تہ برصغير جا مسلمان محض هڪ فرقو نہ، بلڪ هڪ قوم آهن، اها هستي جنهن پاڻ اسلام جو نعرو بلند ڪيو، جنهن مسلمانن جي بيداريءَ لاءِ، اتحاد ۽ اتفاق لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ جتن ڪيا، جنهن مسلم ليگ جو بنياد رکي، مسلم قوم لاءِ الڳ وطن لاءِ راهہ هموار ڪئي، جنهن جي دل ۽ پاڪستان جي بقا ۽ بچاءَ لاءِ هميشه اونو رهندو هو، اهڙي عظيم شخصيت جو ذڪر ڪرڻ جيڏن تہ بنهنجن تاريخي سورمن جي ساراهہ ڪرڻ جي برابر آهي.

يورپ ۾ سندن وجود سان ان طرف مسلمانن جي وجود جو بقا هو. يورپ ۾ سندن موجودگي، مسلمانن لاءِ فخر جو باعث هئي. اڄ بہ انهن شهرن، ماڳن ۽ مڪانن ۾ وڃي ڏسو، اڄ بہ مارسيلز، ڪانز، نيس، پئرس، لنڊن ۽ جنيوا جي ماڻهن کان پڇي ڏسو تہ اوهان کي معلوم ٿيندو تہ اتي جا ماڻهو، اتي جا ماڳ ۽ مڪان، سندن عظمت، سندن شان ۽ شوڪت، سندن مان، مرتبي، سندن رهڻي ڪهڻيءَ جي ساراهہ ڪن ٿا.

سر سلطان محمد شاهہ آغاخان ٿيون هڪ مثالي انسان هئا. پاڻ مثالي زندگي بسر ڪندا هئا. يورپ جهڙي دنيا ۾ رهندي بہ هنن اسلامي قدرن ۽ اسلامي تهذيب ۽ تمدن جو هميشہ خيال رکيو ۽ احترام ڪيو. ڪائنس هڪ دفعي پڇيو ويو تہ اوهان جي روزاني زندگيءَ ۾ خوشيءَ جون گهڙيون ڪهڙيون هونديون آهن؟ پاڻ فرمايائون:

"منهنجي زندگيءَ ۾ خوشيءَ جون گهڙيون تہ گهوڙا-دوڙ ميدان ۾ هونديون آهن ۽ نہ وري ميدانِ سياست ۾، پر منهنجي خوشيءَ جون چند گهڙيون اهي هونديون آهن، جڏهن آءٌ جمعي جي ڏينهن عبادت ۾ پنهنجي رب العزت جي سامهون سر بسجود هوندو آهيان."

اها هستي، جنهن جي زندگيءَ جي هر گهڙي، هر لمحو، مسلمانن ۽ مسلم دنيا جي بهتري ۽ بهبوديءَ لاءِ وقف هجي، اها هستي جنهن جو هر قدم، هر ڪارنامو، هر عمل، هر فيصلو، هر سوچ، هر اشارو ۽ هر تلقين معنيٰ خيز هجي، وڏي مقصد ۽ مفهوم واري هجي، ان هستيءَ جي گهڙي عمل، گهڙي ڪارنامي ۽ گهڙي قدم جو ذڪر ڪجي. هو هم گير انسان هئا ۽ سندن هم گيريت تي ڪالهائڻ يا لکڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي.

هز هائينس سر سلطان محمد شاهہ آغاخان ٿيون، دراصل ايران جي تڏهوڪي شاهي خاندان سان تعلق ٿو رکي. سندن ڏاڏي بزرگوار آغاشاهہ حسن علي آغاخان اول جو سنڌ سان گهٽو واسطو رهيو آهي. هو سرزمين سنڌ ۾ ان زماني ۾ وارد ٿيا، جڏهن سنڌ تي ميرڪرم علي خان ٽالپر حڪومت ڪندو هو. ميرڪرم علي خان جا، ايران جي شهنشاهہ محمد علي شاهہ قاچار ۽ ان کان پوءِ ان جي پٽ فتح علي شاهہ قاچار سان ذاتي دوستيءَ جا ناتا هئا. آغاخان اول، آغاشاهہ حسن علي محمد علي شاهہ قاچار جو نائي ۽ فتح علي شاهہ قاچار جو پيٽو يو ۽ محلات پرگهٽي جو گورنر هو. اهو زمانو ۱۸۳۶ يا ۱۷۳۷ع وارو زمانو هو. ان زماني ۾ انگريزن جون سنڌ ۾ لالچي اکيون ڪتل هيون. هڪ طرف انگريزن جا جاسوس، سنڌ جو جنگي نقطہءِ نگاهہ ڪان جائزو وٺي رهيا هئا تہ ٻئي طرف پنجاب جي سک حاڪم، راجا رنجيت سنگهہ انگريزن جي اشاري تي، ٽالپرن سان ڪوڙنسٽ شروع ڪيو هو. ساڳئي زماني ۾ فتح علي شاهہ قاچار جي مخالفانہ رويي سبب آغا شاهہ حسن علي پنهنجي اهل و عيال ۽ اٽالي سميت افغانستان جي

معرفت سنڌ ۾ پهتو ۽ جهرڪن جي شهر ۾ اچي قيام پذير ٿيو. فتح علي شاهه قاچار مير ڪرم علي خان کي لکي موڪليو ته آغا شاهه حسن عليءَ کي گرفتار ڪري ايران موڪليو وڃي.

آغا شاهه حسن علي جهرڪن جي شهر ۾ پنهنجو محلات اڏائي ويهي رهيو، جتي سندن مريد وڏي تعداد ۾ رهندا هئا. سنڌ ۾ سندن مريد پنهنجا ڀاڳ سڻاوا سمجهي، جوق در جوق هن شهر ۾ اچڻ لڳا، انهيءَ ڪري امام الزمان جي مرڪزي حيثيت سبب، جهرڪن جو شهر سڄي اسماعيلي دنيا لاءِ مرڪز بنجي ويو.

آغا شاهه حسن عليءَ جو فرزند آغا علي شاهه، آغا خان ٻيو به ساڻن گڏ جهرڪن جي شهر ۾ رهندو هو. ميرن جي دشمنيءَ سبب، آغا شاهه حسن عليءَ انگريزن جي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ، انگريزن جي طرفداري ڪئي ۽ جهرڪن جو شهر ان زماني ۾ انگريزي فوج جي هڪ اهم ڊيپوءَ جي حيثيت رکندو هو، جتي هنن پاڻ کي وڌيڪ محفوظ سمجهيو.

١٨٤٣ع کان اڳ آغا شاهه حسن علي بمبئيءَ هليو ويو، ڇوته ميرن جي بلوچ سپاهين کين جهرڪن ۾ سک جو ساهه پٽڻ نه ڏنو.

بمبئي لڏي وڃڻ جي باوجود، آغا علي شاهه سنڌ سان پنهنجا واسطا ۽ ناتا قائم رکيا ڇوته سنڌ ۾ ٺٽي جي رضوي سيد خاندان، اگهيماڻيءَ جي سيدن کان سواءِ ان طرف جي پيرن، سجاده نشينن، راڄن جي چڱن مڙسن، رئيسن ۽ وڏيرن سان دوستيءَ جا ناتا رکيائون. شڪار جي شوق ۽ مريدن جي پرگهور لهڻ لاءِ سال جو گهڻو عرصو سنڌ ۾ رهندا هئا. جهرڪن ۾ سندن والد بزرگوار جي محلات کان سواءِ پاڻ ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري تي، سونڊن جي سامهون ٻيءَ ڀر امير پير جي غار جي مٿان ان زماني جي لحاظ کان بهترين محلات اڏايو هئائون. ان کان سواءِ ڪراچي شهر کان چند ميلن جي مفاصلي تي، (هاڻ ڊفينس سوسائٽيءَ جي وچ ۾) هڪ ٽڪري تي پٿر جو محلات اڏايائون ۽ ان ٽڪريءَ جو نالو "محمد ٽڪري" رکيائون. هيءَ اها جاءِ آهي، هي اهو محل آهي، جنهن ۾ سر سلطان محمد شاهه آغا خان ٽئين نومبر ١٩٧٧ع ۾ جنم ورتو. هيءَ جاءِ هن وقت ڊفينس ڪالونيءَ ۾ گنبذ واريءَ مسجد جي سامهون سلامت آهي.

ڪراچيءَ جو شهر، ان وقت اڃا ابتدائي مرحلن ۾ هو ۽ انگريزن کي سنڌ تي قبضو ڪندي اڃا ٣٤ سال مس ٿيا هئا ۽ سنڌ، بمبئي پريزيڊنسيءَ سان مليل هئي.

هزرائل هائينيس سر سلطان محمد شاهه جي جنهن زماني ۾ ولادت ٿي هئي، اُن زماني ۾ انگريزن جي مخالفت ۽ آزاديءَ جي تحريڪ شروع ٿيندي ويهه سال ٿي چڪا هئا، پر اڃا مسلمانن لاءِ تحريڪ ڌار نه هلي هئي. مسلمان پنهنجون آزاد

حڪومتون وڃائي چڪا هئا ۽ بي يار و مددگار، آزاديءَ لاءِ گڏيل تحريڪ ۾ شامل هئا. اهڙي زماني ۾، سر سيد احمد خان، نواب محسن الملڪ ۽ مسلمانن جا ٻيا گهڻگهرا، مسلمانن جي بيداريءَ ۽ سر بلنديءَ لاءِ سرگردان هئا. سنڌ ۾ به خانبهادر حسن علي افندي شمس الدين بلبل، الهه بخش اٻوجهو، ميران محمد شاهه اول ۽ پير صبغت الله شاهه پير پاڳارو هن ڏس ۾ اڳيان اڳيان هئا.

انهيءَ زماني ۾ نواب محسن الملڪ جي خواهش تي هزهائينيس سر سلطان محمد شاهه آغا خان ٽئين، مسلمانن جي ٻيڙي جي واڳ سنڀالي ۽ وڏيون خدمتون سرانجام ڏنائون.

برصغير جي مسلمانن جي جدوجهد جي تاريخ دراصل اڃا صحيح طريقي سان منظر عام تي نه آئي آهي. آزاديءَ جي تحريڪ ۾ سنڌ جيڪو حصو ورتو هو، تنهن جو بيان ۽ ذڪر اڃا پس منظر ۾ آهي. البت هن ڏس ۾ قاضي عبدالمجيد عابد صاحب جا مضمون وڏي قدر ۽ قيمت وارا آهن، پر اهي به اڃا ٽڙيل پکڙيل آهن ۽ ڪتابي صورت ۾ گڏ نه ٿيا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌ جي هن سپوت، سر سلطان محمد شاهه آغا خان ٽئين، برصغير جي آزادي، قيام پاڪستان ۽ مسلمانن جي جيڪا خدمت ڪئي، تنهن جو ڪن ٿورن لفظن يا ٿورن صفحن ۾ اعتراف ضرور ٿيل آهي، پر هن سلسلي ۾ باقاعدگيءَ سان اڃا تحقيق ڪانه ٿي آهي، تحقيق ڪري به ڪير! جڏهن اسان اسماعيلين ئي سندن احسانن کي وساري ڇڏيو آهي، جڏهن اسان سندن مريدن ئي سندن قدر نه سڃاتو آهي، هت سندن يادگار قائم نه ڪيو آهي، مٿن تحقيق نه ڪئي آهي، ته پوءِ ٻين کي ڪهڙو ڏوهه ڏجي؟

بهرحال، مون کي هن ڏس ۾ فقط ايترو عرض ڪرڻو آهي ته مسلمانن جي جاڳرتا، بيداري، بهبودي، اصلاح ۽ آزاديءَ جي سلسلي ۾ جڏهن به ڪا تاريخ لکي ويندي، جڏهن به ڪا تحقيق ڪئي ويندي، تڏهن هن عظيم رهنما جاڳڻ ڳايا ويندا، سندن ٿورا مڃيا ويندا ۽ ڀرپور لفظن ۾ سندن خدمتن جو اعتراف ڪيو ويندو. جيتوڻيڪ اسين پنهنجن بزرگن، پنهنجن سورمن ۽ پنهنجن سرويچن کي جلدي وساري ڇڏيندا آهيون.

سر سلطان محمد شاهه آغا خان ٽئين جا برصغير جي مسلمانن تي، سر سيد احمد خان کان پوءِ لکين احسان آهن. تاريخدان شاهد آهن ته برصغير جي آزاديءَ جي تاريخ، مسلمانن جي تهذيبي ۽ تمدني تاريخ هزرائيل هائنيس آغا خان ٽئين جي ذڪر کان سواءِ اڻپوري هوندي. اهڙيءَ طرح پاڪستان جي تاريخ هجي يا سنڌ جي بمبئي پريزيڊنسي کان آزاديءَ جو سوال هجي، عليڳڙهه ڪاليج جو ذڪر هجي يا عليڳڙهه يونيورسٽي جي برپا ڪرڻ جو بيان هجي؛ مسلم ايجوڪيشن سوسائٽيءَ جو سوال هجي يا مسلم ليگ جي قيام ۽ ڪمال جو داستان هجي؛ مسلمانن جي جذبي، جولان ۽

جدوجهد جو احوال هجي يا مسلمانن جي سماجي، ثقافتي، معاشي ۽ معاشرتي ترقيءَ جو تجزيو هجي، برصغير ۾ خلافت تحريڪ هجي يا سيد احمد بريلوي شهيد جي شيدائين جو بيان هجي، ڪوبه داستان، ڪوبه تذڪرو، ڪابه تاريخ، ڪوبه واقعو هزهائنس آغا خان ٽئين جي خدمتن جي بيان کان خالي نه هوندو.

پڙهندڙن کي ياد هوندو ته مؤتمر اسلاميه ڪانفرنس ۾ هزهائينس هن نئين اسلامي مملڪت پاڪستان جي سرڪاري زبان لاءِ عربي زبان جي سفارش ڪئي هئي ۽ فرمايو هو ته هن ملڪ لاءِ سرڪاري زبان عربي ٿي موزون ٿيندي ته جيئن هي ملڪ تهذيبي، تمدني، سماجي، ثقافتي ۽ لساني نقطه نگاهه کان اسلامي رياستن جي رهنمائي ڪري سگهي، پر ان وقت ڪوتاهه ذهن ۽ تنگدل ماڻهن سندن خلاف قلم کنيو ۽ تنقيدون ڪيون. ان وقت مولوي عبدالحق ۽ بين نقاد رسالي ۾ اخبارن ۾ هزهائينس جي رٽ جي خلاف تحريڪ هلائي. سڀني ڏٺو ته بين‌الاقوامي سياستدان جي دور نظر، عالمي مرد جي تجربي ۽ تجزئي تي حڪومت پاڪستان جيڪڏهن ان وقت سوچي ها ۽ عربيءَ کي پاڪستان جي سرڪاري زبان بنائڻ جو اعلان ڪري ها ته اڄ بنگلا ديش نالي رياست جو وجود ئي نه هجي ها. اڄ پاڪستان لساني ڪشمڪش ۾ مبتلا نه هجي ها، پر ان جي برعڪس قوم هن عظيم محسن ۽ عظيم رهنما کي فراموش ڪري ڇڏيو.

۱۹۷۶ع ۾ باباءِ قوم، قائداعظم محمد علي جناح جي صد سالہ جشن ولادت دوران ڇپيل هر مقالي، هر مضمون ۽ هر ڪتاب ۾ جتي قائداعظم جي ڪارنامن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اتي هن رهنمائن سان گڏ هزرائل هائينس آغا خان ٽئين جو ذڪر ضرور ڪيو ويو، چوته پاڪستان ۽ آغا خان ٻئي هڪجهڙي سان لازم ۽ ملزوم آهن. جت مسلم ليگ جو ذڪر ڪبو، جت مسلمانن لاءِ جداگانه مملڪت جو ذڪر ڪبو، جت علي‌گڙهه يونيورسٽيءَ جو ذڪر ڪبو، جتي مسلمانن جي معاشي ۽ معاشرتي مسئلن جو ذڪر ڪبو، جتي مسلمانن جي تعليم ۽ ترقيءَ جو احوال اوربو، جتي پاڪستان جي قيام، بقا ۽ وجود جو بيان ڪبو، اتي هن هستيءَ جي عظيم خدمت جو ذڪر ڪرڻ کان سواءِ هرگز ۽ هرگز رهي نه سگهبو.

اسلام جي هن بيباڪ مبلغ ۽ بي‌تيغ سپاهيءَ جو بيان آءٌ ڪهڙن لفظن سان ڪريان، جنهن يورپ ۾ سڄي زندگي اسلام جي هڪ مبلغ طور ڪم ڪيو هجي، جنهن بزرگ مغربي دنيا ۾ رهي مسلمانن جي اخلاق ۽ اعمالن جي وڏي جرئت ۽ بيباڪيءَ سان وڪالت ڪئي هجي، جنهن هستيءَ آفريقا کان وٺي خليجي پيٽن تائين مسلمانن جي حقن لاءِ جنگ جوٽي هجي، آن لاءِ جناب مشير حسين قدوائيءَ کي ڏهرائڻ آءٌ مناسب ٿو سمجهان، جنهن فرمايو:

"ليگ آف نيشنز ۾ گھٽن دانشورن سڄي دنيا ۾ ٽڙيل پکڙيل قومن جي نمائندگيءَ جي دعوا ڪئي، پر انھن جي ذھنيت گھٽو ڪري ماده پرستيءَ تي مبني ھئي. انھن جي موجودگيءَ ۾ ھڪ ذميدار، مڪمل تعليم يافته، تجربيڪار، دنيا گھميل قريل، ھڪ ٻاھوڪو معزز، مانوارو نوجوان اٿي بيٺو. ھن پنھنجي وزندار ۽ پيڪيدار آواز ۾ دعوا ڪئي ته ھن کي اسلام جي شانائتي ۽ مانَ واري برادريءَ سان واسطو رکڻ تي فخر حاصل آھي."

قدوائي صاحب اڳتي لکي ٿو:

"اھو نوجوان بيشڪ جوشيلو ھو، اھو موقعو سنسني خيز ھو. ھن نوجوان انھن بزدلن جي منھن تي چمات ھنئي، جيڪي اھڙن موقعن تي اسلام جي نالي وٺڻ تي شرم محسوس ڪندا ھئا.

ھن نوجوان جي انھن لفظن، اسيمبليءَ ۾ اسلام جو وقار بلند ڪيو، جنھن کان گھٽو ڪري تعصب ڪيو ويندو ھو."

قدوائي صاحب لکي ٿو:

"مان کنھن جي آڏو ڪڏھن به جھڪڻ وارو انسان نه آھيان، بادشاھ جي اڳيان به نه، پر مان انھيءَ انسان جي اڳيان خوشيءَ سان پنھنجو گردن جھڪايان ٿو، جنھن اھي جوشيلا لفظ دل جي گھراين سان چيا ھئا."

اھا شخصيت ھئي، ھز رائل ھائينس سر سلطان محمد شاھ آغا خان ٽيون.

جڏھن به اسلام جي سالميت ۽ وقار کي چئلينج ڪيو ويو، جڏھن به مسلم اتحاد کي ٽوڙڻ جي کوشش ڪئي ويئي ۽ جڏھن به مسلمانن جي وجود کي خطرو درپيش ھوندو ھو، تڏھن ھز ھائنس آغا خان ٽيون سينو سپر ڪري، مخالفن جي اڳيان بيھي مقابلو ڪندو ھو.

ترڪيءَ ۾ خلافت تحريڪ جي زماني ۾، برطانيه جي وزير اعظم سان سندن ڪيل دليراڻه گفتگوءَ کان اوھين سڀ واقف آھيو. عربن جي موقف جي حمايت ڪرڻ، فلسطين ۾ مسجدالاقصيٰ جي مرمت جي سلسلي ۾ سندن ذاتي دلچسپي، اسلام جي تبليغ ۽ پرچار جي سلسلي ۾ سندن خدمتون، آفريڪا ۽ يورپ ۾ ماڻھن کي اسلام جي دائري اندر اچڻ جي دعوت، آفريڪي مسلم ويلفيئر سوسائٽيءَ جي سرپرست ھجڻ جي حيثيت ۾ آفريڪا ۾ مسجدون ۽ تعليمي ادارا قائم ڪرڻ، لنڊن ۾ ووڪنگ ۽ رچمنڊ پارڪ ۾ ريجينٽس گارڊن ۾ مسجدن جو قيام، سندن اھي اھڙا اھم ڪارنامه آھن، جن کي دنيا جو ڪوبه مسلمان وساري نٿو سگھي، بلڪه ھن عظيم انسان کي سلام ٿو ڪري.

اها شخصيت، جنهن جا مداح دنيا جا سربراهه، بادشاهه، راجائون، نواب ۽ امير هجن، آها شخصيت جيڪا همه گير هجي، اهڙي عالم ۽ علم پرور، علم دوست، شهسوار، شهباز، سخن دان، سخن سنج، سخن پرور، پيش بين ۽ پيش رو، سخي، حليم، ڪريم، مرشد، هادي، رهنما ۽ روحاني پيشوا جو ذڪر ڪرڻ سون جهڙي ادنيٰ انسان جي قوت کان ٻاهر آهي. سندن وسيع القلبي ۽ وسيع النظريءَ جو ثبوت سندن تقريرن، خطن ۽ پين تحريرن کان سواءِ سندن پين اهم ڪتابن Indian in Transition ۽ Memoirs of Aga Khan مان ملي ٿو. سلام آهي سندن توتي، جو تو اهڙو سپوت جڻيو، سلام آهي اي بزرگ هستي توتي، جو تو سندن ڏيءَ جو سر دنيا ۾ اوچو ڪيو.



Gul Hayat Institute

رئيس المهاجرين جان محمد جوڻيجو

زاهده ميمڻ
(مترجم: مراد علي مرزا)

اسلامي تاريخ جي اصطلاح ۾ خليفو لفظ جي معنيٰ آهي اسلام جي پيغمبر حضرت محمد صلي الله عليه و آله وسلم جو نائب. پاڻ سڳورن جي وفات وقت ان جي ضرورت هڪدم محسوس ڪئي ويئي هئي. پوءِ جڏهن مسلمانن جو سربراهه چونڊيو ويو، تہ هن کي خليفو سڏيو ويو. سن ۶۳۲ع(۱) ۾ پاڻ سڳورن جي جانشين جي حيثيت ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي چونڊ سان خلافت جي اداري جي شروعات ٿي.

مسلمان تاريخدانن، خلافت جي تاريخ کي چئن دؤرن ۾ ورهايو آهي. پهريون دؤر پنهنجه سال هليو ۽ اهو "خلافت- راشده" (پاڻ سڳورن جي وفات کان پوءِ) جي نالي سان مشهور آهي. پيو دؤر اسلام ۾ باهمي جنگ سان شروع ٿيو ۽ خلافت جو عهدو معاويه جي هٿ چڙهيو، جيڪو اميه خاندان جو باني هو. هن پهريون پيرو خاندااني حڪومت جو بنياد رکيو. سال ۷۵۰ع (۱۳۲هجري) ۾ اميه خاندان جي جاءِ عباسين ورتي، پر خلافت جو تصور ساڳيو ئي رهيو. اهو ٽيون دؤر ڇهه سئو ورهين کان وڌيڪ سال ۷۵۰ع کان ۱۲۵۸ع (۱۳۲هـ کان ۶۵۶هـ) تائين هليو. سال ۱۲۵۸ع ۾ بغداد جي تباهيءَ کان پوءِ عباسي گهراڻي جو خاتمو ٿيو، پر خلافت جي منصب کي ختم ٿيڻ جي بدران جاري سمجهيو ويو. سن ۱۲۶۱ع ۾ احمد طاهر قاهره ۾ عباسي گهراڻي کي ٻيهر قائم ڪيو ۽ اهڙيءَ طرح اهو دؤر سال ۱۵۱۷ع تائين هليو. انهن سڀني پوئين عباسي خليفن کي مسلم اُمت جا روحاني اڳواڻ ڪري سمجهيو ويندو هو، پر سندن سياسي حيثيت ڪابہ نہ هئي(۲).

سن ۱۵۱۷ع ۾ عثمانيہ گهراڻي جي سلطان سليم اول مصر فتح ڪيو ۽ خلافت جو منصب عثمانيہ ترڪي جي حوالي ٿيو ۽ سلطان، خادم الحرمين و شريفين جو لقب اختيار ڪيو(۳).

هندوستان جي مغل بادشاهن اڪبر ۽ جهانگير عثمانيہ سلطنت جي بادشاهه کي مسلم اُمت جو سربراهه ڪري قبول نہ ڪيو ۽ هنن پنهنجي نالي جو خطبو پڙهيو(۴). البت شاهجهان ۽ اورنگزيب عثمانيہ دربار ۾ پنهنجا سفير موڪلي تعلقات قائم رکيا.

خلافت جي شروعات جو هڪڙو سبب هيءَ عقيدو ٻہ هو، تہ سڄي دنيا جا مسلمان هڪ ئي ملت جا فرد آهن، ڪٽي آهي ڪهڙي ٻہ ملڪ، پوليءَ ۽ ثقافت سان

تعلق رکندا هجن. جيڪڏهن دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ رهندڙ مسلمانن تي ڪا تڪليف اچي، ته انهن جي مدد ڪرڻ، ٻين مسلمانن جو فرض هو.

تنهن ڪري، ننڍي کنڊ جي مسلمانن لاءِ، خلافت جي اداري ۽ خليفي جي شخصيت جي تمام وڏي اهميت هئي. خليفي کي مسلم اُمت جو روحاني اڳواڻ سمجهيو ويندو هو. ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي نه رڳو ترڪيءَ جي تقدير جي ڳڻتي هئي، پر پهرئين عالمي جنگ جي شروع ٿيڻ کان اڳ توڙي پوءِ، خلافت جي باري ۾ به گهڻو فڪر هو(٥).

ويهين صديءَ جي شروعات ۾ مسلمان ملڪن ۽ خاص ڪري ترڪيءَ جي لاءِ انگريزن جيڪا نيتي اختيار ڪئي هئي، تنهن سبب هندوستان جي مسلمانن جي ڳڻتيءَ ۾ ڏاڍو واڌارو ٿيو هو. سن ١٩٠٧ع ۾ انگريزن، روسين سان، جيڪي ترڪيءَ جا روايتي دشمن هئا، هڪ ٺاهه تي صحيحون ڪيون، جنهن کي ”اينگلو رشين ٺاهه“ چيو وڃي ٿو. انهيءَ ٺاهه جي ڪري، ايران جي آزاديءَ کي پڻ وڏو خطرو ٿي پيو هو. سن ١٩١١ع ۾ اٽليءَ، والاريل ٽريپوليءَ تي حملو ڪري ڏنو(٦)، جنهن ڪري اٽلي ۽ ترڪيءَ جي وچ ۾ جنگ شروع ٿي ويئي. انهن حالتن هندوستاني مسلمانن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو، ڇاڪاڻ ته ترڪيءَ جو سلطان نه رڳو عثمانيه سلطنت جو سربراهه هو، پر سلطان سليم اول جي ڏينهن کان مسلم اُمت جو خليفو پڻ هو. تنهنڪري ترڪيءَ جو سلطان، هاڻي ڄڻ ته اسلامي اتحاد جي هڪ بنيادي علامت هو.

جڏهن بلقان جي جنگ (١٩١٢ع کان ١٩١٣ع تائين) لڳي، تڏهن هندستان جي مسلمانن ڊاڪٽر انصاريءَ جي اڳوائيءَ ۾ زخمي ترڪي فوجن جي امداد لاءِ هڪ طبي وفد اماڻيو ۽ هڪ وڏي رقم گڏ ڪري چندي طور موڪلي. مولانا ظفرعلي خان پاڻ ترڪي وڃي اها رقم اتي پهچائي. انهيءَ کان پوءِ سال ١٩١٣ع ۾ هندستاني مسلمانن لکنؤ ۾ ”انجمن خدام ڪعبه“ جي نالي سان هڪ جماعت ٺاهي. اها جماعت فرنگي محل ۾ ٺاهي ويئي. مولانا عبدالباري فرنگي محل ان جو صدر چونڊيو ويو ۽ سيڪريٽريءَ جي عهدن لاءِ مولانا شوڪت علي ۽ مشيرحسين قدوائيءَ کي منتخب ڪيو ويو. انهيءَ جماعت ۾ ساڳئي ڏينهن تي جيڪي ٻيا شريڪ ٿيا، اهي اها، مولوي سلامت الله، مولوي محمد قاسم، مولوي نصيرالدين، ڊاڪٽر نذيرالدين حسن ۽ قطب ميان. اها انجمن هڪ مذهبي جماعت هئي، پر ان جو اهم ڪارنامو اهو هو جو ان جماعت عالمن کي سياست جي ميدان ۾ آندو.

ساڳئي طريقي جي هڪ ٻي، پر سياسي طرح ٿوري غيرسرگرم جماعت مولانا عبيدالله سنڌيءَ دهليءَ ۾ ٺاهي، جنهن کي ”نظارة المعارف“ سڏيو ويو. ان جماعت جو مول متو اهو هو ته انگريزي تعليميافته ماڻهن کي عربي سيکارجي ۽ مذهب جي تعليم ڏئي پوءِ کين قرآن شريف جو اڀياس ڪرائجي(٨).

جيئن تہ مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي سياسي ڪم کي جاري رکڻ جي سلسلي ۾ ننڍي کنڊ مان ٻين ملڪن ڏانهن روانو ٿي ويو، تنهنڪري اها جماعت ترقي ڪري نہ سگهي. بعد ۾ مولانا سنڌي وطن واپس آيو ۽ دهليءَ ۾ جامعہ ملیہ ۾ پڙهائڻ لڳو. ٻئي پاسي "انجمن خدام ڪعبہ" تمام سرگرم جماعت ثابت ٿي. مولانا عبدالباري ۽ شوڪت علي ننڍي کنڊ جي مختلف شهرن ۾ جلسن ۽ اخبارن جي ذريعي ان جي مقصدن کي عام ماڻهوءَ تائين پهچايو. ديني مدرسن جهڙوڪ فرنگي محل، ديوبند وغيره جي شاگردن ۽ مذهبي اڳواڻن جي مريدن جي وسيع حلقي ذريعي ان انجمن جو پيغام ننڍي کنڊ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو ويو. ڪن ماڻهن جي صلاح تي لکنؤ ۾ انجمن جي گڏجاڻي انهيءَ مقصد سان ڪوٺائي ويئي تہ حڪومت جي فرمانبرداريءَ جو ڪلمہ ڪلا اعلان ڪيو وڃي ۽ جنگ جي سلسلي ۾ ان جي ڪوششن جي حمايت ڪجي. عبدالباري انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ ان شرط سان شامل ٿيڻ تي هامي پري تہ جنگ جو ڪٽي ڪهڙو بہ نتيجو نڪري، پر حڪومت اعلان ڪري تہ جده سميت سڀئي پاڪ جايون محفوظ رهنديون ۽ پيو تہ گڏجاڻي اها تجويز بہ منظور ڪندي، جنهن ۾ ترڪن کي جنگ ۾ شامل نہ ٿيڻ جي درخواست ڪئي ويندي. حڪومت اهو شرط قبول ڪيو ۽ اعلان ڪيو تہ پاڪ جايون محفوظ هونديون ۽ عالمن کي چيو ويو تہ هڪ اهڙي فتويٰ جاري ڪن جنهن ۾ هڏايل هجي تہ ترڪن سان همدردي ڪرڻ ڏوهہ آهي. ڪن عالمن انهيءَ فتويٰ تي صحيحون ڪيون، پر عبدالباري ان تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. دارالعلوم ديوبند جي سربراهہ مولانا محمودالحسن پڻ انهيءَ فتويٰ تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪيو(۹). سن ۱۹۱۴ع ۾ پهرين عالمي جنگ ۾ انگريزن ۽ سندن اتحادين جي برخلاف ترڪيءَ جرمنيءَ جو ساٿ ڏنو. انهيءَ جنگ ۾ انگريزن هندستاني فوج کان ترڪن تي حملو ڪرايو. جيئن تہ هندستاني فوج ۾ مسلمان سپاهين جو هڪ وڏو تعداد هو، تنهنڪري انگريزن جي خيال مطابق اها هڪ تمام نازڪ صورتحال هئي، پر فرمانبرداريءَ جي پراڻي عادت پنهنجو ڪم ڏيکاريو(۱۰).

پهرين عالمي جنگ ۾ ترڪيءَ هارايو، جنهنڪري اتحادين خاص ڪري انگريزن ۽ فرانسين عثمانيہ سلطنت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جا سانباها شروع ڪيا. ان خيال کان مسلمانن ۾ ڏاڍي بيچيني پکڙي تہ اسلام جا مقدس شهر عيسائين جي اثر هيٺ ايندا، تنهنڪري ترڪيءَ جي امداد ڪرڻ لاءِ خلافت جي مذهبي اهميت تي خاص ڪري زور ڏنو ويو.

سن ۱۹۱۸ع ۾ مسلم ليگ جو هڪ اجلاس مولوي فضل‌الحق جي صدارت هيٺ دهليءَ ۾ ٿيو. انهيءَ اجلاس جي وڏي ۾ وڏي خصوصيت اها هئي تہ ڪيترن ئي عالمن ان ۾ شرڪت ڪئي ۽ سياست ۾ سرگرميءَ سان بهرو ورتو.(۱۱)

سڄي نئڊي کنڊ ۾ ۱۷- آڪٽوبر ۱۹۱۹ع تي يوم خلافت ملهايو ويو، جنهن کان پوءِ جلدئي خلافت کانفرنس سڏائي ويئي، جنهن جو پهريون اجلاس ۲۴ نومبر ۱۹۱۹ع تي مولوي فضل‌الحق جي صدارت هيٺ دهليءَ ۾ ٿيو. ان اجلاس ۾ ڪيترين ئي تجويزن جي منظوري ڏني ويئي. مسلمانن کي گذارش ڪئي ويئي ته فتح جي جشن ۾ شريڪ ٿيڻ کان پاسو ڪن ۽ اهو به فيصلو ڪيو ويو ته جيڪڏهن حڪومت مسلمانن جي مطالبن کي رد ڪري ڇڏي ته اهي انگريزي مال خريد ڪرڻ کان انڪار ڪن ۽ حڪومت سان ڪوبه سهڪار نه ڪن. حقيقت ۾ ترڪ موالات جي ها اسڪيم مهاتما گانڌيءَ جي صلاح سان اختيار ڪئي ويئي، جنهن خلافت جي مسئلي تي پنهنجي همدردي ڏيکاري ۽ جيڪو انهيءَ جلسي ۾ موجود هو. خلافت جي مسئلي تي مسلمانن سان گانڌيءَ جي سهڪار جو ڪارڻ سندس اهو يقين هو ته مسلمانن جي اهڙي حمايت حاصل ڪرڻ ۽ انگريزن سان وڙهڻ جي لاءِ هندستانين ۾ ايڪو پيدا ڪرڻ جو اهڙو وجهه سؤ سالن ۾ به نه ايندو. (۱۲)

۶- ڊسمبر تي جمعيت العلماء عدم تعاون جي باري ۾ هڪ ٺهراءُ منظور ڪيو. سال ۱۹۱۹ع جي آخري هفتي ۾ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا اجلاس امرتسر ۾ ٿيا ۽ اهو انتظام ڪيو ويو ته خلافت ڪاميٽي ۽ جمعيت العلماء به انهيءَ هنڌ گڏجاڻيون ڪن. ڪانفرنس جي گڏجاڻي مولانا شوڪت عليءَ جي صدارت هيٺ ٿي، جنهن ۾ فيصلو ڪيو ويو ته گانڌيءَ جي رهنمائيءَ ۾ خلافت تحريڪ کي منظم ڪيو وڃي. ڪانفرنس اهو به فيصلو ڪيو ته خلافت جي سلسلي ۾ مسلمانن جي مطالبن کي پيش ڪرڻ لاءِ هڪ وفد هندستان جي وائسراءِ وٽ اماٽيو وڃي. ۱۰ جنوري ۱۹۳۰ع تي ڊاڪٽر انصاريءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ هندن ۽ مسلمانن جي اڳواڻن جو هڪ اهم وفد وائسراءِ لارڊ چيمسفورڊ سان مليو ۽ هن کي ترڪي سلطنت جي حفاظت ۽ خليفي جي حيثيت ۾ سلطان جي خودمختاريءَ جي ضرورت کان واقف ڪيو. پر ان وفد جي ڪوشش جو ڪوبه نتيجو نه نڪتو، تنهنڪري فيصلو ڪيو ويو ته محمد عليءَ جي اڳواڻيءَ ۾ سواءِ ڪنهن وقت وڃائڻ جي خلافت وفد انگلنڊ موڪلڻ گهرجي. انهيءَ وفد جي ارڪان برطانيه، فرانس ۽ اٽليءَ جو دورو ڪيو ۽ سياستڪارن، عالمن ۽ صحافين سان ملاقات ڪري خلافت تحريڪ جو معاملو هنن آڏو پيش ڪيو. پر اتي به هنن کي کا خاطرخواهه ڪاميابي نه ٿي ۽ آڪٽوبر ۱۹۳۰ع ۾ اهو وفد ملڪ موٽي آيو. انهيءَ عرصي ۾ ۱۰- آگسٽ ۱۹۳۰ع تي ترڪن سان اتحادين "سيورس ٽاهه" تي جو صحي ڪئي، تنهن مسلمانن جون اميدون مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيون. انهيءَ ٽاهه هيٺ عثمانيه سلطنت جو هڪ وڏو حصو اتحادي طاقتن جي قبضي ۾ اچي ويو، جنهن کي هنن پاڻ ۾ ورهائي ڪنيون. انهيءَ ڪري هندستان جي مسلمانن عدم تعاون تحريڪ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. آگسٽ مهيني

جي آخري ڏينهن تي سڄي نندي کنڊ ۾ يوم خلافت ملهايو ويو. انگريز جي خلاف اها شايد هڪ تمام وڏي عوامي تحريڪ هئي، جنهن ۾ هندن ۽ مسلمانن گڏجي آواز اٺاريو هو. ۱۹۲۱ع کان ۱۹۲۲ع تائين هڪ سال جي عرصي ۾ ٻنهي قومن جا ٽيهه هزار ماڻهو جيل آماڻيا ويا (۱۴).

خلافت تحريڪ جو هڪ تمام اهم نتيجو اهو نڪتو جو ان مان هجرت تحريڪ جنم ورتو. اها خلافت تحريڪ جي هڪ ذيلي تحريڪ هئي. خلافت تحريڪ جي اثرائتي پرچار سبب هندستان ۾ خاص ڪري سنڌ، سرحد ۽ پنجاب جي ماڻهن ۾ ڏاڍي بيچيني پکڙي. ڪي مسلمان عالم ۽ استاد ان راءِ جا هئا تہ هندستان دارالسلام نہ پر دارالحرب آهي، تنهنڪري هندستانين جو اهو مذهبي فرض آهي تہ اهي پنهنجي مذهب خاطر، ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ هجرت ڪري وڃن. مسلمانن انگريزي راج ۾ رهڻ نہ ٿي گهريو، تنهنڪري سنڌ ۽ سرحد مان ڪيترائي خاندان پنهنجا گهر گهاٽ چڏي افغانستان ڏانهن هجرت ڪري ويا. هجرت جي انهيءَ تجويز جي علي برادران ۽ ٻين برک اڳواڻن وڏي همت افزائي ڪئي. ان باري ۾ ابوالڪلام آزاد هڪ زبردست اپيل ڪئي (۱۵)، هن جيڪا مشهور فتويٰ جاري ڪئي، اها هن ريت هئي:

"ياد رکو، اوهان جي حڪومت نيست ونابود ٿي ويندي. ياد رکو، هندستان هاڻي دارالحرب آهي. اسان ڪان اسان جي مذهبي آزادي ڦري ويئي آهي. بغداد ۾ ڏاريون فوجون ڪاهي ٻيون آهن. ڪنوارين ترڪي ڇوڪرين جي بيحرمتي ڪئي ويئي آهي. سيورس ڏاهہ ڪاغذ جو هڪ بيڪار ٽڪرو آهي، جنهن کي پرزا پرزا ڪرڻ تمام ضروري آهي. موجوده حالتن ۾ چا ڪرڻ گهرجي. هرمسلمان تي واجب آهي تہ هجرت ڪري" (۱۶).

مولانا عبدالباري فرنگي محل پٽ هڪ فتويٰ جاري ڪئي. مڪاني عالمن پڻ هجرت ڪرڻ جي تبليغ ڪئي. عام ماڻهن کي ٻڌايو ويو تہ افغانستان جو امير سندن انتظار ۾ آهي ۽ جيئن ئي اهي اتي پهچندا تہ کين سرسبز زمينون ڏيون ويندیون. عام مسلمانن لاءِ اهڙي تسلي ڪافي هئي. اها هجرت سنڌ ڪان شروع ٿي، جتي ڪيترن ئي خاندانن پنهنجون زمينون ۽ جائدادون وڪڻي افغانستان ڏانهن وڃڻ لاءِ درهٔ خيبر ڏانهن رخ رکيو (۱۷).

سال ۱۹۱۵ع ۾ هجرت تحريڪ شروع ٿي، جڏهن اسلاميہ ڪاليج لاهور ۽ پشاور جا سورهن شاگرد پشاور ڏانهن هجرت ڪري ويا. هجرت جو اهو سلسلو ٽورن وقفن کان سواءِ سال ۱۹۲۳ع تائين هلندو رهيو. ارڙهن هزار ماڻهو افغانستان ڏانهن ويا، جتي سندن آجيان ڪرڻ جي بدران کين واپس ڪيو ويو. انهيءَ واپسيءَ جي ڪري ماڻهن کي ملڪيت جو تمام وڏو نقصان ٿيو. اهي ماڻهو سفر جون صعوبتون تڪليفون ۽ بيمارين برداشت ڪري سلامتيءَ سان واپس آيا تن ڏٺو تہ هاڻي سندن

ڪوبہ گھرگھاٽ نہ هو ۽ نہ وري وٽن ڪا دولت هئي، ڇاڪاڻ تہ سندن جائداد انهن ماڻهن جي هٿن ۾ هئي، جن وٽ هنن پاڻ اها ڪوڏين جي ملهہ وڪڻي ڇڏي هئي(١٨).

ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ماڻهن ۽ ڌن دولت جي سخت نقصان کان پوءِ هجرت تحريڪ کي ترڪ ڪيو ويو. گانڌي پڻ چؤري چؤرا واقعي کان پوءِ فيبروري ١٩٢٢ع ۾ تحريڪ عدم تعاون کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو. ويتر جو نومبر ١٩٢٣ع ۾ انقره جي ترڪي قومي حڪومت سلطان جي منصب کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ اتي جي اسيمبليءَ عبدالمجيد کي خليفو چونڊي هن جا اختيار گهٽائي ڇڏيا، تہ خلافت تحريڪ وڌيڪ ڪمزور پئجي ويئي. ٣- مارچ ١٩٢٤ع تي ڪمال اتاترڪ جي رهنمائيءَ ۾ ترڪي قومي اسيمبليءَ خلافت جي منصب کي ختم ڪري ترڪيءَ ۾ جمهوريت قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو(١٩). انهيءَ اعلان کان پوءِ، تہ خلافت تحريڪ بلڪل ختم ٿي ويئي. ڏٺو وڃي تہ ان تحريڪ ماڻهن کي ڏاڍو مايوس ۽ پريشان ڪيو، سنڌ جي ماڻهن لاءِ خلافت تحريڪ ۾ هڪ وڏي جذباتي اپيل هئي ۽ هجرت ڪرڻ جي سڏ جو هتي جي سادن ۽ اسلام پسند ماڻهن وڏي جوش ۽ جذبي سان جواب ڏنو هو. انهيءَ تحريڪ جي سڀ کان نمايان ۽ اهم شخصيت جان محمد جوڻيجو هو، جنهن خلافت تحريڪ کي منظم ڪرڻ ۾ ڏاڍي سرگرمي سان حصو ورتو هو ۽ افغانستان ڏانهن هجرت ڪري وڃڻ ۾ سڀني کان نمايان هو. اسان جي لاءِ هن جو اڀياس دلچسپيءَ کان خالي ڪونهي. هو سال ١٣٠٤ هجري ۾ لاڙڪاڻي جي ويجهو ڌامراهہ ڳوٺ ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ حاجي ڪريم بخش هڪ وڏو زميندار ۽ پنهنجي تر جو مشهور ماڻهو هو. هُن پنهنجي پٽ کي ڳوٺ جي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ موڪليو، جتي هن ديني تعليم حاصل ڪئي. پوءِ ٻارهن ورهين جي ڄمار ۾ هن ڳوٺ خيرو ديرو (تعلقو رتو ديرو) جي ڳوٺاڻي اسڪول ۾ داخلا ورتي. سنڌ مدرسة السلام مان هن مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو، جتي سندس ملاقات بئرسٽر حسن علي عبدالرحمان ۽ علي گوهر ڀٽو سان ٿي. هنن جي صحبت جو مٿس ڏاڍو اثر ٿيو ۽ جڏهن علي گوهر ڀٽو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ملڪ کان ٻاهر ويو تہ هو بہ سندس پٺيان ويو.

سن ١٩١٠ع ۾ هو انگلنڊ ڏانهن روانو ٿيو ۽ ٽن ورهين ۾ بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪيائين. تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ هو اتي ئي رهيو پيو هو. سندس مائٽن جي چوڻ مطابق هن جي پنهنجي ملڪ ڏانهن واپس اچڻ جي مرضي نہ هئي. سندس ماءُ ۽ پيءُ کي تنهنڪري ڏاڍي ڳڻتي هئي. چيو وڃي ٿو تہ جان محمد جوڻيجي اتي هڪ خواب ۾ ڏٺو تہ پاڻ لنڊن شهر ۾ پئي گهميو تہ اوچتو کيس ڳل تي چماٽ لڳي ۽ هن منهن ورائي ڏٺو تہ هڪ شخص ڏسڻ ۾ آيس جنهن چيس تہ

"تون هت موجون پيو ڪرين ۽ هوڏانهن تنهنجا مائٽ تنهنجي لاءِ پيا روئين" (۲۰).
انهيءَ واقعي کان پوءِ هو لاڙڪاڻي موٽي آيو ۽ اتي پورهيتن ۽ مسڪينن خاص ڪري هارين جي پلائيءَ لاءِ ڪم ڪرڻ لڳو، جتي کيس ڏاڍي مقبوليت حاصل ٿي.

رئيس غلام محمد پرڳڙي (پهريون سنڌي بئريسٽر) لاڙڪاڻي ۾ مسلم ليگ جي شاخ قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ جان محمد جوٽيجو سنڌ جي انهن ٿورن ميمبرن مان هڪ هو، جيڪو مسلم ليگ جو پهريون ميمبر ٿيو هو. انهيءَ واقعي سان هن پنهنجي عوامي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. (۲۱)

مارچ ۱۹۱۸ع ۾ شيخ عبدالعزيز جي صدارت هيٺ سنڌ ۾ انگريزي-عربي تعليم جي موضوع تي سکر ۾ هڪ تعليمي ڪانفرنس برپا ٿي. جان محمد جوٽيجي انهيءَ ڪانفرنس ۾ ڏاڍيءَ سرگرميءَ سان بهرو ورتو ۽ تجويز ڪيل اسڪول لاءِ ٻن وظيفن ڏيڻ جو اعلان ڪيو، پر خلافت تحريڪ کان پوءِ انهيءَ تجويز تي ڪوبه عمل نه ٿيو.

ترڪيءَ جي سوال تي پهرين ڪل هند مسلم ڪانفرنس لکنؤ ۾ برپا ٿي. اتي فيصلو ڪيو ويو ته ۱۷- آڪٽوبر ۱۹۱۹ع تي سڄي هندستان ۾ "پهريون يوم خلافت" ملهايو ويندو ۽ ترڪي خلافت جي سالميت جي لاءِ خاص دعائون گهريون وينديون. انهيءَ موقعي تي پنهنجي گهر جي ويجهو عيدگاهه ۾ جان محمد جوٽيجي هڪ گڏجاڻيءَ جو انتظام ڪيو. نومبر ۱۹۱۹ع ۾ ڪل هند خلافت ڪانفرنس دهلي ۾ ٿي، جنهن ۾ هڪ تجويز اها به منظور ڪئي ويئي ته ان 'امن مشن' جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو ويندو، جيڪا ۱۳ ۽ ۱۶ نومبر تي گڏ ٿيٽي هئي. جمعيت العلماء هند پڻ ان تجويز جي حمايت ڪئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ هڪ وفد سنڌ مان به شريڪ ٿيو، جنهن ۾ جان محمد جوٽيجو به هو. دهليءَ مان واپس اچي هن پير تراب علي شاهه جي مدد سان انهيءَ تحريڪ جو پرچار ڪيو. آمن مشن واري ڏينهن تي لاڙڪاڻي ۾ هڙتال ڪئي ويئي ۽ ڪارا جهنڊا چاڙهيا ويا (۲۲).

۴- جنوري ۱۹۲۰ع تي حيدرآباد ۾ خلافت تحريڪ جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي ماڻهن تي ٽينڊڙ ظلم جي موضوع تي جان محمد جوٽيجي تقرير ڪئي.

Gul Hayat Institute

۽ خلافت ڪانفرنس ۷ ۽ ۸ جون ۱۹۲۰ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿي. اها ڪانفرنس جوٽيجي جي ڪوشش جو نتيجو هئي. انهيءَ ڪانفرنس جي صدارت پير جهنڊو ڪئي هئي، جنهن ۾ مولانا شوڪت علي، محمد علي، غلام محمد پرڳڙي، مولانا عبدالجبار لکنوي، مولانا آزاد، سيٺ حاجي عبدالله هارون، مولانا امروٽي، مهاتما گانڌي ۽ ڊاڪٽر ڪچلو شريڪ ٿيا هئا. اتي فيصلو ڪيو ويو هو ته هڪ وفد بمبئي وڃي

هندستان جي وائسراءِ سان ملي ۽ سنڌ جي ماڻهن تي سرڪاري ڪامورن جي طرفان ٿيندڙ ڏاڍاين کان کيس واقف ڪري. آخرڪار هڪ وفد بمبئي روانو ٿيو، جتي ٢٦ ڏينهن تائين رهڻ کان پوءِ به وائسراءِ هنن کي ملڻ لاءِ وقت نه ڏنو. بمبئي ۾ هوندي ئي اهو وفد ڪل هند خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو، جنهن جي صدارت غلام محمد ڀرڳڙي ڪئي هئي. ان وفد جو اڳواڻ جان محمد جوڻيجو هو. مارچ ١٩٢٠ع ۾ اهو وفد سنڌ موٽي آيو(٢٣). ١٧- اپريل ١٩٢٠ع تي سيوهڻ ۾ مولانا عبدالڪريم 'درس' جي صدارت ۾ خلافت ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ جان محمد جوڻيجي تقرير ڪئي ۽ "هجرت" جي رٿ منظور ڪئي ويئي(٢٤). بعد ۾ ٢ ۽ ٣ مئي ١٩٢٠ع تي جيڪب آباد ۾ مولانا تاج محمود امروٽي جي صدارت هيٺ ٿيندڙ ڪانفرنس ۾ انهيءَ رٿ تي عمل ڪيو ويو، ۽ جان محمد جوڻيجي سرداريءَ جي ڪرسي، ميونسپل ڪمشنري، لوڪلبورڊ جي رڪنيت ۽ بئريسٽريءَ جي ڊگري تان هٿ کڻڻ جو اعلان ڪيو. هن سرڪاري ڍل ڏيڻ کان پڻ انڪار ڪيو(٢٥). ١٧- اپريل ١٩٢٠ع تي خلافت ڪانفرنس دادو ۾ پڻ ٿي، جتي هجرت ڪرڻ جي رٿ منظور ڪئي ويئي. انهيءَ ڪانفرنس ۾ هڪ صوبائي ڪاميٽي ٺاهي ويئي، جنهن جو صدر پير تراب علي شاهه ۽ سيڪريٽري جان محمد جوڻيجو چونڊيا ويا. جوڻيجو جي گهر ۾ هجرت دفتر کوليو ويو، جتي ڪيترن ئي ماڻهن هجرت ڪرڻ جي لاءِ پنهنجا نالا لکايا. ٢٤- مئي ١٩٢٠ع تي حيدرآباد ۾ هڪ گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ هنن وائسراءِ ڏانهن پيغام اماڻيو. انهيءَ پيغام جو نتيجو اهو نڪتو جو جان محمد جوڻيجي کي ڊيڄارڻ ۽ پريشان ڪرڻ لاءِ هڪدم سندس زمينن لاءِ گهربل پاڻي ڏيڻ بند ڪيو ويو(٢٦).

٢٠- جولاءِ ١٩٢٠ع تي هجرت ڪندڙ ماڻهن سان ڀريل هڪ خاص ريل گاڏي افغانستان ڏانهن رواني ٿي. لاڙڪاڻي مان ٧٥٠ مهاجر پنهنجا گهرگهاٽ ڇڏي جان محمد جوڻيجي جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ کان افغانستان ڏانهن هجرت ڪري ويا. ٢٤- مارچ ١٩٢٤ع تي خلافت ڪانفرنس جو اٺون اجلاس مولانا شوڪت عليءَ جي صدارت ۾ سکر ۾ ڪٺو ٿيو، جنهن ۾ اجلاس جي سيڪريٽري عبدالستار آدم پنهنجي رپورٽ ۾ هجرت جي اڳواڻي ڪرڻ لاءِ جوڻيجي جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته اها ننڍي کنڊ جي سياسي تاريخ ۾ هڪ سنگِ ميل جي حيثيت رکي ٿي. ان هجرت تي انگريز سرڪار کي سخت تشويش ٿي. ١٩- جولاءِ ١٩٢٠ع تي پهرين ريل گاڏي جلال آباد پهتي، جتي افغان حڪومت هنن جو زبردست آڌرڀاءُ ڪيو ۽ کين گهربل سڀئي سهولتون ڏنيون. آڪٽوبر ۾ رئيس المهاجرين (جان محمد جوڻيجو) هڪ وفد وٺي هندستان آيو ۽ مولانا محمد عليءَ سان مليو. بعد ۾ ٻنهي گڏجي هندستان جي شهرن ۽ ڳوٺن جو دورو ڪيو ۽ هجرت تحريڪ جي تبليغ ڪئي (٢٧).

نومبر جي آخر ۾ الهه آباد ۾ کانگريس کانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ ڪان پوءِ هو لاڙڪاڻي موٽي آيو، جتي ڪيس سنڌ جي جڊيشل ڪمشنر طرفان هڪ نوٽيس مليو، جنهن ۾ جيڪب‌آباد ۾ ڪيل سندس تقرير تي اعتراض ڪيل هئا ۽ ڪيس چيو ويو هو ته پاڻ ذاتي طرح ڪراچي اچي انهن الزامن جا جواب ڏي. هن ڪراچي وڃڻ ڪان انڪار ڪري ڇڏيو، پر هن پنهنجي جواب ۾ لکيو ته "افغان بادشاهت جي شهريءَ ۽ انجمن-مهاجرين-هند جي عيوضيءَ جي حيثيت ۾ اوهان کي جواب ڏيڻ لاءِ پنڊل ناهيان، پر افغان حڪومت جي رعيت هجڻ جي حيثيت ۾ انهن آڏو ذميدار آهيان(۲۸)". آتان هو بمبئي ويو، جتي هن کي بمبئي خلافت ڪاميٽيءَ طرفان مهاجرن جي لاءِ پنجاهه لک روپيا چندو مليو، جيڪو هن هڪدم ڪابل موڪلي ڇڏيو. پوءِ ڪابل ڏانهن ويندي ڪيس پشاور ۾ ويهن ڏينهن تائين روڪيو ويو، جتي هن هڪ عام جلسي ۾ تقرير ڪري، پاڻ کي هندوستاني هجڻ جي بدران افغاني ڄاڻايو ۽ انگريز سرڪار جي سخت مذمت ڪئي. انهيءَ تي هن کي پشاور بدر ڪيو ويو، جتان هو لاهور پهتو ۽ وري لکنؤ ۾ خلافت ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ويو، جتي هن فارسي زبان ۾ تقرير ڪئي.

بعد ۾ مولانا محمد علي جوهر سان گڏ جي خلافت ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جي لاءِ اجمير ويو، پر بيماريءَ سبب اجلاس ۾ شرڪت نه ڪري سگهيو. هن اجمير ۾ ۱۶- اپريل ۱۹۲۱ع تي وفات ڪئي. سندس جنازي نماز مولانا حڪيم معين‌الدين اجميري پڙهائي ۽ ڪيس اجمير ۾ ساگر تلاءَ جي ويجهو دفن ڪيو ويو. هيٺ شيرل شاعر جو چيل هڪ طويل نظم ڏجي ٿو، جنهن ۾ هجرت تحريڪ ۾ شرڪت ڪئي هئي. انهيءَ نظم ۾ جان محمد جوڻيجي جي زندگيءَ ۽ خدمتن جي تعريف ڪيل آهي ۽ هجرت تحريڪ جو سهڻو بيان ڏنل آهي:

جان محمد جوڻيجو سورهيه سامايو،
راضي تنهن تي رب ٿيو تنهن کي واحد وڏايو،
سخي هو سخاوت ۾، ڪيائين روح اندر رايو،
ڀالهه آها ڀايو، مرد تنهن ملوڪ جي.

مرد تنهن ملوڪ کي، ڏاتر ڏنا ڏاڻ،
عهدو وڪالت بئريسٽريءَ جو ورتائين همت ساڻ،
علم پڙهي عالم ٿيو، هيس انگريزي اهيڃاڻ،
هاڻ ڪيان روح رهاڻ، ساراهه سپرين جي.

ڏو ساراهه سپرين جي، جنهن کي مولا ڏنو مان،
هٿ هوس حاڪمن جو، شاهي جنهن جو شان،
ڪامل ٿي ڪورٽون ڪيون، هڏي بات بيان،
جيءَ اندر آهن جولان، سڪ تنهنجي ساهه کي.

سڪ تنهنجي ساهه کي، اندر نه آهي آرام،
ڪائن نه آهي خوشيءَ جو، چش نه ڏئي طعام،
هجرت تي سنهري هليو، ڪري اهو انجام،
اڳ ۾ ٿي امام، قافلو ڪيائين ڪيترو.

قافلو ڪيائين ڪيترو، لڳين خرچ ڪٽي،
جيڪا رضا رب جي، واهه تنهن کي وٽي،
مهاجرن جي محبت ۾، پاڻ ڪيائين پٽي،
لاڙ ڪاڻي تي لقب هٽي، ريل تي چڙهي "رڪن" ڏي هليا.

ريل تي چڙهي "رڪن" ڪوڻ، ٽيا سڪر روانا،
عرض ڪيائين الله کي، اسين آهيون تنهنجا بانها،
داڻي پاڻي نصيب جي آهي انهي ۾ معنيٰ،
پوءِ اڃي ملتانا، ٽهرو ڪيائين ڏينهن جو.

ڏهرو ڪيائين ڏينهن جو، هليا چڙهي لاهور،
آتي عزت ملي امير کي، سر ڪيائون گهور،
ڪائن آندائون خوشيءَ سڻ، ڏنائون زور،
اهڙي ٿي دستور، "راولپنڊي" رڙهي هليا.

"راولپنڊي" رڙهي هليا، "ڪانولپور" ڪاهي،
واڳ وس نه پنهنجي، ڏور وڏي ڏاهي،
گاڏي چڙي چوهه مڻ، ڏس چا منجهڻون چاهي،
"پشاور" ۾ لاهي، ڏينهن چڏ بائون ڪيترا.

آتي ڏينهن رهي ڪيترا، هليا پيادا ڪلي پنڊ،
رفيق ٽياسون راهه سڻ، راهي متي رند،
رکيائون سڪ سريز ۾، خودي ڪيائون بند،
اڃي ٽياسون هڪ هنڌ، "بيني ڪوٽ" جنهن کي چون.

Gul Hayat Institute

ويني ڪوٽ جنهن کي چون، رکيائون جلال آباد جوش،
عقل چڏي ويو اڳ ۾، ڪونہ رهيو هوش،
ڪونہ وڙهي ڪنهن سان، دشمن توڙي دوس،
مڙني ڪئي خاموش، محبت رکي من ۾.

محبت رکي من ۾ "ڪابل" ڪيائون ڪاهہ،
دونهان درد ڪائيا، عشق آندو آڙاهہ،
پنڊ اڙانگو پنڌيون، رهي آيا راهہ،
اهڙوئي آهہ الله، "اميرصاحب" ڏائون اکين سان.

اميرصاحب عزت ڏني، مولوي عبيدالله صاحب سڏائي،
دعوت ڪاڏائون دل سان، راتيون رهائي،
"سنڊين" ڇيو سڪ مان، آيا آهيون سرڙا لهرائي،
توڙي وجهين ڪهائي، "جان محمد" ڇيو جوش مان.

اميرکي ائين نہ گهربوهو، ڏنائين مهاجرن کي موڪل،
سيڃ رکيائين سرير ۾، نہ ڪيائين توڪل،
ڪجهہ اندر جون ڪاليون، تون جوش اندر ۾ جل،
راهي ٿيا رلمل، سوڻي پنهنجي ملڪ تي.

سوڻي پنهنجي ملڪ تي، آيو "جان محمد" جائي،
رات ڏينهان روح ۾، هيس وات اهڙا وائي،
دانهون ڪيائين درد مؤن، ڪونهي حال پائي،
نصيب داڻو پاڻي ڪائي، هلي آيا "هندستان" ۾.

"هندستان" ڏي روانا ٿيا، خواجہ اجمير شريف،
سڪ رکيائين ساهہ ۾، ڪهڙي ڪريان تعريف،
ملڪ چڏي مسافر ٿيو، سهي گهڻي تڪليف،
اکيون ڪوريون ڪيف، مانجهي تنهن ملوڪ جون.

مانجهي تنهن ملوڪ جي هئي، عمر ٽيهہ ورهيہ پوري،
رضا تي راضي رهيو، ڪيائين صبوري،
مرڻ جي مهل تي، موت رکيائين منصوري،
آيا ملائڪ حضوري، سڪرات ڏنائين ڪانہ ڪا.

Gul Hayat Institute

سڪرات ڏٺائين ڪانه ڪا، ساهه ڏنائين سنهنجو،
"شيرل" چوي شهيد ٿيو، وطن ڇڏي پنهنجو،
سوال ڪريان توکي سيدا، ڪرنه ڪانيارو ڪنهنجو،
هٿ آهي منهنجو دامن دستگير جي.

جان محمد جوءِ مان، ويو ڪست منجهان ڪاهي،
مال، مڏيون ڦٽيون ڪري، ويو لاڳاپا لاهي،
جنهن کي سڪ سرير ۾، ڏور وڌي ڏاهي،
اجمير ۾ آهي، مقبرو ملوڪ جو.

مقبرو ملوڪ جو، جو دئون جوڙ يائون،
جهنڊا تنهن جوان جا، خوب کوڙ يائون،
ماتم ڪيائون من ۾، ڳل ڳوڙها ڳاڙ يائون،
پريت پاڙ يائون، جو صوبو هو سنڌ جو.

صوبو هو سنڌ جو، ملڪن جو مير،
صاحب ٿي صاحبي ڪئي، جو بادشاهي وزير،
شهيد ٿيو شوق مان، نيڻن وهايان نير،
اتر وارا پير، پناهه ڏيندين پرديسيءَ کي.

پناهه ڏيندين پرديسيءَ کي، جنهن صدقو ڪيو ساهه،
ميڙي محمد ڄام جي، توکي آڻيندو الله،
حضرت ٿيندءِ حامي ڪندءِ سنئين راهه،
باري آهي بيپرواهه، آهيان سام اوهان جي سيدا.

حوالا

۱. شاهه معين الدين ندوي، تاريخِ اسلام، جلد اول، ص ۱۲۹.
2. History of the Freedom Movement, Part I, Vol III, p 205.
۳. عبدالقادر ملوڪ شاهه بدايوني، منتخب التواريخ، ص ۴۳۰.
۴. سليم وحيد سليم، تزڪِ جهانگيري.
5. History of the Freedom Movement, p 206.
6. Razi Wasti, The Political Traingle in India 1858-1924, p 216.
7. T.V. Arnold, The Caliphate, pp 141-146.

Gul Hayat Institute

۸۔ غفار، قاضي عبدال، حياتِ اجمل (علي گڑھ)، ص ۱۲۹۔

9. History of the Freedom Movement, Vol III, Part I, p 213.
10. K.K. Aziz, The Journal of the Research Society of the Punab, Vol III, No 4, Oct 1966, pp 113-114.
11. Hisory of the Freedom Movement, Vol III, part I, p 213.
12. R. E. Majumdar, History of the Freedom Movement of India Vol III, p 60.
13. Ibid.
14. K.K. Aziz, A Short History of Pakistan, pp 186-188.
15. Shafigue Ali Khan, Two Nation Theory, p 567.
16. Azim Hussain, Fazal-i-Hussain, p 105.
17. History of the Freedom Movement, p 225.
18. Shafique Ali Khan, Two Nation Theory p 567.
19. K.K. Aziz, A Short History of Pakistan, p 188.

۲۰۔ دين محمد وفائي، يادِ جانان، ۱۳۴۰ھ، ص ص ۱-۴۔
۲۱۔ شيخ عبدالمجيد سندي، الرحيم (سندي مضمون)۔
۲۲۔ ايضاً
۲۳۔ دين محمد وفائي، يادِ جانان، ص ص ۱۲-۱۴۔
۲۴۔ علي محمد راشدي، روزنامہ جنگ، ۲۳- اپريل ۱۹۷۴ء۔
۲۵۔ دين محمد وفائي، يادِ جانان، ص ۱۵۔
۲۶۔ الوحيد- سندھ آزاد نمبر، ص ۱۶۷۔
۲۷۔ شيخ عبدالمجيد سندي، الرحيم،
۲۸۔ دين محمد وفائي، يادِ جانان، ص ص ۳۲-۳۳۔
(پاکستان اسٹڈيز سينٹر، سندھ يونيورسٹي جي رسالي "گراس روٹس" جلد ۱۰ نمبر ۱۰، ۱۹۷۷ء تان شڪريہ سان ڪنيل)۔

Gul Hayat Institute

مولانا عبيدالله سندي

جي. الانا

اڻويهين صديءَ جي شروع ۾ سک، پنجاب ۾ اقتدار اعليٰ جا ڏڻي هئا، ۽ ڪيترائي سک گهراڻا پنجاب حڪومت جي انتظاميه ۾ آفيسرن طور ملازم هئا. گلاب راءِ به انهن مان هڪ آفيسر هو، جنهن جو گهراڻو سڪ سانت جي زندگي گذاري رهيو هو. اهو به چگو آهي ته ماڻهوءَ کي سڀي نوڪري ۽ سڀي پگهار به هوندي آهي، پر ان کان وڌيڪ وڏي نوڪريءَ ۾ ٽٽ ٽانگر ۽ رعب تاب به هوندو آهي، سو گلاب راءِ پنهنجي گهراڻي جي اقتصادي حالتن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ واسطي، پنهنجي پٽ جسپت راءِ کي هڪ اهڙي قسم واري سودمند نوڪري وٺرائي ڏني. جڏهن سکن جي طاقت پنجاب ۾ ختم ٿي ويئي ته اهي ماڻهو جن جو گذر بسر ئي نوڪريءَ تي هو، سي اوسي پاسي روزگار جي تلاش ۾ واجهائڻ لڳا. اهڙي نموني جسپت راءِ جو پٽ رام سنگهه پنهنجي اباڻن ڪکن کي ڇڏي اچي سيالڪوٽ ۾ پنهنجو سونارڪو ڌنڌو ڪري، پنهنجي ڇڻ جو روزگار ڪرڻ لڳو. سندس برادريءَ جي ٻين ماڻهن حڪومت ۾ نئين نوڪرين ٿي اڪتفا ڪئي يا واپار ۾ هلڪو ڌنڌو شروع ڪيو. سيالڪوٽ ۾ رام سنگهه جو ڌنڌو چگو متو. هن سيالڪوٽ جي سک گهراڻي جي هڪ چوڪريءَ سان شادي ڪئي. رام سنگهه کي ٻهريائين هڪ چوڪري ڄائي، جنهن جو نالو جيوٽي رکيو ويو. چوڪريءَ ڇمڻ کان پوءِ هڪ چوڪرو ڄيان والي ڪوٽ ۾ ۱۰ مارچ ۱۸۷۲ع ٿي ڄائو، جيڪو بعد ۾ مولانا عبيدالله سندي سڏجڻ ۾ آيو.

رام سنگهه پنهنجي پٽ جي ڇمڻ کان چوٽين مهيني وفات ڪري ويو ۽ ان کان پوءِ سندس پٽ ۽ نياڻي جسپت راءِ جي نظر هيٺ رهڻ لڳا. ٻنهي ٻارڙن جي مٽان سندن ڏاڏي جو پاڇو ويهه مهينا مس رهيو، جو هو به راهه رباني وڻي هليو. ٻن ٻارن جي جوان ساڻ باقي عمر پنهنجي ٻيءَ جي گهر پناهه وٺڻ جي ارادي سان وٽس وئي، جنهن کيس ٻنهي ٻارن سميت خوشيءَ سان رهائڻ قبول ڪيو. جنهن جي مرڻ کان پوءِ هن مصيبت جي ماريل عورت کي پنهنجي ڀائرن جي پاڇي ۾ رهڻ کان سواءِ دنيا ۾ ڪابه جڳهه ڪانه هئي. هن جا ٻه ڀائر ضلعي ڊيري غازي خان جي جام پور ۾ آبيدار هئا، جن پنهنجي ٻيڻ ۽ پاڻيجن کي خوشيءَ سان پاڻ وٽ رهايو. ڇهن سالن جي

يتيم ٻار جام پور جي هڪ آردو اسڪول ۾ داخلا ورتي ۽ ۱۸۸۷ع ۾ جام پور جي مڊل اسڪول ۾ پڙهڻ شروع ڪيو. ننڍڙي ابهڙي پنهنجو پاڻ کي هڪ هوشيار شاگرد ثابت ڪيو ۽ ڪلاس ۾ پهريون نمبر اچڻ لڳو. اڃا مڊل اسڪول ۾ پڙهندو هو، جو سندس هڪ همڪلاسيءَ آريه سماجي چوڪر کيس هڪ ڪتاب "تحفتالهند" نالي ڪيس ڏنو، جيڪو هن وڏي چاهه سان پڙهيو ۽ جنهن کان هيءَ ڏاڍو متاثر ٿيو. ٽئين درجي ۾ ئي هو جو سندس شوق اسلام جي مطالعي لاءِ ٿيو. اسلام متعلق جيڪو به ڪتاب هٿ لڳندو هوس، سو پڙهي وڃندو هو. اوچتو ئي هن مسلمان ٿيڻ جو ارادو ڪيو. اهو چاٽندي ته سندس ماءُ، پيڻ ۽ ماما وغيره سندس مسلمان ٿيڻ تي ناراض ٿيندا، سو هو گهر کان پڄي، سيالڪوٽ جي ڪنهن ڪوٽ ۾ رهڻ لڳو. آتي به سندس هم ڪلاسي مسلمان دوست کيس مولانا محمد اسماعيل شهيد جو لکيل ڪتاب "تقويتالايمان" ڏنو، جيڪو سندس مسلمان ٿيڻ جي راهه ۾ هڪ سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. "مان آهو پڙهي اسلام جي وحدانيت جو قائل ٿي ويس(۱)." جيئن اسلام سيکاريو آهي: سندس هي عمل ڏيکاري ٿو ته هي ننڍي ٿهيءَ کان وٺي هڪ انقلابي ذهن جو مالڪ هو ۽ هن جي زندگيءَ جي درياهه ۾ پنهنجي طريقي جو ساموندي سفر اختيار ڪيو، توڙي جو کيس پنهنجي گهراڻي کي رنج ڪرڻو پيو. "هاڻي مون روزانو نماز پڙهڻ شروع ڪئي ۽ پنهنجو نالو بدلائي "تحفتالهند" جي مصنف جي پٽيان عبيدالله رکيم(۲)." پوءِ هو ڪليو ڪلايو چوندو رهيو ته "هو مسلمان ٿي چڪو آهي". آخر ۾ هن لکيو آهي ته "هن اسلام هڪ هندو عالم کان سکيو، جيڪو پاڻ کي پنڊت-مولوي چوائيندو هو. ۱۰- آگسٽ ۱۸۸۷ع تي مان خدا جي مدد ۽ مهرباني سان مسلمان ٿيس. مون سان گڏ منهنجو دوست عبدالقادر گڏ هو. مان عربي جي مدرسي جي پٽي دوست سان ڪوٽلي رحم شاهه ضلعي مظفر شاهه پهتس. ۹- ذوالحج ۱۳۰۴هه ۾ منهنجو طهر ٿيو. جيئن منهنجا عزيز اقارب ناراض ٿيا، تنهن ڪري ٿوري وقت کان پوءِ آءٌ سنڌ لاءِ راهي ٿيس ۽ رستي ۾ آءٌ ان شاگرد دوست کان عربي سکندو رهيس(۳)."

مولانا پنهنجي آتم ڪهاڻي لکندي پنهنجون يادگيريون قلمبند ڪندي فرمائي ٿو ته: "هن جو پلارو بخت هو جو پرچوندي جي بزرگ مولانا محمد صديق جو شاگرد ٿيو، جنهن پنهنجي مريدن جي پريءَ ڪچهريءَ ۾ چيو ته: "عبيدالله اسلام واسطي عزيز اقارب ڇڏيا آهن. هن کان پوءِ آڏون هن جو پيءُ به آهيان ته ماڻهو به".

---

(۱) پروفيسر محمد سرور: "خطبات مولانا عبيدالله سندي" ص ۵۹.

(۲) ايضاً ص ۵۹.

(۳) ايضاً ص ۵۹.

مولانا سندي پرچوندي جي بزرگ ڏانهن ايڏو تہ رجوع ٿي ويو جو، "مون سنڌ کي پنهنجو بنايو يا سنڌ منهنجي بنجي ويئي. مان حضرت صاحب جن کان قادري راشدي طريقي تي سبق ونندو رهيس". تعليم کي وڌيڪ جاري رکڻ لاءِ هن بزرگ کان اجازت ورتي. "اهو بزرگ صاحب جي ٿي دعا جو اثر هو جو آئون شيخ الهند مولانا محمودالحسن جو شاگرد بنيس". هن بهاولپور جي هڪ مسجد ۾ عربي پڙهڻ شروع ڪئي. ۱۷ سالن جي عمر ۾ هن ديوبند جي دارالعلوم ۾ داخلا ورتي جتي هن قرآن، حديث، فلسفہ ۽ منطق جو گهرو مطالعو ڪيو. "ديوبند ۾ آئون خواب ۾ رسول مقبول (صم) ۽ امام ابوحنيفہ (رح) جي زيارت کان مستفيض ٿيس" (۱).

مولانا سندي ديوبند ۾ شيخ الهند وٽ پڙهيو ۽ سندس شخصيت کان گهڻو متاثر ٿيو. اهو اثر سندس زندگي تي سڄي عمر رهيو. هن ديوبند مان علم جي تحصيل ودي ڪاميابي سان ڪئي. شيخ الهند جي اجازت سان گنگوهہ ۾ مولانا رشيد احمد وٽ ويو، پر گنگوهہ ۾ سندس ترسڻ بلڪل ٿوري عرصي لاءِ ٿيو. هو گنگوهہ ۾ پهتوئي مس تہ سندس طبيعت ناچاق ٿي پئي ۽ علاج واسطي دهلي روانو ٿيو. دهلي کان صحتياب ٿي گنگوهہ پهتو تہ مولانا محمد صديق پرچوندي چڏي وڃي دارالبقا پهڙو ٿيو هو. اها خبر ٻڌڻ سان پرچوندي، ضلع سکر لاءِ روانو ٿيو ۽ ۲۰- جمادي الثاني ۱۳۰۸هـ ۾ اتي پهتو.

مولانا سندي سکر ۾ ئي هو، جو هن اسلاميہ اسڪول جي هڪ استاد محمد عظيم خان جي ڏيءَ سان شادي ڪئي هئي. هن پنهنجي شاديءَ جو سڈ پنهنجي ماءُ ڏانهن ۾ موڪليو ۽ تاڪيد ڪيو هئائين تہ سکر ضرور اچي شادي ۾ شريڪ ٿئي. مولانا سنڌيءَ جي ماءُ گهڻي عرصي رنج ۽ جدائيءَ کان پوءِ پنهنجي پياري پٽ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿي ۽ بعد ۾ ساڻس گڏ رهندي آئي. شاديءَ کان پوءِ ۾ سڄيءَ سنڌ جي ڪتب خانن ۾ پاڻ کي شاگرد سمجهي، علم ۽ ادراڪ جي تحصيل ڪندو رهيو. پڙهي پڙهي آخر وقت جو هڪ وڏو عالم بنجي ويو. شاهہ ولي الله جي لکتن ڪيس گهڻو ڪجهہ متاثر ڪيو، جنهن ڪري مولانا سنڌي شاهہ ولي الله کي پنهنجو امام ڪري مڃيو. مولانا لکي ٿو تہ "آءٌ ان قابل ٿيس جو اسلام جي فلسفہ کي چگيءَ ۾ پروڙڻ ۽ سمجهڻ لڳس (۲)". تمام گهڻي ۽ مسلسل مطالعي، مولانا محمد اسماعيل شهيد جي فلسفہ ڪيس سياسي اصولن ڏانهن رجوع ڪيو، جيڪو فطرتي طور انقلابي هو. هن جي حياتي ۽ سکيا مولانا سنڌيءَ کي ان جو گرويده بنائي وڌو، "مان مولانا محمد اسماعيل شهيد جي لکت مان انقلاب ۽ اسلام بابت هڪ باب تي عمل ڪيو ۽ ان کي پنهنجي سياسي زندگي ۽ پروگرام لاءِ بنياد قرار ڏنو (۳)".

---

(۱) "نقوش" آپ بيتي نمبر، ص ۱۴۲۱. (۲) "نقوش" آپ بيتي نمبر، ص ۱۴۴۲.
(۳) ايضاً ص ۱۴۲۲.

هو ۱۳۱۵هـ ۾ ديوبند واپس آيو. هن حديث ۽ فقه تي مقالا ۽ مضمون لکيا، جيڪي ديوبند جي علمي حلقن ۾ بيحد پسند کيا ويا. هو ديوبند ۾ گهڻو وقت ترسي نه سگهيو. کيس اندروني احساس مجبور ڪيو ته هو سنڌ ڏانهن واپس وري. کيس يقين هو ته سنڌ ئي سندس ڪم ۽ خدمت لاءِ صحيح مقام هو. هن امروٽ ۾ اچي سنڌيءَ ۽ عربيءَ جا ناياب نسخا گڏ ڪرڻ شروع ڪيا، جيئن هو درس تدريس جو سلسلو جاري رکي ۽ پنهنجي نظريي موجب ئي تعليم ڏئي. اهو ڪو مولانا سنڌيءَ جو اڪيلو خيال نه هو، پر جيڪي نظرياتي انسان دنيا پيدا کيا آهن، انهن ۾ مالي ذريعن جي ڪميءَ سبب اهڙي نامڪمل خواهش جو اظهار ڪيو آهي. سڪٽو هنيانءَ آخر ڪيتروڪم ڪندو؟ ۽ خالي هڙ سان آخر چا ٿو ڪري سگهجي؟ پر ۱۳۱۹هـ ۾ حضرت مولانا رشدالله صاحب امروٽ ۾ هڪ مدرسو جوڙايو، جتي مولانا سنڌي ستن سالن تائين پڙهائيندو رهيو. ان عرصي جي آخري ڏينهن ۾ مولانا سنڌيءَ ڏانهن شيخ الهند مولانا محمودالحسن جو سڏ پهتو ته هڪدم ديوبند پهچي وڃ. مولانا سنڌي وڏي فرمانبرداريءَ سان ديوبند پهتو. شيخ الهند کيس ديوبند ۾ جمعيت‌البصر کي پڙهائڻ جو ڪم سندس حوالي ڪيو. مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا محمد صادق سنڌيءَ سان گڏ ڇٽن سالن تائين پڙهائيندو رهيو. شاگردن ۾ سندس مرتبو افضل ۽ اعليٰ هو. بعد ۾ شيخ الهند جي حڪم سان مولانا سنڌيءَ کي دهليءَ موڪليو ته جيئن مولانا سنڌي دهليءَ جي نوجوان مسلمان دانشورن سان رابطي ۾ رهي، جيڪي هندوستان جي مسلمانن کي ايڪتا ۾ پوئي رهيا هئا. دهليءَ ۾ مولانا جي چوٽيءَ جي مسلمان دانشورن سان دوستي ٿي وئي، جنهن ۾ مولانا محمد علي، مولانا ابوالڪلام آزاد، ڊاڪٽر انصاري ۽ نواب وقارالملڪ اچي وڃن ٿا. "اهڙي طريقي سان منهنجو هندوستان جي مسلمان سياستدانن سان تمام ويجهو رابطو قائم ٿي ويو(۱)".

مولانا عبيدالله سنڌي دهليءَ جي فتحپور مسجد ۾ ديني ڪلاس شروع ڪيو، جنهن ۾ تمام گهڻن مسلمانن داخلا ورتي. انهن شاگردن ۾ مولانا پنهنجا نظريا ۽ خيالات پکيڙيندو رهيو. پوليس کي جڏهن اهو پتو پيو ته مولانا سڀان سخت چوڪسي شروع ڪئي ويئي. آخرڪار مولانا کي ڪنهن ڀاڻي اٽڪائي ڇڏيائون، ۽ سندس نظرياتي اسڪول بند ٿي ويو. ٽيهن سالن کان وڌيڪ عرصو هن پڙهڻ ۽ بعد ۾ اسلام جي مختلف شعبن ۾ پڙهائڻ ۾ گذاريو، ۽ پنهنجون راتيون هندستان جي مسلمانن جي سياسي اصلاح واسطي غور وفڪر ۽ منصوبه بندي ۾ گذاريون. هن ڏٺو ته سندس وطن ۽ هم مذهب بي چيني ۽ سياسي شڪنجي ۾ قائل هئا. مغربي بيٺڪي نظام پوري جوڀن ۾ جواني جي ڦوهه ۾ هو. اخبارن ۽ پين ذريعن وسيلي سرحدن پرسان، مسلمان ملڪن جي سياسي غلامي ۽ اقتصادي بدحالي جو ڪيس پورو پتو هو.

(۱) "نقوش" آپ بيتي نمبر، ص ۱۴۲۳.

سندس انقلابي خيالن جو پڙاڏو پري پري سرڪاري جاسوسن تائين پهچي چڪو هو، جيڪي ڏاڙئي سامراج وٽ وڪامي چڪا هئا ۽ سامراجي مفادن جي قوت جا محافظ بنجي چڪا هئا. پر ان کان اڳ هو پوليس جي اکين ۾ کنڊو هو. هندستان جي بدتر سياسي حالات کان چٽڪ مايوس ٿي چڪو هو. شاهه ولي الله ۽ مولانا محمداسماعيل شهيد جي انقلابي نظرين کان ڪافي متاثر هو. انهن سڀني جي ساڀيا ڏسڻ جو منتظر هو، جڏهن ڏکاريل ڏاريا سامراجي هندستان کان هميشه هليا ويندا ۽ سندس هموطن هڪ آزاد ۽ خودمختيار قوم بڻجي سڪ جو ساهه کڻندا. جڏهن هو ڪنهن سياسي رستي جو متلاشي هو تہ عين ان وقت شيخ الهند جو ڪيس ڪابل پهچڻ جو حڪم مليو. "مون کي ان متعلق ڪجهہ بہ هدايتون مليل ڪين هيون تہ مون کي ڪابل ۾ پهچي چا ڪرڻ گهرجي، ان ڪري مون کي هن ترڪ وطن متعلق ڪوبہ جذبو نہ هو، پر خداتعالي منهنجي هن رستي مان سڀ رندڪون ڪڍي دور ڪري ڇڏيون، جنهنڪري آئون رضاڪارانہ طور هندستان ڇڏي سولائيءَ سان افغانستان پهچي ويس. مان دهليءَ جي سياسي دوستن کي ڪابل ڏانهن اوچتي هجرت متعلق اطلاع ڏئي نہ سگهيس" (۱).

هن مان صاف ظاهر آهي تہ مولانا کي پتو هو تہ جيڪڏهن پوليس کي سندس ارادي متعلق پتو پڻجي ويو تہ سندس افغانستان وڃڻ رڪجي سگهيو ٿي.

مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي افغانستان ۾ وڃڻ آجيان ٿي. انهيءَ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ شيخ الهند ڇجهي نموني، مولانا سنڌيءَ جي ڪابل پهچڻ جو اطلاع اڳ ۾ اتي پهچائي چڪيو هوندو. ڪابل حڪومت جي تعاون سان مان هندستان ۾ چڪين اڏ گيدي ڪمر کي اڳتي وڌائڻ جي قابل بڻجي ويس. ۱۹۱۶ع ۾ مون کي امير حبيب الله خان حڪم ڏنو تہ هندن جي تعاون سان ڪابل جي سرحدن اندر آڳ سياسي ڪم شروع ڪريان. پوءِ مان ڪانگريس جي پارٽي ۾ رجسٽر ٿيس ۽ ان جي پروپئگنڊا شروع ڪيم. امير امان الله جي دور حڪمراني ۾ مون ۱۹۲۲ع ۾ ڪابل ۾ ڪانگريس جو بنياد رکيو ۽ ڊاڪٽر انصاري جي مدد سان ان آفيس کي مرڪزي آل انڊيا ڪانگريس سان متعلق ڪيو ويو. اهڙو فيصلو گايا اجلاس ۾ ڪيو ويو. برطانوي هندستان کان ٻاهر ڪانگريس جي هيءَ پهرين شاخ هئي، ۽ مون کي فخر آهي تہ آڳ ان جو پهريون صدر آهيان." ڪابل ڪانگريس جي شاخ جي بنياد وجهن کان هڪ سال پوءِ هو ماسڪو ڏانهن روانو ٿيو، جتي هو ست مهينا رهيو. مولانا جي سامراج دشمن رويي جي ڪري، جنهن کان روس جي حڪومت باخبر هئي، سندس چگيءَ پر آجيان ڪئي ۽ کين سماجوادي نظام جي گوڙهي مطالعي واسطي سڀ سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون. "اهو صحيح ناهي تہ مون ان وقت،

---

(۱) سرور، پروفيسر محمد: متذڪره صدر، ص ۶۸.

سائي لينن سان ملاقات ڪئي. هن جي طبيعت ايڏي تہ ناچاق هئي، جو هو ويجهي ڪان ويجهي دوست سان بہ نہ ٿي ملي سگهيو..." "جيتوڻيڪ آءٌ سماجوادي نظام ڪان متاثر هوس، پر شاهہ ولي‌الله جي اصولن جيڪو مون ۾ يقين پيدا ڪيو هو، تنهنڪري هر ڪنهن ازم ڪان آزاد هوس".(۱)

ماسڪو ۾ ترسڻ وقت هن روس ۾ ترڪيءَ جي سفير سان واقفيت پيدا ڪري ورتي. ان جي مدد سان هن ترڪي جي دوري جي اجازت ورتي ۽ لڪچوري سفر جو بندوبست ترڪي حڪومت پاڻ ڪيو. "برطانوي حڪومت جي سي. آءِ. ڊي ڪي مولانا جي ترڪي جي دوري جو اڳواٽ ڪوبہ پتو نہ پئجي سگهيو."(۲) اهو هن مان ظاهر آهي تہ برطانوي حڪومت مولانا کي خطرناڪ ماڻهو سمجهي پنهنجا گماشتا سندس ڪيڙ لائي ڇڏيا هئا. برطانوي حڪومت جي ناراچنچو ۾، وطن ڪان ڪوهين دور هو، پر ان ڳالهہ ڪان بيپرواهہ. ڪيس فقط اها آڻ ٽڻ هئي تہ سندس وطن آزاد ٿئي. تحقيق هن خطرناڪ زندگي گذاري ۽ خطرن ۾ وڪوڙيل هجڻ جي باوجود ڏاڍو مطمئن هو. مولانا صاحب پورا ٽي سال ترڪيءَ ۾ هندستان جي آزاديءَ لاءِ منصوبہ بنديءَ ۾ گذاريا ۽ ٻين مسلمان ملڪن کي بہ مغربي سامراج سان ٽڪر کائڻ لاءِ همٿايو، اهو سامراج جيڪو سندن آزاديءَ سان کيڏي رهيو هو.

مغربي سامراج جي ٻيڪي نظام خلاف چوندڙ لاءِ انقلابي حريت پسند زيرزمين ڪم ڪري رهيا هئا. ان ردِ عمل ۾ اسلامي دنيا جو هر مسلمان ملڪ ڇڪ ويل ۾ ڦاٽل هو. مڪي ۾ اسلامي دنيا جي مسلمان ملڪن مسلم ڪانگريس جو اجلاس ۱۳۴۴ھ ۾ ڪوٽايو، جتي هر مسلمان ملڪ کي شريڪ ٿيڻو هو. مولانا سنڌي ان کي بهتر سمجهيو تہ ٻين مسلمان ملڪن جي سياسي اڳواڻن جي تجربن مان هي فائدو حاصل ڪيو ويو، ۽ سندس تجربن مان ٻيا مسلمان ملڪ فائدو حاصل ڪندا. اهڙو خيال دل ۾ رکي، مولانا انليءَ رستي ترڪيءَ کان مڪ معظم ڏانهن روانو ٿيو. برطانوي حڪومت جي سي. آءِ. ڊي ۽ گماشتن، مولانا جي سفر دوران راهہ ۾ رندڪون وجهندا آيا، جيئن مولانا وقت تي رسي نہ سگهي. هو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ويا، ۽ مولانا ۱۳۴۵ھ ۾ ان وقت مڪي پهتو، جڏهن اجلاس ختم ٿي چڪو هو. مولانا انهن مسلمان ملڪن جي اڳواڻن سان ملڻ ۾ ڪامياب ٿيو، جيڪي اجلاس کان پوءِ مڪي معظم ۾ ترسيا پيا هئا. اهڙيءَ طرح مولانا ڪنهن حد تائين اسلامي دنيا سان رابطي وڌائڻ ۾ ڪامياب ٿيو. مڪي معظم ۾ ڪيس دوستن جي ڪتب خانن ڏسڻ جو وڏو موقعو مليو، جنهن مان باقاعده مطالعو ڪري پنهنجي علم کي وسيع بنايو. مڪہ معظم اسلامي دنيا جو مرڪز آهي. هر مسلمان ملڪ جا اڳواڻ

---

(۱) سرور، پروفيسر محمد؛ متذڪره صدر، ص ۶۸-۶۹.
(۲) ايضاً.

هتي ايندا رهندا هئا. مولانا صاحب جو اهو خيال هو ته هن طريقي سان هر مسلمان ملڪ جي تازه ترين سياسي صورتحال معلوم ڪري سگهجي ٿي.

١٩٣٥ع وارو گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ پاس ٿي چڪو هو، تنهنڪري اميدون پيدا ٿيون ته مرڪز ۽ صوبائي حڪومتن ۾ مقامي گهڻائيءَ واريون پارٽيون حڪومت ڪنديون. هندن ۽ مسلمانن ۾ سياسي سجاڳي اچي وئي هئي ۽ برطانوي سرڪار ذمه دارانه احساس طور مکيه مطالبن کي مڃڻ لاءِ واپاري ذهنيت واري ڏي وٺ واري طريقي پهريان سبق سکي رهي هئي. ١٩٣٦ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس مولانا عبيدالله سنڌي تان پابنديون هٽائڻ ۽ هندستان ۾ اچڻ لاءِ گهرون پيش ڪيون، جن جي سڀني پارٽين تائيد ڪئي. ١٩٣٧ع جي شروع ۾ ڪن صوبن کي به خودمختيار حيثيت ملي. انهن به برطانوي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته مولانا کي هندستان جو پاسپورٽ ڏنو وڃي، جيئن ته هو پنهنجي جنم ڀومي ۾ واپس پهچي. برطانوي حڪومت وڏي ڪن لاٽار کان پوءِ پهرين نومبر ١٩٣٧ع تي مولانا صاحب کي اطلاع ڏنو ته هو هندستان وڃي سگهي ٿو. پهرين جنوري ١٩٣٨ع تي کيس هندستان جو پاسپورٽ ڏنو ويو. هو اڳ ۾ ئي هندستان پهچڻ کان پوءِ هندستان ۾ سياسي منصوبه بندي ۽ سياسي ڪارگذارين متعلق سوچي رهيو هو. جيتوڻيڪ هي ڪافي معمر هو پر دل جوان هيس. هو سخت بي چينيءَ سان انتظار ڪري رهيو هو ته ڪڏهن سندس ماتر ڀومي برطانوي غلاميءَ مان آزاد ٿيندي.

مولانا ٢٤ سالن جي ملڪ نيڪاليءَ کان پوءِ ١٩٣٩ع ۾ ڪراچيءَ پهتو. جڏهن کيس ملڪ نيڪالي ملي هئي ته سندس عمر ٣٤ سال هئي ۽ جڏهن واپس وطن پهتو ته هو ٦٧ ورهين جو ٿي چڪو هو. وطن واپس ورڻ تي هو هڪ به گهڙي وڃائڻ کان سواءِ سياسي ڪارگذارين ۾ جذب ٿي ويو. هن تقريرون شروع ڪيون. اخبارن ۽ رسالن ۾ تحريرون لکڻ شروع ڪيون ۽ ڪتاب پڻ لکيائين. سندس مول مقصد، اهو هو ته، "برطانيه اهو ڪڏهن به ڪين ٿي چاهيو ته نوجوان مسلمان اسلام جي انقلابي پيغام کان ڪنهن طرح واقف ٿين. مسلمانن کي خدا جي رسي کي مضبوطي سان پڪڙڻ گهرجي ۽ رسول صلعم ڏانهن واپس موٽڻ گهرجي. مادي ترقي اسان جي سڀني مسئلن جي حل جي واحد ضمانت نه آهي."(١) ٣- جون ١٩٣٩ع تي ڪلڪتي ۾ بنگالي علماءَ جي اجلاس کي خطاب ڪندي فرمايائين ته، "مون چاهيو ٿي ته جيستائين انگريز منهنجي ملڪ تي قابض آهي، تيستائين آئون واپس نه موٽان. جڏهن کان آئون هندستان ۾ واپس آيو آهيان، تڏهن کان وٺي مون کي آرام ڪين مليو آهي ۽ منهنجي صحت جي حالت تشويشناڪ آهي. جيڪڏهن شاهه ولي الله جي پيغام کي سمجهون ته اسان علماءَ، جمعيت العلماء هند جي ان انقلابي نظريي جي

(١) برني: متذڪره صدر، ص ١١٧.

تشهير ۾ ڪاميابيءَ سان پاڻ لائق ثابت ڪنداسون، جيئن ماضي قريب ۾ يورپ پنهنجي انقلابي نظرين جي تشهير ۾ ڪامياب ويو آهي. مان پنهنجي مادر وطن کي ٻين آزاد قومن وانگر ڏسڻ ٿو چاهيان". ۱۲- جون ۱۹۴۰ع ۾ هن ٽئي ضلعي جي ڪانگريس اجلاس ۾ خطاب ڪندي فرمايو تہ، "مان سنڌ سان محبت ڪريان ٿو چوتہ اهو منهنجي روحاني پيءُ جو پاڪ ديس آهي. مان به هن کي گذريل ۵۰ سالن کان پنهنجو وطن بنايو آهي... توهان کي تعجب ٿيندو تہ مون کي هڪ هندو پنڊت اسلام کان روشناس ڪرايو... جڏهن مون لالا لجپتراءِ کي استنبول مان خط لکيو تہ هو پنجاب مان ڪهي مون سان ترڪيءَ ملڻ آيو. يورپ مان واپس اچڻ تي مون کي معلوم ٿيو آهي تہ ديوبند نظريہ ۽ عليگڙھ نظريہ جي وچ ۾ چاندي ۽ مگسيءَ واري رسا ڪشي لڳي پئي آهي. "انهن جي نفاق کي گهٽائڻ بجاءِ وڌائڻ ۾ ڪانگريس جوابدار آهي". جيتوڻيڪ هو ڪانگريس جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو هو، پر ان هوندي به اهو ثابت ڪري ٿو تہ هو مسلمان قوم پرست ۽ مسلمانن جي ايڪتا ۽ آزاديءَ جو خواهشمند هو.

مولانا يورپ جو سفر ڪو بي‌مقصد نہ ڪيو هو ۽ نہ ئي سياسي انقلابي حاصلات، جيڪي هن يورپ ۾ حاصل ڪيا، سي ڪانئس وسري چڪا هئا. هندستانين ڏانهن سندس اهو پيغام هو تہ، هندستاني يورپ جي مادي ترقي ۽ سياسي آزاديءَ کي نظر ۾ رکن ۽ اهوئي رتبو ماڻين. هن ڪانڊيءَ سان وڏي اهم ۽ بنيادي ڳالهين ۾ نفاق کي ڇجهو نہ رکيو. "گاوتري جو اهو غلط يقين آهي تہ هو هندستان کي هڪ هزار سال پوئتي وڌي ويندو. ڪيس اهو وسارڻ نہ گهرجي تہ ۸۰۰ سالن کان وڌي هڪ ٻي قوم به رهي ٿي، جنهن کي جدا ثقافت ۽ زبان آهي ۽ ان قوم کي 'ڪانڊي جي' جي قوم جيترو حق آهي" (۱). مولانا جمنا نربدا سنڌ ساگر پارٽي جي نالي سان هڪ نئين پارٽيءَ جو بنياد وڌو، جنهن جون آفيسون ڪراچي، لاهور ۽ دهليءَ ۾ ڪوليون ويون. هن پارٽيءَ جو ٻين سان گڏ اهو به هڪ مقصد هو تہ "منهنجو پروگرام هڪ ڏينهن جو پروگرام نہ آهي. اهو هڪ جامع پروگرام آهي... هندستان کي هڪ واحد ملڪ نہ سمجهيو وڃي، پر يورپ، يعني جيئن يورپ گهٽن خودمختيار قومن ۾ ورهايل آهي، تيئن هندستان گهٽ قومي ملڪ آهي ۽ هرملڪ کي پنهنجي ثقافت، پنهنجي تاريخ، پنهنجي زبان آهي. هندستان کي هڪ ملڪ طور آزادي نہ ڏني وڃي، پر ثقافتي، لساني يونٽ کي الڳ الڳ آزادي ڏني وڃي. هن پنهنجي پارٽيءَ ذريعي هڪ شاندار ترقي پسند سماجي-اقتصادي پروگرام ڏنو، پر مولانا پنهنجي جواني ۽ ڪوڙيءَ جا ڏينهن پوئتي ڇڏي آيو هو. هو اڪثر بيمار، بستري تي ليٽيل زندگي گهاريندو هو. ڪوڙ ۽ متحرڪ زندگي سياسي پارٽين جي جڙ

---

(۱) سيد احمد اڪبرآبادي: "مولانا عبيدالله سنڌي اور انڪي لقاد". ص ۴۳.

کي مضبوط ڪرڻ لاءِ لازمي جز آهن، پر سنڌي صاحب جي لاءِ ان عمر جي حصي ۾ اهو ناممڪن هو.

هڪ دفعي، جڏهن مولانا سنڌي ميڪلو روڊ ڪراچي جي رايل هوٽل ۾ ترسيل هو تہ محمد امين ڪوسو، جيڪو منهنجو گهاڻو دوست ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر هو، مون کي اڪثر مولانا جي ملاقات لاءِ وٺي ويندو هو، پر اسان مولانا سنڌي کي ان عمر جي باوجود بہ بستري تي سمهيل ڪونہ ڏٺو ۽ اسان آرام ڪرسين تي ٽيڪ ڏيئي ويٺا هوندا هئاسون. جيئن منهنجي مولانا سنڌيءَ جي گهنجن سان پريل ۽ ڪراڙپ کان لڙڪيل کل تي نظر پئي، جيڪو طبيعت جي ناچاقي سبب ملول هو، مون کي ائين معلوم ٿيو تہ آڳ ڪنهن پراڻي زماني جي ڪنهن عظيم ديوتا جي مجسمي آڏو ويٺو آهيان. سندس آواز گفتگو تي غالب پوندڙ هو. پين کي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هو تہ هن جيڪي تجربا ۽ مشورا ڪيا آهن ۽ جيڪي ڪجهہ هي چوي ٿو، سو منجهيل مسئلي جو آخري ۽ يقيني حل سمجهڻ گهرجي. مون هڪ ڏينهن ڪنهن اهم مسئلي تي مولانا جي خيالن جي مخالفت جي جرئت ڪئي. مولانا سنڌي پنهنجو صبر ۽ تحمل وڃائي ويٺو. هن جي جهيڻي آواز گڏ جي هڪ گجگوڙ جي صورت اختيار ڪئي ۽ چيو تہ "توهان چوڪرا چا ٿا چاڻو؟ اسان جهڙن ماڻهن کي ڏڏو، جن سياسي جنگين جي سختي ۽ گرميءَ ۾ وار اڇا ڪيا آهن." پوءِ تہ منهنجي لاءِ ڪنهن بہ بحث وغيره جي ڪابہ گنجائش ڪانہ هئي. مون کي معلوم ٿيو تہ مولانا کي شاهہ ولي‌الله دهلويءَ جي حوالن ڏيڻ جي عادت هئي. "روس جي انقلاب ۾ بہ نمايان شخصي صورتون آهن: هڪ آهي ڪارل مارڪس ۽ پيو آهي لينن. اهو انقلاب، جيڪو منهنجي مطمع نظر آهي، تنهن ۾ بہ نمايان شخصيتون آهن، جن جي سکيا ۽ اصولن تي آڳ سختيءَ سان ڪاربند آهيان. اهي آهن، امام ولي‌الله ۽ امام محمد قاسم... انقلاب هڪ ڏينهن يا محدود عرصي لاءِ نہ آهي. اهو دائمي، سحرڪ ۽ روان دوان آهي. حضرت شيخ‌الهند چوندو آهي تہ انقلاب جهاد آهي." هن جو بدن وڏي عمر ۽ بيماريءَ سبب ڪمزور هو، پر دل خبردار ۽ ڏڙت هئس، پر ڪيئي ڀيرا پاڻ هڪ ڳالهہ تان هڪدم ٻي ڳالهہ ڏانهن هليا ويندا هئا. هي هڪ اڪيلو هندستاني انقلابي آهي، جنهن کي جواهر لال نهرو گهٽي ڪان گهٽو ساراهيو آهي، جنهن گهٽي ۾ گهٽو عرصو جلاوطن گذاريو.

مولانا سنڌي، سنڌ جي دوري تي هو ۽ سنڌ مسلم شاگردن جي اجلاس کي خطاب ڪندي هن فرمايو تہ، "هن موقعي تي آئون اوهان شاگردن کي ٻڌائيندس تہ اوهان انگريزي پڙهو، مغربي سائنس جو مطالعو ڪيو، علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪيو تہ اوهان ان انقلاب کي چگيءَ طرح سمجهو، جيڪو يورپ ۾ اڇلهہ روان دوان آهي. توهان هندستان جي ان انقلاب لاءِ تيار رهو." هن هلندڙ تقرير ۾ پاڻ کي ڪمزور

محسوس ڪيو پر هو، طبيعت جي ناچاقي ۽ ڪمزوريءَ کان بيپرواهه هو. پنهنجي سڃي تقرير پوري ڪيائين. ڪيس ڊاڪٽرن پوري آرام جو مشورو ڏنو، جيڪو هن نفرت سان پري ڦٽو ڪري ڇڏيو. هن لاءِ تمام گهٽو ڪم هو، جيڪو ڪيس ڪرڻو هو. ان صورت ۾ مولانا آرام ڪيئن ڪري؟ هن هڪ دوست سان گڏجي سنڌ جو تفصيلي دورو ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ هن شاگردن جي مختلف گڏجاڻين کي خطاب ڪيو. سندس دوست کي چگيءَ ريت پتو پيو تہ مولانا سنڌيءَ جي صحت تشويشناڪ صورت اختيار ڪري رهي آهي. سندس دوست ڪيس دوري جي ختم ڪرڻ ۽ ڪراچي هلي علاج ڪرائڻ لاءِ مشورو ڏنو. پهرين تہ هن انڪار ڪيو، پر پوءِ ڪراچيءَ هلڻ ۽ تجربيڪار ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ لاءِ ڪيس مڃايو ويو. پهرين ڊاڪٽر هن جي عليل صحت کي ڏسي نااميد ٿي پيا هئا. مولانا گهٽو ڪري بيهوش رهيو ٿي، جڏهن هوش ۾ ايندو هو تہ ۴- آگسٽ ۱۹۴۴ع تي شهداد ڪوٽ ۾ شاگردن جي هڪ گڏجاڻي متعلق چوڻ لڳندو هو، جنهن جو هن بزرگ وعدو ڪيو هو، ۽ جنهن ڏينهن هن کي هڪ مدرسي جي افتتاحي رسم ادا ڪرڻي هئي. هو اڪثر ڪراچيءَ کان شهداد ڪوٽ تائين ريل جي وڃڻ جا وقت پچندو رهندو هو. جولاءِ جي آخر ڌاران مولاناصاحب بستري تي پنهنجو پاڻ اٿي ويهي سگهندو هو ۽ گهٽي وقت تائين جاد و بيان گفتگو ڪندو رهندو هو. هن پنهنجي صدارتي تقرير لکي موڪلي، جيڪا ڪيس محمد قاسم ولي‌الله، شهداد ڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي جي مدرسي جي افتتاح وقت پڙهڻي هئي. تقرير دوران هن مغل شهنشاهت جي عروج ۽ زوال جو ذڪر ڪيو ۽ چيو تہ مغل شهنشاهت بين الاقوامي طور تي کهڙن هند جي حڪومتن کان وڌيڪ اثر وڌيو، پر ان جي برخلاف نيپولين جي ڏينهن کان وٺي يورپ پنهنجي قومي ثقافت کي بين‌الاقوامي بنايو ۽ پوءِ دهلي، يورپ کان شڪست کائي وئي.

مولانا وري ٻيو ڀيرو سنڌ جو دورو ڪرڻ شروع ڪيو. هڪ تہ سخت گرمي ۽ ٻيو تہ مولانا سنڌيءَ جي صحت ڪمزور، تنهن ڪري انهن ڳالهين وري ڪيس بستري داخل ڪري ڇڏيو ۽ ڊاڪٽر علاج ڪندا رهندا هئا. اهو ظاهر آهي تہ مولانا کي يقين ٿي چڪو هو تہ سندس موڪلاٽي ويجهي آهي. هن ارادو ڪيو تہ ڪيس ڀير جهنڊي جي ڳوٺ نيو وڃي، جيڪا هن لاءِ روحاني تسڪين جي جاءِ هئي، پر سندس ڏيءَ ۽ ڏوهٽي ڪيس مجبور ڪيو تہ هو ٻاولپور ضلعي جي دينپور ڳوٺ ۾ هلي علاج ڪرائي. مولانا آخر پنهنجن ويجهن عزيزن جي صلاح کان انڪار نہ ڪري سگهيو، جتي مولانا ۲۲- آگسٽ ۱۹۴۴ع تي وفات ڪري ويو.

(ليکڪ جي ڪتاب "اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ"،
سان ڪنيل. ترجمو: ڊاڪٽر نوازعلي شوق ۽ ڊاڪٽر ايار قادري)

شيخ عبدالمجيد سنڌي

پير علي محمد راشدي

سياست هميشه پيسي جي راند رهي آهي. سنڌ ۾ تہ، شيخ عبدالمجيد جي آپرڙ ڪان اڳ، ڪنهن غريب دانشور لاءِ سياست جي ميدان ۾ قدم رکڻ بہ ممڪن ڪونہ هوندو هو. سنڌ جا مالدار ماڻهو، سردار، وڏيرا، ميرَ، پير، مخدوم، سيٺيون، مالدار وڪيل، وڏا ڪامورا (رٽائرڊ يا اڻ رٽائرڊ) "نانيءَ ويڙهو" لايون ويٺا هوندا هئا. ان سياست جو مقصد بہ محدود هوندو هو: محض ڪمشنر صاحب کي خوش ڪرڻ، آفيسرن تي اثر وجهڻ، غريب عوام تي سکو جمائي رکڻ، پنهنجن حريفن کي هيٺاهين ڊيڪارڻ، ذاتي پڌرائي ۽ تن پروري، ڊيڪ ۽ ويڪ، ٽيپَ ۽ ٽاپ! اهڙي خار زار ۾ ڇا مجال هئي ڪنهن غريب جي، تہ پنهنجو پير ڏري؟

ڏاگهن، ڏيرن ساڻ، ڪرهن، ڪيچين ساڻ...
...متان ڪا بي لڻ لائي.

شيخ عبدالمجيد ٻي پهريون شخص هو، جيڪو خالي هٿين، سنڌ جي ان ڪافر قلعي اندر ڪاهي ڏيو. ٽٽي جي هڪ معمولي هندو گهر ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو ليلارام هو. محض ذاتي مطالعي، غور ۽ فڪر جي زور تي ابتدائي عمر ۾ ٻي مسلمان ٿيو، ۽ "قومي خدمت" جو ڪم شروع ڪيائين. پهريان رئيس غلام محمد پرڳڙي مرحوم جي سنگت ۾ شامل ٿيو. رئيس مرحوم سنڌ جي مسلمانن، خاص طرح سان وڏيرن مان پهريون ماڻهو هو، جنهن جي سياست "پروگريسو" هئي. نوڪرشاهيءَ کان نفرت ۽ ملڪ جي آزاديءَ جون گالهيون ڪندو هو. "الامين" نالي اخبار ڪڍيائين. شيخ عبدالمجيد کي اُن جو ايڊيٽر بڻايائين. جيرامداس دولت رام (جيڪو پاڪستان ڪان اڳ سنڌ جي ڪانگريسي هندن جو تسليم شده اڳواڻ هو، ۽ هندستان جي ٽٽڻ ۽ پاڪستان جي ٺهڻ کان پوءِ هندستان جي چونڊيءَ جي ليڊرن مان شمار ٿيو ۽ ڪجهہ عرصي تائين آت گورنر بہ ٿي رهيو)، جيٺمل پرسرام (سنڌي زبان جو وڏو ڄاڻو، سنڌي صحافت جي ميدان جو شهسوار ۽ سنڌ جو سچو عاشق)، ديوان

نوٽ: شيخ صاحب ۲۵- مئي ۱۹۷۸ع تي وفات ڪئي، هيءُ مضمون ان کان ڪجهہ وقت اڳ لکيو ويو هو. -ادارو

سنت داس منگهارام (حيدرآباد جو برڪ قانون دان)، ۽ مسٽر عبدالجبار (وڪيل) به ان سنگت ۾ شامل هئا.

البته خلافت تحريڪ ئي هئي (جا ڪجهه سالن بعد شروع ٿي)، جيڪا شيخ صاحب جي حقيقي جوهرن کولڻ جو سبب بڻي.

هن تحرير جو مقصد شيخ صاحب جي مفصل سوانح حيات مرتب ڪرڻ جو نه آهي. ان لاءِ وڌيڪ تحقيق ۽ گهڻي مواد جي ضرورت آهي. مان هن ڪتاب ۾ صرف انهن ڳالهين جو ذڪر ڪريان ٿو، جيڪي مون کي نظر آيون يا جن منهنجي حافظي تي مستقل نشان ۽ اثر ڇڏيا. اهو اصول نه صرف شيخ صاحب جي باري ۾ مدنظر رهيو آهي، پر ٻين بزرگن جي سلسلي ۾ پڻ.

شيخ صاحب جي ابتدائي زماني کي ڇڏي، گهٽ ۾ گهٽ، سن ١٩٢٤ع کان، پاڻ منهنجي اکين اڳيان پئي رهيو آهي. آءٌ ڪڏهن به سندس گروپ ۾ شامل ڪونه ٿيس، پر ڏسندو سڀ ڪجهه رهيس. هينئر اسان ٻنهي جي زندگين جي ڪهاڻي پڄاڻيءَ تي پهچي چڪي آهي، ته ساري تصوير ٺهي، جڙي، مڪمل ٿي، اکين اڳيان ڦرڻ لڳي آهي.

مجموعي طور، جيتريقدر آءٌ ڏسي سگهيس، شيخ صاحب جي سياسي زندگيءَ جا چند خاص مقصد رهيا- مثلاً:

(١) هندستان جي آزادي (١٩٣٨ع کان پوءِ پاڪستان جي آزادي).

(٢) اسلام ۽ مسلمانن جي سربلندي (آل انڊيا پيماني تي).

(٣) سنڌ جي ڀلائي (هر لحاظ سان).

اِهي وڏا مقصد هئا: وڏي دماغ، وڏي حوصلي، وڏي اخلاق ۽ وڏين ذاتي صلاحيتن جي وسيلي ئي ماڻهو ان ڏس ۾ ڪجهه اڳتي وڌي سگهيو ٿي. اهو ڪرشمو شيخ صاحب جو هو، جو سنڌ جهڙي پسمانده ملڪ جو غريب ٿي، ۽ بنا ڪنهن ساز و سامان يا مال ۽ دولت جي، سياست جهڙي سلوڻي لُقمي کي، وڏيرن جهڙن واسينگن جي وات مان ڇڪي ڪڍڻ (۽ ساڳئي وقت پاڻ به جيئري رهڻ) لاءِ ساري عمر جُڌ ۽ جتن ڪندو رهيو.

شيخ صاحب وٽ قلم هو، زبان هئي، دماغ هو، ارادي جي قوت هئي، ان کان سواءِ وٽس ٻيو ڪجهه به ڪونه هو. هٿئين خالي وڙهندو رهيو- ڪڏهن هندن سان، ڪڏهن انگريز سان، ڪڏهن انگريز جي ٽوڊين سان، ڪڏهن سياسي ٺيڪيدارن سان، ڪڏهن سيٺين، سردارن ۽ سَرن سان. نتيجو ڪجهه به پئي نڪتو، پر دائما هٿ صاف ۽ ڳاٽ اوچو رهيو. عملي سياست ۾ مقام پيدا ڪرڻ ۽ ٿي سگهي ته هرهنڌ پهرين نمبر عهدي حاصل ڪرڻ لاءِ خود وڏيرن جي پنهنجن اختلافن مان

فائدي وٺڻ جو فڪر هوندو هوس، ڇو ته سندس جهڙي هڪ غريب ڪارڪن لاءِ اڳتي وڌڻ جو اهوئي طريقو ٿي سگهيو ٿي، پر اهو ”جوڙ توڙ“ به مناسب ۽ اخلاق جي حدن اندر ٿيندو ٿي رهيو. ڪراچي ضلعي (هاڻوڪي ٺٽي ضلعي) جي سياسي وڏيرن ۾ اختلاف پيدا ٿيو ته پاڻ منجهان هڪ ڌر سان شامل ٿي، ڪائنئن بمبئي ڪائونسل جي هڪ سيٽ ڇڏائي ورتائين. لاڙڪاڻي ضلعي جا وڏيرا وڙهيا ته منجهان هڪ پارٽيءَ سان شامل ٿي، سرشاهنواز ڀٽي مرحوم جي تڪ مان اميدوار بيهي، سَر صاحب کي شڪست ڏئي، سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ سر شاهنواز خان هميشه لاءِ سنڌ جي سياست مان خارج ٿي وڃي بمبئيءَ ۾ هڪ سرڪاري عهدو وٺي ويهي رهيو. جت اختلاف جي اهڙي صورت بڻجي ڪانه سگهي، ات شيخ صاحب هميشه هارايو. جنهن جو مطلب هيءُ رهيو ته سنڌ جي مسلمان عوام شخصي طور شيخ صاحب جي قدرشناسي ڪانه ڪئي ۽ سندس خدمتن، قربانين، جسماني ڪاوشن، دماغي ۽ قلمي پورهئي جو ڪو لحاظ ڪونه رکيو. ڏينهن گذرندي ۽ وقتن ڦرندي سياسي گرا گنجا به سنڌ جا وزير بڻيا رهيا، پر شيخ صاحب کي هڪ دفعي جي ٻارهن مهينن جي وزارت کان سواءِ، ڪجهه ڪونه جڙيو، حالانڪ شيخ صاحب هر لحاظ سان ملڪ جي وڏي ۾ وڏي منصب ماڻڻ جو اهل ۽ حقدار هو. سنڌ جي سياسي ماڻهن مان صرف هو صاحب ئي هو، جنهن کي عالمي سياست جي پروڙ هئي، آل انڊيا مسئلن جي باري ۾ ڪا راءِ هئي، ۽ پاڻ دنيا جي وڏي مان وڏين سياسي مجلسن جو مور بڻجي ٿي سگهيو، پر هو غريب هو، سنڌ جي پيداوار هو- لعل لِڏ ۾ ئي لڪل رهجي ويو!

ٻه-ٽي دفعا جيل ۾ به وڌائونس، جوانيءَ ۾ ٻه-ٽي دفعا انگريز سرڪار، ۽ عمر جي پڇاڙيءَ ۾ پاڪستان جي مسلمان حاڪمن (ايوب خان). انگريز تي ته ميار ڪانه هئي، پر پاڪستان جي مسلم ليگي وزيرن ۽ حاڪمن لاءِ مناسب ڪونه هو ته هو به ساڻس اهو سلوڪ روا رکن. هو پاڪستان جي معمارن ۽ محسنن مان هو. مثلاً: هندستان جي ورهاڱي ۽ مسلمانن جي علحده قوم هجڻ ۽ سندن آزاد ملڪ حاصل ڪرڻ لاءِ حقدار هجڻ جي باري ۾ پهريون ٺهراءُ، جو ١٩٣٨ع واري ڪراچي مسلم ليگ ڪانفرنس ۾ پاس ٿيو ۽ جنهن کان پوءِ ساري برصغير ۾ پاڪستان جي تحريڪ چالو ٿي وئي، سو شيخ صاحب جو لکيل ۽ پيش ڪيل هو. ان ٺهراءَ ۾ هندستان جي مسلمانن جو سارو طرف پيش ٿي ويل هو ۽ اهڙو مفصل ۽ زوردار ٺهراءُ ان کان اڳ يا پوءِ پاس ڪونه ٿيو. (ٺهراءُ جو متن آخر ۾ ضميمي طور ڏجي ٿو.)

سندس وڏي ۾ وڏو ڪارنامو الوحيد اخبار سان وابستگي ۽ منجهس ڇپجندڙ سندس بيشمار تحريرون هيون. آها روزانه اخبار شروع ۾ ته سيٺ عبدالله هارون جي شرڪت ۽ مدد سان نڪتي، پر پوءِ سيٺ صاحب پاڻ نڪري ويو ۽ الوحيد جو سارو ادارو شيخ صاحب جي سپرد ٿيو، جنهن کي پاڻ عوام جي مدد ۽ چندي

سان هلائيندو رهيو، سال ۱۹۵۴ع تائين (جڏهن پاڪستان جي سرڪار الوحيد ڪي ڪجهه عرصي لاءِ حڪماً بند ڪيو ۽ بندش کان پوءِ وري آڻي نه سگهي). پر جيترو عرصو اُها اخبار جاري رهي، سنڌ مٿان سندس ڏاڪو رهيو.

طرز تحرير شيخ صاحب جي سياسي هوندي هئي. ڏگهو مضمون لکندو هو. سنڌ جي مسلمانن جي بهتري ۽ سربلنديءَ جي خيال سان، وڏيون وڏيون تعميري اسڪيمون پيش ڪري ريڊن اڪيان رباب وڄائيندو رهندو هو. سياسي تحريرن ۾ جذباتي ۽ لفظي لوڻ مرچ کونہ ٿو ٿئي، تنهنڪري سندس مضمونن کي دوامي ادبي حيثيت حاصل ڪانہ ٿي سگهي ۽ هزارين مضمون الوحيد سان گڏ دفن ٿي ويا. هن کان پوءِ جيڪڏهن کو سنڌي محقق اهي مضمون هٿ ڪري ڪتابي صورت ۾ چاپيندو تہ انهن جي ذريعي سنڌ بلڪ ساري هندستان جي اُن زماني جي تاريخ ۽ سياسي مفڪرن جي سوچ جا انداز اکين اڳيان ڦرڻ لڳندا. پر اهو ڪير ڪندو؟ کو دل جليو ئي ڪري سگهندو. هن وقت تہ مون کي اهڙو کو علمي محنت ڪش نظر کونہ ٿو اچي.

هڪ پيرو شيخ صاحب جي آل انڊيا سياست ۾ وڏي شهرت ٿي. پاڻ آل انڊيا خلافت ڪاميٽيءَ جو نامياروصدر چونڊيو (مولانا شوڪت علي مرحوم خلافت ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري هوندو هو)، ۽ پنهنجي اصابت راءِ سان هندستان کي ايتري قدر متاثر ڪيائين، جو ستت ئي سندس صدارت هيٺ آل انڊيا آل پارٽيز ڪانفرنس بہ سڏائي وئي، جنهن هندستان جي آئيني مسئلن بابت تجويزون تيار ڪيون. آل انڊيا سياست ۾ سندس قدم رکڻ مان سنڌ کي اهو فائدو ضرور پهتو جو هر موقعي تي سنڌ کي بمبئيءَ کان آزاد ڪرائڻ لاءِ آواز اٿندو رهيو، جنهن اڳتي هلي اثر پيدا ڪيو ۽ سنڌ بمبئيءَ کان علحده ٿي، پنهنجي مٿي جدا صوبي جي حيثيت حاصل ڪئي.

خلافت تحريڪ جي شروعات ۾ شيخ صاحب حاجي عبدالله هارون سان گڏجي ڪئي ڪيو، پر جيئن جيئن پئي بزرگ مڃي مڙس ٽيندا ويا، تيئن تيئن منجهن هڪٻئي ڏانهن روايتي سنڌي سياسي مسهائپ جو جذبو پيدا ٿيندو ويو. هونءَ بہ "بشريت" جون تقاضائون اڻ ٽر ٿين ٿيون. بهرحال، شيخ صاحب الوحيد عبدالله هارون مرحوم جي هٿن مان کڻي، پنهنجي قبضي ۾ ڪري چڏي ۽ پين عهدن لاءِ باهمي سياسي رقيب طور هڪٻئي کي اکئين لايون ويٺا رهيا.

پر ٿي دفعا مون کي شيخ صاحب سان گڏ سنڌ کان ٻاهر همسفريءَ جي سعادت حاصل رهي. ۱۹۴۱ع ۾ مدراس ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جو سالياتو اجلاس ٿيو. ان اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آءٌ ۽ شيخ صاحب گڏجي مدراس وياسين. ڏگهو ريل جو سفر هو. گهٽين ڳالهين ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ شيخ صاحب گذشتہ تاريخي واقعات ۽ پنهنجا مشاهدا ۽ تجربا بيان ڪندو هليو. افسوس آهي جو هاڻي گهٽيون ڳالهيون وسري ويل اٿم.

ڇيو دفعو ۱۹۴۵ع ۾ وائسراءِ ويءُ هندستان جي ليبرن سان گالهين ڪرڻ لاءِ ڪيبن شملي سڏايو. جناب جي. ايم. سيد، قائد اعظم رحم جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر هو، تنهن جي استدعا تي آءٌ ۽ شيخ صاحب بہ ساڻس گڏجي شملي ويا سون.

۱۹۳۶ع ۾ جڏهن مسلم ليگ تحريڪ جي نئين دؤر جي ابتدا ٿي تہ قائداعظم مرحوم سنڌ پاران شيخ صاحب کي پنهنجي آل انڊيا ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو هو. پر اڪثي هلي جيئن سنڌ جي وڏن ماڻهن (جيڪي شروع ۾ ليگ کان متنفر هئا)، ليگ طرف رخ رکيو، تيئن شيخ صاحب کي ورڪنگ ڪاميٽيءَ مان ڪڍي حاجي عبدالله هارون مرحوم کي سندس جاءِ تي آندو ويو. ساڳيءَ طرح پهريان بہ سال شيخ صاحب سنڌ صوبائي مسلم ليگ جو صدر رهيو، پر پوءِ سندس بدران ان منصب لاءِ بہ حاجي عبدالله هارون مرحوم کي چونڊيو ويو. سنڌ جي سياست ۾ مقام حاصل ڪرڻ ۽ مقام ماڻڻ لاءِ دولت جو هجڻ لازمي هوندو هو ۽ شيخ صاحب وٽ دولت کانہ هئي! البت هيءُ قبول ڪرڻو پوندو تہ حاجي صاحب بہ آل انڊيا سياست جو خوب ڄاڻو ۽ شيخ صاحب جو هم پلہ هو. جيڪڏهن منجهن کو فرق هو تہ صرف هيءُ تہ شيخ صاحب وٽ قلم ۽ زبان هئي، دولت کانہ هئي. حاجي صاحب مرحوم وٽ دولت ۽ سياسي شعور هو، قلم ۽ زبان کانہ هئي.

ذاتي رهڻيءَ ڪرڻيءَ ۾ شيخ عبدالمجيد سادگي، صفائي ۽ سنجيدگيءَ جي تصوير بڻيو رهيو. جوڙيءَ جا سفيد ڪپڙا جسم تي، ڊگهيڙي قميص ۽ پاجامو، محفل هوندي تہ مٿان شيرواني. ڪاري ڪلائين توپي مٿي تي، انگريزي جوتو پيرن ۾، صورت بزرگانہ، خسخس پر نوڪدار ڏاڙهي، قد ڊگهيڙو، بُت چڙڪ، سفر ۾ هلندو تہ مختصر اوچڻ بغل ۾، ڪاغذن ۽ اخبارن سان پريل ٽيلهو هٿ ۾. الوحيد پريس جي جنهن ڪاٺاوين نندڙي ڪمري ۾ ويهي سلپن مٿان سلپون، مضمونن جون لڪيو ڇپو ڇپجڻ لاءِ اندر ڪمپازيٽرن ڏانهن سوڪليندو هو، تنهن ڪمري ۾ هڪ پراڻي نندي ميز ۽ معمولي ڪرسي پيل هئي. ڪمري ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ پوري ڀوهاري بہ قريل کانہ هوندي هئي. مگر اهڙي ماحول ۾ بہ سندس سياسي خيال آسمان کي پيا چهندا هئا.

شيخ صاحب جي جمارهن وقت نوي ورهين جي قريب آهي، ٿورو مٿي يا گهٽ. کي ورهيہ ٿيا تہ سياست چڏي چڪو آهي. جسم جواب ڏئي چڪو اٿس ۽ ويسارو وکوڙي ويو اٿس. تنهن ڏينهن اخبارن ۾ سندس "گمشدگي" جي خبر پڙهي، دل کي ڏاڍو ڏڪو رسيو. پوءِ معلوم ٿيو تہ صبح جو شيخ صاحب فجر جي نماز مسجد ۾ پڙهڻ لاءِ گهر کان نڪتو، موٽندي رستو وسري ويس، سو وڃي

اچي قبر (پراڻيءَ ڪراچي) وٽ نڪتو. آت ڪن ماڻهن ڪيس سچائي بروقت ڪٽ تي سمهاري ڇڏيو. شام جو گهر وارن کي خبر پئي ته اتان موڪائي وڻي آيس.

آزاديءَ ۽ تقسيم برصغير کان پوءِ (جيڪو شيخ صاحب جي پنهنجي خواب جو تعبير هو)، شيخ صاحب جو مقام يونائيٽيڊ نيشن هو، بحيثيت مستقل مندوب جي. جيڪڏهن ائين ٿئي ها ته ساري دنيا حيرانيءَ ۾ پڻجي وڃي ها ته سنڌ ۾ به ماڻهو پيدا ٿيندا آهن، جيڪي بين الاقوامي سياست بلڪ خود ماڻهپي جو سينگار هوندا آهن، پر....

سسئي شهر پنهور ۾، نڪي رڙ نڪي روءِ!

بين الاقوامي سياست جي باري ۾ شيخ صاحب جي فهم ۽ ادراڪ جو هڪ مثال ٻڌو: ۱۹۳۹ع ۾ پي عالمي جنگ شروع ٿي. هٽلر، جرمنيءَ جو، ڊڪٽيٽر، جنهن جنگ شروع ڪئي، هوندءَ ته روس ۽ ان جي ڪميونزم جي سخت برخلاف هو، پر جنگ شروع ڪرڻ کان اڳ چالاڪي ڪري ساڻپي روس سان صلح، تعاون، دوستيءَ ۽ مدد جو معاهدو ڪري ورتو هو. روس ۽ جرمنيءَ ان معاهدي هيٺ پولنڊ جي ملڪ کي پاڻ ۾ ورهائي ڪٽڻ جو منصوبو بڻايو هو ۽ اِهائي پيتي هئي، جيڪا قبول ڪري، روس هٽلرکي پنهنجي طرفان بيفڪر ڪري، انگريزن ۽ فرانس سان جنگ ڪرڻ لاءِ رستو کولي ڏنو هو. جيڪڏهن هٽلر روس سان اِهو معاهدو ڪري، روس واري طرف کان بيفڪر نه ٿئي ها ته هو روس جي خوف وچان، انگريزن ۽ فرانس سان جنگ نه چيڙي سگهي ها. اِن جي معنيٰ اها ٿي ته هٽلر جي جنگي منصوبي جو بنيادي پٿر اهو معاهدو هو.

جنگ جي اعلان کان پوءِ هندستان جي سياسي پارٽين انگريزن کي جنگ ۾ مدد ڪرڻ يا نه ڪرڻ جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪيو. ڪانگريس هيءَ ٿي سمجهيو ته جرمنيءَ ۽ روس جي اِن معاهدي کان پوءِ هٽلر جي ڪاميابيءَ ۽ انگريز جي شڪست يقيني ٿي چڪي آهي ۽ انگريزن جي ڪٽڻ جو ڪو امڪان ڪونه رهيو آهي، تنهنڪري ڪانگريس تڙتڪڙ ۾، مهاتما گانڌيءَ جي مشوري سان، پنهنجي پاليسيءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو. ان پاليسيءَ جو مول متو هيءُ هو ته انگريز هندستان کي هڪدم آزاد ڪري، ڪانگريس جي حوالي ڪري ڇڏي، بيصورت ۾ ڪانگريس انگريزن جي مدد ڪري ڪانه سگهندي. اڪرن جي هيڪر جيڪا نه ٿئي، پر مطلب اهو ٿي نڪتو.

(قائداعظم) جناح صاحب رحه دوراندیش ۽ ديرينو مدبر هو. ڪانگريس وانگر جوش ۾ اچي، تکڙي فيصلي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونه هوندو هو. تنهنڪري هُن صاحب ٻڌي هفتا پاڻ سوچڻ ۽ مسلم ليگ جي هاءِ ڪمانڊ کي حالتن جي مطالعي ڪرڻ لاءِ موقعو ڏيڻ ۾ لائي ڇڏيا. آخر مسلم ليگ جي مرڪزي ڪائونسل جو

اجلاس دهليءَ ۾ سڏايائين. سنڌ مان شيخ عبدالمجيد، حاجي عبدالله هارون ۽ آءٌ وياسين. شيخ صاحب ۽ آءٌ فتحپوري مسجد جي سامهون ڪارونيشن هوٽل ۾ گڏ رهياسين. حاجي صاحب وڃي مرينا هوٽل نئين دهليءَ ۾ رهيو. ميٽنگ ۾ اڃان ٻه ڏينهن هئا. ان وچ ۾ (قائداعظم) جناح صاحب رحه سان آءٌ ۽ حاجي عبدالله هارون گڏ ياسين. پاڻ مون کي حڪم ڪيائين ته جنگ جي باري ۾ مسلم ليگ جي ڪهڙي پاليسي هجي، تنهن موضوع تي ٺهراءُ لکي تيار ڪريان. ڪا خاص هدايت ڪانه ڏنائين، صرف اهو چيائين ته حالتون سامهون آهن، انهن تي نظر رکندي مسودو تيار ڪر. مون کي اها خبر ڪانه هئي ته اهڙي اهم ٺهراءَ جي مسودي تيار ڪرڻ جو بار مون تي وڌو ويندو. مان ساڻس هائو ڪري، موٽي اچي ڪارونيشن هوٽل پهتس، ات شيخ صاحب کي صورتحال ٻڌايم ۽ کيس عرض ڪيم ته اوهان صلاح ڏيو ته آءٌ ڇا لکان، ڇو ته بين الاقوامي حالات جي مون کي پنهنجي سر گهڻي پروڙ ڪانه آهي."

شيخ صاحب هيءَ راءِ ڏني:

"مسلم ليگ کي وچولي پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي. نه انگريز سان دشمنيءَ جي ۽ نه اهڙيءَ دوستيءَ جي، جو اڳتي هلي پاسي موڙڻ لاءِ به گنجائش نه رهي. جنگ ۾ ڪاميابي انگريز کي حاصل ٿيندي. ڪجهه وقت کان پوءِ هٽلر ۽ روس پاڻ ۾ وڙهندا ۽ جنهن معاهدي کي اڄڪلهه جي بيوقوف دنيا ايتري قدر پختو پئي سمجهي، سو ناپائيدار ثابت ٿيندو. آخر ۾ انگريز ۽ روس پاڻ ۾ ملي وچ ۾ هٽلر کي چيڀاٽي ڇڏيندا. تنهنڪري جنگ جي اهڙي انتها ۽ اهڙي انجام کي اکين اڳيان رکي، پوءِ پنهنجي پاليسيءَ جو ٺهراءُ تيار ڪريو."

مون انهيءَ لائين تي ٺهراءُ جو مسودو تيار ڪري قائداعظم جي اڳيان رکيو، جنهن مسودي کي منظور ڪري مون کي حڪم ڪيو ته ٻئي ڏينهن ڪائونسل جي اجلاس ۾ آءٌ ئي اهو ٺهراءُ پيش ڪريان. ٻئي ڏينهن ٺهراءُ منهنجي نالي سان پيش ٿيو ۽ منظور ٿيو. ان ٺهراءَ جو ڪانگريس جي ٺهراءَ سان مقابلو ڪري، اڄ به فرق محسوس ڪري سگهبو ته ڪير صحيح ثابت ٿيو.

هاڻي غور ڪريو! هيءَ ڳالهه جنگ ڇڙڻ کان ٻن-ٽن هفتن پوءِ جي آهي. ان وقت سارو عالم (گانڌي، نهرو، روزويلٽ، چرچل ۽ ٻيا ان ڪڙيءَ جا ليڊر ۽ مفڪر ۽ بين الاقوامي سياست جا ماهر) هن بنياد تي ٿي هليو ته هٽلر ۽ روس جو معاهدو ڪڏهن ڪونه ٽٽندو ۽ اهي ٻئي طاقتون پڇاڙيءَ تائين گڏجي هلنديون. پر سنڌ جي هڪ سياسي قلندر يعني شيخ عبدالمجيد ڪيئي سال اڳ ۾، هتان ويٺي ڏٺو ته اهو معاهدو قائم رهي ڪونه سگهندو، تنهنڪري فتح انگريز جي ٿيندي. اهو هو پايو شيخ صاحب جو بين الاقوامي سياست ۾!

ضميمو

ڪراچي مسلم ليگ ڪانفرنس (آڪٽوبر ۱۹۳۸ع) ۾ شيخ عبدالمجيد جو ڪيل پيش ڪيل ٺهراءَ هن سبب بلڪل اهم آهي، جو هندستان خواهه مسلم ليگ تحريڪ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو، ان ئي ٺهراءَ جي ذريعي "پاڪستان تحريڪ" جو بنياد پيو. ٺهراءَ جي تاريخي اهميت جي پيش نظر آءٌ ان جو متن هت چاپي محفوظ ڪري ڇڏيان ٿو، جيئن ضايع ٿيڻ کان بچي وڃي.

ٺهراءَ جو متن ۽ مضمون جو سنڌي ترجمو
(اصل ٺهراءَ انگريزيءَ ۾ لکيو هٽائين).

"جڏهن ته انڊين نيشنل ڪانگريس جو، هندو مسلم جي باري ۾، آل انڊيا مسلم ليگ سان ڪالهين ڪرڻ کان انڪار، (هن ڀاڻي سان ته مسلم ليگ هندستان جي مسلمانن جي اڪيلي نمائنده جماعت نه آهي) ظاهر ڪري رهيو آهي ته ڪانگريس جي نيت اها آهي ته مسلمان قوم کي حصن بخرن ۾ ورهائي متن (هندو) راج مسلط ڪري ۽ ساڳئي وقت هندستان جي اقليتن جي مسئلي کي به سلجهائڻ بدران هميشه لاءِ منجهائي ڇڏي، حالانڪ مسلم ليگ گذريل پندرهن سالن کان ان سلسلي ۾ ڪي (بي نتيجه) ڪوششون پئي ڪندي رهي آهي...

"جڏهن ته ڪانگريس، پيسي ۽ اخبارن جي زور تي، سڌيءَ طرح مسلمانن کي گمراهه ڪرڻ جي مهم شروع ڪري ڏني آهي، تاڪ هڪ طرف مسلمان قوم جي بڌي ڏسي ۽ پئي طرف دنيا تي اثر پئي ته ڪانگريس خود هندستان جي سيني قومن جي نمائنده جماعت آهي...

"جڏهن ته ڪانگريس هندو راج قائم ڪرڻ جي نيت سان صوبن ۾ اهڙيون وزارتون ٺاهيون آهن، جن ۾ يا ته مورڳو ڪنهن مسلمان کي شامل ڪونه ڪيو اٿائين، يا جيڪڏهن (ناڀي خاطر) کو مسلمان وزير ڪنيو به اٿائين ته اهڙو، جنهن کي پنهنجي مسلمان قوم ۾ ڪوبه نمائندگيءَ جو مقام حاصل نه آهي، حالانڪ وزارتن قائم ڪرڻ جو اهو طريقو گورنمينٽ آف انڊيا جي آئيني سڌارن واري ايڪٽ خواهه (برطانيه سرڪار طرفان) جاري ڪيل هدايتنامي Instrument of Instructions جي روح ۽ لفظ جي ابتڙ آهي...

"جڏهن ته ان (غلط) طريقي سان قائم ڪيل صوبائي وزارتن اهڙيءَ طرح ۽ طور سان راج ڪرڻ شروع ڪيو آهي، جيئن مسلمانن ۾ خوف ۽ هراس پيدا ڪري، سندن حوصلو برباد ڪري ڇڏين، مسلمانن جي صحتمند ۽ تعميري ثقافتي اثرات کي (هندستان مان) ختم ڪري ڇڏين، مسلمانن جي مذهبي رسم و رواج ۽ (اسلام ڏانهن)

سندن (يعني مسلمانن جي) ذميدارين کي ميساري ڇڏين ۽ سندن حقن کي (جيکي بحيثيت هڪ جدا قوم جي کين حاصل آهن) پامال ڪري ڇڏين...

"جڏهن ته جمهوريت جي تسليم شده اصولن جي ابتڙ ڪانگريس جي اها ڪوشش آهي ته جن صوبن ۾ مسلمانن جي گهٽائي آهي، تن صوبن ۾ به مسلمانن جي سياسي قوت کي ايرڻ نه ڏجي ۽ ان مقصد سان ڪانگريس انهن صوبن (مثلاً صوبه سرحد، بنگال، پنجاب ۽ سنڌ) ۾ به اهڙن گروپن کي طاقت ۾ آڻي رهي آهي (يا ساڻن گڏجي مشترڪ وزارتون ٺهرائي رهي آهي، يا مشترڪ وزارتن جي پٺپيرائي ڪري رهي آهي) جن گروپن کي مسلمان عوام جو اعتماد حاصل نه آهي...

"جڏهن ته ڪانگريس پنهنجي مرڪزي هاءِ ڪمانڊ جي نالي ۾، ۽ ان جي ذريعي صوبائي وزارتن مٿان پنهنجو اختيار چمائي رکيو آهي، جيڪو طريقو صرف فاشي آمريتن ۾ مروج رهي ٿو ۽ جنهن طريقءِ ڪار جو نتيجو هينئر هيءَ نڪري رهيو آهي، جو پارليماني رسم ورواج ۽ آئيني روايتن کي آپڙڻ جو موقعو ڪونه ملي رهيو آهي، مسلمانن جي حق تلفي ٿي رهي آهي ۽ کين سندن جائز حصي حاصل ڪرڻ کان به محروم رهڻو پيو آهي ۽ ان اپرانڊ، صوبائي وزارتن کي، مسلمانن جي حقوق ۽ مفاد جي مدنظر سان، ازسرنو تشڪيل ڪرڻ کان به صاف انڪار ٿي چڪو آهي...

"جڏهن ته ڪانگريس هيءَ فيصلا ڪري چڪي آهي ته:

(الف) مسلمانن جي سخت اعتراض جي باوجود وديامندر اسڪيم (پراڻي هندو طريقي سان هنديءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو طريقو، جنهن تي هندو مذهب ۽ تهذيب جو پهلو غالب رهي ٿو) کي رائج ڪيو وڃي...

(ب) بندي ماترم جي گاني کي قومي تراني جي حيثيت ڏئي مسلمانن تي به مڙهيو وڃي، حالانڪ ان گاني ڪري مسلمانن جا جذبات مجروح ٿين ٿا، سنجهس بٽ پرستيءَ جا جزا موجود آهن ۽ ان جي ڪري مسلمانن جي خلاف نفرت جو بيج پوي ٿو.

(ج) هندي ۽ ديوناگري رسم الخط کي هندستان جو قومي رسم الخط معين ڪيو وڃي، حالانڪ مسلمانن ان تجويز جي سخت مخالفت ڪئي آهي، چوتم ان جي ذريعي هندو مذهب جي خيالن ۽ هندو فلسفي ۽ ڪلچر جو بيج انساني دماغن ۾ پوکجي ٿو ۽ هندستان مٿان برهمڻ ڪلچر جي مسلط ٿيڻ جو امڪان روشن ٿئي ٿو.

(د) هندو ميجارٽي جي زور تي لوڪل باڊيز ۾ گڏيل چونڊون ڪرايون وڃن، جيئن مسلمانن کي صحيح نمايندگي حاصل ڪرڻ جو وجهه نه ملي.

(ھ) اردو اسکول بند ڪيا وڃن ۽ اردو تعليم جي حوصلہ افزائي نہ ڪئي وڃي، جيئن هندستان مان اردوءَ جو نانءُ نشان ميٽجي وڃي.

(و) تقرير ۽ جائز سياسي ڪاروبار جي آزاديءَ کي ان بهاني سان بند ڪيو وڃي تہ "لا اينڊ آرڊر" قانون ۽ امن عامہ لاءِ خطرو پيدا ٿي رهيو آهي.

(ز) مسلمانن جي مذهبي آزادي، ريتن ۽ رسمن ۾ رڪاوٽ وڌي وڃي، ڏاڍائي ۽ هٿيارن جي مدد سان...

"جڏهن تہ هندستان جي هندو اڪثريت هزارن سالن کان "چوت چات" جي رسم تي ڪاربند رهي آهي، جيڪا رسم قوميت، انساني مساوات ۽ جمهوريت جي انهن جملي اصولن جي ابتڙ آهي، جيڪي اصول باقي ساري دنيا اڳ ۾ ٿي اختيار ڪري چڪي آهي يا انهن لاءِ واجهائي رهي آهي ۽ جنهن رسم وگهي اڄ هندستان جا ڪروڙين انسان اقتصادي ۽ اجتماعي طرح عدم مساوات جا شڪار ٿي چڪا آهن ۽ دوامي غلاميءَ جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهن...

"۽ جڏهن تہ هندستان اندر واحد متحد قوميت جو آسرو ۽ آڌار ناممڪن بڻجي چڪو آهي ۽ جنهن جا ڪارڻ هي آهن تہ هندو اڪثريت جي پراڻي (مذهبي) چوت چات واري ذهنيت اڃان قائم آهي. اها هندو اڪثريت مسلمان قوم جي بدخواه ثابت ٿي چڪي آهي، ۽ علاوه ازين منجهن (هندو ۽ مسلمانن ۾) مذهب، زبان، رسم‌الخط، ڪلچر، تمدني روايات، نظرياتي لاڙن ۽ زندگيءَ جي مقصدن ۾ بنيادي فرق آهي (ڪنهن حد تائين تہ نسلي فرق بہ آهي)...

"تنهنڪري، هيءَ ڪانفرنس ضروري سمجهي ٿي تہ برصغير ۾ دائمي امن، تمدني ارتقا، اقتصادي تعمير ۽ بهتري ۽ وڏين ۾ وڏين قومن کي حق خودارادي (Self-Determination) ڏيارڻ خاطر آل انڊيا مسلم ليگ کي سفارش ڪجي تہ هوءَ هن ڳالهہ تي ازسرنو غور ڪري تہ هندستان لاءِ ڪهڙو آئين مناسب ٿيندو، جنهن جي ذريعي انهن پنهي قومن کي پنهنجو پنهنجو صحيح مقام ميسر ٿي سگهندو ۽ (پنهنجي مٽي) اهڙي آئيني رٿا تيار ڪري، جنهن هيٺ مسلمان قوم ڪامل مڪمل آزادي حاصل ڪري سگهي...

"وڌيڪ هيءَ ڪانفرنس آل انڊيا ڪنڊيل وفاق (جنهن لاءِ ۱۹۳۵ع واري گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ ۾ بندوبست ڪيل آهي) کي نامنظور ڪري ٿي ۽ حڪومت برطانيہ کان مطالبو ڪري ٿي تہ هوءَ ان ايڪٽ کي عمل ۾ آڻڻ کان پاڻ کي روڪي، ڇوتہ ان ايڪٽ ۾ ڏنل رٿا هندستان جي عوام لاءِ بالعموم ۽ هندستان جي مسلمانن لاءِ بالخصوص نقصان ده آهي.

"(آخر ۾) هيءَ ڪانفرنس اعلان ڪري ٿي تہ هندستان جا مسلمان اهڙو ڪوبہ آئين قبول ڪونہ ڪندا، بشرطيڪ ان جو بنياد (هن ٺهراءَ ۾) مٿي ڄاڻايل اصولن تي رکيل هجي ۽ مسلم ليگ جي مشوري ۽ ان جي منظوريءَ مان تيار ڪيل هجي".

پيش ڪندڙ: شيخ عبدالمجيد ايم. ايل. اي. (سنڌ)

تائيد ڪندڙ: خانبهادر گرماني ايم. ايل. اي (پنجاب)

مزيد تائيد ڪندڙ: سر حاجي عبدالله هارون ايم. ايل. اي (مرڪز)

سيد عبدالرؤف شاهہ ايڈووڪيٽ ۽ ايم. ايل. اي (مي. پي)

مولانا عبدالحامد بدايوني (يو. پي)

(نوٽ: ڪراچي ڪانفرنس جي ڇپيل رپورٽ حڪومت پاڪستان جي آرڪائوز Archives اسلام آباد ۾ موجود آهي ــ نمبر اٽس ۳۴۹، جلد ۴، قائداعظم رحم جي ڪاغذن جي Accession-List).

("اهي ڏينهن اهي شينهن ــ پاڳو ــ ۲" مان ڪنيل)



Gul Hayat Institute

علامہ رشدالله شاهہ راشدي

ڈاڪٽر مدد علي قادري

سنڌي قوم حوصلہ مند ۽ غيرت مند قوم آهي. هن قوم غيرن جي غلامي ۽ پرمارن جي محڪومي ۽ ذلت واري طوق کي پنهنجن ڪنڌن تان لاهي ڦٽي ڪرڻ ۽ آزادي جهڙي بي بها نعمت کي حاصل ڪرڻ لاءِ اڻ ملهہ قربانين ڏيڻ کان گريز نہ ڪئي آهي.

آزاديءَ جي راهہ ۾ هن قوم جابرن ۽ غاصبن طرفان هر تڪليف، تشدد ۽ قيد و بند جي اذيتن کي خوشيءَ سان قبول ڪيو آهي. تاريخ گواهہ آهي تہ هن مقدس زمين جي عظمت قائم رکڻ لاءِ هر طبقي قرباني ڏني آهي. جتي جنگي جوانن دولهہ دريا خان ۽ هوشو شيدي پنهنجي خون سان هن گلستان جي آبياري ڪئي آهي تہ اتي زعماء جهڙوڪ جان محمد جوڻيجي ۽ غلام محمد پرڪڙي پنهنجن سونهري قربانين سان سندن آن ۽ مان کي چار چنڊ لڳايا آهن. علماء جهڙوڪ مولانا تاج محمود امروٽي ۽ پير غلام مجدد سرهندي پنهنجي تحريرن، تقريرن ۽ عملي جدوجهد سان حملہ آور ۽ غاصب حڪمرانن جو مقابلو ڪيو آهي.

وطن عزيز کي ڌارين جي تسلط کان آزاد ڪرڻ لاءِ برصغير پاڪ و هند ۾ مختلف تحريڪون هلايون ويون: خلافت تحريڪ، اتحاد بين‌المسلمين (پئن اسلامزم) حر تحريڪ، ريشمي رومال تحريڪ، هجرت تحريڪ، ترڪ موالات، تحريڪ نافرماني وغيره ـ انهن سڀني تحريڪن ۾ سنڌ سونهاري جي ذي شعور ۽ دانشور سپوتن جو پرپور حصو تحريڪ آزاديءَ جو بلاشڪ هڪ چمڪندڙ باب آهي.

اسان هن مقالي ۾ سنڌ جي هڪ عظيم هستي عالي جناب فضيلت مآب علامہ رشدالله راشدي رح جي مثالي حياتي ۽ خلافت تحريڪ ۾ سندس سونهري ڪردار جو تذڪرو ڪنداسون:

لاجواب عالم، بي‌نظير شاعر، بي‌مثال فقيہ، عظيم مفسر ۽ شعلہ بيان خطيب علامہ رشدالله شاهہ بن سيد رشيدالدين شاهہ راشدي جي ولادت باسعادت ۱۲۷۷هہ مطابق ۱۸۶۰ع ڪوٽ پيرجهنڊي ۾ ٿي(۱) ۽ سندس وفات حسرت آيات سن ۱۳۴۰هہ مطابق ۱۹۲۱ع ۾ ٿي (۲).

سندن تعليم و تربيت

الله تعالىٰ جو علامہ رشدالله رح تي وڏو احسان هو، جو هن علم و فيض، رشد و هدايت مان معمور راشدي گهراڻي ۾ جنم ورتو. سندن والد عالي جناب رشيدالدين شاهہ (١٣١٧هـ/١٩٠٠ع) (٣) صاحب العلم الثالث المعروف به بيعت ڏٺي به وڏو عالم ۽ صاحب تقويٰ ٿي گذريو آهي (٤). هن پنهنجي سر ۾ اولاد کي تعليم ڏني ۽ چوٽيءَ جا عالم سندن تعليم و تربيت لاءِ گهرائي رکيا.

سندن اُستاد

١- قاضي عبدالغني کڏهري (٥) (١٢٩٤هـ)

سندن پهريون استاد مولانا عبدالغني کيريو کڏهري هو، جو پنهنجي وقت جو هڪ جيّد عالم هو. کڏهر تعلقي نواب شاهہ ۾ جائو. مٽيارين جي عالم مخدوم عبدالکريم وٽ تعليم حاصل کيائين. کڏهر ۾ هڪ درسگاهہ قائم کيائين. پير رشيدالدين شاهہ صاحب جي ارشاد تي، کجهہ وقت پير صاحب جي فرزندن کي ابتدائي تعليم ڏنائين. پير رشدالله صاحب هن استاد وٽ پارسي ۽ عربيءَ جا ابتدائي کتاب ۽ قرآن مجيد پڙهيو. هن جا کي علمي رسالا ۽ تحريرون سندن لائق پوٽي مولانا عبدالله کيريہ وٽ محفوظ آهن.

٢- مولوي قاضي فتح محمد نظاماڻي (٦) (١٢٧٠هـ-١٣٣٩هـ)

سندن ٻيو استاد قاضي فتح محمد ولد حاجي عبدالله خان نظاماڻي هو. هو ٽنڊي قيصر ۾ جائو. فتح محمد نظاماڻي وقت جي وڏن عالمن وٽ، زانوئے ادب تهہ ڪري، ڪمال حاصل ڪيو. سندن استاد حسب ذيل آهن:

(١) سيد خان محمد شاهہ (٢) مولانا پير محمد ٽيپو (٣) قاضي عبدالغني کڏهري.

سوري منگر تعلقہ حيدرآباد ۾ شيخ محمد عاقل جي سڏ تي هڪ درسگاهہ قائم کيائين. محمد عاقل موصوف پير رشيدالدين شاهہ رح جو مريد هو. پير صاحب ان جي دعوت تي ويو تہ اتي فتح محمد نظاماڻي صاحب کي ڏنائين، ٻوءِ ٽنڊي قيصر ۾ حاجي عبدالله جي دعوت تي ويا ۽ حاجي عبدالله سان ذڪر ڪري مولوي فتح محمد کي پير جهنڊي وٽي آيا. سندس شاگرد:

(١) پير رشدالله صاحب (٢) پير امام‌الدين شاهہ صاحب (٣) پير مظهرالدين شاهہ صاحب (٤) مخدوم غلام محمد صديقي (٥) ميان محمد حسين جمالي.

سندس تصنيفات: (١) مفتاح رشدالله، تفسير سندي، ١٢٠٠ صفحن ۾ (٢) مجمع‌الفيوضات، ترجمہ: جامع‌البرڪات. اهي ملفوظات حضرت روضي ڏٺي رح جون غير مطبوع آهن. (٣) تحفة‌المحبين (٤) انعام‌الباري، ترجمہ: صحيح بخاري (٥) ميزان‌الصرف (٦) ارشادالصرف وغيره.

هُو وقت جو يگانو عالم، فاضل ۽ صاحب قلم هو.

مولانا عبيدالله سنڌي، فتح محمد نظاماڻيءَ جي علميت متعلق لکي ٿو تہ (۷):

"پير جهنڊي ۾ قاضي فتح محمد صاحب سان علمي صحبتون مون کي هميشه ياد رهنديون."

۳- مولانا عبيدالله سنڌي:

پير رشدالله صاحب کي شهرهٔ آفاق مولانا عبيدالله سنڌي جي شاگرديءَ جو شرف حاصل ٿيو. حديث جا وڏا کتاب مولانا موصوف وٽ پڙهيائون (۸).

پير رشدالله سائين جي علمي ذوق ۽ جستجو جي کا حد کانہ هئي. جيکڏهن کنهن عالم جي ڪٿي بہ اچڻ جي خبر پڌندا هٿا تہ ڪشالو ڪري انهن وٽ پهچندا هٿا.

مدرسہ دارالرشاد جي معائني لاءِ هندستان کان وڏا عالم ايندا هٿا، جن جو ذکر اڳتي ايندو. انهن سان علمي نقطن تي بحث مباحثا ڪري پنهنجي علميت ۾ اضافو ڪيائين، بالخصوص مولانا حسين بن محسن انصاري يماني. مولانا يماني ڪجهہ وقت پير جهنڊي ۾ قيام ڪيو. حديث جي سند علامہ يماني کان حاصل ڪيائين (۹).

مٿي ذکر ڪيل علماء وٽ تمام ديني علوم: علم الفرائض، علم التفسير، علم الفقہ، علم الحديث، اسماء الرجال، علوم عقليہ ۾ منطق، فلسفہ، هيئة، نجوم، جفر ۽ طب جو گهرو مطالعو ڪيائون.

علمي سرگرميون ۽ ادبي خدمتون

(الف) مدرسہ دارالرشاد جو بنياد وجهڻ (۱۰).

پير سائين رشيدالدين شاهہ رحہ جي ايامڪاري ۾ پير جهنڊي ۾ ڪو مدرسو ڪونہ هو. مسجد شريف ۾ فقط طالبن کي قرآن شريف جي حفظ ۽ ناظره تعليم ملندي هئي. سجاده نشين ٿيڻ کان ٻہ سال پوءِ پير رشدالله رح کي خيال آيو تہ چونہ هڪ عربي مدرسي جو بنياد رکجي، جتي ماڻهن کي صحيح ديني تعليم ڏجي ۽ سندن فکر جي اصلاح ڪجي. اهڙو خيال مولانا عبيدالله سنڌي سان ڪيائون، جو انهن ڏينهن ۾ امروٽ شريف ۾ تعليم ڏيندو هو ۽ پير جهنڊي ۾ پيو قرب جا قدم پريندو هو.

مولانا عبيدالله صاحب سائڻ اتفاق ڪيو ۽ ڪڏوڪڏ مدرسي ۾ تعليم ڏيڻ ۽ انتظامي امور ۾ تعاون ڪرڻ جو بہ پاڻ تي ذمو ڪنيو. اهڙيءَ ريت مجوزه مدرسہ دارالرشاد جي نالي سان هن خطي ۾ قائم ٿيو.

پير رشدالله رحہ جي دارالرشاد قائم ڪرڻ جي خدمت سنڌ جي سرزمين تي هڪ وڏو احسان آهي ۽ اها اڪيلي پيش ڪش سندس چونڊگاري جو باعث آهي. هن مدرسي ۾ شروع ۾ هيڏيان يگانہ عالم تعليم ڏيندا هٿا.

(۱) مولانا عبيدالله سندي، (۲) مولانا عبدالله لغاري،
(۳) مولانا محمد احمداڻي، (۴) مولانا نجم الدين جهلم وارو.

نصاب:

هن مدرسي جو نصاب (۱۱) جديد طرز تي هو. علوم شرعيه ۽ عقليه سان گڏ عام اسڪولن ۽ ڪاليجن وارا مضمون به هن مدرسي ۾ پڙهايا وينا هئا: مثلا رياضي، جاميٽري، علم طبعي، علم ڪيميا، تاريخ، جغرافيه ۽ انگريزي.

هن مدرسي ۾ سنڌ ۽ چا بلڪ هندستان، ايران، وچ ايشيا کان شاگرد کشالا ڪري ايندا هئا ۽ مدرسي جي ماهر استادن جي تعليم کان مستفيض ٿي گوهر ناياب ٿي نڪتا. هن مدرسي مان چند فارغ التحصيل طلبه جا نالا ڏجن ٿا،

۱- پير سائين ضياء الدين شاهه بن علامه رشد الله شاهه، ۲- مولانا محمد اڪرم انصاري مرحوم، ۳- مولانا احمد علي لاهوري مرحوم، ۴- مولوي حبيب الله ميمڻ ٽيڙهي وارو، ۵- پير سائين احسان الله شاهه، ۶- مولوي سيد عبدالله شاهه سربازي (ايران)، ۷- مولوي دين محمد شيخ مرحوم بهاولپور، ۸- مولوي عبدالستار صاحب لغاري.

هن مدرسي جي معائني ۽ امتحان لاءِ سنڌ کان باهر چوٽيءَ جي عالمن کي مدعو ڪيو ويندو هو. چند علماء جا نالا پيش ڪجن ٿا.

۱- مولانا شيخ الهند محمود الحسن ديوبند، ۲- مولانا اشرف علي ٿانوي، ۳- مولانا محمد احمد ديوبند، ۴- مولانا حسين بن محسن انصاري يماني قاضي رياست پوبال، ۵- مولانا غلام محمد مدرسه نعمانيه لاهور، ۶- ڊاڪٽر ضياء الدين وائيس چانسيلر مسلم يونيورسٽي عليگڙهه.

هن مدرسي مان جيڪي به خوش نصيب شاگرد عالم ٿي نڪتا، انهن پنهنجن پنهنجن گوٺن ۾ مدرسا کوليا، ان کري اسان هن چوڻ ۾ حق بجانب آهيون ته مدرسه دارالرشاد ام المدارس هو.

مولانا عبيدالله سندي ۽ علامه پير رشد الله جي دلي تمنا هئي ته هن مدرسي کي ترقي ڏيئي جامعه جي حيثيت ڏجي ۽ سنڌ جي مختلف گوٺن ۾ مدرسا کولجن ۽ انهن جو الحاق مجوزه جامعه سان ڪجي. اهڙي ريت دين جي صحيح تعليم عام ڪجي. ان نيڪ جذبي ماتحت ڪيترن گوٺن ۾ مدرسا کوليا ويا ۽ گوٺن جي مخير ۽ دولتمند ماڻهن، مولوين ۽ طالبعلمن جي خرچ پکي جو بار پنهنجي کلهي تي کنيو (۱۲).

اها نيڪ اسڪيم ڪجهه وقت خير و خوبي سان هلي، ليڪن انگريز سرڪار هن پروگرام کي اکٽي هلڻ نه ڏنو ۽ ڪجهه وقت ۾ مدرسو دارالرشاد بند ٻ ٿي ويو هو.

(ب) ڪتب خانہ جي توسيع

پير رشد الله رح جي ٻي نمايان خدمت هئي سلف صالحين جي ڪتب خاني جي توسيع. روضي ڌڻي رح ۽ بيعت ڌڻي رح کان ورثي ۾ مليل لئبريري ۾ حد کان زياده واڌارو ڪيائين. سندن راءِ هئي تہ هڪ عالم لاءِ ضروري آهي تہ معياري ڪتاب سندس ڪتب خانہ ۾ هجن. پير سائين نهايت وڏا عالم هئا، تنهنڪري ڪتب خاني جي بہ وڏي توسيع ڪيائون. (١٣)

سنڌ جي تعليمي مرڪزن مثلا سيوهڻ، ٺٽو، هالا پراڻا، مٽياري، پاٽ، درپيلو وغيره مان علم دوست خاندان جا ڪتب خانہ پئسن مان يا ڀلائي ۽ ٿوري طور آڻي گڏ ڪيائون، بالخصوص مخدوم محمد هاشم ٺٽوي جو ڪتب خانہ ۽ چوٽيارين جي ميان مبين جو ڪتب خانہ.

اهڙيءَ ريت بمبئي ۽ حيدرآباد دکن طرف بہ عالمن کي ڀاڙا ڏئي موڪليندا هئا، جتي هو خريد ڪرڻ جي صورت ۾ ڪتاب خريد ڪندا هئا يا ناياب ڪتاب نقل ڪندا هئا. عراق، مصر ۽ سعودي عربيہ مان بہ ڪتاب گهرائيندا هئا.

پاڻ جڏهن حج يا عمري تي ويندا هئا تہ اتي ڪتب خانن ۾ وڃي ڪتاب خريد ڪندا هئا يا نقل ڪرائيندا هئا.

سندن ڪتب خانو هندستان جي معياري ڪتب خانن مان هڪ شمار ڪيو ويندو هو. مخطوطات جي ڪري بہ هيءَ ڪتب خانو مشهور هو. برصغير پاڪ و هند جي هر طالب علم ۽ استاد هن ڪتب خانہ مان استفاده ڪيو آهي.

مولانا عبيدالله سنڌي بہ هن ڪتب خانہ جي تعريف ۾ لکي ٿو: (١۴)

"منهنجي مطالعي جي تڪميل ۾ هن ڪتب خانہ جي فيض جو وڏو دخل هو".

(ج) تحقيق ۽ مناظرا

علامہ رشدالله هڪ وڏو عالم ۽ محقق هو. سنڌ جي مختلف هنڌن ۽ ٻين ملڪن جي لئبررين مان ڪتاب گهرائي انهن کي ڪٻٽن جي زينت نہ بنايائون، ليڪن هر استاد ۽ شاگرد ۾ تحقيق ۽ مناظري جو روح ڦوڪيائون (١۵). ۽ وقت بوقت مختلف مسائل تي بحث مباحثا ۽ مناظرا ٿيندا هئا. ڪنهن بہ مسئلي تي فتويٰ ڏيڻ لاءِ اهو مسئلو اساتذه ۽ طلبہ کي ٻڌايو ويندو هو، ان تي خوب بحث ٿيندو هو، ڪافي ڇنڊ ڇاڻ کانپوءِ ان مسئلي جي فتويٰ صادر ٿيندي هئي.

(د) تصنيف و تاليف

اسان جيئن اڳي ذڪر ڪيو آهي تہ علامہ رشدالله کي مطالعي جولا انتها شوق هو. پنهنجي مطالعي ۽ معلومات کي عوام الناس تائين پهچائڻ ۽ انهن کي

روح اسلام کان صحيح طور متعارف ڪرائڻ ۽ معاشري ۾ بدعتن جي بيخ ڪني لاءِ قلم پنهنجي هٿ ۾ کنيائون. خانبهادر محمد صديق ميمڻ ۽ ٻين محققن جي اندازي مطابق علامه صاحب تقريباً ٧٠ (ستر) ڪتاب لکيا آهن (١٧)، جن مان اڪثر ڪتاب فقه تي آهن. انهن مان ڪي ڪتاب سندن حياتي مبارڪ ۾ شايع ٿيا ۽ اڪثر ڇپجي نه سگهيا آهن ۽ مسودن جي صورت ۾ پيا آهن.

خلافت تحريڪ ۾ حصو

ويهين صديءَ جي شروع ۾ ترڪي هڪ طاقتور مسلم شهنشاهت هئي ۽ هن جو اقتدار ايشيا، افريقه ۽ يورپ کنڊن ۾ پورين چئن صدين کان هو جو يورپي ملڪن جي يهودي و نصاري قومن جي ڪک ۾ ڪان جي مثل هو، يورپ جي مڪار قومن ترڪي کي ڪمزور بنائڻ، ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ واسطي ڪيتريون سازشون سٽيون ۽ ڪيتريون جنگيون جوٽيون، مثلاً جنگ طرابلس ۽ جنگ بلقان، جن ۾ ترڪن جي شڪست ٿي هئي ۽ ڪيترا زرخيز علائقا سندن قبضي مان نڪري ويا.

برصغير پاڪ و هند جا مسلمان ترڪيءَ جي سلطان کي خليفو تصور ڪندا هئا، لهذا ترڪ سلطان جي شڪست کي پاڪ شرعي منصب ۽ پنهنجي عقيدي جي ذلت تصور ڪيو (١٨).

جلد ئي پهرين جنگ عظيم آگسٽ ١٩١٤ع ۾ شروع ٿي. جرمني ڇاڪاڻ جو جنگ بلقان ۾ ترڪن جي مدد ڪئي هئي، ترڪيءَ جرمنيءَ جو ساٿ ڏنو ۽ اتحادين خلاف جنگ ۾ ٽپي پيو، جن ۾ برطانيه به شامل هو.

مڪار انگريز حڪومت مسلم دنيا کي ترڪن خلاف اڀارڻ لاءِ مختلف حربا استعمال ڪيا. عربن ۾ قوميت جو پرچار ڪري، انهن کي خود مختياري لاءِ اڀاريو (١٩) ۽ هندستان جي مسلمانن کي پنهنجي طرف مائل ڪرڻ ۽ اتان ماڻهن جي لشڪر ۾ ڀرتي ٿيڻ لاءِ برطانوي وزير اعظم جارج لائڊ ٥ جنوري ١٩١٨ع تي هيٺ ڏنل اعلان ڪيو (٢٠).

”اسان هن لاءِ لڙائي نٿا ڪريون ته ترڪي کي ان جي دارالخلافت (قسطنطنيه) کان محروم ڪريون، يا ان کي ايشيا مائنر ۽ ٿريس جي زرخيز زمين کان محروم ڪريون، اسان سلطنت ترڪيه جي قيام ۽ بقا ۽ ان جي وطن ۽ ان جي دارالسلطنت کي چئلينج نٿا ڪريون.“

امريڪا جي صدر وڊرو ولسن به ٨ جنوري ١٩١٨ع تي هن اعلان جي تائيد ڪري مسلمانن کي فريب ۽ دوکيبازي واري خاطري ڏني (٢١).

اهڙن کوڙن وعدن ۽ تسلين تي هندوستان جا مسلمان برطانوي فوج ۾ پرتي ٿيا.

۱۱-نومبر ۱۹۱۸ع تي جنگ پوري ٿي، جرمني ۽ ترکي کي شڪست نصيب ٿي. ۳-نومبر تي ترکي اتحادين سان عارضي جنگبندي جو صلحنامو ٻه ڪيو هو ۽ ذلت آميز شرط ٻه مڃيا هٿا. ذلت آميز معاهدي جي خبر ملڻ شرط هندوستان جي غيور مسلم دانشورن ۾ تاءُ پيدا ٿيو. جنگ جي ختم ٿيڻ شرط برطانيہ ۽ ان جي اتحادين ترکي سلطنت کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. ٽريس يونان جي حوالي ڪيو ويو، ايشيا مائنر جا علاقا فرانس ۽ انگلنڊ جي تحويل ۾ ڏنا ويا، نہ فقط اهو بلڪ ترکي کان سندس اصلي پرڳڻا ٻه کسيا ويا. سلطان وحيدالدين جو اختيار مڪمل طور کسيو ويو ۽ هو نندي علاقي جو وڃي نالي ماتر سلطان رهيو(۳۲).

هندستان جا مسلمان برطانيہ ۽ سندس اتحادين جي طرفان وعده خلافي ۽ ترکي سان ڪيل هلت جي خلاف اٿي ڪڙا ٿيا ۽ سلطان وحيدالدين جي خلافت ۽ سندس اختيار جي بحالي لاءِ هڪ تحريڪ شروع ڪئي، جا خلافت تحريڪ جي نالي سان سڏجي ٿي(۳۳).

دهلي ۾ مرڪزي خلافت ڪميٽي تشڪيل ڏني وئي، اهڙي طرح سنڌ ۾ ٻه حاجي عبدالله هارون جي سربراهي ۾ سنڌ صوبائي خلافت ڪميٽي بنائي وئي(۳۴).

حڪومت خلافت تحريڪ کي ناڪام ڪرڻ لاءِ مولوين جون خدمتون حاصل ڪيون. هندستان ۾ مولوي عبدالحق حقاني ۽ سنڌ ۾ مولوي فيض الڪريم ٺاروشاهي مڪي جي شريف حسين جي فائدي ۾ هڪ فتويٰ تحقيق الخلافت نالي تحرير ڪئي تہ سڄي مسلمان دنيا جو خليفو شريف حسين آهي. سنڌ ۾ پنجانوي مذهبي اڳواڻن، پيرن ۽ عالمن ان فتويٰ جي حق ۾ صحيح ڪئي، سڄي سنڌ ۾ اها فتويٰ ورهائي وئي.

هن فتويٰ جي جاري ٿيڻ کان پوءِ ان جي مخالفت ۾ سنڌ جي بي شمار عالمن پڻ فتويٰ اظهار الڪرامت جاري ڪئي، جيڪا سلطان وحيد الدين جي خلافت جي حمايت ۾ هئي(۳۵).

۱۹۲۳ع تائين پوري هندوستان ۾ خلافت تحريڪ زور شور سان هلي، جنهن ۾ خاص طور تي سنڌ، وڏي ۾ وڏو حصو ورتو، آخر ۱۹۲۳ع ۾ ترکي ۾ انقلاب آيو، اتاترڪ حڪومت جون واڳون سنياليون ۽ ترڪيءَ ۾ خلافت جو خاتمو ٿيو، اهڙي طرح خلافت تحريڪ جي پڄاڻي ٿي(۳۶).

علامہ رشدالله جن خلافت تحريڪ ۾ پرپور حصو ورتو. اگرچہ سندس زندگي ايترو ساٿ نہ ڏنو، مگر پاڻ انهيءَ تحريڪ جي سلسلي ۾ هيٺين ريت خدمتون سرانجام ڏنيون.

۱ـ سنڌ صوبائي خلافت ڪميٽي ۽ بحيثيت هڪ بنيادي رڪن جي

سنڌ صوبائي خلافت ڪاميٽي جو بنياد آڪٽوبر ۱۹۱۹ع ۾ پيو، جنهن جا باني ارڪان هن ريت هئا :

۱ـ حاجي عبدالله هارون ، ۲ـ پير تراب علي شاه راشدي ۳ـ مولانا تاج محمود امروٽي ، ۴ـ پير علي انور شاه راشدي ، ۵ـ پير رشدالله راشدي (۲۷).

۲ـ تحريڪ خلافت دوران ترڪ پائرن لاءِ مالي امداد

مرڪزي خلافت ڪميٽي فيصلو ڪيو تہ ترڪ پائرن لاءِ چندا گڏ ڪري ترڪي ڏانهن موڪليا وڃن، تنهنڪري پير سائين جن مرڪز کان رسيدون گهرايون، رسيدن تي قرآن مجيد جي هيءَ آيت شريف لکيل هئي :

من يقرض الله قرضاً حسناً فيضعفه له و اجر كريم

پير سائين جن انهيءَ فند ۾ دل کولي چندو ڏنو ۽ پنهنجي جماعت خواه متعلقين کي پڻ چندي ڏيڻ لاءِ فرمايو. هر جمعي تي چندو ٿيندو هو، ٿوريئي وقت ۾ ٽيهہ هزار روپيا (جو ان وقت تمام گهڻو ناڻو هو) گڏ ٿي ويا، جي ترڪي فند ۾ موڪليا ويا.

چندي ڏيڻ وقت هر هڪ خلافتي جي زبان تي حضرت علامہ پير صاحب جن جي هم عصر شاعر ۽ بزرگ مولانا تاج محمود امروٽي رح جن جي ڪلام جي هيءَ مصرع هروقت هوندي هئي :

ڏنو ۽ تو آ گهرين ۽ تون ٿو،
اسان کي تنهن جي لڙ ۾ ڇاهي (۲۸).

۳ـ خلافت تحريڪ خلاف تحقيق الخلافت ذالي فتويٰ جي جواب اظهار الڪرام ذالي فتويٰ جو اجراء

جيئن تہ مٿي ذڪر اچي چڪو آهي تہ انگريز حڪومت خلافت تحريڪ کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ چال چلي تہ مسلمانن ۾ ڦوٽ وجهجي تہ جيئن اهي انهيءَ تحريڪ ۾ حصو نہ وٺي سگهن، بلڪ اختلاف و افتراق جو شڪار ٿي وڃن. انهيءَ لاءِ انهن مختلف مولوين کي لالچون ڏيئي ڪائنس اهڙيون فتوائون لکائي ملڪ ۾ پکيڙيون تہ خلافت جو حقدار شريف حسين (عرب) آهي، نہ وحيدالدين (ترڪ). اهڙي فتويٰ مولوي فيض الڪريم ٺاروشاهي لکي سرڪار جي حوالي ڪئي، جنهن پنهنجي طاقت جي زور تي صحيحون وٺڻ شروع ڪيون (۲۹).

ان وقت هالا ڊويزن تي ڊپٽي ڪليڪٽر مسٽر نبي بخش هو، جنهن مولوي عبدالعزيز بن مولوي عبداللطيف حيدرآبادي تي صحيحون وڻڻ جو ڪر رکيو(۳۰). آخرڪار مٿيون مولوي صاحب جڏهين پير سائين جن (رشدالله صاحب) جي خدمت ۾ پهتو، تڏهن پاڻ يڪدم مدرسي جي عالمن کي گهرايائون ۽ کين سڄي حقيقت ڪري ٻڌايائون. ڪجھ وقت جي بحث مباحثي بعد هيءَ طي ٿيو تہ پير سائينءَ جن انهيءَ رسالي (تحقيق الخلافتہ) تي مخالفت جي صحيح ہ نہ ڪن، چاڪاڻ تہ ممڪن آهي تہ گورنمينٽ کا ڊاهہ ڏوهہ ڪري، دستخط ۽ مهر ۽ مان کو غلط فائدو نہ وڻي.

مولانا دين محمد وفائي مرحوم ان وقت امروٽ شريف ۾ رهندو هو. امروٽ شريف جا آن وقت سجاده نشين مولانا تاج محمود هئا. انهن جي صلاح سان مولانا وفائي مرحوم هڪ فتويٰ لکي، جنهن ۾ ثابت ڪيو ويو هو تہ شريف حسين خليفو نہ بلڪ باغي آهي. آتي جي عالمن انهيءَ فتويٰ جي تصديق ڪئي. ان بعد مولانا وفائي مرحوم ۽ مولوي شيخ عبدالعزيز مرحوم انهيءَ فتويٰ تي عالمن کان صحيحون وڻڻ لاءِ سنڌ جي سير تي نڪتا. هيڏانهن وري رشدالله شاهہ جن مولوي عبدالقادر صاحب احمدائي سانگهڙائيءَ کي ارشاد ڪيو تہ اهي بہ هڪ فتويٰ لکن. فتويٰ تيار ٿي، جنهن ۾ وحيدالدين (ترڪ) جي خلافت کي حق قرار ڏنو ويو. اها فتويٰ اخبار "الحق"، غالباً ۱۹۱۸-۱۹ع ۾ شايع ٿي هئي. انهن فتوائن ماحول کي خلافت تحريڪ لاءِ پوريءَ طرح هموار ڪري ڇڏيو.

الغرض، سلطان وحيدالدين ترڪ جي حمايت ۾، مڪي جي شريف حسين (عرب) جي باغي ثابت ڪرڻ بعد، شاهہ صاحب جي ڪوششن سان ۽ مختلف علمائن جي صحيحن سان "اظهار الڪرامة" نالي فتويٰ شايع ڪئي وئي(۳۱)، جنهن تحريڪ خلافت ۾ جان پيدا ڪري ڇڏي.

۴- الوحيد اخبار جو آجراءُ

پير رشدالله راشدي رح ۽ مولانا تاج محمود رح جي ڪوششن سان هن اخبار جو اجراء ۱۹۱۹ع ۾ ٿيو ۽ الوحيد اصل ۾ مسلمانن جي خليفي وحيدالدين (ترڪ) جي نالي ڏانهن منسوب ڪندي، نالو ڏنو ويو. هن اخبار جو پهريون ايڊيٽر قاضي عبدالرحمان ٿي گذريو آهي(۳۲). جڏهن صاحب موصوف جيل ۾ وڌو ويو، تڏهن شيخ عبدالمجيد سنڌي کي ايڊيٽر طور ڪر ڪرڻو پيو.

بهرحال، هن اخبار ذريعي شاهہ صاحب ۽ امروٽي بزرگ، جن جي خواهش مطابق اهڙو مواد عوام ۾ پکيڙيو وڃي، جيڪو مسلمانن ۾ پنهنجي مسلم قوميت جو احساس پيدا ڪري. مسلم برادريءَ لاءِ همدردي، آخوت، ايثار، قرباني وغيره جهڙن صفتن جو عملي جذبو بيدار ٿئي. خاص طرح انهيءَ وقت جي حالات کان عوام و خواص کي

باخبر رکڻ لاءِ ضروري بيانات جاري ڪرڻ جو ذريعو بنايو ويو، جنهن ۾ ترڪي خلافت جي بچاءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، مسلمانن جو وقار برقرار رکڻ، مسلمانن جي حقوق جي نگراني ڪرڻ ۽ مسلمانن جي فلاح و بهبودي جو سامان مهيا ڪرڻ وغيره جهڙا شغل شامل ڪيا ٿي ويا.

۵- خلافت تحريڪ بابت جلسا ۽ ڪانفرنسون منعقد ڪرائڻ

پير صاحب کي الله تبارڪ و تعالىٰ دل ۽ دماغ جي بيشمار خوبين سان نوازيو هو. اڳواڻي ۽ سربراهي جون سڀئي صلاحيتون سندن شخصيت ۾ وديعت ٿيل هيون. قلم جو ڏاڍي هٿ سان گڏ بهترين مقرّر ۽ ولولہ انگيز خطيب پڻ هئا. تقريرن ذريعي مسلمانن جي صفن ۾ اتحاد، تنظيم ۽ يقين جي فضا پيدا ڪرڻ عموماً ۽ خلافت تحريڪ ۾ شرڪت جي دعوت ڏيڻ خصوصاً سندن نمايان خدمت رهي.

سندن ٿي نيڪ ڪوشش سان سنڌ جي مختلف هنڌن تي خلافتي جلسا منعقد ٿيا، جن سان لاڙڪاڻي شهر ۾ ۳-۴ ۽ ۵ فيبروري ۱۹۲۰ع تي ڪوڏايل سنڌ صوبائي خلافت ڪميٽي جي پروقار ڪانفرنس قابل ذڪر آهي(۳۳). هيءَ ڪانفرنس ۳۱ سپٽمبر ۱۹۱۹ع تي لکنو ۾ منعقد ڪيل مرڪزي خلافت ڪانفرنس کان پوءِ ڪنهن بہ صوبي ۾ سڏايل پهرين عظيم ڪانفرنس هئي. هن ڪانفرنس جي خصوصيت هيءَ بہ هئي تہ مختلف پاڻ ۾ مان آيل مندوبين مان اڪثر تعداد علمائن جو هو(۳۴). (عام طرح مشاهدو آهي تہ علماءَ پنهنجي پذيرائي حاصل ڪرڻ لاءِ انتشار جو شڪار آهن).

هن عظيم‌الشان جلسي جي اهميت هن ڪري بہ آهي تہ هندستان مان چونڊيءَ جا عالم ۽ اڳواڻ مثلاً امام الهند مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا عبدالباري ۽ فخر هند مولانا شوڪت علي پهريون دفعو سنڌ ۾ آيا ۽ هن جلسي ۾ رونق افروز ٿيا(۳۵).

هن جلسي جي صدارت پير رشدالله جن ڪئي. سندن صدارتي خطبو هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو. مولانا آزاد ۽ مولانا شوڪت علي بہ سندن خطبي جي تعريف ڪئي.

برصغير پاڪ و هند جو عظيم ليکڪ ۽ پارکو پير علي محمد راشدي هن خطبي جي ساراهہ هن ريت ڪري ٿو:(۳۶)

"سندس صدارتي خطبو هڪ نادر علمي ۽ مذهبي دستاويز تصور ٿيو، جنهن ساري هندستان اندر انگريز خلاف احساس عام پيدا ڪري ڇڏيو. هيءَ خطبو پين تاريخي دستاويزن سان گڏ چپڇي محفوظ ٿيڻ گهرجي."

لاڙڪاڻي ڪانفرنس جي خيرخوبي سان خاتمي کان پوءِ بمبئي ۾ سڏايل ڪانفرنس جا ۱۵-۱۷ فيبروري ۱۹۲۰ع تي ٿي، ان ۾ شرڪت ڪيائون(۳۷)

(بمبئي ڪانفرنس کان پوءِ جلد ئي سندن وفات ٿي). (۳۸)

٦- پير صاحب جي لاڙڪاڻي ڪانفرنس ۾ ڪيل صدارتي خطبي جون چند جهلڪيون

اسان پير صاحب جي لاڙڪاڻي ڪانفرنس ۾ ڪيل صدارتي خطبي جون چند جهلڪيون پيش ڪرڻ جي سعادت حاصل ٿا ڪريون:

- حضرات! خلافت جو سوال اسلام جي موت ۽ زندگيءَ سان ٻڌل آهي. جيڪڏهن خدانخواسته خلافت دنيا مان مٽجي وئي ته يقين رکڻ گهرجي ته مسلم هستي جي ساهه واري رڳ ڪپجي ويندي.
- جيڪڏهن توهين دنيا جي پيدا ٿيڻ ڏانهن ٿورو غور ڪندا ته هيءَ ڳالهه پوريءَ طرح ثابت ٿي ويندي ته مسلمان خلافت سان ۽ خلافت مسلمانن سان ٻڌل آهي.
- خلافت جي جوهر اسان کي ملائڪن جو مسجود بنايو. خلافت جي انڪار ابليس جي ڳچيءَ ۾ طوق لعنت جو قيامت تائين وجهائي ڇڏيو.
- خلافت هڪ اهڙي طاقت آهي، جو دنيا جي غير خدائي قاعدن کي ٽوڙي ٿي سگهي ۽ هرهڪ ماده پرست جي گردن کي ٽوڙي، ان کي ماديت جي هٺ کان بيدار ڪري سگهي ٿي.
- حضرات! توهان خلافت جي ضرورت کي ٻڌو ۽ هيءُ به معلوم ڪيو ته اسلام جو امتيازي نشان فقط خلافت ئي آهي.
- حضرات! اهو واقعو جان گداز آهي، جو ١٩- جنوري ١٩٢٠ع تي، اسان جا بزرگ، جن ۾ مولانا عبدالباري، مسٽر تلڪ مهاراجا، مولانا ابوالڪلام آزاد، مهاتما گانڌي، مولانا شوڪت علي، مولانا محمد علي ۽ خادم قوم سيٺ عبدالله هارون شامل هئا، وفد جي صورت ۾ ويا ته گورنمينٽ برطانيه عموماً مسلمانن جي جذبن جو ترڪيءَ جي متعلق خيال فرمائي ۽ مسلمانن جي رواج موافق خلافت عثمانيه جو فيصلو ڪري ۽ گورنمينٽ اهي وعدا پورا ڪري، جي وقت بوقت حڪومت جي وزيرن ۽ ٻين ذميدار آفيسرن مسلمانن سان ڪيا آهن، پر افسوس جو عرضداشت جو جواب اهڙن لفظن ۾ مليو، جو جگر کي خون ڪري رهيا آهن.
- حضرات! اڄ هت آن لاءِ گڏ نه ٿيا آهيون ته اسين سڀ ڳالهيون هڪ ڪَن کان ٻڌي ٻئي ڪَن کان ڪڍي، گهرن ۾ وڃي مٺي ننڊ ڪريون ۽ آنهن بيوس ڀائرن جي خبر نه لهون ۽ مذهب جي پرواهه نه ڪيون.
- اڄ اسين انهيءَ لاءِ گڏ نه ٿيا آهيون ته تجويزون پاس ڪري پنهنجا پئسا تارن تي خرچ ڪري ٻين جا گهر ڀريون. اهي سڀ اوهان جون تارون ۽ ٺهراءَ رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلايا ويندا ۽ ان تي ڪوبه توجهه ڪونه ٿيندو(٣٩).

- اڄڪلهه اسلامي دنيا تي جي ظلم ٿيا آهن، سي فقط هندستان تي نه آهن، جو اسان ان کي چڏي شام هليا وڃون. هيءَ ته ڪفر ۽ اسلام جو جهڳڙو آهي، جتي به ويندؤ ته اتي ڪفر توهان جي ناس ڪرڻ لاءِ موجود آهي.
- هاڻي اوهان ضرور خيال فرمائيندا ته باقي هندستان وارن لاءِ اهو ڪهڙو فرض آهي جو اهي ان تي عمل ڪن. اسان تي لازم آهي ته پنهنجا جهڳڙا جهيڙا پاڻ نبيريون. اهڙيءَ طرح ولايت جون تيار ٿيل شيون استعمال نه ڪريون. ضرورت جو سامان هت تيار ڪريون. جپان جو مثال توهان جي سامهون آهي. اٿو، توهان دنيا کان سبق سکو ۽ عملي ميدان ۾ قدم وڌايو.
- حضرات! ضروري آهي ته هڪدم يورپ سان تجارت ۽ معاشرت مقدمات کي ترڪ ڪري چڏيون ۽ ان جي مال کان نفرت ظاهر ڪريون. اهڙيءَ طرح انگريزي تعليم کان به حتي‌الامڪان گوشو ڪيو وڃي. اها اهڙي زهريلي تعليم آهي، جنهن اسان جا جذبات فنا ڪري چڏيا ۽ اسان مذهب کان بيگانا بنجي وياسون. توهان تي فرض آهي ته انگريزي پوشاڪ ۽ ان نموني جي ڏاڙهي ڪوڙائڻ ۽ مڇون زکائڻ کان توبه ڪيون. (۴۰)

حوالا

۱. محمد صديق ميمڻ، تاريخ سنڌي ادب، جلد ۲، ص ۴۰۴.
۲. ايضاً ص ۴۰۷.
۳. ايضاً.
۴. علامه رشيدالدين شاهم متعلق مولانا عبيدالله سنڌي پنهنجي "ذاتي ڊائري" ۾ لکي ٿو: ص ۱۶. "مون لاءِ اها سعادت هئي جو آءٌ مولانا رشيدالدين شاهم صاحب العلم الثالث جي محبتن سان مستفيض ٿيس، مون سندن ڪرامتون ڏٺيون. ذڪر اسماء حسيني انکان سکيم. هو دعوت توحيد ۽ جهاد جو هڪ مجدّد هو."
۵. الرحيم مشاهير سنڌ نمبر، ص ۱۸۱-۸۲.
محمد جمن ٽالپر، اسلامي درسگاهم، ص ۲۷۱.
مولانا وفائي، تذڪره مشاهير سنڌ، ص ۲۰۱.
۶. محمد جمن ٽالپر، اسلامي درسگاهم، ص ۷۵-۴۷۴.
مولانا قاسمي، الرحيم، منهنجي علمي ڊائري، ص ۵۱.
۷. مولانا عبيدالله سنڌي، ذاتي ڊائري، ص ۱۶.
۸. ڊاڪٽر صالح محمد شاهم، مونوگراف.
۹. ايضاً.

Gul Hayat Institute

۱۰. خانبهادر محمد صدیق میمن، تاریخ سندي ادب، ج ۲، ص ۴۰۷.
ڈاکٹر صالح محمد شاهه، مونوگراف.

۱۱. ایضاً.

۱۲. ایضاً.

۱۳. خانبهادر محمد صدیق میمن، تاریخ سندي ادب، ج ۲، ص ۴۰۵.
ڈاکٹر صالح محمد شاهه، مونوگراف.

۱۴. مولانا عبیدالله سندي، ذاتي ڈائري، ص ۱۶.

۱۵. ڈاکٹر صالح محمد شاهه، مونوگراف.

۱۶. ـ ایضاً

۱۷. خانبهادر محمد صدیق میمن، تاریخ سندي ادب، ج ۲، ص ۴۰۶.
ڈاکٹر صالح محمد شاهه، مونوگراف.

18. K.K. Aziz, Britain & Muslim India. p 109.

۱۹. ایضاً.

20. R.C. Majumdar. Freedom Movement in India, Vol 3 p 53.
طفیل منگلوري ـ مسلمانون کا روشن مستقبل، ص ۴۹۴.

21. R.C. Majumdar. Freedom Movement in India, Vol 3, p 53.

22. Lord Eversley, The Turkish Empire p 419.

23. R.C. Majumdar. Freedom Movement in India p 53.

۲۴. ڈاکٹر محمد لائق زرداري، تحریک پاکستان ۽ سنڌ جو حصو، ص ۳۳.

۲۵. ایضاً. بحوالہ لطف الله بدوي، خلافت تحریک جي نشو و نما، "نئین زندگي" جولاءِ ۱۹۶۷ع، ص ۴۴.

۲۶. ڈاکٹر زرداري، تحریک پاکستان ۽ سنڌ جو حصو، ص ۳۳.

۲۷. ڈاکٹر محمد لائق زرداري، سنڌ جي سیاسي جدوجهد، ص ۱۱۶.
Perwaiz- Ph. D Thesis Sind University. p 193.

۲۸. ڈاکٹر صالح محمد شاهه، مونوگراف، سال ۱۹۷۵ع

۲۹. مولانا دین محمد وفائي، یادِ جانان، ص ۸.
پیر علي محمد راشدي، "اهي ڈینهن اهي شینهن" ج ۳ ص ۲۳۹.

۳۰. ایضاً.
ڈاکٹر صالح محمد شاهه، مونوگراف.
ڈاکٹر زرداري، سنڌ جي سیاسي جدوجهد، ص ۱۲۳.

۳۱. ڈاکٹر صالح محمد شاهه، مونوگراف.
ڈاکٹر زرداري، سیاسي جدوجهد، ص ۱۱۹.

Gul Hayat Institute

۳۲. پير علي محمد راشدي، "اهي ڏينهن اهي شينهن" جلد ۲، ص ۳۹۲.
ڈاڪٽر زرداري، سنڌ جي سياسي جدوجهد، ص ۱۱۷.
۳۳. مولانا دين محمد وفائي، يادِ جانان، ص ۱۳.
پير علي محمد راشدي، "اهي ڏينهن اهي شينهن" جلد ۲، ص ۲۵۷.
۳۴. مولانا وفائي، ايضاً.
۳۵. مولانا وفائي ايضاً، پير علي محمد راشدي، ايضاً.
۳۶. پير علي محمد راشدي، ايضاً.
۳۷. مولانا وفائي ايضاً، پير علي محمد راشدي، ايضاً.
۳۸. پير علي محمد راشدي، ايضاً.
۳۹. ڈاڪٽر محمد لائق زرداري، سنڌ جي سياسي جدوجهد، ص ۱۴ كان ۱۵۲.
۴۰. ڈاڪٽر محمد لائق زرداري، سنڌ جي سياسي جدوجهد، ص ۱۵۳ كان ۱۵۶.

Gul Hayat Institute

شمس الدين بلبل

پروفيسر محمد اسحاق ابڙو

اسان جي سنڌ سونهاري اهڙا سگهڙ ۽ سالڪ، عالم ۽ فاضل، صوفي ۽ درويش سورهيه ۽ سرويچ، بهادر ۽ بي بها دُرّ پيدا ڪيا آهن، جن ديس واسين کي اوج ۽ اقبال، عروج ۽ جلال جو آتم نمونو ڏيکاريو. انهن مان، کي مانجهي مرد ڏارين جي ظالماڻي حڪومت سان سينو ساهي ساٿيهه لاءِ سر ڏئي سرها ٿيا، تہ ڪن آٽاهه ساگر سوجهي مُلهائنا ماڻڪ موتي ميڙي، سهيڙي سنڌ جي ساهت کي سينگارڻ جي جاکوڙ ڪئي. انهن سڃڻ جا اهڙا ڪارنامه، جن اسان جي جيءَ کي جياريو آهي، انهن کي ورورڏئي ورجائڻ اسان جو وڙ آهي. ميهڙ جي مردم خيز مٽيءَ مان بہ هڪ اهڙو بانڪو بهادر، سورهيه سردار، آزاديءَ جو ڪوڏيو، نامياروعالم ۽ اديب شاعر ۽ سڃاڻ صحافي ۽ سياستدان پيدا ٿيو، جنهن انگريزن جي پيانڪ ۽ پوائتي دور ۾ همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺي، ماڻهن ۾ آزاديءَ جو روح ڦوڪيو ۽ سنڌ شاندار ماضيءَ ڏانهن ڌيان ڇڪايو. سنڌ جو هيءُ سورهيه سپوت شمس الدين 'بلبل' آهي، جيڪو سن ۱۸۵۷ع ۾ ميهڙ جي هڪ عزت پرٽي ۽ سچي مانيءَ واري گهراڻي ۾ پيدا ٿيو، اتيئي نپنو ۽ پڙهي اوج کي رسيو. هيٺن سان همدردي ڪرڻ ۽ مظلومن جي مدد ڪرڻ ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هو. سندس نثر توڙي نظم ۾ سرويچي ۽ سورهيائي، جرئت ۽ مردانگيءَ جون آمٽ خوبيون جهلڪنديون نظر اچن ٿيون، جن جو آمرت رس وٺڻ سان مئل دلين ۾ جيئريون ٿيو پون.

مرحوم بلبل اهڙي سمي ۾ وڏي وڏو ٿيو، جنهن ۾ انگريزي دور جا جاگيردار ۽ زميندار غفلت جي سيج تي اکيون ڦوٽيو ويٺا هئا ۽ غربين جي نيٽن مان لال لڙڪ وهي رهيا هئا. هيءَ اهو وقت هو جڏهن ڪانگريس جي اڪوائن هوم رول هلچل جي آڙ ۾ مسلمانن کي چيهو رسائڻ جي سازش ڪئي ۽ کين علمي، مالي، سياسي ۽ پنڪتي حيثيت سان فنا ڪرڻ جي جاکوڙ ڪئي، پر اهو قدرت جو قانون آهي، تہ هرسمي ۾ گهرج آهر مولي جو مرد پيدا ٿيندو آهي، جنهن جي لام لڳي پڪيل ماٿهو سنئين دڳ تي لڳندا آهن. بلبل سنڌ بہ قوم جو هڪ اهڙو سونهون پيدا ٿيو، جنهن ستل کي سجاڳ ڪرڻ ۽ سجاڳ کي سنئين دڳ لائڻ لاءِ ڪانگريسين جو مردانگيءَ سان مقابلو ڪيو ۽ سندن چالبازين جي پت واڙڪي ڪندو ويو. ان

مان اسان کي سڌ پوي ٿي ته بلبلِ سنڌ ۽ قومي غيرت ۽ وطن جي ورونهن جو آمٺ خزانو موجود هو ۽ سندس لنوَ لنوَ ۽ سنڌ جي ستايل مسلمانن جي ننگ ۽ ناموس جو جذبو چوليون هڻي رهيو هو. ڪانگريسين ۽ سندس سخت مخالفت ڪئي، پر هيءَ مٿير مڙس ڏڙڪن پر ڪين ڏنو ۽ هن پنهنجي ڪلادار قلم سان سنڌواسين آڏو اهڙو آئينو پيش ڪيو، جنهن ۾ مسلمانن جي حقيقي تصوير بکڻ لڳي.

تاريخ شاهد آهي، ته مرحوم بلبل جنهن دور ۾ اکيون پٽيون، اهو دور وطن جي آزاديءَ جو دور هو. جيئن ته انگريزن مسلمانن کان حڪومت هٽ ڪئي هئي، ان ڪري ڪين هروقت اهوئي آلڪو هوندو هو، ته متان مسلمان ٻيهر اسان سان سينو ساهن، ان ڪري انگريزن پڪو پهه ڪيو، ته مسلمانن کي اهڙو ناس ڪجي، جو وري آپڙي نه سگهن. انهيءَ ڪري مسلمانن جا اڳواڻ جيلن ۾ وڌا ويا، ڪن کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو، ڪن جون ملڪيتون ضبط ڪيون ويون. مطلب ته انگريزن انتقام ونڊي مسلمانن کي هرطرح پيهي ڇڏيو. ڏٺيءَ وري ٻه ڀاجهه ڪري سٽائو واءُ واريو، جو اهڙي حالت ۾ سنڌ جي هن سورهيه سپوت، سر سيد احمد خان، شبلي، حالي ۽ اڪبر الٰ آبادي وانگر اوندهه ۾ سوجهرو ٻنجي، ڪريلن جا هٿ وٺي هڪ سڌارڪ جي حيثيت ۾ مسلمانن کي جديد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ همٿايو ۽ ڪين احساس ڏياريو، ته هندن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ترقي ڪرڻ ۽ گورن جي راج ۾ اوج ماڻڻ جو راز انهيءَ ڪم ۾ مڙهيل آهي، پر ساڳئي وقت بلبل مرحوم مسلمانن کي مذهبي روايتن کي هٿان نه ڇڏڻ جي هدايت ڪري ٿو ۽ انگريزن جي نقاليءَ کان هوشيار ڪري ديسي صاحبلوڪن جي به لاڪ لاهي ٿو. اهڙي قسم جا آدرشي اهڃاڻ سندس اندر مان اڀرندا ڏٺي ٻاهر نڪرن ٿا، جن کي لفظي لباس پهرائي، من موهيندڙ انداز ۾ پڙهندڙن کي پنهنجي آتساهه ۾ ڀاڳي ڀائي بنائڻ جا جتن ڪري ٿو. هن مسلمانن سان ٽيندڙ ڏاڍاين کي پليءَ پٽ پروڙيو ۽ پرکيو ۽ هڪ سچاڻ صحافيءَ جي حيثيت ۾ حقيقت جا اهڙا چٽ چٽيا، جو پڙهڻ سان لڳ ڪانڊارجو وڃن. هندو مهاسبائي اها ڳالهه سهي ڪونه سگهيا، ان ڪري بلبل مرحوم تي مسلمانن کي هندن جي خلاف پڙڪائڻ جي ڏوهه هيٺ مقدمو داخل ڪيائون. انهيءَ هوندي به هيءُ بانڪو بهادر وندر کي ووڙيندو، انهيءَ تار جي تنوار پٽيان لڳو رهيو ۽ پير پٽي ڪونه ڏريائين. وري قدرت به هن مٿير مڙس جي قلم ۾ اها ڪلا سمائي هئي، جو هن پاڻ هندن جي اخبارن مان اهڙي قسم جا حوالا لکي عدالت ۾ پيش ڪيا، جو فاضل جج نه رڳو ڪيس بيڏوهي ٺهرايو، پر اڪثر هندن لاءِ فتويٰ ڏنائين، ته اهي بنگال جي هندو وڪوڙين سان سهڪار ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ چندو گڏ ڪري رهيا هئا. ان فتويٰ تي هرهڪ مسلمان جي ڏڪن ڏڏي منهن مان سرهائي بکڻ لڳي ۽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ خوشيون

ملهايون ويون. اهڙيءَ ريت بلبلِ سنڌ جي سياسي سجاڳيءَ، قومي غيرت ۽ ساڻيهه جي سچي سڪ بابت هرهنڌ هاڪ ٻڌائي آئي.

مرحوم بلبل جي سياسي سجاڳيءَ جو اندازو ان ڳالهه مان پليءَ پت لڳائي سگهجي ٿو، تہ هن هوم رول هلچل واري سمي ۾ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "جام جم" ۾ انگريزن جي ڪانگريس نوازي ۽ مسلمانن جي حق تلفيءَ بابت ڪارائتو مواد ميڙي مسلمانن کي هوشيار ڪيو، تہ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ايڪو پيدا ڪريو. بلبل مرحوم هيءَ ڪتاب سن ۱۹۱۸ع ۾ جوڙي راس ڪيو هو، جنهن جو پيو ڇاپو هاڻي سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپائي ٻڌرو ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ بلبل مرحوم لکي ٿو تہ:

"گرگن سان ٻڪريون ڪڏجي حق نہ گهن، بازن سان چڙيون نہ اڏامن! اسان جي هستي، اسان جي قوميت سيني کان مٿي هڻڻ گهرجي. هندن کان صدبار وڌيڪ اسان جا پوليٽيڪل حق آهن. هو هميشہ اسان جا محڪوم هئا، انگريزن جي چاپلوسيءَ ڪري هاڻي اسان جا حاڪم ٿيا آهن. اڄا وڌيڪ حاڪم ٿيڻ گهرن ٿا. اسان جا انهن کان بہ وڌيڪ ڳائي پڳا حق هڻڻ گهرجن، پر جدا ۽ نہ ڪڏ."

بلبل جي هيءَ صدا هڪ علحده اسلامي رياست ۽ مسلم قوميت جي واڻ سونهائي ٿي. ساڳيءَ ريت، سن ۱۹۱۹ع ۾ جنهن مهل سندس روح خاڪي پڃري مان نڪري پنهنجي حبيب سان هيڪاندو ٿيڻ وارو هو، ان گهڙيءَ بلڪل پوين پساهن ۾ مرحوم بلبل چئي رهيو هو تہ "هندن جا بجڪا ڊار ڪريو ۽ مسلمانن جا بجڪا ڊار ڪريو." بلبل جا اهي لفظ پاڪستان جي سياسي ۽ تاريخي پس منظر ۾ خاص حيثيت رکن ٿا. سچ پچ تہ مرحوم بلبل جي ڪٽيوت ۽ اڳ ويچاريءَ جو داد ڏيڻ گهرجي، جنهن سن ۱۹۱۹ع ۾ اهڙي قسم جي پيشگوئي ڪئي هئي. مرحوم بلبل مسلمانن ۾ بهترين امت هڻڻ جي پروڙ پيدا ڪئي ۽ پنهنجي ناصحانہ ڪلام وسيلي مسلمانن کي اخلاق جي واڻ وڌي هلڻ جو سبق ڏنو ۽ وحدت ۽ رسالت تي ڪامل ايمان آڻڻ واري سچي سنيهي ذريعي مسلمانن جي دلين ۾ توحيد ۽ رسالت جي جوت جاڳائي. سندس ڏنل تعليم ۾ انسانيت، وطنيت، قوميت، اوچائي، سرويچي ۽ سورهيائيءَ جي سکيا سان گڏ عمل ۽ جاکوڙ جي اپٽار ڪيل آهي، جيڪا هردور واسيءَ ۾ نئين حياتي ڦوڪي ٿي. سندس قومي ۽ اسلامي غيرت جو اندازو انهيءَ ڳالهه مان پليءَ پت لڳائي سگهجي ٿو، تہ هن ترڪيءَ جي مسلمانن لاءِ چندو ڪرڻ ۾ بہ پاڻ موڪيو ۽ بلبلِ سنڌ جي چوٽ تي مرحوم حاجي عبدالله هارون جي اڳواڻيءَ ۾ انجمن هلال احمر جو وفد مارچ ۱۹۱۳ع ۾ سيهڙ ۾ آيو ۽ ترڪيءَ جي مالي مدد لاءِ چگوچوکو چندو گڏ ڪيو. مرحوم شمس الدين بلبل جو لائق ۽

فائق فرزند رئيس ضياءالدين "ضيا" ان ڏس ۾ لکي ٿو، ته "انهيءَ موقعي تي زميندارن ۽ آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ سندس ڪيل ولوله انگز تقرير جادوءَ جهڙو اثر ڪيو ۽ ترڪي فنڊ لاءِ، رپين جا ڍير لڳي ويا، ايتري قدر جو هڪ صاحب ته بي اختيار ٿي، پنهنجو ڪوٽ به لاهي ڏنو، جو نيلام ڪري ١٢٥ رپين ۾ وڪيو ويو. تقرير کان پوءِ، مرحوم بلبل، جيڪو في البديهه نظم پڙهيو، اهو سندس همعصر ماڻهن کي اڄ سوڌو ياد آهي، جنهن جو هڪ شعر هن ريت آهي:

هنن جي خيرمقدم ۾ اسان کي هيئن چوڻ گهرجي،

اجها هي زَر، اجهي زيور، اجهي هي گهر، اجهي هي سر.

هن شعر تي جو رقت انگيز نظارو پيدا ٿيو، ان جو حال وڏڙا اڄ به بيان ڪري رهيا آهن".

مرحوم بلبل هڪ سڄاڻ صحافيءَ جي حيثيت سان سن ١٨٨٩ع ۾ عملي ميدان ۾ پير پاتو ۽ ڪراچيءَ جي هفتيوار اخبار "معاون" جي ادارت کيس سونپي وئي. هن اخبار وسيلي مرحوم بلبل سنڌ مدرسه الاسلام ۽ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جي جهجهي خدمت ڪئي. مرحوم حسن علي آفنديءَ جي وفات کان پوءِ، لاڙڪاڻي جي اخبار "خيرخواهه" ۽ حيدرآباد جي اخبار "مسافر" جو مدير ٿي رهيو ۽ آخر ۾ سکر مان "آفتاب" اخبار سندس ادارت ۾ نڪرندي رهي. هيءَ اخبار مسلمانن ۾ سياسي سجاڳي ۽ مذهبي ڄاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ جاري ڪئي وئي هئي. هيءُ اهو سمو هو جڏهن عيسائيت جي پرچار لاءِ سکر جي چوسولن تي عيسائي پادري پوليس جي پهري هيٺ پنهنجي مذهب جو پرچار ڪندا هئا ۽ اسلام تي حملا ڪندا هئا. انهيءَ ڪري مرحوم بلبل "آفتاب" اخبار وسيلي عيسائين جا دليل رد ڪيا ۽ مزاحيه ڪالم ذريعي عيسائين جا ڇوڏا لاٿا. ان ڏس ۾ مولانا غلام محمد گرامي پنهنجي هڪ مضمون ۾ سندس مزاحيه رنگ جو هيءُ اقتباس پيش ڪيو آهي:

"ڪلهه مارڪيٽ جي چوسول تي سفيد جُبي پاتل شيطان ابن شيطان کي وعظ ڪندي ڏٺم، جنهن جي چيلهه سان صليب ٻڌل هو. افسوس مون وٽ دمشق جي خمدار تلوار ڪانه هئي، جو هن جي سِسي هڪ ڌڪ سان ڪٻر جي سِسيءَ وانگي ڌڙ کان ڌار ڪري، سنت ايوبي کي تازو ڪريان ها".

هتي مرحوم بلبل جو اشارو سلطان صلاح الدين ايوبيءَ ڏانهن آهي، جنهن صليبي جنگين ۾ عيسائين جي چڱي لاک لاٿي ۽ ٻيهر فلسطين تي قبضو ڪيو. بلبل جي هن ڪالم جو اهو نتيجو نڪتو، جو مسلمان عالم تقريرن ذريعي عيسائين کي سختيءَ سان نندڻ لڳا، جنهن ڪري فوجدار هرداس مل عيسائين چرچ تي مڇرجي پيو ۽ مسلمان عالمن کي پاڻ وٽ گهرائي هيسائڻ لڳو. جڏهن بلبل کي اها سڌ

Gul Hayat Institute

پيئي، تڏهن هُن مزاحيہ ڪالم ۾ فوجدار سان اهڙي ويڌن ڪئي، جو هو پوءَ ڪان ٻاهر نڪرندو هو، تہ پوليس وارو ساڻ ڪري هلندو هو. ان بابت مرحوم غلام محمد گرامي اخبار "آفتاب" جي مزاحيہ ڪالم جو هيءَ نقل چونڊي پيش ڪري ٿو:

"مسلمانو! ٻارن کي اسڪولن ۾ پڑهايو. توهان کي خبر هجي، تہ تعليم ٻرائٽ سان اوهان جا ٻار گورنر ۽ ڪمشنر بنجي ويندا. هڪڙو واٽيو گهورڙئو، گڏهہ تي ڪوهرن جو ڪُنو رکي، ڪوهر وڪڻندو هو. پٽ کي اسڪول ۾ داخل ڪيائين، جو پڑهي فوجدار ٿيو، پر سندس واڪي عادت، جا ڪيس پيتا ٿو پڏاس ڪان ورڻي ۾ ملي هئي، سا پڻيءَ منجي نہ سگهي."

بلبل مرحوم طنز ۽ مزاح جو شهنشاهہ، ڪلمڪ ۽ زنده دل اديب هو. قدرت سندس ڪلادار قلم ۾ اهڙي تہ سگهہ سمائي هئي، جو هو پنگتي اوڻاين ۽ مسلمانن جي مسئلن کي سهڻي ۽ سلوڻي سنڌيءَ ۾ سلجهائي اهڙي تہ روح ريجهائيندڙ انداز ۾ آجاري چٽو ٿو ڪري، جو طنز هوندي بہ سندس نصيحت ٺار ٺري پئي لڳي. هن پنهنجي لکيت وسيلي فرنگي رهڻي ڪهڻيءَ جون اوڻايون بيان ڪري، سنڌ جي مسلمانن کي اباڻي زندگيءَ جي طرز عمل جا فائدا پڌايا آهن، تہ جيئن اهي فرنگي سيپتا جي وهڪري ۾ لڙهي وڃڻ کان بچي پون. سندس ڪلام ۾ علم ۽ حڪمت جا دل لپائيندڙ ۽ من موهيندڙ نڪتا بيان ڪيل آهن، جيڪي رس ڀري سندر سلوڻي سنڌيءَ ۾ سمجهايا ويا آهن. سندس جوڙيل ڪتابن ۾ سُلجهاڻائي ۽ سچاءَ جا آدرش اهڙن تہ وندرائيندڙ ۽ ڪلائيندڙ ٽوٽڪن وسيلي بيان ڪيا ويا آهن، جو پڑهڻ سان اندر آسات لهيو وڃي ۽ هرڪو پڑهندڙ ان مان چگو لاپ پرائي سگهي ٿو. طنز ۽ مزاح جي ذريعي هن نہ رڳو گوندر کي گنوائڻ ۽ پريشانين کي وندر ورونهن ۾ ٽارڻ جي جاکوڙ ڪئي آهي، پر ڪامورن جي ڏاڍاين ۽ ڪانگريس جي سازشن کي ڪلمڪ انداز ۾ نندڻ ۽ سنوارڻ جو سعيو پڻ ڪيو آهي. هن زميندارن جي ظلم، ڪمدارن جي ڪُٽپ، گورن جي انڊي پيروي، چورن جي راڳن، پوليس جي آرهہ زورائين ۽ هارين ڪارين جي مظلوميت کي چهر چٽيءَ واري لهجي ۾ پڌرو ڪري، پنگتي مورت جا اهڙا چيٽ چٽيا اٽس، جو پڑهڻ سان اکين جا پلڪ بہ پُسيو پون. ان مان بلبل جي ادبي ڄاڻ ۽ پوليءَ تي دسترس جي سڌ پوي ٿي، تہ ڪيئن نہ هو هڪ اٿاهہ ساگر ۾ ٽُبي هئي، پنهنجي پاند ۾ پاتال مان جرڪندڙ ۽ مٿلهہ مهانگا ماڻڪ ميڙي سلامتيءَ سان ڪنڊيءَ تي پهچي ٿو. ان لاءِ بلبل مرحوم، لوليءَ جيان مٺڙي ۽ سوادي، سلوڻي ۽ ٻاجهاري ٻولي ڪتب‌آڻي ڪيرون لهٽيون. ٻوليءَ ۾ انگريزي گفتا ۽ فارسي نڪتا پڻ ڏاڍا سهائيندڙ ۽ موقعي پٽاندر ڪتب آندا اٽس. سچ پچ تہ اهڙا سندس ساڻيهہ جي سڪ هئي، جو سنڌين ۾ سورهيائي ۽ سرويچي، آزادي ۽ وطن جي ورونهن جو روح ٿوڪي، پنگتي ۽ اخلاقي اوڻايون نروار ڪري، انهن کي سنوارڻ ۽

سلجھائڻ لاءِ اصلاحي نڪتن جي اهڙي اپڻار ٿو ڪري، جو پڙهڻ سان روح ۾ ريلا ڪائي. سندس لکيت ۾ سنڌ ساڻيهه جي رهڻي ڪهڻي، ريتن رسمن، سڃائي ۽ سورهيائيءَ جا داستان جهلڪندا نظر اچن ٿا، جن جو اسلوب ڏاڍو پيارو ۽ جيءَ جيارو، من موهيندڙ ۽ زيبائتو آهي، جنهن ۾ سادگي ۽ رنگينيءَ جا جرڪندڙ مائيدار موتي، اندر جي اونهائيءَ ۾ جوت جاڳايو ڇڏين. هرهڪ لفظ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ائين پيو لڳي، جهڙي مُنڊيءَ تي ٽيڪ.

مرحوم غلام محمد گرامي لکي ٿو تہ "مرحوم بلبل سنڌ جي ساده لوح ۽ مفلوڪالحال عوام جي تهذيبي نفسيات کي برمحل سڃاتو، سندس خواص جي منافقانہ نقاليءَ کي بروقت چاتو. بلبل ڏٺو تہ ماڻهو مغربي تهذيب جي ٻاهرئين چڪ ۽ مڪ، جاذبيت ۽ ڪشش تي مري رهيا آهن، ڪوٽ ۽ پتلون، گهڙي ۽ هنٽر، جوراب ۽ هيٽ ۾ گرفتار ٿي، پنهنجي اصليت، جزالت، مشرقيت، تهذيبي شرافت، بزرگن جي وراثت، دين جي اطاعت، الله ۽ رسول صلي‌الله عليہ و آلہ وسلم جن جي محبت، جهاد ۽ جهد کان پاسيرا ٿي رهيا آهن، منجهن غلط قسم جي آزاد خياليءَ ۽ بي‌عمليءَ جا جراثيم سلوپوائزن بنجي سرايت ڪري رهيا آهن ۽ سرٽاپا مادیت ۾ رڳجي، رڻ ۾ رلي رهيا آهن، بلبل ان قسم جي نقالي ۽ بي روح ترقيءَ معڪوس تي دل کولي ڏڪ هنيا." ان ڏس ۾ پڙهندڙن لاءِ مرحوم بلبل جي هڪ نظم بعنوان "نئون زمانو" مان ڪجهہ شعر پيش ڪجن ٿا، جن جي ميڙاج ۽ ڏرمائيءَ جو اثر نہ رڳو اندر جي آسات لاهيو ڇڏي، پر آمالڪ اندر مان ٿهڪڙو نڪريو وڃي:

ٽاپ ٽيپ ۾ آڪڙ شاڪڙ، ڏاڙهي ڪوڙي مُڇون ماڪڙ،
سواري بائيسڪل جي سرسر، تاڪ ڏنا ڏن تاڪ ڏنا.
ڪالر ڪوٽ، قميصون جاڪٽ، پائن ٽا پتلون ۽ پاڪٽ،
چيڀاٽي بوٽن جي چرچر، تاڪ ڏنا ڏن تاڪ ڏنا.
سيٽي ۽ سگريٽ سدائي، گٽ مٽ، گٽ مٽ وات ۾ وائي،
يُو سي، آءِ سي، مسٽر مسٽر، تاڪ ڏنا ڏن تاڪ ڏنا.
چهچا، ڪانتا، ڪٽ پٽ ڪڙڪڙ، چيمبر ۾ چيئرس جي تڙتڙ،
شاش ڪرڻ ۾ بيٺڙ شرشر، تاڪ ڏنا ڏن تاڪ ڏنا.
گينڊي، صابڻ، برش طرازي، بوس وڪنار، ڪتن سان بازي،
فوٽو، فونو، پيانو، پڪچر، تاڪ ڏنا ڏن تاڪ ڏنا.
جنٽلمين ميسين جا جوڙا، چيلهہ ۾ پاڪر، ڏوڙا سوڙا،
نچ وي باندر، نچ وي باندر، تاڪ ڏنا ڏن تاڪ ڏنا.
ڏسج نئون تهذيب نمونو، "بلبل" باطل فيشن جهونو،
بابو بابو سيم مڪسچر، تاڪ ڏنا ڏن تاڪ ڏنا.

بلبل مرحوم اڪيلي سر مغربي تهذيب جي خلاف جنگ جوئي ۽ مسلمانن کي سجاڳ ڪندي چيائين تہ جيڪڏهن اوهين پنهنجي تاريخي ۽ اباڻي ورثي کي ڇڏي فرنگين جي لام لڳندؤ، تہ پوءِ سان توائي ٿي سلامتيءَ جي ڪناري ڪان پري ٿي ويندؤ. ان مان بلبل مرحوم جي اها مراد ڪونہ هئي، تہ جديد علوم ڪان پاسو ڪجي، پر هن جي گهڙ هئي، تہ ديني اپياس سان گڏ سائنسي علم پڻ حاصل ڪيو وڃي، تہ جيئن مسلمان پاڻ کي لائق ۽ فائق بنائي پنهنجي حياتي ۽ آخرت سڌري ڪري سگهن. انهيءَ ڪري هو مدرسن جي پراڻي تعليمي ڍانچي ۾ تبديليءَ جو خواهشمند هو. ان ڏس ۾ هن پنهنجي ڪتاب "مسلمان ۽ تعليم" ۾ جڳيءَ طرح وضاحت ڪئي آهي. هيءُ ڪتاب پڻ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. ديني ۽ سائنسي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مرحوم بلبل آل انڊيا ايڊيوڪيشن ڪانفرنس جي گڏجاڻيءَ ۾ تقرير ڪندي چيو تہ: "هن ملڪ ۾ ديني علوم سان گڏ جديد علوم جي آميزش ڪرڻ گهرجي، محض جديد علوم اسان جي ديني شعور، مذهبي طبع ۽ روحاني حيات لاءِ ناڪافي ٿيندا." مرحوم رئيس ضياءالدين "ضيا" لکي ٿو تہ "مرحوم بلبل جي تعليمي ۽ سماجي خدمات جو سلسلو پڻ وسيع آهي. تعليمي ڪانفرنس ۾ شرڪت، پڙاڏر تقريرون، نصاب جا درسي ڪتاب، ڪانفرنس جا ٺهراءَ، پمفليٽ، اخبارن جا مقالا، آفيسرن جا مشورا، اهي سڀ عملي ڪم آهن، جي تاريخي حيثيت رکن ٿا..... اسڪولن جي نصاب ۾ فارسي داخل ڪرائڻ جو ريزوليشن بہ مرحوم بلبل جي ڪتاب تان ورتل هو. ان جو محرّڪ خود ڪيس بنايو ويو، ۽ نواب وقارالملڪ ۽ مولانا حاليءَ جي فرمائش تي پاڻ نهايت رنگين ۽ شيرين، فصيح ۽ بليغ فارسيءَ ۾ برمحل، برجستہ، مدلل ۽ پُرزور تقرير ڪري، ساري ڪانفرنس کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيائين. نيٺ اهو ٺهراءُ پاس ٿيو ۽ ان وقت کان وڃي فارسي نصاب اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ رائج ڪيو ويو، جو اڄ سوڌو موجود آهي."

مرحوم بلبل سن ۱۹۰۴ع ۾ ميهڙ شهر ۾ مدرسة الاسلام جو بنياد وڌو، جيڪو سندس ئي حياتيءَ ۾ مڈل اسڪول ٿيو ۽ سن ۱۹۳۴ع ۾ هاءِ اسڪول جي درجي کي پهتو. هيءُ اسڪول سندس تعليمي خدمتن جو ساراهہ جوڳو ڪارنامو ڇاتو وڃي ٿو، جنهن مان سڌ پوي ٿي، تہ سنڌ جي مسلمانن لاءِ هن جو هڏ ڪُرڪيو ٿي. بلبل جي علمي ۽ ادبي خدمتن کي انگريزن پڻ ساراهيو آهي. سنڌ جي ڪمشنر مسٽر لارينس هڪ خط ۾ ڪيس لکيو تہ: "سرڪار محسوس ڪيو آهي، تہ اوهين مسلمان قوم جا هڏ ڏوکي ۽ سچا آهيو، ۽ سنڌ جي مسلمانن جي سڌاري ۽ واڌاري بابت اوهين جيڪي رايا ڏيندا آهيو، انهن کي اسين قدر جي نگاهہ سان ڏسندا آهيون." مسلمانن جي تعليمي ترقيءَ سان گڏ هن سنڌي ساهت جي واڌاري لاءِ پڻ پاڻ پتوڙيو

ڪيترائي ڪتاب جوڙي راس ڪيا. انهن مان (١) قلندري ميلو (٢) تيرهن چار مڪرن جا مار (٣) چٽ سوال پٽ جواب (۴) بخت بازي (٥) گلزار لطائف (٦) نيچرل ڪريما (٧) ديوان بلبل (سنڌي) (٨) مسلمان ۽ تعليم (٩) ڪلام بلبل (١٠) جام جم (١١) انگريز ۽ مسلمان (١٢) رحيما (سنڌي) (١٣) بهار عشق (١۴) عقل ۽ تهذيب (١٥) قرض جا مرض ۽ ان جا علاج (١٦) مداح سرور (١٧) صد پندِ سودمند (١٨) شمس‌المڪتوب (١٢) احسن التواريخ (٢٠) آئينهٔ تجارت مايهٔ ظرافت (٢١) ديوانِ بلبل (فارسي) (٢٢) بهارستانِ بلبل (٢٣) گنج معرفت (٢۴) مسلمانانِ سنڌ جي تعليم ۽ سرڪار (٢٥) حل تجربات يعني شمس‌اللغات خاص طور ڄاڻائي سگهجن ٿا. انهن مان ڪجهه ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن، جنهن لاءِ بورڊ جا اختياريءَ وارا کيرون لهڻن. اهي ڪتاب پڙهڻ سان ائين ٿو ڀانئجي، ته هن نامياري اديب سنڌ واسين لاءِ انهن ڪتابن ۾ اهڙا سندر سهڻا ۽ من موهڻا ماڻڪ ميڙي گڏ ڪيا آهن، جن جي جوت جي جهلڪي سان مهراڻ جي ماٿري ٻهڪڻ لڳي ٿي. هو سڄي سونهن جي حيثيت سان قوم جي رهنمائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو ۽ ان کي دردناڪ آواز ۾ سنئين واٽ ڏانهن سڏي ٿو. هُن نصيحت جا رس ڀريا نڪتا سموهي ٻاجهاري ٻوليءَ ۾ اهڙي ته وندرائيندڙ اسلوب ۾ پيش ڪيا آهن، جو پڙهڻ سان روح پيو ريلا کائي ۽ تسليم ٿو ڪجي، ته هن سنڌي ساهت کي سينگاريندڙ سرواڻ جي حيثيت سان پاڻ موکيو آهي. اهو اسان جو فرض آهي، ته اسين سندس جوڙيل ڪتابن جي ڇنڊڇاڻ ڪري انهن کي ڇپائي پڌرو ڪريون، ته جيئن پڙهندڙ ان مان لاڀ پرائين. افسوس آهي جو اسان بلبل جهڙي بانڪي سورمي کي وساري ڇڏيو آهي، جنهن مسلمانن کي انگريزن جي لڙهه لڳڻ کان روڪيو. هُن مسلمانن جي ديني، سياسي، ادبي ۽ مالي مسئلن کي اهڙيءَ ريت سلجهايو آهي، جو پڙهندڙن جون دليون موهيو ڇڏي. سندس اثرائتو ڪلام اڄ به اسان جي دلين کي جنجهوڙي ذهني غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏياري ٿو. سنڌ جي اديبن ۽ عالمن جو اهو فرض آهي ته سندس تعليم ۾ جا سچائي، سادگي ۽ محبت آهي، ان جي روشنيءَ ۾ کوجنا ڪري بلبل جي زندگي ۽ ڪارنامن کي وڌيڪ اجاگر ڪن ته جيئن عام ماڻهو اُن مان جهجهو لاڀ پرائي سگهن.

Gul Hayat Institute

سر حاجي عبدالله هارون

جي. ايم. سيد

سنڌ جي سياسي ڪارڪنن ۾ رئيس مرحوم غلام محمد خان پرڙيءَ کان پوءِ مسلمان واپاري طبقي مان سيٺ حاجي عبدالله هارون مڪيم جاءِ والاري ٿو. سنڌ جي اڪثر مسلمان سياستدانن کي ملڪ ۾ قوم جي فائدي جو اونو نہ پئي رهيو آهي. انهن مان گهڻن کي ذاتي عزت، فائدي ۽ وقار جو اونو زياده پئي رهيو آهي. اهڙي قحط الرجاليءَ جي حالت ۾، سيٺ صاحب جهڙي مخلص قومي ڪارڪن جو وجود غنيمت هو. سندس حياتيءَ جو احوال ميان محمد شفيع لکي ڇپايو آهي، جنهن مان ڪافي مواد ملي ٿو. پر هڙي مڪيم ڪارڪن جي مفصل سوانح عمريءَ لاءِ وڏي ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. افسوس آهي تہ آءٌ اهو فرض ادا ڪري نٿو سگهان. بهرحال، هتي سندس زندگيءَ جو مختصر احوال پيش ڪجي ٿو.

خاندان جو احوال: حاجي صاحب اصل ڪچ جي لوهاڻا هندن مان مسلمان ٿيل مومن (ميمڻ) جماعت جو فرد هو. سندس ڏاڏي جو نالو ميان حسن هو. ان کي ابوبڪر نالي فرزند ٿيو. اهو اول ۾ واپار سانگي بمبئي علائقي جي پونا شهر ۾ ويو، جتي ڪجهہ وقت ڪم ڪرڻ بعد موڻي واپس ڪچ پهتو ۽ اتي رهندو هو. ان کي ميان هارون نالي فرزند ٿيو، جو سنڌ تي انگريزن جي قبضي ٿيڻ بعد ۱۸۵۸ع ڌاري واپار جي خيال کان لڏي اچي ڪراچيءَ ۾ ويٺو. اهو اهو زمانو هو، جڏهن بمبئيءَ جي طرف کان ڪيترا تاجر لڏي اچي سنڌ ۾ ويٺا هئا، جن ۾ علوي فيملي وارا بوهرا ۽ دنشا فيمليءَ وارا پارسي به اچي وڃن ٿا.

سيٺ هارون ٽي شاديون ڪيون هيون، جن مان ڪيس ۾ فرزند ٽيا: (۱) محمد عثمان ۽ (۲) ميان عبدالله. هتي سيٺ عبدالله جي زندگيءَ جو احوال ڏجي ٿو.

ميان عبدالله، سيٺ هارون جي ٻي نمبر گهر واريءَ حنيفہ ٻائيءَ مان، ۱۸۷۲ع ڌاري ڄائو هو. بدقسمتيءَ سان، اڃا هي ڇهن سالن جو مس ٿيو تہ سندس والد ۱۸۷۶ع ۾ وفات ڪري ويو. اُن وقت سندس والده ارڙهن سالن جي هئي، هي ان جي سنڀال هيٺ رهيو. سندس وڏو ڀاءُ، سيٺ عثمان ۽ سندس همشيره علحده رهڻ لڳا. سندس پرورش، تعليم ۽ تربيت جو سمورو بار والده تي ٻيو. سندس والده ڏسن ۾ اچي

ٽو ته باوجود ننڍيءَ عمر جي، سمجهدار، خوددار، سليقي ۽ همت واري عورت هئي، جنهن هن کي ساهه سان سانڍيندي به کڏهن البيلو ۽ چڙواڳ ٿيڻ نه ڏنو.

پهريائين هن کي هڪ گجراتي اسڪول ۾ ويهاريائين ۽ پوءِ انگريزي اسڪول ۾ پڙهايائين. پر مالي حالت ٺيڪ نه هئڻ ڪري، وڌيڪ تعليم ڏياري نه سگهي. پنجن درجا پڙهڻ بعد، ڪيس اسڪول مان ڪڍي، ڪجهه سامان وٺي، ڦيريءَ ۾ وکري ڪرڻ لاءِ ڏنائين. اول ۾ هي هڪجيڏن جي سامهون ڦيري ڪري وڪڻڻ ذرا لڄي ٿيڻ لڳو، پر آهستي آهستي همت جهلي، وکرو ڪري، ڪمائيءَ جي رقم آڻي والده جي اڳيان رکندو هو. ان کان پوءِ، پنهنجي پيٽوئي سيٺ صالح محمد وٽ ڇڻن رڀين پگهار تي نوڪريءَ ۾ ٻيٺو، جتي ڪيس واپار جي ڪم جي ڇڪي تربيت ملي.

واپاري زندگي: ٿوري وقت کان پوءِ هن پنهنجو دڪان کڏيو. تفصيل سان احوال معلوم ٿي نٿو سگهي، پر سمجهڻ ۾ اچي ٿو ته ۱۸۹۶ع ڌاري، هن پنهنجو جدا کاروبار هلائڻ شروع ڪيو هو، ۽ ۱۹۰۹ع ڌاري، مسلسل محنت، جفاڪشي ۽ هوشياريءَ سان ڇڪو پيسو گڏ ڪري ويو، ۽ نيپئر روڊ تي کوٽي وٽي ڪم ڪرڻ لڳو. سن ۱۹۱۰ع ڌاري، رنڇوڙ لائين ۾ جايون خريد ڪيائين. سن ۱۹۱۱ع ۾، وڪٽوريا روڊ تي جدا بنگلو خريد ڪري، ان ۾ رهڻ لڳو. پهرينءَ جنگ جي زماني ۾ ڪنڊ جي اڳهن چڙهي وڃڻ ڪري، هن ڇڪي ملڪيت ڪمائي. ان کان پوءِ ڪيس واپار ۾ به دفعا مشڪلاتون سامهون آيون، پر همت ۽ استقلال سان وري پاڻ کي سنڀالي ويو.

واپار ۾ سندس ترقيءَ جا مکيه ڪارڻ هيٺيان چوڻ ۾ اچن ٿا:

(۱) واپار مان پنهنجي ڪمائيءَ کي خيال ۾ رکي خرچ ڪندو هو. ڪن ماڻهن کي پيسي هٿ اچڻ بعد فضول خرچيءَ جي عادت پئجي ويندي آهي، تنهن کان هيءَ آجو رهيو. اول ۾ پنڊ ڪري آفيس ويندو هو. شاهوڪار ٿيڻ بعد گهوڙا گاڏي رکيائين، سا به اڪثر ڪري والده جي سواريءَ لاءِ ڪتب آڻيندو هو.

(۲) موڙيءَ کي نظر ۾ رکي واپار ڪندو هو. ڪڏهن به ڳهڻي نفعي جو حرص ڪري، وٽ کان ٻاهر قدم ڪٽي واپار نه ڪيائين.

(۳) ڪمائيءَ بعد زڪوات ڪڍي جدا رکندو هو. ان پيسي کي آڏار طور به پنهنجي ڪتب نه آندائين.

(۴) ڪفايت شعاريءَ سان گڏ، واپار ڪرڻ جي اهليت ۽ تجربو به هوس، جنهن ڪري تڪڙ ۾ شاهوڪار ٿيڻ جي عيوض، ڪٽي ڳوتي ڪم ڪندو هو.

اهڙيءَ ريت تجارت ڪرڻ ڪري، هي انهيءَ حيثيت ۾ آيو، جو ولايت مان مڏو ڪنڊ گهرائڻ لڳو ۽ ڪمايل پئسي مان جڳهيون خريد ڪيائين. آخر موتيپور ۾ ڪمائڊ جي پوڪ لاءِ زمين خريد ڪري، پنهنجو ڪنڊ جو ڪارخانو کوليائين، جو پوءِ پائيوارن سان نہ نڀڻ ۽ ڪثرت ڪاروبار ڪري وڪرو ڪري ڇڏيائين. واپار ۽ ڪارخانن بابت ڪيتي تجويزون تيار ڪيون هٿائين، پر انهن کي عمل ۾ آڻڻ کان اڳ وفات ڪري ويو. آخر ۾ گهٽي ملڪيت ۽ هلندڙ ڏندو اولاد لاءِ ورثي ۾ ڇڏي ويو.

شخصي زندگي: سندس پهرين شادي، رحيما ٻائيءَ سان، سن ۱۸۸۸ع ڏاري ٿي، جنهن مان ڪيس هڪ نياڻي جائي. ۱۸۸۹ع ۾، والده سان گڏ حج ۽ حرمين شريف جي زيارت ڪري آيو. پي شادي، ۱۸۹۵ع ۾ پنهنجن عزيزن مان رابع ٻائيءَ سان ڪيائين.

۱۸۹۰ع ڏاري، مامي سان گڏجي، آسام ۾ واپار لاءِ ويو، ۽ اتان واپس اچڻ تي پنهنجو واپار ڪرڻ شروع ڪيائين. ۱۸۹۲ع کان پاڻ پليرڊ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو هو، انهيءَ ڪري، جڏهن ۱۹۰۷ع ۾ ڪراچي ڪلب برپا ٿي تہ ان جي قائم ڪرڻ ۾ حصو ورتائين.

سندس ٻي شادي، بيگم نصرت سان، ۱۳- نومبر ۱۹۱۳ع تي ٿي. اهو سال سيٺ صاحب لاءِ سڀاڳو ثابت ٿيو، جنهن کان پوءِ سندس زندگيءَ جو نئون ورق وريو.

"هر گياهي کہ بہ نوروز نجنبد، خسپ است!"

واپار مان پيسو ڪمائي، سياسي ۽ سماجي ڪمن ۾ حصو وٺڻ لڳو هو. ڦوهہ جواني هيس. عين انهيءَ وقت، پريم، واسو ڊيئي، هن عقد لاءِ آماده ڪيس. بيگم صاحبہ پڪيءَ اهل تشعيت جي خاندان مان هئي. حاجي صاحب ڪٽر سُني گهر مان هو، پر حضرت عشق انهن آهني ديوارن کي ٽاڪڻ ۾ ويرم ٿي ڪانہ ڪئي. شادي ٿي، گهر ۾ خوشيءَ ۽ آرام جو دروازو ڪلي ٻيو. پوءِ حاجي صاحب هڪ مَنو ٿي، واپار توڙي سماجي، تعليمي ۽ سياسي سرگرمين ۾ مشغول ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. گهر جي سموري ڪاروبار کي درست ڪرڻ، زندگيءَ کي پُرامن ۽ معنيٰ خيز بنائي، خوشيءَ جي خزاني ميسر ڪرڻ ۾ بيگم صاحبہ نهايت خوش اسلوبيءَ سان پارٽ ادا ڪيو. ۱۹۱۵ع ۾، ان مان ڪيس پهرين نياڻي، دولت خانم ڄائي ٿي. پڻي سال، ۱۹۱۶ع ۾ پهريون فرزند يوسف تولد ٿيو.

۱۹۲۵ع ۾، خاندان سميت، بغداد، ڪربلا معليٰ، نجف اشرف وغيره جي زيارتن لاءِ ويو، ۽ خير سان واپس آيو.

۱۹۲۶ع ۾، سندس والده وفات ڪئي.

۱۹۳۲ع ۾، خاندان سميت، اتاوا (ڪئناڊا) ۾ ڪوئايل اقتصادي ڪانفرنس ۾ ويو، ۽ يورپ جو سير ڪيائين.

۱۹۳۷ع ۾ ڪيس .K. T (سر) جو خطاب مليو، ۽ سندس وڏي فرزند، يوسف هارون جي، آغا خان جي ڪٽنب مان شادي ٿي.

۱۹۳۹ع ۾ پوٽينءَ شاديءَ مان پهرينءَ نياڻيءَ نصرت بيبيءَ جي شادي انور حسين هدايت‌الله، سر غلام حسين جي وڏي فرزند سان ٿي.

سياسي زندگي: ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته حاجي صاحب مڪاني سياست ۾ ۱۹۰۱ع کان دلچسپي وٺڻ لڳو، ۽ پبلڪ ميٽنگن ۾ وڃڻ شروع ڪيائين. شهر جي مڪيم ماٺهن سان ۱۹۱۰ع ۾، سر آغا خان سان گڏ ڪيايل فوٽي ۾ ويئل ڏسجي ٿو: ان مان اهو مطلب نڪري ٿو ته ان وقت پاڻ شهري زندگيءَ ۾ اهم حيثيت حاصل ڪري ويو هو. ان کان پوءِ، ۱۹۱۱ع ۾، ڪيس شهر جي ٻين مڪيم ماٺهن سان، حڪيم اجمل خان دهليءَ واري سان گڏ ڪيايل فوٽي ۾ ڏٺو وڃي ٿو، جنهن ۾ مير ايوب خان، مسٽر جمشيد ميهتا، سيٺ هرچنداڻ وشنداس، مسٽر غلام علي چاڪلا ۽ ٻيا ويئل آهن.

۲۹- سيپٽمبر ۱۹۱۱ع ڏاري، اٽليءَ جي حڪومت، ترڪن سان طرابلس ۾ جنگ شروع ڪئي، جنهن ڪري ترڪن کي ڪافي نقصان پهتو، ۽ نومبر ڏاري اٽلي ساري ملڪ تي قبضو ڪري ويئي. ان جنگ ۾ طرابلس جي رهاڪن کي مدد ڪرڻ لاءِ، ترڪن کي "هلال احمر" جي ذريعي، پيسا گڏ ڪري موڪلڻ واسطي، هندستان ۾ جماعتون ٺاهيون ويون. سنڌ ۾ ٻ، مير ايوب خان جي صدارت هيٺ، هڪ انجمن "هلال احمر سنڌ" جي نالي سان، ۸- آڪٽوبر ۱۹۱۱ع تي برپا ڪئي ويئي، جنهن جو سيڪريٽري ۽ خزانچي سيٺ حاجي عبدالله هارون کي مقرر ڪيو ويو. ۱۹۱۳ع تائين، هن پيسا گڏ ڪري پئي ترڪن کي موڪليا. ان جي رپورٽ ۱۲- آڪٽوبر ۱۹۱۳ع تي ڇپائي ويئي هئي، جنهن ۾ حاجي صاحب، جنگ طرابلس ۽ انهيءَ سان متعلق گالهين جو ذڪر ڪندي، سنڌ جي مسلمانن واسطي چند مشورا پيش ڪيا آهن، جهڙوڪ:

(۱) سنڌ جي ڪنهن مرڪزي جاءِ تي فارسيءَ ۽ عربيءَ جو دارالعلوم قائم ڪرڻ گهرجي.

(۲) انگريزي اسڪولن ۾ سنڌي ۽ فارسيءَ کي ثانوي زبان ڪري پڙهايو وڃي ٿو، ان ۾ عربيءَ جو اضافو ڪيو وڃي، جيئن مغربي تعليم سان گڏ ديني تعليم به ملي.

(۳) ڪاليجي تعليم ونڊڻ مسلمان شاگردن لاءِ هاسٽل ٺهرائجي، جنهن ۾ مسجد به هجڻ گهرجي.

(۴) آنربل رئيس غلام محمد خان پرڳڙيءَ جيڪو مسلمانن جي تعليم لاءِ سيس بل بمبئي ڪائونسل ۾ پيش ڪيو آهي، تنهن جي پاس ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پر خدانخواستہ اهو بل زميندارن ۽ سرڪار جي مخالفت ڪري ناپاس ٿئي، تہ مسلمانن کي پنهنجي مدد پاڻ ڪري، خانگي طرح فنڊ ڪٺو ڪرڻ گهرجي.

(۵) يتيم مسلمان هارن جي رهائش ۽ تعليم لاءِ هڪ يتيمخانو کولائجي.

(۶) زميندارن کي آبادي ۾ ڏيڻ لاءِ پيسي جي ضرورت ٿئي ٿي، جنهنڪري هو وياجخورن جي چنبي ۾ اچي ملڪيتون تباهہ ڪن ٿا، ان لاءِ ڪوآپريٽو بئنڪون کولائجن.

(۷) سنڌي مسلمانن جي نمائندگيءَ لاءِ، سنڌي ۽ انگريزي روزانہ اخبارن جي ضرورت آهي، انهن جي کولائڻ جو انتظام ڪجي.

سنڌ ۾ خانبهادر حسن علي افنڊي ۱۸۸۴ع ڌاري، "انجمن محمدي" يا "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" جي نالي سان جماعت ٺاهي هئي، ان ۾ ٻہ حاجي صاحب ۱۹۱۰ع ڌاري شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو هو. هن ڪراچيءَ جي شهري ڪمن ۾ عملي طرح دلچسپي ۱- مئي ۱۹۱۳ع کان وٺڻ شروع ڪئي، جڏهن ڪراچي ميونسپالٽيءَ تي ميمبر چونڊجي آيو. ۲- سيپٽمبر ۱۹۱۶ع تائين پاڻ ميونسپالٽيءَ جو ميمبر رهندو آيو. ان کان پوءِ هڪ ٽرم ميمبر نہ رهيو، وري ۱- مئي ۱۹۲۱ع کان ۲۱- آگسٽ ۱۹۳۴ع تائين ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر رهندو آيو، ان عرصي ۾ ڪيترا دفعا مئنيجنگ ڪاميٽيءَ تي رهي، شهر جي پلائيءَ وارن ڪمن ۾ ڪوشش وٺندو رهيو.

۱۹۱۳ع ڌاري هن جا سرڪار سان سٺا تعلقات هٿا، جنهنڪري ڪجهہ وقت لاءِ آنريري ماجسٽريٽ ٿي ڪم ڪيو هئائين ــــ اها خبر انجمن هلال احمر جي رپورٽ مان پوي ٿي.

ڈسٽ ۾ ائين اچي ٿو تہ هن ڪن مکيہ سياسي تحريڪن ۾، ۱۹۱۷ع کان اڳ حصو نہ ورتو آهي. ان جي ڪارڻن جو پتو نٿو پوي. جنهن صورت ۾ هي ڪراچي جي شهري زندگيءَ ۾ ڪافي اهميت پيدا ڪري چڪو هو، ڪيس ڪنهن سياسي تحريڪ سان لاڳاپو هٽي گهربو هو. پر سن ۱۹۱۳ع ۾، ڪراچيءَ ۾ ڪٿي ٽيل آل انڊيا ڪانگريس جي اجلاس ۾، جتي رئيس غلام محمد خان پرڳڙي، مسٽر غلام علي چاڳلا، مير ايوب خان، مسٽر عبدالرحمان بارسٽر، مسٽر محمد حافظ ميمڻ، مسٽر محمد علي علوي، مسٽر غلام حسين قاسم ۽ ٻين کي بهرو وٺندي ڏسون ٿا، اتي حاجي صاحب جو نالو ڪنهن بہ ڪاميٽيءَ يا فوٽي وغيره ۾ آيل ڪونہ ٿو ڏسجي. ۱۹۱۶ع ۾ بہ جڏهن بهريون دفعو مهاتما گانڊي ڪراچي آيو هو، ڪنهن بہ تقريب ۾ ڪيس شامل

ٽيندو نم ڏئو ويو آهي. ان مان معلوم ٿئي ٿو تہ جنگ وارو سارو عرصو هن ڪراچي ميونسپالٽيءَ ۾ ٻين سماجي ڪمن ۾ صرف ڪيو هو.

جنگ پوري ٿيڻ بعد جڏهن ڪانگريس، مسلم ليگ ۽ خلافت تحريڪون نئين سر شروع ٿين ٿيون، تڏهن حاجي صاحب ڪي سياسي ميدان ۾ پهريون دفعو ڏئو وڃي ٿو. سندس چپيل سوانح عمريءَ ۾ ڄاڻايل آهي تہ پاڻ سن ۱۹۱۷ع ۾ ڪانگريس تحريڪ ۾ شامل ٿيو هو ــ ليڪن ڪيس ڪنهن نمايان جڳهہ تي ڪونہ ٿو ڏسجي. ۱۹۱۶ع، ۱۹۱۷ع ۽ ۱۹۱۸ع وارن آل انڊيا ڪانگريس يا آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاسن ۾ بہ سندس شرڪت نٿي ڏسجي. ۱۹۱۹ع ۾ جڏهن مولانا محمد علي ۽ شوڪت علي، والده ماں گڏ، صوبہ سنڌ خلافت ڪانفرنس جي ٻئي اجلاس لاءِ ڪراچي آيل هئا، تہ حاجي صاحب وٽ اچي رهيا هئا. ان ڪان پوءِ هن خاص طور تي انهن تحريڪن ۾ نمايان حصو پئي ورتو آهي.

۱۹۱۹ع ۾ حاجي صاحب صوبہ سنڌ خلافت ڪاميٽيءَ جو صدر چونڊيو، جنهن عهدي تي ۱۹۲۴ع تائين هلندو آيو. ۷، ۸، ۹- فيبروري ۱۹۲۰ع تي لاڙڪاڻي ۾، وڏو خلافت ڪانفرنس جو اجلاس، پير رشدالله شاهہ جهنڊي واري جي صدارت هيٺ ڪئو ٿيو ــ ان ۾ شرڪت ڪئي اٿس. ان ڪان پوءِ جلد ئي بمبئيءَ ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس جو اجلاس، رئيس غلام محمد خان پرڙيءَ جي صدارت ۾ ڪئو ٿيو، ان ۾ نہ صرف شرڪت اٿس، بلڪ مولانا شوڪت علي جي پيش ڪيل ٺهراءَ نمبر ۵ ــ تہ يورپ ۾ خلافت تحريڪ جي پرچار لاءِ وفد موڪلڻ واسطي ٽيهہ لک رپيا ڪٺا ڪجن ــ جي تائيد ڪئي اٿس.

۵ ۽ ۶- اپريل ۱۹۲۰ع تي، سکر ۾ سنڌ پراونشل ڪانگريس ڪانفرنس جي ستين اجلاس جي صدارت ڪئي آٿس، ان ۾ جيڪو صدارتي خطبو پڙهيو اٿس، تنهن جو لب لباب هي آهي:

ــ اوهان مون کي هن مجلس جو صدر چونڊي، منهنجي عزت افزائي ڪئي آهي.

ــ مادر وطن جي گذشتہ شان شوڪت کي ڏسي، ان جي روشن مستقبل لاءِ ڪوشش ڪرڻ هرهڪ هندستانيءَ جو فرض آهي.

ــ ڪانگريس جماعت ملڪ جي آزاديءَ لاءِ جا ڪوشش ڪئي آهي، سا تعريف جي لائق آهي. اسان کي هاڻ متفق ٿي ملڪ جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

ــ منهنجو مذهب مون کي جمهوريت جو سبق ڏئي ٿو.

ــ نوان ملبل مانٽيگو- چيلمسفورڊ سڌارا ماڻهن جي گهرجن مطابق پورا نہ آهن.

پوءِ پنجاب ۾ ٽيل جليانوالا ڪوس جو ذڪر ڪري، قومي هفتي ملهائڻ لاءِ اپيل ڪيائين.

خلافت جي مسئلي تي گفتگو ڪندي، خوشيءَ جو اظهار ڪيائين تہ انهيءَ مسئلي تي هندو-مسلمان ڪٺا ٿي ويا آهن.

ان بعد، سنڌ جي ڪمشنر جي اختيارات تي نڪتہ چيني ڪري ٿو، ۽ سنڌ ۾ سرڪار طرفان دٻاءَ جي طريقن اختيار ڪرڻ کي نندي ٿو.

خلافت بابت، سنڌ ۾ ٻن مسلمان عملدارن جي ڪڍن طريقن کي نندي، سرڪاري تحقيقات جي تقاضا ڪري ٿو. انهيءَ سلسلي ۾ هندو-مسلم اتحاد تي خوشيءَ جو اظهار ڪري ٿو.

بعد ۾، خانگي فيصلن لاءِ ڪاميٽين ۽ سودیشي شين کي زور وڌائڻ لاءِ ماڻهن کي اپيل ٿو ڪري.

وچ ۾ ٻين ڳالهين جو ذڪر ڪندي، آخر ۾ مسلمانن کي اپيل ٿو ڪري تہ هن قومي جماعت (ڪانگريس) ۾ شريڪ ٿي، ملڪ کي آزاد ڪرائين.

۲۲- جون ۱۹۲۰ع تي، مرڪزي خلافت ڪاميٽيءَ طرفان، هندستان جي وائسراءِ لارڊ چيلمسفورڊ کي ساري هندستان جي مکيہ قوم پرست مسلمانن طرفان درخواست ڪيل هئي تہ ترڪن سان جي صلح جا شرط ڪيا ويا آهن، سي سخت آهن، انهن سان انصاف ڪري، شرطن کي درست ڪرڻ لاءِ نظرثاني ڪئي وڃي. انهيءَ درخواست ۾ اهو بہ چاٽايل هو تہ جيڪڏهن پهرين آگسٽ ۱۹۲۵ع تائين سندن گهڙ قبول نہ ڪئي ويئي، تہ هو مجبور ٿي سرڪار سان قطع تعلقات ڪندا. انهيءَ درخواست تي هندستان جي مکيہ مسلمانن سان گڏ، سنڌ جي جن ماڻهن جون صحيحون هيون، تن ۾ هيٺيان مکيہ ماڻهو هئا:

(۱) سيٺ حاجي عبدالله هارون ڪراچي، (۲) مولانا سيد تاج محمود صاحب امروٽي، (۳) ميان امين الدين منشي، (۴) شيخ عبدالمجيد سندي، (۵) سيد اسد الله شاهہ الحسيني، ٽڪڙ، (۶) مولوي محمد صادق صاحب، ڪڏو، (۷) مسٽر جان محمد جوٽيجو، لاڙڪاڻو، (۸) پير رشد الله شاهہ، جهنڊو، (۹) محمد هاشم "مخلص"، ايڊيٽر "ميرپور خاص گزيٽ"، (۱۰) مولوي عبدالخالق مورائي، ۽ ٻيا.

سنڌ ۾ پهريائين مسلم ليگ، ۱۹۱۸ع ۾، رئيس غلام محمد پرڳڙيءَ قائم ڪئي هئي. ان وقت ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا اجلاس هڪ هنڌ ڪٺا ٿيندا هئا، يا ساڳئي قسم جا ٺهراءَ پاس ڪندا هئا. قطع تعلقات تحريڪ شروع ٿيڻ بعد، رئيس غلام محمد خان پرڳڙي ۽ ٻيا، ڊاڪٽر ايني بيسنٽ جي تحريڪ "هوم رول" واريءَ هلچل کان علحدہ ٿي ويا، تہ حاجي صاحب کي ۱۹۲۰ع ۾ صوبہ مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو. ان وقت رئيس پرڳڙي ولايت ۾ خلافت ۽ مسلم ليگ لاءِ ڪم ڪري

رهيو هو. ۱۹۲۰ع ۾ خلافت ڪاميٽيءَ طرفان "الوحيد" اخبار جاري ڪرايائين، جنهن جو پهريون ايڊيٽر قاضي عبدالرحمان مقرر ٿيو.

۱۹۲۰ع ۾، سڌارن ملڻ بعد، بمبئي ڪائونسل جون چونڊون ٿيون، جن ۾ قوم پرست هندو يا مسلمان شامل نه ٿيا، جڏهن ۱۹۲۳ع جون چونڊون ٿيون، تہ حاجي صاحب بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل تي ڪراچي شهر مان چونڊجي ويو، جتي ٽن سالن تائين ڪم ڪندو رهيو.

۱۹۲۵ع ۾، عليگڙهه ۾، آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس سر عبدالرحيم جي صدارت ۾ ڪٿو ٿيو، جنهن ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ سنڌ کي بمبئي علائقي کان جدا ڪري علحدي صوبي بنائڻ جي تجويز پيش ڪئي هئي، جنهن جي حاجي صاحب تائيد ڪئي.

۱۸- نومبر ۱۹۲۶ع تي جڏهن مرڪزي ليجسليٽو اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون، تہ حاجي صاحب سنڌ طرفان انهيءَ تي چونڊجي ويو، ۽ ۱۹۴۲ع تائين، لاڪيتو، وقت بوقت چونڊبو آيو. انهيءَ عرصي ۾ پاڻ اڪثر ڪري جناح صاحب جي آزاد پارٽيءَ سان رهندو آيو. ۱۹۳۸ع بعد جڏهن مرڪزي اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ پارٽي ٺهي، تہ ان جو ميمبر ٿيو، ۽ آخر تائين ان ۾ رهندو آيو.

۱۹۲۸ع ۾ ڪيس آل انڊيا خلافت ڪاميٽيءَ جو صدر چونڊيو ويو. (سندس سوانحعمريءَ تان ورتل).

انهيءَ سال آل انڊيا مسلم ليگ جو ويهون اجلاس ڪلڪتي ۾، راجا محمود آباد جي صدارت هيٺ، البرٽ هال ۾، ۲۶- ڊسمبر ۱۹۲۸ع تي ڪٿو ٿيو، ان ۾ شرڪت ڪيائين. انهيءَ اجلاس ۾، مسٽر چاگلا جي رٽ تي، مسلم ليگ طرفان آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ حصي وٺڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي هئي.

انهيءَ سال، سنڌ جي ڪارڪنن طرفان اها ڪوشش هلي رهي هئي تہ سنڌي ۽ انگريزي روزانہ اخبارون، جائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيءَ ذريعي ڪڍيون وڃن. انهيءَ سلسلي ۾ حاجي صاحب هيٺيون خط جناح صاحب ڏي لکيو:

"ڊيئر مسٽر محمدعلي جيٽا،

پاڻ گهٽي وقت کان ڪونہ ملیا آهيون. آءٌ تنهنجا 'ٽائيمس آف انڊيا' ۾ بيان پڙهندو رهندو آهيان. گهٽا ماڻهو تنهنجا معتدل خيال ناپسند ڪن ٿا. منهنجي خيال موجب، تون موجوده سياست تي جي نرم خيال رکين ٿو، سي ٺيڪ آهن.

آءٌ ۽ منهنجا دوست سنڌي ۽ انگريزي اخبارن لاءِ جائنٽ اسٽاڪ ڪمپني ٺاهڻ گهرون ٿا. مون کي خبر آهي تہ اوهين 'بمبئي ڪرانيڪل' اخبار جي ڊائريڪٽر هئڻ ڪري، ان ۾ مهارت رکو ٿا. مهرباني ڪري، ان ڳالهہ

لاءِ اسان کي مشورو ڏينداِ ۽ "بمبئي ڪرانيڪل" جي آرٽيڪل آف ائسوسيشن جي ڪاپي موڪليندا.

عبدالله هارون، ايم. ايل. اي."

۱۹۲۹ع ۾ هند سرڪار طرفان بٿنگنگ انڪواري ڪاميٽي مقرر ٿي، حاجي صاحب ان جو ميمبر ٿي ڪم ڪيو.

۱۹۳۰ع ۾ آل انڊيا مسلم تنظيم ڪانفرنس الهه آباد ۾ گڏ ٿي، جنهن جي صدارت ڪيائين، ۽ مسلمانن جي تنظيم ۽ سماجي سڌاري لاءِ ڪيترين ئي مفيد تجويزون پيش ڪيائين. ساڳئي سال، دهليءَ ۾، آل انڊيا مسلم ڪانفرنس سر آغا خان جي صدارت هيٺ ڪئي ٿي، جنهن ۾ هن شرڪت ڪئي، ۽ شفي دائوديءَ سان گڏجي ڪم ڪيائين. ان ۾ جيڪي ٺهراءَ پاس ٿيندا هٿ، تن کان سنڌ ۾ دوستن کي واقف ڪندو رهندو هو. اهڙا سنڊس ڪيترائي لکيل خط مون وٽ موجود آهن.

۱۹۳۰ع کان، سنڌ جي مسلمانن طرفان، سنڌ جي مالي حالت بابت جانچ ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي هئي، ان جو ۱۹۳۵ع تائين سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين.

۱۹۳۱ع ۾ سرڪار طرفان سنڌ جي مالي حالت تپاسڻ لاءِ جا ڪاميٽي مقرر ٿي هئي، تنهن جو ڪيس ميمبر ڪري ڪنيو ويو.

ساڳئي سال ۾، "آل انڊيا مسلم پوسٽل ۽ ريلوي مينس يونين" جي صدارت ڪيائين.

۷- جنوري ۱۹۳۱ع تي، سنڊس صدارت هيٺ، جيڪب آباد ۾ سنڌي مسلمانن جي سياسي ڪانفرنس گڏ ٿي، جنهن جو انتظام خانبهادر الهه بخش ڪيو هو. ان ۾ جي مکيه ٺهراءَ پاس ٿيا هٿ، سي هي آهن:

(۱) اڳهن جي لهي وڃڻ ڪري، هيءَ ڪانفرنس ڏڻ گهٽائڻ لاءِ سرڪار کي عرض ٿي ڪري (هڪ وفد ريونيو وزير سان ملڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو.)

(۲) سنڌ کي بمبئيءَ کان جلد جدا ڪيو وڃي.

(۳) هيءَ ڪانفرنس بمبئي سرڪار جي قانون انتقال ايراضيءَ کي ٽاري ڇڏڻ تي احتجاج ٿي ڪري.

(۴) فوجداري ڪاتي کي ريونيو کان علحده ڪيو وڃي.

(۵) سرڪار کي مال جي چوري بند ڪرائڻ لاءِ سخت اپاءَ وٺڻ گهرجن.

(۶) بلوچستان کي سڌارا ڏنا وڃن.

(۷) سنڌ جي مسلمانن کي اپيل ٿي ڪجي ته مسلم اڪثريت وارن صوبن جي لاهور ۾ سڏايل ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪن.

(۸) نصيرآباد تحصيل کي جيڪب آباد ضلعي سان شامل ڪيو وڃي.

(۹) فرنٽيئر ريگوليشن کي ختم ڪيو وڃي.

حاجي صاحب جو دستور ٿي ويو هو ته سندس جي اکثر ماڻهن کي عيدمبارڪ موڪلي. پر صرف رسمي مبارڪ موڪلڻ جي عيوض، هو کي تجويزون لکي موڪليندو هو. اهڙي هڪ موڪليل خط جو اختصار ڏجي ٿو:

عيدمبارڪ! ۱۸- فيبروري، ۱۹۳۱ع.

"عيد جي خوشي ملهائڻ وقت پنهنجي پٺتي پيل قوم کي به ياد رکڻ کپي. ان لاءِ کي تجويزون پيش ڪريان ٿو:

(الف) ڳوٺ ۾ انجمنون قائم ڪجن، جي خيرات ۽ صدقو گڏ ڪن؛

(ب) اهي پيسا، انجمنن جي معرفت، ماڻهن جي ڀلي لاءِ خرچ ڪيا وڃن؛

(ج) اهي جماعتون مسلمانن کي قرض کان بچائڻ لاءِ ڪوشش ونن؛

(د) مسلمانن جا دڪان کولائجن؛

(ر) شادي-غميءَ جي موقعن تي فضول خرچين کان بچاءَ ڪيو وڃي؛

(س) تڪرارن ۽ فسادن کي خانگي طرح فيصل ڪجي؛

(ص) ڪوآپريٽو سوسائٽيون قائم ڪيون وڃن؛

(ط) پارن کي پڙهائڻ لاءِ انتظام ڪيو وڃي؛

(ع) وڏن جي تعليم لاءِ نائيٽ اسڪول کوليا وڃن، انهيءَ کان سواءِ:

(۱) پاڻ مان اختلاف کي ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي؛

(۲) آمدنيءَ کان خرچ گهٽ ڪيو وڃي؛

(۳) ڳوٺن جي سمجهدار ماڻهن کي هرروز شام جو، مسجد يا ڪنهن پي جاءِ تي گڏجي، اخبارون پڙهڻ ۽ ڳوٺ جي بهتريءَ لاءِ صلاح مصلحت ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن منهنجي مٿينءَ عرضداشت تي عمل ڪيو ويو ته مهرباني."

اهڙيءَ طرح، حاجي صاحب دوستن کي خط موڪلي، مسلمانن جي آئيني مسئلن تي روشني وجهندي، کي عرضداشتون ٿاهي، صحيحون ونائي، مٿي سرڪار کي موڪلڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اهڙو هڪ خط ۱۸- اپريل ۱۹۳۱ع تي مون کي موڪليو اٿس، جنهن ۾ چيو اٿس ته ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي ميمبرن کان هڪ پڌرنامي تي صحيحون وٺي موڪليان. ان ۾ لکيل هو ته "اسين ڏهاڙيءَ جي آل انڊيا مسلم ڪانفرنس، منعقده پهرين جنوري ۱۹۲۹ع، ۽ وري اپريل ۱۹۳۰ع، ۾ پاس ڪيل ٺهرائن ۽ جناح صاحب جي چوڏهن نقطن جي تائيد ٿا ڪريون." خط ۾ تفصيل سان انهن ٺهرائن ۽ نقطن جو ذڪر ڪيل هو.

حاجي صاحب کان جيڪڏهن سرڪار طرفان مقرر ڪيل ڪاميٽي کي سوال پڇندي هئي، ته ان جو نقل ڪري دوستن کي موڪليندو هو ته هو ڪيس جواب ڏيڻ ۾ مدد ڪن.

ان مان سندس ۾ مقصد هوندا هئا: هڪ ته حڪومت طرفان جيڪي وهي واپري ٿو، ان بابت دوستن کي آگاهه ڪري، ۽ پيو شخصي طرح جواب موڪلڻ جي عيوض، گهٽن جي مشوري سان جواب موڪلي. اهڙو هڪ خط ۸- آگسٽ ۱۹۳۱ع تي هن مون کي موڪليو هو، جنهن ۾ بمبئي سرڪار طرفان مقرر ڪيل تخفيف ڪاميٽيءَ جو سوالنامو موڪليو هئائين.

۱۹۳۲ع ۾، حاجي صاحب کي مرڪزي سرڪار طرفان ڪٽنادا جي اٽاوا شهر ۾ امپيريل ايڪانامڪ ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. ۱۹۳۳ع ۾، ڪراچي حج ڪاميٽيءَ جو چيئرمن چونڊيو ويو، جنهنڪري هن حاجين جي سهولت لاءِ گهڻي ڪوشش ڪئي. ساڳئي سال ۾، سنڌ انتظامي ڪاميٽيءَ تي مقرر ٿيو.

۱۹۳۴ع ۾، سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ٻئي اجلاس لاءِ مرحبا ڪاميٽيءَ جو چيئرمن ٿي ڪم ڪيائين.

۱۹۳۵ع ۾، نوانگر ۾، آل انڊيا ميمن ڪانفرنس جي صدارت ڪيائين.

۱۹۳۶ع ۾ ڪيس عليگڙهه يونيورسٽيءَ جي ڪورٽ جو ميمبر چونڊيو ويو. ساڳئي سال ۾، صوبي جي انڊگريڪلچر ريسرچ ڪاميٽيءَ جو ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. ۱۹۳۶ع ۾، اسان سان گڏجي، سنڌ اتحاد پارٽي، پنجاب جي سر فضل حسين جي يونينسٽ پارٽيءَ جي بنيادن تي ٺاهيائين. پهرين ان جو ليڊر رهيو، پوءِ ڊپوٽي ليڊر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. وري سر شاهنواز جي بمبئي وڃڻ کان پوءِ، ان جو پريزيڊنٽ رهندو آيو، تان جو (خانبهادر) الهه بخش مرحوم سان ڊلن جي سوال تان اتحاد پارٽي ٽٽي، ۽ اسين مسلم ليگ ۾ داخل ٿياسون. هتي اتحاد پارٽيءَ جي ٺهڻ ۽ ڍهڻ جو احوال پنجن سڻن ۾ پورو ٿي ويو. اها خبر اسان کي آهي ته انهن ايڏائي سالن جي عرصي ۾ ڪيترا ڏينهن پارٽيءَ جي قاعدن ٺاهڻ ۽ ان کان پوءِ ان کي منظم ڪرڻ ۾ صرف ٿيا هوندا.

سنڌ جي هرهڪ رهاڪوءَ کي خبر هئي ته سواءِ چند مخلص هندو ۽ پارسي قومي ڪارڪنن جي، ڪيترا ڪانگريس جا ورڪر به سنڌ جي جدائيءَ جي خلاف هئا. اها جدائي مسلم ليگ ۽ ٻين مسلمان ڪارڪنن جي مدد سان حاصل ڪيل هئي. ان جي حاصل ڪرڻ ۾ حاجي صاحب، ٻين سان گڏ، گهڻو ڪجهه پاڻ پتوڙيو هو. فرقيوار هوا اڳي ٿي پيدا ٿي ويئي هئي، ان کي نظرانداز ڪري، سنڌ جي نفعي خاطر، جناح صاحب ۽ سنڌ ۾ شيخ عبدالمجيد جهڙي قومي ڪارڪن ۽ سر غلام حسين جهڙي ڪهنه مشق مدبر ۽ ٻين سياستدانن جي مخالفت هوندي به، غير فرقيوار پارٽي بنائيسون. ساڳيءَ طرح، پنجاب ۾ سر فضل حسين يونينسٽ پارٽي ٺاهي هئي، ۽ بنگال ۾ مولوي فضل‌الحق پرجا سوشلسٹ پارٽي ٺاهي هئي. اسان کي خبر هئي ته ٻنهي مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ اسيمبلين اندر تمام ٿوري مسلم اڪثريت هئي. ازان سواءِ، انهن ٻنهي صوبن جا مڪاني مسئلا اهڙا هئا، جو انهن ۾ ذرا به فرقيوار

رنگ پيدا ڪرڻ سان، ان جو آخري نتيجو ملڪ ۽ قوم لاءِ نهايت خطرناڪ ظاهر ٿي سگهيو ٿي. ٽنهي صوبن ۾ غير فرقيوار جماعتن جا ميمبر اسيمبلين ۾ چونڊجي آيا، جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اسان کي ان لاءِ وڏي قيمت ڏيڻي پيئي: پارٽيءَ جو ليڊر، سر شاهنواز خان ٻٽو، ڊيپوٽي ليڊر ۽ پارٽي ٿاهيندڙ ۽ ان جو روح روان، سيٺ حاجي عبدالله هارون، انهيءَ فرقيوار ذهنيت جي ديويءَ تي پيٽ چڙهي، چونڊن ۾ شڪست ڪائي ويا.

جڏهن سر شاهنواز خان دل شڪستو ٿي بمبئيءَ هليو ويو، تہ ٻہ سيٺ صاحب پارٽيءَ جون واڳون سنڀاليو آيو. پر انهيءَ جو نتيجو چا ڏٺائين تہ ڪو هڪڙو بہ هندو پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي اميدوار نہ بيٺو. جڏهين چونڊون ختم ٿيون تہ هندو ميمبرن جي اڪثريت هن غير فرقيوار اتحاد پارٽيءَ کي چڏي، اسيمبليءَ اندر پنجاهہ سيڪڙو جايون يعني هڪ وزارت ۽ هڪ اسپيڪريءَ جي جڳهہ، وڃي، وڃي سر غلام حسين جي فرقيوار مسلم پوليٽيڪل پارٽيءَ سان شامل ٿي. ان کان پوءِ اتحاد پارٽيءَ، ڪانگريس سان گڏجي، ڪوٽن ۾ هندو-مسلم اتحاد لاءِ ڪوشش ڪئي. انهن مسلم ميجارٽيءَ جي وزارت کي هندن جي اڪثريت سان ڌاهي، اتحاد پارٽيءَ جي وزارت، ڪانگريس پروگرام جي آڌار تي ٿاهي، ليڪن جڏهين وزيرن گورنر جي چوڻ تي ڏلون وڏايون، تہ پهرين مخالفت ڪري ۽ پوءِ عام جي نمايندہ پارٽيءَ کي ريٽي، وزيرن کي مدد ڪيائون.

هندستان ۾ ڪانگريس جي رويي کان مجبور ٿي، بنگال ۽ پنجاب جي وزير اعظمن اڳ ۾ مسلم ليگ سان شموليت اختيار ڪئي هئي، صرف سنڌ ۾ اتحاد پارٽي اصول جي بنياد تي، مسلم ليگ سان تعلق رکڻ کان پٽي چرکي، ليڪن جڏهن هتي بہ ڪانگريسين جي حالت، حاجي صاحب فعل ۽ قول ۾ تفاوت واري ڏٺي، تہ هن مجبور ٿي جناح صاحب جي صدارت هيٺ، صوبہ سنڌ مسلم ليگ جو اجلاس گهرايو. ان ۾ مرحبا ڪاميٽيءَ جي صدارتي خطبي ۾ هن جيڪي ظاهر ڪيو آهي، ان جو اقتباس هيٺ ڏجي ٿو:

"موجوده الهہ بخش وزارت، اتحاد پارٽيءَ جي آڌار تي وجود ۾ آئي. ان جا ٻہ وزير، اتحاد پارٽيءَ جا نامزد هئڻ ڪري، انهيءَ وٽ جوابدار رهڻا هئا، پر جنهن نمونو جو رويو، انهن پنهنجي پارٽيءَ سان اختيار ڪيو آهي، سو جمهوري ادارن جي تاريخ ۾ مشڪل ملندو. وزيرن سنڌ ۾ ڏلن کي وڏائڻ کان اڳ، پارٽيءَ سان مشورو نہ ڪيو، ۽ جڏهن پارٽيءَ، جنهن ۾ هي حاضر هئا، انهيءَ سوال کي ٻارهن مهينا مڪمل ڪرڻ جو ٺهراءُ ڪيو، تہ انهيءَ ٺهراءَ کي هنن عمل ۾ نہ آندو، ۽ خود مختارانہ طور، گورنر جي چوڻ تي، نوان ڏلن جا اڳهہ مقرر ڪري چڏيا. ان ڳالهہ جو ذرو بہ خيال نہ ڪيائون تہ ائين ڪرڻ سان هو پارٽيءَ جي ٺهراءَ جي پڇڙي ڪري رهيا هئا، جنهن ٺهراءَ جي پاس ڪرڻ ۾ پاڻ بہ رضامند ڏيکاريو هئائون.

"ان تي پارٽي مٿن انتظامي قدم کٹي، کانئن استعفا جي طلب ڪئي، پر هنن وزارت کان استعفا ڏيڻ عيوض، پارٽيءَ کان استعفا ڏيئي ڇڏي. جنهن ڪري، سنڌ ۾ سندس روش جي ڪري، گهٽو ناراضپو پيدا ٿي ٻيو، پر هنن ان جي ذرا به پرواهه نه ڪئي.

"ڪانگريس پارٽي ان معاملي ۾ جيڪو طريقو اختيار ڪيو، سو به ٻڌڻ جي لائق آهي. انهيءَ سنڌن روپي جي ڪري، هو فرقيوار ذهنيت جي لهر ۾ لڙهي ويئي. دنيا ڏسي ووتو ته ان کي پنهنجن اصولن ۽ فيصلن لاءِ ڪيتري عزت هئي. جنهن وقت حڪومت ڊلن وڏائڻ جي سوال تي غور ڪري رهي هئي، ڪانگريس ليڊرن، مسٽر جيرامداس دولترام (سنڌ مان آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو ميمبر) سوڌو، انهن تجويزن جي مخالفت ڪئي. انهن اخبارن ۾ بيان ڪيا، وزيرن کي نارون موڪلي، اهڙين تجويزن کي نقصانڪار ظاهر ڪيو. ڪانگريس پارٽيءَ ٿي اتحاد پارٽي کي مدد ڏيئي، هيءَ وزارت وجود ۾ آندي هئي. جيڪڏهن ڪانگريس پنهنجي قول تي قائم رهي ها، ته وزارت ملڪ جي عام راءِ کي اهڙيءَ طرح نظرانداز نه ڪري سگهي ها، پر هيٺ ذڪر ڪيل واقعن مان ظاهر ٿيندو ته ڪانگريس به وزارت وانگر هڪ ڳالهه تي نه بيٺي.

"اول ۾ کنهن حد تائين ڪانگريس صحيح راءِ جو اظهار ڪندي آئي. ۱۵- جون ۱۹۳۹ع تي وزارت ڊلن وڏائڻ جو آرڊر پاس ڪيو، ته پئي ڏينهن ڪانگريس وزارت کان، مدد ڪندڙ پارٽين جي ٺهرائن جي پڇڙي ڪري، مدد واپس وٺڻ جو فيصلو ڪيو.

"وري ۲۱- جولاءِ تي، زور بار پوڻ تي، ڪانگريس وزارت سان گفتگو ڪرڻ شروع ڪئي. ڪين ڊلن جي سوال کي ۲۳- جولاءِ کان اڳ مهمل ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيو ۽ ظاهر ڪيو ته هيءَ صورت ۾ هو وزارت خلاف بي‌اعتماديءَ جي ووٽ ۾ شامل ٿيندا. جڏهن وزارت سنڌن انهيءَ تجويز موجب عمل نه ڪيو، ته ڪانگريس پارٽيءَ ۲۵- جولاءِ تي وزارت جي انهيءَ روش تي ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو ۽ ظاهر ڪيو ته هو بي‌اعتماديءَ جي ٺهراءَ جي پٺيرائي ڪندا، بشرطيڪ مخالف ڌر وارا اهو وعدو ڪندا ته جيستائين ڊلن جي سوال کي هارهن مهينن تائين مهمل ڪرڻ جو وعدو گورنر نه ڪيو آهي، ان وقت تائين ڪابه وزارت نه ٺاهيندا. ان تي مخالف پارٽيءَ ڪانگريس کي اهڙو لڪيل يقين ڏياريو، پر ڪانگريس پنهنجو رويو بدلائي، مخفي طرح وزارت سان گفتگو ڪندي آئي.

"آخر ڪانگريس پارٽي وزيرن سان انهيءَ ٺاهه تي پهتي ته 'سلائيڊنگ اسڪيل' وارو فقرو مهمل ڪيو ويندو، باقي ٻيا فقرا بحال رکيا ويندا. انهيءَ تي

سخت اعتراض پيدا ٿيا ۽ ڪانگريس جي وچاريل وقار کي درست ڪرڻ لاءِ سردار پٽيل ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد، ڪانگريس پارليامينٽري بورڊ جي ميمبرن کي سنڌ ۾ دعوت ڏيڻي گهرايو ويو. پر سردار پٽيل حالتون جاچڻ کان سواءِ، اڇ سان، سنڌين جي خلاف توهين جهڙا الفاظ ڪتب آندا. آخر ۾ گهڻي بحث مباحثي بعد ڪانگريس هاءِ ڪمانڊ ڪانگريس پارٽيءَ کي حڪم ڪيو ته بي اعتماديءَ جي ٺهراءَ تي ووٽ نه ڪن.

"جيتوڻيڪ اهو فيصلو اڳي کان بهتر هو، پر سنڌي عوام جي دل وڻان نه هو، چوته انهيءَ ڪري ڏهن ٽکن جي عيوضين کي سنڌ جي اهم سوال تي راءِ ظاهر ڪرڻ کان محروم رکيو ٽي ويو.

"اهڙي پاليسي اختيار ڪرڻ ڪري، اڄ سڌيءَ طرح، ڪانگريس وزارت کي برقرار رهڻ لاءِ مدد ڪري رهي هئي. جيڪڏهن ڪانگريس واقعي وزارت جي روپي کي غلط ٽي سمجهيو ته پوءِ مات ڪري ويهڻ جي معنيٰ ڪهڙي هئي...؟

"ڪانگريس لاءِ رستو صاف هو. پر ان تي ملڻ جو ڪين ارادو ڪونه هو. ڪانگريس تي فرقيوار هندن جو گهٽو اثر ويڪل آهي، جن ڪان ڊڄي هو ڪو قدم کڻڻ نٿي گهري... سنڌن اهڙي روپي هن صوبي مان ڪانگريس جو جنازو ڪڍي چڏيو آهي.

"آخر ۾ آءٌ هندو دوستن کي مشورو ڏيندس ته هو مسلمانن کي ويڙهائي راج ڪرڻ جي روپي کي چڏي ڏين. اهڙن بي اصول وزيرن کي قائم رکي، هو صوبي جي خدمت نٿا ڪن. فرقيوار ذهنيت ڪنهن به فرقي لاءِ فائدي مند ثابت نه ٿيندي."

انهيءَ اجلاس ۾ پنجون نمبر ٺهراءُ شيخ عبدالمجيد صاحب پيش ڪيو ۽ حاجي صاحب ان کي ٽيڪو ڏنو. اهو ٺهراءُ، اڳتي هلي، ۱۹۴۰ع ۾، لاهور واري آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس ۾ "پاڪستان" جي ٺهراءُ لاءِ بنياد بنيو.

حاجي صاحب هڪ مخلص قومي ڪارڪن هو. هندو-مسلم اتحاد جو سخت حامي هو. سنڌ سموري ڪاروبار هندو هلائيندا هٿ. ملڪ ۾ عام فرقيوار هوا جي هوندي به، هن اتحاد پارٽيءَ جهڙي غير فرقيوار جماعت بنائي هئي، جنهنڪري پاڻ چونڊن ۾ شڪست کاڌي هئائين، ته به اتحاد پارٽيءَ کي هلائيندو آيو. اڳتي هلي، جڏهن ڪيس معلوم ٿيو ته "جنين ڪان مياس، سي ڪلهي ڪاندي نه ٽيا"، ته ان جو مٿس سخت ردعمل ٿيو. هڪ مخلص ڪارڪن جو ردعمل نهايت خطرناڪ صورت اختيار ٿو ڪري — جهڙيءَ طرح مسٽر جناح جي حالت ۾ ٿيو. انڪري، هن مجبور ٿي فيصلو ڪيو ته "زهر کي زهر ماريندو" — يعني مسلم ليگ کي سنڌ ۾ آڻجي. انهيءَ لاءِ ميان علي محمد شاهم راشديءَ ۽ پين دوستن جي مشوري سان، هن جناح صاحب جي صدارت هيٺ صوبه سنڌ مسلم ليگ جو اجلاس سڏايو هو. ان لاءِ حيدرآباد

کان ڪراچيءَ تائين جناح صاحب کي هڪ سينگاريل اسپيشل ٽرين ۾ ڪراچيءَ آندو ويو، جنهن مٿان هوائي جهاز گل ڇڻڪاريندا آيا. اسٽيشن کان ٽي ميل لمبو سرڪس نڪتو. ڪراچيءَ جي شهر ۾، ان کان اڳ يا پوءِ، اهڙو سرڪس نه نڪتو آهي.

ان اجلاس ۾ هندستان کان مڪيم مسلمان سياستدان گهرايا ويا هئا، جهڙوڪ: سر سڪندر حيات خان، وزير اعظم پنجاب، مولوي فضل‌الحق، وزير اعظم بنگال، سر سعدالله خان، وزير اعظم آسام، سردار اورنگزيب، نواب اسماعيل خان، راجا صاحب محمود آباد، چوڌري خليق‌الزمان، نوابزادو لياقت علي خان وغيره. انهيءَ طرح، ڪانگريس جي غلط قدم جي رد عمل ۾، سنڌ اندر مسلم ليگ جماعت جو قدم پيو. ملڪي سياست اڪثر رد عملن جو شڪار ٿي ٿي آهي، انهن ۾ قومي ڪارڪن به لڙهي ٿي ويا آهن.

ان ڪان پوءِ حاجي صاحب ۽ اسان اتحاد پارٽي ڇڏي (جنهن جو تفصيلوار احوال منهنجي "نئينءَ سنڌ لاءِ جدوجهد" ۽ پنهنجي ڪهاڻيءَ جي ڪتاب ۾ ڏنل آهي)، سنڌ ۾ مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو. ٿي سال ۱۹۳۹ع ۾، ڪيس صوبه سنڌ مسلم ليگ جو صدر چونڊيو ويو.

الهه بخش جي وزارت جي خلاف بي اعتماديءَ جو ٺهراءُ پيش ڪرڻ لاءِ مون کي حڪم ڪيو ويو. اها تجويز سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪرڻ بعد ڪامياب ٿي نه سگهي، جو مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جا ليڊر ۽ ڊپٽي ليڊر، سر غلام حسين هدايت‌الله ۽ مير بنده‌علي خان ٽالپر، الهه بخش وزارت ۾ وزيري وٺي ڪري، پارٽي ڇڏي ويا هئا. جناح صاحب جي سامهون، اوٽيهه مسلمان ميمبر، مسلم ليگ جو عهدنامو صحيح ڪرڻ بعد، ڦري لالچن خاطر وڃي وزارتن جا طرفدار ٿيا هئا، منهنجي تجويز جي فائدي ۾ صرف ستن ميمبرن ووٽ ڪيو!

انهيءَ ڪالهه حاجي صاحب ۽ سندس مددگارن، جهڙوڪ خانبهادر کهڙي، شيخ عبدالمجيد سنڌي، سيد علي‌محمد شاهه راشدي ۽ مون کي، پست همت ڪرڻ بدران، مورڳو تازيانو لڳائي، همت ٻڌائي، مسلم ليگ جو آواز عوام تائين نيٽ لاءِ آماده ڪيو.

اڀر سنڌ ۾ مرحوم الهه بخش جي شخصي مخالفت اڳي ٿي هئي. سندس مخالفن انهيءَ واقعي مان فائدي وٺڻ خاطر حاجي صاحب کي مسجد منزلگاهه سکر کي مسلمانن کي موٽائي ڏيڻ جي تحريڪ هلائڻ لاءِ آماده ڪيو. مسلم ليگ طرفان انهيءَ سوال کي هٿ ۾ کڻڻ تي، هندن طرفان مخالفت شروع ٿي، ۽ انهن وزارت کي مسجد مسلمانن جي حوالي نه ڪرڻ تي زور رکيو. وزارت جو مدار هندن جي ووٽن تي هو، تنهنڪري وزارت ڪوبه قدم نه کنيو. ان تي مسجد جي واپسيءَ لاءِ مسلم ليگ جي سهاري هيٺ ستياگرهه شروع ٿيو. اسان کي جيل اماڻيو ويو.

پوئتان هندو-مسلم فساد ٿيا، حالتن نازڪ صورت اختيار ڪئي. سڪر جي پٽڻچاتن جا عيوضي حاجي صاحب سان ملياء جنهن انهن سان ٺاهه ڪري، الهه بخش وزارت ڪي ڪيائي، نئين وزارت ميرٻنده علي خان جي هٿ هيٺ وجود ۾ آندي.

ان وچ ۾ ڪوشش ٿيندي رهي ته صوبي ۾ پکڙيل فرقيوار ذهنيت کي ٽارڻ لاءِ سنڌ اندر هندو-مسلم ٺاهه جي بنياد تي، ڪا پائدار وزارت وجود ۾ آندي وڃي. انهيءَ آڌار تي آل پارٽيز وزارت ٺاهي ويئي، پر ان وقت تائين آل انڊيا جماعتن جو پير سنڌ ۾ پختو ٿي چڪو هو، ۽ ٻنهي جماعتن طرفان ان ٺاهه کي ڌاهڻ جون ڪوششون شروع ٿي ويون.

هاڻ حاجي صاحب آل انڊيا مسلم ليگ جو پرزو بنجي چڪو هو، سو چا ٿي ڪري سگهيو. ۱۹۴۰ع ۾، پاڻ آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ تي ميمبر چونڊجي ويل هو، ڪيس آل انڊيا مسلم ليگ جي پرڏيهي معاملات لاءِ مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ جو چيئرمن بڻايو ويو هو. ۱۹۴۱ع ۾ ميرٻنده علي جي وزارت کي شڪست ملي، پوءِ حاجي صاحب هڪمنو ٿي، مسلم ليگ کي سنڌ ۾ منظم ڪرڻ جي ڪم ۾ لڳي ويو. علي محمد شاهه راشدي جهڙي ذهين ڪارڪن، شيخ عبدالمجيد، خانبهادر کهڙي ۽ اسان سڀني جي ساڻس مدد هئي. ٿوري وقت اندر مسلم ليگ جو آواز ساريءَ سنڌ اندر پکڙجي ويو.

حاجي صاحب هاڻ آل انڊيا مسلم ليگ جو مکيه رڪن ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. مسلم ليگ جي سالياڻن اجلاسن ۾ وڃڻ لڳو. ڪيس هرهنڌ صدارت لاءِ دعوتون ملڻ لڳيون. ۱۹۴۱ع ۾، لائلپور (پنجاب) ۾ ڪيس شاگردن جي ڪانفرنس ۾ صدارت ڪرڻ لاءِ سڏايو ويو. ۱۹۴۲ع ۾ الهه آباد ۾، آل انڊيا سيرت ڪانفرنس جي صدارت ڪيائين.

۲۷- اپريل ۱۹۴۲ع تي حاجي صاحب اوچتو دل جي حرڪت بند ٿيڻ ڪري انتقال ڪري ويو. سندس انتقال ڪري، سنڌ جي قومي ڪارڪنن ۾ وڏو خال پئجي ويو. پر چا ٿي سگهيو ٿي. رضا تي راضي رهڻو پيو. سندس مرڪزي اسيمبليءَ جي خالي جاءِ تي سندس فرزند، يوسف هارون، بنا مخالفت جي چونڊجي ويو.

منهنجي ساڻس واقفيت. مون حاجي صاحب جو نالو ته ۱۹۱۳ع ڪان ٻڌو هو، جڏهن طرابلس جي مسلمانن لاءِ فنڊ ڪٺي ڪرڻ لاءِ اپيل ڪئي هئائين. ان بعد ساڻس پهرين ملاقات ۵-۶ اپريل ۱۹۲۰ع تي، سڪر ۾ سنڌ پراونشل ڪانگريس جي موقعي تي ٿي. پوءِ خلافت تحريڪ جي زماني ۾ اڪثر پيا ملندا هئاسون. ۱۹۲۶ع ۾ جڏهن پاڻ سنڌ مان مرڪزي اسيمبليءَ لاءِ اميدوار بيٺو هو، مون کيس مدد ڪئي. ۱۹۲۸ع ۾، ڪراچي ضلعي لوڪلبورڊ جي پريزيڊنٽيءَ چيري، حاجي صاحب جي اخلاقي مدد مون سان هئي.

۱۹۲۶ع کان وٹي، سائس خط۔ڪتابت ٿيندي رهي. سندس اهڙن خطن جا ٽي ڪتاب مون وٽ محفوظ آهن. سندن جي جدائيءَ لاءِ گڏجي ڪم ڪيوسون. مرحوم کي سندن جي بمبئيءَ کان جدائي جو رات۔ڏينهن اونو رهندو هو. نيٺ سندن جدا ٿي. پوءِ غير فرقيوار جماعت، "اتحاد پارٽي"، گڏجي ٺاهي ڪم ڪيوسون. ۱۹۳۸ع ۾ جڏهن هو اتحاد پارٽيءَ کي، وزيرن جي مخالفت ڪري ٽوڙي، مسلم ليگ ۾ داخل ٿيو تہ نيٺ مون کي ب ان ۾ گهلي ويو، اتي گڏجي ڪم ڪيوسون. ان سلسلي ۾ هن لاري ۽ لائوڊ اسپيڪر وٺي ڏنو. لٽريچر چپايائين، ۽ آءٌ ڪوٽن ۾ ڪاهي ويس، ۽ گهر گهر مسلم ليگ جو آواز پهچايو ويو. منزل گاهه مسجد مهل گڏجي ڪم ڪيل هو. "الوحيد" کي گڏجي جائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيءَ جي هٿ هيٺ آندو ويو هو. ۱۹۴۱ع ۾، سندس ٽي مشوري سان، مون کي آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ تي چونڊيو ويو هو. اڪثر ڪري آل انڊيا اجلاسن وقت ڪٺا هوندا هئاسون.

سندس ٽي صلاح تي آءٌ ۱۹۴۲ع ۾، اتر سرحد پر گهٽي جي سير لاءِ ويو هوس. اسان جي دوستي سياست ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ سان شروع ٿي ۽ آخر ۾ هن جي مون سان عزيزن جهڙي محبت پيدا ٿي ويئي. هر گالهه ۾ مون سان مشوري ڪرڻ جو خواهشمند هوندو هو.

پاڪستان بنجڻ کان اڳ ٽي هو اسان کان جدا ٿي ويو. اسين مسلم ليگ کان ٻاهر نڪري وياسون. جنهن پاڪستان لاءِ گڏجي رات۔ڏينهن ڪوشش ڪئي هئيسون، ان کي پاڻ تہ ڏسي نہ سگهيو، پر اسان کي ان بعد قيد کائڻا ۽ نظربنديءَ ۾ گذارڻو پيو. جنهن سندن جي آزاديءَ لاءِ گڏجي پاڻ پتوڙي آزاد ڪرايو هوسون، سا وري پنهنجو وجود وڃائي، مغربي پاڪستان ۾ ضم ٿي ويئي. هن وقت جي زنده هجي ها تہ کهڙو رويو وٺي ها، سو چئي نٿو سگهجي، پر منهنجي دل ائين پئي سمجهي تہ خوشي محسوس نہ ڪري ها.

آخري خط، جو مون کي لکيو هئائين، سو هتي پيش ٿو ڪريان. ان مان پتو پئجي سگهندو تہ مرحوم جا منهنجي لاءِ کهڙا خيال هئا.

"۲۵- اپريل ۱۹۴۲ع، ڪراچي

"بخدمت جناب شاهه صاحب، السلام عليڪم.

"عنايت نامو، مورخ ۲۴- اپريل جو، سکر مان لکيل، پهتو. هن ڪان اڳ ۳-۴ خط ڪوٽ جي ائڊريس تي موڪليا ويا آهن، جي اميد تہ پهتا هوندا. ڪوئٽا هلڻ لاءِ قاضي عيسيٰ کي تار موڪليان ٿو. سرحد پاسي گهٽا ڏينهن لڳائي آيا. دل گهري ٿي تہ روبرو گالهيون پوليون ڪري حال اورجن. افواهه آهي تہ ۲۷ تاريخ ڪانسٽيٽيوشن سسپينڈ ٿيندو. ڪيتري قدر گالهه سچي آهي، سو چئي نٿو سگهجي.

پي کا خاص گالهه کانهي، جنهن بابت احوال ڏيان. بهتر ٿيندو ته هڪ ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ اچي مون وٽ مهمان ٿيو، تان ته دل کي آرام اچي. سيد خيرشاهه هن وقت مون وٽ ويٺو آهي، چوي ٿو ته مان به توهان سان گڏجي ڪوئٽا هلندس. ورڪنگ ڪميٽيءَ جي ميٽنگ جلد سڏائڻ گهرجي. اوهان جو ڪراچي اچڻ ڪڏهن ٿيندو، تان ته ان موقعي تي "الوحيد" جي ميٽنگ به سڏائجي. جواب جو انتظار آهي. اميد ته اوهين خوش خورم هوندا. ــ قلم تازو: هن گڏ اخبار جي ڪٽنگ موڪلجي ٿي. قاضي عيسيٰ ويجهو شايد ڪوئٽا ته وڃي، انڪري مير جعفر خان جماليءَ کي اوهين خط لکي پڪ وٺو ته ساڻس گڏجي ڪوئٽا هلجي.

ــ نيازمند،
عبدالله هارون."

("جنب گذاريم جن سين"، تان کنيل.)

Gul Hayat Institute

بيگم نصرت حاجي عبدالله هارون

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

ڏاڏي حوا جي تخليق نہ ٿئي ها تہ بلاشبہ حضرت آدم جي حيثيت اڌوري ۽ اڻ پوري رهجي وڃي ها. سياڻن سچ چيو آهي تہ "عورت بهترين اڌ" آهي. انهيءَ کان سواءِ مرد جو تصور نامڪمل رهجي وڃي ٿو. هونءَ ته جيڪڏهن مشهور انسانن جي حياتيءَ جا ورق ورائي ڏسبا تہ معلوم ٿيندو تہ سندن ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ ۾ سڏيءَ ۽ اڻ سڏيءَ طرح عورت جوئي هٿ رهيو آهي. پنهون سسئيءَ کان سواءِ، جام تماچي نوريءَ کان سواءِ، ميهار سهڻيءَ کان سواءِ ۽ راڻو مومل کان سواءِ ڪابہ معنيٰ نہ ٿو رکي.

عورت جو هر روپ عظيم ٿئي ٿو. هوءَ ڏيءَ جي روپ ۾ اڪين جو ٻار آهي. ٻيڻ جي روپ ۾ لڄ جي لوئي آهي. ماڻ جي روپ ۾ ٻي لوئيءَ جو پنڌار آهي ۽ گهر ڏياڻيءَ جي روپ ۾ سک ڏک جي ساڻي، همت افزائيءَ جو سامان ۽ دلداريءَ جو درياهہ آهي. جنهن انسان عورت جي جنهن بہ روپ کي امرڪارا سمجهي ماڻيو، اهو امر ٿي ويو. پر، روپن مان عورت جو روپ امر ونيءَ جو! پارس ٿي لڳي تہ لوهہ جي مڙس کي بہ سون بڻائي ڇڏي. ساڻي ٿي ٻيهي تہ ور سڄي جهان سان جنگ جوڙڻ جي پاڻ ۾ سگهہ ساري ويهي. جي ونيءَ گهر کي ڪٽي تہ جنت بڻائي ڇڏي ۽ جي ور کي ڪٽي تہ ڪيس عظمتن جي بلندين تائين پهچائي ڇڏي. بيگم نصرت حاجي عبدالله هارون بہ اهڙين عظيم عورتن مان هڪ هئي.

هڪ راز:

بلاشبہ حاجي عبدالله هارون جي حياتي بہ مسلسل جدوجهد ۽ محنت جو نتيجو هئي. مڃيءَ مانيءَ لائق خاندان جي هن فرد حالتن هٿان شڪار ٿي غربت جي ويس ۾ پنهنجي حياتيءَ جو آغاز ڪيو ۽ دنيا ڇڏڻ وقت ايترو ڪجهہ ڇڏي ويو جنهن جو مثال گهٽ ۾ گهٽ سنڌ ۾ نہ ٿو ملي. پر ڪنهن جو مقدر ڪيس پارس ٿي لڳو؟ آها هئي بيگم نصرت حاجي عبدالله هارون.

تحريڪ آزاديءَ جو ذڪر ڪندي، اسان جي عالمن ۽ محققن حاجي عبدالله هارون جي جا تعريف ڪئي آهي، بلاشڪ هو انهيءَ جي لائق هو. مگر سر حاجي عبدالله

هارون تہ سيڪي جو هڪ پاسو هو. سيڪي جي ٻئي پاسي تي جا مقدر جي مورتي چٽي ٻڌي آهي، ان ڏانهن تہ ڪنهن توجهہ ڏنو ئي ڪونہ آهي.

الڳ حيثيت:

بيگم مرحومہ جي هڪ سوانح نگار سائين غلام مرتضيٰ شاهہ سچ لکيو آهي تہ:

"حقيقت ۾ هنن ٻنهي جي زندگي هڪ ڪڙي جي تاجي ٻيڻي وانگر ڳنڍي ٻڌي هئي. ان کي جدا ڪري، هرهڪ جو الڳ الڳ بيان ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. ليڪن سنڌ جي عورت ڪارڪنن سان بي انصافي ٿيندي، جيڪڏهن بيگم هارون جي زندگيءَ کي رڳو حاجي صاحب جي زندگيءَ جو هڪ باب ڪري ٿي شمار ڪبو. سنڌ جي قومي، سماجي ۽ تعليمي خدمات ۾ جن عورتن حصو ورتو آهي، انهن مان بيگم نصرت بہ هڪ آهي."

پر ڳالهہ اڃا اڻر:

ائين چوڻ ۾ بہ ڪو هرج نہ آهي تہ "سنڌ جي قومي، سماجي ۽ تعليمي خدمات ۾ جن عورتن حصو ورتو آهي، انهن مان بيگم نصرت بہ هڪ آهي." مگر هن چوڻ ۾ بہ ڪو وڏائڻ نہ ٿيندو تہ مسلم عورتن ۾ بيگم نصرت اها واحد عورت هئي، جيڪا قومي خدمتن ۽ سماجي پلاين وارن ڪمن ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هئي. هيءَ بي بها خاتون اڌ صديءَ کان مٿي جو عرصو هند ۽ سنڌ جي سياست تي اثرانداز ٿيندي رهي ۽ ان ڪان بہ وڌيڪ وقت، هن مسلمانن جي پلائي ۽ خيرخواهيءَ ۾ گذاريو. ان ڪان وڌيڪ جو هن ڪارنامو سرانجام ڏنو، ان لاءِ آڳ نہ، پر انگريزي دؤر جي مشهور اخبار "دِيلي گزيٽ" جو رايو آهي تہ:

"What Nurjehan did for Jehangir, Lady Haroon has done the same and perhaps more for Sir Abdullah Haroon. With her entry into matrimonial alliance with Abdullah Haroon, the kingdom of Haroon rose from a tiny merchant to that of a knight."

يعني تہ "جيڪو ڪجهہ نورجهان، جهانگير لاءِ ڪيو، ليڈي هارون اهو سڀ ڪجهہ، شايد ان ڪان بہ وڌيڪ حاجي عبدالله هارون لاءِ ڪيو آهي. سنڌ مس گهر ڏياڻي ٿيڻ سان حاجي عبدالله هارون جي بادشاهي هڪ ننڍڙي واپاريءَ سان بدلجي وڃي هڪ سر جي بادشاهيءَ تائين پهتي."

بنهہ اهڙن خيالن جو اظهار حاجي سر عبدالله هارون جي هڪ دوست، مرحوم حاتم اي. علوي بہ پنهنجي هڪ آرٽيڪل ۾ ڪيو آهي. هو لکي ٿو تہ:

”حاجي عبدالله هارون جهڙي نئين آسرندڙ واياريءَ ۾ سندس گهر ڌياڻيءَ وڏيون صلاحيتون محسوس ڪيون ۽ فيصلو ڪيائين ته سندس ساٿ ڏئي، هن جي گڻن کي نڪاري نروار ڪندي ۽ واقعي بيگم صاحبه ائين ئي ڪيو...“

هو اڳتي لکي ٿو ته ”پنهنجي مرحوم ساٿي ۽ دوست لاءِ حد کان وڌيڪ ادب ۽ احترام هوندي به آءٌ انهيءَ چوڻ ۾ ڪا هٻڪ محسوس نه ٿو ڪريان ته جيڪڏهن مرحوم حاجي عبدالله هارون کي بيگم نصرت جون نيڪ نيتيءَ تي ٻڌل صلاحون ۽ همت افزائيون نه نصيب ٿين ها ته هو نه ته ايڏو عظيم سياستدان ٿي سگهي ها ۽ نه وري ڪو ناميارو ڌن-ڌڻي.“

بلاشڪ ترازو کڻي ويهي هن آدرشي جوڙي جو هڪٻئي تي اثر توري نه ٿو سگهجي. پر ايترو چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ ڪونهي ته هو هڪٻئي کان سواءِ اڌورا ۽ اڻ پورا هئا. ٻنهي جي سنگ جي رنگ لاتا، اهي انڊلٺ جي رنگن جيان هڪٻئي کان الڳ ڪري نه ٿا سگهجن. اهي گڏئي سهڻا نظر اچن ٿا.

پر پوءِ به هن ”مهمان نواز، سخي، خوش خلق، دوست نواز، مدبر ۽ فهيم عورت“ جي پنهنجي الڳ حيثيت آهي. هن جيڪا پنهنجي وَر، گهر، ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ وارن جي خدمت ڪئي، اها سندس ئي کاتي تي چڙهڻ گهرجي. ان ڪري اچو ته ڳالهه پيرائتي ڪريون.

سلو انگورئون ڀلو:

ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته اڄ جي دؤر ۾ ذات پات ۽ حسب نسب جا بُت ڊهي وڃي پَٽ پيا آهن. ان ڪري ڪوبه سياڻو سيبتو انسان پنهنجي اصل نسل تي اجايو ڳنڍ نه ٿو ٻڌي بيهي. اها ڳالهه ته وري بيگم نصرت هارون ۾ اصل هئي ئي ڪانه ته هوءَ پنهنجي ناننگ يا ڏاڏنگ کي پڏائي پنهنجي حيثيت مڃرائي. هوءَ انهن ڳالهن کان تمام گهڻو مٿي هئي. جيڪڏهن ويهي پنهنجي ذات پات يا حسب نسب سوچي ها ته شايد انهيءَ منزل کي نه رسي ها، جنهن تي پهچڻ لاءِ الائي ڪيتريون عورتون اڃا به حسرتون ڪنديون هونديون.

پر پوءِ به جڏهن بيگم نصرت هارون جو ذڪر نڪرندو ته سندس وڏن جو احوال به اوَس ئي ڏيڻو پوندو.

بيگم نصرت حاجي عبدالله هارون ماءُ جي طرف کان صفوي حڪمرانن ۽ پيءُ جي طرف کان مغل بادشاهن جي خاندان مان هئي. ”ايڊوڪيٽ انڊيا“ مورخه ١٦- سيپٽمبر ١٩٠٢ع جي مهيا ڪيل معلومات مطابق، بيگم نصرت هارون جو پڙڏاڏو مرزا ناظم شاهه، جيڪو ١٨٠٦ع ۾ ڄائو، سو مغل سلطنت جي آخري حڪمران

بهادر شاهه ظفر جو پاڻ هو. ۱۸۵۷ع جي جنگ آزاديءَ کان پوءِ کيس پنهنجي پاڻ سان گڏ هندستان مان ملڪ نيڪالي ملي، هن ۱۹۰۲ع ۾ معلمين رنگون ۾ وفات ڪئي."

بيگم نصرت جو والد مرزا نيازعلي خان عرف ڊاڪٽر حاجي ولد نسيم شاهه به انهن حالتن جو شڪار ٿيو. جلاوطن ٿيل قافلي هن نئڊي نينگر کي پٽنا ۾ خاندان جي هڪ خيرخواهه جي حوالي ڪيو. ڊاڪٽر حاجي تعليم ۽ تربيت اتي ٿي ورتي، مگر پوءِ هندستان مان سندس دل پرجي آئي، ان ڪري لڏي وڃي ايران جي شهر اصفهان ۾ آباد ٿيو.

"اصفهان نصف جهان" ڊاڪٽر حاجي مرزا نيازعلي خان لاءِ مڪمل جهان بڻجي ويو. اتي شاهه بيي نالي صفوي خاندان جي هڪ نينگريءَ سان نينهن لڳي ويو، جيڪا تن ڏينهن اتي هڪ ڪرسچن اسڪول ۾ پڙهندي هئي. نيٽ انهيءَ نينهن کين اهي ڏينهن به ڏيکاريا جو هو پاڻ هڪٻئي سان ازدواجي رشتن ۾ ملي هڪ ٿي ويا.

بيگم نصرت هارون جي نانو جو نالو موسيٰ خان هو، جيڪو ان وقت ايران ۾ ناظم الاطباء جي عهدي تي فائز هو. سندس هڪ ماموسالن جا سال بهان جو گورنر ٿي رهيو. بيگم نصرت هارون جا والدين جڏهن عراق جي زيارت لاءِ وڃي رهيا هٿا تہ سفر دوران "ڪرمان شاهه" ۾ کين هڪ نياڻي ڄائي، جنهن جو نالو معصومه رکيائون، جيڪا پوءِ اڳتي هلي نصرت جي نالي سان مشهور ٿي.

ڊاڪٽر حاجي مرزا نيازعلي خان جي طبيعت سيرسفر ڏانهن مائل هوندي هئي، ان ڪري کيس ڪنهن هڪ هنڌ تي قرار ڪونہ آيو. سندس نياڻي معصومه اڃا معصوم پارئي هئي تہ هن واري وڏيءَ عراق، مڪلا، عدن، بمبئي، زنجبار، ايران ۽ بصري جو سير ڪيو. نصرت خاتون جڏهن هڪ سال جي ٿي تہ سندس والد ڪراچيءَ جو چڪر به ڪاڌي ويو ۽ اهو شهر کيس پسند اچي ويو. پر اتي آباد ٿيڻ جو فيصلو گهڻو دير سان ڪيائين.

بيگم نصرت هارون جي ولادت ۹- فيبروري ۱۸۹۶ع تي ٿي، ليڪن پاڻ جڏهن سورهن سالن کي پهتي تہ سندس والدين لڏي اچي ۱۹۱۱ع ۾ ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيا.

نصرت جي ابتدائي تعليم سندس گهر ۾ ٿي ٿي. ان کان پوءِ هن روايتي تعليم جو آغاز ايران ۾ ٿي ڪيو. مگر جيئن تہ سندس والد جي اها دلي تمنا هئي تہ هن جي نياڻي به ڊاڪٽر ياڻي ٿئي، ان ڪري کيس ڪراچيءَ جي انگريزي اسڪول ۾ ويهاريو ويو. سندس والد وري هڪ منو ٿي ڪراچيءَ ۾ پنهنجي اسپتال ڪولي ويهي رهيو.

عظمت ۽ آزاد خيالي:

ڊاڪٽر حاجي ہن مقصدن خاطر لڏي اجي ڪراچيءَ ۾ ويٺو ہو. پهريون مقصد هيءُ ہو تہ سنڌ جي سماجهي ڏرتيءَ ۽ ماحول سنڌس سياحت پسندي کي مائيٽو ڪري، ماءُ جي گود جيان هن کي هڪ قسم جي هيڪار مهيا ڪئي. ٻيو سبب هيءُ ہو تہ ايران کان وٺي عراق تائين سنڌس عزيزن ۽ دوستن ڪانئس معصومہ جي سگ جي پئي گهر ڪئي، مگر هن جي خواهش اها هئي تہ سنڌس نياڻي پڙهي ڊاڪٽرياڻي ٿئي ۽ ڏکي انسانيت جي خدمت ڪري. مگر مقدر جا لکيا پنهنجا آهن. نصرت جي شادي تہ حاجي عبدالله هارون سان ٿيٽي هئي.

نصرت خاتون ۱۹۱۳ع ۾ حاجي عبدالله هارون سان شادي ڪري نہ رڳو عورت جي آزاديءَ جو عملي ثبوت ڏنو، پر پنهنجي عظمت جي ساک ب پوري. بلاشبہ اها شادي نصرت بيگم جي والدين جي سرپرستيءَ ۾ ٿي، ليڪن ور ۽ ونيءَ هڪ ٻئي جي چونڊ پاڻ ڪئي هئي. اهي مڙئي محبت جا رنگ ۽ هن عورت جي عظمت هئي. هونءَ نہ تہ اهڙيءَ شاديءَ جو تصور ب نہ ٿو ڪري سگهجي، چوتہ هڪ طرف حاجي عبدالله هارون بيگم نصرت کان پريا چوويهہ سال وڏو هو ۽ ٻئي طرف پنهي جي وچ ۾ مذهبي عقيدن جي هڪ مضبوط ديوار موجود هئي. حاجي عبدالله هارون سني طبقي مان هو تہ بيگم نصرت وري اهل تشيعت خاندان مان هئي. ان کان وڌيڪ گهرو مسئلو هيءُ هو تہ حاجي عبدالله هارون جون هن کان اڳ ب شاديون ٿيل هيون ۽ هن نئين شاديءَ کي ڇڄ عرصي لاءِ ڇجهو رکڻو هو. پر ٻوءِ ب عظمت انهيءَ عورت جي، جنهن غير معمولي قدم کڻي حاجي عبدالله هارون جي گهر ڏياڻي بڻجڻ جي هام هنئين. نيٺ شادي ٿي. معصومہ بيگم نصرت بڻجي حاجي عبدالله هارون جي گهر ۾ آئي. "گهر ۾ خوشيءَ ۽ آرام جو دروازو ڪلي پيو ۽ حاجي صاحب پنهنجي واپار، سماجي، تعليمي ۽ سياسي سرگرمين ۾ هڪ ٻي ڪم ڪرڻ لڳو. پنهنجي گهر جي سموري ڪاروبار کي درست ڪرڻ، ۽ زندگيءَ کي پرامن ۽ معنيٰ خيز بنائي، ان ۾ خوشيءَ جو خزانو ميسر ڪري ڏيڻ ۾ بيگم صاحبہ نهايت خوش اسلوبيءَ سان پارٽ ادا ڪيو".

سچو ساٿي:

"ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ بيگم صاحبہ صرف گهرو معاملن سان پئي واسطو رکيو، ليڪن هن حاجي صاحب جي زندگيءَ جي هرمعاملي ۾ رفيق ۽ ساٿي بنجي ڪيس مدد ۽ سهارو پئي ڏنو." سهارو ب اهڙو جو هوءَ پاڻ پنهنجي ور جي وفات کان پوءِ ب ٻيهہ سال زنده رهي، ليڪن انهيءَ عرصي ۾ قوم ۽ خاندان جي ائين خدمت ڪيائين، جڏهن هاڻ هوءَ بيگم نصرت هٿ سان گڏوگڏ حاجي عبدالله هارون ب پاڻ

بڻجي وئي هجي. هن پنهنجي ور جي سمورين خواهشن کي عملي جامو پهرائي، گهر ڌڻيءَ جي سمورن خوابن جا تعبير ڪري ۽ سندن منصوبن کي مڪمل ڪري پوءِ هيءَ دنيا ڇڏي.

قوم جي خاطر:

بيگم نصرت هارون جي شادي ١٩١٣ع ۾ ٿي. هن جا پهرين پنج سال پنهنجي وَرَ ۽ گهر کي ٺاهڻ ۾ لڳي ويا. انهيءَ مختصر عرصي ۾، چئن روپين سان پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز ڪرڻ وارو انسان وڃي انهيءَ حيثيت کي پهتو، جو هاڻي ذريعه معاش هن لاءِ ڪو گنڀير مسئلو نه وڃي رهيو. پاڻ مڇيءَ مانيءَ لائق ٿي پيو. واپار کان سواءِ سماجي ۽ سياسي سرگرمين ۾ به حصو وٺڻ لڳو. شاديءَ واري سال ۾ ئي ڪراچي ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. انهيءَ ئي عرصي دوران اعزازي ماجسٽريٽ ٿيو ۽ انهيءَ ئي سال "هلال احمر سنڌ" جي سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان جماعت جي رپورٽ شايع ڪرائي، پنهنجي آئيندي جي منصوبن جو خاڪو چٽيائين.

بقول مرحوم حاتم علويءَ جي، ته "بيگم نصرت پنهنجي ور جي انهن صلاحيتن کي پرکي ورتو"، ليڪن کيس انهن کي اڀارڻ ۽ اجاگر ڪرڻ جو موقعو تڏهن مليو، جڏهن سنڌ ۽ هند جا مسلمان ترڪيءَ واري مسئلي تي باهه بڻجي اڀريا ۽ "خلافت تحريڪ" جو آغاز ٿيو. هن جوڙي پنهنجي شاديءَ جي ڇهين سالگرهه ڏيئا ۽ لاٽيون ٻاري نه، مگر تحريڪ ۾ عملي طور حصو وٺي ملهائي. بيگم نصرت هارون انهيءَ تحريڪ کان وٺي پاڪستان جي تحريڪ تائين پنهنجي ور کي هڪ سچي ساٿي جيان سهارو ڏنو.

هن تحريڪ حاجي عبدالله هارون کي سنڌ جي جغرافيائي سرحدن کان ڪڍي هند جي چوٽيءَ جي اڳواڻن ۾ آڻي بيهاريو. هو نه رڳو سنڌ خلافت ڪاميٽيءَ جو سالن جا سال صدر ٿي رهيو، مگر آل انڊيا خلافت ڪاميٽيءَ جي اڳواڻي به ماڻيائين. پر انهيءَ منزل تي رسڻ ۾ جيترو عمل دخل حاجي عبدالله هارون جي ذهانت، نيڪ نيتي ۽ خلوص جو هو، اوترو هٿ وري سندس ونيءَ جي ساٿ جو هو.

جنهن جي ماني تنهن جي ڪاني:

ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته بخت يا ڀاڳ اصل ۾ آهي ئي گڻن جو نالو. جنهن انسان ۾ گڻن جي گهڻائي هوندي، اهوئي منزل ماڻي ٿو. "خلافت تحريڪ" هلي ته هن گهر کي پنهنجن گڻن ۽ اخلاقن ڏيکارڻ جو موقعو مليو. زال مڙس تحريڪ ۾ ائين حصو ورتو، جڻ ته سندن ئي مسئلو هو. سندن گهر خلافت تحريڪ جو مرڪز بڻجي ويو. سنڌ جي ناميارن خلافتين کي هن گهر مان ماءُ، ڀيڻ ۽ ڀاءُ جي خوشبوءِ

Gul Hayat Institute

اچڻ لڳي. ڏسندي ڏسندي مولانا تاج محمود امروٽي، مولانا محمد صادق ڪڏي وارو مولوي دين محمد وفائي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، قاضي شمس الدين احمد، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ پيا ڪيترائي خلافتي اڳواڻ حاجي عبدالله هارون جا سائي بٽجي ٻڌي رهيا.

هن تحريڪ دوران حيدرآباد، لاڙڪاڻي ۾ سکر ۽ سنڌ صوبائي خلافت ڪانفرنسون ٿيون. ان کان پوءِ ڪراچي ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس ٿي. انهيءَ موقعي تي اندريان يا ٻاهريان جيڪي به مهمان آيا، انهن جو گهٽوٽڻو آڏرياڻ حاجي عبدالله هارون ٿي ڪيو. هو مڙئي مٽياڻي مائي بيگم نصرت هارون جا مهمان ٿي رهيا، جنهن پنهنجي مهمان نوازي، سخاوت ۽ خوش خلقيءَ سان پراون کي به پنهنجو ڪري ڇڏيو. ائين حاجي عبدالله هارون جي هاڪ هرهنڌ ٿيڻ لڳي. سنڌس عزت ۽ شهرت جا ڪٻ هرڪو ڳائڻ لڳو. سنڌس گهر ڏياڻي تحريڪ آزاديءَ جي راڻي بٽجي ايري. جيئن جيئن تحريڪ زور ونندي وئي، تيئن تيئن هن مائي جي فهم ۽ فراست جا رنگ ظاهر ٿيندا ويا. مذهب پسندي ۽ وطن دوستي جو هرڪو معاوضو هن عظيم عورت ڏري ڏنو. ڪراچي خلافت ڪانفرنس جي نتيجي ۾ سنڌ ۽ هند جي خلافتي اڳواڻن تي جڏهن ۱۹۲۱ع ۾ بغاوت جو ڪيس هليو ۽ ڇڳا پلا انسان وڇي ڪنڌ پاسي ٿيا، تڏهن انهيءَ ڪيس دوران علي برادران جا سمورا عزيز بيگم نصرت هارون جا مهمان ٿي رهيا. نم رکو ايترو پر اهو سمورو عرصو آزاديءَ جي اسيرن کي جيل ۾ ساڻي ٽڪي هن گهرئي پهچائي. اها به ان ڪري نم ته دنيا واهه واهه ڪري، مگر ان لاءِ ته متان اسيرن کي جيل اندر انگريز يا انگريزن جا چاڙتا ڪاڏي پيتي ۾ ڪا شيءِ نه ملائي ڪارائين.

"خلافت تحريڪ" جي ڪهاڻي رکو انهيءَ بغاوت واري ڪيس جي ڪهاڻي ڪانه آهي. هن تحريڪ دوران "عدم تعاون" جي تحريڪ هلي. ترڪ موالات تي عمل ڪيو ويو ۽ "هجرت تحريڪ" جو بنياد رکيو ويو. ان کان سواءِ مخالفن جي منهن بند ڪرڻ لاءِ لٽريچر شايع ڪرايو ويو ۽ خلافتي اڳواڻن جي وفدن جي اچڻ وڃڻ وقت سندن مالي مدد ڪئي وئي. انهيءَ سموري عرصي دوران بيگم نصرت هارون ۽ سنڌس ور پنهنجي ٻڌسي کي پاڻيءَ جيان وهايو ۽ ڏينهن رات هڪ ڪري تحريڪ کي هٿي ڏني، مگر اها به عقلمنديءَ ۽ ڏاهپ سان. بنهه اها ڳالهه پوري ڪري ڏيکاريائون ته "نانگ به مري ۽ لٺ به بچي". تحريڪ ائين هلايائون، جو اها سالن جا سال هلي. وري پاڻ ائين بچايائون، جو سندن وار به ونگو نه ٿيو.

ورچڻ ڇا جو وڙ:

"خلافت تحريڪ" نيٽ هلي پنهنجن پويان پساهن کي ڇڏي. هن تحريڪ دوران مسلمانن کي جڏان ڪڏان مايوسي ڏسڻي پئي. حڪومت هنن سان وعدا

ڪري ڦري وئي. هندن تحريڪ جي ڦوهه جوانيءَ ۾ سندن ساٿ ڇڏي ڏنو. ڪي مهاجر بڻجي افغانستان هجرت ڪري ويا، مگر ساٿ لٽائي موٽيا ۽ اتي به سندن دُڪو داخل نه ٿيو. ويترن سندن جذبن جي زخمن تي لوڻ ترڪيءَ جي حالتن وجهڻ شروع ڪيو. اتان به اهي آواز ٻڌڻ ۾ آيا ته اجهو ٿا مورڳو "خلافت" کي سرڪاري طور ختم ڪن. اهي ڳالهيون مسلمانن کي مايوس ڪرڻ لاءِ ڪافي هيون.

ليڪن هارون خاندان اورچ هو ۽ ورچي وڃڻ ته هي زال مڙس سکيا ئي ڪونه هئا. حاجي عبدالله هارون پهريون بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل ۽ پوءِ سينٽرل ليجسليٽو اسيمبليءَ جي ايوانن ۾ پنهنجون صلاحيتون ڏيکاريندو رهيو ۽ بيگم هارون وري ڪراچيءَ ۾ هڪ نئين جوت جلائي.

اسيمبلين جا اجلاس سر حاجي عبدالله هارون کي اڪيلي سر ويهي ڪونه ڏٺا. مگر بقول سائين غلام مرتضيٰ شاهه جي ته: "اسيمبليءَ جي اجلاسن جي موقعي تي، بيگم صاحبه اڪثر حاجي صاحب سان گڏ هوندي هئي. اتي ونڊسر پئلس ۾ حاجي صاحب جو دسترخوان هميشه کليل رهندو هو. مهمانن جي کاڌي پيتي ۽ انهن جي رهائش جي نظرداريءَ جو حاجي صاحب کي بيگم صاحبه جي هوندي فڪر نه رهندو هو. خلافت، مسلم ليگ، آل پارٽيز ڪانفرنس دهلي، مسلم ڪانفرنس ۽ ٻين اڪيچار جماعتن جي اجلاسن ۾ اڪثري بيگم صاحبه ساڻس گڏ هوندي هئي. انهيءَ شموليت جيڪڏهن هڪ طرف بيگم صاحبه کي سياسي ۽ سماجي خدمت جي تربيت ڏني، ته ٻئي طرف حاجي صاحب کي سندس ساٿ رهڻ ڪري آرام، دلداري، همدردي، صلاح ۽ مشوري جي گهڻي مدد پئي ملي."

خلافت جي خاتمي کان پوءِ سنڌ ۽ هند ۾ سياسي حالتن وڏو ڦيرو کاڌو. سنڌي مسلمان اڳواڻن، جن ۾ حاجي عبدالله هارون پيش پيش هو، سنڌ جي سياسي ماحول ۾ خلافت تحريڪ واري ساڳيءَ گرم جوشيءَ کي برقرار رکڻ ۽ هندن جي تسلط مان جند ڇڏائڻ لاءِ "سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگي" واري تحريڪ جو آغاز ڪيو. جيئن ته حاجي عبدالله هارون انهيءَ تحريڪ جي اڳواڻن مان هڪ هو. ان ڪري هندستان جي ڪنڊڪڙڇ ۾ وڃي کيس پنهنجي مسئلي جي وڪالت ڪرڻي پئي. بيگم نصرت هارون انهيءَ سياسي سفر ۽ جدوجهد دوران، سندس هميشه جيان همسفر، صلاحڪار ۽ ساٿي رهي.

حاجي عبدالله هارون، "خلافت تحريڪ" ۽ "سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگي" واري تحريڪ جي پس منظر ۽ پيش منظر سبب پنهنجي شهرت ۽ قيادت جي گڻن جي لحاظ کان، سنڌ جون جاگرافي حدون ٽپي چڪو هو، ان ڪري ١٩٣٥ع واري انڊيا ائڪٽ نافذ ڪرڻ کان اڳ وارين حالتن ۽ خاص طور تي هندو مسلمانن جي "آئيني سڌارن" واري ڇڪتاڻ، خواهه نهرو رپورٽ تي شديد ردعمل ڏيکارڻ وارن موڙن تي هو هندستان جي ناميارن مسلمان اڳواڻن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺو.

وڏي ويڙهه ۾ رهي:

هڪ طرف وَرَ جي اها منزل هئي، ته ٻئي طرف وڃڻ ۾ پنهنجو وقت اجايو نه وڃايو. هوءَ پنهنجي گهر ڏٺيءَ سان هر موڙ تي گڏ ته هئي ئي هئي، پر پنهنجيءَ پر ۾ به گهٽو ڪجهه ڪيائين. هوءَ عورت هئي، ان ڪري "عورت-ذات-اڏ ڪائنات" کي نظر انداز ڪري نه ٻئي سگهي. سندس سَسُ ۱۹۲۶ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو. ور ۾ وڃڻ جي صلاح ٻيئي ته مرحومه حنيفه ٻائي جي نالي تي ڪو اسڪول قائم ڪيو وڃي. سا ڳي ئي سال سندن اها خواهش عملي صورت وڃي ٻيٺي. "حنيفا ٻائي ميمن گرلس اسڪول" قائم ٿيو ته بيگم نصرت هارون عملي طور تي عورت ذات جي مدد ڪرڻ جهڙي ٿي.

هن عورت ذات جي ڀلائيءَ لاءِ جو ڪجهه ڪيو، اهو هڪ طرف سندس دلي خواهش جو پڙاڏو هو ۽ ٻئي طرف وقت ۽ حالتن جو عڪس.

تن ڏينهين وقت جي سرڪار جي ڪوششن سان هند ۾ سڏ ۾ "ليڊيز ايمپائر ائسوسيئيشن" نالي جماعت جوڙي وئي، جنهن جي صدارت اڪثر ڪري ڪنهن وڏي عهدي واري انگريز جي گهر واريءَ لاءِ وقف هوندي هئي. حڪومت هن جماعت جوڙڻ يا جوڙائڻ وقت ڪهڙا مقصد اڳيان رکيا: اها خبر انهيءَ کي، مگر ڏيهي عورتن ان ۾ دلچسپي ان ڪري ورتي، جو ڪين هڪٻئي سان ملڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ جو موقعو ٿي مليو.

انهن مقصدن کي ذهن ۾ رکندي بيگم نصرت هارون به جماعت ۾ شامل ٿي ويئي. هن تجربي مان بيگم صاحبه گهٽو ڪجهه پرايو. هيترين ساريين ميمبر عورتن ۾ هن کي گورين، هندواڻين ۽ پارسياڻين ته گهڻيون نظر آيون مگر، مسلمان عورتون انٽي ۾ لوڻ برابر.

هي اهوئي وقت هو جڏهن "خلافت تحريڪ" عوام جي اندر ۾ انگريزن خلاف نفرت جي بج کي وڻ ٻڌائي چڏيو هو. ان زماني ۾ ليڊيز ايمپائر ائسوسيشن جي صدر، ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر جي گهر واري هئي. خود بيگم نصرت مسلم عورتن جي نمائندگي ڪرڻ واري حق جي نتيجي ۾ ان جي نائب صدرن مان هڪ هئي. عهديدارن جي چونڊن جو وقت آيو ته وطن دوست بيگم نصرت باغي ٻڌجي مهم هلائي ته هن دفعي ڪا انگريزياڻي اسان جي صدر نه ٿيندي. خود هن خلاف مهم هلائڻ لاءِ انگريزياڻي اميدوار وٽ ڪافي جواز موجود هو، ۽ هن پنهنجي هر خيال سهيلين سان ملي اهي افواهه اڏاريا ته بيگم نصرت هارون کي صدر ٿيڻ جو شوق ٿيو آهي. ۽ انگريز سامراج جي هي دشمن ۽ غيرتمند عورت پنهنجي ڪالهه تي قائم ٻيٺي. نيٺ چونڊن جو وقت آيو، عين انهيءَ وقت بيگم نصرت هارون، هڪ پارسي عورت کي صدارت جي اميدوار طور پيش ڪيو، جيڪا اڪثريت سان چونڊجي ويئي.

بنهه ساڳي ئي دؤر ۾ سن ۱۹۲۷ع ۾ مارگريٽ اي. ڪوزنس جي ڪوشش سان هندستان ۾ "آل انڊيا عورت ڪانفرنس" ٽيڻ جو رواج پيو. مارگريٽ هندستان جي عورتن واري جماعت جي سيڪريٽري هئي. هنڊين ماڳين اهڙي قسم جون ڪانفرنسون ته ٿيون، مگر انهن ۾ بس بيگم نصرت هارون اهو ڏڻو ته مسلم عورتون نه هڻڻ جي برابر آهن.

انهيءَ احساس کي ڏيان ۾ رکندي هند جي مسلم عورتن پنهنجي ڪوشش ڪئي ته "آل انڊيا مسلم ليڊيز ڪانفرنس" سڏائڻ جو رواج وڌو، پر پوءِ بس سنڌ جون عورتون پنهنجي همعصر عورتن کان الڳ ٿ ڪٽيل رهيون، ڇو ته سنڌ هندستان جي باقي حصن کان تمام گهڻو پري هئي.

انهيءَ احساس بيگم نصرت هارون کي سنڌ ۾ عورتن جي جماعت ٺاهڻ تي مجبور ڪيو ٿ آخرڪار سندس ڪوششن سان ۱۹۲۹ع ۾ ڪراچي ۾ "انجمن اصلاح الخواتين اسلام" نالي هڪ جماعت ٺهي، جيڪا سالن جا سال عورت ذات جي فلاح ٿ بهبود لاءِ ڪم ڪندي رهي.

يورپ جو سير:

عورتن جي اها تحريڪ مس اڃا عروج کي رسي ته حاجي عبدالله هارون کي "اوٽاوا اڪنامڪس ڪانفرنس" ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ملي.

پلا سڪ دڪ جو سائي هن سفر ۾ ڪيئن ٿي پنهنجي ور جو سات ڇڏي سگهيو؟ نيٽ فيصلو ٿيو ته ور ٿ وني پنهنجي وڏور ڏيءَ ٿ پٽ سميت انهيءَ سفر لاءِ اسهندا ٿ آخرڪار ٿيو به ائين.

خوشبوءِ جو اڏر جت ڪٽ ساڳيو:

جيڪڏهن جاچي ڏسبو ته بيگم نصرت هارون ۾ جيڪي به ڳڻ هئا، انهن سمورن مان مهمان نوازي جو ڳڻ باقي ٻين کي فوقيت وئي ٻيهي ٿو. شايد اهوئي سندس هڪ مضبوط ٿ موثر هٿيار هو، جنهن سان پنهنجا ته پر پراوا بس هن گهر جا گهڻ گهرا ٻڌجي پوندا هئا.

اوٽاوا ۾ ڪانفرنس هلي رهي هئي. وفدن جون ونيون گهمڻ ڦرڻ ۾ مشغول، مگر بيگم نصرت هارون جو ذهن پنهنجي ور ڪي وڏيءَ منزل تي رسائڻ لاءِ سوچي رهيو هو. هوءَ هڪ ڏينهن هوٽل جي بورچيخاني ۾ هلي وئي ٿ بورچيءَ کي هدايتون ڏئي، هڪ ديسي ڊش تيار ڪرايائين. جڏهن بورچي امتحان مان ڪامياب ٿيو، تڏهن موقعو ٿ مهل وئي بيگم نصرت هارون ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن وفدن کي مانيءَ جي دعوت ڏني. مانيءَ اڳيان آئي. مهمانن اڳيان معمول

جي برعڪس "مشرقي ڪاڏو" رکيل هو. ماٺهن ماني ڪائي ڏوَ تہ ڪيائين پر پوءِ بيگم نصرت هارون جي تعريف ڪرڻ مان ڪو ڏاڍي ٿي نہ ٿيو. هن پنهنجي ڏاهپ ۽ گفٽن جي خوشبوءِ هت ۾ پکيڙي ڇڏي. ان دعوت ڪان پوءِ "هارون فيملي" باقي آيل وفدن ڪان وڌيڪ مان ۽ مرتبي جي نگاهن سان ڏٺي وئي. هنڌين ماڳهين هن خاندان جون دعوتون ٿيڻ لڳيون. خاص ڪڏجاٽين جا بندوبست ڪيا ويا ۽ هن پاڻوند مائيءَ ۽ سندس خوشنصيب ور سان ڪٽنادا وارن ۾ وڏا وڙ ڪيائين تان جو مسٽر آر. ڪي. شنمکم چيٽي، جو ليجسليٽو اسيمبليءَ جو ڊپٽي پريزيڊنٽ ۽ اوٽاوا ڪانفرنس جي وفد جو پڻ هڪ ميمبر هو، کي چوڻو پيو تہ:

"From the day the Begum Saheba arrived in ottawa until she left Canada with her distinguished husband she with her talented daughter Dowlat Haroon did everything that she could to acquaint canadians of the ideals and aspirations of the women of India and to remove the prejudices which existed in the minds of many in Canada.....

Begum Haroon, did, during her six weeks stay in Canada, what ten political missions could not have done in ten months."

اڃا جوت جلي پئي:

بيگم صاحبہ يورپ جي سفر ڪان واپس وري. سندس ڪراچيءَ ۾ بي مثال نموني جي آجيان ڪئي وئي. هوءَ جنهن انجمن جو بنياد پنهنجي هٿن سان پاڻ رکي وئي هئي، اها پڻ پرين ٽن سالن جي ڇمار کي پهتي هئي. ان ڪري پنهنجي باني ۽ محسن کي وسارڻ، ان جي وس ڪان ٻاهر هو. "انجمن اصلاح‌الخواتين اسلام" طرفان بيگم جي شان ۾ پارٽيءَ جو بندوبست ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌ جي عورتن کان سواءِ هند جي عورتن جهڙوڪ بيگم شمس‌الدين (آغا خان جي سوٽ- پونہ)، بيگم شريفہ شيرازي (بمبئي) ۽ ڊاڪٽر مسز پينل (دهلي) به شرڪت ڪئي.

"انجمن اصلاح الخواتين اسلام" پليءَ پٽ پاڻ موڪيو. ڪراچيءَ جون ڪيتريون ئي عورتون مردن سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪرڻ لائق ٿيون. اهڙين عورتن جا جيڪڏهن ويهي نالا ڳڻائبا تہ وچور طويل ٿي ويندو، پر پوءِ به ڪن جا نالا تاريخ جي ورقن جي حوالي ڪرڻا ئي آهن. اهڙين عورتن مان مسز اي شڪور ڏوسل، مسز عثمان ڏوسلاٽي، مسز حاجي ڏوسل، مسز ابوبڪر، مسز جمع سليمان، مسز خيرمحمد، مسز اي. ايچ. فدو ۽ مسز علي محمد جا نالا ذڪر لائق آهن.

هن انجمن جو وڏو ڪارنامو اهو آهي تہ ان سنڌي مسلمان عورتن ۾ نياڻين کي تعليم وڏڻ طرف راغب ڪيو. بيگم نصرت هارون جي ذاتي ڪاغذن مان معلوم

ٿي ٿو ته ڊاڪٽر آپا اشرف عباسي به هن تحريڪ جي پيداوار آهي. سندس تعليم جو سلسلو انهيءَ تحريڪ جي نتيجي ۾ شروع ٿيو.

هن انجمن سالن تائين سنڌ جي عورتن، خاص طور تي ڪراچيءَ جي عورتن کي زندگيءَ جا اصلي روپ ويجها ڪري ڏنا. انجمن طرفان اڪثر ڪري بيگم نصرت هارون جي گهر ۾ عيد ميلادالنبي جا جلسا، سماجي گڏجاڻيون ۽ ثقافتي نماءَ ٿيندا هئا. اهڙن موقعن تي ننڍي پيماني تي عورتن لاءِ مينا بازار جو بندوبست به ڪيو ويندو هو. ان کان سواءِ عورتن جي پلائي ۽ اخلاقي موضوعن تي ڊراما به اسٽيج ڪرايا ويندا هئا. انجمن جي اهڙين گڏجاڻين ۾ سنڌ کان سواءِ هند جي مختلف هنڌن جون عورتون به اچي شامل ٿيندڙيون هيون.

هن انجمن نه رڳو سنڌ جي عورتن کي، مگر هند جي عورتن کي به متاثر ڪيو، تان جو بيگم نواب اسماعيل خان ميرٺ، يوپيءَ ۾ ان جي شاخ کولي ۽ اتي بيگم نصرت جي هن تحريڪ کي عورتن لاءِ واٽ جي لاٽ بڻايو.

بيگم نصرت هارون انهيءَ پنهنجي انجمن کان سواءِ "آل انڊيا وومن ڪانفرنس" ۽ "آل انڊيا مسلم ليڊيز ڪانفرنس" ۾ به بهرو ورتو ۽ اتي به پنهنجا جوهر ڏيکاريا.

مادري زبان:

سال ۱۹۳۴ع جي ۲۹- ڊسمبر تي "آل انڊيا وومين ڪانفرنس" جو نائون اجلاس ڪراچيءَ ۾ ٿيو. انهيءَ ڪانفرنس جي ڪارروائي ۲- جنوري ۱۹۳۵ع تائين لڳاتار چار ڏينهن هلي. هن ڪانفرنس ۾ بيگم نصرت هارون، جو ڪردار ادا ڪيو، اهو اڄا به تاريخ جي ورقن ۾ محفوظ آهي.

انهيءَ ڪانفرنس کان اڳ ۲۵- ڊسمبر ۱۹۳۴ع تي ڪراچي ۾ "ڪراچي عورت ڪانفرنس" جي نالي سان سنڌ جي عورتن جي ڪانفرنس ٿي، جنهن جي صدارت "آل انڊيا وومين ڪانفرنس" جي منتظمه مسز ايس. سي. مکرجي ڪئي هئي. انهيءَ موقعي تي ڪيترائي ٺهراءَ پاس ڪيا ويا، ليڪن هڪ ٺهراءَ تي بحث بيگم نصرت هارون جي عظمت جي شاهدي ڏئي ٿو.

انهيءَ ٺهراءَ ۾ چيو ويو هو ته هنديءَ يا اڙدو کي سموري هندستان ۾ تعليم جو ذريعو بڻايو وڃي، ليڪن بيگم نصرت هارون ان ٺهراءَ جي شديد مخالفت ڪئي ۽ چيو ته رڳو مادري زبان ئي انسان جي امنگن جي اظهار جو قدرتي ذريعو ٿئي ٿي. بيگم صاحبه جي انهيءَ مخالفت سبب ٺهراءَ جي ٻولي بدلائي ان کي "گهر" بدران "تجويز" جو درجو ڏنو ويو.

حيثيت جي مڃتا :

ڪراچيءَ ۾ سڏايل آل انڊيا وومين ڪانفرنس جي موقعي تي بيگم نصرت هارون کي انهيءَ جماعتن جي نائب صدرن ۾ شامل ڪيو ويو. هنڊين ماڻهن جي حيثيت کي مڃتا ملڻ لڳي ۽ سندس خدمتن جو اعتراف پنهنجن سان گڏ پراوا به ڪرڻ لڳا. ڪراچيءَ ۾ ڪنهن اسڪول جو فنڪشن ٿيندو يا سنڊ ڪان ٻاهر دهلي، ميرٺ ۽ عليگڙهه ۾ ڪو جلسو ٿيندو هو تہ بيگم صاحبہ کان صدارت ڪرائيندي، ميزبان وڏو فخر محسوس ڪندا هئا. مزي جي ڳالهہ اها هئي جو جيئن ور پنهنجي گهرو حالتن کان مجبور ٿي، پنهنجي تعليم جاري رکي نہ سگهيو هو، تيئن سندس هيءَ ونيءَ ۾ گهرڏياڻي ٿي، تعليم کي خيرباد چئي چڪي هئي. پوءِ به سندن انداز خطاب اهڙو جو هڪ دفعي بيگم نصرت لاءِ "ڊيلي گزيٽ" اخبار کي لکڻو پيو تہ :

"She proved to be one of the finest public speakers among the Sind Women in Karachi."

هزارن جو مجموعو هوندو هو تہ بيگم هارون ائين خطاب ڪندي هئي، جڻ ڄاڻي ئي خطاب ڪرڻ لاءِ هئي. تقرير جي فن کان سواءِ ڪيس تحرير جي فن تي به مهارت حاصل هوندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن دل ۾ جي ايندي هئس تہ شعر و شاعري به ڪري وڌندي هئي. هن ايترو ڪجهہ تہ لکيو آهي، جنهن کي جيڪڏهن هڪ هنڊ گڏ ڪجي تہ هوند هڪ ڪتابڙو ٿهي پوي.

بيگم نصرت هارون جي خدمتن جو اعتراف ڪندي ۱۹۳۷ع ۾ ڪراچيءَ جي "وي. اين. ڪنهيا مها ودياله" جي مرڪزي هال تي نالو ئي "نصرت هال" رکيو ويو. ائين ڪونہ هو تہ رڳو مٿائي ورهائي هال جو نالو مٽايو ويو، مگر ان جو افتتاح سنڊ جي تڏهوڪي گورنر جي گهر واريءَ ليڊي گرهام پاڻ ڪيو.

جيئن ڪراچيءَ ۾ سندس زندگيءَ ۾ سندس مڃتا ڪئي وئي، تيئن هڪ-اڌ سال کان پوءِ دهليءَ جي دريا گنج محلي ۾ "زينت المساجد" جي سامهون سندس نالي ٻڌيان "ايوانِ نصرت" قائم ٿيو. انهيءَ جي افتتاح جي موقعي تي بيگم نصرت اتي پاڻ موجود هئي. مسز بي. ايل. نهرو ايوان جو افتتاح ڪيو هو ۽ بلبلِ هند سروجني نئڊو پنهنجي شاعري ٻڌائي هئي. هي "ايوان نصرت" اڄڪلهي دهليءَ ۾ مسلم ليگي سياست جو هڪ گهوارو بڻجي ويو. انهيءَ ايوان ۾ ڪيترائي تاريخ ساز فيصلا ڪيا ويا.

سخا تہ هڻڻي :

هارون خاندان جا دولت ڪمائي، اها ان لڪائي نہ ڪاڏي، مگر پنهنجي هٿن کي ائين کولي رکيو، جيئن ڪنهن سخيءَ کي ئي جڳائي. بزرگ سياستدان قاضي فضل الله جو چوڻ آهي تہ حاجي عبدالله هارون سراسري طور تي ٽي-چار سؤ مني آرڊر هر مهيني

موڪليندو هو. اها سندس مستحق ۽ لائق شاگردن جي مالي امداد هوندي هئي. هڪ دفعي قاضي فضل‌الله صاحب، حاجي سر عبدالله هارون کان پڇيو تہ: "سائين! هي جو اهان هيترو ڏن هر مهيني پيا ٿا اڻ ڏنل ماڻهن ڏي ڏياري موڪليو. چا، اوهان کي يقين آهي تہ اهي سڀ واقعي مستحق آهن؟" ان تي، بقول قاضي صاحب جي، سر حاجي عبدالله هارون جواب ڏنو تہ: "آءٌ تہ ڏٺيءَ جي نالي ڏيان ٿو، جيڪو نيٽن جو پارکو آهي."

هتن، ور ۽ وڻيءَ جي سخاوتون ڪيون، انهن جا ڪي تفصيل اچان سندن خانداني رڪارڊ ۾ موجود آهن. بيگم نصرت هارون بہ پنهنجي ور جيان سخاوت ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هوندي هئي. سندن اهڙيءَ سخاوت جو عالم ڏسي، ٻيو تہ چا، مگر وقت جي حڪومتن جو بہ مڪو مچي ويندو هو.

سنڌ جڏهن بمبئيءَ کان الڳ ٿي ۽ نئين گورنر اچي پاڻ پڌاريو تہ سندس گهر واريءَ جيڪا پهرين سهيلي بڻائي، اها هئي بيگم نصرت هارون. ليڊي گرهام موقعي ۽ مهل سان بيگم نصرت هارون جي سخا واري گڻ کي پنهنجي مرضيءَ مطابق پلائي وارن ڪمن ۾ ڪم آڻيندي هئي. ڪراچيءَ ۾ "گرل گائيڊ" جي هيڊ ڪوارٽر جي نئين عمارت بہ ائين جڙي راس ٿي. اها جاءِ اڄ بہ بيگم نصرت هارون جي سخا جي ساک ڀرڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ موجود آهي.

بيگم صاحبہ، جيئن اڳ لکيو ويو آهي تہ کا ڌگري نہ رکندي بہ علم و ادب سان چاهہ رکندي هئي، مگر وس پڳي هن علم دوستي ۽ ادب پروريءَ جي ثابتي ۾ ڏني. اهو ئي سبب آهي جو ۱۹۴۳ع ڌاري، سندس ئي نالي تي ڪراچيءَ مان هفتيوار "نصرت" جو اجراءَ ٿيو، جن جي هن مالي مدد ائين ڪئي، جيئن "الوحيد" جي ابتدائي دؤر ۾ حاجي عبدالله هارون انهيءَ اخبار جي ڪئي.

تحريڪ پاڪستان :

اڇڪلهہ اهو ٻڌو ۽ پڙهيو وڃي ٿو تہ قائداعظم محمد علي جناح جڏهن هندستان جي سياسي حالتن کان ڪنهن حد تائين مايوس ٿي وڃي انگلستان ۾ ويٺو تہ هتان ڪن قوم جي هڏوڪين ڏانهس خط لکي واپس اچڻ لاءِ تيار ڪيو. ليڪن حقيقت جو هڪ ٻيو روپ بہ آهي ۽ اهو هي آهي تہ بيگم نصرت هارون پنهنجي خاندان سميت جڏهن اوٽاوا ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ ڪان پوءِ انگلستان پهتي تہ سڀ کان پهريون هن ئي خاندان کي اهو احساس ٿيو تہ هندستان جي آزادي خواہ ورهاڱي لاءِ مسلمانن جي هڪ وڏي اڪثريت کي قائداعظم محمد علي جناح جي اڳواڻي جي ضرورت آهي. انهيءَ احساس کي هن گهراڻي عملي جامو بہ پهرايو. جيئن تہ حاجي عبدالله هارون ۽ قائداعظم محمد علي جناح ٻالپڻي کان وٺي هڪٻئي جا يار هئا ۽ هڪ

تعليمي اداري (سنڌ مدرسي) ۾ پڙهيا هئا، انڪري اهو رشتو هتي به ڪر آيو. حاجي عبدالله هارون قائداعظم کي ۽ بيگم نصرت هارون محترمه فاطمه جناح کي پنهنجي دليلن سان قائل ڪيو ته کين واپس ورڻ گهرجي.

پاڪستان جي بانيءَ جي اها واپسي محض دلاسن ۽ اميدن تي بدل ڪانه هئي. مگر هارون خاندان پاڻهن ۾ ملي ٿي، ڪلهوڪلهي ۾ ملائي پنهنجي قائد سان گڏجي ڪم ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ هن خاندان جو وڏو ڪاڻ وڏو تاريخي ڪارنامو هو سنڌ ۾ ۱۹۳۸ع واري صوبائي مسلم ليگ جي ڪانفرنس سڏرائڻ، جتي هندستان جي مسلمانن پهريون دفعو پاڻ لاءِ هڪ الڳ ۽ آزاد وطن حاصل ڪرڻ جي خواهش جو اظهار ڪيو.

حقيقت ۾ اها ڪانفرنس ٿي پاڪستان جي قيام جو بنياد بڻي ۽ بيگم نصرت هارون انهيءَ ڪانفرنس ۾ آيل مهمانن جي مهماني ڪري، پاڻ کي صحيح معنيٰ ۾ "پاڪستان جي ميزبان" ٿيڻ جو مرتبو ڏنو.

انهيءَ ڪانفرنس ڪان پوءِ سنڌ ۾ مسلم ليگ جا پير پختا ٿيا. هڪ سال جي مختصر عرصي ۾ خانبهادر الله بخش سومري جهڙي بهادر سياستدان کي اقتدار جي ڪرسي خالي ڪرڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو. مسجد منزل گاهه جي تحريڪ هلي. سنڌ ۾ چئن سون ڪان مٿي مسلم ليگ، جون شاخون ڪليون.

جيئن حاجي سر عبدالله هارون کي سنڌ ۾ مسلم ليگ جي قيادت ڏني وئي، تيئن وري سندس ونيءَ کي سنڌ مان "آل انڊيا مسلم ليگ وومين سب ڪاميٽي" جي ميمبر طور ڪنيو ويو. هڪ سال ڪان پوءِ بيگم صاحبه ان سب ڪاميٽيءَ جي صدر نامزد ٿي. هنن ئي ڏينهن ۾ هن جي نالي پٽيان دهلي ۾ قائم ٿيل "نصرت ڪلب" مسلم ليگي سياست جو گهوارو بڻجي ويو.

بيگم صاحبه پنهنجي ور سان ڪلهوڪلهي ۾ ملائي لاهور واري تاريخي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. ان ڪان پوءِ گهر ڏٺيءَ سان آل انڊيا مسلم ليگ جي آخري سالياني اجلاس، مدراس ۾ شرڪت ڪيائين، تنهن ڪان پوءِ ستت ئي سندس خاوند، خدا جي سڏ تي لبيڪ چئي هن ڪان جدا ٿي ويو.

ساڻيءَ بنان بہ سرواڻ:

اهو قدرت جو فيصلو هو ته بيگم نصرت هارون ڪان سنڌس ور ڪسيو وڃي، جيئن هوءَ ثابت ڪري ڏيکاري ته ساڻيءَ بنان بہ سرواڻ ٿي سگهي ٿي. بيگم صاحبه هن حادثي کي مقدر جو فيصلو سمجهي قبول ڪيو ۽ پنهنجي ور جي رهيل خواهر اڏورن منصوبن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اڳي ڪان اڳري ٿي ڪم ڪرڻ لڳي. سندس ور ۱۹۴۲ع ۾ وفات ڪئي، مگر هن عظيم عورت ۱۹۴۳ع ۾ وري "آل انڊيا

مسلم ليگ" جي ساليانی اجلاس جي ميزباني ڪئي، ليڪن انهيءَ جلسي ۾ سندس ور نه پر فرزند يوسف هارون آڌرڀاءُ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن بڻيو.

ڪراچيءَ ۾ مسلم ليگ جا ڪل ٽي تاريخي اجلاس ٿيا، جن مان ٻن جي ميزباني هارون خاندان، يا ائين کڻي چئجي ته نصرت هارون ڪئي. سڀ کان پهريون تاريخي اجلاس ١٩٠٧ع ۾ ٿيو، جيڪو آل انڊيا مسلم ليگ جو پهريون ساليانو اجلاس هو. ٻيو ١٩٣٨ع ۾ ٿيو، جيڪو هو ته "سنڌ پراونشل مسلم ليگ" جو اجلاس، مگر ان جا هندستان جي تاريخ تي دور رس اثرت مرتب ٿيا. ٽيون اجلاس ڊسمبر ١٩٤٣ع وارو هو، جيڪو آل انڊيا مسلم ليگ جو آخري ساليانو اجلاس ٿيو. هن اجلاس جي ڪاميابيءَ جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو، ته رڳو ان ۾ عورتن جو تعداد ئي پنج هزار هو. انهيءَ اجلاس جي موقعي تي وري جڏهن مرڪزي عورتن جي سب ڪاميٽيءَ جي عهديدارن جي چونڊ ڪئي وئي ته بيگم نصرت هارون کي هن دفعي به ان جو صدر چونڊيو ويو.

هن وقت حاجي عبدالله هارون ساڻس گڏ نه هو، مگر بيگم هارون پنهنجي مرحوم ور جي سمورين خواهشن جو اهڙو ته احترام ڪيو، جو مسلم ليگ جي مردن واري گروهه جي قيادت، جتي قائداعظم محمد علي جناح ڪري رهيو هو، اتي عورتن جي اڳواڻي وري بيگم هارون ڪري رهي هئي.

بيگم هارون پنهنجي ور جي جدائيءَ واري داغ کي قومي خدمت واري پاڻيءَ سان ڌوئڻ جي ڪوشش ڪئي. هن پاڻ کي ايترو ته مصروف رکيو، جو سنڌ ۽ هند جي چپي چپي کي اٿلائي ڏنائين. هوءَ مختلف هنڌن تي جلسن کي خطاب ڪندي رهي ۽ عورتن جون سب ڪاميٽيون قائم ڪندي وئي. جيئن ته نالو ئي سندس هو نصرت، ان ڪري فتح ۽ ڪامرانيءَ هرهنڌ سندس سلامي ڀري. اخبار "خيبر ميل" پشاور جو پرچو مورخه ٣- نومبر ١٩٤٥ع، اڄ به انهيءَ جي شاهدي ڏئي ٿو. اخبار جي رپورٽ مطابق ٢٠- آڪٽوبر تي بيگم صاحبه نوشهره ۽ مردان جي جن جلسن کي خطاب ڪيو، ٻنهي شهرن جي تاريخ ۾ پهريون دفعو عورتن انهن جلسن ۾ شرڪت ڪئي. شرڪت به اهڙي ڪئي، جو سندن تعداد چئن هزارن کان ڪڏهن به گهٽ ڪونه هو. سال ١٩٤٦ع جو ڪجهه حصو بيگم صاحبه سنڌ ۾ گذاريو ۽ اتي جي عورتن کي مسلم ليگ جو پيغام پهچايو. وقت تيزيءَ سان گذرندو رهيو، تان جو ١٤- آگسٽ ١٩٤٧ع جو سج سندس خواهشن جو تعبير کڻي آيو.

ميزباني اڃا هلي پئي:

شايد ئي ڪنهن کي وهم گمان هو ته جڏهن هندستان جو ورهاڱو ٿيندو، تڏهن آباديءَ جي به مٽاسٽا ٿيندي ۽ لکين مظلوم، ڏتڙيل ۽ لٽيل پناهگير پنهنجي جان بچائڻ ۽ سر لڪائڻ لاءِ سنڌ جو رخ ڪندا.

بيگم نصرت هارون انهيءَ نازڪ وقت تي بہ پاڪستان خواهہ پناهگيرن جي مدد ڪئي. هن نہ رڳو سرحدن ۽ سرحدن کان پار لڏي ايندڙ قافلن کي ويلي ويلي تي ماني پهچائي، مگر پنهنجي گهر سي فيلڊ کي، جتي هندستان جون نامور هستيون مهمان ٿي رهيون هيون، تنهن کي ايندڙ قافلن لاءِ پناهہ گناهہ بڻائي ڇڏيو. هن پنهنجي گهر اهي ڏينهن چلهہ جي باهہ کي وسائڻ ئي نہ ڏنو. ڪينٽينيون قائم ڪيون، ڪپڙن جا انبار لڳايا ۽ پئسن جي ٽجوڙين جا منهن کولي ڇڏيا، نہ رڳو ايترو پر پاڻ پنهنجي سر، سهيليون ساڻ ڪري، پنهنجي ڌيئرن نياڻين کي والنٽير بڻائي ڏتڙجي آيل دکي انسانن جا دک درد دور ڪندي رهي، بنهہ ائين جيئن ڪا ماءُ پنهنجي اولاد جا سور سهي. ڀلا بيگم مرحومہ ائين ڪري بہ ڇو نہ، جڏهن تہ سندس ور جي اها خواهش هئي تہ پاڪستان جڙي، ۽ جڏهن سندس دلي تمنا هئي تہ مسلمان هڪ الڳ وطن جا ڌڻي ٿين. ڀل تہ ٻيا اهي دعوائون ڪن تہ پاڪستان هنن جوڙيو، مگر تاريخ جا ورق پاڻهي اها شاهدي ڏيندا تہ پاڪستان جو ميزبان رڳو هارون خاندان ئي آهي. ٻين نوابن، رئيسن، راجائن ۽ مهاراجائن ويهي تماشو ڏٺو، مگر هن خاندان پاڪستان لاءِ گهر ٻاري ڏياري ڪيو.

ملڪ کي بدنظر:

هارون خاندان ۽ انهن جهڙن ٻين ڪيترن بي لوث انسان نيڪ نيتي تي ٻڌل ڪوشش ڪئي. هنن اهو محسوس ڪيو تہ جيڪڏهن انگريزن جي حاڪميت قبول ڪرڻ لائق نہ آهي تہ پوءِ هندن جي ڀائپي بہ شايد ئي برداشت ڪري سگهجي، ان ڪري انهن الڳ وطن جي ڳالهہ ڪئي. هارون خاندان کي تہ انهيءَ خواهش جي تڪميل لاءِ گهڻين ڳالهين تان هٿ کڻڻو پيو هو. حاجي سر عبدالله هارون تہ انهيءَ خطي جو رهواسي هو، جنهن جي تهذيب ۽ تمدن صدين کان وٺي عظيم ۽ قديم ڄاتي ويندي هئي. هن پنهنجي ساٿين سان گڏجي پنهنجي صدين جي تهذيب، تمدن ۽ خود قوميت تان ان ڪري هٿ کنيو تہ جيئن ڀلي ننڍي کنڊ جا مسلمان گڏجي گذارين ۽ ڏک سک ۾ هڪٻئي جا ڀاڱي ڀائيوار ٿي سگهن، مگر پاڪستان جڙيوئي مس تہ ان کي بدنظر کائي ويئي. باني باغي بنجي ويا، جن ماءُ وانگر پنهنجي راتين جون ننڊون ڦٽائي ١٤- آگسٽ جي ڏينهن ڏسڻ جي تمنا کي دل ۾ سانڍي رکيو، تن جي اکين تي پٽين رکڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ سندن منهن تي هٿ رکڻ جا سعيا ڪيا ويا. اهي ڏينهن بيگم نصرت هارون تي بہ آيا. مرحوم حاتم علوي، بيگم صاحبہ جي اهڙن ڏينهن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ:

"In the time of her glory and also when the stars did not shine upon the seafield House, she remained a steadfast tower of faith and strength".

اها انهن ئي ڏينهن جي ڳالهه آهي، ملڪ ۾ پهريون دفعو مارشل لا لاڳو ڪيو ويو ۽ پنهنجي اقتدار خواهه اختيار جي بيساکي ڏيکارڻ لاءِ مرحوم صدر محمدايوب بيگم صاحبه کي پاڻ وٽ گهرايو، ۽ کيس چوڻ لڳو ته، ٻڌو اٿم ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اوهان جي دولت ۾ اضافو اچي ويو آهي.

اهو ٻڌندي ئي بيگم نصرت هارون اٿي بيٺي ۽ کيس وراڻيائين ته اسين پاڪستان کان اڳ به لکپتي هئاسين ۽ هاڻي به لکپتي آهيون. توکي جيڪڏهن ڪا ڪارروائي ڪرڻي آهي ته ڀل ڪر، مون کي گهرائي ٻڌائڻ جو ڪهڙو ضرور آهي. بيگم صاحبه اهو چئي ٻاهر نڪري هلي آئي.

بيگم نصرت هارون، جنهن پنهنجي ڦوهه جوانيءَ جا ڀريا اڻويهه سال تحريڪ آزادي ۾ گذاريا ۽ نوَ سال تحريڪ پاڪستان ۾ ڪم ڪري پنهنجي جواني کي نماشام تائين پهچايو. قدرت وري کيس ستاويهه سال پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ مشاهدي لاءِ مهيا ڪري ڏنا، ته ڀل مرحومه پنهنجي اکين سان ڏسي سگهي ته جنهن امانت جي ميزباني هن ڪئي هئي، جا امانت هن پنهنجي هٿن سان قوم جي حوالي ڪئي آهي، قوم ان جو ڪيترو قدر ڪري ٿي. سندس نصيب ۾ اهو به لکيل هو ته هوءَ اوڀر پاڪستان کي ”بنگلا ديش“ جو روپ وٺندي ڏسي.

انهن ستاويهه سالن ۾ هيءَ سڀاجهي عورت پوءِ به ورچي ڪانه ويٺي. سندس ڪوششن سان ”اپوا“ جو قيام عمل ۾ آيو. هن جي ڪاوشن ”گل رعنا نصرت ڪلب ۽ انڊسٽريل هوم“ کي روح ڦوڪيو. ڪشمير جي جنگ کان وٺي ١٩٦٥ع جي جنگ تائين، هن مرحومه هر موڙ تي جنگ جي محاذ تائين پنهنجي ملڪ جي مدد ڪئي. مختلف يتيمخانن، تعليمي ادارن، سماجي تنظيمن ۽ مذهبي جماعتن جي مالي امداد ڪيائين. نيٺ اها عظيم عورت، جيڪا پنهنجي ذات ۾ انجمن هئي ۽ تحريڪ آزاديءَ جي تاريخ جي انجمن جي شمع هئي، سا ١٩٧٤ع ۾ هميشه هميشه لاءِ وسامي ويئي، ليڪن سندس ڪارناما امر خوشبوءِ بڻجي صدين تائين پاڪستاني قوم کي هڳاءُ بخشيندا رهندا.

Gul Hayat Institute

سر غلام حسين هدايت الله

جي . ايم . سيد

ابتدائي زندگي. سر غلام حسين جو والد چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪشمير مان لڏي اچي شڪارپور ۾ ويٺو هو، جتي پوءِ مسلمان ٿيو، ۽ مڪاني پٺاڻن مان شادي ڪيائين. سندس نالو ميان هدايت الله هو. ڪيس ان شاديءَ مان ٻہ فرزند (۱) حبيب الله، ۽ (۲) ميان غلام حسين، ۽ هڪ نياڻي هئي. هن اها نياڻي پٺاڻن ۾ ڏني. سندس گهرواريءَ جو نالو حور بيبي هو. ميان غلام حسين جنوري ۱۸۷۸ع ۾ شڪارپور شهر ۾ جائو هو.

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ ننڍي هوندي، والد جي وفاتيءَ بعد، هي روزگار جي گهٽتائيءَ ڪري، رات جو ميونسپل بتين تي اسڪول جا سبق ياد ڪندو هو. ابتدائي تعليم مڪاني مدرسن ۾ وٺي، پوءِ شڪارپور هاءِ اسڪول ۾ تعليم ورتائين. چوڻ ۾ اچي ٿو تہ مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسي مان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ ويٺو، جتان بي. اي. جو امتحان پاس ڪري، وڪالت جي سند گورنمينٽ لا اسڪول بمبئيءَ مان وٺي، ۱۹۰۵ع ڌاري اچي حيدرآباد ۾ وڪالت ڪرڻ لڳو. ٿوري ئي عرصي ۾، پوءِ هو حيدرآباد ميونسپالٽيءَ جو ميمبر چونڊيو ۽ اڳتي هلي ميونسپالٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ ٿيو. نومبر ۱۹۰۹ع ۾ ضلعي لوڪلبورڊ حيدرآباد جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو.

سياسي زندگي. هن جي سرگرم سياسي زندگي بمبئي ليجسليٽو ڪائونسل تي، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جي تڪ مان، نومبر ۱۹۱۲ع ۾ چونڊجڻ کان پوءِ شروع ٿئي ٿي، جنهن تي سنڌ جي بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ کان ٿورو اڳ تائين ميمبر رهندو آيو. نون سڌارن ملڻ بعد، ۱۹۲۱ع ۾، هي بمبئي حڪومت ۾ لوڪل سيلف گورنمينٽ کاتي جي چارج ۾ وزير مقرر ٿيو. انهيءَ وقت هن لوڪل سيلف گورنمينٽ ايڪٽ، بمبئي کي درست ڪري، پاس ڪرايو، جنهن ۾ ڪيترائي نسوان سڌارا آندائين. خصوصاً سنڌ ۾ آدمشماريءَ جي لحاظ سان مسلمانن کي لوڪلبورڊ ۾ نمائندگي وڌي ڏنائين. ۱۹۲۳ع جي چونڊن ۾، وري هي حيدرآباد ضلعي مان ميمبر چونڊيو، ۽ لاڪيتو وزير رهندو آيو. ۱۹۲۷ع ڌاري پي. ڊبليو. ڊي منسٽر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

خانبهادريءَ جو خطاب کيس اڳي ئي ڪجهه وقت کان مليل هو. هاڻ ١٩٢٦ع ۾ برٽش سرڪار طرفان کيس ”سر“ (KC) جو خطاب مليو.

١٩٢٨ع ۾ کيس بمبئي سرڪار ۾ اضافو ڏيئي، ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو ميمبر ڪري رکيو ويو. انهن ڏينهن ۾، حڪومت جو سرشتو ڊائرڪي طريقي جو هو، جنهن ۾ ڪي کاتا ڪائونسل جي چونڊيل ميمبرن کي ڏنا ويندا هئا، جن کي وزير سڏيو ويندو هو، ۽ مکيه کاتا تجربيڪار سرڪاري آفيسرن يا تجربيڪار پراڻن وزيرن کي پروموشن ڏيئي ڏنا ويندا هئا. انهن کي ”ايگزيڪيوٽو ميمبر“ سڏيو ويندو هو.

١٩٣٢ع ۾، سر غلام حسين هدايت الله، بمبئي سرڪار جي مشهور مالي ميمبر سر گووند راءِ پرڌان جي جاءِ تي مالي ميمبر جي ڪم جي چارج ورتي. ٻئي سال، ١٩٣٣ع ۾، هن کي برٽش سرڪار طرفان K C S.I. (نائيٽ ڪمانڊر اسٽار آف انڊيا) خطاب مليو. ١٩٣٣ع ڌاري، بمبئي گورنر جي موڪل تي وڃڻ ڪري، عارضي گورنر جي مقرري ٿيڻي هئي. هي سڀني ايگزيڪيوٽو ميمبرن ۾ سينئر ميمبر هو، ليڪن انگريزن هن جي حق کي ريٽي، سر ارنيسٽ هاٽسن، هوم ميمبر، کي گورنر مقرر ڪيو، جنهن تي سياسي حلقن ۾ حڪومت تي گهڻي نڪتچيني ٿي.

١٩٣٠ع ۾ گول ميز ڪانفرنس لنڊن ۾ ڪٺي ٿي، جنهن ۾ بمبئي سرڪار طرفان هي عيوضي ٿي شرڪت لاءِ ويو. اتي هن سنڌ جي جدائيءَ واريءَ ڪميٽيءَ ۾، بيمار هئڻ جي باوجود، پاڻ کڻائي، وڃي سنڌ جي جدائيءَ جي فائدي ۾ پرزور تقرير ڪئي هئي.

١٩٣٣ع ۾، کيس وڌيڪ هڪ سال لاءِ ايگزيڪيوٽو ميمبر جي عهدي تي رکيو ويو، ۽ جون ١٩٣٤ع ۾ انهيءَ ميمبريءَ تان رٽائر ٿيو.

١٩٣٤ع ۾، زميندارن طرفان سنڌ جو عيوضي ٿي، هو وائسراءِ جي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ چونڊجي ويو. ١٩٣٦ع ۾، جڏهن سنڌ جدا ٿي، ته هڪ سال لاءِ ائڊمنسٽريٽو ڪائونسل جو چيئرمن ٿي ڪم ڪيو.

١٩٣٧ع جي چونڊن ۾، هي مسلم پوليٽيڪل پارٽيءَ طرفان سنڌ اسيمبليءَ تي زميندارن طرفان چونڊجي آيو. اتحاد پارٽيءَ جي مکيه ليڊرن سر شاهنواز خان ڀٽي ۽ سر حاجي عبدالله هارون کي چونڊن ۾ شڪست ملڻ ڪري، گورنر سنڌ هن کي تجربيڪار سياستدان ۽ مدبر سمجهي، وزارت ڏاهڻ لاءِ گهرايو، جيتوڻيڪ هن جي پنهنجي پارٽيءَ جي طاقت فقط پنجن ميمبرن تائين محدود هئي. هن پوءِ ٿوري وقت ۾ ڪيترن گروپن کي ڏاهي، ميمبرن جي ميجارٽي پنهنجي طرف ڪري ڇڏي. ان سندس

پهرينءَ وزارت ۾ ميئر بنده علي خان ٽالپر ۽ مڪي گوبند رام وزير هئا. سندس پارليامينٽري سيڪريٽرين ۾ ديوان بهادر هيرانند ڪيمسنگ، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ سيد ميران محمد شاهه هئا. ان وقت ديوان بهادر پوڄسنگ سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو ويو. هندن کي اها هڪ اسپيڪر جي جاءِ ۽ پي هڪ جاءِ ڏيئي، راضي ڪيو هئائين.

ان پهرينءَ سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪانگريس ۽ اتحاد پارٽيءَ وارا مخالفت ۾ ويٺا، جن گڏجي ميٽنگون ڪري، عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪي هندو وزارت سان شريڪ ٿيا هئا، سي سيٽيا ۽ شاهوڪار شخصي اثرن ڪري چونڊجي آيل هئا. اهي سندن خلاف پروپئگنڊا کان ڊڄي ويا. ڪجهه وقت کان پوءِ مڪي گوبند رام ڪن خانگي سببن ڪري، وزارت تان استعفا ڏني، ان جي جاءِ لاءِ هندن مان ٻه اميدوار بيٺا: (۱) مسٽر نيچلداس وزيراڻي ۽ (۲) ڊاڪٽر هيمنداس. انهيءَ عرصي اندر سنڌ اسيمبليءَ اندر ٻه خانگي بل ــ هڪڙو "قانون انتقال ايراضي" ۽ ٻيو "قرضن جي معافيءَ جو بل" ــ مسٽر گزدر ۽ منهنجي طرفان پيش ٿي چڪا هئا. ان تي مسٽر نيچلداس وزيراڻيءَ سخت پروپئگنڊا ڪري، هندن کي ڊيڄاري، وٽن پاڻ کي مقبول بڻايو. هندو انڊيپينڊنٽ پارٽي (جا وزارت سان شريڪ هئي) جي خواهش هئي ته مسٽر نيچلداس کي وزير ڪري رکيو وڃي. وزارت سان شريڪ مسلمان ميمبر ۽ مسلمان ڪاموراً مسٽر نيچلداس جي تقريرن ۽ تحريرن ڪري، سندس مخالف ٿي پيا هئا، تن سر صاحب تي زور وڌو ته ڊاڪٽر هيمنداس کي وزارت ۾ ڪنيو وڃي، جو ماڻيٽي سياڻ جو ماڻهو شمار ڪيو ويو ٿي. سر صاحب مسلمان ميمبرن جي رضامندي خاطر ڊاڪٽر هيمنداس کي وزير ڪري رکيو. هندو انڊيپينڊنٽ پارٽيءَ جو چوڻ هو ته هندن جو وزير سندن مرضيءَ مطابق ڪٽڻ گهربو هو. سر صاحب جو چوڻ هو ته وزارت ۾ گڏيل جوابداري هٽڻ ڪري، هن کي اهڙو ماڻهو ڪٽڻو هو، جو ليڊر سان هم راءِ ٿي ڪم ڪري سگهي: هندن کي هڪ عيوضي ڏيڻو هو، باقي اهو کهڙو هجي سو اختيار وزيراعظم جو هو ته هو ڪنهن کي پسند ڪري ٿو. ان تي ڪيترا هندو ميمبر وزارت کان ناراض ٿي پيا. مخالفت جو هيءَ رخ ڏسي، سر صاحب اتحاد پارٽيءَ سان ڪوئليشن ڪئي، جن عهدي وٽن کان سواءِ، پروگرام جي بنياد تي، سندس وزارت جي مدد قبول ڪئي. ٽنهي گروپن جي گڏيل هڪ ورڪنگ ڪميٽي ٺهي، جا وقت بوقت مڪيه ڳالهين تي وزارت کي مشورو ڏيندي هئي.

انهيءَ وقت ڏاري ديوان بهادر پوڄسنگ، اسپيڪر سنڌ اسيمبليءَ جو ديهانت ٿيو. هندن جي راءِ هئي ته اها جاءِ وري کين ملي. مسلمانن جو خيال هو ته هندن سان اڳئين دفعي بيجا رعايت ٿيل هئي، ازانسواءِ هن وقت انهن جو گهٽو تعداد مخالفت ۾ ويڙهل هو، ۽ منجهائن صرف ٻه-ٽي وزارت سان شريڪ هئا، تنهنڪري اسپيڪريءَ

جي جاءِ تي مسلمان رکيو وڃي. انهيءَ زوربار سبب سر صاحب آخر سيد مهران محمد شاهه کي اسپيڪر چونڊايو، جنهن تي هندن کي ويتر ڪانئس ناراضگي پيدا ٿي.

اڳتي هلي، سر غلام حسين جي وزارت کي ٻن ڳالهين جو مقابلو ڪرڻو پيو. هڪ ته مسلمان نوجوان گروهه جي راءِ هئي ته ترت کي سنڌ جي پلي جا بل پاس کيا وڃن ۽ سڏارا آندا وڃن. سرڪاري عملو، انگريزي دور جي رفتار تي هريل هئڻ ڪري، گورنر سوڌو اهڙيءَ رفتار سان هلڻ جي خلاف هو. ٻيو ته وزارت جو سمورو بوجهه سر غلام حسين جي سر تي هو، ڇاڪاڻ ته سنڌس وزارت ۾ ميير بنده علي خان ۽ ڊاڪٽر هيمنداس، باوجود طبيعت ۾ شريف هڻڻ جي، انتظامي نقطه نگاهه کان بيڪار هئا. انهيءَ ڳالهه کي منهن ڏيڻ لاءِ تقاضا ٿي ته وزيرن جو تعداد وڌايو وڃي، ۽ هڪ اتحاد پارٽيءَ طرفان خانبهادر الهه بخش، ٻيو خانبهادر کهڙو ۽ هڪ هندو وزير ڪنيا وڃن، پر ڪيترن سببن ڪري اڻين نه ٿي سگهيو. ناراضگي ۽ غلطفهمي وڌي ويئي. جملي هندو ميمبرن ۽ اتحاد پارٽيءَ گڏجي اوچتو، بجيٽ وقت هڪ رٽي ڪٽ جي رٿ تي، مارچ سن ۱۹۳۸ع ۾، وزارت کي شڪست ڏني. مخالف پارٽيءَ وارا ساڻس وزارتن وڌائڻ واري تجويز تي شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار هئا، پر گورنر وزارتن وڌائڻ تي راضي نه ٿيو، ۽ الهه بخش وزارت وجود ۾ آڻي. سر غلام حسين پنهنجن پوئلڳن سان وڃي مخالفت ۾ ويٺو.

ان وقت اتحاد پارٽيءَ سان صرف ست مسلمان ميمبر شريڪ هئا، پيا ساڻن سڀ هندو ميمبر هئا. سر صاحب کي توقع هئي ته باقي مسلمان ميمبر ساڻس مدد ۾ رهندا ايندا، ليڪن ٽوري وقت کان پوءِ گهٽا سڀ مسلمان ميمبر وڃي وزارت ڏر سان شريڪ ٿيا. سنڌ جي وڏيري ڪلاس لاءِ، جهڙو اڄ تهڙو ان زماني ۾ ب، ناممڪن هو ته هو حڪومت جي مخالفت ڪري سگهن. سر غلام حسين ساري زندگي پارليامينٽري سياستدان ٿي رهيو هو. نئين طرز جي پارٽي پروپيگنڊا وغيره سان مانوس نه هو. سنڌس ايام سياست ۾ شخصي لاڳاپن، حڪومت جي اثر، عهدن جي سودي بازيءَ تي گروهن جي جوڙجڪ جو گهٽو مدار رهندو هو. هندو فرقيوار بنياد تي متحد ٿي ويا ٿي. هن جي خيال موجب مسلمان به انهيءَ طرح متحد ٿي ويندا، پر سنڌس اهو اندازو غلط ثابت ٿيو. هندن ۾ سياسي شعور هو، تنهن ڪري هو فرقيوار پروپيگنڊا کان ڊڄي، هڪ ٿي ويا ٿي. مسلمان ميمبرن جي اڪثريت خود غرض ۽ بزدل هئي. مسلم عوام ۾ سياسي بيداري نه هئي، ان ڪري مسلم ميمبرن کي جيڪي وٽيو ٿي، سو ڪيائون ٿي. هنن کان حساب وٺڻ وارو ڪونه هو. چنانچه، ڪجهه وقت مخالفت ۾ رهڻ بعد، هي شڪستم دل ٿي پيو.

سکهوئي پوءِ خود اتحاد پارٽيءَ ۾، ڏلن جي سوال سان اختلاف پيدا ٿيڻ ڪري، اسان جو گروهه، ان پارٽيءَ کي چڏي، مخالفت ۾ وڃي ويٺو. جناح صاحب جي

صدارت هيٺ صوبہ سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس ڪئي ٿي. ساري هندستان جا مسلمان ليڈر اچي سنڌ ۾ ڪٺا ٿيا، انهن جي موجودگيءَ ۾ سڀني مسلمان ميمبرن مسلم ليگ ۾ داخل ٿيڻ جو وعدو ڪيو. انڊيا مسلمان ميمبرن مسلم ليگ جي اقرارنامي تي، جناح صاحب جي موجودگيءَ ۾، صحيح ڪئي. جڏهين ليڈر چونڊجي لاءِ ڪٺا ٿيا، خانبهادر الهہ بخش چيو تہ ڪيس سر سڪندر حيات وانگر پنجاب ۾، مولوي فضل‌الحق وانگر بنگال ۾، هتي سنڌ ۾ وزير اعظم ڪري رکيو وڃي، جا ڪالهہ جناح صاحب ۽ سر غلام حسين جي گروهہ قبول نہ ڪئي، تڏهن الهہ بخش ان صورتحال تي ڌاهہ نہ ڪيو. ان تي مون کي چيو ويو تہ الهہ بخش وزارت خلاف بي اعتباريءَ جو ٺهراءُ پيش ڪريان. گورنر جي موڪل تي وڃي ڪري اجلاس ۾ ٽي مهينا ڪنو ٽي نہ سگهيو. سنڌ جي مسلمان ميمبرن مان، جن جناح صاحب جي روبرو وعدو ڪيو هو، گهٽا ڦري ويا. هن منزل تي سر صاحب، پرئڪٽيڪل پاليٽيشن ٿيڻ ۾ سلامتي ڄاڻي، الهہ بخش سان صلح ڪري، وڃي سندس وزارت ۾ شرڪت ڪئي. سندس چوڻ هو تہ سنڌي مسلمان ميمبرن کي اصولن جي ڪابہ پرواهہ نہ هئي، هو ڏينڊ جي پڪين وانگر هميشہ سڪ جا سانگي هٿ، هن مسلم نقطہ نگاهہ خاطر اڳي هڪڙو قدم ڪٽي ڏوکو ڪاڏو هو، مسلم عوام خواب غفلت ۾ ستل هو، سندن عيوضي خود غرض ۽ بي اصول هٿ، هن جي اها عمر نہ هئي تہ سياسي پارٽيون ڏاهي، ڏورانهن پروگرامن جي بنياد تي مسلم عوام کي منظم ڪري، تنهن ڪري هن لاءِ ۾ رستا ڪليل هٿا ــ يا تہ انهيءَ ماحول سان رڌائر ڪري وڃي، يا جڳ سان جڳ جهڙو ٿي هلي. سندس چوڻ موجب، انهن ڪالهين ۽ انهيءَ صورتحال ۾ هن ٻويون طريقو اختيار ڪرڻ پنهنجي لاءِ وڌيڪ ڪارآمد ۽ مناسب سمجهيو. الهہ بخش وزارت ۾ ڪيس لا ۽ آرڊر جو ڪاتو مليو.

ٿوري وقت بعد مسجد منزلگاهہ جي سوال تان هندو-مسلم فساد ٿي پيا. الهہ بخش وزارت کي شڪست آئي، ۽ مير بنده علي خان جي هٿ هيٺ وزارت ٺهي. انهيءَ عرصي ۾ سر صاحب وزارت کان ٻاهر رهيو. هي زمانہ ديد ۽ تجربيڪار سياستدان هو، هن کي خبر هئي تہ مسلم ليگ ۽ هندن جي گروهن جو هيءُ ٺهراءُ وقتي مصلحتن خاطر عارضي هو، ان ڪري ماڻ ۾ رهي، موقعي جي انتظار ۾ ويٺو رهيو.

مون کي پڻ اهي ڪالهيون سجهيون پئي، ان ڪري مون وزارت کان استعفا ڏيئي، الهہ بخش کي وزارت ۾ ان شرط سان آندو، تہ ٿوري وقت بعد وزارت ۾ سر غلام حسين کي ڪنيو ويندو، ۽ وزارت عظميٰ الهہ بخش يا سر غلام حسين مان هڪ کي پارٽيءَ جي فيصلي موجب ڏني ويندي، ليڪن ان فيصلي کي لوڪل مسلم ليگ ليڈرن ۽ مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ منظور نہ ڪيو، ۽ سن ۱۹۴۱ع جي مارچ ۾ مير بنده علي خان جي وزارت کي شڪست ملي، ۽ وري الهہ بخش وزارت

ٿهي، ۽ سر غلام حسين ان ۾ وزير مقرر ٿيو. مسلم ليگ مخالفت ۾ وڃي ويٺي. ٿوري وقت بعد، سن ۱۹۴۲ع ۾، ڪانگريس "ڪٽ انڊيا" تحريڪ هلائي. هي مهاڀاري لڙائيءَ جو زماڻو هو. ڪانگريس جا سڀئي ميمبر جيئن ۾ ويا. سڀني ڪانگريس وزارتن استعفائون ڏنيون. ڪانگريس ميمبرن جي خانبهادر الهه بخش کان تقاضا ٿي ته هو استعفا ڏئي. ان تي صلاح بيٺي ته پهرين هو لڪين کي ڏسو ڪري. جي سرڪار سندس وزارت کي ڊسمس ڪيو ته بهتر، نه ته پوءِ استعفا ڏئي. ڪن جو چوڻ آهي ته ان فيصلي تي اچڻ لاءِ سر غلام حسين سان مشورو نه ڪيو ويو هو، پر ڪن جو چوڻ آهي ته مشورو ڪيو هئائين، ۽ هن اهڙي قدم کڻڻ جي نتيجن کان آگاهه ڪندي، کيس منع ڪئي هئي. ڪيئن به هجي، پر اها حقيقت آهي، ته سر غلام حسين ان قدم کڻڻ لاءِ رضامند نه هو. نيٺ گورنر، الهه بخش جي وزارت کي، بادشاهه سان وفاداريءَ جي قسم جي پڇڙيءَ ڪري، ڊسمس ڪيو ۽ سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ لاءِ سڏايو. ان تي هن يڪدم هائو ڪري، مسلم ليگ سان گڏجي، خانبهادر کهڙي ۽ گرد سان وزارت ٺاهي، جنهن ۾ پوءِ ڪجهه ڦيريون گهيريون ٿيون، ليڪن پاڻ پاڪستان ٻڌڻ تائين سنڌ جو وزير اعظم هلندو آيو.

پاڪستان سن ۱۹۴۷ع ۾ وجود ۾ آيو. ان بعد سنڌ جو گورنر، سر مودي، پنجاب جو گورنر مقرر ٿيو، ۽ ان جي جاءِ تي سر صاحب سنڌ جو پهريون پاڪستاني گورنر مقرر ٿيو. سندس جاءِ تي خانبهادر کهڙو سنڌ جو وزير اعظم چونڊيو. هن وقت تائين خانبهادر کهڙو، سر غلام حسين جي دست راست پوئلڳن مان هو، پر سياست ۾ اقتدار لاءِ رسم ڪشي اهڙي بري بلا آهي، جو دوستن ۾ به اختلاف ٿيو پون. جناح صاحب ڪراچي سنڌ کان جدا ڪرڻ کهڙي، کهڙي صاحب انڪار ڪيو، جنهن تي هو ناراض ٿيو. سر غلام حسين کي هن وقت تائين وزارتن جو آزمودو هو. گورنر ٿيڻ بعد پتو پيو ته نئين سرشتي ڪري اختيارات سموراً وزير اعظم جي هٿ ۾ هئا. کهڙي صاحب کان پراڻي پوئلڳ هڻڻ جي حيثيت ۾ هن کي توقع هئي ته ساڳيءَ طرح هن جو لحاظ ۽ احترام رکندو ايندو. پر ائين نه ٿيو، ۽ ان ڪري هي به منجهائنس ناراض ٿيو. آخر کهڙي صاحب جي وزارت کي ڊسمس ڪيو ويو.

جناح صاحب ۱۱- سيپٽمبر ۱۹۴۸ع تي انتقال ڪيو. سر غلام حسين به اڳ ۾ ئي چاڪ هو. هن سگهوئي پوءِ، ۴- آڪٽوبر ۱۹۴۸ع تي وفات ڪئي. کيس ڪراچيءَ جي پراڻي عيدگاهه ۾ دفن ڪيو ويو.

سر صاحب به شاديون ڪيون هيون، کيس پهرين بيبيءَ مان هڪ نياڻي ٿي. سندس هي بيبي موجوده بيگم صغرا هدايت الله آهي، ان مان کيس چار فرزند ٿيا: (۱) انور حسين، (۲) منور حسين، (۳) الطاف حسين ۽ (۴) ممتاز حسين. سندس پهئي نمبر فرزند لاهور ميل جي حرن هٿان ڪرڻ واري حادثي ۾ انتقال ڪيو، ٻيا پٽ حيات آهن.

سر غلام حسين سياستدان ۽ مدبر. سياستدان ۾ قسمن جا آهن: هڪڙا عوامي تحريڪن ۽ جماعتن ۾ حصو ونڊڙ ۽ پيا پارليامينٽري سياستدان. سنڌي مسلمانن ۾ پهرئين گروهه جي سياستدانن ۾ مرحوم غلام محمد خان ڀرگڙي، مرحوم حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي وغيره شمار ڪري سگهجن ٿا. ٻئي گروهه جي سياستدانن ۾ سر غلام حسين هدايت‌الله، سر شاهنواز خان پٺو، مرحوم الهه بخش خان ۽ خانبهادر کهڙو شمار ٿي سگهن ٿا.

سر غلام حسين هدايت‌الله انهيءَ ٻئي گروهه ۾ سڀ کان پهريون ممتاز سياستدان ۽ مدبر ٿي گذريو آهي. ابتدا ۾ هي شخصي لاڳاپي ۽ اثر ڪري بمبئي ڪائونسل ۾ چونڊجي ويو. محبت، لاڳاپي ۽ هوشياريءَ سان وزارت، ايگزيڪيوٽو ميمبريءَ ۽ گورنريءَ جي درجن تي پهتو. سندس سياسي مسلڪ کي پهرئين گروهه جي قومي ڪارڪنن سان مشابهه ڪرڻ يا ان جي اصولن مطابق ان جي پرک ڪرڻ غلط ٿيندو. انهن ٻنهي گروهن جا فلسفا ۽ زندگيءَ جا نظريا ٻئي علحده ٻئي رهيا آهن.

پهرئين گروهه وارن خدمت خلق لاءِ کي بنيادي اصول مقرر ڪري، انهيءَ مطابق، شخصي نفعي ۽ نتيجي جي پرواهه ڪرڻ بنان، ڪم ڪرڻ گهريو ٿي. ٻئي گروهه وارن جو چوڻ هو ته نظرياتي سياست ۽ عملي سياست ۾ وڏو تفاوت هو.

پهرئين گروهه وارا ڪارڪن اصولي طرح ڪٽي ڪيترا به لائق هجن، پر عملي طرح هنن جي سياست مان ڪو ترت نفعو يا نتيجو نڪتو، انڪري سياست عمليءَ جي تقاضا اها هئي ته اقتدار حاصل ڪجي، اقتدار کان سواءِ ڪوبه ڪم ٿي نٿي سگهيو. اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ وقتي مصلحتن، ضرورتن ۽ تقاضائن موجب مقرر معيارن يا اصولن کان منهن-سوڙ يا ڪمپرومائيز لازمي ٿيو پوي. انڪري ٻئي گروهه جي سياستدانن هر موقعي مان فائدي وٺڻ کي سياسي تدبير ۾ شمار ڪيو ٿي. موقعي کي هٿان وڃائڻ ڪم فهمي ۽ تدبر جي خلاف سمجهيائون ٿي.

مرحوم سر غلام حسين هدايت‌الله عملي سياست ۽ تدبر ۾ اول درجي جو ماهر ۽ استاد سياستدان ٿي گذريو آهي. سندس ڪامياب زندگيءَ ۾، بخت جي ياوري کان علاوه، سندس دانشمنديءَ ۽ تدبر کي وڏو دخل هو. هو پنهنجي وسيع تجربي مان هي معلوم ڪري ويو هو ته سنڌي عوام ۾ سياسي شعور پيدا نه ٿيو هو: اڃا گهڻي وقت تائين، مختلف سببن ڪري، ان جي پيدا ٿيڻ جو امڪان به نه هو. سنڌي مسلمانن ۾ ٽي گروهه طاقتور هئا: (۱) زميندار ۽ جاگيردار، (۲) پير، سيد ۽ ملا مولوي، ۽ (۳) ڪامورو.

انهن ٽنهي گروپن ۾ تنظيم يا اتحاد ڪونه هو. اهي ذاتي خودغرضين ۽ دشمنين ڪري هڪٻئي ۾ ورهائيا پيا هئا. سياسي جماعتن ۾ سندن داخلا شخصي سهوليتن، لڳ لاڳاپن ۽ ڪن ذاتي نفعن جي نقطه نگاهه کان ٿي ٿي. سنڌ جا اڪثر

مسلم ميمبر ڍنڍ جي پکين وانگر سک جا سانگي هئا. جيڪو طاقت ۾ هو ان جو سڀڪو سلامي ٿيو ٿي. طاقت کان ٻاهر نڪرڻ بعد اهي ساڳيا ماڻهو بدلجي ٿي ويا. سر صاحب دورانديش، انهن گروهن جو نبض شناس هو. تنهنڪري هن عملي سياست کي پنهنجو مسلڪ ڪري رهبر راهه بنايو. هن ان راهه ۾ پهرينءَ جذباتي غلطيءَ کان پوءِ ڪڏهن به ڌوڪو نه کاڌو، ڪنهن به موقعي کي هٿان نه وڃايو، انڪري آخر وقت تائين ڪاميابي سندس پير چمندي آئي.

سر صاحب شخصي طرح مهمان نواز، مهل تي ڪم ايندڙ، بدلو نه چُڪائيندڙ، سرنديءَ ٽري ويندڙ، شخصي دوستيءَ ۽ لڳ لاڳاپن جو قدر ڪندڙ، پڻ ڪامورڪي ڪلاس جو نبض شناس هو. انهيءَ ڪري هي هيٺان وٺي، مٿي چڙهي، اوج کان اوج تي پهچي، وڏيءَ خيرخوبيءَ سان گذر ڪري ويو.

سندس دور حياتيءَ ۾ منهنجو گهڻو وقت ساڻس اختلاف ۾ گذريو — جهڙيءَ طرح ان کان پوءِ جملي صاحب اقتدار سياستدانن سان منهنجا اڄ تائين اختلاف رهندا پئي آيا آهن. اهي اختلاف نظرياتي هئا، نه شخصي. هو پرئڪٽيڪل پاليٽيشن (عملي سياستدان) هو، آءٌ آئيڊيلسٽ هوس. هن جا پير زمين تي هئا، مون مٿي هوا ۾ اڏامڻ ٿي گهريو. هو صاحب عقل هو، آءٌ صاحب جنون هوس. هو حال تي حاوي هو، آءٌ آئيندي لاءِ حيران هوس. ظاهري طور هو ڪامياب هو، آءٌ ناڪامياب. سياسي دنيا ۾ ٻنهي ڳالهين جي ضرورت آهي. آئيڊيلسٽ نه هجي، ته آزاديءَ جا خواب، اقتصادي انقلاب ۽ روشن مستقبل جا امنگ ئي پيدا نه ٿين! پرئڪٽيڪل پاليٽيشن نه هجي، ته شايد حڪومت جو انتظام ۽ ملڪ جي سياست جو استحڪام ۽ ملڪي تعمير جا منصوبا بغير تعبير جي رهجي وڃن.

منهنجو مقصد سر صاحب جي سياسي زندگيءَ ۽ مسلڪ کي پنهنجي نقطه نگاهه ۽ معيارن تي پرکڻ جو نه آهي، پر غيرجانبدار سوانح نويس طور سندس زندگيءَ جو احوال لکڻ آهي. تنهنڪري هن ڳالهه کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ته سر صاحب سنڌ جي سياست عملي وارن سياستدانن ۾ چوٽيءَ جو ماڻهو هو. هن کي سنڌ جو ”گرانڊ اولڊ مئن“ (اعليٰ شان وارو بزرگ) سڏجي ته بيجا نه ٿيندو. هن جي دوست نوازي ضرب‌المثل هئي. جي ماڻهو سندس وڪالت جي وقت کان واقف يا لاڳاپي وارا هئا، انهن کي اوج تي رسڻ بعد به نه وساريائين. سندس دوست ۽ نيازمند، حيدرآباد جي مور حجام جو مثال اکين اڳيان آهي، جنهن سان سر صاحب پڇاڙيءَ تائين پيار ۽ شفقت جا لاڳاپا قائم رکيا. اڄڪلهه جي صاحب اقتدار ماڻهن جي اها حالت آهي ته جڏهن اوج ۾ اچن ته پراڻن ساٿين کي کيڪارين به ڪونه — غريب دوستن کي ملڻ ۾ حقارت پيئي ايندي اٿن. ان ڳالهه کان سر صاحب مستثنيٰ هو.

(”جنب گذاريم جن سين“ تان کنيل)

"چوڏهن ورهيه اسان کي بمبئيءَ ۾ رهڻو ٿيو. ان زماني ۾ اسان جا تعلقات مسلمان توڙي هندو اعليٰ خاندانن سان هئا، جيئن ته ليڈي علي شاهه آغا خان جي والده محترمه، ڪرنل جلال شاهه، روپچند بيلا رام ۽ پين هندن، عيسائين ۽ پارسي خاندانن سان نهايت گهاڻا تعلقات هئا. بمبئي شهر کان باهر پونا، ماٿيران ۽ مهابليشور جي مرهٽن ۽ گجراتي هندو ڪٽنبن سان دوستانه مراسم هئا.

"اسان جڏهن سنڌ ۾ موڻي آياسين ته مسلم ليگ وجود ۾ هئي. اهو اسان جي آزاديءَ جي هلچل جو هڪ عجيب زمانو هو! مرد، عورت، ٻڍو ۽ ٻار سڀني جي زبان تي هڪ ئي لفظ هو "پاڪستان".

"پنجاب ۾ خضر حيات خان جي وزارت جو زمانو هو. لاهور ۾ زالن جي مسلم ليگ جي شاخ ان هلچل کي زور وڌايو ۽ وڏن گهرن جون زالون نڪري ٻيون. مون کي قائداعظم جي حڪم تي ان هلچل ۾ سنڌي زالن پاران نمائندگي ڪرڻي پيئي.

"لاهور ۾ جن زالن اها تحريڪ پئي هلائي، انهن مان ڪن جا نالا مون کي ياد آهن، جيئن ته بيگم شاهنواز، سندس ڏيءَ مس ممتاز شاهنواز، مشهور پٽسم اخبار واري شيخ محبوب عالم جي ڏيءَ فاطمه بيگم ۽ سلميٰ بيگم تصدق حسين سان ٻيون به ڪيتريون ئي بيگمات هيون، جي روز جلوس ڪڍنديون رهنديون هيون ۽ عام جلسا مختلف شهرن جي حصن ۾ ڪنديون هيون. پنجاب جا مشهور مرد مسلم ليگ جا ليڈر جيلن ۾ بند هئا. هڪ ڏينهن زالن طئي ڪيو ته اڄ هلي پنجاب سيڪريٽريٽ جي مين بلڊنگ تي مسلم ليگ جو جهنڊو چاڙهيون. منهنجي سپرد جلوس جي اڳواڻي ڪئي ويئي ۽ مون جلوس جي قيادت ڪئي. آڻون برقعي ۾ هيس، باقي زالون بنا برقعي هيون. جلوس دوران پوليس جو سپرنٽينڈنٽ اڳتي وڌي آيو، ڇاڪاڻ ته بيگم صاحبه، اڳتي وڌي نٿا سگهو. مون هن کي چيو ته آڻون ڪراچيءَ کان آئي آهيان ۽ اڄ جهنڊو اسان ضرور سيڪريٽريٽ تي چاڙهينداسون. اهو ٻڌي سپ اٿي ڀڳا. هاڻي مسلم ليگي زالون سيڪريٽريٽ جي سامهون بيهي رهيون. گورنر موٽر ۾ چڙهي هليو ويو، باقي وڏا وڏا آفيسر آفيسن مان باهر نڪري آيا ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته ليڈي هدايت الله جلوس جي اڳواڻي ڪري آئي آهي. مون والنٽيئر چوڪرين کي چيو ته جهنڊو چاڙهيو. ايتري ۾ هڪ سي-آءِ-ڊي جو انسپيڪٽر مسلم ليگ والنٽيئر جي لباس ۾ آيو ۽ مون کي چوڻ لڳو: "بيگم صاحبه! شهر ۾ گوليان چل رهي هين اور کتنے بچے مارے گئے هين". مون هن کي ڪاوڙجي چيو ته تون وڃي آتي کين سنڀال. انهيءَ دوران جهنڊو پوري شان سان لهرائڻ لڳو ۽ پوليس جلوس تي آنسو گئس اڇلائي.

"شام جو سهگل فيملي منهنجي ڇانهه جي دعوت ڪئي ۽ طرح طرح جا افواهه پکڙجڻ لڳا ته ليڈي هدايت الله گرفتار ٿي ويئي. کو وري چوي ٿيو ته سندس گرفتاريءَ جا وارنٽ جاري ٿي چڪا آهن.

"ڪراچيءَ ۾ منهنجي گرفتاريءَ جي خبر وڃ وانگر پکڙجي وئي. منهنجي والده، سر صاحب ۽ ٻين عزيزن کي سڄي رات نند نه آئي.

"سر صاحب، خضر حيات خان کي فون تي چيائين ته تون مسلم ليگ سان فيصلو ڪر نه ته آءٌ مسلم ليگ سان ٺاهه ڪريان ٿو. ٻئي ڏينهن خضر حيات خان مسلم ليگ سان صلح ڪيو ۽ مسلم ليگي ليڈرن کي جيل مان رهائي ملي. ٽئين ڏينهن تي جڏهن ٺاهه جي خبر پئي ته سيئي زالون گول باغ ۾ گڏ ٿيون، مون کي ميون ۽ گلن جا هار پيش ڪيا ويا. زالن مون کي پنجابيءَ ۾ واڌايون ڏنيون ۽ چوڻ لڳيون: "خوش قدمان والي، صدقي جاوان، مبارڪ هووين".

"مسلم ليگ کي سنڌ مان خوب چندا وصول ٿيندا رهيا ۽ ڪارڪنن کي هر ڪا سهولت فراهم ٿيندي رهي. ۱۹۴۶ع واري اليڪشن ۾ سنڌ، مسلم ليگ جي هلچل جو مرڪز رهي، جو وڏا وڏا قومي ليڈر سڀ گهٽو ڪري ڪراچي، جيڪو گاديءَ جو هنڌ هو، آتي ئي گڏجاڻيون ڪندا هئا.

"ان وقت سنڌ جي تعاون کان سواءِ پاڪستان جي تحريڪ ڪامياب نه ٿئي ها، ايتري قدر جو جڏهن پاڪستان لاءِ گاديءَ جي هنڌ جو سوال اٿيو ته سنڌين وڏي فراخ دلي ڏيکاري ۽ پنهنجو وڏو اهم شهر ڪراچي پاڪستان جي پايه تخت لاءِ ڏنائون. پوري هندستان ۾ ان وقت ڪراچي نهايت صاف شهر ليکيو ويندو هو، جنهن کي هاڻي گندگيءَ جو نمونو چئجي ٿو، چاڪاڻ جو هن شهر ۾ هرطبقي جا ماڻهو هندستان مان پناهه وٺڻ لاءِ اچي ويا، جن مان گهڻن کي شهري زندگيءَ جي ڪابه خبر نه هئي. پنجابي، پشوري، افغاني، بنگالي ۽ بهاري، مطلب ته هندستانين کان علاوه سيني هنڌان عوام ڪراچي ۾ خاص طرح ڪٺو ٿيو آهي، جو اسان لوڪل ماڻهو اجنبيت محسوس ٿا ڪريون. ايتري آدم شماري ڪري عوام کي رهائش وغيره جا مسئلا درپيش آهن، رڳو پاڻي ۽ ان جي نڪاسي هڪ وڏو مسئلو آهي، جنهن جو حل ناممڪن پيو لڳي."

ليڈي هدايت الله پنهنجن پارن جي تعليم جي باري ۾ معلومات ڏيندي ٻڌايو ته "انهن ڏينهن ۾ انگريزي ٻوليءَ جو عروج هو. چئن پنجن ورهين کان پار انگريزي ٻولي پڙهڻ شروع ڪندا هئا ۽ آخر تائين انگريزي ذريعي تعليم رهي. انگريزن کان اڳ سرڪاري لکپڙه فارسي ۾ ٿيندي هئي. انگريزن جي راج ۾ سرڪاري لکپڙهه انگريزيءَ ۾ ٿيڻ لڳي، جا اڄا تائين جاري آهي، جو انگريزي ٻولي بين الاقوامي حيثيت اختيار ڪري چڪي آهي.

"آءٌ بورڊنگ هائوس ۾ پارن کي رکڻ جي مخالف هيس، پر تنهن هوندي به مرحوم سر صاحب وڏي پٽ انور کي ديرادون ۾ ڪرنل براؤن جي ڪيمبرج

اسکول ۾ تعليم لاءِ موڪليو هو، اهو اسکول انگريزي تعليم لاءِ پوري هندستان ۾ مشهور هو. ان اسکول ۾ فقط نوابن، راجائن ۽ امير ماڻهن جي ٻارن کي کنيو ويندو هو. اهڙيءَ ريت انور جي تعليم ٿي. باقي ٻيءَ ٻارن جي تعليم لاءِ اسان گريجوئيٽ شاگردن کي پاڻ وٽ رکندا هئاسين، جيڪي ٻارن کي تعليم ۾ مدد ڪندا هئا، ٻارن جي تعليم بہ ٿيندي هئي ۽ غريب شاگردن جي مالي امداد پڻ. اسان جو اهو طبقو غلاميءَ جي دور ۾ بہ حڪومت کان مراعات حاصل ڪندو رهيو!

ليڈي هدايت الله اڄا بہ پنهنجن دوستن جي ميلادن ۽ محفلن ۽ شادي مرادين ۾ ڪراچيءَ ۾ ملندي رهندي آهي. سندس گفتگو جو لهجو دل کي وٺندڙ هوندو آهي. حافظو چگو روشن اٿس. گڏجندي آهي تہ سڀني جو نالو وٺي خيروعافيت معلوم ڪندي آهي. سندس گهر وڃبو آهي تہ هڪ بہ سهيليون ڪچهري ڪيو ويٺيون هونديون اٿس. منجهس خوش طبعي ۽ ظرافت بہ چگي اٿس، جنهن ڪري ماڻهو وٽس ويهڻ پسند ڪندا آهن.

Gul Hayat Institute

محمد ايوب کهڙو

انيس انصاري

سنڌ سونهاري جي سومان وڌائڻ لاءِ جن مٽيادار مڙسن من، تن، ڌن جي بازي لڳائي، تن مان خانبهادر محمد ايوب کهڙو پڻ هڪ آهي. هي صاحب ٻاروتڻ کان ٻڍاپڻ تائين سنڌ ۽ سنڌواسين جي خدمت ڪندو رهيو. انسان خطا ۽ نسيان جو پتلو آهي. ڪڏهن ڪڏهن سندس ڪيل فيصلا سندس اميدن ۽ خواهشن جي الٽ هاڃيڪار ثابت پئي ٿيا آهن، پر جي ڪو ڀليو ڀاڻ ايندو آهي ته ان کي ڀليو ڪين سمجهيو ويندو آهي.

محترم محمد ايوب کهڙو لاڙڪاڻي جي مردم خيز مٽيءَ جي پيداوار آهي. سندس والد ميان شاهه محمد کهڙو سادگي پسند سچو انسان هو. ڪنهن کي خواب خيال ۾ به ڪونه هو ته عاقل جهڙي ننڍي ڳوٺ جو هي ننڍو رهواسي، محمد ايوب، هڪ ڏينهن سنڌ جي سياست کان سواءِ عالمي سياست ۾ به ناماچار حاصل ڪندو. کهڙو صاحب گهڻ پهلو شخصيت هو. مٿس لکڻ لاءِ دفتر درڪار آهن، مختصراً سندس ڪن پهلوئن جو وستار ڪريان ٿو.

مسلمانن جو خيرخواهه:

١٨٥٧ع جي جنگ آزاديءَ ۾ هندستانين (موجوده هند ۽ پاڪستان) جي ناڪامي بعد انگريزن جي سوچ ڌارا ان طرف مڙي ته آئينده جيڪڏهن کين ڪو خطرو ٿي سگهي ٿو ته مسلمانن مان، ان ڪري انهن هڪ طرف مسلمانن کي معاشي ۽ معاشرتي طرح تباهه ڪرڻ لاءِ قدم کنيا ته ٻئي طرف هندن کي سندن مخالفت ۾ تيار پئي ڪيو. مسلمانن جي تعليمي ادارن کي تباهه ڪيو ويو ۽ سندن عالمن تي بهتان ڌري کين موت ۽ ڪاري پاڻيءَ جون سزائون ڏنيون ويون. مسلمانن کي سرڪاري عهدن کان وانجهو رکي هندن کي اتي مقرر ڪيو ويو. مسلمانن جي مذهبي عقيدن جو اثر زائل ڪرڻ لاءِ جهاد جي مخالفت ۾ فتوائون حاصل ڪيون ويون. سندن ئي ايماء تي هڪ اهڙي مذهب جو بنياد پيو، جنهن جهاد کي حرام قرار ڏنو! هڪ طرف مسلمانن جي صفن ۾ رخنو وجهڻ لاءِ فرقيواريت کي هوا ڏني وئي ته ٻئي طرف پادرين جي فوج ۽ آريه سماج کي ڇوٽ ڇڏيو ويو ته هو

مسلمانن جي دل آزاري ڪن، نہ رڳو ايترو، پر مخالفن مسلمانن سان زور آزمائي لاءِ آکاڙا پڻ قائم ڪيا.

هندستان گير هن تحريڪ جي لپيٽ ۾ سنڌ پڻ اچي ويئي. اهو صوفين جو ملڪ، جتي صلح ڪل جو سبق سيکاريو ويندو هو، ان مرض ۾ مبتلا ٿي ويو. هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ويڇا ويا وڌندا. سنڌ کي بمبئيءَ سان گڏي جا پريزيڊنسي بنائي ويئي هئي، تنهن ۾ مسلمانن سان گڏ هندن جا حق به پائمال ٿيا. ان ڪري هندن ۽ مسلمانن گڏجي سنڌ کي جدا ڪرڻ جي تحريڪ هلائي. پر جڏهن دلين ۾ پيائي آئي تہ هندو سنڌ جي جدا ٿيڻ جي مخالفت ڪرڻ لڳا ۽ مسلمانن کي معاشي، معاشرتي ۽ ذهني طرح تباهہ ڪرڻ سان گڏ سائمن زورآزمائي پڻ ڪرڻ لڳا. هندن وٽ پٽ هئي، پئسو هو، ۽ پروپيگنڊا هئي، تنهي ڪالهين سان هٿن خوب فائدو ورتو.

لاڙڪاڻي ۾ به ان قسم جون زيادتيون مسلمانن سان ٿيڻ لڳيون. کهڙو صاحب ٿي هڪ اهڙي شخصيت هئي، جا پنهنجي ذاتي، علمي، اثر ۽ رسوخ کان ڪم وٺي مسلمانن جو بچاءَ ڪري رهي هئي. هو هندن جي اکين جو ڪنڊو هو.

۱۹۲۷ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ هندو مسلم فساد پيدا ٿيو. کهڙي صاحب تي الزام هنيو ويو تہ هو پهراڙيءَ جا مسلمان پنهنجي بنگلي تي رهائي، کين مانيون کارائي، هندن سان وڙهڻ لاءِ موڪلي رهيو هو. هندن کهڙي صاحب کي آزارڻ لاءِ ويهن ڏنهن جا ويهہ زور استعمال ڪيا. ان وقت جي حالت محترم علي محمد راشدي هنن اکرن ۾ چٽي آهي: "ٻيا مقامي مسلمان ليڈر ۽ ميمبر هندن جي خوف وچان گهرن ۾ لڪي ٻيا هئا... هندن جي پيدا ڪيل هيبت جي هيءَ ڪيفيت هئي جو ڪنهن به مهانڊي مسلمان کي همت ڪانہ ٿي ٿيي، تہ هو گهر کان ٻاهر نڪري، مسلمانن طرفان ڪا پيروي ڪري سگهي. مسلمان ليڈر تہ ڇڏيو، پر مسلمان وڪيل به لڪي ٻيا هئا، هو ڪنهن آفت زده مسلمان اصيل کي قانوني صلاح ڏيڻ لاءِ به تيار ڪونہ هئا."

لاڙڪاڻي جي فساد جي ڪيس مان ۱۹۲۸ع ڌاري مسلمان باعزت آزاد مس ٿيا تہ سکر ۾ هندن اڳواڻ رٽيل منصوبي هيٺ باهہ ڀڙڪائي. اها آگ ٻہ-ٽي سال جدا جدا هنڌن تي ڀڙڪندي رهي. کهڙو صاحب اتي به پهچي ٻيو ۽ سکر ضلعي جي مسلمانن جي هڪ ڪاميٽي بنائي، جنهن جو ڪم هو مسلمانن کي هندن جي زيادتين کان بچائڻ لاءِ قانوني مدد ڏيڻ. هندن جي پروپيگنڊا مشينري کي منهن ڏيڻ لاءِ سکر ۾ "سنڌ زميندار" اخبار جو اجراءَ ٿيو، جنهن لاءِ کهڙي صاحب ڏهہ هزار رپيا ڏنا.

هاڻي مسلمانن محسوس ڪيو تہ بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ هندن جي اڪثريت هئڻ ڪري مسلمانن جو آواز ئي ڪونہ آهي، ان ڪري انهن سنڌ کي، جنهن ۾ مسلمانن جي اڪثريت هئي، جدا صوبي بنائڻ جي ڪوشش ڪئي.

سنڌ جي بمبئيءَ کان جدا ٿيڻ لاءِ پهريائين پهريائين سيٺ هرچنداڻي وشنداس ۱۹۱۳ع ۾ انڊين نيشنل ڪانگريس جي سالياني بيٺڪ ڪراچي ۾ پنهنجو خيال آڇيان واري ايڊريس ۾ پيش ڪيو. پين هندن به ان ڏس ۾ قدم وڌايو، پر جيئن جيئن هندن ۾ آريه سماج ۽ هندو مهاسڀا نفرتن جو بج پوکيو، ان معاملي کي مسلمانن ٿي اڳتي وڌايو. مسلمانن مان پهريائين پهريائين محترم شيخ عبدالمجيد سنڌي سنڌ جي جدا ٿيڻ لاءِ الوحيد ۾ مضمون لکيا، سال ۱۹۲۴ع ۾. اهوئي سال هو جو ٿيويهن ورهين جي نندي عمر ۾ کهڙو صاحب بمبئي علاقي جي ليجسليٽو ڪائونسل جو سنڌ طرفان ميمبر منتخب ٿي مسلمانن جي حقن لاءِ لڙيو.

۱۹۳۰ع ۾ پروفيسر حشمت راءِ چبلاڻيءَ سنڌ جي جدا ٿيڻ خلاف هڪ ڪتاب لکيا، جنهن جي جواب ۾ کهڙي صاحب پڻ ڪتاب ۽ پمفليٽ لکيا. ان سلسلي ۾ کهڙي صاحب "Suffering of Sind" نالي ساڳي سال (۱۹۳۰ع) هڪ ڪتاب لکيو، جنهن ۾ پروفيسر چبلاڻيءَ جي ڪتاب جو جواب هو. ان ڪتاب ۾ تاريخ جي حوالن سان کهڙي صاحب ثابت ڪيو ته سنڌ، جنهن جون اصلي حدون ايران کان ڪشمير تائين ڦهليل هيون، شروع کان وٺي جدا تهذيب ۽ زبان جو حامل رهيو آهي. سندس تهذيب، تمدن، حڪومت ۽ زبان پنهنجي پاڙيسري ملڪن کان جدا هئي. انگن اکرن ڏيئ سان کهڙي صاحب سنڌ جي جدا ٿيڻ ۽ خود ڪفيل ٿيڻ جي وڪالت ڪئي هئي. چبلاڻي جي ڪتابن جي جواب ۾ حاجي عبدالله هارون جي هڪ پمفليٽ جو ذڪر مولانا محمد عرفان ڪيو هو، جنهن جو نالو هو "سنڌ جو جدا ٿيڻ".

کهڙي صاحب کان سواءِ سنڌ جي جدا ٿيڻ جي تحريڪ ۾ شيخ غلام حسين هدايت الله، حاجي عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، جي. ايم. سيد، سيد ميران محمد شاهه، ميان الله بخش سومري، پير علي محمد راشدي ۽ ٻين مسلمانن پرپور حصو ورتو.

سال ۱۹۳۲ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ علامه عبدالله يوسف علي (مفسر قرآن) جي صدارت هيٺ سنڌ آزاد ڪانفرنس ٿي، جنهن جي ورڪنگ ڪاميٽي جو نائب صدر کهڙو صاحب هو. ساڳي طرح ۱۹۳۴ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنڌ آزاد ڪانفرنس محترم شيخ غلام حسين هدايت الله جي صدارت هيٺ ٿي، ان جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو صدر کهڙو صاحب مقرر ٿيو.

ان دوران ۱۹۲۹ع ۾ سائمن ڪميشن، ۱۹۳۱ع ۾ مائيلس ارونگ ڪاميٽي، ۱۹۳۲ع ۾ برين ڪانفرنس ۽ کهڙي صاحب پنهنجو وارو چگو وڃايو ۽ سنڌ جي جدا ٿيڻ لاءِ مدلل ۽ موثر بيان ڏنا.

پهرين اپريل ۱۹۳۶ع تي سنڌ بمبئي پرڳڻي کان جدا ٿي، سنڌ صوبو بڻي.

سنڌ ته جدا ٿي، پر هندن جي منورتيءَ ۾ ڦيرو ڪونه آيو. مسلمانن کي آزارڻ جا نت نوان طريقا ايجاد ڪرڻ لڳا. مسلمانن ان کي منهن ڏيڻ لاءِ مسلمانن جي جماعت "مسلم ليگ" ۾ شامل ٿيڻ جو خيال ڪيو.

هندن سکر ۾ هڪ مسجد تي اعتراض ڪيو تہ اها مسلمانن کي نہ ڏني وڃي. مسجد مغليہ زماني جي هئي ۽ مسجد منزل گاهہ جي نالي سان مشهور هئي. مسلمانن هزارن جي تعداد ۾ مظاهرا ڪيا ۽ جيلن ۾ ويا. ۱۹۳۹-۴۰ع ۾ سکر ۾ منزل گاهہ جي تحريڪ هلائڻ لاءِ مسلم ليگ جي طرفان هڪ ڪاميٽي ٺاهي وئي، جنهن جو چيئرمن کهڙو صاحب هو. پير علي محمد راشدي صاحب لکي ٿو:

"هندن ۽ سرڪار ياران جيڪا پيڙا مسلمانن تي آئي، تنهن مان ڪين ڇڏائڻ لاءِ بيحد جانفشاني سان ڪم ڪيائين. جيڪڏهن کهڙو نہ هجي ها تہ خبر نہ آهي مسلمانن جو کهڙو حال ٿئي ها."

کهڙي صاحب جي مسلمان دوستيءَ مان اهو اثر نہ ورتو وڃي تہ کو هو هندو دشمن هو. هن جيڪي ڪجهہ ڪيو، سو هندن جي زيادتين جي جواب ۾. تاريخ ۶ جنوري ۱۹۴۸ع تي جا ڪراچيءَ ۾ پاهران آيلن، هندن جي قرلت ۽ خونريزي ڪئي، تنهن تي کهڙي صاحب وڏي دليريءَ سان قبضو ڪري ورتو ۽ هندن کي تحفظ ڏنو. ان وقت کهڙو صاحب سنڌ جو وزير اعظم هو.

غريبن جو هڏوڪي:

باوجود وڏيرڪي پار هئڻ جي، کهڙي صاحب وٽ نہ رکو غريبن جي عام رسائي هئي، پر هو سندن ڪم ۾ دليون جانيون، هڙون وڙون مدد ڪندو هو. لاڙڪاڻي جي ڪچهريون جو بيان ڪندي، سيد حسام‌الدين راشدي لکي ٿو، "...ٽين مجلس لڳندي هئي کهڙي صاحب جي ٽئين ٽهيل ۾ ماڙ بنگلي تي. پهريون هيٺين طبقي جي وراندي ۾ ۽ پوءِ جيئن اقبال بلند ٿيندو ويو، تيئن مجلس متي وڃي ٿي. ملڻ جلڻ ۽ اچڻ وڃڻ وارن ۾ طبقاتي فرق ڪڏهن ڪونہ ٿيو. جنهن همت سان وڏيرو ايندو هو، انهيءَ جرأت سان غريب ۽ اڇي پنهنجو ڪم ڪيي ويندو هو. هرڪو ڏکيو ۽ آزاريو، منجهل ۽ موڙهو وٽس وقت سر پهچي سگهندو هو. ڪليڪٽر، ڊپٽي خواه ايس پي ٽائين هرڪنهن کي سفارشي خط ڏيندو هو، يا پاڻ هلي وڃي ڪم لهرائي ڏيندو هو. کهڙو نوجوان هو، مسلمانن ۾ مقبول هو، قومي ڪمن ۾ رات ڏينهن مشغول رهندو هو، تنهنڪري مسلمان ڪامورن ۾ سندس ميتا ۽ عزت هوندي هئي. گهٽو ڪري سندس خط يا سفارش کو موٽائيندو ڪونہ هو..."

محترم کهڙي جي پاڙي ۾ رهندي مون هن عظيم شخص کي چگيءَ طرح ڏٺو. هو هٽ قاڙ نہ هو، پر سندس ميون ايتريون بہ بند نہ هيون، جو ضرورت وقت ۽ ضرورتمند لاءِ نہ کلن. مون سان گڏ جان محمد قريشي نالي چوکرو پڙهندو هو. سندس والد ولي محمد، کهڙي صاحب جي لاڙڪاڻي واري بنگلي تي ڪاڻ جو ڪم ڪندو هو. هو جوانيءَ ۾ مري ويو. سندس بوڑهي والده پنهنجن يتيم پوٽن

جان محمد ۽ خان محمد جي پڑهائي ۽ پي خرچ جي پورائيءَ لاءِ اکثر پئي کهڙي صاحب وٽ ايندي هئي. پهريائين ايندي هئي اسان جي گهر، ٽڪ لاهي ويندي هئي کهڙي صاحب جي بنگلي تي. موٽندي اسان وٽان ٽيندي ويندي هئي. سندس کهڙي صاحب کي دعائن ڏيڻ مان اندازو لڳاپو ويندو هو ته هوءَ خوش ٿي موٽي هئي.

سال ۵۸-۱۹۵۹ع ڏاري ڪڻڪ جي تنگيءَ جي زماني ۾ کهڙي صاحب پنهنجي گدامن جا منهن کولائي ڇڏيا هئا ۽ سندس بنگلي تي، مناسب قيمت تي، هرڪنهن کي ڪڻڪ ملي پئي سگهي. هيءَ اهو وقت هو، جڏهن ماڻهن ڪاري بازار ۾ لکين روپيا ڪمايا!

وڏي پايي جو سياستدان:

محترم محمد ايوب کهڙو وڏي پايي جو سياستدان پڻ هو، جيتوڻيڪ وقتاً فوقتاً هو پنهنجن ۽ پراون جي حسد جو شڪار ٿيندو رهيو. مٿس فوجداري ڪيس هلايا ويا، پرودا ۽ ايبڊو ۾ ڪيس اڙايو ويو، پر تنهن هوندي به قابل سياستدان وانگر ور ور ڪري سياست جي افق تي پئي اپريو ۽ چمڪيو.

سندس سياست وارو باب نهايت وڏو آهي. مختصر طور ان جو بيان هيٺ ڏيان ٿو:

جهڙيءَ طرح اڳ عرض ڪري چڪو آهيان ته سن ۱۹۲۴ع ۾ کهڙو صاحب ٽيويهن ورهين ۾ بمبئي علائقي جي ليجسليٽو ڪائونسل جو سنڌ طرفان ميمبر منتخب ٿيو. سنڌ جي علحدگيءَ بعد سر لانسيلاٽ گرهام سنڌ جو پهريون گورنر مقرر ٿيو، جنهن صوبي جي انتظام هلائڻ لاءِ هڪ صلاحڪار ڪائونسل بڻائي. کهڙو صاحب ان ڪائونسل جو اپريل ۱۹۳۶ع کان مارچ ۱۹۳۷ع تائين ميمبر رهيو. ۱۹۳۷ع ۾ سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي عام انتخابن ۾ لاڙڪاڻي شهر ۽ تعلقي جي ٽڪ مان ڪثرت راءِ سان اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو. ۲۷- اپريل ۱۹۳۷ع تي سنڌ اسيمبلي وجود ۾ آئي. ان وقت شيخ غلام حسين صاحب وڏو وزير هو. اها وزارت سال ۱۹۳۸ع ۾ ڏهي پئي ۽ ميان الله بخش سومري ۲۴- مارچ ۱۹۳۸ع تي وزارت ٺاهي. کهڙو صاحب ان وقت مخالف ڌر جو اڳواڻ هو. کهڙو صاحب ۱۸- مارچ ۱۹۴۰ع ۾ سنڌ جي پي. ڊبليو. ڊي جو وزير ۽ آڪٽوبر ۱۹۴۲ع کان سيپٽمبر ۱۹۴۴ع تائين رويينيو جو وزير ٿي رهيو. فيبروري ۱۹۴۶ع کان جولاءِ ۱۹۴۷ع تائين ڊيوٽي وزير اعظم ٿي رهيو. پاڪستان ٿيڻ بعد آگسٽ ۱۹۴۷ع کان ۲۶- اپريل ۱۹۴۸ع تائين سنڌ صوبي جو وزير اعظم رهيو. کهڙو صاحب ۲۵- مارچ ۱۹۵۱ کان پهر وزير اعظم مقرر ٿيو. ستت ئي سنڌ وزارت ڌاهي گورنر راج قائم ڪيو ويو. ۱۹۵۴ع ۾ کهڙو صاحب ٽيون پيرو سنڌ جو وزير اعلىٰ ٿيو. هيءَ اهو ساڪيو سال آهي، جنهن ۾

ون يونٽ قائم ٿيو، جو ۱۹۷۰ع تائين هليو. ۱۹۵۶ع کان ۱۹۵۸ع تائين هو مخالف پنڇڻ تي ويٺو. سال ۱۹۵۸ع ۾ هو صاحب ملڪ جو وزير دفاع بڻايو ويو. ان ئي سال ايوب خان، جو ڪمانڊر ان چيف هو، تنهن اقتدار تي قبضو ڪيو ۽ مارشل لا لڳايو. ۱۹۷۵ع جي عام چونڊن ۾ کهڙي صاحب لاڙڪاڻي مان چونڊ لڑي، پر ڪامياب نه ٿي سگهيو. بعد ۾ کهڙي صاحب سياست کان لاڳيتو پاسو ڪيو.

مسٽر محمد هاشم گذدر، ميمبر پاڪستان دستور ساز اسيمبلي. کهڙي صاحب لاءِ ۱۷- آگسٽ ۱۹۴۹ع تي سنڌ صوبائي مسلم ليگ ڪائونسل جي اڃان ڇيو، "انتظامي قابليت ۾ کهڙي صاحب جي مقابلي جو ڪوبه شخص پاڪستان ۾ موجود ڪونه آهي."

کهڙو صاحب ۽ مسلم ليگ:

سنڌ جي ڪافي مڪيه ماڻهن سال ۱۹۳۸ع ۾ مسلم ليگ ۾ شموليت اختيار ڪئي، کهڙو صاحب پڻ انهن مان هڪ هو. کهڙو صاحب پنهنجي پارٽي ڏانهن هميشه سچو رهيو. مارچ ۱۹۳۹ع ۾ سکر جي مسجد منزل گاهه جي تڪرار جي سلسلي ۾ ڪيترائي مسلم ليگي ميمبر گرفتار ٿيا، کهڙي صاحب کي به سندس گوٺ ۾ نظربند ڪيو ويو.

تاريخ ۱۴- مئي ۱۹۴۳ع تي الله بخش سومري صاحب کي شڪارپور ۾ دڳ ويندي ناحق قتل ڪيو ويو هو. ان قتل ۾ حرن ۽ مسلم ليگين جو هٿ سمجهيو پئي ويو. ان وقت مسلم ليگين جو مڪيه ليڈر کهڙو صاحب هو. کيس ۲۶- سيپٽمبر ۱۹۴۴ع تي گرفتار ڪيو ويو. هو صاحب ٻين مسلمانن سان گڏ ۳- آگسٽ ۱۹۴۵ع تي کيس مان باعزت آزاد ڪيو ويو. ان کيس هلندي، سنڌ جي ڪنڊڪڙ ۾ کهڙي صاحب جي آزاديءَ لاءِ دعائون پئي گهريون ويون ۽ لک پئي ڪڍيا ويا. فتوي ملڻ بعد ماڻهن هڪ ٻئي کي مبارڪون پئي ڏنيون، ڏيگيون لاٽيون ۽ مٺايون ورهايون.

محمد ايوب کهڙو صاحب سال ۱۹۴۲ع، ۱۹۴۳ع، ۱۹۴۹ ۽ ۱۹۵۰ع ۾ صوبي جي مسلم ليگ جو صدر رهيو.

قائداعظم جي فيصلي جو احترام ڪندي سنڌ مان سر غلام حسين ۽ خانبهادر کهڙي پنهن جا لقب واپس ڪيا.

۱۹۳۸ع ۾ قائداعظم جي مسلم ليگ جي اجلاس ۾ فيصلي مطابق سنڌ اسيمبلي ۾ مسلم ليگ پارٽي قائم ڪئي، پر اقتدار جي هوس ۾ مسلم ليگين جي اڪثريت وڃي محترم الله بخش سومري جي پارٽيءَ ۾ شرڪت ڪئي. محترم جي. الانا پنهنجي ڪتاب "قائداعظم جناح" ۾ لکيو آهي:

"Out of the twenty Seven M.L.A's that had Signed the League pledge, twenty deserted it and joined Allah Bux's Party, only seven members remained loyal to the league; K.B. Khuhro, Shaikh Abdul Majid Sindhi, G.M. Syed, Mrs J.G. Allana and Syed Khair Shah were amongst the seven that kept the Muslim League party flag flying."

محترم محمد ايوب کهڙو انهن ستن مان هڪ هو، جي پارٽيءَ ڏانهن سچا رهيا. ڪراچيءَ کي سنڌ کان جدا ڪرڻ جي مخالفت ۽ هن وزارت چڏي، پر مسلم ليگ نہ چڏي.

ون يونٽ:

هي هڪ جذباتي مسئلو آهي، جنهن تي قلم کڻڻ کان کيهايان ڇڻو. مون پنهنجي مضمون جي شروع ۾ لکيو آهي تہ انسان ذات خطا جو پتلو آهي، کانئس کي غلطيون ٻہ سرزد ٿي سگهن ٿيون، پر ڏسبو آهي نيتن کي ۽ نيتن جو ڄاڻو الله آهي. پر ظاهراً جيڪي نظر اچي ٿو، تنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ اوپر پاڪستان، ٻين صوبن ۽ ننڍين رياستن جي مڃڻ بعد ئي "سنڌ" ان ڪٽ کي ڪچيءَ ۾ پاتو. پير علي محمد راشديءَ انهن الفاظن ميمبرن جا نالا پنهنجي ڪتاب "آهي ڏينهن آهي شينهن" حصي ٽئين ۾ ڏنا آهن، جن سنڌ اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ جي فائدي ۾ ووٽ ڏنو ۽ آنهن چئن جا نالا ٻہ ڏنا آهن، جن مخالفت ۾ ووٽ ڏنو. ون يونٽ جي سلسلي ۾ انهن شرطن جو ذڪر ٻہ ڪيو ويو آهي، جن شرطن تي ون يونٽ ٺهڻ قبوليو ويو هو. اهي شرط مٿئين ڪتاب جي صفحي ۴۰۹ ۽ ۴۱۰ تي ۽ جناب جي. ايم. سيد ڏانهن لکيل "خط ۽ مضمون" ڪتاب جي صفحن ۱۳۱ ۽ ۱۳۲ تي ڏنل آهن.

مان هن تڪليف ڏيندڙ موضوع کي جناب جي. ايم. سيد جي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" جلد ٻيو جي هيٺين اکرن سان ختم ڪريان ٿو: "ماڻهوءَ جي وڏي خوبي اها آهي جو گناهہ جي احساس ٿيڻ کان پوءِ ان جي سدباب لاءِ ڪوشش ڪري، هن ائين ڪيو. مسلم ليگ کان ون يونٽ رد ڪرائڻ لاءِ قبوليت وڃائي ڏيڻ ۾ هن جو هٿ هو. ريپبليڪن پارٽي مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ اهو ٺهراءُ ٻي پاس ڪرڻ نہ قبولي ها، جي مسلم ليگ وارا ان لاءِ تيار نہ ٿين ها. مسلم ليگ پارٽيءَ کي غيرجانبدار رکڻ، پاڻ ۽ سندس سنگتين جو ٺهراءُ جي فائدي ۾ ووٹ ڪرڻ، اهي ڳالهيون سندس پختاءَ ۽ اخلاقي جرات جو ثبوت آهن."

شخصيت:

محترم محمد ايوب کهڙو ان زماني ۾، جنهن ۾ سنڌ جا اڪثر زميندار پنهنجي شاهہ خرچي ۽ اسراف ڪري قرضن ۾ هڪيا پئي، پنهنجي سنجم ڪري، ان مرض کان

بچيل هو، ان ڪري کهڙي صاحب نه رڳو پنهنجي ملڪيت وڌائي، پر لاڙڪاڻي ۾ هڪ عاليشان بنگلو به تيار ڪرايو. منهن جي خيال ۾ شهر جو هي پهريون ماڻهو هو، جنهن وٽ پنهنجي ڪار هئي.

کهڙو صاحب انتهائي دلير، سچار، حيادار ۽ حوصله مند انسان هو. مٿس سرديون ۽ گرميون به گهڻيون ئي آيون. ڪيسن ۾ اڙايو ويو، سزائون آيون، پروڊا ۽ ايبڊو ۾ اڙايو ويو، پر تنهن هوندي به سندس ڳاٽ هميشه اوچو رهيو.

کهڙي صاحب ٢٠- آڪٽوبر ١٩٨٠ع تي هي فاني جهان ڇڏيو.

ماخذ

١. جنب گذاريم جن سين — جناب جي. ايم. سيد
٢. هو ڏوٿي هو ڏينهن — سيد حسام الدين راشدي
٣. اهي ڏينهن اهي شينهن — پير علي محمد راشدي
٤. الوحيد سنڌ آزاد نمبر
٥. جي جوت جلائي ويا — جناب منصور سارنگ ۽ ٻيا
٦. خط ۽ مضمون — پير علي محمد شاهه جا محترم جي. ايم. سيد ڏانهن
٧. محمد ايوب کهڙو (اردو آرٽيڪل جنگ ۾ شايع ٿيل) — محترمه حميده کهڙو
8 Quaid-e-Azam Muhammed Ali Jinnah — G. Allana
9. Sufferings of Sind — M. A. Khuhro

Gul Hasan Institute

سر شاهنواز ڀٽو

جي. ايم. سيد

هي خاندان اصل ۾ پنجاب جي طرف کان لڏي اچي سنڌ ۾ ويٺو هو. سنڌ ۾ اول سندن پڙڏاڏو ميان محمد خان آيل هو. هڪ روايت موجب هي اصل ۾ جيسلمير جي راجپوت گهراڻي ڀٽي خاندان جي شاخ هئا. سندن خاندان جو مفصل ذڪر سردار واحد بخش خان ڀٽي جي حياتيءَ جي احوال ۾ آيل آهي.

سر شاهنواز خان جي ڏاڏي جو نالو خدا بخش خان هو، جنهن پنهنجي نالي "ڳڙهي خدا بخش خان" ڳوٺ، رتيديري تعلقي ۾ ٻڌايو هو.

سر شاهنواز خان، ان جي فرزند، غلام مرتضيٰ خان جو پهريون نمبر پٽ هو ۽ ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش خان ۾ ٢- مارچ ١٨٨٨ع تي ڄائو هو. ٿوري ابتدائي تعليم ڳوٺ ۾ وٺي، پوءِ انگريزي تعليم لاءِ سنڌ مدرسي ۽ سينٽ پيٽرڪ اسڪول ڪراچيءَ ۾ پڙهڻ لاءِ ويو. سندس ڏاڏي ١٨٩٦ع ۾ وفات ڪئي. ان کان پوءِ سگهوئي سندس والد غلام مرتضيٰ خان به جوانيءَ ۾ ٣١ سالن جي عمر ۾، ١٨٩٩ع ڌاري وفات ڪري ويو، انڪري وڌيڪ پڙهڻ ڇڏي، هو ملڪيت جي سنڀال لاءِ واپس ڳوٺ آيو. کين لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ زمين هئي.

هن ٢٢ سالن جي عمر ۾ ملڪي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. اهو سن ١٩١٠ع جو زمانو هو. پهرين هو ضلعي لوڪلبورڊ لاڙڪاڻي جو ميمبر ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. انهن ڏينهن ۾ لوڪلبورڊ جا پريزيڊنٽ ڪليڪٽر هوندا هئا. انهيءَ زماني کان وٺي هن حڪومت جي آفيسرن سان سٺا لاڳاپا رکڻ شروع ڪيا. ان کان سواءِ پنهنجي زمين به سڌاريائين. لاڙڪاڻي ۾ بنگلا ڀٽو ڪالونيءَ ۾ ٺهرايائين، جن مان ڪيترن بنگلن ۾ سرڪاري عملدار مسواڙ تي رهندا هئا. هي لاڙڪاڻي طرف پهريون ئي زميندار هو، جنهن جديد طرز تي رهڻي ڪهڻي اختيار ڪئي. عام زميندارن وانگر سارو وقت ڪچهرين يا شڪارن ۾ ڪونه گذاريندو هو. هن جا هر ڳالهه لاءِ وقت مقرر هوندا هئا. ماڻهو وٽس اطلاع سان ايندا هئا. عملدارن سان سٺن تعلقات هئڻ ڪري، کيس سن ١٩١٩ع ۾ او. بي. او جو خطاب مليو. پوءِ سن ١٩٢١ع ۾ "خانبهادر" ٿيو. سن ١٩٢٤ع ۾ کيس "قيصر هند" جو خطاب عطا ٿيو. سن ١٩٢٥ع

۽ کيس سي. آءِ. اي جو لقب مليو. آخر ۽ ۱- جنوري ۱۹۳۰ع تي کيس "سر" (K.C.) جو خطاب مليو.

هي ۱۹۱۹ع ۽ منٽو مارلي رفارمس هيٺ هڪ سال لاءِ زميندارن ۽ جاگيردارن طرفان امپريل کائونسل دهليءَ ۽ چونڊجي ويو، جتي ۱۹۲۰ع تائين هو. ۱۹۲۰ع ۽ ضلعي لوڪلبورڊ لاڙڪاڻي جو پريزيڊنٽ چونڊجي ويو، جنهن عهدي تي هو مسلسل ۱۹۳۳ع تائين چونڊيو آيو. مانٽيگو چيمسفورڊ رفارمس بعد، ۱۹۲۱ع جي شروعات ۽ هيءَ لاڙڪاڻي ضلعي مان بمبئي کائونسل تي چونڊجي ويو، جنهن تي ۱۹۳۶ع ۽ سنڌ جي جدا ٿيڻ تائين رهندو آيو. سن ۱۹۲۵ع ۽ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ چونڊيو، ۽ ان جماعت تي، انهيءَ حيثيت سان، ۱۹۳۳ع ۽ بمبئي سرڪار ۽ لوڪل سيلف گورنمينٽ جي وزير ٿيڻ تائين رهندو آيو. سنڌ مان بمبئي کائونسل جي مسلمان ميمبرن جو ۱۹۲۰ع کان وٺي هو ليڊر چونڊيو ويو، جنهن عهدي تي هو سنڌ جدا ٿيڻ تائين رهيو.

هن ڪوآپريٽو تحريڪ جي زور وٺائڻ لاءِ خانبهادر عظيم خان سان گڏجي گهڻي ڪوشش ورتي. گهڻي وقت تائين هو لاڙڪاڻي ڊسٽرڪٽ ڪوآپريٽو بئنڪ جو چيئرمن چونڊيو آيو. سرڪار طرفان هن کي ۱۹۲۰ع ۽ فرسٽ ڪلاس آنريري اسپيشل ماجسٽريٽ مقرر ڪيو ويو، جنهن جاءِ تي هو ۱۹۳۰ع تائين ڪم ڪندو آيو.

بمبئي علائقي طرفان سائمن ڪميشن جي مدد ڪرڻ لاءِ، جا ڪميٽي مقرر ٿي هئي، ان جو هن کي چيئرمن مقرر ڪيو ويو. ان ۽ سنڌ جي جدائيءَ واري سوال تي ووٽ نه ڪرڻ تي، سنڌ ۽ گهٽو چوپول پيدا ٿيو. عام راءِ جو احترام ڪندي، هن پوءِ سگهوئي پنهنجو رخ بدلايو، ۽ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن طرفان ٺهراءُ پاس ڪرائي سنڌ جي جدائيءَ لاءِ طلب ڪرايائين. نومبر ۱۹۳۰ع ۽ لنڊن ۽ ڪوٺايل گول ميز ڪانفرنس تي هن کي سرڪار طرفان سنڌ جو نمائندو مقرر ڪيو ويو. اتي سنڌ جي سوال تي غور ڪرڻ لاءِ برطانيه سرڪار طرفان لارڊ رسل جي چيئرمنيءَ هيٺ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي ويئي هئي، جنهن تي سنڌ مان سر غلام حسين هدايت الله ۽ سر شاهنواز خان پٽو ميمبر هئا. ان ڪميٽيءَ ۽ هن سنڌ جي جدائيءَ لاءِ پرزور تقرير ڪئي. تڏهوڪي بمبئيءَ جي گورنر جي هڪ تقرير مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ سکر بئراج اسڪيم کي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل دهلي کان منظور ڪرائڻ ۽ به، سر شاهنواز خان جو وڏو هٿ هو. ۱۹۳۲ع ۽ سنڌ جي جدائيءَ لاءِ حيدرآباد ۽ علامہ عبدالله يوسف عليءَ جي صدارت هيٺ "سنڌ آزاد ڪانفرنس" ڪئي ٿي، هيءَ ان جي استقباليه ڪميٽيءَ جو چيئرمن هو. اتي "سنڌ آزاد ڪانفرنس" نالي سان قائم ڪيل جماعت جو هن کي صدر چونڊيو ويو، جنهن جو ميران محمد شاهه سيڪريٽري ٿي ڪم ڪلائيندو هو.

۱۹۲۴ع ۾ هن کي بمبئي سرڪار جو وزير چونڊيو ويو ۽ ڪيس لوڪل سيلف گورنمينٽ جو کاتو ڏنو ويو. انهيءَ عهدي تي ۱۹۳۶ع جي مارچ تائين رهيو. ان کان پوءِ هڪ سال لاءِ سنڌ جي گورنر جو صلاحڪار ٿي رهيو.

سنڌ ۾ جڏهن اسان ۱۹۳۴ع ۾ "سنڌ پيپلس پارٽي" نالي جماعت برپا ڪئي، تڏهن ان جو ليڊر هن کي چونڊيو ويو هو. سنڌ ۾ سياسي جماعتن ٺاهڻ لاءِ اها پهرين ڪوشش هئي. ان کان اڳ سنڌ جي پارليامينٽري سياست لاءِ مسلمانن ۾ ڪا جماعت ڪانه هئي. سنڌ محمدن ايسوسيئيشن گهٽو ڪري گورنرن يا وائسراءِ کي ايڊريسن ذريعي شڪايتن پيش ڪرڻ ۽ ٺهرائن پاس ڪرڻ جي ايجنسي ٿي ڪتب ايندي هئي. سنڌ آزاد ڪانفرنس جو مقصد سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ هو. ان وقت تائين سنڌ ۾، ڪن خاص بااثر شخصي گروهن ذريعي ڪم هلندو هو. انهن ۾ هڪ گروهه سر غلام حسين هدايت‌الله جو هو ۽ پيو سر شاهنواز خان پٺي جو هو. پهرئين گروهه جا مکيه رڪن سيد محمد ڪامل شاهه، مسٽر نور محمد وڪيل، خانبهادر محمد ايوب کهڙو، سردار عبدالرحيم خان کوسو ۽ پير صاحب پاڳارو هئا. پئي گروهه سان خانبهادر الهه بخش سومرو، سيد ميران محمد شاهه، مسٽر محمد هاشم گزدر، خانبهادر غلام نبي شاهه ۽ مخدوم صاحب هالا شريڪ هئا. پيپلس پارٽي حقيقت ۾ سر شاهنواز خان جي پارٽي هئي. انهن پنهنجي پنهنجي طاقت آزمائيءَ لاءِ سال جي آخر ۾، مرڪزي اسيمبليءَ جي چونڊ ۾ مختلف اميدوارن کي مدد ڪئي. سر غلام حسين گروهه حاجي عبدالله هارون جي مدد ڪئي ۽ سر شاهنواز گروهه نبي بخش خان پٺي کي مدد ڪئي. انهيءَ ۾ پهريون نمبر ووٽ پٺي گروهه کي مليا. پئي نمبر ۾ سر غلام حسين گروهه جو عيوضي چونڊ جي آيو. جيئن ته اها شخصي پارٽي هئي ۽ سر شاهنواز خان بمبئي سرڪار جو وزير مقرر ٿي چڪو هو، انڪري ترت ئي پوءِ هن مڪاني سياسي مسئلن مان دلچسپي جهڪي ڪري ڇڏي ۽ اها پارٽي ري موت مري ويئي.

۱۹۳۶ع ۾ سنڌ جدا صوبي ٿيڻ شرط وري سياسي پارٽين ٺاهڻ لاءِ ڪوششون شروع ٿيون. هن دفعي اسان حاجي عبدالله هارون سان گڏجي، پنجاب جي يونينسٽ پارٽيءَ جي نموني تي سنڌ اتحاد پارٽي ٺاهي ۽ پنهنجي گروهن جي اڳواڻن کي ان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ درخواست ڪئي. پنهنجي ان ۾ شريڪ ٿيڻ ان شرط تي قبوليو ته پارٽيءَ جو ليڊر سيٺ عبدالله هارون ٿيندو ۽ ڊيپوٽي ليڊر اهي ٻيئي ٿيندا. هو ٻيئي ڪنهن هڪ جي ليڈرشپ هيٺ رهڻ لاءِ تيار نه هئا. نيٺ ۳۱- آڪٽوبر ۱۹۳۶ع تي، اتحاد پارٽيءَ جي ڪنوينشن ڪٺي ٿي، جنهن ۾ دستور العمل پاس ڪيو ويو. چونڊن مهل، پارٽيءَ طرفان جڏهن ٿيون ڊيپوٽي ليڊر، سيد ميران محمد شاهه مقرر ٿيو، تڏهن سر غلام حسين وارو گروهه ڪنوينشن مان احتجاج طور نڪري ويو، ۽ وڃي ٻئي

جماعت بنايائون. اتحاد پارٽيءَ جو ليڊر ڪجهه عرصو حاجي عبدالله هارون رهيو، پر پوءِ ان استعفا ڏني ۽ ان جو سر شاهنواز خان ليڊر چونڊيو ويو ۽ حاجي عبدالله هارون ڊپوٽي ليڊر طور ڪم ڪرڻ لڳو. اتحاد پارٽي غير فرقيوار هئي. سر غلام حسين واري مسلم پوليٽيڪل پارٽي فرقيوار هئي. چونڊن ۾ سر شاهنواز خان پٽو ۽ حاجي عبدالله هارون پهڻي ليڊر، فرقيوار پروپيگنڊا ڪري شڪست ڏني ويا. چونڊن ۾ اتحاد پارٽيءَ جا ۲۴ ميمبر چونڊجي آيا، جن سر شاهنواز کي وزارت ٺاهڻ لاءِ گهرائڻ واسطي گورنر کي درخواست ڏني. ڪيس چونڊائڻ لاءِ مون استعفا ڏيڻ جو اعلان ڪيو، ليڪن گورنر اها ڳالهه قبول نه ڪئي. چي: اها جمهوريت جي روايتن جي خلاف ڳالهه هئي ته هڪ شڪست کاڌل ليڊر کي وزارت ٺاهڻ لاءِ گهرائجي. نيٺ هن منٽ ڪري سر شاهنواز خان کي بمبئي ۾ پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبريءَ لاءِ رضامند ڪيو. سر شاهنواز خان خود هاڻ دل شڪسته ٿي پيو هو ۽ ان ڪان پوءِ وڌيڪ سياست ۾ رهڻ نه گهريائين.

۴- اپريل ۱۹۳۷ع تي هيءَ پبلڪ سروس ڪميشن جو ميمبر مقرر ٿيو، ۽ ۱۹۴۵ع تائين اتي ميمبر طور ڪم ڪندو رهيو. ۱۹۴۵ع ڪان هيءَ جهونا گڙهه اسٽيٽ تي ديوان مقرر ٿيو. اتي ۱۹۴۸ع تائين رهندو آيو. جڏهن جهونا گڙهه اسٽيٽ تي هندستاني قبضو ٿيو ۽ نواب جهونا گڙهه پاڪستان آيو، تڏهن هيءَ به ان سان گڏجي هتي آيو. ڪجهه وقت تائين هتي به هو ديوان رهندو آيو، پر پوءِ صحت جي خرابيءَ ڪري ان تان استعفا ڏنائين.

هن ۾ شاديون ڪيون هيون، پهرينءَ مان امداد علي خان ۽ پيو سڪندر علي خان فرزند ٿيس. پهريون سندس حياتيءَ ۾، اپريل ۱۹۵۰ع ۾، انتقال ڪري ويو. ٻئي ۲۸- آڪٽوبر ۱۹۶۲ع تي وفات ڪئي. ٻي شاديءَ مان ذوالفقار علي خان فرزند ۵- جنوري ۱۹۲۸ع تي ڄايس، جو پڙهي ولايت مان بئريسٽريءَ جو امتحان پاس ڪري آيو. ۱۹۵۸ع ڪان جولاءِ ۱۹۶۶ع تائين ميان ذوالفقار علي خان پاڪستان حڪومت ۾ وزير جي عهدي تي متمڪن رهيو. پوين سالن ۾ هو پاڪستان جو پرڏيهي وزير پڻ ٿي رهيو.

سياسي مسلڪ: سر شاهنواز خان سنڌ جي پهين سياستدانن واڱر سياست عمليءَ جو مڪيه رڪن هو، جنهن ۾ اقتدار ذريعي ملڪي خدمت جي مقصد کي اڳيان رکيو وڃي ٿو. سندس سياسي پاليسي غيرفرقيوارانه ۽ آبادگار طبقي جي حمايت واري هئي.

منهنجي ساڻس واقفيت: منهنجي ساڻس اوائلي واقفيت ڊسمبر ۱۹۲۴ع تي، حيدرآباد سنڌ ۾، سر ابراهيم رحمت الله جي صدارت هيٺ سنڌ ايڊوڪيشنل ڪانفرنس جي موقعي تي ٿي، ان ۾ هي استقباليه ڪميٽيءَ جو چيئرمن هو. ان ڪان پوءِ سنڌ محمدن

ايسوسئيشن جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ ۾ اڪثر ملڻ پيو ٿيندو هو. هي ان جو پريزيڊنٽ هو. آءٌ ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر هوس. اسان جي گهري واقفيت سردار واحد بخش خان ڀٽي جي معرفت ٿي، جنهن جي رئيس فقير بخش خان ڪاڇيءَ (جو ڀٽي نسل مان سڏائيندو هو) سان گهڻي واقفيت هئي. ١٩٢٨ع ۾، آءٌ ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو پريزيڊنٽ چونڊيس. ٻئي سال مسٽر گردر جي مٽرريءَ تي مسٽر گبسن ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر سان اختلاف ٿي پيم، جنهن لوڪلبورڊ جي گرانٽ بند ڪري ڇڏي، ان معاملي ۾ سر شاهنواز خان اسان جي مدد ڪئي. ان کان پوءِ سندس بمبئي پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر مقرر ٿي وڃڻ تائين منهنجا ساڻس گهرا تعلقات هلندا آيا. سندس بمبئيءَ ۾ پبلڪ سروس ڪميشن توڙي جهوناڳڙهه واري عرصي ۾، سنڌ سان تعلقات گهٽ رهيا. جهوناڳڙهه کان واپس اچڻ بعد، هو اڪثر گوشه نشينيءَ ۾ رهيو.

هُن ١٩- نومبر ١٩٥٧ع تي، لاڙڪاڻي ۾ وفات ڪئي.

("جنب گذاريم جن سين" تان کنيل.)

Gul Hayat Institute

عبدالستار پيرزادو

جي. ايم. سيد

پيرزادو صاحب سنڌ جي موجوده پارليامينٽري سياستدانن ۾ مکيه درجو رکي ٿو. پاکستان آئين ساز اسيمبليءَ، سنڌ اسيمبليءَ ۽ مغربي پاکستان اسيمبليءَ ۾ هن جيکو اهم پارٽ ادا ڪيو، سو لائق ستائش آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۽ مغربي پاکستان اسيمبليءَ ۾، هن جي شخصيت هميشه حاوي رهندي هئي. سندس مقابلي جو ٻيو ماڻهو اتي ڪونه هو. اسيمبليءَ اندر پارليامينٽري ڪاروبار لاءِ، هي اهڙي لياقت رکي ٿو، جنهن جهڙا فرد چٽا لبندا.

هي سکر شهر جي مشهور معروف ولي‌الله شاهه خيرالدين عليه‌الرحمت جي درگاهه تي پيرزادن جي خاندان مان آهي، جي پراڻي سکر ۾ گهڻي وقت کان خاص خانداني حيثيت، طاقت ۽ لڳ لاڳاپو رکندا آيا آهن. هن جي والد ميان عبدالرحمان کي ٽي فرزند ٿيا: (۱) حاجي ميان عبدالرزاق، (۲) مسٽر عبدالستار، ۽ (۳) مسٽر عبدالغني.

مسٽر عبدالستار پراڻي سکر ۾، ۴- جولاءِ ۱۹۰۷ع تي ڄائو هو. ابتدائي تعليم پراڻي سکر جي سنڌي اسکول ۽ ورتائين. سيڪنڊري تعليم پهريائين ميولس اي. وي. اسکول ۽ ورتائين، پوءِ تلڪ ميونسپل هاءِ اسکول سکر منجهان ۱۹۲۳ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان ڏنائين. انٽر آرٽس، ميٽيمٽڪس ۾ امتيازي درجي سان ۱۹۲۵ع ۾ پاس ڪيائين. آگسٽ ۱۹۲۷ع ۾، انگلنڊ تعليم لاءِ روانو ٿيو، جتي لنڊن يونيورسٽي ڪاليج ۾ ميٽميٽڪس ۾ ڊگري ڪورس واسطي ۽ "لنڪنس اِن" ۾ بار لاءِ داخل ٿيو. هن آتي ۱۹۲۹ع ۾، بار جا امتحان ڏنا ۽ جولاءِ ۱۹۳۰ع ۾ بارسٽر ٿيو. ڊسمبر ۱۹۳۰ع ۾ موٽي آيو ۽ جڊيشل ڪمشنر جي ڪورٽ سان سنڌ وٽ بعد، سکر ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪيائين.

پهريان چار سال هي سموري وقت پنهنجي وڪالت جي ڪم ۾ مشغول رهيو. ۱۹۳۲-۳۳ع ۾، هي اسسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر سکر ٽي ڪم ڪرڻ لڳو، ۽ ۱۹۳۷-۳۸ع ۾ هڪ سال لاءِ، جيڪب‌آباد ضلعي جو پبلڪ پراسيڪيوٽر ٽي رهيو. ۱۹۳۴ع ۾، هي سکر ميونسپلٽيءَ ۾، ميمبر چونڊجي آيو، ۽ ميونسپل اسکول بورڊ سکر جو چيئرمن چونڊيو. ٻئي سال سکر ميونسپلٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊيو ويو.

سنڌ جدا ٿيڻ بعد، سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ هي سکر تڪ مان چونڊجي آيو، ابتدا ۾ هي سر غلام حسين وزارت جو مددگار ميمبر ٿي رهيو. ۱۹۳۸ع ۾ سر غلام حسين جي وزارت ڊي شڪست آئي ۽ الهه بخش وزارت قائم ٿي، تہ ان ۾ هن کي پارليامينٽري سيڪريٽري ڪري ڪنيو ويو. ۱۹۴۰ع ۾ سکر منزلگاهه مسجد واري سوال تان الهه بخش وزارت کي شڪست آئي، ۽ مير بنده علي خان جي وزارت قائم ٿي. هيءَ الهه بخش سان گڏ مخالفت ۾ رهيو. وري جڏهن ۱۹۴۱ع ۾ مير بنده علي خان جي مسلم ليگ ۽ وزارت کي شڪست ملي، ۽ الهه بخش وزارت قائم ٿي، تہ هن کي وزير ڪري ڪنيو ويو. پبلڪ ورڪس، اريگيشن ۽ صحت جا کاتا هن جي چارج ۾ هٿا. سيپٽمبر ۱۹۴۲ع تي خانبهادر الهه بخش، ڪانگريس جي "ڪوئٽ انڊيا" تحريڪ جي سلسلي ۾ برٽش حڪومت طرفان سختيءَ جي پاليسيءَ اختيار ڪرڻ تي، صداي احتجاج ڪندي، پنهنجا لقب سرڪار کي واپس ڪيا، ان تي سنڊس وزارت کي ڊسمس ڪيو ويو. سر غلام حسين وزارت ٺاهي، جنهن ۾ پيرزادي صاحب کي نہ ڪنيو ويو. مئي ۱۹۴۳ع ۾، الهه بخش مرحوم شهيد ٿيو. ان کان پوءِ هي ڪجهہ وقت لاءِ، سياست طرف گهٽ توجهہ ڏيئي، پنهنجي وڪالت جي ڪم ۾ مشغول رهيو.

۱۹۴۵ع تائين هي مسلم ليگ کان ٻاهر رهيو. سال جي آخر ۾ نئين چونڊن لاءِ تياريون ٿيڻ لڳيون. ان وقت ڪانگريس کان سواءِ، ڪابہ پارٽي مخالفت ۾ نہ هئي، ان ڪري هي بہ مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويو. جنوري ۱۹۴۶ع جي چونڊن ۾، هي مسلم ليگ ٽڪيٽ تي سنڊ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو. ٽوري وقت کان پوءِ جڏهن سر غلام حسين جي وزارت لوڏي ۾ آئي، تہ هن کي تعليم، لوڪل سيلف گورنمينٽ ۽ قانون جا کاتا ڏيئي وزير مقرر ڪيو ويو. ساڳئي سال ۾ هو مسلم ليگ طرفان آئين ساز اسيمبليءَ تي ميمبر چونڊيو ويو، جتي هي "پبلڪ پرينسپلس ڪميٽي" جو چيئرمن ٿي رهيو. سيپٽمبر ۱۹۴۶ع ۾ سنڊ اسيمبليءَ ۾ وزارت کي اڪثريت نہ ٿي. گورنر هي پارٽيءَ کي وزارت ٺاهڻ جي چانس ڏيڻ کان سواءِ نئين سر چونڊون ڪرايون. انهن ۾ وري هي چونڊجي آيو، ۽ سر غلام حسين جي وزارت ۾ وري دوباره وزير مقرر ٿيو. هن دفعي رويٽيو ۽ قانون جا کاتا سنڊن حوالي ڪيا ويا. ان وقت هن ۷۵ نوان بل پاس ڪرايا، جن مان سنڊ يونيورسٽيءَ جو بل بہ هڪ هو. هن موجوده سنڊ ڪوڊ تيار ڪرايو، جنهن ۾ سڀ قانون نئين سر سڌاريا ويا هئا.

۱۴- آگسٽ ۱۹۴۷ع تي پاڪستان بنجڻ تائين ان جاءِ تي وزير رهيو. ان کان پوءِ سر غلام حسين کي سنڊ جو گورنر مقرر ڪيو ويو، ۽ خانبهادر کهڙي سنڊ جي وزارت ٺاهي. ان ۾ پيرزادي صاحب کي شامل نہ ڪيو ويو.

سيپٽمبر ۱۹۴۷ع تي، هن کي اقوام متحده ۾ پاڪستان طرفان موڪليل نمائندن ۾ شامل ڪيو ويو، جتان ڊسمبر ۾ واپس آيو. سگهوئي هن کي مرڪزي حڪومت پاڪستان ۾ وزير ڪري رکيو ويو، جتي فوڊ، زراعت ۽ صحت جا کاتا هن جي حوالي رهيا. مسٽر منڊل جي پارت وڃڻ بعد هن کي هيلٿ کاتي جي عيوض قانون جو کاتو ملیو. مرڪزي وزارت ۾ گورنر جنرل غلام محمد خان جي هٿان سر ناظم الدين جي وزارت جي ڊينهن ۾ ڊسمس ٿيڻ تائين رهندو آيو. مرڪزي وزارت جي ڊينهن ۾ پڻ هن ڪيترائي قانون پاس ڪرايا.

اپريل ۱۹۵۳ع تي، سنڌ ۾ نئين سر چونڊون ٿيون. ان ۾ خانبهادر کهڙو، قاضي فضل الله، غلام نبي خان پٺاڻ وغيره، پروڊا ڪري ميمبر چونڊجي نه سگهيا. مسلم ليگ پارٽي ميمبرن جي اڪثريت چونڊجي آئي. هي اسيمبلي جو ميمبر ڪونه هو، پر ميئر غلام علي خان جي مدد سان هن کي پارٽيءَ جو ليڊر چونڊي، وزير اعليٰ ڪيو ويو. ۲۳- مئي ۱۹۵۳ع تي هن اها چارج ورتي. ان وقت آڳ ۽ پيا ڪي دوست متحده محاذ طرفان چونڊجي آيا هئاسون ۽ مخالفت ۾ ويٺاسون. هن جو رويو مخالفن سان همدردانه رهيو. سندس مدد سان اسان ڪراچي موڪي سنڌ کي ڊيڻ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪرائي سگهياسون. اهڙيءَ طرح سنڌين جي حقن جي درخواست اسيمبليءَ کان پاس ڪرائي، مرڪزي حڪومت کي موڪليسون. سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي ٺهرائڻ جي تجويز به ان وقت ۾ پاس ڪرائي سگهياسون. هن سنڌي ادبي بورڊ لاءِ ڏهه لک ۽ شاهه لطيف ڪلچرل سينٽر لاءِ حڪومت طرفان ۲۵ لک رپيا منظور ڪيا، جي پوءِ ون يونٽ ٺهڻ ڪري نه ملي سگهيا.

۱۹۵۴ع ۾، سندس وزارت جي ٽن وزيرن ـــ قاضي محمد اڪبر، سيد علي محمد شاهه راشدي ۽ خانصاحب غلام رسول ڪيهر- کن ڳالهين تان ناراض ٿي بغاوت ڪئي، ليڪن هن مرڪزي حڪومت جي مشوري سان وزيرن جو تعداد وڌائي پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪري ورتي، ۽ ٽنهي وزيرن کي ڊسمس ڪري ڇڏيو. انهيءَ وقت ڏاري آئين ساز اسيمبليءَ جي بنيادي حقن واريءَ ڪميٽي اڳيان مغربي پاڪستان جي صوبن کي ملائي ون يونٽ ۾ داخل ڪرڻ جي تجويز پيش ٿي. هن ان جي مخالفت ڪئي، ۽ رٽ ڪري پيٽائي. رٽ جي فائدي ۾ صرف ٽي ووٽ ٿيا. گورنر جنرل مسٽر غلام محمد پوءِ زوريءَ ان تجويز کي پاس ڪرائڻ لاءِ رٽون رٽڻ لڳو. ان وقت مسٽر غلام محمد ولايت ويل هو ۽ سندس غيرحاضريءَ ۾ آئين ساز اسيمبليءَ، گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ ۾ ترميم ڪري، گورنر جنرل کان ڪجهه اختيار کسي ڇڏيا. ولايت کان واپس اچڻ بعد هن پاڪستان جي آئين ساز اسيمبليءَ کي ڊسمس ڪري ڇڏيو، تنهن کان پوءِ ون يونٽ کي ٺاهڻ لاءِ هن

مغربي پاڪستان صوبن جي سڀني وزيراعظمن جي ڪانفرنس ان مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ گهرائي. ان ڪانفرنس ۾ پيرزادي ون يونٽ يا زونل فيڈريشن ٺاهڻ جي مخالفت ڪئي. نومبر ۱۹۵۴ع ۾ هن تي مرڪزي حڪومت طرفان زور پيو ته ون يونٽ جو ٺاهڻ قبول ڪر يا استعيفا ڏي. هن پنهنجي پارٽيءَ ۽ اسان کي گهرائي صلاح ڪئي، جتي سڀني کيس يڪراءِ چيو ته اسيمبليءَ جو اجلاس گهرائي، ان ڪان ون يونٽ جي خلاف ٺهراءُ پاس ڪرائي، کين موڪلي ڏي. اڃان هي انهيءَ اجلاس سڏائڻ جي تيارين ۾ هو ته هن کي استعيفا ڏيڻ لاءِ چيو ويو. هن ون يونٽ قبول ڪرڻ يا استعيفا ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ان تي هن کي ۹- نومبر ۱۹۵۴ع تي ڊسمس ڪيو ويو، جنهن تي هن اخبارن ۾ پنهنجي راءِ بابت بيان ڏنو.

خانبهادر محمد ايوب کهڙو ان وقت پرووڊا هيٺ سياست کان ڊسڪاليفاءِ ٿيل هو. گورنر جنرل ان کان ون يونٽ جي فائدي ۾ ٺهراءُ پاس ڪرائڻ جو انجام ڏني، سندس ڊسڪاليفڪيشن دور ڪري، کيس وزير اعليٰ مقرر ڪيو، جنهن ۾ پير علي محمد راشدي ۽ قاضي محمد اڪبر وزير ڪري کنيائين. ترت ئي مون کي جيل ۾ موڪليو ويو. خانبهادر کهڙي حيدرآباد ۾، ۲۱- ڊسمبر ۱۹۵۴ع تي، سنڌ اسيمبليءَ جو اجلاس، پوليس ۽ ايس. پي. آر جي پهري هيٺ گهرائي، ان جي اسپيڪر مير غلام علي خان کي نظربند ڪري، ڊپارٽمنٽ جي ميڙي گوٺ ڏانهن آماڻي، ميمبرن کان زوريءَ ون يونٽ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. ٺهراءُ جي مخالفت ۾ صرف چار ميمبر ويا. پيرزادو صاحب اجلاس ۾ شريڪ نه ٿيو.

سگهوئي پوءِ مغربي پاڪستان صوبو وجود ۾ آيو. ان جو وزير اعليٰ ڊاڪٽر خانصاحب کي مقرر ڪيو ويو. کهڙو ۽ دولتانه صاحب ون يونٽ جا معمار ان جي وزارت ۾ شامل ڪيا ويا. ٿوري وقت بعد، ۱۹۵۶ع ۾، مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جي ميمبرن جي اڻ سڌيءَ طرح چونڊ ٿي. مسلم ليگ وارن ڊاڪٽر خانصاحب جي عيوض سردار بهادر خان کي وزير اعظم چونڊڻ ٿي گهريو. مرڪزي حڪومت طرفان ان جي مخالفت ٿي ۽ ڊاڪٽر صاحب کي اجازت ڏني ويئي ته ميمبرن کي ڊپ ۽ لالچون ڏيئي، هر صورت ۾ پنهنجي وزارت مضبوط ڪري. مسلم ليگ جي دور حڪومت کان ماٺهو تنگ اچي چڪا هئا، ۽ سگهوئي ڊاڪٽر خانصاحب کي اڪثريت حاصل ٿي ويئي. سنڌ مان سندس وزارت ۾ قاضي فضل‌الله، مير علي احمد خان ۽ پيرزادي صاحب کي ڪنيو ويو. پيرزادي کي قانون ۽ زراعت جو پورٽفوليو چارج ۾ ڏنو ويو. سندس وزير ٿيڻ بعد، اسيمبليءَ اندر پارلياميٽري ڪاروبار زياده تر هي هلائيندو هو.

جيتوڻيڪ اسان مخالفت ۾ ويٺا هئاسون، پر وزارت کي شڪست کان بچائڻ ۾ مدد ڪندا هئاسون. مسلم ليگ پارٽيءَ ۾ ٽي دفعا ان کي ڪيرائڻ جي ڪوشش

ڪئي، پر ان ۾ ناڪامياب ٿي. ان تي مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ سان ساز باز لاءِ گفتگو ڪئي. سان شرط وڌو تہ ون يونٽ ڊاهڻ جي ٺهراءَ کي پاس ڪرائڻ ۾، جي اسان جي مدد ڪندا، تہ اسان سائڻ شريڪ ٿي سگهنداسون. ان تي هنن لکيت ۾ اسان سان اهڙو سمجهوتو ڪيو. جڏهن اهو ٺهراءُ اسيمبليءَ اڳيان پيش ٿيو، تہ نواب گرماني، گورنر مغربي پاڪستان جي زوربار پوڻ تي، ڊاڪٽر خانصاحب ان ٺهراءَ جي مخالفت ڪرائي. پيرزادو عبدالستار ان تي ناراض ٿي، هال ڇڏي ويو. ليڪن اسپيڪر جي مدد سان اهو ٺهراءُ هنن ٽائيم اندر پاس ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو، ۽ ٽائيم پوري ٿيڻ ڪري ٺهراءُ رهجي ويو. ان تي اسان مخالفت سان گڏجي، ڊاڪٽر خانصاحب جي وزارت جي مخالفت ڪئي، جنهن تي هائوس ۾ ميجارٽي نہ هئڻ ڪري، گورنر کان اسيمبلي مهمل ڪرائي ويئي. ڪجهہ وقت حڪومت گورنر جي هٿ ۾ رهي. ان کان پوءِ وري سردار عبدالرشيد جي هٿ هيٺ نئين وزارت ٺهي، جنهن ۾ پيرزادي کي وزير ڪري ڪنيو ويو. انهيءَ عرصي ۾ رئيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙيءَ طرفان ون يونٽ کي ڊاهڻ جو ٺهراءُ پيهر مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ پيش ٿيو. هن دفعي ريپبليڪن پارٽيءَ اسان سان ٺهراءُ پاس ڪرڻ جو لکيت ۾ سمجهوتو ڪيو هو. ٺهراءُ اڃا بعد قانوني حجت اٽاري ويئي تہ اهو ٺهراءُ صوبائي اسيمبليءَ اڳيان اڃي نٿو سگهي. پيرزادي، وزير قانون هئڻ ڪري، راءِ ڏني تہ اهو ٺهراءُ اڃي سگهيو ٿي. ان تي ٺهراءُ پاس ٿي ويو.

۱۹۵۸ع تائين هي مغربي پاڪستان حڪومت ۾ وزير ٿي رهندو آيو. مارشل لا ملڪ سان لاڳو ٿيڻ بعد هي سياست کان ڪناره ڪشي ڪري، وڪالت ڪرڻ لڳو.

سنڌ جي اڪثر سياست عمل جي پيرو سياستدانن وانگر هن پڻ طاقت ذريعي خدمت ڪرڻ کي ترجيح ڏني آهي. ملڪ جي ڪنهن قومي هلچل يا سياسي تحريڪ ۾ هن کي نمايان حصو نہ ورتو آهي، انڪري هر ڪنهن گروهہ جي وزارت ۾ شامل ٿيو رهيو آهي. باوجود گهٽو وقت طاقت ۾ رهڻ جي، هيءَ اسيمبلي اندر پوئلڳ ميمبرن جو وڏو گروهہ پاڻ سان ڪٿو رکي نہ سگهيو، ان جو مکيہ سبب اهو ڇيو وڃي ٿو تہ پنهنجن ڪاتن سان تعلق رکندڙ سوالن کي ترت فيصل ڪرڻ جي منجهس قوت نہ هئي. ميمبرن کي راضي ڪرڻ لاءِ هو حد کان ٻاهر نہ ويندو هو. اڪثر ميمبر ڪم جا يار هوندا آهن. صرف ڪالهيون کين راضي نہ رکي سگهندا يون آهن. ازانسواءِ پيا وزير، خصوصاً قاضي فضل الله ۽ مير غلام علي خان، سڀائين ميمبرن کي پاڻ وٽ رهائي، انهن کي ڪانا ڪارائيندا هئا. هي ان ڪالهہ ۾ ڪشاده دست نہ هو. هي ميمبرن جي هر گهر کي پوري ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. زياده دوراندیش هئڻ ڪري، سيڪريٽرين جي راءِ خلاف اڪثر حالتن ۾ فيصلو نہ ڪندو هو.

هيءَ هندستاني وڏي راڪب جو شوقين ۽ سنڌي ڪافين ۾ دلچسپي وٺندو رهيو آهي. پاڻ سان سنو راڪب ڪائي چاڻي. باغن ۽ گلن ۾ خاص دلچسپي اٿس. پاڪستان باغن جي سوسائٽيءَ جو پريزيڊنٽ رهي چڪو آهي. ڪيس ان لاءِ آمريڪن گارڊننگ انسٽيٽيوٽ کان ميڊل به ملیل آهي. هيءَ نازڪ ۽ محبت واري دل رکندڙ آهي. انڪري خوف ۽ مشڪلات جي وقت ۾ ذرا ڪمزور ٿيو وڃي. عمل جي ميدان ۾ جهدوجهد بدران آسان رويءَ سان اڪثر زياده چاهه ڏيکاريو اٿس.

[نوٽ: هي مضمون آن وقت جو لکيل آهي، جڏهن پير زادو صاحب حيات هو. ادارو.]

("جنب گذاريم جن سين" تان ڪٽيل)



Gul Hayat Institute

قاضي فضل الله

جي. ايم. سيد

قاضي صاحب جو والد ميان عبيدالله پرائمري اسڪول جو ماستر هو. ڪيس چار فرزند ٿيا: (۱) قاضي ميان عبدالحڪيم، (۲) قاضي ميان نورالدين (۳) حڪيم شمس‌الدين احمد ۽ (۴) قاضي فضل الله. انهن مان پهريون نمبر فرزند ۱۹۱۱ع ۾ وفات ڪري ويو، ڪيس اولاد ڪونہ ٿيو. ٻيو نمبر فرزند ميان نورالدين حيات آهي. زميندار سنياليندو آهي، هن کي ٻہ پٽ ۽ نياڻيون آهن. ٽيون نمبر حڪيم ميان شمس الدين احمد صاحب سنڌ جي چوٽيءَ جي حڪيمن مان ٿي گذريو آهي. ۱۹۱۹ع ۾ شروع ٿيل خلافت تحريڪ ۾ حڪيم صاحب گهڻو بهرو ورتو، صوبہ سنڌ خلافت ڪميٽيءَ جو جنرل سيڪريٽري پڻ ٿي رهيو هو. سندس اڪر نهايت عمدا هئا، طب تي ڪيترا ڪتاب لکيا انس، يارويس ۽ فياض ڪارڪن هو، ڪيس نرينو اولاد ڪونہ ٿيو.

قاضي ميان فضل الله سڀني پائرن ۾ ننڍو آهي. هو ۱۵- جنوري ۱۹۰۲ع تي نوشهري جي ڳوٺ ۾ ڄائو هو. ابتدائي تعليم ڳوٺ جي سنڌي اسڪول ۾ ورتائين، سيڪنڈري تعليم ڇهن درجن تائين نوشهري مدرسہ هاءِ اسڪول ۾ ورتائين. پوءِ سنڌ مدرسہ ڪراچي مان ۱۹۲۰ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. اتان ساڳئي سال عليگڙهہ ڪاليج ۾ پڙهڻ لاءِ ويو. خلافت تحريڪ ڪري عليگڙهہ يونيورسٽيءَ جي ڪن شاگردن مولانا محمدعلي جوهر جي چوڻ تي عليگڙهہ ڪاليج کي انگريزن جي مددگارن جو مڪيم اڏو سمجهي، بائيڪاٽ ڪيو. انهن شاگردن مان قاضي فضل الله ٻہ هڪ هو. اتان هي شاگرد اچي جامع مليہ دهليءَ ۾ پڙهڻ لڳا، جن مان ڪيترا ۱۹۲۱ع جي شروع ۾، مولانا محمدعلي جي حڪم موجب پڙهڻ ڇڏي اچي قطع تعلقات ۽ خلافت تحريڪ ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. قاضي صاحب ٻہ انهيءَ ڪري پڙهڻ ڇڏي، ۱۹۲۳ع تائين قومي ڪارڪن ٿي رهيو. پوءِ جڏهن خلافت هلچل جهڪي ٿي تہ ۱۹۲۳ع ۾ قاضي صاحب حيدرآباد جي نيشنل ڪاليج ۾ پڙهڻ شروع ڪيو. اتان ۱۹۲۵ع ۾ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ اچي داخل ٿيو، ۽ ۱۹۲۷ع ۾ بي. اي. جو امتحان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ شهاڻي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهي، ۱۹۲۹ع ۾ ايل. ايل. بي. جو امتحان پاس ڪيائين.

قاضي ميان فضل الله پوءِ سال ۱۹۳۱ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ شروع ڪئي. ساڻس گڏ مسٽر محمد حنيف صديقي شڪارپور وارو وڪالت ڪندو هو. ٿوري وقت کان پوءِ هي مڪاني سياست ۾ حصو وٺڻ لڳو. خانبهادر محمد ايوب کهڙي سان دوستي ٿيس. ۱۹۴۴ع ۾ لاڙڪاڻي ميونسپالٽيءَ تي ميمبر چونڊجي آيو. سنڌ جدا ٿيڻ تي، جنوري ۱۹۳۷ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ هن ۽ خانبهادر محمد ايوب کهڙي، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي دعوت ڏيئي، رتيديري ۽ ميرو خان تڪ مان سر شاهنواز خان پٽي، لاڙڪاڻي ضلعي جي بااثر زميندار ۽ ان وقت سنڌ سرڪار جي صلاحڪار وزير جي سامهون اميدوار بيهاريو. پٽي خاندان جون زميندارين ۽ لڳ لاڳاپا انهيءَ تڪ ۾ گهٽا هئا، ليڪن قاضي صاحب ۽ سندن دوستن جي سرجوشيءَ ۽ محنت ڪري، شيخ صاحب پٽي صاحب کي شڪست ڏيئي ويو. ان ڪاميابيءَ ۾ جيڪڏهن ڪجهه دخل شيخ صاحب جي مقبوليت جو هو، تہ گهڻو حصو قاضي صاحب ۽ کهڙي صاحب جي اٽڪ ڪوششن جو هو. ان وقت کان قاضي صاحب جي سياسي شهرت ۽ اثر ضلعي ۽ سنڌ ۾ ظاهر ٿيڻ لڳو.

۱۹۳۹ع ۾ هي ڊسٽرڪٽ اسڪول بورڊ لاڙڪاڻي جو چيئرمن چونڊيو ويو، جتي هن ڳوٺاڻي تعليم ۾ ڇڪي دلچسپي ورتي. ان کان پوءِ ۱۹۴۵ع ۾ هن کي ضلعي لاڙڪاڻي لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو، جنهن عهدي تي هي گهٽي وقت تائين هلندو آيو. ۱۹۴۶ع ۾ جڏهن سنڌ اسيمبلي ختم ڪري، گورنر موڊي نيون چونڊون ڪرايون، تہ هي ڊوڪري-واره تڪ مان سنڌ اسيمبليءَ تي چونڊجي آيو. ۱۹۴۷ع ۾، جڏهن پاڪستان قائم ٿيو ۽ سر غلام حسين، گورنر موڊيءَ جي پنجاب وڃڻ کان پوءِ، سنڌ جو گورنر ٿيو، تہ خانبهادر محمد ايوب کهڙي سنڌ جي وزير اعليٰ جي چارج ورتي. ان جي وزارت ۾، قاضي صاحب کي وزير رکيو ويو، ۽ کيس لئنڊ رونيو جو پورٽفوليو ڏنو ويو. پٽي سال ۾ ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڇني، مرڪزي حڪومت جي ماتحت ڪرڻ جي سوال تان، خانبهادر کهڙي جو مرڪزي حڪومت سان اختلاف ٿيو ۽ ان وقت جي گورنر جنرل مسٽر محمد علي جناح هن جي وزارت کي ڊسمس ڪري، پير الاهي بخش جي وزارت وجود ۾ آندي، تہ کهڙي صاحب سان گڏ هيءَ به وزارت کان باهر نڪتو. ان بعد ڪجهه وقت لاءِ پير الاهي بخش صاحب سنڌ جو وزير اعليٰ ٿي، ڪم هلايو. ۱۹۴۹ع ۾، منهنجي اليڪشن پٽيشن ۾ ٽربيونل جي فيصلي موجب جڏهن پير صاحب کي ميمبريءَ کان خارج ڪيو ويو، ۽ سنڊس جاءِ تي وزير اعظميءَ جي چارج مسٽر يوسف هارون کي ڏياري ويئي، تڏهن ان وزارت ۾ قاضي صاحب کي هوم منسٽر ڪري ڪنيو ويو. يوسف هارون سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ڪونہ هو. هن پهرين سانگهڙ، پوءِ نوابشاهه، پوءِ دادوءَ جي ضمني چونڊن ۾ چونڊ جڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن خانبهادر کهڙي

جي مخالفت ڪري، هو ٿنهي تڪن مان چونڊجڻ جي اميد نه ڏسي، اميدوار نه بيٺو. ان ڪري هن خانبهادر کهڙي جي طرفدار وزير قاضي فضل‌الله کي وزارت مان ڪڍي ميرِ غلام علي خان کي آندو. ان کان پوءِ منجهن سمجهوتي ٿيڻ بعد ۲۰- جنوري ۱۹۵۰ع تي وري قاضي صاحب کي يوسف هارون جي وزارت ۾ آندو ويو، جتي کيس هوم کاتو چارج ۾ ڏنو ويو.

۸- مئي ۱۹۵۰ع تي، يوسف هارون کي پاڪستان سرڪار آسٽريليا ۾ سفير ڪري موڪليو. ان جي جاءِ تي قاضي صاحب کي وزير اعليٰ ڪري رکيو ويو. سندس وزارت ۾ ميرِ غلام علي خان ٽالپر، سيد ميران محمد شاهه ۽ آغا غلام نبي خان پٺاڻ وزير مقرر ٿيا. ٿوري وقت کان پوءِ مرڪزي سرڪار جي وزيراعظم لياقت علي خان جي کهڙي صاحب تي ڪاوڙ جهڪي ٿي ۽ کيس گورنر ۾ سيني چارجن کان آزاد ڪيو، تہ وري کهڙي صاحب ۲۵- مارچ ۱۹۵۱ع تي وزير اعليٰ جي چارج ورتي، جنهن ۾ قاضي صاحب کي هوم منسٽر ڪري ڪنيائين ۽ سندس وزارت ۾ ٻيا ساڳيا وزير ـــ ميرِ غلام علي خان، سيد ميران محمد شاهه ۽ آغا غلام نبي خان رهيا. وقت گذرڻ تي وزارت ۾ اختلاف پيدا ٿيا ۽ وزيرن هڪٻئي تي پروڊائون حاصل ڪيون، جنهن تي سنڌ جي گورنر ميان دين محمد ۲۸- ڊسمبر ۱۹۵۱ع تي آئين کي سسپينڈ ڪري، حڪومت پنهنجي هٿ ۾ رکي. ۱۹۵۳ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جون نيون چونڊون ٿيون. ان ۾ خانبهادر کهڙو، قاضي صاحب ۽ کي ٻيا صاحب قانوني رڪاوٽ ڪري، اسيمبليءَ ۾ چونڊجي نه سگهيا، جنهنڪري مرڪزي حڪومت جي مشوري ۽ ميرِ غلام علي خان جي مدد سان پيرزادي عبدالستار وزارت ٺاهي، ان وزارت ۾ قاضي صاحب پنهنجي پاٽيجي قاضي عبدالمنان کي وزير ڪڍايو. ان وزارت جي دؤر ۾ اوڪل سيلف گورنمينٽ ائڪٽ کي درست ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي قاضي صاحب جي چيئرمينيءَ هيٺ مقرر ٿي، جنهن ائڪٽ کي درست ڪرڻ لاءِ کي تجويزون ڏنيون.

۹- نومبر ۱۹۵۴ع تي، سنڌ کي ون يونٽ ۾ ملائڻ کان انڪار ڪرڻ تي پاڪستان جي گورنر جنرل مسٽر غلام محمد، پيرزادي وزارت کي ڊسمس ڪري، خانبهادر کهڙي تان پروڊا جون پابنديون هٽائي، ان کي وزير اعليٰ مقرر ڪيو. شرط اهو رکيل هو تہ سنڌ اسيمبليءَ کان هو ڪنهن بہ طرح سنڌ کي ون يونٽ ۾ ملائڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرائي ڏيندو. ۲۰- جنوري ۱۹۵۵ع تي، قاضي ميان فضل‌الله صاحب جيئن سنڌ اسيمبليءَ ڏي وڃي رهيو هو، ان کي رستي تان خانبهادر کهڙي گرفتار ڪرائي، سکر جيل ۾ رکارايو، جتان هو هاءِ ڪورٽ جي حڪم هيٺ آزاد ڪيو ويو. وري هن کي ڪراچيءَ ۾ ڇهن مهينن لاءِ نظربند ڪيو ويو. ان کان پوءِ ۲۱- جون ۱۹۵۵ع تي حيدرآباد ۾ مرڪزي اسيمبليءَ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊون ٿيڻ

جي مخالفت ڪري، هو ٿنهي تڪن مان چونڊجڻ جي اميد نه ڏسي، اميدوار نه بيٺو. ان ڪري هن خانبهادر کهڙي جي طرفدار وزير قاضي فضل‌الله کي وزارت مان ڪڍي ميرِ غلام علي خان کي آندو. ان کان پوءِ منجهن سمجهوتي ٿيڻ بعد ۲۰- جنوري ۱۹۵۰ع تي وري قاضي صاحب کي يوسف هارون جي وزارت ۾ آندو ويو، جتي کيس هوم کاتو چارج ۾ ڏنو ويو.

۸- مئي ۱۹۵۰ع تي، يوسف هارون کي پاڪستان سرڪار آسٽريليا ۾ سفير ڪري موڪليو. ان جي جاءِ تي قاضي صاحب کي وزير اعليٰ ڪري رکيو ويو. سندس وزارت ۾ ميرِ غلام علي خان ٽالپر، سيد ميران محمد شاهه ۽ آغا غلام نبي خان پٺاڻ وزير مقرر ٿيا. ٿوري وقت کان پوءِ مرڪزي سرڪار جي وزيراعظم لياقت علي خان جي کهڙي صاحب تي ڪاوڙ جهڪي ٿي ۽ کيس گورنر ۾ سيني چارجن کان آزاد ڪيو، تہ وري کهڙي صاحب ۲۵- مارچ ۱۹۵۱ع تي وزير اعليٰ جي چارج ورتي، جنهن ۾ قاضي صاحب کي هوم منسٽر ڪري ڪنيائين ۽ سندس وزارت ۾ ٻيا ساڳيا وزير ـــ ميرِ غلام علي خان، سيد ميران محمد شاهه ۽ آغا غلام نبي خان رهيا. وقت گذرڻ تي وزارت ۾ اختلاف پيدا ٿيا ۽ وزيرن هڪٻئي تي پروڊائون حاصل ڪيون، جنهن تي سنڌ جي گورنر ميان دين محمد ۲۸- ڊسمبر ۱۹۵۱ع تي آئين کي سسپينڈ ڪري، حڪومت پنهنجي هٿ ۾ رکي. ۱۹۵۳ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جون نيون چونڊون ٿيون. ان ۾ خانبهادر کهڙو، قاضي صاحب ۽ کي ٻيا صاحب قانوني رڪاوٽ ڪري، اسيمبليءَ ۾ چونڊجي نه سگهيا، جنهنڪري مرڪزي حڪومت جي مشوري ۽ ميرِ غلام علي خان جي مدد سان پيرزادي عبدالستار وزارت ٺاهي، ان وزارت ۾ قاضي صاحب پنهنجي پاٽيجي قاضي عبدالمنان کي وزير ڪڍايو. ان وزارت جي دؤر ۾ اوڪل سيلف گورنمينٽ ائڪٽ کي درست ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي قاضي صاحب جي چيئرمينيءَ هيٺ مقرر ٿي، جنهن ائڪٽ کي درست ڪرڻ لاءِ کي تجويزون ڏنيون.

۹- نومبر ۱۹۵۴ع تي، سنڌ کي ون يونٽ ۾ ملائڻ کان انڪار ڪرڻ تي پاڪستان جي گورنر جنرل مسٽر غلام محمد، پيرزادي وزارت کي ڊسمس ڪري، خانبهادر کهڙي تان پروڊا جون پابنديون هٽائي، ان کي وزير اعليٰ مقرر ڪيو. شرط اهو رکيل هو تہ سنڌ اسيمبليءَ کان هو ڪنهن بہ طرح سنڌ کي ون يونٽ ۾ ملائڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرائي ڏيندو. ۲۰- جنوري ۱۹۵۵ع تي، قاضي ميان فضل‌الله صاحب جيئن سنڌ اسيمبليءَ ڏي وڃي رهيو هو، ان کي رستي تان خانبهادر کهڙي گرفتار ڪرائي، سکر جيل ۾ رکارايو، جتان هو هاءِ ڪورٽ جي حڪم هيٺ آزاد ڪيو ويو. وري هن کي ڪراچيءَ ۾ ڇهن مهينن لاءِ نظربند ڪيو ويو. ان کان پوءِ ۲۱- جون ۱۹۵۵ع تي حيدرآباد ۾ مرڪزي اسيمبليءَ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊون ٿيڻ

واريون هيون، جن ۾ قاضي فضل الله بہ اميدوار هو. ان ڏينهن ڪيس صبح جو اسيمبلي هال جي پاهران گرفتار ڪري هالن جي جيل ۾ موڪليو ويو، جنهنڪري هو چونڊ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگهيو. سندس گرفتاريءَ لاءِ اهو بہ بهانو بنايو ويو هو تہ هن اسان سان گڏ اسيمبلي هال کي بہ سان آڏائڻ جو منصوبو رٿيو هو. اهو ڪيس ون يونٽ ٽهڻ کان پوءِ مغربي پاڪستان حڪومت جي وزير اعظم ڊاڪٽر خانصاحب مرحوم ڪيارايو هو.

۱۹۵۵ع جي آخر ۾، مغربي پاڪستان جو صوبو قائم ٿيو. ۱۹۵۶ع جي جنوريءَ ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون، جنهن تي قاضي صاحب ٽمي ضلعي ۽ لاڙڪاڻي ضلعي ٻنهي سان ميمبر چونڊجي آيو. هن ٽمي ضلعي جي ميمبريءَ تان استعفيٰ ڏيئي، لاڙڪاڻي واريءَ جاءَ تان ميمبر ٿي رهڻ قبول ڪيو. ان کان پوءِ، ڊاڪٽر خانصاحب کي مغربي پاڪستان حڪومت جو وزير اعظم مقرر ڪيو ويو. هن ريپبليڪن پارٽيءَ جي وزارت ٺاهي، جنهن ۾ قاضي صاحب کي وزير ڪري رکيائين ۽ ڪيس آپاشيءَ جو کاتو ڏنو ويو. قاضي صاحب مغربي پاڪستان جي وزارتن ۾ ۸- آڪٽوبر ۱۹۵۸ع تي، مارشل لا قائم ٿيڻ تائين وزير رهندو آيو. ان بعد لاڙڪاڻي ۾ وڪالت ڪرڻ ۽ زمين سنڀالڻ جي ڪم ۾ مشغول رهيو آهي. ڪيس پين سڀني ۽ اثر سياستدانن وانگر سياست کان ڪجهہ عرصي لاءِ خارج ڪيو ويو آهي.

هيءَ صاحب يارويس، دوستيءَ جو سچو، مهماننواز، اعليٰ قسم جو منتظم ٽي رهيو آهي. خوبين سان گڏ مشڪلات جي وقت ۾ منجهس سست ۽ ڪمزور ٿيڻ جو مادو بہ رهي ٿو. خانبهادر کهڙو هر قسم جي مشڪلاتن هوندي، سر مٿي ڪري ٻيو هلندو آهي. قاضي صاحب دل هاريو، گوشي ۾ ويهو رهي. موجوده معاشري ۾ سياسي ليڈر لاءِ ذرا سخت جان ۽ شيردل ٿيڻ لازمي آهي.

لاڙڪاڻي ضلعي ۾ کهڙو صاحب ۽ قاضي صاحب ڪنهن وقت ۾ بي تاج بادشاهہ ٽي رهيا هئا. ڪابہ بي طاقت سندن مقابلو ڪري نہ پئي سگهي. هن وقت مارشل لا کان پوءِ آفيشل طبقي جي دست اندازي ڪري، حالتون بدلجي چڪيون آهن. ٻين زميندارن وانگر لاڙڪاڻي ضلعي جا اڪثر زميندار پڻ طاقت جا پوڄاري آهن، سدائين اڀرندڙ سج جا سلامي پئي رهيا آهن. پوءِ جڏهن سر شاهنواز خان پٽي جو فرزند مسٽر ذوالفقار علي خان مرڪزي حڪومت پاڪستان ۾ وزير خارجہ هو، تہ بہ هن حڪومت وقت، قديم خانداني لاڪاپن ۽ شخصي لياقت جي اثر سبب مرڪزي اسيمبليءَ جي ضمني چونڊ ۾، هو کهڙي ۽ قاضي صاحب جي گڏيل اميدوار کي شڪست ڏياري، پنهنجي عزيز پير بخش خان پٽي کي ڪامياب ڪري ويو. آئنده پڻ کهڙي ۽ قاضي صاحب ٻنهي دوستن جي اتحاد، دوراندیشيءَ، همت ۽ سياسي دانشمنديءَ تي مدار آهي، پنهنجي وڃايل طاقت کي ڪيئن ٿا حاصل ڪن.

("جنب گذاريم جن سين" تان ڪنيل)

پير علي محمد راشدي

جي . ايم . سيد

سنڌ جي سياستدانن ۾ ميان علي محمد شاهه جو درجو يڪتا قسم جو آهي. هتي جا اڪثر سياستدان يا صفا آئيڊيلسٽ آهن يا رڳو سياست عمل جا پوئلڳ آهن، هيءَ پنهي جو مرڪب آهي.

هيءَ آئيڊيلسٽ ۽ نرالي قسم جو آهي، جنهن جو افلاطون (Plato) جي سياسي آئيڊيلزم سان تعلق نه آهي، جو ٢٣ سو ورهيه اڳي جا سياسي نظريا پيش ڪري ويو آهي، سي اڄا تائين عمل ۾ اڃي ڪين سگهيا آهن. پر هن جي ميڪاولي قسم جي آئيڊيلزم آهي، جو سورهين صدي عيسويءَ ڌاري اٽليءَ ۾ پيدا ٿيو. دنيا جا اڪثر ملڪ ۽ مدبر اڇڪلهه انهيءَ نظريي مطابق هلن ٿا. تفاوت پنهي نظرين ۾ هيءَ آهي ته پهريون يوٽوپيائي (خيالي جنت جون) ڳالهيون پيش ڪري ٿو، ۽ ٻيو حقيقت جي دنيا جون عمل ۾ اڇ جهڙيون. ازانسواءِ پهريون نظريو طريقه ڪار جي چونڊ جي پابندي نٿو رکي، ان وٽ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ کڙا به طريقا اختيار ڪرڻ جائز آهن. گهڻ ڀي فيلسوفن ۽ مذهبي ماڻهن انهيءَ نظريي جي نڪتچيني ڪئي آهي، ليڪن عملي طور گهڻي وقت ڪان سڀ ڪامياب سياستدان ۽ مدبر اُن جي ئي ڊسيل طريقن جي پيروي ڪري رهيا آهن.

هيءَ صاحب راشدي سيدن مان آهي، جي لکياري سيدن جي شاخ شمار ڪيا وڃن ٿا. انهن جي نسب جو سلسلو سيد علي مڪيءَ جي سنڌ ۾ اچڻ کان شروع ٿئي ٿو، جنهن بابت چوڻ ۾ اچي ٿو ته، هو مڪي شريف کان سن ٥١٢هـ مطابق سن ١١١٨ع ڌاري لڏي سنڌ ۾ آيو ۽ اڪثي هلي، سندس اولاد لکيءَ جي مشهور معروف ولي الله، شاهه صدرالدين عليه الرحمت ان جو هن طرح اولاد آهي: سيد صدرالدين بن شاهه محمود بن سيد محمد بن شاهه حسين بن شاهه چڪن بن سيد علي مڪي. شاهه صدرالدين عليه الرحمت جو پاڻ سيد بهاءالدين هو. راشدي خاندان جي جدامجد سيد محمد راشد، جي نسب جو شجرو هيٺينءَ طرح سيد بهاءالدين تائين پهچي ٿو.

سيد محمد راشد عليه الرحمت بن سيد بقا بن سيد محمد امام بن سيد فتح محمد بن سيد شڪرالله بن سيد عثمان بن شاهه ڪنڍ بن شاهه سنجر بن شاهه بولن بن شاهه حسين بن سيد اميرعلي بن سيد ناصرالدين بن سيد عباس بن سيد بهاءالدين عليه الرحمت.

سيد محمد راشد شاهه پهرين شعبان سن ۱۳۱۳هه مطابق ٦- جون ۱۸۱۸ع تي وفات ڪئي. ڪيس ۾ فرزند ٿيا: سيد ميان صبغت الله شاهه اول، جو صاحب دستار يا پاڳارو سڏيو ويو، ۽ سيد محمد ياسين شاهه، جو عالم جو صاحب يا جهنڊي وارو سڏجڻ لڳو.

پير ميان صبغت الله شاهه ٥- رمضان سن ۱۲۴٦هه مطابق ۱۸- فيبروري سن ۱۸۳۱ع تي وفات ڪئي. ڪيس ۾ فرزند ٿيا: سيد علي محمد شاهه وڏو (ان جي اولاد مان هي راشدي صاحب آهي)، ۽ (۲) سيد علي گوهر شاهه (ان جي اولاد مان پير پاڳاري وارا آهن). سيد علي محمد شاهه، نندي ياڻ جي فائدي ۾ دستبردار ٿيو. ٻنهي ڀائرن جا سال وفات هن طرح آهن: سيد علي محمد شاهه، وفات ۱۴- ربيع الاول سن ۱۲۸۴هه مطابق ۱۷- جولاءِ سن ۱۸٦۷ع ۽ سيد علي گوهر شاهه عرف بنگلي ڏڻي، تخلص "اصغر"، وفات ۱۱- جمادي الاول سن ۱۲٦۳هه، مطابق ۲۸- اپريل سن ۱۸۴۷ع.

سيد علي محمد شاهه ڪي پنج فرزند ٿيا، جن مان سيد ميان پير شاهه هڪ هو (وفات ۲۲- شعبان ۱۳۴۱هه، مطابق ۱۲- جنوري ۱۹۳۱ع). سيد ميان پير شاهه ڪي سيد محمد حامد شاهه فرزند ٿيو (وفات ۳۱- مارچ ۱۹۳۷ع)، جنهن ڪي ٽي فرزند ٿيا: (۱) سيد علي محمد شاهه راشدي (جنهن جو احوال هتي ڏجي ٿو)، (۲) سيد حسام الدين شاهه راشدي (سنڌ جو مشهور عالم ۽ اديب)، ۽ (۳) پير احمد شاهه (۱۷- سيپٽمبر ۱۹۱۹ع تي جائو). ٻئي طرف پير علي گوهر شاهه ڪي پير حزب الله شاهه عرف تخت وارو، تخلص "مسڪين"، فرزند ٿيو (وفات خميس ۴- محرم ۱۳۰۸هه، مطابق ۲۱- آگسٽ ۱۸۹۰ع)، ان جو فرزند پير ميان شاهه مردان شاهه ٿيو (وفات اڳارو ۷- ربيع الاول ۱۳۴۰هه)، جنهن جو فرزند ميان صبغت الله شاهه دوم ٿيو (شهادت ۲۰- مارچ ۱۹۴۳ع، ۸ بجي صبح)، ان جو فرزند موجوده پير صاحب پاڳارو سيد سڪندر علي شاهه ملقب به "شاهه مردان شاهه ثاني" آهي.

سيد علي محمد شاهه راشدي ۱۲- جمادي الثاني سن ۱۳۲۴هه، مطابق، ٥- آگسٽ سن ۱۹۰٥ع، سائڍي ٥ بجي صبح جو جمعي ڏينهن ٽولد ٿيو. هن ابتدائي تعليم مولوي محمد سومار، ويڙل ڪوٽ ڊڪن، وٽ ۽ مولوي محمد صديق، ويڙل ميرپور خاص، وٽ ورتي. سنڌي چار درجا ۽ فارسي "سڪندر نامه" تائين پڙهيائين. ٽوري عربي به پڙهيو. پوءِ انگريزي تعليم ماستر محمد رفيق، ويڙل مائونٽ آبو، وٽ ورتائين. ان جي وڃڻ کان پوءِ نصرت اسڪيشن جي ماستر وٽ انگريزيءَ جا سبق ونڊو رهيو. قريباً چئن درجن جي سطح جيتري انگريزي تعليم ورتائين.

ان کان پوءِ محنت ۽ مطالعي سان سنڌي، پارسي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ مهارت حاصل ڪري ويو.

صحافتي زندگي:

سن ۱۹۲۴ع ڌاري هيءَ "سنڌ نيوز" اخبار جو نامنگار ٿي احوال موڪلڻ لڳو، انهيءَ سال ۱۵- ڊسمبر ۱۹۲۴ع تي، سنڌ تعليمي ڪانفرنس حيدرآباد ۾ حصو وٺڻ لاءِ آيو، جتي منهنجي ساڻس واقفيت ٿي. سن ۱۹۲۶ع کان سن ۱۹۳۱ع تائين هيءُ سنڌ محمدن ائسوسئيشن جو سرگرم ڪارڪن رهيو، جنهن جو صدر سر شاهنواز خان پٺو ۽ سيڪريٽري خانبهادر ولي محمد حسن علي هئا. سن ۱۹۲۶ع ڌاري هن اخبار "الحزب" شڪارپور مان ايڊٽ ڪئي. سن ۱۹۲۸ع ۾ اخبار "الراشد" جي ايڊيٽريءَ جا فرائض بجا آندائين. انهيءَ وقت ڌاري هڪ جماعت "انجمن سادات راشديہ" جي نالي سان برپا ڪئي هئائون، جنهن جو صدر پير حزب الله شاهه دوم عرف پير جيئل شاهه هو ۽ پاڻ ان جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. هن اخبار "الامين"، سکر ۾ سن ۱۹۲۵ع کان ۱۹۲۸ع تائين ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيو. سن ۱۹۲۷ع تائين خانبهادر محمد ايوب کهڙي جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيائين. ان وقت خانبهادر کهڙي بمبئيءَ کان سنڌ جي جدائيءَ لاءِ جا هلچل هلائي هئي، ان جي چارج ۾ هيءُ هو. هن سن ۱۹۲۹ع ۾ "سنڌ زميندار" اخبار سکر جو ڪجهه وقت لاءِ ايڊيٽر ٿي ڪم ڪيو، جا مرحوم آغا نظر علي خان جي نظرداريءَ هيٺ کهڙو صاحب ڪيائيندو هو. سن ۱۹۳۳ع ۾ هن جا لاڳاپا سر شاهنواز خان پٺي جي گروهه سان ٽيا، جي پٺي صاحب جي سنڌ چڏي پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر ٿي وڃڻ تائين قائم رکيائين. سن ۱۹۳۴ع ۾ سکر مان اخبار "ستاره سنڌ" ڪيڏ شروع ڪيائين، جنهن جو پاڻ مئنيجنگ ڊئريڪٽر ٿي رهيو. اها اخبار سن ۱۹۳۷ع تائين نڪرندي رهي. آن ۾ عملا ادبي ۽ سياسي مضمون پوندا هئا. سن ۱۹۳۶ع ۾ اخبار "صبح سنڌ" ڪيڏ شروع ڪيائين، جنهن ۾ "اتحاد پارٽيءَ" جي فائدي ۾ مضمون نڪرندا هئا. سن ۱۹۳۷ع جي اليڪشن کان اڳ اها اخبار عام ماڻهن ۾ "اتحاد پارٽيءَ" جي اميدوارن جي پروپيگنڊا لاءِ ورهائبي هئي. هن سن ۱۹۴۰ع کان انگريزيءَ ۾ "مسلم وائس" نالي هفتيوار اخبار پهرين سکر مان پوءِ ڪراچيءَ مان ڪيڏ شروع ڪئي، جنهن ۾ سياسي ۽ ادبي مسئلن تي مضمون لکندو هو. اها اخبار سن ۱۹۴۶ع تائين هلندي رهي. سن ۱۹۴۵ع جي آخر ۾ جڏهن اسان جا اختلاف مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سان پيدا ٿيا ۽ "الوحيد" اخبار مخالف پروپيگنڊا ڪرڻ لڳي تہ اسان شڪارپور مان نڪرندڙ "قرباني" اخبار ۽ پريس خريد ڪري ڪراچيءَ ۾ آندي. پهرين ان جو مولوي خيرمحمد نظاماڻي ايڊيٽر هو، پر ڪجهه وقت کان پوءِ جڏهن ڏٺو ويو تہ پارٽيءَ جي هو صحيح ترجماني نٿو ڪري تہ اخبار جي نظرداريءَ جو

ڏمو ميان علي محمد شاهم ڪنيو. ايڊيٽريءَ ۾ نالو ٻين جو هوندو هو، مگر ان جا اهم مضمون ۽ ايڊيٽوريل هيءَ لکندو هو. مشهور ڪتاب "فرياد سنڌ" اول مضمونن جي صورت ۾ انهيءَ روءِ "قرباني‌ءَ" ۾ ڇپيو هو، جن کي پوءِ ڪتابي صورت ڏيئي سنڌ ۾ ورهايو ويو هو. اها اخبار سن ۱۹۳۷ع ۾ کهڙي صاحب جي دور وزارت ۾ بند ڪرائي ويئي. سن ۱۹۴۸ع کان جڏهن سنڌ جي مشهور انگريزي اخبار "سنڌ آبزرور" جو انتظام کهڙي صاحب جي هٿ ۾ آيو، ان وقت کان سن ۱۹۴۹ع تائين، ٻن سالن لاءِ، هيءَ ان اخبار جو ايڊيٽر ٿي رهيو، جنهن ۾ حالتن کي نظر ۾ رکي، سنڌي نقطي نگاهه، هيءَ پوريءَ طرح پيش ڪندو رهيو. ان ۾ "ڊان" اخبار جي فرقيوار پروپيگنڊا جو پوري حوصلي ۽ همت سان مقابلو ڪيائين.

سنه ۱۹۵۲ع ۾ هفتيوار اخبار "اسٽيٽسمئن" ڪيڏ شروع ڪئي، جا نالي خاطر اڄ تائين پير صاحب پاڳاري طرفان مسٽر اوويس ڪيندو رهي ٿو. ڪجهه وقت لاءِ هيءَ پاڪستان نيوز پيپرس ائسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ ٿي رهيو ۽ انهيءَ سلسلي ۾ هندستان، مصر ۽ انگلنڊ ۾ وفد وٺي دوري تي ويو.

چين ۾ پاڪستاني سفير جي عهدي تان سبڪدوش ٿيڻ بعد، هن ڪجهه وقت هانگ ڪانگ ۾ سڪونت اختيار ڪئي، جتان مشرق بعيد جي سياسي ۽ ملڪي حالتن بابت مضمون لکي، ڪراچيءَ جي روزانه اردو اخبار "جنگ" ڏانهن موڪليندو رهيو، جي ان ۾ "مڪتوبهٔ مشرق بعيد" عنوان سان ڇپبا هئا. هانگ ڪانگ ڇڏي پاڪستان اچڻ بعد، مضمونن جو اهو سلسلو اڃا تائين "مشرق و مغرب" عنوان سان جاري رکندو اچي ٿو. اهي مضمون جتي معلومات جو هڪ وڏو خزانو آهن، اتي سندس سياسي فڪر ۽ طرز تحرير جو پڻ يادگار نمونو آهن.

ادبي زندگي:

هن کي عمدن ادبين مان شمار ڪري سگهجي ٿو. تاريخ، جنسيات، شڪار ۽ عام معلومات جي ڪتابن ۾ هن جو گهرو مطالعو آهي. هن ڪيترا ڪتاب لکيا آهن، جن مان سواءِ مختصر چوپڙين جي پيا ڇپجي نه سگهيا آهن. سندن ادبي تحريرن ۾ "اهي ڏينهن اهي شينهن" غير معمولي اهميت رکي ٿو، جو سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو آهي. هيءَ ادبي بورڊ تي سنه ۱۹۴۰ع کان سنه ۱۹۵۸ع تائين ميمبر طور رهندو آيو. هن کي جيڪڏهين ٻين مشغولين کان علحده ڪري، ادب جي ميدان ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ويو، تہ سنڌي ادب جي وڏي خدمت ٿي پوندي.

سندس سياسي زندگي:

جيئن متي ذڪر ڪيو ويو، هن سياسي ڪمن ۾ حصو "سنڌ محمدن ائسوسيئيشن" ۾ سنه ۱۹۲۶ع ۾ داخل ٿيڻ جي وقت کان ورتو. ان کان پوءِ "انجمن سادات راشديه"

برپا ڪرايائين ۽ ان طرفان اميدوار بيهاري، "الراشد" اخبار ذريعي پروپيگنڊا ڪيائين، ليڪن سندن ڪوبہ اميدوار ڪامياب نہ ٿي سگھيو. سنڌ جي بمبئي علائقي ڪان جدائيءَ بابت جا تحريڪ سنڌين طرفان شروع ٿي هئي، ان ۾ خانبهادر ڪهڙي طرفان جا پروپيگنڊا ڪئي ويندي هئي، ان ۾ لڳ جو ڪم هي سرانجام ڪندو هو. ڪتاب "اسٽوري آف دي سفرنگس آف سنڌ"، جو ڪهڙي صاحب طرفان ڇپايو ويو هو، ان ۾ هن جي محنت ڪيل هئي. سنہ ۱۹۳۳ع ڪان سنہ ۱۹۳۶ع تائين ضلعي لوڪلبورڊ لاڙڪاڻي جي اسڪول بورڊ جو ميمبر به رهندو آيو. سنہ ۱۹۳۴ع ۾ "سنڌ پيپلس پارٽي"، جا سر شاهنواز خان پٺي جي ليڊرشپ هيٺ قائم ٿي هئي، ان جي برپا ڪندڙن مان هيءَ هڪ هو.

سنہ ۱۹۳۶ع ۾ سر حاجي عبدالله هارون جي ڪوشش سان "سنڌ اتحاد پارٽي" ٺاهي ويئي، ان جي ابتدائي بانيڪارن مان هيءَ هڪ هو. پوءِ پارٽيءَ طرفان بيهاريل اميدوارن جي مدد ۾ هيءَ "صبح سنڌ" اخبار ۾ مضمون لکندو رهيو. سر شاهنواز خان پٺي ۽ سر حاجي عبدالله هارون، پارٽيءَ جي ليڊر ۽ ڊيپوٽي ليڊر، جي شڪست بعد جڏهين اتحاد پارٽيءَ جا باقي رهيل ميمبر مخالفت ۾ ويا سون، تہ هيءَ اسان سان شريڪ ڪار هو. ڪانگريس ۽ اتحاد پارٽي جي ڪارڪنن سنہ ۱۹۳۷ع ۾ عوام سان رابطي پيدا ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ ڪانفرنسون ڪوٺائڻ شروع ڪيون. انهن مان ڪن ۾ هيءَ شريڪ ٿيو هو. سنہ ۱۹۳۷ع جي آخر ۾ سر غلام حسين جي وزارت سان پروگرام جي بنياد تي ڪوئليشين ڪرائڻ ۾ هن جو هٿ هو. سنہ ۱۹۳۸ع جي اوائل ۾، سر غلام حسين وزارت، قبول ڪيل پروگرام جي سرانجام ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڏيکاري، تہ ان جي ڪيڏ لاءِ جيڪا رٿا تيار ٿي، ان ۾ هن حصو ورتو. سر غلام حسين جي وزارت کي شڪست آڻي ۽ الهه بخش وزارت وجود ۾ آئي. هن نئين وزارت ٺهڻ کان پوءِ پارٽيءَ طرفان پروگرام کي سرانجام ڪرڻ لاءِ جيڪي تجويزون ان وزارت کي ٺاهي ڏنيون ويئون هيون، انهن ۾ هن جو خاص هٿ هو.

نڪتل وزيرن طرفان ڪيل پروپيگنڊا کي منهن ڏيڻ، عوام سان وزيرن جي رابطي پيدا ڪرڻ ۽ آفيشل طبقي جي دٻاءَ کي ڪمزور ڪرڻ واسطي پير الاهي بخش جو ساريءَ سنڌ ۾ گشت جو پروگرام رٿيو ويو، ان جي تيار ڪرڻ ۾ پير صاحب سان گڏجي ان کي ڪامياب بنائڻ ۾ هن جو وڏو هٿ هو. گشت پوري ڪرڻ بعد ڪاموري طبقي ۾ خاص ناراضگي پيدا ٿي. انهن گورنر جي ذهن تي اها ڳالهہ آندي تہ ڪامورن جي طاقت ڪمزور ٿيڻ مان حڪومت جو اثر ماڻهن تان لهي ويندو، ان سموريءَ پاليسيءَ لاءِ هنن مون کي ۽ علي محمد شاهہ کي جوابدار ٺهرايو. مون کي تہ پارٽيءَ ۾ خاص پوزيشن رکڻ ڪري ڪجهہ ڪري نٿي سگهيا، پر هُنن آهستي ڪري، وزيرن تي زور آئي، راشدي صاحب کي وزارت جي مشير ۽ مددگار جي

جاءِ تان هٽرائي ڇڏيو. ان کري پروگرام جي سر انجاميءَ ۾ سستي ۽ کوتاهي ٿيڻ شروع ٿي، ماڻهن ۾ پيدا ڪيل اميدون پوريون نه ٿي سگهيون، ۽ ميمبرن ۽ عوام ۾ شڪر رنجيون پيدا ٿيڻ لڳيون. الهه بخش وزارت، پنهنجي مدد ڪندڙ پارٽين جي مشوري خلاف، گورنر جي چوڻ تي، ڏلون وڏايون، جنهن تي اتحاد پارٽي ورهائجي ۽ حصا ٿي ويئي. اسان مخالفت ۾ وياسون ته هيءَ به مخالفت ۾ هليو آيو. کانگريس پارٽيءَ آن سوال تي جا قيڙتي اختيار ڪئي، ان کي بيانن جي ذريعي مون اخبارن ۾ ظاهر ڪيو، جن جي تيار ڪرڻ ۾ هين ۽ مسٽر ٺهاراساڻيءَ جو هٿ هو.

نيٺ حاجي عبدالله هارون تنگ ٿي، مسلم ليگ ۾ هليو ويو. ان اسان جي صلاح سان صوبه سنڌ مسلم ليگ کانفرنس جو اجلاس جناح صاحب جي صدارت ۾، ۸ ۽ ۹ آڪٽوبر سن ۱۹۳۸ع تي کراچيءَ ۾ سڏايو، جنهن ۾ ساري هندستان جي مکيه ليڈرن شرکت ڪئي هئي. ان کانفرنس جي موقعي تي عالیشان سرگس سڏائڻ ۽ کانفرنس کي کامياب بنائڻ ۽ کانفرنس ۾ پيش ڪيل ۽ پاس ٿيل ٺهرائن وغيره جي تيار ڪرڻ ۾ هن جو وڏو هٿ هو. حاجي عبدالله هارون جي ان موقعي تي پڙهيل صدارتي خطبي ۽ کانفرنس جي رپورٽ تيار ڪرڻ جو مدار هن تي هو.

سنڌ ۾ مسلم ليگ قائم ٿي، ان وقت سنڌي کارکن ٻن راين ۾ ورهايل هئا. هڪڙن جي راءِ هئي ته شيخ عبدالمجيد صاحب کي صدر چونڊجي. هن جي راءِ هئي ته حاجي عبدالله هارون مرڪزي اسيمبليءَ جو ميمبر هو، کيس آفيس ۽ ڪلارڪ وغيره هئا، ابتدا ۾ پارٽي نظام لاءِ خرچ ڪري سگهڻ جهڙو هو—ان کري کيس پريزيڊنٽ چونڊجي. آءٌ صاف آئيڊيلسٽ هئڻ ڪري شيخ صاحب جي فائدي ۾ هوس، پر هن جي سياست عمليءَ کان متاثر ٿي، حاجي صاحب کي صدر چونڊڻ ۾ مدد ڪيم. هن سيٺ صاحب جو پرسنل سيڪريٽري ٿي، مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ جو ڪم هٿ ڪنيو. بعد ۾ آل انڊيا مسلم ليگ طرفان خارجيه معاملات سان تعلق رکڻ لاءِ هڪ کاميٽي حاجي عبدالله هارون جي چيئرمنيءَ هيٺ مقرر ٿي، راشدي صاحب ان جو سيڪريٽري ٿي ڪم ڪرڻ لڳو.

پوءِ سنڌ مسلم ليگ طرفان، سکر جي مسلمانن جي چوڻ تي، مسجد منزل گاهه سرڪار کان واپس ڪرائڻ لاءِ هلچل شروع ٿي. هن مسلم ليگ طرفان پروپيگنڈا ڪرڻ ۽ ستياگروهه ۽ انتظام ڪرڻ جو سمورو آفيس کاروبار هلايو. اسان کي جيل ۾ موڪليو ويو. کهڙو صاحب نظربند ٿيو. هن خلاف وارنٽ نڪتا. هي حاجي صاحب سان گڏجي دهليءَ هليو ويو.

آتان ٽيندي، هن مسلم ليگ پنجاب کي منظم ڪرڻ لاءِ، نواب شاهنواز خان ممدوٽ جو سيڪريٽري ٿي ڪم هلايو، ۽ آتان الهه بخش وزارت کي شڪست ڏيئي کيڙ لاءِ ٻڌ لکندو رهيو. الهه بخش وزارت کي شڪست ملي ۽ نئين وزارت ٺهي.

مون کي زور ڪري ان ۾ رکيو ويو، جو ان کان سواءِ هندو ميمبر مسلم ليگ جي باقي وزيرن سان سمجهوتي ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. هيءُ ان ڳالهه تي ناراض ٿيو. چي- هندن هيءُ ٺهراءُ عارضي طرح ۽ مصلحت خاطر ڪيو هو، ۽ ٿوري وقت بعد هو ان وزارت کي ڪڍي، وري الهه بخش وزارت آڻڻ وارا هئا؛ وزارت جو سمورو مدار هندن جي رحم ڪرم تي هو؛ وزارت ماڻهن جي اميد مطابق ڪم نه ڪرڻ ڪري ضرور بدنام ٿيڻ واري هئي، وغيره. مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جي ميمبرن ۾ شخصي لالچ يا عهدن کان پري رهڻ ڪري منهنجو وقار قائم ٿيل هو، ان کي نقصان پهچڻ هن برداشت ڪرڻ نٿي گهريو. اهو سڀ مون سان شخصي محبت ۽ مون لاءِ عزت هئڻ ڪري ڪيائين ٿي. هو سر زمين تي نه هو، پر پٺ صلاح ڏنائين ٿي ته طئي ٿيل وعدن کي وساري، هڪدم نئين وزارت وجود ۾ آندي وڃي — ڇاڪاڻ ته هندو مسلم فسادن وقت سوين ناحق گرفتار ٿيل مسلمانن جي ڇڏائڻ، مسجد منزل گاهه واپس ڪرائڻ ۽ عوام جي حوصلي کي بلند رکڻ لاءِ اهو ضروري هو. وزارت منهنجي شموليت کان سواءِ ٺهي نٿي سگهي.

مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اڀا ائين چوَن متان پاند پسائيين!

مٿي چئي آيو آهيان ته هيءُ سياست عمل ۽ آئڊيلزم جو مرڪب آهي. ليڪن آئڊيلزم ۾ مقصد جي حصول لاءِ طريقهءِ ڪار جي هن کي پرواهه نه هئي. آءٌ سياست عمل کان پري، خيالي دنيا ۾ افلاطوني آئڊيلزم جو پوئلڳ هوس، جنهن جو عملي دنيا ۾ ڪو وجود ئي ڪونه هو. مون سان هلڻ لاءِ هن عام ماڻهن وارو رويو اختيار ڪيو. باوجود گهڻو وقت سنگت ۾ رهڻ جي، منهنجي دل جي نزاڪت کي پوريءَ طرح پرکي نه سگهيو هو. سندس ان رويي مون کي گهڻو صدمو رسايو، جنهن جو اڳتي هلي هن کي احساس ٿيو. ٨- مئي ١٩٤٠ع تي سکر مان هڪ خط ۾ لکي ٿو ته ”آءٌ ڪراچي ڇڏڻ کان اڳ توکي ملي ڪين سگهيس. مون ڏٺو ته تون مون سان گفتگو بعد تمام متاثر ٿي ويو هئين. ان لاءِ معافي وٺڻ گهريم ٿي، پر وقت ٿورو هو. اهڙن سخت لفظن ۾ حقيقتن جو اظهار ڪرڻ حالت مطابق مون مناسب سمجهيو هو، پر پوءِ مون سمجهيو ته مون کي توسان گستاخانه گفتگو نه ڪرڻ گهرجي ها. مون کي تنهنجي عزت ڪرڻي آهي. توکي وڃائڻ نٿو گهران. هن سياسي دنيا ۾ مون کي صرف تو ۾ ئي اميدون آهن. اميد ته خط لکي مون کي دلداري ڏيندين ته تو مون کي معاف ڪيو آهي.“

واقعي اسان وزارت نازڪ وقت ۾ ورتي هئي. سوين گرفتار ٿيل ماڻهن کي ڇڏائڻو هو، منزل گاهه مسجد کي ٽربيونل اڳيان مسجد ثابت ڪرڻو هو، هندو مسلم فسادن جي ڪارڻن ۽ جوابداريءَ جو فيصلو ٿيڻ وارو هو، ۽ ان ڪم لاءِ ڪن

لائق ۽ قابل وڪيلن جي مدد جي ضرورت هئي. مسلمانن ۾ اڳي ٿي ان وقت لائق ۽ قابل وڪيل گهٽ هئا، جي باقي هئا، تن کي پئسي جي لالچ هئي، جا اسان پوري ڪري نٿي سگهياسون. مسجد منزل گاهه جي ٽربيونل اڳيان ڪيس ڪرڻ جو ڪم ڊاڪٽر محمد عالم لاهور واري هٿ ۾ ڪنيو، پر پيسي نه هئڻ ڪري هو موٽي هليو ويو. هندن طرفان ڪيترا لائق وڪيل موجود ٿي ويا، ليڪن مسلمان پڙهيل گروهه طرفان حد درجي جي بي التفاتي ڏيکاري ويئي. ان وقت جنهن تندهيءَ، محنت ۽ قابليت سان هن انهن سڀني ڪالهين جي سرانجامي ڪئي، سا ڪالهه لائق ستائش آهي. اهڙو ڪم صرف مقصدن لاءِ جنون رکڻ وارا ماڻهو ڪري سگهن ٿا. رواجي ماڻهوءَ جي جاءِ نه آهي. هن ٽربيونل اڳيان منزل گاهه جي مسجد کي ثابت ڪرايو. هن ناحق گرفتار ٿيل ماڻهن کي، وڪيلن جي معرفت آزاد ڪرائڻ لاءِ سخت کوشش ورتي. هن پبلڪ اڳيان هندو مسلم فسادن جي ڪارڻن تي ڪتاب لکي پيش ڪيا. انهن ڪالهين ۾ مرحوم حاجي عبدالله هارون ۽ خانبهادر ڪهڙي کيس مدد ڪئي.

وزارت متعلق سندس مٿي ٻڌايل روپي بعد سون فيصلو ڪري ڇڏيو هو ته وزارت کي ڇڏڻو هوم، پر مناسب موقعي جي تلاش ۾ هوس. آخر مولانا ابوالڪلام جي معرفت مرحوم الهه بخش کي وزارت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ رضامند ڪري، استعيفا ڏيئي باهر نڪتس. مرحوم حاجي عبدالله هارون ان وقت صوبه سنڌ مسلم ليگ جو پريزيڊنٽ ۽ راشدي صاحب جنرل سيڪريٽري هئا، پر منهنجي فيصلي کي روڪي نه سگهيا. مون الهه بخش کي وزارت ۾ آڻي، هڪ ٻيءَ وزارت جو ڪين واعدو ڏيئي، آل پارٽيز وزارت وجود ۾ آندي. اڳتي هلي، ميرٻنده علي خان کي استعيفا ڏيڻي هئي. هنن جناح صاحب طرفان وزيرن کي حڪم ڪرايو ته وزارت ٽان استعيفا نه ڏين. ميرٻنده علي خان کي وڏيڪ چا گهربو هو! هُن ته ويئي وجهه ڳوليا، تنهن استعيفا ڏيڻ کان انڪار ڪيو.

ٻئي سال جي شروعات ۾ خود مسلم ليگ وزارت شڪست ڪائي باهر نڪتي، ۽ وري الله بخش وزارت وجود ۾ آئي.

ان کان پوءِ هن ۽ سون مسلم ليگ کي زور وٺائڻ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪئي. جيستائين حاجي عبدالله هارون زندهه هو، مسلم ليگ جي آفيس ۽ انتظام ۾ هن جو وڏو دخل هو. ليڪن مسٽر يوسف هارون پيءُ وانگر هن ڏڪڻي، خودسر ۽ خوددار ڪارڪن کي پاڻ سان گڏ هلائڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو. حاجي صاحب ٻي شيءِ هو. ان لاءِ هڪ مثال پيش ڪريان ٿو: هڪ ڏينهن ڪلفٽن تي گهمڻ ويس، ته بيچ تي حاجي عبدالله هارون ۽ راشدي صاحب ٻيئي ڪرسين تي ويٺا هئا، آءٌ به ساڻن وڃي ويٺس. مون ڏي نهاري، حاجي صاحب فرمايو ته "شاهه صاحب! هي ..... راشدي غضب جو ماڻهو آهي. آءٌ ڪيس پوريءَ طرح سمجهاڻان ٿو، هي يا مون کي بادشاهه بنائيندو

يا جيل ۾ موڪليندو. شاهه صاحب، باوجود هين جي خامين جي هڙا ماڻهو ملڻ مشڪل آهن."
ان مثال مان حاجي صاحب جي عظمت ۽ راشديءَ جي قابليت ۽ لياقت جو پتو پئجي سگهي ٿو.

ان کان پوءِ هيءَ مسلم ليگ کان ٽڏو ٽيڻ لڳو. سندس گهٽو وقت سنڌ کان ٻاهر گذرڻ لڳو. ان وقت مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ ۽ پين مڪاني ڪارڪنن جي طريقه ڪار مان نااميد ٿي چڪو هو. ۱۵- نومبر ۱۹۴۳ع تي هن دهليءَ مان هڪ ڊگهو خط موڪليو، ان ۾ هن پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو. اهو خط ڊگهو هئڻ ڪري هتي نقوڊ جي، ان جو لب لباب اهوهو تہ "مسلم ليگ هينئر مسلمانن جي اتحاد ۽ پاڪستان جي نالي ۾ چورن جي جاءِ پناهه ٿي پيئي آهي. ان جا ڪارڪرده عوام جا دشمن آهن... توکي مڙس ٿي، انهن ڪالهين خلاف مقابلو ڪرڻ گهرجي، پوءِ ڪٽي ٻيا سڀ رفيق ان مقابلي ۾ اڪيلو چڏي وڃن. جيڪڏهن زمانو تنهنجي اصولن ۾ رندڪ وجهي، تہ ان سان بہ لڙڻ گهرجيئي." مون سمجهيو تہ هيءَ وقتي جوش ۾ اچي ائين لکي رهيو هو، ان ڪري ڪيس، شيخ صاحب ۽ رئيس پرڳڙيءَ وارن کان چؤچواڻ ڪرائي وري مسلم ليگ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آماده ڪيم، ليڪن حالتون روزبروز ناقابل برداشت ٿيندڙيون وييون. اسان جا مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سان اختلاف وڌندا ويا.

سنہ ۱۹۴۶ع ۾ مرڪزي اسيمبليءَ جي چونڊ ٿيڻ واري هئي. هيءَ مسلم ليگ جي اميدوار مسٽر يوسف هارون خلاف چونڊن ۾ بيٺو. آءٌ صوبہ مسلم ليگ جو صدر هوس. هيءَ ان جو مکيہ رکن هو. هيءَ چاٽي واٽي مخالفت ۾ اميدوار بيٺو هو. ڪيس خبر هئي تہ اليڪشن ۾ پئسي جي ضرورت هئي، جو وٽس ڪونہ هو. وزارت هن جي مخالف جي همدرد ۽ مددگار هئي. جنهن مسلم ليگ جماعت جو نالو اسان سنڌ ۾ ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي چڏيو هو، يوسف صاحب ان طرفان اميدوار بيٺل هو. ڪٽڻ جي اميد ڪانہ هيس، تنهن هوندي بہ هيءَ بيٺو. ان جو مطلب آءٌ سمجهي ويس. هن زور ڪري، مون کي هاءِ ڪمانڊ سان اختلاف ۾ آڻي، مسلم ليگ مان ٻاهر ڪڍائڻ ٿي گهريو. جي آءٌ سندس سڪ نہ ڏيان، تہ هيءَ اهو بهانو بنائي مسلم ليگ کان الڳ ٿي وڃي ها.

آءٌ هن وقت تائين اهو محسوس ڪري ويو هوس تہ وڏيون جماعتون مختلف خيالن جي ماڻهن سان پريون پيئون هيون. آهي هڪ پارٽيءَ وانگر هڪ نظريي، هڪ طريقي ڪار ۽ هڪ ٻي محڪم پاليسيءَ مطابق ڪونہ ٿي هلنيا. انهن ۾ ڪيترا مختلف گروهہ مختلف نظرياتي بنيادن تي پيدا ٿي پيا هئا، جي سندن پوزيشن جماعت اندر مضبوط ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا هئا. ساڳيءَ طرح مسلم ليگ جماعت ۾ رجعت پسند ذري گهٽ قبضو ڪري ويا هئا. اڳي پوءِ ان ۾ مون لاءِ جاءِ نہ هئي. سوال رڳو اهو هو تہ موقعو ۽ مهل ڏسي، صلاح مصلحت بعد قدم کڻجي ها. ليڪن هين ائين نہ ڪيو ۽ قدم کڻي ويٺو. هاڻ مون کي فيصلو ڪرڻو

هو ته ساڻين سان گڏ مسلم ليگ ۾ پنهنجو نقطي نگاهه پيش ڪندو رهان يا انهن مان مکيه ۽ اثرائتا ماڻهو الڳ ٿيندا وڃن ۽ ٺلهيءَ صدارت جي جاءِ خاطر اتي رهي پيو هجان. مسلم ليگ ۾ منهنجا همسفر ۽ دوست گهڻائي هئا، پر انهن ۾ اهل راءِ ٿورا هئا. شيخ عبدالمجيد، رئيس ڀرڳڙي ۽ راشدي صاحب انهن مان مکيه هئا. پهريان ٻه اڳيئي تنگ هئا. هيءُ به ڀڄڻ جو قدم کڻي چڪو هو. مون به فيصلو ڪيو، ۽ مسلم ليگ جي صدر هوندي، مسلم ليگ اميدوار جي خلاف هن جي مدد ڪيم. نتيجو اهو ٿيو ته آهستي ٿي، اسان سڀني کي مسلم ليگ مان ٻاهر نڪرڻو پيو.

چونڊن کان پوءِ ڪانگريس سان گڏ اسان ڪوئليشن ٺاهي. هيءُ "قرباني" اخبار ذريعي اسان جو نقطي نگاهه عوام اڳيان پيش ڪندو رهيو. ان تي ڪي ننڍيون چوپڙيون به لکيائين.

نئين اسيمبلي هلي نه سگهي. گورنر نيون چونڊون ڪرايون، اسان اسيمبليءَ کان ٻاهر نڪتاسون. مون اليڪشن پٽيشن داخل ڪئي. آن ۾ هن تمام گهڻي مدد ڪئي.

کهڙي صاحب کي ڪراچيءَ جي سوال تي جڏهن مرڪزي حڪومت وزارت عظمىٰ تان ڊسمس ڪيو، ته هن سندس مدد ڪئي. پاڪستان بنجڻ بعد ڪيترا مسلم ليگ وارا ساٿي بزدل ٿي، مسلم ليگ ۾ موٽڻ لڳا، راشدي صاحب به "ياران جهرمر لاتي اسان ڏا روح نه رهيا" جي قول موجب وڃي مسلم ليگ ۾ داخل ٿيو، ۽ سنه ١٩٥٣ع جي نين چونڊن ۾ مسلم ليگ طرفان سنڌ اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيو.

ان کان اڳ ۾ گورنر دين محمد جڏهين سنڌ سان قلم ١٢-الف لاڳو ڪري، حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ رکيون، ته هن ان کان ٽي نمايان ڪم ڪرايا:

(١) پير صاحب پاڳاري جي گادي وري بحال ڪرائڻ،
(٢) فرنٽيئر ريگيوليشن رد ڪرائڻ، ۽
(٣) ڪرمنل ٽرائيبس ائڪٽ رد ڪرائي، حرن کي لوڙهن ۾ حاضرين کان آزادي ڏيارڻ.

نين چونڊن بعد هيءُ پيرزاده وزارت ۾ روينيو وزير ١٩٥٣ع کان ١٩٥٤ع تائين ٿي رهيو. ان عرصي ۾ هن جاگيرن کي رد ڪرڻ جو حڪم ڪيو.

سنڌ اسيمبليءَ ۾ اسان سان ڪراچي واپس ڏيارڻ واري ٺهراءَ پاس ڪرائڻ ۽ سنڌ جي حقن جي ٺهراءَ پاس ڪرائڻ ۾ شامل رهيو.

ان وچ ۾ هن جا پيرزادي صاحب سان اختلاف پيدا ٿي پيا. هيءَ قاضي محمد اڪبر سان گڏ پيرزاده وزارت مان ٻاهر نڪري ويو. پيرزادو مرڪزي حڪام جي مدد سان وزارت ۾ ١٢ وزير ڪري پنهنجي پوزيشن سنڀالي ويو. ان جي ردعمل ۾ هن کهڙي صاحب سان گڏجي، گورنر جنرل سان سازباز ڪري، سن ١٩٥٥ع ۾ وزارت ٺاهي ۽ پوءِ ناجائز طريقن سان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کان سنڌ کي پنجاب سان ملائي ون يونٽ بنائڻ جو ٺهراءَ پاس ڪرايو.

سياست ۾ عجيب اتفاق ٿين ٿا. کهڙي ۽ هين، محنتون ڪري، سنڌ بمبئيءَ کان جدا ڪرائي هئي، سي ئي وري ان کي ون يونٽ ۾ شامل ڪرڻ جا ڪارڻ ٻڌيا! پير الاهي بخش، جنهن مرڪزي حڪام جي چوڻ تي ڪراچي مرڪز جي حوالي ڪئي هئي، اُن انهيءَ ٺهراءُ جي مخالفت ڪئي!

ون يونٽ ٿيڻ کان پوءِ هيءَ سن ۱۹۵۶ع ۾ ڪجهه وقت مرڪزي حڪومت ۾ اطلاعات ۽ نشريات جي ڪاتي جو وزير ٿي رهيو. انهيءَ ايام ۾ هن حيدرآباد سنڌ ۾ براڊ ڪاسٽنگ اسٽيشن کولي، سنڌين کي هڪ ريڊيو اسٽيشن ڏني.

مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ جڏهن مسلم ليگ ۽ ريپبليڪن پارٽيءَ جي وچ ۾ اختلاف ٿي پيا، تہ هين چوڌري محمد علي صاحب وزير اعظم جي چوڻ تي مسلم ليگ جي مدد ڪئي. ان تان چوڌري صاحب کي وزارت تان ڪيڊو ويسو. هيءَ دانشمندي ڪري پاڪستان سرڪار طرفان ۲۱ سيپٽمبر ۱۹۵۷ع تي فلپائين جي سفير جي عهدي تي هليو ويو. اُتان ٿوري وقت کان پوءِ سن ۱۹۶۲ع ۾ هي چين جو ڏهن مهينن لاءِ سفير مقرر ٿيو. مُدي گذرڻ بعد، هن سفارت تان ۱۹۶۳ع ۾ رٽائر ڪيو. سفارت تي وري هن کي انڪري نہ ڪنيو ويو، جو هڪ ٽئينءَ حڪومت جي پاليسيءَ موجب اهي عهدا گهڙو ڪري سرڪاري عملدارن کي ڏنا ٿي ويا. ڪجهه وقت هانگ ڪانگ ۾ رهڻ بعد، هو موٽي پاڪستان آيو. هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو، جتي سندس مکيہ مشغولي "جنگ" اخبار لاءِ "مشرق و مغرب" سلسلي جا هفتيوار مضمون لکڻ آهي.

هيءَ غيرمعمولي ذهانت ۽ قابليت جو مالڪ آهي. سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ سياست ۽ ادب تي بهترين مضمون لکي سگهي ٿو. جي لکڻ يا پڙهڻ جي ڪم کي هٿ ۾ کڻندو، تہ ڏينهن رات ويهي ڪم ڪندو رهندو. اهڙيءَ طرح ڪيئي ڏينهن ۽ راتيون سانده مشغول رهندو آهي، پر جي آرام ڪندو آهي، تہ ساڳيءَ طرح راتيون ڏينهن لاڳيتو ستو پيو هوندو آهي. اهو مشڪل مسئلو آهي تہ هن کي ادبن ۾ شمار ڪجي يا سياستدانن ۾. پر جنهن صورت ۾ هن سياست ۾ گهڙو پارٽ ورتو آهي، انڪري ڪيس انهيءَ صف ۾ شمار ڪيو اٿم.

ساڳيءَ طرح اهو سوال بہ فيصل ڪرڻ ڏکيو ٿيندو تہ سياستدانن ۾ هن کي آئيڊيلسٽ جي لسٽ ۾ شمار ڪجي يا سياست عمل جي. مٿي ڏڻائي آيو آهيان تہ پنهنجي خيال ۾ هو پنهي جو مرڪب آهي. طبعيت جي موجب هيءُ پنهي جي درميان بدلبو رهي ٿو. خدا سائينءَ هن کي عقل عنايت ڪيو آهي، سو اسان وانگر "رڪوئي رچ" نٿو گهري. هو "ڪڏهن ڪوٽن ۾ آهي، ڪڏهن رچ ۾."

هن جي سون مان سنہ ۱۹۲۵ع کان خط و ڪتابت رهي آهي. انهن خطن مان سندس مختلف ذوق زندگيءَ جو پتو پئجي سگهي ٿو. ڪن خطن ۾ اهي سياسي اڪٽيون

يون آهن، جي ڪو ڇٽو سياستدان ڪري سگهي ٿو. هي صاف دماغيءَ
(Clear headedne: ۾ يڪتا آهي. سندس قول ۽ فعل اڪثر هڪٻئي جو ساٿ نه
ڏنو آهي. قول ۾ سٺن مفڪرن ۾ شمار ٿي سگهي ٿو، سندس فعلن تي دل کان
يڪ دماغ اثرانداز پئي رهيو آهي. گهڻيءَ ڏاهپ، سياست عمل جي نقطي نگاه کان،
س ڄاڻي واڻي تڪليف ۾ وڃڻ کان پئي روڪيو آهي. اهڙا ڪيترا مثال آهن،
هين ٻين کي سرويچيءَ جي تلقين ڏيئي پاڻ ڏاهپ جي ۽ سر بچائڻ جي راهه پئي
تي اٿس. مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ صحيح طريقن جي استعمال جي هروڀرو
راهه نه پئي ڪئي اٿس. پير ۽ زميندار گهر ۾ پيدا ٿيڻ سندس انقلابي جذبي ۾
ٽي رڪاوٽ وڌي آهي. اميرانه زندگيءَ جي عادت، دل لڳين، گذرمعاش جي
يلن جي گهٽتائيءَ، اڪثري حالتن ۾ بوجو بنجي، کيس دلي جذبات جي تقاضا
جب اڏامڻ ۾ رڪاوٽ پئي وڌي آهي.

سندس طبيعت اڪثر سيمابي رهي آهي، جنهن ۾ اعتدال جو فقدان پئي رهيو آهي.
ي حالت سندس گهرو معاملن، سياسي طرز عمل ۽ عقيدن سان لاڳو رهي آهي.
چوڻيءَ موجب هن جي هڪ وقت ٻائي، ٻئي وقت ٻانهيءَ کان پري ٿيو وڃي.

”چنيسر سين چاڳ، متان ڪا منڌ ڪري،
ڏمريو ڏهاڳ، ڏئي کي سهاڳڻيين.“

زندگيءَ ۾ هن ٻين سان گڏجي پئي ڪم ڪيو آهي، پر ان لاءِ هن جا معيار
صوص رهيا آهن. اڄ کهڙي سان، ٻئي ڏينهن ڀٽي سان. اڄ مخالف پارٽيءَ ۾،
ڏينهن حڪومت سان. هڪ ڏينهن ڪنهن ماڻهوءَ جي عشق ۾ راتيون ڏينهن
رنو اٿس ته وصال کان پوءِ وري اهو رخ ئي بدلجي پئي ويو اٿس.

سندس انهن ڳالهين کي سندس مخالفن بعضي ابن الوقتيءَ يا دل جي نامحڪميءَ
، پئي مشابهت ڏني آهي، پر اها ساڻس سراسر بي انصافي ٿيندي. سڀني انسانن وانگر
به عيبن کان خالي نه آهي. اسان سڀني وانگر هو به عمل ۽ ردعمل جي وقتي
بن ۾ اڪثر لڙهي پئي ويو آهي-۽ پوءِ پنهنجي هر ڪم لاءِ عقلي جواز پيدا
رڻ جي ڪوشش پئي ڪئي اٿس. آءٌ پنهنجي زندگيءَ تي نظر ٿو ڊوڙايان ته
به مون کي ساڳي ردوبدل نظر اچي ٿي. جتي هڪ صوفي منش ماڻهو محبتي
، کان ٿڙڪي، نفرت جي لهر ۾ لڙهي، سڀ ۾ پرين پسڻ بدران، انسانن کي هندن
مسلمانن ۾ ورهائي، ملڪ جي ورهاڱي جو ڪارڻ بنجي ٿو، اتي هن به ان چڪر
اچي ڪي ڪم ڪيا آهن، جن تي بجا طور نڪته چيني ٿي سگهي ٿي، ليڪن
جود ان جي هيءَ بي نظير ماڻهو آهي. خدا حياتي ڏئيس، جي هن جي دل وري
، تي فتح حاصل ڪري وڃي، ته اڳيان داغ ڌوپي وڃنس.

(ڪتاب ”خط ۽ مضمون“ مان کنيل)

مولانا دين محمد وفائي

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي

سنڌ جي سرزمين پنهنجي گود ۾ ڪيئي نيڪ مرد ۽ علم جا پارکو پيدا ڪيا آهن، جن پنهنجي فيض جي پالوٽ سان انسان ذات جي خدمت ڪئي آهي. اهڙن پاڪوند ۽ پلارن شخصن ۾ مولانا دين محمد "وفائي" ولد خليفو حڪيم گل محمد پڻ ۽ جو نالو به ورتو وڃي ٿو. سندس ولادت تعلقي ڳڙهي ياسين (موجوده ضلعو شڪارپور) جي ڳوٺ ڪٽي عرف نبي آباد ۾، تاريخ ۲۷- رمضان المبارڪ ۱۳۱۱هـ مطابق ۱۴- اپريل ۱۸۹۳ع تي ٿي. ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار کان ورتائين. نون سالن جي عمر ۾ اڃا 'پندنامو عطار' تائين مس پهتو، تہ يتيم ٿيو، جنهن ڪري تعليم ۾ رخنو پيس. پوءِ تہ جيئن تيئن ڪري پنهنجي عزيز مولوي محمد عالم وٽان فارسيءَ جا ڪتاب پڙهي پختو ٿيو.

سمجهہ سوائي ٽيئن سان، علم جي حصول خاطر ٻاهر نڪتو. ڳڙهي ياسين ۾ مولانا محمد قاسم ۽ اوستہ پليڈنم آباد ۾ مولانا خادم حسين وٽان ڪجهہ عربي ڪتاب پڙهيو. پوءِ لاڙڪاڻي جي جيّد عالم، عمدة العلماءَ ابوالفيض مفتي غلام عمر جتوئي رح (۱۸۳۳-۱۸۳۵ع) وٽ پهتو. سال ۱۹۰۷ع کان ۱۹۱۱ع تائين عربيءَ جو علم پوريءَ ريت وٽائس وٺي، سيالڪوٽي تحصيل پوري ڪيائين. پنجن سالن جي مختصر مدت ۾ منطق ڪبريٰ جا رسالا، ملا جلال ۽ مرزا زاهد جا ڪتاب پڙهي پورا ڪيائين. ذهن تيز هوس، جنهن ڪري ٿوري عرصي ۾ وڏي ڄاڻ وٺي ويو. سندس دستار فضيلت جي موقعي تي، مولانا غلام عمر جتوئيءَ جو استاد، علامہ مخدوم حسن الله صديقي پاٽائي رح (۱۸۵۰-۱۹۲۰ع) پڻ موجود هو. آڏويهن سالن جي عمر ۾ سکر مان شادي ٿيس. هڪ سال بعد رفيقہء حيات گذاري ويس. آخر آستاد جي اجازت سان ڪراچيءَ ويو ۽ اتي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ تعليم ڏيڻ لڳو. ملازمت دوران وقت جي جيّد عالم، مخدوم پاٽائيءَ سان وڌيڪ ڏيٺ ويٺ ٿيس. سندس صحبت ۾ رهي، ڄجهو علم پرايائين.

پوءِ تہ ڏينهون ڏينهن سندس ناموس وڌڻ لڳو. سال ۱۹۱۴ع ۾ جيلاني ٻيرن جي پارڻن کي پاڙهڻ لاءِ راڻيپور پهتو. اتي ٻہ سال رهيو. انهيءَ عرصي ۾ سکر مان ٻي شادي ٻہ ڪيائين، جنهن مان اولادي ٿيو.

انهن ڏينهن ۾ 'قاديانيت' جو فتنو پيدا ٿيو. انهيءَ کي بي اثر بڻائڻ لاءِ حڪيم محمد صادق جي سرپرستيءَ هيٺ "صحيفہ قادري" نالي رسالو ۱۹۱۶ع ۾ جاري ڪيائين. پنهنجي تحريرن ۾ قاديانين جو رَدُ ڪيائين. ان کان علاوه رسالي ۾ تصوف، اخلاق، طب ۽ تعليم وغيره بابت ڪافي مواد ڏنائين.

سال ۱۹۱۷ع جي آوائل ۾، تعلقي ڏوڪريءَ جي ڳوٺ ٽُلاه ۾ آيو ۽ جي مدرسي سان وابستگي رکيائين. اتي پير حاجي امام الدين شاهه راشديءَ جي ڪي ديني درس ڏيندو رهيو. ٽُلاه ۾ قيام دوران ڪيترن عالمن جي صحبت ب ٿيس. ازانسواءِ ٽُلاه ۾ پيل پير جهنڊي وارن جي قديم ۽ معياري ڪتبخاني استفاده حاصل ڪرڻ جو موقعو به مليس. جهنڊي وارو بزرگ، سيد محمد راشد شاهه سندس علمي فضيلت جو معترف هو.

ماهه اپريل ۱۹۱۸ع ۾، ٽلاه مان، حڪيم سيد عبدالغفار راشديءَ جي مدد سان وار "الڪاشف" ڪڍيائين، جنهن ۾ علمي، ادبي، تاريخي ۽ طبّي مضمون ڪثرت شايع ٿيا. خاص ڪري فقهه ۽ طب بابت سوال جواب، ۽ عالمن، فاضلن ۽ ولين احوال منجهس محفوظ ٿيا.

پهرين مهاڀاري لڙائيءَ جي نتيجن، انهن ڏينهن ۾ پوري ايشيا کي پنهنجي ت ۾ آندو. خدا جي فضل سان سنڌ ڪنهن حد تائين اڃا صلح جو گهوارو ، هئي. هوڏانهن فريبي فرنگين جي وڏندڙ چالبازين، مسلمانن کي سخت تنگ ڙڻ شروع ڪيو. ناانصافيون وڏي ويون، ايتري قدر جو مسلمانن سان حد درجي ن زيادتيون ٿيڻ لڳيون. مسلمانن هيءَ حالتون پنهنجي لاءِ سازگار نه سمجهي، ۽ آواز ٿي "خلافت تحريڪ" ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو. اها قومي هلچل يءَ سان وڏي. مولانا صاحب جي دل ۾ اسلام لاءِ بي پناهه محبت هئي ۽ مي جذبي سان سرشار هو. انهيءَ خاطر سندس حياتي وقف ٿيل هئي. هو اهي نون ڏسي، هڪدم ٽلاه چڏي، سال ۱۹۱۹ع ۾ "خلافت تحريڪ" ۾ شامل ٿيو.

مولانا صاحب تحريڪ ۾ ايندي ئي، هڪ سرگرم ڪارڪن جي حيثيت سان ۾ ڪرڻ شروع ڪيو. انگريزن لاءِ هيءَ تحريڪ دردِ سر بڻجي وئي. هنن يڪ کي ٽڏو ڪرڻ لاءِ ڪيترائي حربا هلايا، مگر ڪوبه وس ڪونه هلين. 'نا وفائي صاحب پنهنجي قلم توڙي زبان ذريعي انگريزن خلاف باهه ٻاري چڏي.

مارچ ۱۹۲۰ع ۾ "خلافت ڪانفرنس" لاڙڪاڻي ۾ ڪوٺائي وئي. سندس ح روان مولانا تاج محمود امروٽي رح (۱۸۴۴-۱۹۲۹ع) هو. مولانا ابوالڪلام زاد"، مولانا عبدالباري لکنوي ۽ مولانا شوڪت علي جهڙن شينهن دل انسانن ڪانفرنس کي رونق بخشي. هن تاريخي گڏجاڻيءَ ۾، مولانا وفائيءَ کي

”جمعيت العلماءَ سنڌ“ جو ”ناظم“ مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ وفائي صاحب مستقل طرح ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيو.

هن ئي مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌ جي مسلمانن جي گڏيل ڪوشش سان ڪراچيءَ مان روزنامه ”الوحيد“ جاري ٿي، سندس ايڊيٽر قاضي عبدالرحمان هو. مولانا وفائيءَ جي علمي بصيرت کان سنڌ وارا بخوبي واقف هئا. سندس صلاحيتن مان فائدو وٺڻ لاءِ کيس ادارت ۾ ”معاون مدير“ ڪري شامل ڪيو ويو. اڃا ست مهينا مس گذريا، ته بمبئي سرڪار ”الوحيد“ کان ڏهه هزار رپين جي ضمانت طلب ڪئي. هوڏانهن قاضي عبدالرحمان کي هڪ سال لاءِ جيل آماڻيو ويو. الوحيد تي هيءَ اوچتي مصيبت ڪڙڪندي ڏسي، مولانا وفائي ٻيهر ٺلاه موٽيو. آتي ترسڻ دوران مطالع ۾ رڌل رهيو.

انهيءَ عرصي دوران ”مولانا محمد علي جوهر وارو مقدمو“، ڇهن قومي اڳواڻن تي، خالقڏنه هال ڪراچي ۾ به هلي پورو ٿيو، جنهن ڪري جمعيت العلماءَ سنڌ جي سيڪريٽري، پير غلام مجدد سرهندي کي به ٻه ورهيه جيل جي سزا ٻڌائي وئي. سندس خالي جاءِ، مولانا وفائي سنڀالڻ لاءِ پورن پنجن مهينن بعد وري ڪراچيءَ ويو. ستت ئي ”چيلمسفورڊ سڌارن“ هيٺ ”الوحيد“ جو نئين سر اجراءُ ٿيو، ۽ باقاعدگيءَ سان نڪرندي رهي. مولانا وفائي، سيڪريٽريءَ جي عهدي سان گڏجي ادارت جا فرائض به سنڀالڻ لڳو. اخبار مسلمانن جي حقن جي ترجمان ثابت ٿي ۽ وقت بوقت سندس خاص نمبر به نڪرندا آيا. سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جي سلسلي ۾، تاريخ ١٥- جون ١٩٣٦ع تي، الوحيد جو ”سنڌ آزاد نمبر“ پڻ وڏي آب و تاب سان شايع ٿيو، جيڪو ادبي دنيا ۾ مثالي ۽ بنيادي حيثيت جو حامل آهي.

مولانا وفائيءَ جو شروع کان ئي ”صحافت“ سان آنس رهيو. هن انهيءَ پيشي کي پنهنجي حياتيءَ جو مقصد بڻايو. ويتر مولانا عبدالعزيز ولد محمد سليمان قريشي ٿريچاڻيءَ جي صحبت، سنواري ڇڏيس. مولانا ٿريچاڻي پنهنجي وقت جو وڏو عالم، محقق ۽ ناميارو صحافي ٿي گذريو آهي. مولانا تاج محمود امروٽي رح جي فڪر جو مٿس گهرو اثر رهيو. سکر مان هفتيوار ”الحق“ جاري ڪيائين، ۽ خلافت جي هلچل ۾ سرڌڙ جي بازي لڳايائين. عمر جو وڏو حصو ديني تبليغ، اسلام جي اشاعت ۽ روحانيت جي تعليم ۾ همه تن مصروف رهيو. دوستن ۽ احبابن جو به وڏو حلقو هوس، جن ۾ مولانا وفائي سرفهرست هو.

صحافت واري وقت ۾ مولانا وفائيءَ وڏو ناماچار ڪڍيو. نشر و اشاعت سندس زندگيءَ جي ”مشن“ بڻجي چڪي هئي، جنهن کي حياتيءَ جو حصو سمجهي، نباهيندو آيو. سال ١٩٢٣ع ۾ توحيد ۽ سنت جي اشاعت لاءِ ماهوار ”توحيد“ جاري

يائين. هي رسالو خالص ديني نوعيت جو هو ۽ سنڌي زبان جو معياري علمي
الو سمجهيو ويو. منجهس علمي، تاريخي ۽ اصلاحي مضمون ڪثرت سان ڇپبا رهيا.
ص ڪري قادياني فتني جا پول پڌرا ڪيائين.

مذهبي ڄاڻ سان گڏ مسلمانن کي هن رسالي جي مطالعي مان سياسي سجاڳي
ملي. قبر پرستي، پير پرستي ۽ اجين وهمن ۽ وسوسن جهڙين ڪيترين ئي بي جا،
گين، بدعتي ۽ گمراهه ڪندڙ رسمن ۽ رواجن خلاف اثرائتي انداز ۾ لکيائين.
ص ڪري پيٽ پرست مُلن کان باخبر رهڻ ۾ هن رسالي وڏو ڪردار ادا ڪيو،
مسلمانن وٽ شرڪ جي نوبت آڻڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي هئي. مولانا وفائي
شيخ عبدالمجيد سنڌي (١٨٨٩-١٩٧٨ع) جهڙا قومي ڪارڪن هن رسالي جي
پرستي سنڀاليندا آيا. سال ١٩٢٨ع تائين رسالي جو پهريون دور پورو ٿيو ۽
١٩ع ۾ رسالو ٻئي دور ۾ داخل ٿيو، جيڪو پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ به ڪافي
ت جناب علينواز وفائيءَ جي نگرانيءَ ۾ نڪرندو رهيو. "الوحيد پرنٽنگ پريس،
٤- ميڪلوڊ روڊ ڪراچي" ۽ "عباسي ليٿو پرنٽنگ پريس ڪراچيءَ" مان رسالو
عده شايع ٿيندو رهيو.

سال ١٩٢٣ع جي آخر ۾ مولانا وفائي 'جمعيت العلماءِ سنڌ' کي ڇڏي صرف
وحيد' ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. سال ١٩٢٤ع ۾ آريه سماج طرفان "شڌي ۽ سنگهٽن
هلچل" هندستان ۾ هنگامو مچائي ڇڏيو، جنهن ڪري ملڪ ۾ وڏو ڏڦيڙ پيو.
يءَ روزبروز جي وڌندڙ غلغلي، 'خلافت تحريڪ' جو زور گهٽائڻ شروع ڪيو.
ر شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي ڪوشش سان قائم ڪيل 'انجمن نو مسلمانانِ سنڌ'
ان سال ١٩٢٦ع ۾ مولانا وفائي "سنجوڳي شيخن" ۾ دين جي تبليغ جي سلسلي
جدوجهد شروع ڪئي، ڇاڪاڻ جو هندو 'شڌي تحريڪ' هلائي، نون مسلمانن
سنجوڳي شيخن کي برغلائي، ٻيهر هندو ڌرم ۾ آڻڻ لاءِ سازشون سٽي
يا هئا.

سنڌ جي انهن نون مسلمانن ۽ سنجوڳي شيخن کي سرڪاري رڪارڊ ۾،
شماريءَ جي اعتبار کان هندو سمجهيو ويندو هو. هوڏانهن آريه سماج وارا کين
رتد" سڏيندا هئا، ۽ کين ٻيهر پنهنجي ڌرم ۾ آڻڻ لاءِ واجهه وجهي رهيا هئا.
يءَ معاملي کي مُنهن ڏيڻ لاءِ مولانا وفائي ڪراچيءَ مان پهريائين
ڪاڻي پهتو. لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آباد ٿيل 'سنجوڳي شيخن' ۾ پورا ڇهه مهينا
ر ڪيائين. نتيجي ۾ پنجويهه هزار سنجوڳي شيخن، سال ١٩٣١ع واري آدمشماريءَ
اڻ کي مسلمان لکرايو.

اُن کان پوءِ سکر پهچي، هفتيوار 'الحزب' اخبار جاري ڪيائين. اخبار جو
رست سيّد حزب الله شاه راشدي المعروف به جيئل شاه شهيد هو. مولانا وفائيءَ

ست مهينا هيءَ اخبار هلائي. پوءِ ڪن آڻ ٽر حالتن سببان اخبار بند ڪري ڪراچيءَ روانو ٿيو، ۽ ٽيون پيرو 'الوحيد' جون ذميواريون پڻ سنياليائين. سال ۱۹۳۹ع ۾ مولانا عبيدالله سندي (۱۸۷۲ع-۱۹۴۴ع) سان گڏجي "عبيدالاهي تحريڪ" ۾ شامل ٿيو. مارچ ۱۹۴۳ع تائين وري 'الوحيد' کي ترقي ڏيارڻ ۾ مصروف رهيو. آخر حالتن جي اجازت نه ڏيڻ سبب، 'الوحيد' کان علحده ٿيو، مگر ماهوار "توحيد" کي بنا ناغي ڪيندو رهيو.

آنهن ڏينهن ۾، شهيد الله بخش سومرو (۱۹۰۰-۱۹۴۳ع) طرفان جاري ڪيل روزنامي "آزاد" ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. مولانا وفائيءَ جي پير پائڻ سان 'آزاد' بلند درجي تي پهتي ۽ سندي اخبارن ۾ وڏي اهميت واري اخبار ليکجڻ لڳي. هن اخبار اڪثر هلي هفتيوار صورت اختيار ڪئي ۽ سال ۱۹۴۸ع کان تا حال باقاعدگيءَ سان نڪرندي پئي آڇي. سنڌ جي هيءَ واحد اخبار آهي، جيڪا خالص ادبي مواد شايع ڪندي رهي ٿي. حضرت وفائيءَ جو لائق فرزند، محترم علي نواز وفائي سندس ادارت جا فرائض سرانجام ڏيندو رهي ٿو.

مولانا وفائي صاحب ڪافي ڪتاب قلمبند ڪيا، جن مان ڪجهه سندس حياتيءَ ۾ پڌرا ٿيا. ونس قامي ڪتابن جو به وڏو ذخيرو موجود هو. تاريخ ۲۲ جمادي الثاني ۱۹۳۹ھ مطابق ڏهين اپريل ۱۹۵۰ع تي، اڱاري رات، هي عالم سگورو، ۶۰ ورهين جو سفر خير خوبيءَ سان پورو ڪري، پنهنجن ڪان وڇڙي، وڃي آعليٰ عليين ۾ هميشه هميشه لاءِ آرامي ٿيو. مظفر حسين، شفيع محمد ۽ علي نواز نرينه اولاد ڇڏيائين.

صحافت جي تحريرن کان سواءِ هيٺيان ڪتاب سندس قلم جي زينت بڻيا:

۱- آذڪار حسين رضه (رَدّ شيعه. جواب 'يادگار حسين').
۲- اسلامي زندگي (۱۹۶۴ع ۾ شايع ٿيل).
۳- اظهارالڪرامة في مسئلة الخلافة و الامامة (اسلامي سياست).
۴- اعتقاد صحيح (مذهب آهل حديث).
۵- الختم علي فم الخصم (رَدّ قادياني).
۶- امداد يتيما
۷- الهام الباري [ترجمو: 'تجريد البخاري' (مت جلد)، حصو پهريون شايع ٿيل ۱۹۵۲ع، ٻيو حصو ۱۹۵۶ع، ٽيون حصو؟، چوٿون حصو ۱۹۶۲ع، پنجون حصو ۱۹۶۳ع].
۸- الهام المبين (ترجمو 'حسن حسين').
۹- انتخاب صحيح بخاري.

۱۰- تاريخ محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم (شايع ٿيل ۱۹۳۰ع).
۱۱- تذڪره مشاهير سنڌ (پهريون جلد شايع ٿيل ۱۹۷۴ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد).
۱۲- توحيد اسلام (ترجمو: "تقويت الايمان" ـ اسماعيل شهيد دهلوي، ۱۹۲۱ع).
۱۳- حيدر ڪرار رضه.
۱۴- خاتون جنت رضه (شايع ٿيل ۱۹۲۸ع).
۱۵- راحت الروح تذڪره نوح.
۱۶- زندگيءَ جو مقصد (فلسفه علم نفس).
۱۷- سيدنا عثمان رضه (شايع ٿيل ۱۹۶۴ع).
۱۸- شاهه جي رسالي جو مطالعو (شايع ٿيل ۱۹۶۲ع).
۱۹- صديق اڪبر رضه.
۲۰- غوث اعظم رضه (شايع ٿيل ۱۹۵۵ع).
۲۱- فاروق اعظم رضه (شايع ٿيل ۱۹۲۵ع).
۲۲- فتوح الغيب (تصوف، نامڪمل).
۲۳- قرآني صداقت (رَدُّ آريه).
۲۴- لاجواب تحرير (رَدُّ آريه).
۲۵- لطف اللطيف (شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو احوال، ۱۹۵۱ع).
۲۶- ميرمحمد عربي صلي الله عليه وسلم (شايع ٿيل ۱۹۴۷ع).
۲۷- نومسلم هندو راڻيون (تاريخ، شايع ٿيل ۱۹۲۸ع).
۲۸- هندستان، اسلام جي نظر ۾.
۲۹- هندو ڌرم ۽ قرباني (رَدُّ آريه و هنود).
۳۰- يادِ جانان (احوال: رئيس المهاجرين جان محمد خان جوڻيجو، ۱۹۲۰ع).

عام طرح وفائي صاحب کي "تاريخ جو امام" سڏيندا هئا، انهيءَ لاءِ ته 'تاريخ' سان ڪيس گهري دلچسپي هئي. خاص ڪري سنڌ جي تاريخ بابت وڏي ڄاڻ رکندو هو. حافظو به تيز هوس، جنهنڪري تاريخ ساز شخصيتن جون سوانح عمريون لس بيان ڪري ويندو هو. سندس وڏو ڪارنامو اهو پڻ ڇيو وڃي ٿو ته مختلف حادثن ۽ نم وسرندڙ واقعن بابت اهڃاڻ، صحيح طريقي سان بالڪل درست ۽ پيرائتا ڪري ٻڌائيندو هو. ڪهڻ بزرگن جي ولادت ۽ وفات جا سن به برزبان ياد هوندا هيس. سادو رهڻ، سادو کائڻ ۽ سادو پهرڻ سندس طبيعت کي پاڻءَ پيل هو. سدائين توڪل تي گذاريائين، ۽ هميشه قناعت کي ترجيح ڏنائين.

سچ پچ وفائي صاحب "علم جو ڏيئو" هو، جنهن جي لات مان ڪيترن علم جي طالبن کي روشني ملي. ڪتاب ڇپائي بنان نفعي جي وڪرو ڪندو هو، ۽ ڪڏهن به آسودي هجڻ جي هوس نه رکيائين.

ايترين سارين خوبين واري شخصيت تي جيترو به لکجي، تہ بہ، پورو حق ادا ٿي نہ ٿو سگهي. سندس شاگردن جو حلقو بہ وسيع هو. مولانا محمد صادق راڻيپوري ۽ مولانا محمد قاسم مشوري هن ڏس ۾ سرِ فهرست آهن. مولانا مشوري وٽانئس 'تحريرات' ۾ پڙهُ ٿيو. هڪ صحيح مسلمان جي حيثيت ۾، ڪوٽ ڪوٽ وڃي، دين اسلام کي روشناس ڪرائڻ ۾ مولانا وفائيءَ جون خدمتون وسارڻ جوڳيون نہ آهن. تبليغ جي سلسلي۾ مولانا تاج محمود امروٽي رح جي ارشاد موجب ڪم ڪندو هو.

سنڌ ۾ اسلامي اصولن جي هن مبلغ کي، اسلامي تبليغ ۽ اشاعت ۾ ڪافي رندڪون پيون، مگر صداقت، سچائي ۽ خلوص جهڙن نيڪ جذبن سان سدائين اڳل رهيو ۽ ڪڏهن لڏيو نہ ڪين. جڏهن بہ ڪنهن هندوءَ کي مسلمان ٿيندو ڏسندو يا ٻڌندو هو، تہ خوش ٿيندو هو. سندس حلقہ احباب بلڪل وسيع هو. سندس دسترخوان اميرخواهہ غريب لاءِ هڪ جهڙو هو. برصغير جي مشهور عالمن، شاعرن ۽ طبيبن کان علاوه پين ملڪن جي عالمن ۽ نامياريں شخصيتن سان بہ قلمي تعلق قائم رکيائين.

صوم وصلوات جو سختيءَ سان پابند هو. ڪشادي پيشاني، پکي رنگ ۽ رعبدار چهري سان، سدائين ٽلهي لباس ۾ ملبوس نظر ايندو هو. هٿ ۾ لڪڻ ۽ شيرواني، پوشاڪ جو حصو هوندي هيس. مٿي تي تُرڪي ٽوپي پائيندو هو. ميندي رڱل سفيد ڏاڙهي، منهن تي ٿهندي هئس. آواز بلند ۽ دلڪش، گفتار فصيح ۽ بليغ هوندي هيس. پيچدار ۽ مشڪل مسئلا ٿورن لفظن ۾ بيان ڪري ويندو هو. انهيءَ سلسلي ۾ پير علي محمد راشديءَ جهڙو مڃيل صحفي ۽ علم جو پنڌار بہ معترف آهي.

مطلب تہ مولانا وفائيءَ ۾ سمورن عقلي ۽ نقلي علمن کان سواءِ سياسي سوجهہ پوجهہ بہ جهجهي هئي. هو وسيع النظر عالم هو. ڪيترن عالمن ساڻس علمي بحث مباحثا بہ ڪيا، جن ۾ پاڻ ئي سوپارو ٿيو. حنفي عقيدي سان تعلق هوس، ۽ هر وقت اهائي ڪوشش رهندي هيس، تہ هميشه اهڙي راهہ وڃي، جنهن ۾ اختلاف باقي نہ رهي. علم جي تعظيم ۽ تڪريم سندس زندگيءَ جو خاص مٿو هو. اهل ممات کي نيڪيءَ سان ياد ڪندو هو. قبرن جي زيارت ۽ ثواب حاصل ٿيڻ جو قائل هو. توڪل، زهد، حُبّ الله ۽ حُبِّ رسول صلي الله عليه وسلم ـ سندس گفتار، ڪردار ۽ عمل مان واضح هئا. ماٿهن جي طبيعت کي پرکڻ ۾ مولانا وفائيءَ کي ملڪو حاصل هو. ڪڏهن بہ اجائي ۽ بي بنياد گفتگوءَ ۾ وقت نہ وڃايائين. اجاين سوالن ڪرڻ واري تي ناراض ٿيندو هو. ڪنهن بہ اعتراض، سمجهاڻي ۽ بحث وغيره ۾ مبالغي کان ڪم نہ وٺندو هو، انهيءَ سلسلي ۾ پين کان مدد وٺڻ ۾ بہ عار نہ ڪيائين.

تقرير جي مقابلي ۾ تحرير کي ترجيح ڏنائين. دوستن جي اسرار تي تقرير ڪندو هو، ته عالمانه ۽ خطيبانه انداز اختيار ڪندو هو. خاص ڪري ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلي الله عليه و سلم جن جي سيرت طيّبه بابت روايتن کي ڇنڊي ڇاڻي بيان ڪندو هو. اهڙن موقعن تي اڪثر ڪري ڳوڙهي اڀياس ۽ اخلاقي قدرن کي سامهون رکندو هو.

مولانا وفائيءَ کي سنڌ جي قديم ڪتبخانن ڏسڻ جو موقعو مليو، جهڙوڪ: پير جهنڊو لائبرري (هالا)، مخدوم هالا لائبرري (هالا)، مخدوم فضل الله لائبرري (پاٽ، دادو)، جامع راشدي لائبرري (پير ڳوٺ، خيرپور)، مدرسه دارالفيض سونو جتوئي (لاڙڪاڻو)، مدرسه دارالعلوم آمروٽ (شڪارپور)، مدرسه مدينة العلوم ڀينڊو (حيدرآباد) ۽ مدرسه دارالعلوم رهڙو (ميهڙ، دادو) وغيره - انهن مان به استفادو ڪيائين.

"سنڌ سڌار سوسائٽي" جي بنيادي رڪن ۽ "سنڌي لغت" جي تياريءَ ۾ شروعاتي ميمبر جي حيثيت سان ڪم ڪيائين. سندس ٻيا رفيق: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (١٨٨٢ع - ١٩٤٢ع)، ديوان پرسرام "ضيا" (١٩١٢ع - ١٩٥٨)، عثمان علي انصاري (١٨٩٧ع - ١٩٥٨ع) هئا. سال ١٩٤٩ع ۾ درسي ڪتابن جي تياريءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار رهيو.

"وفائي" تخلص سان نظم ۾ به طبع آزمائي ڪيائين. سندس پهريون شعر، سال ١٩١٣ع ۾ "السلام" (ڪراچي) ۾ پڌرو ٿيو. سندس شاعري قومي رنگ ۾ آهي.

ماخذ

١. پنج روزه "توحيد" (جلد اول)، رمضان - شوال ١٣٤٢هه، مطابق اپريل - مئي ١٩٢٤ع
٢. سماهي "مهراڻ" (سوانح نمبر) ٣-٤/١٩٥٧ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد سنڌ
٣. يادگار مولانا وفائي رح - مرتب: علي نواز وفائي، وفائي پبلشنگ هائوس، سرناگتي بلڊنگ، پاڪستان چوڪ ڪراچي - ١، جون ١٩٧٣ع
٤. عظيم سنڌي انسان - پروفيسر ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ماڊرن بوڪ اسٽور، جاڙل شاهه لاڙڪاڻو، نواز پرنٽنگ پريس ايمپائر روڊ لاڙڪاڻو، ١٩٨١ع
٥. اڻويهين صديءَ جا نثر نويس (ڊي - فيل لاءِ ٿيسز) - ميمڻ عبدالغفور سنڌي، قلمي ١٩٨٣ع
٦. سنڌي رسالن جي تاريخ (١٨٩٠ع کان ١٩٨٠ع تائين) - الهرکيو ٻٽ، سنڌ پبلشرس حيدرآباد، انڊس پرنٽرس، حيدرآباد سنڌ، جولاءِ ١٩٨١ع
٧. هفتيوار "آزاد" جا مختلف پرچا.

Gul Hayat Institute

سجڻن جا سنيها

("مهراڻ" بابت چند تاثرات)

● "مهراڻ" جي "مقالا نمبر" ۾ چوندڙ چڱي ڪيل آهي. سنڌ بابت ڪافي مواد آندل آهي، جنهن مان سنڌ جي ڪن گمنام پهلوئن تي روشني پوي ٿي. جيڪڏهن مقالن کي معياري ماڻ ۾ سڌبو تہ "سنڌي طب" ميڙني کان مٿاهون آهي.

گذارش: هڪ خاص نمبر 'سنڌڙيءَ جا ڪوٽ وسن' تي شايع ڪرايو وڃي تہ تاريخي مواد ۾ اضافو ٿيندو.

- ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
(لاڙڪاڻو)

● سنڌي ادبي بورڊ، پنهنجي معياري ٽماهي، ادبي ۽ علمي رسالي "مهراڻ" سڀان وڌيڪ چاتو سڃاتو وڃي ٿو. هيءُ رسالو، جنهن سنڌي ادب ۾ شعر ۽ تاريخ ۽ تحقيق کي بي بها خزانو عطا ڪيو آهي، گذريل ٣٣ ورهين کان، پنهنجي ادبي معيار کي قائم رکندي، باقاعدگيءَ سان ڇپجي رهيو آهي.

مهراڻ جو آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر ٨٤ع وارو پرچو اسان جي سامهون آهي، جنهن ۾ ١٧ مقالا، ٽي خاڪا ۽ ڪجهہ ادبي خط شايع ٿيل آهن، جي مواد توڙي زبان ۽ بيان جي لحاظ کان نهايت معياري آهن.

سنڌي ادب ۽ ثقافت، تاريخ ۽ آثار قديمہ، تحقيق ۽ تنقيد، سياحت ۽ طب جي موضوعن تي هن پرچي ۾ آيل تحقيقي مقالا نہ فقط پڙهندڙن جي علمي ذوق جي تسڪين ڪن ٿا، پر محققن لاءِ بہ نئين معلومات مهيا ڪري، ڪين فڪر جي راهن تي اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏين ٿا.

هن رسالي ۾، مرحوم سيد حسام‌الدين راشدي (سنڌ ۽ ايران جا لاڪاپا)، ڊاڪٽر غلام علي الانا (سنڌي ٻولي جو موجوده مقام، آن جو مستقبل ۽ آن جي ترقيءَ لاءِ تجويزون)، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي (سنڌ جا سهروردي بزرگ)، ڊاڪٽر سدارنگاڻي (شاهہ صاحب جي شعر تي عربي اثر)، محمد ابراهيم جويو (هو جي هٿا هيٺ) ۽ مرحوم رئيس ضياءالدين بلبل (سنڌي طب) جا ليک اسان جي ادب ۾ قيمتي اضافو ڪن ٿا.

تاثراتي مضمونن ۾ علي احمد بروهي (سيد جمال الدين بخاري بابت) ۽ ايڇ. ايم
واجه (قاضي فيض محمد بابت) جا مکيه خاڪا پڙهڻ وٽان آهن.

ايڊيٽوريل ۾، رسالي جي "ناهموار" مالي حالتن جي شڪايت ڪندي، قيمت
ي 'معقول حد تائين' وڌائڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. بهتر ٿئي ها، جيڪڏهن
لائيءَ سان قيمت وڌائڻ بدران، ڪجهه جاکوڙ ڪري 'مهراڻ' جي اشاعت ۽
اپي ۾ اضافو ڪيو وڃي ها. سرڪاري سرپرستي هيٺ، بورڊ پاران شايع ٿيندڙ
اهي رسالو لکندڙن کي معقول حد تائين معاوضو به ڏيئي سگهي ٿو، پر شرط هيءَ
ي ته رسالي کي ڪاروباري انداز ۾ هلائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. ظاهر آهي
جيئن رسالو ويندو مهانگو ٿيندو، تيئن خريدار ويندا گهٽبا. هن پهلوءَ تي به
بان ڏيڻ گهرجي. ٻيءَ حالت ۾ نتيجو اهو نڪرندو ته ادب کي عام ڪرڻ جون
ڪوششون، رسالي جي ڳري قيمت سببان، ناڪام رهجي وينديون.

اميد ته مهراڻ جو هي 'مقالا نمبر' به اڳين پرچن وانگر ادبي ۽ علمي حلقن
ڙي عام پڙهندڙن ۾ مقبوليت حاصل ڪندو.

-لطيف ڊائجيسٽ مئي ٨٥ع

(ايڊيٽر علي احمد بروهي)

● مهراڻ جو 'مقالا نمبر' پڙهيم. اهڙي شانائتي شماري شايع ڪرڻ تي اوهان
رڪباد جا مستحق آهيو. حقيقت ۾ مهراڻ جو هر شمارو شاندار آهي، جنهن جي ڀيٽ
ڪنهن ٻي رسالي سان ڪرڻ مهراڻ جي معيار کي گهٽائڻ برابر آهي. سنڌ جي ادب،
يخ ۽ تمدن جي مهراڻ جيڪا خدمت ڪري رهيو آهي، سا مثالي آهي. تازي
اري کان اڳ 'رني ڪوٽ'، 'سنڌي ادب سيمينار' ۽ 'فهرست' نمبر به پڙهيا اٿم.
دن ڪهڙي تعريف ڪريان؟ هر نمبر سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿو. الله اوهان کي
ٿهه ۽ صحت ڏيندو ته جيئن اها اعليٰ روايت قائم رکي سگهو.

رني ڪوٽ نمبر ۾ تصويرن جي ڪمي ڏاڍي محسوس ٿي. اهڙي اعليٰ اڏاوت
ن هر زاويي کان ڪڍيل تصويرون شامل ٿيڻ گهرجن ها. پاڪستان ٽوئرزم
ولپمينٽ ڪارپوريشن طرفان "فوڪس آن پاڪستان" نالي رسالو نڪري ٿو،
جي جلد ٦، نمبر ١، ١٩٨٤ع شماري ۾ سلمان رشيد "Romance of Rannikot"
عنوان سان مضمون لکيو آهي، جنهن ۾ هن رني ڪوٽ جي قلعي جون بيحد
بصورت رنگين تصويرون ڏنيون آهن، جيڪي ڏسڻ وٽان آهن. رني ڪوٽ جي
يخي عظمت پنهنجيءَ جاءِ تي، پر هنن تصويرن ڏسڻ سان ئي قلعي جو ڏهڪاءُ
ي ٿو. منهنجي صلاح آهي ته اوهان ٽوئرزم وارن کان اهي تصويرون هٿ ڪري،
مون جي ترجمي سميت، ايندڙ ڪنهن شماري ۾ شامل ڪيو.

'مقالا نمبر' بهترين آهي. هر مقالو پنهنجيءَ جاءِ تي علم ۽ تحقيق جو خزانو آهي. پير صاحب جي مقالي جو غلام محمد لاکي صاحب ڏاڍو سهڻو ترجمو آهي. مون کي يقين آهي ته هر پڙهندڙ کي اهو پسند آيو هوندو. مون سستيءَ سبب لاکي صاحب ڏانهن مبارکباد ڪانه موڪلي آهي. لاکو صاحب سنڌ جي تاريخ ۽ ادب جو خاموش خدمتگار آهي ۽ اڳتي هلي تحقيق جي ميدان ۾ انشاءالله وڏو نالو پيدا ڪندو. پير صاحب مرحوم سان سندس پرت جو پيچ پختو آهي. هن ڪان اڳ سنڌي ادب تي پير صاحب جي اردو ڪتاب جو به سنڌيءَ ۾ سهڻو ترجمو ڪيو اٿس. مون کان لاکي صاحب، پير صاحب جي ٻين فارسي مقالن جي گهُر ڪئي آهي ته جيئن انهن کي به سنڌي ويس اوڀائي، پڙهندڙن اڳيان پيش ڪري. مان سندس جذبي کي ساراهيان ٿو. مان تمام جلد پير صاحب جا اڻ ڇپيل فارسي مقالا ڏانهنس آماڻيندس، مون کي يقين آهي ته اهي ڇپڻ لاءِ اوهان کي ئي آماڻيندو.

- حسين شاهم راشدي
(ڪراچي)

● مهراڻ جو مقالا نمبر، ماشاءالله، ظاهر و باطن، پنهي طرحن سان سٺو آهي. سنڌ جي مشاهيرن، تاريخ، تهذيب، تمدن ۽ سنڌي لسانيات تي نهايت مفيد مقالن ۽ معلومات جو مجموعو آهي. مهراڻ جي وسيلي سنڌ جي جا عظيم الشان تاريخ مرتب ٿي رهي آهي، ان ۾ توهان جو حصو به اٽن جن ٻين بزرگن ۽ دوستن کان گهٽ ناهي. مان توهان جي بهترين ڪاميابين لاءِ دعاگو آهيان.

- ڊاڪٽر ابو سلمان شاهجهانپوري
(ڪراچي)

● مهراڻ جو مقالا نمبر، علمي معيار توڙي پيشڪش جي لحاظ کان هڪ وٽندڙ شمارو آهي. هن پرچي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جي تحقيقي مضمون جي ڪمي شدت سان محسوس ٿي آهي. مهراڻ، بيشڪ سنڌي ادب جو تاريخي دستاويز آهي ۽ سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ جو مان مٿانهون ڪيو ٻيٽو آهي. شعر و شاعري ۽ ڪهاڻين جي مواد کي به هاڻي وارو ملڻ گهرجي.

- عنايت بلوچ
(حيد رآباد)

● ٽماهي مهراڻ جو پرچو اڳي کان اڳرو شايع ٿي رهيو آهي. اوهان معيار قائم رکڻ ۾ هميشه پنهنجي بهترين صلاحيتن ۽ ڪوششن کان ڪم وٺندا رهو ٿا، مقالا نمبر ان جو بين ثبوت آهي. ان کان وڌ ڀلا آخر کهڙي ڪوشش ٿي سگهي ٿي، جو ذري گهٽ مڙني نامور محققن ۽ اديبن جون تحريرون ان ۾ گڏ ڪرڻ ۾

ڪامياب ويا آهيو ۽ اهو خاص پرچو ادب، لسان، تاريخ ۽ ثقافت جو هڪ بيش قدر
موعو بنجي سگهيو آهي. ايڏي ضخيم نمبر کي ڏسندي بي تحاشا توهان کي داد تحسين
ڻ ٿي دل چاهيو ۽ هي چار سٽون لکي ويٺس.

سڪندر جي قديم سنڌ تي ڪاهه، سنڌ ۽ ايران جا تاريخي لاڳاپا، شڪارپور جا هندو
هوڪار، حضرت نوح نبي جي تاريخي ٻيڙي جي تلاش وغيره وغيره، تاريخي تحقيق جي
ب ۾ چڱا مضمون چئي سگهجن ٿا، جيتوڻيڪ انهن موضوعن تي مضمون ڪي اڳي به
يع ٿيل آهن ته ڪن ۾ پيش ٿيل مواد اڪثر ڪتابن ۽ مضمونن ۾ بار بار اچي
ڪو آهي. جيستائين مورخ جي سامهون ڪو صحتمند تاريخي نظريو نه هوندو ۽
اني جي ردوبدل ۽ انقلاب جو ادراڪ حاصل نه هوندس، اوستائين هن جي مضمون
ن واقعاتي تسلسل کان سواءِ ٻيو ڪوبه گهرو فهم نڪري نه سگهندو. حامد علي
نائي صاحب جو مضمون ڪافي معلومات افزا آهي، هو سنڌ جي پراڻين تهذيبي ۽
مي جاين جي تحقيق ڪندو رهي ٿو ۽ حسب دستور هن مضمون ۾ هڪ مزيد
ڙي مرڪز تي روشني وڌي اٿس. هن پرچي ۾ رئيس ضياءالدين بلبل مرحوم جو
مون ٻين سڀني کان وڌيڪ پڙهندڙ جو توجه ڇڪي ٿو، جنهن کي گويا مرڪزي حيثيت
صل آهي. هن سنڌ جي قديم طب تي روشني وجهندي نه فقط ان جي تاريخ بيان
ڪئي آهي، بلڪ آڳاٽي زماني جي سُتين ڦَڪين، علاج معالج ۽ روايتي طريقن کي علم الانسان،
سيات، ملڪي ماحول ۽ ثقافت جي مطالعي جي روشنيءَ ۾ بحث ڪيو اٿس ۽ ان جي
دي پهلوءَ کي اجاگر ڪندي سمجهايو اٿس ته سنڌي طب محض توهمات ۽ رسومات
ي پابند ڪانه هئي، جيئن عام سمجهيو وڃي ٿو، بلڪ اها سائنٽيفڪ فن طور رائج هئي.
ت ڪي اهڙيون ڳالهيون به ضرور بيان ٿيل آهن، جن کي علمي طور درست
ر سمجهي سگهجي، تاهم ان جي هڪ فڪرانگيز ۽ معلوماتي مضمون هجڻ کان
ڪوبه انڪار ڪري نه سگهندو.

ادبي ڀاڱي ۾ چند مقالا خاص طرح سان قابل ذڪر آهن، ليڪن سچ پڇو ته
ڪٽر سدا رنگاڻي خادم جو مقالو "شاهه صاحب جي شعر تي عربيءَ جو اثر"
جي رسالي جي جان آهي. دراصل هيستائين لطيف جي علمي تحصيل تي، ڊاڪٽر
ربخشاڻيءَ جي تحقيق ۾ ڪوبه عالم وڌيڪ اضافو آڻي نه سگهيو هو، ليڪن ڊاڪٽر
دا رنگاڻي صاحب ڪلام جي اندروني ۽ لساني شهادتن کي مدنظر رکندي پهريون
رو موضوع تي مدلل طور بحث ڪيو آهي، جيئن لطيف جا شايقين ۽ پارکو ان مان
ض حاصل ڪري سگهن.

- ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي
(حيدرآباد)

● اوهان پنهنجي روايت مطابق هن پيري ۾ رسالي کي سهڻي ترتيب سان سينگاريو آهي. سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب تي چگو خاصو مواد ڏنو اٿوَ. هونئن ته ان پرچي جا سڀئي مضمون پڙهڻ لائق، تعريف جوڳا ۽ سائيڊ جهڙا آهن ۽ ايندڙ وقت ۾ محققن لاءِ مستند مواد جو ڪم ڏيندا، پر آءٌ رکيو ان پرچي جي طويل مقالي جو ذڪر ڪندس، جنهن مون کي هي ٻيم لفظ لکڻ لاءِ آياريو آهي. اهو مقالو آهي "سنڌي طب"، جيڪو مرحوم رئيس ضياءالدين بلبل جو قلمبند ڪيل آهي. بلبل مرحوم سنڌي هوليءَ جو نم رکو هڪ معروف اديب هو، پر ساڳئي وقت سنڌي تهذيب ۽ ثقافت تي پڻ سندس کوڙهي نظر هئي، ان جو ثبوت سندس اهو مقالو آهي. خط لکڻ جو مقصد هيءَ آهي ته "طب" جو فن يا علم هڪ مڪمل سائنس جو درجو حاصل ڪري چڪو آهي، تنهنڪري آءٌ اوهان جي معروف رسالي جي ذريعي علم طب جي ماهرن کي گذارش ڪندس ته اهي انهيءَ مضمون جو جديد طب جي روشنيءَ ۾ مطالعو ڪن ۽ ان ۾ جيڪي علمي ڳالهيون رهجي ويل آهن، تن جو احوال ڏئي، ان کي اڳتي وڌائن، ته جيئن اسان جو اهو علم، جيڪو بيمل پاڻيءَ وانگر سينوارجي ويو آهي، تنهن ۾ ان نئين سوچ جي تازي پاڻيءَ جي اڇڻ ڪري، اهو سينوار آن ماڻ باهر نڪري ويندو ۽ اهو پاڻي اڇو اجرو ۽ تازو ٿي، وڌيڪ ڪارائتو ٿيندو.

-مراد علي مرزا
(حيدرآباد)

● تماهي مهراڻ جو هر پرچو باقاعدگيءَ سان نظر مان گذرندو رهندو آهي. گذريل چند پرچا ۽ تازو شمارو خاص نمبرن ۽ موضوعن جي حوالي سان شايع ڪيا ويا آهن، جيڪا هڪ وڏندڙ ڳالهه پڻ آهي.

هونءَ ته ادب جي ڪنهن به صنف تي علمي ۽ تحقيقي سلسلي سان جيڪي به ڪتاب ۽ پرچا شايع ٿيندا، اهي خاطريءَ سان بهترين مواد سان سينگاريل هوندا، شرط انهيءَ سان ته اهو مواد محنت، ڪوشش ۽ جذبي سان نم صرف حاصل ڪيو ويو هجي، بلڪ ان کي سنواري ۽ سينگاري ترتيب سان پيش ڪيو وڃي.

اوهان جو تازو پرچو "مقالا نمبر" پڻ پنهنجي طور تي هڪ سڦي ڪوشش آهي. مختلف موضوعن ۽ عنوانن تي جن به ليکڪن جا مقالا شايع ڪيا ويا آهن، اهي پنهنجي نوعيت ڪان سڦي معلومات مهيا ڪن ٿا، پر جنهن ڳالهه خاص طور تي متاثر ڪيو، اها آهي اوهان جي ايڊيٽوريل جي اثرائتي ايپروچ.

اوهان سنڌي ادب جي چند مکيه مسئلن، اهلِ سنڌ کي اپيل، پرچي بابت يا ٻين موضوعن کي زير بحث آڻي جن به حقيقتن جي مختصر طور تي نشاندهي ڪئي آهي، اهي بلڪل برمهل، وقتائتيون ۽ قابلِ توجهه آهن. سنڌي ادب جي

د متگذار خانگي توڙي سرڪاري ادارن جي حوصلہ افزائي ۽ مالي مدد لاءِ ٻاڌر ۽ ثروت ادارن ۽ شخصيتن کي گهرجي ٿو اهي ادب جي ترقيءَ ۽ ترويج لاءِ پنهنجو پاڻ وکين ۽ ملهائين. ان کان علاوه سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي ڊڪليريشن، ستهارن، پي. آءِ. اي. جي پرواز ۾ سنڌي اخبارن ۽ رسالن جو رکڻ، سنڌي ادب ي ترقيءَ لاءِ اديبن جي گهربل حوصلہ افزائي ۽ ڪتابن تي انعامن ۽ برابري جي سئلن تي اوهان جو نقطہ نظر بلڪل ڪليل ۽ قابلِ توجهہ آهي. اوهان جن ٻ ڳالهين ي توجهہ ڇڪايو آهي، اهي لکندڙن ۽ پڙهندڙن کان علاوه ادب جي هر شائق ي دل جي ڏڙڪن ۽ احساس آهن.

ادب جي لاتعداد صنفن هڻ ڪري رسالي کي ڪنهن ٻ هڪ صنف يا موضوع ي نمبر طور شايع ڪيو ويندو تہ ڪا بري ڳالهہ ڪانهي، پر ايترو ضرور خيال هي تہ رسالي جون تقاضائون: مواد ۽ ويراڪي ۽ مختلف موضوعن تي مواد کي مهيا ڪرڻ هوندو آهي، ان ڪري مسلسل طور خاص موضوعن تي خاص نمبر ڪڍڻ جي ٻاءِ رسالي کي عام ۽ روايت مطابق ڪڍيو وڃي، جنهن ۾ شعر و شاعري ۽ ڪهاڻي غيره کي ڪڍهن ٻ نظرانداز نہ ڪجي تہ بهتر.

ـــعابد لغاري
(حيدرآباد)

● ٽماهي "مهراڻ" جو تازو پرچو ڏسي دل کي ڏاڍي خوشي نصيب ٿي. ون‌ءَ تہ مهراڻ جا سڀ مضمون مڙوئي رسيلا ۽ علمي خزاني جا جواهر آهن، پر ن پهرين‌ءَ سٽ ۾ ئي شڪارپور ۽ 'شڪارپورين' متعلق ٻ مضمون پڙهي ورتا آهن، اص طور تي اهي ٻئي مضمون شڪارپور جي ڪلچر، زبان ۽ واپار تي هڪ ريخي مواد جي حيثيت رکن ٿا، پر "شڪارپوري" واري مضمون ۾ جمال ابڙي صاحب ي پڻاڻن، شيخن، ميمڻن ۽ سرهين جي ذاتين جو ذڪر ڪيو آهي، اتي ويچارن سرويچ ومرن جو ذڪر ٻنهہ نہ ڪيو آهي. حقيقت هي آهي تہ جيستائين شڪارپور جي ومرن جو ذڪر نہ ڪيو وڃي، تيستائين شڪارپور جو ذڪر اڌورو آهي. جيئن تہ ي مضمون پراڻو آهي ۽ ٻهر شايع ڪيو ويو آهي تہ پوءِ ان لاءِ صاحبِ سمون کان نظرثاني ڪرائڻ گهرجي ها. مون کي اميد آهي تہ صاحبِ مضمون ي اوهان منهنجي هن اعتراض کان آگاهہ ڪندا.

ٻيو جمال صاحب شڪارپور جي پڻاڻن کي ٻنهہ زميندار ۽ اڻ پڙهيل لکيو آهي، ڪا پڻ غلط بياني آهي. گذشتہ هڪ صديءَ کان شڪارپور جي پڻاڻن علم ۽ ادب و است ۾ جيڪا نمايان خدمت ڪئي آهي، انهيءَ کان اوهان بخوبي واقف آهيو. ا غلام حسين، آغا صوفي، آغا قادر داد خان، آغا بدرالدين، آغا عبدالنبي عليگ، ا تاج محمد، آغا محمد يعقوب ۽ آغا غلام نبي پڻاڻ جا نالا ڪنهن تعارف جا

محتاج نہ آھن. چا، اھي سڀ جاھل ھئا؟. اميد تہ ھن ٻئي اعتراض تي ٻہ اوھان کيس آگاھہ ڪري، آئيندہ ان جي تصحيح ڪرائيندا.

ـ آغا نور محمد پٹاڻ
(ڪراچي)

وضاحت

● محترم آغا نور محمد صاحب جو ليکيل خط پڙھيم، گھڻو افسوس ٿيو. صاحب موصوف ڪٿان کان ڪٽي وڃي نڪتو آھي.

منھنجو مضمون "شڪارپوري" ھڪ عام شڪارپوري جي عادات، اطوار، رھٽي ڪھٽي، ٻولي، پوشاڪ، چال ڍال، سوچ ويچار، چند ڦوڪ، سونھن سان پيار ۽ اٿڻ ويھڻ ۽ متعلق آھي. مضمون جو واسطو خاندانن ۽ شخصيتن سان ٻنھہ ڪونھي ۽ نہ قومن سان. پٹاڻن جي شاندار ماضي، روايتن ۽ مشھور ھستين کان ڪنھن کافر کي انڪار آھي. مون تہ ڪنھن ٻہ شخص يا خاندان جو ذڪر ئي ڪونہ ڪيو آھي، ٻوءِ آغا صاحب کي ڇو اچي پنھنجو خاندان سُڃھيو آھي. مون نہ تہ سر غلام حسين جو ذڪر ڪيو آھي، نہ شھيد خانبھادر الله بخش جو، جي تاريخ ساز ھستيون ٿي گذريون آھن، نہ خانبھادر محمد پناھہ ڊڪ (سومرو) جھڙي باوقار ۽ مدبر صاحب جو، نہ خانبھادر جاڪ خان ٻيو جو. ٻوءِ ٻلا پٹاڻ صاحبن کي وسارڻ جو سوال کيئن ٿو اٿي.

آغا صاحب خوامخواھہ جذباتي ٿي ويو آھي، يا وري احساسِ ڪمتريءَ جو شڪار آھي. مون ڪٽي ڇيو آھي تہ پٹاڻ جاھل آھن. ڊيڪاريو ڪو اھڙو اکر، يا ڪو اشارو. ائين چوڻ تہ ٽري ماڻھو اڻ پڙھيل آھن، ان جو مطلب اھو تہ نہ ٿيو تہ سڀ ٽري جاھل آھن، يا سنڌي ماڻھو اڻ پڙھيل آھن جو مطلب ڇا اھو آھي تہ سنڌي جاھل آھن.

سومرن کي منھنجو سلام. پر سومرا جاتيءَ ۾ ڪھڙيون جداگانہ ۽ مخصوص عادات ۽ رجحانات آھن، جن جو ذڪر ڪيو وڃي. شريف‌النفس، محنتي ڪٽي، ڪنھباڻي يا ڊڪ آھن، ڪوبہ سنڌن مخصوص انداز نہ آھي. آغا صاحب جي ٻڌائي تہ اسان جي ڄاڻ ۾ اضافو ٿيندو. سون شيخن، ميمڻن، سُرھيين ۽ پٹاڻ ذاتين جو ذڪر نہ ڪيو آھي، پر سنڌن مخصوص عادتن، رجحانن، لاڙن ۽ سوچ جو.

بھرحال مون شڪارپور ۾ نھايت مختصر عرصو گذاريو ۽ جيڪي ڏٺم ۽ محسوس ڪيم، تنھن جو ذڪر ڪيم. آغا صاحب ٻلي ان کي سڌاري، ڏاھي، وڏائي لڪي. ٻلي پٹاڻن جو سڄو شجرو ان ۾ آڻي، تمام اھم اضافو ٿيندو.

ـ جمال ابڙو
(ڪراچي)

● سال ۱۹۸۴ع، رسالي "مهراڻ" لاءِ نيڪ فال ثابت ٿيو، جنهن ۾ هڪ ٻئي ٿيان چار چوندڙ نمبر نڪتا. مڙني ۾ "مقالا نمبر" مثالي آهي.

رسالي ۾ ڏنل سترهن مقالن مان هرهڪ مقالو پنهنجيءَ جاءِ تي شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو. بيشڪ توهان کيرون لهڻيون، جو سنڌي ادب کي هي معياري نمبر ڏئي، ادب ۾ خاطرخواه اضافو ڪيو آهي. انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي، 'مهراڻ' جي تاريخ ۾ هي "مقالا نمبر" اهم جاءِ والاري ٿو.

'سنڌ ۽ ايران جا لاڳاپا'، 'سنڌي پوليءَ جو موجوده مقام'، "حضرت نوح جي ٻيڙيءَ جي تلاش"، 'سنڌي ڪافي' ۽ 'سنڌي طب" جهڙن انمول مقالن ڏاڍو متاثر ڪيو. انهيءَ کان علاوه 'سنڌ جا سهروردي بزرگ'، 'شڪارپور جا سنڌو شاهوڪار'، 'سڪندر جي قديم سنڌ تي ڪاهه' ۽ 'شاهه صاحب جي شعر جي عربي آثر"ـــ مقالا معلوماتي آهن.

۳۶۰ صفحن تي ڦهليل، هي 'خاص نمبر' بار بار پڙهڻ جي قابل آهي. سنڌ جي تهذيب، ثقافت، سياست، علم ادب، طب ۽ جاگرافي وغيرهه جي ڀوري ڀوري ڪاسي ٿئي ٿي. انهيءَ لڪڻ ۾ وڌائ نه ٿيندو، ته هي سنڌ جو هڪ مڪمل دستاويز هي. جيڪڏهن متس تفصيل سان تبصرو ڪجي، ته 'مقالا نمبر' جيان ٻيو ڪتاب ٻه جڙي وڃي. دعا آهي، ته توهان جي هيءَ جستجو، آدبي دنيا ۾ جوڳي جاءِ الارينديِ.

ـــ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي

(لاڙڪاڻو، سنڌ).

● مقالا نمبر ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب جو مضمون ۽ قريشي حامد علي صاحب جو ڪچهري تي مقالو وڏيڪ وڻيا. ڊاڪٽر سدارنگاڻيءَ جو مقالو 'شاهه صاحب جي ڪلام تي عربي آثر" هن پرچي جي حقيقي جان آهي، ڇوته اڪثر هرو مل شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي ڪلام تي، هڪ نئين ڪوجنا پيش ڪئي آهي. انهيءَ سلسلي جي باقي مضمونن کي ڀڻ مهراڻ ۾ شايد ڪيو ته جيڪر ايڏو سٽو ٿئي.

ـــ اسرار احمد علوي

(راڻيپور سنڌ).

● مهراڻ جا سڀئي خاص نمبر ــ فهرست نمبر، سنڌي ادب سيمينار نمبر، رڻ ڪوٽ نمبر ۽ مقالا نمبر- سنڌي ادب ۾ دستاويزي حيثيت رکن ٿا. توهان جنهن محنت ۽ محبت سان، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي خدمت ڪندا رهو ٿا، ان لاءِ مبارڪن ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. رسالو وقت اندر شايع ڪرڻ جي روايت قائم ڪري، توهان مهراڻ جي هڪ اهم ضرورت جو پورائو ڪيو آهي. سنڌ جي ممتاز عالم علامہ آءِ. آءِ. قاضي جي فڪر، پيغام، فلسفي ۽ سوانح تي تحقيقي مضمون ڏيڻ جي وڏي ضرورت آهي. اميد ته هن تجويز تي سوچيندا. مقالا نمبر ۾ ڊاڪٽر سدا رنگاڻيءَ جو مضمون وڏيڪ وٺيو.

ــ عبدالغفار صديقي
(چام شورو)

● "مهراڻ" مقالا نمبر جي ايڊيٽوريل ۾ سنڌي ادب جي ڪجهه مکيه مسئلن جو واضح ذڪر ڪري توهان وڏي حق گوئي جو مظاهرو ڪيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جا ٻيا به ڪيترائي اهم مسئلا موجود آهن، جن لاءِ مهراڻ کي پاڻ ملهائڻ ڪپي، اميد ته مهراڻ اڳرو رهندو.

ــ نصير مرزا
(حيدرآباد)

● "مهراڻ" جي مقالا نمبر ۾ ڊاڪٽر سدا رنگاڻي جو لطيف سائينءَ تي تحقيقي مضمون ڏاڍو وٺيو. جيڪو هن رسالي جي سونهن آهي.

ــ انيس ميمڻ
(هالا نوان)

● "مهراڻ" مقالا نمبر ڏسي روح کي راحت ملي. سال ۱۹۸۴ع نمبرن جي نذر ٿيو، اها به وقت جي اهم ضرورت آهي ته جيئن علمي، ادبي ۽ تحقيقي موضوعن تي مواد يڪجا موجود هجي ته تحقيق ۽ مطالعي لاءِ آساني رهي. مقالانمبر سٽي ڪوشش آهي، ان لاءِ سڀني ليکڪن کي لک مبارڪون آهن، جن سچن موتين جهڙا مقالا لکيا آهن ۽ اوهان کي به نو لک مبارڪون آهن جو اوهان اهي سچا موتي ميڙي چونڊيو، موتين- مالها ۽ هيرن- هار جوڙي سينگاريو، اسان تائين پهچايو آهي. قدردانن لاءِ اوهان جي محنت ۽ چونڊ جو هر مقالو علمي خزانو ۽ موتين- مالها ۽ هيرن- هار آهي. اهل علم ۽ قدردان ئي ان جو اندازو لڳائي سگهن ٿا.

علامہ قاسمي صاحب جي نگراني ۽ اوهان جي ادارت مهراڻ ۾ سنڌي علم و ادب کي تمام سهڻي نموني سينگاريو ۽ سنواريو آهي. خالق ڪائنات اوهان ۾ ڏات ۽ ڏانءَ جي لياقت ۽ طاقت سمائي آهي، جو موقعي آهر، هر ڪم سهڻي پيرايي ۽ سليقي سان ادا ڪري سگهو ٿا. اها سڀ رب ڪريم جي ڪرمنوازي ۽ عطا آهي.

مهراڻ ۾ پير حسام الدين شاهه راشدي جو پهريون مقالو ”سنڌ ۽ ايران جا لاڳاپا“ لمي ميدان ۾ نئين شي آهي. جيتوڻيڪ عرب ۽ هند جي تعلقات بابت سيد سليمان ندوي و ڪتاب به اهم آهي. سنڌ ۽ ايران جي لاڳاپن تي راشدي مرحوم جو اهو تحقيقي نالو مختصر، جامع ۽ معلومات افزا آهي.

انهي مقالي جي مترجم غلام محمد لاکي صاحب به ترجمي کي وڻندڙ ۽ سهڻي موني ۾ نباهيو ۽ ادا ڪيو آهي. ان کان پوءِ هرهڪ مقالو سنڌي ٻولي لاءِ تجويزون، نڌ جا سهروردي بزرگ، گچيرو، شڪارپور، شاهه ايليا، نوح نبي جي ٻيڙي، امع ابن طولون، لاڙڪاڻي ضلعي جا ڪتب خانا، سنڌي ٻولي جو جائزو، سڪندر ي سنڌ تي ڪاهه، ڪافي، شاهه جي شعر تي عربي جو اثر، سنڌي طب ۽ وفات رن اديبن تي تاثر ـــ اهي سڀ علمي، تحقيقي ۽ معلومات سان ڀرپور مقالا آهن. هرحال، مهراڻ جو مقالا نمبر سڄو پرچو سراسر سون آهي.

اميد ته اڳين تحقيقي ۽ علمي ادبي نمبرن جيان اوهان جي پيار جو هي پورهيو پرت سان پيار وارن وٽ اگهامندو. اوهان جي رات ڏينهن جي محنت ۽ ڪوشش و پارکو ۽ قدردان دل و جان سان داد ڏيندا.

--عبدالرسول قادري

(سڪرنڊ)

● رسالي مان پهريون مضمون سائين راشدي صاحب وارو ”سنڌ ۽ ايران ا لاڳاپا“ ۽ سائين ڊاڪٽر الانا صاحب جو سنڌي ٻوليءَ تي مضمون ڏاڍو متاثر ڪيو. مهراڻ بيشڪ هڪ بيش بها خزانو آهي. الله سائين اوهان جي ڪوششن کي ال هميشه ڪامياب ڪري.

هن سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ خالص سنڌي ادب سان گڏ جيڪڏهن Semi-Literary Science“ وارا مقالا به هجن ته سنڌي ادب ۾ چڱو سائنسي دنيا انهن به واڌارو ٿيندو. بهرحال، هيءَ صرف هن ناچيز جي راءِ آهي.

--بدرالدين لاڙڪ

(ڪراچي)

Gul Hayat Institute

● مهراڻ جي مقالا نمبر ۾، سنڌ جي سپوت سيد حسام الدين راشديءَ صاحب جو ضمون، ”سنڌ ۽ ايران جا لاڳاپا“ پڙهي دل باغ بهار ٿي ويئي. لاکي صاحب گهڻي حنت سان ترجمي جو فرض نباهيو آهي، ۽ اُن مان اصليت جو هڳاءُ پيو اچي. پير صاحب حوم جي ٻين اردو مقالن مان، سواءِ هڪ اڌ جي، سمورا مون وٽ گهڻي عقيدت ن سانڍيل آهن ۽ توهان اگر مهراڻ لاءِ پسند ڪندا ته پيش ڪري سگهبا. پير صاحب

سون وٽ يادگار خط پڻ موجود آهن، جي مختلف دؤرن ۾، مختلف هنڌن تان لکيل آهن. مقالا نمبر جا پيا مضمون پڻ سنڌ بابت گهڻي جاڻ ۽ تحقيق تي ٻڌل آهن ۽ انهن جي مانائتن لکندڙن کي مبارڪ ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي، خاص ڪري ڊاڪٽر سدار نگاڻي صاحب کي.

غلام مصطفيٰ خان پيو
(شڪارپور)

● مهراڻ جو مقالا نمبر هڪ شاندار ايڊيشن آهي. سنڌ جي تاريخ ۽ ادب بابت بهترين مواد کي سميٽي، هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ لاءِ مبارکباد قبول ڪندا. سنڌيءَ وانگر سرائڪي زبان ۾ پڻ ڪيتروئي بهترين ادب موجود آهي، جنهن کي شايع ڪرڻ مهراڻ تي لازم آهي، چو ته سنڌي ۽ سرائڪي ٻوليون، سنڌ ۾ هڪجيتريون عزيز آهن. اميد ته سرائڪي ٻوليءَ ۾ شعر ۽ ڪهاڻيون شايع ڪندا رهندا.

مسز طلعت جسڪاڻي
(حيدرآباد)

● رسالو مهراڻ، سنڌي ادب جو هڪ ستون آهي. اُن جي ادبي خدمتن ۽ انتظاميہ جي اعليٰ ڪارڪردگيءَ کان انڪار ڪونهي. سڀ مهراڻ گهڻي وقت کان پڙهندو ٿو اچان. مقالا نمبر وڏيڪ دلچسپ ۽ معلوماتي آهي. رني ڪوٽ نمبر تي جن اعليٰ قدر شخصيتن پنهنجي پسند گيءَ جو اظهار ڪيو آهي، اِهو ئي سندس افاديت جو آئينو آهي. ليڪن عام لکندڙ ۽ پڙهندڙ دوستن کي رسالي جي نون ۽ تازن موضوعن سان به ڪافي دلچسپي آهي. منهنجي خيال ۾ مهراڻ کي نئون نسل به پڙهي ٿو، جو هلڪي ڦلڪي مواد سان وڏيڪ لطف حاصل ڪري ٿو.

مير غلام الله خان ٽالپر
(مورجهنگو، ڪنري سنڌ)

● ... مهراڻ جي مقالا نمبر ڏسڻ سان ئي نيٺ ڏري پيا. پڙهي دل خوش ٿي وئي. حقيقت ۾ مواد سان گڏ رسالو جي ظاهري سونهن ۾ سرس آهي، تہ دل مان دعا نڪري وڃي ٿي، رسالي ۽ سندس مرتب جي حق ۾. مهراڻ مقالا نمبر جهڙي طرح ٽائيٽل جي سونهن ڪري ڏسندڙ جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائي ٿو، اهڙيءَ طرح مواد ۾ معياري هٿ ڪري گراهڪ کي خريداريءَ لاءِ آماده ڪري ٿو. بتدريج مهراڻ ۾ جا نواڻ اچي رهي آهي، سا نگاهن کان لڪل ڪانہ آهي، ان ۾ اوهان جو حصو وڏيڪ آهي. اوهان جي محنت ئي رسالي کي وڏيڪ معياري بنايو آهي، جنهن لاءِ اوهان مبارڪ جا مستحق آهيو. جيڪڏهن خاص نمبرن کڻڻ تي مائل آهيو ۽ ايندڙ پرچو شايد تحريڪ آزادي نمبر ٿئي تہ ان بعد ڪهاڻي نمبر چو نہ؟ روايت ۾ قائم ٿيندي ۽ موضوع ۾ نواڻ پڻ ايندي.

-- انيس انصاري
(لاڙڪاڻو، سنڌ)

● مهراڻ جي مقالا نمبر جي اشاعت تي گهڻي محنت ڪئي اٿوَ. مضمونن ۾ شڪارپور تي به مضمون ڏيئي، هن تاريخي شهر جي حق ادائي ڪئي اٿوَ. سنڌ جي ٻين شهرن تي به مقالا ڏيندا رهندا، جيئن سنڌ جي ماضيءَ جي عظمت آڏاگر ٿيندي رهي. ادبي لحاظ کان، مهراڻ جو معيار ڏينهون ڏينهن وڌندڙ محسوس ٿي رهيو آهي، ان لاءِ سنڌي ادبي بورڊ ڪيرون لهٽيون.

-خليل موريائي
(شڪارپور)

● مهراڻ جي خاص نمبرن جي مسلسل پيشڪش مبارڪ، پر هاڻي ذائقي جي تبديلي به لازمي آهي. سنڌ ۾ اڄ ڪلهه جيڪو بهترين سنڌي تخليقي ادب لکجي رهيو آهي، اميد ته ان کي شايع ڪرڻ کان مهراڻ غافل نه رهندو. مقالا نمبر نالي خاص پرچي ۾ پير حسام‌الدين راشدي صاحب جو مقالو وڌيڪ وٺيو، جو آن ۾ پير صاحب سنڌ جي شاندار ماضيءَ جي ڪيترن ئي اهم پهلوئن جي نشاندهي ڪئي آهي. ساڳيءَ طرح شاهه صاحب تي ڊاڪٽر سدا رنگاڻيءَ جو مضمون وڏيءَ محنت سان تيار ڪيل آهي، جيڪو "لطيفيات" ۾ هڪ شاندار اضافو آهي.

-فتح محمد شيخ
(حيدرآباد)

● سڀ ماهي مهراڻ مقالا نمبر نظر مان گذريو. دل باغ و بهار ٿي ويئي، چاڪاڻ ته سڄو پرچو تاريخي مقالن سان پريل نظر آيو. سنڌ ۽ ايران جا لاڳاپا سنڌ جا سهروردي بزرگ، ڪچيرو، وغيره تمام بهترين تاريخي معلومات افزا مقالا آهن. انهن سڀني مقالن ۾ وري سائين غلام محمد لاکي جو ترجمو ڪيل سائين حسام‌الدين راشدي جو مقالو "سنڌ ۽ ايران جا لاڳاپا" هڪ بهترين ۽ اڻ لکيو مقالو هو. اميد ته آئيندہ به اهڙن قيمتي مقالن، خاص طور سائين حسام‌الدين راشدي جي فارسي ۽ اردو مقالن جو ترجمو ڪرائي مهراڻ جهڙي معياري رسالي ۾ جاءِ ڏيندا رهندا. اهڙن قيمتي مقالن جي ترجمي لاءِ سائين غلام محمد لاکي جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن، چاڪاڻ ته سائين غلام محمد جي ترجمي ۾ اصليت جي بوءِ ايندي آهي.

-محمد پنهل ڏهر جعفري
(ڪوٽ غلام علي ڏهر)
پوسٽ: ڏهر ڪي

● "مهراڻ" پنهنجي مواد ۽ پيشڪش جي لحاظ کان هڪ معياري رسالو آهي. تازو پرچو مقالا نمبر پڙهي ڏٺم. ڪهاڻين ۽ شعرن جي ڪمي شدت سان محسوس ٿي، اميد ته تخليقي ادب جي پاڻ کي ايندڙ پرچن ۾ نظرانداز نه ڪندا، جيئن اداريه ۾

چاڻايو آڻو. مهراڻ ۾ فوٽو ڇپ شايع ڪرڻ گهرجن، ائين ڪرڻ سان پرچي جي زيب زينت ۾ اڃا به اضافو ٿيندو.

- محمد شريف طالب
(حيدرآباد)

● مهراڻ جو مقالا نمبر، مهراڻ جي اشاعت ۾ هڪ نئين پيشڪش آهي. ان ۾ شامل ڪيل مقالا نه رڳو علمي ادبي حلقن لاءِ، پر سنڌي ادب جي پانڌيئڙن لاءِ هڪ عظيم شاهراهه جي حيثيت رکن ٿا. سون کي توقع آهي ته مهراڻ خاص نمبرن سان گڏوگڏ پنهنجي عام رواجي اشاعت تي به خاص توجهه ڏيندو رهندو.

- انور هالائي
(هالا نوان)

● تازو پرچو مهراڻ نظر مان نڪتو. لاڪيتو خاص نمبرن جي ڪري سنڌ جي شاعري ۽ افسانوي ادب پڙهڻ کان محروم آهيون. اميد ته ان لاءِ آپاڻ وٺندا. مقالن ۾ غلام محمد لاکي صاحب، پير صاحب جي مضمون جو شاندار ترجمو ڪيو آهي ۽ ان کي وڏيءَ جاکوڙ سان، وضاحتن ۽ نوٽن سان سنواري سينگاري آڏو آندو آهي، ان لاءِ لاکي صاحب کي مبارڪ هجي. حضرت نوح نبيءَ جي ٻيڙي جي تلاش ۽ ڊاڪٽر سدا رنگاڻيءَ جي مضمون متاثر ڪيو. انگريزي ادب مان ڪي شاهڪار ترجمو ڪرائي مهراڻ ۾ شايع ڪندا رهو ته سنڌي ساهت ۾ سُٺو واڌارو ٿيندو رهندو.

- "سوز" هالائي
(هالا نوان)

● گذارش ته ٿماهي "مهراڻ" جو "مقالا نمبر" ايڏاس هيٺ آهي. ڪافي محنت ڪئي آهي توهان مواد هٿ ڪرڻ ۾ ۽ مواد کي سهيڙڻ ۾! سون اڳ به هڪ خط ۾ ذڪر ڪيو هو ته ٿماهي "مهراڻ" اسان وٽ دستاويز جي حيثيت رکي ٿو ۽ مستقبل ۾ به رکندو، جنهن لاءِ جَس لهڻو.

توهان "مقالا نمبر" ۾ مواد موڪلڻ لاءِ اپيل ڪئي آهي. ڪافي ڏينهن اڳي سون اوهان ڏي ڪجهه مواد "ٽيڙو" جي عنوان سان موڪليو هو، جنهن جو توهان ۳-۴-۱۹۸۲ع تي جوابي خط به موڪليو (جنهن لاءِ مهرباني). اڃان خط ۾ توهان وڌيڪ مواد موڪلڻ لاءِ چيو. سون وڌيڪ مواد موڪليو، ليڪن سواءِ هڪ "غزل" چڇجڻ جي، ٻيو مواد نه چڇجي سگهيو ۽ غالباً ان جو سبب مختلف "نمبر" شايع ڪرڻ ٿي ٿي سگهي ٿو. بهرحال، اميد ٿو ڪريان ته مٿيون مواد "مهراڻ" جي زينت بڻبو.

ٿماهي "مهراڻ" جي چندي بابت به "مقالا نمبر" ۾ ذڪر ڪيل آهي ۽ اداري جي مجبورين جو به ذڪر ڪيل آهي. بهرحال، پڙهندڙن جو اداري سان ساڻ رهندو.

ٺاءالله سنڌي ادب جي لاٽ اوچي ڳاٽ ٻَرندي رهندي. انهيءَ ۾ ئي اسان جي
ت آهي ۽ "مهراڻ" جو جياپو، سنڌي قوم ۽ سنڌ وطن جو جياپو آهي. انشاءالله
ت جلندي رهندي.

-اياز کتري
(سجاول)

● رني ڪوٽ نمبر ڏاڍي چاهه ۽ چَس سان پڙهيو هئم. الاجي مقالن جو اثر هو،
هن ۾ سُرور وري ڪوئيٽا جي موسم ٿي ڀريو، يا وري ادبي اڄ هئي، جيڪا
پڙهڻ سان اُجهاڻي. مختصر ته توهان کي داد ڏيڻ کان رهي نه ٿو سگهان، جو
ي ڪوشش ڪري نمبر ڪڍيو اٿو. هاڻي ته رڳو 'رني ڪوٽ' ڏسڻ جو چاهه
ي ويو اٿم. گذريل رات "مقالا نمبر" پڙهي پورو ڪيم. سچ پڇو ته جڏهن پورو
يم، تڏهن رسالو رکيم.

توهان طرفان گذارش ۾ سنڌي ادب جون تقاضائون ڏاڍيون وڻيون. مقالن ۾،
وٽ جي ناتي سان، شڪارپور تي لکيل حمال ابڙي ۽ انيس انصاري صاحب جا
ضمون ڏاڍا وڻيا. تحقيقي مقالن ۾ راشدي صاحب ۽ رئيس ضياءالدين بلبل جا مقالا تمام
ا ۽ محنت سان لکيل آهن. ڊاڪٽر سدا رنگاڻي، ميمڻ عبدالغفور ۽ هدايت پريم جن
لکيل مقالا به پسند آيا. 'ويا سي وينجهار' وارو سلسلو به سٺو آهي ۽ جاري
ڻ کپي.

—بدرالدين اڄڻ
(ڪوئيٽا)

● مهراڻ رسالي جو مقالا نمبر وڏي شوق مان پڙهيم. اها هڪ تمام سُٺي
ڪوشش آهي، جو سنڌي ساهت بابت انيڪ موضوعن تي سُٺا مضمون گڏ ڪيا ويا
ن، انهن مان سنڌي ساهت سان نَون چاهه رکندڙن کي هڪ هنڌ گڏيل معلومات
ي سگهي ٿي.

مضمونن مان حضرت نوح نبي جي ٻيڙيءَ جي تلاش وڌيڪ وڻيو، جو اُن ۾
ٽي دلچسپي سمايل آهي. جيئن ته اسان جو واسطو تعليم سان آهي، ان ڪري ڇا
مناسب نه رهندو ته تعليمي نظرين ۽ تعليم جي مقصديت بابت ڪي سُٺا فڪري
ضمون مهراڻ وسيلي پڙهڻ لاءِ ملي سگهن، خاص ڪري علامه آءِ- آءِ- قاضي جي
يمي نظرين بابت ڪو تفصيلي مواد ملي سگهي. مهراڻ ۾، ڪجهه سال اڳ،
عليم، ڇو ۽ ڇالاءِ؟" نالي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو هڪ مضمون توهان ڇپيو هو،
طرح جا ٻيا مضمون اچي سگهن ته جيڪر سُٺو ٿئي. ان طرح سان تعليم جي
بي سان تعلق رکندڙن لاءِ سُٺو مواد فراهم ٿي سگهندو.

—شمشاد ميمڻ
(حيدرآباد)

ويا سي وينجهار

(جي. الانا جي ياد ۾)

ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ

هن سال جي بهار اڃا پنهنجي قوهه جواني ۾ پير ئي نه پاتو، جو سنڌ ۽ پاڪستان جي هڪ جڳ مشهور شخصيت، موت جي خزان جو ٻل ٻڌجي وئي. مشهور دانشور ۽ عالم، جي. الانا، جنهن ۱۹۰۶ع ۾ هڪ غريب خاندان ۾ جنم ورتو ۽ پنهنجي محنت خواهه مشقت سان سياسي ۽ علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتن، انساني حقن جي رکوالي ۽ عالمي امن جي بقا جي جدوجهد ۾ بين‌الاقوامي شهرت جي بلندين تي پهتو، ۸- مارچ ۱۹۸۵ع تي اجل جي آواز تي لبيڪ چئي وڃي اڻ ڏٺي دنيا وسائي. سنڌس وفات سان گڏ هڪ دور جي پڄاڻي ٿي، هڪ ڪهاڻيءَ جو خاتمو ٿيو ۽ تاريخ جو هڪ ورق ورائجي ويو.

مرحوم الانا جي ۷۹ ساله زندگي پنهنجي دامن ۾ اڻ ڪٽيا داستان لکايو، اسان کي سبق حاصل ڪرڻ، سوچڻ ۽ لوچڻ لاءِ آماده ڪندي رهندي. سنڌس زندگيءَ جو آغاز، بلاشبہ ڏکن ۽ دردن سان ٿيو، پر پوءِ حياتيءَ جي پڄاڻي تائين هن زندگيءَ جو هرڪو روپ ماڻيو. اهو روپ، جنهن ۾ هزارين خوشيون هيون، اڻ ڪٽيون نعمتون هيون ۽ بيشمار شادمانيون هيون، انڪري هو هن دنيا مان ويندي ويندي ڪيترن ماڻهن تي ته ميارون رکيون ويو هوندو، ليڪن سنڌس زندگي هن جي هر ميار کان بچيل هئي، چوته جيترو مرحوم زندگيءَ کي ڏنو، ان کان ٻيٽوٽيڻو ڪانئس حاصل ڪيائين. معمولي واچ ميڪر جي فرزند جي. الانا، محنت ۽ مقدر جي ساٿ سان پنهنجو پاڻ کي پنهنجي دور جو نامور ڏن- ڏٺي بنايو، پر سياست، تجارت ۽ علم ادب جي دنيا ۾، هزارن ستارن ۾ پاڻ کي ڇوڏهينءَ جو چند ٻڌ مڃرائي ويو.

مرحوم الانا جي شخصيت، ڪردار ۽ خدمتن تي گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي ۽ اڃا گهڻو ڪجهه لکيو ويندو، ليڪن ضرورت هن گهالهه جي آهي ته سنڌس زندگيءَ جا آهي پهلو اجاگر ڪيا وڃن، جيڪي سنڌس ساٿين، دوستن ۽ عقيدتمندن جي اکين ڪٽلي ڪتاب جيان ظاهر رهيا.

ساٿس منهنجو ٻه سالن کان وڌي نيازمنديءَ جو رستو رهيو. مون کڏهن به محسوس نه ڪيو ته ڪو ڇمار جو فرق اسان جي رشتن ناتن کي تصنع ۽ تڪلف

جناب جي. الاذا

Gul Hayat Institute

بو رنگ ڏيندو هجي. هن بزرگ کڏهن به پنهنجي جاڻ، تجربي، ڄمار ۽ دولت
ي ديوارن کي وچ ۾ نه آندو ۽ مون کي پنهنجي شخصيت خواهه ڪردار جا اهڙا
وپ ڏيڪاريا، جن کي ڏسي آڳ روز بروز سنڌس سادگي، شرافت ۽ وڏماڻهائپ جو
ٽل ٽيندو ويس. بلاشبه هو هڪ معمولي انسان هو، جنهن انتهائي غير معمولي
ڪارنامه سرانجام ڏنا.

سنڌس آخري ڪچهريون مون کي چگيءَ طرح ياد آهن: جڏهن مٽس هارت اٽيڪ
و ۽ ڊاڪٽرن جي مشوري سان پاڻ مڪمل آرام ڪري رهيو هو، تڏهن اهڙين
التن ۾ به اسان جون ملاقاتون ٽيندیون هيون. مون کي ياد ٿو پئي ته هڪ
ڙيءَ ملاقات ۾ مرحوم نه رڳو پاڻ روئي ويٺو، مگر منهنجون اکيون به آليون
ڪري چڏيائين. ٽيو ائين هو، جو جڏهن آئون سنڌس خيرعافيت معلوم ڪرڻ
يس ته پاڻ ٽيپ رڪارڊر ٻڌي رهيو هو. علڻ فقير جو مڏر آواز سنڌس روح کي
حت ڏئي رهيو هو. مون کي ڏسي ٽيپ رڪارڊر بند ڪري، چوڻ لڳو:
د رمحمد! مون ۾ ۽ علڻ فقير ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ اسان ٻئي ساڳئي تند تنواريون ٿا،
ان ٻئي سنڌ ۽ سنڌواسين جي خدمت کريون ٿا. فقير پنهنجي آواز سان جو ڪم
ڪري رهيو آهي، اهو آئون قلم سان ڪري رهيو آهيان. اسان ٻئي هڪ سکي جا
پاسا آهيون، اسان ٻئي هڪ جهڙا آهيون..."

مون ڏٺو ته سنڌس اکيون ڀرجي آيون ۽ ٻوءِ مون کان پڇڻ لڳو ته:
د رمحمد! سچ چئه ته مون سنڌ جي ڪيتري قدر خدمت ڪئي آهي ۽ تاريخ ۾
ن کي ڪهڙو مقام ملندو؟" مرحوم جو اهو سوال اڄ جي نقادن، علم دوستن
ادب پرور انسانن کان پنهنجي علمي حيثيت تعين ڪرائڻ جي هڪ مطالبي برابر
ي. موحوم جو ڪجهه ڪيو، ان جو معاوضو، عزت ۽ احترام جي صورت ۾،
س پنهنجي به دور ۾ مليو، پر ٻوءِ به اڃا ڪيترين ڳالهيون رهجي وڃن ٿيون،
ن جي صفائي پاڻ کي ڪرڻي آهي ۽ مرحوم کي سنڌس موڪلائي وڃڻ کان
ء پنهنجي علمي، ادبي، سياسي تاريخ ۾ جوڳي جاءِ ڏيڻي آهي.

مرحوم جي. الائه پنهنجي عملي زندگيءَ جو آغاز واپاريءَ ۽ مقامي سياسي
ڪارڪن جي حيثيت سان ڪيو. سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ بعد وارين حالتن ۾
د انهن روپن ۾ نڪار آيو. ڪيس سنڌ مسلم ليگ لاءِ ڪم ڪرڻ جو موقعو
و ۽ هو پنهنجي ڪوششن سان معمولي واپاريءَ مان مٽي چڙهي وڃي نامياري
رن جي صف ۾ شامل ٿيو. تهان پوءِ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميئر ٿيو.
سليٽو اسيمبليءَ جو ميمبر ٻڌيو ۽ ڪيس باهرينءَ دنيا ۾ ملڪ توڙي شهر جي نمائندگي
رڻ جو موقعو مليو.

پاڻ پنهنجي وت ۾ وس آهر آزاديءَ جي تحريڪ ۾ حصو ورتو ۽ قيام پاڪستان جي جدوجهد ۾ هڪ مخلص ڪارڪن طور دل کولي پرپور ڪردار ادا ڪيائين.

سهڻي شيءَ سڀ کي وٺي، پر اسان ماڻهن کي وري ڦري ٿي ڪين! تڪڙي نظر لڳيو پٽيس. هتان جي ماڻهن وٽندڙ خواب ڏٺا، پر وقت جي حالتن انهن جي تعبيرن کي ٻي بگاڙي ڇڏيو. اهڙين حالتن ۾ مرحوم الانا "پهرين وڏي مارشل لا" لڳڻ کان پوءِ محسوس ڪيو ته سياست جي ٻيڙيءَ تان لهي، پاڻ تري وڃي ڪنهن پر ٽڪجي. ڪيس لکڻ پڑهڻ سان شوق اڳ ئي هوندو هو. پاڻ بهترين مقرر هو ۽ ڪجهه وقت "سنڌ سينٽينل" اخبار جو ايڊيٽر به رهيو هو. سندس انگريزي شاعري تنهن وقت جي مشهور انگريزي اخبار "دهلي گزيٽ" ۾ ڇپجي هئي، تنهن ڪري وقت جي بدلجندڙ حالتن جو رخ ڏسي پاڻ منهن ڦيري وڃي علم ادب جي دنيا آباد ڪيائين. متئين پس منظر ۾ اردو خواه انگريزيءَ ۾ هڪ ضخيم ناول به لکيائين.

حقيقت ۾ سياست چڏڻ کان پوءِ هو هڪ ناول نويس جي حيثيت سان علم ادب جي دنيا ۾ آيو. ستاويهن سالن جي عرصي ۾ پاڻ نامياروشاعر، محقق ۽ مؤرخ ته ڪري مڃيو ويو، پر ناول نويس جي حيثيت ۾ نه ته هن ئي پاڻ کي ظاهر ڪيو ۽ نه وري ٻئي کنهن ئي کيس تسليم ڪيو. جيڪڏهن سندس ڪا حسرت رهجي وئي ته اها هئي ته حالتون سازگار ٿين ۽ هن جو اهو ناول شايع ٿئي، مگر سندس اها خواهش ڪڏهن به پوري ٿي نه سگهي!

مرحوم الانا پنهنجي چمار جو آخري عرصو سنڌ، سنڌي ادب ۽ سنڌ جي تاريخ ڏانهن توجهه ڪرڻ ۾ وقف ڪري ڇڏيو هو. پهرين هن لاکيٽي لطيف جي منتخب ڪلام جو انگريزيءَ ۾ منظوم ترجمو ڪيو. ان کان پوءِ شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل ۽ ساميءَ جي چونڊ ڪلام جو منظوم ترجمو ڪيائين. انهن عظيم شاعرن جي فن ۽ فڪر کان متاثر ٿي ڪيس به ساڳي ڍنگ ۽ رنگ ۾، پر انگريزي زبان ۾ شاعري ڪرڻ جو شوق جاڳيو. مرحوم اهڙي قسم جا ڪيترائي بيت انگريزيءَ ۾ لکيا، جيڪي جيڪڏهن ڇپجي وڃن ته ڇڙو خاصو ڪتاب جڙي پوي.

بهرحال، هن سادي ۽ سڀاڻهي انسان پنهنجي چمار ۾ گهڻو ڪجهه ڏنو ۽ سڏ، ڪافي ڪجهه ڇاڏيو ۽ ماڻيو. هو پنهنجو وارو وڃائي ويو. هو اڄ اسان ۾ ڪونه آهي، پر سندس ڇڳيون ڳالهيون پيون ڳائبيون.

هن پنهنجي پسماندگان ۾ هڪ بيوه، هڪ پٽ پيار علي الانا ۽ ٻه ڏيئر: مسز مهرالنساء شعبان ۽ مسز سلطانه هاشواڻي ڇڏيا آهن.

* * *

مختصر سوانحي خاڪو: محترم جي. الانا جي قومي ۽ ملڪي، علمي ۽ ادبي، فتي ۽ تهذيبي، سياسي ۽ تجارتي خدمتن بابت هڪ مختصر سوانحي خاڪو ن ڪجي ٿو:

- الانا صاحب ١٩٠٦ع ۾ ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيو ۽ سينٽ پئٽرڪس هاءِ اسڪول، ي. جي. سنڌ ڪاليج ۽ فرگوسن ڪاليج پونا ۾ تعليم حاصل ڪئي. جوانيءَ ۾ ئي سياست ۾ گهڙيو ۽ پاڪستان تحريڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيائين. مرحوم الانا هن سالن تائين ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جو ميمبر رهيو. ١٩٤٨ع ۾ هو ر چونڊيو ويو. ڪراچي چيمبر آف ڪامرس جو ڇهن سالن تائين صدر رهيو. ڪستان جي واپار ۽ صنعت وارن ايوانن جي فيڊريشن جو ١٩٤٨ کان ١٩٥٦ع تائين ا صاحب باني صدر به هو. ١٩٤٩ع ۾ هو انٽرنيشنل اسلامڪ چيمبر آف ڪامرس صدر بڻيو هو. ١٩٥٦ کان ١٩٥٨ع تائين اولهه پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ . ميمبر به رهيو. مرحوم جي. الانا هڪ سؤ کان وڌيڪ بين الاقوامي ڪانفرنسن ۾ ڪستان جي نمائندگي ڪئي ۽ ١٩٦٢ع ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ به ڪستاني وفد جو اڳواڻ رهيو. ١٩٤٨ع کان ١٩٥٧ع تائين هو انٽرنيشنل ليبر گنائيزيشن جو ميمبر به هو. هن انساني حقن بابت گڏيل قومن جي ڪميشن ۾ ١٩١ کان ١٩٧٩ع تائين پاڪستان جي نمائندگي به ڪئي. هو ڪميشن جو چيئرمن رهيو ۽ چليءَ ۾ انساني حقن وارين حالتن جو اڀياس ڪرڻ لاءِ گڏيل قومن جي ڪ ورڪنگ گروپ جي اڳواڻي به ڪيائين.

الانا صاحب هڪ شاعر ۽ ليکڪ جي حيثيت ۾ به عالمي شهرت حاصل ڪئي. . لنڊن جي رائل سوسائٽي آف آرٽس جو ميمبر ۽ يونائيٽيڊ پوئيٽ لاريٽ انٽرنيشنل و نائب صدر به هو. مرحوم الانا ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سينيٽ ۽ ان جي ڪئڊمڪ ڪائونسل جو ميمبر به هو. سندس انگريزيءَ شاعري جا ترجما اردو، ٺالي، سنڌي، گجراتي ۽ ڪجهه يورپي ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن. ١٩٧٦ع ۾ منيلا يونائيٽيڊ لاريٽ ائسوسئيشن کيس انساني حقن لاءِ "انٽرنيشنل پوئيٽ لاريٽ" لڪ الشعراء عالم) جو لقب ڏنو هو.

سندس مکيه تصنيفون هن ريت آهن: قائداعظم دي اسٽوري آف نيشن، ڪستان موومينٽ، هسٽارڪ ڊاڪيومينٽس، آور فريڊم فائيٽرس، پاڪستاني پوئٽري، ٽيلس آف دي ايسٽ، دي سائيلينٽ وائسز آف انٽيوشن، انسيز ايڊ ايڪوز ونڊ نظم)، دس اسپيڪ مئن (محبت ۽ ارپنا جا نظم)، رفليڪشنس آف ريسپيڪٽ، ورنس اينڊ روالٽ، سم آف يئسٽرڊيز، اي روزري آف اسلامڪ ريڊنگس، دي ئيلينٽ اور (چونڊ نظم)، هزهائينس آغاخان ٿرڊ، ورلڊ وڌ ان (صوفياڻا نظم) دي ڪستان موومينٽ اسٽرگل، شاهه عبداللطيف - دي رسالو (انگريزيءَ ۾ ترجمو).

پنهنجي سياسي ۽ ادبي وابستگين سان گڏوگڏ هو برڪ بينڪر ۽ واپاري به هو. الانا صاحب اسٽينڊرڊ بئنڪ لميٽيڊ جو چيئرمن، اسٽيٽ بئنڪ جو ڊائريڪٽر، فيڊرل بئنڪ فار كوآپريٽوز جو ڊائريڪٽر، پاكستان ۾ هالينڊي-اِن هوٽلن جو صدر ۽ ايكسان كيميكلز لميٽيڊ (پاكستان) جو ڊائريڪٽر به هو.

* * *

مرحوم جي الانا کي جيئن ته سنڌي شعر و ادب سان بيحد دلچسپي هوندي هئي، ان ڪري، پاڻ پنهنجي عمر جي پوئين حصي ۾ سنڌي شعر چوڻ به شروع ڪيائين. سندس ڪلام "بيتن" ۽ "ڪافين" تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي بنيادي موضوعن کي پنهنجو ڪري طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس سنڌي ڪلام جو مجموعو "ڪي پڑاڏا، ڪي سڏ" جي عنوان سان شايع ٿيل آهي، جنهن کي جناب عنايت بلوچ ترتيب ڏنو آهي.

ان طرح سندس مشهور انگريزي ڪتاب "اوَر فريڊم فائيٽرس" جو سنڌي ترجمو پڻ قائد اعظم اڪيڊمي ڪراچي شايع ڪيو آهي، جيڪو ڊاڪٽر اياز حسين قادري ۽ ڊاڪٽر نواز علي شوق جو ڪيل آهي.

* * *

- "اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ" ڪتاب جي اشاعت جي موقعي تي، رونمائي تقريب ۾، سنڌ جي مشهور عالم جناب علامه غلام مصطفيٰ قاسمي پنهنجي مضمون ۾، ڪتاب جو هن طرح جائزو ورتو هو:

"اسان جي آزاديءَ جا اڳواڻ" ڪتاب جي معياري هجڻ لاءِ تہ جناب جي. الانا جهڙي بين‌الاقوامي شهرت رکندڙ ادیب، دانشور ۽ پيدائشي سياستدان جو تاليف ۾ نالو ئي بس آهي، پر جڏهن تہ هن ڪتاب جي تجزيي ۽ افتتاح لاءِ هيڏ ميڙ گهرايو ويو آهي، ان ڪري دستوري طرح ڪجهه ڳالهائڻ کان سواءِ رهي نہ ٿو سگهان.

ڪتاب جو موضوع آهي وطن عزيز جي قومي سورمن ۽ اڳواڻن جي قربانين، سياسي افڪارن ۽ سندن زندگيءَ جو مختصر جائزو ۽ احوال. ان سلسلي ۾ به رايون ئي نہ ٿيون سگهن تہ سنڌي ساهت ۽ ادب جو هيڏ پهريون ئي معياري ڪتاب آهي، جنهن ۾ هن اوڪي موضوع کي وڏي خوش اسلوبيءَ سان نباهيو ويو آهي. اهڙا اڳواڻ ايڪيهه آندا ويا آهن، جن مان ڪيترن سان ڪتاب جي مؤلف جناب جي. الانا جون ملاقاتون ٿيل آهن. جيئن مهاڳ ۾ مؤلف لکي ٿو: "اها منهنجي خوش نصيبي آهي جو هنن ايڪيهن آزاديءَ جي سورمن مان، اڻ سان ملڻ جا موقعا نصيب ٿيا هئم- انهن ملاقاتن جون يادگيريون مختلف بابن ۾ بيان ڪيون ويون آهن".

ڪتاب جي شروع ۾ ۲۰ صفحن جو "اسان جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد- مختصر جائزو ۱۵۶۲-۱۹۴۷ع" جي عنوان سان ڏنو ويو آهي.

منهنجي نظر ۾ اهي ابتدائي ويهه صفحا ساري ڪتاب جو روح آهن، جنهن ۾ ص فلسفه تاريخ جي بنياد تي بحث ڪيو ويو آهي. پاڪستان جي قيام ۽ وطن آزاديءَ جو مڪمل ڪارڻ قومي جذبو قرار ڏنو ويو آهي، جنهن لاءِ محرڪ تهذيب، تا، مذهب ۽ آزاديءَ جي نظريي کي قرار ڏنو ويو آهي. اها سورنهن آنا سچي نت آهي ڇو ته قومن جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته ڪاب قوم ايستائين ڪامياب حاصل ڪندي آهي، جيستائين تصوراتي دنيا کان نڪري ٻاڻ ۾ عمل جو جذبو ۽ عزم ا نه ڪندي آهي. قرآن حڪيم ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وسلم کي خطاب ڪندي ايو ويو آهي: "فاذا عزمت فتوڪل علي الله"، اي پيغمبر! جڏهن تون ڪنهن م لاءِ پاڻ ۾ عزم (عمل لاءِ جذبو) پيدا ڪيو تہ پوءِ الله تي توڪل ۽ سو ڪر. مطلب تہ اڳڙي جذبي کان پوءِ ڪاميابي تنهنجا قدم چمندي ۽ الله تنهنجو مددگار رهندو.

هن جائزي ۾ ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي آزاديءَ واري تحريڪ جون ٿي ائي منزلون بيان ڪيون ويون آهن. اهو سارو بحث مؤلف جي سياسي، فڪري ۽ ي بصيرت جي سڌ ڏئي ٿو. منهنجي خيال ۾ اها فڪري وسعت ۽ گهرائي مؤلف وسيع علمي مطالعي ۽ ماحول جي جائزي مان هٿ آئي هوندي، پر تحقيق جي يت ٻڌائي ٿي تہ دنيا جي عظيم ترين انقلابي ۽ مفڪر، منهنجي بزرگ استاد ، عبيدالله سنڌيءَ سان مؤلف جي روح رهاڻين جو بہ هن تحرير ۾ وڏو اثر ۽ ڏو نظر اچي رهيو آهي. بهرحال، هيءَ جائزو هن ڪتاب لاءِ اها اهميت رکي ٿو، ڪا علامہ ابن خلدون جي مقدمي کي تاريخ لاءِ آهي.

جائزي کان پوءِ جڏهن آزاديءَ جي اڳواڻن جو احوال آندو ويو آهي تہ سڀ ، اڳ ۾ امام رباني عليہ الرحمت جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن مان مؤلف مذهب سان محبت ۽ ديني اڳواڻن سان عقيدت جو پتو پئي ٿو. هجري هڪ هزار جو شروع ٻيشڪ مسلمانن جي عروج جو دور هو، ان دور ۾ جيڪي بدعتون ري ٿيون يا دين جي ڪن عالمن مداهنت ۽ چاپلوسيءَ کان ڪم ٿي ورتو، ح احمد امام رباني جي تجديد انهن لاءِ مهميز هئي. هن پاڳي ۾ اڪبر اعظم جي ن الاهي، الحاد ۽ بين الزامن بابت جيڪي حوالا آندا ويا آهن، جهڙوڪ مسلم سيونٽي آف پاڪستان سب ڪانٽينينٽ، مجدد س ڪنسيپشن آف توحيد وغيره. اهي ، ڪتاب هڪ خاص نظريي کي آڏو رکي لکيا ويا آهن. اڪبر بابت انهن جو ي ماخذ ملا عبدالقادر بدايونيءَ جون تحريرون آهن. بدايونيءَ جي اڪبر سان وت ڪنهن کان بہ ڳجهي نہ آهي. پلا جيڪڏهن اڪبر في الواقع اسلام کي ي ڏنو هو تہ هو پنهنجي دربار ۾ ملا مبارڪ سنڌيءَ جي ٻن يگانہ روزگار عالمن ۾ ابوالفضل ۽ فيضي ۽ بين عالمن کي پنهنجي ويجهو نہ رکي ها. خود امام رباني کي ۾ فيضيءَ جو گهاڻو دوست ٻڌايو ويو آهي. علامہ فيضيءَ جي سفارش سان ٿي

ان جي اڪبر جي دربار ۾ رسائي ٿي. ڇيو وڃي ٿو ته جهڪي سلام نه ڪرڻ تي اختلاف پيدا ٿيو وغيره. ان ۾ به ڪيترا اڪابر عالم اهڙي سختيءَ جا قائل نه هئا. امام رباني‌ءَ جو همعصر شيخ عبدالحق محدث دهلوي، جنهن برصغير ۾ حديث نبوي‌ءَ کي رواج ڏنو، اهو به امام رباني‌ءَ جي سخت گير پاليسيءَ جي خلاف هو. ان ڪري هُن اخبار الاخيار ۾ شيخ احمد جو احوال ئي نه آندو آهي.

باقي رهيو بدايوني، ان تي ته اڪبر احسان ڪيو، جو ڪيس معاف ڪري حج تي اماڻي ڏنو. اتي کو ٻيو مطلق‌العنان بادشاهه هجي ها ته غريب بدايوني‌ءَ جي الائي ڪهڙي حالت هجي ها. هو حرمين پهچي به ڪوڙن الزامن کان باز نه آيو. ان تي اڪبر، مڪي جي شيخ‌الاسلام کي خط لکيو ته "مان اسلام جو ادنيٰ خادم آهيان، مان پنهنجي لاءِ اها سعادت ٿو چاڻان ته مڪي پهچي حرم کي پهاري ڏيان وغيره". اهو خط "انشاء ابوالفضل" ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

اصل ڳالهه اها هئي ته پاڻ کان گهٽو وڌيل غير مسلم آبادي‌ءَ تي ڏنڊي جي زور سان حڪومت ڪرڻ جٽادار نه رهي ها، ان ڪري اڪبر جي اها سموري ڊپلوميسي پاليسي هئي، جنهن جو بنياد نيڪ نيتيءَ تي هو. ان طرح هن برصغير ۾ مسلمانن جي حڪومت کي مضبوطي بخشي. ڪانئس کي غلطيون ضرور ٿيون، پر اهي اهڙيون نه آهن، جو ان جي ٻين اعليٰ ڪارنامن کي وساري ڇڏجي. مان سمجهان ٿو ته مؤلف کي اهو پهلو به ضرور معلوم هوندو، پر ان جنهن مقصد کي آڏو رکيو آهي ان لاءِ ئي اهو انتخاب ڪيو ويو آهي.

امام رباني‌ءَ جي احوال ۾ نظرين جي بيان کان پوءِ شاهه ولي‌الله صاحب جو احوال آندو ويو آهي. هن ۾ مؤلف موصوف تحقيق جو پورو حق ادا ڪيو آهي. اڪثي هلي حيدرعلي، ٽيپو سلطان ۽ حاجي شريعت‌الله جي احوال لکڻ کان پوءِ هوش محمد قنبراڻي جو ائن ورقن تي مشتمل مفصل احوال ڏنو ويو آهي. ان طرح انصاف کان ڪم وٺي، تحريڪ آزادي‌ءَ ۾ سنڌ جي حصي کي به فراموش نه ڪيو ويو آهي.

هن کان پوءِ سر سيد احمد خان جو احوال آندو ويو آهي. سر سيد احمد جي تحصيلي ملڪات جي باري ۾ شاهه غلام علي جو ذڪر ٻڌائي ٿو ته جناب جي. الانا کي اُن وقت جي اوليائن ۽ عالمن جي احوال تي ڪيڏو نه عبور آهي. سر سيد احمد لاءِ شروع ۾ شاهه غلام علي‌ءَ جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ هڪ اهڙو عظيم ڪارنامو ۽ اُن لاءِ فخر جو باعث آهي، جو هن کان پوءِ ان جي مخالفن جا سمورا اعتراض ڪڪ وانگر هوا ۾ آڏامي وڃن ٿا.

نواب محسن الملڪ، جمال‌الدين افغاني ۽ نواب وقارالملڪ جي احوال کان پوءِ سيد امير علي‌ءَ جو احوال آندو ويو آهي. هن صاحب جي شخصيت ۽ ڪردار تي روشني وجهڻ لاءِ مؤلف جي. الانا صاحب جو اهو لکڻ ته "هن شخص جي ڪوششن سان بکايلن کي ڪاڏو ۽ آگهاڙن کي ڪپڙو مليو، بيمارن کي شفا حاصل ٿي، الخ"، ڪافي آهي. ان کان وڌيڪ ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪردار جي بلندي ٿي نه ٿي سگهي ته اهي ٻين‌انسانن جي ڪم اچن.